# ڪراچي

## سنڌ جي مارئي

گل حسن ڪلمتي



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

# ڪراچي سنڌ جي مارئي

## گل حسن ڪلمتي

ايڊيشن پهريون

2007

ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

# فهرست


| مضمون | صفحو نمبر |
|---|---|
| ارپنا | 4 |
| پنهنجي پاران | 5 |
| ڪراچيءَ جون ڳالهيون | 11 |
| تاريخ جي وساريل ورقن کان ڪراچي تائين جو سفر | 21 |
| ڪراچي جي انتظامي تاريخ تي هڪ نظر | 101 |
| ڪنزرويٽنسي بورڊ کان شهري ضلعي حڪومت تائين | 138 |
| سياسي تاريخ تي هڪ نظر | 182 |
| سنڌو هوندي پياسا ماڻهو | 272 |
| ٿيندو تن طبيب جو دارون منهنجي درد جو | 288 |
| اکر پڙهه الف جو ورق سڀ وسار | 301 |
| صحافت ۽ ادب جو سفر | 311 |
| انگريزن جي دور ۾ ترقيءَ تي هڪ نظر | 370 |
| ڪراچي جي ڳٽپ جي تاريخ تي هڪ نظر | 399 |
| ڪو جو ڦهر ڦلاڄ ۾ | 408 |
| مرنداسين تہ متي مان پنهنجي ڦتندا سرخ گلاب | 440 |
| ڪراچيءَ ۾ پورهيو ڪندڙ عورتون | 447 |
| آٽي اُتر واءُ موڪيءَ مٿ اُپٽيا | 455 |
| جمهوريت پسند، قوم پرست ۽ انقلابي تحريڪن جي سرواڻ وسندي لياري | 472 |
| منگهو پير ۽ شيدين جي نرالي عقيدت | 529 |
| منهنجو ملڪ ملير | 545 |
| روح جي پرستش کان توحيد تائين سفر | 612 |
| ڪراچي ديهن جي دنيا | 659 |
| ڪراچي ۾ ماحولياتي گدلاڻ | 717 |
| ٻاڪراڻ کان ٻلهيجي تائين تاريخي اهڃاڻن جي تباهي جو داستان | 739 |
| ڪجهه رهجي ويل منظر | 764 |




Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

# ارپنا

**بابا سائين جي نالي**

پنهنجو هي قلمي پورهيو بابا سائين محمد خان بلوچ جي نالي ڪريان، جيڪو هن ڪتاب جي تيارين وچ ۾ 2 ڊسمبر 2006ع تي دل بيهڻ ڪري اسان کان هميشه لاءِ ڏور هليو ويو.

جنهن جي محبتن جو قرضدار آهيان ۽ محبتن جو اهو قرض ستن جنمن تائين بہ لاهي نہ سگهندس. هو اسان پائرن، پيرن ۽ ڳوٺ وارن لاءِ ٻڙ جي ڇانءَ وڻ جيان هو. اڄ آئون جيڪو ڪجهہ بہ آهيان اهو سڀ ڪجهہ هن جي تربيت جو نتيجو آهي ۽ جنهن جي تربيت ئي صوفيت ڏانهن مائل ڪيو.

**متي تر رهي، ويا گذاري ڏينهڙا،**
**وٿان تن نہ آئيو ڪو پنهوارن پهي،**
**وياسي وهي جنب گذاريم جن سين.**
(شاهه)



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

# پنهنجي پاران

## وطن سان اسانجون وفائون نہ روڪيو

مورنتو بارا (زالاٽو بندر) يا ان ڪان بہ اڳ شروع ٿيندڙ هي سفر انتهائي تڪائيندڙ، تڪليف ڏيندڙ پر دلچسپ بہ آهي. تهذيبن جي ان سفر ڪراچي ڪي مختلف تهذيبن پنهنجي اثر هيٺ آڻي ڇڏيو. تهذيبن جو اهو سفر اڄ بہ جاري آهي. 521 ق.م يوناني سياح اسڪائي ليڪس هندستان جي حالتن جي جاچ لاءِ اٽڪ ڪان ڪراچي جي گسري بندر تائين سنڌو جو سفر ڪيو.
326 ۾ سڪندر اعظم پنهنجي لشڪر سان هتان گذريو ۽ هن علائقي کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. سڪندر جي جرنيل نيارڪس هتان جي پرامن ۽ پرسڪون سرسبز علائقي کان متاثر ٿي علائقي جي هڪ حصي کي پنهنجي آقا "سڪندر جي جنت" جو نالو ڏنو انهيءَ سفر ۾ گهڻا يوناني هتي رهي پيا ۽ هميشہ لاءِ هتان جا ٿي ويا. هن دور ۾ بہ هن خطي جي بندري علائقي جي هڪ حصي تي عورت حڪمران هئي. اهو دليل هن خطي جي ترقي يافتہ ۽ مهذب هجڻ لاءِ ڪافي آهي. يونانين کان اڳ هي خطو ڪجهہ عرصي لاءِ پارس وارن جي هٿ بہ رهيو، برهمڻ دور ۾ هن شهر جي آس پاس قائم بندري ڳوٺن ۽ زرعي سماج جي ڳوٺن جي مندرن مان اوم شيو اوم ۽ گهنڊن جا آواز ماحول ۾ عجيب سر وکيري ڇڏيندا هئا. پوءِ عرب ڪان اٿندڙ تلوارن جي چمڪاٽ ۾ هڪ نئين تهذيب هتي وارد ٿي ۽ "الله اڪبر" جي صدائن سان هي شهر بہ گونجي اٿيو.
ارغون، مغل، ترخان جن ڪابل ڪان ڪراچي تائين پوري علائقي کي گهوڙن جي سنبن هيٺان لتاڙيو ۽ خطي جي هر شيءِ کي نسبيت ونابود ڪيو. انهن جي اچڻ وقت ۽ انهن کان اڳ "ترڪ عجم" جي اولادن جڏهن هن خطي جو رخ ڪيو تہ سماج مذهبي اوچ نيچ ۽ برتري ۾ ورهائجي ويو. نئين مخلوق پنهنجي مذهبي برتريءَ جي بنياد تي پاڻ کي متانهون سمجهيو ۽ بغير ڪنهن محنت جي شان سان رهڻ لڳا. پيري، مريدي، ڏاڳا ڦيڻا انهن جي روزي روٽي جو ذريعو بڻيا تہ هڪ نئون سماجي طبقو پيدا ٿيو. هتان جي مسڪين ماڻهن جن جي ڪمائي جو گهڻو حصو حاڪم ٽيڪس جي نالي ونندا هئا ۽ رهيل پونجي تي انهن پيرن ۽ مذهبي برتري واري مخلوق جي اک هئي ۽ ائين اهو طبقو خوشحال ٿيو تہ مذهبي انتها پسندي کي انهن هٿي ڏيئي سياست کي چمڪايو پر هن خطي جو هڪ عجيب دستور رهيو آهي تہ هر ايندڙ هتان جي تهذيب ۽ ثقافت ۾ رنگجي هن جو حصو بڻجي ويا.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

1723ع ۾ جڏهن سيٺ ڀوڄومل واپار لاءِ ننڍن ننڍن سامونڊي بندرن مان ڏڙبو بندر جو انتخاب ڪري هن جي ويجهو ”ڪلا واري ڪن“ يا مائي ”ڪلاچي جي ڪن“ واري جي پاسي ۾ پنهنجا خيما کوڙيا ۽ هتي موجود ڳوٺ کي ڪوٽ ڏيئي محفوظ ڪيو ته هي خطو جيڪو ننڍن بندرن ۽ زرعي ڳوٺن تي ٻڌل هو ترقي جو سفر شروع ڪيو ۽ ترقي جون منزلون طئي ڪندو اڄ ميگا سٽي جي صورت ۾ اسانجي سامهون آهي.

هن ترقي ۾ سنڌ جي گاديءَ جي شهر جا پراڻا رهواسي ڪٿي پنيان رهجي ويا آهن يا انهن کي پنيان ڌڪيو ويو آهي.

1947ع جي تاريخي وڇڪٽ واري حادثي هن شهر جو حليو ئي بگاڙي ڇڏيو. لڪين ماڻهن جيڪي تاريخ جي جبر جو شڪار ٿيا لڏ پلاڻ ڪئي. انهيءَ لڏپلاڻ جي اذيت هن شهر کي جيڪي گهاءُ ڏنا اُهي هاڻي ناسور بڻجي ويا آهن. لکن جي تعداد ۾ هڪ نئين سماج، تهذيب ۽ ثقافت ۾ پلجندڙ ماڻهن جڏهن هن شهر ۽ هن خطي جو رخ ڪيو ته سماجي اڻ برابري، ثقافتي ٽڪراءُ هن شهر کي هڪ الڳ ڏِڳ تي لاهي ڇڏيو. مذهب جي بنياد تي انهيءَ لڏپلاڻ هتان ويندڙ ۽ ايندڙن کي اڻ ڄاتل ماحولن ۾ ڌڪي ڇڏيو ڏسندي ئي ڏسندي هي صاف سٿرو ۽ پرامن شهر دنيا جي گندي ترين شهر ۾ تبديل ٿي ويو شهر جو پرسڪون ۽ پرامن معاشرو باقي نه رهيو ۽ سنڌ جي مارئي ان ڏينهن کان اڄ تائين قيدياڻي آهي. پر پوءِ ملير جي مارو ماڻهن هن شهر سان پنهنجي بي انت محبت کي ختم نه ڪيو اها محبت ۽ وفا ازل کان ابد تائين رهندي. بندوقن، ڪلاشنڪوف، خودڪش بمبارن، مختلف لڏپلاڻن، تاريخي ستم ظريفين ۽ جبر به اصلوڪن لوڪن جي وفائن کي روڪي نه سگهيو ويو. اوهان سڀ ڪجهه روڪيو پر بقول حليم باغي جي ”وطن سان اسانجون وفائون نه روڪيو.“

ورهاڱي ڪانپوءِ ايندڙ ماڻهو هتان جي تهذيب ۽ ثقافت جو حصو نه بڻجي سگهيا ته شهر مختلف طبقن ۾ ورهائجي ويو ۽ شهر جو نئون نقشو ابرڻ شروع ٿيو. پراڻي شهر جو گڏيل ڪلچر ۽ اڻ ڏٺل منظم اتحاد ٽٽي پيو ته هن شهر ۽ هن جي معاشري هڪ نئون جنم ورتو، هن نئين جنم ۾ تاريخي ثابتيون، سچايون، اهڃاڻ، ثقافت سڀ ڪجهه ختم ٿي رهيو آهي. اهو جنم تاريخ جو تسلسل جي ڪري نه پر تاريخي وڇڪٽ ۽ جبر جي ڪري ٿيو.

غير فطري طريقي سان هن شهر جيتري ترقي ڪئي فطري طرح ترقي جي سفر ۾ شايد صديون لڳي وڃن. فطري ترقي هن شهر کي شايد بهتر نتيجا ڏيئي سگهي ها. فطري ماحول کي جڏهن به بگاڙيو ويو ته هن جا نتيجا هميشه ڀيانڪ نڪتا آهن.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

هاڻي ڪجهه هن ڪتاب جي باري ۾ منهنجي پهرئين ڪتاب ”هڪ رنل شهر جي ڪهاڻي“ جيڪو 1998ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو. جنهن کي پڙهندڙن ساراهيو. جنهن ۾ اڪثريتي مضمونن جو تعلق ڪراچي سان هو. جڏهن مارڪيٽ مان ڪتاب اڻ لڀ ٿيو ته دوستن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي لاءِ زور ڀريو. نئون نياپو اڪيڊمي جي دوست انعام عباسي اها ذميداري نڀائڻ جي شروعات ڪئي. پر ڪجهه انعام جي سستي هڪ ته هو گهڻن ڄاڻن تي ورهايل هو. ٻيو منهنجي رولاڪ طبيعت ڪري پراڻي ڪتاب جي مضمونن جي ڪمپوزنگ ۽ پهرئين پروف پڙهڻ تائين ٻه سال لڳي ويا.
جڏهن مضمونن جا پروف پڙهڻ لاءِ وينس ته مطمئن نه ٿيس. جيڪو ڪجهه ڪراچي بابت ڏيڻ ٿي چاهيم اهو انهن مضمونن ۾ نه هئڻ جي برابر هو پوءِ گذريل ڏهن سالن جي محنت جيڪا رف نوٽس جي صورت ۾ موجود هئي. اهو مواد مختلف ڪچهرين ۽ ڪراچي جي گهٽين، ماڳن، مڪانن، قبرستان ۽ تاريخي جاين جي سفر دوران حاصل ٿيل معلومات تي ٻڌل هو. انهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيم ۽ ائين پراڻي ڪتاب جي نئين ڇاپي جي بجاءِ ڪراچي جي تاريخ تي هڪ نئين ڪتاب لکڻ جو فيصلو ڪيم. جنهن جي حوصلا افزائي دوستن به ڪئي.
سنڌيت، فرض، سنڌ جي محبتن جون ڳالهيون ڪندي نه ٿڪجندڙ سنڌي پبلشرز جيڪي ڪمرشل ازم جا شڪار آهن. انهن کان مايوس ٿيڻ کان پوءِ مون ۽ ڪاڇو پبليڪيشن جي محمد علي ماجد ايڏي وڏي پروجيڪٽ کي پاڻ ڇپائڻ ۽ مارڪيٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڪمرشل ازم جي شڪار پبلشرن ۽ سنڌ جي وڏن وڏن ادارن جو ڪم ئي سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب لکڻ وارن جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي ۽ ڪروڙين بجيٽ وارن انهن ادارن اندر وينلن جي تلخ لفظن نئون حوصلو ڏنو ۽ ڪتاب کي چئلينج سمجهي هٿ ۾ کنيم. بي ترتيب مواد کي جڏهن ترتيب ڏيئي ڪمپوزنگ جو ڪم شروع ڪيوسين ته آخر ۾ خبر پئي ڪتاب اسان جي اندازي کان ٿيڻ تي ٿي ويو آهي ۽ بجيٽ ناهڻ کانپوءِ حوصلو هاري ويناسين ۽ اها ڳالهه به ٻڌائيندو هلان هر پروف پڙهڻ کانپوءِ مواد ۾ واڌارو به ٿيندو ويو. اهو واڌارو ڪمپوزنگ دوران مختلف علائقن جي سفر دوران وڌيڪ معلومات ملڻ واري مواد جو هو. آخر ۾ اهو فيصلو ڪيوسين ته ڪتاب جي مختلف مضمونن کي مختصر ڪرڻ گهرجي ۽ ائين گهڻو مواد شامل ٿيڻ کان رهجي ويو. جنهن کي ڪراچي تي ايندڙ ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويندو هن ڪتاب کي ”هڪ رنل شهر جي ڪهاڻي“ جو تسلسل سمجهڻ گهرجي. پراڻي ڪتاب جا ڪجهه مضمون واڌاري سميت هن ۾ شامل ڪيا ويا آهن. انهن ۾ دوستن جي تنقيدن ۽ صلاحن جي روشني ۾ بهتري به ڪئي ويئي آهي.
دعويٰ نٿو ڪريان ۽ نه ئي ڪرڻ گهرجي، ڪراچي جي تاريخ تي هي مڪمل ڪتاب آهي. پر اها هام ضرور هڻندس ته هن ڪتاب ۾ ڪراچي جي انهن حصن تي لکڻ جي جسارت ڪيم جيڪي



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

ڪڏهن بہ تاريخ جي ڪتابن جي پنن جي زينت نہ بڻجي سگهيا ۽ هي ڪتاب ڊرائينگ روم يا لائبريرين ۾ مختلف ڪتابن کي گڏ ڪري ڪراچي جي تاريخ تي لکجندڙ ڪتابن کان ان ڪري الڳ حيثيت رکندڙ آهي جو ڪراچي جي هر گهٽي، هر وسندي، تاريخي ماڳن، مڪانن، نئين، جبلن، ديهن، ڳوٺن، قبرستانن، تاريخي آثارن جو سفر ڪري اکين ڏٺن مشاهدن ۽ شاهدين جو ذڪر هن ڪتاب ۾ ڏيڻ جي مون ڪوشش ڪئي آهي. گذريل ڏهن سالن جو تحقيقي ۽ علمي ڪم جو خلاصو هن ۾ موجود آهي.

ايڏي جاکوڙ جي باوجود گهٽيون شيون جيڪي ڏيڻ چاهيم اهي رهجي ويون آهن. جنهن جو سبب اڳ ۾ ڏيئي آيو آهيان ۽ گڏوگڏ وقت بہ گهٽ هو. ڪراچي جي هر گهٽي، هر وسندي، هر ڳوٺ، هر ديهہ، هر ڪواٽر، هر بلڊنگ الڳ تاريخ آهي. هر هڪ تي الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي.

جنهن لاءِ ارادو آهي تہ اهو سلسلو سيريز وائز جاري رکيو ويندو. لياري ۽ ملير تي الڳ ڪتابن لکڻ جو ارادو آهي ۽ ڪراچي جي تصويري تاريخ ڏيڻ جو بہ ارادو آهي اوهان دوستن جو ساٿ رهيو تہ اهي ڪتاب بہ جلد اوهانجي هٿن ۾ هوندا.

انگريزن جي اچڻ کان هاٽوڪي جيڪا ڪراچي آهي هتي الڳ الڳ وسنديون ۽ آباديون هيون. جن جي پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ تاريخ هئي ملير، پپري، گهگهر، گڏاپ، ڪوهستان، منگهو پير، گابوپٽ، ڳجهڙو، لالو ڪيٽ ۽ ٻين علائقن جيڪي زرعي ثقافت جو حصو هئا. ٻئي پاسي ڪلاچي بندر (دڙبو) ڪانسواءِ ريڙهي مياڻ، واڳو ڏر، ابراهيم حيدري ۽ ٻين بندرن جي ڌار حيثيت هئي. ڪراچي هاٽوڪا ساحلي علائقا ۽ پسگردائي جا زرعي علائقا جيڪي ڪوهستان جا حصا آهن ڌار سڃاڻپ هئي. ڪتاب ۾ انهيءَ ڳالهہ کي بہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ڪتاب جو نالو "ڪراچي: سنڌ جي مارئي"، علي محمد راشدي جي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ راشدي پاران ڪراچي لاءِ استعمال ڪيل هو، هتان ڪنيم. نالو دل سان لڳو چاڪاڻ تہ نيپئر جي "اوير جي راڄي" ملير جي مارئي جي مارئي وانگر قيد آهي. سنڌ جي ان مارئي کي قيد ڪرڻ ۾ ڌارين سان گڏ پنهنجن جو بہ هٿ آهي.

**ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهہ، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾**

(شاهہ)

ڪتاب مڪمل ٿيڻ جي صورت ۾ جن دوستن جون محنتون ۽ محبتون هن ڪتاب ۾ شامل آهن انهن جا ٿورا ڪڏهن بہ لاهي نٿو سگهان. گهڻا دوست ڪراچي جي سردي، گرمي، دونهن ۽ ڌوڙ ۾ مونسان سفر ۾ گڏ هئا ۽ مواد حاصل ڪرڻ، ڪچهرين جي بندوبست ڪرڻ ۾ انهن دوستن جو وڏو هٿ آهي. انهن ۾ جمال ناصر بلوچ ڊسٽرڪٽ ڊپٽي اٽارني ملير ڪورٽ، واجا حنيف دلمراد



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

شفيع ڳوٺ ملير، محمد اسماعيل بلوچ نائب ناظم گڏاپ يونين ڪائونسل، محمد يعقوب بلوچ، عبدالجبار بلوچ، سلطان شاهه ”ساقي“ ڪامريڊ نذير چنا ۽ علي اڪبر ڪاچيلو نائب يو.سي منگهو پير ڪامريڊ پپو پريم چند ۽ تنوير آرائين شامل آهن. تصويرن جي سلسلي ۾ جن دوستن مدد ڪئي. انهن ۾ وادي ملير ۽ وادي لياري ڪتابن ڪي ترتيب ڏيندڙ پيارو دوست حميد ناصر، عبدالغفور بلوچ آسو ڳوٺ، غلام رسول بلوچ سلمان گارڊن ۽ زبيده بروائٽي شرڪت گاهه جون مهربانيون جن ڪراچي بابت ناياب تصويرون ڏيئي ڪنهن حد تائين منهنجو مسئلو حل ڪيو.

ننڍي ڀاءُ شاهنواز ”شاني“ جا ٿورا جو هن پوري عرصي دوران شاهه لطيف لائبريري مان ڪتابن جي حصول ۽ ڪمپيوٽر تي تصويرن جي پروسيسنگ انهن ڪي سيو ڪرڻ ۽ ڪتابن ۾ ڏنل گهٽڻ نقشن ڪي ترتيب ڏيڻ ۾ هو هڪ فرمانبردار ڀاءُ وانگر گڏ هو. ڀاٽيجن محمد بخش ”سمير“ بلوچ، مشتاق بلوچ جا به ٿورا جن هر سڏ تي حاضر ٿي پنهنجيون خدمتون پيش ڪيون.

جڏهن ڪتاب جي بجيٽ جو مسئلو درپيش آيو ته سووينئر جي اشتهارن جي صورت ۾ جن دوستن مدد ڪئي ۽ جن دوستن انهيءَ اهم ڪم ۾ جاکوڙ ڪئي انهن ۾ سڀ ڪان وڌيڪ ٿورا سائين غلام مرتضيٰ بلوچ ٽائون ناظم گڏاپ جا ان ڪانسواءِ محمد اسماعيل بلوچ نائب ناظم يونين ڪائونسل گڏاپ جي ڪاوشن سان اها پريشاني دور ٿي.

آخر ۾ پبلشر محمد علي ماجد جا ٿورا مجيندس جنهن محنت ڪري هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ ڏنو. ماجد منهنجو ويهن ويهه ڪري ڇڏيو ۽ رولاڪ پيرن ۾ ڏاوڻ هٽي ڇڏيا جنهن جي ڪري گهر ۾ اٺ مهينا قيد رهيس ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر طارق احمد انصاري جون وڏيون مهربانيون جنهن ڪتاب ڪي اوليت جي بنياد تي ڪمپوز ڪري ڏنو.

انهن سيني دوستن ۽ بزرگن جون مهربانيون جن ڪچهري وسيلي معلوماتڏني جن جا نالا ببليوگرافي ۾ ڏنل آهن. پنهنجي ڊرائيور محمد عظيم جوکئي عرف پنچهي جا جيڪو گرمي ۽ سردي ۾ هر سفر ۾ مونسان گڏ رهيو.

آخر ۾ سائين امر جليل جا ٿورا جو هن محمد علي ماجد جي چوڻ تي ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏنو. جو ته منهنجي امر جليل سان ڪا ملاقات ناهي.

ڪتاب لکڻ دوران والد صاحب هي جهان ڇڏي ويو جنهن جي رهنمائي ڪتاب لکڻ جو حوصلو ڏنو هو. هو 35 سال ڪراچي جي پراڻي علائقي ليمارڪيٽ ۾ رهيو ۽ پنهنجيون يادگيريون مون سان شيئر ڪيون. بابا جي وڃڻ ڪانپوءِ ڪتاب لکڻ جو حوصلو نه رهيو. ڄڻ ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. پورو هڪ مهينو ڪجهه به لکي نه سگهيس. بابا ڪي هن ڪتاب سان گهڻي دلچسپي هئي ۽ خواهش هئي ته ڪتاب جلدي اچي. بابا جي انهيءَ خواهش ٻيهر حوصلو ڏنو جنهن جي ڪري اڄ



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ آهي. فيصلو هر پيري وانگر اوهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. اوهانجي تعميري تنقيد، صلاحن مشورن ۽ حوصلا افزائي جي اکرن جو اوسيئڙو رهندو. ڪتاب پسند اچڻ نه اچڻ ٻنهي صورتن ۾ اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو.

**گل حسن ڪلمتي**

0322445370

Email:gulhassank@yahoo.com

gulbaloch@hotmail.com



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

# مهاڳ

## ڪراچيءَ جون ڳالهيون

مهاڳ ۾ مان ڪتاب جي باري ۾ ڪجهه نه چوندس. نه ئي ڪتاب بابت فتويٰ جاري ڪندس. اهو اوهان جو حق آهي، ۽ اوهان جي حق لاءِ مون کي احترام آهي. مهاڳ ۾ مان اوهان سان ڪراچيءَ بابت ڳالهائيندس، ان ڪراچيءَ بابت ڳالهائيندس جنهن ڪراچيءَ سان مونکي عشق آهي. ان ڳالهه ٻولهه ۾ نه تاريخ جو ذڪر ايندو، نه جاگرافيءَ جو. نه آرين جو ذڪر ايندو، ۽ نه اڻ آرين جو ذڪر ايندو. تبديلي موت وانگر اٽل آهي. نه ڪو موت کان منهن موڙي سگهيو آهي، ۽ نه تبديليءَ کي روڪي سگهيو آهي. اسان جي هئڻ، اسان جي نه هئڻ سان تبديليءَ جي تسلسل ۾ ڪو فرق نه ايندو. اهو گهڙيءَ گهڙيءَ جو گهاءُ آهي، لڳندو رهندو. جيئڻ موت کان پوءِ زندگيءَ بابت هزارين سالن کان انومان هلندا رهيا آهن، ۽ هلندا رهندا، تيئن تبديلين ۾ گم ٿي ويل گهڙين جو ذڪر هميشه ٿيندو رهندو. قديم آثارن جا ماهر چريا ناهن جو کنڊرن ۾ تبديليءَ سبب وڃائجي ويل تهذيبن جي تلاش ڪندا آهن. ماضين جا محقق حال کي ماضيءَ جي آئيني ۾ منهن ڏسڻ جو موقعو ڏيندا آهن.

مهاڳ ۾ مان ذڪر ڪندس پنهنجي ڪراچيءَ ۾ آيل تبديلين سبب تحس نحس ٿي ويل يقينن، اعتقادن ۽ محبتن جو. ان قسم جا انيڪ حوالا اوهان کي پڙهڻ لاءِ هن ڪتاب ۾ ملندا. اهي حوالا هڪ محقق جا آهن، ۽ هي حوالا هڪ ڪهاڻيڪار جا آهن. تنهنڪري ورجايل حوالن کي ورجاءُ نه تو چئي سگهجي. محقق جا حوالا ڪوجنائن جو ثمر آهن. منهنجا حوالا نج يادن جو نتيجو آهن. جواني هجي يا ٻڍاپو يادون ڪنهن ڪنهن وقت يا ته منهن موڙي وينديون آهن، يا دغا ڪنديون آهن. هئڻ تي نه هئڻ جو، ۽ نه هئڻ تي هئڻ جو گمان ٿي پوندو آهي.

مان ضروري سمجهان ٿو ڳالهه جي شروعات هڪ وضاحت سان ڪريان. مان ڪهڙي ڪراچي کي پنهنجي ڪراچيءَ سمجهان ٿو؟ اها ڪهڙي ڪراچي آهي جنهن ڪراچيءَ سان مون کي عشق آهي؟ اها ڪهڙي ڪراچي آهي جتي مون هوش سنڀاليو، جتي مون هوش وڃايو؟

منهنجي ڪراچيءَ ڪياماڙي، (جنهن کي اردوءَ ۾ ڪيماڙي لکندا) کان شروع ٿيندي هئي ۽ ٽڪريءَ وٽ ختم ٿيندي هئي. جتي ٽڪري هوندي هئي اُتي اڄڪلهه محمد علي جناح جو مقبرو اڏيل آهي. ٽڪري شهر جو تفريح گاهه هوندو هو جتي روزانو ڪرسچين، پارسي، هندو، مسلمان، يهودي ۽ ٻهائي فيمليون اچي گڏ ٿينديون هيون. چنچر جي شام ۽ آچر جو ڏينهن ٽڪريءَ تي جڻ



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

ميلو متل هوندو هو. ٽڪريءَ جي پاسي کان اوپر طرف سُکين سنڌي هندن جي عامل ڪالوني هوندي هئي. سندن بنگلا بيحد سهڻا، ۽ بنگلن آڏو سندن ذاتي باغ باغيچا سدا بهار هوندا هئا. ٽڪريءَ جي اولهه طرف ڪروڙ پتي پارسين جا بنگلا هوندا هئا. پارسين ۽ هندن ڪراچيءَ کي سهڻو ۽ صاف سٿرو رکڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو هو. هو هئا تہ ڪراچي ڪنوار هوندي هئي، هينئر بيواه آهي.

ٽڪريءَ سان لڳو لڳ اولهہ ۾ سولجر بازار جو علائقو هو، ۽ اجا بہ آهي جتي گهڻو ڪري ڪرسچين ۽ پٽيل ذات جا هندو ۽ مسلمان ايڪي ۾ رهندا هئا. ٻنهي قومن جي گڏيل ڪاميٽيءَ پٽيل پارڪ ناهرايو هو جنهن جي وچ ۾ هو ڪرڪيٽ گرائونڊ. ان گرائونڊ تي مون انيڪ ميچون ڪيڏيون هيون. ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان کان وڏي تعداد ۾ آيل مسلمانن ڪراچيءَ جو شهر اچي وسايو. هنن هر شيءَ کي شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو. پٽيل پارڪ ۾ هنن کي سردار ولڀ ڀائي پٽيل جي سياست نظر آئي. هنن پٽيل پارڪ جو نالو مٽائي ولڀ ڀائي پٽيل جي مسلم ليگي حريف عبدالرب نشتر جي حوالي سان نشتر پارڪ نالو رکيو. بندر روڊ تي مولو مسافر خاني جي سامهون، جتي هينئر صابري نهاريءَ واري جي هوٽل آهي، هڪ ننڍڙو ۽ ٽڪنڊو پارڪ هوندو هو- هينئر بہ آهي ان پتڪڙي پارڪ جو نالو هوندو هو، شِوِ جي پارڪ Shivji park. شِوِجيءَ ۾ شيواجي Shevaji نظر آيو. پارڪ جو نالو مٽائي رکيائون اورنگزيب عالمگير پارڪ، بندر روڊ جو نالو انگريز مٽايائون جو بندر روڊ تي ڪين بندر يعني پولڙا نظر نہ آيا هئا. بندر روڊ کي نالو ڏنائون ايم اي جناح روڊ. نالو مٽائڻ لاءِ سولو ڪم رام باغ سان ڪيائون جتي ڀال اوستا يعني ننڍپڻ ۾ مون دسهڙي جا ڏو ڏڪ ڏنا هئا، ۽ راڪاس جيڏي راوڻ کي باهہ لڳل تيرن سان سڙي ڀسم ٿيندي ڏٺو هو. يارن رام باغ جي نالي آڏو الف مد آ ڏيئي رام باغ کي آرام باغ ڪري ڇڏيو.

بارنيس اسٽريٽ تي منهنجي ٻاراڻي وهي ۽ جوانيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون گذريون هيون. منهنجيون انيڪ ڳالهين وانگر بارنيس اسٽريٽ جو نئون نالو جميلہ اسٽريٽ مونکي قبول ڪونهي. اهو هڪ فرد جو حڪومتي فيصلن خلاف انحراف جو حق آهي. هنن گهٽيءَ جو، ۽ هڪ هڪ رستي جو نالو مٽائي ڪراچيءَ کان سندس اوائلي سڃاڻپ کسي ورتي. اڄ تائين نہ مٽائي سگهيا آهن تہ فقط هڪ روڊ جو نالو- نيپئر روڊ جو نالو ڇو؟ اوهين سياڻا آهيو. خود سمجهي سگهو ٿا.

هندستان ۾ ڪجهہ ورهيہ اڳ شهرن تي اصلي ۽ پراڻن نالن رکڻ جو رواج پيو هو. جيئن بمبئيءَ کي سندس اصلي ۽ قديم نالو ممبئي ڏنو هئائون ۽ مدراس کي چينوئي. تڏهن مون سمجهيو هو تہ اسان جا حاڪم ان ڪم ۾ دير نہ ڪندا ۽ ڪراچيءَ کي سندس قديم نالو ڪولاچي موٽائي ڏيندا. پر يارن ائين نہ ڪيو.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

پٽيل پارڪ، هاٽوڪي نشتر پارڪ ڪان سڌ پنڌ تي هوندو هو سائين جي ايم سيد جو بنگلو، حيدر منزل-

اجا به اتيئي آهي. حيدر منزل وارو بنگلو سنڌ جي سياست ۾ مزاحمتي سياست جو مرڪز ۽ محور هوندو هو. جنهن شخص 1946ع تائين پاڪستان ناهڻ واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو هو ۽ سنڌ اسيمبليءَ مان پاڪستان جي حق ۾ قرار داد پاس ڪرائي هئي، سو شخص پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ پاڪستان جو مخالف ٿي پيو هو. انسان ڪڏهن ڪڏهن اهڙا عملي قدم کڻي وٺندو آهي جنهن جو پڇتاءُ ڪيس سڄي عمر رهندو آهي. سوين صحيح قدم کڻڻ جي باوجود انسان ڪنيل هڪ غلط قدم جو ازالو ڪري نه سگهندو آهي.

سائين جي ايم سيد سان منهنجي پهرين ۽ آخري ملاقات حيدر منزل تي ٿي هئي. مان تڏهن ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي ڪم ڪندو هوس. ملڪ ۾ سخت قسم جو ڏقير هو. بنگال ۾ بغاوت جي باهه دکي پيئي هئي. انتظامي ڍانچو فيلڊ مارشل ايوب خان کانپوءِ جنرل يحيٰ خان جي مارشل لا ۾ جهڻ جهوڙجي رهيو هو 1970-71 جو. هڪڙي ڏينهن هڪ ڇهن- ساڍن ڇهن فٽن جو جوڌو جوان براڊ ڪاسٽنگ هائوس ۾ جيپ ڪاهي آيو. مون وٽ اڳ به ايندو هو. چيائين، ”سائينءَ توکي سڏايو آهي.“

انهن ڏينهن ۾ منهنجو ڪتاب ”جڏهن مان نه هوندس“ مارڪيٽ ۾ آيو هو. ان سلسلي ۾ سائينءَ مون کي سڏايو هو. جيپ جانني جوان هلائي هئي. جيپ ۾ ڪجهه ٻيا ٻي ڊپا نوجوان به موجود هئا. هنن وٽ ننڍا وڏا هٿيار ۽ هٿن ۾ ڪهاڙيون هيون.

مون کي حيدر منزل تي وٺي آيا، بنگلي جي ٻاهران ۽ بنگلي اندر ماڻهن جا هشام هئا، جن ۾ واضح اڪثريت نوجوانن جي هئي. ماڻهن جي پيهه مان مونکي اندر وٺي ويا. به ٽي ورانڊا لنگهي هڪ وڏي ڪمري ٻاهران پهچي در ٻاهران ٻيهي رهياسين. اندر فرشي نظام هو. سائين جي ايم سيد ۽ ٻيا مهمان پٽين پَرَ ۾ گائو تڪين (گول ويهاڻن) کي ٽيڪ ڏيئي وينا هئا. جوڌو ٻاهر آيو. مونکي اندر هلڻ لاءِ چيائين، مان ڪمري ۾ داخل ٿيس. سائين پنهنجي جاءِ تان اُٿيو. مان سلام ڪري سائينءَ جي سامهون ٻيهي رهيس. سائين مونکي ڏورن کان جهلي مون ڏانهن ڏسندو رهيو. منهن تي هلڪي مُرڪ هئس. ڪجهه نه چيائين، ڇڪي مون کي ڀاڪر ۾ ٻريائين. ڀاڪر مان ڪڍي جوڌي جوان کي چيائين، ”ابا، ڇڏي اچوس.“

اِها هئي سائين جي ايم سيد سان منهنجي پهرين ۽ آخري ملاقات، حيدر منزل کان ڪجهه گهٽيون ڇڏي سولجر بازار جي سپ کان وڏي مسجد هئي، نالو ته ڪجهه ٻيو هوس، پر سڏبي هئي علامه غلام رسول واري مسجد. محرم جا ڏهه ڏينهن مولوي غلام رسول مجلس پڙهندو هو. ماڻهن جا



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

هشام ٻڌڻ ايندا هئا. خبر نہ پوندي هئي تہ ايڏي پيهہ ۾ ڪير سني هوندا هئا ۽ ڪير شيعا. نہ ڪڏهن جهيڙو ٿيو، نہ فساد ٿيو.

ٽڪريءَ کان ٽي ميل پري هوندو هو ڪراچيءَ جو سينٽرل جيل. اهو جيل هينئر وچ شهر ۾ آهي ۽ گهڻ ماڙ عمارتن سان وڪوڙيل آهي. ٽڪريءَ کان چوڏهن ميل کن پري هوندي هئي سلهہ جي مريضن لاءِ رهائش واري اسپتال، هڪ الله لوڪ هندو سيٺ ناهرائي هئي. اسپتال جو نالو هوندو هو، اوجها سينيٽوريم. ساڳي نالي سان سينيٽوريم اجا بہ اُتي موجود آهي ۽ هر طرف کان آباديءَ ۾ وڪوڙجي ويو آهي.

1956ع ۾ اوجها سينيٽوريم کان بہ ميل اورتي ڪراچي يونيورسٽيءَ جو نئون ڪيمپس ٺهڻ شروع ٿيو هو. 1958ع ۾ آرٽس فيڪلٽي، ڪينٽين ۽ هاسٽل جو هڪ ونگ نهي تيار ٿيو تہ بوهرا پير ويجهو پرنسيس اسٽريٽ تي مرهٽن جي اسڪول ۾ قائم ڪيل ڪراچي يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽيءَ کي نئين ڪيمپس ڏانهن شفٽ ڪيو ويو. شاگردن جي پهرين جٿي ۾ مان بہ هوس. هر طرف جهنگ ۽ ويراني هئي. گرو مندر کان روزانو ڇهہ بسون اسان کي ڪٽي نئين ڪيمپس ڇڏڻ وينديون هيون ۽ وري شام جو دير سان وٺڻ اينديون هيون. روزانو اِن ڪرت ۾ بہ چار ڪلاڪ ضايع ٿيندا هئا. بابا مونکي يونيورسٽي هاسٽل ۾ رهڻ جي اجازت ڏني. مون کي عجيب قسم جي خوشي محسوس ٿيندي آهي تہ هاسٽل ۾ رهائش وننڌڙ شاگردن جي پهرين ٽولي ۾ مان بہ شامل هوس. هاسٽل ۾ منهنجي ڪمري جو نمبر هو ٽيهہ، هينئر ڪراچي يونيورسٽي چئني طرفن کان گلستان جوهر، گلشن اقبال، سچل ڳوٺ ۽ سهراب ڳوٺ سان وڪوڙجي ويئي آهي.

عامل ڪالوني ۽ پارسين جي ڪالوني کان سڌ پنڌ تي، ٽڪريءَ جي اوپر طرف گرو مندر کان علاوہ هڪ ٻيو مندر بہ هوندو هو جنهن جو نالو مونکي ياد نہ ٿو اچي. ان مندر جي عمارت سهڻي ۽ پٿر ۽ سنگمرمر سان ناهيل هئي. مندر پنهنجي جاءِ تي موجود آهي، پر ورهين کان مندر ۾ ڪسٽم ڪاتي جي هڪ آفيس کولي ڇڏي اٿائون. اهڙي طرح ڪراچيءَ جي انيڪ مندرن تي ماٺهن قبضو ڪري گهر، اسڪول، لانڊريون، گدام ناهي ڇڏيا آهن. اهڙن انيڪ مندرن جو ذڪر تفصيل ۽ تصويرن سان هن ڪتاب ۾ ڪيو ويو آهي.

ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي موجوده عمارت ۾ ورهاڱي کان اڳ لوڪل بورڊ آفيس هوندي هئي. اڄ تائين ان عمارت جو شمار ڪراچيءَ جي جاذب عمارتن ۾ ٿيندو آهي. پاسي کان هوندي هئي. جانورن لاءِ اسپتال.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

ريڊيو پاڪستان جي سامهون، بندر روڊ جي ٻئي طرف تاج محل سينيما هوندي هئي. تمام سهڻي سينيما هوندي هئي. تاج محل سينيما ڍاهي، سينيما جي جاءِ تي دڪان ڏڙا ۽ آفيسون کولي ڇڏيون اٿائون. ان سينيما ۾ مون ٻال اوستا ۾ امان جي هنج ۾ ويهي انيڪ فلمون ڏٺيون هيون. ڍاهي ڇڏيائون. اسان جي سعيد منزل واري اپارٽمنٽ جي اوسي پاسي ڏهه- ٻارهن سينيمائون هونديون هيون.

بارنيس اسٽريٽ تي ايڊلجي ڊنشا بلڊنگ جي پهرين ماڙ تي اسان جو فليٽ هوندو هو. فليٽ نمبر انون. ساڄي طرف بندر روڊ هوندو هو. بندر روڊ جي پرئين پَرِ اي ون A-One ايراني ريسٽورنٽ جي پاسي کان بنگلن جي قطار هوندي هئي. گارڊن روڊ تي برهاني بلڊنگ واري اپارٽمنٽ مان اتي 1942ع ۾ اسين سعيد منزل پرسان ايڊلجي ڊنشا واري بلڊنگ ۾ اچي رهيا هئاسين. انهن ئي ڏينهن ۾ سائين پير صبغت الله شاهه پير پاڳاري جي ٻن پٽن کي انگريز سرڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي اي ون ايراني ريسٽورنٽ جي پاسي کان هڪ بنگلي ۾ آڻي رهايو هو. بنگلي تي پهرو هوندو هو. بعد ۾ ٻنهي ٻارن کي انگريز انگلينڊ وٺي ويا هئا. انهن ٻن ٻارن مان هڪ هاڻوڪو پير پاڳارو آهي ۽ ٻيو هو سندس ڀاءُ جنهن جو نالو نادر شاهه هو.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ساڳي بنگلي ۾ ڊاڪٽر ساران صديقي اچي رهي هئي، ۽ اتي ئي اسپتال کولي هئي. ان اسپتال ۾ منهنجين ٻن ڀائٽين جنم ورتو هو. ٻنهي مان هڪ ايسوسئيٽ پروفيسر آهي، ۽ ٻي پروفيسر آهي، ڊاڪٽر ساران صديقي شڪارپور جي هئي ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ پهرين ٻاهران پڙهي آيل مسلمان ڊاڪٽرياڻي هئي. مشهور سرجن ۽ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالڪريم صديقي سندس ڀائيٽو آهي. وقت جو اجگر اُهي بنگلا ڳهي ويو. انهن بنگلن جي جاءِ تي گهڻ ماڙ بلڊنگون بيهي رهيون آهن.

تاج محل سينيما سان لڳو لڳ ٿياسافيڪل هال ۽ لائبريري هوندي هئي. ٿياسافيڪل هال ۽ سندس لائبريري سياسي اٿل پٿل ۾ تباهه ٿيڻ کان بچي ويا آهن. ٿياسافيڪل هال سعيد منزل پرسان اسان جي فليٽ کان تمام ويجهو هوندو هو. وچ ۾ اين جي وي هاءِ اسڪول جي عاليشان عمارت ايندي هئي. اين جي وي هاءِ اسڪول منهنجين ابتدائي يادن جو مرڪز آهي. پهرين درجي کان ميٽرڪ تائين مان پنهنجين غير معمولي يادن جي مرڪز ۾ پڙهيو آهيان تفصيل ۾ هليو ويس ته پوءِ آتم ڪٿا جا اڻ ڏهه باب لکي ويهندس.

ٿياسافيڪل هال سان منهنجيون بيشمار يادون وابسته آهن. 1961ع کان 1963ع وارا ٽي سال مان ڪڏهن وساري نه سگهندس. جڏهن به لکيم منهنجي آتم ڪٿا جا اهم باب انهن سالن جي باري ۾ هوندا. هتي فقط هڪ ٻن ڳالهين جو حوالو ڏيندس. ننڍي وهيءَ کان مان ٿياسافيءَ تي هفتيوار



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

ليڪچر ٻڌڻ لاءِ ٿياسافيڪل هال ويندو هوس. اُهي ليڪچر ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي پريزيڊنٽ مسز گل مينوالا سادي، سليس ۽ سمجهه ۾ ايندڙ انگريزيءَ ۾ ڏيندي هئي. انهن ليڪچرن مذهبن ۽ عقيدن جي باري ۾ منهنجو ذهن صاف ڪري ڇڏيو. هال جي اسٽيج مٿان وڏن اکرن ۾ لکيل ايني بيسنٽ جي هڪ سٽ جو مفهوم مونکي سمجهه ۾ اچي ويو- ”ڪو مذهب سچ کان مٿاهون ناهي.“

مذهبن ۽ عقيدن جي باري ۾ منهنجا مونجهارا ختم ٿي ويا. مونکي هميشه لاءِ مڪتي ملي ويئي مان آزاد ٿي ويس. ٿياسافيڪل هال ۾ نيشنل ٿيٽرس پاران منهنجو پهريون ڊرامو اسٽيج ٿيو هو. اتي ئي مون ٻه ٽي اسٽيج ڊراما ڊائريڪٽ ڪيا هئا. اهي ڊراما اردو ۾ هئا. پاڪستان ٿيٽرس ۽ نيشنل ٿيٽرس سان ڪم ڪندي مون زندگيءَ کي تمام ويجهڙائي کان ڏٺو. زندگيءَ جي لاهن ۽ چاڙهن کي هر رنگ هر روپ ۾ ڏٺو. زندگيءَ کي مون روشني ۾ ڏٺو، زندگي کي مون تاريخيءَ ۾ غرق ڏٺو. ڪلوز اپ (Close- up) ۾ زندگي مونکي ڏاڍي پوائتي محسوس ٿي.

ڪراچيءَ ۾ ٽي ٿيٽر هوندا هئا. هڪ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ وارو، ٻيو ايليٽ ٿيٽر، اسان جي سعيد منزل واري فليٽ کان تمام ويجهو هوندو هو، ۽ ٽيون هو ڪيٽرڪ هال. ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ وارو هال هلي پيو. ايليٽ ٿيٽر کي ورهاڱي ڪانپوءِ ڊاهي ساڳي هنڌ ايروز سينيما ناهي هئائون جيڪا پاڪستان ۾ آيل سينيمائن لاءِ تباهيءَ ۾ مسمار ٿي ويئي. اُتي هن وقت موٽر گاڏين لاءِ اسپئر پارٽس جا دڪان آهن. اٺ ڏهه سال اڳ ڪيٽرڪ هال ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيائون. ڪيٽرڪ هال جي ويجهو هڪ ڇٽو گاڏي تي جست جي ديڳ ۾ برياني ڪٽي ايندو هو. ڏاڍي لذيز هوندي هئي. اوسي پاسي جي اسڪولي ۽ ڪاليج جي شاگردن کي وٽندي هئي. ڪاروبار هلي پيس ته گاڏيءَ تي هڪ بدران ٻه ديڳون آڻڻ لڳو. مٿان بورڊ هٽائي ڇڏيائين- اسٽوڊنٽ برياني. ڏسندي ئي ڏسندي نديڙو هٽ ورتائين، پوءِ ٻيو هٽ ورتائين. انن بدران ويهه ٽيبل ڪرسيون آٽي فٽپاٿ تي رکيائين. اتيئي، ساڳئي هنڌ، ايمپريس مارڪيٽ ويجهو سندس هوٽل آهي. ساڳئي نالي سان- اسٽوڊنٽ برياني. نه رهيو ته ڪيٽرڪ هال نه رهيو. اُتي گهڻ ماڙ عمارت اُسري آئي آهي.

ائين، يادن جي هڙ کولي وينس ته ڪتاب پڙهڻ وارن سان بي انصافي ڪندس. هنن هيءُ ڪتاب مهاڳ ۾ منهنجي آتم ڪٿا پڙهڻ لاءِ نه ورتو آهي. تنهنڪري ڪراچيءَ جي ٻن چئن هنڌن جو ذڪر ڪرڻ ڪانپوءِ اُداس شام ۾ ڊگهي واڪ تي نڪري ويندس. انهن هنڌن تي وڃي ٻيهندس، جڳهن جو ذڪر مان هينئر اوهان سان ڪندس.

ڪي ڪي يادون پٿر تي ليڪ وانگر پرجي ويل پراڻي زخم وانگر انسان کي هميشه ذهن ۾ پاسا ورائيندي محسوس ٿينديون آهن. مون اڍائي ٽن سالن جي ڄمار ۾ هوش سنڀاليو هو. تڏهن اسين



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

گارڊن روڊ تي برهاني بلڊنگ ۾ رهندا هئاسين. پاسي کان اينڪل سيريا نرسنگ هوم هوندو هو. سڌ پنڌ تي هوندو هو گانڌي گارڊن، ٻال اوسٽا جي يادن مان سڀ کان واضح ياد آهي. صبح ۽ شام ويلي ببر شينهن جي اونائڻ جو آواز. چلڪٽي فرش تي هاريل پاٽيءَ ۾ مونکي مختلف شڪليون نظر ايندڙ ٿيون هيون. پاٽيءَ ۾ پير هٽي مان شڪليون بدلائي ڇڏيندو هوس. اهي ڏينهن هئا ٻي مهاڀاري جنگ جا. ڪڏهن ڪڏهن سائرن وڄندا هئا. بتيون وسامي ويندڙيون هيون. امان مون کي پاڪر ۾ ڀري وٺندي هئي. اونده جي هيبت منهنجي لاشعور ۾ لهي ويئي. مون کي اڄ تائين اونده کان ڊپ محسوس ٿيندو آهي. اهي ڳالهيون امان ۽ بابا جي بار بار ورجائڻ سبب به مونکي ياد رهجي ويون آهن.

برهاني بلڊنگ ۾ اسان کي ڇڏي باقي ڪرسچن، پارسي، بوهري ۽ هندو فيمليون رهنديون هيون. ان عمارت ۾ منهنجي اڳتي هلي لاهن چاڙهن ۽ ڇڪتاڻن سان ڀريل زندگيءَ ۾ سيڪيولر رَوَين جو پڪو پختو بنياد پيو. سالن جا سال ٿياسافيڪل هال ۾ ٿياسافيءَ تي ليڪچر ٻڌندي مونتي صوفياڻو اثر پوندو ويو. سوچڻ تي ڪا بندش نه هئي. ڪو به سوال پڇڻ تي جهل پل نه هوندي هئي. پوءِ اڳتي هلي جڏهن سچل سائينءَ کي پڙهيم تڏهن انيڪ وهمن وسن کان مون کي نجات ملي ويئي.

ٻڌائيندا آهن ته سال ڪن جي عمر ۾ جڏهن پهرين وک کڻين هيم تڏهن بابا مونکي فريئر هال وٺي ويندو هو. پاڻ بينچ تي ويهي رهندو هو ۽ مونکي فريئر هال جي سر سبز ڇٻر يعني لان تي هلڻ، هلندي ڪرڻ ۽ ڪرڻ کانپوءِ اٿڻ لاءِ ڇڏي ڏيندو هو. فريئر هال ۾ گذاريل اهو عرصو مونکي ياد ناهي، پر پوءِ اڍائي ٽن سالن جو ٿيڻ کانپوءِ جڏهن مونکي شيون سڃاڻڻ جو شعور مليو تڏهن کان فريئر هال ۾ رکيل شيون ڪجهه بت ۽ لامارا ڏيئي چوڳو چڳڻ وارا ڪبوتر هميشه لاءِ منهنجي ذهن تي نقش ٿي ويا. لان تي پير رکبو هو ته سڀ کان اڳ انصاف جي ديويءَ تي نظر پوندي هئي. سنگ مرمر مان ناهيل انصاف جي ديوي وڏي چبوتري تي ويٺي هوندي هئي. اکين تي پٽي ٻڌل هوندي هئس ۽ هٿ ۾ ساهمي. ٻنهي پاسن کان پتل جا ٻه ببر شينهن ويٺا هوندا هئس. ويجهو وڃي ڏسڻ کان پوءِ به اصلي جيئرا جاڳندا لڳندا هئا.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ بتشڪنن انصاف جي ديوي غائب ڪري ڇڏي. ان ڏينهن کان انصاف پاڪستان مان لڏي ويو. راڻي وڪٽوريا جو خوبصورت مجسمو به الاءِ ڪيڏانهن ڪري ڇڏيائون. برٽش طرز تي ناهيل فريئر هال ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ آهي. اتي ڪنهن کي پير پائڻ جي اجازت ناهي ڇو جو عين سامهون آمريڪا جو ڪائونسل خانو آهي.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

هاٽوڪي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ جي وچ واري چوراهي تي پٽل ۽ ٽامي مان ٺاهيل مهاآتما گانڌيءَ جو مجسمو بيٺل هوندو هو. ايڏو سهڻو ٺاهيل هو جو لڳندو هو، اجهو وک کڻندو. بت شڪنن رسا ۽ زنجير وجهي مهاآتما گانڌيءَ جو مجسمو ڪيرائي وڌو هو. مشهور ٿيو هو تہ يارن ٽامو ۽ پٽل ڳاري ڳريل يا رجيل ٽامي ۽ پٽل مان ديڳيون ٺاهيون هيون ۽ برنس روڊ تي انهن ديڳين ۾ حليم ٺاهي وڪڻڻ شروع ڪيو هئائون.

ڪي وڏيڪ سال ڪونہ ٿيا آهن جڏهن انگريز جي يورپي طرز تي ٺاهيل قديم بولٽن مارڪيٽ ڊاهي، ان جي جاءِ تي گهڻ ماڙ عمارت ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو هئائون. ڪجھ نہ ٿيو هو. ڪو احتجاج نہ ٿيو هو. بولٽن مارڪيٽ جي سامهون هڪ سرڪاري عمارت هوندي هئي، شايد سروير جي آفيس هئي. اها ڳالهہ اهم ناهي. اهم اهو آهي تہ ان عمارت جي ٻاهرين پٽ تي ڪراچيءَ جي زيرو پوائنٽ جو پٿر لڳل هوندو هو. هينئر سڀ ڪجھ غائب ٿي ويو آهي.

ڪجھ سال اڳ لاهور جو ٽولٽن مارڪيٽ جڏهڻ ڊاهڻ جو فيصلو ڪيو هئائون، تڏهن سمورو لاهور جو شهر احتجاج جي ٻاهہ ۾ پڙڪي اٿيو هو. ٽولٽن مارڪيٽ کي گهيري ۾ آٽي ليکڪن، آرٽسٽن، جرنلسٽن، ٽيچرن، پروفيسرن، شاگردن ۽ لکين شهرين ڌرڻو هنيو هو، ٽولٽن مارڪيٽ جا ڏٽي سائين هئا، تن ٽولٽن مارڪيٽ بچائي ورتو. بولٽن مارڪيٽ جو ڪو ڏٽي سائين نہ هو. پٽي پٽ ڪري ڇڏيائونس.

منهنجين انيڪ ڪهاڻين جا ٽي هنڌ مرڪزي حيثيت جا آهن، سعيد منزل بارنيس اسٽريٽ، ايلفنسٽن اسٽريٽ صدر ۽ چاڪيواڙو، پيم پورو ۽ رانگي واڙو.

بارنيس اسٽريٽ کي ڪري ڇڏيائون جميلہ اسٽريٽ، ايلفسٽن اسٽريٽ کي ڪري ڇڏيائون زيب النسا اسٽريٽ، ايلفسٽن اسٽريٽ تي جتي ڪتابن جا دڪان هئا اُتي بوٽن جا دڪان کلي ويا آهن. ايلفي ريسٽورنٽ جتي ڪراچيءَ جا ليکڪ، آرٽسٽ، ڪميونسٽ، صحافي ۽ بيروزگار اچي چانهہ پيئندا هئا، اُتي زيورن جو دڪان کوليو اٿائون. چاڪيواڙو پيم پورو ۽ لياري غنڊن ۽ شودن جي حوالي ڪري ڇڏيا اٿائون.

جهانگير پارڪ صدر ۾ ڪرڪيٽ گرائونڊ هوندو هو، جتي ميچن کان علاوه اٺ ٽيمون نيٽ پريڪٽس ڪنديون هيون. منهنجي زندگيءَ جا پرپور سال جهانگير پارڪ ۾ ميچون کيڏندي يا پريڪٽس ڪندي گذريا. هينئر جهانگير پارڪ جي هڪ حصي تي مسجد ٺاهي اٿائون جنهن تي بيشمار لائوڊ اسپيڪر لڳل آهن. ڪرڪيٽ راند بند ڪرائي جهانگير پارڪ جي باقي بچيل حصي تي چبر، لان، گل ٻوٽا هٽي باغ ٺاهيائون جيڪو هينئر چرسين، هيروئنن ۽ نشين اجاڙي ڇڏيو آهي. ظاهري پيچ ڊاهہ منهنجي لاءِ باطني پيچ ڊاهہ جو سبب ٿي پيئي آهي.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

هندو جمخاني جو شمار ڪراچيءَ جي سنن ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ٿيندو هو. اتي مون آل انڊيا ٽيسٽ ڪرڪيٽر نائومل کي راند ڪندي ڏٺو هو. اتيئي مون پمنمل پنجابي، رامچند ۽ لعل کي ڪيڏنڌي ڏٺو هو. لعل اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ مون کان سينيئر هوندو هو، ۽ ليفٽ آرم فاسٽ بالر هوندو هو. هندو جمخاني سان لڳو لڳ هوندو هو مسلم جمخانو. هندو جمخاني کان سڌ پنڌ تي هوندو هو ڪراچي جمخانو. آغا جمخاني جو ڪرڪيٽ گرائونڊ گارڊن طرف هو. ڪراچي پارسي انسٽي ٽيوٽ جو ڪرڪيٽ گرائونڊ سينٽ پيٽرڪ اسڪول جي پرسان هوندو هو. ورهاڱي کانپوءِ هندو جمخاني جي عاليشان پويلين ۾ مهاجر ڪيمپ کوليائون. ڪرڪيٽ گرائونڊ تي ڪراچي پوليس قبضو ڪري سپاهين لاءِ ننڍڙا ننڍڙا سوين فليٽ ناهرائي ڇڏيا. هندو جمخاني جي خوبصورت پويلين سيٺ مهاتا پنهنجي محل مهاتا پيلس وانگر ساڳئي راجستاني پٿر ۽ طرز تي ناهرائي هئي. ورهين تائين زبون حالت ۾ هئي. سنڌ ڪلچر ڊپارٽمنٽ جي اڳوڻي سيڪريٽري عبدالحميد آخوند وڏي جاکوڙ کانپوءِ هندو جمخانو ڪلچر ڊپارٽمنٽ جي تحويل ۾ ورتو ۽ سالن جا سال ڏينهن رات محنت ڪري، مرمت ڪرائي هندو جمخاني جي پويلين کي ساڳي اوج تي آڻي بيهاريو. ڪجهه سال اڳ ٿيٽر جي نالي ۾ ڪجهه پراڻا فنڪار هندو جمخاني تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو. افسوس ان ڪري ٿيو جو هندو جمخاني جي صفا سامهون ڪراچي آرٽ ڪائونسل آهي. اتي هڪ ٿيٽر بہ نهيل آهي. جيڪو ڪم تاريخي هندو جمخاني ۾ ٿيٽر جا پراڻا فنڪار ڪري رهيا آهن، سو ڪم هو آرٽ ڪائونسل ۾ ڪري سگهيا ٿي، پر هنن کي هڪ نويڪلي جاءِ جي تلاش هئي جيڪا ڪين نهيل نڪيل ملي ويئي. جتي هنج هئا، اتي ڪانون ڪانگيرا ڪيا آهن.

ڪلفٽن هڪ دياوان پارسي جهانگير ڪوٺاري ناهرائي هئي، سئو کن سال اڳ، گنبذ کان سڌ پنڌ تي ڳاڙهي پٿر جا ويڪرا ڏاڪا سڌو سمنڊ تائين وني ويندا هئا. هڪ محراب هينان ڏاڪا شروع ٿيندا هئا. محراب تي اجا بہ اُها ئي عبارت اُڪريل آهي- جهانگير ڪوٺاري پريڊ. پاسي کان مندر آهي جتي اجا بہ سومر سومر تي پوجا پاٺ هلندو آهي. الاءِ ڪيئن وقت جي ڏڦير ۾ بچي ويو آهي. قدرت جو ڪرشمو آهي.

جهانگير ڪوٺاري پريڊ جا ڏاڪا جتي ختم ٿيندا هئا اتي پاسي کان سي بريز نالي ريسٽورنٽ هوندي هئي. عجيب ريسٽورنٽ هوندي هئي. شام ڏاري، سج لهڻ کانپوءِ وڏي ۽ ويڪري اڱڻ ۾ ميزون ۽ ويهڻ لاءِ موڙا رکندا هئا. هلڪي روشنيءَ وارا بلب ٻري پوندا هئا. چئن ڪندن تي لڳل چئن لائوڊ اسپيڪرن مان جهونگار جهڙي آواز ۾ طلعت محمود جا غزل ۽ سهگل جا گيت هلندا هئا. اڱڻ کي ٽن فٽن جيتري لوڙهي جهڙي پٽ ڏنل هوندي هئي. چاندوڪي راتين ۾ ڪا چولي



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

سي بريز جي پت سان اڇي لڳندي هئي. نه رهي آهي سي بريز، ۽ نه چاندوڪين راتين ۾ غزلن ۽ گيتن جو سمنڊ جي سرگم تي روح کي راحت بخشڻ جهڙي موسيقيءَ جو سحر. سمنڊ ڪوٺاري پريڊ کان ڏيڍ ٻه ڪلو ميٽر پري هليو ويو آهي. ڇڻ اسان کان رسي ويو آهي.

آخر ۾ مان ذڪر ڪندس پنهنجي پرائمري اسڪول جو. رتن تلاءُ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪراچيءَ جي تمام سٺن اسڪولن ۾ شمار ٿيندو هو. گارڊن روڊ واري برهاني بلڊنگ ۾ مان جڏهن ڇهن سالن جو ٿيس تڏهن بابا مون کي رتن تلاءُ اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. برهاني بلڊنگ رتن تلاءُ اسڪول کان ڪجهه پري هوندي هئي، تنهن ڪري بابا 1942ع ۾ بارنيس اسٽريٽ تي سعيد منزل سان لڳو لڳ ايدلجي ڊنشا بلڊنگ ۾ فليٽ ورتو ۽ اسين برهاني بلڊنگ مان اُٿي ايدلجي ڊنشا بلڊنگ هليا آياسين. پاسي کان بندر روڊ هوندو هو. بندر روڊ پار ڪري، هڪ گهٽي لنگهبي هئي ته سڌو وڃي رتن تلاءُ اسڪول جي سامهون بيهبو هو. وڏ ۾ وڏ پنج ڇهن منٽن جو پنڌ هو، ٻال اوستا دوران دل ۾ گهر ڪري ويهي رهڻ واريون دوستيون رتن تلاءُ اسڪول ۾ ٿيون هيون.

رتن تلاءُ پرائمري اسڪول ۾ مون اُن دور جي دستور موجب پرائمري جا چار درجا پڙهيا- 1942ع کان 1946ع تائين. 1947ع ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيو. سڄي ملڪ ۾ فسادن جو برنڊڙ جبل ڦاٽي پيو. 1947ع ۾ مون اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ جي پهرين درجي ۾ داخلا ورتي هئي. هڪ شام افواهه آيو ته رتن تلاءُ اسڪول کي باهه ڏني اٿائون. مان ڊوڙندو ويس. بندر روڊ پار ڪري، لنگهي جيئن ئي مان اسڪول آڏو پهتس ته اسڪول جي پهرين ماڙ جي درين مان باهه جا پنيٽ نڪري رهيا هئا.

مان توائي ٿي ويس. اڄ تائين توائي آهيان. مونکي نروان نصيب نه ٿيندو. مان هر جنم ۾ توائي رهندس. رتن تلاءُ اسڪول کي لڳل باهه جا پنيٽ منهنجي وجود ۾ وسامي نه سگهيا آهن. مان مها آتما گوتم ٻڌ جو ڀڪشو آهيان. پر نروان منهنجي نصيب ۾ ناهي.

**امر جليل**

20, April 2007

B.702, Sand View Homes

Frere Town, Clifton

Karachi.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

# تاريخ جي وساريل ورقن کان ڪراچي تائين جو سفر

ڪراچيءَ جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ هتان جي تاريخ هتان جي ماڻهن جي مزاج وانگر خاموش آهي. سنڌ جو هي خطو قديم دور کان ئي انتهائي زرخيز ۽ خوشحال رهيو. سنڌ وانگر سنڌ جي هن خطي جو تاريخ ۾ تسلسل سان ڪو ريڪارڊ موجود نہ آهي، ڪراچي ۽ ان جي پسگردائي ۾ بيشمار پراڻا ماڳ آهن انهن تي تحقيق نہ هئڻ ڪري اسان انهن مان ڪو لاڀ حاصل نہ ڪري سگهيا آهيون ۽ گهڻن آثارن کي هٿ وٺي حڪومتي سرپرستي ۾ تباهہ ڪيو ويو آهي. هن وقت جيڪو تاريخي ريڪارڊ اسان وٽ موجود آهي. اسان کي انهيءَ کي ڪٽي وڃڻو پوندو. هن شهر هميشہ تاريخ جي شاگردن کي سندس باري ۾ ڪجهہ نہ لکڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي. ڪراچي اصل ۾ مختلف تهذيبن جي آماجگاهہ رهي آهي. ڪراچي شهر ۾ هن وقت بہ قديم ۽ جديد تهذيب جون جهلڪيون صاف نظر اينديون آهن.

تاريخ ۽ جغرافيائي تبديلين صورتحال کي انهيءَ حد تائين پهچايو آهي جو تحقيق جو ڪم هڪ سواليہ نشان بنجي ويو آهي. جغرافيائي ثبوت جي نہ هجڻ ڪري ماضيءَ جا سيئي سوال بنا جوابن جي اسان جي سامهون آهن. تنهنڪري ڪراچي جي تاريخ جي سلسلي ۾ اسان کي گهڻو ڪري ڏند ڪٿائن ۽ افسانوي ڳالهين تي مدار رکڻو پوندو. انهن ڏند ڪٿائن جي تاريخي ثابتي ڳولڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن انهن ڏند ڪٿائن کي حقيقت جو روپ ڏئي سگهجي. ڏند ڪٿائن جو هجڻ بہ هن ڳالهہ جي ثابتي آهي تہ هتي ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٿيو هوندو جو اهي ڏند ڪٿائون وجود ۾ آيون آهن. ڪراچي جي قدامت جو اندازو هتي موجود پراڻن آثارن مان لڳائي سگهجي ٿو. هتي تاريخ جي هر دور جا آثار دريافت ٿيا آهن. انهن آثارن ۾ ڪراچي شهر ۽ ان جي پسگردائي وارا علائقا منگهو پير، گڏاپ، مهير ۽ ملير بہ شامل آهن. جن جي پنهنجي ڌار سڃاڻپ آهي پر هاڻ هي ڪراچي ۾ شامل آهن. انهن آثارن مان ان علائقي جي تاريخي قدامت جي ڄاڻ ملي ٿي. ڪنهن دور ۾ سنڌو درياهہ گهارو ڪريڪ کان ابراهيم حيدري لڳ وهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. سنڌو درياهہ منڊ کان وٺي ڪشمير کان سمنڊ تائين تجارتي ۽ واپاري اچ وڃ جو وسيلو رهيو آهي. ڇوڙ وٽ گسري (گذري)، واڳو ڏر، ريڙهي مياڻ، ابراهيم حيدري ۽ رتو ڪوٽ خوشحال بندر هئا. اهي بندر هتي کهڙي بہ نالي سان، پر موجود هئا. جنهن جي ڪري هن علائقي جي تاريخ قدامت واضح ٿئي ٿي. سنڌو درياهہ جي ساٿ ڇڏڻ ڪري ديبل وانگر قسمت جي ديوي بہ انهن علائقن مان موڪلائي وئي. سمنڊ جي وڌڻ ڪري ڦٽي ڪريڪ، ڪورنگي ڪريڪ ۽ گهارو ڪريڪ جيڪي سنڌو جي مختلف ڇوڙن جا ويڪرا هئا سمنڊ ۾ اچي ويا ۽ رتو ڪوٽ وانگر گهٽا



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

آثار سمنڊ جي نظر ٿي ويا. اهي آثار اڄ بہ سمنڊ ۾ موجود آهن پر انهن تي تحقيق جي ضرورت آهي.

اها هڪ تحقيق آهي تہ جيڪي بندر ڪراچي جي پسگردائي ۾ آهن يا خود ڪراچي بندر تان واپار نار جي ملڪن اومان، مسقط، فارس ۽ هندستان سان هلندو هو تہ هتي بندرن تي شهر بہ آباد هئا ۽ انهن شهرن جي ڪنڊرن کي ڳولڻ جي ضرورت آهي، هتي ملندڙ اوزارن، سڪن ۽ ٻين شين جو اڀياس ڪري اسان ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهنداسين. باٿ آئي ليند وارو علائقو جيڪو گسري بندر کي ويجهو آهي، ان جاءِ تي 1859ع تائين هڪ پراڻي شهر جا آثار موجود هئا. سيٺ نائون مل پنهنجي يادگيرين ۾ بلڪل واضح ۽ صاف لکيو آهي تہ، اڄ کان (سندس دور 1850ع) 400 کان 500 سال اڳ ۾ ڪلفٽن ۽ ڪئمپ (صدر ڪئمپ وارو علائقو) جي وچ ۾ هڪ خوشحال شهر آباد هوندو هو. نائون مل جو چوڻ آهي تہ هن پاڻ اِن شهر جا نشان ڏٺا هئا. بلڪ هن قتل گهرن جا نشان پڻ ڏٺا هئا ۽ ان وقت جي سنڌ جي حاڪم بارٽل فريئر کي پڻ ڏيکاريا هئا ۽ سيٺ نائون مل فريئر ڏانهن جيڪو خط لکيو هو هن ۾ واڳو ڏر جو پڻ ذڪر ڪيو آهي جيڪو بہ ڪنهن زماني ۾ هڪ آباد شهر هو پر ڪنهن هن پاسي ڌيان نہ ڏنو ۽ اهي تاريخي آثار حڪمرانن جي بي حسيءَ جو شڪار ٿي ختم ٿي ويا.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224




**سنڌ جو دنيا ۾ ٺهندڙ پهريون نقشو جيڪو ابن حوقل بغدادي سن 343هه (943) ۾ تيار ڪيو هو.**
**ايليٽ ڪي هي نقشو ايوڌيا جي شاهي ڪتب خاني مان هٿ آيو هو**

اورنگي (اورانگهي) واري علائقي کان منگهو پير تائين وارو علائقو قديم ماڳ آهي. جنهن لاءِ مجمدار جو چوڻ آهي تہ هي ماڳ هڙپا تهذيب سان تعلق رکندڙ آهي. ڊاڪٽر ايف. اي خان اورنگي (اورانگهي) ۾ هڪ هنڌ ڪجين جي جهڳٽي جي پر ۾ هڪ کاهي کولي لڌي هئي. هن جو چوڻ آهي تہ هتي گاهہ جمي چڪو هو پر هتي اجا بہ (جنهن وقت ڊاڪٽر صاحب هتي ويو هو) پٿر جا اوزار نظر اچن ٿا. انهن اوزارن سان هتان جا ماڻهو گوشت، گاهہ لٽڻ ۽ پاڇين کي ڪپڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. اها 1880ع کان اڳ جي ڳالهہ آهي. هن پوري قديم ماڳ تي بنگلاديش کان آيل بهارين قبضو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ جڏهن آئون هتي پهتس تہ هر پاسي آبادي هئي پورو ماڳ تباهہ ڪيو ويو هو. اجا بہ ڪجهہ اهڙا پاسا آهن جتي جيڪڏهن کوٽائي ڪئي وڃي تہ شايد ڪجهہ حاصل ٿئي. منگهو پير اهڙو مقام آهي جيڪو اجا قبضا گروپ کان بچيل آهي. جتي تحقيق ڪري سگهجي



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

تي. منگهي پير جي مقبري لڳ پٿر جا اوزار ۽ نڪر جا ٽانوَ پکيڙيل آهن. پراڻن آثارن قديم ماهرن موجب هي تاريخ ڪان اڳ جو ماڳ آهي. مجمدار به انهن تي تحقيق ڪئي آهي.

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڪيمپس واري علائقي ۾ ٽين صدي عيسوي جي زماني جي هڪ وسندي جا آثار مليا آهن. پٿر جا ننڍا ننڍا اوزار ۽ ٻيون اهڙيون ئي قديم شيون ڪافي ايراضي ۾ ڪنهن زماني پکيڙيل هيون. اهي اوزار ۽ آثار، قديم آثارن جي ماهرن موجب گهڻي اهميت وارا آهن. قديم آثارن جي ماهرن موجب انهن آثارن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين قسم جي آثارن ۾ قديم پٿر جي آخري دور جا اوزار مليا آهن ۽ ٻئي قسم جي آثارن ۾ هن دور کان پوءِ جا اوزار مليا آهن.

مشهور محقق جناب روف خان موجب، ”ڪراچي يونيورسٽي جي علائقي ۾ صفوران ڳوٺ تائين موهن جي دڙي جي زماني جي هڪ برباد ڳوٺ جا آثار دريافت ٿيا آهن ۽ يونيورسٽي روڊ ڪنٽري ڪلب کان وارو علائقو اين اي ڊي(NED) يونيورسٽي تائين ان زماني جو صنعتي علائقو هو. جتي پٿر سان شيون ٺاهيون ويندي هيون. انهن شين ۾ ٽانوَ، رانديڪا، هٿيار ۽ گهرن اڏڻ جو سامان شامل هو ڪراچي جو هي صنعتي علائقو نه فقط سنڌ جو پر بين الاقوامي تجارت جو مرڪز هو.“

گلستان جوهر واري علائقي ۾ جيڪو ڪراچي يونيورسٽيءَ واري علائقي سان لڳ آهي اڏواتي کوٽائي دوران هتي پٿر جي دور جي انسانن جا ڍانچا مليا آهن. ڪراچي ۽ هن جي پسگردائي ۾ قديم قبرن جي باري ۾ جن کي ڪافرن جون قبرون چيو وڃي ٿو ته محققن جو خيال آهي ته اهي يونانين جا آهن جيڪي سڪندر اعظم جي دور ۾ هتي آيا ۽ اهي يوناني ڪيشيا ڪان به اڳ هتي سنڌ ۾ آيا هئا.

ڪراچي کان 30 ڪلوميٽر پري ملير واري علائقي ميمڻ ڳوٺ ڊملوٽي روڊ تي نئين بازار جي ڪاٻي هٿ تي هڪ قديم وسندي جا آثار موجود آهن، جيڪو الله ڏنو جوکيو ڳوٺ جي ويجهو هئڻ ڪري هن جو نالو الله ڏنو آثار ۽ نل بازار آثار ڏنو ويو آهي. هتي 1974ع ۾ کوٽائي ڪئي وئي. قديم آثارن جي ماهر جي تحقيق موجب هي آثار موهن جي دڙي ۽ هڙپا تهذيب جا همعصر آهن. هن ڪانسواءِ ڊملوٽي جي آسپاس سنڌو تهذيب جا به آثار آهن، جيڪي هڙپا تهذيب سان تعلق رکن ٿا. ٿڏو ندي لڳ ڪتو ڳبول ڳوٺ، ۽ آدم ڳبول ڳوٺ، لڳ مهير جبل تي ٻاٻرين جا آثار، موئيداڻ ۾ حب ندي جي ڪناري، ڳڏاپ ۾ ديهه لنگهيجي ۽ ٻولهاڙي جي وڏي علائقي ۾ اهڙا آثار موجود آهن. انهن علائقن ۾ زرتشتي دور جون قبرون به موجود آهن. ملير ۾ اهي پراڻي ۽ نئين پٿر جي شروعاتي دور سان تعلق رکندڙ آثار آهن. هتي لوهه ۽ ٽامي جي دور جا به آثار موجود آهن. انهن



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

جي قدامت جو اندازو اٺ کان نو هزار سال آهي. هتان ڪجهه اهڙا به آثار مليا آهن جن جو تعلق آخري برفاني دور سان آهي. ڪراچي جي پسگردائي ۾ تاريخ جي هر دور ۾ آثار موجود آهن. انهن تي تحقيق جي ضرورت آهي. تحقيق کان اڳ انهن کي محفوظ ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ائين نه ٿئي جو انهن جو حشر ۾ شهر اندر ايندڙ آثارن جهڙو ٿئي. هن علائقي کي اهو اعزاز حاصل آهي ته قديم زماني کان وٺي اڄ تائين انساني استعمال هيٺ هلندو اچي.

آڳاٽي دور کان مڪران کان لسٻيلي کان رستو حب پار ڪري ڪراچي جي بندرن ڏانهن ويندو هو. ٻيو رستو بولان لڪ کان ڌريجي ۽ ڪنڌ، مهير، گڏاپ کان ڪراچي ڏانهن ايندو هو. منگهو پير مرڪز هوندو هتان به ڪيترائي رستا نڪري انهن رستن سان ملندا هئا. ٽيون رستو سيوهڻ کان گڏاپ کان ڪراچي تائين ايندو هو. چوٿون رستو ٺٽي، پنيور ۽ ديبل کان ڪراچي ڏانهن ايندو هو. منگهي پير کان به ٻه رستا بندرن ڏانهن ايندا هئا. لوهارڪو لنگهه ۽ مائي ڳاڙهي کان به رستا منگهي پير تائين ايندا هئا هتان هڪ اهم رستو اورنگي نئين پار ڪري بندرن ڏانهن ايندو هو. انهن اهم رستن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ننڍا وڏا رستا ڪراچي بندر ڏانهن ايندا هئا. انهن رستن جي ڪناري اهي قديم آثار، لانڍيون، سراءِ ۽ پراڻن ماڳن جا نشان موجود آهن. انهن پراڻن رستن، واٽن ۽ انهن جي ڪناري ماڳن کي ڳولڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهي اسين ڳولي وياسين ته تاريخ جون ڪڙيون ملي وينديون چاڪاڻ ته هي علائقو قديم زماني کان واپاري ۽ فوجي اچ وڃ جو وسيلو رهيو آهي. ساحل تي واپاري شهرن ڪانسواءِ هتي مچي بندر به هئا. بندر کان پري وارن علائقن ۾ زراعت ۽ چراهه گاهن ڪري هي خطو خوشحال ۽ زرخيز هو. هن خطي جي خوشحالي ٻين قومن، قبيلن کي هرڪائيندي رهي آهي. بندرن تي اچ وڃ ۽ لڏ پلاڻ ڪري ٻين علائقن جي تهذيبن جو ڳانڍاپو ۽ انهن تهذيبن کان متاثر ٿيڻ هڪ فطري ڳالهه آهي، تهذيبن جي ٽڪراءُ ۽ ڳانڍاپي جو اهو سلسلو قديم زماني کان اڄ تائين جاري آهي. ان سلسلي ۾ جيڪي انگ اکر ۽ شهادتون گڏ ڪيون ويون آهن. سي تفصيلي اڀياس لاءِ رهنمائيءَ جو ڪم ڏئي سگهن ٿيون. ليڪن اسان جي بدقسمتي آهي ته هن مهل تائين ان باري ۾ تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي ۽ آئينده به ڪنهن خاص ڪم ۽ تحقيق جا آثار نظر نٿا اچن ۽ جيستائين اسان ڪراچيءَ جي مڪمل تاريخ لکڻ لاءِ ويهي سوچيون اوستائين انهن آثارن جو ڪو وجود ئي نه رهندو. تاريخ نويسي لاءِ اهي خال پرڻ ان وقت تائين مڪمل نه آهن جيستائين قديم آثارن جا ماهر انهن مان ڪو ڏس نٿا ڏين. تاريخ نويس فقط انهن جي نشاندهي ڪري سگهن ٿا. انهن جي کوٽائي انهن تي تحقيق جو ڪم آثار قديم جي ماهرن جو آهي. جيڪڏهن ڊملوٽي، اورانگي، باٿ آءِ لينڊ، يونيورسٽي روڊ ڪنٽري ڪلب، ڪراچي يونيورسٽي ڪئمپس، منگهو پير، واڳو ڏر، رتو ڪوٽ، گسري، ٻٽ ڪوڙي،

منجهار (گابو پٽ)، ديهه حب، هلڪاٽي، مهير جبل، اميلاٽو، ٻاڪراڻ، پپري، ڪانوڙ، ڪديجي، ڪونڪر ڳڏاپ جي آثارن کي ٻين علائقن ۽ ملڪن خاص ڪري ابو دبئي پاسي کوٽائي مان نڪتل، بلوچستان جي مهر ڳڙهه، ڪلي مهي، موهن جو دڙي، هڙپا ۽ مصر جي کوٽائي مان نڪتل شين سان آثارن سان ڀيٽ ڪرڻ سان اسان ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهنداسين. ٻين آثارن وانگر هتي به ٺڪر جا ٿانو، نڪر جون چوڙيون، پٿر جا اوزار، هار، مٽيا، سڪا، رانديڪا ۽ مهرون مليون آهن. انهن مان اها ڳالهه واضح ٿيندي ته ڪٿي اهي تهذيبون هڪ ئي دور جون ته نه آهن جيڪڏهن انهيءَ ڏس تي ڪم ڪيو وڃي ته هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندو.

انهن آثارن کي ڇڏي اسان اڳتي وڌون ٿا ته جيئن ڪجهه وڌيڪ شين ۽ تاريخي ڳالهين جي پروڙ پوي. ڪراچي جي قدامت جي سلسلي ۾ ننڍي کنڊ جي معروف تاريخ دان ڊاڪٽر موتي چندر جي تحقيق قابل ذڪر آهي. هو لکي ٿو ته، ”ڪراچي جي تاريخ حضرت عيسيٰ جي جمڻ کان به قديم آهي. 2500 قبل مسيح ۾ به ڪراچي جو بندرگاهه موجود هو ۽ هي بندرگاهه بهترين قسم جي مڇين جي لاءِ ڏور ڏور تائين مشهور هو.“

ڪراچي جي قدامت جو هڪ ٻيو واقعو ائين آهي ته هندوئن جي مذهبي روايت موجب رام، سيتا ۽ رام جو ڀاءُ لڪشمڻ هنگول/اگورندي (لسبيلو بلوچستان) جي ڪناري هندوئن جي مذهبي مقدس جاءِ هنگلاج ويندي ڪراچي جي رام باغ (هاٽوڪو آرام باغ) واري جاءِ تي هڪ رات قيام ڪيو هو. هتي هڪ وڏو ميدان ۽ پاڻي جو چشمو هو انهيءَ چشمي لڳ انهن خيما کوڙيا هئا ۽ جنهن کان پوءِ هتي موجود باغ کي رام جي نالي پٺيان ”رام باغ“ سڏيو ويو. رام جو زمانو حضرت عيسيٰ جي جمڻ کان اڳ 2500 سال اڳ جو آهي. اهڙي طرح هي واقعو اڄ کان ساڍا چار هزار سال اڳ جو آهي. رام، سيتا ۽ لڪشمڻ رام باغ واري ميدان ۾ اچڻ کان اڳ ڪلفٽن واري مهاديو جي غار ۾ شيو جي مندر ۾ پوڄا ڪئي هئي. جنهن سان انهيءَ مندر ۽ علائقي جي قدامت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ان مندر جو ذڪر رامائڻ ۾ به آهي، ڀيرومل مهر چند آڏواڻي پنهنجي ڪتاب ”قديم سنڌ“ ۾ لکي ٿو ته، ”حضرت عيسيٰ جي پيدائش کان اڳ سنڌ ۾ ململ جو نفيس ڪپڙو تيار ڪيو ويندو هو جيڪو ڏورانهن ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو. مشهور آهي ته قديم مصر جا ماڻهو انهيءَ ڪپڙي سان پنهنجي مُردن لاءِ ڪفن تيار ڪندا هئا. اهو ڪپڙو سنڌ جي مختلف بندرگاهن تان جهاز رستي موڪليو ويندو هو.“

پروفيسر ايچ. شمسي موجب، عيسوي سن کان چار سئو سال اڳ سنڌ ۾ تيار ٿيندڙ ململ ايران، بابل ۽ مصر، ڪراچي ۽ ٻين بندرگاهن رستي موڪليو ويندو هو.

ڪراچي جي مختلف نالن تي بحث:

مورخن پنهنجن سفرنامن ۾ مختلف دورن ۾ ڪراچي کي مختلف نالن سان منسوب ڪيو آهي. جن ۾ ڪروڪالا، مورنٽوبارا، ڏڀو، سڪندري جنت، خوارالديبل، ڪڪرالو، ڪروڪل، ڪروڪالي، ڪائومارا، ڪوره، ڪراشر، ڪراستي، ڪلاچو، ڪورنجي، ڪراچر، ڪوراچي، گهراچر، ڪراچرداراجا، ڪوراچي، ڪلاچي ۽ ڪراچي شامل آهن.



**رام جهروڪا**

اصل ۾ انهن مان گهڻا نالا ڪراچي جي مختلف حصن جا به آهن جيئن جڏهن پوچو مل هتي آيو هو ته علائقي جو نالو ڏڀو هو بندر جو نالو به ڏڀو هو. ۽ جتي پوچو مل پڙاءُ ڪيو هتي هڪ ڪن هو جنهن کي ”ڪلاچي جو ڪن“ ڪري چوندا هئا ۽ پوءِ اڳتي هلي ڪلاچي جي ڪن ڪري هن پوري علائقي جو نالو ڪلاچي پيو ۽ پوءِ اهو سفر تلفظ جي صحيح ادائيگي نه هئڻ ڪري ڪراچي ٿيو. ڪراچي جي ڪن جو واسطو ۽ مشهوري مورڙي ميربحر جي ڪري تي ۽ اهو واقعو سومرن جي اوائلي دوجو آهي. معنيٰ ڪراچي جي انهيءَ ڪن جنهن جو نالو ”ڪلاچي“، سومرن جي دور کان به اڳ عربن جي دور ۾ به موجود هو. سومرن جي دور جو ادبي خزانو نهايت گهٽ تعداد ۾ اسان تائين پهتو آهي. سمن ۽ پوءِ ڪلهوڙن جي دور ۾ جيڪا شاعري ملي آهي، خاص ڪري ڪلهوڙن جي دور ۾ امين کتي جا اوائلي بيت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪلاچي جي ڪن جو ذڪر پنهنجي شاعري ۾ ڪيو آهي. ڪروڪالا کان وٺي ڪراچي تائين مختلف نالن تي مضمون ۾ بحث ڪنداسين ته مختلف دورن ۾ ڪراچي ۽ انهن جي آسپاس جي بندرن جا نالا ڪهڙا هئا ۽ ڪهڙي دور ۾ انهن کي مشهوري ملي انهن تي بحث ڪري اسان ڪنهن نتيجي تي پهچنداسين.

شاهراهه ريشم جيڪا پاٽلي پتر کان شروع ٿي ڪراچي تائين ايندي هئي. پاٽلي پتر جو ذڪر اين. ايم بليموريا پنهنجي مضمون ”قديم هندستان خاص طور سنڌ ۽ پنجاب ۾ ايراني“ The Iranian in ancient India & specially in Sindh and Punjab- by N.M Billimoria جنهن ۾ پاٽلي پتر بابت لکي ٿو ته، ”هاٽوڪي چئنا ميگا سٽينز جو بيان ڪيل بوترائي آهي لڳ ڀڳ 300 ق.م ۾ اهو شهر گنگا ۽

سون يا سينا درياهه جي ميلاپ واري هنڌ تي موجود هو. اهو مگڌ (ڏاکڻي بهار جو علائقو) جي قديم سلطنت جي گاديءَ جو هنڌ هو. پهرئين اهو شهر ڪسم پور ۽ پشپاپور (گلن جو شهر)سڏبو هو. پٽالي هڪ گل جو نالو آهي.“ چيني سياح فاهئين 414-399 ق.م هتي آيو هو. سٽرابو Straboپنهنجي ڪتاب ”جاگرافي“ ۾ هن شهر جو ذڪر ڪيو آهي. ايران Arrian جي ڪتاب Indica ۾ به ان شهر جو ذڪر ٿيل آهي. اشوڪ اعظم جي دور 250 ق.م جي لڳ ڀڳ اهو شهر پنهنجي عروج تي هو. ڊاڪٽر اسپونر جنوري 1913ع کان ان جي کوٽائي شروع ڪئي. ان کوٽائي مان هندستان تي ايران جي اثر جو پتو پوي ٿو. ڊاڪٽر هندستان تي ايران جي گهري اثر هئڻ جي ثبوت ۾ سڪا ۽ ٻيون شهادتون پيش ڪيون هيون. انهن جي هڪ منڊي ڪراچي ۾ هاٽوڪي منا در واري علائقي ۾ واقع هئي. اهي تجارتي قافلا سڪندر اعظم کان گهڻو اڳ هتي آيا ۽ اسڪائي ليڪس، ڪيٽي سياح، بطليموس، نيئرڪس، هيڪاٽڪس، ميگس ۽ ٻين يوناني سنڌ جي ڪراچي واري ساحل تي بندرگاهه جو ذڪر ڪيو آهي. يونانين کان اڳ هتي ايراني آيا پر انهن علائقن جو ڪو تاريخي دستاويز نه ڇڏيو جنهن جي ڪري قديم حوالي طور يونانين جو لکڻين تي ڀروسو ڪيو وڃي ٿو.

ڪنهن دور ۾ ايران قديم پارسيا جون حدون سنڌو نديءَ تائين هيون ڪراچي کان وٺي سيوهڻ ۽ جيڪب آباد تائين علائقو ايران جو حصو هو ۽ رني ڪوٽ جي قلعي جي باري ۾ هڪ خيال اهو به آهي ته اهو ايرانين اڏيو.

ميگس ۽ پلائي نندي ڪنڌ بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي. هو لکن ٿا ته، ”موهن جي دڙي“ جا ماڻهو ٻيڙين تي پنهنجو تجارتي سامان بندرگاهن تائين پهچائيندا هئا ۽ اتان اهو سامان عراق ۽ مصر لاءِ روانو ڪيو ويندو هو.“ قديم بندرن ۾ جنهن ۾ مورنٽو بارا به هڪ آهي. مورنٽو بارا هاٽوڪي ڪراچي جي ساحل جي بندرن مان ڪنهن هڪ بندر جو نالو هو.

سڪندراعظم کان گهڻو اڳ دارائي پهرئين 521 ق.م ۾ يوناني سياح اسڪائي ليڪس کي هندستان جي حالتن جي جاچ لاءِ موڪليو هو. هن سنڌ کي هند قرار ڏنو هو. هن هڪ مضبوط ٻيڙيءَ وسيلي اٽڪ کان سنڌو درياهه جو سفر ڪيو. اهو سفر ڪراچيءَ تائين هو. ڪنهن زماني ۾ سنڌو جي پراڻي شاخ ابراهيم حيدري لڳ چوڙ ڪندي هئي. ابراهيم حيدريءَ جو پراڻو ڳوٺ انهيءَ شاخ تي آباد هو. رتو ڪوٽ جيڪو ريڙهي مياڻ لڳ آهي ۽ ديبل بندر ۽ گسري بندر به سنڌو جي انهيءَ شاخ تي آباد هئا.

ڪراچيءَ کان وٺي هيٺ ڏکڻ اوپر طرف ميرپور ساڪري لڳ بگهياڙ ڦاٽ جي پراڻي پيٽ تائين نيون يا پراڻيون وسنديون/ڳوٺ بندر يا مڇي مياڻ جي حيثيت رکنديون هيون، سي آهن. ڪراچي،

ڪلفٽن، گسري، واڳوڏر، ابراهيم حيدري، ريڙهي مياڻ، رتو ڪوٽ، ڪاري ڊهي واري مياڻ وٽيجي (اهي سڀ هاڻوڪي ڪراچي جي ساحل تي آهن) ماڙي مورڙو، پنيور، ٽنين واري مسجد، جاڪي بندر، ڏارجا ۽ راڻي ارجن جو ڪوٽ.

ابراهيم حيدري، واڳو ڏر ۽ ريڙهي مياڻ تائين قتل وسندين جا نشان موجود آهن. ڪجهه محققن جو خيال آهي ته واڳو ڏر، پنيور ۽ ماڙي مورڙو مان ڪنهن به هڪ کي ديبل قرار ڏيئي سگهجي ٿو. ماڙي مورڙو جا آثار ميرپور ساڪري تعلقي جي ديهه ڪيراٽي ۾ سمنڊ ڪناري آهن. انهن سيني جڳهن تي قديم آثارن واري ڪاتي پاران کوٽائي جي ضرورت آهي.

ڪراچي بابت ذڪر تاريخ جي ڪتابن ۾ حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان 325 سال اڳ پڻ ملي ٿو. ڪراچي جو ذڪر سڀ کان پهرئين يوناني مورخ ايرين جي لکڻين ۾ ملي ٿو. هو لکي ٿو ته، ”نيئرڪس جهازن جو لنگر ڪروڪولا جي ويجهو بندرگاهه (جنهن کي مورنٽو بارا چئي ٿو) ڪٽي ڪابي پاسي هڪ پهاڙ طرف هليو جنهن کي مقامي ماڻهو ايراس لي نالي سان سڏين ٿا. ان پهاڙ وٽ ڪپتان جهاز کي محفوظ جاءِ تي لنگر انداز ڪيو جنهن کي سڪندر اعظم جي پناهه گاهه چيو ويندو آهي“.

سڪندر ان دور ۾ سنڌ کي جهازن جي اچ وڃ وسيلي ميسو پوٽيما ۽ مصر سان ملائڻ پئي چاهيو. جنهن جو مقصد هو ته هندستان سان واپار ڪانسواءِ پنهنجي فتح ڪيل علائقن اوير پونچ سمنڊ کان وني، هندوڪش تائين نظرداري ۽ ڪنٽرول ۾ رکي سگهي جنهن لاءِ هن پٽالا بندر تي گوديون نهرايون هيون.

مشهور مورخ جيمز رينيل ۽ هيگ مطابق سڪندر اعظم جي فوجن جو ڪراچي جي پسگردائي مان گذرڻ ۽ ڪراچي جي بندر تي قيام ڪرڻ اهم تاريخي واقعو آهي. سڪندر اعظم اتر اولهه هندستان تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌو درياهه رستي سنڌ ۾ داخل ٿيو ان وقت پنجن رياستن ۾ ورهايل هو. (1) الور (اروڙ) (2) برهمڻ آباد (3) پٽيالا (4) ماهوتا ۽ سيوهڻ. انهن رياستن جي پنجن راجائن مان فقط ٻن سڪندر جو مقابلو ڪيو. باقي ٽن راجائن بنا ڪنهن ويڙهاند جي سڪندر جي اطاعت قبول ڪئي. ان کان پوءِ سڪندر سنڌ تي قبضو ڪيو. سڪندر سنڌ ۾ پنهنجو گورنر مقرر ڪري خشڪي رستي ايران ڏانهن روانو ٿيو.

سنڌ کان رواني ٿيڻ کان اڳ پنهنجي جرنيل نيئرڪس کي حڪم ڏنو ته هو دريا رستي سنڌ جي سمنڊ تائين پهچي هتان پوءِ خليج فارس کان ٿيندو فرات درياهه تائين وڃي، نيئرڪس ائين ڪيو. جڏهن هو سمنڊ تائين پهتو ته موسم خراب هئڻ ڪري هو هڪ قدرتي بندرگاهه تائين پهتو. ان محفوظ بندرگاهه ۾ هو پنهنجي سپاهين سميت ٽي هفتا رهيو.

مختلف قياس اهي آهن تہ اها جاءِ چري آءِ لينڊ آهي ۽ ڪراچي ڪي ڪروڪولا سمجهندا آهن. ايرين جي لکڻي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سڪندر اعظم جو ساموندي ٻيڙو سنڌ جي ڊيلٽا سان گڏ ڪراچي جي ساحل وٽان گذريو هو. هن جنگي جهاز جو ڪمان جنرل نيئرڪس جي هٿ هيٺ هو. يوناني تاريخ نويس ايرين موجب اهو جنگي جهاز مورنٽو بارا جي غير آباد ساحل وٽ لنگر انداز ٿيو هو. جنهن ڪي هتي جي رهواسين استري بندر (ڪنهن عورت جو بندر) ٿي سڏيو. يوناني جو اهو جنگي جهاز خراب موسم ڪري ٿي ڏينهن ان ساحل تي بيٺو هو. هنري پوٽنگر جو چوڻ آهي تہ "قديم زماني ۾ هي پورو علائقو جيڪو هاڻي ڪراچي جو ساحلي علائقو آهي ڪڪرالا يا ڪڪرالو جي نالي سڄاتو ويندو هو". جيمز رينيل ۽ ايم. ارهيگ هن جاءِ کي ڪراچيءَ جو بندرگاهہ قرار ڏنو آهي، ڊين ونسنٽ اسمٿ هن کي ڪياماڙي چيو آهي ۽ لئمرڪ لکي ٿو تہ "سڪندر اعظم جي زماني ۾ هاڻوڪي ڪياماڙيءَ کان ڪڏي تائين پوري علائقي تي هڪ عورت جي حڪومت هئي. ان لاءِ يونانين هن جو ذڪر استري بندر جي حيثيت سان ڪيو هو.

سڪندراعظم جو مشهور جنرل نيئرڪس (Nearchus) جڏهن سنڌ درياهہ مان ٿيندو سمنڊ ۾ داخل ٿيو هو تہ پنهنجا ٻيڙا هتي اچي لنگر انداز ڪيا هئائين، اهو واقعو 325 ق.م جو آهي. هو ان جاءِ کي ڪرو ڪالا چوي ٿو. جتي ان جو جهاز ننگر انداز ٿيو هو ان جاءِ تي اتر اولهہ پاسي هن کي هڪ قدرتي بندرگاهہ ملي ويو. جتي خراب موسم ڪري هو ٿي هفتا رهيو. ڊين ونسنٽ اسمٿ ان جاءِ کي ڪياماڙي قرار ڏئي ٿو. جڏهن تہ ايم آر هيگ ان جاءِ کي ڪراچي جو بندرگاهہ قرار ڏئي ٿو. ڊاڪٽر وليم ونسنٽ پنهنجي ڪتاب The Commerce Ancients in the Indian ocean ۾ لکي ٿو تہ "سڪندر اعظم جو مشهور جرنيل نيئرڪس نندي ڪنڌ تي ڪامياب فوج ڪشي کان پوءِ وطن واپس ورندي پنهنجي فوج سان گڏ 8 آڪٽوبر 326 ق.م ۾ ڪراچي جي پسگردائي ۾ قيام ڪيو. هن وقت ڪراچي کي ڪروڪالا چيو ويندو هو. ڪروڪالا جو مطلب "واڳون واري جاءِ".

قديم زماني کان سنڌ ۾ واڳون جي پوڄا ڪئي ويندي هئي ۽ ڪراچي ۾ واڳون ڏر هڪ قديم ماڳ اڄ بہ سمنڊ ڪناري ابراهيم حيدري ڳوٺ ۽ ريڙهي مياڻ جي وچ ۾ موجود آهي جتي واڳوئن جون قبرون بہ موجود آهن هتي هڪ چشمو بہ آهي. پوڄا جون اهي رسمون اڄ بہ ڪنهن ڪنهن طرح سان منگهو پير ۾ مور واڳون جي ميلي جي صورت ۾ موجود آهن. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ واڳون ڏر وارو علائقو ڪروڪالا آهي. هڪ ٻئي مورخ جيمز رينيل موجب نيارڪس جنهن جاءِ تي قيام ڪيو هو اهو جزيرو هو ۽ اهو جزيرو انتهائي پرڪشش هو تہ نيئرڪس متاثر ٿيڻ بنا رهي نہ سگهيو ۽ ان انهيءَ جزيري جو نالو سڪندر جي نالي "سڪندري

جنت“ رکيو. رينيل مطابق جنهن بيٽ تي نيئرڪس قيام ڪيو هو. اهو ڪياماڙي هو، هڪ بئي محقق ڪارٽر موجب سڪندر جنت ڪياماڙي بجاءِ واڳو ڏر وارو علائقو آهي.

جيستائين خوبصورت بيٽ جو تعلق آهي ته ڪنهن وقت واڳو ڏر ۽ ريڙهي مياڻ وارا علائقا هڪ پاسي سمنڊ ۽ سنڌو جي ڪناري هوندي بئي پاسي ملير ندي ۽ سمنڊ جي وچ واري علائقي ۾ هوندا هئا. ملير ۾ به سنڌو وانگر ٻارهوئي مهينا پاڻي هوندو هو. تنهنڪري اهي علائقا بيٽ وانگر هوندا هئا.

تاريخدان ايچ. ٽي ليمبرڪ H.T Lamberick پنهنجي ڪتاب ”Sind a General Introduction“ ۾ لکي ٿو ته، 326 ق.م ۾ جڏهن نيئرڪس ڪراچي جي ويجهو گذريو هو ته ان وقت ڪراچي بندر موجود هو ۽ هن بندرگاهه کي مورنٽو بارا جو نالو ڏنو هو. مورنٽوبارا يوناني ٻولي جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪنهن عورت جو بندر، خيال آهي ته جنهن وقت نيئرڪس ڪراچي واري علائقي ۾ آيو هو هتي ڪنهن عورت جي حڪمراني هئي. انهيءَ ڪان متاثر ٿي نيئرڪس ڪراچي کي مورنٽو بارا جو نالو ڏنو. نيئرڪس مونٽو بارا کي ٽر جي ٻوليءَ ۾ ”زالاٽو بندر“ سڏيو آهي. ايچ- ٽي لئمبرڪ، ايرين Arrian جي حوالي سان نيئرڪس جي بحري ٻيڙي کي سنڌو درياهه جي چوڙ وٽان گذري عربي سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ لکي ٿو ته:

”نيئرڪس جو ساموندي ٻيڙو 150 لانچن تي ٻڌل هو عربي سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ ڪيلاٽا Killata جزيري جو چڪر ڪاٽي ٻهرئين ”ڪروڪالا جزيري، پوءِ Bibkata جزيري تي پهچي ٿو. هتان ڪان هو وڏيڪ اولهه پاسي هلي Saka يعني ابراهيم حيدري ۽ گسري ڪان ٿيندو Oyster Rocks (رام جهروڪا) جي وچان گذري ڪراچي بندرگاهه (ڪياماڙي) پهچي ٿو. پوءِ هتان اتر اولهه پاسي سفر ڪري خليج فارس ۾ داخل ٿئي ٿو“.

لئمبرڪ سڪندري جنت جو نالو پير پٽي يا گِجي جي ويجهو Bibkta جزيري کي قرار ڏنو آهي. پر خود ايرين جي ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ اهو اندازو لڳائڻ سولو آهي ته سڪندر جنت ريڙهي مياڻ ۽ ڪياماڙي تائين وچ وارو علائقو آهي. هن وقت سنڌو درياهه جي شاخ جي هڪ شاخ جي ڪپ تي ابراهيم حيدري جو پراڻو ڳوٺ ۽ ريڙهي مياڻ آباد هئا. واڳو ڏر وارو علائقو سرسبز ۽ شاداب هو.

ايرين پنهنجي ڪتاب India جي جلد ٻهرئين ۾ جنهن جو ترجمو ميجر جنرل ايم. آر هيگ ”اندس ڊيلٽا ڪنٽري“ جي نالي سان ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ نيئرڪس جي عربي سمنڊ ۾ داخل ٿين ڪان پوءِ جا احوال بيان ڪيا ويا آهن جنهن مطابق:

”سڪندر اعظم پنجاب ۽ سنڌ کي فتح ڪري وطن واپس ورندي سنڌو درياهه جي ڏکڻ واري چيڙي تائين پهتو هتي ان اندس ڊيلٽا جي اولهه واري حصي تي پهچي ڪراچي جي ويجهو سمنڊ جي

موج مستي کان متاثر ٿيو ته ان ڪجهه وقت هتي رهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پنهنجي فوج جي هڪ دستي کي نيئرڪس جي ڪمان هيٺ ٻيڙين وسيلي خليج فارس ڏانهن روانو ڪيو پر تيز هوائن ڪري اهي ٻيڙيون ”ڪروڪالا“ وٽ لنگر انداز ٿيڻ تي مجبور ٿيون. جيڪو علائقو ڪراچي جي ويجهو هو. هن جاءِ جي ويجهو هڪ قبيلو آباد هو. جنهن جو نالو يونانين ARABIES لکيو آهي. ڪروڪالا کان پوءِ اهو فوجي دستو روانو ٿيو ۽ پوءِ اهي ماٿو ڪابي هٿ هڪ پهاڙي جي دامن کان گذريا. جنهن کي انهن ”ايروس“ جو نالو ڏنو، جيڪو اڄڪلهه ڪلفٽن جي نالي سان مشهور آهي. ان جي ساڄي هٿ هڪ جزيرو هو جنهن کي هاڻي ڪياماڙي چيو وڃي ٿو. هتان نڪري هو هڪ ويڪري ساحل تي لنگر انداز ٿيا ۽ جنرل نيئرڪس کي اها جاءِ پسند آئي. جنهن جي ڪري ان پنهنجي بادشاهه جي نالي پويان ان تي سڪندري جنت نالو رکيو. اها جاءِ تقريبن اهائي آهي جتي اڄ ڪراچي جو بندر آهي ان بندر کان ذري گهٽ چار سئو گز جي فاصلي تي هڪ جزيروBibakata هو جنهن کي هاڻي منهوڙا چيو وڃي ٿو، جزيرو سمنڊ ۾ هڪ اهڙي ديوار وانگر بنيل آهي جنهن جي ڪري هي وسيع ساحل ڪياماڙي وجود ۾ آيو آهي.“

پاڪستان نيوي جو هڪ ريٽائر ڪمانڊر مظهر حسين پنهنجي تحقيق ۾ لکيو آهي ته، (May 9, 1986 Daily Dawn Karachi) ”ڪورنگي ڪريڪ اصل ۾ Rock needle آهي. ڪلفٽن ۽ گذري انهن جزيرن کي نيئرڪس ”سڪندري جنت“ چيو آهي ته هتي اڳ پاڻي هو ۽ سمنڊ هٽڻ ڪري هاڻي اهي خشڪي جا حصا ٿيا آهن“.

اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب، ”ڪراچي، ماضي حال ۽ مستقبل Kurrachee past-present and future“ ۾ لکي ٿو ته: ”ڪراچي کي ڪروڪالا شناخت ڪرڻ جي سلسلي ۾ مختلف محقق بحث ڪيو آهي، ڪجهه ڪروڪالا کي ڪراچي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ ڪجهه ڪراچي کي پورٽ اليگزينڊر سان وڃي ملايو آهي. ڪجهه جو چوڻ آهي نيئرڪس جي سفر کان پوءِ سمنڊ جو ڪنارو ايتري قدر تبديل ٿي چڪو آهي جو نيئرڪس جنهن جزيري تي قيام ڪيو جنهن جي سڃاڻپ هاڻي ممڪن نه آهي. ڪراچي ڪنهن به طرح نيئرڪس جي قيام واري جاءِ نه آهي. اهڙي طرح نيئرڪس جي قيام واري جاءِ سون مياڻي بندرگاهه ۽ Capemonse جي وچ ۾ ڪنهن جاءِ تي آهي.“ اليگزينڊر ايف. بيلي ان ڳالهه کي سختيءَ سان رد ٿو ڪري ته، نيئرڪس جي اچڻ وقت منهوڙي جو ٻيٽ موجود هو. هو ان ڳالهه کي سراسر غلط ۽ بي بنياد قرار ڏيئي ٿو.

اسان جا سڀ محقق ڪروڪالا، مورنٽو بارا ۽ سڪندري جنت وارن جاين جي سلسلي ۾ ڪنهن هڪ نقطي تي متفق نه آهن ته اهي ڪنهن جاءِ جا نالا آهن. پر حقيقت آهي ته اهي نالا ڪراچي جي مختلف ساحلن تي آباد بندرن جا نالا آهن. ڪروڪالا ۽ ڪراچي ڪن ۾ گهڻي حد تائين

هڪجهڙائي آهي چاڪاڻ ته يونانين جي هن لفظ جو تلفظ صحيح اچاري نه سگهيا آهن جنهن جي ڪري انهن ڪلاچي ڪن کي ڪروڪالا چيو آهي. ٻي ڳالهه جيڪا اهم آهي اها هي ته ”ڪل“ بلوچي ٻوليءَ ۾ ”ڪن“ يا اونهي کڏ کي چئبو آهي جنهن جي ڪري ممڪن آهي اهو ڪراچي ڪل (ڪراچي ڪن) جي ڪري يوناني ان کي ڪراچي ڪل بجاءِ ڪروڪالا چيو آهي جامعيه مليه ملير واري علائقي ۾ جيڪو قبرستان آهي هن کي ۽ هن جي آس پاس واري علائقي کي انگريز دور تائين ”گروڪل“ چيو ويندو هو. چيو وڃي ٿو ته گرو ڪنهن واڻئي جو نالو هو هتي ملير نئين ڪري هڪ ”ڪن“ نهي ويو هو. جيڪو گرو واڻئي جي حوالي هو تنهنڪري هن کي گروڪل چيو ويو. گروڪل، ڪروڪالا، ڪراچي ڪل جي لفظن ڏانهن محققن کي ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته انهن سيني لفظن ۾ هڪجهڙائي آهي. وقت سان گڏوگڏ انهن جي تلفظ ۾ تبديلي آئي هوندي؟
يوناني ٻوليءَ ۾ ڪروڪالا جو مطلب واڳون واري جاءِ، ممڪن ته هن ڪن ۾ واڳون موجود هوندا. ٻي ڳالهه جيڪا اڳ ۾ به لکي آيو آهيان ته جيڪڏهن ڪروڪالا، ڪراچي ڪن واري جاءِ نه آهي ۽ يوناني ٻولي ۾ ڪروڪالا ٻئي هڪ ئي جاءِ يا هڪٻئي جي ويجهي وارا علائقا ٿي سگهن ٿا. وڌيڪ تحقيق سان اسان ڪنهن نتيجي تي پهچنداسين ته ڪروڪالا وارو علائقو واڳون ڏر آهي يا لياري ندي جي چوڙ وارو علائقو آهي، جتي ڪراچي جو ڪن هو. ڪروڪالا کي انهن ٻنهي جاين تي ئي ڳولڻ گهرجي. نيئرڪس جي سفر ۽ هاٿوڪي ٻيهڪ جي لحاظ کان منهنجي خيال موجب ڪروڪالا واڳو ڏر وارو علائقو آهي. هاٿي نيئرڪس کي ڪٽي اسان اڳتي وڌون ٿا. نيئرڪس وڌيڪ لکي ٿو ته، ان کان اڳتي نئين ”نڙ“ وارو پراٽو لنگهه هو. اربيس Arabis ندي جي چوڙ ويجهو سنو بندر هو. سڪيءَ اندر وڃڻ کان پوءِ هڪڙي تلاءَ ۾ پاڻي هٿ آيو. بندر جي پرسان هڪ اٿانهون غيرآباد ٻيٽ آهي. هيستائين اربيتي/ اربيتا Arabiti لوڪ رهندڙ هئا جي هندستان جي الهندي پاسي جي آخري قوم آهن. هتان کان اڳي اوراتي/ اوريتاءَ لوڪن جي والار هئي.
اربيس بنا ڪنهن شڪ جي حب ندي آهي ۽ جنهن ناڙ/ نڙ نئين جو ذڪر نيئرڪس ڪيو آهي. اهو يقيناً لياري ندي آهي. اربيس جي چوڙ جي ويجهو جنهن بندر جو ذڪر نيئرڪس ڪيو آهي اهو ڪڙڪ يا ڪرڪ بندر هو. جنهن بندر ۾ متي اچڻ ڪري پوجو مل واپاري سميت ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪراچي جو رخ ڪيو هو. نيئرڪس انهيءَ هنڌ مٺي پاڻيءَ جي هڪڙي تلاءَ جو به ذڪر ڪيو آهي. اڄ به حب ندي جي چوڙ وٽ منجهار جي علائقي ۾ جبلن اندر تلاءَ آهن جتي مٺو پاڻي موجود آهي. منجهار، ٻٽ ڪوڙي ۽ مبارڪ ڳوٺ جا رهواسي پاڻي نه هجڻ جي صورت ۾ هتان پاڻي حاصل ڪندا آهن.

ايرين پنهنجي ڪتاب انڊيڪا Indica ۾ اربيس ندي کان پوءِ ”راس مونزي“ جو ذڪر ڪيو آهي. جتي سڪندر ساموندي ساحل تائين پيشقدمي ڪري پهتو . اهو جابلو سلسلو ”راس ميلان“ اڄ به انهيءَ نالي سان مشهور آهي. هنگلاج مندر ۽ هنگلول ندي به انهيءَ سلسلي ۾ آهن. جيڪو هاڻي لسٻيلي ضلعي ۾ آهي. حب ندي پار ايرين مطابق اورئٽي لوڪ رهندڙ هئا. ان سفر دوران نيئرڪس جن ٻن علائقن سارنگ ۽ ساڪل جو ذڪر ڪيو آهي، ايچ ٽي لئمبرڪ H.T Lamberick پنهنجي ڪتاب Sind a General Introduction ۾ انهن جاين کي ترتيبوار ”وتيجي“ ۽ ”ابراهيم حيدري“ ڄاڻائي ٿو. گذري/ گسري ڪاري جا ملير نديءَ جي چوڙ Estuary آهي، سا به ڪنهن زماني ۾ هتي اچي ان ڪاريءَ سان ملندي هئي.

ملير واري سرسبز علائقي جو ذڪر به يوناني تاريخ نويسن جي لکڻين ۾ ملي ٿو. جڏهن سڪندر اعظم ايران فتح ڪرڻ کان پوءِ افغانستان کان ٿيندو پنجاب ۽ سنڌ جو رخ ڪيو ته هتي به انهن وونٽن جو فصل ڏنو. يوناني فوج جڏهن ملير جي زرخيز علائقن مان گذري هئي ته هتي به انهن وونئڻ جو فصل ڏنو هو. ملير واري علائقي ۾ سڪندر اعظم جي فوج ڪجهه وقت پڻ قيام ڪيو هو. هتي سڪندراعظم فوج جي پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ کوهه کوٽيا هئا. کوهن وارو سلسلو اڄ به ملير ۾ موجود آهي ۽ وونڻ اڄ به ملير جو اهم فصل آهي.

ايرين پنهنجي ڪتاب The learning of Alexander جنهن جو سنڌي ترجمو عطا محمد ڀنڀري ”سڪندر جي ڪاهه“ نالي ڪيو آهي. لکي ٿو ته، ”پٽيالا (هاٿوڪو حيدرآباد) ۾ نيئرڪس به موسم جي تبديلي جي انتظار م وينو رهيو. سڪندر پنهنجو سارو لشڪر وٺي آربيس درياهه ڏانهن روانو ٿيو. پوءِ اولهه پاسي موڙ کائي ساموندي ڪناري ڏانهن آيو. سندس مقصد اهو ته نيئرڪس جي ساموندي سفر وقت پيئڻ جوڳي پاڻي جي تڪليف ڏور ڪرڻ لاءِ کوهه کوٽي سگهجن.“

ان ڳالهه مان اها شاهدي ملي ٿي ته سڪندر جو پيادل فوج درياهه جي ڪناري هليو هوندو ۽ پوءِ آربيس ندي (حب ندي) ڏانهن ويو. سڪندر ملير واري علائقي مان گذري پوءِ اربيس درياهه (حب ندي) ڏانهن ويو. ايرين لکي ٿو ته ”آربيس ندي ڏانهن ويندي رات جو درياهه اڪريو جيڪو درياهه بدران واهڙ هو ملڪ جو گهڻو ڀاڱو ويران هو، باک ڦٽي ڏاري هڪ آباد علائقي ۾ آيا. هن پنهنجي پيادي فوج جي صف بڌي ڪئي ۽ ڀنيان اچڻ جو حڪم ڏنو. آرام لاءِ هڪ نديءَ پرسان ٿورو ترسيا.

آربيس ندي ڏانهن ويندي جنهن نديءَ پرسان آرام ڪيو ويو اهو يقينن ملير ندي آهي. باک ڦٽي ڏاري جنهن آباد علائقي ۾ آيا اهو ملير جو علائقو هو.

هڪ هزار سال کان پوءِ چيني سياح يوان چانگ Yuan Chawing پنهنجي سنڌ جي سفر جو احوال لکندي ڏکڻ سنڌ ۾ عورت راڄ جو ذڪر ڪري ٿو. هي به احوال ٻڌائين ٿا ته آڳاٽي زماني ۾ ڪراچي جي ساحل جي ڪنهن حصي تي عورت جي حڪومت رهي آهي. عورت جي حڪمراني ۽ زالاٽو بندر جو ذڪر ته ڪيل آهي پر ان جو نالو نه ٻڌايو ويو آهي. لڳي ٿو ته عورت جي حڪراني جو سلسلو مائي ڪلاچي تائين هڪ تسلسل جي ڪڙي آهي. ڪراچي جي هاڱوڪي بندرگاهه ۽ آسپاس مچي مياڻن ڪي مختلف دورن ۾ مختلف نالن سان پڪاريو ويندو هو. ڪروڪالا، ڪڪرالو يا ڪڪرالا، مورنٽو بارا، استري بندر ۽ ڏڙبو ان جا پراڻا نالا آهن. ڊاڪٽر نواس رتي پنهنجي هڪ تحقيق ۾ رگ ويد ۾ جنهن ساموندي لڙائيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ قديم رشي حڪمران نگر جو پٽ راڄ ڪمار پيجيو ساموندي ڌاڙيلن سان مقابلي لاءِ جنهن بندرگاهه تان روانو ٿيو هو، قوي امڪان آهي ته اها جاءِ هاڱوڪي ڪراچي آهي ۽ جنهن جاءِ تي لڙائي لڳي هئي اها جاءِ موجوده بحرين واري جاءِ آهي.

1774ع ۾ انگلستان جي هڪ بحري مهم خليج فارس ۽ عربي سمنڊ جي بندرگاهن تي تحقيق لاءِ ماسڪل جي رهنمائيءَ ۾ جيڪا ٽيم تشڪيل ڏني هئي ان جي ناهيل نقشن ۾ ڪراچي جي بندرگاهه واري جاءِ تي ڪروڪالا يا ڪاروڪالا جي نشاندهي پڻ ٿيل آهي. ماسڪل جي اڳواڻي ۾ برطانيا جا ٽي جهاز (1) S.S Dolphin (2) S.S.Fox (3) S.S Pilamara هن مهم ۾ شامل هئا.

انهن لکڻين ۽ سفرنامن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته ڪراچي وارو ساحلي بندر، ابراهيم حيدري، واڳو ڏر، ريڙهي مياڻ، رتوڪوٽ، وٿيجي، حب، ملير ۽ منگهو پير وارا علائقا هميشه موجود رهيا آهن. پوءِ چاهي اهي کهڙي نالي سان سڏيا ويا هجن. سنڌو درياهه جي تبديلي ڪري ۽ ڪناري واري حصي جي هر وقت تبديلي ٿيندڙ روش ڪري ڪراچي جي ساحل تي مختلف ننڍن بندرن، ڳوٺن، مچي مياڻن سميت ديبل، رتوڪوٽ وارا علائقا جيڪي مشهور بندر هئا پنهنجي اهميت وڃائي وينا. پوءِ انهن بندر جي اهميت فقط ڳوٺن ۽ انهن پاران گذر بسر ڪرڻ لاءِ مچي مياڻن ۾ تبديل ٿيا. وڏن جهازن ۾ ايران، مڪران ۽ خليج مان ايندڙ مسافرن واپاري قافلن به انهن جو رخ نه ڪيو ۽ پوءِ تاريخ به انهن کان منهن موڙي ويئي.

**<u>عربن، سومرن، سمن، ترخانن، ارغونن ۽ مغلن جو دور:</u>**

هڪ ڊگهي عرصي جي خاموشيءَ کان پوءِ چچ دور ۾ محمد بن قاسم جي حملي وقت به ڪراچي جو ذڪر ملي ٿو.

اعجاز الحق قدوسي پنهنجي ڪتاب ”تاريخ سنڌ“ حصي پهرئين ۾ لکي ٿو ته: ”مورخن مطابق ديبل تي حملي وقت محمد بن قاسم جي فوجن جو ضروري جنگي سامان ٻيڙين وسيلي ”ڏڙبو“ آندو

ويو چاڪاڻ ته ان وقت ديبل جي ويجهو ٻيو ڪو به بندر نه هو. ان ڪري اها ڳالهه وزن دار آهي ته محمد بن قاسم ڏڙٻو ڪراچي کي چيو آهي. محمد بن قاسم ان قدرتي بندرگاهه کي پنهنجو پهريون منزل ڄاڻايو آهي. ڪلاچي بندر جو ئي نالو انهن وقت ۾ ڏڙٻو هو."



**راجا ڏاهر**

ڪجهه تاريخ دانن جو خيال آهي ته هي عربي زبان جو لفظ آهي. "الدرب" يا "درب" معنيٰ رستو آهي. عرب سنڌ جي پهرئين انهيءَ بندرگاهه تي آيا ۽ هتان ئي اڳيان ويا هئا. انهيءَ لاءِ انهن هند کي "درب" معنيٰ رستو، يعني هند جو رستو "درب الهند" سڏيو. جيڪو بعد ۾ بگڙجي ڏڙٻو بڻجي ويو.

ڏڙٻو سنڌي نالو آهي. مغلن جي دور ۾ گهڻن سگهڙن "ڏڙٻي" کي بيتن ۾ استعمال ڪيو آهي. براهيم لنگهو جيڪو ملير جو مشهور سگهڙ هو. برفتن ۽ جاڪرن جي وچ ۾ ڳڏاپ ۾ لڳل جنگ تي چيل بيت جو هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو جنهن ۾ ڏڙٻي جو ذڪر آهي.

<u>**هاڻي راڄن لڏون واريون وٿو ڏڙٻي جو ديدار**</u>

جيڪو عربن جي اچڻ کان اڳ ۾ انهيءَ بندر لاءِ استعمال ٿيندو هو. ٻين مسلمانن تاريخ دانن وانگر اعجاز الحق القدسي به ڏڙٻو جو تعلق عربن سان جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪراچي وارو علائقو عربن جي اچڻ کان اڳ به موجود هو ۽ هتي هڪ اهم قدرتي بندرگاهه هو جنهن کي محمد بن قاسم مڪران کان ايندي استعمال ڪيو هو. اڳ ۾ لکي آيو آهيان ته گهڻن محققن جو خيال آهي ۽ خود تاريخ نويسن ۽ ان دور جي سفر نامن مان اندازو ٿئي ٿو ته "ديبل" ڪراچي واري ساحل تي هو. هتي موجود قديم آثارن جي کوٽائي سان اسان ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهنداسين.

سنڌ ۾ عرب دور جي پڄاڻي کان پوءِ 1026ع ۾ محمود غزنوي، شهاب الدين، ناصر الدين قباچا (آخري ٻئي ترڪ غلام هئا) سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ هن کي دهلي جي هٿ هيٺ ڪيو. 1053ع ڌاري سومرا طاقت ۾ آيا جن سنڌ ۾ خودمختيار حڪومت قائم ڪئي. سومرن کان پوءِ سما 1351ع ۾

سنڌ جا حڪمران ٿيا ۽ 1519ع تائين حڪومت ڪئي. ان دور جي آخر ۾ يعني 1580ع ۾ ڪراچي واري علائقي ۾ مورڙي ميربحر جو قصو ٿئي ٿو. ان وقت رني ڪوٽ کان سون مياڻي تائين راجا دلوراءِ جي حڪومت هئي. ان وقت ڏڀو بندر لڳ لياري نئين جي چوڙ وٽ هڪ ڪن هو جيڪو ڪلاچيءَ جي ڪن ڪري مشهور هو جتي مورڙي جي ڀائرن کي وڏي شاهي مڇي (شارڪ) ڳڙڪايو هو. مورڙي بعد ۾ مڇ کي ماري پنهنجي ڀائرن جا لاش سندس پيٽ مان ٻاهر ڪڍيا. سمن ۽ سومرن جي دور ۾ سگهڙن هن واقعي تي بيت چيا ۽ انهن بيتن ۾ ڪلاچي جي ڪن جو ذڪر آهي.

تنهن ڪري اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته ڪلاچي جو ڪن سمن جي شروعاتي دور ۽ سومرن جي آخري دور ۾ موجود هو. جنهن کي ڪلهوڙن جي دور جي شاعرن پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪيو آهي. (مورڙي بابت تفصيل ڪتاب جي باب "ڪو جو قهر ڪلاچ ۾" ڏنل آهي) ڪلاچي جي ڪن جي ڪري پوءِ اهو پورو علائقو ڪلاچي سڏجڻ لڳو ۽ مشهوري ڪلاچي کي ملي ٻيا ننڍا ننڍا بندر جيڪي مختلف نالن سان هتي موجود هئا، ڪلاچي جي شهرت ۾ اهي گمنامي ۾ هليا ويا ۽ پوءِ ڪلاچي، ڪوره، ڪراشي، ڪروچي، جو سفر طئي ڪري ڪراچي تائين پهتي.

ڪلاچي جي ڪُن تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

ڪراچي تي اهو نالو ڪلاچيءَ جي ڪن ڪري پيو. اها ته تصديق ٿيل ڳالهه آهي ۽ اهو نالو پهريون ڀيرو 1357ع ۾ هڪ ترڪ جهازي پنهنجي ڪتاب ۾ "ڪراشي" طور استعمال ڪيو. مورڙي ميربحر جي واقعي ڪري ڪراچي جي ڪن کي مشهوري ملي ۽ مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ سگهڙن ۽ شاعرن هن لفظ "ڪراچي جي ڪن" کي ڪثرت سان استعمال ڪيو.

ڪلهوڙن جي دور ۾ شاعرن جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي سر گهاتو ۾ مورڙي ميربحر واري داستان ۾ ڪلاچي ۽ ڪلاچ جو لفظ استعمال ڪيو آهي.

"ڪلاچيان ڪهي، ڪڏهن ڪونه آئيو."

-

ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، گهڙي سونئي
خبر ڪونه ڏئي، ته رچ ڪڄاڙي رنديا؟

-

ڪالهه ڪلاچي ويا، ڇتيون ڪٽي ڇڳير

امين ڪٽي، جنهن جو ذڪر پهرئين ڪري آيو آهيان جيڪو بہ ڪلهوڙن جي اوائلي دور جو سگهڙ هو. هن جا بيت هيٺ ڏجن ٿا.

-

ڪالهہ ڪلاچي ڪن تي، ويا جولي جار ڪٽي

يا

ڪيرا ڪُن ڪلاچ تي، وجيو ڪاهہ منجهان ڪوڙين

اڄ سيان لوڙين، اکر ايرادت جو

ياد رهي تہ ڪراچي لاءِ ڏڙبو، مورتنو بارا، ڪروڪالا وغيره نالا مختلف دورن ۾ استعمال ٿيندا هئا. جنهن تي اڳ ۾ بحث ڪري آيو آهيان. هتي ڪراچي جي نالي تي بحث ڪنداسين اهو طئي ٿيل آهي تہ ڪراچي جي ڪن جي ڪري هن علائقي جو نالو پهرين ڪلاچي پوءِ آهستہ آهستہ ڪراچي ٿي ويو. ڪراچي جو ڪن هاٺوڪي ڪڏي واري جاءِ تي هو جتي لياري ندي جي تيز چوڙ ڪري اهو ڪن نهي پيو هو. جڏهن لياري جو رخ تبديل ڪيو ويو اهو ڪن سڪي ويو ۽ خالي ڪڏ وڃي بچي ۽ پوءِ انهيءَ ڪڏ ڪري هن علائقي جو نالو ڪڏو چيو ويو جيڪو اڄ بہ انهيءَ نالي سان موجود آهي. هن جو نالو ڪراچي ڪيئن پيو؟ هڪ خيال اهو آهي تہ ڪولاچي يا ڪلاچو قبيلي جي ماڻهن جي هتي رهائش ڪري ان ڪن جو نالو ڪُولاچي، ڪلاچي ۽ پوءِ ڪراچي پيو آهي. ڪُولاچي بلوچ قوم جي هڪ قبيلي کي چيو وڃي ٿو. بلوچستان جي علائقي مڪران ۾ بہ علائقا ڪولانچ نالي مشهور آهن جنهن مان هڪ يونين ڪائونسل پڻ آهي. تاريخ مان اها ڳالهہ ملي تہ خان آف قلات جي دور ۾ ڪولاچي قبيلي جا ڪجهہ ماڻهو مني در ڪان ٻاهر لياري نئين تي اچي آباد ٿيا جن جو ذڪر ڪمانڊر ڪارليس ۽ پوٽنگر پنهنجن سفرنامن ۾ ڪيو آهي. ڪلاچي جي ڪن جو ذڪر سومرن ۽ سمن جي دور سگهڙن جي بيتن ۾ ملي ٿو. ڪلهوڙن جي دور ۾ اهو نالو ڪثرت سان استعمال ٿيو آهي. مائي ڪُلاچي جو ذڪر گهٽو ملي ٿو پر ڪولاچي قبيلي جو ايترو احوال تاريخ ۾ نہ ٿو ملي ۽ نہ ئي هي قبيلو هن وقت ڪراچي ۾ موجود آهي.

ڪراچي يا قلاتي جي باري ۾ ڪجهہ محققن جو چوڻ آهي تہ ”قلات جي قبضي کان بہ اڳ قلات ۽ لسٻيلي وارن جو ڪراچي واري علائقي سان گهرو رابطو هو. واپار جي ڪري اچ وڃ گهڻو هوندو هو. قلات ۽ لسٻيلي جي ماڻهن سان ڪراچي جو هڪ مضبوط رشتو قائم هو ۽ انهن ماڻهن جي هتي نئين وسندي قائم ٿي جنهن جو نالو قلاتي مشهور ٿيو. بعد ۾ قلاتي مان ڪلاچي ۽ پوءِ ڪراچي پيو.“ اها وسندي ڪن جي ويجهو هئڻ ڪري هن ڪن جو نالو بہ ڪلاچي پيو. قلاتي جي لفظي معني قلات وارا.

ڪراچي تي ڪنهن دور ۾ جڏهن راجا رام ديو جي حاڪميت هئي ان وقت بہ قلات وارن ڪلاچي تي حملو ڪيو جنهن جو ذڪر منگهي پير روڊ تي ميوہ شاهہ قبرستان ويجهو هندن جي وڏي مساڻ جي چئن ٿنين تي سنسڪرت ۾ لکيل هو.

هڪ روايت اها آهي ۽ مضبوط روايت آهي تہ هتي مهاڻن جي انهن جهوپڙين ۾ سياڻي مائي ڪلاچي رهندي هئي جيڪا ڳوٺ جي وڏي هئي ۽ هن ڪن سان مائي ڪلاچي جي انسيت هئي اها هن جي ملڪيت هئي. هتان جيڪي مڇي ماري ويندي هئي. هن مان ڪجهہ حصو مائي ڪلاچي جي حوالي ڪيو ويندو هو. چاڪاڻ تہ ڳوٺ ۾ جيڪي مهمان وغيرہ ايندا هئا هن جو خرچ ڳوٺ جي وڏيري هئڻ ڪري مائي ڪلاچي جي ڪٽنب تي هوندو هو ۽ اهو خرچ ڪن مان حاصل ٿيندڙ مڇي مان پورو ڪيو ويندو هو. جيئن تہ ماهيگيري ڪا ذات نہ پر ڌنڌو آهي جنهن سان اڄ بہ گهڻن ذاتن، قبيلن ۽ قومن جا ماڻهو واڳيل آهن اڄ بہ ڪراچي جي سمنڊ ۾ بلوچ، سيد، سماٽ، پناڻ ۽ بنگالي هن ڌنڌي سان واڳيل آهن، مائي ڪُلاچي جو تعلق ڪهڙي ذات ۽ قبيلي سان هو. هن تي تحقيق جي ضرورت آهي.

جنهن جي ڪري ساحل جي هن حصي جو نالو ”ڪلاچيءَ جو ڪن“ هو. مورڙي ميربحر جي پاڻرن جي واقعي کان پوءِ هن کي مشهوري ملي ۽ ائين اهو علائقو ”ڪلاچي جي ڪن“ مان ڦري ڪراچي، ڪراچر، ڪراشر ۽ ڪراچي ٿيو. سنڌ ۾ اڪثر ڪري ”ل“ کي ”ر“ لفظ ۾ تبديل ڪري اُچاريو وڃي ٿو. جيئن ڪلاچي کي ڪراچر، ڪلمتي کي ڪرمتي، جام عالي کي جام آري، تلوار کي ترار ۽ بلفت کي برفت چيو وڃي ٿو.

يوناني تاريخ نويسن استري بندر يعني زالاٽو بندر جو ذڪر ڪيو آهي ۽ چيني سياح جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ئي ڪيو آهي پنهنجي سفر ۾ هتي عورت جي حڪمراني جو ذڪر ڪيو آهي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ جو انهيءَ دور ۾ بہ هن بندر جو نالو ڪلاچي هجي. تلفظ صحيح نہ اچارڻ ڪري انهن هن کي چڏي ڏنو ۽ فقط هن کي استري بندر لکيو هجي. سيٺ نائون مل هوتچند پنهنجي ”يادگيرين“ ۾ لکي ٿو تہ ”ڪراچي هڪ ميربحر مرد جو نالو هو.“ پر اهو درست نہ آهي ۽ نائون مل جهڙي ماڻهو اها غلطي ڪئين ڪئي. اها ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي.

هڪ ڪچهريءَ ۾، ”ڪراچي جي ڪرو واري ميمڻ هڪ ڳالهہ ڪئي جنهن تي ڪلڻ ڪانسواءِ ڪجهہ نٿو ڪري سگهجي پر اها ڳالهہ هتي ڪرڻ ضروري آهي. ميمڻ ٻڌايو تہ جڏهن شروع ۾ هڪ انگريز هتي آيو هن انگريزيءَ ۾ پڇيو تہ هن علائقي جو نالو ڇا آهي“ ميمڻ کي انگريزي سمجهہ ۾ نہ آئي پڇيائين تہ، ”ڪروچي“ معنيٰ ڇا ٿو چوين؟“ تنهنڪري انگريز سمجهيو تہ هن علائقي

جو نالو ”ڪروچي“ آهي.. جيڪو بعد ۾ بگڙجي ڪراچي ٿي پيو. پر اهي ڪرو وارا ميمڻ گهٽو پوءِ ڪراچيءَ ۾ آيا آهن.

1885ع ۾ شايع ٿيندڙ اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب Kurrachee past, present and future ۾ هن لفظن جي تلفظ تي اختلاف هئڻ ڪري هن لفظ کي Koratchey, Curchey, Krotchey, Crochey, Cranyee ۽ Karachi به لکيو آهي.

ڪلاچي جي سلسلي ۾ هڪ ٻي ڳالهه به غور ڪرڻ جهڙي آهي ته انهيءَ نالي سان ملندڙ ڪراچي جي ويجهو ٻيا به علائقا آهن. جن جي آخر ۾ به چي يا جي ڪتب آندو ويو آهي. ڪلا + چي وانگر اُهي به ٻن لفظن جا مرڪب آهن. مثال طور ڏاٻيچي، لنگهيجي، ڪديجي، جوريجي، وٿيجي، ٻلهيجي جيڪي سڀ علائقا هن وقت ڪراچي ۾ شامل آهن ۽ اهڙو ئي هڪ نالو ڪراچي جي ڊنگ تي بلوچستان ۾ شامل آهي. جيڪو ”ڏريجي“ آهي. بدين ۾ گولاڙچي آهي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڪلاچي جي پهرئين ڪلا جي هجي جيڪو بگڙجي بعد ۾ ڪلاچي ٿيو هجي. مٿس بيان سيني نالن ۾ گهٽا ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ”جي“ جي بجاءِ ”چي“ به اچاريندا آهن انهن ٻنهي لفظن جي معنيٰ ڳڏيل طور ”جي“ معنيٰ ”واري“ آهي. جيئن وٿيجي معنيٰ وٿ (آڌ) واري، لنگهجي معنيٰ لنگهه (گذرڻ) واري جاءِ. جوريجي معنيٰ جهورن (هڪ ٻوٽي)واري جاءِ، ڏاٻيجي معنيٰ ”ڏاٻ“ (قتل ڪڌ) واري ۽ ائين ڪلاچي به ڪلا+ جي معنيٰ ڪلا واري جاءِ يا ڪن به ٿي سگهي ٿو. اهو ڪن يا جوءِ ڪلا نالي ڪنهن عورت جي هجڻ ڪري هن کي ”ڪلا جي“ جيڪو بعد ۾ بگڙجي ”ڪلاچي“ ٿيو هجي. هونءَ به ڪلان معنيٰ وڏو ۽ ”چي“ ٻينڪ يا ڳوٺ طور به استعمال ٿيندو آهي. معنيٰ ڪلا يا ڪلان جو ڳوٺ يا ٻينڪ به ٿي سگهي ٿو. ڪراچي لياري ۾ هڪ علائقو ڪلاڪوٽ به آهي جتي ڪلا جو ڪوٽ هوندو هو ۽ پوءِ اهو علائقو ڪلاڪوٽ مشهور ٿيو. اهو ڪوٽ به انهيءَ مائي ”ڪلا“ جو هجي جنهن جي نالي سان ”ڪلا+جي وارو ڪن هوندو هو جيڪو بعد ۾ ڪلا جي مان ڪلاچي ۽ پوءِ ڪراچي ٿيو هجي.

ڪنهن دور ۾ ڪراچي ۽ ان جي آسپاس علائقي تي جوڌپور جي راجپوتن جو راڄ هو. جيڪڏهن تاريخ جي ورقن ۾ اسان جوڌپور جي انهن راجائن جو نالو نشان ڳولي ونون ته پوءِ يقينن اسان ڪراچي متعلق ڪنهن نتيجي تي به پهچي سگهنداسين. ٻيو سنڌ جي علم ۽ ادب جو مرڪز ٺٽو هو. تاريخ متعلق ۽ سنڌ جي علائقن ۽ ڳوٺن متعلق حال احوال ضرور قلمبند ٿيا هوندا. ٻيو نه ته بادشاهن مختلف علائقن، بندرن تان ڍل ۽ محصول اوڳاڙيو هوندو انهن جو حساب ڪتاب به رکيو هوندو. وقت جي قاضين مختلف علائقن ۾ ٿيندڙ جزائن ۽ سزائن، مندرن ۽ مسجدن واپاري قافلن ۽ رستن جو ريڪارڊ ته رکيو هوندو ۽ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهڙو تمام مواد ٺٽي ۾

جيڪو سنڌ جي علم، ادب ۽ تاريخ جو مرڪز هو ضرور موجود هوندو. 1521ع ارغونن سنڌ تي قبضو ڪيو. 1545ع ۾ ترخانن هنن کان اقتدار ڪسي ورتو. 1556-7ع ۾ عيسيٰ خان ترخان جي مدد لاءِ ايندڙ پورچوگيزن کي عيسيٰ خان اهميت نہ ڏني تہ ٺٽي تي حملو ڪيو ۽ سڄي شهر کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو. هنن هتان ايترو مال لٽيو جو ايشيا تہ ڇا پر دنيا ۾ شايد ئي ڪنهن قوم کي ايترو مال غنيمت هٿ آيو هجي جيترو پورچوگيزن کي سنڌ مان مليو هو. لڳي ٿو تہ ان وقت جو پورو تاريخي مواد، ڪتاب، دستاويز سڀ ڪجهہ حرص ۽ حوص جي انهي باهہ جي شعلن جي نظر ٿي ويو ۽ يا انهيءَ ڦر لٽ ۾ اهو تمام قديم تاريخي مواد بہ هو پاڻ سان گڏ کڻي ويا. خود ارغون، ترخان ۽ مغل بہ لٽيرا هئا، انهن بہ سنڌ جي هر شهر تي حملو ڪيو ۽ ان کي لٽيو، انهيءَ لٽ مار ۾ انهن تاريخي ڪتب خانن سان جيڪو ظلم ٿيو جنهن جو نتيجو اڄ تائين سنڌ جي تاريخ سان، هن جي تاريخي مواد سان، هن جي تاريخي ڪتب خانن سان جيڪو ظلم ٿيو جنهن جو نتيجو اڄ تائين اسان ڀوڳي رهيا آهيون ۽ پنهنجي تاريخ لکي نہ سگهيا آهيون ۽ اوندهہ ۾ هٿوراڙيون پيا هڻون. 1545ع ۾ سنڌ ۾ ارغونن کان پوءِ ترخانن جي حڪومت قائم ٿي. مرزا عيسيٰ خان ترخان جي دور ۾ 1557ع ۾ هڪ ترڪ جهاز ران ڪئپٽن سيدي علي رئيس نٺدي ڪنڌ جي بندرگاهن جي تحقيق جي لاءِ عربي سمنڊ جو دورو ڪيو هو. ان انهيءَ دوري جا تفصيل پنهنجي ڪتاب ”محيط“ ۾ بيان ڪيا آهن. هي ڪتاب مڪي شريف مان عربي ۾ شايع ٿيو، بعد ۾ هڪ انگريز MR: Baron Joseph Hammer هن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سيدي علي رئيس ”محيط“ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: ”عربي سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ وقت هي محسوس ٿئي ٿو تہ جهاز جاشڪ (هڪ ايراني بندرگاهہ) ڏانهن ساموندي طوفان ڏانهن وڃي رهيو آهي تہ جهاز کي طوفان کان بچائڻ لاءِ مڪران جي ساحل کان گوادر ۽ ڪلمت بندر ڏانهن نيو وڃي يا پوءِ ڪراشي بندرگاهہ ۾ پناهہ وٺڻ گهرجي. ڪراشي لاهور ۽ ملتان جي بندرگاهہ آهي. اهڙي طرح جهاز کي ٻڏڻ کان بچائي سگهجي ٿو.“

ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ 1557ع ۾ ڪراچي بندرگاهہ انهيءَ نالي سان مشهور هو. عرب ليکڪ ”چ“ جي اچار کي ”ش“ لکيو آهي. عربي ۾ ”چ“ وارو لفظ ڪونهي جنهن ڪري هو ”چرچل“ کي ”شرشل“ لکن ٿا، ۽ انهي ڪري هن ڪراچي کي ڪراشي لکيو آهي. مغل دور ۾ مرزا جاني بيگ، ۽ مغل لشڪر جي وچ ۾ ڊگهي عرصي تائين جنگ کان پوءِ ٻنهي ڌرين ۾ پرچاءُ ٿيو ۽ ان پرچاءَ جي خوشيءَ ۾ مرزا جاني بيگ، عبدالرحيم خان خانان ۽ ٻين سردارن کي لاهري/ لاڙي بندر کان ويهہ ڪوهہ (40 ميل) پري منهوڙي جو ٻيٽ گهمائڻ وٺي ويو پر تيز ساموندي لهرن جي ڪري انهن جي طبيعت خراب ٿي پئي. ان موقعي جو ذڪر ”ترخان نامہ“ ۾ ائين آهي تہ، ”شهنشاهہ اڪبر جو مشهور سپهہ سالار ۽ مشهور رتن خان خانان عبدالرحيم خان سورنهن صدي

جي آخر (1590ع) ۾ سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. 1592ع ۾ هن سنڌ فتح ڪيو. فتح ڪان پوءِ ٺٽي کان گهٽو پري ڏکڻ ۾ هڪ جزيري ”من هارا“ جو سفر ڪيو. جزيرو 20 ڪوسن جي فاصلي تي آهي، ہنهي جو قيام ان جزيري تي هڪ رات هڪ ڏينهن رهيو طوفان ختم ٿيڻ کان پوءِ اهي بيهر لاهري بندر ڏانهن روانا ٿيا.“

ياد رهي تہ ”من هارا“ منهوڙي وارو بيٽ آهي جنهن کي ان ”من هارا“ لکيو آهي.

ان واقعي کانپوءِ اورنگزيب جي دور ۾ ڪراچي جو ذڪر ملي ٿو. اورنگ زيب جي دور ۾ ان جو جنگي سردار شاهہ حسين وڏو لشڪر وٺي ڪراچي ۽ ان جي آسپاس رهندڙ جوکين ۽ ڪلمتين سان جنگ ۾ مصروف رهيو. پر اورنگزيب جي فوج کي ڪا خاطر خواهہ ڪاميابي نصيب نہ ٿي.

ياد رهي تہ مغلن 1592ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو. مغلن سنڌ تي 1592ع کان 1737ع تائين حڪومت ڪئي. آخري بادشاهہ شاهہ محمد رنگيلو هو، انهيءَ دوران ڪل 67 گورنر سنڌ ۾ مقرر ڪيا ويا.

ڊاڪٽر ايڊرين ڊيورٽي جي ڪتاب A History of British Relations with sind (1613-1848) ۾ لکيل آهي تہ: ”اسان وٽ اسڪريونر (نڪولس اسڪريونرس 1647ع ۾ ٻين عملدارن سان گڏ ”ڊورا“ نالي جهاز وسيلي سنڌ ۾ آيو. ٻيا عملدار 1655ع ۾ واپس ويا پر اسڪريونر هتي ترسي پيو هن ڪمپني پاران بيشمار خط پنهنجي حڪمرانن ڏانهن لکيا هئا) جي خطن جو وڏو انگ موجود آهي. جيڪي هن سن 1656ع واري سال دوران واپاري چرپر بابت متي لکيا هئا. انهن خطن مان ان دور جي سنڌ جي سياسي صورتحال جي ڄاڻ ملي ٿي. فيبروري 1656ع ۾ هن هڪ هنڌ لکيو آهي. جنهن ۾ سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي جي وڳوڙي وايو منڊل تي گهٽي روشني وڌي آهي، هو لکي ٿو:

”ميرپور ساڪري جي آس پاس رهندڙ ڪرمتي ٻروچن جو سردار ٺٽي جي بخشي سان گڏجي پيو آهي ۽ گهوڙا ٻاريءَ جي هڪ ٻئي ٻروچ سردار سان ياري ٻڌي ٻين ٻن سردارن کي بہ پاڻ سان ملائي سوين ماڻهو وٺي، ٺٽي تائين ساري علائقي کي ڦري لٽي پيينگ ڪري ڇڏي آهي. چوپايو مال، مڏي، ماڻهو جيڪا بہ شئي سندس سامهون نظر اچي ٿي، ڪنيو هليا ٿا وجن ۽ مغلن پاران مقرر ڪيل انتظاميا جي هٿ وس ڪابہ شئي ڪانہ رهي آهي.“

جنوري 1699ع اليگزينڊر هئملٽن سنڌ ۾ آيو، هو لاڙي بندر جي باري ۾ لکي ٿو:

”هي بندر سنڌ جو ساموندي مارڪيٽ آهي. جيڪو سمنڊ جي ويجهو سنڌوءَ جي هڪ ڦاٽ تي قائم آهي. هتي بہ سؤ ٽن وزن وارا ٻيڙا بہ لنگر انداز ٿيندا آهن. هڪ سؤ ڪچن گهرن تي ٻڌل هن ڳوٺ جي چوڌاري پٿرن سان مضبوط قلعو بہ جوڙيل آهي. جنهن تي چار پنج وڏيون توبون بہ رکيل آهن. اهي توبون ان مقصد لاءِ رکيل آهن تہ جيئن واپاري مال کي بلوچن ۽ مڪراني ڌاڙيلن کان

بچائي سگهجي، جيڪي لاڙي بندر جي اولهه پاسي آباد آهن. اهي بلوچ ايران جا سرڦريا رعيتي آهن. اوپر پاسي وري جام رهندا آهن، جيڪي پڻ انهن جهڙائي آهن سندن جيڪو ور چڙهندو هو تہ ان کي ڦريندا ۽ لٽيندا هئا. جام مغل حڪمرانيءَ جا رهواسي آهن.“ ٺٽي جي باري ۾ هو لکي ٿو تہ:

”ٺٽو سنڌ جي ٺهيل هر شئي جو وڏو مرڪز آهي هي شهر ٿي ميل ڏگهو ۽ هڪ ميل ويڪرو آهي. جيڪو لاڙي بندر کان چاليهہ ميل پري آهي. اولهہ پاسي کان هڪ مضبوط قلعو بہ اٿس.“

اليگزينڊر هئملٽن ٺٽي کانسواءِ ڪراچيءَ جو بہ ذڪر ڪيو آهي. ان پنهنجي سفرنامي ۾ راس منهوڙا ۽ چائنا ڪريڪ جو بہ ذڪر ڪيو آهي. جيڪي ڪراچي ساحل جا علائقا آهن. ان مطابق ان وقت ڪراچي مهاڻن جي ننڍي وسندي هئي ان جو نالو ڪلاچو جو ڳوٺ هو.

انهن ڳالهين مان هي ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ ڪلاچي جو نالو 1557ع ۾ عيسيٰ خان ترخان ڪانپوءِ بيهر تاريخ ۾ 1699ع ۾ اليگزينڊر هئملٽن جي سفرنامي ۾ ”ڪلاچوءَ جو ڳوٺ“ جو ذڪر آهي. ان وقت سنڌ جي هن حصي تي مغلن جي ڪمزور حڪومت هئي چاڪاڻ تہ اسڪريونر جي خطن جيڪي هن 1656ع ۾ لکيا ۽ هئملٽن مطابق مغلن پاران مقرر ڪيل انتظاميا جي هٿ وس ڪا بہ شئي ڪانہ رهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ، ڪراچي جي هاٽوڪي پوري علائقي کان وٺي ميرپور ساڪرو تائين ڪلمتين ۽ ٻين قبيلن جو راڄ هو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 12 نومبر 1993ع Daily Dawn جي شماري ۾ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ: ”پندرنهن صدي کان ارڙنهن صديءَ تائين جڏهن سنڌ ۾ مغلن جي حڪومت هئي تہ سنڌ جي ساحلي علائقن تي ڪلمتي بلوچن جي حڪومت هئي ۽ ڪراچي بہ انهن ۾ شامل هو“.

ڪلمتي قبيلا سمن جي دور کان وٺي حب، منگهو پير، ملير ۽ ساڪري تائين طاقتور هئا. انهن جا مقابلا ارغونن، ترخانن سان بہ رهيا آهن. جنهن جو ذڪر اڄ بہ گهٽي تعداد ۾ لوڪ بيتن ۾ موجود آهي. جن کي سهيڙڻ جي ضرورت آهي. اورنگزيب سان ڪلمتين ۽ جوکين جون جنگيون لڳيون هيون ۽ مغلن کي هاٽوڪي پوري ڪراچي ۽ ميرپور ساڪري واري علائقي کان پري رکيو بعد ۾ اورنگ زيب ڪلمتين، جوکين ۽ ڪوهستان جي برفتن سان صلاح ڪري انهن جون جاگيرون بحال ڪيون ۽ مڪران کان ايندڙ قافلن جي حفاظت جي ذميداري انهن جي حوالي ڪئي. تڏهن وڃي انهن علائقن ۾ امن قائم ٿيو.

هتي ڪجهہ تاريخ دان مونجهاري جو شڪار ٿين ٿا. جڏهن هو هاٽوڪي پوري ڪراچي جي پکيڙ کي ڏسن ٿا اهو سمجهن ٿا تہ ڪراچي وارو پورو علائقو ماضيءَ ۾ بہ ايترو رهيو آهي پر ياد رکڻ گهرجي تہ ڪراچي واري ساحل تي ڪڙڪ بندر کان وٺي وٽيجي تائين ڏهہ کان متي ننڍا بندر،

مچي مياڻ ۾ هتي ڳوٺ موجود هئا ۽ دڙبو لڳ لياري ندي جي چوڙ وٽ ڪلاچي جو ڪن هوندو هو جتي مهاڻن جا 20، 25 گهر هوندا هئا. دڙبو قدرتي بندرگاهه هو جيڪو انهن سيني بندرن کان وڏو هو بين مچي مياڻن ۾ ڪڙڪ، بلهيجي، من، ڪلاچي وارو ڪن، گسري، ابراهيم حيدري، واڳو ڏر، ريڙهي مياڻ، پيري، وتيجي ۽ شاهه حسن درگاهه لڳ چيلاتي، ٻاڪراڻ ۽ ٻيا ساحل تي ننڍا ڳوٺ هئا. جتي اهي ننڍا بندر مچي مياڻ هئا.

ڪوهستان، ملير، منگهو پير، گڏاپ ۽ حب وارا علائقا زراعت سان واڳيل هئا. جتي ڪلمتي، جوکيا ۽ برفت قبيلا موجود هوندا هئا. انهن جو ڌنڌو زراعت سان واڳيل هو ۽ اهي مالوند ماڻهو به هئا ۽ اڄ تائين به انهيءَ ڌنڌي سان واڳيل آهن. ڪنهن به حملي ڪندڙ کي ڪراچي واري ساحلي علائقي تائين پهچڻ لاءِ پهرئين انهن قبيلن سان مقابلو ڪرڻو پوندو هو. ڪراچي سنڌ جي سامونڊي ڪناري هجڻ ڪري سنڌ جي انتظامي يونٽ جو حصو رهيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن جي حيثيت آزاد به رهي آهي. ڪراچي جي بندر دڙبو ۽ ڪلاچي ڪن جي الڳ حيثيت هئي، ڪوهستان، منگهوپير، حب، گڏاپ ملير جي حيثيت الڳ هئي اهڙي طرح هاڻوڪي ڪراچي ۾ ٽي رياستون هيون. حب جي ڪناري کان گهگهر پيري ساڪري تائين الڳ رياست هئي اهي ماڻهو زراعت جي ڌنڌي سان واڳيل هئا ۽ مالوند ماڻهو هئا ۽ ڪجهه ماڻهو حب جي چوڙ ۽ گهگهر وٽ ماهيگيري سان واڳيل هئا انهن جو تعداد گهٽ هو. ٻئي پاسي ڪوهستان وارو علائقو مول، ڪنڊ، موئيداڻ اها الڳ رياست هئي اهي مالوند ماڻهن جو علائقو هو. ٽين رياست ساحل واري بندر هاڻوڪي لياري جي چوڙ کان ريڙهي مياڻ تائين هو، اهي ماڻهو ماهيگيري سان واڳيل هئا ۽ بندرن تي مزدوري به ڪندا هئا. انگريزن جي اچڻ تائين انهن سيني علائقن جي الڳ حيثيت هئي ۽ هتي الڳ الڳ رياستون هيون. تاريخ لکڻ وقت انهن کي گڏ ڪرڻ سان مونجهارو پيدا ٿئي ٿو.

يوسف ميرڪ پنهنجي ڪتاب تاريخ مظهر شاهجهاني ۾ لکي ٿو ته ”ساڪري واري پرڳڻي جي پاسي ڪرمتي (ڪلمتي) بروچ ۽ جوکيا رهن ٿا. هنن جو تعداد پيادن ۽ سوارن سميت ٽن هزارن تائين ٿيندو. هي اٺ ۽ دنبا ڍل طور ٺٽي جي صوبي دار کي ڏيندا آهن ۽ هرويرو ڪنهن وڳوڙ جي ويجهو نٿا وڃن. تنهن هوندي به ٺٽي جي صوبي دار ناريلي واري قلعي کي مضبوط ڪري ڇڏيو آهي. جيئن انهن ماڻهن جي خبر چار پوندي رهي. اهي جوکيا ۽ ڪرمتي بروچ وري به رکي رکي سيوهڻ سان هٿ چراند ڪندا رهن ٿا. هنن جي نومڙين سان به اصل کان دشمني هلندي اچي ٿي ۽ ٻنهي ڌرين ۾ سدائين هينس ڪينس رهي ٿي پر نومڙيا گهٽ ٻاڙن جي ڪري هنن کان زور آهن.“

رحميداد خان مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب جنت السنڌ ۾ لکي ٿو ته: ”اورنگزيب پنهنجي ملتان جي نائبيءَ جي زماني ۾ 1649ع ۾ بلوچن کي ويڙهائي، نوحاڻين، هوتن، نومڙين ۽ جوکين کي

ڪمزور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو پر پوءِ سنڌ جي مغل نوابن کي بلوچن سان دوستي رکڻ کان سواءِ خطرو محسوس ٿيڻ لڳو. ڪلمتي ويهن هزارن سوارن سان سنڌ جي ڪوهستاني علائقي جي حفاظت لاءِ مامور هئا.“

بئي هنڌ مولائي شيدائي لکي ٿو ته: ”لوئر سنڌ ۾ ڪلمتي، نومڙيا ۽ جوکيا ٽي قومون رهنديون هيون. جن مان ڪلمتي بلوچ هئا. باقي ٻيون قومون (مولائي شيدائي قبيلن کي قومون لکيو آهي. حالانڪ اهي قبيلا آهن) نو مسلم راجپوت هئا. ليڪن هي ٽيئي قومون بلوچن سان سهڪار ڪري بلوچ ڪنفيڊريسي جون معاون ۽ مددگار هيون. هو لاهري بندر کان ٺٽي ڏانهن ويندڙ مال جي قافلن کي ڦريندا هئا. اورنگزيب پنهنجي حڪومت جي ڏينهن ۾ هر هڪ تجارتي منزل تي بلوچن جون فوجي چوڪون مقرر ڪيون هيون. منجهائنئن ڪلمتي جي حب ۽ ڪلاچي (ڪراچي) جي وچ ۾ رهندا هئا. تن کي اورنگزيب لاهري کان پڌسر ڏانهن ويندڙ قافلن جي حفاظت ڪرڻ تي مقرر ڪيو هو. ڪلمتين جي سردار کي دهلي دربار کان ميرپور ساڪري ۾ جاگيرون ملڻ کانسواءِ ساليانو 960 رپيا سرڪاري وظيفو ملندو هو. ڪلمتين وانگر دهلي دربار نومڙين سان به رعايتون ڪيون پهرئين مغل شهنشاهن کي ڏل ڀريندا هئا پوءِ ٺٽي کان ڪوٽڙي ۽ سيوهڻ ويندڙ قافلن کان محصول اوڳاڙڻ لڳا.“

تاريخ جي انهن ورقن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪلمتي، جوکيا ۽ نومڙيا (برفت) مغلن جي دور ۾ ميرپور ساڪرو، ملير، ڪراچي، منگهو پير، حب، ڪوهستان ۽ لسٻيلي ۾ طاقت ور قبيلا هئا. انهن قبيلن جو احوال سمن ج دور ۾ به ملي ٿو. مغلن سان ويڙهه ڪري پهرئين انهن جون جاگيرون ضبط ڪيون ويون ته انهن هتان گذرندڙ تجارتي قافلن تي حملا شروع ڪيا انهن کي لٽيندا هئا ته مجبور ٿي مغلن انهن جون جاگيرون بحال ڪيون ۽ وڏيڪ جاگيرون ۽ رعايتون ڏيئي علائقي جي حفاظت اءِ انهن کي مقرر ڪيو. انهن قبيلن کانسواءِ مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ انهن علائقن ۾ ڀڙج، گبول، لاشاري، راٽا، پنهور ۽ جاکرا به هر ويڙهه ۾ انهن قبيلن سان گڏ هئا. لسٻيلي ۾ انهن قبيلن کانسواءِ رونجها، بنديڇا، بکڪ، عالياڻي جام، گونگا ۽ جدگال به طاقت ور قبيلا هئا جن جون به مغلن سان لڙايون لڳيون.

انهن تمام قبيلن جو واسطو ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪراچي سان آڳاٽي زماني کان رهيو آهي. ڪراچي وارو علائقو هميشه سنڌ جو اڻ ٽٽ حصو رهيو آهي. پر سنڌ جي ڪمزور حڪمرانن ڪري اهو علائقو اڪثر ڪري آزاد به رهيو آهي. آزاد رهڻ جي صورت ۾ ڪراچي جو واسطو قلات، سون مياڻي ۽ لسٻيلي سان رهيو آهي.

يوسف ميرڪ جي ڪتاب ”تاريخ مظهر شاهجهاني“ ۾ 1608-1700 A.D جو نقشو Administration Map of Sind ڏنل آهي. انهيءَ نقشي ۾ بکر سرڪار، سيوهڻ سرڪار ۽ ٺٽو سرڪار جا علائقا ڏنل آهن ۽ ٺٽي سرڪار ۾ ڇچڪان پرڳڻو، ٺٽو پرڳڻو ۽ ساڪرو پرڳڻو جون حدون ڏنل آهن، جنهن ۾ ڪراچي جي ڪوهستان وارو علائقو ساڪري پرڳڻي ۾ شامل آهي پر ڪراچي، ملير ۽ منگهو پير وارا علائقا ڪنهن به پرڳڻي ۾ شامل نه ڏيکاريا ويا آهن. ڪراچي وارو علائقو ان وقت آزاد رياست هو. پر اهو سيڪجهه هميشه نه رهيو آهي. جڏهن به حڪمرانن جي گرفت سنڌ جي مرڪز تي ڪمزور رهي آهي ته هتي آزاد رياستون وجود ۾ آيون آهن.

انهن قبيلن جا يادگار گهاڙي قبرن جي صورت ۾ اڄ به ڪراچي جي پسگردائي ۾ منگهو پير کان وٺي گهگهر تائين ڦهليل آهن. جن ۾ نيشنل هاءِ وي تي چوڪنڊي قبرستان، ميمڻ ڳوٺ لڳ ڪلمتي راڄن مَلڪن جو قبرستان جنهن کي ملڪ طوطا جو قبرستان ۽ بلوچ ٽومبس به چيو ويندو هو. منگهو پير لڳ برفتن جا مقبرا، نيشنل هاءِ وي سازين قبرستان، پپري ۾ شاهه حسن درگاهه لڳ ملير جي چوڪنڊي، پير مزني (مجني) وارو قبرستان ۽ ٻيا موجود آهن اهي قبرون انتهائي خوبصورت چٽسالي ڪري مشهور آهن ۽ اهي گهاڙي قبرون مغلن کان وٺي ڪلهوڙن جي دور تائين جون جوڙيل آهن، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي قبيلا معاشي طور تي پاڻ پرا هئا ۽ اهي مضبوط نشانيون آهن ته اهي قبيلا ميرپور ساڪرو، گهارو، پپري، ملير، ڪراچي، حب، منگهو پير، ڪوهستان ۽ لسٻيلي ۾ آزاد حيثيت سان رهندا اچن ۽ انهن علائقن ۾ انهن جون حڪومتون به قائم رهيون آهن. اهي قبرون 13 صديءَ کان 15 صدي جون آهن ۽ ڪي ته هن کان به اڳاٽي دور جون آهن. عمارتن ۽ مقبرن جي جيڪا تاريخ آهي هن کي ڪڏهن به رد ڪري نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته اهي سچي تاريخ جون نشانيون آهن. اهي گهاڙي قبرون به ڪراچي جي تاريخ لکڻ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿيون. پر ضرورت وري به ان ڳالهه جي آهي ته انهن جي حفاظت ڪئي وڃي. اهي آثار به ٻين آثارن وانگر تباهه ٿي رهيا آهن. انهن جي جنم ٿيڻ سان سنڌ جي هڪ پوري تاريخ ختم ٿي ويندي

**<u>ڪلهوڙن جو دور:</u>**

مغلن کان پوءِ اتر سنڌ جي ڪجهه حصن تي ميان نصير محمد سال 1681ع ۾ پنهنجي حڪومت جو بنياد رکيو. ميان نصير محمد 1696ع ۾ وفات ڪري ويو ته کيس ڳاڙهي شهر ۾ دفنايو ويو. 1700ع ۾ ڪلهوڙن جي حڪمران ميان دين محمد جي موت تي ڪلهوڙن جي حاڪميت جو ابتدائي دور پورو ٿيو. انهيءَ سال ميان يار محمد ملڪ ڇڏي قلات پاسي جلا وطن ٿيو هو. انهيءَ دوران مير محراب خان ڪلهوڙن سان ٿيل هڪ جهيڙي ۾ مارجي ويو. 1701ع ۾ ميان يار محمد

ڪلهوڙي اچي پنهنجي پاءُ ميان دين محمد ۽ پيءُ ميان نصير محمد جي ڇڏيل حڪومت سنڀالي، ڪلهوڙا ڪڏهن پنهنجي خودمختياري سان حڪومت ڪندا هئا ۽ ڪڏهن وري خاص طور تي هندستان جي حڪومت جا تابعدار ٿي سنڌ تي حڪومت ڪندا هئا. ميان يار محمد ڪلهوڙي کي به اورنگزيب جي حمايت حاصل هئي. يار محمد کي وڏين تڪليفن کان پوءِ شاهي مڃتا حاصل ٿي.

انهيءَ عرصي دوران تاريخ ۾ هڪ مڇهائيندڙ واقعو موجود آهي. مولانا غلام رسول مهر ”تاريخ سنڌ“ ۾ لکي ٿو ته: ”ڪراچي جو خطو هميشه کان سنڌ جو حصو هو پر 1697ع ۾ خان قلات محراب خان جي خون جي بدلي ۾ اورنگ زيب عالمگير جي حڪم سان ان کي قلات جي خان جي حوالي ڪيو ويو. يعني 1697ع کان وٺي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي عهد 1757ع تائين ڪراچي بلوچستان جو حصو هيو. انهيءَ سال ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ڪراچي بندر کي خان آف قلات کان حاصل ڪري ٻيهر سنڌ جو حصو بڻايو.“

ياد رهي ته ڪلهوڙن کي سن 1154هه/1737ع ۾ ٺٽو صوبو آخري مغل نواب صادق علي خان جي هٿان مليو. ان بعد وڃي سڄي سنڌ تي ڀرپور پيرو ڪلهوڙن جي حڪمراني قائم ٿي. پوءِ ڪراچي کي ڪيئي ڪلهوڙن قلات جي خان محراب خان جي خون جي بدلي طور ڏنو هوندو. 7-1736ع ۾ مغل نواب ٺٽي پرڳڻي جي اوير پاسي وارن مقامي قبيلن ۽ سردارن کي مڃائڻ طرف توجهه ڏنو ۽ اولهه پاسي فوري طور تي سندس زور هلي نه سگهيو. ڇاڪاڻ ته ملير ۽ ساڪري ۾ ڪلمتي ۽ جوکيا طاقتور هئا. ٻئي پاسي ڏارا جا راڻا به پنهنجي طاقت ڪري مشهور هئا. اڳ ۾ لکي آيو آهيان ته سمن جي دور کان وٺي اهي قبيلا هتي طاقتور هئا. انهن ارغونن ۽ ترخانن سان به مقابلا ڪيا. مغلن جي دور ۾ اورنگ زيب بادشاهه ساڻن صلح ڪيو. اڳتي هلي ڪلهوڙن جي حڪمران ميان نور محمد به انهن قبيلن سان صلح وارو رستو اختيار ڪيو. 1160هه ۾ ميان نور محمد پنهنجي پٽ خداداد خان کي ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو ۽ خداداد خان ڏارا جي راڻي جي قلعي تي لشڪر وٺي حملو ڪيو. راڻو پاڻ ڀڄي ويو، پوءِ خداداد خان قلعي تي قبضو ڪيو. ميان غلام شاهه جي دور ۾ ٺٽي جي نواب شيخ شڪرالله ٻجار جوکئي تي راڻي ارجن جي مارڻ جو ڪم رکيو جنهن اهو ڪم پورو ڪيو ۽ پوءِ ٻجار کي جام جو لقب ڏيئي جوکين جو سردار مقرر ڪيو. ملير جو هڪ طاقتور قبيلو (جوکيا) غلام شاهه سان گڏجي ويو ۽ غلام شاهه به ميان نور محمد وانگر ملڪ طوطا ڪلمتي کي پنهنجي پاسي ڪري 1162هه ۾ ساڪري جي ڪلمتي ملڪ مريد خان کي مغلن جي دور جون ڏنل جاگيرون بحال ڪيون. تاريخ 27 ربيع الاول سن 1162هه تي ڏنل بحالي واري سند ميان نور محمد ڪلهوڙي جي صحيح سان رڪارڊ تي موجود آهي. ساڪري کان وٺي ملير ۽ ڪراچي تائين انهن جي حڪومت هئي. ڪلهوڙن ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي

دور ۾ ڪلمتي ملڪن ۽ جوکين جي ڄام سان صلح ڪري پوءِ ڪراچي کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو. غلام شاهه ڪان اڳ مغلن جي آخري دور کان وٺي ڪراچي جي حيثيت آزاد رياست واري رهي هئي. محراب خان جي شهادت ڪان پوءِ ڪجهه وقت تائين مغلن جي ڪري اهو علائقو خان آف قلات جي عملداري ۾ رهيو هو پر اهو وقفو فقط چند سالن جو هو.
1717ع ۾ ٺٽي ۾ هڪ ٻيو واقعو ٿئي ٿو جڏهن نواب اعظم خان ۽ سندس اتحادين آڪٽوبر 1717ع تي ميران پور جهوڪ جو گهيرو ڪيو. ڇاڪاڻ ته جهوڪ واري علائقي مان شاهه عنايت جي سرواڻي ۾ هڪ نعرو بلند ٿيو ته ”جو کيڙي سو کائي“ يعني هن ڌرتي تي انهن ماڻهن جو حق آهي جيڪو هن ڌرتي تي محنت ۽ مشقت ڪري ٿو. اهو نعرو جاگيردارن ۽ وقت جي حاڪمن لاءِ خطري جي گهنٽي هئي. ڇاڪاڻ ته شاهه عنايت جو حلقو وسيع ٿيندو ويو.
ڪلهوڙن جي عبوري حڪومت ڪان پوءِ هاڻي ميان يار محمد سنڌ جي گهڻي حصي تي مڪمل قبضو حاصل ڪري ورتو هو. مغلن ميان يار محمد کي خدا يار خان جو لقب ڏنو ۽ نواب اعظم خان، يار محمد ڪلهوڙي کي پيغام موڪليو ته ٺٽو سرڪار به ميان صاحب جي حوالي ڪيو ويندو، پر شرط اهو آهي ته شاهه عنايت جي تحريڪ کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪري. ميان يار محمد ڪلهوڙي اها شرط قبول ڪئي. ميان صاحب اڳ ۾ ئي سيوهڻ ۽ بکر سرڪار پنهنجي هٿ هيٺ ڪري چڪو هو. ميان يار محمد مغلن جي مدد لاءِ شهداد فقير، ميان محمد خان ۽ سندس پٽ ميان محمد شفيع جي اڳواڻي ۾ لشڪر روانو ڪيو. ٻئي پاسي ملتان جو صوبيدار سيد حسين شاهه، تر جي وڏيرن مان نور محمد خان، پير عبدالواسع بلڙي وارو ۽ ٻيا ننڍا وڏا وڏيرا پڻ مغلن سان تيار ٿي بيٺا ڇاڪاڻ ته ميران پور جهوڪ جي هن اشتراڪي تحريڪ جاگيردارن وڏيرن، پيرن ۽ حاڪمن جي محلاتن ۾ زلزلو برپا ڪري ڇڏيو هو. تمام وڏو لشڪر وٺي نواب اعظم خان جهوڪ جو گهيرو ڪيو. ٽي مهينا اهو گهيرو جاري رهيو. مغل ۽ سندس اتحادي لشڪر ۾ بغاوت جا آثار ڏسڻ ۾ پئي آيا خرچ به وڌي ويو هو. پوءِ هڪ سازش تحت ميان يار محمد جي مشير فقير شهداد کي صلح لاءِ موڪليو ويو. جيڪا هڪ سازش هئي. قرآن شريف کي وچ ۾ آڻي صلح جون ڳالهيون ڪيون ويون. شاهه عنايت ڳالهين لاءِ تيار ٿيو. جيئن شاهه عنايت ڳالهين لاءِ آيو ته هن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ جهوڪ تي حملو ڪيو ويو مال متاعُ لٽي شهر کي باهه ڏيئي رک بڻايو ويو. ڇهه هزار ماڻهو مارجي ويا. گرفتاري کان پوءِ 8 جنوري 1718ع تي جلاد حاڪم جي اشاري تي شاهه عنايت جو سر ڌڙ کان ڌار ڪيو. ان واقعي کان پوءِ 1737ع ۾ ٺٽي وارو علائقو ڪلهوڙن کي ڏنو ويو.

ميان نور محمد اجا اتر سنڌ جو حڪمران هو ۽ مغل صوبيدار برابر نئي صوبي (سرڪار) تي مقرر ٿي رهيا هئا. ميرپور ساڪرو ۽ ملير تي ڪلمتين ۽ جوکين جي حڪومت هئي. ڪراچي وارو ساحلي علائقو آزاد بندر جي حيثيت سان هو پر ان تي به ڪنهن نه ڪنهن طرح خان آف قلات جو اڻ سڌو واسطو هو جيڪو جوکين ۽ ڪلمتين وسيلي قائم هو. رتي ڪوٽ تي جيڪو ريڙهي مياڻ لڳ سمنڊ ۾ اڃا ويو آهي. راڻي ارجن جي حڪومت هئي ته سيٺ نائون مل جي پڙ ڏاڏي پوڄو مل جيڪو حب ندي جي چوڙ وٽ کڙڪ بندر تي واپار ڪندو هو. جڏهن هن بندر ۾ حب ندي جي ڪري مٽي پرجي ويئي ته سيٺ نئين بندر جي ڳولا ۾ هاٽوڪي ڪراچي جي ساحل جو رخ ڪيو. سيٺ نائون مل پنهنجي ڪتاب ”يادگيريون“ جيڪو 1915ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جو عنوان هي هو.

“A Forgotten Chapter of Indian History, as told by. Seth Noamal Hotchand C.S.I of Karachi (1804-1878), Written by Himself and Translated by His Grandson Rao Bahadur Alumal Trikamdas Bhojwani, BA. Edited with an Inrtoduction by Sir H. Evan M. james, KCI, CSI, Commissioner of Sind, 1891-1899 Printed for Privte Circulation only.”

جنهن جو سنڌي ترجمو محمد حنيف صديقي ڪيو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1968ع ۾ شايع ڪيو. سيٺ نائون مل لکي ٿو ته: ”ڳوليندي ڳوليندي انهن جي نظر ڪراچي جي ساحل تي هڪ بندر تي پئي جنهن جي ڪناري 20، 25 مهاڻن جون جهوپڙيون هيون. ان وقت ڪراچي تي خان آف قلات جي حڪومت هئي. ان جاءِ کي ان وقت ”دڙبو“ چوندا هئا. هن جي ويجهو هڪ پاڻي جو چشمو هو. جنهن کي ”ڪلاچي جو ڪن“ چوندا هئا. ڪلاچي هڪ مهاڻي جو نالو هو. ڪُن جي ڪناري ڪجين جا وڻ هئا آخرڪار ان جاءِ کي پسند ڪري هتي گهر ٺاهيا ويا. کڙڪ بندر کان سڀ سامان منتقل ڪيو ويو. پوءِ سڀ ڪلاچي جي ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيا. ان وقت منهوڙي وارو نار (ڪاري) نه هيو. بابا جزيرو (بابا بيٽ) جي مٿيان هڪ ڪاري/ نار هو. جنهن کي نئون نار چيو ويندو هو. اچڻ وڃڻ لاءِ هن کي استعمال ڪيو ويندو هو. منهوڙي سان لڳ جابلو سلسلو هو. 1725ع ڌاري کڙڪ بندر جا ماڻهو ڪراچي ۾ اچي آباد ٿيا. پوڄو مل جي مشوري سان آسودي مل نالي هڪ ماڻهو بيبي مرادان سان مشورو ڪيو ته ڪراچي ۾ حفاظت لاءِ هڪ ڪوٽ اڏيو وڃي. اها تجويز سيني کي پسند آئي. ماڻهن ڪجور جي جهنگ کي صاف ڪيو. ڪاٺ ۽ مٽيءَ جو ڪوٽ اڏڻ شروع ڪيو. ڪاٺ لاءِ تمر جو جهنگ صاف ڪري ان کي استعمال ڪيو ويو. شهر واسين جي مدد لاءِ ٻاهريان مزدور به گهرايا ويا انهن کي مزدوريءَ ۾ بحرين ۽ مقسط جا سڪا ۽ تازي ڪجور ڏني ويندي هئي. ٿوري وقت ۾ هڪ چڱو خاصو ڪوٽ تيار ٿيو. مسقط کان توبون گهرائي ڪوٽ جي

ديوارن تي رکيون ويون. ڪوٽ جي اندر اٽڪل ستر جريبن جي ايراضي هئي. ڪوٽ کي ٻه دروازا هئا. اولهه واري دروازي کي ڪارودر يعني کاري پاڻي ڏانهن کلنڊڙ دروازو ۽ ٻيو دروازو جيڪو اتر اوڀر پاسي ڏانهن هو. تنهن کي منو دروازو چوندا هئا. يعني منٺي پاڻي (لياري نديءَ جي پَر ۾ منٺي پاڻي جا کوهه هئا جنهن تي زراعت ڪئي ويندي هئي) پاسي کلنڊڙ دروازو. جنهن جي چوڌاري تمر ۽ ٿوهر جو جهنگ هو. اهو ڪوٽ 1729ع ۾ مڪمل ڪيو ويو“.

شاهه بندر جي بندرگاهه جو منهن سنڌو نديءَ جي لٽ سان بند ٿي ويو تنهن ڪري گهڻا اتان لڏي ڪراچيءَ ۾ آيا. سيٺ نائون مل موجب هتي خان آف قلات جي حڪومت هئي. پر قلعي اڏڻ جو مشورو انهن ٻيبي مرادان کان ورتو هو. تنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪلاچي جي ڪن واري علائقي ۾ جتي 20، 25 گهر مهاڻن جا هئا. اهي سڀ انهيءَ ٻيبي جي مشوري تي هلندا هئا. ٻيبي مرادان جي باري الفت نسيم پنهنجي مضمون ”ڪراچي کي تاريخ بلوچ پس منظر“ ۾ لکي ٿو ته: ”هن جو نالو ٻيبي مرادان ڪُلاچي هو جيڪا ڪُلاچي قبيلي جي اڳواڻ هئي.“ ڪنهن هن کي جوکين جي ڄامن مان ڄاڻايو آهي. پر سيٺ نائون مل اهڙو ذڪر نه ڪيو آهي ۽ سيٺ نه ئي ڪنهن ڪُولاچي قبيلي جو ذڪر ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ ته اها ٻيبي ڳابو پٽ جي پِنڊ فقير جوکين مان هئي. جوکين جو اهو پاڙو فقيري جي ڪري مشهور آهي. ٻي ڳالهه اها به ٿي سگهي ٿي ته اها مائي مورڙي جي قبر جي مجاور هجي ڇاڪاڻ ته اڄ به گهڻا ماڻهو مورڙي کي فقير يا پير مورڙو سمجهي دعا لاءِ ويندا آهن ۽ اها ٻيبي هتي ئي قبر جي سار سنڀال لاءِ هن وقت موجود هوندي هئي. پوڄو مل جي اچڻ وقت نئين ڪم جي شروعات ڪرڻ وقت ٻيبي مرادان کان دعا ورتي ويئي هجي.

نائون مل ڪلاچي کي مرد مهاڻو لکيو آهي جيڪو درست نه آهي. جيڪڏهن الفت نسيم جي ڳالهه تي غور ڪنداسين ته پوءِ ٻيبي مرادان جنهن لاءِ الفت ڪُلاچي لکي ٿو پوءِ نائون مل اها غلطي ڇو ڪئي هوندي. مائي ڪلاچي جو ذڪر سومرن ۽ سمن جي دور ۾ ملي ٿو ۽ ٻيبي مرادان 1729ع ۾ حيات هئي.

هي اهو دور هو جڏهن اجا ٺاٺين ٺٽي تي ڪلهوڙن جي حڪومت نه هئي ۽ اهو مغلن جي حوالي هو. اڳتي هلي 1737ع جڏهن ٺٽو ڪلهوڙن جي هٿ هيٺ آيو ته ڪلهوڙن ڪراچي کي 1160ھ/1747ع تي ڪلمتين ۽ جوکين کي پنهنجي پاسي ڪري حاصل ڪيو. انهيءَ دوران ڪارو ڇاڻ کان ڪيٽي بندر ٺاٺين ۽ گهاري وٽ جيڪي ننڍا ننڍا بندر هئا اتان جي هندو سيٺين به ڪراچيءَ جو رخ ڪيو. چند جهوپڙين واري ڪلاچي وڌندي ويئي، ڪلهوڙن جي دور ۾ مشهور حاڪم غلام شاهه ڪلهوڙي سنڌ جي واپار کي هٿي ڏيڻ لاءِ نئون بندر ”شاهه بندر“ جي نالي سان

1759ع ۾ نهرايو، جنهن ڪري سنڌ جو واپار لاهري بندر (لاڙي بندر) کان شاهه بندر تائين ٿيڻ لڳو.
لاڙي بندر عربن جي دور کان وٺي ڪلهوڙن جي دور تائين سنڌ جي تجارت ۾ مرڪزي حيثيت رکندو هو. ديبل بندر سميت تمام بندر ساحلي شهر به هئا. لاهري (لاڙي بندر) ٻارهين صدي عيسوي کان 18 صدي عيسوي تائين سنڌ جو اهم بندر هو. پوءِ سنڌو درياءَ جو ٻيٽ جهڙوڪ اورانگا، شاهه بندر، ڪراچي ۾ وکر، ڪڙڪ ۽ ٻيا بندر اسرڻ لڳا. ڪڙڪ کان وٺي شاهه حسن درگاهه پيري تائين 1720ع کان به اڳي مختلف ننڍا مڇي مياڻ موجود هئا. جن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان انهن بندرن وسيلي سنڌ جو واپار گوادر، مسقط، بحرين ۽ ٻين ملڪن سان هوندو هو.
1742ع ۾ نادر شاهه دراني پنهنجي لاءِ جيڪو فوجي جهاز تيار ڪرايو هئو جنهن کي مظفر علي خان بيگلر سورت بندرگاهه کان ڪراچي آندو هو.
ڪڙڪ بندر ۾ مٽي اچڻ ڪري اهو بندر ٽي ويو هو ۽ جهاز اتي لنگر هڻڻ جي بجاءِ ڪراچي جو رخ ڪرڻ لڳو.
ڪراچي 1740ع کان پوءِ تيزيءَ سان ترقي ڏانهن قدم وڌايا. هي بندرگاهه واپاري توڙي ڪاروباري مقصدن ڪانسواءِ ايران ۽ حجاز مقدس جي سفر لاءِ پڻ استعمال ٿيڻ لڳو. مير علي شير قانع جي مقالات الشعر جيڪو پير حسام الدين راشدي ترتيب ڏنو آهي. موجب، ”هڪ بزرگ شاهه نجم الدين حج تي وڃڻ لاءِ ڪراچي بندر تان روانو ٿيو هو.“
1746-45ع تي ڪراچي تي مڪمل طور ڪلهوڙن جي حڪمراني قائم ٿي. پر ”تاريخ سنڌ“ جلد ٻئي ۾ مولانا غلام رسول لکي ٿو ته: ”ميان غلام شاهه ڪلهوڙي دائود پوٽن کان اوچ ۽ ڪوٽ سبزل وٺي سنڌ ۾ شامل ڪيا ۽ ڪراچي شهر ۽ ان جي پسگردائي وارن علائقن کي خان آف قلات کان وٺي سنڌ جي حڪومت کي وسيع ڪيو. غلام شاهه ڪلهوڙو سن 1757ع-1170ه تي مراد ياب کي معزول ڪري سنڌ جي تخت تي ويٺو.“
غلام شاهه ڪلهوڙي کان اڳ ۾ ڪراچي ڪلهوڙن جي هٿ هيٺ اچي چڪو هو. آخري ڪلهوڙا حڪمران ميان عبدالنبي جي دور ۾ هڪ واقعو پيش آيو. جڏهن ته سنڌ جي دربار جو هڪ مکيه امير مير بجار خان ميان عبدالنبي جي هٿان مارجي ويو. هن واقعي بعد ٽالپرن بغاوت ڪئي. ميان عبدالنبي قلات هليو ويو ۽ ٽالپرن سان جنگ ڪرڻ لاءِ خان آف قلات کي مدد جي درخواست ڪئي. جنهن تي خان آف قلات سنڌ تي حملو ڪيو. قلاتي فوج ۽ ميان بجار خان جي پٽ مير عبدالله جي فوجن وچ ۾ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ خان آف قلات جو ويجهو مائٽ ۽ اهم سردار زرق خان مارجي ويو. هن جنگ ۾ ٽالپرن کي شڪست ٿي ۽ ميان عبدالنبي ٻيهر سنڌ جو حڪمران ٿيو ۽ احساس جي بدلي ۾ سردار زرق خان جي خون جي بدلي ۾ عبدالنبي ڪراچي

بندر خان آف قلات جي حوالي ڪيو. نائونمل ان واقعي بابت لکي ٿو ته: ”قلات جي خان جو ڀاءُ جاڙڪ خان (قلات جي خان جو ڀاءُ نه پر ناٺي هو ۽ ان جو نالو جاڙڪ نه پر زرق خان هو) ڪلهوڙن سان وڙهندي مارجي ويو ۽ ڪلهوڙن ان جي خون جي بدلي ۾ ڪراچي قلات جي خان حوالي ڪيو. تنهن ڪان پوءِ قلات جي فوج جو هڪ دستو هتي رهندو هو.

ڪراچي جو نالو تاريخ ۾ پهريون پيرو مرزا عيسيٰ خان ترخان جي دور ۾ 1557ع ۾ مشهور ترڪ جهاز ران سيدي علي رئيس پنهنجي ڪتاب، محيط ۾ ”ڪراچي بندرگاهه“ طور استعمال ڪيو، پوءِ مغلن جي دور ۾ 1656ع ۽ 1699ع ۾ سفر نامن دوران ڪراچي جو ذڪر ملي ٿو. ڪلهوڙن جي دور ۾ اهو نالو گهڻو مقبول ٿيو جيئن ته اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته سومرن جي اوائلي دور ۾ مورڙي ميربحر جو واقعو ٿئي ٿو. ان وقت به ڪلاچي نالي ڪن موجود هو. ان دور ۾ سگهڙن پنهنجن بيتن ۾ ان ڪي ڪتب آندو پر اهي بيت اسان جي تاريخ ۾ اجا گم آهن. اڳتي هلي ڪلهوڙن جي اوائلي دور ۾ جيڪي بيت ملن ٿا انهن ۾ هڪ سگهڙ امين ڪٽي جيڪو مشهور سگهڙ جلال ڪٽي جو ڀاءُ هو. هن جي ۽ ٻين سگهڙن جي بيتن ڪي جيڪي هن قصي جي باري ۾ آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪتاب ”مورڙو ۽ مانگر مڇ“ ۾ ڏنا آهن. امين ڪٽيءَ جا بيت اوائلي چيا وڃن ٿا انهن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا. جن ۾ دلوراءِ ۾ ڪلاچي جي ڪن جو ذڪر ملي ٿو.

ڪالهه ڪلاچي ڪُن تي، ويا جوڙي جار ڪٽي
رنڌين رڇ ”امين“ چئي، وين وَم وٽي

-

اکر ايرادت جي، وڏا هول هٽي
گهاتوئڙن گهٽي، ٿي دلگيري دل ۾.

-

ڪيرا ڪُن ڪلاچ تي، وجيو ڪاهه منجهان ڪوڙين
اڄ سيان لوڙين، اکر ايرادت جو.

-

دلوءَ دلاسي اُتي، ويهاريو سو وير
ته ماندو ٿي نه مورڙا! ڪر تون ساهه ستير
ڪنڌ مصريون ڪير، هت مولو ڏيندو مورڙا.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي پڻ انھيءَ دور ۾ (ڪلھوڙن جي) ڪلاچي جي ڪن جو ذڪر ڪيو آھي. سر گھاتو ۾ لفظ ڪلاچي استعمال ڪيو آھي.

ائين جا لڏو لڏ، اي پرگھاتوئڙن جي
ڪُن ڪلاچيءَ ڪوڏ، سک نہ ستا ڪڏھن.

جيسين 1761ع ۾ حڪومت ھند جو انڊر سيڪريٽري ھو. انگريزن پاڙيسري ملڪن سان جيڪي پيغام ۽ پروانا موڪليا ھئا يا عھد ناما ڪيا ھئا انھن جو ذڪر ھن پنھنجي مرتب ڪيل ”ھند ۽ ھن جي پاڙيسري ملڪن جا عھدناما ۽ خط“ ۾ ڪيو آھي. جنھن تي ڪراچي جي نالي جي تاريخ تي روشني پوي ٿي.

ھن ڪتاب ۾ 22 سيپٽمبر 1758ع ۾ انگريز ڪمپنيءَ جي ايلچي جو جاري ڪيل پروانو پڻ شامل آھي. جيڪو ميان غلام شاھ ڪلھوڙي ڏانھن جاري ڪيو ويو ھو. غلام شاھ ڪلھوڙي پاران 1757ع کان 1761ع تائين جيڪا لکپڙھ ٿي آھي، اھا بہ ھن ڪتاب ۾ شامل آھي. انھن پروانن ۾ ڪراچي جي نالي جو ارتقائي عمل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

2 سيپٽمبر 1758ع کان 22 سيپٽمبر 1758ع تائين پنج پروانا جاري ڪيا ويا. 2 سيپٽمبر 1758ع ۾ قاضي محمد يحيٰ جي صحيح ۽ مھر سان غلام شاھ پروانو جاري ڪيو ھو. جنھن ۾ سنڌ جي ڪجھ بندرن جا نالا اچن ٿا. لکيل آھي تہ ”حڪومت جي اھلڪارن ۽ بندرگاھ جي تمام ڪمانڊرن ۽ بين ماڻھن کي اطلاع ٿو ڪجي تہ لاڙي بندر، اورنگا بندر، ڪراچر داراجا، سرڪار چاچڪان، چڪر ھالو، نصرپور، ھال ڪونڊي، سرڪار سرستان، خداباگ وغيره وغيره...“

سنڌ جي حڪمران غلام شاھ ڪلھوڙي 22 اپريل 1761ع تي جيڪو پروانو جاري ڪيو آھي. ان ۾ بندرن جو ذڪر آھي انھن ۾ ٺٽو بندر، شاھبندر، اورنگا بندر، ڪراچر دارا وغيره شامل آھن. 1761ع ۾ بہ وڌيڪ پروانا جاري ڪيا ويا. جن ۾ ڪڪرالو ۽ ايھڙي بندر جو ذڪر آھي. انھن پروانن ۾ ايھڙي بندر جو ذڪر آھي. اھو ڪراچي جو ريڙھي مياڻ وارو بندر آھي. انھن پروانن ۾ ڪراچي کي ڪراچر داراجا لکيو ويو آھي ۽ ڪڪرالو لڳ بندر يا علائقي طور ڏنل آھي.

ڪتاب ۾ ٽالپرن جي دور ۾ جيڪي عھدناما ۽ پروانا جاري ٿيا آھن انھن جو بہ ذڪر آھي. مير فتح علي خان جي مھر سان جاري ڪيو ويو. ان کان پوءِ جيترا بہ پروانا جاري ڪيا ويا انھن ۾ ڪراچي کي ڪراچي ئي لکيو ويو آھي. آخر ۾ 7 فيبروري 1839ع تي جڏھن انگريزن ڪراچي تي قبضو ڪيو تہ ان وقت ڪراچي تان دستبرداريءَ جو پڻ ذڪر آھي. جنھن ۾ شھر ۽ قلعي کي انگريز گورنر جي حوالي ڪيو ويو ھو. انھن عھدنامن ۽ پروانن مطابق ڪراچر داراجا ڪڪرالو بہ الڳ بندر آھن تنھن ڪري اھا ڳالھ ثابت ٿئي ٿي تہ ڪراچي جو نالو ماضي ۾ ڪنھن طرح بہ

ڪڪرالو نه آهي. ڪڪرالو الڳ شهر ۽ بندر هو جتي جوڌپور جي راڻن جي حڪومت هئي ڪراچر داراجا مان پوءِ داراجا کي ختم ڪري هن کي فقط ڪراچر ۽ پوءِ ڪلاچي لکيو ۽ سڏيو ويو. دارا جا هنديءَ ۾ دروازي کي چيو وڃي ٿو.

سنڌ جي سر زمين تي فرنگين جو پهريون قدم 1611ع ۾ ان وقت پيو جڏهن سرمڊلٽن ديبل جو دورو ڪيو هو. هن کان پوءِ 26 سيپٽمبر 1613ع تي واٽر پيٽن ايسٽ انڊيا ڪمپني جي هدايت تي پهريون سامونڊي ٻيڙو ڪاهي ديبل پهتو. هن اڳ سنڌ جي بندرن تي پورچوگيزن جو واپار هلندڙ هو. انهن جو سنڌ جي حڪمرانن سان معاهدو ٿيل هو ته هو ٻئي ڪنهن اولهه جي قوم کي پورچو گيزن جي اجازت کان سواءِ واپار لاءِ سنڌ جا بندر نه ڏيندا. 1613ع جي آخر ۾ هڪ ٻيو انگريزن جو جهاز ايڪسپيڊيشن هو جيڪو سوماترا ۽ اسپائيس ٻيٽن ڏانهن وڃي رهيو هو. جهاز جو ڪيپٽن ڪرسٽو فرينوپورٽ هو. هن کي حڪم مليو هو ته هو ايراني ساموندي ڪناري سان هڪ سني بندر تي مسٽر رابرٽ شرلي کي لايو وڃي. جيڪو هڪ مهم جو انگريز هو. اهو مسافر سنڌو جي چوڙ کان پنج ميل مٿي لاڙي نالي بندر تي لٿو. هتي هن سان حڪمرانن وچ ۾ واپاري ناهه جي نتيجي ۾ انگريز ٺٽي ۾ پهرئين واپاري ڪوٺي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا. اها ڪوٺي 1662ع ۾ بند ڪئي وئي.

انگريزن کي ٺيڪ 96 سالن کان پوءِ سنڌ ۾ واپاري ڪوٺي قائم ڪرڻ جي ٻيهر ضرورت محسوس ٿي ته 22 سيپٽمبر 1758ع ۾ انهن ڪلهوڙا حڪمران ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي منظوري سان ٺٽي ۾ ٻيهر هڪ واپاري ڪوٺي قائم ڪئي. ڪمپنيءَ پاران رابرٽ سمپٽن سنڌ ۾ ڪمپنيءَ جو انچارج مقرر ٿيو.

ڪلهوڙن جي دور ۾ هڪ انگريز 1729ع جي لڳ ڀڳ ڪراچيءَ جو دورو ڪيو هو. هن کان اڳ جيڪي سياح آيا هئا انهن ٺٽي جو دورو ڪيو هو. پر ڪلهوڙن جي دور ۾ جان پورٽر پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو ته: ”ڪراچي هڪ ڪوٽ اندر شهر آهي ۽ ان جي چوگرد مٽيءَ جي هڪ ڀت به آهي، جنهن تي پراڻيون توبون لڳل آهن. ان وقت ڪراچيءَ تي خان آف قلات جي حڪمراني هئي. ديوار اندر شهر جي زمين پنجٽيهه ايڪڙن تي ٻڌل هئي.“

جڏهن 1758ع ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ ۾ ٻيهر واپاري ڪوٺي قائم ڪئي ته غلام شاهه ڪلهوڙي ايسٽ انڊيا ڪمپني کي ٽي پروانا ڏنا هئا. جن جي آڌار تي ڪمپنيءَ ٻيهر سنڌ ۾ واپار شروع ڪيو. انهن پروانن جي نتيجي ۾ ٺٽي ۽ شاهه بندر ۾ واپارين ڪوٺين ڪولڻ ۽ رهائشي جاين ناهڻ جا مجاز هئا. 1760-61ع ۾ ٽيون پروانو جيڪو مسٽر ارسڪن کي مليو هو. ان پرواني تحت ڪمپني ڪانسواءِ سنڌ ۾ ٻيو ڪو به يورپي نه واپار ڪندو ۽ نه ئي ان کي رهڻ جي اجازت هوندي.

لڳي ٿو تہ انگريز سنڌ جي حڪمرانن کي رام ڪري چڪا هئا. غلام شاهہ جي آخري دور ۾ انگريز ڪراچيءَ ۾ بہ واپاري ڪوٺي کولڻ ۾ ڪامياب ويا. 1771ع ۾ سنڌ اندر ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي ڇڪتاڻ ڪري ڪمپنيءَ جا حال هيٺا ڏسجن ٿا. انگريزن واپار سان گڏوگڏ ڪمپنيءَ جي آڙ ۾ مشڪوڪ سياسي سرگرميون جاري رکيون.

سن 1772ع ۾ غلام شاهہ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ سرفراز گاديءَ تي وينو. آڪٽوبر 1775ع ۾ وڳوڙي حالتن ڪري ٺٽي ۽ شاهہ بندر جون واپاري ڪوٺيون بند ڪيون ويون. آخري دور ۾ ڪلهوڙن جي خواهش هئي تہ انگريزن سان پنهنجا چنل لاڳاپا بحال ڪيا وڃن. پر ڪلهوڙن جي ڪمزور ۽ غير مستحڪم حڪومت ڪري انگريزن انهن کي جواب ڏيئي ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ افغانستان جي مقابلي ۾ ڪلهوڙن کي هڪ طاقتور دوست جي ضرورت هئي. انگريز ان وقت تائين ننڍي کنڊ جي سياست تي ڇانئجي چڪا هئا ۽ هندستان جي ڪجهہ حصن تي قبضو ڪري حڪمران جي حيثيت سان پير ڄمائي چڪا هئا. ارڙهين صدين جي پڇاڙڪي حصي ۾ انگريزن جا سيئي قدم ۽ عمل واپاري نقطئہ نگاهہ سان گڏوگڏ سياسي نوعيت جا بہ هئا.

سنڌ ۾ 1775ع کان 1783ع ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ اقتدار جي حصول لاءِ خوني ڪشمڪش هلندڙ هئي.

<u>**ميرن جو دور:**</u>

نئين ڪراچي جو اڏيندڙ سيٺ ڀوڄومل 1763ع ۾ ديهانت ڪري ويو. 1784ع ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. ٽالپر سنڌ جا حڪمران ٿيا. مير فتح علي خان پهريون ٽالپر حڪمران مقرر ٿيو. ان وقت ننڍي کنڊ جي سياسي منڊل ۾ زبردست ڦيرو اچي چڪو هو. ميسور جو ٽيپو سلطان ۽ افغانستان جو زمان شاهہ انگريزن جي مفادن خلاف زبردست رڪاوٽ بڻيل هئا.

1797ع ۾ نيپولين اٽلي فتح ڪري بلقان کان ٿيندو ترڪيءَ جي سرحدن کان ٿيندو مصر فتح ڪيائين. ان ڳالهہ جي ڪري انگريز پريشان هئا ۽ جيڪڏهن نيپولين ايران ۽ بلوچستان کان ٿيندو سنڌ پهتو تہ پوءِ هندستان تي حملي ڪرڻ کان هن کي ڪير بہ روڪي نہ سگهندو. افغانستان جو زمان شاهہ بہ هن جي مدد ڪندو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ مختيار هوندي بہ هن جي نگراني ۾ آهي. جنهن لاءِ ڪراچي بندر اهم هو.

سنڌ مان ڪمپنيءَ جي واپاري ڪوٺيءَ کي ختم ٿئي 23 سال گذري چڪا هئا. انهيءَ عرصي دوران ايسٽ انڊيا ڪمپني جو هن علائقي سان ڪنهن بہ قسم جو لاڳاپو نہ رهيو هو. انگريزن لاءِ ٽالپر حڪمران نہ فقط نوان هئا پر اهي افغانستان جا ڏن پرو پڻ هئا. ٽالپر جيئن تہ شيعا هئا جنهن جي ڪري هڪ مذهبي فرقي جي هئڻ ڪري ايران سان بہ سنا تعلقات هئا ۽ ميرن جا خاص مشير بہ

ايراني هئا. جنهن لاءِ انگريزن هڪ حڪمت عملي جوڙي ته افغانستان ۽ ايران تي حملي لاءِ سنڌ سان دوستي ضروري آهي. جنهن لاءِ هن ڏرتيءَ تي پير کوڙڻ ۽ ٽالپرن کي رام ڪرڻ جو اڪيلو رستو واپار هو جنهن مقصد لاءِ اڳ ۾ ئي انگريزن وٽ هڪ مضبوط هٿيار طور ايسٽ انڊيا ڪمپني موجود هئي.

ٽالپرن جي سنڌ تي حڪومت حاصل ڪرڻ وقت ڪراچي تي خان آف قلات جي حڪمراني هئي. جيڪو خون جي بدلي طور هن کي مليل هو. قلات جي ريڪارڊ ۾ ڪراچي جو نالو هن وقت ”ضلع ڪوره“ هو. خان پاران انتظام هلائڻ لاءِ هتي گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا. اهي گورنر نالي ماتر هئا. ڪراچي تي اصل حڪمراني هتان جي هن دور جي مشهور واپاري ۽ سيٺ پوجومل جي پٽ دريانومل (درياهه ڏنو مل) ۽ سندس پائرن جي هئي. ڪراچي جا ماڻهو خاص ڪري ميربحر انهن مان خوش هئا. ڇاڪاڻ ته انهن جي واپار ڪري هتان جي ماڻهن ۾ معاشي بهتري آئي هئي ۽ باقي سنڌ جي ڀيٽ ۾ هتي امن هو.

1782ع ۾ ڪراچي کي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ مير فتح علي خان 15 هزار ماڻهن تي ٻڌل فوج ٻن ڪمانڊرن ميان فقيرو جيڪو برهماڻي بلوچ هو جنهن جي نالي سان اڄ به حيدرآباد ۾ فقير جو پڙ مشهور آهي ۽ ميان پاليا (پهريو) جي اڳواڻي ۾ موڪليو. اهو لشڪر لياري ندي جي ٻئي ڪناري جتي باغ هئا. ماڻهو لياري ندي جي ڪناري کوهه کوٽي هن جو پاڻي زراعت لاءِ استعمال ڪندا هئا انهن باغن ۾ ميرن جي لشڪر پڙاءُ ڪيو هو لشڪر نيڪ انهيءَ جاءِ تي اچي خيما کوڙيا جتي اڄڪلهه ڪلاڪوٽ، جمن شاهه پلاٽ، ريڪسر لائين وارا علائقا آهن. اهي تمام علائقا لياري ندي جي ٻئي ڪناري (ساڄي ڪناري)هئا. اڳ ۾ لياري ندي هتان ئي وهندي هئي. ڪراچي جو ڪوٽ ککري گرائونڊ ڪان به اڳتي جتان مني در وارو علائقو شروع ٿئي ٿو هتي هو ۽ ڪوٽ جي هڪ پٽ لياري نئين سان لڳ هئي. بغدادي واري علائقي ۾ چمڙي رنگڻ وارا ماڻهو رهندا هئا جيڪي ڪڏي (ڪراچي واري ڪن) ٽائين هئا. هاٽوڪي لياري واري ندي جيڪا گهٽي پاڻي اچڻ ڪري چاڙ جو ڪم ڏيندي هئي. انگريز دور ۾ لياري ندي ۾ آيل ٻوڏ ڪري پراڻي شاخ کي بند ڪيو ويو ۽ پاڻي جو پورو رخ هاٽوڪي لياري واري شاخ ڏانهن موڙيو ويو پراڻي شاخ هاڻي فقط هڪ گٽر نالي جي صورت ۾ موجود آهي. ککري گرائونڊ ۽ شيدي ڳوٺ واري علائقي ۾ ٿوهر جا جهنگ هئا جتي مزدور ماڻهو رهندا هئا حسن لشڪري وليج کان وني شير شاهه ٽائين ايڪڙ بيڪڙ ڳوٺ هئا جيڪي مالوند ماڻهن جا هئا ۽ ڪجهه زراعت سان واڳيل هئا. ميرن جي ايڏي وڏي لشڪر جي ڪري اهي خاموش هئا. ڇاڪاڻ ته ڪراچي شهر سان انهن جو ايترو واسطو نه هو انهن جو واسطو فقط کير ۽ سبزي پهچائڻ هو. انهن جو اهو ڪاروبار ميرن جي لشڪر اچڻ

ڪري بند نه ٿيو پر انهن ميرن جي لشڪر ڪي ڪير ۽ سبزيون ڏيئي پنهنجو گذر سفر ڪيو. ان مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ڪراچي بندر ۽ ڪوٽ وارو علائقو الڳ حيثيت ۾ خان آف قلات جي حڪمراني ۾ هو. هاڻوڪي ڪراچي جا باقي علائقا جنهن ۾ ملير، ڳڏاپ، ڪوهستان، منگهو پير، گابوپٽ، ابراهيم حيدري ۽ ريڙهي جي جدا حيثيت هئي جيڪي سنڌ سان گڏ ميرن جي ڪنٽرول ۾ هئا انهن جي حيثيت الڳ رياست جي هئي.

ٽالپر فوجن جي اچ وڃ مٺي در تائين هئي جنهن جي ڪري مٺي در کي بند ڪيو ويو ۽ ٽالپر فوج کي پري رکڻ لاءِ وقفي وقفي سان ڪوٽ جي برجن تي جيڪي توبون لڳل هيون فائر ڪيا ٿي ويا. جنهن جي ڪري ٽالپر فوج کي ڪوٽ تي حملي ڪرڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿي. ڪوٽ اندر رهندڙ ماڻهن جي اڳواٽي پوجو مل جو وڏو پٽ سيٺ پلرام داس ڪري رهيو هو. قلات جي خان پاران هتي ڪا به فوج نه هئي جنهن جي ڪري ڪراچي جي ڪوٽ اندر رهندڙ ماڻهن کي پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻو هو. حملي جي صورت ۾ 500 مهاڻا ۽ ٻيڙياتا تيار هئا. اچ وڃ لاءِ ڪارو در ڪليل هو تنهنڪري انهن جي روزمره زندگي تي ڪو اثر نه پئجي رهيو هو فقط مٺي پاڻي حاصل ڪرڻ جو مسئلو، جنهن لاءِ انهن کي ڪاري ڌر ڪان وڏو چڪر لڳائي ڪڏي واري جاءِ تي پاڻي لاءِ اچڻو پوندو هو.

اڍائي مهينا ڪوٽ کي گهيري ڪانپوءِ ٽالپر فوج ۾ بيزاري جا آثار ظاهر ٿيا. تنهن ڪري ميرن اهو گهيرو ختم ڪيو ۽ ناڪام واپس ٿي حيدرآباد پهتا.

1793ع ۾ ٻيهر ميرن ڪراچي تي قبضي لاءِ لشڪر موڪليو. انهيءَ جاءِ جتي 1782ع ۾ انهن پڙاءُ ڪيو هو. هتي ئي فوج کي پڙاءُ جو حڪم ڏنو ويو. هن ڀيري ميرن جي لشڪر شهر تي شديد گولاباري ڪئي پر ڪو نقصان نه پهتو شهرين پاران سخت مزاحمت ڪئي ويئي. تنهن ڪري مجبورن ٽن مهينن جي گهيري ڪان پوءِ ميرن جي لشڪر کي ناڪام واپس ورڻو پيو.

خان آف قلات پاران ڪا مدد نه ڪرڻ جي صورت ۾ شهر جا ماڻهو جيڪي گهڻو ڪري واپاري هئا. گهيري جي ڪري انهن جي واپار تي اثر پئجي رهيو هو چاڪاڻ ته ٻاهران ايندڙ قافلن لڙائي جي صورت ۾ ڪراچي بندر جو رخ نه ڪيو. مڪران ۽ ايران کان ايندڙ قافلا منگهوپير ۽ لانڍي وارو رستو وني ٺٽي ڏانهن وڃڻ لڳا. جنهن جو نقصان ڪراچي وارن کي پئي ٿيو.

شهر تي مقرر ڪيل خان آف قلات پاران گورنر نالي جو گورنر هو. شهر جو انتظام پوجواڻي سينن جي محلي ۾ قائم دريا ٿان مندر تي حملو ڪيو. مورتين کي لٽڻ ۽ تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ مندر جي سامهون هڪ مسجد به اڏي ڇڏي. جنهن جي ڪري شهر ۾ مذهبي جهيڙا ٿيا. شهر ۾ هندو ۽ مسلمانن ۾ جيڪو ايڪو هو جنهن جي ڪري ميرن جا به حملا ناڪام ٿيا هئا.

ان ايڪي کي نقصان پهتو. هتان جي هندو ۽ مسلمانن جي معزز ماڻهن جي وچ ۾ پئي هن جهيڙي کي وڌڻ کان بچايو ۽ خان آف قلات کي هڪ خط وسيلي آگاهي ڏني ۽ گهر ڪئي ته انهيءَ جهيڙي جو جڙ گورنر شفيع علي خان آهي. تنهن ڪري هن کي فوري طور تي هٽايو وڃي. خان آف قلات جو ڪراچي جي انتظام ۽ بچاءُ لاءِ ڪو خرچ نه پئي ٿيو ۽ الٽو هن کي محصول مان چڱو پئسو ملي رهيو هو ۽ پوري انتظام کي هتان جا ماڻهو پاڻ هلائي رهيا هئا تنهن ڪري خان آف قلات محمود خان شهرين جي گهر کي مڃيندي گورنر کي هٽائي هن جي جاءِ تي حاجي سعيدو (حاجي شادو) کي ڪراچي جو نئون گورنر مقرر ڪيو.

انهن ڳالهين کي ڏسندي ميرن 1794ع ۾ ٽيون ڀيرو 20 هزار فوج سان ڪراچي تي حملو ڪيو. ڪراچي وارن پاران مزاحمت تي ٽالپر فوج ٽيون ڀيرو هٽي وڃي خيما کوڙيا جتي هو ٻه ڀيرا اڳ ۾ پڙاءُ ڪري ڪوٽ کي گهيري ۾ آڻي چڪا هئا. فوج جا ڪمانڊر هن ڀيري ٻه ميان فقيرو ۽ ميان پاليا (پهريو) هئا ۽ فوج جو اڳواڻ مير ڪرم علي خان هو. مير ڪرم علي خان جا پوجومل جي پٽ ڏريانومل سان سٺا تعلقات هئا. جيئن ته ڪراچي جا ماڻهو ڏريانو مل جي اڳواڻي ۾ گڏ هئا ۽ انهيءَ ايڪي جي ڪري ميرن کي ٻه ڀيرا ناڪامي جو منهن ڏسڻو پيو. هن ڀيري ميرن پنهنجي ذاتي تعلقاتن ۽ دوستي کي استعمال ڪيو. انهن کي ٽئين ڀيري حملي وقت اها ڳالهه محسوس ٿي رهي هئي ته حملي جي صورت ۾ ميرن کي ناڪامي کانسواءِ ڪجهه به نه حاصل ٿيندو. تنهن ڪري انهن ڏريانو مل سان رابطو ڪيو جنهن لاءِ حيدرآباد ۾ رهندڙن پوجواڻي سيٺن جي مائٽن کي به استعمال ڪيو ويو. مير ڪرم علي خان ڏريانو مل کي هڪ خط لکيو ته:

”خان آف قلات پاران ڪراچي ۾ ڪا به فوجي چانوٽي نه آهي پر مون کي افسوس آهي ته اوهانجي ماڻهن اسان جي فوج جو مقابلو ڪيو آهي. اسان جا پراڻا تعلقات آهن ۽ اسين ٻئي هڪ ڌرتيءَ جا سپوت آهيون تنهن ڪري پنهنجي روين ۾ تبديلي ضروري آهي.“

هن خط کان پوءِ ڏريانو مل هڪ خط قلات جي خان ڏانهن به موڪليو ته ٽالپرن ٽيون ڀيرو 20 هزار فوج موڪلي ڪراچي جي ڪوٽ جو گهيرو ڪيو آهي، ٻه ڀيرا ته ڪراچي وارن انهن جي حملي کي ناڪام بنايو آهي ۽ هن ڀيري به اجا تائين ڪراچي جا ماڻهو ٽالپرن جي فوج کي روڪي وينا آهن، جيئن ته ڪراچي اوهان جي صاحبي ۾ آهي تنهن ڪري ان جي حفاظت لاءِ فوج موڪلي وڃي ۽ اچي ڪراچي جي حفاظت ڪئي وڃي. هن خط جي جواب ۾ قلات جي خان محمود خان جواب موڪليو ته، ”آئون هن وقت ڪنهن به لڙائي جي پوزيشن ۾ نه آهيان. اهو اوهان تي ڇڏيل آهي ته شهر کي ٽالپرن جي حملي کان بچايو يا ٽالپرن جي حوالي ڪريو. ٻنهي صورتن ۾ اوهان تي ڪا ميار نه هوندي.“

جنهن ڪانيوءِ ڏريانو مل شهرين سان صلاح ڪري مير ڪرم علي خان کي خط لکي موڪليو ته، ”اسان پراڻا دوست آهيون. مونکي اوهان جي حڪم مڃڻ ۾ خوشي ٿيندي پر ان لاءِ ڪجهه ضمانتون چاهيون ٿا ته جڏهن ڪراچي کي اوهان جي حوالي ڪيو وڃي ته اوهان جي فوج کي شهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه هوندي اوهان جي پاران ڪراچي جي انتظام هلائڻ لاءِ جيڪو گورنر يا نواب مقرر ٿيندو هن کي هر ڪم اسان جي مشوري سان ڪرڻو پوندو ۽ هن کي ڪراچي جي شهرين جو پورو پورو خيال رکڻو پوندو.“



**خان آف قلات محمود خان (1894)**

مير ڪرم علي خان اهي تمام شرط قبول ڪيا. جنهن ڪانيوءِ ڏريانو مل ڪراچي جي قلات پاران مقرر ڪيل گورنر حاجي سعيدو (شادو) کي آگاهه ڪيو ۽ چيو ته ڪراچي جي ماڻهن ۾ هاڻي ايتري سگهه نه آهي جو هو ميرن جي فوج جو مقابلو ڪن جيڪڏهن اوهان پنهنجي فوج گهرائي مقابلو ڪري سگهو ٿا ته اوهان کي اجازت آهي. پر گورنر وڙهڻ کان معذرت ڏيکاري، ته قلات جي خان پاران جيڪو جواب آيل هو هن کان به واقف هو ۽ هن خواهش ڏيکاري ته هن کي حفاظت سان قلات واپس موڪليو وڃي. تنهن تي ڏريانو مل پنهنجي محافظن سان هن کي قلات روانو ڪيو ۽ اهڙي طرح 1794ع ۾ ڪراچي بيهر سنڌ جو حصو بڻجي ٽالپرن جي انتظام هيٺ هلي ويئي. هن ڀيري ڪراچي جو گهيرو ٽي مهينا جاري رهيو. ڳالهين دوران به مير وقفي وقفي سان شهر تي گولاباري ڪندا رهيا.

سيٺ نائون مل جي ”يادگيرين“ مطابق 1794ع مطابق ڀادون جي ڀارنهن تاريخ اربع ڏينهن سميات تي، سيٺ ڏريانو مل ڪراچي شهير جي ٻنهي درن جون ڪنجيون مير فتح علي خان جي فوج جي ڪمانڊرن ميان فقيرو ۽ ميان پاليا جي حوالي ڪيون.“

هن خوشي ۾ ڏريانو مل پنهنجي گهر هڪ دعوت جو بندوبست ڪيو جنهن ۾ ٻين ڪانسواءِ شهرين پاران حملي دوران ڪوٽ جو سالار پلرام داس ۽ توب خاني جو اڳواڻ سيٺ ڪيول رام ٻيا هندو ۽ مسلمان معززين گڏ هئا.

نئين فتح ڪيل علائقي جي حفاظت لاءِ ميرن طرفان آغا زين العابدين کي ڪراچي جو نواب مقرر ڪيو ويو. جيڪو ايراني نسل جو هو ۽ ڇهه سال ڪراچي جو نواب رهيو. آغا زين العابدين فارسي جو سٺو شاعر ۽ علم طب جو ڄاڻو بہ هو. جيڪو 2 جمادي الاول 1288هہ ۾ ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو ۽ هن کي حيدآباد ۾ دفن ڪيو ويو. هن جي وفات ڪانپوءِ آغا ڪاظم پاشا جيڪو بہ ايراني هو ڪراچي جو نواب مقرر ڪيو ويو هو.

ڪراچي فتح ڪانپوءِ ميرن نواب جي مدد لاءِ ملير جا هڪ سئو ڪلمتي قبيلي جا ماڻهو مقرر ڪيا. ٻئي پاسي سيٺ دريانو مل جي ٻيڙين جي حفاظت لاءِ اڳ ۾ ئي ملير جي جوکيا قبيلي جا ماڻهو مقرر ٿيل هئا. فتح وقت نواب جيئن تہ شهري انتظام لاءِ هو ۽ فوجي انتظام لاءِ احمد خان پرڳڙي کي پهريون گورنر مقرر ڪيو ويو.



**ڪراچي جو ڪوٽ (1830ع)**

مير فتح علي خان ۽ مير ڪرم علي خان ڪراچي جي حاصل ڪرڻ تي خوش هئا. ڇاڪاڻ تہ ٻين حڪمرانن وانگر ميرن کي بہ ڪراچي جي آمدني سان دلچسپي هئي. مير ڪرم علي، سيٺ دريانو مل کي اعزاز طور ڪراچي جي آمدني جو ڪجهہ حصو ڏيڻ جو فيصلو ڪيو پر سيٺ اهو ونڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو تہ ماڻهو ائين نہ سمجهن تہ سيٺ اهو سڀ ڪجهہ پئسن لاءِ ڪيو آهي. پر ميرن سيٺ دريانو مل جي ٻاهران ايندڙ واپاري سامان تان چنگي معاف ڪئي. سيٺ جي باغن تان ڍل ۽ آبيانو بہ معاف ڪيو ويو. سيٺ دريانو مل جي مني در واري علائقي ۾ شراب ناهڻ جي ڀٽي هئي. ڪلهوڙن جي دور کان انهن کي شراب ناهڻ جي اجازت مليل هئي. ميرن هن اجازت نامي کي جيئن جو تيئن برقرار رکيو.

ڪراچي حاصل ڪرڻ لاءِ ميرن کي وڏي جاکوڙ ۽ محنت ڪرڻي پئي هئي تنهن ڪري هن جي حفاظت لاءِ انهن بندرگاهه کي ساموندي حملي کان بچائڻ لاءِ منهوڙي جي پهاڙي تي هڪ قلعو تعمير ڪرايو. جنهن تي ٻارنهن توپون لڳايون ويون ۽ هتي مستقبل طور تي فوج رکي ويئي. بندرگاهه جي حفاظت لاءِ پهريدار مقرر ڪيا ويا. قلعي جي اڏاوت 1797ع ۾ مڪمل ٿي. ٽالپرن بندرگاهه جي ترقي پاسي به ڌيان ڏنو.

بدلجندڙ سياسي وايو منڊل ۾ انگريزن لاءِ سنڌ جي اهميت وڏي رهي هئي. هو ڪنهن به طرح سنڌ سان بيهر تعلقات بحال ڪرڻ جو سوچي رهيا هئا. 8 آڪٽوبر 1798ع تي هندستان جي گورنر جنرل مارڪس ويلزلي (Marquis wellesly) بمبئي جي گورنر جوناٿن ڊنڪن (Junathan Duncan) کي خط لکي هدايت ڪئي ته فوري طور تي سنڌ ۾ واپاري ڪوٺي قائم ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن ته جيئن افغانستان جي حڪمرانن تي ضابطو آندو وڃي ۽ زمان شاهه کي ننڍي کنڊ تي حملي کان پاسيرو رکڻ لاءِ سنڌ جي حڪمرانن سان دوستاڻا لاڳاپا رکڻ ضروري ٿي پيا آهن. جنهن لاءِ گورنر ڊنڪن آغا عبدالحسين جيڪو هڪ ايراني دولتمند هو، بصره ۾ برطانوي وڪيل به رهي چڪو هو ۽ ڪمپنيءَ جي پئسن تي مختلف ملڪن ۾ ڪم ڪندو هو. ظاهري طور تي هو هڪ واپاري هو پر اصل ۾ هو انگريزن جو جاسوس هو. جيئن ته سنڌ جا ٽالپر حڪمران شيعا هئا ايرانين سان انهن جو رويو دوستاڻو هو ۽ خود ميرن جا مشير ايراني هئا. آغا عبدالحسين به ايراني شيعو هو انگريزن هن مذهبي فرقي جو آڙ وٺي سنڌ جي حڪمرانن کي شيشي ۾ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جيڪا حڪمت عملي اڳتي هلي ڪامياب ويئي.

آغا عبدالحسين 24 فيبروري 1799ع تي حيدرآباد پهتو. مير فتح علي خان جي خاص وزير ابراهيم شاهه جي وسيلي هو مير فتح علي خان سان ايسٽ انڊيا ڪمپني جي واپار جي سلسلي ۾ ڳالهين ۾ ڪامياب ويو. ٽالپرن ڪلهوڙن جي دور جي شرطن تحت سنڌ ۾ ڪمپني کي واپاري ڪوٺي کولڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. انهن ڳالهين جي روشني ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني، بمبئيءَ سول سروس جي هڪ عملدار ناٿن ڪرو کي ايجنٽ مقرر ڪري هن هدايت سان سنڌ روانو ڪيو ته، ”هو افغانستان جي بادشاهه ۽ سنڌس ميرن ٻاران تعلقاتن تي خاص نظر رکي ۽ واپار پاسي گهٽ پر سياسي چرپر ۽ سروي تي گهڻو ڌيان ڏي.“

ناٿن ڪرو بمبئي مان ”ڊريڪ“ جهاز وسيلي چوماسيءَ جي بارش ۾ سمنڊ رستي 1799ع ۾ ڪراچي پهتو. هن سان گڏ هڪ جمعدار، ٻه سپاهي، هڪ ڊاڪٽر ۽ ڪمپني جي نشان وارو جهنڊو هو. ڪراچي پهچڻ تي ناٿن ڪرو جو ڪو خاص آڌر ڀاءُ نه ٿيو. ڪراچي ۾ واپارين جو اڳواڻ

ڏريانو مل انگريزن جي اچڻ تي خوش نہ هو. ڇاڪاڻ تہ هو سمجهي چڪو هو تہ انگريزن جو اصل مقصد ڇا آهي.

ڪراچي ڪانپوءِ ناٿن ڪرو ڳڏري (ڳسري) بندر رستي ميرن جي حڪم تحت ٺٽي پهتو. ڪرو جون 1799ع ۾ ٺٽي پهتو، جتان هو آغا اسماعيل پاران موڪليل ٻيڙي تي چڙهي، 10 جولاءِ تي حيدرآباد پهتو. حيدرآباد پهچڻ تي ڪرو محسوس ڪيو تہ جيڪو ڪم هن کي سونپيو ويو آهي اهو سولو نہ آهي. پر هو بہ هڪ شاطر انگريز هو ۽ سيني ڏڪيائن لاءِ ذهني طور تي تيار هو. ميرن جي دلچسپي اينڊڙ سياسي حالتن ڏانهن گهٽ پر سوکڙين پاسي وڌيڪ هئي. تنهن تي ڪرو چوائي موڪلين تہ هو سوکڙيون خاص ملاقات ۾ پيش ڪندو. ڇهن ڏينهن جي اوسيئڙي ڪانپوءِ خاص ملاقات ٿي. ڪرو ٺٽي ۽ ڪراچي ۾ واپاري ڪوٺيون کولڻ جي اجازت گهري. ميرن جو موقف هو تہ آغا عبدالحسين سان فقط ٺٽي ۾ ڪوٺي کولڻ لاءِ ڳالهہ ٿي هئي ۽ ڪراچيءَ ۾ واپاري ڪوٺي جي اجازت نہ ڏيڻ تي مير اڙجي بيهي رهيا.

ڪراچي جي واپار تي پوجومل جي پٽ ڏريانو مل اينڊ برادرس تي ڪنٽرول هو. پوجواڻي سيٺ ڪراچي ۾ انگريزن پاران واپاري ڪوٺي کولڻ جي خلاف هئا. هن سان ٻين نقصانن سان گڏ انهن جي واپاري هڪ هٽي ختم پئي ٿي. ڪراچي کي واپس وٺڻ ۾ پوجواڻي سيٺن ميرن جي هر ممڪن مدد ڪئي هئي ۽ ميرن اهو واعدو بہ ڪيو هو تہ ڪراچي ۾ انتظامي ڦيرگهير ۾ هو ڏريانو مل کان صلاح وٺندا، ڪراچي جو نواب ۽ گورنر بہ سندس صلاح مشوري تي عمل ڪندا. پوجواڻي سيٺن جون واپاري ڪوٺيون ڪراچي، ٺٽو، سون مياڻي، شڪارپور، شاهہ بندر، سکر ڪانسواءِ ڪشمير، ڪڇ، ايران، افغانستان، بمبئي، ملبار ۽ سورت تائين پکڙيل هيون.

ڪرو جڏهن ڪراچي پهتو تہ پوجواڻي سيٺن خطرو محسوس ڪندي مير غلام علي، مير مراد علي ۽ مير ڪرم علي کي پنهنجن خدشن کان آگاهہ ڪيو ۽ انهن سيني ميرن ڪرو جي سامهون ڪراچي ۾ واپاري ڪوٺي کولڻ جي مخالفت ڪئي انهيءَ دوران آغا اسماعيل جيڪو ميرن جو خاص ماڻهو هو ۽ ميرن جي وزيراعظم آغا ابراهيم جو پٽ هو. پر اندر ۾ هن جون همدرديون انگريزن سان هيون. ڪرو کي صلاح ڏني تہ هو ٻئي نمبر مير غلام علي سان ملي ۽ سوکڙين جي لالچ ڏيئي هن کي پنهنجي پاسي ڪري.

اها ملاقات فائدي مند ثابت ٿي جنهن ۾ مير غلام علي ڪرو کان مارٽر گولن ۽ هڪ ڊاڪٽر جي گهر ڪئي ۽ گڏوگڏ گهر ڪئي تہ عمر ڪوٽ (امر ڪوٽ) جو قلعو جيڪو جوڌپور جي راجا جي قبضي هيٺ آهي. حاصل ڪرڻ لاءِ توبخاني سان گڏ تجربيڪار توبچي بہ ڏنا وڃن. ڪرو شهزادي سان واعدو ڪيو تہ سندس ارادي کان گورنر ڊنڪن کي آگاهہ ڪندو ۽ ڪيس يقين ڏياريو تہ

گورنر، بمبئي ۾ رکيل ڪمپنيءَ جي هٿيارن مان هن جي مدد ضرور ڪندو. پوءِ مناسب موقعي تي ڪرو بمبئيءَ کان آنڊل سوکڙين جن ۾ ڪپڙو، گھڙيال، شڪار لاءِ بندوقون، چرا، پستول ۽ دارو هئا پيش ڪيون. سوکڙين ڪانپوءِ ميرن ڪرو کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون ۽ ڪرو جي ڪراچي ۾ واپاري ڪوٺي کولڻ جي گذارش قبول ڪئي. 26 آگسٽ 1799ع تي ڪرو کي هر قسم جا پروانا ملي چڪا هئا.

ڊاڪٽر مبارڪ علي پنهنجي ڪتاب The English factory in Sindh ۾ ڪراچيءَ ۾ واپاري ڪوٺي بابت لکي ٿو تہ:

”آگسٽ 1799ع ۾ انگريزن کي حڪومت سنڌ پاران ڪراچي شهر جي قلعي کان ٻاهر هڪ فيڪٽري ۽ تجارتي ڪوٺي قائم ڪرڻ لاءِ زمين الرٽ ڪئي ويئي. اها زمين بنا اجوري جي ڏني ويئي. هن واپاري ڪوٺيءَ کي هر قسم جي سگاليءَ جي طور تي کولي ويئي پر هن جي پويان هي مقصد بہ هو تہ پنهنجي دشمن زمان شاهہ ۽ نيپولين بونا پارٽ سان مقابلي لاءِ سنڌين کان سهڪار حاصل ڪيو وڃي.“

نئي ڪانپوءِ ڪراچي ۾ اها واپاري ڪوٺي قائم ڪئي ويئي هئي. اها ڪوٺي شهر کان ٻاهر هاٽوڪي گانڌي گارڊن واري جاءِ تي لياري نديءَ جي ڪناري قائم ڪئي ويئي هئي. ڪوٺي سان گڏ فيڪٽري بہ هئي ڪراچيءَ ۾ انگريزن جي اها فيڪٽري ڪنهن شيءِ کي ٺاهڻ لاءِ نہ پر حقيقت ۾ هي گودام هو تنهن ڪري هن کي فيڪٽري بجاءِ گودام يا واپاري ڪوٺي چوڻ مناسب ٿيندو. ڪراچيءَ ۽ ٺٽي ۾ قائم واپاري ڪوٺين جو هڪ مقصد سنڌ جي پيدا ٿيندڙ مختلف زرعي جنسن ڪانسواءِ گرم مصالحو، ڪنڊ، ريشم، قلمي شورو ۽ نيرو وٺي يورپي مندين تائين پهچائي پئسو ڪمائڻ بہ هو. انهن ڪوٺين جي حساب ڪتاب لاءِ انتهائي ذهين، تجربيڪار ۽ سياسي ذهن رکندڙ ۽ مقامي ٻولين ۾ ڄاڻ حاصل ڪندڙن کي رکيو ويندو هو. اهڙا سڀ نمائندا ڳجهين سرگرمين ۽ سروي جا ماهر بہ هوندا هئا.

8 سيپٽمبر 1799ع تي ٺٽي واريءَ ڪوٺيءَ جي مٿان ڪمپني جو جهنڊو جهولايو ويو. 24 سيپٽمبر 1799ع تي ڪراچيءَ ۾ قائم نئين ڪوٺي واري جاءِ تي پڻ ڪمپنيءَ جو جهنڊو ڦڙڪائي واپاري ڪوٺيءَ جو افتتاح ڪيو ويو. ٽالپرن جي اجازت سان لياريءَ نديءَ ڪناري تي نهندڙ اها جاءِ سنڌ ۾ انگريزن جي پهرئين جاءِ هئي. ٺٽي واري واپاري ڪوٺي مسواڙ تي حاصل ڪيل هئي. ڪراچي واري ڪوٺي مان اڳتي هلي انگريز ساليانو چئن لکن جو مال سنڌ مان درآمد ۽ برآمد ڪرڻ لڳا.

انگريز جيتوڻيڪ 1611ع ڌاري پهريون ڀيرو سنڌ ۾ آيا. جنهن دوران 1613، 1635، 1758، 1761 ۽ 1775ع تائين وقفي وقفي سان انگريزن جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان سنڌ ۾ وپار هلندو رهيو. پر

1799ع ڌاري ميرن جي زماني ۾ انهن جي پاليسيءَ ۾ واپار سان گڏ سياست جا ٻئا مقصد به شامل هئا.

سنڌ سان واپاري ناتا بحال ڪرڻ اصل ۾ انگريزن جي سياسي ضرورت هئي. ظاهري بهانو ته واپاري رشتن قائم ڪرڻ جو هو پر اصل مقصد سياسي هو. ڇاڪاڻ ته هڪ پاسي انگريز فرينچ فوج جي اڳتي وڌڻ کان ڊنل هئا. ٻئي پاسي هندستان ۾ ٽيپو سلطان انهن لاءِ خطرو هو. ٽئين پاسي افغانستان جو حڪمران زمان شاهه به هندستان تي حملي جي تيارين ۾ هو. انهن سڀني ڳالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ انگريزن لاءِ سنڌ سان لاڳاپا قائم ڪرڻ انتهائي ضروري هئا.

انهن واپاري ڪوٺين قائم ڪرڻ جو اصل مقصد اهو هو ته افغانستان تي حملي جو رستو هموار ڪجي. جنهن لاءِ اهو ضروري هو ته ٽالپرن سان انگريزن جا لاڳاپا بهتر هجن پر جڏهن انهن سنڌ ۾ پير ڪوڙيا ته ميرن جي پاليسين، جنگي حڪمت عملين کان واقف ٿيا ۽ سنڌ تي قبضو ڪيو.

قدرت به انگريزن جو ساٿ پئي ڏنو. نيپولين ابوخير جي معرڪي ۾ انگريزن جي جنگي ٻيڙي کان شڪست کاڌي ۽ ايڪڙ جي جنگ ۾ انگريزن ۽ ترڪن کان مات کائي فرانس هليو ويو. هيڏانهن هندستان ۾ انگريزن جو وڏو دشمن ٽيپو سلطان 1799ع ۾ وڙهندي ميسور (سرنگا پٽم) ۾ شهيد ٿيو.

مارچ 1800ع ۾ مسٽر ڪرو حيدرآباد جي شاهي دربار سان ڳالهائي بمبئيءَ سرڪار کي اطلاع ڏنو ته هو شخصي طور حالتن کان مطمئن آهي ۽ سنڌ جا حڪمران ان سان سهڪار ڪري رهيا آهن. ان عرصي ۾ ٻنهي حڪومتن وچ ۾ خط پٽ جو سلسلو جاري رهيو. ڪرو پاڻ سان گڏ ڊاڪٽر، توبچي ۽ توب جا گولا کڻي آيو هو. ڇاڪاڻ ته گذريل جولاءِ 1799ع ۾ مير غلام علي ڪيس اهڙي گذارش ڪئي هئي. هن پيري ڪرو جو شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ويو هو. ڪرو سان گڏ جيڪو ڊاڪٽر آيو هو هن جو نالو ”سرجن درهام“ هو. جتي آغا اسماعيل کان صلاحون وٺي هو ميرن سان مليو هو.

ڪرو اٺ مهينا ڪراچيءَ واري ڪوٺيءَ ۾ رهي چڪو هو. هتي ان جي چرپر تي ڪراچي واسي نظر رکندا هئا. انهيءَ دوران ڪراچي جي ماڻهن اها ڳالهه محسوس ڪئي ته بندر تي ڪمپنيءَ جي واپار نالي ماتر هئي. ڪرو ۽ ان جا ڇاڙتا بندر ۽ ان جي آس پاس جو واءُ سواءُ لهندا هئا. انهيءَ ڳالهه تي ڏريانو مل ۽ ڪراچي جي ٻين واپارين سخت اعتراض ڪيو ۽ انهن ميرن کي چئي ڏنو ته ڪمپنيءَ جو اصل مقصد واپار نه پر سنڌ فتح ڪرڻ آهي. انهيءَ سڀني ڳالهين تي پردو وجهڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي ميرن جي سامهون سرخرو ڪرڻ لاءِ ڪرو ڊاڪٽر، توبچي، مارٽر گولا ۽ سوکڙيون جن جي ماليت 00 -2804 رپيا هئي ميرن کي ڏنيون.

ڊاڪٽر جي فرمائش تي اڄ به سنڌ ۾ اها ڳالهه مشهور آهي ته، ”ميرن هڪ ڊاڪٽر ۽ مٺي سور جي گورين عيوض سنڌ انگريزن جي حوالي ڪئي.“

وقتي طور تي ڪرو کي ڪاميابي نصيب ٿي، پر ٻئي پاسي ڊريانو مل ۽ افغانستان جو شاهه زمان انگريزن جو سنڌ ۾ اچڻ سمجهي چڪا هئا. ڪراچيءَ جي واپارين ميرن ۾ چاڙهو نه ڏسي افغان بادشاهه کي آگاهه ڪيو. ڇاڪاڻ ته سنڌ جا حاڪم افغانستان کي ڏن ڀريندا هئا.

ڪرو کي ڪمپنيءَ پاران اها به هدايت مليل هئي ته هو ميرن سان گڏوگڏ افغانستان جي بادشاهه جي هر چرپر کي به نوٽ ڪري ۽ ڪوشش ڪري ميرن کان لڪي هن ڏانهن دوستيءَ جو پيغام موڪليو وڃي. ڪرو ڪراچيءَ ڪانسواءِ سون مياڻي بندر تي به پنهنجا جاسوس رکيا هئا. ڪرو ڪمپنيءَ پاران رکيل ذميوارين ۾ ثابت قدم ۽ سوڀارو ٿي رهيو هو. ڪرو جڏهن حيدرآباد سوڪڙيون ڪٽي پهتو هو ته افغان بادشاهه جو ڪليڪٽر اختر جان به هتي موجود هو جيڪو ميرن کان ڏن وصول ڪرڻ آيو هو. ڪرو هن ڏانهن دوستي جو هٿ  وڌايو پر اختر جان ان کي خاص اهميت نه ڏني. آس پاس جون حالتون تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيون هيون. ٽيپو سلطان جي ملڪ جي وڏي حصي تي انگريز قبضو ڪري چڪا هئا. سورت جي نواب کي به طاقت جي زور تي انگريزن پنهنجي اختيار ۾ ڪري ڇڏيو هو. انهن واقعن تي ميرن جي به نظر هئي. سنڌ ئي سيني لاءِ اڪيلو سهارو هو. جنهن جي ڪري مختلف ملڪن ۽ رياستن جي راڄائن جي سفيرن ۽ نمائندن ميرن جي دربار ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. اهي سڀ انگريزن جي مقصد تي ميرن سان خيالن جي ڏي وٺ به ڪرڻ لڳا هئا. انهيءَ دورن ۾ ڳالهين ڪري انگريزن جا مقصد ۽ ارادا وائکا ٿيندا پئي ويا. ڪرو محسوس ڪيو ته سنڌ ۾ موجود وايو منڊل انگريز ڪمپنيءَ جي خلاف جڙي رهيو آهي. ڪراچيءَ جون حالتون به ڪرو جي خلاف هيون.

25 آگسٽ 1800ع ۾ جڏهن ڪرو ڪراچيءَ جي ڪمپنيءَ واري آفيس ۾ ويٺو هو ته ساوڻيءَ جي مينهن ۾ مير فتح علي خان جو نمائندو اهو حڪم کڻي پهتو ته هو يڪدم ڪراچيءَ واري واپاري ڪوٺي بند ڪري بنا دير نٿي پهچي وڃي. حڪم نامي سان گڏ آغا اسماعيل جو الڳ به هڪ خط هو جنهن ۾ هن اوچتي ڦير گهير تي روشني وڌل هئي ته ڪراچيءَ جي واپارين پاران اعتراض، سون مياڻي بندر تي ڪرو پاران ٻيجا چرپر ڪانسواءِ مير فتح علي وٽ هندستان ، قنڌار، خيرپور، ڪڇ، مسقط ۽ افغانستان مان انگريزن خلاف اهڙا اطلاع ملي رهيا آهن جن ۾ انهن سيني پاران اهو چيو ويو هو ته ميرن انگريزن کي پنهنجي ملڪ ۾ پير ڪپائڻ لاءِ کليل اجازت ڏني آهي. اهي سڀ ميرن جي ان عمل کي غداريءَ سان ڀيٽي رهيا هئا.

ڏريانو مل ۽ ڪراچي جي ماڻهن جي ڳالهه سچ ثابت ٿي رهي هئي. انهن اهڙن خطرن کان ميرن کي گهڻو اڳ آگاهه به ڪيو هو. ميرن جي حڪم نامي ۾ آغا اسماعيل پاران وضاحتي خط ملڻ کانپوءِ ڪراچي قلعي جي ڪمانڊر کرو ڏانهن ماڻهو موڪليو ته؛ ”فوري طور تي ڪراچي ڇڏي هو ٺٽي ڏانهن وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ان کي ڌڪا ڏيئي ڪراچي مان ٻاهر ڪڍيو ويندو.“ جنهن لاءِ ان ڪجهه عملدار به موڪليا هئا. 29 آگسٽ 1800ع تي انهن سيني حالتن کي نظر ۾ رکي کرو وسندي برسات ۾ گهوڙي تي چڙهي ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو. ڇئن ڏينهن کانپوءِ ٺٽي پهتو. پنيان منشي ۽ سپاهي ڪوٺي بند ڪري ٺٽي لاءِ روانا ٿيا. ٺٽي جي ويجهو ان قافلي تي سنڌي ماڻهن حملو ڪيو. منشي ۽ سپاهي کي زخمي ڪري ڇهه سئو رپيا روڪ، ڳچها دستاويز ۽ نقشا جيڪي انهن ڪراچي ۾ رهڻ وقت تيار ڪيا هئا. پاڻ سان ڳڌ ڪٽي ويا. ٻئي پاسي ڪراچي بندر تي ڪمپنيءَ جو جهاز ”ائنستيلوپ“ کي کرو بمبئيءَ ڏانهن موڪلڻ جي هدايت ڪئي.
کرو پاڻ سان ٽيندڙ ويٽن جو ذڪر هڪ خط وسيلي آغا اسماعيل سان ڪيو. جيڪو ئي ميرن جي دربار ۾ هن جو دوست ۽ همدرد هو. خط ملڻ کانپوءِ ميرن کرو کي حيدرآباد گهرائي ورتو. 8 سيپٽمبر 1800ع تي کرو ميرن پاران موڪليل ٻيڙي تي چڙهي سنڌو رستي حيدرآباد لاءِ روانو ٿيو. 10 سيپٽمبر تي هو حيدرآباد پهتو ۽ 12 سيپٽمبر تي ان ميرن سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ کرو شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيا. انهيءَ ملاقات دوران حيدرآباد جي دربار ۾ موجود سوين ماڻهو زور سان نعرا هڻي انگريزن کي سنڌ مان نيڪاليءَ جي گهر ڪري رهيا هئا. جنهن جي ڪري مير منجهي پيا. ڪراچي ۾ ماحول اڳ ۾ ئي انگريزن جي خلاف هو ۽ حيدرآباد ۾ به ان جا آثار نظر اچي رهيا هئا.

18 سيپٽمبر 1800ع تي کرو ۽ ميرن جي وچ ۾ خاص ملاقات تي مير غلام علي طبيعت صحيح نه هئڻ ڪري ملاقات ۾ شريڪ نه ٿيو. آغا اسماعيل مسلسل ڪوشش ۾ هو ته ميرن ۽ انگريزن جي وچ ۾ صلاح جو ڪو رستو نڪري پوي. ميرن جو وزيراعظم آغا ابراهيم جيڪو آغا اسماعيل جو پيءُ هو حج تي ويل هو. تبديل ٿيندڙ وايو منڊل ۽ سنڌي ماڻهن جي سخت ناراضگيءَ ڪري ناهه ممڪن نه هو. خاص ملاقات ۾ ميرن تمام ڳالهيون کرو جي سامهون رکيون ۽ ٻڌايو ته انگريزن جي سازش خلاف هن کي هزارين خط به مليا آهن. انهن خطن ۾ اوهانجي واپار جي آڙ ۾ سياسي مقصدن کي وائکو ڪيو ويو آهي. انهيءَ دٻاءُ جي نتيجي ۾ اسان اوهان کي ڪراچي جي ڪوٺيءَ بند ڪري ٺٽي وڃڻ لاءِ چيو. انهن حالتن ۾ اوهان ٺٽي رهي پئو. حالتون بهتر ٿيون ته اوهان کي ڪراچيءَ ۾ واپاري ڪوٺي کولڻ جي اجازت ڏني ويندي ۽ پوري سنڌ ۾ اهڙو بندوبست ڪيو ويندو.

انهيءَ موقعي تي ڪرو هڪڙو لکيل ياداشت نامو پيش ڪيو جنهن ۾ ميرن جي واڪاڻ ڪئي ويئي هئي ۽ ڪراچيءَ جي ڪوٺي تي خرچ جا تفصيل، ڪراچي جي قلعي جي ڪمانڊر پاران سنڌس بيعزتي، بدڪلامي ۽ دڙڪن جو ذڪر ٿيل هو ۽ چيو ويو ته ”ان ڪان اڳ ڪمپنيءَ جي اهڙي بيعزتي نه ٿي آهي جو ان جي عيوضيءَ ڪي ڏڪا ڏئي واپاري ڪوٺيءَ واري شهر مان ڪڍيو ويو هجي.“

هن ياداشت نامي ۾ ميرن کي گذارش ڪئي ته ”جيڪڏهن ميرن کي ڪمپنيءَ جي دوستيءَ ۽ عزت جو خيال آهي ته هو پنهنجو هڪ وفد گورنر ڏانهن بمبئي موڪلي ۽ ڪيس آگاهه ڪيو وڃي ته ڪهڙي سبب ڪري ڪراچيءَ واري ڪوٺي بند ڪئي ويئي آهي.“

مير ان ڳالهه تي پريشان هئا. هڪ پاسي خود هن جا شهري انگريزن جي اچڻ ڪري ڪاوڙيل هئا ٻئي پاسي افغانستان جو بادشاهه به ميرن تي انگريزن پاران واپاري ڪوٺي کولڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪري رهيو هو ۽ مير پنهنجي وقتي وزيراعظم آغا اسماعيل انگريزن سان همدردي رکندڙ هئا. ڪراچيءَ جي قلعي جي ڪمانڊر واري واقعي تي ميرن ڪرو کان معافي ورتي. مير فتح علي خان هن کي ڪراچي ۾ هڪ مهيني جي رهڻ جي اجازت ڏني ته ان دوران اتان جي واپاري ڪوٺي ۾ رکيل واپاري مال گڏ ڪري نئي روانو ٿئي ٿو. ڪرو مطمئن هو ته هاڻي ڪجهه به نه ٿيندو. پر مير غلام علي جيڪو طبيعت جي خرابي ڪري ڪرو سان نه مليو. تنهن کي خاص گڏجاڻي جو احوال ڏنو ويو ته هن چيو ته ڪرو فقط ڏهه ڏينهن ڪراچي ۾ رهي سگهي ٿو. هن اهو به چوائي موڪليو ته ڪرو پاران موڪليل توب گولا به ڪنهن ڪم جا نه هئا. ڪرو جڏهن مير غلام علي سان مليو ته هن هڪ شرط رکيو ته جيڪڏهن انگريز عمر ڪوٽ (امر ڪوٽ) جو قلعو وٺي ڏين ته ان جون سڀ ڪوتاهيون معاف ڪيون وينديون ۽ گورنر جيڪڏهن ان معاملي ۾ اسان جي مدد ڪئي ته ٽيهه چاليهه هزار رپيا به ڏينداسين.




**سڪندراعظم جي وقت ۾ ڏکڻ سنڌ جو نقشو جنهن ۾ ملير، لياري نديون ۽ ڪراچي ساحل به ڏيکاريل آهي**

ڪرو وري اهو شرط رکيو ته ”پهرئين ڪراچيءَ وارو معاملو حل ڪيو وڃي، گورنر کي ٽڏو ڪيو وڃي، ان ڪانپوءِ امر ڪوٽ جي قلعي تي ڳالهه ٿي سگهي ٿي.“ مير غلام علي ۽ ڪرو جون ڳالهيون شرطن جي نذر ٿي ويون. سخت تپ ۾ ڪرو حيدرآباد کان نڪتي پهتو. 17 آڪٽوبر 1800ع تائين بستري جي حوالي رهيو. 28 آڪٽوبر 1800ع تي ڪرو جي سوچ جي ابتڙ مير فتح علي خان پاران حڪم آيو جيڪو ميرن جو ڪاردار کڻي آيو هو ته نڪتي واري ڪوٺي به بند ڪري هڪدم سنڌ ڇڏي هليو وڃي. ان حڪم جو سبب الڳ خط ۾ ڄاڻايل هو جيڪو ميرن جي وزيراعظم آغا ابراهيم شاهه پاران لکيل هو. ڪرو جڏهن نڪتي پهتو ته آغا ابراهيم حج تان موٽي اچي چڪو هو. انهيءَ دوران 20 آڪٽوبر 1800ع تي هڪ خاص قاصد وسيلي افغانستان جي بادشاهه زمان شاهه جو خط ميرن کي مليو جيڪو مير فتح علي خان جي نالي لکيل هو جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته ”اوهان بنا اجازت انگريزن جي نمائندن کي سنڌ ۾ رهڻ جي اجازت ڏني آهي. انگريز دين جا دشمن ۽ شاهي خاندان جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جا دشمن آهن. تنهن ڪري توهان کي هدايت ٿي ڪجي ته انهن ڏانهن ويڙهاڪ ماڻهو موڪلي ڪين ڏنڊي جي زور سان سنڌ مان ڌڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏين ته جيئن سندن هن ملڪ ۾ ڪو به نالو نشان باقي نه رهي.“ ماڻهن جي سخت اعتراض، ڪراچيءَ ۾ جاسوسي ڪمن ۾ ملوث هجڻ، مير غلام علي پاران اعتراض ۽ آخر ۾ افغانستان جي بادشاهه

پاران مليل خط مير فتح علي خان کي نہ چاهيندي بہ مجبور ڪيو. جڏهن نٿي ۾ ڪرو کي اهو پروانو مليو تہ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ افغانستان جي نمائندي اختر جان جي ٻن ماڻهن اچي ڪرو کي هڪ خط ڏنو جنهن ۾ ڌمڪي ڏنل هئي تہ فوري طور تي نڪتو ڇڏي.

ڪرو لاءِ ٻيو ڪو رستو نہ بچيو هو. چاڪاڻ تہ ميرن بہ ان کي چئي ڇڏيو تہ وڌيڪ ترسڻ جي صورت ۾ ان جي جان جي حفاظت جا ذميوار سنڌ جا حڪمران نہ هوندا. اهڙي طرح تاريخ 3 نومبر 1800 تي نٽي واري واپاري ڪوٺي جو سامان واپاري وکر تڙ تڪڙ ۾ ٻيڙين ۾ وجهي سمنڊ ۾ بيٺل جهازن تائين پهچايو ويو. ناٿن ڪرو 5 نومبر 1800ع تي ”ناخدا“ نالي ٻيڙي وسيلي ڪان بمبئيءَ ڏانهن روانو ٿيو.

ڪراچي ۽ نٽي جي واپاري ڪوٺين جي بند ٿيڻ جي صورت ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي 00-106959 رپين جو نقصان ڪٽڻو پيو. انهي رقم ۾ انهن سوکڙين جي بہ ماليت شامل هئي جيڪي مارچ 1800ع ۾ ڪرو ميرن کي رشوت طور پيش ڪري چڪو هو. ڪرو انتهائيءَ ڪاوڙ ۾ گورنر کي خط لکي فوري طور تي سنڌ تي حملي لاءِ چيو، پر سياسي حالتن ڪري اهو اجا ممڪن نہ هو. ناٿن ڪرو سترهن مهينن ۾ سنڌ جي معاشي، سماجي ۽ سياسي حالتن کان گهڻو آگاهہ ٿي چڪو هو. ڪرو ميرن جي دربار ۾ هڪ جاسوس بہ رکيو هو. جنهن جو مقصد دربار ۾ انگريزن جي مفادن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ميرن جي هر چرپر تي نظر رکڻ هو. جنهن لاءِ هن کي ميرن جو خاص ماڻهو آغا اسماعيل مليو ويو. ڪرو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جاسوسن ۽ ايجنٽن جو هڪ ڄار وڇائيو هو ۽ انهن وسيلي اهم معلومات حاصل ڪئي. ان معلومات مان هن اهو نتيجو ڪڍيو تہ سنڌ حڪومت فوجي ۽ سياسي طور تي پاڻ پري نہ آهي. جيڪڏهن برطانيا جون فوجون سنڌ کان گذري افغانستان تي حملو ڪن تہ سنڌ ۾ ڪا خاص مزاحمت نہ ٿيندي. ڪرو اهي سڀ ڳالهيون سنڌ مان بمبئيءَ پهچي جاسوسي رپورٽن، تجزين ۽ ٻي معلومات تي ٻڌل هڪ مختصر پر جامع ڪتاب Accounting the country of Sind تيار ڪيو هو. هي ڪتاب سنڌ بابت سائنسي بنيادن تي لکيل ڪنهن انگريز جو پهريون ڪتاب آهي. ان ڪتاب جي باري ۾ ڊاڪٽر ايڊرين ڊيورٽي پنهنجي ڪتاب A History of British Relation with Sind (1613-1848) ۾ لکي ٿو تہ:

”هي ڪتاب پڙهي پتو پوي ٿو تہ ڪرو هتي هڪ جاسوسي جو ادارو قائم ڪيو هو جنهن جي اسان کي اڳ خبر ئي نہ هئي.“

ڊاڪٽر ايڊرين جو هي هڪ جملو ٻڌائي ٿو تہ ڪرو ڪو واپاري نہ پر انگريز سرڪار جو جاسوس هو. ڪتاب ۾ ڪرو سنڌ جي زراعت، معدنيات، بندرن تي ٿيندڙ واپار جو بہ ذڪر ڪيو ۽ لکيو آهي تہ ”سنڌ ڪيڏو نہ خوشحال ملڪ آهي ۽ سنڌ جي اها خوشحالي ئي سنڌ لاءِ آزار بڻيل آهي.“

ڪرو جي اندازي مطابق تہ ملڪ جي آمدني ان وقت چاليهہ لک رپيا هئي. جنهن مان پنجويهہ لک مير فتح علي ڪي، يارنهن لک مير سهراب خان ۽ چار لک رپيا مير ٺاري ڪي ملندا هئا.
ملڪي بچاءُ جي باري ۾ ڪرو لکي ٿو تہ: ”ملڪ جي لاءِ سنڌ ۾ فقط بہ قلعا آهن، هڪ ڪراچيءَ ۾ ٻيو حيدرآباد ۾. ٺٽي ۾ ڪو بہ قلعو نہ آهي.“ ڪرو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي قلعي جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. ڪراچيءَ جي قلعي بابت لکي ٿو تہ:
”ان جي چوگرد ڪچو قلعو آهي ڪو بہ جهاز سمنڊ جي پاسي کان بيهي قلعي تي گولاباري نٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ تہ سمنڊ هتان کان ٽي ميل پري ٿيندو. ڪراچي بندر تي سئو ٽن وزني جهاز داخل ٿي نہ سگهندو. جيڪڏهن اهڙي ڪوشش ڪئي ويئي تہ بندر تي بيٺل محافظ ٻيڙيون جن تي ٻيڙين جيڏيون مضبوط توبون رکيل آهن، ان جي چوڌاري ڦري ايندا. هن سامونڊي ڪناري لهڻ واسطي گذريءَ (گسري) واري ڪاري نهايت مناسب آهي. جيڪا ڪراچيءَ کان ڏهہ ميل پري ڏکڻ اوير پاسي آهي. حملي ڪرڻ واري فوج گسريءَ وٽان ڪراچي ڏانهن وڏي اتان ٺٽي تي بہ چڙهائي ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن فوج وٽ ٻيڙيون موجود آهن تہ پوءِ حيدرآباد بہ پري ڪونهي!“
ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪرو جو مشن نج سياسي هو. واپار فقط بهانو هو. انهن رپورٽن مان برطانيا حڪومت جي چالن، حڪمت عملين جي پوري ڄاڻ ملي ٿي. ڪرو ڪانپوءِ ايڊنڊ سيني انگريز سياحن، سفارتڪارن ۽ نمائندن اهو طريقو استعمال ڪيو. انهن ۾ 1804ع ۾ ايڊنڊ اسمٿ، 1809ع ۾ ايڊنڊ ايلس، 1809ع ۾ ايڊنڊ هينري پوٽنجر، 1831-32ع ۾ ايڊنڊ وليم پوٽنجر ۽ ڊيل هوسٽ شامل هئا.
جن يورپي قومن جا ماڻهو سنڌ ۾ آيا انهن ۾ هسپانوي، جرمن، فرانسيسي ۽ انگريز شامل هئا. هڪڙا اهي هئا جيڪي مذهبي مشنري جا ماڻهو هئا. انهن پنهنجن رپورٽن ۾ هتان جي مذهبي فرقن، حالتن ۽ ڪهڙيون مذهبي مشنريون سنڌ ۾ تبليغ ۾ مصروف آهن انهن جو ذڪر ڪيو آهي. ٻيا جيڪي سنڌ ۾ آيا واپاري يا سياح جي حيثيت سان انهن جو واسطو حڪومت سان هو. اهي سفارتڪار يا ڪمپني جي نمائندي طور ايندا هئا. پر اهي اصل ۾ جاسوس هئا. انهن جو مقصد سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ لاءِ رستو ڪڍڻ هو. ٽيان هئا سياح جيڪي مهم جو هئا. انهن جو مقصد ملڪ ڏسڻ، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ڪلچر جو اڀياس ڪرڻ هو.
1801ع ۾ مير فتح علي خان ٽالپر گذاري ويو تہ ائين محسوس پئي ٿيو ڄڻ مير صاحب جي وفات سان گڏ سنڌ مان امن، سڪون موڪلائي ويو. مير فتح علي خان جي وفات ڪانپوءِ سندس ڀاءُ مير غلام علي تخت تي وينو. مير غلام علي جي اها ڪوشش هئي تہ انگريزن سان ٻيهر لاڳاپا بهتر ٿين. ڇاڪاڻ تہ افغانستان جي شاهہ ڏن جي وصوليءَ جي معاملي ۽ سنڌ جي ميرن جي مٿي ۾

سور وجهي ڇڏيو هو جنهن جي ڪري ميرن انگريزن يا فرينچن سان دوستي رکڻ پئي چاهي. فرينچ ايران جي حڪمرانن جا ساٿاري هئا جيڪو سنڌ جو پاڙيسري ملڪ هو. ڏکڻ هندستان جي فتح ڪانپوءِ انگريزن لاءِ سنڌ واپاري ۽ سياسي طور ايڏو اهم ڪانہ رهي هئي. ٻيو ڪرو جي سنڌ نيڪالي نتي ۽ ڪراچيءَ جي واپاري ڪوٺين بند ٿيڻ ڪانپوءِ انگريزن سنڌ پاسي گهٽ ڌيان پئي ڏنو.

نيپولين جون 1807ع ۾ روس جي زار اليگزينڊر پهرئين سان تلسٽTilist جو معاهدو ڪري هندستان تي ڪاهہ جو فيصلو ڪيو. نيپولين جو اهو منصوبو هو تہ ڏهہ هزار فوج سان ترڪي کان اڳتي وڌي ايران کي فوجي اڏو بنائي هتان مڪران کان يا قنڌار کان اٽڪ رستي ماتريءَ ۾ داخل ٿي هندستان تي حملو ڪيو وڃي. ان رٿا کي مڪمل ڪرڻ لاءِ فرانس سفارتي ڪوششون تيز ڪيون تہ ان جي خبر انگريزن کي پئجي ويئي.

سنڌ جا حڪمران بہ رنجيت سنگهہ جي متوقع حملي ۽ افغانستان کي ڏن ڏيڻ تي پريشان هئا. انهن بہ ايران جي وسيلي فرانس ۽ ٻئي پاسي انگريزن سان لاڳاپا ناهڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. مير غلام علي جي خواهش هئي تہ فرانس جي بجاءِ انگريزن جو سهارو ورتو وڃي. تبديل ٿيندڙ وايو منڊل ۾ ڪمپني بهادر ۽ سنڌ جي حڪمرانن اهو پئي چاهيو تہ سندس وچ ۾ ختم ٿيل لاڳاپا ٻيهر بحال ٿين ۽ انگريز سرڪار کي افغانستان تي حملي لاءِ سنڌ مان پنهنجون فوجون بہ گذارڻيون هيون. انگريزن کي روس جي وڌندڙ ايراني اثرن مان بہ الڪو ٿي پيو هو. نيپولين بونا پارٽ جيڪو انگريزن جو وڏو دشمن هو تنهن کي قابو ۾ رکيو وڃي انهيءَ ڪري انگريزن کي سنڌ جي ميرن سان بچاءُ ۽ مدد ڪرڻ جو عهدنامو 1808ع ۾ ڪرڻو پيو. جيڪا ٻنهي حڪمرانن جي مجبوري هئي. اهو معاهدو 21 آگسٽ 1808ع ۾ سيٺن ۽ مير غلام علي جي وچ ۾ ٿيو. معاهدي ۾ انگريز ميرن سامهون مجبور هئا. تنهنڪري هڪ ٻئي معاهدي لاءِ هئنڪي اسمٿ جي اڳواڻي ۾ 200 ماڻهن تي ٻڌل هڪ وفد 1809ع ۾ پرنس آف ويلس جهاز ۽ ٽن هٿياربند ٻيڙين سميت بمبئيءَ کان ڪراچي روانو ٿيو. هئنڪي سان وفد ۾ ڊاڪٽر ڪانسواءِ نيوي آفيسر ليفٽيننٽ مئڪس ويل، ليفٽيننٽ ٽيلر، پوٽنجر ۽ ڪرائسٽي گڏ هئا. وفد ۾ 30 ڄڻن جو فوجي دستو بہ شامل هو. 9 مئي 1809ع تي اهو قافلو ڪراچي بندر تي پهتو. هئنڪي اسمٿ، ليفٽيننٽ مئڪس ويل وسيلي ڪراچيءَ جي گورنر عبدالله خان لغاري ڏانهن پيغام موڪليو تہ بندر تي لهڻ لاءِ رهبر ٻيڙي موڪلي وڃي.

گورنر عبدالله خان لغاري پيغام موڪليو تہ ”هو رڱو بندر تائين اچي سگهن ٿا. شهر ۽ قلعي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ميرن جي اجازت ضروري آهي. ميرن جي اجازت اچڻ تائين هو پنهنجي جهاز ۾ رهن.“

جڏهن ڪراچي جي ماڻهن کي اها خبر پئي تہ هو احتجاج طور بندر تي گڏ ٿيا. ميرن کي اندازو نہ هو تہ انگريز نئين معاهدي لاءِ ايڏي وڏي تياري سان ايندا. مير پراڻي عهدنامي تي راضي هئا پر انگريز هر حالت ۾ نئون عهدنامو ڪرڻ پئي چاهيو. جنهن لاءِ مرڪزي حڪومت هئنڪي اسمٿ جهڙي مغرور ماڻهو کي پوري تياري سان موڪليو هو.

9 مئي 1809ع تي ڪراچي ايندڙ وفد وڏين منٿن هيناهين، مٿاهين، گرمين سردين، انگريز سپاهين جي مار موچڙن کانپوءِ 10 جون تي ڪراچي کان نٽي ڏانهن روانو ٿيو. ميرن کي فوجي دستي ۽ هٿياربند پهريدارن تي سخت اعتراض هو. ڪجھ سپاهي بنا اجازت جي شهر ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ شهر جي واپارين جي اڳواڻ دريانو مل جي ماڻهن انهن کي موچڙا هڻي واپس ڪيو. ڪراچي جا ماڻهو مسلسل احتجاج ڪندا رهيا. مير ڪراچي جي ماڻهن جي ڪاوڙ ڪٽڻ لاءِ تيار نہ هئا. ميرن سميت سڀ ماڻهو هن ڳالهہ تي ڪاوڙيل هئا تہ سال اڳ هڪ معاهدو ٿيو آهي بيو ڪئين ٿو ڪري سگهجي؟ انگريزن جو موقف هو تہ اهو معاهدو بمبئي سرڪار مرڪزي سرڪار جي مرضي ڪانسواءِ ڪيو هو تنهن ڪري مرڪزي سرڪار سان ٻيو معاهدو ڪيو وڃي.

هئنڪي اسمٿ کي مٿان هدايتون مليل هيون تہ سڀ سختيون برداشت ڪري هر طريقو استعمال ڪري ميرن سان نئون معاهدو ڪيو وڃي. هو نٽي رواني کان پهرئين پورو هڪ مهينو ڪراچي بندر تي رهيا. وفد ۾ شامل هڪ ميمبر پوٽنجر هن واقعي باري ۾ لکيو آهي تہ ”ڪراچيءَ ۾ انگريز قيدين جيان هئا.“

22 آگسٽ 1809ع ۾ ميرن ۽ انگريزن وچ هڪ ٻيو معاهدو ٿيو. 9 نومبر 1809ع تي گورنر معاهدي جي توثيق ڪئي. هن معاهدي ۾ چئن نقطن ڪانسواءِ مستقل دوستيءَ ۽ واپاري ڪوٺي کولڻ، هڪ ٻئي جي دربار ۾ سفير رکڻ ۽ انگريزن پاران سنڌ ۾ سروي جهڙا ڪم شامل هئا. هن معاهدي موجب انگريزن پاران منشي محمد يوسف حيدرآباد ۾ مستقل نمائندي طور رهندو. مرزا زيب زيباءِ جيڪو مير فتح علي خان جي وزير مرحوم ابراهيم شاهہ جو نياڻو اسمٿ سان گڏ ڪلڪتي ويندو ۽ هتي ميرن جي نمائندي طور رهندو.

25 آگسٽ 1809ع ۾ اهو وفد حيدرآباد کان ڪراچي روانو ٿيو. ڪراچي پهچڻ سان وفد بندر جي سروي، رستن جي سروي ۽ نقشن ناهڻ جو ڪم شروع ڪيو. مئڪس ويل ڪراچي بندر ۽ بحري جهازن جي لنگر هڻڻ واري جڳهہ جي سروي شروع ڪئي. منشي محمد يوسف کي گهوڙن جي

خريداريءَ لاءِ سون مياڻيءَ موڪليو ويو ۽ ان کي اها هدايت ڪئي ويئي ته رستي ۾ ان جي آس پاس جي سروي ڪري ۽ نقشو به تيار ڪري ۽ ٻيو ضروري ڳالهيون به نوٽ ڪري. مئڪس ويل ۽ ڪرائستي ڪراچي ڪانپوءِ ٺٽي کان حيدرآباد تائين سنڌوءَ جي وهڪري جو نقشو جوڙي ورتو. وفد سنڌ ۾ چار مهينا رهيو. انهيءَ دوران سيني سرگرمين جي رپورٽ تحقيقاتي رپورٽ، سروي رپورٽ ۽ نقشن تي ٻڌل هڪ تفصيلي رپورٽ ناهي گورنر کي موڪلي وئي. وفد جڏهن بمبئيءَ روانو ٿيو ته مئڪس ويل سميت ڪجهه ماڻهو سروي جي بهاني رهي پيا. مئڪس ويل پنهنجي سونپيل تحقيقاتي ڪم ۾ رڌل رهيو. ٺٽي پهچي پوٽنجر سنڌوءَ جي ڦاٽن تي ڪوجنا ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

سنڌ جا ٽالپر حڪمران بي وس هئا. ماڻهن جي سخت ڪاوڙ پاسي ميرن کو ڏيان نه ڏنو ۽ ائين عام ماڻهن جي دلچسپي جيڪا پهرئين به ميرن جي حڪومت ۾ گهٽ هئي وڌيڪ گهٽجندي ويئي. سنڌ جا ٽالپر حڪمران ڪابل جي غلامي مان آزاديءَ لاءِ انگريزن تي پورو پروسو ڪري رهيا هئا. هي ئي اهو معاهدو هو جيڪو اڳتي هلي سنڌ لاءِ غلاميءَ جو طوق ثابت ٿيو.

سن 1811ع ۾ مير غلام علي جي وفات ڪانپوءِ سندس ڀاءُ مير ڪرم علي خان گادي تي وينو. پنجاب جي سک حڪمران سان سندس تعلقات تمام دوستانه هئا. هي راجا رنجيت سنگهه کي هر سال قيمتي تحفا پهچائيندو هو. پر جڏهن رنجيت سنگهه زور پريو ته ڪيس يارنهن لک ساليانو ڏن ڏين. هن ميرن کي ڏن پرڻ لاءِ گهڻو پريشان ڪيو. ايتري قدر جو ميرن کي مجبورن انگريزنن کان مدد وٺڻي پئي.

مير ڪرم علي جي حڪومت دوران ڪابل جي دراني حڪومت جو خاتمو ٿي ويو ته ميرن شڪارپور کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. نيپولين جي شڪست فاش ڪانپوءِ انگلينڊ کي پوري يورپي ملڪن ۾ سمنڊ جي راني سڏيو ويندو هو.

1820ع ۾ ڪراچي واسين کي سخت صدمو پهتو جڏهن انهن جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي اڳواڻ ڏريانو مل ديهانت ڪري ويو. جنهن ڪانپوءِ ڪراچي جا ماڻهو اڪيلا ۽ ويڳاڻا ٿي پيا. ڏريانو مل ڪانپوءِ پوجواڻي سينن جي اڳواڻي هوتچند جي پٽ نائون مل جي هٿ هيٺ آئي.

انهن سيني واقعن، معاهدن ڪانپوءِ تاريخ شاهد آهي ته انگريزن سنڌ جي اندروني معاملن ۾ ڪيئن زهر پئي اوڳاريو. ڪيترا انگريز سنڌ جي حدن ۾ ايندا رهيا. مختلف علائقن ۾ رلندي ڪنهن نه ڪنهن رنگ ۽ ڍنگ سان انهن ڪيترين ئي حقيقتون ۽ شاهديون گڏ ڪيون. جيڪي واپار ڪانسواءِ سياسي نوعيت جون هيون. اهڙن رلندڙن ۾ هڪ ليفٽيننٽ اليگزينڊر برنس به هو جنهن کي بعد ۾ ”سر“ جو خطاب ڏنو ويو. انهيءَ برنس ڳجهي راز ۽ سنڌوندي جي سروي 1831ع ڏاري

پوري ڪري ورتي. راز کي لڪائڻ خاطر ظاهري طرح راجا رنجيت سنگهه لاءِ برطانيا جي راڻيءَ پاران پنج گهوڙن جي پهچائڻ جي رٿ عمل ۾ آيل هئي. انهيءَ دوران انگريزن سنڌ ۾ پنهنجا گهڻا همدرد پيدا ڪري ورتا هئا. جنهن ۾ ميرن جي دربار جو خاص ماڻهو آغا اسماعيل ۽ پوجواڻي سيٺن جو اهم واپاري ماڻهو نائون مل ۽ ٻيا هئا. آخري معاهدي تحت جيڪو سفير انگريزن پاران ميرن جي دربار ۾ مقرر ڪيو هو. هن پنهنجو ڪم خوش اسلوبي سان ڪيو. ميرن جي حڪومت جي معاملن ۾ جڻ ته ڪا دلچسپي انهيءَ دوران نظر نه پئي آئي. ميرن اندروني اختلافن ڪري سنڌ سندن مشيرن، وزيرن ۽ ٻاهر کان آيل سيد سڳورن جي ور چڙهيل هئي. انگريز تيزي سان پنهنجو ڪم ڪري رهيا هئا.

رنجيت سنگهه کي سنڌو رستي گهوڙا پهچائڻ لاءِ 1831ع ۾ انگريزن جا جهاز ٺٽي پهتا ۽ مهينن ڪانپوءِ اهي جهاز برنس جي نگرانيءَ ۾ ٺٽي کان روانا ٿي ويا. سنڌ جي ماڻهن ۾ انگريزن جي سنڌوندي مان سفر ڪرڻ تي گهڻي تڪليف پهتي. اليگزينڊر برنس پنهنجي ڪتاب ”دي ٽريولس ان ٽو بخارا“ Travels in to Bokhara and a voyage of the Indus vol: III ۾ لکيو آهي ته هڪ سيد انگريزن کي ڏٺو ته هن نهايت افسوس سان چيو،

”Alas! Sind in now gone, since the English have seen the river is the road to its co nques (افسوس سنڌ هاڻ هٿن مان وئي، ڇاڪاڻ جو انگريزن سنڌوندي وارو رستو ڏسي ورتو آهي. جيڪو هنن جي فتح جو باعث ٿيندو).

لارڊ آڪليند کي جڏهن ميرن جي اندروني اختلافن جي خبر پئي تنهن ڪري هن هر مير حڪمران سان جدا جدا عهدناما ڪرڻ شروع ڪيا. جنهن سان سنڌ جي وحدت کي سخت نقصان پهتو. اڳتي هلي هن جي اها حڪمت عملي ڪامياب ٿي ۽ سنڌ جا ٽالپر حڪمران ۽ انهن جو خاندان اختلافن جو شڪار ٿي ويو.

1832ع ۾ هينري پوٽينجر حيدرآباد پهچي شهداداڻي ميرن سان هڪ عهدنامو ڪيو. انهن انهيءَ سال خيرپور جي ميرن سان به هڪ معاهدو ڪيو. انهن عهدنامن تحت سنڌ مان گذرڻ جي اجازت ۽ سندن واپارين کي سنڌوندي کي واپار لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪين اجازت حاصل ٿي. اها انگريزن جي تمام پراڻي خواهش هئي جيڪا پوري ٿي.

1831ع ۾ ڪراچي ۾ هڪ اهم واقعو پيش آيو جنهن اڳتي هلي سنڌ جي سيني تي جيڪي ڦٽ پهچايا اهي اڄ تائين ڇٽي نه سگهيا آهن اهو واقعو ميرن جي حڪومت ۾ دلچسپي نه وٺڻ ۽ پنهنجن مشيرن کي مڪمل اختيار ڏيڻ جي نتيجي ۾ پيش آيو. هن واقعي جا تفصيل سيٺ نائون مل هوتچند پنهنجي ”يادگيرن“ ۾ لکيا آهن. انهن يادگيرين موجب:

”هڪ ڏينهن هڪ هندو مزدور جو پٽ ڪُندا سندس استاد جي سختي کان بيزار ٿي پڄي وڃي هڪ مسجد جي دروازي وٽ ويٺو. جتي ڪجھ مسلمان هن کي مسجد اندر ويهاري آيا. جنهن تي هندوئن ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجا دڪان مسلمانن لاءِ بند ڪيا ۽ انهن کي سودو ڏيڻ کان انڪار ڪيو. مسلمانن وري بدلي وٺڻ لاءِ لياري نئين جي ڪپ تي جيڪي کوھ هئا جتان هندو پاڻي ڀريندا هئا، انهن کي ناپاڪ ڪيو. ٻئي ڏينهن هڪ سيد نورل شاھ اسان جي محليءَ ۾ اچي گارگند ڪئي. منهنجو ڀاءُ پرسرام جيڪو هتي وينل هو سيد کي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن تي ڳالھ وڌي ويئي. نورل شاھ مذهبي جوش ۾ اچي اها ڳالھ مشهور ڪئي تہ پرسرام رسول الله صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ گستاخي ڪئي آهي، جنهن تي وڏي انگ ۾ مسلمان گڏ ٿيا. جن جي اکين ۾ رت پرجي آيو هو. ٻئي پاسي هندو جمع ٿيا. ٻنهي پاسي منصوبا ٺهڻ لڳا، سيد نورل شاھ ٺٽي، شاھ بندر، حيدرآباد ۽ هالا وڃي قرآن وچ ۾ آڻي مسلمانن کي ڀڙڪايو، اها خبر پوري سنڌ ۾ ڦهلجي ويئي ۽ پورو ملڪ مذهبي جوش جي لپيٽ ۾ اچي ويو. ٻنهي پاسي مسلمان ۽ هندو گڏ ٿيا. منهنجو ڀاءُ پرسرام ڪنهن طرح سنڌ مان نڪري جيسلمير هليو ويو، وڏي انگ ۾ مسلمان حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا ۽ انهن گهڻو گوڙ ڪيو ۽ مير مراد علي زور وڌو تہ سيٺ هوتچند کي حڪم ڏئي تہ سندس پٽ پرسرام کي حيدرآباد آڻي. پرسرام ڪراچي ۾ نہ هو. مير مراد علي فرمان جاري ڪيو تہ، ”جيڪڏهن تنهنجو پٽ هتي نہ آهي تہ تون حاضر ٿي.“ سيٺ هوتچند ٻن هزار هندوئن سان گڏ حيدرآباد روانو ٿيو. سيٺ هوتچند جي حفاظت لاءِ ميرن پاران هڪ فوجي دستو بہ گڏ هو. انهن سيٺ جي حفاظت ۽ جان جي سلامتي جو اطمينان ڏياريو ۽ گڏ هلڻ لاءِ چيو.

مسلمان ڏاڍا جذباتي هئا. مرڻ تي لهي آيا پر مير مراد علي انهن کي سيٺ هوتچند تي هٿ کڻڻ کان منع ڪئي. مسلمان پوءِ مير مراد علي جي ڏيءَ وٽ پهتا چاڪاڻ تہ اها پڳ جي وارث مير مءمد جي گهر واري هئي. مسلمان هن کي پنهنجو حامي بڻايو. مير مراد علي مجبور ٿيو. ان ايترو چيو تہ سيدن کي سمجھائي تہ هو حيدرآباد ۾ ڪا بہ زيادتي نہ ڪن. سيٺ کي مراد علي جي ٻن ايلچين سان گڏ نصرپور جي پير (قاضي عدالت) ڏانهن موڪليو ويو. مير جا ايلچي مسلمان هئا ۽ اندر ئي اندر مسلمانن سان مليل هئا. نصرپور جي قاضي مسلمان جي ڪيس وڙهڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي سامهون بحث جي اجازت نہ ڏني. هن ڏنو تہ مسلمان هرو ڀرو ظلم ڪرڻ تي سندرا ٻڌي بيٺا آهن. مسلمانن جو وڏو انگ هتي جمع ٿيل هو انهن گوڙ ڪيو ۽ هندوئن تي حملو ڪيو ۽ حملي دوران سيٺ کي اغوا ڪري پاڻ سان کڻي ويا. حيدرآباد اچي ٻيڙي رستي ٺٽي ۽ شاھ بندر ڏانهن روانا ٿيا. 50 سالن جي سيٺ هوتچند کي پاڳاٽي ۾ نورل شاھ جي هڪ مائٽ جي گهر ۾ رکيو ويو. جيڪو هڪ مشهور ۽ ڪٽر سيد هو. هتي سيٺ انهن جي هٿ جي

ماني نہ ڪاڏي ان کي مسلمان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. (پر هن وقت پوري سنڌ ۾ افواهہ گشت ڪري رهيا هئا تہ سيٺ جو تخنو ڪيو ويو آهي، جنهن تي هندوئن ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي ويئي) هن وچ ۾ مير مراد علي کي مون حقيقتن کان آگاهہ ڪيو. هن واقعي خلاف پوري سنڌ ۾ هندوئن احتجاج شروع ڪيو. ڪڇ ۽ جيسلمير جي راجائن پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. تنهن تي مراد علي کي پنهنجي ڪيئي تي پڇتاءُ پيو. ان ئي جي نواب غلام حيدر کي حڪم ڪيو تہ سيٺ کي قيد مان آزاد ڪري حيدرآباد ڪٺي اچي. غلام حيدر سيٺ کي آزاد ڪري حيدرآباد ڪٺي آيو. ڏهن ٻارنهن ڏينهن ڪانپوءِ ڪجھ هندو ۽ مسلمانن سيٺ کي حيدرآباد مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ٽنڊي غلام علي واري مير غلام علي سان رابطو ڪيو. جيڪو سيٺ تي مهربان هو. هن جي سيٺ ڪيولرام سان دوستي هئي. هن سيٺ جي ماڻهن کي چيو اوهان سيٺ کي ڦليلي نهر وٽ ڪٺي اچو باقي انتظام هو پاڻ ڪندو. انهيءَ رات سيٺ هوتچند پنهنجن دوستن جي مدد سان ويس مٽائي ڦليلي پار پهتو. جتي مير غلام علي سندس اوسيئڙي ۾ موجود هو. سج ايرڻ کان اڳ سيٺ کي ٽنڊو مير محمود ويجهو راهوئن جي ڳوٺ پهچايو ويو. جتان پوءِ سيٺ جي وفادار نوڪرن سيٺ کي، لکپت سيٺ جي ڪوٺي تي پهچايو. هتي ڪڇ جي راڻي سيٺ جو شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو. سيٺ هتي ڏهہ سال رهيو."

هڪ ننڍي جهيڙي اڳتي هلي سنڌ جي سياست جي ڪايا پلٽي ڇڏي. هندو ۽ مسلمان جيڪي سنڌ ۾ ايڪي سان رهندا هئا انهن ۾ ڏار پئجي ويا. ٻنهي اڳتي هلي هڪٻئي جي مفادن خلاف ڪم ڪيو جنهن جو نقصان سنڌ کي ڀوڳڻو پيو. اها ڪراچي جيڪي ڏرمانو مل جي اڳواڻي ۾ گڏ هئي. هن واقعي ڪانپوءِ هندوئن خاص ڪري نائون مل ۽ پڄواڻي سيٺن جي خاندان مڪمل طور انگريزن جو ساٿ ڏنو. چاڪاڻ تہ هن واقعي ۾ هندوئن ۽ خاص ڪري هندئون جي واپاري طبقي ۾ هڪ عدم تحفظ جو احساس پيدا ٿيو. جنهن لاءِ انگريزن کان وڌيڪ مضبوط سهارو ٻيو نہ هو. خود انگريزن کي سنڌ ۾ پير کوڙڻ لاءِ هڪ معاشي طور مضبوط ماڻهو جي ضرورت هئي. جيڪو نائون مل جي صورت ۾ انهن کي ملي ويو. نائون مل پنهنجي پيءُ سان ٿيندڙ هر ڏاڍائي جو خوب بدلو ميرن کان ورتو. نائون مل جي جاءِ تي ڪير بہ هجي اهو ائين ڪري ها. جيڪڏهن مير دانشمنديءَ کان ڪم وٺن ها تہ هي واقعو پيش نہ اچي ها. پر مير ٻاهران آيل سيدن سامهون مجبور هئا. اها مجبوري سمجھ کان ٻاهر هئي. تورڙن سيدن جي سامهون طاقتور ميرن جي هڪ نہ هلڻ ۾ اها ڳالھ هئي تہ هن وقت پيري مريدي جي چڪر ۾ سنڌ ۾ سيدن پنهنجو هڪ وڏو حلقو پيدا ڪري ورتو هو. سنڌ جي ماڻهن جي دماغ ۾ اها ڳالھ ويهاري ويئي هئي تہ سيد کي ناراض ڪرڻ معنيٰ پنهنجي قيامت ڪاري ڪرڻ آهي. هن واقعي ۾ جيڪڏهن ڏنو وڃي تہ ڪراچي ۾

هندوئن ۽ مسلمانن جي ڀڏي تي ڪو خاص اثر نہ ڇڏيو ۽ ڪراچي جي مسلمانن جون همدرديون سيٺ هوتچند سان هيون.

1833ع ۾ مير مراد علي خان وفات ڪري ويو سنڌ ۾ ميرن جي پهرئين چوياري بہ پوري ٿي. ميرن جي ٻي چوياري سبب سنڌن حڪومت ننڍين ننڍين رياستن ۾ ورهائجي ويئي.

1835ع ۾ ليفٽننٽ ڪرنل پوٽنجر حيدرآباد آيو. نائون مل جيڪو ميرن کان پنهنجي پيءُ جي بيعزتي جو بدلي وٺڻ لاءِ اتاولو هو. جنهن کي پوٽنجر سان دوستي رکڻ جي صورت ۾ پنهنجو بدلو پورو ٿيندي نظر پئي آيو. نائون مل هن سان دوستي رکي ۽ خطن جو سلسلو شروع ڪيو. انهيءَ سال مسٽر اليگزينڊر برنس جيڪو ڀُڄ ۾ ڪرنل پوٽنجر جو نائب هو، مسٽر ليڪي سان گڏ سنڌ ۾ آيو. جتان هو بمبئي سرڪار جي حڪم موجب لاهور ۽ ڪابل وڃڻو هو. لاهور مان مسٽر اليگزينڊر برنس نائون مل کي ساٿ ڏيڻ ۽ وفادار رهڻ لاءِ خط لکيو. جنهن جي بدلي سيٺ نائون مل کي وڏي عهدي جي آڇ بہ ڪئي ويئي هئي.

ٻئي پاسي مسٽر ليکي جيڪو قلات ۾ هو، سيٺ نائون مل کي لکيو تہ ”اوهائي سئو رپون وٺي بمبئي موڪلي ڇاڪاڻ تہ انگلينڊ ۾ انهن جي ضرورت آهي. نائون مل سون مياٽي بندر تان پنهنجي نمائندي هٿان اهي رپون بمبئي موڪليون ۽ ائين سيٺ جا واسطا انگريزن سان جڙندا ويا.

1836ع ۾ ڪرنل پوٽنجر سيٺ نائون مل کي لکيو تہ مسٽر برنس جو ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر جيمس برنس سنڌ رستي لاهور اچي رهيو آهي. هو ڪراچي کان حيدرآباد ايندو تون ڪراچي ۾ هن سان ملي هن جي خدمت ڪر ڇاڪاڻ تہ هو ڪراچي گهمڻ چاهي ٿو. ميرن پنهنجي نواب کي لکيو تہ ڊاڪٽر جيمس برنس کي ڪراچي گهمڻ جي اجازت نہ ڏني وڃي، هو جيئن گسري بندر تي لهي هن کي ٻئي جهاز رستي حيدرآباد موڪليو وڃي. سيٺ بہ پنهنجا ماڻهو گسري بندر موڪليا جيڪي ڊاڪٽر برنس سان مليا ۽ هن کي سيٺ جا سلام پهچايا.

1837ع ۾ ٽي. جي ڪارليس Major T.G.Curles ٻارنهن ماڻهن سان پالينيورس جهاز رستي ڪراچي بندرگاهہ جي سروي لاءِ پهتو. نائون مل کي مٿان هدايتون مليون تہ ڪارليس جي هر ممڪن مدد ڪئي وڃي. 15 مارچ 1837ع آچر ڏينهن ڪارليس ڪراچي پهتو. ڪارليس جيترا ڏينهن بہ هتي رهيو. سيٺ نائون مل جو مهمان ٿي رهيو.

انهيءَ دوران هڪ واقعو پيش آيو. ڪراچي جي بندر ۽ شهر جي ناڪي جو نيڪو انهن ڏينهن ۾ الله رکيو لوهار وٺ هو. هن جو ڀائٽيو احمد جيڪو ڪراچي جي نواب جي دربار جو رڪن بہ هو. ڪارليس کي شڪار جي دعوت ڏني. سيٺ نائون مل کين انن جو انتظام ڪري ڏنو هو.

ايتري ۾ ڪراچي جي نواب حسن خان (گهٽن حوالن ۾ حاصل خان) کي هن ڳالهه جي خبر پئجي ويئي ته هن 100 سپاهين جو هڪ جٿو ڪئپٽن ڪارليس جي ڳولا لاءِ موڪليو ۽ پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنو ته مزاحمت ڪرڻ تي کين قتل ڪيو وڃي، سيٺ نائون مل کي نواب حسن خان جي ڪاوڙ جي خبر پئجي وئي ۽ هو انهن جي پنيان روانو ٿيو. بجار بني واري علائقي (اها بني جوکين جي جام بجار خان اول جي نالي پنيان آهي اڄ به ڪراچي جي ديهن مان هڪ آهي. جيڪو يونين ڪائونسل سونگل گڏاپ ٽائون ۾ آهي) مان سيٺ نائون مل، ڪارليس کي حفاظت سان وٺي واپس آيو. احمد خان هتان ئي پٺجي ويو. واپسي ۾ حسن خان ۽ نائون مل آمهون سامهون ٿيا. حسن خان ڌمڪي ڏيندي سيٺ کي چيو ته، ”انهن انگريزن جو دماغ ايترو ته خراب ٿيو آهي جو مون جي اجازت کان بغير مون جي علائقي ۾ شڪار ڪرڻ نڪتا آهن.“ نائون مل وچ ۾ پئي معاملي کي ٺٽو ڪيو. بعد ۾ نائون مل جي مشوري سان ڪئپٽن ڪارليس هڪ خط انهيءَ واقعي بابت حيدرآباد ۾ بمبئي سرڪار پاران مقرر ڪيل سفير چينا نند کي موڪليو جنهن ميرن کي آگاهه ڪيو. بجاءِ ڪارليس جي غلطي تي هن کي سزا ڏيڻ جي مير حسن خان کي پيغام موڪليو ته ڪارليس کان معافي وٺي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو انگريز پوري طرح ميرن تي حاوي ٿي چڪا هئا. هو جڏهن به چاهين جتي به چاهين وڃي سگهيا ٿي. انهن تي ڪا پابندي نه هئي. حسن خان ڪارليس کان معافي ورتي. توهان تصور ڪري سگهو ٿا ته پوري شهر جو هڪ نواب جنهن جي ڪا غلطي نه هجي ۽ پوءِ به هڪ غير ملڪي کان معافي وٺي هن جي دل تي ميرن جي باري ۾ ڇا وهيو هوندو ۽ اهي ننڍيون ننڍيون شيون اڳتي هلي سولائي سان ڪراچي تي قبضي جو سبب بڻيون.

ڪارليس ٽي مهينا ڪراچي ۾ رهيو. نائون مل هن سان گڏ هو. ان اطمينان سان پنهنجو ڪم پورو ڪيو. جنهن ۾ بندر ڪانسواءِ منهوڙي جي قلعي تي رکيل توبن ۽ هن ۾ رهندڙ فوجين ۽ ڪراچي ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ ميرن جي وچ ۾ تعلقات تي هڪ رپورٽ ناهي حڪومت کي موڪلي ته، ”ڪراچي تي حملي جي صورت ۾ نائون مل جهڙو ماڻهو اسان سان گڏ آهي جنهن جو ڪراچي تي مڪمل ضابطو آهي ۽ هتان جا ماڻهو ميرن تي ڪاوڙيل به آهن.“

1838ع ۾ ڪرنل پوٽنجر پڄ کان حيدرآباد پهتو. ان نائون مل کي لکيو ته انگريزن جو هڪ وڏو لشڪر سرجان ڪين جي اڳواڻي ۾ بمبئيءَ کان گهوڙا باري رستي شڪارپور ڏانهن افغانستان تي حملي ڪرڻ لاءِ رواني ٿي چڪي آهي. توهان انهن جي هر ممڪن مدد ڪريو.

نائون مل تيار ويٺو هو. ان ڪم لاءِ نائون مل کي ٻن لکن ڪوڙين (روپين) جي هنڊي ٻه موڪلي ويئي. جنهن مان ضروري کاڌ خوراڪ جو سامان، مال ۽ سامان ڍوئڻ لاءِ ياڙي تي اٺن ۽ ڏڳن جو بندوبست ڪرڻو هو.

اهو سڀ ڪجهه جون 1838ع ۾ شاهه شجاع، رنجيت سنگهه ۽ انگريزن وچ ۾ ڪابل جي مهم دوران ٿي پاسائي عهدنامي موجب ٿي رهيو هو. جنهن موجب اتر سنڌ رستي بولان لڪ ڏانهن اها فوج موڪلي پئي وئي، جنهن جو سپهه سالار جان ڪين هو. انهن کي حڪم ڏنو ويو ته هو سنڌونديءَ جي چوڙ وٽ درياءَ جي الهندي ڪپ وٽ مکيه لشڪر سان ملن. انگريزن جي اها چال سنڌ جي مقامي حڪمرانن لاءِ موتمار هئي پر معاهدن ۽ عهدنامن مٿان عهدنامن ڪرڻ جي بار هيٺ هو قاسي چڪا هئا. عام ماڻهو ۾ بغاوت جا آثار موجود هئا. پر انهن کي گڏ ڪري ۽ سرواڻي ڪرڻ لاءِ ڪو به موجود نه هو. انگريزن ميرن کي سنڌ تي رنجيت سنگهه ۽ شاهه شجاع جي حملي جو دپ ڏيئي، هينري پوٽنجر ميرن سان اڳ ٿيل عهدنامو ته ”ڪمپني سنڌونديءَ کي ڪنهن به طرح سان فوجي مقصد لاءِ استعمال نه ڪندي.“ ٽوڙي ڇڏيو. ميرن گهٽي هاءِ گهوڙا ڪئي. پر گهٽي دير ٿي چڪي هئي. انگريزن جو ايڪويهه هزار لشڪر سنڌ مان لنگهڻو هو. سنڌ جي ٽالپرن جي حڪومت ان لاءِ گهڻو پريشان هئي. انهن گهٽن واپارين کي لڪ ۾ چوائي موڪليو ته کاڌ خوراڪ ۽ مال ڍوئڻ لاءِ اٺ انگريزن کي مهيا نه ڪيا وڃن پر ان لاءِ نائون مل پنهنجي سڀ تعلقات استعمال ڪري انگريزن جي فوج جي هر ممڪن مدد ڪئي. مسلسل کاڌ خوراڪ جي سامان جي خريداري ڪري، ڪراچي ۾ ڏکر جهڙي صورتحال پيدا ٿي ته ماڻهو روڊن تي نڪري آيا پوءِ نائون مل سيوهڻ ۽ سون مياڻي کان سامان خريد ڪري مسلسل گهوڙا ٻاري، ٺٽي ۽ جهرڪن واري ڪئمپن ڏانهن موڪليندو رهيو. هن مقصد لاءِ سيٺ نائون مل ڪراچي ڇڏي وڃي گهاري ۾ رهي پيو. نائون مل انن لاءِ تر جي وڏيرن ۽ جاگيردارن جون خدمتون حاصل ڪيون انهن ي لالچ ۾ ڪاروبار لاءِ قرض به ڏنو. نائون مل کي اها پڪ هئي ته اهو قرض واپس نه ٿيندو پر هو انگريزن وٽ سرخرو ٿيڻ لاءِ ۽ ميرن کان بدلي وٺڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪري رهيو هو. ملير مان جوکين جي جام ۽ ميمڻ ڳوٺ جي ميمڻن سان به نائون مل رابطو ڪري ياڙي تي اٺ حاصل ڪيا.

نائون مل جي انهيءَ پوري ڪارروائي تي پوٽنجر تمام گهڻو خوش هو. پوٽينجر سان گڏ ليفٽيننٽ ڊبليو. جي. ايسٽوڪ (ڪتاب Dry leaves from young Egypt جو ليکڪ) مسٽر ليکي گڏ هئا.



**حيدرآباد جو مير صوبيدار خان سندس پٽ مير فتح علي خان ۽ مير محمد علي خان**

انگريز فوج جي اڳواڻ سرجان ڪين جو نائب ڪئپٽن آئو ٽرام بمبئيءَ کان انهن سيني رسد وار ڪمن جي جاچ لاءِ ڪراچي آيو. جتي نائون مل جي پائرن پريتم داس ۽ سکرام داس ان جو آڌر ڀاءُ ڪيو. هو ڪراچي ۾ به ڏينهن سيٺ نائون مل جي واپاري ڪوٺي ۾ رهيو. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ هو گهارو پهتو جتي ان سيٺ نائون مل سان ملاقات ڪئي ۽ ان جي ڪم مان مطمئن هو. اهي سڀ گهوڙا ٻاري پهتا جتي انگريزن جي ڇانوڻي هئي. هتي نائون مل فوج جي سالار سرجان ڪين سان مليو. ڪئپٽن آئو ٽرام، ڪئپٽن پاويل، ڪرنل پوٽينجر ۽ ليفٽننٽ ايسٽوڪ موجود هئا. سڀ سيٺ جي ڪم مان مطمئن هئا. نائون مل مڪمل طور تي انگريزن جو ماڻهو بڻجي چڪو هو. پورو پوجواڻي خاندان بنا ڪنهن اجوري جي انگريزن جي هر مشڪل کي آسان ڪري رهيا. فقط نائون مل انگريزن سان نه هو بامني ڪوٽ ۾ نواب غلام شاهه لغاري ۽ ٽالپرن جو خاص ماڻهو جيڪو ڪراچي جو گورنر به رهي چڪو هو، سيد زين العابدين ۽ ميرن جو خاص مشير آغا اسماعيل شاهه به انگريزن وٽ پهچي پنهنجيون خدمتون پيش ڪيون. گهڻا مير پنهنجي اندروني اختلافن ڪري انگريزن جو ساٿ ڏيئي رهيا هئا. انهن سيني ڳالهين کي ڏسي ان وقت به سنڌ ۾ هڪ چوٽي مشهور هئي ته:

”ميرن کي گهران لڳي.“

ٽالپر گهراڻي ۾ اتحاد نه رهيو هو. ان ۾ ڏار پئجي چڪا هئا. پهرين چوياري جي اولاد مان هر فرد پنهنجي منهن، ذاتي طرح انگريزن سان عهدناما ڪرڻ تي گهريا. جنهن مان انهن کي شخصي فائده

ملي رهيا هئا. هر هڪ شخص انگريز کي پنهنجي پوري مدد جو يقين ڏياريو. هر وڏيرو، سردار انگريزن وسيلي سنڌ جي تخت تي ويهڻ جو خواهش مند هو. برطانيا لاءِ ان کان وڏيڪ بيو ڪهڙو مناسب موقعو ٿي پئي سگهيو. غدار فقط نائون مل نہ هو پر هتي غدارن جي پوري فوج آهي. نائون مل تہ پوءِ کلي عام انگريزن جو ساٿ ڏيئي رهيو هو ۽ پنهنجي پيءُ سان ٿيل بيعزتي جو بدلو وٺڻ پئي چاهيو جنهن لاءِ خود نائون مل اعتراف ڪيو آهي.

”مون سياسي خدمت ڪنهن مالي منافع جي ارادي سان نہ ڪئي هئي. منهنجي جان ۽ مال هر وقت خطري ۾ هئي. هر هڪ کي معلوم هو تہ ٽالپرن جي حڪومت هئي. آئون انهن جو هٽ هيٺ هوس. انهن (ميرن) جي نظرن ۾ انگريزن جي مدد ڪرڻ ان جي مفادن جي خلاف هو ۽ ٽالپر حڪومت جي توهين هئي. پر منهنجي خاندان سان بعد وارن ميرن مذهبي ڪٽر پڻي جي ڪري جيڪي ظلم ڪيا هئا ان جي ڪري مون کي ۽ مون جي خاندان کي سخت صدمو رسيو هو. انگريز سرڪار لاءِ قربانيون مون فقط پنهنجي خاندان جي فائدي ۽ ڀلائي جي ڪري ڪيون آهن.“ (يادگيريون- سيٺ نائون مل هوتچند) انهيءَ دوران ڪجھ باغين پنهنجي سر ڪجھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي حڪمرانن جي دلچسپي نہ وٺڻ ڪري ناڪام ويا. نتي ۾ انگريزن جي فوجي ڪئمپ ۾ وڃڻ ڏکيو هو پر پوءِ هڪ نوجوان جيڪو نوحاٽي هو پاڻ کي چريو ڪري ڪرنل جي تنبو ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، ترار ڪڍي هو پوٽنجر کي مارڻ لاءِ وڌيو تہ ڪيس گوليون هڻي هن کي ماريو ويو. جنهن جو ڪو فرياد ميرن جي دربار ۾ درج نہ ٿيو. حيدرآباد ويجهو گدو بندر وٽ جتي انگريزن جو گودام هو هتي ليڪي بيڙي تي چڙهي جان بچائي نٽي ڏانهن روانو ٿيو. هن واقعي ڪانپوءِ فوج کي حيدرآباد ڏانهن هلڻ جو حڪم مليو. جهرڪن، وٽ عارضي ڪئمپ ۾ رهڻ جو انتظام ٿيل هو. هتي ميرن پاران آغا اسماعيل شاهه اچي انگريزن سان مليو. آغا اسماعيل ڪجھ ڏينهن اڳ نٽي ۾ پنهنجي پاران انگريزن سان ملي پنهنجي سهڪار جو يقين ڏياريو هو. هن واقعي ڪانپوءِ مير نور محمد انگريزن جي دٻ جي ڪري انگريزن سان ملي ويو هو.

انگريز گدو واري واقعي تي ڪاوڙيل هئا. ميرن انگريزن کان معافي ورتي ۽ نقصان جو معاوضو 27 لک رپيا ڀري ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿيا. واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ جو واعدو بہ ڪيو ويو.

گرفتار ٿيل ماڻهن کي سزائون ڏنيون. سزا طور ڪِنِ جا ڪَن ڪپيا ويا تہ، ڪن جون ڏاڙهيون پٽيون ويون. اها ذلت سنڌ پرستن کي ميرن هوندي نصيب ٿي. ڪرنل پوٽنجر ٺٽو مير خان ۾ رهي پيو. هن نائون مل کي ٻڌايو تہ انگريز جلدي ڪراچي تي حملو ڪرڻ وارا آهن. نائون مل کي

پنهنجي خاندان کي پيغام موڪليو ته ڪراچي ۾ ساموندي رستي جيڪي به انگريز اچن تن جو خيال رکيو وڃي ۽ انهن جي هر طرح مدد ڪئي وڃي. اپريل ۾ انگريز فوج شڪارپور کان افغانستان ڏانهن رواني ٿي ۽ مئي 1839ع تي سيٺ نائون مل جو پاءُ سک رام داس ڪراچي آيو.

**ڪراچي تي انگريزن جو حملو:**

انگريزن جو لشڪر جڏهن سنڌ مان گذري افغانستان وڃي رهيو هو. جهرڪ ۾ ڪئمپ دوران انگريزن جي ريزيڊنٽ سر ڪرنل پوٽنجر هڪ پاسي ميرن سان معاهدي جي چڪر ۾ هو ٻئي پاسي هن جهرڪ مان بمبئي حڪومت کي ڪراچي تي حملو ڪرڻ لاءِ هڪ خط لکيو. اهو خط پوٽنجر 28 جنوري 1839ع ۾ لکيو ته:

”فوج جو هڪ دستو هر صورت ۾ ڪراچي تي قبضي لاءِ موڪلڻ ضروري آهي. جنهن جا سبب مون ڪرنل ويلنٽ کي موڪليل پهرئين رپورٽ ۾ ڪيو آهي. وڌيڪ هي ته هر قيمت تي ڪراچي جي سيٺ نائون مل ۽ هن جي خاندان جي جائيداد جي حفاظت ڪئي وڃي. هي شخص اسان جي فوج سان گڏ آهي. هن انتهائي فراخدلي ۽ باهمت نموني اسان جي مدد ڪئي آهي. هن لاءِ ان کان وڌيڪ ڇا ٿو چئي سگهان ته اوهان ان جي حفاظت اهڙي طرح ڪريو جنهن نموني هندستان جي گورنر جنرل جي ڪندا آهيو.“

برطانيا جو جنگي جهاز ايچ ايم ايس ويلزلي ڪراچي فتح ڪرڻ لاءِ بمبئي کان روانو ٿيو. ويلزلي مينداوي کان هجامڙو بندرگاهه پهتو. وڌيڪ حڪم لاءِ هتي ترسي پيو. 31 جنوري 1839ع تي ڪرنل ويلنٽ کي هجامڙو ۾ ئي بمبئيءَ جي هاءِ ڪمان پاران هڪ مختصر حڪم نامو پهتو جيڪو ائين هو.

”فورن ڪراچي پهچي ۽ حملو ڪريو.“

رات جي اونده ۾ هي جنگي جهاز ساموندي طوفان جي زد ۾ اچي پنهنجي رستي تان ڀٽڪي وڃي ٿو. ڪئپٽن سميت سيئي فوجي پريشان هئا. جڏهن صبح جو سج پنهنجا ڪرڻا ساحل تي ڇڏيا ته جهاز جي سامهون سمنڊ جي سطح تي اپريل هڪ چوٽي تي قلعو نظر آيو. جهاز جي ڪپتان توپ خاني کي تيار رهڻ جو حڪم ڏنو. اها پهرئين فيبروري 1839ع جي هڪ صبح هئي.

سر فريڊرڪ مسٽلينڊ ويلزلي جهاز جو سرواڻ هو. انهيءَ 1815ع ۾ واٽرلو جي جاءِ تي نيپولين بونا پارٽ کي گرفتار ڪيو هو. هي جهاز ڪجهه وقت لاءِ رياست ڪڇ جي بندرگاهه ميندواي (Mondovi port) تي جڏهن لنگر انداز ٿيو ته 40 اين رجمنٽ جي هڪ ڪمپني ان ۾ سوار ٿي. ويلزلي جي مدد لاءِ حنا (Hunnah) ٽرانسپورٽر ۽ سيئرين (Syren) نالي جنگي جهاز به گڏ هئا. هجامڙو بندرگاهه تي به وڌيڪ جنگي جهاز Algeine ۽ Constance ان بحري ٻيڙي سان شامل ٿيا.

پهرئين فيبروري 1839ع جي شام تائين سيئي برطانوي حملو ڪندڙ جهاز ڪراچي پهچي منهوڙي جي قلعي جي ست يا اٺ گز جي فاصلي تي لنگر انداز ٿيا. منهوڙي جو قلعو ڪراچي جي بندرگاهه جو اڪيلو محافظ هو. انگريز سياح، واپاري، ايسٽ انڊيا ڪمپني جا فوجي عملدار گذريل 40 سالن کان ڪراچي جي بندر ۽ قلعي جو سروي ڪندا رهيا آهن. انهن کي خبر هئي ته قلعي ۾ ان تي لڳل توبن جي پوزيشن ڇا آهي ۽ هتي هر وقت ڪيترا فوجي رهن ٿا. ڇاڪاڻ ته ميرن پاران ڪراچي جي حفاظت لاءِ ڪا باقاعده فوج نه هئي ۽ حملي وقت قلعي ۾ فقط 16 سپاهي موجود هئا. جن ۾ قلعي جي اڳواڻ جا ٻار ۽ زال ۽ پوڙهو پيءُ به شامل هو. ڪئپٽن نيل جيڪو ان مهم ۾ شريڪ هو پنهنجي ڪتاب Recollections ۾ لکي ٿو ته:

”2 فيبروري 1839ع آخر صبح ٿيو. صبح پنهنجي پوري آب و تاب سان اڀريو ته ان وقت سمنڊ جي چمڪدار لهرن سان اٽڪيليون ڪرڻ لاءِ ڪو به موجود نه هو. مون کي جهاز کان قلعي جون اوچيون ڀتيون ۽ ڪراچي شهر جا گهر نظر اچي رهيا هئا. اهي سڀ ملي نهايت خوشي وارا لمحا ۽ منظر پيش ڪري رهيا هئا. پر اهو سڀ ڪجهه ان وقت ختم ٿيو جڏهن اڄ جي فيصلي ڪندڙ مرحلي جي تياري زورن سان شروع ڪئي ويئي. فوجي جوان پنهنجن هٿيارن جي چڪاس ۾ مصروف ٿيا ۽ نيڪ صبح جو انين وڳي اصل راند جي شروعات ٿي.“

ان ڪانپوءِ اڪين ڏٺو احوال نيل ان طرح بيان ڪري ٿو ته، ”ليفٽيننٽ جين ڪس(Lt. Jenkis) کي قلعي کي بنا ڪنهن شرطن ۽ هٿ ڇراند جي حوالي ڪرڻ لاءِ صلح جي جهنڊي سان موڪليو ويو ۽ قلعي جي سرواڻ انڪار ڪيو. جنهن تي 40 اين رجمنٽ جي چار ڪمپنين کي پنهنجي هٿيارن سان ”الجيرائن“ ۽ ”ڪونسٽينس“ جهاز تي سوار ٿي نڪتو. ان پيري قلعي جي حفاظت ڪندڙ اسان جي برتري مڃيندي، سنيهو موڪليو ته ڪراچي جي گورنر جي حڪمن ڪانسواءِ هو قلعو اسان جي حوالي نه ڪندو. هو پنهنجي هڪ سپاهي کي گورنر ڏانهن موڪلڻ لاءِ تيار به ٿيو پر اسان جي پوڙهي ايڊمرل ان پيشڪش کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ قلعي کي حوالي ڪرڻ لاءِ 15 منٽن جي مهلت ڏيئي ڇڏي. 15 منٽ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ به قلعي جو سرواڻ پنهنجي بيان تي قائم رهيو. پوءِ ڇا هو جو جنگي جهازن قلعي تي پوري جنگي جنون سان بمباري شروع ڪري ڏني. انهيءَ دوران 40 اين رجمنٽ جي ٻئي ڊويزن جي ميجر هبرن جي اڳواٽي ۾ ساحل تي لهڻ جو حڪم ڏنو ويو. اڃا اهي ساحل تي پهتا ئي نه هئا ته اسان قلعي تي برطانيا جي جهنڊي کي لهرائيندي ڏٺو. قلعي جي ڏکڻ وارو پاسو بلڪل تباهه ٿي چڪو هو. اهڙي طرح اسان بنا ڪنهن رت وهائڻ جي فقط ڇهه سئو پائونڊ بارود ۽ 32 گولا فائر ڪري فتح حاصل ڪئي. اصل ۾ قلعي

جا سنياليندڙ ۽ ان جا سرواڻ چوٿين ۽ پنجين رائونڊ ڪانپوءِ پنهنجيون ذميواريون ڇڏي وڃي پهاڙن ۾ لڪا هئا. انهن کي جلد گرفتار ڪيو ويو. بهرحال هي هڪ شانج وارو ڏينهن هو.“

ڪئپٽن نيل منهوڙي جي قلعي تي برطانوي جهازن تي حملي جو تفصيل ان طرح بيان ڪري ٿو.

”قلعي تي لڳل توبن مان هڪ به صحيح حالت ۾ نه هئي. هڪ توب ۾ شروع کان ئي گولو نه هو. هڪ توب حملي ڪندڙ جهاز ويلزلي تي فائر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هلي نه سگهيو. هڪ توب مان گولو ڇڏيو ويو پر اهو ڪجهه فاصلي تي وڃي ڪريو. بلوچي سپاهين انگريزن تي ڪجهه گوليون به هلايون پر اهي غير موثر ثابت ٿيون. ان جي ابتڙ حملي ڪندڙ جهاز ويلزلي قلعي تي ايڏي زبردست گولاباري ڪئي جو قلعي کي گهڻو نقصان پهتو ۽ بعد ۾ ان کي مڪمل طور ڍاهڻو پيو.“

نيل مطابق قلعي تي قبضي ڪانپوءِ هتان 30 سپاهي گرفتار ڪيا ويا. هڪ ٻئي برطانيا جي آفيسر جيڪو 1839ع ۾ ڪراچي تي حملي ڪندڙ برطانيا جي فوج ۾ شامل هو. ان فوجي آفيسر جي ڊائري لنڊن جي هڪ اشاعتي اداري جيمس ميڊن 1851ع ۾ شايع ڪئي هئي. ليکڪ پنهنجو نالو ظاهر نه ڪيو هو. هو لکي ٿو ته:

2 فيبروري 1839ع جو صبح جو جنگي جهاز ويلزلي ۽ مال ڍوئيندڙ جهاز ”حنا“ منهوڙي جي قلعي جي سامهون لنگر انداز ٿيا اسان جي ڪمانڊر قلعي جي سرواڻ کي للڪاريو ته فورن هٿيار ڦٽا ڪر.“

”آئون بلوچ آهيان قلعو خالي ڪرڻ کان موت کي ترجيح ڏيندس.“ قلعي جي سرواڻ جواب ڏنو.

”چڱو سنو ٿيو، موت گهرندڙ کي موت ضرور ملڻ گهرجي ائين به انهن مغرور بلوچن کي تميز ۽ تهذيب سيکارڻ اسان جو فرض آهي. اهو فرض نڀائڻ لاءِ اسان پنهنجو پيارو وطن ڇڏيو آهي ۽ هاڻي هن ڪاري پاڻي ۾ دربدر آهيون.“ ڪمانڊر چيو.

اسان جا فوجي دستا جهاز مان لهي منهوڙي جي جبلن ڏانهن وڌڻ لڳا. جبل جي ڪڇ ۾ ڪجهه دير آرام ڪري اسان پنهنجيون رائفلون لوڊ ڪيون. انهن تي تيز ڌار وارا رت پياڪ خنجر به چاڙهي ڇڏيا. منهوڙي واري جبل تي موت جا پاڇا ڇانيل هئا پر موت جا فرشتا ڪنهن جو انتظار ڪري رهيا هئا. اسان جي رجمنٽ جي جوانن جي دل ڪجهه دير لاءِ ٻيهي ٿو رهي پر ڪمانڊر جو گرجدار آواز اڀريو.“ برطانيا جا عظيم بهادر سپوتو تاج ۽ ملڪ جي نالي تي...“

تاج ۽ ملڪ جي نالي تي جوش سان حملو ڪيو ويو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي منهوڙي جو قلعو فتح ٿي ويو. قلعي ۾ هڪ پوڙهو سردار هڪ جوان عورت ۽ هڪ معصوم ٻار لاحول و لاقوت. گورنر

جنرل ڪلڪتي مان هڪ پيغام وسيلي اسان جي بهادري جي واکاڻ ڪئي ۽ اسان جي ڪمانڊر جي حوصلن ۽ هوش مندي جي تعريف ڪئي.“

سيٺ نائون مل پنهنجي ڪتاب ”يادگيريون“ ۾ ان واقعي جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ڪيترن برطانيا جي جهازن منهوڙي جي قلعي تي مسلسل ٽي ڪلاڪ گولاباري ڪئي جنهن ڪري قلعي جو ڪجهه حصو تباهه ٿي ويو. جهازن مان ڪرنڌڙ گولن جي دونهين جي ڪري نه فقط بندرگاهه جو علائقو پر پوري شهر کي پنهنجي وڪوڙ ۾ ورتو. شهر ۾ خوفناڪ اونده ڇانئجي وئي جو ڏينهن جي وقت رات جو گمان ٿيڻ لڳو هو. انهن حالتن ۾ ڪراچي جي ٽالپر انتظاميا نواب خير محمد ۽ حاجي الله رکيو نائون مل جي وڏي ڀاءُ پريتم داس سان ملڻ سندس ڪوٺي تي آيا ۽ ان جي وسيلي برطانيا جي حملي ڪندڙ فوج کي وڏيڪ گولاباري کان منع ڪرڻ جو پيغام موڪليو ويو.“

ان وقت سنڌ ۾ انگريزن جو ريزيڊنٽ مسٽر پوٽنجر ۽ جان ڪين ڪوٺڙي ۾ موجود هئا ۽ ميرن سان هڪ معاهدو به ڪري چڪا هئا. ميرن حيدرآباد ۾ ان حملي جي برخلاف سيد اسماعيل شاهه کي ڪوٺڙي موڪليو پر هن جو ڪو ڪڙ تيل  نه نڪتو. نائون مل جي بيان موجب جڏهن منهوڙي جي قلعي تي برطانيا جو جهنڊو لهرايو ويو، ان ڪانپوءِ ڪئپٽن گري ۽ ليفٽيننٽ جان ڪس امن جا شرط پيش ڪرڻ لاءِ ڪناري تي پهتا جتي ميرن جي آفيسرن انهن جو آڌر ڀاءُ ڪيو. ڪراچي تان هٿ ڪڻڻ واري شرطن کي طئي ڪرڻ لاءِ سيٺ نائون مل جي ڪوٺي جيڪا پراڻي شهر ۾ هئي، هوڏانهن روانا ٿيا. نيل جي بيان موجب هتي غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ طئي ٿيو ته ٽالپر آفيسرن ڀاران هڪ وفد معاهدي تي صحيح لاءِ ريئر ايڊمرل مئٽليند (جيڪو هن فوجي مهم جو اڳواڻ هو) ۽ ڪرنل ويلينٽ سان ملاقات ڪندا. اهو طئي ڪيو ويو ته معاهدي تي صحيح ٿيڻ کان اڳ برطانيا جا فوجي شهر ۾ داخل نه ٿي سگهندا.

شام جو ڪرنل ويلينٽ Valient ۽ ريئر ايڊمرل مئٽليند پنهنجي فتح جي شاهڪار منهوڙي جي قلعي جو معائنو ڪيو. ٻئي ڏينهن يعني 3 فيبروري 1839ع تي قلعي جو ڪمانڊر حسن بن بڇو (حاصل بن بڇو) ڪراچي جي فوجي گورنر خير محمد نظاماڻي ڀاران ۽ ثناءُ الله خان ڪراچي جي سول گورنر الله رکيو ڀاران برطانيا جي فوجي آفيسرن سان ملاقات ڪئي ۽ معاهدي جا شرط طئي ڪيا شهر جي آبادي کي ڪنهن به قسم جو نقصان نه پهچائڻ ۽ ڪراچي شهر جو انتظام بدستور ٽالپر آفيسرن جي حوالي رهڻ جي شرط تي ڪراچي کي انگريزن حوالي ڪرڻ جو معاهدو طئي ڪيو ويو.

معاهدي جا هيٺيان شرط هئا:

گورنر ڪراچي، شهر ۽ قلعي تي قبضي سان برطانيا جي فوجين جي حق ۾ هٿ ڪڻندو.
ڪرنل ويلينٽ هن ڏينهن يا جڏهن چاهي برطانيا جي فوج کي شهر جي ويجهو رهائيندو. مقامي انتظاميا برطانيا جي فوج کي عام رائج قيمت تي اجورو وٺي ڏيڻيون، اٽ ۽ ڪاٺ خوراڪ جو سامان فراهم ڪرڻ جا پابند هوندا.
انگريز انتظاميا ڪمپني پاران وعدو ڪن ٿا ته انهن لاءِ ڪراچي جا سيئي شهري ۽ ان جي ملڪيت عزت لائق هوندا ڪراچي جي شهرين کي پنهنجي واپار ۽ ٻين ڪمن ۾ مڪمل آزادي هوندي. انهن جي واپاري جهازن کي ڪراچي جي بندر تي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي داخل ٿيڻ جي اجازت هوندي. ڪراچي جو انتظام مقامي انتظاميا جي حوالي هوندو ۽ تمام ٽيڪس اهي ئي وٺندا.
معاهدي تي ويلزلي جهاز ۾ ميرن پاران حسن بن بچو ۽ ثناءُ الله خان ۽ ڪمپنيءَ پاران بحريه جي ڪمانڊر انچيف ريئر ايڊمرل سرفريڊرڪ ليوس، ريئر ايڊمرل مئٽليند ۽ سنڌ ۾ برطانيا فوج جي ڪمانڊر ٿامس ويلينٽ صحيحون ڪيون، اهو معاهدو 3 فيبروري 1839ع ۾ ٿيو. معاهدي تي بعد ۾ ڪراچي جي ٻنهي گورنرن به صحيحون ڪيون. انگريزن پاران شاهدي طور هن معاهدي تي 40 اين رجمنٽ جي مسٽر جي چيو (Mr. J. chav) ۽ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ پوسٽانس به صحيحون ڪيون. معاهدي موجب 7 فيبروري 1839ع تي ڪراچي جي فوجي گورنر خير محمد نظاماڻي باقاعدو ڪراچي شهر جون ڪنجيون انگريزن جي حوالي ڪري ڇڏيون. پر شهري انتظام بدستور ٽالپرن جي اهلڪارن جي حوالي هو.
صحيحون ٿيڻ ڪانپوءِ 4 فيبروري تي قلعي جي نگراني سيڪنڊ سيڪيورٽي رجمنٽ جي ڪمپنيءَ جي حوالي ڪئي وئي. حملو ڪندڙ جهاز بمبئيءَ روانا ٿيا. انهيءَ ڏينهن يارنهن وڳي برطانيا جا فوجي گڏهن تي ۽ پيادا سمنڊ جي گپ مان هڪ ميل جو فاصلو طئي ڪري شهر ۾ داخل ٿيا ۽ هاٽوڪي سول اسپتال واري جاءِ تي هڪ خالي ميدان هو هتي پنهنجا خيما کوڙيا.
نيل مطابق، ”ڪجهه سپاهي هتي خيما کوڙي رهيا هئا ته ڪجهه برطانيا فوجي آفيسر مرڪزي پوليس چوڪي ويا. پوليس چوڪي تي ٽالپرن جو اڇي ۽ ڳاڙهي پٽين وارو جهنڊو لهرائي رهيو ويو تنهن کي لاهي هتي يونين جيڪ لهرايو ويو ۽ گڏوگڏ شهرين کي قبضي جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ پوري شهر ۾ نوٽس لڳايا ويا. شهر ۾ امن ۽ امان برقرار رکڻ ۽ برطانيا جي فوجين پاران ڪنهن زيادتي جي اڳواٽ شهر ۾ ڪيترائي نان ڪميشنڊ آفيسر مقرر ڪيا ويا. رات جو فتح جي جشن ملهائڻ لاءِ نائون مل جي پاءُ پريتم داس پنهنجي ڪوٺي ۾ هڪ شاندار دعوت جو بندوبست ڪيو. جنهن ۾ وڏي انگ ۾ برطانيا جي فوجين شرڪت ڪئي. هن موقعي تي فوجي بينڊ خوشيءَ جا سُر وکيريا ۽ ائين برطانيا جي فوج جو ڪراچي ۾ پهريون ڏينهن پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.“

ڪراچي تي قبضو انگريزن جي بدنيت جو هڪ مثال آهي هڪ پاسي انگريز فوج سنڌ مان گذري افغانستان وڃي رهي هئي ۽ فوج ڪوٽڙي وٽ خيما کوڙيا هئا. پوٽنجر ۽ جان ڪين هن فوج تي سنڌ جي حدن مان ڪاميابي سان گذارڻ لاءِ ميرن سان معاهدي مٿان معاهدا ڪري رهيا هئا ۽ انهن کي بي خبر رکي ڪراچي تي حملو ڪيو ويو.

اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب Kurrachee, Past, Present and Future ۾ ڪراچي تي قبضي تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته.

”حڪومت بمبئيءَ ڪراچي تي حملي لاءِ اڳ ۾ تمام ضروري معلومات ڳچ‍ھي نموني حاصل ڪئي هئي ۽ حملي لاءِ ضروري انتظام به ڪيا ويا هئا. هڪ پاسي برطانيا جو نمائندو هينري پوٽنجي ميرن کي حملي کان بي خبر رکڻ لاءِ انهن کي هڪ نالي ماتر دوستاڻي معاهدي تي ڳالهين وسيلي مونجهاري رکيو ۽ اهو اصل سبب هو جڏهن برطانيا جي فوج ڪراچي تي حملو ڪيو. هن کي ڪنهن به مزاحمت جو سامهون نه ڪرڻو پيو، ڪراچي تي حملي جو پورو معاملو هڪ پاسيرو هو هن کي جيئن برطانيا جي فوج وڏو شاندار فتح قرار ڏنو هو. حقيقت ۾ ائين هرگز نه هو. ڪراچي جي باري ۾ سنڌ ۾ برطانيا پاران مقرر ڪيل ريزيڊنٽ آخرڪار هن حقيقت کي مڃڻ تي مجبور ٿيو ته ڪراچي تي مڪمل تياري سان اچانڪ حملو ڪيو ويو“.

فريئر هال لائبريري ۾ رکيل رپورٽ جنهن کي برطانوي پارليمينٽري پيپرز (British parliamentary papers) جو نالو ڏنو ويو آهي، ڪراچي تي حملي جي باري ۾ لکيل آهي ته،

”گهڻي حد تائين ميرن جي روئي ۽ سياسي حالتن ڪراچي تي اچانڪ حملي لاءِ مجبور ڪيو هو. برطانيا جي هڪ ريزرور فوج کي اها ڳالھ يقين سان ٻڌائي هئي ته ڪراچي تي قبضي لاءِ انهن کي وڏي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ حملي وقت منهوڙي جي قلعي جي حفاظت ڪندڙن قلعي تان هٿ ڪڻڻ تان انڪار ڪانپوءِ برطانيا جي اها ڳالھ حقيقت لڳي. هن کان اڳ جڏهن پهرئين فيبروري 1839ع تي برطانيا منهوڙي کان پري سمنڊ ۾ لنگر انداز هئا ته شام جي وقت قلعي مان توپ جو گولو ڇوڙيو ويو. جنهن کي برطانيا جي فوجين جنگ جو اعلان تصور ڪيو پر اهو گولو معمول مطابق ڇوڙيو ويو هو. جيڪو هر شام ۽ صبح سج نڪرڻ ۽ لهڻ وقت ڇوڙيو ويندو آهي جنهن جو مطلب ته ڏينهن پورو ٿي ويو آهي.“




**ڪراچي هاربر جو نقشو (1889ع)**

”انهن تبصرن مان جيڪي خود انگريزن ڪيا آهن هن ڳالهه جو اعتراف آهي ته ڪراچي تي قبضو هڪ پاسيرو هو.

سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته جنهن ڪراچي کي حاصل ڪرڻ لاءِ ميرن به پيرا 15000 هزار کان 20 هزار لشڪر وٺي حملو ڪيو ۽ ٻنهي پيري ٽن مهينن جي گهيري کان پوءِ انهن کي ناڪامي نصيب ٿي. ٽيون پيرو جڏهن انهن کي ڪراچي جون ڪنجيون مليون ته ڪجهه بين سببن ڪري. ڪراچي وارن لڙائي نه ڪئي جيئن ته پوجومل جو پٽ دريانو مل ئي ان وقت ڪراچي جو اصل مالڪ هو ۽ مير ڪرم علي ٽالپر سان دوستي ۽ خان آف قلات پاران دلچسپي نه وٺڻ جي صورت ۾ بنا ڪنهن مقابلي ڪرڻ جي ڪراچي ميرن جي حوالي ڪئي. جيڪڏهن ٽئين ڪاهه وقت به ڪراچي وارا مقابلو ڪن ته ميرن کي وري به ناڪامي نصيب ٿئي ها. برطانيا جي ڪاهه وقت هڪ مضبوط قلعي جي هجڻ جي باوجود ڪنهن مقابلي بنا، بغير ڪنهن رت وهائڻ جي فقط ٻن ڏينهن جي انتظار ۽ چند گهڙين جي لڙائي ۾ انگريزن ڪراچي تي قبضو ڪيو هو. اها حقيقت آهي ته ڪنهن به قسم جو مقابلو نه ڪيو ويو هو. هن جا ڪارڻ گهڻا آهن انهن مان هڪ اهو ته ميرن ۾ نااتفاقي موجود هئي پاڻ ۾ دشمني جي ڪري برطانيا جي فوجي قوت کي وڌيڪ اثرائتو بنايو هو، انگريزن ڪراچي تي آساني ۽ سولائي سان قبضو ڪيو هو.

ڪراچي ۾ ميرن پاران ڪا باقاعده ۽ تربيت يافته فوج رکيل نه هئي. قلعي جي حفاظت لاءِ 80 سپاهي رکيل هئا، جيڪي سڀ تربيت يافته نه هئا ۽ اهي سپاهي سردارن پاران بيگرتي ڏنل هئا. جنهن جي بدلي ۾ ”هتان جي سردارن ۽ وڏيرن کي جاگيرون مليل هيون. سپاهين کي اها سهولت هئي ته کاڌ خوراڪ جو سامان انهن کي ميرن پاران مفت ملندو هو. حملي وقت قلعي ۾ فقط 16 کان 20 ماڻهو موجود هئا. باقي سڀ غير حاضر هئا. انهيءَ مان اوهان کي اندازو ٿي ويندو ته ميرن جا مقرر ڪيل بئي گورنر انتظامي طور ڪيترا مضبوط هئا. توبن جي باري ۾ خود انگريزن لکيو آهي ته انهن تي ڪٽ چڙهيل هو. گهڻا انهن مان ناڪاره هئا ۽ باقي بيو بارود جو ذخيرو فقط ڇهه پائونڊ ڪن هو. ڇا هن صورت ۾ انگريزن سان مقابلو ڪري سگهجي ٿو؟ پاٽنجر لکي ٿو ته ”جڏهن 1799ع ۾ قلعو جڙيو هو ته هن تي توبن جو اهڙي طرح ڄار وڇايل هو ته جيڪڏهن اهي هلائجن ته ڪا به طاقت يا فوجي جهاز سمنڊ جي رستي بيٺ ڏانهن اچي به نه پئي سگهي.“
ميرن کي سواءِ ڪراچي مان ٽيڪس اوڳاڙڻ جي بي ڪا به دلچسپي نه هئي. ماڻهن تي بيٺا ٽيڪس لڳائي انهن کي هيڻو ڪيو ويو هو. انهن جي ترقي ۽ سهولتن لاءِ ميرن پاران ڪجهه به نه ڏنو ويندو هو. شهر ۾ ڪو به رستو صحيح نه هو تمام گهٽيون گندي پاڻي ۽ گٽر جي ڍير ۾ تبديل ٿيل هئا. صفائي جو ڪو به انتظام نه هو. شهر کان بندر تائين هڪ ميل جو رستو مڪمل ڏٻڻ هو. جڏهن ميرن هتي انگريزن کي واپاري ڪوٺي کولڻ جي اجازت ڏني ان وقت ۽ جڏهن ناٿن ڪرو ڪراچي ۽ سون مياڻي جو سروي ڪري رهيو هو. هتان جي ماڻهن احتجاج ڪيو پر ميرن انگريزن جي ڏنل سوکڙين جي لالچ ۾ سڀ ڪجهه ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.
بئي پاسي ڪراچي تي گورنر ۽ نواب جيڪي به ميرن پاران مقرر ڪيا ويا انهن مان گهڻا ڏاريا ايران کان آيل هئا ۽ جيڪي سنڌي يا بلوچ مقرر ڪيا ويا انهن جو به واسطو ڪراچي سان نه هو. انهن کي هن شهر سان گهٽ ۽ پنهنجي اختيارن ۽ ٽيڪسن پاسي وڌيڪ ڌيان هو. ڇاڪاڻ ته هي شهر انهن جو نه هو. هو فقط پگهار تي هتي مقرر هئا. جيڪڏهن مير شروع کان شهر جو انتظام هتان جي ماڻهن جي حوالي ڪن ۽ گورنر ۽ نواب هتان جا ماڻهو مقرر ڪن ها ته انهن جي دلچسپي شهر جي ترقي ۽ حفاظت پاسي وڌيڪ هجي ها. انهن سيني ڳالهين جي نتيجي ۾ هتان جي عام ماڻهن جي واپارين ۽ ملاحن جو پاڻ ۾ هڪ اڻ ڏٺو اتحاد قائم هو جنهن جي اڳواڻي پوجواڻي سيٺ ڪري رهيا هئا ته اهي هر ڏک سک ۾ ڪراچي واسين سان گڏ هئا.
ڪراچي ۾ شروع ۾ جيڪي به گورنر مقرر ڪيا ويا اهي سڀ ايراني شيعا هئا. ڪراچي ۾ رهندڙ مسلمانن جي اڪثريت سني فرقي سان تعلق رکندڙ هئي. هن فيڪٽر به ڪراچي جي ماڻهن کي ميرن کان پري ڪيو.

مير جيئن تہ بلوچ نسل سان تعلق رکندڙ هئا پوري سنڌ وانگر ڪراچيءَ ۾ بہ هتان جي ٻين ذاتين جي ماڻهو ائين سمجهيو تہ اها انهن جي حڪومت نہ آهي ۽ ان ڪان پري هئا.
جڏهن انگريزن پهريون ڀيرو سنڌونديءَ مان پنهنجون فوجون اماڻڻ جي اجازت گهري هئي. تہ سنڌ جي ماڻهن انهيءَ ڳُهر جي مخالفت ڪئي هئي. پر ميرن انهن جي مخالفت کي ڪا اهميت نہ ڏني هئي.
ميرن جي پوئين چوياري ۾ هر مير جو قبلو ۽ هر مير جا خواهش الڳ هئا. مير نصير خان جيڪو مير مراد علي جو پٽ هو انگريزن جو بهترين دوست هو ۽ هر وقت انگريزن جي ها ۾ ها ملائڻ وارو هو. ٻئي پاسي هو افغانستان جي اڳوڻي شاهي خاندان جو بہ سنو دوست هو. هن جو فرزند مير نور محمد خان وري پنجاب جي سک راجا رنجيت سنگهہ جو دوست هو. مير محمد خان جيڪو مير غلام علي جو فرزند هو. هر وقت انگريزن کي ياد ڏياريندو هو تہ سندس والد انهن جو خير خواهہ هو، جنهن جي بدلي ۾ سنڌ جي پوري حڪومت هن جي حوالي ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وڃي. مير صوبيدار بہ تخت جو دعويدار هو. جڏهن انگريزن جا نمائندا انهن ميرن سان ملندا هئا تہ هو هڪٻئي جون گلائون ڪندا هئا. خيرپور ۽ ميرپور خاص وارا مير پنهنجي الڳ دنيا وسائي وينا هئا. مٿين سيني ڳالهين جي ڪري ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ويڇو وڌندو ويو.
سنڌ جي عام هندوئن سان بہ ميرن جو ورتاءُ سنو نہ هو. هو فقط واپاري هندوئن کي عزيز رکندا هئا. عام هندوئن کي گهوڙن تي چڙهڻ ۽ زمين خريد ڪري جاگير حاصل ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. تنهنڪري سنڌ جو هي وڏو طبقو بہ اڪيلو، ويڳاڻو ۽ ميرن جي حڪومت کان ڪٽيل هو. مير عوامي ماڻهو نہ هئا. انهن جون پاڙون عوام ۾ نہ هيون ۽ هو سردارن تي پاڙي سنڌ تي حڪومت ڪندا هئا. عوام بہ ڳرن ٽيڪسن، حڪومت پاران سهولتيون نہ ملڻ ڪري حڪومت جي هر ڪاروهنوار کان پاسيرا هئا. ڪوبہ حملو ڪندڙ چاهي هو افغاني هجي، سک هجي يا انگريز، گهران ڪاوڙجي ڪجهہ ماڻهن جو لشڪر وني سنڌ تي حملو ڪري ۽ هتان جي فصلن کي باهہ ڏيئي، ڀينگ ڪري، ميرن کان ڏن وني واپس ويندو هو، پر مير انهن سان مقابلي ڪرڻ بجاءِ انهن کي ڏن طور وڏي رقم ڏيئي موڪليندا هئا. جنهن جي ڪري بہ عوام ۾ هميشہ عدم تحفظ جو خطرو رهندو هو. جيڪڏهن ڪتي ماڻهن پنهنجي منهن مقابلو تي ڪيو تہ ميرن پاران بجاءِ انهن جي همت وڌائڻ جي انهن کي سزائون ڏنيون وينديون هيون. جنهن جا مثال ڪراچي تي ناٿن ڪرو تي حملو، ٺٽي ۾ هڪ نوجوان نوحاڻي بلوچ جو انگريزن هٿان قتل، گدوبندر واري گدام تي حملو يا بولان ڏانهن ويندي جڏهن سنڌ جي سرحد تي ڪجهہ نوجوانن فوج تي حملو ڪيو تہ انهن نوجوانن کي گرفتار ڪري انهن جي وڏن وارن کي هڪٻئي سان ٻڌي نراڙن تي گوليون

هٽي اڏايو ويو. اهو سڀ ڪجهه هڪ انگريز جان ڪين ڪيو. پر مير خاموش هئا ۽ انهن نوجوانن جي گرفتاري ۾ انگريزن جي مدد ڪئي. ميرن ۾ عام ماڻهن لاءِ ناانصافي، انهن جي پنهنجي اندر جي لالچ ۽ سستي جي ڪري حڪومت پاسي ڪو ڌيان نه ڏيڻ، ترقي ۽ ڀلائي لاءِ سوچڻ بجاءِ سجو ڏينهن شڪار ڪرڻ ڏانهن دلچسپي هئي.

مٿين سڀني ڳالهين جي ڪري ڪراچي سميت پوري سنڌ ۾ هڪ خاموش نفرت موجود هئي ۽ انهن سڀني واقعن، حادثن ۽ ميرن واري سنڌ جي سماجي بيهڪ سان عام ماڻهن ڪي ڪا دلچسپي نه هئي. جڏهن انگريزن ڪراچي تي قبضو ڪيو ته خاموش رهي ڪري هتان جي ماڻهن ميرن خلاف پنهنجي نفرت جو بدلو ورتو. هو انگريزن جي اچڻ تي يوجواٽي سيٺن وانگر خوش نه هئا پر ميرن جي حڪمراني مان به ته انهن ڪي ڪو فائدو نه هو، تنهنڪري ڪراچي جي ماڻهن خاموش تماشائي بڻجڻ قبوليو. اڳتي هلي انهن انفرادي طور مهاڏو اٽڪايو پر هڪ منظم قوت ۾ اڳواٽي نه هئڻ ڪري انهن ڪي وقتي طور ناڪامي ٿي.

انگريزن جي قبضي وقت مهاڻن جي هن وسندي جي آبادي 14 هزار جي لڳ ڀڳ هئي. هتي ظاهري طور ميرن جي حڪمراني هئي پر عملي طور انگريزن جو قانون هلندڙ هو. انگريزن ڪراچي ڪي هڪ فوجي ڇانوڻي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو فوج جو خرچ به مير ڀريندا هئا. انهيءَ دوران هڪ واقعي ۾ مير چاڪر خان هڪ انگريز ڪيپٽن هيڊ ڪي قتل ڪيو ته ميرن هن جي گرفتاري ۾ انگريزن جي مدد ڪئي. ميرن جي انتظام هوندي به انگريزن جي فوجي عدالت ۾ چاڪر تي ڪيس هلايو ويو ۽ هن ڪي ڦاهي جي سزا ٻڌائي وئي. (تفصيل باب ”ملڪ مڙوئي منصور...“ ۾ ڏنل آهي).

علامتي طور تي فوجي قبضي ڪان فورن پوءِ سول اختيار گورنر ڪي ڏنا ويا. جنهن جي ماهوار پگهار 130 رپيا هئي. برطانيه جي قبضي ڪان اڳ ڪراچيءَ ۾ حڪمران مختلف ٽيڪس ڪانسواءِ آفيم ٻاهر موڪلڻ ڪري مالدار ٿي چڪا هئا. جنهن لاءِ بندر تي ٻيڙيون موجود هونديون هيون. آفيم پهاڙي رستي ڪان اٺن وسيلي آندو ويندو هو. آمدني جو هڪ وسيلو شهر جو اڪيلو (لائسنس ڏنل) جوا خانو هو. ان ڪانسواءِ بندر تي ٽيڪس جنهن ڪي شيرني چيو ويندو هو ۽ ٻاهران آيل سامان چاهي هو ٻيڙين وسيلي هجي يا خشڪي رستي جنهن تي مختلف چنگي ناڪن تان جنهن ۾ ميرا ناڪو، ملير ناڪو، ٺٽو ناڪو مشهور هئا چنگي ورتي ويندي هئي. ملير ۽ حب جي علائقي ۾ زراعت تي ڍل وصول ڪيو ويندو هو. مڇي مارڻ تي به ٽيڪس وصول ڪيو ويندو هو.

انگريزن قبضي کان پوءِ جا خانو بند ڪري ڇڏيو. چاڪاڻ ته سچ لهندي ئي انگريز فوجي جوا خاني پهچندا هئا. جتي پوري رات انهن جي ڏماچوڪڙي متل رهندي هئي. جنهن تي انگريزن اهو جوا خانو بند ڪيو ته پوءِ اهو ڪاروبار گهرن ۾ گهٽين ۾ ڳجهن اڏن تي شروع ٿيو. آفيم تي ٽيڪس لڳائي ويئي. اهو سڀ ڪجهه قبضي وقت ٽينڊڙ معاهدي جي خلاف ورزي هئي. انگريز جهنگ جو شينهن هو وٽي آنا لاهي وٽي ٻچا ڏي. هنن کي چوڻ وارو ڪو به نه هو.

مارچ 1839ع ۾ لارڊ آڪليند ڪراچي واري معاهدي کي پاسيرو رکي ڪمپني جي سکي کي قانوني حيثيت ڏئي ڇڏي ۽ ٽالپرن کي پابند ڪيو ته هو انگريزن جي اجازت کانسواءِ ڪنهن به غير ملڪي اڳواڻ سان ڪو به معاهدو نه ڪن. 1841ع تائين مختلف معاهدن وسيلي ٽالپرن جا سڀ اختيار ختم ڪيا ويا. اندروني ويڙهه ۽ محلاتي سازش جي ڪري ٽالپر ڪجهه نه ڪري سگهيا. عياشين جي ڪري انهن جون صلاحيتون ختم ٿي چڪيون هيون. انگريز باقي سنڌ تي قبضي لاءِ پوري رٿا بندي ڪري ڇڏي.

انگريزن جي قبضي وقت نائون مل ڪراچي کان ٻاهر هو ۽ آگسٽ 1841ع ۾ هو واپس ڪراچي آيو هو. ٻه سال ڪراچي کان ٻاهر ڪرنل پوٽنجر ۽ ڪرنل آئوٽرام سان گڏ هو. نائون مل کي بعد ۾ سندس خدمتن جي بدلي ۾ هندستان جي گورنر جنرل سئو رپيا ماهوار سياسي پينشن تي مقرر ڪيو. قبضي وقت ڪراچي ۾ هنري پريڊي جيڪو هن وقت ڪيپٽن هو. فوج جي ڪاٺ خوراڪ کاتي جو اڳواڻ ۽ چانوٽيءَ جو مئجسٽريٽ هو. ڪرنل اسپلر فوج جو سالار ۽ نائب سياسي اهلڪار ليفٽيننٽ ميلني هئا.

<u>**ڪراچي ٻاهرين ملڪن جي سياحن جي نظر ۾:**</u>

ٽالپرن جي دور ۾ وڏ ۾ وڏ ٻاهرين ملڪن جي سياحن ۽ سرڪاري عملدارن واپارين جي حيثيت سان ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ پنهنجن سفرنامن ۾ ان جو ذڪر ڪيو انهن سياحن ۽ سرڪاري عملدارن جي لکڻين جون چند جهلڪيون هيٺ ڏجن ٿيون جنهن مان ڪراچي جي ان وقت جي حالت ۽ سماجي زندگي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

رچرڊ برٽن انگريزن جي قبضي وقت ڪراچيءَ جو دورو ڪيو. برٽن پنهنجي ڪتاب ”سنڌ ڏکويل ماتريءَ“ ۾ لکي ٿو ته، ”هي شهر مٽي جي ننڍن ۽ وڏن سوڙهين ۽ اوندهه گهرن جو شهر آهي جنهن جون گهٽيون به سوڙهيون ۽ اونداهيون آهن. جن مان گڏهه به مس گذري سگهندو. ڪپڙن سبڻ لاءِ درزيءَ جو نالو نشان ڪونه ملندو. گندي پاڻيءَ جي نيڪال جو بندوبست اهو آهي ته اهو پنهنجي پاڻ ئي سڪي ويندو آهي. گهر ڏياٽي گهر جي اها شيءِ گهر جي ٻاهران اڇلي ڇڏيندي آهي، جيڪا ڪيس گهر ۾ نه وڻندي آهي. صفائي جو ڪم پکي ۽ ڪتا انجام ڏيندا آهن. هتي

گندگيءَ کي صاف ڪرڻ لاءِ ڀنگي مقرر نہ آهن. اهڙي بدبوءِ تہ اڻ ڪٽ آهي جنهن جي ڊونڊ جي ڏپ نڪ کي ڀڻي ساڙيندي آهي.“

هو وڌيڪ لکي ٿو تہ، ”هتان جا ماڻهو بہ ساري جڳ کان نرالا آهن سنڌن منهن مهانڊا بہ نيارا ۽ ايرانين سان ملندڙ جلندڙ، رنگ هندستاني، مرداڻي وجاهت جو مڪمل نمونو، هتان جا گهڻا ماڻهو مهاڻا آهن جن جو ڏندو مڇي ڦاسائڻ آهي. هن ذات جا مرد سارو ڏينهن پيا چنل چارن کي ڳنڍيندا آهن. سنڌن عورتون مڇي ڪٽي گندي پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ ڀيون صاف ڪنديون آهن يا وري پنهنجن اگهاڙن مٿن تي وڏو بار کڻي گهرن ڏانهن ورنديون آهن. انهن جي شڪل شباهت ڏسڻ سولو آهي. هي عورتون ڪجھ سخت جان ٿينديون آهن. بازار ۾ گهمڻ وقت منجهن پردي جو رواج ڪونہ آهي. ڳالهائڻ ۾ بي حجاب آهن ۽ توهان جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي رک رکاءَ جو اظهار ڪونہ ڪنديون اوپرو ۾ هن قسم جي آزادي اڃرج جهڙي آهي.“

منهوڙي جي باري ۾ برٽن لکي ٿو تہ، ”منهوڙي جو قلعو هڪ اوچيءَ پٽ تي اڏيو ويو آهي. سندس پٽيون اوچيون آهن. هن قلعي جي هڪ مناري تي لائيٽ هائوس بہ آهي. هي ماڳ ان مشهور ملڪ جو ڏاکڻيون حصو آهي. سامونڊي ڪاهيءَ جي وٽ تمر جا گهاٽا ۽ ساوا وڻ آهن. انهيءَ پس منظر ۾ ويران ۽ خشڪ ٽڪريون ڏسجن ٿيون. اهو نهايت خوبصورت منظر آهي. ٽڪريون سمنڊ جي مٿاڇري کان 130 فٽ اوچيون ۽ ايڪپريون آهن. ميل ڪن ڊگهيون آهن. هي ٽاڪ ڊگهي ۽ گهاٽي گاهہ سان ڍڪيو پيو آهي. ڪراچي هتان کان ہ ميل پري آهي. هي شهر اسان جي نئين مصر جو نئون اسڪندريا آهي.“

مسٽر هينري پوٽنجر جنهن جي صلاح تي ڪراچي تي حملو ڪيو ويو. پنهنجي سفرنامي ”سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر ۾“، ٽالپر جي دور جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. سڀ کان پهرئين هينري پوٽنجر جنوري 1809ع ۾ هڪ برطانوي مشن جي سلسلي ۾ سنڌ جو دورو ڪيو هو. هو لکي ٿو تہ ”هي شهر سنڌ جي ڏکڻ اولهہ ڇيڙي تي آهي. هاڻي هي ڪجھ سالن ۾ سنڌ جو اهم بندرگاهہ بڻجي ويو آهي. جيڪو گهڻو محفوظ آهي. 1797ع ۾ ٺهيل پناهہ گاهہ (قلعو) بندرگاهہ ۾ داخلا کي روڪڻ لاءِ نهايت مناسب آهي. جيڪڏهن هن تي بهترين توبون رکيون وڃن تہ بندرگاهہ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اهم رڪاوٽ ثابت ٿيندو. قلعو ڪٿي ڪٿي ڪمزور آهي. ڪٿي ڪٿي پنجن ۽ ڇهن ميٽرن کان مٿي ڪونهي هي نهايت مٿي ۽ محفوظ پڻ آهي.“

هو وڌيڪ لکي ٿو تہ، ”1813ع ۾ ٽالپر هتي گهر ڳڻپ ڪرائي جنهن مطابق ڪوٽ اندر ڪل 3250 گهر هئا. ان ڪانسواءِ ڪوٽ کان ٻاهر ڪجھ جهوپڙيون بہ آهن جيڪي هن ڳڻپ ۾ شامل نہ آهن. هن وقت شهري آبادي وقتي طور رهڻ وارن ڪانسواءِ 13 هزار آهي. شهر ۾ اڪثريت هندوئن جي

آهي. جيڪي وڏي پيماني تي واپار ڪن ٿا. ڪراچي جي چنگيءَ جي وصولي به هندوئن جي حوالي آهي. 1809ع ۾ ڪراچي جي سرڪاري خزاني ۾ جيڪا آمدني ٿي اها 99 هزار رپيا يعني 12375 پائونڊ ساليانو هئي. هاڻي اها هڪ لک 30 هزار رپيا ٿي آهي. ڪراچي جي سطح هموار آهي. هتي هڪ به ڪوهه ڏنا ويا آهن جنهن جي پرپاسي وڻن جون قطارون هيون. اسان کي ٻڌايو ويو ته اڳيان ڪراچي جي پاسي واري جهنگ ۾ گدڙ، لومڙي، سوئر، هرڻ ۽ ٻيا ڪيترائي جانور ٿين ٿا."

مسٽر آءِ. اين. ايلن پڻ ٽالپرن جي دور ۾ ڪراچيءَ جو دورو ڪيو هو، هو لکي ٿو ته، "ڪراچيءَ جي پهرئين ڏيک انتهائي غير وٽندڙ آهي. هي شهر مٽيءَ جي ناهموار ڏڙن ۽ پٽن تي واقع آهي. هر پاسي مٽي ئي مٽي آهي. ٻهر جا وڻ جهجهي تعداد ۾ آهن. هي غريب انسانن جي وسندي آهي. جتي گهڻي تعداد ۾ گندگي آهي. لياري ندي جا ٻئي پاسا انتهائي سرسبز آهن. هن پٽي تي باغ پڻ آهن. هن پوري خطي ۾ فقط اهو ئي علائقو آهي جيڪو نظرن کي فرحت بخشي ٿو."

ڪمانڊر ڪارليس پنهنجي رپورٽ "Memories on the Bay Harbour and Trade of Kurrachee." جيڪا 1838ع ۾ سنڌس سروي رپورٽ تي ٻڌل آهي تنهن ۾ لکي ٿو ته:

"ٽالپرن جي دور ۾ ڪراچي مصروف بندرگاهه ٻڻجي ويئي. 1830ع ۾ اندازن 100 واپاري جهاز ڪراچي جي بندرگاهه سان لاڳاپيل هئا. اهي جهاز ڪراچي کان واپاري سامان بمبئيءَ، گوادر، دمن، ڪالي ڪٽ، مسقط ۽ چين ڪٽي ويندا آهن. واپسي ۾ هتان واپاري وکر ڪٽي ڪراچي ايندا آهن." ڪارليس وڌيڪ لکي ٿو ته، "ڪراچي هڪ ننڍو شهر آهي. هتي پيئڻ جي پاڻي جي سخت کوٽ آهي. شهر بندرگاهه جي اوڀر ۾ واقع آهي. ڪراچي شهر لاءِ نهيل پناهه گاهه نهايت خراب حالت ۾ آهي. هن ۾ جڳهه جڳهه تي سوراخ آهن. جن کي ماڻهو ٻاهر اچڻ وڃڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. هن ڪوٽ تي 40 توپون رکيل آهن. اهي سڀ ننڍيون ۽ استعمال لائق نه آهن. قلعي کان ٻاهر به شهر جيترائي گهر آباد آهن. ڪراچي گهڻو ڪري مهاڻن تي ٻڌل آهي. ڪراچي جا پراڻا رهاڪو جيڪي ڪلاچو قبيلي سان تعلق رکن ٿا. پناهه گاهه کان ٻاهر آباد آهن. انهن جي دعويٰ آهي ته ڪراچي جي بستي انهن جي بزرگن جي آباد ڪيل آهي، جيڪا هاڻي ترقي ڪري شهر جي شڪل اختيار ڪري ويئي آهي."

1832ع ۾ ڪرنل پوٽنگر ڪراچيءَ جي حالتن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، "ڪراچي جي بستي کان منهوڙي ٽائين ڪو رستو نه آهي پورو علائقو ڏبڻ آهي. آبادي گهڻو ڪري مهاڻن ۽ ملاحن جي آهي هتان جا پراڻا رهاڪو ڪلاچو چوائن ٿا. ميرن پاران هتي به حاڪم مقرر هئا. حسن بن بچو خان ۽ ٻيو منهوڙي جو ڪمانڊر خير محمد آهي."

ڪئپٽن هارٽ 1838ع ۾ لکي ٿو ته، ”ڪراچي شهر ۾ 21 مسجدون، 13 درسگاهه ۽ 34 مندر هئا. شهر ۾ 9000 هزار هندو ۽ 4850 مسلمان رهندا هئا. 250 عارضي ماڻهو رهندا هئا. مسلمان عورتون فارسي ۽ عربي زبان پڙهنديون آهن. سستائي جو زمانو هو ڪراچي ۾ لوڻ جو اٺ هڪ روپئي ۾، چانور ڏهه آنا مڻ، ڪڻڪ هڪ رپئي ۾ اڍائي مڻ ملندي هئي. ان وقت ميرن وٽ 30 سامونڊي جهاز 100 واپاري ٻيڙيون هيون. انهن جي حفاظت منهوڙي قلعي کان ڪئي ويندي هئي.“ ڪئپٽن هارٽ وڌيڪ لکي ٿو ته، ”ڪراچي شهر 30 کان 35 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. شهر کي چئني پاسن کان پناهه گاهه آهي. شهر ۾ هندو ۽ مسلمان گڏ رهن ٿا. انهن جي معاش جو وسيلو بندرگاهه آهي. پناهه گاهه جي ٻاهر غريب طبقو آباد آهي. جن ۾ اڪثريت مهاڻن جي آهي.“

اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب:Kurrachee past, present and future vol:1 ۾ لکي ٿو ته، ”ڪراچي جي پسگردائي ۾ ملير جو علائقو سرسبز ۽ شاداب آهي پر هتي ڪڻڪ جي پوک نه ڪئي ويندي آهي. اصل ۾ آبادگار ٽيڪس جي بوجهه سبب ڪڻڪ اپنائيندا نه آهن. ڪڻڪ پوکڻ جي صورت ۾ انهن کي پيداوار جو ٽيون حصو ٽيڪس طور ڏيڻو پوندو آهي. هي ٽيڪس ايترو وڌيڪ آهي جو هن جي ادائيگي کان پوءِ آبادگارن لاءِ ڪجهه به نه بچندو آهي. ان جي ابتڙ ميون ۽ ڀاڄين تي ڪو ٽيڪس نه هوندو آهي. جنهن جي ڪري ملير جا آبادگار ان پاسي ڌيان ڏيندا آهن ڪراچي جا گهڻا آبادگار بلوچ آهن.“

جناب رضوان احمد پنهنجي ڪتاب ”جناح پونجا“ ۾ هڪ جرمن سياح جي حوالي سان لکي ٿو ته، ”ٽالپرن جي دور ۾ ڪراچي شهر جي ڀرپاسي هڪ مٽي جي پناهه گاهه ٺهيل هئي. اها ايتري ويڪري هئي جو ٻه ڊگهي گاڏيون سولائي سان اچي وڃي سگهن ٿيون. ان جا ٻه دروازا آهن. هڪ منو در ۽ ٻيو کارو در انهن دروازن تي پوليس چوڪيون پڻ قائم آهن. شهر جا گهر مٽي ۽ پٿر ۽ ڪاٺ جا ٺهيل آهن. هتي ڪجهي جي وٽن ڪانسواءِ آمري ۽ ڪيلي جو فصل جام ٿئي ٿو. کاري در جي سامهون سمنڊ جي اندر پيدا ٽينڊڙ ٻوٽا بيٺل هئا. جن ۾ اڇا ۽ گلابي گل لڳل هئا. جيڪي نهايت خوبصورت نظارو پيش ڪري رهيا هئا.“

ڪيپٽن ليوپولڊ، ”ٽريولز ان انڊيا“ ۾ لکي ٿو ته، ”ٽالپرن جي دور ۾ منهوڙي تي قلعي ڪانسواءِ هڪ اچي گنبذ واري مسجد به هئي. هن مسجد کي پورٽر به پنهنجي ڪراچي جي دوري دوران ڏٺو هو. بندرگاهه ۽ شهر ٽائين وچ ۾ پاٽي آهي. بندرگاهه کان شهر ٽائين رستو ڏٻڻ ۽ گپ مان گذري ويندو هو. جڏهن سمنڊ جو پاٽي چڙهيل هوندو هو ته ٻيڙين کي ڪناري کان مٽي چار سئو گز جي فاصلي تي روڪيو ويندو هو.“

انهن سياحن ڪانسواءِ ڪئپٽن ايسٽوڪ ۽ بين ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ ڪراچي متعلق پنهنجا تاثرات قلم بند ڪيا. هن ڪاسواءِ ناٽن ڪرو جهڙو جاسوس ۾ ڪراچي جي شهر ۽ بندر جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. انگريزن جي قبضي کان پوءِ اڻ ڳڻين مورخن ۽ سرڪاري آفيسرن ڪراچي بابت لکيو آهي ته انهن لکڻين مان ڪراچي واري شروعاتي دور جي بيهڪ جي خبر پئجي ٿي.

**چارلس نيپئر جو سنڌ ۾ اچڻ:**

سنڌ جي فتح وقت هندستان جو گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو ايليو هو. انگريزن جي اصل مرضي هئي ته ايلنبرو جهڙو سخت پاليسي اختيار ڪندڙ ئي ماڻهو سنڌ ڪي حاصل ڪري سگهندو. لارڊ ايلنبرو انهيءَ ڪم ڪي چڱي طرح نڀايو. لارڊ ايلنبرو ميرن سان وڙهڻ ۽ زير ڪرڻ لاءِ هڪ فوجي جنرل چونڊيو. جنهن ڪي سڄي سنڌ ۾ فوجي ۽ سياسي اختيار ڏئي موڪليو ويو. اهو شخص تاريخ ۾ سرچارلس نيپئر Sir Charls Napier جي نالي سان مشهور آهي. 10 سيپٽمبر 1842ع ۾ چارلس نيپئر "زنوبيا" جهاز وسيلي ڪراچي پهتو ۽ 19 سيپٽمبر 1842ع تي هي حيدرآباد پهتو جتي شاهي مهماني هن جو انتظار پئي ڪيو. نيپئر انتهائي مڪار ۽ ظالم شخص هو. هن ڪوڙ، ٺڳي ۽ دوکي سان سنڌ کي حاصل ڪيو. ڪوڙن رپورٽن جي آڌار تي هن پنهنجو ڪيس مضبوط ڪيو. نيپئر جي سياسي ڪمشنر ميجر آئوٽرام ڪيس جارحانہ ڪارروائي کان ان کي روڪيندو ايندو هو. گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو ۽ نيپئر جي بديانت ارادن بابت هندستان ۽ انگلينڊ جي اخبارن ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. لڙائي کان پوءِ آئوٽرام جڏهن بمبي موٽي ويو ۽ گورنر سان مليو ۽ ڪيس نيپئر جي زيادتين کان واقف ڪيائين. نيپئر پنهنجي مقصدن جي حاصلات لاءِ گهڙين ڳالهين کان گورنر ڪي بہ پاسيرو رکيو هو.

سنڌ جي قبضي کان پوءِ نيپئر جي ڀاءُ وليم نيپئر پنهنجي ڀاءُ جي بچاءَ ۾ آئوٽرام ڪي ميرن جي دوستي ڪري بدنام ڪرڻ لاءِ هڪ ڪتاب "سنڌ جي فتح" لکيو. آئوٽرام ان جو جواب پنهنجي مشهور ڪتاب Conquest of Sind a Commentary ۾ ڏنو. هن ڪانسواءِ ڪئپٽن ايوسٽڪ پنهنجي مشهور ڪتاب Dry Leaves from young Egypat (نئين مصر جا پراڻا ورق) ۾ سمورين حقيقتن بابت لکيو آهي ۽ نيپئر جي حرڪتن کي بي نقاب ڪيو آهي. جنهن تي انگريزن جو پاڻ ۾ اخبارن ۾ هڪ بحث شروع ٿيو. "ڏي جواب وٺ جواب" جو سلسلو شروع ٿي ويو. انهن سڀني ڳالهين مان جن جو اعتراف انگريزن مورخن ۽ سياسي عملدارن ڪيو تہ ڪوڙن تهمتن جي بنياد تي ميرن سان ڏني وائني، ارهہ زورائي ڪئي وئي هئي. سنڌ جي قبضي کان پوءِ انهن ميرن ڪي بہ قيد ڪيو ويو. جيڪي انگريزن جا دوست ۽ همدرد هئا.

نيپئر جڏهن سنڌ ۾ آيو ته ميرن سان ڦتائڻ لاءِ مختلف حيلا بهانا پئي ڪيا. هن ميرن جي پاڻ ۾ اندروني اختلافن جو خوب فائدو ورتو. حيدرآباد جي ميرن ۾ به خيرپور جي ميرن وانگر پاڻ ۾ اندروني اختلاف هئا. ميرن ڪي جڏهن انگريزن جي نڳي جي خبر پئي ته گهڻي دير ٿي چڪي هئي. ٽالپرن سان معاهدا ٿيندا رهيا ۽ ٽٽندا رهيا. ٽالپرن ڪان انگريز رعايتون وٺندا رهيا انهن حاصل ٿيندڙ رعايتن جي اهميت اها هئي ته هر ممڪن طريقي سان سنڌ تي قبضو ڪجي.

15 فيبروري 1843ع تي حيدرآباد ۾ موجود برطانيا جي ريزيڊنٽ ميجر آئوٽرام جي گهر تي ڪجهه سنڌ پرستن حملو ڪيو. جنهن تي ڪجهه ماڻهو مارجي ويا ۽ ڏهه زخمي ٿيا. ميرن هن واقعي ڪان لاعلمي ڏيکاري. پر چارلس نيپئر هن واقعي کي بهانو بنائي 28000 جو لشڪر وٺي 17 فيبروري 1843ع تي صبح سوير ڦليلي جي ڪپ وٽ مياڻي جي ميدان ۾ پهتو. سامهون ميرن جو لشڪر هو. جنهن لاءِ ڪن تاريخدانن جو خيال آهي ته انهن جو تعداد 22 هزار، ڪن جو خيال آهي، 17000 هزار ته ڪنهن 5000 هزار ظاهر ڪيو آهي. انگريز جديد هٿيارن ۽ 12 توبن سان ليس هن وقت دنيا جي هڪ بهترين فوج هئي. جنگ جي شروعات ٿي. هي آزاد سنڌ جي آخري لڙائي هئي. ٻنهي پاسي ٻاهه وسي رهي هئي. هڪ طرف دنيا جي تربيت يافته ۽ منظم جنگي حڪمت عملي ڪان واقف فوج هئي ۽ هن جي مقابلي ۾ ڪا فوج نه پر وطن تان قربان ٿيندڙ جلدي ۾ گڏ ڪيل عام ماڻهن جو ٽولو هو. انگريز  هڪ مقصد تحت جنهن ۾ سنڌ ۽ هن جي دولت کي ڦبائڻ لاءِ وڙهي رهيا هئا. ٻئي پاسي پنهنجي وطن تي جانين جو نذرانو پيش ڪرڻ وارا هئا. هو ٿورا هئا پر بهادري سان وڙهيا. بهادر تلوار جا ڌڻي ان وقت جي جديد بندوقن ۽ توبن سامهون بيهي نه سگهيا. ۽ پروانن وانگر قربان ٿيندا ويا. جنهن جو اعتراف چارلس نيپئر جهڙي ظالم ماڻهو به ڪيو.

سچ لڻي ڪان اڳ ٽالپر جي فوج کي شڪست ٿي 5000 هزار سنڌي وطن تان قربان ٿي به وطن بچائي نه سگهيا. نيپئر سنڌ حاصل ڪئي. هن جنگ ۾ خيرپور جي ميرن سميت گهڻا سنڌي خاموش هئا ۽ انگريزن جا حامي هئا. انهيءَ خاموشي جو نتيجو انهن کي اڳتي هلي ڀوڳڻو پيو. مير محمد جيڪو لشڪر جو سپهه سالار هو وڙهندي شهيد ٿي ويو. هڪ آزاد وطن غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو. ٻن ڏينهن ڪان پوءِ نيپئر قلعي جو دورو ڪيو مير نصير، آخوند بچل ۽ ديوان منا رام گڏ هئا. هن قلعي کي لٽڻ جو حڪم ڏنو. جنهن ۾ زنان خاني کي به نه بخشيو ويو. عورتن ڪان زيور لهرايا ويا، ميرن جي هر گهر کي لٽيو ويو. ميرن جي عورتن قلعي مان ڀڄي وڃي ٻين جاين ۾ پناهه ورتي. لٽ جو مال جي قيمت اٽڪل ارڙهن ڪروڙ هئي. فتح جو جشن ملهايو ويو.

پر سنڌ ۾ اڃا جنگ ختم نہ ٿي هئي ملڪ جي مختلف حصن ۾ ڇڙو ڇڙ سنڌين انگريزن تي حملا جاري رکيا. نواب احمد خان لغاري ۽ مشهور جرنيل هوش محمد شيدي (قنبراڻي) 24 مارچ تي 5000 فوج وٺي دو آبي (ڊبي) تي انگريزن جو مقابلو ڪيو. انهيءَ جنگ ۾ هوش محمد (هوشو شيدي) مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون جو نعرو هڻي شهادت ماڻي ۽ تاريخ ۾ هميشہ لاءِ امر ٿي ويو. هن جنگ ۾ بہ ميرن کي شڪست ٿي. سنڌ جي قسمت جو ستارو گردش ۾ اچي چڪو هو.

ڪراچي ۾ برطانيا حڪومت جا بہ عملدار ڪرنل بوليو Col: Boileau ۽ ڪيپٽن پريڊي ڊيوٽي سرانجام ڏيئي رهيا هئا. 17 فيبروري تي جڏهن سج لٿي مهل ميرن کي شڪست ٿي تہ ڪراچي ۾ رام باغ واري علائقي ۾ انهيءَ ڏينهن هڪ فقير کي ماڻهن وڏي واڪي چوندي ٻڌو تہ مياڻي ۾ انگريزن کي فتح حاصل ٿي آهي ۽ ميرن کي شڪست ملي آهي. ميرن کان سنڌ هميشہ لاءِ نڪري وئي.“ حيرت جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ انهن ڏينهن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ هڪ سوار کي ڇٽيهہ ڪلاڪ لڳندا هئا ۽ ڪراچي ۾ موجود انگريز عملدارن کي ڪا بہ خبر نہ هئي. مياڻي ۾ ڇا ٿيو آهي ۽ هن الله لوڪ کي خبر پئجي وئي هئي. تنهن تي سيٺ نائون مل ۽ انگريز عملدارن اصل ڳالهہ معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ شخص ”جادو“ کي منگهي پير ۽ ڳڏاپ واري رستي کان حيدرآباد احوال وٺڻ لاءِ موڪليو. ان وچ ۾ اڌ رات جو هڪ جاسوس نيپئر جو حڪم کڻي ڪراچي پهتو تہ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي نالي ۾ ڪراچي تي بنا دير قبضو ڪيو وڃي. ان جو انتظام سنڀاليو وڃي. اهو حڪم نيپئر مياڻي جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ ئي موڪليو هو.

ڪراچي ۾ 16 فيبروري 1843ع ۾ پوري شهر ۾ اهو خوف ڦهلجي ويو هو تہ ميرن پاران ملير جي ٽن طاقتور قبيلن جي سردارن جنهن ۾ جوکين جو ڄام مهر علي، برفتن جو سردار ملڪ احمد خان ۽ ڪلمتين جو ملڪ ابراهيم خان کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ هو ڪراچي تي حملو ڪن. 16 فيبروري تي انهن قبيلن جا ماڻهو جڏهن ڪراچيءَ تي حملي لاءِ هاٽوڪي ايئر پورٽ واري جاءِ تي پهتا انهن کي خبر پئجي وئي تہ ڪراچي تي انگريزن قبضو ڪيو آهي ۽ اها افواهہ بہ ڦهلائي وئي تہ ميرن کي شڪست ٿي آهي. اها افواهہ هن وقت ڦهلائي وئي جڏهن مياڻي جو محرڪو اڃا شروع نہ ٿيو هو.

ڪراچي جي آس پاس رهندڙ انهن قبيلن کي ٽالپر حاڪمن کان هڪ ڳجهو پيغام موڪليو ويو هو تہ مياڻي واري فيصلہ ڪن جنگ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪراچي تي حملو ڪيو وڃي ۽ گوريلا جنگ جي شروعات ڪئي وڃي. ان زماني ۾ انهن پنٽي پيل علائقن ۾ هڪ منظم فوج ۽ اعليٰ فوجي ڪمان يا سپريم ڪمانڊر جو تصور نہ هو. هنن قبائلين وٽ جنگ لاءِ فوجي قوت نہ هئي. گڏيل قيادت جي بہ کوٽ هئي ۽ وقت سر هدايتون نہ ملڻ ڪري ۽ ڇڙو ڇڙ هئا. انهن قبيلن

شهر ۾ رهندڙ پنهنجن ماڻهن ڏانهن اهو ڳجهو منصوبو موڪليو، جيڪو ظاهر ٿي پيو ۽ سيٺ نائون مل کي هن جي خبر پئجي ويئي ۽ جنهن اڇي انگريزن سان حال اوريو. پوءِ انگريزن انهن قبيلن تي فوجي ۽ نفسياتي وار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اها افواهه مياڻي جي جنگ کان اڳ اڏائي وئي ته ميرن کي شڪست ٿي آهي. ڪراچي تي انگريزن ڪنٽرول حاصل ڪري ۽ هڪ وڏي فوجي لشڪر سان حيدرآباد ڏانهن روانا ٿيڻ وارا آهن. انهن قبيلن وٽ ڪا حڪمت عملي نه هئي شهر سان انهن جو رابطو نه هو. انهن وٽ جاسوسي جو ڪو نظام نه هو ۽ انهن افواهن کي جاچڻ لاءِ انهن وٽ ڪو وسيلو نه هو ۽ ائين اهي مونجهاري جو شڪار ٿيا. ملير ۾ ڪڏجاٽي کان اڳ هڪ فوجي جٿو انگريزن پاران موڪليو. تنهن تي انهن قبيلن بهتري هن ۾ سمجهي ته پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ گهرجي. ان ڳالهه جي خبر دير سان انهن کي پئي انهن سان ٺڳي ڪئي وئي هئي ته ميرن هٿيار ڦٽا ڪيا هئا ۽ نه ئي ڪراچي ۾ ڪا وڏي فوج لٿل هئي. وقت گذري چڪو هو ۽ ان وچ ۾ مياڻي ۾ ميرن کي شڪست ٿي ۽ ڪراچي ۾ انگريزن جي حڪمت عملي ڪامياب ٿي.

17 فيبروري 1843ع ۾ مياڻي واري معرڪي جي ڏينهن ڪراچي تي انگريزن جي قبضي جو احوال نائون مل هيٺين ريت بيان ڪيو آهي.

”18 فيبروري 1843ع ۾ آئون اشنان ڪري اجا مس ڪاڏي تي ويٺو هوس ته نوڪر آيو جنهن ٻڌايو ته ڪيپٽن پريڊي ٻاهر بيٺل آهي ۽ اوهان کي گهرائي رهيو آهي. آئون ان سان ملڻ ويس ته ان چيو مون سان گڏ هلو جڏهن اسان فليگ اسٽاف وٽ پهتاسين ته ٽالپر حڪمرانن جا ٽي اهلڪار ويٺل هئا. انهن کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو ويو. جڏهن اسان جوڙيا بازار هاٽي جتي آهي، اتي پهتاسين ته منهنجا ملازم هڪ گهوڙي ۽ هڪ اٺ سان تيار بيٺا هئا. پريڊي گهوڙي تي چڙهي هڪ پاسي ويو پنجن ڇهن منٽن کان پوءِ واپس آيو ته ان سان گڏ توپ خانو ۽ سپاهي هئا. اسان بيهر شهر ڏانهن روانا ٿياسين. اڳيان ميرن جا اهلڪار هئا. ڪيپٽن پريڊي انهن کي هيٺ لهڻ جو حڪم ڏنو. انهن کان هٿيار ڦريا ويا. هتي انهن جي جاءِ تي انگريز سپاهي مقرر ڪيا ويا. پوءِ اسان چاوڙي (ٿائون هال) ڏانهن روانا ٿياسين جتي ميرن جو جهنڊو جنهن کي ڇهه ست ڳاڙهيون ۽ اڇيون پٽيون هيون لهرائي رهيو هو. پريڊي جي حڪم تي اهو لاٿو ويو ۽ ان جي جاءِ تي ”يونين جيڪ“ لهرايو ويو. چاوڙي تي جيڪي ڪاغذ ۽ ڪاتي جا پنا هئا انهن کي سيل ڪيو ويو ۽ اهي منهنجي حوالي ڪيا ويا. اعلان ڪيو ويو ته، ”ڪراچي هاڻي انگريزن جي قبضي ۾ اچي وئي آهي ۽ سيٺ (نائونمل) جي حوالي ڪيو ويو آهي“.



**سنڌ جو پهريون فوجي گورنر سر چارلس نيپئر**

هن ڪان پوءِ پوري شهر ۾ پڙهو گهمايو ويو. ديوارن تي قبضي جا نوٽس لڳايا ويا. گورنر حسن بن بچو، خير محمد نظاماڻي ۽ حاجي الله رکيو انگريزن جي سامهون پيش پيا ۽ ائين مياڻي جي جنگ ختم ٿيڻ سان ڪراچي تي انگريزن مڪمل قبضو ڪيو. پوري فوج کي شهر ۾ مختلف جاين تي بيهاريو ويو. جنگي جهاز ويلزلي مان ڇٽل توپ جي گولي منهوڙي جي قلعي کي نقصان نه پهچايو پر اهو گولو ڪراچي لاءِ ترقي ۽ تعمير جو پيغام بڻجي آيو. ڪراچي ۾ ترقياتي ڪمن ۾ تيزي آئي ماهيگيرن، مالوند ماڻهن ۽ زراعت پيشا ماڻهن جي وسندي ۾ نئين ثقافتي يلغار ۽ صنعتي انقلاب جو وهڪرو تيزيءَ سان نئين منزل ڏانهن وڌيو جتي اندويورپين طرز اڏاوت ان جي منتظر هئي.

سر چارلس نيپئر 10 آگسٽ 1847ع تي استعفيٰ پيش ڪئي. سنڌ جي فتح جي بدلي ۾ ”سر“ جو خطاب ملندڙ چارلس نيپئر پهرئي آڪٽوبر 1847ع تي سنڌ جا وڻ ڇڏي ڪياماڙي کان سامونڊي جهاز رستي مصر روانو ٿيو. هتي ان لاءِ هڪ الوداعي گڏجاڻي جو بندوبست ڪيو ويو هو. جنهن ۾ هي تاريخي جملو چيو هو ته،

“You will beta glory of the east, Would that I could come again to see you, Kurrachee in your grandeur”

(ڪراچي هڪ ڏينهن تون مشرق جي راڻي ٿيندينءَ اي ڪراچي جڏهن تون شهرت جي بلندين تي رسين ته منهنجي خواهش آهي ته آئون توکي هڪ ڀيرو ڏسان.)

چارلس نيپئر کي ڪراچي ڏسڻ جي خواهش پوري نه ٿي ۽ 1851ع ۾ فوت ٿي ويو.

# ڪراچي جي انتظامي تاريخ تي هڪ نظر

ڪراچي جيئن تہ سنڌ جو حصو رهي آهي تنهن ڪري هي شهر گهڻو ڪري سنڌ جي انتظامي مشنري ۾ شامل رهيا آهن. ڪلهوڙن جي ۽ ميرن جي شروعاتي دور ۾ خون بها جي عيوض هي قلات جو بہ حصو رهيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن جي آزاد حيثيت بہ رهي آهي.

عربن جي اچڻ کان پهرئين سنڌ تي راءِ ۽ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت هئي دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ رياستن وانگر سنڌ تي بہ بادشاهت جو نظام هو. بادشاهت مورثي هوندي هئي. بادشاهہ يا راجا ملڪ يا رياست جي سيني سياسي، سماجي ۽ معاشي معاملن جو مالڪ هوندو هو. حڪومت هلائڻ لاءِ ملڪ کي مختلف حصن ۾ ورهايو ويندو هو. راءِ گهراڻي سنڌ تي 133 سال حڪومت ڪئي. انتظامي لحاط کان سنڌ کي چئن صوبن ۾ ورهايو ويو هو. هر صوبي جا انتظامي هلائڻ لاءِ گورنر مقرر هوندا هئا. راءِ گهراڻي جا راجا ٻڌمت جا پيروڪار هئا. جڏهن تہ برهمڻ خاندان هندومت جي مڃڻ وارا هئا. گورنر بادشاهہ جا نائب هوندا هئا جن کي ”ملڪ“ جو خطاب مليل هو. حڪومت هلائڻ لاءِ ۽ بادشاهہ جي مدد لاءِ وزير مقرر هوندا هئا. حڪومت جي معاملن ۾ بہ برهمڻ ۽ نجومي طاقتور هوندا هئا انهن کانپوءِ امرا هوندا هئا. جيڪي ملڪي نظام، سرحدن جي حفاظت ۽ فوج جي عهدن تي فائز هوندا هئا. انهن سيني کي بادشاهہ مقرر ڪندو هو ۽ اهي بادشاهہ جا وفادار هوندا هئا.

هن وقت ڪراچي وارو علائقو جتي ڪجهہ ننڍا بندر يا مڇي مياڻ هوندا هئا. ملير ۽ منگهي پير وارن علائقن ۾ ان وقت زراعت ڪئي ويندي هئي. برهمڻ آباد صوبي جو حصو هوندو هو. ڪراچي جي اهميت مڪران ۽ بولان لڪ کان اينڊڙ خشڪي رستي ۽ سامونڊي رستي جي ڪري هئي. برهمڻ آباد صوبي جون حدون سمنڊ کان وٺي ديبل ۽ نيرون ڪوٽ تائين هيون. حڪمران خود گادي واري هنڌ اروڙ ۾ رهندا هئا. ملڪ جون حدون ڪرمان، ايران ۽ ڪشمير تائين هيون. ڳوٺن ۾ پنجائتون هونديون هيون جنهن جو اڳواڻ سرپنج هوندو هو. جيڪي حڪومت پاران محصول اڳاڙڻ کانسواءِ ڳوٺ جي انتظامي معاملن تي ضابطي جا پابند هوندا هئا. اهو سلسلو ميرن ۽ انگريزن جي شروعاتي دور تائين هو.

محمد بن قاسم کان اڳ عربن سنڌ تي تيرنهن حملا ڪيا هئا. راجا ڏاهر جي دور ۾ جهالا وان، ڪرمان ۽ مڪران جا علائقا عربن جي قبضي ۾ ويا. جتي انهن انتظام هلائڻ لاءِ نائب مقرر ڪيا. راجا ڏاهر جي وقت ڏاڙيلن جي هڪ واقعي کي بهانو بنائي عربن سنڌ تي چوڏهون حملو ڪيو. سنڌ جي مضبوط قلعي واري بندر ديبل تي قبضو ڪيو ۽ ٽي ڏينهن قتل عام جاري رکيو. گهڻن ماڻهن اهو ظلم ڏسي محمد بن قاسم جي فرمانبرداري قبول ڪئي. مڪران کان اينڊڙ 4000 هزار

بلوچن ڪي جيڪي محمد بن قاسم جي فوج سان گڏ آيا هئا. ديبل ڪان وٺي ڪراچي بندر تائين جنهن جو نالو هن وقت دڙبو هو، انهن ڪي آباد ڪيو ويو. محمد بن قاسم راجا ڏاهر جي شهادت کانپوءِ پوري سنڌ تي قبضو ڪيو. سنڌ جي آزاد حيثيت ختم ڪري هن ڪي صوبي جو درجو ڏنو ويو ۽ هتي گورنر مقرر ڪيا ويا.

محمد بن قاسم قبضي کانپوءِ سنڌ ۾ پراڻي انتظامي نظام ڪي برقرار رکيو. عهدن جي نالن ۾ تبديل آندي ويئي. عدالتي نظام قاضين جي نگراني ۾ ڏنو ويو. هندو پنهنجا فيصلا پنچائت وسيلي ڪندا هئا.

عربن جي دور ۾ پوليس جو اڳواڻ ”صاحب الشرطا“ سڏبو هو، هر شهر ۾ پوليس جو انتظام هوندو هو. عربن جي دور ۾ ڏوهارين ۽ باغين ڪي ڦتڪن (درن) هڻڻ جو رواج شروع ڪيو ويو. جيلن ۾ عورت قيدين ڪي الڳ رکيو ويندو هو. انهن ڪي برقعا فراهم ڪيا ويندا هئا. قيدين جي داخلا لاءِ رجسٽرڊ بہ رکيو ويندو هو.

شهرن جي نگراني لاءِ محتسب مقرر هوندا هئا. انهن وٽ پيادن سپاهين جو دستو بہ گڏ رهندو هو. جن سان گڏجي محتسب شهرن جي بازارن ۾ گشت ڪندو هو. محتسب جو ڪم ماپ تور جاچڻ، حڪومت خلاف بغاوتن تي نظر رکڻ ۽ مسجدن جي معاملن تي نظر رکڻ هوندو هو. ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي محتسب سزائون بہ ڏيندو هو.

عربن جي دور ۾ ٽپال جي کاتي کي ”بريد“ جو نالو ڏنو ويو. هر پارنهن ميلن کانپوءِ حڪومت پاران تيز رفتار گهوڙا مقرر هوندا هئا. ٽپال کاتي جو وڏو عملدار ”صاحب بريد“ سڏبو هو. صوبن جو احوال قاصدن وسيلي مرڪزي حڪومت تائين پهچندو هو. خليفي معتصم جي زماني ۾ ٽپال جو ڪم ڪبوترن کان بہ ورتو ويندو هو.

اڳتي هلي سنڌ، ايران، خراسان، ڪرمان ۽ ڪابل بصري جي والي هٿ هيٺ آيو. والي دربار جي وزيراعظم جي اجازت سان صوبن تي عامل مقرر ڪندو هو.

معتصم عباسي جي ڏينهن ۾ ديبل جي مندر جي هڪ حصي کي جيل خاني ۾ تبديل ڪيو ويو هو. اڳتي هلي جيل خانن لاءِ جدا ”حڪيم“ مقرر ڪيا ويا. اموي ۽ عباسي دور ۾ سنڌ ۾ اندروني ويڙهہ ۽ بغاوتن جي ڪري سنڌ ۾ انتظامي معاملا ڪمزور رهيا. مسلسل جنگين ڪري سنڌ معاشي طور تي تباهہ ٿي ويئي. زراعت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. عباسين کانپوءِ هتي خودمختيار رياستون وجود ۾ آيون. هباري خاندان جي دور ۾ بادشاهہ، وزير ۽ قاضي القفاءَ انتظامي معاملن جا ٿي اهم ٿنڀ هئا.

علاءُ الدين خلجي جي دور ۾ سپاهين کي روڪ پگهار ملڻ جو رواج پيو، هر هڪ سوار کي 234 ٽنڪا (رپيا) پگهار ڏني ويندي هئي. انهيءَ دور ۾ فوجين ۾ جاگيرون ڏيڻ جو به رواج وڌو ويو. اميرن جا درجا مقرر ڪيا ويا جن ۾ (1) خان (2) ملڪ (3) امير (4) سپه سالار (5) جند هوندا هئا. تغلق دور ۾ ٽپال جي انتظام کي بهتر ڪيو ويو. ٽپال ڪاتي جا هينيان قسم هئا. (1) اولاق يعني گهوڙي سوار ٽپالي (2) شتر سوار ٽپالي (3) هر ڪار پيادا ٽپالي (4) ڪبوتر وسيلي ٽپال. ٽپال لاءِ باقاعده چوڪيون مقرر ڪيون ويون. عدالتي ڪاتو قاضي جي معرفت هلندو هو. تغلق دور ۾ وزير جي عهدي کي ”صدر اسلام“ به چئبو هو. عدالتي ڪاتو به هن جي ماتحت هو. هڪ عهدو ”مير داد“ جو به هوندو هو. اهو قاضي اڳيان درخواستون پيش ڪندو هو. جيڪو عدالت ۽ قاضي سان گڏ هوندو هو. ماليات جي وزير کي شرف الملڪ چئبو هو انهن سيني عملدارن لاءِ عربي ۽ فارسي جي ڄاڻ لازمي هئي. شهرن ۾ منشي مقرر هوندا هئا. هن دور ۾ دينار، درهم، ٽنڪا، دوڪاني، جيتل ۽ ٻيا سڪا سنڌ ۾ هلندا هئا.

خليجن ۽ تغلقن کان اڳ سنڌ تي سلاطين، آل شنسب خاندان ۽ غزنوين جو قبضو رهيو. انهن سيني عرب انتظامي ڍانچي کي برقرار رکيو. هن دور ۾ سنڌ دهلي جي ماتحت رهي ۽ مختلف رياستن تي نواب مقرر ڪيا ويندا هئا.

سومرن سنڌ تي ٽي سؤ ورهيه حڪومت ڪئي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سومرا سنڌ ۾ طاقتور حڪمران هئا. سومرن کان سواءِ سما، چنا، گوجر ۽ سوڊا راڻا به رياستن جا مالڪ هئا. سومرن جي دور ۾ لاڙي/ لاهري بندر اهم بندر هوندو هو. دفتري ٻولي پارسي هئي. هن دور ۾ ابو ضلع منصوري عربي زبان ۾ سنڌ جو ترانو تيار ڪيو هو. سومرن جي دور ۾ سنڌ خودمختيار حڪومت هئي. شروع ۾ سيوهڻ، بکر ۽ ملتان ۾ ڪجهه وقت لاءِ دهلي مان نواب ايندا رهندا هئا ڪراچي وارو علائقو سومرن جي دور ۾ لاڙ پرڳڻي ۾ شامل هو، پر اهو علائقو گهڻو ڪري آزاد حيثيت ۾ رهيو ۽ هتي حڪمران راجا هوندا هئا. جيڪي سومرن جا ڏن پرون هئا.

سومرا دور سنڌ جو نهايت عاليشان دور هو هن دور ۾ سنڌ سکيو ستابو ملڪ هو جنهن جو واپار سمنڊ رستي هرمز، قيس، بحرين، عدن، گجرات، ملبار ۽ چين سان هلندڙ هو. هن دور ۾ عورتن انتظامي امور ۾ دلچسپي ورتي ۽ ملڪ جي انتظام ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. انهن ۾ تارا ٻائي (دودي پهرئين جي ڌي)، همون ٻائي (سنگهار جي زال)، ٻاگهل ٻائي (دودي ٽئين جي پيڻ)، ساران (محمد سومري جي زال)، مالها (هاسي سوڍي جي زال) ۽ ڪويل ٻائي (ننگر سومري جي سگ). ان دور ۾ لاڙي سڪو جاري ٿيو. جيڪو نج سنڌي سڪو هو. جڏهن سمن سنڌ جون واڳون سنڀاليون ته سيوهڻ ۽ بکر اجا دهليءَ جي نائبن جي هٿ هيٺ هئا. سيوهڻ تي ملڪ رتن

حڪومت ڪندو هو ۽ امير قيصر به دهليءَ پاران ڪنهن ذميدار عهدي تي فائز هو. سمن جي شروعاتي زماني ۾ دهليءَ جي سلطانن پاران نواب حڪومت هلائيندا هئا. سمن کان اڳ مسجدن ۾ ئي مدرسا هئا، پر سمن جي دور ۾ مدرسن لاءِ جدا جايون اڏيون ويون. جن ۾ محدث ۽ عالم تعليم ڏيندا هئا. شهرن ۾ ناظم مقرر هوندا هئا. شهرن ۽ بندر وارن شهرن ۾ قاضي به مقرر هوندا هئا. عدالتي ڪاتو شرعيت مطابق هلندو هو. ٻن پرڳڻن ۾ بکر ۽ ٺٽو جيڪي گادي جا هنڌ هئا، شيخ السلام مقرر هوندا هئا. ٻين شهرن ۾ مقرر قاضي انهن جي هٿ هيٺ هئا.

ارغون ترخان ۽ مغلن جي دور ۾ سنڌ سرڪارن، پرڳڻن، محالن ۽ تعلقن ۾ ورهايل هئي. ٺٽو پنجن حصن ۽ 10 محالن ۾ ورهايل هو. جنهن ۾ 54 تعلقا هئا. ڪراچي وارو هاٽوڪو علائقو محال هو جنهن ۾ تي تعلقا هئا ٺٽي ۾ شامل هو. مغلن جي دور ۾ ڍلن وارو ڪاتو الڳ ڪيو ويو. جنهن ڪي دستور عمل سڏبو هو. مير بخشي (سپہ سالار)، بخشي (خزانچي) ۽ محتسب وڏا عملدار هئا. انهن جا هينيان عامل، وقائع نويس، ديوان، صدر، بيوتات، فوجدار، ڪوتوال، قاضي، منصف، امين، داروغا، محالڪار، چوڌري، مقدم، سرپنچ، پٽواري، قلعيدار ۽ ٻيا عملدار هوندا هئا. امرائن هينيان روزندار (ڪلارڪ) هوندا هئا. جن جو ڪم سرڪاري ڪاغذن تي مهرون هڻڻ هوندو هو.

مغل دور ۾ سرڪارن ۽ پرڳڻن تي مغل صوبيدار/ناظم مقرر ڪيا ويا. صوبيدار، ديوان ۽ بخشي هي ٽيئي صوبائي عهديدار الڳ الڳ هئا ۽ مرڪز جي ماتحت هوندا هئا. جاسوسي جو ڪاتو به هوندو هو جنهن کي خفيہ نويسي چيو ويندو هو. هي ڪاتو مرڪز جي ماتحت هو. مغلن جي دور ۾ منصب دار مقرر ڪيا ويا جيڪي حڪومت جا وفادار هوندا هئا. بادشاهه ۽ صوبائي گورنر وچ ۾ وڪيل مقرر هوندا هئا. هر صوبي تي به وڪيل هوندا هئا. هڪ بادشاهه جي دربار ۽ ٻيو صوبائي گورنر (صوبيدار) جي دربار ۾ هوندو هو. جيڪو اهم عهدو هوندو هو. مغل، ترخان ۽ ارغون دور ۾ به جاگيرون عطا ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو. اهي جاگيردار انتظام هلائڻ لاءِ حڪومت جو ساٿ ڏيندا هئا. مغل دور ۾ ڪراچي الڳ ”جاگير“ هوندو هو. هڪ دور ۾ ٺٽي کي الڳ صوبي جو درجو ڏنو ويو. سيوهڻ ۽ لاهري جاگير هئا. هتي صوبيدار ملتان جو ناظم مقرر ڪندو هو. مغلن جي دور ۾ صوبائي حڪومت جو اڳواڻ سپہ سالار پوءِ صوبيدار ۽ آخر ۾ ناظم هئا. گورنر کي نائب مقرر ڪرڻ جا به اختيار هوندا هئا.

بندرن تي ڪسٽم ٽيڪس وصول ڪرڻ لاءِ متصدي (ڪلارڪ) مقرر هوندا هئا. دريا ڪناري ٻيڙين تي انچارج مقرر هوندا هئا. بخشي جيڪو صوبيدار کانپوءِ ٻيو اهم عهدو هو. جنهن جو ڪم تاريخ لکڻ، خط لکڻ، صوبي جي فوج ۽ هن جي معاملن کي ڏسڻ جو ڪم به بخشي جي هٿ هيٺ هوندو هو.

ديوان بيوتات جنهن جو ڪم رستا ۽ جايون ناهڻ هو. ڪوتوال صوبي ۾ پوليس جو وڏو عهدو هوندو هو. ڪوتوال، داروغا، قاضي ۽ واقع نويس سرڪار ۽ پرڳڻ سطح تي به مقرر ڪيا ويندا هئا. سرڪاريا پرڳڻي ڪانپوءِ ڳوٺ ننڍو انتظامي يونٽ هوندو هو. هتي مقدم يا سرپنچ مقرر هوندا هئا. جيڪي پنهنجي ڳوٺ جي تمام معاملن ۾ خود مختيار هوندا هئا. هي هارين ڪان لڳان وصول ڪرڻ ۽ واپاري رستن کي مضبوط بنائڻ جا ذميدار هوندا هئا. انهن جي مدد لاءِ پٽواري مقرر هوندا هئا.

صوبي جو صوبيدار بادشاهه جي سامهون جوابده هوندو هو. انتظام صحيح نه هلائڻ جي صورت ۾ صوبيدار کي هٽايو ويندو هو. عهدي لاءِ ڪو مقرر عرصو نه هوندو هو. ارغون ۽ ترخان دور ۾ سنڌ ۾ پور چوگيزي ڏالر ”تنگي“ به هلندو هو. مرزا عيسيٰ خان سنڌ جو پهريون حڪمران هو جنهن پنهنجي نالي جو سڪو ”عيسائي“ جاري ڪيو. هن دور ۾ عالمگيري اشرفي، اڪبري اشرفي، ايراني سڪا هلندڙ هئا. فوج چئن حصن ۾ ورهايل هئي. جيڪي (1) سرڪاري (2) منصبداري (3) داخلي ۽ (4) عهدي هئا. جاگيردار ضرورت وقت فوج لاءِ سپاهي ڏيڻ لاءِ پڌل هئا. هر هڪ جاگيردار پنهنجن ڳوٺن ۾ ڪڙمين، واپارين ۽ هنرمندن کان ڍلن جي اڳاڙي به ڪندا هئا. هن دور ۾ سنڌ اندر ڍلن جا هينيان قسم هوندا هئا.

(1) چراهي (چراگاهه ڍل) (2) گلفروشي (گل وڪٽندڙ) (3) نيلگيري (نيل وڪٽندڙ) (4) ماهي فروشي (مڇي وڪٽندڙ) (5) نداقي (6) ريحان فروشي (ڪستوري وڪٽندڙ) (7) دوڪانه (دوڪاندار) (8) خمار خانه (جوا خانه) (9) دادبيگي (10) ڪوتوالي (11) احتساب (12) تخوذ پريان گري.

مغلن ڪانپوءِ ڪلهوڙا دور ۾ جيڪي شروع ۾ مغل بادشاهن جي هٿ هيٺ انتظام هلائيندا هئا. سنڌ ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن وارو انتظام هلندڙ هو. ڪلهوڙا دور ۾ درٻار ۾ ”سفير“ مقرر ڪرڻ جو رواج پيو. انهيءَ دور ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جو عمل دخل به وڌيو جنهن 1774ع ۾ پنهنجو سڪو ڪلدار، نالي جاري ڪيو. ڪلهوڙا ڪڏهن پنهنجي خود مختياري سان حڪومت ڪندا ۽ ڪڏهن وري هندستان ۽ افغان حڪومت جي هٿ هيٺ سنڌ تي حڪومت ڪندا هئا.

مغل دور ۾ يار محمد ڪلهوڙي کي خدا يار خان جو لقب ڏنو ويو. انهيءَ دوران مغل سلطنت جي حالت انتهائي خراب ٿي چڪي هئي. سنڌ ۾ مقرر منصبدارن جي ڪا دلچسپي انتظامي امورن سان نه هئي. صورتحال ايتري حد تائين خراب ٿي جو صوبيدارن سنڌ جي مختلف حصن کي نيڪي تي ڏنو. سن 1736ع ۾ سنڌ جي صوبيدار امير خان سنڌ کي نواب صادق کي نيڪي تي ڏنو. سنڌ ۾ ڪلهوڙا نواب جي حيثيت سان حڪومت ڪندا هئا. ڪلهوڙن جون پاڙون به مغلن

وانگر عوام ۾ مضبوط نہ هيون. حڪمرانن جي تبديلي سان عوام جو ڪو واسطو نہ هوندو هو. ڇاڪاڻ تہ انهن جو مقصد هر حڪمران جي حڪمراني مڃڻ ۽ ٽيڪس ڏيڻ هو.

مغلن سنڌ تي 1592ع کان 1737ع تائين حڪومت ڪئي. انهيءَ دوران مغلن پاران 67 گورنر مقرر ڪيا ويا. اورنگزيب عالمگير جي دور ۾ هڪ واقعي ۾ قلات جو خان محراب خان هڪ جنگ ۾ مارجي ويو ٿو، جنهن جي ڪري اورنگزيب مير محراب خان جي خون جي عيوض 1697ع ۾ ڪراچي بندرگاهہ خان آف قلات، سمندر خان جيڪو محراب خان جو پائيتو هو، حوالي ڪيو. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جو عمل دخل 1681ع کان شروع ٿيو.

1697ع کان 1757ع تائين ڪراچي بندر خان آف قلات جي انتظام هيٺ رهيو ۽ هتي خان آف قلات پاران گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا. 1757ع ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ٻيهر ڪراچي جو علائقو حاصل ڪري، سنڌ ۾ شامل ڪيو. 17 سالن ڪانپوءِ سنڌ جي آخري ڪلهوڙي حڪمران ميان عبدالنبي پنهنجي پاران مقرر ڪيل ناظر مير بجار کي قتل ڪيو ۽ ڀڄي وڃي قلات ۾ پناهہ ورتي. مير بجار جي پٽ عبدالله خان قلات جي خان جي مدد سان سنڌ جي گادي جي هنڌ تي حملو ڪيو. هن جنگ ۾ خان آف قلات جو نياٽو زرق خان مارجي ويو. جنهن جي خون جي عيوض ٻيهر ڪراچي بندر کي خان آف قلات جي حوالي ڪيو ويو ۽ ڪراچي تي خان آف قلات پاران الله رکيو رکيو لوهار کي ڪراچي جي بندر جي ڪسٽم جو ٺيڪو ڏنو ويو. ڪراچي جي ترقي سان خان آف قلات جي ڪا دلچسپي نہ هئي. شهر جي انتظام ۽ ترقي پاسي بہ ڪو ڌيان نہ ڏنو. 1744ع کان 1795ع تائين ڪراچي خان آف قلات جي هٿ هيٺ رهيو.

ڪلهوڙن جي دور ۾ هڪ واقعي جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. سال 1729ع ۾ سنڌ جي هڪ واپاري ڀوڄومل جيڪو کڙڪ بندر جو هڪ اهم واپاري هو، جڏهن کڙڪ بندر مٽي ۽ ريتي اچڻ ڪري ٻيڙين جي اچڻ وڃڻ جي قابل نہ رهيو تہ ڀوڄو مل ڪراچي جو رخ ڪيو. هتي هن شهر کي هڪ ڪوٽ ۾ بند ڪرڻ لاءِ ڪوٽ اڏيو ۽ پوري طرح ڪراچي جو انتظام انهن واپارين جي حوالي هو. ڪوٽ ۽ ڪراچي کان ٻاهر نڪرڻ وارن رستن جي حفاظت لاءِ مغلن پاران اڳ ۾ هتان رهندڙ جوکين، ڪلمتن ۽ برفتن جي سردار جي حوالي ڪيل هو. ڀوڄومل بہ ڪراچي ڪوٽ جي حفاظت لاءِ انهن قبيلن جي ماڻهن کي مقرر ڪيو. هن ڪانپوءِ ڪراچي ترقي ڏانهن قدم وڌايا. ڪراچي جي حفاظت لاءِ ڪوٽ ۾ توپون بہ نصب ڪيون ويون. ڀوڄومل ڪنهن حڪمرانن کان اجازت نہ ورتي هئي ڇاڪاڻ هن وقت ڏٻو ۽ آس پاس جا بندر ۽ ڳوٺ ڌار ڌار ۽ آزاد حيثيت سان هئا ۽ انتظام جاگيردارن، وڏيرن ۽ چڱن مڙسن جي حوالي هو.

ڪلهوڙن 1757ع ۾ ڪراچي کي سنڌ ۾ شامل ڪيو ۽ انهيءَ دور ۾ ڪراچي جي حيثيت جاگير (ضلع) جي هئي هن پوري علائقي جو نالو ڪوره هو. جنهن ۾ دڙبو، ڪلاچي جو ڪن ۽ ٻيا علائقا شامل هئا.

**ٽالپرن جو دور:**

ٽالپرن جڏهن سنڌ جي حڪومت حاصل ڪئي ته ڪراچي کي ٻيهر سنڌ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪراچي تي ٽي حملا ڪيا. 1794ع ۾ ٽيون حملو ڪيو ويو انهن حملن ۾ خان آف قلات ڪا دلچسپي نه ورتي ڪراچي جي حفاظت هتان جي ماڻهن پوڄومل جي پٽ دريامل جي اڳواڻي ۾ ڪئي. ٽئين حملي کان پوءِ هڪ معاهدي تحت ڪراچي کي ٽالپرن جي حوالي ڪيو ويو. هن وقت حاجي سعيدو (شادو) ڪراچي جو نواب هو. جيڪو آخري قلاتي نواب هو، هن کان اڳ شفيع علي، خان آف قلات پاران نواب/گورنر مقرر هو. اهڙي طرح 1794ع ۾ ڪراچي جو بندر ٻيهر سنڌ جي انتظام ۾ شامل ٿيو. ڪراچي بندر واري علائقي ۽ ڪوٽ اندر شهر جو انتظام قلات جي خان ۽ دريامل جي حوالي هو. هاڻوڪي ڪراچي جي باقي حصن تي جوکين، برفتن ۽ ڪلمتين جي سردارن جو ڪنٽرول هو جيڪي آزاد حيثيت سان هئا پر سنڌ جي حڪمرانن کي ساليانو ڍن پري ڏيندا هئا.

ڪراچي شهر جو انتظام گورنر ڪراچي جي حوالي هو. جنهن کي نواب به چيو ويندو هو. جيڪو ميرن پاران مقرر ڪيو ويندو هو هن جي ذميدارين ۾ شهري انتظام کانسواءِ فوجي معاملا به شامل هئا. اڳتي هلي سول ۽ فوجي انتظامن لاءِ الڳ الڳ گورنر مقرر ڪيا ويا. سول گورنر جي فرضن ۾ شهر ۾ امن و امان قائم ڪرڻ، حڪومت پاران نافذ ڪيل قانونن، فيصلن تي عمل ڪرائڻ شهرين کان ٽيڪس وصول ڪرڻ، ننڍن مقدمن جا فيصلا ڪرڻ ۽ سزائن ڏيڻ جا اختيار شامل هئا.

ڪراچي جي بندر جي حفاظت لاءِ منهوڙي ۾ هڪ فوجي قلعو اڏيو ويو. منهوڙي جو قلعو هڪ پهاڙي تي ناهيو ويو هو جنهن تي يارنهن توبون نصب ٿيل هيون. اهو قلعو 1797ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. قلعي ۾ فوج رهندي هئي ۽ فوجي انتظامن لاءِ الڳ الڳ گورنر مقرر هوندو هو.

ٽالپر دور ۾ ڪراچي تي جيڪي سول گورنر مقرر ٿيا انهن ۾ آغا زين العابدين، آغا ڪاظم پاشا، آغا تقي شاهه، سيد غلام علي شاهه، حاجي الله رکيو ۽ حسن بن بچو هئا. آغا زين العابدين پهريون گورنر هو جيڪو ڇهن سالن تائين ڪراچي جو گورنر/ نواب رهيو. جيڪو 1288ع ۾ وفات ڪري ويو. جنهن کي حيدرآباد ۾ دفن ڪيو ويو. آغا زين العابدين، آغا ڪاظم پاشا ۽ آغا تقي شاهه پائر هئا. انهن جو تعلق ايران جي شهر اصفهان سان هو.

ٽالپرن جو مشهور امير سيد اسماعيل شاهه به انهن جو ياءُ هو. جيڪو ڪجهه وقت لاءِ بمبئي جي انگريز دربار ۾ ميرن پاران سفير مقرر ٿيو هو.

سيد غلام شاهه 1832ع ۾ ڪراچي جو نواب هو. اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب Kurrachee Past, Present and Future ۾ لکي ٿو ته، ”1838ع ۾ ڪراچي جا ٻه گورنر هئا. سول گورنر حاجي الله رکيو ۽ فوجي گورنر خير محمد نظاماڻي هو. خير محمد نظاماڻي فوجي ڪمانڊر به هو. 1839ع ۾ ڪراچي جي گورنر جي پگهار 240 رپيا ماهوار هو ۽ گهوڙو الائونس هن کان الڳ هوندو هو. هي تمام پئسا سرڪاري سڪي ڪاشاني ۾ ادا ڪيا ويندا هئا. قلعي جي حفاظت لاءِ 20 جوڪيا ۽ 10 بلوچ (ڪلمتي) مقرر هئا. ڪراچي جي گورنر کي حد کان وڌيڪ اختيار حاصل هئا. پر هتي واپار تي ۽ ٻين شين تي ڊريانومل ۽ هن جي پائرن جو مڪمل ڪنٽرول هو. گورنر انهن جي سامهون بي وس هئا. چاڪاڻ ته ڪراچي جي آمدني جو وڏو ذريعو انهن واپارين کان حاصل ٿيندو هو. جڏهن سيد غلام علي شاهه ڪراچي جو گورنر هو ته هڪ واقعي ڪري جڏهن واپارين هڙتال ڪئي ته ميرن گورنر کي هٽائي ڇڏيو.“

ٽالپر حڪمرانن جي دور ۾ ڊار ڊار پرڳڻن تي ڪاردار مقرر هوندا هئا. جيڪو گورنر/نواب کانپوءِ اهم عهدو هوندو هو. انهن جي عملي ۾ سندن ماتحت عملدار منشي وغيره مقرر هوندا هئا. ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ 44 محالن ۾ ورهايل هو ڪراچي جي حيثيت به هڪ محال جي هئي. تعلقا به هوندا هئا. هر پرڳڻي تي نواب/گورنر جي هٿ هيٺ ڪاردار، سزاولڪا ۽ مختيارڪار مقرر هوندا هئا.

ٽالپرن جي دور ۾ ڪراچي ۾ قاضي عدالتون ۽ هندو پنجائت ڪاميٽيون به موجود هونديون هيون. ڪراچي جي گورنر کي مقدمن جو فيصلو ڪرڻ، سزائون ڏيڻ جو اختيار هو. مجرمن کي بيد وسيلي ڦٽڪا هڻڻ، نڪ، ڪن، هٿ ڪپڻ جون سزائون ڏنيون وينديون هيون. هندو پنهنجا فيصلا پنجائتن وسيلي ڪندا هئا. مجرمن کي موت جي سزا جو اختيار صرف ٽالپر حڪمرانن کي حاصل هوندو هو. قاضي عدالت ۽ پنجائتن جي فيصلن خلاف اپيلون گورنر ڪراچي جي سامهون پيش ٿينديون هيون. جيلن جو تصور نه هو، تنهن ڪري ڏکيين سزائن جو رواج به نه هو. مسلمانن جا مقدما شرعي محمدي مطابق ۽ هندن جا فيصلا انهن جي مذهبي قانون مطابق طئي ڪيا ويندا هئا.

مسٽر جيمز گبس پنهنجي هڪ رپورٽ Sketch of the judicial Administration of Provins Sind ۾ عدالتي نظام جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، ”ٽالپر دور ۾ فوجداري فيصلا گورنر ڪراچي، ڪاردار ۽ ڪوتوال ڪندا هئا. هن وقت جيلن جو تصور نه هو. جنهن لاءِ مجرمن سان رعايت ڪئي ويندي

هئي. هن دور ۾ ڪجھ بااثر جاگيردارن، سردارن ۽ وڏيرن کي به پنهنجي قبيلي ۾ فيصلي ڪرڻ جو اختيار هوندو هو.“

پوري ٽالپر دور ۾ ڪراچي جا قاضي هڪ ئي خاندان مان مقرر ٿيندا هئا. انهن مان قاضي شاهنواز، قاضي مرزا علي، قاضي ڪرم الله، قاضي محمد يوسف ۽ قاضي نور محمد انهن جو تعلق ڪراچي جي غريب وسندي لياري سان هو. انهن قاضين کي هيٺيون رعايتون حاصل هيون.

گروي ٿيندڙ رقم جي مڪمل واپسي ڪانپوءِ هڪ سيڪڙو قاضي کي ملندو هو.

ڪراچي پورٽ تي لهندڙ سامان تي في مڻ اڍائي پائيون قاضي وصول ڪندو هو.

هر مسلمان جي شادي تي جيڪو نڪاح قاضي يا انهن پاران ڪيل مولوي پڙهائيندو هو، ڏيڍ آنا قاضي کي ملندو هو.

ڪراچي شهر ۾ وڪامجندڙ ان تي هر ونڊ واري ڪان 20 مڻن تي پوٽا چار سير قاضي لاءِ وصول ڪيو ويندو هو.

عدالتن جو ڪاروبار قاضين ۽ صدرالصدور هلائيندا هئا. ڪراچي ۾ فقط قاضي مقرر هوندا هئا.

ڪراچي ۾ ٻن قسمن جون عدالتون هونديون هيون.

(1) صدر نظامت يعني فوجداري معاملن وارو ڪوٽ ۽ (2) صدر ديواني يعني سول ڪيس جي نبيرڻ لاءِ عدالت.

شهر جي حفاظت لاءِ ڪوتوال ۽ قلعن مٿان قلعيدار مقرر هوندا هئا. ڪوتوال ۽ قلعيدارن وٽ فوجي دستا هوندا هئا. اهي شهر جي گورنر کي رپورٽ ڪندا هئا.

ٽالپر دور ۾ ڪراچي ۾ پوليس جو باقاعده الڳ کاتو موجود هوندو هو. جنهن جو انتظاڪم ڪاردار جي حوالي هوندو هو. پوليس جا سپاهي چوري، ڌاڙي، قتل ۽ اسمگلنگ جي مجرمن کي گرفتار ڪري قاضي ۽ ڪاردار عدالتن جي حوالي ڪندا هئا. جتي انهن تي مقدمو هلايو ويندو هو.

ڪئپٽن هارٽ پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ لکي ٿو ته، ”ٽالپر دور ۾ ڪراچي ۾ ڪجھ سپاهي ۽ چوڪيدار مقرر هئا. ڪجھ سپاهي شهر جي ڪوٽ جي ٻنهي دروازن مٿي در ۽ کاري در تي پهرو ڏيندا هئا ۽ رات جو دروازا بند ڪيا ويندا هئا ۽ بعد ۾ اهي سپاهي شهر جو گشت ڪندا هئا. اهي چوڪيدار تلوارن سان مسلح هوندا هئا ۽ هر مهيني انهن کي سرڪاري خزاني مان پگھارون ڏنيون وينديون هيون.“

ڪوتوال، نائب ڪاردار، ڪاردار ڌوهن کي روڪڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا. ڪوتوال ۽ نائب ڪاردار، ڪاردار جي هٿ هيٺ هوندا هئا. چوڪيدارن ڪانپوءِ نمبردار هوندا هئا. پوليس کاتي ۾ ٽالپرن جي دور ۾ پيري (پيرا واند) به مقرر هوندا هئا.

ڪسٽم ڪاٽو ”گمرگ“ جي نالي سان هوندو هو. ڪراچي جي آمدني ان وقت 6 لک 16 هزار هئي. مڇي جي واپار مان ميرن کي ساليانو ڏهه هزار رپيا آمدني ٿيندي هئي. خوجا ۽ هندو واپاري مهاڻن کان نيڪي تي مڇي خريد ڪري سڪائڻ ڪانپوءِ ڏيسارو موڪليندا هئا. جنهن جي ڪري گهڻا مهاڻا انهن جا قرضي هوندا هئا. انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ ٺيڪي جي رسم کي رد ڪيو ۽ مڇي جي شڪار لاءِ پروانا جاري ڪيا. 1855ع ۾ مڇيءِ جون مياٽيون نيلام ٿيڻ جو رواج نافذ ڪيو ويو. 1885ع ۾ ٻيهر پروانن جو سسٽم جاري ڪيو ويو. ڪراچيءِ ۾ ڪوڏيون به نڪرنديون هيون انهن مٿان حڪومت کي آمدني ٿيندي هئي.

سرڪاري ملازمن جي پگهارن جي باقائدي حساب ڪتاب رکڻ لاءِ گورنر ڪراچي جي دربار ۾ هڪ دفتر قائم ڪيو ويو هو. هن دفتر ۾ منشي، عامل، آڊيٽر، ڪلرڪ وغيره هوندا هئا. بندرگاهه تي حاصل ڪسٽم ٽيڪس وٺڻ لاءِ هڪ چبوترو ٺهيل هوندو هو اهو دفتر به انهيءَ چبوتري تي قائم هو. جنهن کي ”محل چبوترو“ چيو ويندو هو. جت بندرگاهه تي ايندڙ ۽ ويندڙ سامان کي چبوتري تي رکيو ويندو هو. اهلڪار سامان چيڪ ڪندا هئا ۽ ٽيڪس وٺي انهن کي ڇڏيو ويندو هو. ٽيڪس وصول ڪرڻ لاءِ شهر ۾ داخل ٿيڻ وارن رستن تي چنگيون قائم هيون جتي تختين تي نرخ نامو لڳل هوندو هو. چنگي کي ”شرني“ چيو ويندو هو. اهو ٽيڪس عامل وصول ڪندا هئا ۽ جيڪو هر مهيني سرڪاري منشي وٽ جمع ڪيو ويندو هو. جتان پوءِ اهي پئسا سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪيا ويندا هئا. ڪراچي ۾ هر مير پاران پنهنجي حصي جي رقم وصولي لاءِ الڳ الڳ ايجنٽ مقرر هوندا هئا.

1. ديوان ڪرم چند	ايجنٽ مير صوبدار خان
2. ديوان ٽيڪم چند	ايجنٽ مير محمد خان
3. حاجي الله رکيو	ايجنٽ مير نصير خان
4. عباس علي	ايجنٽ مير نور محمد خان

ٽالپرن جو سرڪاري سال پهرئين ذوالحج کان شروع ٿي 30 ذوالقعد تي ختم ٿي ويندو هو. ڪراچي جو دفتر سال ۾ هڪ ڀيرو آڊٽ لاءِ بند ڪيو ويندو هو. حيدرآباد کان ميرن جا موڪليل اڪائونٽنٽ جاچ پڙتال ڪندا هئا.

ڪئپٽن هارٽ جي 1839ع جي رپورٽ مطابق ”ڪراچيءِ ۾ ٽيڪس وصول ڪرڻ لاءِ به منشي، هڪ خازن ۽ ٻارنهن عامل مقرر هئا.“

چبوتري تي بندرگاهه جي ٽيڪس جو نظام گمرگ هوندو هو. باقي شهر ۾ چنگي ناڪا لڳل هوندا هئا. انهن کي شيرني چيو ويندو هو. اڄ به ڪراچي ۾ لياري واري علائقي ۾ ميران ناڪو علائقو

مشهور آهي. هتي ڪراچي شهر ۾ داخل ٿيندڙ رستي تي ناڪو لڳل هوندو هو، جيڪو ميرن جو ناڪو مشهور هو.

ميرن جي وقت ۾ جانورن، شراب، زراعت، ڪپڙي جي ڪارخانن، لنگين جي ڪارخانن، چمڙي جي ڪارخانن تي ٽيڪس لاڳو هوندو هو. جتي نيڪيداري سسٽم هوندو هو. زراعت تي ڊل، بٽئي، محصولي، ڪاسگي ۽ حقابو جا قسم هوندا هئا.

ٽالپرن جي دور ۾ اهي عملدار گهٽو ڪري هندو هوندا هئا. ٽالپر دور ۾ پوري سنڌ وانگر ڪراچي جي ويجهو ملير ۽ حب جي علائقي ۾ زراعت لاءِ لڳل نار تي ٽيڪس لڳل هوندو هو. جيڪي گهڻو ڪري سردار ۽ جاگيردار وصول ڪري حڪومت کي ڏيندا هئا. مهاڻو پنهنجي جار ۾ قاتل مڇي جو ٽيون حصو سرڪار کي ڏيندو هو. سنڌو ۾ هلندڙ هر ٻيڙي تي ٻه ٽيڪس لاڳو هو. چور کان جيڪو مال وصول ٿيندو هو هن جو ڪجهه حصو سرڪار کي ملندو هو. عام ماڻهو ڳري ٽيڪسن جي بوجهه هيٺيان دٻيل هوندو هو. هن قسم جي حڪومتن ۾ ترقي، تعمير، واڌاري ۽ سڌاري جي ڪا اهميت ئي نه هوندي آهي. هتان جي ماڻهن جي بي حسي ۽ ويڳاڻپ ڪري حڪومت ۽ انتظاميا ۾ حرص، لالچ ۽ خود غرضي ڪاهي پئي، اڳتي هلي انهيءَ بي حسي جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ انگريزن جي قبضي ۾ هلي ويئي.

ميرن ۽ ڪلهوڙن جي وقت سنڌ جون حڪومتون پاڻ کان اڳ آيل مغلن، ارغونن، ۽ ترخانن وانگر بادشاهت جو هڪ ڏيک ڏينديون هيون. جنهن کي جاگيرداراڻي اصولن تحت هلايو ويندو هو. ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي وقت ۾ قبيلن جا لٽ سردار فوجي مهندار هوندا هئا. ۽ فوجي خدمتن جي بدلي ۾ کين جاگيرون ڏنل هيون. جنگ جي موقعي تي مختلف سردار فوجي نقط نگاهه کان ميرن جي گهربل امداد ڪندا هئا. جنهن سان جاگيرداراڻو نظام وڌيڪ مضبوط ٿيندو ويو.

حملي جي صورت ۾ اهي سردار پنهنجي پنهنجي قبيلي جي ماڻهن جا لشڪر وٺي ڪنا ٿيندا هئا. گڏجي هڪ قوت جي شڪل ۾ دشمن جو مقابلو ڪندا هئا. سوار جو اجورو پيادي کان ٻيڻو هوندو هو. فوجين کي اناج ۽ ٻيون شيون بازار جي اگهه ۾ گهٽ اجوري تي ڏنيون وينديون هيون. ميرن وٽ باقاعده فوجين جو انگ چار هزار هوندو هو. فوج جڏهن حرڪت ۾ ايندي هئي ته پوءِ ان جو سجو خرچ پڪو ميرن تي هوندو هو. ضرورت جي وقت ميرن جي اشاري تي سردار ۽ جاگيردار فقط پندرنهن ڏينهن جي نوٽيس تي 50 هزار فوج جمع ڪري ڏيندا هئا.

پيادن کان سواءِ فوجي گهوڙن، خچرن ۽ اٺن کي ٻه سواري لاءِ استعمال ڪندا هئا. بندوق، توبون، ڍال، کهاڙي ۽ تلوار اهم اوزار هوندا هئا. توب خاني لاءِ الڳ انچارج مقرر هوندو هو.

اليگزينڊر برنس پنهنجي رپورٽ Report on Political Geographical and Commercial Methods Relatted Sindh 1835-37 ۾ ڪراچي ۾ فوجي انتظامن جي باري ۾ لکي ٿو ته، ”بدقسمتي سان ڪراچي ۾ فوجي قوت معمولي هئي. منهوڙي جو قلعو بچاءُ واري نقط نظر کان انتهائي اهم هو. جنهن کي ٽالپرن ڪراچي جي بچاءُ لاءِ اڏيو هو. سخت بي توجهه جو شڪار هو. هتي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا فوجي مقرر هئا. جن وٽ هٿيارن جي ڪمي هئي. قلعي جا سپئي محافظ بلوچ هئا. جن کي فوجي خدمتن جي بدلي ۾ ملير ۽ لياري ندين جي ڪناري زرخيز زمينون ڏنل هيون.“

ڪراچي ۾ فوجي معاملن لاءِ الڳ گورنر هوندو هو. جيڪو ميرن جي سامهون جواب ڏيندڙ هو. ميرن جي دور ۾ ايراني سڪا گبري ۽ پٽيلي، افغاني سڪو تيموري ۽ ڪاشاني کان سواءِ مسقطي سڪو ڪورا، ٽنڪا پرتگالي ڊالر، اطالوي اشرفيون ۽ ڪادار هلندڙ هئا. گهٽڻ شهرن ۾ ڪوڏيون به هلنديون هيون. ميرن جي دور ۾ تور ماپ جو جيڪو نظام لاڳو هو تنهن کي خرار سڏبو هو. خرار کان پوءِ ڪاسو. ٽويو ۽ پٽي هوندو هو. ڪراچي ۾ 40 سير هڪ مڻ جي برابر هوندا هئا.

بمبئي جو هڪ سير برابر ڪراچي جي هڪ پٽي

4 پٽيون برابر هڪ ٽويو

4 ٽويا برابر هڪ ڪاسو

60 ڪاسا برابر هڪ خرار

ڪراچيءَ جو هڪ پڪو سير بمبئيءَ جي ٽن سيرن برابر هوندو هو ۽ ڪراچي جا 14 پڪا سير بمبئيءَ جي هڪ مڻ ۾ برابر هوندا هئا. زمين جي ماپ گهنٽن ۽ جريبن ۾ ٿيندي هئي. پنج پرهه برابر هڪ گهنٽو ۽ 20 گهنٽا برابر هڪ جريب هوندو هو.

ٽالپرن جي دور ۾ ڪراچي ۾ سيٺ نائون مل جو سياست سان گڏ انتظامي ۽ واپاري امورن تي به ڪنٽرول هو. جنهن جي ڪري انگريزن کي سنڌ تي حملي لاءِ سهولت ملي. 1839ع تي جڏهن انگريزن ڪراچي تي حملو ڪري قبضو ڪيو ته ميرن ڪو به مقابلو نه ڪيو. سنڌ جي قبضي 1843ع تائين ڪراچي ظاهري طور تي ميرن جي انتظام هيٺ هو پر ان تي ڪنٽرول انگريزن جو ۽ نائون مل جو هو هتي انهن جي حڪمراني هلندي هئي. انهيءَ دوران عدالتي امور تي به انگريزن جو عمل دخل هو.

**انگريزن جو دور:**

1843ع ۾ سنڌ جي آزادي ختم ٿي، مياڻي ۽ دوآبي (ڏبي) جي جنگين کان پوءِ نيپئر سنڌ تي قبضو ڪيو. اعلان ڪيو ويو ته سنڌ کي برطانوي راڄ ۾ شامل ڪيو ويو هو. هندستان جي گورنر جنرل جي اجازت سان 1843ع ۾ نيپئر سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ٿيو. سنڌ جي سپني ڪاتن جو اڳواڻ

نيپئر کي مقرر ڪيو ويو ۽ ڪيس روينيو ۽ فوجي اختيار به ڏنا ويا. سنڌ جي گادي جو هنڌ حيدرآباد کان ڪراچي منتقل ڪيو ويو. سنڌ صوبي کي ٽن ڪليڪٽرن (ضلعن) ۾ ورهائي انهن تي ڪليڪٽر مقرر ڪيا ويا.

1. ڪراچي ڪليڪٽري تي ميجر هينري پريڊي.
2. حيدرآباد ڪليڪٽري تي ڪئپٽن راٿبورن.
3. شڪارپور ڪليڪٽري تي ڪئپٽن گولڊني ڪيلڪٽر مقرر ٿيا.

ضلعي جي هڪ جدا انتظامي ايڪي Unit هجڻ وارو هاڻوڪو طريقو، انگريز سرڪار جو وجود ۾ آندل آهي. انگريزن کان اڳ ڪراچي ضلعي جو انتظامي معنيٰ ۾ ڪو به وجود ڪونه هو. چارلس نيپئر، سنڌ جي پهرئين گورنر جي وقت کان وٺي ڪراچي ضلعي جي ٺهڻ جي وقت کان وٺي ان جي حدن ۾ ڪيئن ڦيريون ڦاريون ٿي چڪيون آهن.

14 آگسٽ 1847ع ۾ برطانوي حڪومت فوجين جي بجاءِ سويلين ماڻهن جي وسيلي سنڌ جي ڪاروهنوار هلائڻ جو فيصلو ڪيو. نيپئر کي استعيفيٰ ڏياري هن کي هٽايو ويو. اصل ۾ نيپئر کي رقم جي هير ڦير جي ڏوهه ۾ ڊسچارج ڪيو ويو هو. نيپئر هڪ ضدي ۽ ظالم فوجي حڪمران هو. چارلس نيپئر جيڪو سنڌ صوبي جو پهريون فوجي گورنر هو. هن کي گورنري تان هٽائڻ کان پوءِ آڪٽوبر 1847ع ۾ سنڌ جي صوبي جي حيثيت ختم ڪري، هن کي بمبئيءَ پريزيڊنسي ۾ شامل ڪيو ويو ۽ سنڌ جي انتظام هلائڻ لاءِ ڪمشنر مقرر ٿيڻ لڳا. مسٽر رابرٽ ڪيٿ پرنگل کي 15 سيپٽمبر 1847ع تي هڪ حڪم نامي وسيلي ڪراچي پهچڻ ۽ 23 سيپٽمبر تي نيپئر کان چارج وٺڻ لاءِ چيو ويو. 21 سيپٽمبر 1847ع تي سمنڊ رستي هو بمبئي کان ڪراچيءَ لاءِ روانو ٿيو ۽ 23 سيپٽمبر 1847ع تي ڪراچي پهتو ۽ پهرئين آڪٽوبر 1847ع تي جڏهن نيپئر مصر لاءِ روانو ٿيو ته مسٽر پرنگل، سنڌ جي پهرئين ڪمشنر جو عهدو سنڀاليو. سنڌ جا ڪمشنر سنڌ جي سيني امور کي هلائڻ جا ذميوار هوندا هئا.




**ڪراچي ڪليڪٽوريٽ جو نقشو**

پرنگل نيپئر جي زماني ۾ قائم ٿيل سيني فوجي ڪميشنن کي ٽوڙي ڇڏيو. پرنگل انتظامي امور ۽ عدالتي ڪاروائي لاءِ باخبر رهڻ لاءِ پنهنجو هڪ مشير بہ مقرر ڪيو. پرنگل ڪراچي پوليس جي تعداد ۾ واڌارو ڪيو. ڪراچي ۾ رستا تعمير ڪرايا ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ کوهہ کوٽايا. پرنگل جي دور ۾ 1848ع ۾ ٽپال ڪاتي کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪراچي ۽ ٺٽي وچ ۾ اٺ سوار هر ڪارن وسيلي هڪ آزمائشي نظام شروع ڪيو ويو پر اهو نظام فقط هڪ مهينو هلي سگهيو. پرنگل جي دور ۾ بلوچ رجمينٽ وجود ۾ آيو. حڪومت جي هر شعبي لاءِ مختلف ڪاتا جوڙيا ويا. هر ڪاتي لاءِ الڳ سرواڻ مقرر ڪيو ويو. جيڪو پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو ذميدار هوندو هو. پرنگل جو اسسٽنٽ مسٽر آءِ. ايف ليسٽر انصاف، تعليم ۽ رجسٽريشن ڪاتي جو سرواڻ هو.

**سنڌ تي مقرر ٿيندڙ ڪمشنر:**

آڪٽوبر 1847ع کان اپريل 1935ع تائين سنڌ جي مقرر ڪيل ڪمشنرن جا نالا هيٺين ريت آهن. جنهن ۾ وقتي طور جيڪي ڪمشنر مقرر ڪيا ويا هئا انهن جا بہ نالا ڏنا ويا آهن.

آڪٽوبر 1847ع کان ڊسمبر 1850ع          1. مسٽر رابرٽ ڪيٿ پرنگل

ڊسمبر 1850ع کان 1851 — 2. ڪرنل ميونئل (وقتي)

جنوري 1851ع کان 1856ع — 3. سربارٽل فريئر

4. مسٽر بلاس جيڪو اسسٽنٽ ڪمشنر هو. 1852ع ۾ ٽي مهينا سربارٽل فريئر جي غير حاضري ۾ وقتي ڪمشنر رهيو.

5. جان جيڪب (وقتي) 1856ع کان 1857ع

6. مسٽر ايلس- سربارٽل فريئر موڪل تي انگلينڊ ويو ته جان جيڪب کي وقتي ڪمشنر سنڌ مقرر ڪيو ويو. 1857ع ۾ ايران جي شهر ”بو“ ۾ هنگامن کي منهن ڏيڻ لاءِ جان جيڪب کي هن جي اسسٽنٽ سرليوئس اسمٿ کي اوڏانهن موڪليو ويو ته سنڌ جي ڪمشنري جي ذميواري مسٽر ايلس جي حوالي ڪئي ويئي جيڪو فقط چاليهه ڏينهن ڪمشنر رهيو. 1857ع ۾ ئي سربارٽل فريئر ٻيهر اچي پنهنجي عهدي جو چارج سنڀاليو ۽ 17 آڪٽوبر 1859ع تائين سنڌ جو ڪمشنر رهيو.

7. مسٽر انويريئرٽي Mr. Inverarity آڪٽوبر 1859ع کان مارچ 1862ع.

8. ميجر هنري گريس جيڪو بلوچستان جو پوليٽيڪل ايجنٽ جي عهدي تي فائز هو. مارچ 1862ع کان جون 1862ع تائين ٽي مهينا وقتي ڪمشنر رهيو.

9. مسٽر سيموئيل ميئنسفيلڊ: جون 1862ع کان 1867ع

10. 1866ع ۾ ميئنسفيلڊ ڇهن مهينن لاءِ ڊگهن موڪل تي ويو ته مسٽر اي ڊي رابرٽس کي وقتي ڪمشنر سنڌ مقرر ڪيو ويو. انهيءَ جي ڪمشنري دوران سيٺ نائون مل کي سي آءِ. اي جي لقب جو ٻلو فريئر هال ۾ هڪ ڪڏجاٽيءَ ۾ ڏنو ويو. اها ڪڏجاٽي 29 آڪٽوبر 1866ع ۾ ٿي هئي. موڪل کان ٻيهر اچي ميئنسفيل پنهنجي عهدي جو چارج سنڀاليو. 1867ع ۾ ان کي ترقي ڏيئي بمبئيءَ موڪليو ويو.

11. مسٽر هيولاڪ Mr. H. Have lock(وقتي): 1867ع کان 1868ع. 1867ع ۾ ميئنسفيلڊ کي ڊگهن ترقي ڏيئي بمبئي موڪليو ويو ته مسٽر هيولاڪ کي وقتي ڪمشنر سنڌ مقرر ڪيو ويو. 1868ع تي هن کي به بمبئي گهرايو ويو.

12. مسٽر وليم ميري ويدر: 1868ع کان 1877ع

13. مسٽر ايف ڊي ميلول (وقتي): 1877ع کان جون 1879ع

14. مسٽر هينري نيپئر بروس ارسڪن: جون 1879ع کان 13 اپريل 1883ع

15. مسٽر ارسڪن ڊگهي عرصي تائين سنڌ جو ڪمشنر رهيو. ڊملوٽي ملير جي علائقي مان کوهن وسيلي ڪراچي کي پاڻي ڏيڻ جو منصوبو به هن جي دور ۾ جوڙيو ويو. 1880ع ۾ مسٽر

ارسڪن جي غير حاضري دوران جيڪو ڪاٺياواڙ جو پوليٽيڪل ايجنٽ هو ٿي مهينا وقتي ڪمشنر رهيو.

16.سر چارلس پيل ڪانپوءِ ڪراچي جو ڪليڪٽر مسٽر لامبرٽ ٽي مهينا وقتي ڪمشنر رهيو.

17. مسٽر ٽريور: اپريل 1887ع کان 1888ع

18. مسٽر چارلس رچرڊ: 1888ع کان 1889ع.

19. مسٽر ايچ اي. ايم جيمس: 1889ع کان 1895ع

20. 1890ع ۾ ڪرنل ٽريور جيڪو حيدرآباد جو ڪليڪٽر هو. مسٽر جيمس جي غير حاضري دوران چار مهينا ڪمشنر سنڌ رهيو.

21. 1891ع ۾ ڪرنل ڪرافورڊ جيڪو ڪراچي جو ڪليڪٽر هو، پنج مهينا سنڌ جو ڪمشنر رهيو.

22. 1895ع ۾ جيمس کي ڪمشنري تان هٽايو ويو ته چارلس اوليونٽ کي وقتي ڪمشنر سنڌ مقرر ڪيو ويو. 1896ع ۾ هن کي بمبئيءَ حڪومت جو وزيراعظم ۽ بعد ۾ هن کي ترقي ڏيئي ڪائونسلر بڻايو ويو.

23. 1895ع ۾ 50 ڏينهن لاءِ ڪليڪٽر حيدرآباد مسٽر ووڊ برن لي وقتي ڪمشنر سنڌ مقرر ڪيو ويو.

24. مسٽر ايچ اي ايم جيمس (ٻيهر): 1896ع کان 1897ع

25. مسٽر ويلنگٽ (وقتي): 1897ع کان 1898ع

26. مسٽر آر- جائلس: 1898ع کان 1899ع

27. مسٽر ايچ. اي. ايم جيمس (ٽيون ڀيرو): 1899ع کان 1900ع

28. مسٽرينگ هسبينڊ: 1900ع کان 1914ع

29. مسٽر وليم هينري لوڪس: 1914ع کان 1919ع

30. مسٽر پي. آر ڪيڊل: 1919ع کان 1924ع

31. مسٽر لي. اي ٿامس: 1924ع کان 1928ع

32. مسٽر والٽر هڊسن: 1928ع کان 1931ع

33. مسٽر هينري ائينلي لارنس: 1931ع کان 1933ع

34. آر. بي گبس: 1933ع کان اپريل 1936

35. آر. بي گبس جي غير حاضري دوران ڪراچي جي ضلعي جو مئجسٽريٽ مسٽر ڪالنز ڪجھ وقت تائين سنڌ جو ڪمشنر رهيو.

**سنڌ جي گورنرن جو احوال:**

هڪ ڊگهي سياسي جدوجهد ڪانپوءِ اپريل 1936ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ پريزيڊنسي کان الڳ ڪري هن کي صوبي جو درجو ڏنو ويو. سياسي سرگرميون بحال ڪيون ويون. سنڌ اسيمبلي جو بنياد پيو. ڪراچي جي گادي واري حيثيت ٻيهر بحال ڪئي ويئي ۽ ڪراچي سنڌ جي انتظامي يونٽن جو مرڪز بڻيو. سنڌ جي قبضي وقت چارلس نيپئر کي سنڌ جو گورنر بنايو ويو هو. چارلس نيپئر فيبروري 1843ع کان آڪٽوبر 1847ع تائين سنڌ جو فوجي گورنر ۽ مارشل لا ايڊمنسٽريٽر رهيو. آڪٽوبر 1847ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ سان ڳنڍيو ويو. اپريل 1936ع ۾ سنڌ کي ٻيهر صوبي جو درجو ڏيئي ڪمشنرن جي جاءِ تي گورنر مقرر ڪيا ويا، جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

| | |
|---|---|
| 1. سر لينسي لارڊ گراهم | پهرئين اپريل کان 31 مارچ 1941ع |
| 2. سر هوچ ڊائو | پهرئين اپريل 1941ع کان 14 جنوري 1947ع |
| 3. سر فرانسس مودي | 15 جنوري 1947ع کان 14 آگسٽ 1947ع |

ورهاڱي ڪانپوءِ سر فرانسس مودي کي پنجاب جو گورنر بنايو ويو. ورهاڱي ڪانپوءِ پهرئين مسلمان ۽ سنڌي گورنر جو اعزاز سر غلام حسين هدايت کي حاصل ٿيو.

| | |
|---|---|
| 4. مسٽر غلام حسين هدايت الله | 14 آگسٽ 1947ع کان 4 آڪٽوبر 1948ع |
| 5. مسٽر دين محمد شيخ | 7 آڪٽوبر 1948ع کان 8 نومبر 1952ع |
| 6. ميان امين الدين | 19 نومبر 1952ع کان 1 مئي 1953ع |
| 7. جارج بيڪسن ڊال | 2 مئي 1953ع کان 11 آگسٽ 1953ع |
| 8. مسٽر حبيب ابراهيم رحمت الله | 12 آگسٽ 1953ع کان 23 جون 1954ع |
| 9. نواب افتخار حسين ممدوٽ | 24 جون 1954ع کان 14 آڪٽوبر 1955ع |

نواب افتخاري حسين ممدوٽ جو تعلق پنجاب سان هو ۽ ائين هي سنڌ جو پهريون پنجابي گورنر مقرر ٿيو. هن ڪانپوءِ ون يونٽ لاڳو ڪيو ويو. سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد صوبي کي ملائي هڪ صوبو اولهه پاڪستان ناهيو ويو. ون يونٽ جي ڪهاڻي 1970ع ۾ ختم ٿي. يحيٰ خان ون يونٽ ختم ڪري ٻيهر صوبا بحال ڪيا.

| | |
|---|---|
| 10. ليفٽيننٽ جنرل رحمان گل (فوجي گورنر؟) | پهرئين جولاءِ 1970ع کان 22 ڊسمبر 1971ع |
| 11. ممتاز علي ڀٽو | 22 ڊسمبر 1971ع کان 29 اپريل 1972ع |

ممتاز ڀٽي جي گورنري دوران اسيمبلي ۾ ٻولي واري بل تي جهيڙا ٿيا جنهن تي ممتاز ڀٽي کي هٽايو ويو. 30 اپريل 1972ع کان 31 مئي 1972ع تائين سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس سنڌ جو وقتي گورنر رهيو.

| | |
|---|---|
| 12. مير رسول بخش ٽالپر | پهرئين جون 1972ع کان 14 فيبروري 1973ع |
| 13. بيگم رعنا لياقت علي خان | 15 فيبروري 1973ع کان 28 فيبروري 1976ع |
| 14. نواب دلاور خان جي | پهرئين مارچ 1976ع کان 5 جولاءِ 1977ع |

5 جولاءِ 1977ع تي ملڪ ۾ مارشل لا لڳايو ويو. جمهوري حڪومت جو خاتمو آندو ويو ۽ مسٽر دلاور خان جي کي به گورنري تان هٽايو ويو. مسٽر نواب دلاور خان جي جهونا ڳڙهه جي نواب مهابت علي خان جو پٽ هو. بيگم رعنا لياقت علي خان سنڌ جي پهرئين عورت گورنر هئي. هن کانپوءِ ڪا به عورت هن عهدي تي فائز نه ٿي آهي.

| | |
|---|---|
| 15. جسٽس عبدالقادر شيخ | 6 جولاءِ 1977ع کان 17 سيپٽمبر 1978ع |
| 16. ليفٽيننٽ جنرل ايس. ايم عباسي | 18 سيپٽمبر 1978ع کان 6 اپريل 1984ع |
| 17. ليفٽيننٽ جنرل جهانداد خان | 7 اپريل 1984ع کان 4 جنوري 1987ع |

31 ڊسمبر 1986ع تي مارشل لا ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. مٿان ٻئي فوجي گورنر سب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر به هئا. جن کي گورنر جو عهدو ڏنو ويو هو.

| | |
|---|---|
| 18. اشرف ولي محمد تاباڻي | 5 جنوري 1987ع کان 23 جون 1988ع |
| 19. ريٽائرڊ جنرل رحيم الدين خان | 24 جون 1988ع کان 11 سيپٽمبر 1988ع |
| 20. جسٽس قدير الدين | 12 سيپٽمبر 1988ع کان 18 اپريل 1989ع |

1988ع ۾ عام چونڊون ٿيون مرڪز ۽ سنڌ ۾ پي پي پي جي حڪومت قائم ٿي.

| | |
|---|---|
| 21. ريٽائرڊ جسٽس فخرالدين جي ابراهيم | 19 اپريل 1989ع کان 6 آگسٽ 1990ع |
| 22. محمود اي هارون | 6 آگسٽ 1990ع کان 18 جولاءِ 1993ع |
| 23. حڪيم محمد سعيد | 19 جولاءِ 1993ع کان 23 جنوري 1994ع |
| 24. محمود اي هارون | 23 جنوري 1994ع کان 21 مئي |

| | |
|---|---|
| | 1999ع |
| 25. ڪمال اظفر | 22 مئي 1999ع کان 16 مارچ 1997ع |
| 26. ليفٽيننٽ جنرل (ريٽائرڊ) معين الدين حيدر | 17 مارچ 1997ع کان 17 جون 1999ع |
| 27. ممنون حسين | 19 جون 1999ع کان 12 آڪٽوبر 1999ع |
| 28. ايئر مارشل عظيم دائود پوٽو | 25 آڪٽوبر 1999ع کان 24 مئي 2000ع |
| 29. محمد ميان سومرو | 25 مئي 2000ع کان 26 ڊسمبر 2002ع |
| 30. ڊاڪٽر عشرت العباد | 27 ڊسمبر 2002ع کان تاحال |

**سنڌ جي وڏي وزيرن ۽ اسپيڪرن جو احوال:**

سنڌ جي بمبئيءِ پريزيڊنسي جي الڳ ٿيڻ کان اڳ سنڌ جا مسئلا بمبئيءِ ليجسليٽو ڪائونسل ۾ بحث هيٺ ايندا هئا. پهرئين اپريل 1936ع تي سنڌ کي صوبي جو درجو ڏنو ويو. صوبي بنجڻ کان پوءِ سنڌ ۾ 1935ع ۾ پارليماني نظام قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سياسي سرگرميون شروع ٿيون. ڪراچي سياست جو مرڪز بڻجي ويئي.

سنڌ حڪومت لاءِ پهرئين چونڊ 7 فيبروري 1937ع تي. جنهن ۾ پوري سنڌ مان 60 ميمبر چونڊيا ويا. ڪراچي ضلعي لاءِ 13 سيٽون هيون. ڪنهن پارٽي واضع اڪثريت حاصل نہ ڪئي. سنڌ اتحاد پارٽي سڀ کان وڌيڪ 18 سيٽون حاصل ڪيون. حڪومت چار سيٽون حاصل ڪندڙ پارٽي مسلم پوليٽيڪل پارٽي جي اڳواڻ سر غلام حسين هدايت الله کي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏني. انهيءَ ڏينهن کانپوءِ اج تائين سنڌ ۾ جوڙ توڙ جي سياست شروع ٿي. انهيءَ جوڙ توڙ جي نتيجي ۾ سر غلام حسين هدايت الله سنڌ جو پهريون وڏو وزير چونڊجي آيو. 1937ع کان 2006ع تائين چونڊيل ۽ تاقيل وزير هيٺين ريت آهن.

| | |
|---|---|
| 1. سر غلام حسين هدايت الله (مسلم پوليٽيڪل پارٽي) | 28 اپريل 1937ع کان 23 مارچ 1938ع |
| 2. خان بهادر الله بخش سومرو (سنڌ اتحاد پارٽي) | 23 مارچ 1938ع کان 18 مارچ 1940ع |
| 3. مير بندي علي خان ٽالپر | 18 مارچ 1940ع کان 7 مارچ |

| | |
|---|---|
| | 1941ع |
| 4. خان بهادر الله بخش سومرو | 7 مارچ 1941ع کان 14 آڪٽوبر 1942ع |
| 5. سر غلام حسين هدايت الله | 14 آڪٽوبر 1942ع کان 14 آگسٽ 1947ع |
| 6. خان بهادر محمد ايوب کهڙو | 16 آگسٽ 1947ع کان 28 اپريل 1940ع |
| 7. پير الاهي بخش | 3 مئي 1948ع کان 4 فيبروري 1949ع |
| 8. محمد يوسف هارون | 18 فيبروري 1949ع کان 7 مئي 1950ع |
| 9. قاضي فضل الله | 8 مئي 1950ع کان 24 مارچ 1951ع |
| 10. خان بهادر محمد ايوب کهڙو | 9 نومبر 1954ع کان 13 آڪٽوبر 1955ع |
| 11. عبدالستار پيرزادو | 23 مئي 1953ع 8 نومبر 1954ع |
| 12. خان بهادر محمد ايوب کهڙو | 9 نومبر 1954ع کان 13 آڪٽوبر 1955ع |
| 13. ممتاز علي ڀٽو | 1 مئي 1972ع کان 20 ڊسمبر 1973ع |
| 14. غلام مصطفيٰ جتوئي | 25 ڊسمبر 1973ع کان 5 جولاءِ 1977ع |
| 15. سيد غوث علي شاهه | 6 اپريل 1985ع کان 6 اپريل 1988ع |
| 16. اختر علي جي قاضي (نگران) | 11 اپريل 1988ع کان 2 ڊسمبر 1988ع |
| 17. سيد قائم علي شاهه | 2 ڊسمبر 1988ع کان 25 فيبروري 1990ع |

| | |
|---|---|
| 18. آفتاب شعبان ميراڻي | 26 فيبروري 1990ع کان 6 آگسٽ 1990ع |
| 19. ڄام صادق علي | 6 آگسٽ 1990ع کان 5 مارچ 1992ع |
| 20. سيد مظفر علي شاهه | 6 مارچ 1992ع کان 18 جولاءِ 1993ع |
| 21. علي مدد شاهه (نگران) | 19 جولاءِ 1993ع کان 21 آڪٽوبر 1993ع |
| 22. سيد عبدالله شاهه | 21 آڪٽوبر 1993ع کان 6 نومبر 1996ع. |
| 23. ممتاز علي ڀٽو (نگران) | 6 نومبر 1996ع کان 1997ع |
| 24. لياقت علي خان جتوئي | 22 فيبروري 1997ع کان 12 آڪٽوبر 1999ع |
| 25. سردار علي محمد مهر | 2003ع کان 8 جون 2004ع |
| 26. ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم | 9 جون 2004ع کان تاحال |

مختلف دورن ۾ سنڌ اسيمبلي جا اسپيڪر هيٺين ريت رهيا.

| | |
|---|---|
| 1. ديوان ڀوڄ سنگهه | 28 اپريل 1937ع کان 1938ع |
| 2. سيد ميران محمد شاهه | 1939ع کان 1948ع |
| 3. آغا بدرالدين دراني | 1948ع کان 1953ع |
| 4. مير غلام علي ٽالپر | 1954ع کان 1955ع |
| 5. غلام رسول ڪيهر | 2 مئي 1972ع کان 30 مارچ 1977ع |
| 6. آغا صدرالدين دراني | 31 مارچ 1977ع کان 5 جولاءِ 1977ع |

| | |
|---|---|
| 7. حسين هارون | 6 اپريل 1986ع کان 31 مارچ 1986ع |
| 8. سيد مظفر حسين شاهه | 6 اپريل 1986ع کان پهرئين ڊسمبر 1988ع |
| 9. سيد عبدالله شاهه | پهرئين ڊسمبر 1988ع کان 5 نومبر 1990ع |
| 10. عبدالرزاق خان | 5 نومبر 1990ع کان 19 آڪٽوبر 1993ع |
| 11. غوث بخش مهر | 19 آڪٽوبر 1993ع کان 22 فيبروري 1997ع |
| 12. نواب مرزا | 22 فيبروري 1997ع کان 26 آڪٽوبر 1999ع |
| 13. سيد جلال محمود شاهه | جيڪو ڊپٽي اسپيڪر نواب مرزا جي استعفيٰ ڏيڻ کانپوءِ 26 آڪٽوبر 1999ع کان وقتي اسپيڪر ٿيو. |
| 14 سيد مظفر حسين شاهه | 2003ع کان تاحال |

سنڌ اسيمبلي پنهنجي تاريخ جي حوالي سان غير معمولي اهميت رکندڙ آهي. اڳارو 27 اپريل 1937ع تي سنڌ ۾ پارلياماني تاريخ جي شروعات ٿي. جڏهن هن جو پهريون اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو. جنهن جي صدارت ديوان بهادر هيرانند کيم سنگهه ڪئي. هن کي ان وقت جي گورنر سنڌ لينس لارڊ گراهم چيئرمين مقرر ڪيو. شروع ۾ ايوان ۾ ميمبرن جو تعداد 60 هو.

سنڌ اسيمبلي جي پهرئين ايوان ۾ ٻه عورتون ٻه چونڊجي آيون. جن مان هڪ جينو بائي غلام علي الانا ۽ ڪماري جيٺي تليداس سپاهي ملاڻي جيڪا 1938ع کان 6 سيپٽمبر 1942ع تائين سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ٻه رهي ۽ اهڙي طرح پهرئين عورت ڊپٽي اسپيڪر جو اعزاز حاصل ڪيائين. اڳتي هلي 1972ع ۾ سائنڻ فردوس جوڻيجو ۽ سائنڻ تاج بي بي بلوچ جنهن جو تعلق لياري ڪراچي سان هو اسيمبلي جون ميمبر رهيون. ضياءُ الحق جي اڻ جماعتي چونڊن جي نتيجي ۾ پنج عورتون سنڌ اسيمبلي ۾ چونڊجي آيون.

غلام حسين هدايت الله ۽ گوبند رام پريتم داس کي اهو اعزاز حاصل آهي ته سنڌ اسيمبلي جي تاريخ ۾ سڀ کان پهرئين هن حلف کنيو. سنڌ اسيمبلي جي تاريخ ۾ پهريون تحريڪ التوا اجلاس جي پهرئين ڏينهن ڊاڪٽر پوپٽ لال پيش ڪيو. پهريون سرڪاري بل وزيرن جي پگهارن جي باري ۾ پيش ڪيو ويو.

28 اپريل 1937ع تي سنڌ قانون ساز اسيمبلي جي پهرئين اسپيڪر جي چونڊ تي اهو پهرئين اجلاس جو ٻيو ڏينهن هو.
اسپيڪر لاءِ ٽن اميدوارن پير الاهي بخش، ديوان پوچ سنگهه ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي وچ ۾ مقابلو ٿيو. ديوان پوچ سنگهه کي 60 مان 40 ووٽ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي کي 18 ووٽ مليا.
3 مارچ 1943ع ۾ سنڌ جي قانون ساز اسيمبلي ۾ جي ايم سيد پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو. جنهن تي اسيمبلي جي هندو ميمبرن نيچل داس وزيراڻي جي اڳواڻي ۾ اجلاس جو بائيڪات ڪيو ويو. پهريون پيرو 16 آگسٽ 1937ع ۾ 24 ميمبرن واڪ ڪيو. ظهور الحسن ڀوپالي اسيمبلي جو پهريون ميمبر هو. جنهن کي ايوان مان ٻاهر ڪڍڻ جو حڪم ڏنو ويو. پر هو پاڻ ئي ٻاهر هليو ويو ۽ انهيءَ ڏينهن سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر اختر علي جي قاضي جي حڪم تي اسيمبلي جي هڪ ميمبر ظفر علي راجپوت کي سارجنٽ ايٽ آرمز ايوان مان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪيو. سنڌ اسيمبلي جي تاريخ ۾ مير غلام علي ٽالپر اڪيلو اسپيڪر آهي جنهن کي هن دور ۾ گرفتار ڪيو ويو، جڏهن هو اسيمبلي جو اسپيڪر هو. ياد رهي ته هن کي ون يونٽ واري مسئلي تي مخالفت جي پيش نظر گرفتار ڪيو ويو.
سنڌ اسيمبلي جي جاءِ تي پيڙهه جو پٿر 11 مارچ 1940ع ۾ گورنر سر لينس لارڊ گراهم رکيو. جڏهن ته افتتاح سر هوچ ڊائو 4 مارچ 1942ع تي ڪيو. سنڌ اسيمبلي جي انهيءَ جاءِ ۾ قائداعظم محمد علي جناح گورنر جنرل جو حلف کنيو. پاڪستان جو پهريون آئين به انهيءَ عمارت ۾ منظور ڪيو ويو. هن کان اڳ سنڌ اسيمبلي جا اجلاس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جاءِ، پير الاهي بخش بلڊنگ ۽ اين جي وي هاءِ اسڪول بلڊنگ ۾ ٿيندا هئا. اين جي وي هاءِ اسڪول بلڊنگ روڊ تي پراڻي اسيمبلي بلڊنگ جي نالي سان مشهور آهي. سنڌ اسيمبلي جو هڪ اجلاس حيدرآباد جي دربار هال ۾ به منعقد ٿيو آهي. هتي ئي 18 فيبروري 1949ع ۾ سنڌ جي شهري علائقي ڪراچي سان تعلق رکندڙ ميمڻ برادري جي مشهور سياسي اڳواڻ يوسف هارون سنڌ جي وڏي وزير جو حلف کنيو. جڏهن پير الاهي بخش وڏو وزير هو ته جي ايم سيد جي اليڪشن پٽيشن ۾ ٽربيونل جي فيصلي موجب جڏهن پير صاحب کي ميمبريءَ کان خارج ڪيو ويو ته سندس جاءِ تي يوسف هارون کي وڏي وزير جي چارج ڏني وئي. يوسف هارون سنڌ اسيمبلي جو ميمبر نه هو. يوسف هارون، حاجي عبدالله هارون جو پٽ ۽ 1986ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر چونڊجندڙ حسين هارون جو والد هو. هن کان اڳ چونڊجندڙ سيئي جاگيرداراڻي پس منظر سان تعلق رکندڙ هئا، ۽ هي پهريون سرمائيدار هو جيڪو سنڌ جو وڏو وزير چونڊجي آيو.

ورهاڱي ڪانپوءِ ڪجھ عرصي تائين صوبي جي وڏي وزير کي صوبائي وزيراعظم Pre Mier به چيو ويندو هو. 1951ع ۾ پروڊا جي قانون تحت ايوب کهڙي کي سياست مان ڪرپشن ۽ نااهلي جا الزام هڻي خارج ڪيو ويو. پر جڏهن 1954ع ۾ ون يونٽ ناهڻ ۾ هن جي مدد جي ضرورت پئي ته ان کي ٽيون ڀيرو سنڌ جو وڏو وزير بڻائي، آڪٽوبر 1955ع ۾ ون يونٽ جي حق ۾ نهراءُ منظور ڪرايو ويو. 1958ع کان 1971ع تائين فوجي راڄ ڪري اسيمبلي کي معطل ڪيو ويو. 1988ع کان 1999ع تائين حڪومتون بي-2 (85) جي زد ۾ اچي ختم ڪيون ويون.

20 جون 1995ع تي سنڌ اسيمبلي ۾ پهريون ڀيرو تاريخ جو هڪ واقعو پيش آيو، جڏهن مسلم ليگ فنڪشنل جي ميمبر ڄام مدد علي کي مسلسل چاليھ ڏينهن غير حاضر رهڻ ڪري اسيمبلي جي ميمبري کان محروم ڪيو ويو. انهي سلسلي ۾ ايوان ۾ پيش ٿيندڙ نهراءُ کي گڏيل طور تي منظور ڪيو ويو. 2002ع کان عمل ۾ ايندڙ اها پهرئين اسيمبلي هوندي جو پنهنجو مدو پورو ڪري رهي آهي. هن جو وڏو سبب اهو آهي حڪومت کي ڊاهڻ وارا ادارا خود حڪومت ۾ آهن ۽ اڄ اهي اسيمبليون انهن جي ضرورت آهن، نه ته ايڏين وڏين تحريڪن، مخالفتن، ڪرپشن، اقراپرووري اندروني جهيڙن، اسيمبلي ميمبرن جي قتل جي باوجود انهن اسيمبلين کي ختم نه ڪيو ويو آهي. ان جو سبب هر ماڻهو سمجهي ٿو.

**انگريزن جي دور ۾ انتظامي ورهاست:**

انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ جڏهن سنڌ کي ٽن ڪليڪٽرن ۾ ورهايو ويو. حيدرآباد ۽ شڪارپور سميت ڪراچي کي به ڪليڪٽريٽ جو درجو ڏنو ويو. ڪراچي ڪليڪٽوريٽ (ضلعي) ۾ هاڙوڪي ڪراچي ڊويزن، هاڙوڪو ضلعو ٺٽو، بدين جو جاتي تعلقو، ڄام شورو ضلعو ۽ دادو ضلعو شامل هئا. ڪراچي ڪليڪٽريٽ لاءِ ميجر هينري پريڊي کي ڪليڪٽر ۽ ضلعي مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. جنهن جي فرضن ۾ ڪراچي ڪليڪٽريٽ ۾ امن ۽ امان قائم ڪرڻ، روينيو وصول ڪرڻ ۽ ڪراچي ڪليڪٽريٽ جي تمام انتظامي امور جي نگراني ڪرڻ شامل هو.

انگريزن ميرن وارو انتظامي نظام ختم ڪري ڇڏيو. هر ڪليڪٽر جي ماتحت اسسٽنٽ ڪليڪٽر ۽ سراول ڪار مقرر ڪيا ويا. پوري سنڌ لاءِ پوليس جو آفيسر ڪمانڊنگ پوليس نالي سان مقرر ڪيو ويو. جنهن جو دفتر ڪراچي ۾ هوندو هو. ٽنهي ضلعن تي ٽي ڪپتان مقرر ڪيا ويا جيڪي ڪمانڊنگ پوليس آفيسرن جي ماتحت هوندا هئا.

ڪمشنر پرنگل جي دور ۾ ٽي انتظامي ڪاميٽيون بنايون ويون. انهن سيني ڪاميٽين جو اڳواڻ ڪليڪٽر ۽ هن جي هيٺيان ڊپٽي ڪليڪٽر هوندا هئا.

1. شهري انتظام لاءِ ڪميٽي جي ميمبرن ۾ مختيارڪار (2) ڪاردار (3) نمبردار هوندا هئا.

2. روينيو ڪاميٽي لاءِ ميمبرن ۾ (1) مختيارڪار (2) سرڪل انسپيڪٽر (3) تپيدار.
3. عدالتي نظام لاءِ ڪاميٽي ۾ ڪليڪٽر فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هوندا هئا.

ضلعي مئجسٽريٽ جي حيثيت سان ڪليڪٽر ۽ نائب تحصيل دار ٿرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ هوندا هئا.

ضلعي مئجسٽريٽ جي حيثيت سان ڪليڪٽر ڪراچي ڪليڪٽريٽ جي تمام عدالتن جو اڳواڻ هوندو هو. ديواني ۽ فوج داري مقدمن جي اڪلاڻ لاءِ هن جي هيٺ ڪيترائي جوڊيشنل ضلعي مئجسٽريٽ هوندا هئا. ڪليڪٽر انهن تنهي ڪاميٽين جو اڳواڻ ۽ سندس مدد لاءِ ڊپٽي ڪليڪٽر هوندو هو. ڪراچي ڪليڪٽريٽ جو پهريون ڊپٽي ڪليڪٽر سيٺ نائون مل هوتچند هو. ڪئپٽن پريڊي 1847ع کان 1857ع تائين پنهي عهدن تي هڪ ئي وقت فائز هو. سنڌ جي ٽنهي ڪليڪٽرن کي 1200 سئو رپيا ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن کي 700 رپيا ماهوار پگهار ڏنو ويندو هو. مڪمل عدالتي اختيار انهن جي حوالي هوندا هئا.

ڪراچي ڪليڪٽريٽ انهن ڏينهن ۾ 9 تعلقن ۽ ٽن محالن تي ٻڌل هو.

تعلقا:

(1) ڪراچي (2) ڪوٽڙي (3)ٺٽو (4) گهوڙاٻاري (5) سجاول (6) شاهه بندر (7) جاتي (8) ميرپور بٺورو (9) ميرپور ساڪرو

محال:

(1) ڪيٽي بندر (2) مانجهند (3) ڪوهستان

ڪراچي ضلعي تي ٽي سب ڊويزن بنايا ويا هر سب ڊويزن لاءِ هڪ اسسٽنٽ ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو.

ٺٽي سب ڊويزن ۾ ڪراچي، ميرپور ساڪرو، گهوڙاٻاري ۽ ٺٽو تعلقا شامل هئا.

شاهه بندر سب ڊويزن ۾ شاهه بندر، جاتي، سجاول ۽ ميرپور بٺورو تعلقا شامل هئا.

ڪوٽڙي سب ڊويزن ۾ ڪوٽڙي تعلقو، مانجهند ۽ محال ڪوهستان شامل هئا.

1843ع کان 1861ع تائين ڪراچي جون جيڪي حدون هيون سواءِ اتر جي هر پاسي قدرتي طرح ٺهيل هيون ڏکڻ ۾ سمنڊ، اوير ۾ سنڌو ندي، اولهه ۾ حب ندي ۽ پهاڙي سلسلو اترين حد سيوهڻ کان اتر پاسي اٽڪل چاليهه ميلن تي شڪارپور ڪليڪٽري جي دادو ۽ ڪاڇي پرڳڻن جي وچ ۾ هڪ خيالي لڪ جي صورت ۾ قائم هئي. هن سموري ايراضيءَ جي پکيڙ ڊيگهه ۾ 240 ميل ۽ ويڪر ۾ 70 ميل هو.

1861ع کان 1901ع تائين: 1861ع حيدرآباد ڪليڪٽري جي شاهبندر ڊويزن کي چني ڪراچي ڪليڪٽري سان ملايو ويو. انهيءَ واڌاري سان ڪراچي ڪليڪٽري جي پڪيڙ هيوز جي گزيٽئر موجب 16 هزار چورس ميل ٿي ويئي. سال 1876ع جي Police Report of Sind for the year 1876 ۾ اها ايراضي 14092 چورس ميل ڄاڻايل آهي.

1901ع کان 1936ع تائين: آگسٽ 1901ع ۾ دادو، جوهي ۽ سيوهڻ جا تعلقا ڪراچي ڪليڪٽري کان چني، لاڙڪاڻي نالي نهنڌڙ نئين ضلعي ۾ شامل ڪيا ويا.

1948ع ۾ ڪراچي ضلعي جا سڀ تعلقا سواءِ ڪراچي تعلقي جي ڪراچي ضلعي کان ڌار ڪري ٺٽو ضلعو جوڙيو ويو. ڪراچي جي 37 ديهن کي ٺٽي ۾ 55 ديهن کي ڪراچي ۾ شامل ڪيو ويو. ڪراچي تعلقو 55 ديهن ۽ ميونسپلٽي سميت مرڪز جي حوالي ڪيو ويو ۽ جنهن کي "فيڊرل ڪيپٽل ايريا" جو نالو ڏنو ويو. جنهن لاءِ ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. هن فيڊرل ايريا کي ضلعي جو درجو ڏنو ويو. سرڪار ڪراچي کي پاڪستان جي مرڪزي گاديءَ جوڙڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو ۽ ان کي سنڌ کان ٻه ڌار ڪيو ويو. جنهن جي ايراضي 1357 چورس ميل هئي. پر بعد ۾ گادي جوڙڻ جو منصوبو ختم ڪيو ويو.

**<u>ڪراچي جا ڪليڪٽر:</u>**

ڪراچي ۾ برطانوي دور جو آخري ڪليڪٽر مسٽر ايڪٽن هو. جنهن کان 14 آگسٽ 1947ع تي سيد هاشم رضا ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي حيثيت سان چارج ورتو. هاشم رضا 22 جولاءِ 1948ع تائين انهي عهدي تي رهيو. 23 جولاءِ 1948ع تي حڪومت پاڪستان جي هڪ حڪم نامي تحت ڪراچي کي مرڪز جي حوالي ڪري هن کي پاڪستان جي گادي جو هنڌ ڪيو ويو ۽ انتظامي امور جي لاءِ ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيا ويندا هئا. سيد هاشم رضا کي ئي ڪراچي جو ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو ۽ اهو ئي هاشم رضا هو جنهن مسرور بيس ايئرپورٽ تي بيمار قائداعظم لاءِ ڪٽارا ايمبولنس موڪلي هئي جنهن جو تيل شير شاهه وٽ ختم ٿي ويو هو.

برطانوي دور ۾ ڪراچي جي ڪليڪٽر آفيس هاٽوڪي ڪمشنر ڪراچي جو دفتر واري جاءِ تي هو ۽ ڪليڪٽر جي رهائش وارو هنڌ هاٽوڪو اسٽيٽ گيسٽ هائوس هو. هن بلڊنگ کي 1886ع ۾ مڪمل ڪيو ويو.

1847ع کان 1947ع تائين مقرر ٿيندڙ ڪراچي جي ڪليڪٽرن جا نالا هن ريت آهن.

| | | |
|---|---|---|
| (1) ڪئپٽن ايچ. ڊبليو پريڊي | Caption H.W. Preedy | 1847ع کان اپريل 1857ع |
| (2) مسٽر. اي ايف بيلاسس | A. F Bellasis | 1857ع کان 1858ع |
| (3) ليفٽيننٽ ڊنسٽوويل | Let. Dun Stovville | 1858ع کان 1868ع |

| | | |
|---|---|---|
| (4) ڪرنل ڊبليو. آر لمبرٽ | Colonel W.R. Lambarit | 1868ع کان 1878ع |
| (5) هينري نپيئر برائس ارسڪن | Hanery Napier Brice Erisken | 1878ع کان 1880ع |
| (6) مسٽر آر. آر ويلس | R.R. Wallace | 1880ع کان 1881ع |
| (7) مسٽر سي. ايف بولٽن | C.F. Boultan | 1881ع کان 1884ع |
| (8) ڪرنل آر. ڊبليو ويلس | Colonel R.W. Wallace | 1884ع کان 1885ع |
| (9) ليفٽيننٽ ڪرنل آر. آءِ ڪرافورڊ | Let. Colonel R.I Crawford | 1885ع کان 1895ع |
| (10) مسٽر. آر جائلس | R. Giles | 1895ع کان 1898ع |
| (11) مسٽر آر. آرڪيڊل | R.R. Cadell | 1898ع کان 1899ع |
| (12) مسٽر جي. سلادين | J. Saladen | 1899ع کان 1900ع |
| (13) مسٽر آر. پي بيرو | R.P. Barrow | 1900ع کان 1905ع |
| (14) مسٽر ايچ. سي مولز | H.C. Mules | 1905ع کان 1909ع |
| (15) مسٽر ايچ. سي لارنس | H.C Lawrence | 1909ع کان 1910ع |
| (16) مسٽر سي. اي بائيٽس | C.A. Beyts | 1910ع کان 1912ع |
| (17) مسٽر ايچ. سي لارنس | H.C Lawrence | 1912ع کان 1913ع |
| (18) مسٽر اي. سي ويسٽروپ | A.C.A Westropp | 1913ع کان 1916ع |
| (19) مسٽر جي. ايل ريو | J.L. Riew | 1916ع کان 1917ع |
| (20) مسٽر جي. آر مارٽن | J.L. Martin | 1917ع کان 1920ع |
| (21) مسٽر ڊبليو. ڊبليو اسمارٽ | W.W. Smart | 1920ع کان 1922ع |
| (22) مسٽر ڊبليو. وي ڪووي | W.V. Cowie | 1922ع کان 1924ع |
| (23) مسٽر ڊبليو. ايف هڊسن | W.F Hudson | 1924ع کان 1925ع |
| (24) مسٽر ايس. ايچ ڪوورنٽن | S.H. Covernton | 1925ع کان 1926ع |
| (25) مسٽر ڊبليو. ايچ هڊسن | W.H. Hudsion | 1926ع کان 1927ع |
| (26) مسٽر آر. اي گبسن | R.E. Gibson | 1927ع کان 1929ع |

| | | |
|---|---|---|
| (27) مسٽر جي. آر هوڊ | J.R. Hood | 1929ع کان 1930ع |
| (28) مسٽر جي. مائونٽيٽ | J. Monteath | 1930ع کان 1931ع |
| (29) مسٽر ايف. ايف ڪمنگ | F.F. Coming | 1931ع کان 1932ع |
| (30) مسٽر جي. ايف. ايس ڪولنز | G.F.S. Collins | 1932ع کان 1934ع |
| (31) مسٽر ايچ. ايم. ويلس | H.M Wills | 1934ع کان اپريل 1935ع |
| (32) مسٽر اي. گرائون ٽيلر | E. Grawin Tayler | اپريل 1935ع کان جولاءِ 1935ع |
| (33) مسٽر ٽروٽ مين | Trotman | جولاءِ 1935ع کان 1938ع |
| (34) مسٽر هال فورڊ | Hal ford | 1938ع کان 1939ع |
| (35) مسٽر ميڪ. ايل هني | Mac L-Hiny | 1939ع کان 1940ع |
| (36) مسٽر ريڊلي | Red Ley | 1940ع کان 1945ع |
| (37) مسٽر ايڪٽن | Acton | 1945ع کان 14 آگسٽ 1947ع |

**پوليس جو ڪاتو:**

سنڌ ۾ برطانيا جي قبضي ڪانپوءِ 1847ع تي يورپي طرز تي پوليس جو ڪاتو جوڙيو ويو. جنهن جو هيڊ ڪواٽر ڪراچي ۾ هو. سنڌ پوليس جو پهريون اڳواڻ ڪمانڊنگ آف پوليس ڪئپٽن براون هو. هن جي هٺ هيٺ هر ضلعي تي ليفٽيننٽ آف پوليس مقرر هوندا هئا. نيپئر جي وقت ۾ سنڌ پوليس جو ٽوٽل عملو 2210 اهلڪارن تي ٻڌل هو. جنهن ۾ 838 گهوڙي سوار سپاهي هئا. ان دور ۾ اٺ سوار پوليس دستا به هوندا هئا. سنڌو درياهه ۾ ٻيڙين تي الڳ گشتي پوليس مقرر ڪيا ويا هئا. ڪراچي شهر ۾ پوليس جو ڪاتو ڪراچي ميونسپلٽي جو حوالي هو. جنهن ۾ هڪ انسپيڪٽر به سب انسپيڪٽر ۽ ڪجهه سپاهي هوندا هئا. ڪراچي ۾ پهريون ٿاڻو بولٽن مارڪيٽ ٿاڻي نالي قائم ڪيو ويو جيڪو هاٽوڪي اسٽيٽ بئنڪ جي پراڻي عمارت جي جاءِ تي هوندو هو. ڪراچي پوليس جو پهريون انسپيڪٽر ليفٽيننٽ مارسٽن هو. جنهن جو واسطو فوج جي 21 وين رجمنٽ سان هو. جنهن مياڻي جي جنگ ۾ نيپئر جي جان بچائي هئي. ڪراچي جو پهريون چيف ڪانسٽيبل هڪ سنڌي شيخ غلام حسين هو. اهي سڀ ڪراچي جي ڪليڪٽر ۽ ضلعي مئجسٽريٽ جي هٿ هيٺ هئا. اڳتي هلي مارسٽن کي ترقي ڏيئي سنڌ پوليس جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو.

1867ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر مسٽر هيو لاڪ ٽالپر دور ۾ جيڪي پوليس ۾ صوبيدار، رسالدار، حوالدار، جمعدار، نائڪ، سپاهي ۽ سوار جي نالن سان هئا. اهي نالا تبديل ڪري ڇڏيا. نئين نظام تحت پوليس ۾ انسپيڪٽر،سب انسپيڪٽر، چيف ڪانسٽيبل، هيڊ ڪانسٽيبل جا نالا رکيا ويا. جيڪي اڄ تائين رائج آهن. اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب Kurrachee Past Present and Future ۾ لکي ٿو ته، "1887-88ع ۾ ڪراچي پوليس ۾ ڪل 298 ماڻهو هئا. جنهن ۾ هڪ انسپيڪٽر ۽ 9 ڪانسٽيبل يورپين ۽ باقي مقامي ماڻهو هئا." هو وڌيڪ لکي ٿو ته، "ڪراچي پوليس جي سپرينٽنڊنٽ جي 1887-88ع رپورٽ مطابق هن سال شهر ۾ 345 وارداتون ٿيون جنهن ۾ 115 چوري، 30 نقب زني، 5 قتل، 6 آپگهات جا واردات ٿيا جڏهن ته 34 ماڻهو حادثاتي طور مري ويا."

**برطانوي عدالتي نظام:**

قبضي ڪانپوءِ چارلس نيپئر ٽالپرن جي عدالتي نظام جي جاءِ تي برطانيا جو عدالتي نظام لاڳو ڪيو. جج مقرر ڪيا ويا. شروع ۾ انهن جا اختيار محدود هئا. هو ڪنهن به مقدمي ۾ 6 مهينا قيد ۽ 50 ڦٽڪن هڻڻ جا مجاز هئا ۽ 100 رپئي تائين ڏنڊ هڻي سگهندا هئا. گورنر ڪي به ست سالن کان مٿي سزا ڏيڻ جو اختيار نه هو. شروع ۾ سنڌ مڪمل طور تي هڪ فوجي ڪئمپ هئي. ڇهن مهينن کان مٿي قيد ۽ سزا وارا مقدما فوجي ڪميشن جي حوالي هئا.

اڳتي هلي نيپئر هر ڪاردار جي علائقي ۾ هڪ قاضي مقرر ڪيو. قاضين کي گهٽ ديواني مقدمن جي فيصلي جو به اختيار ڏنو ويو. 1855ع ۾ انهن جي اختيارن ۾ واڌارو ڪيو ويو. نئين قانون تحت ڪاردار 50 رپين ماليت تائين ۽ قاضي کي هڪ هزار رپين تائين واري مقدمي جي فيصلي جو اختيار مليو ويو.

پوليس ڏوهارين کي پڪڙي ڪاردار جي حوالي ڪندو هو. ڪاردار پاڻ مقدمو هلائيندو هو يا ته انهن کي ڊپٽي مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪندو هو. ڪاردار جيڪي مقدما هلائي سگهندو هو، انهن ۾ مال، سامان، ۽ جانورن جي چوري، لڙائي جهيڙي جا واقع، سرڪاري آفيسرن پاران ڪم ۾ ڪوتاهي، ماپ تور ۾ چوري، سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ. دوکي بازي، ننگي، مالڪ ۽ نوڪر جي وچ ۾ جهيڙي جا مقدما، بدنظمي ۽ زهريلي شين جو وکري جا مقدما شامل هوندا هئا. انهن تي هو 4 مهينا سخت پورهئي سان قيد، 100 رپيا ڏنڊ يا 25 ڦٽڪن جي سزا ڏيئي سگهندو هو.

**عدالتن جا نالا:**

(1) ڪاردار ڪورٽ (2) منصفين ڪورٽ (3) ڊپٽي مئجسٽريٽ ڪورٽ (4) جوڊيشنل مئجسٽريٽ ڪورٽ (5) ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ڪورٽ (6) پنجائت ڪورٽ (7) قاضي ڪورٽ

چارلس نيپئر جي دور ۾ گهٽي عرصي تائين مقدمن جي هلائڻ لاءِ وڪيلن جو رواج نہ هو. پر ڌوهاري پاڻ پنهنجو مقدمو وڙهندا هئا. عورتن ۽ معزز ماڻهن کي اها رعايت هئي تہ انهن پاران انهن جو ڪو مائٽ نمائندي طور مقدمي جي پيروي ڪري سگهندو هو.

ڪمشنر بارٽل فريئر جي دور ۾ باقاعده عدالتي قانون لاڳو ڪيا ويا. 1867ع ۾ ڪراچي ۾ ننڍن مقدمن لاءِ Small causes Court قائم ڪيو ويو. انهيءَ سال ڪراچيءَ ۾ بمبئي هاءِ ڪورٽ جي هڪ برانچ قائم ڪئي وئي ۽ انهيءَ سال يعني 1867ع تي منصفن کي جج جي نائب طور مقرر ڪيو ويو.

اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب Kurrachee Past Present and Future 1890ع ۾ لکي ٿو تہ، ”ڪراچي جي عدالتن ۾ فوجي ۽ شهري ٻنهي قسمن جا ماڻهو مقرر ٿيل آهن. ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ، سيشن جج ۽ چانوٽي جو جج جو واسطو فوج سان هوندو هو. جڏهن تہ سيڪنڊ اسسٽنٽ مئجسٽريٽ، سمال ڪازيز ڪورٽ Small Causes court جو جج، سٽي مئجسٽريٽ، پبلڪ پرا سيڪيوٽر ۽ رجسٽرار سويلين آهن. هن وقت ڪراچي ۾ ٻہ بئريسٽر، چار مصالحت ڪار (Solicexor) ۽ ڪيترائي وڪيل آهن جن ۾ مقامي ماڻهو بہ آهن.“

سنڌ گزيٽيئر 1927ع موجب ڪراچي فوجداري ۽ ديواني مقدمن لاءِ هيٺيون عدالتون قائم ٿي چڪيون هيون.

ڪورٽ آف ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ. هن عدالت جو دائرو پوري ضلعي ڪراچي جي اندر هو.

ڪورٽ آف پورٽ آفيسر، هن جو دائرو ڪياماڙي ۽ منهوڙي يعني بندر واري علائقي تائين هو.

ڪورٽ آف سٽي مئجسٽريٽ، هن جو دائرو ڪراچي شهر يعني ميونسپلٽي جي حدن تائين هو.

ڪورٽ آف ايڊيشنل ڊپٽي ڪليڪٽر، هن عدالت جو دائرو بہ ڪراچي شهر يعني ميونسپلٽي جي حدن تائين هو.

ڪورٽ آف سٽي ڊپٽي ڪليڪٽر، هن عدالت جو دائرو بہ فقط ڪراچي ميونسپلٽي جي حد تائين هو.

ڪورٽ آف ڪنٽونمينٽ مئجسٽريٽ ۽ ڪنٽونمينٽ ڪورٽ آف سمال ڪازيز(Causes)، هن جو اختيار ڪراچي چانوٽي ۽ منهوڙي فوجي ڪئمپ تائين هو.

ڪورٽ آف سمال ڪازيز (Causes)، هن جو دائرو پوري ضلعي ڪراچي جي حدن اندر هو.

1929ع ۾ ڪراچي ۾ هاءِ ڪورٽ جي جاءِ مڪمل ٿي. سنڌ هن وقت بمبئي سان ڳنڍيل هئي، تنهنڪري هن عمارت ۾ بمبئي هاءِ ڪورٽ جي برانچ قائم ڪئي وئي. اپريل 1936ع کان پوءِ سنڌ کي جڏهن صوبي جو درجو ڏنو ويو ته سنڌ لاءِ الڳ هاءِ ڪورٽ قائم ڪيو ويو.

ورهاڱي تائين ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ به هوندو هو. پر 1948ع ۾ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جو عهدو ڪليڪٽر کان ڌار ڪيو ويو.

ون يونٽ دوران مرڪزي اسيمبليءَ جي چونڊن وقت ڪراچي جي ڀرواري وارو علائقو لسٻيلي سان ملائي هڪ تڪ ناهيو ويو. 1962ع ۾ 38 ديهون ٺٽي کان الڳ ڪري ڀيهر ڪراچي ۾ شامل ڪيون ويون.

1975ع تائين ڪراچي هڪ ضلعو ۽ هڪ تعلقو هو. انتظامي طور ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ/ ڊپٽي ڪمشنر هر اڇي ڪاري جو مالڪ هوندو هو. 1976ع ۾ ڪراچي کي ٻن ضلعن ۾ ڪراچي اوڀر ۽ ڪراچي ڏکڻ جي نالي سان ورهايو ويو.



لاڪورٽ بلڊنگ (1870ع)

اڳتي هلي ضلعو ڪراچي اولهه، ڪراچي سينٽرل ۽ 1993ع تي ملير ضلعو ناهيو ويو. ملير ضلعو هتان جي ماڻهن جو پراڻو مطالبو ۽ خواب هو. ملير ضلعو گهٽن جي اک ۾ ڪنڊو بڻيل هو، تنهنڪري 2001ع جي نئين بلدياتي چونڊن ۾ ان کي ختم ڪيو ويو. فقط ملير نه پر ڪراچي جا پنج ئي ضلعا ختم ڪري هڪ ضلعو ڪراچي بنايو ويو. ڪراچي جون ڀرواڙيون جيڪي ضلعي ڪائونسل تي ٻڌل هيون جتي 11 يونين ڪائونسلون هيون هن کي ختم ڪيو ويو ۽ ڪراچي کي 18 ٽائونن ۽ 178 يونين ڪائونسلن ۾ ورهايو ويو. پر ڪراچي ۾ پنجن ئي ڊسٽرڪٽ ڪورٽن کي انهن ضلعن جي نالي سان بحال رکيو ويو آهي. قومي ۽ صوبائي چونڊن ۾ ضلعن واريون حدبنديون برقرار آهن. 2001ع ۾ انتظاميا کي عدليا کان الڳ ڪري انگريزن جي دور کان قائم ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ/ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ڊي ايم SDM جا عهدا ختم ڪيا ويا آهن. اهي ننڍن

مقدمن کي اڪلائڻ لاءِ هئا. هاڻي تمام مقدما ڪورٽن وسيلي نبيريا وڃن ٿا. جيڪي اڳ ۾ ئي ججن ۽ ملازمن جي گهٽتائي ڪري سست روي جا شڪار آهن. ماڻهو وڌيڪ پريشانيءَ جو شڪار ٿي پيا آهن. جيڪڏهن هن نظام کي ئي برقرار رکڻو آهي ته پوءِ ٽائون سطح تي به ڪيسن جي نبيري لاءِ مئجسٽريٽ مقرر ڪرڻ گهرجن ته جيئن عام ۽ غريب ماڻهو کي سولائي سان انصاف ملي سگهي ۽ هن جو وقت ۽ خرچ به بچي پوي.

پوليس ڪاتي ۾ اجا تائين انگريزن جي دور وارو قانون هلي رهيو آهي. تفتيش جا به اهي پراڻا طريقا استعمال ڪيا پيا وڃن. نئين بلدياتي نظام کان پوءِ 2001ع کان ڪراچي لاءِ الڳ پوليس اڳواڻ سٽي ڪيپيٽل پوليس آفيسر ڪراچي (سي سي پي او) رکيو ويو آهي. 18 ٽائون تي 19 ٽائون پوليس آفيسر رکيا ويا آهن. جنهن جي هٿ هيٺ ٽائون ۾ اينڊز تمام ٿاڻا هوندا آهن. ڪيپيٽل سٽي پوليس ڪراچي جي هٿ هيٺ سي. سي. پي. او (C.C.P.O) ڪراچي، ڊي. آءِ. آءِ ايڊمن، ڊي. آءِ. جي انويسٽگيشن، ڊي. آءِ. جي ٽريفڪ، ايس. ايس. پي سيڪيورٽي ڪراچي ۽ 19 ٽائون پوليس آفيسر آهن. انويسٽيگيشن ۽ آپريشن کي الڳ الڳ ڪيو ويو آهي. صدر ٽائون تي به ٽي. پي او (T.P.O) صدر ۽ ڪلفٽن ذار ذار آهن. هن وقت ڪراچيءَ ۾ 98 ٿاڻا آهن. پهرئين سنڌ لاءِ الڳ1.G ۽ ڪراچي لاءِ الڳ 1.G رکڻ جي ڳالهه ڪئي وئي ته پوري سنڌ ۾ سخت رد عمل ظاهر ڪيو ويو. چاڪاڻ هن جو مقصد ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ هو. هن وقت به شهري حڪومت جو ناهڻ ۽ شهري حڪومت پاران پوليس، ٽريفڪ پوليس پنهنجي هٿ ڪرڻ هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت ڪراچي کي مڪمل ذار ڪرڻ جو منصوبو آهي. ٽريفڪ پوليس کي به شهري حڪومت حوالي ڪيو ويو آهي.

2005ع ۾ پوليس آرڊيننس جاري ڪيو ويو. جنهن مطابق Investigation ۽ Operations کي ٽائون کان وٺي ٿاڻي جي سطح تائين الڳ ڪيو ويو آهي ۽ ٻنهي جو ڪم الڳ الڳ ڪيو ويو آهي. نئين پوليس ريفارم ۾ پوليس کي وڌيڪ طاقتور ڪيو ويو آهي. جنهن جي ڪري هن ملڪ کي مڪمل طور تي پوليس اسٽيٽ بڻايو ويو آهي.

منرل ڊيپارٽمينٽ پاران هڪ الڳ پوليس فورس موجود آهي. جيڪو سڌو سنئون پنهنجي ڪاتي جي هٿ هيٺ آهي. جنهن جو مقصد منرل ۽ ٻين قدرتي وسيلن جي چوري جنهن ۾ پٿر، ريتي بجري روڪڻ شامل آهي.

ڪراچي ۾ سچل ۽ پٽائي رينجرز جا هيڊ ڪواٽرز موجود آهن. ڪيتري نه عجيب ڳالهه آهي جو سچل ۽ پٽائي صوفي ازم جا پرچارڪ هئا، اهنسا جا پيروڪار هئا. پر رينجرز ۾ انهن جو نالو تشدد جي اهڃاڻ طور استعمال ڪيو پيو وڃي. رينجرز سنڌ حڪومت جي گهر تي گذريل ويهن

سالن کان ڪراچي ۾ امن ۽ امان قائم ڪرڻ لاءِ موجود آهن. جن جون پگهارون سنڌ حڪومت پنهنجي بجيٽ مان ڏيئي رهي آهي. ڪراچي ۾ ترسيل رينجرز فوج جي پنجين ڪور جي نگراني ۾ آهي.

## ڪراچيءَ ۾ جيل جي شروعات:

ڪراچي ۾ چارلس نيپئر جي دور ۾ 1847ع ۾ شهر ۽ فوجي ڪئمپ جي وچ ۾ انهيءَ جاءِ تي جتي اڄ سٽي ڪورٽ جي بلڊنگ آهي، جيل قائم ڪيو ويو . ياد رهي ته هاڻوڪي سول اسپتال واري جاءِ تي انگريزن جي قبضي وقت خالي ميدان هو. ڪراچي تي قبضي جي ٻئي ڏينهن منهوڙي کان ايندڙ انگريز فوجي انهيءَ خالي ميدان ۾ ڪئمپ لڳائي رهڻ لڳا هئا ۽ هي علائقو فوجي ڪئمپ ۾ تبديل ٿيو.



**ڪراچي جيل (1989ع)**

50 سالن تائين ڪراچي ڊسٽرڪٽ جيل جي جاءِ هتي ئي رهي. پهرئين هي هڪ سادي جاءِ ۾ هئي، بعد ۾ 1858ع ۾ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ ساڍن ڏهن ايڪڙن تي 112412 رپين جي خرچ سان نئين بلڊنگ تيار ڪئي. 1868ع ۾ هن کي وڌايو ويو. قيدين کي رکڻ جي گنجائش 800 تائين هئي جنهن ۾ قيدين لاءِ ڪوليون، ورڪشاپ به نهيل هئا.

شهر جي وچ ۾ اچڻ ڪري جيل کي هاڻوڪي ڪراچي سينٽرل جيل واري جاءِ تي منتقل ڪيو ويو. جيل واري جاءِ تي چراهه گاهه هوندو هو. سبزي منڊيءَ واري جاءِ ۽ لياري ندي ڪناري ڳوٺ هئا. پنهورن جو ڳوٺ اڄ به جيل پويان موجود آهي. 8 اپريل 1899ع ۾ جيل جي عمارت کي مڪمل ڪيو ويو. جيڪو 11000 چورس گز تي ٻڌل آهي. شروع ۾ هڪ هزار قيدين جي رکڻ جي گنجائش هئي. هن وقت جيل ۾ قيدين جي رکڻ جي گنجائش 3000 هزار آهي. پر قيدي 4000 کان مٿي آهن. پهريون جيل سپرنٽينڊينٽ مسٽر ڊي سولومن هو. جيل ۾ قيدين کي مصروف رکڻ لاءِ

1928ع ۾ هڪ فيڪٽري به اڏي وئي. هن ڪانسواءِ جيل جي ڪجھ حصي تي زراعت به ڪئي ويندي هئي. جتي قيدين لاءِ سبزي وغيره پوکيو ويندو هو. هاڻي اها فيڪٽري تباهه ٿي چڪي آهي ۽ زرعي ايراضي جي ڪجھ ڀاڱي تي نوان وارڊ اڏيا ويا آهن. جيل ۾ هڪ اسڪول به آهي. جتي قيدين جا ٻار تعليم حاصل ڪندا آهن. جيل ۾ جيل سپرنٽينڊنٽ لاءِ دفتر، رهڻ جي جاءِ ۽ ٻين سپاهين لاءِ به رهڻ جون جايون موجود آهن. 1899ع ۾ هن جي اڏاوت تي 3،57000 رپيا خرچ ٿيا هئا. ورهاڱي کان پوءِ 1974ع ۾ نيشنل هاءِ وي تي لانڍي واري علائقي ۾ لانڍي جيل اڏيو ويو. جتي ٻارن جو جيل به آهي. جڏهن ملير ضلعو ٺهيو ته هن جو نالو ڊسٽرڪٽ جيل ملير ايٽ لانڍي رکيو ويو. هن ۾ قيدين کي رکڻ جي گنجائش 893 آهي پر هن وقت جيل ۾ 3000 قيدي آهن. عورتن جي جيل ۾ قيدين جي گنجائش 102 آهي پر قيدي 126 آهن ۽ ٻارن واري جيل ۾ قيدي جي گنجائش 350 آهي ۽ قيدي 589 آهن. (سرڪاري رپورٽ ڊسمبر 2006ع)

## ڪراچي جي هاڻوڪي انتظام تي نظر:

جيڪڏهن ڪراچي جي انتظامي معاملي تي نظر وجهبي ته هي هڪ انتهائي منجهائيندڙ ۽ سمجھ ۾ نه ايندڙ 36 کان مٿي خودمختيار، نيم خودمختيار، صوبائي، وفاقي، شهري حڪومت، اٿارٽيز ۾ ورهايل آهي. جنهن جي ڪري خود حڪومتي ادارن ۽ عام ماڻهن لاءِ پريشاني جو باعث بڻيل آهي. هڪ ئي شهر ۾ مختلف قانون لاڳو آهن. هر ادارو فقط پنهنجي ناهيل قانون مطابق هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سنڌ حڪومت ۽ هن جي اڳواڻ وڏو وزير جيڪو صوبي جو چيف ايگزيڪيوٽو آهي، ڪراچي جي ادارن تي هن جو ڪو ڪنٽرول ڪونهي. جنهن جي نتيجي ۾ ترقياتي ڪمن کان وٺي امن ۽ امان جي مسئلي تائين سڀ شيون متاثر ٿي رهيون آهن. هڪ قانون ۽ هڪ اداري جي ڪنٽرول ۾ نه هئڻ ڪري شهر مختلف مافيائن جي حوالي آهي. ماڻهن جي حالت ادارن جي چڪرن ۾ ڪرشن چندر جي ڪتاب "ايک گدھي کي سرگزشت" واري گڏھ وانگر آهي.

اچو ته انهن ڪاتن تي مختصر نظر وجهون. ڪراچي جي هاڻوڪي بلدياتي نظام جنهن کي جنرل پرويز مشرف جو نظام چيو وڃي ٿو. سخت مونجهاري وارو نظام آهي جيڪو خود ناهڻ وارن جي سمجھ ۾ اڃا تائين نه آيو آهي عام ماڻهو جي ۽ چونڊيل نمائندن جي سمجھ کان هونءَ به ٻاهر آهي.

هن نظام هيٺ شهري ضلعي حڪومت، ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن، يونين ميونسپل ايڊمنسٽريشن، سنڌ لوڪل گورنمينٽ بورڊ ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ سيڪريٽريٽ جهڙا هڪٻئي جي متبادل نظام هلي رهيا آهن. سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ منسٽر لوڪل گورنمينٽ، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ بورڊ، ڊي سي او ۽ ٽائون ميونسپل آفيسرن جي وچ ۾ اختيارن جي هڪ نه ڪٽنڊڙ جنگ ڪري ترقياتي ڪم متاثر ٿي رهيا آهن.

سنڌ حڪومت جي کاتن وانگر شهري حڪومت ۾ به ٻارنهن کاتا آهن جن تي ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (EDO) مقرر ڪيا ويا آهن. اهي ساڳيا کاتا سنڌ حڪومت ۾ موجود آهن جن کي سيڪريٽري ۽ وزير هلائي رهيا آهن ۽ اهڙي طرح هڪ صوبي ۾ هڪ شهر ۾ به متبادل نظام هلي رهيا آهن. جنهن جي ڪري انهن ادارن خاص ڪري تعليم، صحت، زراعت، پلاننگ، ڪچي آبادي وغيره جا آفيسر ۽ گڏوگڏ عوام پريشان آهي ته هو پنهنجي ڪم لاءِ ڪنهن سان رابطو ڪن.

ڪچي آباديءَ وارو کاتو الڳ آهي جنهن جو شهري حڪومت سان ڪو به واسطو ڪونهي. ڪچي آبادين کي ڪنٽرول ڪرڻ حڪومت سنڌ جي حوالي آهي ۽ هتي ترقياتي ڪمن جي ذميداري شهري حڪومت تي آهي. اهڙي طرح ڇانوڻين وارو پراڻو نظام اڃ به موجود آهي. جنهن ۾ ڪراچي ڪنٽونمينٽ بورڊ، ڪلفٽن ڪنٽونمينٽ بورڊ، ملير ڪنٽونمينٽ بورڊ، ڪورنگي ڪنٽونمينٽ بورڊ، ڊرگ روڊ ڪنٽونمينٽ بورڊ، منهوڙو ڪنٽونمينٽ بورڊ، مسرور بيس وغيره وارا علائقا ڪراچي ۾ هوندي به انهن تي نه ڪراچي شهري حڪومت جو ۽ نه ئي سنڌ حڪومت جو اختيار آهي. اهي سڀ وفاقي حڪومت جي ڪنٽرول ۾ آهن. انهن ڇانوڻين واري علائقي ۾ بلدياتي چونڊون به نه ڪرايون ويون آهن. اهي اڃا تائين ايڊمنسٽريٽو آفيسر يا ان سروس برگيڊيئر جي حوالي آهن. اهي بلدياتي ادارا هوندي به هن جي زمري ۾ نٿا اچن. مزي جهڙي ڳالهه اها ته انهن ڇانوڻين واري علائقن ۾ قائم پوليس ٿاڻا مختلف ٽائون پوليس آفيسرن جي هٿ هيٺ آهن. جڏهن ڪراچي ۾ پاڻي يا سيوريج جي لائينن وڇائڻ جو مسئلو درپيش اچي ٿو ته اهي ادارا جيئن ته نه شهري حڪومت ۾ آهن ۽ نه صوبائي حڪومت جي ڪنٽرول ۾ آهن. جنهن جي ڪري اهي پنهنجي علائقي ۾ اهڙن لائين کي گذارڻ به نه ڏيندا آهن. ٻن علائقن کي ڳنڍڻ لاءِ رستي جي وچ ۾ جيڪڏهن انهن ڇانوڻين جو ڪو به علائقو اچي وڃي ٿو ته هتي ٻين علائقن کي ڳنڍڻ لاءِ رستو نه ٿو ڏنو وڃي. ڪراچي شهر ۾ 75 فيصد علائقو انهن ڇانوڻين ۽ وفاقي حڪومت جي ڪنٽرول ۾ اينڊڙ ادارن ۽ اٿارٽيز وٽ آهي. جتي فقط انهن جو قانون هلي ٿو. شهر اندر انگريزن جي دور جي انهن ڇانوڻين جي هاڻي ڪا به ضرورت نه آهي. هونءَ به هتي رهائشي اسڪيمون ناهي زمينون ختم ڪيون ويون آهن. تنهنڪري ڪراچي جي انتظامي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ

شهر اندر قائم تمام چانوٽين وارا علائقا ختم ڪيا وڃن. اهي ترقياتي ڪمن ۾ رڪاوٽ آهن. هن جو هڪ مثال هن ريت ڏيان ٿو تہ سنڌ جي هڪ وڏي وزير جي دور ۾ ڊگهين پلازائن جي اڏڻ تي پابندي لڳائي وئي پر صدر جي علائقي ۽ ڊالميا واري علائقي ۾ اهو ڪم جاري رهيو. جڏهن بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي اهلڪارن ڇاپو هنيو تہ بلڊرز ڪينٽونمينٽ بورڊ جو اجازت نامو ڏيکاريو ۽ چيو تہ، ”ڪنٽونمينٽ بورڊ تي سنڌ جي وڏي وزير جو حڪم لاڳو نٿو ٿئي“ ۽ ڪم جاري رهيو. اهڙو مثال نئين سبزي منڊي جي سامهون هڪ ٻي پرائيويٽ سبزي منڊي ناهڻ تي سنڌ حڪومت اعتراض ڪري ڪم بند ڪيو تہ، پرائيويٽ سبزي منڊي جي مالڪ ڪنٽونمينٽ بورڊ ملير جو اجازت نامو ڏيکاري ڪم جاري رکيو ۽ وڏو وزير جي آرڊر جي سامهون هڪ آفيسر جي آرڊر کي وڌيڪ اهميت آهي.

انهن ڪانسواءِ ڪراچي ۾ ٻيا بہ ڪيترائي وفاقي ۽ خودمختيار ادارا ڪم ڪري رهيا آهن جن تي شهري حڪومت ۽ صوبائي حڪومت جي حڪم نامن جو اطلاق نٿو ٿئي. سوئي سدرن گيس ڪمپني، پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪارپوريشن، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ، سول ايوي ايشن اٿارٽي، ڪراچي ايڪسپورٽ پروسينگ زون، پاڪستان نيوي، پاڪستان ايئر فورس، پاڪستان ريلوي، سائٽ لميٽيڊ، ڪراچي يونيورسٽي، ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي، ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن، پورٽ بن قاسم، اسٽيل مل، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي، ڪراچي ملٽري اسٽيٽ سرڪل، موٽر وي پوليس، پاڪستان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ ۽ ٻيا ادارا بہ هتي ڪم ڪري رهيا آهن. ڪراچي جي زمين تي قبضو ڪري وينا آهن پر انهن تي سنڌ حڪومت يا شهري حڪومت جو ڪو بہ قانون لاڳو نٿو ٿئي. جنهن جي ڪري ڪراچي ۾ سخت انتظامي ڏکيائون پيدا ٿي رهيون آهن. هتي هڪ ئي وقت چار قانون هلي رهيا آهن. جنهن جو هڪ ٻئي سان ڪو سهڪار ڪونهي. انهن ۾ گهڻا پبلڪ لميٽيڊ ڪمپنيون آهن. جن تي ڪمپنيز آر ڊيننس 1984ع لاڳو ٿئي ٿو. اهي واپاري ادارا آهن. تنهنڪري انهن تي بيورو ڪريسي جو ڪنٽرول آهي. اهي صوبائي ۽ شهري حڪومت کان وڌيڪ پنهنجي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي حڪمن جا مجيندڙ آهن. انهن ادارن جي وچ ۾ ڪنهن طرح جو ڪوبہ رابطو ڪونهي. رابطي جي کوٽ ڪري ڪراچي جي پوري زندگي مفلوج ٿي ويئي آهي. انهن ادارن ڪانسواءِ ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي، لياري ڊيولپمينٽ اٿارٽي، سنڌ ڪچي آبادي اٿارٽي، واٽر اينڊ سيوريج بورڊ اٿارٽي، ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي ۽ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي سميت ڪراچي ۾ 36 کان مٿي انتظامي يونٽ موجود آهن. جن جو پنهنجو پاڻ ۾ ڪو رابطو ڪونهي. هڪ ادارو رستو بنائي پورو ئو ڪري تہ ٻيو ادارو پنهنجي لائين وجائڻ لاءِ رستي جي کوٽائي شروع ڪري ڇڏي ٿو. ڪم بند ڪرڻ جي صورت

۾ هر ادارو پنهنجي ادارن پاران شاهي حڪم نامو ڏيڪاري پنهنجو ڪم جاري رکن ٿا. ڪراچي جي لکين ايڪڙ زمين انهن ادارن جي حوالي ڪري هتان جي اصلي ماڻهن کي ويڳاڻو ڪيو ويو آهي. هڪ شهر ۾ مختلف انتظامي دائرن جا 36 کان مٿي ادارا هڪ ٻئي جي متوازي لائينن تي مختلف خدمتون سرانجام ڏيڻ خود هڪ وڏو مسئلو آهي. مسئلو ان وقت ڳنڀير صورتحال اختيار ڪري ويندو آهي جڏهن اسان ڏسندا آهيون ته انهن ۾ ڪو به رابطو نه هوندو آهي. متوازي اختيارن ڪري انهن ادارن جي وچ ۾ چپقلش ۽ محاذ آرائي ۽ متضاد پاليسين جي ڪري هڪ پاسي وسيلن جو زيان پيو ٿئي، ٻئي پاسي اها تڪليف عوام کي ئي ڀوڳڻي پوي ٿي. هر هڪ اداري جا پنهنجا جوڙيل الڳ الڳ قانون آهن هڪ اداري جو قانون ٻئي اداري جي حدن ۾ لاڳو نٿو ٿئي. جنهن جي ڪري ڪراچي ۾ جهنگ جو قانون لاڳو آهي. هتي جيڪو ڏاڍو سو ڳابو وارو قانون لاڳو آهي. هن جو هڪ تازو مثال ڏنگي ۽ ڀُندار ٻيٽين جي مسئلي تي سامهون آيو ته اهي ٻيٽ ڪنهن جي ملڪيت آهن. سنڌ حڪومت، شهري حڪومت يا پورٽ قاسم جي جنهن جو فيصلو اڃا نه ٿي سگهيو آهي ۽ پورٽ قاسم ٻيٽن تي ڪم به شروع ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪراچي شهر کي يا ته مڪمل طور تي شهري حڪومت جي ڪنٽرول ۾ ڏنو وڃي پر ان جي ڪري هتي فقط هڪ ئي لساني گروپ‌ڪومح جي ڪنٽرول ۾ هئڻ ڪري هتي رهندڙ ٻين قومن ۾ احساس محرومي جنم وٺي رهيو آهي ۽ هن وقت به ذري گهٽ اها صورتحال آهي. هتي رهندڙ سنڌي، بلوچ، پشتون ۽ پنجابي شهري حڪومت ۾ نمائندگي نه هئڻ ڪري مسئلن جو شڪار آهن. هن جو اڪيلو حل اهو آهي ته ڪراچي شهر جي پنجن ضلعن کي بحال ڪيو وڃي. انهن ضلعن جي اندر ۾ ايندڙ تمام ادارا ضلعن جي هٿ هيٺ هجڻ گهرجن. زمين جي الاٽ مينٽ جو قانون صوبائي حڪومت جي انتظام ۾ هجڻ گهرجي. جن به ادارن خاص ڪري سٽي حڪومت، اسٽيل مل، پورٽ قاسم اٿارٽي، ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي جون بچيل زمينون جيڪي مقامي ماڻهن جون هيون انهن کي الاٽ ڪيون وڃن. ڇاڪاڻ ته اهي ادارا قومي ترقي جي نالي سان انهن زمينن کي حاصل ڪري پوءِ انهن زمينن کي سرمائيدارن، ملٽي نيشنل ڪمپنين ۽ هائوسنگ اسڪيمن جي بلڊرن کي وڪرو ڪري اربين رپيا ڪمائين ٿا. تنهنڪري اهو سلسلو بند ڪري الاٽ ٿيل اهي زمينون ضبط ڪيون وڃن ۽ اصل مالڪن کي واپس ڏنيون وڃن.

بلدياتي نظام جو پراڻو نظام جيڪو بهتر هو ان کي ٻيهر بحال ڪري، مونجهاري واري صورتحال ختم ڪرڻ سان ماڻهن ۾ اعتماد بحال ٿي سگهندو. ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي ۽ لياري ڊيولپمينٽ اٿارٽي جا ادارا ختم ڪيا وڃن، ڇاڪاڻ ته انهن ادارن جي بندر بانٽ ڪري گهڻو نقصان ڪراچي جي اصلوڪن رهندڙن کي ٿيندو رهندو آهي. تنهنڪري هاڻي انهن ادارن جي ضرورت نه آهي.

## ڪنزروينسي بورڊ کان شهري ضلعي حڪومت تائين

قبضي وقت انگريزن سنڌ جي ميرن واري گادي واري هنڌ حيدرآباد کي گادي وارو هنڌ رهڻ ڏنو پر حيدرآباد جي موسم انگريزن کي راس نہ آئي. هتي جي گرمي انگريزن کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو. چارلس نيپيئر، رچرڊ برٽن کي جيڪو ان وقت برطانوي فوج ۾ ڪيپٽن جي عهدي تي فائز هو ڪراچي جي دوري ڪرڻ ۽ رپورٽ تيار ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏنيون.

رچرڊ برٽن جو تعلق آڪسفورڊ سان هو. هو هڪ مشهور اسڪالر ۽ 39 ٻولين جو ڄاڻو هو. هن چاليهه کان مٿي ڪتاب لکيا. برٽن پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو تہ مهاڻن جي وسندي ڪراچي موسم سان گڏ هر لحاظ کان حيدرآباد کان بهتر آهي. هتان سمنڊ رستي پرڏيهہ ڏانهن واپار لاءِ بهتر امڪان موجود آهن. انهن رپورٽن جي آڌار تي نيپئر گادي جو هنڌ حيدرآباد کان ڪراچي منتقل ڪيو.

نيپئر ڪراچي ۾ هڪ بنگلي ۾ رهائش اختيار ڪئي. جيڪو بعد ۾ ڪمشنر هائوس نالي مشهور ٿيو. اها جاءِ سنڌ جي پهرئين گورنر سر لينسي لارڊ گراهم جي رهائش بہ ٿي.

سنڌ جي قبضي وقت ڪراچي ۾ صفائي گندي پاڻي جي نيڪالي جو ڪوبہ انتظام نہ هو. صفائي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جو نظام نہ هئڻ ڪري هر سال هتي وچڙندڙ بيمارين ۽ طاعون ڪري هزارين ماڻهو اجل جو شڪار ٿيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ڪراچي شهر جا ماڻهو لڏپلاڻ ڪري، منگهوپير، حب، ملير ۽ ٺٽي ڏانهن ويندا هئا. جنهن جي نتيجي ۾ شهري زندگي مفلوج ٿي ويندي هئي. ان زماني ۾ ڪراچي جي گهٽين ۽ رستن تي گندگي جا ڍير هوندا هئا، پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ۽ شهر ۾ رات جو اوندهہ جو راڄ هوندو هو. انهن سڀني ڳالهين کي نظر ۾ رکي سنڌ جي پهرئين فوجي گورنر چارلس نيپئر 1846ع ۾ هڪ ڪنزروينسي بورڊ (Conservancy Board) قائم ڪيو. جنهن جو نالو ”ڪراچي ڪنزروينسي بورڊ“ رکيو ويو. هن بورڊ جا چار اهم مقصد هئا.

شهر ۾ صفائي جو انتظام ڪرڻ.

گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ انتظام ڪرڻ.

شهر کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ.

رات جي وقت شهر لاءِ روشني جو انتظام ڪرڻ.

هن بورڊ جي ذمي شهرن جي حدن ڪانسواءِ ڪراچي ڇانوڻي ۾ صفائي ۽ پيئڻ جي پاڻي جو انتظام ڪرڻ بہ شامل هو.

1847ع ۾ نيپئر يورپي فوجين لاءِ بيرڪن ٺهرائڻ جو ڪم شروع ڪيو جيڪي بعد ۾ نيپئر بيرڪس جي نالي سان مشهور ٿيا ۽ اڄ ڪلهہ انهن ۾ سرڪاري آفيسون قائم آهن. 1847ع ۾

نيپئر کي فارغ ڪيو ويو ۽ ان جي جاءِ تي مسٽر رابرٽ پرنگل کي سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ڪري موڪليو ويو. ان وقت ڪراچي جي آبادي 50 هزار هئي. پرنگل جي دور ۾ ڪنزروينسي بورڊ غير موثر رهيو ۽ ڪراچي جي رستن ۽ گهٽين ۾ بيهر ڪچري جا ڍير لڳي ويا. ان دور ۾ رچرڊ برٽن ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ بعد ۾ هن پنهنجي ڪتاب ”سنڌ ڏڪويل ماٿريءَ“ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”شهر ۾ هر طرف گندگي جا ڍير لڳا پيا آهن. ڪراچي شهر ڪنهن ڳوٺ جو ڏيک ڏيئي رهيو آهي. شهر جي سوڙهين گهٽين ۾ گندگي جا ڍير پيا آهن ۽ ايتري حد تائين جو رهڻ لاءِ ٺهيل گهر به گندگي کان بچيل نه آهن. گندگي پاڻي جي نڪاسي جو ڪو انتظام نه هئڻ ڪري اهو پاڻي هر پاسي جمع آهي. جنهن ۾ بدبوءِ پيدا ٿي رهي آهي.“

1851ع ” پرنگل جي استعيفيٰ ڪانپوءِ هن جي جاءِ تي مسٽر هينري بارٽل فريئر کي سنڌ جو ڪمشنر ڪري موڪليو ويو. جنهن ڪراچي جو نقشو بدلائي ڇڏيو. فريئر هڪ باصلاحيت انتظامي حڪمران طور مشهور ٿيو.

ڪنزروينسي بورڊ پاران ٽيڪس لڳائڻ جي رستي کي هموار ڪرڻ لاءِ بارٽل فريئر، نائون مل هوتچند کي شهر جي دوري ۽ شهرين کي راضي ڪرڻ لاءِ چيو، جنهن لاءِ سيٺ نائون مل شهر جو دورو ڪيو ۽ شهرين کي ان جي فائدي کان آگاهه ڪيو ۽ انهن کي راضي ڪيو.

جنهن لاءِ هڪ ڪاميٽي ناهي ويئي جنهن جا ٽي ميمبر هئا. (1) سيٺ نائون مل هوتچند (2) مسٽر پريڊي ڪلڪٽر ڪراچي (3) مسٽر جان ميڪلوڊ ڪلڪٽر ڪسٽم. جيڪي روزانو شهر جو دورو ڪري ڪم جو جائزو وٺندا هئا. ڪراچي ۾ هندستان جي ٻين شهرن ۾ لاڳو ٿينڊڙ بلدياتي نظام وانگر باقاعده ايڪٽ تحت ڪو ميونسپل سسٽم نه هيو. جنهن جي ڪري فنڊ نه هئڻ ڪري نظام جو هلڻ ڏکيو هو. ميونسپل ايڪٽ لاڳو نه هئڻ ڪري ٽيڪس لڳائڻ جهڙا مسئلا به درپيش ايندا رهندا هئا.

1851ع ۾ ڪراچي شهر جي باٿر شهرين نائون مل جي اڳواٽي ۾ انگريز سرڪار کي هڪ ياداشت نامو موڪليو ته هندستان جي ڪجهه شهرن ۾ ميونسپل ايڪٽ نمبر 26 مجريه 1850ع تحت جيڪو ميونسپل نظام لاڳو آهي. اهو ئي نظام ڪراچي ۾ لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن ڪراچي جي صفائي ۽ پيئڻ جي پاڻي جهڙن مسئلن کي منهن ڏيئي سگهجي.

8 سيپٽمبر 1852ع ۾ حڪومت بمبئيءَ ڪراچي جي شهرين جي ياداشت نامي کي منظور ڪندي ڪراچي ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ قانون موجب هڪ باقاعده ميونسپل نظام رائج ڪرڻ

جي اجازت ڏني ۽ اهڙي طرح ڪراچي جي ڪنزروينسي بورڊ کي ڪراچي ميونسپل جو نالو ڏيئي بلدياتي نظام جي شروعات ڪئي ويئي.

ميونسپل لاءِ چونڊ ۽ نامزدگي جو گڏيل نظام رائج ڪيو ويو. يعني ڪجهه ميمبر ووٽ وسيلي ۽ ڪجهه حڪومت پاران نامزد ڪيا ويندا هئا. پهرئين ميونسپل ڪميشن جي ميمبرن جو تعداد 24 هو. انهن کي ڪمشنر چيو ويندو هو. 24 ميمبرن مان 9 ڪمشنر انگريز ۽ 15 شهري هئا. اهي شهري گهڻو ڪري مالدار، واپاري ۽ خان بهادر لقب حاصل ڪرڻ وارا هوندا هئا. ڪميشن جي اڳواڻ کي صدر چيو ويندو هو. صدر حڪومت پاران نامزد ڪيو ويندو. ڪميشن جو پهريون صدر سنڌ جو ڪمشنر مسٽر بارٽل فريئر کي مقرر ڪيو ويو.

ڪميشن کي پهريون پيرو شهر ۾ ٽيڪس لڳائڻ ۽ شهر کي خوبصورت بنائڻ جا اختيار ڏنا ويا. ڪميشن جو پهريون اجلاس آڪٽوبر 1852ع ۾ گورنر هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ بين فيصلن ڪانسواءِ هڪ مينيجنگ ڪاميٽي جوڙي ويئي. پهرئين مينيجنگ ڪاميٽي جي ميمبرن جا نالا هيٺيان هئا.

(1) مسٽر ايچ. ڊبليو پريڊي ڪلڪٽر ڪراچي (2) مسٽر بي. ايچ ايلس اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ (3) سيٺ نائون مل هوتچند واپاري (4) سيٺ ڪيمچند واپاري (5) مسٽر جان ميڪلوڊ ڪلڪٽر ڪسٽم (6) قاضي نور محمد واپاري (7) مگن مکي واپاري (8) سبين ميمڻ واپاري (9) شيخ غلام حسين واپاري.

ڪميٽي نسوار، تمباڪ، شراب، موتروهيڪل ٽيڪس ڪانسواءِ شهر ۾ ڪٽي ايندڙ مال تي هر سئو سير سامان تي ڏيڍ آنا چنگي لڳائڻ لاءِ مسودو تيار ڪري، 5 فيبروري 1853ع تي حڪومت ڏانهن منظوري لاءِ موڪليو. انهن سفارشن کي منظور ڪيو ويو. هن وقت ڪميشن جي آمدني 13 هزار رپيا ساليانو هئي.

1852ع ۾ پنهنجي قائم ٿيڻ جي پهرئين سال ڪميشن 3879 رپين جي خرچ سان هڪ سبزي ۽ گوشت مارڪيٽ مڇي مياڻ ڪاري در علائقي ۾ اڏيو. اها ڪراچي ميونسپل ڪميشن جي تاريخ جو پهريون ترقياتي ڪم هو. ان ڪانسواءِ لياري نئين تي ننڍي پل ۽ شهر ۾ روشني لاءِ 20 تيل واريون بتيون لڳايون ويون ۽ ائين هي اونداهون شهر روشن ٿيو ۽ اڄ ڪراچي روشنين جو شهر چيو وڃي ٿو، اها روشني 1852ع جي تيل وارن بتين جي روشني سان شروع ٿي. 1852ع ۾ ميونسپل ڪميشن جي عملي جو تعداد 13 هو ۽ هن وقت ڪراچي شهر جي رستن جي ڪل لمبائي هڪ ميل هئي. سولجر بازار جيڪو ڇانوٽي جو علائقو هو ۽ ميونسپل جي حدن ۾ نه هو هتي به صفائي، پيئڻ جي پاڻي ۽ روشني جي بندوبست جو ذمو به ميونسپل ڪميشن تي هو.

شهر جي صفائي لاءِ 1852ع ۾ ينگي پنج رپيا ماهوار پگهار تي پرتي ڪيا ويا. شهر جي صفائي تي ماهوار 525 رپيا خرچ ڪيو ويندو هو ۽ انهيءَ سال گندي پاڻي جي نيڪالي لاءِ ڪجھ گٽر نالين کي پڪو ڪيو ويو. 1852ع ۾ ميونسپل ڪميشن به اسڪول قائم ڪيا. هڪ انگلش اسڪول صدر بازار ۾ ۽ ٻيو سنڌي ميڊيم جيڪو ڪوڙي باغيچي واري علائقي ۾ قائم ڪيو ويو. اهي ٻئي ميونسپل جي تاريخ جا پهريان اسڪول آهن. ياد رهي ته ڪراچي ۾ انگريزن پاران قائم ٿيندڙ پهريون اسڪول 1841ع ۾ ڪراچي جي ڇانوڻي واري علائقي ۾ چاليهين رجمنٽ جي انگريز فوجين جي ٻارن لاءِ قائم ڪيو ويو هو. 25 آڪٽوبر 1853ع ۾ هڪ ٻئي اسڪول لاءِ جيڪو ميونسپل جو اسڪول نه هو پر ان لاءِ هڪ هزار رپيا گرانٽ ڏنو ويو. 1852ع ۾ لياري نئين جي ڪپ تي پيئڻ جي پاڻي لاءِ هڪ نئون کوھ کوٽي ان کي پڪو ڪيو ويو. هن کوھ وسيلي بندرگاھ ۽ بندر روڊ جي علائقي ۾ قائم ڪواٽرز لاءِ پاڻي مهيا ڪيو ويندو هو. ڪوڙي باغيچي ۾ قائم هڪ تلاءَ جي ڪناري خاردار تارون لڳايون ويون.

1852ع ۾ ميونسپل کي اسڪول فيس جي مد ۾ 100 رپيا ۽ 10 پائيون، مارڪيٽ فيس جي مد ۾ پوري سال ۾ 477 رپيا 9 آنا ۽ 8 پائيون وصولي ٿي. اهڙي طرح بندر جي چنگي سميت ان سال ميونسپل ڪميشن جي آمدني 5118 رپيا، 12 آنا ۽ ڇھ پائيون ٿي.

1853-54ع ۾ ميونسپل ڪميشن جي آمدني 14900 رپيا ۽ خرچ 10146 ٿيو.

1856-57ع ۾ آمدني 38321 رپيا ۽ خرچ 34350 ٿيو.

1858-51ع ۾ آمدني 60838 رپيا جڏهن ته خرچ 52053 هو. 1860ع ۾ پهريون ڀيرو مالياتي معاملن تي هڪ مينيجنگ ڪاميٽي ٺاهي ويئي اها ڪاميٽي اڄ به اسٽينڊنگ ڪاميٽي جي نالي سان موجود آهي.

1857ع کان اڳ ڪراچي ۾ گندي پاڻي جي نيڪالي جو ڪوبه انتظام نه هو. 1857ع ۾ پهريون ڀيرو گندي پاڻي جي نيڪالي لاءِ کوھ کوٽيا ويا. انهن کوهن کي ميونسپلٽي پاران پڪو ڪيو ويو. پر وڌندڙ آباديءَ جي ڪري اهي گهٽ هئا ۽ اهو ڪو مستقل حل به نه هو. جنهن ڪري گندي پاڻي جي نيڪالي جي هڪ جديد اسڪيم تيار ڪئي ويئي. حڪومت جي منظوري کان پهرئين مشهور ڪمپني شون سيوريج سسٽم جي پيش ڪندڙ مسٽر شون ۽ مسٽر اولٽ سان مشورو ڪيو ويو. انهن ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ 16 مارچ 1891ع ۾ ان کي عمل جوڳو قرار ڏنو ويو. ان ڪانپوءِ ڪراچي پراڻي شهر، بندر روڊ، مڇي مياڻ، رام باغ، نيپئر روڊ، پراڻي جيل جي حصن ۾ ان اسڪيم تي ڪم شروع ڪيو ويو. 1892ع کي ان اسڪيم کي مڪمل ڪيو ويو. جنهن تي خرچ 5,97,000 آيو. ميونسپلٽي وٽ ايترو بجيٽ نه هو جنهن لاءِ هن کي حڪومت کان قرض وٺڻو

پيو. ان اسڪيم تحت گندي پاڻي کي استعمال ڪرڻ لاءِ لياري نئين لڳ گٽر باغيچو ناهيو ويو ۽ ان جي پاڻي کي ندي ۾ وجهي ان کي گندي ڪرڻ بجاءِ الڳ باغ ناهيو ويو ۽ ان جو پاڻي پمپ وسيلي ان باغ ۾ آندو ويندو هو ۽ هتي پوک ڪئي ويندي هئي. اهو فارم پراڻي گوليمار جي سامهون اولهه پاسي ۽ ميوا شاهه قبرستان لڳ اڄ به موجود آهي.

1893ع ۾ پوري شهر، ڪلفٽن ۽ ڪياماڙي سميت گندي پاڻي جي نيڪالي هڪ ٻيو منصوبو ميونسپلٽي جي چيف انجنيئر مسٽر اسٽريچن تيار ڪيو. هن تي خرچ جو ڪاتو 1992959 رپيا لڳايو ويو. ڪراچي ۾ 1897ع ۾ طاعون جي بيماري ڦهلجڻ ڪري ان منصوبي تي ڪم روڪيو ويو. طاعون جي نتيجي ۾ ڪراچي ۾ ان سال 3387 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. 1902ع ۾ ٻيهر هن اسڪيم تي ڪم شروع ڪيو ويو. انجنيئر مسٽر اسٽريچن ميونسپلٽي ڇڏي چڪو هو. جي جاءِ تي آيل انجنيئر مسٽر فوريسٽ برٽن ان اسڪيم جو نگران هو. مالي وسيلن جي گهٽتائي ڪري ميونسپلٽي اپريل 1905ع ۾ پاڻي جي ٽيڪس جي مد ۾ هڪ سيڪڙي جو واڌارو ڪيو. حڪومت کان قرض به حاصل ڪيو ۽ جلدي صدر بازار، پريڊي، رنڇوڙ لائين، رامسوامي، ميڪلوڊ روڊ، جيل ڪوارٽرز جي علائقي ۾ گندي پاڻي جي نيڪالي جي اسڪيم مڪمل ڪئي ويئي.

1911ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽي جي نئين انجنيئر مسٽر ميشم لي سول لائنز جي علائقي لاءِ سيوريج اسڪيم تي ڪم شروع ڪيو. ان تي ڪم 1912ع ۾ شروع ٿيو ۽ 1917ع ۾ مڪمل ٿيو جنهن تي 554000 رپيا خرچ آيو. جنهن لاءِ ڪوئنز روڊ جي پل جي ويجهو هڪ ايئر ڪمپريشر اسٽيشن اڏيو ويو جنهن لاءِ چنيسر ڳوٺ ويجهو هڪ گٽر باغيچو تيار ڪيو ويو. شون گروپ شهر ۾ گندي پاڻي جي نالين جي نگراني ڪري رهيو هو اهو پاڻي پهرئين کوهن ۾ جمع ڪري پوءِ پريشر پمپن وسيلي اهو پاڻي لياري ۽ چنيسر ڳوٺ گٽر باغيچي ۾ آندو ويندو هو. جتي گاهه ۽ سبزيون پوکيون وينديون هيون ۽ انهن جي گند مان پاڻ تيار ڪيو ويندو هو. هندستان ۾ گندي پاڻي جي نيڪالي لاءِ مشيني سسٽم جو پهرئين شروعات ڪراچي ۾ ٿي. هي سسٽم ورهاڱي کانپوءِ به ڪم ڪري رهيو هو. چنيسر ڳوٺ گٽر فارم کي ختم ڪيو ويو. ان وقت ڪراچي جي سيوريج جو پاڻي لياري، ملير، ٿڏو ۽ ٻين نئين وسيلي سمنڊ ۾ ڇڏيو وڃي ٿو. ان وقت ڪراچي جا سيئي ڊورا ۽ نئيون گٽر نالن ۾ تبديل ڪيا ويا.

1859ع ۾ ڪميشن کي شهر کي پاڻي فراهم ڪرڻ جي مڪمل ذميداري ڏني ويئي. 1860ع ۾ ميونسپل جي عهدن ۾ ردوبدر ڪئي وئي. جنهن تحت ڪلڪٽر ڪراچي کي ميونسپلٽي جو صدر مقرر ڪيو ويو. ان کان اڳ ڪمشنر سنڌ ميونسپلٽي جو صدر هوندو هو. ان جي اختيار ۾ پوري

سنڌ شامل هئي. جنهن جي ڪري ڪمشنر سنڌ وٽ ايترو وقت نہ هو، جو هو ميونسپلٽي کي وقت ڏيئي سگهي جنهن جي ڪري ميونسپلٽي جو ڪم متاثر ٿي رهيو هو.

1853ع کان 1859ع تائين ميونسپل ڪميشن روڊ ۽ ننڍا پل تعمير ڪرايا. پهريون روڊ جيڪو ميونسپل ڪميشن پڪو ڪيو اهو لالا بهرام اسٽريٽ جيڪو پراڻي مارڪيٽ کان لياري ندي تائين هو. هن زماني ۾ لياري ندي انهيءَ مارڪيٽ جي ويجهو وهندي هئي. انهيءَ روڊ جي اڏاوت تي 413 رپيا خرچ آيو. هڪ ٻيو رستو باٿ آءِ لينڊ ۾ گهوڙن سوارن لاءِ اڏيو ويو. ايلفسٽن پل ۽ رام باغ ۾ بہ هڪ ننڍي پل نهرائي وئي. ايلفسٽن پل تي 4470 ۽ رام باغ پل تي 299 رپيا خرچ آيو.

ميونسپلٽي پاران ڪراچي ۾ رهائشي مسئلي کي ڏسندي ڪراچي سٽي ريلوي اسٽيشن لڳ پلاٽ خريد ڪيو ويو، جتي سنڌ ڪمپني نالي اداري پلاٽ پنهنجن آفيسرن لاءِ خريد ڪيا. جنهن جو منصوبو هڪ اڏاوتي ڪمپني جي اڳواڻ مسٽر ٽي. جي نيوهام تيار ڪيو هو. جتي ڪراچي ۾ پهريون ڀيرو يورپي طرز اڏاوت تي بہ ماڙ گهر ناهيا ويا. ان ڪانپوءِ ريمپارٽ روڊ تي بہ جديد گهر اڏيا ويا.

1862ع ۾ هندستان سرڪار جي هڪ حڪم نامي موجب تمام ميونسپل ادارن ۾ حڪومت پاران مقرر ڪيل نمائندن جي حد، ڪل ميمبرن جي هڪ پاڱي چار مقرر ڪيو ويو.

1863ع ۾ ڪراچي ميونسپل ڪميشن شهر ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ خاص ڪري چورين کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس جو ڪاتو قائم ڪيو. اهڙي طرح ڪراچي ۾ انتظامي ڪنٽرول ۽ پوليس ڪاتو ميونسپلٽي جي انتظام هيٺ شروع ٿيو ۽ انهيءَ سال ڪميشن پهريون ڀيرو ڪراچي شهر ۾ هائوس ٽيڪس بہ لڳايو.

1865-66ع ۾ ميونسپلٽي جي آمدني ۽ خرچ ۾ توازن برقرار نہ رهيو. آمدني 236000 ۽ خرچ 259841 هو ۽ پهريون ڀيرو آمدني کان خرچ گهٽو ٿيو جنهن کوٽ کي حڪومت پنهنجي واڌو فنڊ مان پورو ڪيو.

1872ع ۾ حڪومت پاران هڪ حڪم وسيلي ڪراچي ميونسپل کي بجيٽ ناهڻ لاءِ چيو ويو. اهڙي طرح 1872ع ۾ باقاعده بجيٽ جو رواج شروع ڪيو ويو. جنهن ۾ آمدني ۽ خرچ جا مڪمل تفصيل ڏار ڏار ناهيا ويا. ميونسپلٽي جي آمدني جو وڏو وسيلو بندر تي لهندڙ سامان خاص ڪري شراب ۽ تيزاب تي ٽيڪس مان وصول ٿيندو هو. جنهن تي بندر وارن واپارين احتجاج ڪيو. پر حڪومت واپارين جي هن پهرئين احتجاج کي رد ڪيو.

1884ع ۾ حڪومت ڪراچي ميونسپلٽي جي قانون ۾ ترميم ڪري اڏ ميمبر عوام جي ووٽن وسيلي چونڊڻ جو طريقو متعارف ڪرايو ۽ ميمبرن جو تعداد 24 مان وڌائي 32 ڪيو ويو. جنهن ۾ 8 يورپين ۽ 24 مقامي ماڻهو هئا. ووٽ ڏيڻ ۽ اليڪشن ۾ بيهڻ جو حق فقط ٽيڪس ڏيندڙن، خان بهادرن، راءِ بهادرن ۽ 15 سئو رپيا ماهوار پينشن حاصل ڪندڙ ريٽائر سرڪاري ملازمن کي هو. چونڊ وسيلي 16 ماڻهو چونڊيا ويندا هئا ۽ باقي 16 حڪومت پاران نامزد ڪيا ويندا هئا.

هن ترميم کان پوءِ ڪراچي جي تاريخ ۾ پهرئين مڪاني چونڊون پهرئين نومبر 1884ع ۾ ٿيون. جنهن لاءِ ڪراچي شهر کي 16 وارڊن ۾ ورهايو ويو. هر وارڊ مان هڪ ماڻهو جي چونڊ ڪئي ويئي. ڪمشنر ڪراچي 8 ڊسمبر 1884ع ۾ چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪيو. انهن چونڊن جي نتيجي ۾ پهرئين جنوري 1885ع ۾ ميونسپلٽي جي نئين انتظاميا پنهنجو ڪم شروع ڪيو. ڪراچي جي تاريخ ۾ ٿيندڙ پهرئين مڪاني چونڊن تي ڪل ٻارنهن لک 87 هزار هڪ سئو ٽيهه رپيا خرچ ٿيو.

1884ع ۾ ڪراچي شهر جي ڪل آبادي 68332 هئي ۽ ووٽرن جو تعداد 1666 هو جنهن مان 375 مسلمان، 864 هندو هئا، باقي ووٽر عيسائي پارسي ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو هئا. هن کان اڳ 1883ع ۾ ميونسپلٽي پيئڻ جي پاڻي جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪراچي شهر کان 19 ميل پري ملير واري علائقي ڊملوٽي ۾ ٻه کوهه کوٽيا ۽ انهن جو پاڻي پائيپ وسيلي ڪراچي پهچايو ويو.

ميونسپلٽي جي قانون ۾ ترميم کان پوءِ هن جي اختيارن ۾ خاص ڪري، شهر جا رستا ناهڻ، رستن تي روشني جو انتظام ڪرڻ، پراڻن قبرستانن جن ۾ وڌيڪ مردن جي دفن ڪرڻ جي گنجائش نه هئي انهن کي بند ڪرڻ ۽ نون قبرستانن لاءِ زمين الاٽ ڪرڻ، پارڪ اڏڻ، اسڪول، اسپتال ۽ راندين لاءِ ميدان ناهڻ، پلن، مارڪيٽن جي اڏاوت، گندي پاڻي جي نيڪالي ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جو بندوبست جهڙا اختيار شامل هئا.

ڪراچي ميونسپل ڪميشن پنهنجي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ٻين سان گڏ شهرين جي علاج ۽ صحت طرف به ڌيان ڏنو جنهن لاءِ مختلف علائقن ۾ ڊسپنسريون قائم ڪيون ويون. انهن ۾ ايدلجي ڊنشا، جعفر فدو، ساڌو هيراند جهڙا ماڻهو شامل هئا. جن پنهنجي خرچ تي اسپتالون ناهي ميونسپلٽي جي حوالي ڪيون. 1880ع ۾ ڪراچي ۾ لازمي ٽڪا لڳائڻ جنهن کي Vaccination Act-iv of 1879 compulsory چيو ويندو هو، نافذ ڪيو ويو. جنهن لاءِ الڳ ادارو قائم ڪيو ويو. هن وقت صحت کاتو حڪومت جي حوالي هو، پر ميونسپلٽي به صحت لاءِ ڪوششون ڪيون. سرهندي وارن ماڻهن ڊسپنسرين قائم ڪرڻ لاءِ مدد به ڪئي. ميونسپلٽي پاران هن زماني ۾ هيلٿ آفيسر به مقرر ڪيل هو. جنهن جو نالو ڊاڪٽر اي.ڊي شروف هو.

1876ع کان 1886ع تائين ڏهن سالن ۾ ميونسپلٽي جي اوسط سالاني آمدني 267442 رپيا ۽ اوسط خرچ 232200 هو. 1886ع ۾ ميونسپلٽي لوهه، هوزري جي سامان ۽ ريشم تي چنگي ختم ڪري ڇڏي ۽ انهيءَ سال ٻاهرين ملڪ مان ايندڙ ڪنڊ تي چنگي لاڳو ڪرڻ سان گڏ تازن ۽ خشڪ ميون تي ٽيڪس لاڳو ڪيو ويو. شهر جي گهرن تي لڳل ٽيڪس ۾ به 2 کان 3 سيڪڙو واڌارو ڪيو ويو. انهيءَ سال پوليس کاتو، بندرگاهه جو انتظام، گاڏين کي رجسٽرڊ ڪرڻ جا اختيار به ميونسپلٽي جي حوالي ڪيا ويا.

1870ع ۾ ميونسپلي بندرگاهه کي شهر سان ملائڻ لاءِ بندر روڊ تعمير ڪيو. 1891ع ۾ پيهر بلدياتي چونڊون ٿيون. ڪراچي جي سورنهن وارڊن مان هينيان 16 ڪمشنر چونڊجي آيا.
(1) اوڌارام مولچند (2) هوتچند خوشلداس (3) الومل ٽيڪم داس (4) شيورام (5) دولت رام جيٺمل (6) ڊوسا ڪليانجي (7) گدومل ليڪراج (8) جعفر فدو (9) ايدلجي ڊنشا (10) ولي محمد حسن علي (11) صالح محمد عمر ڊوسل (12) جوزف ڊي. سوزا (13) آر. ايچ اليگزينڊر (14) نادر شاهه ايدلجي (15) هرچند راءِ وشنداس (16) نهل رام ڪيم چند.
حڪومت پاران ناميل ميمبرن جا نالا هينين ريت هئا. (1) مسٽر ميجر ڪلوگري (2) مسٽر جيم ڪوري (3) ڪرنل اي. ڪوري (4) مسٽر وي. ڊي بور (5) مسٽر بي. ٽي فنچ (6) مسٽر ايچ. ايف بريسن (7) ميجر راڊن ريلي (8) مسٽر اسپيچ لي (9) مسٽر جهانگير ڪوناري (10) مسٽر ايچ. آر رستم جي (11) مسٽر ساهنج رام گنگاڌر (12) مسٽر شيوڪ رام اوتاري (13) مسٽر بهادر دوست محمد (14) مسٽر بهادر عمر خان (15) سيد الله اوپايو شاهه (16) مسٽر مُکي رمضان.
آڪٽوبر 1910ع ۾ ميونسپلٽي ايڪٽ ۾ ترميم ڪيو ويو. جنهن مطابق ميونسپل ڪميشن جو صدر حڪومت پاران نامزد سرڪاري آفيسر نہ هوندو هو پر اهي اختيار ميونسپلٽي کي ڏنا ويا تہ ان جا ميمبر پنهنجي صدر جي چونڊ پاڻ ڪندا. هن وقت ميونسپلٽي جي ميمبرن جو تعداد 32 مان وڌائي 36 ڪيو ويو. جنهن مان 24 سڌي چونڊ وسيلي چونڊيا ويندا هئا ۽ 12 ناميل ميمبر هوندا هئا جيڪي حڪومت پاران مقرر ڪيا ويندا هئا. ڪراچي ميونسپلٽي جو پهريون چونڊيل صدر مسٽر چارلس ميولز هو ۽ اهو آخري نامزد صدر بہ هو.
1904-05ع ميونسپلٽي جي آمدني 1755237 ۽ خرچ 1684134 هو.
1847ع کان اڳ ڪراچي ۾ رستن ۽ گهٽين ۾ روشني جو ڪو بندوبست نہ هو ۽ ڪنزرويينسي بورڊ 1847ع ۾ شهر جي رستن جي ڪناري روشني جو بندوبست ڪيو هو. 1852ع ۾ انهن جي انتظام کي بهتر بنايو ويو ۽ انهن جو تعداد وڌايو ويو. شروع ۾ ناريل جي تيل سان انهن بتين

کي روشن ڪيو ويندو هو پر ملازمن پاران تيل جي چوري ڪانپوءِ گاسليٽ استعمال ڪيو ويو. ناريل جي تيل ڪري ماحول گدلاڻ کان پاڪ رهندو هو. 1883ع ڪانپوءِ ناريل جي تيل جي جاءِ تي گاسليٽ جو استعمال شروع ڪيو ويو. هن وقت ڪراچي جي سٺ ميل ڊگهن رستن تي هڪ هزار کان مٿي بتيون لڳايون ويون. شهر جي وڏن چوراهن تي ۽ ڪجهه رستن تي گيس جون بتيون لڳايون ويون هيون. جنهن جي ڪري ٻن فرلانگ تائين جو علائقو روشن ٿي ويندو هو. انهن جي تيل جي ٽانڪي زمين ۾ پوريل هوندي هئي. شام ٿيندي ئي ڪراچي ميونسپلٽي جو عملو انهن کي صاف ڪري تيل ڀري ٻاريندا هئا.

1913ع ۾ ميسرز فاربس ڪيمپ بيل ڪمپني ڪراچي ۾ اليڪٽرڪ ڪارپوريشن قائم ڪئي. هن ڪمپني کان يونائيٽيڊ ايسٽرن ايجنسي اليڪٽرڪ جو پورو ڪاروبار خريد ڪري ورتو ۽ ائين پهرئين مهاڀاري لڙائي کان اڳ ڪراچي ۾ بجلي اچي ويئي. ڪراچي ۾ بجلي جو پهريون ڪنيڪشن جهانگير ڪوٺاري بلڊنگ کي ڏنو ويو. لي مارڪيٽ واري علائقي ۾ بجلي 1923ع ۾ اچي ويئي. هن کان اڳ 1902ع ۾ سنڌ ڪلب وارن پاران جنريٽر استعمال ڪري بلب روشن ڪيو ويو هو.

1925ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽي جي ريڪارڊ موجب بجلي جا بلب تيل ۽ گيس سان هلندڙ بتين جي صورتحال هيٺين ريت هئي.

| | |
|---|---|
| بجلي جا بلب | 389 |
| تيل سان ٻرندڙ بتيون | 1242 |
| گيس سان ٻرندڙ بتيون | 353 |
| ڪٽسن لئمپ | 211 |
| ٽوٽل | 2195 |

ميونسپلٽي جي رپورٽ موجب سال 1945ع تائين ڪراچي ۾ 3491 اسٽريٽ لائٽس هئا. جنهن تي ساليانو بجلي جو خرچ 235230 يونٽ هو. 1947ع تائين ڪراچي ۾ بجلي لاءِ 15 هزار گهريلو ۽ واپاري ڪنيڪشن ڏنل هئا. جنهن تي 55 هزار يونٽ بجلي روزانو استعمال ٿيندي هئي. هن وقت تائين گهريلو بجلي استعمال ڪندڙن کان ٻه پئسا ۽ واپاري مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ کان هڪ آنو في يونٽ جي حساب سان بل ورتو ويندو هو. اها پوري بجلي ڪراچي اليڪٽرڪ ڪارپوريشن جي ڪچهري روڊ تي قائم پاور هائوس ۾ پيدا ٿيندي هئي. بجلي جي استعمال لاءِ ميونسپلٽي ڪراچي اليڪٽرڪ ڪارپوريشن کي ماهوار 35 هزار ادا ڪندي هئي.

1921ع ۾ ميونسپل ايڪٽ ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويئي ۽ ننڍي ڪنڊ جي وڏن شهرن ۾ قائم ميونسپلٽين کي ۽ آباديءَ جي بنياد تي ڪارپوريشنن جو درجو ڏنو ويو. هن وقت پوري هندستان ۾ فقط ٽن شهرن مدراس، ممبئي ۽ ڪلڪتا ۾ ڪارپوريشنون قائم ٿي چڪيون هيون. پهرئين نومبر 1933ع ۾ ڪراچي کي ميونسپل ڪميشن کي ڪارپوريشن جو درجو ڏنو ويو ۽ هن ترميم ڪانپوءِ صدر جي جاءِ تي چونڊيل ميئر ڪارپوريشن کي هيٺين اٺن واردن ۾ ورهايو ويو.

پراڻو شهر، نيپئر روڊ، لي مارڪيٽ، جوڙيا بازار، کارو در ۽ مٺو در.

بندرگاهه وارو علائقو، مارڪيٽ ڪواٽرز ۽ پراڻي جيل جو علائقو.

رام باغ، گاڏي کاتو، آرٽيلري ميدان ۽ سرائي ڪواٽرز.

رامسوامي ڪواٽرز ۽ رنڇوڙ لائين وارو علائقو.

ميچي مياڻ، لياري ڪواٽرز، ماڙي پور ۽ مواچ جو علائقو.

ٿهل رام مسافر خاني وارو علائقو، لارنس روڊ، گارڊن ڪواٽرز، جمشيد ڪواٽرز، سولجر بازار، پريڊي اسٽريٽ، صدر بازار، هرچند راءِ وشنداس ڪواٽرز.

ريلوي لائنز، سول لائنز، ڪوئنز لائنز روڊ، فريئر هال، باٿ اءِ ليند، ڪلفٽن، گسري وليج، چنيسر گوٺ ۽ ٽنو ناڪو.

بابا ڀٽ بيٽ، شمس بيٽ ۽ ڪياماڙي جو علائقو.

نئين ترميم ٿيل ايڪٽ ڪانپوءِ 8 نومبر 1933ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ جمشيد نسروانجي ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو پهريون ميئر چونڊجي آيو. ميمبرن جو تعداد 36 مان وڌائي 64 ڪيو ويو. جنهن مان 49 ميمبر سڌي ووٽن وسيلي چونڊيا ويا ۽ باقي 15 ميمبر حڪومت پاران نامزد ڪيا ويا هئا.




**ڪراچي ميونسپلٽي جا وارڊ 1900ع**

جمشيد نسروانجي جيڪو ڪراچي ميونسپل ڪميشن جو آخري صدر به هو. هو مشهور سماجي ڪارڪن ۽ انسان دوست مخلص ماڻهو هو ڪيترين اسپتالون فلاحي ادارا قائم ڪيا ۽ ان جي دور ۾ ڪراچي جي رستن کي ڌوئڻ جو رواج شروع ڪيو ويو جيڪو ورهاڱي تائين جاري رهيو. ورهاڱي کان اڳ سڀ کان گهڻا ڀيرا ميمبر چونڊجڻ جو اعزاز ڪانگريس جي ليڊر مسٽر آر. ڪي سڌاوا کي حاصل هو. هي 26 سال تائين مسلسل ڪراچي ميونسپلٽي جو چونڊيل ميمبر رهيو ۽ مئي 1939ع کان مئي 1940ع تائين ڪارپوريشن جو ميئر به رهيو. مختلف وقت ۾ ميونسپلٽي جي ميمبرن ۾ واڌارو ٿيندو رهيو. 1947ع تائين ڪراچي ميونسپلٽي جا ڪل ميمبر 73 هئا. ورهاڱي کان اڳ ميونسپلٽي ۾ به مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو سياسي اثر رهيو پر تمام ميمبرن ۾ ايڪو قائم هو. جنهن جو مثال ان ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو ۽ اهو گڏيل طور تي طئي ڪيو ويو ته هڪ سال هندو ميئر هوندو ته ٻئي سال مسلمان ۽ ٽئين سال پارسي يا عيسائي ميمبر ميئر منتخب ڪيو ويندو هو. 47- 1946ع ۾ ميونسپلٽيءَ جي ملازمن جو تعداد 4085 هو. جن کي 20 لک رپيا ماهوار ادا ڪيو ويندو هو.

ورهاڱي وقت ڪراچي جو ميئر حڪيم محمد احسن هو جيڪو حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو فرزند هو. هو مئي 1947ع کان مئي 1948ع تائين ميئر رهيو. هن قائداعظم کي 14 آگسٽ 1947ع تي ڪراچي شهر اچڻ تي شهرين پاران ڀليڪار چيو ۽ 25 آگسٽ 1947ع تي ڪراچي ميونسپلٽي پاران قائداعظم کي ڪراچي جي شهرين پاران ڪارپوريشن جي آفيس بندر روڊ تي آجياڻو ڏنو ويو. 8 جولائي 1948ع ۾ ڪارپوريشن کي ٽوڙيو ويو.

1951ع ۾ ڪائونسلرن جو تعداد 73 مان وڌاءِ 100 ڪيو ويو.

1953ع ۾ ورهاڱي کانپوءِ پهريون چونڊون ٿيون ۽ 1954ع ۾ 100 ميمبرن تي ٻڌل پهرئين چونڊيل ڪارپوريشن قائم ٿي ۽ 19 جنوري 1954ع ۾ محمود اي هارون ڪارپوريشن جو ميئر چونڊجي ويو ۽ حلف کڻي هن ڪم شروع ڪيو.

16 جون 1958ع تي جناب ايس. ايم توفيق ميئر چونڊجي آيو ۽ 16 آڪٽوبر 1958ع مارشل لا تائين ڪارپوريشن جو ميئر رهيو. 16 آڪٽوبر 1958ع ۾ ڪارپوريشن کي ٽوڙيو ويو. 1958ع کان 1960ع تائين ڪارپوريشن جا اڳواڻ ميونسپل ڪمشنر هوندا هئا. ايوب خان بنيادي جمهوريتن جو نئون بلدياتي آرڊيننس 1959ع تائين متعارف ڪرايو ويو. جنهن تحت بلديا ڪراچي کي ميونسپل ڪاميٽي جو درجو ڏنو ويو. جنهن جو چيئرمين سرڪار پاران سرڪاري ماڻهو نامزد ڪيو ويندو هو ۽ وائيس چيئرمين هائوس مان چونڊيل ۽ نامزد ميمبر گڏجي چونڊيندا هئا. اها ڪائونسل 30 چونڊيل ۽ 28 ٽاڦيل ڪائونسلرن تي ٻڌل هئي ۽ انهيءَ آرڊيننس موجب ممتاز احمد ميونسپلٽي جو پهريون چيئرمين حڪومت مقرر ڪيو. 14 نومبر 1960ع تي ايوان وائيس چيئرمين جي چونڊ ڪئي. هن وقت ڪم کي هلائڻ لاءِ پنج ذيلي ڪاميٽيون (1) مالياتي ڪاميٽي (2) صحت ڪاميٽي (3) تعليم ۽ سماجي ڀلائي واري ڪاميٽي (4) منصوبہ بندي ۽ ترقياتي ڪاميٽي (5) اڏاوتن ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي جوڙيون ويون.

5 مارچ 1960ع ۾ ٻيهر چونڊ وسيلي چونڊجي آيل ميمبرن وائيس چيئرمين جي چونڊ ڪئي. بنيادي جمهوريت جي آرڊيننس مجريہ 1959ع جي تحت بنيادي جمهوريت وارو نظام ايوب خان لاڳو ڪيو هو. جنهن تحت 14 نومبر 1960ع کان 15 جون 1971ع تائين بلديا ڪراچي جا ٻہ ايوان منتخب ٿيا. ياد رهي تہ 22 مئي 1948ع کان 1959ع تائين تمام جمهوري، قانوني ۽ اخلاقي اصولن کي پاسيرو ڪري ڪراچي کي وفاقي حڪومت جي ڪنٽرول ۾ ڏنو ويو. انهيءَ دوران صرف ڪارپوريشن جي حدن ۾ چونڊون ٿيون. ڪراچي ڀرواڙيءَ جا گهڻا علائقا ڪراچي ۾ شامل نہ ڪيا ويا ۽ هتي ڪا بہ چونڊ نہ ٿي.

15 جون 1971ع ۾ ايوب خان جو بنيادي جمهوريت (بي. ڊي) جو نظام ايوب خان سان ختم ٿي ويو ۽ ايوان ڪي ختم ڪيو ويو. ان وقت مسٽر ابرار حسن خان جيڪو سرڪاري ڪامورو هو چيئرميني جي عهدي تي وينل هو. بعد ۾ چيئرمين جي جاءِ تي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيا ويا ۽ ابرار حسن خان کي ئي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. اهو سلسلو نومبر 1979ع تائين جاري رهيو.




**ڪراچي ميونسپلٽي جو نقشو 1948ع**

1972ع ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ سنڌ مقامي حڪومت ايڪٽ 1972ع ۾ هن جو نالو ”پيپلز ميونسپل ڪارپوريشن ڪراچي“ رکيو ويو. ان پوري دور ۾ چونڊون نه ڪرايون ويون ۽ سيئي بلدياتي ادارا ايڊمنسٽريٽرن جي رحم وڪرم تي هئا. 1975ع ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو درجو وڌائي هن کي ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جو درجو ڏنو ويو. 5 جولاءِ 1977ع تي جڏهن جنرل ضياءُ الحق، ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو. ضياءُ الحق جي دور ۾ 1979ع ۾ پوري ملڪ ۾ مڪاني حڪومت جي نظام لاءِ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979ع هر صوبي لاءِ الڳ الڳ جاري ڪيو ويو. جنهن تحت ٻهراڙين ۾ يونين ڪائونسلون، ٽائون ڪميٽيون ۽ ضلعي ڪائونسلون قائم ڪيون ويون. شهرن ۾ ميونسپل ڪاميٽيون، ميونسپل ڪارپوريشنون قائم ڪيون ويون. ڪراچي جي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي درجي کي برقرار رکيو ويو. جنهن ۾ ميمبرن جو انگ 100 مان وڌائي 150 ڪيو ويو. جڏهن ته

16 مخصوص سيٽون رکيون ويون جنهن مان اٺ عورتن جون سيٽون مقرر ڪيون ويون. اهڙي طرح هي ايوان 166 ميمبرن تي ٻڌل هو. 9 نومبر 1979ع ۾ بلديا ڪراچي جي چونڊيل ايوان ۾ ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊ ٿي جنهن جي نتيجي ۾ لياري سان تعلق رکندڙ جماعت اسلامي جو عبدالستار افغاني ميئر ۽ عمر يوسف ڊيڊا ڊپٽي ميئر چونڊيا ويا. انهيءَ عرصي ۾ ڪراچي جي پيئڻ جي ۽ گندي پاڻي جي نيڪالي لاءِ ادارو ”ڪراچي واٽر ۽ سيوريج بورڊ“ قائم ڪيو ويو. ميئر هن اداري جو پهريون چيئرمين مقرر ٿيو. 29 سيپٽمبر 1983ع ۾ ٻئي ٽرم لاءِ چونڊون ٿيون ان وقت ميمبرن جو تعداد وڌايو ويو. تعداد 202 ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ عورتن لاءِ 20 سيٽون، مردن لاءِ 10 سيٽون مخصوص ڪيون ويون. اهڙي طرح نئون ايوان 232 ميمبرن تي ٻڌل هو.

7 نومبر 1983ع ۾ ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر جماعت اسلامي جو عبدالستار افغاني ميئر ۽ عبدالخالق الله والا ڊپٽي ميئر چونڊجي آيا. نئين مقامي حڪومتن جي قانون تحت ڪراچي جي سطح تي ڪم ڪندڙ تمام بلدياتي ادارن تي ٻڌل هڪ ڊويزنل رابطا ڪاميٽي جوڙي ويئي. هن جو مقصد شهر ۾ ڪم ڪندڙ تمام بلدياتي ادارن جي وچ ۾ رابطو قائم ڪرڻ هو. هن جي چيئرمين جي چونڊ بلدياتي ڪائونسل مان ڪئي ويندي هئي ۽ 9 سيپٽمبر 1983ع تي مظفر هاشمي هن ڪاميٽي جو پهريون چيئرمين چونڊيو ويو. ڪراچي ڀراڙي مان ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين هن ڪاميٽي جو ميمبر هوندو هو.

18 جنوري 1984ع ۾ هڪ ڏکيي اجلاس ۾ جيڪو پنج ڪلاڪ جاري رهيو. جنهن ۾ ڪراچي ٽرانسپورٽ کي ڪارپوريشن جي هٿ هيٺ ڏيڻ جي گهُر ڪئي ويئي. ذيلي ڪاميٽي جو تعداد جيڪو 15 هو، وڌائي 18 ڪيو ويو. 202 پنجائت ڪاميٽين جي ميمبرن جي تعداد جو فيصلو ڪيو ويو. حڪومت کان ميئر ڪراچي شهر ۾ ترقياتي ڪمن کي انجام ڏيڻ لاءِ وڌيڪ اختيارن ۽ خاص ڪري موٽر وهيڪل ٽيڪس ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي ڏيڻ جي گهُر ڪئي.

1985ع ۾ ملڪ ۾ عام چونڊون ٿيون ۽ هميشه وانگر سنڌ حڪومت ۽ بلدياتي چونڊيل نمائندن وچ ۾ اختيارن لاءِ سرد جنگ جي شروعات ٿي. چاڪاڻ ته سنڌ حڪومت ۾ وڏو وزير سيد غوث علي شاهه مسلم ليگ جو هو ۽ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن تي ڪنٽرول جماعت اسلامي جو هو جن هڪ ٻئي کي برداشت نه ڪيو. ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن موٽروهيڪل ٽيڪس ۽ ڪارپوريشن کي وڌيڪ اختيار ڏيڻ ۽ اختيارن جي جرم ۾ سنڌ حڪومت کان استعفيٰ جي گهُر ڪئي.

12 فيبروري 1987ع تي مطالبن جي مڃتا لاءِ ميئر عبدالستار افغاني جي اڳواڻي ۾ ڪائونسلرن جو وفد جلوس جي شڪل ۾ ڪارپوريشن جي دفتر بندر روڊ کان سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ڏانهن

روانو ٿيو. هن وقت اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ هو. سنڌ اسيمبلي بلڊنگ جي سامهون ميئر ۽ ڪائونسلرن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ حڪومت سنڌ جي هڪ حڪم نامي موجب ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن کي معطل ڪيو ويو ۽ ان جي وهنوار هلائڻ لاءِ ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو.

سعيد احمد صديقي جيڪو سرڪاري آفيسر هو. 14 فيبروري 1987ع تي هن کي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ ڪائونسل کي ٽوڙيو ويو ۽ نامزد ميمبر مقرر ڪري ڪائونسل جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهن جا اختيار ايترا نہ هئا جيترا چونڊيل ڪائونسل کي حاصل هئا.

5 نومبر 1987ع تي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس ۾ ترميم ڪري ميٽرو پوليٽن کي ڇهن ميونسپل ڪاميٽين ۾ ورهايو ويو. چارئي ميونسپل ڪاميٽيون ڪراچي جي ڇئن ئي ضلعن ۾ قائم ڪيون ويون. زونل ميونسپل ڪاميٽين جا اڳواڻ چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين چونڊيا ويا. جڏهن تہ زونل ميونسپل ڪاميٽي جي ميمبرن مان ٻہ ڏهائي ميمبر ڪارپوريشن جا ميمبر منتخب ٿيا. بلدياتي ميمبرن جو تعداد 231 مقرر ڪيو ويو. جيڪو زونل ميونسپل ڪاميٽي ڏکڻ لاءِ 55، اولهہ لاءِ 39، سينٽرل لاءِ 65 ۽ اوڀر لاءِ 72 مقرر ڪيو ويو. بجيٽ لاءِ اهو طئي ڪيو ويو تہ 40 سيڪڙو ڪارپوريشن ۽ 60 سيڪڙو زونل ميونسپل ڪاميٽيون استعمال ڪنديون.

ان وقت ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جي ميمبرن جو تعداد 77 هو. جن مان 67 ميمبرن جي چونڊ زونل ميونسپل ڪاميٽيون ڪنديون هيون. باقي ڏهن مان 7 عورتن ۽ ٽي مزدورن لاءِ مخصوص سيٽون هيون. ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊ انهن 77 ميمبرن مان ڪئي ويندي هئي.

1987ع جي مقامي چونڊن جي نتيجي ۾ ڪراچي ۾ هڪ نئين طاقتور قوت ايم ڪيو ايم (مهاجر قومي موومينٽ) اڀري آئي. جماعت اسلامي کي پاسيرو ڪرڻ لاءِ ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم کي هٿ وٺي طاقتور بنايو ويو. هن قوت پوري شهري علائقن مان جماعت اسلامي ۽ مولانا نوراني جي پارٽي کي آئوٽ ڪري ڇڏيو. اها نئين قوت هندستان مان آيل مهاجرن جي نمائندگي ڪندڙ تنظيم طور الطاف حسين جي اڳواڻي ۾ اڀري آئي هئي. انهن چونڊن جي نتيجي ۾ ڪراچي ميٽرو پوليٽن جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر لاءِ 15 جنوري 1987ع ۾ چونڊ ٿي، تہ ڪراچي جي ميمڻ برادري جو 27 سالن جو نوجوان ڊاڪٽر محمد فاروق ستار ميئر ۽ عبدالرزاق خان ايڊوڪيٽ ڊپٽي ميئر لاءِ بنا ڪنهن مقابلي جي چونڊجي آيا. 1987ع وارن چونڊن ۾ ڪارپوريشن ڪراچي ۾ پهريون ڀيرو وڏي تعداد ۾ نوجوان چونڊجي آيا ۽ انهن جو واسطو مڊل ڪلاس سان هو.

1991ع ۾ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي بلديا ڪراچي ۾ ضم ڪيو ويو. حڪومت سنڌ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن سميت ٻن ميونسپل ڪاميٽين اوڀر ۽ سينٽرل کي بجيٽ جي

منظوري ۾ ناڪامي ڪانپوءِ معطل ڪري، 28 جولاءِ 1992ع تي هڪ سرڪاري آفيسر مرزا ڪريم بيگ کي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت ۾ پوري سنڌ ۾ بلدياتي ادارن کي ٿوڙي سرڪاري ڪامورن کي انهن جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو.

پيپلز پارٽي جي حڪومت 27 مئي 1994ع ۾ بينظير ڀٽو ڪراچي جي دوري دوران فهيم الزمان کي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو. جيڪو ايڌي فائونڊيشن جي هيليڪاپٽر جو پائليٽ هو ۽ ڪراچي جي بلدياتي تاريخ ۾ اهو پهريون شخص عوامي ايڊمنسٽريٽر هو. هن کان اڳ سيئي ايڊمنسٽريٽر سرڪاري ڪامورا هوندا هئا. 27 جولاءِ 1994ع ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ فهيم الزمان سنڌ حڪومت پاران زونل ميونسپل ڪاميٽي کي بلدياتي ڪراچي ۾ ضم ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

2 آگسٽ 1994ع ۾ سنڌ جي گورنر محمود اي. هارون سنڌ گورنمينٽ آرڊيننس ۾ ترميم ڪري ڪراچي جي زونل ميونسپل ڪاميٽين کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. فهيم الزمان 24 اپريل 1996ع تائين، ايڊمنسٽريٽر رهيو ۽ ٻيهر 30 آڪٽوبر 1999ع کان 12 فيبروري 2000ع ۾ به ايڊمنسٽريٽر رهيو.

1996ع ۾ حڪومت سنڌ اسيمبلي ۾ ملير ضلعي جي ٺهڻ لاءِ بل موڪليو جيڪو منظور ڪيو ويو ۽ ملير ڪراچي ڊويزن جو پنجون ضلعو بڻيو. هڪ ڀيرو ٻيهر ڪراچي ميٽرو پوليٽن ٽوڙي پنجن ضلعن تي پنج ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن (ڊي ايم سي) جي ناهڻ جو اعلان ڪيو ويو، جڏهن ته بلديا ڪراچي کي به ڪجهه اختيار ڏيئي بحال رکيو ويو. اهو نظام 14 آگسٽ 2001ع تائين جاري رهيو.

جڏهن 12 آڪٽوبر 1999ع ۾ پاڪستان ۾ هميشه وانگر ضرورت جي نظريئي تحت جمهوري حڪومت کي ختم ڪري. جنرل پرويز مشرف ملڪ جون واڳون سنڀاليون. ملڪ جي آئين کي معطل ڪيو ويو. جنرل پرويز مشرف چيف ايگزيڪٽو جو عهدو سنڀاليو ۽ چيف آف آرمي جو عهدو به پاڻ وٽ رکيو. جنرل پرويز مشرف به پنهنجي اڳوڻن فوجي حڪمرانن وانگر بنيادي جمهوريت جي ڳالهه ڪئي. بجاءِ پراڻي بلدياتي نظام جي خامين کي دور ڪرڻ جي هڪ نئون تجربو ڪيو ويو. نئون لوڪل گورنمينٽ نظام متعارف ڪرائڻ لاءِ اين. آر.بي (NRB)، (Devolution of Power Plan) ڊيوليشن آف پاور پلان تحت ضلعي حڪومتن جي فارمولي جو 23 مارچ 2000ع تي ڊرافٽ جو اعلان ڪيو.

جنهن تحت ٽن سطحن واري لوڪل گورنمينٽ نظام جو اعلان ڪيو ويو. (1) يونين ڪائونسل (2) ٽائون/ تحصيل ڪائونسل (3) ضلعي حڪومتون.

صوبن جي چئني گادي وارن شهرن ۾ شهر ضلعي حڪومت City District Government جو اعلان ڪيو ويو جنهن ۾ چيئرمين ۽ نائب چيئرمين جي بجاءِ ناظم ۽ نائب ناظم جي گڏيل جوڙي وارو نظام متعارف ڪرايو ويو. يونين ڪائونسل جا 21 ميمبر مقرر ڪيا جن ۾ 33 سيڪڙو عورتن لاءِ مخصوص ڪيو ويو. ليبر، هاري ۽ اقليتن لاءِ به سيٽون مخصوص ڪيون ويون. يونين ڪائونسل جي تمام ميمبرن، ناظم ۽ نائب ناظم جنهن لاءِ هڪ ووٽ هو. چونڊ سڌي طرح عوام جي ووٽن جي وسيلي ڪيو ويو. جڏهن ته تائون/ تحصيل ۽ ضلعي جي ناظمن ۽ نائب ناظمن، مخصوص ميمبرن جي چونڊ يونين ڪائونسل جي چونڊيل ميمبر وسيلي ڪئي ويئي. هر تائون/تحصيل ۾ هن جي حدن ۾ آيل يونين ڪائونسل جا چونڊيل ميمبر ۽ ضلعي تي سيئي يونين ڪائونسلن جا ميمبر ووٽ ڏيڻ جا حقدار هئا.

جولاءِ 2001ع ۾ يونين ڪائونسلن جون چونڊون ٿيون ۽ آگسٽ 2001ع ۾ تائون/تحصيل ۽ ضلعن ۾ چونڊون ٿيون. پوري ملڪ ۾ ڪنٽونمينٽ علائقن ۾ چونڊون نه ڪرايون ويون. جيڪي اجا تائين (2007) ۾ به بنا چونڊن جي هلي رهيون آهن. هن نظام تحت سنڌ ۾ 16 ضلعي حڪومتون، 86 تحصيل ڪائونسلون 18 تائون ڪائونسلون (صرف ڪراچي ۾) 1094 يونين ڪائونسل تي چونڊون ٿيون. نئون لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس (هر صوبي لاءِ ڌار) 2001ع جاري ڪيو ويو. جنهن تحت سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ 14 آگسٽ 2001ع کان نئين بلدياتي نظام پنهنجو ڪم شروع ڪيو.

ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن کي ختم ڪري هن جي جاءِ تي سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ناهيو ويو. ڪراچي جي پنجن ضلعن ملير، ڏکڻ اوڀر ۽ سينٽرل کي ختم ڪيو ويو. 1901ع کان ٻهراڙين ۾ قائم ضلعي ڪائونسل کي به ختم ڪيو ويو. ڪراچي کي شهري حڪومت جو درجو ڏنو ويو. ٻهراڙيون ختم ڪيون ويون. ڪراچي کي 178 يونين ڪائونسلن ۽ 18 تائونن ۾ ورهايو ويو.

پهرئين کي. ايم. سي، ضلع ڪائونسلن ۽ يونين ڪائونسلن جا پنهنجا بجيٽ هئا اهي ختم ڪيا ويا. هاڻي ضلعي حڪومتن، تائونن/ تحصيلن ۽ يونين ڪائونسلن کي صوبائي حڪومت کان گرانٽ ملندو آهي. لاڳو ٿيڻ کان وٺي 2007ع تائين لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001ع ۾ اٺ ترميمون ڪيون ويون آهن.

پوري ملڪ ۾ انگريزن جي دور کان نافذ انتظامي عهدا ختم ڪيا ويا. عدليا کي انتظاميا کان الڳ ڪيو ويو. ضلعي انتظام لاءِ ميونسپل ڪمشنر جي نالي کي تبديل ڪري ڊسٽرڪٽ آفيسر (D.C.O) ۽ تائون/تحصيل سطح تي تائون ميونسپل آفيسر (ٽي. ايم. او) جا عهدا ۽ نالا متعارف ڪرايا ويا.

ضلعي حڪومت جو نظام صوبائي حڪومت جي مقابلي ۾ هڪ ٻيو متبادل نظام طور ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن جي ڪري جڏهن صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جون چونڊون ٿيون ته اختيارن جي ورڇ، اقتدار جي جنگ ۾ ٻين معاملن تي هڪ نه ڪٺنڌڙ جهيڙو جاري آهي. ڇاڪاڻ ته ضلعي حڪومت، ٽائون/تحصيل ۽ يونين ڪائونسل تي هڪ پارٽي جي حمايت جا اميدوار ڪامياب ٿيا آهن، جڏهن ته صوبي ۾ ڪنهن ٻي پارٽي جي حڪومت آهي، قومي اسيمبلي ۾ اجا به ڪنهن ٽين پارٽي جو ميمبر چونڊجي اچڻ ڪري هن نظام ۾ ڏکيائون پيدا ٿي رهيون آهن. هن وقت جڏهن صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جون چونڊون نه ٿيون هيون ته ظاهر ۾ هي ڪامياب نظام هو.

ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم پهرئين بلدياتي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو. مقابلو جماعت اسلامي جي حمايتي الخدمت ۽ پيپلز پارٽي جي حمايتي گروپ عوام دوست ۾ ٿيو. 18 ٽائون مان پنجن تي عوام دوست جا ناظم ۽ نائب ناظم ڪامياب ٿيا. جڏهن ته ٻن تي ولي خان جي عوامي نيشنل پارٽي جا ۽ عوام دوست جا گڏيل اميدوار، 11 ٽائونن تي الخدمت جا ناظم ڪامياب ٿيا.

ڪراچي جي 18 ٽائونن ۽ 178 يونين ڪائونسلن ۽ سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ جي ناظمن، نائب ناظمن ۽ ڪائونسلرن جي جيڪا چونڊ ٿي انهن جو انگ ٿي هزار اٺ سئو ڪان وڌيڪ هو.

14 آگسٽ 2001ع ۾ ڪراچي ضلعي شهري حڪومت جي ميمبرن جي جوڙجڪ هيٺين ريت رهي. ڪل ميمبر 255 هئا.

| | | |
|---|---|---|
| .1 | يونين ڪائونسلن جا ناظم | 178 |
| .2 | عورتن جون مخصوص سيٽون | 59 |
| .3 | ورڪرز | 09 |
| .4 | اقليتي | 09 |
| | ٽوٽل | 255 |

پوري ملڪ وانگر 14 آگسٽ 2001ع تي ڪراچي جي سٽي حڪومت، ٽائونن ۽ يونين ڪائونسلن جي ناظمن ۽ نائب ناظمن حلف کنيو. ڪراچي جي سٽي ناظم لاءِ نعمت الله خان ايڊوڪيٽ (الخدمت گروپ) ۽ سندس نائب ناظم طارق حسن خان (مسلم ليگ ق) جو مقابلو تاج حيدر ناظم (عوام دوست گروپ) ۽ سيد حفيظ الدين جو مقابلو ٿيو. نعمت الله خان ڪراچي جو پهريون ناظم ۽ طارق حسن خان پهريون نائب ناظم چونڊجي آيا. اهڙي طرح 1987ع کانپوءِ ٻيهر ڪراچي جا بلدياتي ادارا جماعت اسلامي جي هٿ هيٺ آيا. 15 آگسٽ 2001ع تي چارج وٺي انهن ڪم شروع ڪيو. هن ڪائونسل جو مدو 2004ع ۾ پورو ٿيڻو هو. پر آرڊيننس ۾ ترميم ڪري هڪ سال وڌايو ويو. 2005ع تي ٻي ٽرم لاءِ بلدياتي چونڊون ڪرايون ويون. هن چونڊن ۾ متحده قومي موومينٽ

جيڪا حڪومت ۾ هئي پنهنجا اختيار استعمال ڪري ۽ حڪومت جي آشيرواد سان ڪراچي جي 18 ٽائونن مان 12 ٽائونن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. جڏهن ٽن ٽائونن گڏاپ، بن قاسم ۽ لياري تي پاڪستان پيپلز پارٽي جا حمايتي ۽ هڪ ٽائون ڪياماڙي تي مسلم ليگ (ق) جو ناظم ڪامياب ٿيو.




**ڪراچي 18 ٽائونن ۾ ورهايل (14 آگسٽ 2001ع)**

آرڊيننس ۾ ترميم ڪري يونين ڪائونسل جي ميمبرن جو انگ 21 مان گھٽائي 13 ڪيو ويو. جڏهن ته ٽائون/ تحصيل ۽ ضلعي سطح تي ناظم ۽ نائب ناظم جوڙي وارو سسٽم ختم ڪري ناظمن جي چونڊ تمام يونين ڪائونسلن جي ميمبرن وسيلي ڪئي ويئي. جڏهن ته نائب ناظم لاءِ اهو شرط هو ته هو هائوس ۾ چوندجي اچڻ کان پوءِ هائوس جا ميمبر هن جي چونڊ ڪندا.

سٽي ڊسٽرڪٽ حڪومت لاءِ متحده قومي موومينٽ جي حمايتي حق پرست گروپ جي سيد مصطفيٰ ڪمال جو مقابلو، الخدمت جي اڳوٽي ناظم نعمت الله خان سان ٿيو جنهن ۾ سيد مصطفيٰ ڪمال چونڊ کٽي ڪراچي شهر جو ناظم ٿيو. جڏهن ته هڪ مهيني کانپوءِ نائب ناظمن جون چوندون ٿيون. جنهن ۾ پهريون ڀيرو هڪ عورت نسرين جليل نائب ناظم طور ڪامياب ٿي جيڪا به حق پرست گروپ جي آهي. ٽائون جي ناظمن ۽ يونين ڪائونسل جي ناظمن نومبر 2005ع تي پنهنجي عهدي جو حلف کنيو. ڪراچي جي 18 ٽائونن مان ٻيو ڀيرو چوندجي اچڻ جو اعزاز

فقط هڪ ٽائون ناظم آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جو حمائتي غلام مرتضيٰ بلوچ ٻيو پيرو گڏاپ ٽائون جو ناظم چونڊجي آيو.

ڪراچي ڊويزن جو آخري ڪمشنر شفيق الرحمان پراچا هو جيڪو ڪراچي ضلعي شهري حڪومت جو پهريون ڊي. سي. او بہ مقرر ٿيو. ڪراچي جي 18 ٽائونن ۾ ان ۾ موجود يونين ڪائونسلن جا نالا هينين ريت آهن:

ڪنزروينسي بورڊ کان شهري ضلعي حڪومت تائين

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ڪياماڙي | ٻتا وليج<br>سلطان آباد<br>ڪياماڙي<br>بابا ڀٽ<br>مجر ڪالوني<br>ماڙي پور<br>شير شاهہ<br>گابو ٺٽ |
| 2 | سائيٽ | پاڪ ڪالوني<br>پراڻو گوليمار<br>جهان آباد<br>ميٽروول<br>پٺاڻ ڪالوني<br>فرنٽيئر<br>بنارس ڪالوني<br>قصبا ڪالوني<br>اسلاميا ڪالوني |
| 3 | بلديا | گلشن غازي<br>اتحاد ٽائون<br>اسلام نگر<br>نئين آبادي<br>سعيدآباد |

| | | |
|---|---|---|
| | | مجاهد ڪالوني<br>مهاجر ڪئمپ<br>رشيد آباد |
| 4 | اورنگي | مومن آباد<br>هريانا ڪالوني<br>حنيف آباد<br>محمد نگر<br>مدينا ڪالوني<br>غازي آباد<br>چشتي نگر<br>بلال ڪالوني<br>اقبال بلوچ ڪالوني<br>گبول ڪالوني<br>داتا نگر<br>مجاهد ڪالوني<br>بلوچ ڳوٺ |
| 5 | لياري | آگرا تاج ڪالوني<br>دريا آباد<br>نوان آباد<br>ڪڇو ميمڻ سوسائٽي<br>بغدادي<br>شاهه بيگ لائين<br>بهار ڪالوني<br>رانگي واڙو<br>سنگو لائين<br>چاڪيواڙو<br>علامه اقبال ڪالوني |
| 6 | صدر | پراڻو ڪئمپ |

| | | |
|---|---|---|
| | | گارڊن<br>ڪارو در<br>سٽي ريلوي ڪالوني<br>نانڪ واڙو<br>گذدر آباد<br>ملت نگر اسلام پور<br>صدر<br>سول لائين<br>ڪلفٽن<br>ڪهڪشان |
| 7 | جمشيد | اختر ڪالوني<br>منظور ڪالوني<br>اعظم بستي<br>چنيسر ڳوٺ<br>محمود آباد<br>پي. اي. سي. ايچ سوسائٽي-1<br>پي. اي. سي. ايچ سوسائٽي-2<br>جٽ لينڊ لائين<br>سينٽر جيڪب لائين<br>جمشيد ڪواٽرز<br>گارڊن ايسٽ<br>سولجر بازار<br>پاڪستان ڪواٽرز |
| 8 | گلشن اقبال | دهلي مرڪنٽائل سوسائٽي<br>سوڪ سينٽر<br>پير الاهي بخش ڪالوني<br>عيسيٰ نگري<br>گلشن اقبال-1 |

| | | |
|---|---|---|
| | | گيلاني ريلوي اسٽيشن<br>شانتي نگر<br>جمالي ڪالوني<br>گلشن اقبال-1<br>پهلوان ڳوٺ<br>ميٽروول ڪالوني<br>گلزار هجري<br>صفوران ڳوٺ |
| 9 | شاهہ فيصل | ناٿا خان ڳوٺ<br>پاڪ سادات ڪالوني<br>ڊرگ روڊ<br>ريتا پلاٽ<br>موريو ڳوٺ<br>رفاع عام<br>الفلاح سوسائٽي |
| 10 | ڪورنگي | بلال ڪالوني اوير<br>ناصر ڪالوني<br>چڪرو ڳوٺ<br>مصطفيٰ تاج ڪالوني<br>سو ڪواٽر<br>گلزار ڪالوني<br>ڪورنگي سيڪٽر 33<br>زمان ٽائون<br>حسرت موهاني ڪالوني |
| 11 | لانڍي | مظفرآباد ڪالوني<br>مسلم آباد<br>دائود چورنگي<br>معين آباد |

| | | |
|---|---|---|
| | | شرافي ڳوٺ<br>پٽو نگر<br>خواجا اجمير ڪالوني<br>لانڍي<br>عوامي ڪالوني<br>برمي ڪالوني<br>ڪورنگي<br>شير آباد ڪالوني |
| 12 | نارٿ ناظم آباد | پاپوش نگر<br>پهاڙ گنج<br>ڪنڊو ڳوٺ<br>حيدري<br>سخي حسن<br>فاروق اعظم<br>نصرت ڀٽو ڪالوني<br>شادمان<br>بفرزون<br>بفرزون-1 |
| 13 | نئين ڪراچي | ڪليانا<br>سر سيد جناح ڪالوني<br>فاطمه جناح ڪالوني<br>گوڌرا<br>ابوذر غفاري<br>حڪيم احسن<br>مدينا ڪالوني<br>فيصل<br>خميسو ڳوٺ<br>مصطفيٰ ڪالوني |

| | | |
|---|---|---|
| | | خواجا اجمير نگري<br>گلشن سعيد<br>شاهنواز ڀٽو ڪالوني |
| 14 | گلبرگ | عزيز آباد<br>ڪريم آباد<br>عائشه منزل<br>نمبر 14 انچولي<br>نصيرآباد<br>ياسين آباد<br>واٽر پمپ<br>شفيق مل ڪالوني |
| 15 | لياقت آباد | رضويا ڪالوني<br>فردوس ڪالوني<br>سپر مارڪيٽ<br>ڊاڪ خانو<br>قاسم آباد<br>بندهاني ڪالوني<br>شريف آباد<br>ڪمرشل ايريا<br>مجاهد ڪالوني<br>ناظم آباد نمبر-1<br>عباسي شهيد |
| 16 | ملير | ماڊل ڪالوني<br>ڪالا بورڊ<br>سعود آباد<br>ڪوڪرو پار<br>جعفر طيار<br>غريب آباد |

| | | |
|---|---|---|
| | | غازي دائود بروهي |
| 17 | بن قاسم | ابراهيم حيدري<br>ريڙهي<br>پينس ڪالوني<br>قائدآباد<br>لانڍي<br>گلشن حديد<br>گهگهر |
| 18 | گڏاپ | مراد ميمڻ<br>درساڻو چنو<br>گڏاپ<br>ڳجهڙو<br>سونگل<br>معمار آباد<br>يوسف ڳوٺ<br>منگهو پير |

1852ع ۾ ميونسپل ڪميشن جي نهڻ کان وٺي 1910ع تائين جيڪي صدر نامزد ڪيا ويا انهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. 1910ع ۾ ايڪٽ ۾ ترميم ڪري ميونسپلٽي کي پنهنجي صدر چونڊجڻ جا اختيار مليا.

**حڪومت پاران نامزد ڪيل صدر:**

| | | |
|---|---|---|
| .1 | سرهنري بارٽل فريئر | سيپٽمبر 1852ع کان 30 جون 1859ع |
| .2 | ليفٽيننٽ اي. ايف بلاسيس | 15 جولاءِ 1859ع کان 31 ڊسمبر 1859ع |
| .3 | ڪئپٽن جي.بي ڊسترويلي | 1 جنوري 1860ع کان 31 ڊسمبر 1861ع |
| .4 | ڪئپٽن سي. جي ارسڪن | 1 جنوري 1862ع کان 31 ڊسمبر 1862ع |
| .5 | ميجر ايس. ارسڪن | 1 جنوري 1863ع کان 31 ڊسمبر 1863ع |
| .6 | ميجر ڊبليو. سائوٽي | 1 جنوري 1864ع کان 30 جون 1864ع |
| .7 | ليفٽيننٽ اي. ايف آرمسترانگ | 1 جولاءِ 1864ع کان 31 ڊسمبر 1864ع |
| .8 | ميجر ڊبليو، آر ليمبرٽ | 1 جنوري 1865ع کان 31 ڊسمبر 1866ع |

| | | |
|---|---|---|
| 9. | ميجر ايس سائو | 1 جنوري 1867ع کان 30 جون 1867ع |
| 10. | ميجر ڊبليو. آر ليمبرٽ | 1 جولاءِ 1867ع کان 31 ڊسمبر 1869ع |
| 11. | ميجر ايل.ڊي. اي ڊسٽرولي | 1 جنوري 1869ع کان 11 آڪٽوبر 1969ع |
| 12. | ميجر جي. بي ٽروٽ | 12 آڪٽوبر 1869ع کان 31 ڊسمبر 1870ع |
| 13. | ليفٽيننٽ ڪرنل. ايل. ڊسٽرولي | 1 جنوري 1871ع کان 30 جون 1872ع |
| 14. | ليفٽيننٽ ڊبليو. آر ليمبرٽ | 1 جولاءِ 1872ع کان 31 ڊسمبر 1873ع |
| 15. | ليفٽيننٽ ڪرنل ايل. ڊسٽرولي | 1 جنوري 1874ع کان 1875ع |
| 16. | ليفٽيننٽ ڊبليو. آر ليمبرٽ | 1875 کان مارچ 1879ع |
| 17. | ڪرنل آر. آر ويلس | مارچ 1879ع کان جولاءِ 1881ع |
| 18. | ڪرنل سي. ڊي بولٽن | 16 جولاءِ 1881ع کان 31 ڊسمبر 1884ع |
| 19. | مسٽر جيمز گرانٽ | 1 جنوري 1885ع کان نومبر 1886ع |
| 20. | مسٽر اليگزينڊر ميڪنچ | نومبر 1886ع کان 31 ڊسمبر 1890ع |
| 21. | اوڌارام مولچند | 1 جنوري 1891ع کان 15 ڊسمبر 1891ع |
| 22. | جيمز ڪوري | 15 ڊسمبر 1891ع کان مئي 1895ع |
| 23. | پي. يو سمين | مئي 1895ع کان مارچ 1896ع |
| 24. | ٺهيل رام ڪيمچند | مارچ 1896ع کان آڪٽوبر 1905ع |
| 25. | جي. ايل. ايف بيو مائونٽ | آڪٽوبر 1905ع کان مارچ 1910ع |
| 26. | سر چارلس ميولز | مارچ 1910ع کان 30 ڊسمبر 1910ع |

ميونسپلٽي جا چونڊيل صدر

| | | |
|---|---|---|
| 1. | سر چارلس ميولز | 1 آڪٽوبر 1910ع کان آڪٽوبر 1911ع |
| 2. | ديوان هرچند راءِ پشنداس | آڪٽوبر 1911ع کان 30 اپريل 1921ع |
| 3. | غلام علي چاڳلا | 1 مئي 1921ع کان اپريل 1922ع |
| 4. | جمشيد نسروانجي | اپريل 1922ع کان 31 آڪٽوبر 1933ع |

چونڊيل ميئر

| | | |
|---|---|---|
| 1. | جمشيد نسروانجي | 8 نومبر 1933ع کان 21 آگسٽ 1934ع |
| 2. | ديوان ٽيڪم داس واڌو مل | 22 آگسٽ 1934ع کان 3 مئي 1935ع |
| 3. | قاضي خدا بخش | 3 مئي 1935ع کان 9 مئي 1936ع |

| | | |
|---|---|---|
| 4. | ڪي.بي ارد شير ايچ ماما | 9 مئي 1936ع کان 4 مئي 1937ع |
| 5. | ديوان درگا داس بي. آڏواڻي | 4 مئي 1937ع کان 6 مئي 1938ع |
| 6. | حاتم علي علوي | 6 مئي 1938ع کان 5 مئي 1939ع |
| 7. | آر. ڪي سڌاوا | 5 مئي 1939ع کان 1 مئي 1940ع |
| 8. | لال جي. ملهوترا | 7 مئي 1940ع کان 6 مئي 1941ع |
| 9. | محمد هاشم گذدر | 6 مئي 1941ع کان 8 مئي 1942ع |
| 10. | سهراب ڪي. ايچ ڪٽرڪ | 8 مئي 1942ع کان 11 مئي 1943ع |
| 11. | ديوان شميو ناٿ مولراج | 11 مئي 1943ع کان 10 مئي 1944ع |
| 12. | يوسف عبدالله هارون | 10 مئي 1944ع کان 8 مئي 1945ع |
| 13. | مينول مسڪتيا | 8 مئي 1945ع کان 1 مئي 1946ع |
| 14. | وشرام داس ديوان داس | 9 مئي 1946ع کان 9 مئي 1947ع |
| 15. | حڪيم محمد احسن | 9 مئي 1947ع کان 25 مئي 1948ع |
| 16. | غلام علي الانا | 25 مئي 1948ع کان 8 جولاءِ 1948ع |

8 جولاءِ 1948ع کان ڊسمبر 1952ع تائين ميونسپلٽي ڪي معطل ڪيو ويو. 1953ع ۾ بحال ڪري چونڊون ڪرايون ويون. ”ميئر“ جي جاءِ تي ”صدر“ جو لفظ اختيار ڪيو ويو.

چونڊيل صدر

| | | |
|---|---|---|
| 17. | جناب محمود اي هارون | 19 جنوري 1954ع کان 26 مئي 1955ع |
| 18. | جناب الحاج ملڪ باغ علي | 26 مئي 1955ع کان 29 مئي 1956ع |
| 19. | جناب صديق وهاب | 29 مئي 1956ع کان 16 ڊسمبر 1956ع |
| 20. | جناب ايس. ايم توفيق | 16 ڊسمبر 1956ع کان 16 آڪٽوبر 1958ع |

ايوب خان جي مارشل وقت بلديا کي توڙيو ويو ۽ 1960ع ۾ بنيادي جمهوريتن جي ايڪٽ مطابق حڪومت پاران صدر نامزد ڪيا ويندا هئا. هن دور ۾ سرڪاري آفيسرن کي صدر مقرر ڪيو ويو.

ميونسپلٽي جا ٽاقيل (نامزد) صدر

| | | |
|---|---|---|
| 1. | جناب ممتاز احمد | 14 نومبر 1960ع کان 24 مئي 1961ع |
| 2. | سيد منير حسين | 25 مئي 1961ع کان 28 آگسٽ 1961ع |
| 3. | برگيڊيئر مرزا حامد حسين | 28 آگسٽ 1961ع کان 28 جنوري 1963ع |
| 4. | جناب ايم. ضياالدين خان | 8 فيبروري 1963ع کان 12 اپريل 1964ع |

| | | |
|---|---|---|
| 5. | جناب سيد سردار احمد | 13 اپريل 1964ع کان 31 آڪٽوبر 1964ع |
| 6. | جناب ايم. ضياالدين خان | 2 نومبر 1964ع کان 7 فيبروري 1966ع |
| 7. | جناب پرويز احمد بٽ | 8 فيبروري 1966ع کان 11 آگسٽ 1968ع |
| 8. | جناب ابرار حسن خان | 16 سيپٽمبر 1968ع کان 15 جنوري 1971ع |

جنرل يحيٰ خان اقتدار ۾ آيو ته بنيادي جمهوريت وارو لوڪل گورنمينٽ نظام ختم ڪري انهن تي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيا ويا. جيڪي ذوالفقار علي ڀٽي جي دور کان وٺي 1979ع تائين رهيا. جيڪي سڀ سرڪاري آفيسر هوندا هئا.




**ڪراچي ميونسپلٽي جا چونڊيل صدر/ميئرز**

**هرچند راءِ وشن داس   غلام علي چاڳلو   جمشيد نسروانجي مهتا**

ٽيڪم داس واڌو مل  قاضي خدا بخش    ڪي. سي ارد شير ماما
حاتم علي علوي    آر، ڪي سڌاوا    لال جي ملهوترا
محمد هاشم گذدر    سهراب ڪي. ايچ ڪٽرڪ    شمبو ناٿ مول راج

ڪراچي ميونسپلٽي جا چونڊيل ميئرز/ ناظم




يوسف هارون   مينويل مسڪتا    حڪيم محمد احسن
غلام علي الانو    ايس. ايم توفيق    عبدالستار افغاني
ڊاڪٽر محمد فاروق ستار    نعمت الله خان (ناظم)   سيد مصطفيٰ ڪمال (ناظم)
ڪراچي ميونسپلٽي جي پراڻي آفيس بندر روڊ

شهري ضلعي حڪومت ڪراچي جي هاٽوڪي آفيس سوڪ سينٽر، گلشن اقبال

ايڊمنسٽريٽرز

| | | |
|---|---|---|
| .1 | جناب ابرار حسن خان | 15 جون 1971ع کان 27 مارچ 1972ع |
| .2 | جناب ايم. ايم عثماني | 27 مارچ 1972ع کان 4 سيپٽمبر 1972ع |
| .3 | جناب مظهر رفيع | 4 سيپٽمبر 1972ع کان آڪٽوبر 1973ع |
| .4 | جناب ايم. اي مجيد | آڪٽوبر 1973ع کان 31 ڊسمبر 1977ع |
| .5 | برگيڊيئر (ر) پي. بي جيلاني | 1 جنوري 1977ع کان 9 نومبر 1979ع |

جنرل ضياءالحق جي دور ۾ نئون بلدياتي سرشتو 1979ع نافذ ڪري چونڊون ڪرايون ويون. ميئر جو عهدو ٻيهر بحال ڪيو ويو جيڪو چونڊن وسيلي منتخب ڪيو ويندو هو.

چونڊيل ميئر

| | | |
|---|---|---|
| .1 | جناب عبدالستار افغاني | 9 نومبر 1979ع کان 7 نومبر 1983ع |
| .2 | جناب عبدالستار افغاني | 8 نومبر 1983ع کان 13 فيبروري 1987ع |

سيد غوث علي شاهه جي دور ۾ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن کي معطل ڪري ختم ڪيو ويو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيا ويا ۽ 1987ع ۾ ٻيهر چونڊون ڪرايون ويون. نئين ڪائونسل جنوري 1988ع ۾ قائم ٿي.

ايڊمنسٽريٽرز

| | | |
|---|---|---|
| .1 | جناب سعيد احمد صديقي | 14 فيبروري 1987ع کان 8 جنوري 1988ع |

چونڊيل ميئر

| | | |
|---|---|---|
| .1 | ڊاڪٽر محمد فاروق ستار | 8 جنوري 1988ع کان 27 جولاءِ 1992ع |

جولاءِ 1992ع ۾ بجيٽ پيش ڪرڻ ۾ ناڪامي جي صورت ۾ بلديا کي ٽوڙي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيا ويا.

ايڊمنسٽريٽرز

| | | |
|---|---|---|
| .1 | جناب مرزا ڪريم بيگ | 28 جولاءِ 1992ع کان 11 نومبر 1992ع |
| .2 | سيد مسعود عالم رضوي | 11 نومبر 1992ع کان 3 فيبروري 1994ع |
| .3 | سيد فيصل مسعود | 3 فيبروري 1994ع کان 5 جون 1994ع |
| .4 | جناب فهيم الزمان خان | 5 جون 1994ع کان 24 اپريل 1996ع |
| .5 | جناب انظار حسين زيدي | 24 اپريل 1996ع کان 3 سيپٽمبر 1996ع |

| | | |
|---|---|---|
| .6 | جناب صبغت منصور | 3 سيپٽمبر 1996ع کان 11 نومبر 1996ع |
| .7 | جناب انظار حسين زيدي | 2 سيپٽمبر 1996ع کان 28 آگسٽ 1998ع |
| .8 | سيد ارشد علي | 28 آگسٽ 1998ع کان 11 آگسٽ 1999ع |
| .9 | جناب مشاهدالله خان | 11 آگسٽ 1999ع کان 12 آڪٽوبر 1999ع |
| .10 | جناب اقبال احمد زبيدي | 13 آڪٽوبر 1999ع کان 29 آڪٽوبر 1999ع |
| .11 | جناب فهيم الزمان خان | 30 آڪٽوبر 1999ع کان 12 فيبروري 2000ع |
| .12 | جناب اقبال احمد زبيدي | 12 فيبروري 2000ع کان 25 مارچ 2000ع |
| .13 | برگيڊيئر (ر) عبدالحق | 25 مارچ 2000 کان 13 آگسٽ 2001ع |

14 آگسٽ 2001ع تي نئين لوڪل گورنمينٽ سرشتي 2001ع جي نافذ ٿيڻ ڪانپوءِ ڪراچي جي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جو نالو شهري ضلعي حڪومت رکيو ويو ۽ ميئر جي جاءِ تي ”ناظر“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو.

چونڊيل شهري ضلعي ناظر

| | | |
|---|---|---|
| .1 | جناب نعمت الله خان ايڊوڪيٽ | 14 آگسٽ 2001ع کان 30 جون 2005ع |
| .2 | جناب سيد مصطفيٰ ڪمال | نومبر 2005ع کان هلندڙ |

مختلف دورن ۾ ڪراچي ميونسپلٽي کي جن نالن سان سڏيو ويو اهي هيٺ ڏجن ٿا:

| | | |
|---|---|---|
| .1 | 1846ع | ڪنزروينسي بورڊ ڪراچي |
| .2 | 1851ع | ميونسپل ڪميشن ڪراچي |
| .3 | 1878ع | سٽي ميونسپل ڪميشن ڪراچي |
| .4 | 1925ع | بورو ميونسپلٽي ڪراچي |
| .5 | 1933ع | ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن |
| .6 | 1975ع | ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن |
| .7 | 2001ع | سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي |

ڪراچي ميونسپلٽي جو پهريون مقامي ماڻهو جيڪو ٽاڪيل صدر ٿيو. هن جو نالو اوڌا رام مول چند هو ۽ قاضي خدا بخش ڪراچي ميونسپلٽي جو پهريون مسلمان ميئر منتخب ٿيو. قاضي خدا بخش 1895ع ۾ موري شهر ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو قاضي نبي بخش مورائي هو. جتي ان کي پنهنجو مدرسو هو. قاضي خدا بخش ابتدائي تعليم پنهنجي والد جي مدرسي ۾ پوءِ سنڌي پرائمري اسڪول موري ۾ حاصل ڪيائين. 1904ع ۾ سنڌ مدرسي ۾ ڪراچي تعليم حاصل ڪرڻ

ڪانپوءِ 1916ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان مئٽرڪ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري، هڪ سال ٽائين ڊي جي ڪاليج سنڌ ۾ پڙهڻ ڪانپوءِ علي ڳڙهه پڙهڻ لاءِ ويو. جتان بي. اي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. 1919ع ۾ علي ڳڙهه اسٽوڊنٽس يونين جو وائيس صدر منتخب ٿيو. ڪجهه وقت لاءِ الوحيد جو ايڊيٽر به رهيو. 1921ع جي آخر ۾ انگريز حڪومت جي خلاف بغاوت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ هڪ سال لاءِ جيل موڪليو ويو. بعد ۾ ميرٽ لا ڪاليج مان 1926ع ۾ ايل. ايل. بي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري ڪراچي ۾ وڪالت شروع ڪيائين. 1943ع ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو بنا مقابلي ميمبر چونڊجي آيو. سندس مقابلي ۾ عبدالله هارون هو. عبدالله هارون سندس قابليت ۽ هر دل عزيزي ڏسي مقابلي تان هٿ ڪڍي ويو ۽ انهيءَ سال بنا مقابلي ڊپٽي ميئر چونڊجي آيو. 1935ع ۾ ڪراچي جي واپاري حاتم علي علوي کي شڪست ڏيئي ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميئر چونڊجي آيو ۽ اهڙي طرح ڪارپوريشن جي پهرئين مسلمان ميئر هجڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. سن 1934ع انگريز سرڪار سر جو خطاب ڏنو، پر اهو واپس ڪيائين. وري ڪين قصر هند جو تمغو ڏنو ويو. 1943ع ۾ سنڌ مدرسو ڪاليج قائم ڪري سنڌ واسين تي وڏو احسان ڪيائين. سندس ميئر جي دور ۾ ڪوئيٽا ۾ زلزلو آيو ته ڪراچي ۾ رليف فنڊ قائم ڪيائين. پاڻ به به هزار روپين جو عطيو ڏنائون.

**ڪائونسل جي جاءِ تاريخي پس منظر ۾:**

ڪائونسل جي اها خوبصورت جاءِ بندر روڊ تي واقع آهي. هن جي پويان ڪراچي سٽي ڪورٽ ۽ سامهون نارائڻ سوامي مندر، جاگيردار هوٽل ۽ ڳاڙهي ڪاٽي وارو علائقو آهي. 14 ڊسمبر 1895ع ۾ ميونسپلٽي جي آفيس جي پيڙهه جو پٿر گورنر بمبئيءَ لارڊ سينڊ هرسٽ (Lord sandhurst J.C.I.A) رکيو. جاءِ کي ايڊن برگ جي، جيمز. سي. وائينس (MR: Jamse. C. wynnes) ڊيزائن ڪيو هو. شروعاتي اڏاوت جي نگراني جو ڪم ڪراچي ميونسپلٽي جي چيف انجنيئر ميشم لي (Mesham Lea) ڪئي. هن جو بنيادي ڪم 1915ع ۾ مڪمل ٿيو. باقي ڍانچي جي اڏاوت ايگزيڪيوٽو انجنيئر جهانگير اين. سيٽنا (Mr. Jahangir N. Setna) جي نگراني ۾ 5 نومبر 1927ع ۾ مڪمل ٿيو. جاءِ جو ٺيڪيدار پيرو ڪنٽريڪ ڪنسٽرڪشن بمبئي هو. فورمين علي محمد امام بخش ۽ ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ جو مالڪ شاپر، جي پالون جي هو. پوري جاءِ جي اڏاوت 31 ڊسمبر 1930ع ۾ مڪمل ٿي ويئي. جنهن تي 17،75000 روپيا خرچ آيو.. 7 جنوري 1932ع ان بلڊنگ ۾ ميونسپلٽي پنهنجو ڪم شروع ڪيو، پر باقاعده افتتاح 1935ع ۾ جارج پنجين جي سلور جوبلي سان منسوب ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو. هن جي اڏاوت ۾ جوڌپور جو پٿر استعمال ڪيو ويو آهي. جاءِ جي ٽاور جي اوچائي 162 فٽ آهي. انگريز دور جي ڪجهه شاندار جاين ۾ ان جو شمار ٿئي ٿو.

بجلي تي هلندڙ 10 فٽ ۽ ڇهه انچ قطر جو چئني پاسي ڊائل ڪرڻ واري گهڙي بمبئي جي سوديشي اليڪٽرڪ ڪمپني لڳائي هئي. هن خوبصورت عمارت ۾ ڪائونسل جا اجلاس هال ۽ بلديا جي ڪجهه ادارن جا دفتر پڻ قائم آهن. انهن دفترن ڪري اندروني اڏاوت ۾ ڦيرقار آڻي هن جي خوبصورتي کي داغ دار ڪيو ويو آهي.

جنوري 2007ع ۾ هن جاءِ کي تاريخي ورثو ڄاڻائي محفوظ ڪيو ويو آهي. ڪائونسل هال ۽ ٻين دفترن کي سوڪ سينٽر منتقل ڪيو ويو آهي. ناظم ۽ سندس عملو 2002ع کان سوڪ سينٽر ۾ آهي. شهري ضلعي حڪومت جي ناظم، نائب ناظم ۽ سيئي آفيسون هاڻ سوڪ سينٽر ۾ آهن.

**ضلعي لوڪل بورڊ کان ضلعي ڪائونسل ڪراچي تائين جو سفر:**

شهر ۾ ميونسپلٽي جو نظام رائج هو جڏهن ته ٻهراڙيءَ واري علائقي ۾ ضلعي لوڪل بورڊ جو قيام 1901 ۾ عمل ۾ آندو ويو. ڪراچي ٻهراڙيءَ جون حدون پراڻي سبزي منڊي لڳ، ٻئي پاسي نرسري لڳ نتي ناڪي ڪانپوءِ وارو علائقو، ٽئين پاسي نارٿ ڪراچي ۽ نيو ڪراچي وارو علائقو، چوٿين پاسي ماڙي پور ڪانپوءِ وارو علائقو ٻهراڙيءَ ۾ شامل هئا. هاڻوڪو پورو ضلعو ٺٽو، بدين ضلعي جو جاتي تعلقو ۽ ڄامشوري ضلعي جو ڪوٽڙي تعلقو، محال مانجهند، محال ڪوهستان به ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچي ۾ شامل هئا. اهو پورو ڪلڪٽوريٽ ڪراچي هو. هن وقت سنڌ جا فقط ٽي ضلعا ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور هئا. ڪراچي ڪلڪٽوريٽ ڪراچي ٻهراڙي واري علائقي تي ضلعي لوڪل بورڊ ترقياتي ڪم لاءِ ذميوار هوندو هو. ڪراچي جو ڪلڪٽر هن جو صدر هوندو هو. ٻهرئين سيئي ميمبر حڪومت پاران نامزد ڪيا ويندا هئا. 1910ع ڪانپوءِ اڌ ميمبر ووٽن وسيلي چونديا ويندا هئا ۽ باقي اڌ حڪومت پاران نامزد ڪيا ويندا هئا. هتي به ووٽ ۽ چوندن ۾ بيهڻ لاءِ ساڳيو قانون لاڳو هو جيڪو ڪراچي ميونسپلٽي ۾ لاڳو هو. يعني اهي ماڻهو ووٽ ڏيڻ ۽ چوندن ۾ بيهڻ جا حقدار هئا، جيڪي راءِ بهادر، سر، زميندار ۽ 15 سئو پينشن حاصل ڪندڙ سرڪاري ملازم هوندا هئا. ضلعي لوڪل بورڊ جا پنهنجا فنڊ نه هوندا هئا. گورنمينٽ جي امداد جي آسري ۾ هي ادارو هلندو هو. 1920ع ۾ ضلعي لوڪل بورڊ کي به پنهنجي صدر چوندجڻ جا اختيار مليا ته راءِ بهادر شيورام ڏيومل وزيراڻي ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ جو پهريون چونڊيل صدر منتخب ٿيو. شيورام ٺٽي جو رهواسي هو. بعد ۾ ٺٽي مان لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ ٺٽائي ڪمپائونڊ بندر روڊ تي پنهنجون جايون نهرائي رهيو. شيوارام ڏيومل، ديوان ٿهلرام کيمچند جو ڀائٽو هو. ديوان ٿهلرام کيمچند ڪراچي ميونسپلٽي جو صدر به رهيو هو. شيوارام آڪٽوبر 1906ع ۾ سرڪار پاران ڪراچي شهر ۾ آنرري مئجسٽريٽ مقرر ڪيا ويا ته هن کي به آنرري مئجسٽريٽ ڪري رکيو ويو.

1920ع کان 1924ع تائين ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچي جو پهريون چونڊيل صدر رهيو. هي برهمو سماج جماعت جو ميمبر هو. برهمو سماج جماعت آزاد خيال هندن جي جماعت هئي. ان جو باني راجا رام موهن راءِ هو.

سنڌ جي بمبئي جي جدا ٿيڻ کانپوءِ اپريل 1937ع ۾ ٻيهر ضلعي لوڪل بورڊ جو صدر چونڊيو ويو. 1937ع ۾ هي جيئن تہ مقرر ڪيل هو. تنهنڪري جڏهن خانبهادر الله بخش سومري جي وزارت لوڪل بورڊ ۽ ميونسپالٽين مان سرڪار پاران ميمبرن کي نامزد ڪرڻ وارو سرشتو ڪيرائي ڇڏيو تہ هن کي بہ صدر جي جاءِ خالي ڪرڻي پئي. 1921ع ۾ ڪيس راءِ صاحب ۽ 1927ع ۾ راءِ بهادر جي خطاب سان نوازيو ويو.

شيوارام ڏيونمل ٻئي ٽرم ۾ يعني 1924ع کان 1928ع تائين ٻيهر ضلعي لوڪل بورڊ جو صدر ۽ سائين جي. ايم سيد نائب صدر چونڊيو ويو. جيئن تہ محال مانجهند، محال ڪوهستان ۽ ڪوٽڙي تعلقو ڪراچي ۾ شامل هئا تنهنڪري سائين جي. ايم سيد ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ جو نائب صدر چونڊيو ويو. 1928ع ۾ سائين جي. ايم سيد صدر ۽ خانبهادر الله بخش گبول ضلعي لوڪل بورڊ جو نائب صدر چونڊجي آيا. جڏهن 1933ع ۾ ڪوٽڙي تعلقو الڳ ڪيو ويو تہ جي. ايم سيد صدر نہ رهيو ۽ جيئن تہ خان بهادر الله بخش گبول نائب صدر هو، ان کي صدر جا اختيار ڏنا ويا. 1939ع کان 1942ع تائين نٿي جو محمد عثمان سومرو ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچي جو صدر (پريزيڊنٽ) ٿيو.

ضلعي ڪراچي (ٻهراڙيءَ) ۾ شاهبندر تعلقو، جاتي تعلقو، سجاول تعلقو، ميرپور بٺورو تعلقو، ميرپور ساڪرو تعلقو، ٺٽو تعلقو، گهوڙاٻاري تعلقو ۽ ڪوٽڙي تعلقو شامل هئا. 9 تعلقن کانسواءِ ٽي محال، ڪيٽي بندر، مانجهند ۽ ڪوهستان بہ ضلعي ڪراچي ۾ شامل هئا. ڪراچي تعلقو ميونسپلٽي وارن علائقن تي ٻڌل هو. اهڙي طرح ڪراچي ڪليڪٽوريٽ (ضلعي) ۾ 1933ع کان اڳ 9 تعلقا هئا.

مختلف وقتن ۾ ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچي جا چونڊيل ۽ ٺاڦيل ڪجهہ ميمبرن جا نالا جيڪي ملي سگهيا آهن اهي هيٺ ڏجن ٿا.

پير حاجي عبدالرحيم شاهہ سجاول، وڏيرو الله ڏنو دڙو، رئيس امام بخش خان ڳاهو (1928ع کان ڏهہ سال لاڳيتو ميمبر رهيو)، خان بهادر خير محمد چانديو لاڏيون شاهہ بندر (1921ع کان 1927ع تائين ميمبر رهيو)، سيٺ حاجي محمد جعفر خواجو ميرپور بٺورو (1922ع کان 1928ع تائين ميمبر رهيو ۽ 1934ع واري ٽرم ۾ ٻيهر ميمبر رهيو). شيخ حاجي جلال الدين پير پٺو، پير ميان غلام حيدر شاهہ، خليفو ماڪر ٻيو جاتي، ملڪ ميان فريد خان ملڪاڻي جاتي (عبدالله خان جو

پٽ)، سيد شاهنواز شاهه نٿو (جيڪو صدر لاءِ 1928ع واري ٽرم ۾ سائين جي. ايم سيد جي سامهون بيٺو پر هٽ ڪٽي ويو)، حاجي خميسو خان ڏڙو، ارباب سليمان ولد حاجي خميسو خان ڏڙو، مسٽر عبدالرحمان ڪراچي (1925ع کان 1928ع تائين ميمبر رهيو) سيٺ هر چند راءِ وشنداس جنهن جو جنم 1862ع ۾ ٿيو. جيڪو سڀ کان وڌ ڏهه سال ڪراچي ميونسپلٽي جو چونڊيل صدر رهيو. 1881ع ۾ بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج مان گريجوئيشن ۽ 1885ع ۾ ايل. ايل. بي ڪيائين. 1888ع ۾ ڪانگريس ۾ شامل ٿيو.

1928ع ۾ سائمن ڪميشن جي خلاف ووٽ ڏيڻ لاءِ پنجاب جي لالا لجپترا جي چوڻ تي بيمار هوندي ۽ ڊاڪٽرن جي سختي سان منع ڪرڻ جي باوجود اسيمبلي جي اجلاس واري ڏينهن پاڻ کي کٽائي اسيمبلي ڏانهن روانو ٿيو ته روح پرواز ڪري ويس. اسيمبليءَ جو اجلاس روڪيو ويو. سندس ڪلهي ڪانڌي پنڊت جواهر لعل نهرو، من موهن ولڀ ڀائي پٽيل، لالا لجپترا ۽ سر لانس گرام ٿيا. سندس اڳتي سنسڪار جمنا ندي ڪناري ٿيو. راءِ بهادر سيٺ وشنداس سانولاٽي جيڪو شروع کان آخر تائين مسلسل جيئري رهڻ تائين ميمبر رهيو. خان بهادر ولي محمد، سيد ميان محمد ڪامل شاهه، خان بهادر آردشير هر مسجي ماما ڪراچي (جنهن جي نالي تي اچ به منگهي پير ۾ ماما باٿ گرم چشمو مشهور آهي جيڪو هن وقت گڏاپ ٽائون جي حوالي آهي. اهو پاڻي ڪوڙهه ۽ خارش جي مريضن لاءِ اڪسير آهي. آردشير ايچ. ماما ڪراچي ميونسپالٽي جو 1936ع کان 1937ع تائين ميئر به رهي چڪو آهي.) مسٽر طيب علي علوي جيڪو ڪراچي شهر جو هو، جنهن کي سائين جي. ايم سيد 1928ع ۾ پنهنجي زمين جو ڪاتو نالي ڪرائي ڀهراڙيءَ ۾ ووٽ داخل ڪرايو ۽ پوءِ هي مهال مانجهند جي تڪ مان بنا مقابلي ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچي جو ميمبر ٿيو.

ڪراچي جي هاٺوڪي ڀهراڙيءَ وارو علائقو ان دور ۾ سياسي محرومين جو شڪار هو سواءِ هڪ يا ٻن جي 50 سالن تائين ڪو به ماڻهو ضلعي لوڪل بورڊ تي ميمبر به چونڊجي نه سگهيو. جنهن جي ڪري هتان جا ماڻهو معاشي طور تي خوشحال هئا پر سياسي، شهري ۽ انساني حقن کان محروم هئا. هڪ ته ڪراچي جي هاٺوڪي ڀهراڙيءَ ۾ ڪو به سردار، راءِ بهادر، خان بهادر، سر ۽ ريٽائر سرڪاري ڪامورو نه هو. فقط هڪ خان بهادر الله بخش گبول هو جيڪو لياري ۽ گڏاپ ٻنهي هنڌ رهندڙ هو.

1933ع ۾ ڪوٽڙي تعلقي ۽ محال مانجهند ۽ محال ڪوهستان کي ڪراچي کان الڳ ڪري دادو ۾ شامل ڪيا ويا ۽ الڳ ضلعو دادو ٺاهيو ويو ته ٽني وارن جي اچي ٻيگهي متي انهن ڪراچي جي ڀهراڙيءَ جي ترقي لاءِ ملندڙ تمام سهولتن تي جملي حق واسطا پاڻ تائين محدود رکيا. هتان جو

ماڻهو جنهن کي ٿوري خوشي نصيب ٿي اها ختم ٿي ويئي ۽ ڪراچي جون ٻهراڙيون وري به ڪنهن سٽائي وقت جي اوسيئڙي ۾ هيون، ورهاڱي ڪانپوءِ 1948ع ڌاري کي الڳ ڪري ضلعو بڻايو ويو ۽ هن کي ڪراچي کان الڳ ڪيو ويو. هاڻوڪي ڪراچيءَ جون 38 ديهون هن ۾ شامل ڪيون ويون. هن جي باوجود ڪراچي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو پنهنجي سورن کي پرچائيندا رهيا. انهن سان هڪ سسئيءَ ٻيو سور وارو حشر هو.

ڪراچي وفاق جي گاديءَ واري ماڳ ٿيڻ سان هتان جي ماڻهن کي صوبائي توڙي مرڪزي حڪومتن ۾ نمائندگيءَ جا حق ڏنا ويا پر ڪراچي جي پسگردائيءَ جي رهواسين لاءِ ٻنهي تڪن ۾ ”بيهڻ“ به ڏوهه هو. چاڪاڻ ته بيهڻ پري جي ڳالهه هئي پر انهن کان ووٽ جو حق کسيو ويو. هر شيءِ ۾ انهيءَ دور ۾ ٻهراڙين کي نظر انداز ڪيو ويو. سياسي طور هميشه هي پيڙبا رهيا آهن. تنهنڪري انهن ظلمن خلاف ڪابه سياسي قوت اڀري نه سگهي.

معاشي طور تي هي ماڻهو زراعت سان واڳيل هئا ۽ پاڻ پرا هئا تنهن جي ڪري به انهن ماڻهن سياست پاسي گهٽ ڌيان ڏنو ۽ سياست جي دائو پيچن کان اڻ ڄاڻ هئا. انهيءَ دور ۾ ويندي ڪنڊ جي ڪوتا به شهرين پيٽ ۾ ٻهراڙيءَ واسين کي گهٽ ملندي هئي. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي ايوب خان جي بنيادي جمهوريت جي نظام جي بڻي دور 1963ع تائين ڪراچي ٻهراڙي جا ماڻهو ووٽ سميت هر بنيادي حقن کان محروم رهيا.

بنيادي جمهوريتن جو نظام ايوب خان متعارف ڪرايو. ضلع لوڪل بورڊ جو نالو ضلع ڪائونسل ڪراچي رکيو ويو. جيڪا ٻهراڙين تي هوندي هئي. هينين سطح تي يونين ڪائونسلون جوڙيون ويون، شهرن ۾ يونين ڪاميٽون ناهيون ويون. نيٺ الله کي رحم آيو ۽ ڦيريون ڦيرو ڪراچي جي ٻهراڙين جا ماڻهو حڪومت جي ايوانن تائين پهتا. چاڪاڻ ته اها خود ايوب خان جي ضرورت هئي ۽ انهن چونڊيل نمائندن جي آڌار تي هو ملڪ جو صدر ٿيو. ان دور ۾ ڪراچي جي ٻهراڙين ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا اسڪول هئا. ڪجهه علم دوست ماڻهن پرائيويٽ اسڪول ۽ مدرسا قائم ڪري تعليم لاءِ روشني پيدا ڪئي. ڪراچيءَ جو شهر ويو اسرندو ۽ ان جون لاڳاپيل ٻهراڙيون سسڻ لڳيون. انگريزن جي قبضي وقت جنهن ٻهراڙين جون حدون هڪ پاسي پراڻي سبزي منڊي، ٻئي پاسي هاڻوڪي نارٿ ناظم آباد، نيو ڪراچي، ٽئين پاسي نرسري (ٽنو ناڪو) ڪانپوءِ وارا علائقا لياري نئين پاسي ماڙي پور ڪانپوءِ وارا علائقا شامل هئا.

شهرن جا اڏيندڙ ٻهراڙين کي ڳڙڪائيندا ويا. ورهاڱي کان 1960ع ڪانپوءِ 1963ع ۾ ٻئي ٽرم لاءِ ضلعي ڪائونسل ڪراچي جون چونڊون ٿيون. جنهن ۾ مسلم ليگ جي طاقت جي باوجود ڪراچي جي ڳوناڻن ڦيريون ڦيرو ٻڌي ڪري شهري نمائندن کي جيڪي ٻهراڙي جي نالي تي

ڀھرئين ٽرم ۾ چوندجي اچي ضلع ڪائونسل ڪراچي تي قبضو ڪري وينا هئا ٽڏي ڇڏيو. اهڙي طرح ڳوناٽي ضلعي ڪائونسل ۾ مڪمل نمائندگي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڀھريون پيرو ڳڏ تي نائب چيئرمين جي عهدي تي حاجي داد رحيم بلوچ کي ڪامياب ڪيو. چيئرمين جيئن ته سرڪاري ماڻهو ڊپٽي ڪمشنر هوندو هو.

جيئن ته هي ضلعي ڪائونسل طاقتور سرڪاري مسلم ليگ کان ڪٽي آئي هئي تنهن ڪري وقت جي حڪمرانن ٻهراڙين واسين کي هر بنيادي سهولتن کان محروم ڪري خوب بدلو ورتو. فنڊ روڪيا ويا. صوبائي ٽوٽي وفاقي ڦيرو نه آيو. انهن سڀني زيادتين ۽ محرومين جي باوجود ضلعي ڪائونسل پنهنجي مختصر ۽ محدود وسيلن جي آڌار تي ڪم شروع ڪيو. هن وقت ڪائونسل جي چوندبيل ۽ ٽاقيل ڪل ميمبرن جو تعداد 30 هو. جنهن ۾ يونين ڪائونسلن، ٽائون ڪميٽين ۽ ڪنٽونمنٽ بورڊ جا چيئرمين پڻ ميمبر هوندا هئا.

ايوب خان جي وڃڻ سان ڳڏ بنيادي جمهوريت وارو نظام به پنهنجي موت پاڻ مري ويو. تمام بلدياتي ادارن تي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيا ويا. جيڪي گهڻو ڪري ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيندا هئا. اهو سلسلو ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ به جاري رهيو. ڀٽي جي دور ۾ فقط هڪ ڪم ڪيو ويو جو انهن ادارن جي نالي پويان ”پيپلز“ جو واڌارو ڪيو ويو، ”پيپلز ضلعي ڪائونسل ڪراچي“.

جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ نئون لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979ع جاري ڪيو ويو. جنهن مطابق ٻهراڙين تي ٻڌل علائقن تي ضلعي ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسلون جوڙيون ويون. هر ضلعي تي ضلعي ڪائونسل ناهيون ويون پر ڪراچي ۾ هن وقت چار ضلعا هئا پوري ڪراچي ۾ جيڪي ٻهراڙي هئا. ٻن ضلعن ڪراچي اولهه ۽ ڪراچي اوير تي ٻڌل هئي. هڪ ضلعي ڪائونسل ناهي ويئي. هن آرڊيننس تحت نامزدگيون ختم ڪيون ويون ۽ چيئرمين جيڪو ڀھرئين سرڪاري آفيسر هوندو هو جيڪو حڪومت پاران نامزد ڪيو ويندو هو اهو طريقو به ختم ڪيو ويو ۽ نامزد ميمبر جيڪي حڪومت پاران مقرر ڪيا ويندا هئا اهي به ختم ڪيا ويا. تمام ميمبر سواءِ چيئرمين ۽ نائب چيئرمين ۽ مخصوص سيٽن جي عوام جي سڌي ووٽ وسيلي چوندبا ويندا هئا. جيڪي پوءِ چيئرمين، نائب چيئرمين ۽ مخصوص سيٽن تي ميمبر چوندبيندا هئا ۽ انهن ڪائونسلن کي ٽيڪس لڳائڻ ۽ پنهنجي آمدني کي وڌائڻ جا مڪمل اختيار به ڏنا ويا. اهي ادارا هن دور ۾ مڪمل آزاد ۽ خودمختيار هئا ۽ اهي ڪائونسلون مڪمل چوندبيل نمائندن جي هٿ ۾ هيون.

1979ع جي چوندن ۾ ضلعي ڪائونسل تي حاجي شفيع محمد جاموٽ احتجاجن چيئرمين ۽ غلام جان بروهي وائيس چيئرمين چوندجي آيا. ايم آر ڊي تحريڪ جي نتيجي ۾ حاجي شفيع محمد

جاموٽ احتجاجن چيئرميني تان استعفيٰ ڏني ته وائيس چيئرمين غلام جان بروهي ڪجهه وقت لاءِ وقتي چيئرمين نامزد ٿيو. 1983ع واري ٽرم ۾ عبدالحڪيم بلوچ چيئرمين ۽ غلام جان بروهي وائيس چيئرمين چونڊيا ويا.1987ع واري ٽرم ۾ بيهر حاجي شفيع محمد جاموٽ چيئرمين ۽ حاجي محمد عمر مينگل وائيس چيئرمين چونڊجي آيا. هن ڪائونسل ۾ ٽوٽل 43 ميمبر هئا. جن جي ترتيب هيٺين ريت هئي.

| | |
|---|---|
| سڌي عوام وسيلي چونڊيل ميمبر | 35 |
| عورتن لاءِ مخصوص سيٽون | 04 |
| مزدور ۽ هارين لاءِ مخصوص سيٽون | 03 |
| اقليتي ميمبر جيڪو سڌي عوام جي ووٽن وسيلي چونڊيو ويندو هو. | 01 |
| ٽوٽل ميمبر | 43 |

نومبر 1992ع ۾ جڏهن پوري سنڌ جا بلدياتي ادارا معطل ڪري ٽوڙيا ويا ته ضلعي ڪائونسل ڪراچي کي به ٽوڙيو ويو. پوءِ 14 آگسٽ 2001ع تائين نئين نظام جي اچڻ تائين بين ادارن وانگر ضلعي ڪائونسل ڪراچي ۽ يونين ڪائونسلن تي ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيندا آيا.

1993ع ۾ جڏهن ملير ضلعو ناهيو ويو ته پوءِ ضلعي ڪائونسل ڪراچي ضلعي ملير ۽ اولهه جي حدن ۾ جتي ڀهراڙيون هيون تي ٻڌل هو. نئين نظام جي اچڻ تائين ضلعي ڪائونسل ڪراچي جي حدن ۾ ٻارنهن يونين ڪائونسلون هيون. ملير ۾ جيڪي يونين ڪائونسلون هيون انهن ۾ (1) ابراهيم حيدري (2) لانڍي (3) درساڻو چنو (4) ٽاٽو (5) ڪونڪر (6) گڏاپ (7) موئيداڻ (8) گجهڙو شامل هئا. جڏهن اولهه ضلعي ۾ جيڪي يونين ڪائونسلون هيون انهن ۾ (1) سونگل (2) منگهو پير (3) گابو پٽ شامل هئا. 1993ع ۾ گجهڙو کي ٽائون ڪاميٽي جو درجو ڏيئي ضلعي ڪائونسل جي حدن مان ٻاهر ڪيو ويو. هن ڪان اڳ هي يونين ڪائونسل ضلعي ڪائونسل ۾ شامل هو. ضلعي ڪائونسل ڪراچي جي آخري چونڊيل ڪائونسل جي ميمبرن جا نالا ۽ حلقا هيٺين ريت هئا.

| ڪائونسل (ڊي سي) نمبر | يونين ڪائونسل ۽ ضلعو | حلقو ديهه وار | چونڊيل ميمبرن جا نالا |
|---|---|---|---|
| 01 | گابو پٽ - ڪراچي اولهه | ديهه من، ديهه الله پنون، ديهه لال بکر، ديهه ميندياري ۽ ديهه چتارا | مولا بخش بروهي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 02 | گابو پٽ - ڪراچي اولهه | ديهه گابو پٽ، ديهه موچڪو، ديهه مواچ ۽ ديهه گوندپاس | عبدالغني خاصخيلي |
| 03 | منگهو پير - ڪراچي اولهه | ديهه حب، ديهه هلڪاڻي، ديهه مائي ڳاڙهي، ديهه مناڻ ۽ ديهه اورنگي جو ڪجهه حصو | صالح محمد پنيرو |
| 04 | منگهو پير - ڪراچي اولهه | ديهه بند مراد خان، ديهه چام جو چڪرو، ديهه سورجاڻي، ديهه منگهو پير ۽ ديهه ٻبراٽو جو ڪجهه حصو | محمد عمر مينگل (وائيس چيئرمين) |
| 05 | سونگل - ڪراچي اولهه | ديهه نانگڻ، ديهه تائيسر، ديهه بجار بني، ديهه الله ڦهائي، ديهه مهيو، ديهه منان گهر، ديهه لوهارڪو لنگ ۽ ديهه مانڊڙو | پورا خان بروهي |
| 06 | سونگل - ڪراچي اولهه | ديو موڪي، ديهه ناراتر ۽ ديهه شاهه مريد | فقير الله بخش جوکيو |
| 07 | موئيداڻ – ملير | ديهه ڪار، ديهه موئيداڻ، ديهه شوڙڪنڊ، ديهه جنگ ڪنڊ، ديهه ڪنڊ، ديهه واڻ ڪنڊ، ديهه مهير جبل، ديهه سوندي، ديهه لسر، ديهه جهونجهار، ديهه تراڙي ۽ ديهه ياڌ | وڏيرو عالم خان برو |
| 08 | گڏاپ – ملير | ديهه شورينگ، ديهه شاهي چپ، ديهه گڏاپ ۽ ديهه ڪرمتياڻي | حاجي امام بخش برو |
| 09 | گڏاپ – ملير | ديهه حدرواهه، ديهه ٻولهاڙي ۽ ديهه لنگهيجي | حاجي شير محمد گبول |
| 10 | درساڻو چنو- ملير | ديهه ڪانوڙ، ديهه ٻائل، ديهه اميلاٽو، ديهه ڪديجي ۽ ديهه آبدار | ڪمال خان جوکيو |
| 11 | درساڻو چنو- | ديهه چوهڙ ۽ ديهه ڪوٽيرڙو | چام |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ملير | | عبدالحفيظ جوکيو |
| 12 | درساڻو چنو- ملير | ديھ جوريجي | بابو نور حسن |
| 13 | درساڻو چنو- ملير | ديھ ڏاندو، ديھ گهگهر، ديھ ڏاڀيجي، ديھ پپري ۽ ديھ ڀاڪراڻ | علي خان جوکيو |
| 14 | ٿاڻو – ملير | ديھ ٿاڻو اڌ حصو | نطير احمد بلوچ |
| 15 | لانڍي - ملير | ديھ ڪاڪڙ ۽ ديھ سنهڙو | محمد جيئند خاصخيلي |
| 16 | لانڍي – ملير | ديھ ڪانتو ۽ ديھ ڳانگيارو | سيد خدا ڏنو شاھ |
| 17 | لانڍي – ملير | ديھ لانڍي | محمد يونس بلوچ |
| 18 | ابراهيم حيدري -ملير | ديھ ريڙهي جو ڪجھ حصو | شفيع محمد موساڻي |
| 19 | ابراهيم حيدري – ملير | ديھ ريڙهي جو باقي حصو | صابو خان جت بلوچ |
| 20 | ابراهيم حيدري-ملير | ديھ ابراهيم حيدري | حاجي رضا محمد بلوچ |
| 21 | ابراهيم حيدري – ملير | ديھ ابراهيم حيدري | حاجي احمد ڪڇي |
| 22 | ابراهيم حيدري – ملير | ديھ ابراهيم حيدري | حاجي شفيع محمد ڄاموٽ (چيئرمين) |
| 23 | ابراهيم حيدري – | ديھ ابراهيم حيدري | حاجي محمد رمضان |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ملير | | محمداڻي |
| 24 | ابراهيم حيدري – ملير | ديھ ابراهيم حيدري | حاجي صالح محمد قلاڻي |
| 25 | ابراهيم حيدري – ملير | ديھ ابراهيم حيدري | محمد خان چارڻ |
| 26 | ابراهيم حيدري – ملير | ديھ ابراهيم حيدري | سيد يوسف شاهھ |
| 27 | ڳجهڙو – ملير | ديھ ڳجهڙو ٻهراڙي وارو حصو | صوفي محمد مراد گبول |
| 28 | ڳجهڙو – ملير | ديھ صفوران، ديھ دوزان ۽ ديھ سونگل | ولي محمد گبول |
| 29 | ڳجهڙو – ملير | ديھ اوڪيواڙيءَ جي ٻهراڙي وارو حصو | محمد هاشم بلوچ |
| 30 | ڳجهڙو – ملير | ديھ اوڪيواڙيءَ جي ٻهراڙي وارو حصو | شمس الحق بلوچ |
| 31 | ڪونڪر – ملير | ديھ ٿوڙ، ديھ ڪونڪر ۽ ديھ ٽٿو | غلام محمد جوکيو |
| 32 | ڪونڪر – ملير | ديھ درساڻو چنو | عبدالقادر جوکيو |
| 33 | ڪونڪر – ملير | ديھ ڪرڪرو ۽ ديھ بازار | ناٿا خان جوکيو |
| 34 | ڪونڪر – ملير | ديھ ملھ | عبداللطيف سمون |
| 35 | ڪونڪر – ملير | ديھ ملھ | حاجي گل محمد ميمڻ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 36 | اقليتي سيٽ | پورو ضلعي ڪائونسل ڪراچي جو علائقو | جيٺا مل |

مزدور ميمبر جي سيٽ تي محمد اسحاق مينگل، هاري ۽ ننڍي آبادگار جي سيٽ تي علي محمد خاصخيلي ۽ عبدالرحمان ميمڻ ميمبر هئا.




**ضلعي ڪائونسل ڪراچي جو پهريون چيئرمين حاجي شفيع محمد جاموٽ ۽عبدالحڪيم بلوچ**

ضلعو ملير 1993ع ۾ قائم ٿيو ان کان اڳ اهي علائقا ضلعي ڪراچي اوير ۾ شامل هئا. 14 آگسٽ 2001ع تي جڏهن نئون بلدياتي نظام نافذ ڪيو ويو تہ ڪراچي ۾ قائم ٻهراڙيءَ جي علائقي کي هميشہ لاءِ ختم ڪيو ويو. انهن علائقن ۾ چونڊيل سڀ مقامي ماڻهو هئا ۽ هي ادارو بجيٽ ۾ بہ خودمختيار هو ۽ مقامي ماڻهن جي ڪنٽرول ۾ هو. ان کي ختم ڪري ڪراچي کي 18 ٽائونن ۾ ورهايو ويو. ٻهراڙيون ختم ڪيون ويون. نئين نظام ۾ سڀ کان وڏيڪ نقصان ڪراچي جي ٻهراڙين کي پيو. ضلعي ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسلن جي هڪ ارب 20 لک ساليانو آمدني کان مٿي بجيٽ جنهن تي فقط ٻهراڙي واسين جو حق هو ختم ڪيو ويو ۽ هاڻي انهن جي جاءِ تي قائم ادارو سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ۽ صوبائي حڪومت ڏانهن بجيٽ لاءِ واجهائيندا رهن ٿا، ضلعي ڪائونسل ڪراچي جو گهڻو حصو گڏاپ، بن قاسم ٽائون ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جڏهن يونين ڪائونسل گابوپٽ کي ڪياماڙي ٽائون ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ديهہ اورنگي جو فقط بلوچ ڳوٺ وارو حصو آخري دور ۾ شامل هو، ان کي اورنگي ٽائون ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ضلعي ڪائونسل ۾ شامل يونين ڪائونسل ڳجهڙو کي 1993ع ۾ ٽائون ڪاميٽي بنايو ويو ۽ 1994ع ۾ شهري علائقي ۾ شامل ڪيو ويو هو. 14 آگسٽ 2001ع ۾ جڏهن ضلعي ڪائونسل کي ختم ڪيو ويو تہ هن علائقي ۾ 10 يونين ڪائونسلون بچيون هيون. منگهوپير يونين ڪائونسل جي ديهہ سورجاٽي کي بہ الڳ ڪري هتي ڪي.ڊي.اي پاران هائوسنگ اسڪيم تيار ڪئي ويئي آهي. ديهہ

ٻيراٽو جو ڪجھ حصو يونين ڪائونسل منگھوپير ۾ شامل هو. هن کي 1990ع ۾ شهر ۾ شامل ڪيو ويو هو.

اهڙي طرح باقي بچيل ضلعي ڪائونسل کي 14 آگسٽ 2001ع ۾ ختم ڪري 100 سالن واري تاريخ کي ختم ڪيو ويو. ياد رهي ته ٻهراڙي تي ٻڌل اهو علائقو 1901ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. ختم ٿيڻ وقت ضلع ڪائونسل ڪراچي جو آخري ايڊمنسٽريٽر، ڪمشنر ڪراچي شفيق الرحمان پراچا، آخري چيف آفيسر حاجي غلام شبير جتوئي، انجنيئر محمد يونس آرائين، اڪائونٽس آفيسر عبدالرشيد بروهي ۽ پبلڪ رليشنز آفيسر گل حسن بلوچ (راقم) مقرر هئا. ضلع ڪائونسل ڪراچي جي ايريا 1200 سئو اسڪوائر ميلن تي ٻڌل هو ۽ هن ۾ 1300 سئو ڪان مٿي ڳوٺ هئا.



14 آگسٽ 2001ع کان اڳ ضلعي ڪائونسل ڪراچي جو نقشو

# سياسي تاريخ تي هڪ نظر

نندي ڪنڊ ۾ چوندن وسيلي حڪومتون جوڙڻ جو جمهوري سرشتو انگريزن متعارف ڪرايو. سنڌ ۾ انگريزن جي دور کان اڳ بادشاهه، راجائي، سرداري نظام ۽ نوابي سرشتي تحت حڪومت جو وهنوار هلندو هو. هر قبيلي جون سماجي سرگرميون ڌار ڌار هيون. ڪوهستان ۾ رهندڙ قبيلن جا پنهنجا معاشي ۽ معاشرتي طور طريقا هوندا هئا جيڪي اڄ به آهن. اهي گهڻو ڪري حڪومتي پابندين کان پاڻ کي آزاد سمجهندا هئا. اهي مالوند ماڻهو هئا. مختلف چراگاهن ڏانهن لڏپلاڻ ڪندا هئا. قبيلن جا پاڻ ۾ چراگاهن ۽ پهاڙن تي قبضي لاءِ جهيڙا ٿيندا رهندا هئا. هر قبيلي کي پنهنجو سردار هوندو آهي جيڪو سيئي فيصلا ڪندو آهي. ڳوٺ جي حد تائين وڏيرا هوندا آهن جيڪي سردارن جا نمائندا آهن.

ان ڪانسواءِ سنڌ ۾ ندين، دريائن جي ڪناري زرعي زمينون ۽ بندري شهر، واپاري مرڪزن جو معاشرتي نظام الڳ الڳ هوندو هو. درياءَ جي ڪناري آباد ڳوٺن ۽ شهرن جي حيثيت بند واري هئي. هتي گهڻو ڪري حڪمران طبقن جي ملازمن ۽ واپاري طبقي جي هڪ هٽي هوندي هئي.

سنڌ جو گهڻو حصو زراعت تي ٻڌل هوندو هو/ آهي. انهن زمينن تي زراعت سان گڏوگڏ اهي ماڻهو مالوند به هئا/ آهن. اهي ڳوٺن جي شڪل ۾ پنهنجي ٻنين جي آس پاس رهندا آهن. انهن ٻنين جي حفاظت گڏيل طور تي منظم ٿي ڪندا هئا/ آهن. جنهن فوج جي تصور کي جنم ڏنو.

باعاعده منظم طريقي سان فوج رکڻ جو رواج نه هو. راجا ڏاهر جي دور ۾ ملڪ جو انتظام هلائڻ وارن عهدن، لقبن جو احوال ملي ٿو. عربن انهن نالن ۾ تبديلي آندي. ميرن جي دور ۾ توري ڦير ڦار سان ساڳيو سرشتو جاري رهيو. آڳاٽي دور ۾ ڳوٺ جا چڱا مڙس، پنچائت جا سرپنچ پنهنجي علائقي جي سياسي، سماجي ۽ معاشي وهنوار هلائڻ جا ذميدار هوندا هئا. ٻهراڙين ۾ اهو سرشتو اڄ به قائم آهي. مخصوص ڪيل علائقن جو سمورو سياسي، سماجي ۽ معاشي نظام انهن جي حوالي هوندو هو/ آهي. اهو سماجي طرح پنهنجي قبيلي جا سردار يا نواب هوندا هئا/ آهن. پنهنجي مخصوص علائقي/ پنهنجي ذات برادري اندر ايندڙ ڳوٺن بازارن ۽ شهرن ۾ ڍل، ٻين ٽيڪسن جي اوڳاڙي ڪري سرڪار کي پهچائيندا هئا. جنهن جي نتيجي ۾ ٻاهرين حملو ڪندڙن جي صورت ۾ حڪومت انهن جي ڳوٺن ۽ فصلن جي حفاظت جي ذميداري هوندي هئي. انهن ڪمن ڪري قبيلن جي چڱن مڙسن جي جاگيرن ۾ واڌارو ٿيندو ويو. اهي ماڻهو پنهنجي قبيلي/ علائقي ۽ سرڪار وچ ۾ سياسي ڪاروهنوار هلائڻ جا اهم ماڻهو هوندا هئا. انهن کي نوازڻ جو اصل مقصد اهو هو ته سنڌ اندر ڪو قبيلو حڪومت خلاف بغاوت نه ڪري جيڪڏهن بغاوت ٿيندي هئي ته ان کي ڪچلڻ جي ذميداري به انهن وڏيرن ۽ سردارن جي هوندي هئي. ناڪامي جي صورت ۾ انهن

ڪي پنهنجي مراعاتن ۽ جاگيردارن مان هٿ ڌوئڻو پوندو هوندو. اتي ۾ لوڻ برابر وڏيرا ۽ سردار جيڪي ڌرتيءَ سان محبت رکندا هئا انهن حڪمرانن خلاف بغاوتون ڪيون ۽ حڪمرانن جون ننڊون ڦٽايون.

جنگ جي صورت ۾ پنهنجي علائقي/ قبيلي مان فوج گڏ ڪري مرڪزي حڪومت ڏانهن موڪلڻ جي ذميداري به انهن سرڪاري نوابن، خانن، جاگيردارن ۽ سردارن تي عائد هوندي ۽ ائين انهن جي طاقت ۾ واڌارو ٿيندو ويو.

انگريزن جڏهن 1843ع تي سنڌ تي قبضو ڪيو ته هن به پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ جاگيرداري نظام کي جيئن جو تيئن برقرار رکيو انهن جي وسيلي هڪ وفادار حلقو به پيدا ڪيو. جنهن اڳتي هلي سنڌ جي سياست ۾ اهم رول ادا ڪيو. چاڪاڻ ته شروع ۾ ميونسپالٽين، لوڪل بورڊن ۽ بمبئي ليجسليٽيو ڪائونسل لاءِ ووٽ جو حق ۽ بيهڻ جو حق فقط انهن کي ڪي حاصل هو. انهن جاگيردارن، مزدورن ۽ هارين جو استحصال ڪيو ۽ برطانوي ايجنٽ طور پنهنجا فرض به پورا ڪيا. 1935ع تائين سياسي نظام بحال ٿيڻ کان اڳ سنڌ ۾ پارٽي جو ڪو مضبوط تصور به نه هو. چاڪاڻ ته خود انگريز متحد ۽ منظم ماڻهن کان ڊنل هئا.

انگريزن قبضي ڪانپوءِ مغلن جي دور جي سيني جاگيرن جيڪي ميرن تائين به قائم هئا انهن کي نه فقط بحال ڪيو پر انهن جي قانوني حيثيت کي به تسليم ڪيو ويو ۽ اهو ان شرط تي ته هو تاج برطانيا جا وفادار رهندا. جاگير بچائڻ ۽ مراعاتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جاگيردارن جي قطار لڳي ويئي. جنهن جي نتيجي ۾ انگريزن خلاف هڪ وڏي عرصي تائين ڪا وڏي تحريڪ شروع نه ٿي سگهي. انهن جاگيردارن کي ٽيڪسن ۾ ڇوٽ، وڏيڪ زرعي زمينون ان شرط تي ڏنيون ويون ته وفادار سان گڏوگڏ هي انگريزن خلاف ٿيندڙ بغاوتن/ سرگرمين کي ڪچلڻ ۾ مدد ڪندا. انگريزن روڪ ۾ لگان جو نظام لاڳو ڪيو. انگريزن کان اڳ زمين جو تصور ائين هو ته اهي زمينون وقت جي حاڪم جي ملڪيت ۾ هونديون هيون. زمين ڪنهن اڪيلي ماڻهو جي ملڪيت نه هئي ۽ بادشاهه جنهن کي چاهي زمين ڏيئي نوازي ۽ جنهن کان چاهي ڪسي پنهنجي حوالي ڪري. انگريزن ذاتي ملڪيت جو نظام لاڳو ڪيو. گورنر جنرل وارن هيٽنگر 1872ع ۾ ننڍي کنڊ جي بين علائقن وانگر سنڌ ۾ روڪ لگان جي بدلي زرعي زمين کي نيڪالي لاءِ بولي جو رواج قائم ڪيو. وڌ کان وڌ بولي ڏيندڙ کي پنجن سالن تائين زمين جو مالڪ قرار ڏيئي زمين هن جي حوالي ڪئي ويندي هئي. جنهن سان خوشحال زميندار جو هڪ طبقو پيدا ٿيو ۽ واپاري ماڻهن به زراعت ڏانهن لاڙو ڪيو. جنهن جي ڪري زمين حاصل ڪرڻ ڪنهن غريب مزدور ۽ هاري جي وس جي ڳالهه نه هئي. هن طبقي سياست ۾ به حصو وٺڻ شروع ڪيو.

1893ع ۾ ان نظام ۾ تبديلي ڪري هميشه لاءِ مالڪاڻي حقن تي زمين وڏ ڪان وڏ ٻولي ڏيندڙ جي حوالي ڪرڻ جو نظام لاڳو ڪيو ويو. جنهن سان هارين جو هڪ غلام طبقو پيدا ٿيو. وڏن وڏن جاگيردارن جي قانوني پوزيشن مضبوط ٿي ۽ اهو نظام ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اڄ به قائم آهي.

1843ع کان اڳ ڪو به هندو وڏو جاگيردار نه هو. ڇاڪاڻ ته ميرن جي وقت کان عام هندوئن کي زرعي زمين رکڻ جي اجازت نه هئي. انگريزن هن پابندي کي ختم ڪيو. اهڙي طرح نو آبادياتي دور حڪومت ۾ سنڌ جي هندوئن جي گهڻائي کي به وفاداري جي عيوض زمينون ملڻ لڳيون. هن کان اڳ هندوئن جو واپار تي مڪمل ڪنٽرول هو سنڌ کان ٻاهر ٻين ملڪن ۾ به انهن جون واپاري ڪوٺيون قائم هيون. هندوئن جو وڏو طبقو پڙهيل لکيل هئڻ ڪري سرڪاري ملازمت ۾ به هو.

اهڙي طرح اهو جاگيردار طبقو وقت سان گڏوگڏ نه فقط سماجي، معاشي پر سياسي لحاظ کان به بااثر ٿيندا ويا. پر تکلف دعوتن، ناچ گاني جي محفلن، شڪار جي انتظام ڪرڻ تي انگريز سرڪار انهن کي آفرين نامن، سر، خان بهادر، راءِ بهادر ۽ نوابن جي لقبن سان نوازيو ۽ انهن کي ئي سياست ۾ اڳتي آندو.

ڪراچي جيئن ته هڪ واپاري مرڪز ۽ اهم بندرگاهه هو ان جي پسگردائي زرعي زمينون ۽ جابلو سلسلو به هو انهن جو واسطو ڪراچي سان گهٽ نتي سان گهڻو هو. ٺٽي، ڪراچي ۽ مڪران ڏانهن ويندڙ رستا هتان گذري ويندا هئا. هتان جا قبيلا جيڪي مغلن خلاف ويڙهه ۾ اڳتي هئا. تنهن ڪري مغلن ۽ بعد ۾ ڪلهوڙن هتان جي قبيلن جنهن ۾ جوکيا، برفت ۽ ڪلمتي اهم قبيلا هوندا هئا. سردارن کي جاگيرون ڏيئي رستن جي حفاظت جي ذميداري انهن جي حوالي ڪئي. ائين حڪومت خلاف اٿندڙ بغاوتن کي ختم ڪيو ويو. قبيلن کي پاڻ ۾ وڙهائي انهن جو ڌيان حڪومت جي ظلمن کان هٽايو ويو.

انگريزن به وفاداري جي بدلي ۾ ملير ۽ پرپاسي ۾ جاگيرن کي جيئن جو تيئن برقرار رکيو. ڪراچي شهر ۾ ميرن جي وقت کان ئي هندو واپارين جو مڪمل ڪنٽرول هو. جيڪو سيٺ نائون مل ۽ ان جي ڪٽنب جي هٿ هيٺ هو. ميرن جي صرف نالي ماتر حڪمراني هئي. ڪراچي شهر جي سياسي، سماجي ۽ معاشي نظام تي مڪمل ڪنٽرول هتان جي واپارين جي هٿ ۾ هو. ڪراچي جي انتظام سنڀالڻ لاءِ ميرن پاران به گورنر مقرر هوندا هئا. هڪ فوجي گورنر يا نواب هن جي فرض ۾ شهري انتظام سان گڏ انتظامي امور ۽ فوجي امور شامل هوندا هئا. ٻيو گورنر سول ڪم ڪار لاءِ هوندو هو. سول گورنر جي فرض ۾ شهر ۾ امن امان قائم ڪرڻ، حڪومت

جي قانونن تي عمل ڪرائڻ، شهرين ڪان ٽيڪس وٺڻ مختلف ڪيسن جا فيصلا ڪرڻ ۽ سزائون تجويز ڪرڻ جا اختيار شامل هوندا هئا. ڪراچي جي ساموندي ڪنارن تي مختلف ڪيسن جا فيصلا ڪرڻ ۽ سزائون تجويز ڪرڻ جا اختيار شامل هوندا هئا. ڪراچي جي ساموندي ڪنارن تي جتي ماهيگيرن جا ڳوٺ ۽ مڇي مياڻ هئا هتي به پين علائقن وانگر ڳوٺ جا چڱا مڙس هوندا هئا جيڪي انهن وسندين جا فيصلا ڪندا هئا. ماهيگيري طبقو هميشه حڪمرانن جي ڏاڍ جو شڪار رهيو آهي. جنهن جي ڪري معاشرتي ۽ سياسي طورج هي طبقو هميشه پٺتي رهيو آهي.

انگريزن جي قبضي وقت ڪراچي جي سول گورنر حسن بن بچو ۽ فوجي گورنر خير محمد نظاماڻي هو. سياسي حوالي سان گهڻي عرصي تائين ڪراچي جي واپار سان گڏوگڏ سياست تي به سيٺ نائون مل ۽ ان جو ڪٽنب ڇانيل رهيو. مضبوط معاشي پوزيدن، بندر ۽ شهر هي واپار سان گڏوگڏ سياست تي به سيٺ نائون مل ۽ ان جو ڪٽنب ڇانيل رهيو. مضبوط معاشي پوزيشن، بندر ۽ شهر جي واپار تي مڪمل ڪنٽرول ڪري ميرن جي سياسي فيصلن تي به اهي اثر انداز ٿيندا هئا. ميرن کي فقط پنهنجي ٽيڪس جي اوڳاڙي سان دلچسپي هئي. ڪراچي جي سياسي ۽ سماجي معاملن ۾ انهن جي ڪا به دلچسپي نه هئي. جنهن جي ڪري انگريزن آساني سان 1839ع ۾ ڪراچي تي قبضو ڪيو. ميرن جي حڪومت هوندي به ڪراچي تي سيٺ نائون مل ۽ انگريزن جو ڪنٽرول هو. ان دوران سواءِ هڪ ٻن واقعن جي، ڪابه سياسي تحريڪ يا مزاحمتي تحريڪ ابري نه سگهي. ڇاڪاڻ ته شروع ڪان وٺي ڪراچي تي ميرن جو ڪو به سياسي گرفت نه هو. ڪراچي جي حيثيت اندروني طرح هڪ آزاد رياست جي هئي. جنهن تي حڪمراني ميرن جي هئي پر سياسي ڪنٽرول هتان جي واپارين جي هٿ ۾ هو. انهن سيني ڳالهين ڪري هتان جي سياست به سنڌ جي سياست وانگر عدم استحڪام جو شڪار رهي.

چارلس نيپئر جڏهن پوري سنڌ تي قبضو ڪيو ته هن سيپٽمبر 1843ع ۾ سنڌ جي گادي جو هنڌ حيدرآباد ڪان ڪراچي منتقل ڪيو ۽ ائين ڪراچي جي قسمت جاڳي پئي. اڳتي هلي ڪراچي سنڌ سميت پوري ننڍي کنڊ جي سياست جو مرڪز رهي ۽ گهڻيون سياسي تحريڪون هتان ابريون ۽ سياسي پارٽين جو مرڪز ڪراچي رهيو ۽ سنڌ جا گهڻن سياسي ماڻهن، ورڪرن ۽ سياسي جاگيردارن ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ گهڻا هميشه لاءِ ڪراچي جا ٿي ويا. سياسي هلچل ڪري هتي سنڌي ادب ۽ صحافت خوب ترقي ڪئي. سماجي تنظيمن ۽ تعليمي ادارن جو هڪ پورو ڄاڙ هتي وڇائجي ويو جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي سنڌ ۾ وچولو طبقو ابريو. جنهن سياست سان گڏ صحافت ۾ پاڻ مڃرايو.

فيبروري 1843ع کان آڪٽوبر 1847ع تائين چارلس نيپئر سنڌ جو گورنر رهيو. گورنري دوران نيپئر سياسي تحريڪن کي اسرڻ نہ ڏنو ۽ هن 1844ع ۾ هڪ تنظيم ”سنڌ ايسوسيئيشن“ ٺاهي. جنهن جو مقصد پنهنجي هم خيال سماجي ماڻهن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ هو ۽ ماڻهن جو رجحان سياست کان سماجي ڪمن ڏانهن هو. نيپئر انتظامي طور تي سنڌ کي ٽن ڪليڪٽوريٽ (1) ڪراچي (2) حيدرآباد ۽ (3) شڪارپور ۾ ورهايو. هر ڪليڪٽوريٽ جي انتظام هلائڻ لاءِ هڪ ڪليڪٽر مقرر ڪيو. ڪليڪٽوريٽ جي انتظامي امورن ڪانسواءِ مختلف ڪيسن جو فيصلو ڪرڻ ۽ سرڪاري ٽيڪسن جي اوڳاڙي جو ذميوار بہ ڪليڪٽر هوندو هو. ڪليڪٽر ضلعي مئجسٽريٽ بہ هوندا هئا. انگريزن جي اچڻ ڪانپوءِ هتي جيڪا آزاديءَ جي تحريڪ هلي. هن کي انگريزن طاقت سان دٻايو. پوري نندي کنڊ ۾ انگريزن خلاف 1857ع ۾ جنگ آزاديءَ جي شروعات ٿي. هن جي شروعات اتر هندستان جي شهر ميرٺ مان ٿي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي پوري هندستان ۾ ڦهلجي ويئي. سنڌ بہ ان هلچل ۾ پٺتي نہ رهي. حيدرآباد ڪانپوءِ ڪراچي ۾ 13 سيپٽمبر 1857ع جي رات 21هين بمبئي انفنٽري رجمينٽ جي مقامي سپاهين بغاوت ڪئي. بغاوت جو منصوبو ۽ ان جي اڳواڻي رام دين پانڊي ڪري رهيو هو. راز فاش ٿيڻ جي صورت انگيز سرڪار وقت کان اڳ ڪارروائي ڪري بغاوت کي ناڪام بنايو.

ڪراچي جيڪو سنڌ جي گادي جو هنڌ هو. جتي بلدياتي نظام کي فروغ ڏيڻ سان سياست جي شروعات ٿي ۽ ڪراچي سياست جو گڙهہ بڻجي ويو. هندستان ڏانهن اچڻ وڃڻ جي ڪري هتان جي ماڻهن جا هندستان جي سياستدانن سان رابطا ٿيا. خيالن جي ڏي وٺ ٿي. پوري سنڌ مان سياسي ماڻهن ڪراچي جو رخ ڪيو، تنهن ڪانسواءِ ڏيهان ڏيهي حالتن ۽ خاص ڪري نندي کنڊ ۾ آيل انقلاب ۽ مختلف تحريڪن جو اثر ڪراچي ۾ رهيو جنهن جو اثر عام ماڻهوءَ جي ذهن ۽ معاشري تي پيو.

سنڌ تي انگريزن جو قبضو، ميرن جي سنڌ مان جلا وطني، سنڌ کي بمبئيءَ سان ڳنڍڻ، ريشمي رومال تحريڪ، خلافت تحريڪ ۽ 1857ع واري جنگ آزادي جي ناڪامي واري واقعي ڪانپوءِ هتي سياسي شعور وڌيو ۽ هتان جي ماڻهن ۾ تنظيم سازي ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. غير سياسي بلدياتي نظام ۾ ماڻهن حصو وٺڻ شروع ڪيو. مدرسا ۽ اسڪول قائم ڪيا تہ جيئن ماڻهن ۾ سياسي شعور جو واڌارو ٿئي. ڪيترين ئي سياسي پارٽيون، سماجي تنظيمون، طبقاتي ۽ مذهبي گروهہ پيدا ٿيا. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي ماڻهن جا هندستان جي سياسي ماڻهن سان رابطا ٿيا. هندستان ۾ سياسي پارٽيون وجود ۾ آيون جن جو اثر سنڌ تي پيو ۽ ڪراچي انهن جو مرڪز

رهيو. آل انڊيا ڪانگريس پارٽي ۽ جمعيت علماءِ هند پوري هندستان ۽ سنڌ ۾ مقبول سياسي پارٽيون هيون. سنڌ ۾ انهن ٻنهي جماعتن جون شاخون کوليون ويون.

سن 1913ع ۾ سنڌ جي شهر ڪراچي ۾ ڪانگريس جو ميڙ نواب سيد محمد جي صدارت ۾ ٿيو. جنهن کي ڪامياب ڪرڻ ۾ ايسداس، هر چند راءِ وشنداس، ڊاڪٽر چوئٿرام، جمشيد مهتا، جيرام داس دولترام، پروفيسر گهنشام جيٺانند، ڪسيومل ٽيڪمچند، ڪلورام، مسٽر عبدالجبار، غلام علي چاڳلا، ڄيٺمل پرسرام، گوپال داس جيٺمل، ساڪي ڄيٺانند، لالچند امر ڏنو، پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي ۽ چتريج تيجومل شامل هئا.

ڪراچي ۾ جيڪا پهرئين پارٽي وجود ۾ آئي اها "سنڌ سڀا" هئي جيڪا فرقيوارانڊي متڀيد کان آجي جماعت هئي. اها جماعت 1882ع ۾ وجود ۾ آئي.. اها هڪ اهم ۽ تاريخي جماعت هئي، جنهن ۾ هندو، مسلمان، عيسائي، پارسي سڀ شامل هئا. هن جماعت سنڌ ۽ سنڌين جي سياسي مسئلن، زرعي مسئلن، زرعي مسئلن ۽ سماجي مسئلن لاءِ ڀرپور جاکوڙ ڪئي. سنڌ سڀا پاران ٻه اخبارون "سنڌ ٽائمس" ۽ "سنڌ سڌار" جاري ڪيون ويون. آگسٽ 1887ع ۾ سنڌ سڀا جي اڳواڻ ديوان ڏيارام ڄيٺمل جي ديهانت ڪانپوءِ جماعت جون واڳون اڌارام مولچند جي هٿ ۾ آيون. ڪراچي ۾ ٿيندڙ ميونسپل ۽ لوڪل بورڊ جي چونڊن ۾ هن جماعت ڀرپور حصو ورتو ۽ ان جا نمائندا اڪثريت سان ڪامياب ٿيا. حسن علي آفندي جماعت جو سرگرم ڪارڪن هو. بعد ۾ اختلافن ڪري هن استعفيٰ ڏني ۽ 1884ع ۾ حسن علي آفندي ڪراچي ۾ سنڌ جي پهرين مذهبي جماعت "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" جو بنياد وڌو. هندستان ۾ هن جماعت جو بنياد 1880ع ۾ سيد امير علي وڌو هو.




**شهيد الله بخش سومرو　　سائين جي ايم سيد　محمد علي جناح**

**سر عبدالله هارون　　ميران محمد شاهه　　سر غلام حسين هدايت الله**

**سر شاهنواز ڀٽو　　شيخ عبدالمجيد سنڌي　　جيٺي سپاهيملاڻي**

**ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي　　خان بهادر محمد ايوب کهڙو　　ڊاڪٽر چوٿيرام**

انهن مذهبي اختلافن ڪري سنڌ سيا اختلافن جو شڪار ٿي ويئي. سنڌ محمدن ايسوسيئيشن تعليمي مدرسو بورڊ قائم ڪيو ۽ انهيءَ جماعت سن 1886ع ۾ سنڌ مدرسته السلام جو بنياد وڌو جنهن سنڌ جي تعليمي ميدان ۾ انقلاب برپا ڪيو. سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ واري تحريڪ

۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اها ايسوسيئيشن سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ تائين قائم رهي. بعد ۾ هن کي آل انڊيا مسلم ليگ ۾ ضم ڪيو ويو.

سنڌ سڀا جيڪا هڪ غير فرقيوار راڄي جماعت هئي. اختلافن ڪانپوءِ هن تي مذهبي رنگ چڙهندو ويو. هن کي ”سنڌ هندو سڀا“ جو نالو ڏنو ويو جنهن جو روح روان ويرو مل بيگراج هو. ڪراچيءَ ۾ مرڪزي آفيس ڪانسواءِ پوري سنڌ ۾ هن جون شاخون کوليون ويون. 1937ع واري اليڪشن ۾ هن پارٽي هندن جي جماعت جي حيثيت سان حصو ورتو.

ريشمي رومال تحريڪ:

هن تحريڪ جو مقصد انگريزن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ هو ۽ خاص مقصد 1857ع واري شڪست جي خال کي پرڻ هو. جنهن لاءِ ”جماعت الانصار“ نالي هڪ جماعت ٺاهي ويئي. جنهن جو مقصد تحريڪ کي مرڪزي سطح تي هلائڻ لاءِ ديوبند علمائن کي گڏ ڪري ملڪ ۾ هڪ اهڙو انقلاب آڻڻ هو، جنهن موجب هندستان ۾ ماڻهن ۾ هلچل پيدا ڪري بغاوت ڪرائي انگريزن کي هندستان مان ڪيڻ هو. ملڪ کان ٻاهر به رابطا ڪيا ويا. اتر اولهه سرحد تي قبائلين کان افغانستان جي نگراني هيٺ حملي ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ويو. حملي لاءِ 19 فيبروري 1917ع جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو هو.

ان تحريڪ جا سرواڻ مولانا محمود الحسن ديوبند ۽ ان جو شاگرد مولانا عبيدالله سنڌي هئا. ان تحريڪ جا اڳواڻ مولانا محمد صادق کڏي وارو. سندس پائيٽو محمد ابراهيم سنڌي، حاجي عبدالله هارون ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هئا. انهن مان محمد ابراهيم سنڌي 1917ع ۾ روس جي انقلاب ڪانپوءِ بدخشان ويندي رستي ۾ وفات ڪري ويو.

هن تحريڪ جي شروعات ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته بنا هٿياربند ويڙهه جي هندستان مان انگريزن کي ڪيڻ ڪانسواءِ وطن آزاد ڪرائڻ ڏکو آهي. جنهن لاءِ منصوبا بندي ڪئي ويئي.

1914ع ۾ پوري دنيا کي مهاڀاري لڙائي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي چڪو هو. ڪراچي شهر هڪ فوجي ڇانوڻي ۾ تبديل ٿي چڪو هو، برطانيا ۽ هن جا حامي اعلان جنگ ڪري چڪا هئا. سنڌ سميت پوري هندستان ۾ هر سياسي، سماجي شخصيتن کي گرفتارين جو هڪ اڻکٽ سلسلو شروع ڪيو ويو.

مولانا عبيدالله سنڌي جي اڳواڻي ۾ هڪ وفد جنهن ۾ مولوي عبدالله لغاري، فتح محمد شيخ ۽ نور محمد افغاني شامل هئا، 15 آڪٽوبر 1915ع (1333هه) تي ڪابل پهتو. ڪابل پهچي مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي انقلاب پروگرامن جي تياري ۾ لڳي ويو. جتي هن افغانستان جي بادشاهه امير حبيب الله سان ملاقات ڪئي. مولانا ان کي انقلابي پروگرام سمجهايو. امير حبيب الله

سيني کان اها بيعت ورتي ته جيستائين هو جنگ شروع نه ڪري، انقلابي ڪجهه به نه ڪندا ۽ هو فقط جنگ جي تياري ڪندا. اهڙو واعدو حضرت ابو السراج، غلام محمد دين پوري، مولانا تاج محمد امروٽي کان به ورتو ويو. سڀ ماڻهو امير حبيب الله کان جنگ جي اعلان جا منتظر هئا. امير حبيب الله جيئن ته انگريزن سان ٻڌل هو. احري بيعت جو مقصد به اهو هو. جنهن تي جنوري 1916ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي جنود الله جو قيام عمل ۾ آندو. مولانا عبيدالله ڪابل ۾ ويهي هندستان جي هڪ عارضي جلا وطن حڪومت قائم ڪئي. ان جو صدر راجا مهندر پرتاب، وزيراعظم برڪت الله ۽ مولانا پاڻ وزير داخلا هو. ان قوت روس ۾ ڪميونسٽ انقلاب شروع ٿي چڪو هو.

ان تحريڪ کي ريشمي رومال تحريڪ ان ڪري چيو وڃي ٿو، جو انگريزن کان لڪ ۾ مولانا عبيدالله سنڌي مختلف سياسي شخصيتن ۽ تحريڪ جي ڪارڪنن ڏانهن هدايتون ۽ تجويزون ريشمي ڪپڙي جي هڪ گز ڊگهي ۽ هڪ گز ويڪري ٽڪري تي لکي موڪليندو هو. آخري ٽي خط جيڪي عبدالحق نالي ڪارڪن جي هٿان موڪليا ويا، جن ۾ هڪ خط شيخ الحديث مولانا محمود الحسن جي نالي هو. اهي خط انگريزن جي هڪ الچي خان بهادر حق نواز جي هٿ لڳي ويا اهڙي طرح انگريزن کي هن ڳجهي تحريڪ جي ڄاڻ ملي ويئي. انگريزن وٺ پڪڙ شروع ڪئي. ۽ ائين اها تحريڪ پنهنجي منزل تي پهچڻ کان اڳ ناڪام ٿي ويئي.

سنڌ ۾ هن تحريڪ جو مرڪز ڪراچي جو علائقو کڏو رهيو. جتي مولانا محمد صادق جو مدرسو هيڊ ڪواٽر هو. سنڌ ۾ ننڍي ڪارڪن کان وني مرڪزي اڳواڻن تائين خدائي فوج ۾ قائم مقام سالار کان وني ليفٽيننٽ تائين سنڌي اهم عهدن تي فائز هئا. راز ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ مان مولانا تاج محمد امروٽي، مولانا مهمد صادق کڏي وارو، پير اسد الله شاهه، مولوي عبدالله، حڪيم قاضي عبدالقيوم، شيخ عبدالمجيد سنڌي، شاهه بخش لاشاري، رئيس غلام محمد پرڳڙي کي گرفتار ڪيو ويو. مولانا محمد صادق کڏي وارو (ڪراچي)اهم اڳواڻ هو جنهن کي گرفتار ڪري ٽي سال جي سزا ٻڌائي ويئي.

شيخ عبدالرحيم سنڌي تحريڪ جو هڪ اهم ڪارڪن هو. تحريڪ ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ هن جي گرفتاري جا آرڊر جاري ڪيا ويا پر سرڪار کي هٿ نه لڳو. رپورش سرهند شريف هليو ويو. هتي مزدوري ڪندو هو ۽ اتي ئي گذاري ويو. حضرت شيخ الهند ۽ سندس ساٿين مولانا حسين احمد مدني ۽ ٻين کي مديني شريف مان گرفتار ڪري انگريزن جي حوالي ڪيو ويو. انهن کي مالٽا ٻيٽ ۾ قيد ڪيو ويو.

سنڌ ۾ هن تحريڪ جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ مولانا عبيدالله سنڌي افغانستان ۾ رهي پيو. مئي 1919ع ۾ جنگ ڪانپوءِ افغانستان برطانيا جي چنبي مان مڪمل آزاد ٿي ويو. افغانستان جو بادشاهه امير امان الله پنهنجي پيءُ حبيب الله ۽ ڏاڏي عبدالرحمان وانگر انگريزن جو ساٿاري نہ هو. امير امان الله مولانا جي جلا وطن حڪومت کي تسليم ڪيو. مولانا عبيدالله سنڌي 15 آڪٽوبر 1922ع تي ڪابل کان ماسڪو پهتو. هتان کان جولاءِ 1933ع ۾ ترڪي پهتو. مختلف ملڪن مان ٿيندو مديني شريف پهتو. جتي جنوري 1938ع ۾ مولانا کي انڊين پاسپورٽ جاري ڪيو ويو. مارچ 1939ع ۾ هو ڪراچي بندر تي پهتو جتي بندرگاهہ تي سنڌ جي وڏي وزير الله بخش سومري ان جو آڌر ڀاءُ ڪيو. سنڌ ۾ ان 1844ع ۾ هڪ سياسي جماعت سنڌ ۽ هند پارٽي جو بنياد وڌو. اها جماعت اڄ بہ سنڌ جي حقن لاءِ جاکوڙ پئي ڪري. افغانستان جي حڪمرانن ۽ سنڌ ۽ هند جي ڪجهہ سياستدانن پنهنجي ذاتي فائدن خاطر هن تحريڪ ۾ انقلابين جو ساٿ ڏنو. اها تحريڪ ناڪام ٿي.

**خلافت تحريڪ:**

1857ع جي جنگ آزادي ۾ ترڪي جي حڪومت ننڍي کنڊ جي آزادي جي علمبردارن جي مدد لاءِ پنهنجي فوج کي دهلي موڪليو ۽ مالي مدد بہ ڪئي. جنهن جي ڪري پهرئين مهاڀاري لڙائي ۾ برطانيا حڪومت ترڪي خلاف جنگ شروع ڪئي، تہ ننڍي کنڊ جي ماڻهن هن اڳرائي خلاف سخت احتجاج ڪيو ۽ رضاڪار ڀرتي ڪري ترڪي موڪليا. پوري هندستان وانگر سنڌ جي ماڻهن بہ عثماني خليفي جي رتبي کي قائم رکڻ واسطي پڻ هن تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو.

ترڪي جي عثماني حڪومت سن 1281ع کان 1512ع تائين يونان، سربيان، بلغاريا، قسطنطنيا، يورپ، ايشيا، ڪريميا، انا طوليا، بلستان، مصر، مڪي ۽ مديني جي علائقن تائين قائم ٿي چڪي هئي. پهرئين مهاڀاري لڙائي ۾ سنڌ سميت هندستان جي ماڻهن جون همدرديون ترڪي سان هيون. سنڌ مان تاج محمد امروٽي، تراب علي شاهہ، رئيس جان محمد جوڻيجو، شيخ عبدالعزيز ۽ حاجي عبدالله هارون اهم ڪردار ادا ڪيو. هندوئن ۽ مسلمان ايڪي جو مظاهرو ڪيو. تحريڪ جي جلسن ۽ ميٽنگن ۾ مهاتما گانڌي، پنڊت موتي لال نهرو، پنڊت مدن موهن مالوي شرڪت ڪندا هئا. گانڌي ان موقعي تي اعلان ڪيو هو تہ ”قومي مسئلي وقت هندو ۽ مسلمان هڪ آهن.“

اتحادين ترڪي جي قسمت جو فيصلو ”سيورز عهد نامي“ وسيلي ڪيو ويو ۽ ترڪي جي سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو. هن معاهدي خلاف سنڌ سميت پوري هندستان ۾ جلسا جلوس ڪيا ويا. مئي 1920ع ۾ خلافت ڪانفرنس ۾ اڻ سهڪاري تحريڪ جي شروعات ڪئي ويئي. جيڪو مهاتما گانڌي جو فيصلو هو. هن کان اڳ 17 آڪٽوبر 1919ع ۾ پوري هندستان ۾ خلافت ڏينهن ملهايو ويو. مجلس خلافت نالي هڪ انجمن قائم ڪئي وئي. بعد ۾ انهيءَ کي آل انڊيا خلافت

ڪاميٽي جو نالو ڏنو ويو. خلافت تحريڪ جو پهريون اجلاس 24 نومبر 1919ع ۾ دهلي ۾ مولوي فضل حق جي صدارت ۾ منعقد ڪيو ويو. هن اجلاس ۾ مهاتما گانڌي ۽ پنڊت موتي لال نهرو سميت گهڻا هندو اڳواڻ به شريڪ ٿيا. 1919ع ۾ سنڌ ۾ خلافت ڪاميٽي جي شاخ ڪراچي ۾ قائم ڪئي ويئي. ان جو پهريون اجلاس 4 جنوري 1920ع ۾ حيدرآباد ۾ ۽ ٻيو اجلاس اپريل 1920ع ۾ سيوهڻ ۾ ٿيو، ڪراچي جي مذهبي سياسي اڳواڻ مولانا عبدالڪريم درس صدارت ڪئي. ڪراچي ۾ حاجي عبدالله هارون سرگرم هو. جنهن اپريل 1920ع ۾ ترڪي جي خليفي وحيدالدين جي نالي سان ڪراچي مان هڪ سنڌي روزنامو "الوحيد" جي نالي سان جاري ڪيو. انهن ڏينهن ۾ الوحيد جو ايڊيٽر شيخ عبدالمجيد سنڌي هو. اخبار تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. اخبار الوحيد سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. پوري هندستان وانگر سنڌ سميت ڪراچي ۾ به هندوئن ۽ مسلمانن ڀرپور حصو ورتو. رئيس جان محمد جوڻيجي ان موقعي تي انگريز سرڪار پاران مليل سمورا خطاب واپس ڪيا ويا. پهرئين آگسٽ 1920ع تي اڻ سهڪاري تحريڪ جي ڏينهن هندستان ۾ هڙتال ڪئي ويئي.

انهيءَ وچ ۾ لڏپلاڻ تحريڪ (هجرت تحريڪ) به شروع ڪئي ويئي. جنهن لاءِ افغانستان ڏانهن لڏپلاڻ جو فيصلو ڪيو ويو. رئيس جان محمد جوڻيجي پنهنجي لاڙڪاڻي واري بنگلي کي لڏپلاڻ ڪاميٽي جو دفتر بنايو. جولاءِ 1920ع ۾ هڪ قافلو اسپيشل ريل وسيلي جان محمد جوڻيجي جي اڳوڻي ۾ 750 ماڻهو افغانستان ڏانهن لڏپلاڻ لاءِ روانو ٿيو. جيڪي سيئي هڪ خاص يونيفارم ۾ هئا.

الوحيد ڪانسواءِ 1924ع ۾ محمد هاشم مخلص اخبار "مسلمان" جاري ڪئي. جنهن به خلافت تحريڪ جي حق ۾ زبردست رستو هموار ڪيو. ڪراچي ۾ 8- 9- 10 جولاءِ 1921ع ۾ خلافت ڪانفرنس پاران ڪراچي ۾ وڏو جلسو ڪيو ويو. جنهن ۾ مولانا مهمد علي جوهر. مولانا شوڪت علي، حسين احمد مدني، نثار احمد ڪانپوري، پير غلام مجدد سرهندي سنڌي متياري وارو، ٻي ڪي تيرٿ، عبدالله هارون، مولانا افتخار ڪانپوري، ڊاڪٽر سيف الدين ڪاڇيلو،جگت گرو شري شنڪر آچاريا شرڪت ڪئي. اجلاس جو صدارتي خطبو مولانا محمد صادق ڪڏي واري پيش ڪيو. ڪانفرنس ۾ 500 عالمن انگريزن جي نوڪري کي ڪفر قرار ڏنو ۽ فتويٰ جاري ڪئي.

جنهن ڪانپوءِ حڪومت پاران اجلاس ۾ تقرير ڪرڻ جي ڏوهه ۾ مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي، مولانا افتخار ڪانپوري، ڊاڪٽر سيف الدين ڪاڇيلو، مولانا حسين احمد مدني، مولانا پير غلام مجدد سرهندي سنڌي ۽ جگت گرو شري شنڪر آچاريا کي مختلف علائقن مان گرفتار ڪري ڪراچي آندو ويو. انهن تي 26 سيپٽمبر 1921ع ۾ ڪراچي جي خالق ڏني هال ۾

بغاوت جو مقدمو هلايو ويو. انهن اڪي ٻن سالن جي قيد جي سزا ٻڌائي ويئي. سوامي شنڪر آچاريا ڪي بري ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته مذهبي فتويٰ سان هن جو ڪو واسطو نه هو. ڪراچي جي ماڻهن ۽ هتان ميونسپلٽي تي چونڊيل ميمبرن به هن تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. ڪراچي مان مولانا محمد صادق کڏي واري، مولانا عبدالڪريم درس کي به گرفتار ڪيو ويو. ڪراچي مان بابا مير محمد بلوچ جيڪو گجرات جو سلاوٽي بلوچ هو. جيڪو ميونسپلٽي جو ميمبر ۽ ڪراچي ۾ اعزازي مئجسٽريٽ هو پنهنجي عهدي تان استعفيٰ ڏني. سيٺ عبدالله هارون جو گهر نيپئر روڊ ڪراچي ۾ تحريڪ جو مرڪز هو. ڪراچي مان انهن اڳواڻن ڪانسواءِ مولوي محمد عثمان بلوچ، سيٺ طيب علي، ڊاڪٽر حاجي ولد غلام حسين قاسم، سيٺ هرچند راءِ وشنداس، شيخ عبدالمجيد سنڌي، ڄام مير محمد ايوب خان، بيگم نصرت هارون، قاضي عبدالعزيز، حڪيم فتح مهمد سيوهاڻي، حڪيم شمس الدين بلبل ۽ جي ايم سيد تحريڪ ۾ پيش پيش هئا.

انگريز سرڪار خلافت تحريڪ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪئي حيلا هلايا. جن ۾ ”امن سڀا تحريڪ“ پڻ قابل ذڪر آهي. خلافت تحريڪ، بمبئي کان سنڌ جي ڪجهه عالمن، پيرن، گادي نشينن جي سهڪار سان ”امن تحريڪ“ جو بنياد وڌو. ان امن سڀا جو پهريون نقطو اهو هو ته ”برطانيا جي تاج ۽ تخت سان وفادار رهڻ.“

4 جولاءِ 1930ع تي هالن جي مخدوم غلام حيدر جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي پيرن ۽ فقيرن جي گڏجاڻي انگريز سرڪار جي سهڪار سان ٿي. جنهن ۾ 33 وڏن پيرن، گادي نشينن شرڪت ڪئي. سنڌ مان مولوي فيض الڪريم، محمد عبدالغني ۽ مولوي عبدالعزيز امن سڀا جا اهم اڳواڻ هئا. ان موقعي تي مولوي فيض الڪريم تحقيق الخلافت ڪتاب ۾ سنڌ جي گادي نشينن کان انگريزن جي حمايت ۽ تحريڪ جي خلافت صحيحون ونرايون.

ٻئي پاسي هندوئن ۾ به اهڙيون جماعتون سرڪار ڀاران جوڙيون ويون ۽ ائين هندو مسلم ايڪي کي ٽوڙيو ويو ۽ جنهن جا اثر سنڌ تي اڳتي هلي پيا ۽ سنڌ کي جيڪو نقصان ٿيو ان جو ازالو اڄ تائين به ممڪن نه ٿيو آهي. 1924ع ۾ خلافت ڪاميٽي جو خاتمو ٿي ويو. خلافت تحريڪ دوران رولٽ ايڪٽ جهڙو قانون پاس ڪيو ويو. رولٽ ايڪٽ خلافت هندستان ۾ زبردست احتجاجي سلسلو شروع ٿيو. مظاهرن تي گوليون هلايون ويون. رولٽ ايڪٽ جو مقصد ڀهرئين مهاياري لڙائي ڪانپوءِ انگريز حڪومت پنهنجي قبضي کي مضبوط ڪرڻ ۽ آزادي لاءِ هلندڙ تحريڪ کي ڪچلڻ هو. جنهن ڪري عوام تي آزار وڌي ويو. سنڌ جي سياستدانن اپريل 1919ع ۾ ڪراچي ۾ ستياگرهه سڀا قائم ڪئي. انگريزن خلاف سنڌ ۾ جيڪا ستياگرهه هلچل هلي، هن سڀا ڀرپور حصو ورتو.

اڻ سهڪاري تحريڪ جي نتيجي ۾ سڄي ننڍي کنڊ ۾ سوديشي تحريڪ زور ورتو. ڪانگريس جماعت هڪ ڪروڙ رپين جو چندو گڏ ڪيو. هزارين ماڻهن گرفتاريون پيش ڪيون. اها تحريڪ پهرين آگسٽ 1920ع کان 12 فيبروري 1922ع تائين هلائي وئي. سنڌ جي شهر ڪراچي ۾ ٻين ڪيترن شهرن ۾ هن تحريڪ کي روڪڻ لاءِ حڪومت ڪئي پيرا لنبازي ڪئي. 16 اپريل 1930ع تي ڪراچي ۾ عوام تي گوليون هلايون ويون. جنهن جي نتيجي ۾ به ڪانگريسي والنٽيئر مينگهراج ديپچند ۽ دتامرهتي مارجي پيا. ڪراچي سميت پوري سنڌ مان 724 ڄڻا گرفتار ڪيا ويا. جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي شامل هئا. سنڌ مان پهرين عورتن گنگا ديوي شڪارپور مان گرفتار ٿي. ان کانسواءِ گهڻيون عورتون گرفتار ٿيون، انهن کي جيل موڪليو ويو. پوري هلچل دوران 90 هزار ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو، جنهن ۾ ٻه هزار عورتون به شامل هيون.

رولٽ ايڪٽ خلاف 1919ع امرتسر جي جليانوالا باغ ۾ ماڻهن جو ميڙ ٿيو. ميڙ جنرل ڊائر گوليون هلايون ته سئو ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. 100 سئو زخمي ٿيا. واقعي خلاف ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور ۾ ڪانگريس جي هٿ هيٺ احتجاجي مظاهرا ٿيا. جلوس ڪڍيا ويا. ڪراچي ۾ مڪمل هڙتال ٿي شام جو پهرئين اگهاڙو جلوس ڪڍيو ويو. جنهن جي اڳواڻي هرچند راءِ وشنداس ۽ غلام محمد پرگڙي ڪري رهيا هئا. رات جو ڪراچي ۾ وڏو جلسو ٿيو. 1931ع ۾ انگريز سرڪار مجبور ٿي گانڌي سان ڳالهيون ڪري. ”گانڌي ارون ناهه“ ڪيو ته 4 مارچ 1931ع تي ستيا گرهه هلچل ختم ڪئي ويئي. جنهن جي گهڻا انقلابي جيڪي انگريزن سان ويڙهه وسيلي آزادي حاصل ڪرڻ جي ڳالهه ڪندڙ هئا. گانڌيءَ جي انهيءَ عمل خلاف هئا. انهن گانڌيءَ خلاف مظاهرا ڪيا جنهن ۾ انقلابي اڳواڻ ڀڳت سنگهه ۽ سندس ساٿي اڳيرو هئا.

سوديشي تحريڪ ۾ انگريز سرڪار ٻين علائقن وانگر ڪراچي ۾ به پريس ۽ اخبارون ضبط ڪيون ويون. ڪيترن ڪانگريسي اڳواڻن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. جن ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام، ڊاڪٽر هرچند راءِ وشنداس، وشنو شرما ۽ ٻيا شامل هئا.

**<u>سنڌ جي بمبئي کان ڌار ڪرڻ واري تحريڪ:</u>**

1847ع ۾ برطانوي حڪومت سنڌ جي الڳ حيثيت ختم ڪري هن کي بمبئي پريزيڊنسي ۾ شامل ڪيو ويو. سنڌ صوبي جي حيثيت ختم ڪئي ويئي. سنڌ جي گادي جو هنڌ ڪراچي، بمبئيءَ جو هڪ معمولي شهر بڻجي ويو. هن فيصلي ڪري سنڌ جي ماڻهن ۾ هڪ احساس محرومي جنم ورتو. سنڌ جي ماڻهن جو سرڪار سان رابطو ممڪن نه هو. ڇاڪاڻ ته هو 800 سئو ميل پري، بمبئي ۾ ويهيءَ سنڌ جي انتظام کي هلائي رهيا هئا 7 سنڌ جا ماڻهو بمبئي جي گورنر جا محتاج هئا. سنڌ جا سياسي حق ڦٻايا ويا. سياسي قيادت جي ڪوٺ ڪري ان وقت انگريزن جي هن فيصلي

خلاف ڪو احتجاج بلند نہ ٿي سگهيو. جاگيردار، مير ۽ پير انگريزن جي خوشامد ۾ پنهنجي جاگيرن جي بچاءُ ۾ پورا هئا. انگريزن هتان جي ماڻهن کي ميونسپلٽين ۽ ضلعي لوڪل بورڊن جي اعزازي ميمبري تائين محدود ڪري ڇڏيو هو. سياسي پارٽين يا گروهن جو ڪو وجود نہ هو. جڏهن آهستي آهستي ماڻهن ۾ سياسي شعور بيدار ٿيو. ريشمي رومال تحريڪ، خلافت تحريڪ، لڏپلاڻ واري تحريڪ (هجرت تحريڪ) ستيا گرهہ، سوديشي تحريڪن ۽ حر تحريڪ ماڻهن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو. بمبئي لجسليٽيو ڪائونسل ۾ چونڊيل نمائندن پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو.

سنڌ کي بمبئي کان جدائي جو سڀ کان پهرئين ڪانگريسي ليڊر هر چند راءِ وشنداس مطالبو پيش ڪيو. وشنداس جنهن ڪراچي جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان کي ڪراچي ميونسپلٽي جو پهريون غير يورپي صدر ٿيڻ جو بہ اعزاز حاصل آهي.

سن 1868ع ۾ سنڌ ايڪٽ پاس ٿيو. جنهن ۾ اهو ٻڌايو ويو تہ انتظامي طور، سنڌ اسيمبليءَ کان گهٽ پري آهي تنهن ڪري انهن ڏکيائين کي ڏور ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ڪمشنر کي انتظامي لحاظ گهٽي آزادي ڏني ويئي. انهيءَ انتظامي آزادي جو فائدو وٺي سنڌ جي ڪمشنر سنڌ جي جاگيردارن، زميندارن، پيرن 7 سردارن کي رعايتون ڏيئي پنهنجو هڏ ڏوکي بڻايو. انهن انگريز سرڪار سان ملي غريب عوام کي ڪمزور بنائي پنهنجو محتاج رکيو. انهن اختيارن ڪري سنڌ جي سماج تي خراب اثر پيا. مٿيون طبقو رعايتن هاصل ڪرڻ لاءِ انگريز سرڪار جي خوشامد ۾ پورو هو ۽ غريب عوام لاچار ۽ بي وس هئي. پوليس کي بي لغام ڪيو ويو. مرد ۽ عورتن کي مختلف الزامن ۾ ٿاڻي تي گهرائي انهن سان انسانيت سوز رويو رکيو ويندو هو. عورتن کي ٿاڻن ۾ گهرائي عام ماڻهن اڳيان انهن جي بي حرمتي ڪئي ويندي هئي.

سنڌ بمبئيءَ ۾ وڏو اختلاف ٻوليءَ جو هو. ٻنهي جي ٻولين ۾ واضح فرق هو. سنڌ جي سرڪاري دفتري، عدالتي ٻولي سنڌي هئي. اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ۾ تعليم هلندڙ هئي. ٻولي جي معاملي ۾ هڪ مضبوط خطي کي ٻيءَ اڻ ڄاڻيل ٻولي واري علائقي سان ڳنڍڻ جا بہ خراب نتيجا نڪري رهيا هئا. تعليم جي معاملي ۾ بہ گهڻيون رڪاوٽون هيون. مئٽرڪ جي امتحان ڏيڻ لاءِ شاگردن کي بمبئي وڃڻو پوندو هو. جنهن تي وڏو خرچ ايندو هو.

1861ع ۾ انڊين ڪائونسل ايڪٽ هيٺ گورنر جنرل ۽ ٻين گورنرن کي اختيار مليو تہ هو ليجسليٽيو ڪائونسلون ناهين. سنڌ مان بمبئيءَ ليجسليٽيو ڪائونسل تي 1862ع کان 1892ع واري عرصي ۾ ڌار ڌار وقتن تي ڪراچي مان ڏيارام جيٺمل، حسن علي آفندي ميمبر طور ڪنيا ويا. 1892ع کان 1910ع تائين ٺٽي محمد خان جو مير الله بخش ٽالپر، ڪراچي مان مسٽر اڌا رام

مولچند ڪنيا ويا. 1909ع ۾ منٽو مورلي سڌارن عمل ۾ اچڻ سان سنڌ جي چئن نمائندن کي بمبئي ڪائونسل ۾ چونڊجڻ جو حق مليو. ميونسپلٽي تک مان ڪراچي جو سيٺ هرچند راءِ وشنداس، جاگيردار ۽ زميندار جي نمائندي طور رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، ڊسٽرڪ لوڪل بورڊ جي نمائندي طور سيد الهندو شاهه ڏيري وارو ۽ ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس يورپي نمائندي طور مسٽر مانٽيگو ويب شامل هئا.

بمبئي جي ماتحي دوران ليجسليٽو ڪائونسل جون چونڊڱن هر چار سال بعد هن طرح ٿيون. 1848ع، 1852ع، 1856ع، 1860ع، 1864ع 1868ع، 1872ع، 1876ع، 1880ع، 1884ع، 1888ع، 1892ع، 1896ع، 1900ع، 1904ع، 1908ع، 1912ع، 1916ع، 1920ع، 1924ع، 1928ع ۽ 1932ع، سنڌ ۾ اهو سلسلو 1861ع ۾ شروع ڪيو ويو. شروع ۾ ٻه ميمبر چونڊيا ويندا هئا. 1910ع ڪانپوءِ انهن جو تعداد چار ڪيو ويو. مختلف وقتن تي مٿين اڳواڻن ڪانسواءِ ڪراچي مان حاجي مير مهمد بلوچ، محمد هاشم گذدر، عبدالمجيس سنڌي، حاجي عبدالله هارون به ميمبر ڪنيا ويا.

1928ع ۽ 1932ع م مرڪزي اسيمبليءَ جون چونڊڱن به ٿيون. انهن اسيمبلين لاءِ سنڌ مان غلام محمد ڀرڳڙي، سر غلام حسين هدايت الله، خان بهادر سيد غلام نبي شاهه، ميران محمد شاهه، شاهنواز ڀٽو، الله بخش سومرو، سر آغا خان (ڪراچي)، محمد علي جناح (ڪراچي) حاجي عبدالله هارون (ڪراچي) چونڊجي آيا.

بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سيٺ هرچند راءِ ۽ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي جيڪي ٻئي ڪانگريس جا ميمبر هئا. ڪائونسل جي اجلاس ۾ انهن سنڌ جي بمبئي کان ڌار ڪرڻ لاءِ دليل ڏنا.

1913ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو ساليانو اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو. جنهن ۾ آجياٽي ڪاميٽي جي چيئرمين هر چند راءِ وشنداس انگ اڪرن سان سنڌ سان ٿيندڙ ظلمن کان ماڻهن کي آگاهه ڪيو ۽ سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسي کان ڌار ڪرن جي گهُر ڪئي.

سنڌ جي بمبئي کان ڌار ڪرڻ واري تحريڪ جي اوائلي جدوجهد ۾ سنڌ جي مسلمانن، هندن توڙي پارسي ۽ سکن ڀرپور حصو ورتو.

1921ع م سنڌ جي هڪ ميمبر آءِ ايس حاجي بئريسٽر، ڪائونسل ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ لاءِ نهراءِ پيش ڪيو، پر واري نه ملڻ تي ۽ وقت ختم هئڻ سبب هن تي بحث نه ٿي سگهيو.

1917ع ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ جو مسئلو سنڌ نيشنل محمدن ايسوسيئشن پاران ڪراچي ۾ مسٽر ايڊون سامهون پيش ڪيو. شروع ۾ هندو اڳواڻ سيٺ هرچند راءِ وشنداس، جيرام داس دولترام، درگداس آڏواڻي، نارائڻ داس آنند 7 سداوا پيش پيش هئا. 1909ع کان 1920ع

تائين ٽيندڙ سنڌ پراونشل ڪائونسل جي مختلف ڪانفرنسن ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي. هي اهو زمانو هو جڏهن سنڌ ۾ خلافت تحريڪ، اڻ سهڪاري تحريڪ ۽ لڏ پلاڻ واريون تحريڪون عروج تي هيون.

پوءِ آهستي آهستي هندو پوئتي ٽيندا ويا انهن جو موقف هي هو تہ انهن مان هندو جيڪي سنڌ ۾ ٿورائي ۾ آهن انهن کي ڪو خاص فائدو نہ پهچندو. آل انڊيا مسلم ليگ 1925ع ۾ علي ڳڙهہ واري اجلاس ۽ 1926ع ۾ دهلي واري اجلاس ۾ سنڌ جيڪو الوحيد جو ايڊيٽر هو هڪ مضمون لکيو. جنهن جي نتيجي ۾ 18 جون 1928ع ڪراچي ۾ مسلمانن ۽ هندوئن جي هڪ گڏيل گڏجاڻي ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ جولاءِ 1928ع ۾ هڪ قومي ميثاق تي صحيحون ڪيون ويون. 7 مئي 1929ع تي بمبئي ڪائونسل جي سيني ميمبرن سائمن ڪميشن کي سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ جي مخالف لاءِ هڪ ياداشت نامو پيش ڪيو ويو. سنڌ جي هڪ ميمبر سائمن ڪميشن کي سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ جي مخالف لاءِ هڪ ياداشت نامو پيش ڪيو ويو. سنڌ جي هڪ ميمبر سيد ميران محمد شاهہ اختلافي نوٽ لکيو. جيڪو ڌار ٿيڻ جي حمايت ۾ هو. 30 سيپٽمبر 1930ع ۾ ڪراچي ۾ سائين جي. ايم سيد، محمد علي جناح جي اعزاز ۾ هڪ آجياڻو ڏنو. جنهن ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي، سيد ميران مهمد شاهہ، هاتم علي علوي ۽ محمد ايوب کهڙو شريڪ ٿيا. آڪٽوبر 1930ع ۾ حاجي عبدالله هارون، ايوب کهڙو ۽ سائين جي ايم سيد ڀيهر ڪراچي جي ڪارلٽن هوٽل ۾ محمد علي جناح جي مان ۾ ماني جهلي. ٻنهي آجياڻن ۾ محمد علي جناح کي مدد جي درخواست ڪئي ويئي. هئي.

12 نومبر 1930ع کان 19 جنوري 1931ع تي سائمن ڪميشن جي سفارشن تي غور ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنسون منعقد ٿيون، جنهن ۾ بہ سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ جي ڳالهہ ٿي. هندوئن هن جي مخالفت ڪئي.

آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ وقت بوقت سنڌ جي ڌار ڪرڻ واري ڳُهر جي حمايت ٿيندي رهي. سنڌ جي بمبئي سان ڳانڍاپي جي خلاف سنڌ ۾ سنڌ جي ڌار ڪرڻ جي تحريڪ سڄي هندستان ۾ مشهور ٿي ويئي. هندو ليڊرن پاران مخالفت شروع ڪئي ويئي. 1924ع ۾ آل سنڌ جي ڌار ڪرڻ جي تحريڪ سڄي هندستان ۾ مشهور ٿي ويئي. هندو ليڊرن پاران مخالفت شروع ڪئي ويئي.. 1924ع ۾ آل سنڌ هندو ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو ويو. جنهن جو پهريون اجلاس حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو. ان ۾ سنڌ جي هندوئن جي 380 وفدن شرڪت ڪئي. هن ايسوسيئيشن سختي سان سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ جي مخالفت ڪئي. هن ڪانسواءِ ايسوسيئيشن پاران ڊسمبر 1930ع ۾ سکر ۽ 29 مارچ 1931ع ۾ ڪراچي ۾ ڪانفرنسون منعقد ڪيون ويون، جنهن ۾ بمبئيءَ کان ڌار

ڪرڻ خلاف ٺهراءُ پاس ڪيا ويا. اهڙي طرح سنڌ ۾ بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ جي حمايت ۽ مخالفت ۾ زوردار تحريڪون شروع ٿي ويون. پروفيسر ايڇ. ايل چبلاڻي (دهلي)، راءِ بهادر هيرانند کيمسنگ، مسٽر ايم ايل چبلاڻي (ڪراچي)، هرچند راءِ ٺهلرام (ڪراچي) ۽ ٻيا مخالفت ۾ اڳتي هئا. حمايت ۾ محمد علي جناح، جي. ايم. سيد، سر آغا خان ٽيون، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، محمد ايوب کهڙو، سر غلام حسين هدايت الله، سر عبدالقيوم، ميان محمد شفيع، پير علي محمد راشدي، شاهنواز ڀٽو ۽ وڪيل نور محمد اڳتي هئا. انگريز خاموش تماشائي هئا.

ٻي گول ميز ڪانفرنس سال سيپٽمبر کان ڊسمبر 1931ع تائين لنڊن ۾ ٿي. هن گول ميز ڪانفرنس ۾ مهاتما گانڌي ڪانگريس پاران شريڪ ٿيو. ٽيهرين گول ميز جو ڪانگريس بائيڪاٽ ڪيو هو. وزيراعظم انگلينڊ جي اعلان مطابق اپريل 1932ع ۾ مسٽر برين جي صدارت هيٺ سنڌ جي هندو ۽ مسلم نمائندن جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي. برين ڪانفرنس اپريل 1932ع کان مئي 1932ع تائين پنهنجو ڪم ختم ڪيو ۽ جون 1932ع ۾ گورنمينٽ انڊيا رپورٽ موڪلي.

18 اپريل 1932ع تي ڪراچي ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت هيٺ ٽيهرين ”سنڌ آزاد ڪانفرنس“ ٿي. آجياڻي ڪاميٽي جو چيئرمين سائين جي ايم سيد هو. محمد ايوب کهڙو، سيٺ حاجي عبدالله هارون، حاجي مير مهمد بلوچ ۽ سيد ميران محمد شاهه به شامل هئا. گڏجاڻي ۾ سنڌ جي ڌار ٿيڻ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. آگسٽ 1932ع ۾ ڪراچي ۾ خانبهادر ولي محمد حسن علي جي جاءِ تي هڪ ميٽنگ شاهنواز ڀٽو جي صدارت ۾ ٿي گذري. ان ۾ به ڌار ٿيڻ لاءِ گهر ڪئي ويئي.

16 سيپٽمبر 1932ع ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ جو ڏينهن ملهايو ويو. 15 ۽ 16 نومبر 1932ع تي حيدرآباد ۾ سنڌ آزاد ڪانفرنس سڏائي ويئي. جنهن جو صدر علامه عبدالله يوسف علي هو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ سنڌ جي جدائي جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ۽ سنڌ جي هندوئن جي حقن جي حفاظت جو يقين ڏياريو ويو.

26 جنوري 1933ع تي ”سنڌ هندو ڪانفرنس“ ڪراچي ۾ سڏائي ويئي. جنهن ۾ انگلينڊ جي وزيراعظم جي سنڌ ڌار جي رٿا کي قبول ڪرڻ کي ننديو ويو مخالفت ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

مارچ 1933ع ۾ انگلينڊ ۾ برٽش پارليامينٽ هندستان جي سڌارن جي بل جي مسودي تي غور ڪرڻ لاءِ جوائنٽ پارليامينٽ ڪميٽي مقرر ڪئي. جنهن ۾ اپريل 1933ع ۾ سنڌ آزاد ڪانفرنس ۽ سنڌ هندو ڪانفرنس کي تارون موڪلي ويون ته هو پنهنجي نمائندن کي شاهدي لاءِ موڪلين. سنڌ آزاد ڪانفرنس پاران محمد ايوب لهڙو ۽ سنڌ هندو ڪانفرنس پاران مسٽر ايم. ايل چبلاڻي ۽

ديوان بهادر هيرانند 20 جولاءِ 1933ع تي پنهنجا موقف پيش ڪيا. جوائنٽ پارليامينٽ ڪميٽي ڪانپوءِ مسٽر هيو ڊو جي اڳواٽي ۾ هڪ انتظامي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. ڊو ڪاميٽي جي حوالي سنڌ جي ڌار صوبي ۽ انتظام هلائڻ لاءِ تجويزون پيش ڪرڻ، آفيس ۽ رهڻ وغيره لاءِ سفارشن جهڙا اهم ڪم هئا. 17 آڪٽوبر 1933ع ۾ مسٽر هيو ڊو ڪراچي ۾ محمد ايوب کهڙو، حاجي عبدالله هارون ۽ ميران محمد شاهه جيڪي انتظامي ڪاميٽي جا ميمبر هئا سان ملاقات ڪئي.

6 مارچ 1934ع تي ڊو ڪاميٽي پنهنجي رپورٽ ۾ سفارش ڪئي ته نون سڌارن لاڳو ڪرڻ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال اڳ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪيو وڃي.

1934ع ۾ سنڌ سميت پوري هندستان ۾ هندوئن پاران سنڌ جي ڌار ٿيڻ جي مخالفت ۾ هلچل شروع ڪئي ويئي. آڪٽوبر 1934ع ۾ گڏيل پارليامينٽ ڪاميٽي پنهنجي رپورٽ پڌري ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ جي سفارش پارليامينٽ کي ڪئي ويئي هئي.

1935ع ۾ گڏيل پارليامينٽري رپورٽ جي سفارش موجب، 1935ع جي ايڪٽ تحت سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا. اهو بل 2 آگسٽ 1935ع ۾ پارليامينٽ مان بادشاهه جي صحيح سان جاري ڪيو ويو. جيڪو گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ طور مشهور ٿيو. هن ايڪٽ تحت پهرئين اپريل 1936ع کان سنڌ کي جدا صوبو مڃيو ويو. جيستائين نين چونڊن بعد سنڌ جي آئيني حڪومت وجود ۾ اچي. ان وقت تائين سنڌ لاءِ گورنر مقرر ڪري سمورا انتظامي اختيار هن جي حوالي ڪيا ويا. 25 ڄڻن تيهڙل صلاحڪار ڪائونسل به جوڙي ويئي ۽ به صلاحڪار به مقرر ڪيا ويا.

اخبار الوحيد، سنڌ زميندار ۽ ستاره سنڌ هن تحريڪ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ڪراچي هن پوري تحريڪ جو مرڪز رهي. هن وچ ۾ ڪراچي ۾ نٿو رام جي قتل ۽ عبدالقيوم پناڻ جي جنازي تي فائرند جهڙا به واقعا ٿيا. 1933ع ۾ نٿورام هڪ چوپڙي وسيلي رسول جي شان ۾ گستاخي ڪئي. جنهن کي ڪراچي ۾ عدالت جي ڪارروائي دوران عبدالقيوم نالي شخص قتل ڪيو. عبدالقيوم کي گرفتار ڪيو ويو مقدمي هلڻ کان پوءِ هن کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي ويئي. ڪراچي جيل ۾ هن کي ڦاهيڏيئي ميوا شاهه قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. بعد ۾ مسلمانن لاءِ لاش ڪڍي ڪڪري ميدان کان جلوس ڪڍيو ۽ مظاهرو ڪيو. لياري ۾ جنگيان هوٽل لڳ پوليس پاران جلوس تي فائرنگ ڪئي ويئي جنهن جي نتيجي ۾ 64 ماڻهو مارجي ويا.

انهيءَ دوران هندو مسلم تعلقات خراب ٿيندا ويا انگريزن انهن اختلافن جو خوب فائدو ورتو. سنڌ ۾ 1896ع ۾ حر تحريڪ انگريزن جي خلاف شروع ڪئي ويئي. ٿرپارڪر ضلعي جي ڪجهه حصن

تي آزاد حڪومت جو اعلان ڪيو ويو. ان کي ڪچلڻ لاءِ منظم طور تي ڪارروايون شروع ڪيون ويون. پير پاڳاري کي گرفتار ڪيو ويو.

پهرئين اپريل 1936ع ۾ سنڌ کي صوبي جو درجو ڏنو ويو. صوبي ۾ 1935ع جي ايڪٽ تحت پارليماني نظام قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سر لينس لارڊ گراهم سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو. انتظامي امور لاءِ ٻه مشير سر شاهه نواز ڀٽو ۽ سر غلام حسين هدايت الله مقرر ڪيا ويا.

سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ جي تحريڪ دوران ڪيترين ئي نيون سياسي، سماجي ۽ مذهبي تنظيمون وجود ۾ آيون. جنهن جي ڪري سنڌ ۾ هڪ سياسي لهر پيدا ٿي ۽ هتان جي ماڻهن سياست ۾ ڀرپور حصو ورتو. سنڌ ۾ انهيءَ تحريڪ ڪري ڪيترين ئي مذهبي تحريڪون ۽ واقعا ٿيا جهڙوڪ شڌي تحريڪ، سيا شنگٺن، نجوگي، مسلم اتحاد انهن هتان جي هندوئن ۽ مسلمانن جي اتحاد کي وڏو نقصان رسايو.

ڪراچي جيئن ته سنڌ جي گادي جو هنڌ هو. سيني سياسي ۽ مذهبي تحريڪن جو مرڪز به ڪراچي ئي رهيو. سنڌ سطح تي گهٽيون پارٽيون هتي نهيون. ان کان اڳ 1929ع ۾ لياري ۾ بلوچ ليگ جو بنياد وڌو ويو. جيڪا نج بلوچي سياست تي ٻڌل قوم پرست پارٽي هئي. جنهن جي سياست جو محور بلوچستان هو. سنڌ سطح پهرئين نج سياسي پارٽي ”پيپلز پارٽي“ 12 جون 1934ع ۾ نهي. جيڪا شاهنواز ڀٽو ناهي هئي. ان جو هو پاڻ صدر هو. نائب صدر خان بهادر الله بخش سومرو، جنرل سيڪريٽري حاتم علوي ۽ جوائنٽ يڪريٽري جي. ايم سيد هو.

ان وقت سنڌ جي سطح مسلمان سياستدانن ۾ ٻه مڪتبه فڪر هئا هڪ گروهه جو اڳواڻ شاهنواز ڀٽو ۽ جنهن ۾ ان سان هم خيالن ۾ الله بخش سومرو، سيد ميران محمد شاهه، محمد هاشم گذدر، جي. ايم سيد، خان بهادر غلام نبي شاهه، حاجي عبدالله هارون شامل هئا. جيڪي مذهبي متيبد ۽ فرقا وارڻي سياست جي خلاف هئا.

ٻئي گروهه جو سربراهه سر غلام حسين هدايت الله هو. ان سان گڏ خان بهادر محمد ايوب کهڙو، سيد ڪامل شاهه، نور محمد وڪيل، سردار عبدالرحيم خان کوسو، خان بهادر الله بخش گبول ۽ ٻيا هئا. هي گروهه مسلم ليگ کي گهٽو ويجهو هو. هندوئن جي خلاف ۽ انگريزن جي پرپاسي جا ماڻهو هئا. هن گروهه هتان اڳتي هلي سنڌ کي گهٽو نقصان پهتو.

شاهنواز ڀٽو جڏهن بمبئي سرڪار جو وزير مقرر ٿيو ته پيپلز پارٽي ختم ٿي ويئي. سنڌ جي باشعور ماڻهن سنڌ کي بمبئي کان جدا ٿيڻ کانپوءِ اها ڪوشش ڪئي ته هڪ اهڙي سياسي پارٽي ناهي وڃي جنهن جو محور فقط سنڌ هجي. جنهن لاءِ جي ايم سيد، خان بهادر الله بخش سومرو، سر غلام حسين هدايت الله، شيخ عبدالمجيد سنڌي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، علامه آءِ آءِ

قاضي، محمد ايوب کھڙو، مسٽر چيتمل پرسرام، حاتم علوي، سيٺ عبدالله هارون، ميران مهمد شاهه، محمد هاشم گذدر، مير محمد بلوچ ۽ شاهنواز ڀٽو ڪوششون ڪيون. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ سطح تي هڪ پارٽي ”سنڌ اتحاد پارٽي“ جو بنياد رکيو ويو. 31 آڪٽوبر 1936ع ۾ پارٽي جو پهريون اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو. ان ۾ جيڪي هندو شامل هئا انهن ۾ راءِ بهادر هوتچند، چندو مل، ريوچند ٿڌاڻي ۽ ڊينگو مل ٿڌاڻي هئا. پارٽي جو پهريون صدر حاجي عبدالله هارون، نائب صدر شاهنواز ڀٽو ۽ سيڪريٽري حاتم علوي ۽ سيد مهر علي شاهه هئا.

سنڌ جي اها پهرئين وسيع پارٽي پنهنجي پهرئين گڏجاڻي ۾ اختلافن جو شڪار ٿي، سر غلام حسين هدايت جي گروهه عهدن تان اختلافن ڪري رات وچ ۾ هڪ نئين پارٽي ”سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي“ ناهي. محمد ايوب کھڙو به ان سان شامل هو.

ان کان اڳ شيخ عبدالمجيد سنڌي 1935ع ۾ سنڌ آزاد پارٽي ناهي هئي. ان ڪانسواءِ آزاد هند پارٽي، سنڌ محمدن ايسوسيئيشن، سنڌ مسلم جماعت، سنڌ هندو سڀا، هندو مهاسڀا شنگهٽن جنهن جي شاخ ڪراچي ۾ سن 1900ع ۾ ويرومل بيگراج کولي هئي. اها هڪ ڪٽر مذهبي جماعت هئي. راشٽر يا سيوڪ سنگهه ان جو مقصد هٿياربند جدوجهد ڪرڻ هو. هي به ڪٽر هندو تنظيم هئي. جنهن ۾ ڪراچي جي مرهٽن جو وڏو اثر هو. آريا سماج، شڌي تحريڪ وغيره مذهبي حوالي سان مشهور هيون. انهن سڀني جماعتن جو مرڪز ڪراچي هو.

اڳتي هلي آل انڊيا سطح تي پارٽين به پنهنجا دفتر سنڌ جي راڄ ڌاني ڪراچي ۾ کوليا. آل انڊيا ڪانگريس جو اثر ۽ ان جون شاخون سنڌ ۾ اڳ ۾ موجود هيون. آل انڊيا مسلم ليگ وارن به هٿي هٿ پير هنيا. پر انهن کي ڪا خاص ڪاميابي نصيب نه ٿي. سنڌ اسيمبليءَ جي پهرئين اليڪشن تائين اها سنڌ ۾ اڻ مقبول پارٽي رهي هئي.

1906ع ۾ مسلم ليگ جي ڍاڪا ۾ قيام ڪانپوءِ، 1907ع ۾ ڪراچي ۾ اجلاس ٿيو. پهرئين نومبر 1917ع ڪراچي ۾ مسلم ليگ جي شاخ کولي ويئي. پر مسلم ليگ غير فعال رهي. فيبروري 1924ع ۾ مسلم ليگ کي فعال ڪرڻ لاءِ ڪراچي ۾ ڊاڪٽر نور محمد شيخ جي صدارت ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي. 1937ع جي صوبائي اسيمبلي جي چونڊن ۾ ان پارٽي سنڌ سميت پوري هندستان ۾ هڪ به سيٽ حاصل نه ڪئي. پارٽي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پوءِ هندو مسلم جهيڙي کي هوا ڏني وئي. انگريزن جي توسط سان جاگيردارن، نوابن، راجائن کي مسلم ليگ ۾ شامل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ويو.

اپريل 1938ع ڪراچي ۾ مسلم ليگ جو نئون دفتر کوليو ويو. اهو دفتر نيپئر روڊ تي سر عبدالله هارون جي وڪار (واپاري ڪوٺي) جي مٿين منزل تي قائم ڪيو ويو. 27 نومبر 1938ع ۾

عبدالله هارون ڪي سنڌ مسلم ليگ جو صدر مقرر ڪيو ويو ۽ سنڌ اسيمبلي جي مسلمان ميمبرن کي مسلم ليگ ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويئي. 1940ع کان مسلم ليگ کي سنڌ ۾ پير جماعت ۾ ڏکيائن جو منهن ڏسڻو پيو. ان ڪانسواءِ جمعيت علماءَ هند ۽ آل انڊيا خاڪسار پارٽي به ڪراچي ۾ پنهنجون آفيسون کوليون.

سنڌ اسيمبلي جون پهريون چونڊون 7 فيبروري 1937ع ۾ ٿيون. پوري سنڌ لاءِ 60 سيٽون مخصوص ڪيون ويون. جنهن ۾ سيٽن جي ورهاست هن ريت ڪئي ويئي هئي.

| | | |
|---|---|---|
| .1 | مسلم | 33 |
| .2 | غير مسلم | 18 |
| .3 | مسلم خواتين | 01 |
| .4 | غير مسلم خواتين | 01 |
| .5 | يورپين | 02 |
| .6 | جاگيردار ۽ وڏيرا | 02 |
| .7 | چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري | 01 |
| .8 | مزدور | 01 |
| | ٽوٽل | 60 |

ڪراچي لاءِ 13 سيٽون مقرر ڪيون ويون هيون. انهن 13 سيٽن تي 24 اميدوارن ۾ مقابلو ٿيو. مڪمل نتيجا هيٺين ريت رهيا.

| نمبر | تڪ | اميدوارن جا نالا | پارٽي جو نالو | حاصل ڪيل ووٽ |
|---|---|---|---|---|
| 1 | مسلم ٻهراڙي ڪراچي اتر | -1 محمد عثمان سومرو<br>-2 عبدالستار عباسي | سنڌ اتحاد پارٽي<br>آزاد اميدوار | 2506 |
| 2 | مسلم ٻهراڙي ڪراچي ڏکڻ | .1 محمد يوسف چانڊيو<br>.2 امام بخش ڳاهو | سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي<br>سنڌ اتحاد پارٽي | 2979<br>1722 |
| 3 | مسلم ٻهراڙي | .1 پير غلام | سنڌ اتحاد پارٽي | 5219 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | ڪراچي اوير | حيدر شاهه<br>2. مهر علي شاهه | آزاد اميدوار | 4707 |
| 4 | مسلم شهري- ڪراچي ڏکڻ | 1. محمد هاشم گذدر<br>2. محمد اسلم آزاد | سنڌ اتحاد پارٽي<br>آزاد اميدوار | 4543<br>2684 |
| 5 | مسلم شهري ڪراچي اتر | 1. الله بخش گبول<br>2. عبدالله هارون | سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي<br>سنڌ آزاد پارٽي | 3311<br>2599 |
| 6 | ڪراچي شهر مرڪز | 1. شيخ عبدالمجيد سنڌي | سنڌ آزاد پارٽي | بنا مقابلي ڪامياب ٿيو |
| 7 | مسلم عورت شهري | 1. جيني بائي جي. الانا<br>2. مسز طيب جي<br>3. مسز شريف حسين | سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي<br>سنڌ اتحاد پارٽي<br>آزاد اميدوار | 482<br>339<br>28 ضمانت ضبط |
| 8 | غير مسلم شهري ڏکڻ | 1. ٽيڪم داس واڌومل | ڪانگريس | بنا مقابلي ڪامياب |
| 9 | غير مسلم شهري مرڪز | 1. ڊاڪٽر پوپٽ لال<br>2. جي. اي پيگوان | ڪانگريس<br>آزاد اميدوار | 7248<br>3077 |
| 10 | عام ٻهراڙي غير مسلم | 1. نيچل داس<br>2.نهل رام | آزاد هند پارٽي<br>آزاد اميدوار | 764<br>657 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | 3. مولچند<br>4. آر. ٽي شيوارام | آزاد اميدوار<br>آزاد اميدوار | 87 ضمانت ضبط<br>39 ضمانت ضبط |
| 11 | يورپين | مسز ڊي اين اوساليون | آزاد اميدوار | بنا مقابلي ڪامياب |
| 12 | ڪراچي چيمبرز آف ڪامرس | جي ايچ اجن | آزاد اميدوار | بنا مقابلي ڪامياب |
| 13 | مزدور | نميرنداس نيچل | آزاد اميدوار | بنا مقابلي ڪامياب |

پوري سنڌ ۾ پارٽي پوزيشن هيٺين ريت رهي

| | | |
|---|---|---|
| .1 | سنڌ اتحاد پارٽي | 18 سيٽون |
| .2 | سنڌ هندو سڀا | 11 سيٽون |
| .3 | آزاد مسلمان اميدوار | 9 سيٽون |
| .4 | آزاد هندو اميدوار | 02 سيٽون |
| .5 | ڪانگريس | 08 سيٽون |
| .6 | سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي | 04 سيٽون |
| .7 | سنڌ آزاد پارٽي | 03 سيٽون |
| .8 | مزدور آزاد اميدوار | 01 سيٽون |

| | | |
|---|---|---|
| .9 | آزاد اميدوار يورپين | 04 سيٽون |

سنڌ اسيمبلي جي انهن پهرئين چوندن ۾ سنڌ اتحاد پارٽي سڀ کان وڌيڪ 18 سيٽون حاصل ڪيون. سنڌ اتهاد پارٽي جا ٻئي مرڪزي اڳواڻ سر عبدالله هارون 7 شاهنواز ڀٽو هارائي ويا. ٻئي نمبر تي سنڌ هندو سڀا 11 سيٽون هاصل ڪيون. سر غلام حسين هدايت الله جي پارٽي سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي فقط چار سيٽون حاصل ڪيون. ڪانگريس اٺ سيٽون حاصل ڪيون. ڪنهن بہ پارٽي کي اڪثريت حاصل نہ ٿي سگهي. اسيمبلي جو پهريون اجلاس هاٽوڪي هاءِ ڪورٽ جي بلڊنگ ۾ منعقد ٿيو.

گورنر صاحب اڪثريتي پارٽي سنڌ ازاد پارٽي جنهن جون 18 سيٽون هيون جي بجاءِ فقط 4 سيٽون هاصل ڪندڙ سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي جي اڳواڻ سر غلام حسين هدايت الله کي حڪومت بنائڻ جي دعوت ڏني. ٻئي نمبر تي سنڌ هندو سڀا جنهن 11 سيٽون، ٽئين نمبر تي ڪانگريس اٺ سيٽون هاصل ڪيون انهن سيني کي نظر انداز ڪيو ويو ۽ اهڙي طرح جوڙ توڙ جي سياست جي شروعات ٿي. جيڪا اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. انهيءَ جوڙ توڙ جي نتيجي ۾ سنڌ صوبي جو پهريون وڏو وزير سر غلام حسين هدايت الله چوندجي آيو. ديوان ڀوڄ سنگهہ سنڌ اسيمبلي جو پهريون اسپيڪر چوندجي آيو. سنڌ جي هن پهرئين حڪومت ۾ ٽي وزير چوندجي ويا. انهيءَ جوڙ توڙ جي نتيجي ۾ ميران محمد شاهہ سميت 15 ميمبر سنڌ اتحاد پارٽي کي ڇڏي حڪومت ۾ شامل ٿيا. سنڌ اتحاد پارٽي ۽ ڪانگريس اتحاد ناهي مخالف ڌر ۾ ويٺا.

وزيرن ۾ مير بندي علي ٽالپر (جيڪو سنڌ اتحاد پارٽي جي پليٽ فارم تان چوندجي آيو هو) ۽ مکي گوبندرام ۽ هڪ يورپين هئا. ڪجهہ مهينن ڪانپوءِ اسپيڪر ديوان ڀوڄ سنگهہ ديهانت ڪري ويو. هن جي جاءِ تي ميران محمد شاهہ کي اسپيڪر بنايو ويو تہ هندو ڪاوڙجي حڪومت کان الگ ٿيا ۽ ائين هڪ سال ۾ اها حڪومت ختم ٿي ويئي. ڪانگريس ۽ سنڌ اتحاد پارٽي جي گڏيل طاقت سان هڪ مضبوط گروپ سامهون آيو. ان اتحاد جو ليڊر خان بهادر الله بخش سومرو هو. 23 مارچ 1938ع ۾ گورنر الله بخش سومري کي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏني. ڪانگريس هن جي مڪمل حمايت ڪئي انهيءَ دوران شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين اڳوڻن جيڪي مسلم ليگ ڪيچ ويجها هئا سنڌ ۾ مسلم ليگ جي شاخ قائم ڪري اسيمبلي ۾ الله بخش سومري جي مقابلي جي تياري ڪئي ۽ 1939ع ۾ بي اعتمادي جي رٿ آندي جيڪا ڪامياب نہ ٿي سگهي.

سکر ۾ مسجد منزل گاهہ جي واقعي جي اثرن ڪري الله بخش سومري جي حڪومت فيبروري 1940ع ۾ ختم ڪئي ويئي. ڇاڪاڻ تہ هندو ميمبرن ۽ ڪجهہ مسلمان ميمبرن الله بخش سومري جو ساٿ ڇڏي ڏنو.




**ورهاڱي کان اڳ نالي وارا قومي سياسي ڪارڪن جن جو مرڪز ۽ محور ڪراچي رهيو**

**خان بهادر حسن علي آفندي   حاجي مير محمد بلوچ   مولانا عبيدالله سنڌي**

**ڪامريڊ عبدالقادر   طيب علي علوي   ويرومل بيگراج**

**جي رام داس دولت رام   هوشنگ ايڊلجي ڊنشا   جهانگير ڪوٺاري**

**مولانا عبدالڪريم درس   غلام حسين خالق   مولانا ظهور الحسن درس**

18 مارچ 1940ع ۾ مير بندي علي ٽالپر مسلم ليگ جي حمايت سان سنڌ جو ٽيون وزير چونڊجي آيو. جيڪو پهرئين ڪابينا ۾ وزير هو. بندي علي جي وزارت ۾ جي ايم سيد، محمد ايوب کهڙو ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي وزير چونڊيا ويا. ياد رهي ته جي ايم سيد مسجد منزل گاهه جي واقعي ڪانپوءِ الله بخش سومري ۽ سنڌ اتحاد پارٽي کي الله واهي چئي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو هو. ان ڪانسواءِ سنڌ اتحاد پارٽي جا گهڻا ميمبر به مسلم ليگ ۾ شامل ٿيا. اها حڪومت به سال هلي. 2 آڪٽوبر 1942ع تي سنڌ جي گورنر هوچ ڊوءِ، الله بخش سومري جي حڪومت ختم ڪئي ۽ آگسٽ 1942ع ۾ ڪانگريس جي ڪئٽ انڊيا ايڪٽ جي ڪري وڏو وزير الله بخش سومري خان بهادر جو لقب انگريز سرڪار کي واپس ڪيو. اها ڳالهه انگريز سرڪار کي نه وڻي بڻ ڏينهن اندر گورنر اسيمبلي جو اجلاس گهرائي الله بخش سومري جي حڪومت کي ختم ڪيو ويو. الله بخش سومري کي 14 مئي 1943ع ۾ قتل ڪيو ويو. قتل ڪيس ۾ ٻين سان گڏ خان بهادر ايوب کهڙو تي به هليو. هن کان اڳ 27 اپريل 1942ع ڪراچي جو رهنڊڙ سنڌ جي سياست ۽ سماجي ڪمن ۾ مشهوري ماٽيندڙ سيٺ حاجي عبدالله هارون به اسان کان جدا ٿي چڪو هو. ڪراچي جي ترقي ۾ سيٺ عبدالله هارون اهم ڪردار ادا ڪيو. ميمڻ واپارين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو. بمبئيءَ مان ميمڻ واپارين وچايو. جتي اسڪول، ڪاليج، شفاخانا، مدرسو ۽ يتيم خانو به قائم ڪيو. حاجي عبدالله هارون جي وفات ڪانپوءِ سندس يوسف هارون سياست ۾ سرگرم رهيو. جيڪو حسين هارون جو پيءُ هو.

هڪ ڀيرو ٻيهر 10 آڪٽوبر 1942ع غلام حسين هدايت الله کي وزارت بنائڻ جي دعوت ڏني ويئي. سر غلام حسين هدايت الله مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ته مسلم ليگ جي ميمبرن (ياد رهي ته چونڊن ۾ مسلم ليگ ڪا به سيٽ حاصل نه ڪئي هئي پر بعد ۾ مختلف پارٽين جي چونڊيل ميمبرن کي لوٽو بڻائي مسلم ليگ ۾ شامل شامل ڪيو ويو ڇاڪاڻ ته اها حڪمرانن جي مرضي هئي. اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. لوٽا ڪريسي پهرئين چونڊيل اسيمبلي کان شروع ٿي.) جي حمايت سان وڏو وزير مقرر ٿيو. انهي اسيمبلي ۾ به مارچ 1943ع جي بجيٽ اجلاس ۾ جي. ايم سيد پاڪستان جي حمايت ۾ نهراءُ پيش ڪيو ۽ نهراءُ کي منظور ڪيو ويو. پر اڳتي هلي جي. ايم سيد جا مسلم ليگ سان اختلاف ٿيا ۽ 24 فيبروري 1945ع تي شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ جي ايم سيد حڪومت خلاف بي اعتمادي جي رٿ پيش ڪئي، جيڪا منظور ٿي. جنهن تي محمد علي جناح ڪاوڙجي پيو ۽ جي ايم سيد کي هڪ حڪومت خلاف بي اعتمادي جي رٿ پيش ڪئي، جيڪا منظور ٿي. جنهن تي محمد علي جناح ڪاوڙجي پيو ۽ جي ايم سيد کي هڪ سخت موقف

وارو خط لکيو. انهن اختلافن جي نتيجي ۾ جي ايم سيد پنهنجو الڳ گروپ جوڙي ورتو. جي ايم سيد ڪانپوءِ محمد علي جناح، يوسف هارون کي مسلم ليگ جو صدر ۽ آغا غلام نبي پٺاڻ کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو.

1945ع ۾ مرڪزي اسيمبلي جون چونڊون ٿيون. جنهن ۾ مسلم ليگ کي ڪاميابي حاصل ٿي. جي ايم سيد گروپ پاران يوسف هارون جو مقابلو پير علي محمد راشدي ڪيو. پير علي محمد راشدي کي شڪست ٿي. مرڪزي اسيمبلي ۾ سنڌ جون ٻه سيٽون هيون.

مسلم ليگ جي ڪاميابي جي خوشي ۾ 11 جنوري 1946ع تي ڪراچي ۾ فتح جو ڏينهن ملهايو ويو انهيءَ موقعي تي جلوس ڪڍيو ويو. جلوس ڪراچي جي مختلف علائقن مان ٿيندو عيدگاهه ميدان پهتو جتي جلسو ڪيو ويو. اهو ڪراچي جي تاريخ جو وڏو جلوس هو.

21 جنوري 1946ع تي سنڌ اسيمبلي جون چونڊون ٿيون. انهن چونڊن ۾ مسلم ليگ 60 مان 27، ڪانگريس 21، جي ايم سيد گروپ 4 ۽ قومپرستن 4 سيٽون حاصل ڪيون. ڪانگريس جي ايم سيد سان اتحاد ڪري جي ايم سيد کي اتحاد جو اڳواڻ ۽ وڏي وزير لاءِ اميدوار نامزد ڪيو. گورنر سرفرانسس مودي مسلم ليگي ليڊر سر غلام حسين هدايت الله کي حڪومت ٺاهڻ جي دعوت ڏني. غلام حسين هدايت الله وڏو وزير مقرر ٿيو پر ان کي اڪثريت حاصل نه هئي. طاقتور مخالف ڌار ڪري حڪومت جو هلڻ ڏکيو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ گورنر اسيمبلي ٽوڙي نون چونڊن جو اعلان ڪيو. ٿيو ائين جو 10 سيپٽمبر 1946ع تي بي اعتمادي واري رٺ تي بحث ۽ ووٽنگ ٿيڻي هئي. مسلم ليگ وٽ 30 ووٽ ۽ ڪانگريس ۽ انهن جي اتحادين وٽ 30 ووٽ هئا. مسلم ليگ جو هڪ ميمبر اسپيڪر هو جيڪو ووٽ ڏيئي نه پئي سگهيو. جنهن لاءِ هن استعفيٰ ڏني ۽ قانون موجب ڪانگريسي ڊپٽي اسپيڪر مس جيٺي سپا هيملاڻي اسپيڪر ٿي، ته ڪانگريس جو ووٽ گهٽ پئي ٿيو جنهن لاءِ مس هيملاڻي به ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ استعفيٰ ڏني، ته پئنل ميمبر طور مسٽر فريز کي صدارت ڪرڻي هئي. جيڪو به حڪومت جو ميمبر هو گورنر يقيني شڪست ڏسي اسيمبلي کي ٽوڙي نون چونڊن جو اعلان ڪيو.

مسلم ليگ نونج چونڊن کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ تحريڪ پاڪستان، هندو مسلم اختلافن ۽ مذهبي جهيڙن جو سهارو ورتو ۽ حڪومت جي انهن کي پوري حمايت حاصل هئي. پوري سنڌ سميت هندستان ۾ تحريڪ پاڪستان زورن تي هئي. جنهن جي نتيجي ۾ 29 ڊسمبر 1946ع وارن چونڊن ۾ مسلم ليگ کي 60 مان 36 سيٽون هاصل ٿيون. جي ايم سيد کي اليڪشن ۾ شڪست ٿي. نون چونڊن ۾ مسلم کي ڪٽرائڻ لاءِ سڀ حربا استعمال ڪيا ويا. مختيارڪار جيڪي پرزائيڊنگ آفيسر هئا. هندو مختيارڪارن کي بدلي ڪري ۽ انهن جي جاءِ مسلمان مختيارڪارن

کي پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو. جن آفيسرن مان حڪومت کي خطرو هو انهن ايماندار آفيسرن کي استعفيٰ لاءِ مجبور ڪيو ويو. جي ايم سيد جي هڪ حامي اميدوار سيد مراد علي شاهه کي مسلم ليگي ڪارڪنن گولي هٽي ماري ڇڏيو. گهٽن کي گرفتار ڪيو ويو. ڄڏهن الله بخش سومري جي ڀاءُ مولا بخش سومري جي ڪٽڻ جو اعلان ريٽرنگ آفيسر ڪيو ته ليگي ڪارڪنن آفيسر کي مارڪٽ ڪئي. نتيجي تبديل ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. انگريز سرڪار جو مڪمل ساٿ مسلم ليگ سان هو. گهٽن جاين تي ٻاهران ماڻهو گهراٽي جعلي ووٽ ڏياريا ويا.

3 جون 1947ع برطانيا حڪومت ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي منصوبي جو اعلان ڪيو. 20 جون 1947ع ۾ سنڌ اسيمبلي جي هڪ خصوصي اجلاس ۾ صوبائي اسيمبلي سنڌ کي پاڪستان ۾ ضم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان فيصلي جي نتيجي ۾ پاڪستان جي ٻنجڻ سان وڏيڪ نقصان ٻه سنڌ کي ڀوڳڻو پيو. سنڌ ۾ 11 آگسٽ 1947ع تائين اها حڪومت قائم رهي.

14 آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ سر غلام حسين هدايت الله سنڌ جو ورهاڱي ڪانپوءِ پهريون گورنر ۽ ايوب کهڙو پهريون نامزد وڏو وزير مقرر ٿيا. انهن ٻنهي صوبائي اليڪشنن جي نتيجي ۾ ڪراچي جي 13 سيٽن مان ٻنهي پيري ڪو ٻه اردو ڳالهائڻ وارو ميمبر نه هو. هڪ گجراتي ڳالهائڻ وارو محمد هاشم گذدر هو ۽ ورهاڱي ڪانپوءِ اڄ صورتحال تبديل آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه ورهاڱي جي نتيجي ۾ ٿيو. ڪاش اسان جا اڳواڻ ان ڳالهه کي ان وقت سمجهن ها ۽ انگريز سرڪار جي ٿهيل ڀچ تي ڪيڏڻ بجاءِ سيئي هندو ۽ مسلمان هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿين ها ته اڄ صورتحال مختلف هجي ها پر سر، خان بهادر، راءِ بهادرن کان اهائي توقع هئي. هندو مسلم جهيڙا ڪرائي پاڪستان لاءِ رستو هموار ڪيو ويو. انگريز ويندي ويندي هندستان کي ورهائي هندو ۽ مسلمانن کان پنهنجي وڃڻ جو خوب بدلو ورتو.

**پهرئين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي وقت ڪراچي:**

پهرئين مهاڀاري لڙائي 14 آگسٽ 1914ع ۾ شروع ٿي. ان لڙائي ۾ جرمني جو اصل مقابلو برطانيا سان هو. ان لڙائي ۾ هندستان مان گهڻي تعداد ۾ هندستاني برطانيا فوج ۾ شامل ٿي لڙائي ۾ حصو ورتو. ان لڙائي ۾ ڪراچي هڪ اهم مرڪز هو. هي بندرگاهه هندستان جي ٻين بندرگاهن جي ڀيٽ ۾ يورپ، وچ اوڀر ۽ آفريڪا کي ويجهي هئڻ ڪري هتان فوجي مدد پهچائڻ ۾ آساني هئي. ڪراچي هڪ فوجي ڇانوڻي ٻڻجي ويئي هئي. جنهن جي ڪري ڪراچي ۾ روزگار جا موقعا ميسر ٿيا ته هندستان، پنجاب ۽ سرحدي علائقن مان ماڻهن ڪراچي جو رخ ڪيو. اهڙي طرح رهائشي اسڪيمون شروع ٿيون ته پگڙي سسٽم جي شروعات ٿي. ياڙي ته گهرن ۽ دڪانن جو

ملڻ ڏکيو ٿي پيو. مالڪن ياڙي ۾ بي پناهه واڌارو ڪيو. حڪومت کي مجبورن رينٽ ڪنٽرول لاءِ الڳ کاتو ناهڻو پيو. هن لڙائي جي نتيجي ۾ گهڻا ماڻهو رات وچ ۾ شاهوڪار ٿيا. جنگ جي دوران ذخيري اندوزي ڪري ڪراچي جي واپارين لکين رپيا ڪمايا. هي جنگ جتي ڪروڙين ماڻهن کي اذيت ۾ مبتلا ڪيو. لکين ماڻهو بي گهر ٿيا ۽ مارجي ويا. پر جنگ ڪراچي لاءِ خوشحالي جو پيغام آندو. جنگ ڪانپوءِ پيسي جي اچڻ ڪري هتي خوبصورت بنگلن ۽ جاين جي اڏاوت شروع ٿي. انهي4 زماني ۾ فوجين جي تعداد ۾ واڌ ڪري ڪراچي جي ڪجهه وڏيڪ علائقن ۾ فوجي بيرڪون قائم ڪيون ويون. جن ۾ جيڪب لائين، لائينز ايريا، ابن سينا لائن شامل هئا.

21 سال پوءِ دنيا ٻي مهاڀاري لڙائي جي لپيٽ ۾ اچي وئي. جرمني، پولينڊ تي حملو ڪري ان جي شروعات ڪئي. جنگ ۾ جاپان ۽ اٽلي جرمني جو ساٿ ڏنو. ٻين ملڪن برطانيا جو ساٿ ڏنو. هي جنگ پهرئين سيپٽمبر 1939ع تي شروع ٿي. هڪ ڪروڙ 50 لک ماڻهو مارجڻ تي، 14 آگسٽ 1945ع تي ختم ٿي. جاپان تي ائٽم بم ڪرايا ويا. جنگ ۾ گڏيل هندستان مان برطانيا فوج ۾ شامل 3 لک 50 هزار مقامي ماڻهو مارجي ويا. پهرئين مهاڀاري لڙائي وانگر، ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ به ڪراچي کي هڪ فوجي ڇانوٽي ۾ تبديل ڪيو ويو. ماڙي پور جي فوجي بيس کي آمريڪا جي حوالي ڪيو ويو. ملير ڪئنٽ نالي هڪ وڏيڪ ڇانوٽي قائم ڪئي ويئي. ڊرگ روڊ جي فوجي هوائي اڏي کي وڌايو ويو. ڪراچي شهر انهيءَ دوران وڌڻ شروع ڪيو. ملير جيڪو ڪراچي کان گهڻو پري هو، شهر سان ڳنڍجي ويو. ٻئي پاسي هي شهر گسري ۽ ملير نئين تائين وڌي ويو.

ٻي مهاڀاري لڙائي جي ڪري ڪاڌي پيتي جي سامان جي کوٽ ٿي ته حڪومت ڪراچي ۾ پهريون ڀيرو راشنگ سسٽم متعارف ڪرايو. راشنگ دفتر 1942ع ۾ نيو چالي ۾ قائم ڪيو ويو. جنهن جو انچارج مسٽر ايم. ڊي ملڪ هو. پهريون راشن ڪوٽا جو دوڪان ڪاري در جي علائقي ۾ قائم ٿيو. جنهن جو مالڪ هڪ خواجو هو. ڪراچي ۾ رهندڙ سيٺي خاندانن جي اڳواڻن جي نالي ڪارڊ جاري ڪيا ويا. هتي به غريب ماڻهن کي نظرانداز ڪيو ويو.

ان جنگ ۾ به ڪراچي ۾ پئسو اچڻ لڳو. ماري پور فوجي ايئربيس پوري دنيا ۾ مشهوري ماڻي. چاڪاڻ ته اوير جي محاذن ۾ آمريڪي ۽ يورپي فوجين موڪلڻ لاءِ پهرئين اهي ڪراچي ايندا هئا هتان ماڙي پور ايئربيس تان مختلف محاذن ڏانهن ويندا هئا. جتي انهن ٻنهي مهاڀاري لڙاين جي نتيجي ۾ ننڍا واپاري وڏا امير ٿيا هتي ڪراچي جو غريب ماڻهو، مزدور ماڻهو اتي، ڪنڊ، گيهه ۽ ٻين شين لاءِ پريشان هو. پئسي جي اچڻ ڪري ۽ فوجي ڇانوٽي ڪري مزدوري لاءِ ٻين علائقن جي ماڻهن ڪراچي جو رخ ڪيو. اهي ٻئي لڙايون مقامي ماڻهن لاءِ اذيت کان گهٽ نه هيون. انهن

جنگن جي نتيجي ۾ گجراتين، مارواڙين ۽ هندستان مان آيل ميمڻن، دهلي پنجابي سوداگران واپار تي ڪنٽرول حاصل ڪيو جنهن سان انهن جي معاشري زندگي ۾ به تبديلي آئي.

**ڪراچي ۾ رائل نيوي جي بغاوت:**

11 فيبروري 1946ع ڪولڪتي ۾ ڪيپٽن عبدالرشيد جي سزا خلاف احتجاج ڪيو ويو. ڪلڪتي بندرگاهه تي نيوي جي هندستاني فوجين پنهنجي ماڻهن جو ساٿ ڏيئي هڙتال ڪئي. ڪلڪتا ڪانپوءِ مدراس، بمبئيءَ ۽ ڪراچي ۾ به نيوي جي مقامي ماڻهن هڙتال ۾ حصو ورتو.

آزاد هند فوج جيڪو هندستان جي انقلابي اڳواڻ سباش چندر بوس انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ لاءِ جوڙي هئي. پاڻ هن فوج جو اڳواڻ ۽ عبدالرشيد ڪيپٽن هو. جنهن کي انگريزن گرفتار ڪري جيل موڪليو. جنهن تي مقامي نيوي جي فوجين احتجاج ۾ شهرين جو ساٿ ڏنو.

ڪراچي ۾ 22 فيبروري 1946ع ۾ مقامي نيوي جي فوجين بندرگاهه تي موجود ”هندستان“ نالي جهاز تي قبضو ڪيو. انگريز فوجين مقامي فوجين تي فائر ڪئي جنهن تي گهڻا فوجي زخمي ٿي پيا ۽ ڪجهه مارجي ويا. اها ڳالهه جڏهن شهر ۾ پهتي ته پوري شهر ۾ هنگاما شروع ٿيا. مظاهري ڪندڙن تي فائرنگ ڪئي ويئي. جنهن سان ڪيترائي شهري زخمي ٿيا. بندرگاهه ڏانهن ويندڙ سيئي رستا بند ڪيا ويا، ٻئي ڏينهن پوري بندرگاهه جو ڪنٽرول انگريز فوجي سپاهين سنڀالي ورتو. جنهن تي مقامي فوجي هڙتال تي هليا ويا. ان بغاوت جي نتيجي ۾ ڪراچي شهر ٽي ڏينهن هنگامن جي لپيٽ ۾ رهيو. ڪراچي جي ڪميونسٽن پارٽي انهيءَ تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو، هندستان جي تمام سياسي اڳواڻن جي اپيل تي ڪراچي سميت پوري هندستان ۾ نيوي جي مقامي فوجين احتجاج ختم ڪيو.

**ڪراچي ۾ هندوئن لاءِ قيامت جو ڏينهن:**

اپريل 1947ع ۾ جيڪب آباد ۾ سنڌ جي ان وقت جي تعليم ۽ لوڪل گورنمينٽ جي وزير پير الاهي بخش تقرير ڪندي چيو ته ”سنڌ جي هندوئن کي مسلمانن سان پاڻي پت جي ٽين جنگ ۾ مقابلو ڪرڻو پوندو. هي جنگ هندوئن لاءِ واٽرلو ثابت ٿيندو.“

پوري سنڌ ۾ ورهاڱي وقت هندو مسلم جهيڙا شروع ٿيا. مسلم ليگي حمايتي اخبارن انهن جهيڙن کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پوري سنڌ جي وڏن شهرن ۾ هندستان کان آيل مهاجر ڇانئجي ويا ۽ اڪثريت جو رخ ڪراچي ڏانهن هو. هندوئن کي گهر مان زوري ڪڍي انهن تي قبضا ڪيا ويا. ضلعي مئجسٽريٽن اهڙا آرڊر جاري ڪيا، جنهن ۾ هندوئن کي ملڪيتون وڪڻڻ ڏوهه قرار ڏنو ويو. متاثر هندوئن جي ڪراچي ۾ مندرن، ڌرم شالائن ۽ ميدانن ۾ عارضي

ڪيمپون ٺهي ويون. ٻئي پاسي لکين مهاجرن هندستان مان ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ هندوئن جي گهرن ملڪيتن تي قبضا شروع ڪيا. مقامي ماڻهو ان جهيڙي کان پاسيرا هئا. هتي موجود ڪميونسٽ پارٽي امن امان قائم ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي. هتان جي مقامي ماڻهن جڏهن هندوئن جي مدد ڪئي ته هندستان کان آيل مهاجرن انهن کي ”سنڌي بيغرت“ جو لقب ڏيئي، ڪراچي ۾ رهندڙ هندوئن تي حملا شروع ڪيا. انهن جون ملڪيتون لٽيون ويون. هر طرح انهن کي تنگ ڪيو ويو. لڏپلاڻ لاءِ مقرر ڪيل آفيسر ڏاريا هئا. جن به هندوئن کي تنگ ڪيو. جهازن جي ٽڪيٽ لاءِ رشوت جو بازار گرم ڪيو ويو. بندر تي پاڻ سان آندل بچيل سامان کي پاڪستان جو حق ڄاڻائي قبضو ڪيو ويو. ڇهه جنوري 1948ع جو ڏينهن هندوئن لاءِ قيامت جو ڏينهن هو.

ڏسندي ئي ڏسندي پورو شهر هن هنگامن جي لپيٽ ۾ اچي ويو. مسلمانن جو جوش ايمان ڇوليون هڻڻ لڳو. هندوئن جي بچيل جاين تي قبضو ڪيو ويو. انهن هنگامن کان اڳ گهڻا هندو شهر ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئا پر حالتون اهڙيون پيدا ڪيون ويون جو هو مجبور ٿي شهر ڇڏڻ لڳا. شهر جي مندرن ۽ گرد وارن تي حملا ڪيا ويا. سرڪار عملدار به قرلٽ ۾ ڀاڱي ڀائيوار هئا. شهر ۾ ڪرفيو لڳايو ويو.

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي ان ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ هو. هن ۾ ٻين ڪميونسٽن هنگامن کي ختم ڪرائڻ لاءِ شهر جي گهٽي گهٽي جو دورو ڪري ماڻهن کي پرامن رهڻ جي اپيل ڪئي. ڪامريڊ لکي ٿو ته، ”پوليس اندازي موجب انهن هنگامن ۾ 300 ماڻهو مارجي ويا پر انهن جي اندازي موجب ٻن ڏينهن ۾ ٻارنهن سئو ماڻهو مارجي ويا.“ لڇمڻ ڪومل ان ڏينهن ۾ پنهنجي ڪٽنبن سميت ڪراچي ۾ هو. لڇمڻ پنهنجي ڪتاب ”وهي کاتي جا پنا“ ڪتاب ۾ مرڻ وارن هندوئن جو انگ ڇهه ڄاڻايو آهي. ان ڏينهن سنڌ جو هڪ ٻيو پلوڙ ليکڪ موهن ڪلپنا ۾ ڪراچي ۾ موجود هو ۽ اٺ ڳاڏي تي چڙهي سنڌ ڌرتيءَ کي ڇڏي هميشه لاءِ هليو ويو هو. انهن ٻنهي ليکڪن ڪانسواءِ سنڌي ادب جو هِن وقت ۾ وڏو نالو امر جليل به ڪراچي ۾ رتن تلاءُ جي هڪ اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ هنگامن جو اکين ڏٺو شاهد به آهي.

اهي ماڻهو جيڪي سنڌي هئا. سنڌ ۾ ڄاوا هئا مسلمان وانگر اها ڌرتي به انهن جي ماءُ هئي اولاد کي ماءُ کان زوري جدا ڪيو ويو. صوفين جي هن سرزمين تي هندو، مسلمان، سک، عيسائي امن سان رهندا هئا ۽ پوءِ ڏسنديءَ ڏسندي هو هڪ ٻئي جا دشمن ٿيا/ دشمن بنايا ويا. ڇا مليو؟ اڄ اسان ٿورو غور ڪريون ته ڪالهه جيڪا سنڌ ۽ هن جو هي شهر ڪراچي اسان جي هئي اها اڄ اسان جي آهي؟ اهو سڀ ڪجهه اسان پاڻ سان پاڻ ڪيو ۽ گهڻن سياسي اڳواڻن پنهنجي سيٽن بچائڻ ۽ پنهنجي لاءِ نوان چونڊ تڪ ڳولڻ لاءِ لکين ماڻهن کي لڏ پلاڻ تي مجبور نه ڪن. هر ماڻهو

پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ خوشي سان رهي ته اڄ سنڌ جي صورتحال اها نہ هجي. اهو تاريخ جو هڪ جبر هو جنهن جو شڪار سڀ کان وڌ سنڌ بڻي.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي هندوئن جي گهڻائي جيڪا زراعت، واپار ۽ سرڪاري نوڪري تي هئا. وچولي طبقي، پڙهيل لکيل، دانشورن ۽ صحافين جو بہ وڏو انگ جيڪي هندو هئا لڏي هندستان ويا. ڪراچي جيڪو سنڌي تعليم، ٻولي، صحافت ۽ ادب سياست جو مرڪز هو. ان لڏپلاڻ ڪري اهو مرڪز ختم ٿي ويو. اهو مرڪز ورهاڱي کانپوءِ هندستان مان آيل پناهگيرن جن کي حرف عام مهاجر چيو ويندو آهي جي قبضي ۾ هليو ويو تہ ڪراچي ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت بجاءِ اردو ۽ هڪ اوپري ثقافت جو حصو بڻجي وئي. سنڌي ماڻهن وڏي دل جو مظاهرو ڪري انهن کي پنهنجن زمينن ۽ گهرن ۾ رهايو، جيءَ ۾ جايون ڏنيون، پر جڏهن اهي طاقتور ٿيا تہ انهن سنڌين کي هن شهر مان ڪڍي ڇڏيو. آيل ماڻهو اسلامي جذبي، نئين ملڪ پاڪستان جي جذبي ۽ مسلم ليگ جي جدوجهد جي جذبي سان سرشار هئا. انهن شين ڪانسواءِ ٻي ڳالهہ انهن لاءِ غداري هئي. سنڌ جو جاگيردار ۽ وڏيرو بہ ورهاڱي وقت خوش هو تہ هاڻي اسيمبلي ۾ پهچڻ لاءِ انهن جي رستي ۾ هندو رڪاوٽ نہ رهيو ۽ ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيا. پر انهن جون اهي خوشيون بہ وقتي ثابت ٿيون. جاڪاڻ تہ ملڪ جا اصللي حڪمران فوجي ۽ بيوروڪريٽ هئا. هندوئن جي سرڪاري جاين تي هندستان کان آيل ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويو. رهيل فوج تي پنجاب جو مڪمل ڪنٽرول هو.

ورهاڱي جي قانون ۾ ڪٿي بہ لڏپلاڻ شامل نہ هو ۽ پوءِ بہ تاريخ جي سڀ کان وڏي لڏپلاڻ ٿي. هندستان جي مختلف شهرن ۾ آيل اردو ڳالهائيندڙن سنڌ جو ۽ پنجابي اقليت پنجاب جو رخ ڪيو. گهڻا ليبر جيڪي هندستان کان هتي آيا هئا. انهن کي پنهنجو ڪو چوند تڪ نظر نٿي آيو. جنهن جي ڪري انهن اڳواٽن لڏپلاڻ کي هٿي ونرائي. اردو ڳالهائيندڙ جڏهن واگاهہ سرحد کان پنجاب ۾ داخل ٿيا تہ اسٽيشن تي بيٺل پنجابي ماڻهن انهن کي لهڻ نہ ڏنو ۽ چيو تہ پاڪستان اڳتي آهي ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي فقط 1948ع ۾ ٻارنهن لک مهاجر سنڌ ۾ داخل ٿيا. جن مان 4 لک ڪراچي ڏانهن آيا. اهو سلسلو 1954ع تائين جاري رهيو. ايڏي وڏي لڏپلاڻ هتان جي سياسي، سماجي ۽ معاشي وايومنڊل تي خطرناڪ اثر ڇڏيا. سنڌ جيڪا سنڌي ٻولي، ثقافت ڪري صدين کان مشهور آهي. ٻن ٻولين وارو صوبو ٿي ويو ۽ آيل ماڻهن سنڌ جي ڪلچر کي اٺ هڪلڻ ۽ ڳڌهہ چارڻ وارو ڪلچر چئي هن کان نفرت ڪئي.

هن لڏپلاڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ نقصان عام هاري، مزدور ۽ پڙهيل لکيل طبقي کي ٿيو. ورهاڱي وقت گهڻن سنڌي مسلمانن جون زمينون هندوئن وٽ گروي هيون ۽ گهڻن هندوئن جي زمينن تي مسلمان هاريو ڪندا هئا. سنڌ ۽ پنجاب ۾ اهو قانون پاس ٿي چڪو هو تہ اهي زمينون جيڪي

هندو خالي ڪري ويا آهن. دڪان ۽ گهر هتان جي مقامي ماڻهن جي حوالي ڪيا ويندا. پر سنڌ ۾ ائين نه ڪيو ويو. گروي ٿيل سنڌي مسلمانن جون زمينون ۽ هندوئن جون زمينون ڪليمن جي صورت ۾ هندستان کان آيل مهاجرن کي الاٽ ڪيون ويون. انهن زمينن تي هارپو ڪندڙ سنڌين جڏهن زمينون خالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته طاقت جي زور تي سنڌين کي انهن زمينن تان بي دخل ڪيو ويو. چاڪاڻ ته پاڪستان جي بيورو ڪريسي تي هندستان کان آيل مهاجر اڇي چڪو هو. ٻئي پاسي مزدور طبقو جن ڳوٺن کان شهرن جو رخ ڪيو ته هتي مزدوري ملندي ته هتي به مزدوري تي هندستان کان آيلن جو قبضو هو. پڙهيل لکيل ماڻهو هن خوشي فهمي ۾ هو ته سرٽيفيڪٽن چاڻنجي ويا. مطلب ته صنعت کان وٺي زمينن تائين، مزدوري کان وٺي سرڪاري نوڪري تائين سڀني خالي ٿيل جاين تي مهاجرن کي رکيو ويو ۽ چيو ويو ته لٽجي آيا آهن تنهنڪري انهن جو هق وڌيڪ آهي. ايتري حد تائين جو جيڪي هندوئن جا گهر ۽ زمينون هندوئن کان سنڌي مسلمانن خريد ڪيون هيون انهن مان به سنڌين کي بي دخل ڪيو ويو.

ڪراچي ۾ دڪان، گهر ۽ واپاري مرڪز تي هندو ڇانيل هئا. انهن سڀني تي آيلن قبضو ڪيو لالوڪيٽ، ڪاري لڪي، لانڊي، اوڪيواڙي، ملير ۽ آس پاس جون زمينون جيڪي مقامي ماڻهن جون هيون. انهن کي ويڪنٽ لينڊ ڄاڻائي مهاجرن کي آباد ڪيو ويو، ڪراچي جي مندرن، ڌرم شالائن، مسائڻ، گرد وارن، تي قبضو ڪيو ويو، مقامي ماڻهو خاموش تماشي ٻڌيل هو، هو هن خوف ۾ هو ته انهن جي گهرن ۽ زمينن تي قبضو نه ڪيو وڃي، ڪراچي جون جيڪي خالي زمينون مقامي ماڻهن جي هٿ هيٺ هيون انهن کي سرڪاري زمين ڄاڻائي مهاجرن کي ويهاريو ويو. انهن ناانصافين سنڌين کي سوچڻ تي مجبور ڪيو، انهن ڏينهن کان سنڌ جي سورن جي ڪهاڻي شروع ٿي ۽ انهن ناانصافين سنڌ ۾ قومپرستي جو بنياد وڌو.

اها سورن جي ڪهاڻي هتي ختم نتي ٿئي. ورهاڱي کانپوءِ هڪ اهم واقعو ٿيو جنهن سان سنڌين کي احساس محرومي جو احساس ٿيڻ لڳو. اهو هي هو جو سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪري مرڪز جي هوالي ڪرڻ هو. پاڪستان نهڻ کانپوءِ ۽ هن نئين ملڪ لاءِ گادي واري شهر جو مسئلو درپيش آيو ته ڪراچي کي پاڪستان جي گادي وارو هنڌ بنائڻ جو فيصلو ڪيو. ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌي شاگرد مسلم اسٽوڊنس فيڊريشن جي پليٽ فارم تان هڪ جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ سوين شاگردن شرڪت ڪئي. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي شاگردن جو اهو پهريون مظاهرو هو. شاگرد پهرئين پاڪستان جي خوراڪ واري وزير عبدالستار پيرزادي بعد ۾ سنڌ جي گورنر سر غلام حسين هدايت الله جي بنگلي جي سامهون مظاهرو ڪيو. گورنر ملاقات کان انڪار ڪيو بعد ۾ شاگردن جو اهو اجلاس گورنر جنرل هائوس پهچي محمد علي جناح

جيڪو گورنر جنرل هو ملاقات ڪئي ۽ احتجاج ڪيو. سنڌي ماڻهن اڳواڻن ۽ ويندي مسلم ليگي سنڌي اڳوانن ان جي مخالفت ڪئي پر انهن جي احتجاجن جي باوجود 20 مئي 1948ع ۾ دستور ساز اسيمبلي ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪري وفاقي حدن ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن واقعي خلاف سنڌين ڀرپور احتجاج ڪيو. سنڌين جو موقف هو ته سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ کان وٺي آزادي جي تحريڪ جو مقصد اهو هو ته سنڌين کي مڪمل سياسي آزادي نصيب ٿئي. هن جا شهر انهن جا هجن ۽ سنڌ جي معيشت تي سنڌ صوبي جي ماڻهن جي حق کي مڃيو وڃي ۽ صوبي ۾ سنڌي پنهنجي وجود ٻولي ۽ ثقافت کي سنڀالي سگهن. انهن احتجاجن جي پارليامينٽ جي معزز ميمبرن هٿان هڪ غير فطري موت مري ويئي. سيني جمهوري، قانوني ۽ اخلاقي اصولن کي بي رحمي سان پائمال ڪيو ويو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اٿندڙ آواز ڌانهن ڪو ڌيان نه ڏنو ويو. هن ڏينهن کان وٺي اڄ تائين سنڌ جي خاموش آواز ۾ به تلخي موجود آهي. اڄان به وقت آهي حڪمران هن کي ٻڌن ۽ سمجهن.

اسيمبلي ۾ اهو ٺهراءُ 11 فيبروري 1948ع ۾ خواجا شهاب الدين پيش ڪيو هو. پاڪستان جو وزيراعظم لياقت علي خان هن ۾ پيش پيش هو. مهاجرن جو هڪ مختصر حلقي مولانا شبير احمد عثماني جي اڳواڻي ۾ سنڌين جو ساٿ ڏنو. هو هر احتجاج ۾ سنڌي ميمبرن سان گڏ هو. قانوني طور تي به اهو هڪ غلط قدم هو ڇاڪاڻ ته گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع ۽ انڊين انڊپينڊنس ايڪٽ 1947ع موجب سنڌ هڪ خودمختيار ۽ الڳ صوبو هو. هن جي ڪنهن به هڪ حصي کي الڳ ڪرڻ قانوني ڏوهه هو. اهڙي صورت ۾ جڏهن اڃا ملڪ ۾ آئين به موجود نه هجي وڏيڪ خطرناڪ هو هن لاءِ ضروري هو ته پوري سنڌ ۾ ريفرنڊم ڪرايو وڃي ته هو ڪراچي جي جدائي چاهين ٿا يا نه.

11 جون 1948ع ۾ سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل جو اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو. جنهن ۾ دستور ساز اسيمبلي جي هن فيصلي کي رد ڪيو ويو. سنڌ اسيمبلي ۾ به ميمبرن هن فيصلي خلاف هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو. سنڌ مسلم ليگ جي ميمبرن مرڪزي مسلم ليگ جي هن فيصلي تي چٽي تنقيد ڪندي سنڌ ۾ رستو هموار ڪرڻ لاءِ سنڌ متحده عوامي محاذ جو بنياد وڌو. جنهن تحت ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي جلسا منعقد ڪيا ويا. هن موقعي تي سنڌ مسلم ليگ جي سيڪريٽري جنرل آغا غلام نبي پٺاڻ ايستائين چيو ته جيڪڏهن اهو فيصلو واپس نه ورتو ويو ته، ”اسان پاڪستان جي ٺهراءُ جون ڪاپيون ڦاڙي ڇڏينداسين.“ اها ڳالهه الوحيد اخبار 11 فيبروري 1948ع ۾ شه سرخي سان ڇاپي هئي. الوحيد اخبار هن سلسلي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

مضمونن ۾ ايڊيٽوريلن وسيلي حڪومت جي هن فيصلي کي ننديو ويو. مولانا دين محمد وفائي ان وقت الوحيد جو ايڊيٽر هو.

ڪراچي کي ڌار ڪرڻ واري مسئلي تي ڪراچي جي سنڌي ماڻهن محمد ايوب کهڙي جي گهر جو گهيراءُ ڪيو. ياد رهي ته ورهاڱي کانپوءِ محمد علي جناح، سر غلام حسين هدايت الله کي سنڌ جو گورنر ۽ محمد ايوب کهڙو کي سنڌ جو وڏو وزير منتخب ڪيو. تن ڏينهن ۾ پاڪستان جو وزيراعظم لياقت علي خان هو ۽ خود مهمد علي جناح گورنر جنرل مقرر ٿيو. کهڙي صاحب فيبروري 1948ع ۾ سنڌ اسيمبلي جي اجلاس سان ملاقات ڪئي ۽ گهر ڪئي ته هن فيصلي کي رد ڪيو وڃي. محمد علي جناح اها ڳالهه نه مڃي. هن چيو ته هن فيصلي سان سنڌ جو جيڪو مالي نقصان ٿيندو اهو وفاق پري ڏيندي ۽ ڪراچي ۾ قائم سنڌ صوبي جي جاين جو اجورو به نه ڏنو ويندو. انهن سيني احتجاجن جي باوجود 22 جولائي 1948ع ۾ گورنر جنرل هڪ حڪم وسيلي ڪراچي جي 812 اسڪوائر ميل جو علائقو جنهن ۾ ٻهراڙي ڪراچي جي 92 ديهن مان 55 ديهون شامل هيون، جو پورو علائقو وفاقي حڪومت جي حوالي ڪيو. 38 ديهون نئين ٺهندڙ ضلعي ٺٽي ۾ شامل ڪيون ويون.

1948ع ۾ ضلعو ٺٽو ناهيو ويو ته هاڻوڪي ڪراچي جون 38 ديهون هن ۾ شامل ڪيون ويون. ٻهراڙيءَ جو باقي علائقو جيڪو 54 ديهن ۽ ميونسپالٽي وارن علائقن تي ٻڌل هو. وفاق جي حوالي ڪري هن جو نالو فيڊرل ڪيپٽل ايريا رکيو ويو لوڪل بورڊ جيڪو ٻهراڙين تي ٻڌل هو هن کي ختم ڪيو ويو. شهر ۾ ميونسپالٽي موجود هئي جنهن ۾ ٻهراڙي جي ڪا به نمائندگي نه هئي. 1948ع کان 1963ع تائين ڪراچي ۾ ٻهراڙي نه ڪا اليڪشن ٿي ۽ نه ئي لوڪل بورڊ جو وجود هو. ٻهراڙي جي ڪنهن فورم تي ڪا نمائندگي نه هئي. انهن جو آواز ٻڌڻ وارو ڪونه هو. 1956ع ۾ الهه پاڪستان ۾ اسيمبليون جون چونڊيون ٿيون ته هن علائقي کي لسبيلي سان ملائي هڪ تڪ ناهيو ويو.

هن فيصلي سان سنڌ حڪومت کي اٺ ملين روپين جو نقصان ٿيو جنهن لاءِ چيو ويو ته وفاق پري ڏيندي پر ائين نه ڪيو ويو. 18 فيبروري 1949ع کان 7 مئي 1950ع تائين پهريون ۽ آخري پيرو ڪراچي جو مقامي ماڻهو يوسف هارون سنڌ جو وڏو وزير بڻيو.

1952ع ۾ هندستان کان آيل هڪ شخص حسين امام ڪراچي صوبي جو شوشو ڇڏيو. هن جو موقف هو ته جيئن ته ڪراچي هاڻي سنڌ جو شهر نه رهيو آهي. تنهن ڪري هن کي هندستان مان آيل مهاجرن لاءِ ڌار صوبو ڪري ڏنو وڃي. ڪراچي جي اردو پريس انهيءَ جي حق ۾ زبردست

مهم هلائي. حسين امام هن تجويز جي حق ۾ ”ڊان“ اخبار ۾ سلسلي وار مضمون لکيا. هن اها به تجويز ڏني ته ڪراچي شهر اندر انهيءَ سلسلي ۾ ريفرينڊم ڪرايو وڃي.
سنڌي اڳواڻ ۽ عوام کي اها ڳالهه هاڻي سمجهه ۾ اچي چڪي هئي ته ڪراچي کي الڳ ڪري وفاق ۾ شامل ڪرڻ جو اصل مقصد ڇا هو؟ سنڌ جي ماڻهن ان جي جواب ۾ چيو ته سنڌ جيئن ته ڪراچي جو حصو رهيو آهي ته اهو هق به ريفرينڊم وسيلي سنڌي عوام کي ڏنو وڃي. ڪراچي جي ترقي پسند دانشورن ڪراچي صوبي جي مخالفت ڪئي.
اڳتي هلي حڪومت پاران سياستدانن کي پنهنجي مرضي ۽ منشا مطابق هلائڻ لاءِ هڪ نئون قانون PRODA (پروڊا) Public representative office Diqualifiction Act of 1949 ناهيو ويو. جنهن جو پهريون نشانو محمد ايوب کهڙو بڻيو. انهيءَ وچ ۾ سنڌ ۽ مرڪز ۾ 1954ع تائين حڪومتون نهنديون رهيون ۽ ڊهنديون رهيون. 8 نومبر 1954ع ۾ ايوب کهڙو ٽيون ڀيرو سنڌ جو وڏو وزير بڻيو ۽ سندس ويجهو دوست پير علي محمد راشدي حڪومت جي هڪ خاص مشن تحت آيا هئا. اهو مشن هو ون يونٽ جو منصوبو. جيڪو ايوب خان جو خاڪو هو. ايوب خان هن وقت فوج ۾ ڪمانڊران چيف هو. اها ڳالهه ان ڪري ڪئي ويئي ته بنگالي اڪثريت کي ڪيئن ختم ڪجي ۽ سنڌ کي ڪيئن ڪالوني بڻائجي. ڪراچي جو ميونسپالٽي ۾ جتي هندستان کان آيل ڌاريل ميمبرن جي گهڻائي هئي. جيڪو اڳ ۾ ئي ون يونٽ جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪري چڪي هئي. ڊسمبر 1954ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سڏايو ويو. ميمبرن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ايوب کهڙو ۽ پير علي محمد راشدي سرگرم هئا. هن لاءِ انهن پنهنجي بچاءُ ۾ وڏا وڏا دليل ڏنا. سنڌي ماڻهن انهن دليلن کي رد ڪيو. اجلاس ۾ 110 جي ايوان ۾ 98 ميمبرن ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو ۽ فقط چئن ميمبرن مخالفت ڪئي. انهن چئني مان جيڪي سنڌ جا سچا سڄڻ هئا (!) عبدالمجيد جتوئي (2) غلام مصطفيٰ پرڳڙي (3) پير الاهي بخش ۽ (4) خورشيد احمد شيخ شامل هئا. ڪجهه ميمبر موڪل تي ويل هئا ۽ ڪجهه جايون خالي هيون. ون يونٽ جو مقصد سنڌ جي دولت تي قبضو ڪرڻ ۽ سنڌ جي زمينن کي ڦٻائڻ هو. سنڌ اسيمبلي هن رستي ۾ رڪاوٽ هيو. ون يونٽ ۾ اولهه پاڪستان جي چئني صوبن کي ملائي هڪ صوبو اولهه پاڪستان جڏهن بنگال تي ٻڌل اوڀر پاڪستان ناهيو ويو. اولهه پاڪستان جي چئني صوبن کي ملائي هڪ صوبو اولهه پاڪستان جڏهن بنگال تي ٻڌل اوڀر پاڪستان ناهيو ويو. اولهه پاڪستان جي گادي جو هنڌ لاهور ۾ هو تنهنڪري سنڌ جي قسمت جا فيصلا لاهور ۾ ٿيندا هئا. سنڌ جي زمينن جي قسمت جو فيصلو، نوڪرين ۽ وينڌي لوڪل گورنمينٽ جي ترقياتي اسڪيمن جي منظوري به لاهور کان ملندي هئي.

ون يونٽ ڪري سنڌ جي سورن ۾ وڌيڪ واڌارو ٿيو. اڳتي هلي سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن پنهنجي هن فيصلي تي پڇتائڻو پيو. سنڌي ماڻهن سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرن ۾ جيڪا تحريڪ هلائي 19 سالن ڪانپوءِ اهي خوشي ختم ٿي ويئي.

ون يونٽ قائم ٿيڻ سان سکر بئراج جون بچيل ڇهه لک ايڪڙ زمينون ٽن سالن اندر غير سنڌين جي حوالي ڪيون ويون. هن کان اڳ جڏهن 1933ع ۾ اهو بئراج ناهيو ويو ته 1909ع ۾ ڄمڙائو بئراج ناهيو ويو ته وڏي تعداد ۾ پنجابي آبادڪارن جيڪي انگريز فوج ۾ خدمتون انجام ڏيندا هئا. انهن جي حوالي ڪيون ويون. ون يونٽ دوران به سکر بئراج جون بچيل زمينون ريٽائرڊ فوجين ۽ بيورو ڪريٽن کي الاٽ ڪيو ويون.

ون يونٽ قائم ٿيڻ خلاف سنڌي ماڻهن، سنڌي پريس، دانشورن ۽ اديبن ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. اخبارن ۾ هلال پاڪستان نواءِ سنڌ، نئين سنڌ، ڪاروان ۽ مهراڻ پنهنجي مضمونن وسيلي ون يونٽ خلاف انهن جي خامين تي مضمون لکيا. ايوب کهڙو کان اڳ عبدالستار پيرزادي جي حڪومت هئي حڪمرانن ڏنو ته عبدالستار پيرزادي جي هوندي سنڌ اسيمبليءَ مان ون يونٽ جي حمايت ۾ ووٽ حاصل ڪرڻ ڏکيو هوندو ته هن جي حڪومت کي ختم ڪيو ويو. سنڌ اسيمبلي جي ان وقت جي اسپيڪر غلام علي ٽالپر کي گرفتار ڪري ٽر منڊي ۾ قيد ڪيو ويو.

1956ع ۾ ملڪ جي ڇهن پارٽين پاڻ ۾ اتحاد ڪري ضم ٿي هڪ نئين سياسي پارٽي: "نيشنل پارٽي" نالي ناهي. اهي ڇهه پارٽيون هيٺيون هيون.

پرنس عبدالڪريم ۽ مير غوث بخش بزنجو جي پارٽي. "استمان گل".

جي. ايم سيد جي پارٽي، "سنڌ متحده محاذ".

حيدر بخش جتوئي جي پارٽي، "سنڌ هاري ڪاميٽي".

عبدالغفار خان پارٽي. "خدا خدمتگار".

عبدالصمد خان اڇڪزئي جي پارٽي. "ور ور پشتون".

ميان افتخار الدين جي پارٽي "آزاد پاڪستان پارٽي".

نيشنل پارٽي ون يونٽ جي سخت مخالفت شروع ڪئي. 1957ع ۾ اوڀر پاڪستان ۾ مولانا ڀاشاني جي عوامي ليگ ۾ هن پارٽي ۾ شامل ٿي ته پارٽيءَ جو نالو "نيشنل عوامي پارٽي" رکيو ويو هن پارٽي جي نهڻ ۾ ڪميونسٽن جي ڏاڍن چڱو ڪردار ادا ڪيو. اها پارٽي سياسي انداز ۾ اڳتي وڌي رهي هئي. هن جي مقبوليت ۾ واڌ ٿي رهيو هو ته 8 آڪٽوبر 1957ع تي آمريڪا جي آشيرواد تي ملڪ ۾ مارشل لاءِ لڳايو ويو. پوري ملڪ ۾ نيشنل عوامي پارٽي جي ترقي پسند

ڪارڪن ۽ اڳواڻن کي گرفتار ڪري جيلن ۾ موڪليو ويو. جنهن جو اثر ڪراچي ۾ لياري رهيو، جتي يوسف نسقندي انهن جو اڳواڻ هو. گهڻن ڪارڪن پناهه لاءِ ڪراچي جو رخ ڪيو.

مارشل لاءِ ڪان پوءِ ڏينهن اڳ بلوچستان تي فوج ڪشي ڪئي ويئي. 80 سالن جو نوروز خان هڪ سال تائين فوج جو مقابلو ڪندو رهيو. هن لڙائي جو مرڪز جهالا وان رهيو. آخر ۾ قرآن شريف کي وچ ۾ آڻي نواب نوروز خان ۽ سندس ساٿين کي جبلن تان لهڻ تي مجبور ڪيو. ڳالهين وسيلي مسئلي حل ڪرڻ تي زور ڏنو ويو.

بعد ۾ فوجي پنهنجي ڳالهين کان ڦري ويا ۽ نواب نورو خان ان جي پنجن پٽن ۽ ٻين ساٿين کي گرفتار ڪري جولاءِ 1960ع ۾ حيدرآباد جيل ۾ ڦاهي تي لٽڪايو ويو. نوروز خان کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ويئي. هن تحريڪ جو مرڪز به ڪراچي ۾ لياري رهيو. گهڻن روپوش ڪارڪنن لياري ۾ پناهه ورتي. لياري ۾ هن فوجي ڪارروائي خلاف مظاهرا ٿيا. جلوس ڪڍيا ويا. ڪراچي مان صحافي سياسي اڳواڻ مير محمد حسين عنقا ۽ مير غوث بخش بزنجو کي گرفتار ڪري بدنام زمانه ٽارچر سيل قلي ڪئمپ ۾ رکيو ويو.

انهيءَ دوران مولانا ڀاشاني جي اڳواڻي ۾ نعپ جو هڪ ڌڙو الڳ ٿيو. جڏهن ته ٻئي ڌڙي جو اڳواڻ خان عبدالولي خان هو. عوامي ليگ ۾ جيئن ته مختلف ڪاٻي ڌر جا اڳواڻ ۽ قوم پرست هئا انهن جي نظرين ۾ اختلاف هئا ۽ پاڪستان جي ٻنهي حصن جون زميني حقيقتون به مختلف هيون.

خان عبدالولي خان، عطاءُ الله مينگل، مير غوث بخش بزنجو ۽ خير بخش مري سان ملي سرحد ۽ بلوچستان ۾ نعپ کي مضبوط ڪيو. سنڌ ۾ نعپ جو اثر ڪراچي ۾ گهڻو هو. هتان جا گهڻا بلوچ نعپ ۾ سرگرم هئا. جن ۾ لال بخش رند، گل محمد هوت، حيدر قوم ۽ ٻيا شامل هئا. جن لياري ۾ نعپ کي مضبوط ڪيو.

سنڌ جي ماڻهن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ 1960ع جي ڏهاڪي ۾ وفاقي گادي جو هنڌ ڪراچي کان اسلام آباد منتقل ڪيو ويو ۽ ائين ڪراچي کي واپس سنڌ جي حوالي ڪيو ويو. ون يونٽ جي باوجود اها ڳالهه سنڌين لاءِ خوشي جهڙي ڳالهه هئي، هندستان کان آيل مهاجر هن پوري جدوجهد ۾ خاموش هئا ۽ هڪومت جي فيصلن جي حمايت ۾ مصروف هئا. ڪراچي وفاقي گادي واري هنڌ هئڻ ڪري وڌيڪ فائدو مهاجرن کي هو ۽ هو هن خوشفهمي ۾ هئا ته ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪري انهن جي حوالي ڪيو ويندو پر ائين نه ٿيو. مهاجرن ٻاران سنڌين سان ملي جدوجهد ته پري جي ڳالهه رهي، پر اُهي پنجاب بيوروڪريسي سان پنهنجو ناتو جوڙي، سنڌين کان پري رهيا. مهاجر ورهاڱي کانپوءِ 1970ع تائين مراعاتن هاصل ڪندڙ طبقي جو حصو رهيو. اهي

اقتدار جا مزا ماڻيندا رهيا. نوڪرين ۽ ڪليمن وسيلي سنڌ جي زمينن ۽ جاين تي قبضا ڪري انهن مراعات حاصل ڪيا. هو اهو تصور ڪٽي آيا هئا ته نئين ملڪ ۾ جتي انهن جي مذهب، انهن جي تهذيب جي ٻولي، انهن جا سياست ۽ معاشي مفاد هوندا. هو مسلم قوميت ۽ پاڪستان جي نظرئي جا پرچارڪ هئا/ آهن. جنهن جي ڪري انهن کي ٻئي ڪنهن شئي سان ڪا دلچسپي نه هئي. هتي اچي هو زمينن ۽ جائيدادن جي الاٽ ڪرڻ ۽ ڪاروبار لاءِ قرض حاصل ڪرڻ ۽ پرمٽن جي چڪر ۾ مصروف رهيا. مراعات حاصل ڪندڙ طبقي جي ڪري انهن ۾ برتري جو احساس ٿيو. جنهن جي ڪري انهن جو رويو حقارت پسنداڻو ٿيو. ٻين قومن کي جٽ، جاهل سمجهي انهن جي ويجهو نه آيا. سواءِ ترقي پسندن جي هڪ ننڍي طبقي جي جيڪي به پنهنجي خول ۾ رهيا. مهاجرن جي گهڻائي هميشه رجعت پسند پارٽين جو ساٿ ڏنو. ڇاڪاڻ ته انهن جو بقا انهيءَ ۾ هو. جيڪڏهن مهاجر شروع کان رجعت پسندن جو ساٿ نه ڏين ته لکين هندستاني مسلمانن وانگر هو پنهنجي تاريخي، اباڻي ورثي، سرزمين، پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي ائين ڇڏي ايڏانهن نه اچن ها ته اڄ هو هندستان ۾ مضبوط اقليت طور پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهيا پئي. هندو مسلمان انتها پسند ايترو انتهاپسندي ڏانهن نه وڃن ها ته اڄ هن خطي جي صورتحال ٻي هجي ها.

مهاجرن کي جيڪي خواب ڏيکاريا ويا هئا اهي بقول انهن جي سيراب نڪتا. حڪمراني ۾ هوندي به هر قسم مراعاتون وٺندي به انهن جي اها ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي. پاڪستان جي نظرئي جا چئمپين ٻڌجي انهن سنڌ مان اٿندڙ هر حق ۽ سچ جي ڳالهه کي غداري سان ڳنڍيو سنڌ جي اڳواڻن کي غداري ۽ پارٽي ايجنٽ جا سرٽيفڪيٽ ڏنا. هتي رهجي ويل هندوئن کي ايڏو تنگ ڪيو ويو جو اڄ تائين هيءُ پنهنجي ڌرتي ڇڏي هندستان ڏانهن لڏپلاڻ تي مجبور آهن.

سنڌ ۾ ڪراچي بندر هئڻ ڪري هتي جي اڳواڻن ۽ ماڻهن جي سياسي ڪمزوري سبب مهاجر جي اچڻ جو رخ سنڌ ڏانهن گهڻو ٿيو. هن وچ ۾ لياقت علي خان جيڪو پاڪستان جو وزيراعظم هو هڪ بيان ڏنو ته "پاڪستان ڏهه ڪروڙ هندستاني مسلمانن جو وطن آهي ۽ هر ڪو اچي سگهي ٿو." جنهن ڳالهه سنڌين کي ڪاوڙ ڏياري.

1960ع ۾ ايوب جي دور ۾ لياري کي بلدوز ڪرڻ جو پروگرام بنايو ويو. جڏهن گورنمينٽ جا بلڊوزر لياري پهتا ته لياري واسين لال بخش رند، يوسف نسقندي، گل محمد هوت، حيدر قوم، يار محمد يار، يوسف مستي خان ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻي سخت احتجاج ڪيو. انهن احتجاج دوران گهڻا ماڻهو گرفتار ڪيا ويا. ڪراچي جي تاريخ ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ اها پهرئين منظم ۽ مضبوط احتجاج هو. جنهن حڪومت جون وايون بتال ڪيون حڪومت کي مجبورن پنهنجو فيصلو واپس وٺڻو پيو. بلوچ اڳواڻن لياري واسين جو مڪمل ساٿ ڏنو.

ٻئي پاسي مهاجر بيورو ڪريسي ۽ مهاجر سرمائيدارن، پنجاب جاگيردار، فوجي بيوروڪريسي جو ساٿ ڏنو ۽ ٿورائي وارن قومن جي قرلٽ ۾ مهاجر پنجابين سان گڏ هئا.
سيپٽمبر 1957ع ۾ غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي مرڪزي اسيمبلي ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جي حق ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو. 300 سئو جي ميمبرن واري اسيمبلي مان 296 ميمبرن ٺهراءُ جي حق ۾ ووٽ ڏنو. پر پوءِ به حڪمران پنهنجي ضد تي قائم رهيا، ۽ ون يونٽ کي ختم نه ڪيو ويو.
آڪٽوبر 1958ع ۾ ايوب خان جيڪو ون يونٽ جو حامي ۽ هن جو خالق هو. ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون ختم ڪيون ويون. 1956ع واري آئين کي ختم ڪيو ويو.
1960ع ۾ ملڪ ۾ ايوب خان بنيادي جمهوريتن جو نظام متعارف ڪرائي پوري ملڪ ۾ ميونسپل ڪارپوريشنن، ضلع ڪائونسلن ۽ يونين ڪائونسلن جون چوندون ڪرايون ويون. سواءِ ڪراچي جي ڀهراڙيءَ جي علائقي ۾.
1963ع تائين 75% سيڪڙو سنڌ جون زمينون غير سنڌين کي ڏنيون ويون. انهيءَ دوران 367000 هزار ايڪڙ زمين صرف سکر بئراج واري علائقي ۾ ريٽائر فوجين جي حوالي ڪيون ويون. جڏهن ته 178000 ايڪڙ زمينون سنڌين کي ڏنيون ويون.
زرعي ترقياتي ڪارپوريشن قائم ڪئي ويئي. جنهن جو مقصد نون آباد زمينن کي ورهائڻ جو هو. زمين ورهاڱي جو 90 سيڪڙو حصو سنڌ سان تعلق رکندڙ هو پر هن جو هيڊ ڪواٽر لاهور ۾ هو مارشل لا ۽ ون يونٽ جي ڪري اهي زمينون ريٽائر فوجين، بيوروڪريٽن ۽ پنجابي آبادگارن جي حوالي ڪيون ويون.
1948ع ۾ ڪراچي ۾ 1500 سئو سيڪنڊري ۽ پرائمري اسڪول هئا. جتي سنڌي ۾ ٻارن کي پڙهايو ويندو هو. 1951ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي جو قيام عمل ۾ آندو ويو. 1956ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڊيڪٽ ڪراچي ۾ سنڌي جي بجاءِ اردو ۾ امتحان وٺڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهو موقف اختيار ڪيو ويو ته ڪراچي ۾ سنڌي شاگرد نه هجڻ جي برابر آهن. تنهن ڪري اهو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان وقت به ڪراچي جي مختلف ڪاليجن ۾ 3000 هزار سنڌي شاگرد تعليم هاصل ڪري رهيا هئا. انهن جو به شديد رد عمل سامهون آيو. حقيقتن کي نظر انداز ڪري فقط پنهنجي خواهش جي اهڙن فيصلن سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ کي پري ڪيو. اهو سڀ ڪجهه ڪراچي ۾ بيوروڪريٽس جيڪي مهاجر هئا، مهاجر شائونزم جا شڪار هئا. تن اهڙا فيصلا ڪري نفرت جي خليج کي وسيع ڪيو ويو. ٻولي تي وار ڪري سنڌ جي قديم ماڻهن ۽ نين آيلن وچ ۾ رابطي جي اهم وسيلي کي ختم ڪيو ويو ۽ اهو ئي فيصلو شهري ۽ ڳوٺاڻي فرق جو سبب بڻي. هن فيصلي خلاف پوري سنڌ ۾ احتجاج جي نئين لهر شروع ٿي ويئي. اڳتي هلي ايوب خان جي

آمريت جي دور ۾ 1962ع ۾ ڇهين ڪلاس کانپوءِ سنڌي جي جاءِ تي اردو کي لازمي قرار ڏنو ويو. هن کان اڳ خطرناڪ وار هو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪراچي سنڌي اسڪول بند ٿيندا ويا. گهڻن اسڪولن کي تنگ ڪري زوري بند ڪرايو ويو. سنڌي اڳواڻن، اديبن، صحافين سخت احتجاج ڪيو. سيمينار منعقد ڪيا. جيڪڏهن اردو دانشور ان وقت اسلامي جذبي، پاڪستان جي جذبي سان گڏ سنڌ سان به محبت ڪن ها، سنڌي ٻولي کي پنهنجي ٻولي سمجهي اردو سان گڏ هن کي به سکن ۽ پڙهن سنڌين سان ٿيندڙ ظلمن ۾ پنجابي فوج ۽ بيورو ڪريٽ جي ساٿ ڏيڻ بجاءِ سنڌي اڳواڻن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائن ها ته اڄ سنڌ جي صورتحال ٻي هجي ها. ٿئي پاسي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ترقي پسند اردو دانشورن لاءِ اهي نٽديون ڳالهيون هيون. هو انٽرنيشنل جي چڪر ۾ ڪو خاص رول ادا ڪري نه سگهيا. بهرحال انهن جون همدرديون ڪنهن حد تائين سنڌين سان سنڌين جي مسئلي سان هيون پر انهن جو ڪو طاقت ور آواز نه هو.

اردو کي مسلمانن جي ٻولي ۽ پاڪستان جي ٻولي ڄاڻائي سنڌي جي جاءِ تي اڳيان آندو ويو. ان وقت اردو سان گڏوگڏ ٻين ٻولين سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو ۽ سرائڪي کي به قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي ها انهن کي ترقي وٺرائي حقيقت کي مڃيو وڃي ها ته اڄ اها نوبت نه اچي ها. گڏيل هندستان ۾ اردو سان ٿيندڙ ناانصافين جو ازالو ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۾ سنڌي کي ختم ڪرڻ ڪٿان جو انصاف هو.

9 نومبر 1962ع ۾ پوري سنڌ ۾ ٻولي جو ڏينهن ملهايو ويو. ڪراچي ۾ سنڌي آبادين ۾ به اهو ڏينهن ملهايو ويو. ڪراچي جي ملير واري علائقي غازي بروهي اسڪول ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو. احتجاج ۾ سنڌي اڳواڻن، اوير پاڪستان جي اڳواڻن ۽ بلوچ اڳواڻن هڪ گڏيل بيان سنڌي ٻولي جي حق ۾ جاري ڪيو. جنهن ۾ حڪومت جي فيصلي تي تنقيد ڪئي وئي. تعليمي ڪميشن جي هن فيصلي سنڌ ۾ قوم پرست رجحانن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. سنڌ جا سياستدان، اديب، دانشور، صحافي ۽ شاگرد هڪ پليٽ تي گڏ ٿيا. انهن محسوس ڪيو ته ورهاڱي انهن کي ڏکن، ڏوجهڙن، تڪليفن ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڏنو آهي. انهن پنهنج وڏن جي فيصلي کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ غلامي جو طوق سمجهيو. سنڌ جي ماڻهن ورهاڱي وقت جنهن وڏي دل جو مظاهرو ڪيو مديني جي انصارن جي روايت کي تازو ڪيو هندستان کان آيل لٽجندڙ قافلن کي پنهنجي جيءُ ۾ جايون ڏنيون، پر آيلن پاران وڏي دل جو مظاهرو نه ڪيو ويو.

1964ع ۾ صدارتي اليڪشن دوران ڪراچي جي اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جيڪي جماعت اسلامي جي پليٽ فارم تي گڏ هئا. ايوب خان جي مقابلي ۾ محمد علي جناح جي ڀيڻ فاطمه جناح کي ووٽ ڏنو. هتان رهندڙ سنڌين به مهاجرن جو ساٿ ڏنو. ايوب خان جي ڪاميابي جي خوشي ۾

ايوب خان جي پٽ گوهر ايوب خان ڪراچيءَ ۾ جلوس ڪڍيو لالو کيٽ وٽ جلوس تي حملو ڪيو ويو ته ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ٽي هٽي، پي. آءِ. بي ڪالوني، ناظم آباد، گوليمار ۽ برنس روڊ تي هنگاما شروع ٿيا، پناڻ رڪشا ڊرائيورن، موچين ۽ پناڻ آفيسرن تي حملا ڪيا ويا.

سيپٽمبر 1965ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ جنگ لڳي ته مهاجر، پنجابي ۽ پناڻ مفاد گڏ ٿي ويا. بنگالي، سنڌي ۽ بلوچ اڪيلا ٿي ويا. انهن جو پاڻ ۾ هڪ اتحاد جوڙڻ شروع ٿيو، 65ع جي جنگ ڪانپوءِ اوير پاڪستان ۾ آزاديءَ جي تحريڪ خور ورتو، بنگالي ۽ غير بنگالي جهيڙي هتي رهندڙ بهارين سنڌ جو رخ ڪيو، 1969ع ۾ هڪ گول ميز ڪانفرنس ۾ اگرتلہ سازش ڪيس کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ايوب خان اگرتلہ سازش ڪيس ختم ڪيو ۽ جنهن ۾ شيخ مجيب الرحمان کي غدار قرار ڏنو ويو هو پاڪستان جي صدر جي خصوصي جهاز ۾ ڍاڪا کان اسلام آباد آندو ويو.

ايوب خان جي دور ۾ جڏهن سنڌ ۾ زرعي انقلاب (سبز انقلاب) جي ڳالهه ڪري وڏي تعداد ۾ پنجابي ۽ پناڻن کي زرعي زمينون ڏنيون ويون ته پناڻن جو هڪ طبقو هن استحصال ۾ پنجاب سان ڀاڱي ڀائيوار ٿيو. وڏيون صنعتون قائم ڪري انهن جي حوالي ڪيون ويون. جنهن جو مثال ڪراچي ۾ قائم صنعتون آهن. جتي هُن وقت سنڌين جي ڪا به فيڪٽري نه هئي ۽ انهن لاءِ مزدور به سرحد ۽ پنجاب مان گهرائي آباد ڪيا ويا. ڪراچي ۾ ايندڙ پناڻن اچي ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ تي به مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو. انهن پنجابي ۽ پناڻ 1960ع ڪانپوءِ وڏي تعداد ۾ ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين علائقن جو رخ ڪيو. ان ڪانسواءِ تربيلا ۽ منگلا ڊيمن جي متاثرن کي سنڌ ۾ ويهاري انهن کي زرعي زمينون ڏنيون ويون ۽ ائين ورهاڱي ڪانپوءِ ٻيو ڀيرو وري سنڌ جي آبادي جي توازن کي بگاڙيو ويو. سنڌ ۾ رهندڙ پناڻن جي هن وقت جي اڪثريت مٿئين طبقي (مهاجر بيوروڪريسي، مهاجر سرمائيدار، پنجابي جاگيردار ۽ فوج بيوروڪريسي) سان اتحاد ڪيو. انهن سڀني ڳالهين جي ڪري سنڌين ۾ احساس محرومي جنم ورتو انهيءَ احساسي محرومي جي ڪري سنڌي قوميت جو جذبو وڌيڪ طاقت سان ابريو.

سياسي حوالي سان مهاجر 1970ع تائين صرف بلدياتي سياست تائين محدود هئا. چوڌري خليق الزمان شروع ۾ انهن جو ليڊر طور ابريو. چوڌري صاحب مرڪز ۾ انهن جو چئمپين رهيو.

ون يونٽ جي خاتمي لاءِ جي. ايم سيد جي اڳواڻي ۾ سنڌي ماڻهن سنڌ متحده محاذ وڌو. شروع ۾ نواب مظفر علي به ان محاذ ۾ سنڌين سان گڏ هو. پهريون اجلاس حيدرآباد ۾ نواب زاهد علي خان جي گهر ۾ منعقد ڪيو ويو. هن پهرئين اجلاس ۾ نواب مظفر حسين، جي. ايم سيد سان اختلاف ڪري اجلاس مان اٿي هليو ويو. چاڪاڻ ته اجلاس ۾ جي ايم سيد چيو ته، اسان پاڪستان

جي نظرئي تي يقين تا رکون جنهن جي تشريح 1947ع ۾ قائداعظم ڪئي هئي اسان چاهيون ٿا ته سنڌ جا ماڻهو چاهي اهي اصلي سنڌي هجن يا مهاجر سڀ سنڌي آهن ۽ سنڌ جي سرڪاري ٻولي سنڌي هجي. اها ڳالهه نواب مظفر کي نه وڻي ۽ هو واڪ آئوٽ ڪري هليو ويو. ان ڪانپوءِ نواب مظفر علي جلدي "سنڌ ڪراچي مهاجر پنجابي پٺاڻ متحده محاذ" قائم ڪري نفرتن کي هوا ڏني. شروع ۾ حافظ مبارڪ شاهه، ڪي بي جعفر، مولانا قيوم ڪان پوري، چوڌري محمد اشرف ۽ علي محمد ڪاڪڙ ان سان گڏ هئا. 4 ۽ 5 آڪٽوبر 1969ع تي حيدرآباد ۾ ڪنوينشن منعقد ڪري تنظيم جو باقاعده اعلان ڪيو ويو. ان کان سواءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مهاجر نالي سان ننڍيون ننڍيون تنظيمون ڪم ڪري رهيون هيون انهن مان گهڻن تنظيمن کي هن محاذ ۾ ضم ڪيو ويو. ان ۾ گهڻا نهراءُ پاس ڪيا ويا. جنهن ۾ ڪجهه هن ريت هئا.

پارٽ کان اينڊڙ سيني مهاجرن لاءِ سنڌ جا رستا کوليا وڃن.

سنڌ ۾ آباد پنجابي آبادگارن کي قانوني تحفظ ڏنو وڃي.

جيڪي هندو هندستان وڃي ٻيهر هتي آيا آهن، انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

هن تنظيم جا گهڻا اڳواڻ مهاجر هئا ۽ ال ۾ اها تنظيم ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ آباد مهاجرن جي مفادن جي ڪم ڪرڻ واري تنظيم هئي. پنجابي ۽ پٺاڻ محاذ ۾ نالي ماتر هئا.

25 مارچ 1969ع تي جنرل محمد يحيٰ ملڪ ۾ مارشل لا هٽي ملڪ جي صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جو عهدو سنڀاليو. 1962ع جي آئين کي رد ڪيو ۽ ون يونٽ کي ختم ڪري صوبن جي حيثيت بحال ڪئي ويئي. ٻهرئين جنوري 1970ع تي سياسي سرگرمين جي اجازت ڏيئي، آڪٽوبر 1970ع ۾ عام چونڊن جو اعلان ڪيو. پر اهي چونڊون آڪٽوبر 1970ع جي بجاءِ ڊسمبر 1970ع ۾ ٿيون. انهن چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جي 300 سيٽن مان شيخ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ 160 سيٽون حاصل ڪيون. پاڪستان پيپلز پارٽي جنهن جو اڳوان ذوالفقار علي ڀٽو هو جيڪو ايوب جي ڪابينا ۾ وزير به رهي چڪو هو. 87 سيٽون حاصل ڪيون، جماعت اسلامي 9، مسلم ليگ ڪائونسل 4، مسلم ليگ ڪنوينشن 7، جمعيت علماءُ اسلام 7، جمعيت علماءِ پاڪستان 7، نعپ 6 ۽ 15 آزاد اميدوار ڪامياب ٿيا ۽ هڪ سيٽ خالي رهي.

ڪراچي ۾ ان وقت قومي اسيمبلي جون ست سيٽون هيون جنهن مان پاڪستان پيپلز پارٽي 2 (لياري ۽ ملير) جماعت اسلامي ٻه- جمعيت علماءِ اسلام ٻه ۽ هڪ آزاد اميدوار ڪامياب ٿيو. جنهن کي جماعت اسلامي جي حمايت حاصل هئي.

صوبائي اسيمبلي جي 16 سيٽن مان پاڪستان پيپلز پارٽي کي اٺ سيٽون مليون. اهڙي طرح ڏٺو وڃي ته ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي سٺي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي.

ڪراچي جي سنڌي ۽ بلوچ آبادين ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪي وڏي اڪثريت حاصل ڪئي. لياري جي قومي اسيمبلي جي سيٽ تان ذوالفقار ڀٽو سڀ کان وڌيڪ ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو. قومي اسيمبلي جي ٻي سيٽ جيڪا پاڪستان پيپلز پارٽي کي ملي جنهن تان ملير مان عبدالحفيظ پيرزادو ڪامياب ٿيو.

ڪراچي جي اڪثريت اردو آبادي جماعت اسلامي ۽ جمعيت اسلامي ۽ جمعيت علماءِ اسلام کي ووٽ ڏنو ۽ ڪراچي جي ميمڻ برادري پيپلز پارٽي ۽ شاه احمد نوراني جي جمعيت علماء اسلام کي ووٽ ڏنو.

مهاجر پنجابي پناڻ محاذ جو اڳوان نواب مظفر حسين چونڊن ۾ ڪامياب ٿيو ۽ محاذ کي اها سيٽ چونڊ مهم دوران مهاجر مسئلي تي ڳالهائڻ ۾ ملي. ڪراچي جي گهڻن اردو ڳالهائيندڙ علائقن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کي ٻه چڱا ووٽ مليا. پيپلز پارٽي کي لياري ۽ ملير مان واضح اڪثريت ملي. لياري جيڪو ان کان اڳ بلوچ قومپرست جو ڳڙهه هو. ذوالفقار علي ڀٽو جي سحر انگيز شخصيت جي زير اثر اچي ويتي ۽ هن جي ساٿين کي ڪامياب ڪيو. لياري ۽ ملير اڄ به پاڪستان پيپلز پارٽي جا ڳڙهه آهن.

1970ع جي اليڪشن ۾ جڏهن پنجابي بيورو ڪريسي ۽ فوج ڏٺو ته شيخ مجيب الرحمان اڪثريت حاصل ڪري ويو آهي ۽ هاڻي پاڪستان جي سياست جو مرڪز لاهور جي بجاءِ ڍاڪا هوندو جتي انهن جي من ماني نه هلندي ته 25 مارچ 1971ع تي بنگال تي فوجي ڪارروائي شروع ڪئي ويئي. شيخ مجيب کي گرفتار ڪيو ويو. لکين بنگالين کي شهيد ڪيو ۽ اعلان ويو ته" اسان کي بنگالين نه پر بنگال جي زمين جي ضرورت آهي."

بنگالين ڀرپور مزاحمت ڪئي ۽ 16 ڊسمبر 1971ع ۾ بنگلاديش آزاد ملڪ جي حيثيت سان دنيا جي نقشي تي اڀري آيو. هي فتح پاڪستان جي مظلومن قومن جي فتح هئي. 90 هزار پاڪستاني فوجي گرفتار ٿيا. جنرل نيازي پارٽي جنرل اروڙا سامهون هٿيار ڦٽا ڪيا. 20 ڊسمبي 1971ع تي مغربي پاڪستان ۾ ذوالفقار علي ڀتي کي چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر بڻائي ملڪ ان جي حوالي ڪيو ويو. ڀٽو به اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ان قتل عام تي خاموش رهيو. بعد ۾ ڀٽي پاڪستان جي پهرئين چونڊيل وزيراعظم جو حلف کڻي پاڪستان کي ترقي جي دڳ ڏانهن وٺي ويو ۽ ڊرائنگ روم سياست کي ڇڏي ڪري عوامي سياست ڪري مقبوليت ماڻي.

بنگلاديش جي نتيجي ۾ هتان لکين بهارين سنڌ جو رخ ڪيو ۽ انهن کي پوري ڪراچي خاص ڪري اورنگي واري علائقي ۾ آباد ڪيو ويو. ان وقت پاڪستان پيپلز پارٽي ڪانسواءِ سنڌ ۾ ٻي ڪا به طاقتور جماعت يا قومپرست پارٽي نه هجڻ ڪري سنڌ جي سورن ۾ واڌارو ٿيو. پر ڀٽي



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

سنڌين ڪي هڪ نئون جوش ۽ جذبو ڏنو ۽ سنڌ جي اندرون علائقن مان سنڌين ڪراچي جو رخ ڪيو. آفيسرن جو ۽ بيورو ڪريٽ جو سنڌي طبقو پيدا ٿيو. سنڌي مڊل ڪلاس وجود ۾ آيو ۽ اهي ڪراچي شهر ۾ اچي آباد ٿيا. جتي شلوار قميص جي مقبوليت ٿي. هڪ ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته مهاجر دانشور ۽ ليکڪ اها ڳالهه بار بار لکندا آهن ته سنڌي ڪراچي ۾ 1970ع ڪانپوءِ آيا اها انهن جي پل آهي ۽ ڄاڻ هوندي به هو اها ڳالهه ثابت ڪرڻ چاهين ٿا ته ڪراچي سنڌين جو شهر نه هو. ڇا ان وقت لياري، ڪڏو، ڪارو در، منو در، پراڻو شهر ملير، ڳجهڙو، اوڪيواڙي (گلشن اقبال)، ڪاري لکي، سهراب ڳوٺ (جيڪو سهراب گبول جي نالي سان آهي) مواچ، ڪياماڙي، گريڪس، گابو پٽ، منگهو پير، صفوران، ڪارودر، منو در، گسري، منهوڙو، بابا ڀيٽ، شمس پير، صالح آباد، ڪڏو، ڪلري، گارڊن، لالو کيٽ، ڏالميا، شانتي نگر، شرافي، ابراهيم حيدري، لانڍي ۽ هاڻوڪي پوري ڀراڙي واري علائقي ۾ 3000 هزارن ڪان مٿي ڳوٺن ۾ لکين سنڌي رهندا نه هئا؟ مٿيان ڳوٺ ورهاڱي کان اڳ حڪومت جي ريڪارڊ تي موجود آهن ۽ اڃا به آهن. ڪراچي جي 92 ديهن ۾ سنڌين جون زرعي زمينون ۽ چراگاهه هئا. ڪراچي جي بندر تي مزدور ۽ ماهيگيري تي ڪنٽرول مڪمل سنڌي ۽ بلوچ ماڻهن جو هو ۽ ڪراچي جي ٽرانسپورٽ تي بلوچن جو ڪنٽرول هو. سياسي طور تي اهي 1970ع ڪان اڳ ڪڏ نه هئا ڇڙوڇڙ هئا. 1963ع تائين انهن ڀراڙين ۾ ووٽ جو به حق نه هو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي 1970ع تائين انهن علائقن مان چار صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جون به سيٽون حاصل ڪيون. جنهن ڪري مهاجر دانشورن ۽ اڳواڻن کي انهن حقيقتن کي مڃي ڪري وڏي دل جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. 1970ع ڪان پڻي دور ۾ جيڪي سنڌي روزگار جي لاءِ ڪراچي آيا انهن ڪو به نئون ڳوٺ نه وسايو. اهي ڳوٺ صدين ڪان هتي موجود آهن.

سنڌ وانگر ڪراچي جي سنڌي ۽ بلوچن کي جيڪي ويڳاڻا هئا، اڪيلا هئا پاڪستان پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تي گڏ ٿيا ڇاڪان ته انهيءَ پارٽي ۾ انهن کي پنهنجائپ نظر آئي.

پاڪستان پيپلز پارٽي جو سخت مخالف جماعت اسلامي هئي. جنهن کي ڪراچي جي مهاجرن جي اڪثريت جي حمايت حاصل هئي. ڪراچي ٻولي جي بنياد تي واضع طور تي ٽن حصن ۾ ورهائجي ويئي هئي. نواب مظفر حسين جيستائين جيئرو هو اسيمبلي ۾ مهاجريت کي هوا ڏيندو رهيو. هن دوران سنڌ اسيمبلي سنڌي کي صوبائي ٻولي قرار ڏنو ته ڪراچي جي اڪثريتي اردو علائقن ۾ هنگاما شروع ٿيا. جنهن ۾ جنگ اخبار ”اردو کا جنازه هي ذرا دهوم سي نکلي“ جهڙيون شه سرخيون ڏيئي هن مسئلي کي هوا ڏنو. ٻئي پاسي ڏهيسر جي شوق ۾ سنڌي اڳواڻن مهاجرن کي ڌمڪيون ڏنيون. جيڪڏهن اڳواڻ ويهي هڪٻئي جي ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ها ته شايد مهاجر اڳواڻن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ته سنڌي فقط سنڌين جي نه پر سنڌ ۾ رهندڙ

سيني طبقن جي ٻولي آهي. جھڙي نموني سنڌ جي بلوچن ۽ پنجابي سيٽلرن ان ٻولي کي اختيار ڪيو آهي ۽ مهاجر بہ فراغ دلي سان اها ڳالھ قبول ڪن ها تہ ڳالھ ايستائين نہ پهچي ها. پر اهو مسئلو ورهاڱي وقت کان ئي شروع ٿي چڪو هو. ٻولي جي جهيڙن ۾ ٻنهي پاسي ماڻهو ماريا ويا. ڪراچي ۾ عبدالرشيد جدگال ۽ خدا بخش گبول کي ماريو ويو. حزب اختلاف پوري قوت سان هن ٻولي جي بل کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ۽ هڪ ڏينهن جي هڙتال جو سڏ ڏنو ويو.

ٻولي جا اهي جهيڙا 22 ڏينهن جاري رهيا. انهن جهيڙن ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي کي ڌڪ رسايو. چاڪاڻ تہ گھڻا ترقي پسند اردو ڳالھائڻ وارا پيپلز پارٽي سان گڏ هئا. صوبائي اسيمبلي ۾ انن مان چار ميمبر اردو ڳالھائڻ وارا پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تان ڪامياب ٿيا هئا. پر اها ڳالھ رجعت پسند پارٽين کي دل سان نہ لڳي انهن جو مستقبل ڪراچي ۾ اونداهو نظر اچڻ لڳو تہ انهن هن جو سياسي فائدو حاصل ڪيو ۽ اڄ تائين اها نفرت، دهشت گري جو روپ وٺي اسان سيني کي خاڪ ڪري رهي آهي.

ٻولي واري بل کان اڳ ۾ اپريل جي مهيني ۾ جڏهن ڀٽو روس جي دوري تي روانو ٿيڻ وارو هو تہ بنگلاديش جي بهارين جي مائٽن 70 ڪلفٽن جي سامهون مظاهرو ڪيو. جنهن جي اڳواڻي پنجابي پناڻ مهاجر متحده محاذ جو اڳواڻ نواب مظفر حسين ڪري رهيو هو. پوليس مظاهرو ڪندڙن تي لٺ بازي ڪئي. سنڌي قومپرستن پاران بهارين جي گھرائڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو. پر سيني ڳالهين جي باوجود ٽي لک بهاري ڪراچي پهچي چڪا هئا ۽ اڳتي هلي 1978ع کان 1990ع دوران ڇھ لک وڌيڪ بهاري ڪراچي آيا. پاڪستان جي حالتن خراب ٿيڻ وقت پنج لک بهاري اچي چڪا هئا. جيڪي ڪراچي جي معيشت تي ڇائبا ويا. ٻين قومن جا ماڻهو خاص ڪري سنڌي ۽ بلوچ بيروزگار ٿيندا ويا. ڪراچي ۾ هڪ انارڪلي ڦهلجي ويئي. جنهن مان جان اڃا تائين آجي نہ ٿي آهي.

جولاءِ آگسٽ 1972ع ۾ سنڌ جي اردو ڳالھائيندڙ ۽ سنڌي اڳواڻن جي گڏجاڻي ۾ هيٺين ڳالهين تي اتفاق ڪيو ويو. جيڪو لکت ۾ نہ هو.

40 سيڪڙو ۽ 60 سيڪڙو ڪوٽا تي اتفاق ڪيو ويو.

سنڌ جو وڏو وزير سنڌي هوندو تہ گورنر مهاجر يا غير سنڌي هوندو.

چيف سيڪريٽري سنڌي تہ وزارت جو سيڪريٽري غير سنڌي هوندو.

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ تعليم سنڌي ٻولي ۾ هوندي.

سنڌي کي آهستہ آهستہ صوبائي ۽ سرڪاري زبان بنايو ويندو.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

ٻولي جي جهيڙن ۾ متاثرن کي اجورو ڏنو ويندو.

جنهن جي ڪري ڪراچي ۾ ٿاپر ٿي شهر جون رونقون واپس آيون.

11 جولاءِ 1973ع جڏهن سنڌ جو وڏو وزير ممتاز ڀٽو هو. نواب مظفر حسين مهاجر مسئلن تي ٻڌل 14 نقطا پيش ڪيا ۽ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو سان ملاقات ڪئي. انهن 14 نقطا مڃڻ جهڙا نه هئا.

24 ڊسمبر 1973ع ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي سنڌ جو وڏو وزير مقرر ٿيو ته نواب مظفر ۽ حڪومت وچ ۾ وري ڪو رابطو نه ٿيو ۽ آخرڪار نواب مظفر حسين پنجابي مهاجر پناڻ متحده محاذ کي ختم ڪري مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ ليگ جو سينيئر نائب صدر مقرر ٿيو.

1977ع جي چوندن ۾ پاڪستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پوري ملڪ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. جماعت اسلامي سميت ٻين پارٽين پاڪستان قومي اتحاد، (وي اين. اي.) جي پليٽ فارم تي ڀٽي تي ڌانڌلين جو الزام هڻي تحريڪن جو اعلان ڪيو. پوري ملڪ ۾ جهيڙا ۽ مظاهرا شروع ٿي ويا. انهن جو مرڪز ڪراچي هو. بنگلاديش جي آزادي جي تحريڪ ڪانپوءِ سياست ۾ تشدد جو رجحان ٻولي وارن فسادن ڪانپوءِ، 1973ع ۾ بلوچستان ۾، ۽ 1977ع ۾ پي اين اي جي تحريڪ ۾ نظر آئي. نظام مصطفيٰ نالي هلندڙ هن تحريڪ جو محور فقط ۽ فقط ڀٽو مخالف هو. جنهن ۾ سنڌين ۽ پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن کي به نشانو بڻايو ويو. لالو کيٽ ۾ الله بندي ۽ گوليمار ۾ حبيب الرحمان خٽڪ جي ڪٽنب کي قتل ڪيو ويو. انهن جو تعلق پيپلز پارٽي سان هو. ڪراچي ۾ خاص ڪري اردو ڳالهائيندڙ جنهن جون همدرديون پيپلز پارٽي سان هيون يا پارٽي جا ڪارڪن هئا انهن کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو. ڪراچي ۾ مهاجرن جي گهڻائي نوتاري واري پي اين اي تحريڪ جو ساٿ ڏنو. اهو ئي شهر ڪراچي جنهن جي نوجوانن 1967ع ڀٽو جو زبردست آڌرڀاءُ ڪيو. 1968ع ۾ ڀٽي جي گرفتاري تي هڪ منظم احتجاج ڪيو. 1969ع ۾ مارشل لا جي باوجود هن شهر جي اردو ڳالهائيندڙ، ترقي پسند اردو ڳالهائيندڙ دانشورن ۽ مزدورن ذوالفقار ڀٽي جو زبردست آڌر ڀاءُ ڪيو. چاڪاڻ ته ڀٽو مزدورن جي ڳالهه ڪئي هئي. ڪراچي جي صحافين جي حمايت جي شروعات به ڪراچي کان ٿي. يحيٰ خان جي فوجي وزير اطلاعات نوابزادي شير علي جي وزارت جي دور ۾ صحافين جي منظم هڙتال جي نتيجي ۾ اپريل 1970ع ۾ سترنهن ڏينهن تائين ملڪ جي تمام اخبارن جي اشاعت معطل رهي.

انهيءَ شهر ڪراچي جي عوام چار جنوري 1970ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نشتر پارڪ جي جلسي ۾ ڀرپور نموني شرڪت ڪئي. ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي جي مقبوليت جو گراف ايتري قدر مٿي هو. جو رجعت پسندن کي پاڪستان پيپلز پارٽي خلاف ڪفر جي فتويٰ ڏيڻ جي ضرورت

محسوس ٿي. هي به حقيقت آهي ته ذوالفقار ڀٽو ڪراچي جي ترقي ۾ خاص دلچسپي ورتي. 20 ڊسمبر 1971ع ۾ رات جو اقتدار سنڀائيندي ڀٽي جيج ڪابينا جو پهريون اجلاس به ڪراچي ۾ منعقد ٿيو.

پاڪستان اسٽيل مل، پورٽ قاسم، اين ڊي انجنيئرنگ يونيورسٽي، سنڌ ميڊيڪل ڪاليج، ڪاليج سميت اڻ ڳڻيا تعليمي ادارا قائم ڪيا. نيشنل اسپورٽس ڪوچنگ سينٽر، ڪمشنر روڊ اسپورٽس ڪمليڪس، ڏهن نون اسٽيڊيم جي شروعات به ڀٽي جي دور ۾ ٿي. عباسي شهيد اسپتال، لياقت جنرل اسپتال، لياري جنرل اسپتال، قطر ۽ اورنگي جنرل اسپتال به انهي دور ۾ قائم ڪيا ويا. لياقت آباد سپر هائوسنگ اسڪيم سميت ڪيترين ئي هائوسنگ اسڪيمن جي شروعات به انهيءَ دور ۾ ٿي. ڪراچي جي هزارين نوجوانن کي انهن ادارن ۾ نوڪريون مليون انهن سيني ڪمن ڪري، 1977ع ۾ چونڊ مهم دوران پوري ڪراچي ۾ فقط پيپلز پارٽي جا جهنڊا نظر پئي آيا. 3 مارچ 1977ع تي انهيءَ شهر ڪراچي ۾ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جو تاريخي آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. ڀٽو جو اهو جلوس ڪراچي ايئر پورٽ کان ڪکري گرائونڊ ويندي 20 ڪلاڪ لڳايا مون به هن ۾ شرڪت ڪئي هئي. پاڪستان جا نامور فلمي اداڪار به هن جلوس ۾ گڏ هئا. پر فقط چار ڏينهن پوءِ ست مارچ 1977ع قومي اسيمبلي جي چونڊن وقت پيپلز پارٽي جي هر اميدوار جي ڪئمپن ۽ پولنگ اسٽيشن تي حملو ڪيو ويو. گولين جي گونج ۾ پورو شهر پيپلز پارٽي جو مخالف بڻجي ويو. ست مارچ جو نظام مصطفيٰ جي نالي تي تشدد شروع ٿي ان تحريڪ جو مرڪز ڪراچي هو. پي اين اي (قومي اتحاد) ڏهه مارچ جي ٺينڊڙ صوبائي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو. هن اليڪشن ۾ پي اين اي جو ليڊر ريٽائر اصغر خان به ڪراچي ۾ مقبول ٿيو. ان به ڀٽي جلوس کان ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ جلوس ڪڍيو هو. اصغر خان جو ڳڙهه برنس روڊ وارو علائقو هو. پي اين اي ۽ پي پي پي جي اڳواڻن جي وچ ۾ ڳالهيون شروع ٿيون 7 هو ڪنهن نتيجي تي پهچڻ وارا هئا ته 5 جولاءِ 1977ع جي رات جو جنرل ضياءُ الحق پوري ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي ڀٽي کي اقتدار کان الڳ ڪري ۽ سياسي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو. جنرل ضيا جي مارشل لا سان گڏ نظام مصطفيٰ جي نالي تي هلندڙ تحريڪ به ختم ٿي ويئي. جڻ ته هن تحريڪ جو مقصد فقط ڀٽي کي هٽائڻ هو.

مهاجرن کي پنهنجي طاقت جو احساس ان وقت ٿيو جڏهن پاڪستان قومي اتحاد پي اين اي جي تحريڪ دوران ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اردو ڳالهائيندڙ جي اڪثريتي ماڻهن مخالف ذر سان ملي ڀٽو حڪومت خلاف زوردار تحريڪ شروع ڪئي. ان تحريڪ کي منظم ته جماعت اسلامي ۽ ٻين رجعت پسند تنظيمن ڪيو هو، پر هن ۾ فعال ڪردار ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اردو ڳالهائيندڙن ادا



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

ڪيو هو. مهاجر پيپلز پارٽي جي حڪومت جي خاتمي ۽ ضياءُ الحق جي اچڻ سان گهڻو خوش هئا. ياد رهي ته پي اين اي جي انهن جلسن جي ڪمپيئرنگ هاڪوڪي ايم ڪيو ايم جو قائد الطاف حسين ڪندو هو. ليڊرن جي اچڻ ۾ دير ٿيندي هئي ته ان وقت الطاف حسين تقرير ڪري ماڻهن جو ٽائيم پاس ڪندو هو. انهن جلسن جو محور پڻو مخالف ۽ سنڌي هوندا هئا. مهاجرن کي مظلوم ڪري پيش ڪيو ويندو هو. حالانڪ اردو ڳالهائيندڙن هڪ وڏو حلقو پڻي سان گڏ هو.

1970-71ع ۾ لياري ۾ بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن اينتي سردار (عوامي) گروپ جو ڪنوينشن گهرايو ويو. جيڪو لياري جي سياسي اڳواڻ مرحوم يوسف نسقندي جي ڪري ممڪن ٿيو. جنهن جو پهريون صدر امام بخش بلوچ هو. جيڪو ان وقت پي آءِ اي ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي. ان ڪانسواءِ ڪراچي ۾ بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن تعليمي ادارن ۾ شاگرد سياست سان گڏ هڪ سياسي پارٽي جو ڪردار ادا ڪيو بلوچستان جون حالتون صحيح نه هيون ته بي پسند ۽ قوم پرست تحريڪن جو ساٿ ڏنو. اهو دور بي ايس او جو ڪراچي ۾ سنهري دور هو.

ستر واري ڏهاڪي ۾ ڪراچي ۾ سنڌي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو قيام عمل ۾ آندو ويو. هن فيڊريشن جي قيام ۾ به لياري جي مرحوم يوسف نسقندي جو وڏو هٿ هو. جنهن جو مرڪز لياري جو عبدالله هارون ڪاليج هو. ان وقت فيض احمد فيض ڪاليج جو پرنسپال هو. ان وقت جي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اڳواڻن ۾ اسلم عباسي، محمود سنڌي، عبدالله عمراڻي، پريم جڳيشاهه ۽ نذير چنا مشهور هئا. ان فيڊريشن به ڪراچي ۾ سنڌي شاگردن جي مسئلي تي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هن جو نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن به ڪراچي ۾ سنڌي شاگردن جي مسئلي تي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هن جو نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (اين ايس ايف) سان پيڪٽ هو. هتي رهندڙ سنڌي ماڻهن پاران قائم ڪيل سنڌ ڪلچر اڪيڊمي به ادب ڪانسواءِ سياست ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هن جو صدر نثار آفندي هو ۽ اهو به ٻڌائيندو هلان ته هن جي قيام ۾ به لياري جي يوسف نسقندي جو وڏو هٿ هو. هن جو موقف هو ته جيستائين ڪراچي م سنڌي هڪ پليٽ فارم تي گڏ نه ٿيندا ته ڪراچي م مستقبل ۾ انهن جو ڪوبه ڪردار نه هوندو. 1971ع ۾ جميل شيخ ايڊووڪيٽ جي گهر پلازه ۾ پهرئين گڏجاڻي م هن جو قيام عمل ۾ آندو ويو. ميمڻ ڳوٺ وارو آغا اسلم ميمڻ تنظيم جو آخري ڏينهن ۾ پريس سيڪريٽري هو. فورم جو مقصد ترقي پسند اردو ڳالهائيندڙ ۽ سنڌين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ هو. جميل شيخ جي گهر پهرئين گڏجاڻي ۾ لنڊن مان طارق علي (مزدور اڳواڻ) ۽ روسي ڪائونسل جنرل Trotsinko به شرڪت ڪئي هئي.

سنڌ ڪلچر جي پليٽ فارم تي پهريون ڪنويشن هالي ڊي ان (هاٽوڪو ميرٽ هوٽل) ۾ ٿيو جنهن جي صدارت رئيس امروهي ڪئي. ڪنوينشن ۾ رسول بخش پليجو ۽ ايراني سفير ۾ جهيڙو به ٿيو. جتي هڪ چارٽر ناهيو ويو ته رئيس امروهي پنهنجي ڪيئي جي معافي ورتي. اردو ڳالهائيندڙن ۾ هن ڪانسواءِ جون ايليا، زاهده حنا، سعيد محمد تقي شرڪت ڪئي. سنڌي اڳواڻن ۾ سليمان شيخ، نثار افندي، دستگير ڀٽي، سيٽ دائود، نذير چنا ۽ اسلم ميمڻ مقبول هئا. اها تنظيم 1993ع تائين هلي جنهن تحت 80 پروگرام ڪرايا ويا. شيخ عبدالمجيد سنڌي ڏينهن، شاهه لطيف ڏينهن، هوشو شيدي ڏينهن ملهايا ويا. نثار آفندي جڏهن ضياءُ جي مجلس شورا جو ميمبر ٿيو ته هن کي پارٽي مان ڪڍيو ويو. انهن فورمن ڪانسواءِ ڪراچي ۾ اسحاق تنيو جي اڳواٽي ڪراچي وليجس يونائيٽيڊ موومينٽ ۽ قاضي شاهه محمد پاران سنڌي سجڻن ستٿ قائم ڪري ڪراچي م سنڌين کي متحد ڪيو ۽ ڪراچي ۾ سنڌي ڳوٺن جي مسئلن کي اجاگر ڪيو ۽ ڳوٺن جي ڊاهڻ خلاف مزاحمت ڪئي.

ياد رهي ته ستر واري ڏهاڪي ۾ پيپلز پارٽي جو ڏنل سوشلزم جو نعرو فقط هڪ پرڪشش نعرو ئي ثابت ٿيو ته گهڻو مخلص ۽ سرگرم ڪارڪن جي دل ٽٽي پئي ٿيا ۽ پارٽي اندر موجود سازشي عناصر انهن لاءِ صورتحال پيدا ڪئي جو هو پارٽي ڇڏڻ تي مجبور ٿيا. انهن ۾ معراج محمد خان، جي. اي. رحيم، ڊاڪٽر مبشر حسن، سيد سعيد حسن ڊاڪٽر رشيد ۽ ٻيا شامل هئا. مارچ 1977ع ۾ ڪراچي ۾ نج مهاجر سجاٽپ رڪندڙن کي پيپلز پارٽي صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جون ٽڪيٽون ڏنيون ويون. ضياءُ جي مارشل لا ۾ اهي مهاجر سجاٽپ رڪندڙ ماڻهو ڀٽي کي ڇڏي ضياءُ سان وڃي مليا.

جولاءِ 1997ع ۾ آخر ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ترين وسيلي ڪينٽ اسٽيشن کان 70 ڪلفٽن پهتو ته هن جو ڪراچي جي ماڻهن هڪ ڀيرپ ڀيهر شاندار آڌر ڀاءُ پر هن ۾ گهٽائي لياري ۽ ملير جي ماڻهن جي هئي.

جڏهن بلوچستان ۾ چونڊيل نمائندن کي ڀٽو دور ۾ هٽائي انهن کي حيدرآباد سازش ڪيس تحت مقدمو هلايو ۽ اڳواڻ جن ۾ عطاءُ الله مينگل، مير غوث بخش بزنجو، شير محمد مري، خير بخش مري، خان عبدالولي خان، مير گل خان نصير، عزيز ڪرد ۽ مير امير الملڪ سميت 40 اڳواڻن کي حيدرآباد ۾ قيد ڪري بعاوت جو ڪيس هلايو ويو. بلوچستان ۾ جنرل ٽڪا خان جي اڳواٽي ۾ مزاحمت ڪندڙن کي منهن ڏيڻ لاءِ موڪليو ويو. هن فوجي آپريشن ۾ هزارين بلوچ مارجي ويا لڪين بلوچ جلا وطن ٿي افغانستان ڏانهن هليا ويا. ڪراچي ۾ ممتاز ڀٽو جي وڏو وزارت جي دور ۾ عطاءُ الله مينگل جي جوان پٽ اسدالله مينگل ۽ سندس دوست احمد شاهه کي

ايجنسي وارا ڪڻي ويا، جن جا لاش بہ واپس نہ ڪيا ويا ۽ ڪٿي دفن ڪيا ويا آهن انهن جي اجا تائين ڪا خبر نہ آهي. انهن واقعن خلاف لياري ۽ ملير جيڪي پيپلز پارٽي جا ڳڙهہ هئا. هنگاما ۽ مظاهرا ٿيا. حڪومت پاران ڏنڊي جي زور تي انهن واقعن خلاف لياري ۽ ملير واپس نہ ڪيا ويا ۽ ڪٿي دفن ڪيا ويا آهن انهن جي اجا تائين ڪا بہ خبر نہ آهي. انهن واقعن خلاف لياري ۽ ملير جيڪي پيپلز پارٽي جا ڳڙهہ هئا. هنگاما ۽ مظاهرا ٿيا. حڪومت پاران ڏنڊي جي زور تي انهن مظاهرن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ٻئي جي ئي دور ۾ ڪراچي ۾ سنڌي پريس مشڪل سان پنهنجا پير ڪوڙيا هئا ۽ ترقي ڏانهن قدم وڌايا هئا تہ، انهن تي پابندي لڳائي ويئي رسالن، ڪتابن ۽ پريسن کي ضبط ڪيو ويو. قوم پرستن خلاف وڏي وٺ پڪڙ ڪئي ويئي. جي. ايم سيد کي قيد ڪيو ويو. ڪراچي ۾ ان جي گهر حيدر منزل کي سب جيل قرار ڏنو ويو. اشوڪ ڪمار کي جيل مان غائب ڪيو ويو. جنهن جي ڪري بہ پوري سنڌ وانگر ڪراچي جي ڳوٺن ۽ سنڌي آبادين ۾ قومپرسي جي رجحان ۾ واڌارو ٿيو. ڪراچي پريس ڪلب آڏو مظاهرا ڪيا ويا. ٻئي پاسي ڪميونسٽن ۽ ترقي پسند اڳواڻن بلوچستان تي فوجي چڙهائي ۽ سنڌي پريس جي ضبط خلاف پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ گهڻا ترقي پسند نوجوان جنهن جو تعلق ڪراچي سان هو مري علائقي جي پاڙن ۾ بلوچن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي مزاحمت ڪندڙن جو ساٿ ڏنو. انهن واقعن سنڌي ۽ اردو ادب ۾ ترقي پسند ۽ قوم پرست رجحانن کي جنم ڏنو. ٻئي اهو سڀ ڪجهہ پنجاب کي ۽ ڪراچي ۾ ونهنجي اردو حلقي کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪيو. جيڪي تاريخ ۾ بدنما داغ وانگر اڄ بہ موجود آهن. جنهن جي ڪري 1977ع جي اليڪشن ۾ ٻئي جي مقبوليت تي اثر پيو ۽ هن کي گهڻن علائقن ۾ ڏاڍتلي جو سهارو وٺڻو پيو. بلوچستان مان پيپلز پارٽي کي عبرتناڪ شڪست ٿي. پي اين اي تحريڪ دوران ڪراچي جا گهڻا پي پي پي ڪارڪن رات پيٽ ۾ پارٽي کي ڇڏي ويا.

ضياءُ الحق جي مارشل لا ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي خلاف وڏي پئماني تي ڪارروائي شروع ڪئي ويئي. 1977ع ۾ جڏهن ضياءُ الحق ٻئي جو تختو اونڌو ڪيو ۽ اعلان ڪيو تہ ٽن مهينن اندر اليڪشن ڪرائي. ملڪ چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪيو ويندو. ڪراچي جي شهر نشتر پارڪ ۾ 1977ع ۾ پيپلز پارٽي ۽ ان جي حمايتي پارٽين جي جلسي کي ڏسي جنرل ضياءَ اليڪشن ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ٻئي جي گرفتاري پي پي پي جي ڪرنڌڙ ساک کي وري مٿي ڪيو. ضياءَ جي ظلمن هن پارٽي کي مظلومن جي قطار ۾ بيهاري ڇڏيو. ان دوران 45 هزار ماڻهن کي ڦٽڪا هنيا ويا. جن ۾ پيپلز پارٽي سان گڏ قوم پرست، ترقي پسند پارٽين جا ڪارڪن ۽ اڳواڻ بہ شامل هئا. 13 ڄڻن کي ڦاهي تي چاڙهيو ويو. ٽن صحافين کي ڪوڙا هنيا ويا. ڪراچي ۾ پاڪستان

پيپلز پارٽي جو اثر فقط سنڌي ۽ بلوچ علائقن ۾ حڪومت خلاف تحريڪ ۾ نمايان رهيو. اردو ڳالهائيندڙن جو وڏو حلقو پارٽي کي ڇڏي چڪو هو. پوءِ به هڪ جرئتمند طبقو اردو ڳالهائيندڙ جو پي پي سان آخر وقت تائين رهيو.

1983ع ۾ حڪومت خلاف ايم آر ڊي جي تحريڪ هلائي ويئي. جنهن جو مرڪز سنڌ هئي. سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪانسواءِ رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ ڀرپور حصو ورتو. جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪئي ويئي. ايم آر ڊي تحريڪ ۾ حر تحريڪ ڪانپوءِ ڀهريون ڀيرو سنڌي ماڻهن حڪومت خلاف بغاوت ڪئي. جيڪڏهن 4 اپريل 1979ع کان اڳ ڀٽي کي ڦاهي جو فيصلو ڪيو ويو ته سنڌي ماڻهو ائين روڊن تي نڪرن  ته حڪمرانن کي جرئت نه ٿئي جو ڀٽي کي ڦاهي ڏيئي ان جي لاش کي لاوارث ڪري موڪلين. اڄ جڏهن آئون هي سٽون لکي رهيو آهيان ته به سيپٽمبر 2006ع جمعي جو ڏينهن آهي اڄ 10:00 وڳي ڊيرا بگٽي ۾ نواب اڪبر بگٽي جي لاش کي به ائين دفنايو ويو. 26 آگسٽ تي ڪوهلو جي جبلن ۾ هڪ جهڙپ ۾ نواب بگٽي کي مزاحمت ڪندي پاڪستاني فوج هٿان قتل ڪيو ويو.

ڀٽي جي ڦاهي ۽ ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ ڪراچي جي لياري ۽ ملير جا علائقا اڳتي رهيا ۽ انهن علائقن ۾ لڳاتار هنگاما ٿيندا رهيا. باقي ڪراچي خاموش رهي. لياري جي اياز سمون ۽ ملير جي ناصر بلوچ کي ڦاهي تي چاڙهيو ويو. لياري جي ماڻهن انهن تحريڪن ۾ حصو وٺي بين الاقوامي ميڊيا ۾ نالو پيدا ڪيو. لياري مسلسل جدوجهد ۾ رهي جنهن جي سزا طور انهن کي جنرل ضياءُ جي دور ۾ بک، بدحالي ۽ زندگي جي هر سهولت کان محروم رکيو ويو.

ايم آر ڊي جي تحريڪ 14 آگسٽ 1983ع ۾ شروع ٿي جنهن جو مرڪز فقط سنڌ رهي. سنڌين کي ڄڻ ڀٽي جي قتل جي پلاند وٺڻ جو موقعو مليو. هن تحريڪ سان ايشيا ۾ مزاحمتي هٿياربند تحريڪ جي هڪ اهڙي انوکي تاريخ لکي ويئي. جنهن جو مثال ويجهي ماضي ۾ حر تحريڪ ڪانسواءِ نه ٿو ملي. ڪراچي ۾ سنڌي ۽ بلوچ آبادين وارا علائقا هن مزاحمت جا مرڪز رهيا.

جنرل ضياءُ الحق 1979ع ۾ پشتون ۽ بلوچ اڳواڻن کي آزاد ڪيو. بلوچستان ۾ عام معافي جو اعلانج ڪيو. بلوچ پهاڙن تان لهي آيا ۽ جنگ جو خاتمو ٿيو. سردار عطاءُ الله مينگل ۽ نواب خير بخش مري لنڊن هليا ويا ۽ اتان نواب خير بخش مري افعانستان هليو ويو. بعد ۾ عطاءُ الله مينگل ۽ نواب خير بخش مري لنڊن هليا ويا ۽ اتان نواب خير بخش مري افغانستان هليو ويو. بعد ۾ عطاءُ الله مينگل، ممتاز ڀٽو ۽ حفيظ پيرزادي سنڌي، بلوچ ۽ پشتون فرنٽ ناهيو جيڪو هلي نه سگهيو. ان دور ۾ ڪراچي ۾ سنڌي ۾ سنڌي، بلوچ ۽ پشتون فرنٽ کي منظم ڪيو ويو.

جڪسا ڪيا ويا. پر جلدي مينگل ۽ حفيظ پيرزادو فرنٽ مان الڳ ٿي ويا ۽ ممتاز ڀٽي بعد ۾ هن جو نالو سنڌ نيشنل فرنٽ رکيو جنهن جو هو اڄ تائين اڳواڻ آهي.

ضياءُ الحق جي دور ۾ سنڌ جي قوم پرستن پاڻ کي منظم ڪيو. ڇاڪاڻ ته ضياءُ جو رويو انهن ڏانهن سخت نه هو ۽ انهيءَ دور ۾ ڪراچي ۾ قومپرست تنظيمن جن ۾ جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جا ڪيترائي يونٽ کوليا ويا، جلسا ٿيا ۽ جلوس ڪڍيا ويا. ضياءُ الحق جي دور ۾ ٺوڙهي ڦاٽڪ جو واقعو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪراچي سميت پوري سنڌ ۾ هڙتالون ۽ مظاهرا ٿيا. ڪراچي پريس ڪلب تي وڏو احتجاجي جلسو ٿيو. پنجاب خلاف نفرت جي هڪ لهر ايري آئي. انهيءَ دور ۾ اسٽڊي سرڪلن جو رواج پيو. جنهن ۾ قوم پرست سياست ۾ هڪ مثبت پهلو شامل ٿيو. قوم پرست اندروني اختلافن جي باوجود جي ايم سيد جي قيادت ۾ هڪ جهنڊي هيٺ گڏ هئا. اڳتي هلي انهن اندروني اختلافن جي نتيجي ۾ قومپرستن ۾ ڪيترائي ڌڙا پيدا ٿيا. اسي واري پوري ڏهاڪي ۾ ڪراچي ۾ قومپرست تنظيمن لاءِ سنهري دور رهيو ڪراچي جي هر ڳوٺ ۾ پاڙي م قومپرستن جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون. ريگل کان پريس ڪلب وارا مظاهرا اڄ به گهٽن کي ياد هوندا. ڪراچي م حيدر منزل ۽ ليمو گبول ڳوٺ سنڌ هائوس تي هر وقت قومپرستن جا ميڙاڪا هوندا هئا. جي ايم سيد جڏهن جناح اسپتال ۾ داخل هو ته صبح کان وٺي رات تائين سوين نوجوان سيد سان ملڻ ايندا هئا. اجرڪ 7 سنڌي ٽوپي پائي ڪراچي ۾ گهمندڙ سنڌي نوجوانن کي ڏسي هي شهر پنهنجو لڳندو هو.

ضياءُ الحق روس جي خلاف ويڙهه ۾ مجاهدن جو ساٿ ڏنو. پاڪستاني فوجي کي افغانستان مجاهدن جي ويس ۾ موڪليو ويو، جڏهن نور محمد تره ڪي جي اڳواٽي ۾ افغانستان ۾ ثور برپا ٿيو ته بلوچستان ۽ سنڌ ۾ هڪ خوشي جي لهر ۽ هڪ اميد جو ڪرڻو نظر آيو. بلوچستان ۽ سنڌ ۾ ج افغان جي بچاءَ ۾ مظاهرا ٿيا. هڙتالون ڪيون ويون. پاڪستان پروگريسو اسٽوڊنٽس الائنس ناهيو ويو. ڪراچي يونيورسٽي هن دور ۾ ڪابي ڏر جون ۽ قومپرست تنظيمون هڪ پليٽ فارم تان جدوجهد ڪرڻ لڳيون. پاڪستان جي ترقي پسند ۽ سوشلسٽ تحريڪن ۾ هن انقلاب هڪ نئون روح ڦوڪيو. هتان مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن هن انقلاب کي پنهنجو انقلاب سمجهيو. بلوچستان ڪانپوءِ سنڌ جو شهر ڪراچي هن انقلاب جي بچاءُ جو وڏو مرڪز رهيو جنهن جي ڪري ڪراچي ۾ بم ڌماڪا ڪرايا ويا. ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. مزدورن ۽ عام ماڻهن کي جيل موڪليو ويو.

ڀٽي جي ڦاسي وقت هن جا ٻئي پٽ، بينظير ڀٽو ۽ ڪيترائي اڳواڻ ملڪ کان ٻاهر هئا. نصرت ڀٽو کي گرفتار ڪيو ويو. پيپلز پارٽي جي قيادت پنهنجي ڪارڪنن کي ضياءُ الحق جي ظلمن خلاف

اڪيلو ڇڏي ملڪ کان ٻاهر هلي ويئي. ايم آر ڊي جي پوري تحريڪ فقط ڪارڪنن جي حوالي هئي. هن تحريڪ ڪانپوءِ هڪ سازش تحت پوري سنڌ ۾ ڏاڙيل پيدا ڪيا ويا. جن سنڌي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. ايم آر ڊي تحريڪ ڪانپوءِ سنڌ ۾ فوج خلاف جيڪا نفرت هئي. جڏهن فوج ڏاڙيلن خلاف آپريشن شروع ڪيو ته سنڌي ماڻهن مجبورن انهن کي ڀليڪار چيو جنهن مان ڏاڙيل فيڪٽر پيدا ڪرڻ جي پيرن جي نشاندهي ٿئي ٿي.

افغانستان جي ثور انقلاب ڪانپوءِ لکين افغان پاڇوڪڙن ملڪ جي ٻين حصن وانگر ڪراچي جو به رخ ڪيو جتي 1990ع تائين 35 لک افغاني اچي چڪا هئا. جيڪي گھٽو ڪري سهراب ڳوٺ واري علائقي ۾ ويهاريا ويا. سهراب ڳوٺ جي فليٽن تي انهن قبضو ڪيو. سهراب خان گبول جو ڳوٺ ڪنهن افغان شهر جو ڏيک ڏيڻ لڳو. سهراب ڳوٺ ۾ 20 کان مٿي جهادي تنظيمن جون آفيسون نهي ويون. انهن افغانن ڪري ڪراچي ۾ ڪلاشنڪوف ۽ هيروئن متعارف ٿيو. آمريڪي امداد وسيلي مليل هٿيارن جي منڊين ۾ پشاور ڪوئيٽا ۽ ڪراچي مشهور هئا. ڪراچي جي آبادي جو توازن اڳ ۾ بگڙجي چڪو هو. افغانين جي اچڻ ڪري حالتون وڌيڪ گنڀير ٿيون. ٻين لڏپلاڻ وانگر هن لڏپلاڻ به ڪراچي تي خطرناڪ اثر ڇڏيا. رهيل ڪاروبار ۽ روزگار تي افغانين جو قبضو ٿيو ته مقامي ماڻهو سخت مونجهاري جو شڪار ٿيا. انهن روزگار جا دروازا بند ٿيا هن وقت به افعانستان ۾ حالتون صحيح آهن پر ڪراچي ۾ اڃان به 15 لک افغاني رهندڙ آهن. هتي انهن کي سڀ سهوليون ميسر آهن ۽ هو لوڪل سياست ۾ حصو وٺي رهيا آهن.

ڪراچي جي سياسي جدوجهد ۾ ڪاٻي ڌر جي ڪردار جو ذڪر نه ڪرڻ ناانصافي ٿيندي. 1951ع ۾ن ڪراچي جي هڪ نوجوان حسن ناصر جنهن جو تعلق ڪميونسٽ پارٽي سان هو هن کي راولپنڊي سازش ڪيس ۾ گرفتار ڪري ڪراچي جيل ۾ رکيو ويو. آزادي ڪانپوءِ هڪ ٻئي ڪيس ۾ جڏهن هو لڪل هو ته هن کي گرفتار ڪري بدنام زمانه ٽارچر سيل بادشاهي قلعي لاهور ۾ رکيو ويو. جتي 1960ع ۾ 33 سالن جي هن نوجوان کي کولي نمبر 13 ۾ تشدد ڪري ماريو ويو ۽ ڪٿي دفن ڪيو ويو. جنهن جي ڄاڻ هڪ خدا کي ٻي مارن وارن کي هوندي. پاڪستان سميت ڪراچي ۾ ورهاڱي وقت به ڪاٻي ڌر موجود هئي. ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر روچيرام، ڪامريڊ عبدالقادر ۽ هارين جو حقدار ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ٻيا سرگرم هئا. ورهاڱي جي نتيجي ۾ ڪراچي ۾ اردو ڳالهائيندڙن جو ترقي پسندن ۽ ڪميونسٽن جو وڏو لڏو هتي آيو پر اهي هتان جي مقامي سياست، هتان جي ماڻهن ۾ فٽ نه ٿي سگهيا. انهن ڪميونسٽ تحريڪن کي فقط پنهنجي گهر جي لونڊي سمجهي ٻين کان پري رکيو. پر پوءِ به سنڌ ۾ هڪ وڏو حلقو ترقي پسندن جو ۽ مزدورن ۽ هاري اڳواڻن جو پيدا ٿيو.

اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته ون يونٽ خلاف ڇهن پارٽين جي ضم ٿين ڪانپوءِ عوامي نيشنل پارٽي ناهي ويئي. هن ۾ ڪميونسٽن جي ٻن نظرين جا ماڻهو گڏ هئا جنهن مان هڪ پرو چائنا جنهن جي اڳواڻي مولانا ڀاشاني ڪري رهيو هو. ٻيا روس جي ڪميونسٽ انقلاب جا حامي هئا جن جي اڳواڻي خان ولي خان ڪري رهيو هو. اهي ٻئي مخالف نظريا صرف ون يونٽ جي ڪري گڏ ٿيا هئا. ڀاشاني هاري جدوجهد ۽ مسلح جدوجهد جو حامي هو. ڀاشاني جا خيال هندستان ۾ هلندڙ ترقي پسند تحريڪ Nixatire جنهن جو اڳواڻ پروفيسر شاهرو مجمدار هو، ملندڙ هئا. جيڪو هڪ هٿياربند جدوجهد ۾ مارجي ويو. بعد ۾ بنگال ۾ ڪامريڊ متين ۽ علاءُ الدين هن جدوجهد کي اڳتي وڌايو ۽ اهي به وڏهندي هارين کي هق نه ملندا. انهن جا گهڻا ڪارڪن پوءِ ڀاشاني سان گڏ ٿيا ۽ ڀاشاني به انهي نظرئي جو هامي هو.

1970ع ۾ پنجاب جي شهر ٽوباٽيڪ سنگهه ۾ ”ڪسان ڪانفرنس“ منعقد ٿي. جنهن جي صدارت مولانا ڀاشاني ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ پوري پاڪستان جي ڪاٻي ڌر جي سيني ڌڙن شرڪت ڪئي. ميجر اسحاق گروپ، سي. آر اسلم گروپ، سردار شوڪت گروپ، پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ موجود ڪاٻي ڌر جي ماڻهن جو گروپ جنهن ۾ ج هاڙوڪي مسلم ليگ (ق) جو ايم اين اي ۽ نيلام گهر ۾ ڪمپيئرنگ من مشهوري ماڻيندڙ طارق عزيز به پاڪستان پيپلز پارٽي پاران شريڪ ٿيو هو. ڪراچي مان الله الدين عباسي، سردار شوڪت، ڪنيز فاطمه، راڻا شڪور ۽ نذير چنا، باقي سنڌ مان رسول بخش پليجو، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، عبدالله شهبازي، شاهه محمد شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

سردار شوڪت جي اڳواڻي ۾ هڪ سبجيڪٽ ڪاميٽي ناهي ويئي جنهن ۾ نذير چنا، مير محمد ٽالپر به شامل هئا. انهن جو ڪم هو ته اهي نهراءُ تيار ڪن. هن ڪانفرنس ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ 18 نقطا پيش ڪيا ويا. جنهن ۾ سنڌ جي اڳواڻن سنڌ جو قومي مسئلو ڪاميابي سان پيش ڪيو. هارين ۽ مزدورن جو مسئلو، پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ڪامريڊن کي سمجهه ۾ آيو ۽ جيڪڏهن سمجهه ۾ نه آيو ته فقط ٻن ماڻهن کي آخر تائين انهن کي سنڌ جو قومي مسئلو ۽ مزدور ۽ هارين جو مسئلو سمجهه ۾ نه آيو اهي هئا ڪراچي جا ڪامريڊ سردار شوڪت ۽ راڻا شڪور.

ڪانفرنس جي ٽئين ڏينهن صدارتي تقرير ڪندي مولانا عبدالحميد ڀاشاني چيو ته، ”جمهوري نموني حق نه مليا ته پوري پاڪستان ۾ باهه ٻري ويندي.“

مولانا ڀاشاني پوءِ ڪراچي آيو ته هن سان گڏ ڪنيز فاطمه، الله الدين عباسي، مشتاق ميمڻ ۽ نذير چنا گڏج هئا. انهن ڏينهن ۾ هندستان جي مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ ڪامريڊ طوها ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ بخارا هوٽل ۾ رهيو هو.

ڪراچي ۾ ڪابي ڌر جا گهڻا ڏاڍا سرگرمب هئا، جنهن ۾ ٽراسٽڪي، اصلاح پسند ڪميونسٽ، مائوس ۽ ٻيا. ورهاڱي کان 1970ع تائين ٽراسٽڪي مضبوط پوزيشن ۾ هئا ۽ جدوجهد ۾ به هئا. انهن جو ليڊر ڪراچي ۾ ڪامريڊ محمد بابا هو، جيڪي ڪڇي ميمڻ هو. هن جو آفريڪا ۾ ڪاروبار هلندڙ هو. هتي هن موزمبيق ۾ گوريلا تحريڪن کي ويجهي کان ڏٺو هو. شاهين ڪمپليڪس چورنگي کان هڪ رستو امن اخبار جي دفتر ڏانهن نڪري ٿو. هن جي ڪابي هٿ تي جتي حريت اخبار جو دفتر هوندو هو انهيءَ بلڊنگ جي هيٺ ٽري ڪانٽينٽل موٽرز جو مالڪ به ڪامريڊ محمد بابا هو ۽ هتي ۽ سندس گهر ڪلفٽن ۾ انهن جون ميٽنگون ٿينديون هيون. هن وقت طارق علي جيڪو هن وقت لنڊن ۾ رهي انهن جو اڳواڻ هو. هن به انهن ڏينهن ۾ ڪراچي جو دورو ڪيو. هن جو ڪم مزدورن ۾ گهڻو هو. 2006ع ۾ ورلڊ سوشل فورم ڪراچي ۾ ٿيو ته طارق علي هن ۾ به شرڪت ڪئي هئي. جتي نئين دنيا جي ڳالهه ڪئي ويئي هئي. ڪراچي ۾ مشتاق ميمڻ به سرگرم اڳواڻ هو جيڪو ڪنهن دور ۾ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو سينيئر نائب صدر هو. هڪ نظرياتي مزدور ليڊر هو. 2006ع ۾ ڪامريڊ اسان کان موڪلائي ويو. ڪامريڊ مشتاق ميمڻ ڪراچي ۾ مزدورن ۾ وڏو ڪم ڪيو.

ستر واري ڏهاڪي ۾ ڪامريڊ مشتاق ميمڻ، اشفاق بخاري ۽ نذير چنا ڪراچي کان حيدرآباد پهچي هيرآباد ۾ رسول بخش پليجو سان ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي تحريڪ جي حمايت لاءِ پليجو کي چيو ۽ پليجي انهن کي سٺي موٽ ڏني ۽ انهن ڳالهين جي نتيجي ۾ اڳتي هلي عوامي تحريڪ جو بنياد وڌو ويو.

عوامي تحريڪ ڪراچي ۾ سنڌ جي حقن، هارين ۽ مزدورن ۾ وڏو ڪم ڪيو. ڪراچي جي ڳوٺن ۽ آبادين ۾ پارٽي کي منظم ڪيو ويو، ۽ ڪراچي ۾ ڪالا باغ ڊيم ۽ ٻين مسئلن تي عوامي تحريڪ پاران تاريخي ريليون ڪڍيون ويون ۽ عوامي تحريڪ جي پليٽ فارم تي پهريون ڀيرو هزارين سنڌي عورتن انهن لانگ مارچن ۽ ريلين ۾ شرڪت ڪئي جيڪي تاريخ آهن.

ڪراچي ۾ مزدورن جا مرڪز سائيٽ انڊسٽريل ايريا ۽ لانڍي هئا. انهن فيڪٽرين ۾ سنڌي مزدور اڄ به نه هجڻ جي برابر آهن. ذوالفقار علي ڀٽي، ايوب خلاف جدوجهد ۾ سوشلزم ۽ مزدورن جي ڳالهه ڪئي ته ڪابي ڌر جا اڳواڻ ۽ متحده محمد خان، جي اي رحيم ۽ ڊاڪٽر مبشر پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيا.

ڪراچي ۾ 1972ع ۾ جڏهن ممتاز ڀٽو سنڌ جو گورنر هو ته ڪراچي جي مزدورن پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ هڙتال ڪئي. ورڪرز ايڪشن ڪاميٽي جي پليٽ فارم تي مزدورن جي حقن لاءِ جدوجهد جي شروعات ڪئي ويئي. مزدور ليڊرن ۾ عثمان بلوچ، ڪرامت علي، ڪامريڊ رياض

الحسن، واجد بشير، ڪنيز فاطمہ، مشتاق ميمڻ، ناياب نقوي، نبي احمد ۽ يوسف مستي خان هئا. مطالبن جي مڃتا لاءِ سائيٽ جا ڪارخانا بند ڪيا ويا. 52 ڏينهن اهي ڪارخانا بند رهيا. طاقت وسيلي جدوجهد کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. مزدورن تي فائرنگ جي نتيجي ۾ پنج مزدور شهيد ٿيا، گهڻا زخمي ٿيا. سوين ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا جنهن جي ڪري ڪابي ڏر تي پٽي جي سوشلزم جو نقاب لهي پيو.

ڪراچي پريس ڪلب سامهون مظاهرو ڪيو ويو. مخدور اڳواڻن ۾ ڪنيز فاطمہ، ناياب نقوي ۽ نبي احمد وارن جو موقف هو تهج ڳالهين وسيلي معاملا نبيريا وڃن ۽ معاملو ايترو اڳتي نہ وڌائجي. انهيءَ موقف جا گهڻا ليڊر پوءِ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيا. ظاهر ۾ اها تحريڪ طاقت وسيلي ناڪام ڪئي ويئي، پر هن جدوجهد جي نتيجي ۾ ٽريڊ يونين جو رواج پيو. گهڻا مزدور ليڊر اڳتي آيا انهن ملڪ جي جمهوري ۽ ترقي پسند تحريڪن ۾ حصو ورتو. ملن ڪانسواءِ هر فيلڊ ۾ مزدور تنظيمون ناهيون. جنهن جي ڪري مزدور تحريڪن کي نقصان پهتو. گهڻا مزدور ليڊر اڳتي هلي مراعات ونڻ واري طبقي ۾ شامل ٿيا. گهڻن NGO,S ۾ پناهہ ورتي. هن وقت پوري پاڪستان ۾ مزدورن جي ڪا مضبوط تنظيم نہ آهي جنهن جي ڪري اسٽيل مل سميت گهڻا ادارا پرائيويٽ سيڪٽر م ڏيڻ جون تياريون ٿي رهيون. سرمائيدارن کي بي لغام ڪيو ويو آهي.

ورهاڱي کان وٺي 1990ع تائين پوري ملڪ وانگر ڪراچي ۾ روس نواز ڪميونسٽ پاپولر فيڪٽر طور موجود هو. انهن کي اصلاح پسند يا پرامن بقاءِ باهمي جهڙن لفظن سان ياد ڪيو وڃي ٿو. انهن جو خواب سوشلسٽ انقلاب هو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪراچي سميت سنڌ جي گهڻن نوجوانن پنهنجون جوانيون هن تحريڪ جي نظر ڪيون. اعزاز نذير، عزيز اسلام بخاري، جام ساقي، مير ٿيبو، ڊاڪٽر گهنشام، شبير شر، محمد خان سولنگي، تاج مري، نذير عباسي، ارباب کهاوڙ ۽ ٻيا اهم اڳواڻن ۾ هئا. ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وسيلي شاگرد تنظيم ۾ وڏو رول ادا ڪيو. اسي واري ڏهاڪي جي آخر ۾ شرافي ڳوٺ ۾ ڪائونسل ۾ ليڊرن ۾ اختلاف پيدا ٿيا. اهي ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويا تہ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن بہ علي حسن چانڊيو گروپ ۽ امداد چانڊيو ۾ ورهائجي ويئي. روس ۾ جڏهن گروبا چوف پرائسٽريڪا وسيلي روس کي ٽڪرن ۾ ورهايو تہ پوري دنيا هتي بہ سوشلٽ تحريڪ کي نقصان پهتو ۽ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو. انهن مان گهڻن ليڊرن ٻينج پارٽين ۾ حصو وٺي سياست شروع ڪئي ۽ گهڻن پرنٽ ۽ اليڪٽرنڪ ميڊيا جو رخ ڪيو جنهن سان خاص ڪري سنڌي ميڊيا کي هڪ مثبت رستو مليو. پر اڄ بہ ڪجهہ ڪاهوڙي آهن جيڪي بہ سمجهن ٿا تہ سوشلسٽ انقلاب جي وسيلي تبديلي آڻي سماج

ڪي تبديل ڪري سگهجيج ٿو. اڄ به هو جدوجهد ۾ آهن. ٻين تحريڪن وانگر ڪراچي به سوشلسٽن جو مرڪز رهيو. سوشلسٽ تحريڪن هتي زور ورتو.
مائوسٽ گروپ به هتي مقبول هو. هن وقت PIA ۾ مضبوط مزدور يونين هو. جنهن جو اڳواڻ ڪامريڊ طفيل عباسي هو. جنرل سيڪريٽري صغير احمد هو ٻين ۾ ذڪي عباس اينڊ ڪمپني، شبير نقوي، اشرف رضوي ۽ ضيا ملير وارو اهي سڀ مائوس تحريڪ جا ڪراچي ۾ اڳواڻ هئا. رسول بخش پليجو به انهيءَ سوچ ڪي ويجهو آهي. اهي مزدورن سان گڏ هاري حقن جي ڳالهه ڪن ٿا. انهن اڳواڻن جو موقف هو ته مائوزي تنگ جي نظرياتي تيڪم ڪيو وڃي. انهن پاران صوبي سرحد ۾ افضل بنگش جي اڳواڻي ۾ هاري تحريڪ جي حمايت به ڪئي هئي. هي ماڻهو چين جهڙو انقلاب هتي آڻڻ چاهين ٿا. هن گروپ جو هڪ ليڊر رشيد الحسن خان آهي. هي نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشنNSF جو صدر هو ته امير حيدر ڪاظمي اختلاف ڪري NSF ۾ الڳ ڪاظمي گروپ جو بنياد وڌو. پر NSF رشيد گروپ طاقتور گروپ هو. امير حيدر ڪاظمي بعد ۾ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو. رشيد الحسن اڄ به مائوس گروپ سان لاڳاپيل آهي ۽ هن وقت ڪراچي جي فرنٽيئر ڪالوني مان رسالو "جدوجهد" ڪڍي رهيو آهي جيڪو مزدورن جو ترجمان آهي. انهن سيني ڪابي ڌر جي ڏڙن ضياءُ آمريت جي مخالفت ڪئي MRD تحريڪ جي حمايت ڪئي ۽ تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. بلوچستان ۾ ڀٽي دور ۾ ٿيندڙ فوج ڪشي جي مذمت ڪندي هن ويڙهه ۾ بلوچن سان گڏ حصو ورتو ۽ هن دور ۾ ارڙنهن ڪراچي ۽ لاهور جا نوجوان مزاحمت ڪندڙن سان ڪوهلو ۾ خير بخش مري سان گڏ فوج سان مهاڏو اٽڪايو.
1977ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي ٻيهر ڪابي ڌر سان رابطا ڪيا. پر ڪابي ڌر ڀٽو تي اعتبار نه ڪيو. انهن جو موقف هو تهج ڀٽي اقتدار ۾ سوشلزم لاءِ سنجيده ڪردار ادا نه ڪيو. مزدورن تي حملا ڪيا انهن ڪي شهيد ڪيو ويو. بلوچستان ۽ سرحد جي قانوني حڪومتن ڪي ختم ڪيو ۽ بلوچستان تي فوجي جي ڪشي ڪري هزارين بلوچن ڪي شهيد ڪيو. PNA تحريڪ ۾ ڪابي ڌر جا ماڻهو خاموش رهيا. ڇاڪاڻ ته اها رجعت پسند تحريڪ هئي هن ڪي آمريڪا جي آشرواد حاصل هئي. پر جڏهن اڳتي هلي آمريڪا جي سازش سان ڀٽي جي حڪومت ختم ڪري هن ڪي ڦاهي تي چاڙهيو ويو ته ڪابي ڌر ضياءَ مخالف تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو. ضيا دور ۾ن پمفلٽ ڪيس مشهور ٿيو. جنهن ۾ج گهڻن ڪابي ڌر جي اڳواڻن ڪي قيد ڪيو ويو جن ۾ جام ساقي، شوڪت صديقي، جمالي نقوي، نذير عباسي، ڊاڪٽر گهنشام، مير ٿيٻو، علي حسن چانڊيو، بدر ابڙو، شبير شر ۽ ٻيا شامل هئا. انهيءَ دوران 9 آگسٽ 1984ع ۾ هڪ دل ڏاريندڙ واقعو ٿيئي ٿو. جنهن ڀٽي جي شهادت ڪانپوءِ پوري ملڪ ڪي ڏڪارو ڪيو. هن ڏينهن ڪابي ڌر جي جاڪوڙي ڪارڪن

نذير عباسي کي ڪراچي ۾ قيد دوران تشدد ڪري شهيد ڪيو ويو. نذير عباسي کي ڪراچي جي ميوا شاهه قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

ضياءُ الحق جي ظلمن خلاف انهن تنظيمن ڪانسواءِ ڪراچي ۾ صحافين ۽ وڪيلن به ڀرپور حصوجھ ورتو. اخبارن تي سنسرشپ نافذ ڪيو ويو. صحافين کي قيد ڪيو. ٽن صحافين کي ڪوڙا هنيا ويا. اخبارن ۽ رسالن تي پابندي لڳائي ويئي. مهناج برنا هن دور ۾ وڏو رول ادا ڪيو. ڪراچي، سنڌ سميت پوري ملڪ خاص ڪري بلوچستان جي سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن لاءِ هڪ مضبوط پناهه گاهه هو. ڪراچي جي ماڻهن انهن جي هر طرح سان مدد ڪئي. ڪراچي 1977ع کان وٺي 1990ع تائين ترقي پسند ۽ جمهوري پسند سياسي تحريڪن جو مرڪز رهيو. اڳتي هلي جمهوري ۽ ترقي پسند ۽ سوشلسٽ تحريڪن جي ڳڙهه ڪراچي کي سازش وسيلي لساني شهر بنائي هن کي رجعت پسند ۽ دهشتگردن جي حوالي ڪيو ويو ۽ اهو سڀ ڪجهه ضياءُ الحق جي دور ۾ ٿيو. ڪلاشنڪوف، هيروئن، افغانين ڪانپوءِ لسانيت جو تحفو به ضياءُ الحق جي مهربانين جو نتيجو آهي.

مارچ 1985ع ۾ ضياءُ الحق غير جماعتي بنيادن تي چونڊ جو اعلان ڪيو. اهو سڀ ڪجهه آمريت خلاف هلندڙ سيني ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند قوتن جي جدوجهد ۽ قربانين جو نجتيجو هو، جو ضيا انهن جي سامهون مجبور ٿي پيو. پاڪستان پيپلز پارٽي چونڊن جي بائيڪات جو اعلان ڪيو. اها پيپلز پارٽي جي وڏي سياسي غلطي هئي ۽ ضياءُ الحق به اهو پئي چاهيو ۽ پيپلز پارٽي جي قيادت ضياءُ الحق جي ناهيل ڇچ تي ڪيڏڻ تي مجبور ٿي. انهن چونڊن ڪانپوءِ پيپلز پارٽي ۽ عوام جي وچ ۾ هڪ ويڇو. پيدا ٿيو. هن ويڇي ڪري غير معروف ماڻهو، پئسي ۽ برادرين جي طاقت تي سامهون آيا. جنهن جي ڪري اڳتي هلي هن جا سياست تي منفي اثر پيا. انهن چونڊن جي نتيجي ۾ سنڌ جي احساس محرومي ڏور ڪرڻ لاءِ سنڌڙي جي محمد خان جوڻيجي کي ملڪ جو وزيراعظم بنايو ويو ۽ 16 اپريل 1985ع تي سيد غوث علي شاهه سنڌ جي وڏي وزير جو حلف کنيو. هن ووقت ڪراچي ۾ صوبائي اسيمبلي جون 25 سيٽون هيون جن مان 22 تي اردو ڳالهائيندڙ ڪامياب ٿيا. قومي اسيمبلي جي يارنهن سيٽن سان 9 اردو ڳالهائيندڙن حاصل ڪيون. هڪ تي پناڻ ۽ هڪ هڪ تي بلوچ ڪامياب ٿيو. اڳتي هلي غير جماعتي چونڊن ۾ ڪامياب انهن سيني صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبرن کي مسلم ليگ جي پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ويو ۽ ائين مسلم ليگ جي مئل گهوڙي کي ٻيهر جيئاريو ويو.

1981ع ۾ پاڪستان جي هڪ مسافر جهاز کي اغوا ڪري افعانساتن نيو ويو. الذوالفقار نالي تنظيم ذميداري قبول ڪئي. هن تنظيم جو اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي جو پٽ مير مرتضيٰ ڀٽو هو.

اغوا دوران هڪ ميجر کي جيڪو جهاز ۾ سفر ڪري رهيو هو ماريو ويو. اغوا ڪندڙن جو اڳواڻ ٽيپو نالي نوجوان هو جيڪو ڪراچي يونيورسٽي جو شاگرد هو. انهن جي اها گهر هئي ته پاڪستان جي جيلن ۾ قيد 54 قيدين کي آزاد ڪري افغانستان موڪليو وڃي. اهي سڀ قيدي جن ۾ شاگرد، ترقي پسند تنظيمن جا ڪارڪن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جا ڪارڪن شامل هئا. انهن کي آزاد ڪري افغانستان موڪليو ويو. انهن آزاد ٿيندڙ ۾ هڪ منهنجو ڪلاس فيلو اڪرم قائمخاني به هو. جنهن تي يونيورسٽي ۾ فوجي گاڏي ساڙڻ جو ڪيس هو. ٽيپو به انهن ڏينهن ۾ يونيورسٽي ۾ سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو اڳواڻ هو.

1981ع ۾ هندا ففٽي تي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي فارميسي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندڙ نوجوان الطاف حسين پهرئين آل پاڪستان مهاجر اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (APMSO) جو بنياد رکيو ته ماڻهن ان جي چريائپ تي کلڻ لڳا. اسلامي جمعيت طلباء يونيورسٽي ۾ الطاف سميت سيني ساٿين کي نيڪالي ڏني ته انهن ڪراچي جي پيڙهيل اردو ڳالهائڻ وارن علائقن جو رخ ڪيو. انهن وسندين ۾ ضوررت جي ڪابهب سهولت نه هئڻ ڪري اتان جي رهواسين ان گروپ جي ڳالهين جو اثر ونڻج شروع ڪيو. شروع م انهن ظلم جو ذميوار پنجاب کي قرار ڏنو. خود سنڌ ۾ رهندڙ به انهن کي مڪڙ ۽ ٻين لقبن سان نوازيو. لوڪل ۽ اردو اسپيڪنگ لفظ هڪ نئين نسلي جهيڙي جي شروعات ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪج ٻيو لفظ ”مهاجر“ وجود ۾ آيو. شروع ٿيندڙ انهن جهيڙن رت جي راند ۽ بربريت جو هڪ نه ختم ٿيڻ وارو سلسلو پڻ شروع ڪيو. 1982ع جي ڪراچي يونيورسٽي جي شاگرد تنظيمن جي اليڪشن ۾ جڏهن APMSO حصو ورتو ته هن جي صدر کي صرف ست ووٽ مليا. اڳئن سالن ۾ پوري يونيورسٽي جي سياست تي اهي چانيل رهيا.

1985ع ۾ ضياءُ الحق ريفرينڊم جو ڊونگ رچايو.

1985ع ۾ ڪراچي ۾ مني بس جي هڪ روڊ حادثي ۾ بشريٰ زيدي نالي هڪ شاگردياڻي مارجي وئي ته پوري ڪراچي م اردو ڳالهائيندڙ علائقن ۾ زبردست جهيڙا شروع ٿيا. پناڻن جي گاڏين کي باهيون ڏنيون ويون. شهر مهاجر پناڻن جي جهيڙي جي لپيٽ ۾ رهيو. ڪراچي جون حالتون سخت ڪشيدگي جو شڪار رهيون.

6 جون 1982ع ۾ APMSO جو بنياد رکيو ويو هو. جنهن جو پهريون ليڊر سيد محفوظ الحسن هو. هن جي ناهڻ ۾ رئيس امروهوي پرپور ڪردار ادا ڪيو. 11 جون 1982ع ۾ نارٿ ناظم ۾ مدينا هال ۾ APMSO جي پهرئين ميٽنگ ٿي جنهن ۾ تنظيم جو باقاعده اعلان ڪيو ويو.ب جنهن ۾ رئيس امروهي جي ڪوشش سان پارٽي قونصلر ايس کي پاٽيا S.K.Bhatia جنهن جو تعلق انٽيليجينس سان هو شرڪت ڪئي ۽ الطاف حسين سان ڏکھي ڳالھ ٻولھ ڪانپوءِ الطاف

حسين APMSO جي قيادت سنڀالي. رئيس امروهوي ڪانسوا3 سندس ڀاءُ سيد محمد تقي، پروفيسر ڪرار حسين ۽ سبط حسن هن تحريڪ جي ڏاهيندڙ ۾ شامل آهن. اهي سڀ شيعا هئا. انهن جو مقصد هو ته شهر ڪي جماعت اسلامي ڪان آجو ڪرڻ ۽ مهاجرن ڪي سنڌين جي ويجهو آڻڻ هو. بعد ۾ الطاف حسين، آغا حسن، آغا حسن عابدي ۽ مصطفيٰ گوڪل جيڪي امير ترين شيعا هئا سا ملاقات ڪئي. امداد جي اپيل ڪئي. 1983ع ۾ الطاف حسين آمريڪا هليو ويو. واپس اچڻ ڪانپوءِ 5 جون 1985ع ۾ ايم ڪيو ايم (مهاجر قومي موومينٽ) جو بنياد رکيو. قابل اعتماد پراڻي سياستدان ۽ صحافين جو هڪ گروپ تشڪيل ڏنو ويو. جيڪي ايم ڪيو ايم جي ٿنڪ ٽينڪ جا ميمبر هئا انهن ۾ رئيس امروهوي، ايم بي نقوي، اختر رضوي، پروفيسر ڪرار حسين، ڊاڪٽر عاليہ امام، ايس واجس شمس الحسن (ڊيلي نيوز) ۽ نفيس احمد صديقي مشهور هئا. اخبارن وسيلي الطاف جي شخصيت کي اڀاريو ويو. 8 آگسٽ 1986ع ۾ مهاجر قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) ڪراچي جي نشتر پارڪ ۾ پهريون جلسو ڪيو. جيڪو ڪراچي ۾ ٿيندڙ وڏن جلسن مان هڪ هو. ڪراچي جي اردو ڳالهائيندڙن جي وڏي انگ هن جلسي ۾ شرڪت ڪئي. هن عام جلسي ۾ پنجابي ۽ پناڻن خلاف زهريليون تقريرون ڪيون ويون. "سنڌي مهاجر ڀائي ڀائي حقا نسوار ڪهان سي آئي"، جو سلو گن هن جلسي کان پوءِ پوري سنڌ ۾ مشهور ٿيو. هٿيارن جي نمائش ڪئي ويئي. جلسي ۾ الطاف حسين جي تقرير هلندي جڏهن PIA جو جهاز جلسي مٿان گذريو ته الطاف جهاز ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته اها پنجابي انٽرنيشنل ايئر لائينز آهي. 1986ع ۾ 14 آگسٽ تي جڏهن ايم آر ڊي لاهور ۾ جلسي جو اعلان ڪيو ته پنجاب جي ان وقت جي وزير اعليٰ نواز شريف جلسي جي اجازت نہ ڏني. حڪمرانن جي اها ٻٽي پاليسي سمجهہ ۾ نہ آئي. هن کان اڳ اپريل 1986ع ۾ بي نظير ڀٽو جلا وطني ختم ڪري، جڏهن لاهور پهتي ته هن جي تاريخي استقبال کان حڪمران بوکلائجي ويا.

ايم ڪيو ايم ناهڻ ۾ سيد غوث شاهہ جو بہ هٿ هو. جنهن جو سبب تہ سنڌ کي ٻولي بنيادن تي تقسيم ڪرڻ هو. پيپلز پارٽي جي دشمني ۾ انهن ليڊرن ايترو بہ نہ سوچيو تہ انهن جي هنج حرڪت ڪري سنڌ کي ڪهڙا سور سهڻا پوندا.

14 آگسٽ 1986ع کان اڳ پوري ملڪ ۾ ايم آر ڊي (MRD) جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. 14 آگسٽ 1986ع ۾ محترمہ بينظير ڀٽو 70 ڪلفٽن کان جلوس جي اڳواڻي ڪندي ڪکري گرائونڊ لياري ڏانهن رواني ٿي تہ، ڪلفٽن تي تلوار وٽ جلوس کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ڪارڪنن تي لنبازي ڪئي ويئي ۽ پوليس پاران ڳوڙها گيس استعمال ڪيو ويو. تمام رنڊڪن جي باوجود بينظير ڀٽو مختلف رستن تي پوليس پاران رڪاوٽون ٽوڙي ڪکري

گرائونڊ پهچي ويئي. جلسي کي خطاب ڪيو. جلسي کانپوءِ بينظير کي گرفتار ڪري لانڍي جيل ۾ نظر بند ڪيو ويو. رد عمل ۾ ٻئي ڏينهن ڪراچي سميت پوري سنڌ ۾ جهيڙا شروع ٿيا. ڪراچي جي اردو ڳالهائڻ وارا علائقا پرسڪون رهيا. هنگامن جو مرڪز ڪراچي ۾ فقط لياري، مواچ، ابراهيم حيدري، لانڍي ۽ ملير رهيا.

31 آڪٽوبر 1986ع ۾ ايم ڪيو ايم حيدرآباد ۾ ٻئي جلسي جو اعلان ڪيو. 12:30 منٽن تي سهراب ڳوٺ لڳ جلوس تي حملو ڪيو ته ڪراچي ۾ ٻيهر پناڻن ۽ مهاجرن جهيڙا شروع ٿيا. فقط هڪ ڏينهن ۾ 100 ماڻهو مارجي ويا. حيدرآباد جي جلسي کانپوءِ الطاف حسين کي گهگهر ڦاٽڪ وٽ گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. ڪراچي جي متاثر ٿيل علائقن ۾ ڪرفيو لڳايو ويو. نفرت جا الا اجا ٻري رهيا هئا ته، 16 ڊسمبر 1986ع ۾ عليڳڙهه ڪالوني اورنگي واري علائقي ۾ مهاجر آبادي تي حملو ڪيو ويو فقط چند منٽن ۾ 156 ماڻهو مارجي ويا. پوري شهر ۾ ٻيهر هنگاما شروع ٿيا. ٻيهر ڪرفيو لڳايو ويو. انهيءَ دوران پنجابي پختون اتحاد پاران هٿياربند تنظيم ناهڻ جو اعلان ڪيو ويو. جنوري 1987ع ۾ الطاف حسين کي آزاد ڪيو ويو.

ٿي جنوري 1987ع ۾ الطاف حسين ڪراچي پريس ڪلب ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ 20 مطالبا پيش ڪيا. ٻئي ڏينهن ڪراچي جي گهٽين ۾ هينڊ بل ورهايا ويا ته ”مهاجرو ٽي وي ۽ وي سي آر وڪڻو ۽ ڪلاشنڪوف خريد ڪيو.“ جولاءِ 1987ع ۾ شهر ايم ڪيو ايم ۽ پي پي آءِ جي دهشتگردن جي ور چڙهيل رهيو ٻنهي پاسي هٿيار ونڻ جي ڊوڙ ۾ هٿيار ۽ بارود جا ذخيرا گڏ ڪيا ويا. نوجوانن جي هٿن ۾ ڪتابن بجاءِ ڪلاشنڪوف آيو ته ڌوهن ۾ واڌارو ٿيو. ڀتاخوري، اغوا براءِ تاوان، ڪارليفٽنگ ۽ چورين ۾ واڌارو ٿيو.

انهيءَ ماحول ۾ 1987ع ۾ بلدياتي چونڊون ڪرايون ويون. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ايم ڪيو ايم وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي. ٻنهي شهرن جا ميئر ۽ ڊپٽي ميئر ايم ڪيو ايم جا حمائتي چونڊجي آيا.

29 مئي 1988ع ۾ ضياءُ الحق پاران محمد خان جوڻيجي جي حڪومت ختم ڪري قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون ويون. ٻيهر غير جماعتي چونڊن جو اعلان ڪيو ويو. 5 جولاءِ 1988ع تي جماعت اسلامي ۽ پيپلز پارٽي جي وچ ۾ 70 ڪلفٽن ۾ رابطو ٿيو. ان کان اڳ جماعت اسلامي جو پروفيسر غفور احمد ۽ بينظير پٽو ملاقات ڪري چڪا هئا. 7 آگسٽ 1988ع ۾ ايم ڪيو ايم جي چيئرمين عظيم طارق ۽ الطاف حسين به 70 ڪلفٽن وڃي بينظير سان ملاقات ڪئي. ٻنهي پارٽين جي وچ ۾ اهو پهريون باقاعده رابطو هو. ٻئي ڏينهن جنرل ضياءُ الحق نواءِ

وقت ۾ دي نيشن ۾ انٽرويو ڏيندي پهريون ڀيرو اهو چيو ته ايم ڪيو ايم ۾ جيئي سنڌ وارن جا رابطا ڀارت سان آهن. ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت هڪ ڳجهي رپورٽ به شايع ڪئي هئي.
17 آگسٽ 1988ع سي- 130 جهاز جي حادثي ۾ ضياءُ الحق پنهنجي ساٿين سميت حادثي ۾ مري ويو. انهيءَ ڏينهن شام جو چيئرمين سينيٽ غلام اسحاق خان وقتي صدر جو عهدو سنڀاليو ۽ جنرل اسلم بيگ چيف آرمي اسٽاف مقرر ٿيو. ايم ڪيو ايم ۽ پيپلز پارٽي ۾ رابطو به جنرل اسلم بيگ جي ڪري ممڪن ٿيو هو. مقرر ٿيل تاريخن تي چونڊن جو اعلان ڪيو ويو ۽ اهو اعلان ڪيو ويو ته اهي چونڊون غير جماعتي بنيادن تي نه پر جماعتي بنيادن تي ڪيون وينديون. هن اعلان ڪانپوءِ 70 ڪلفٽن ڪراچي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ناراض سياسي ڪارڪنن، جوڻيجو ليگ ۽ مجلس شوريٰ جي ميمبر ۽ ٻين جو ميلو متل رهي ٿو.
انهيءَ وچ ۾ 30 سيپٽمبر 1988ع ۾ حيدرآباد ۾ هڪ هٿياربند واقعي ۾ 350 ماڻهو مارجي ويا جنهن ۾ گهڻائي اردو ڳالهائڻ وارن جي هئي. ٻئي ڏينهن پهرئين آڪٽوبر 1988ع تي رد عمل جو نالو ڏيئي ڪراچي ۾ سنڌين تي حملا شروع ڪيا وڃن ٿا. شهر جو حالتون خراب ٿي ويون. اردو گهڻائي وارن علائقن مان سنڌي ۽ سنڌي گهڻائي وارن علائقن مان مهاجرن لڏپلان ڪئي. شهر ٻولي جي بنياد تي ورهائجي ويو.
فوج پاران ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ حالتن جي خراب هئڻ جي باوجود 16 ۽ 19 نومبر 1988ع تي چونڊون هر حالت ۾ ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. پي پي آءِ (پنجابي پختون اتحاد) اليڪشن ڪميشن وٽ سياسي پارٽي طور رجسٽريڊ ٿي، پر مهاجر قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پنهنجا اميدوار آزاد حيثيت سان بيهاريا پر حيرت جهڙي ڳالهه اها هئي جو قومي اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم جا اميدوار جيڪي سڀ آزاد حيثيت سان بيهاريا پر حيرت جهڙي ڳالهه اها هئي جو قومي اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم جا اميدوار جيڪي سڀ آزاد حيثيت سان چونڊن ۾ حصو وٺي رهيا هئا، سڀني کي هڪ نشان "لغڙ" الاٽ ڪيو ويو ۽ صوبائي اسيمبلي جي تمام اميدوارن کي "تالو" نشان الاٽ ڪيو ويو. 16 نومبر تي قومي ۽ 19 نومبر تي صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ٿيون.
قومي اسيمبلي م پاڪستان پيپلز پارٽي سڀ کان وڌيڪ سيٽون 93، ايم ڪيو ايم کي 13 سيٽون مليون، جڏهن ته سنڌ اسيمبلي لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي 68 سيٽون ۽ ايم ڪيو ايم 26 سيٽون حاصل ڪيون. پنج آزاد اميدوار ڪامياب ٿيا. پي پي آءِ هڪ سيٽ حاصل ڪئي جنهن تي عرفان الله مروت جيڪو صدر غلام اسحاق جو نياڻو ڪامياب ٿيو. سنڌ قومي اتحاد جو هڪ ميمبر امداد محمد شاهه ڪامياب ٿيو. پنجاب اسيمبلي ۾ نواز شريف جي لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي کي 13 ووٽن جي ضرورت هئي، جيڪي آزاد حيثيت سان انهن کي ملي ويا. تنهن ڪري انهن کي ايم

ڪيو ايم جي ووٽن جي ضرورت هئي، جيڪي آزاد حيثيت سان انهن کي ملي ويا. تنهن ڪري انهن کي ايم ڪيو ايم جي ووٽن جي ضرورت نہ هئي پر پوءِ بہ 21 نومبر 1988ع تي بينظير ڀٽو 90 عزيزآباد پهچي. الطاف حسين سان ملاقات ڪئي. الطاف حسين 13 سيٽن جو ڀرپور فائدو حاصل ڪيو. 29 نومبر 1988ع تي 59 نقاطي فارمولو طئي ڪيو ويو. جنهن مطابق مهاجر قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) کي سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ۽ ٽي وزارتون ڏنيون ويو. سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ۾ پهرئين ڊسمبر تا قائم علي شاهہ ۽ عظيم احمد طارق معاهدي تي صحيحون ڪيون. 2 ڊسمبر 1988ع تي بينظير ڀٽو دنيا جي پهرئين مسلمان خاتون جي حيثيت سان وزيراعظم جو حلف ڪنيو. سنڌ ۾ قائم علي شاهہ ۽ پنجاب ۾ نواز شريف وڏي وزير طور چوندجي آيا. سنڌ اسيمبلي لاءِ عبدالله شاهہ اسپيڪر ۽ ايم ڪيو ايم جو عبدالرزاق خان ڊپٽي اسپيڪر چوندجي آيا. ڪراچي جي 28 صوبائي جي سيٽن مان ايم ڪيو ايم 20 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪئي. ايم ڪيو ايم کي پوري سنڌ مان 26 سيٽون مليون پي پي پي کي 07 سيٽون مليون. هڪ سيٽ پي پي آءِ کي ملي.

ايم ڪيو ايم پهرئين حيدرآباد ڪراچي ۾ بلدياتي چونڊن ۾ پوءِ 1988ع ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي چونڊن ۾ زبردست ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ سنڌ ۾ ٻئي نمبر وڏي سياسي پارٽي طور اڀري سامهون آئي. هن ڪاميابي تي تجزئي ڪندڙ کي حيران ڪري ڇڏيو. اها ڳالهہ انهن جي سمجهہ ۾ نہ آئي تہ فقط ڪجهہ سالن اندر ۾ اهڙو ڪهڙو معجزو ٿيو جو مهاجر قومي موومينٽ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سالن کان سياست ڪندڙ مسلم ليگ، جماعت اسلامي ۽ جمعيت علماءَ اسلام جهڙن تنظيمن کي اهڙي عبرتناڪ شڪست ڏني جو انهن جو هڪ ميمبر بہ ڪامياب نہ ٿيو.

هن جو اصل ڪارڻ هي هو تہ سنڌ اندر اردو ڳالهائيندڙن ۾ هڪ عرصي کان سياسي بي چيني موجود هئي. نواب مظفر حسين، محمود الحق عثمان کان وني اردو صوبي جي زبردست حامي مرزا جواد بيگ تائين اڳواڻن مهاجرن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهن کي ڪا خاص ڪاميابي حاصل نہ ٿي چاڪاڻ تہ انهن جو محور هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهن کي ڪا خاص ڪاميابي حاصل نہ ٿي چاڪاڻ تہ انهن جو محور سنڌ دشمني تي ٻڌل هو ۽ اهي رجعت پسند پارٽين جا مهرا هئا ۽ گڏوگڏ انهن جي سياست ۾ شيعا ۽ سني جو عنصر بہ شامل هو. تنهنڪري APMSO کان مهاجر قومي موومينٽ جي ٺهڻ تائين مهاجر دانشورن ان جو حل اهو ڳولي ورتو تہ مهاجرن کي پاڪستان جي نظرئي ۽ اسلامي جذبي جي پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي بجاءِ ٻولي ۽ مهاجر شناخت جي پليٽ فارم تي گڏ ڪجي ۽ رجعت

پسند پارٽين کان اردو ڳالهائيندڙ جي جان آجي ڪئي وڃي. اسلامي پارٽين ۾ گهڻو ڪري سني فيڪٽر موجود هو تنهن لاءِ شيعا دانشورن جو لاڙو ايم ڪيو ايم ڏانهن هو ۽ گڏوگڏ سنڌ جي قومپرست ڌرين ڏانهن نرم لاڙو رکڻ تي زور ڏنو ويو.

بئي پاسي حڪومت اندر وينل اسٽبلشمينٽ ۽ فوجي حڪومت کي پاڪستان پيپلز پارٽي مان خطرو هو ڇاڪاڻ ته 1984ع ۾ هلندڙ ايم. آر. ڊي تحريڪ کي هو ڏسي چڪا هئا. جماعت اسلامي حڪومت جي حمائتي هوندي به فوجي حڪومت کي بليڪ ميل ڪندا رهن. جنهن جو مثال، هو بلدياتي نظام ۾ عبدالستار افغاني جي اڳواڻي ۾ ڏسي چڪا هئا. ٽئين پاسي قوم پرست هئا. قومپرست پنجابي بيورو ڪريسي ۽ فوجي حڪومت جي خلاف آهن. رسولب بخش پليجي جي عوامي تحريڪ به موجود هئي. جنهن جي پليٽ فارم تان سنڌين جي مسئلن کي سائنسي انداز ۾ کڻڻ وارو عمل ۽ سنڌ ۾ ڪنفيڊريشن جي حامين جي موجودگي به فوجي حڪومت ۽ ايجنسين لاءِ خطري جون گهنٽيون هيون. انهن اندازو لڳايو ته ڪنهن به وقت اهي سيئي گڏ ٿيا ته انهن لاءِ خطرو پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ اسٽبلشمينٽ لاءِ مٿي جو سور بڻجي سگهن ٿا. ايم آر ڊي تحريڪ ڪانپوءِ 17 آڪٽوبر 1984ع تي ٿوڙهي ڦاٽڪ جي واقعي جنهن ۾ چار شاگرد ۽ هڪ يونيورسٽي جو ملازم شهيد ٿيا ته ڪراچي سميت پوري سنڌ ۾ زبردست احتجاج ٿيو. انهيءَ واقعي خلاف سيئي سنڌي گڏ هئا. تنهن ڪري انهن کي سيني ڌرين کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عمليون جوڙيون ويون. قوم پرست پارٽين ۾ پنهنجا ايجنٽ موڪلڻ سان گڏ اهو به سوچيو ويو ته هڪ اهڙي قوت تيار ڪئي وڃي جنهن کي اوقت اچڻ لاءِ سنڌ جي قومي ۽ جمهوري عملي خلاف استعمال ڪيو وڃي.

جڏهن مهاجر دانشورن مهاجر قومي موومينٽ لاءِ رستو هموار ڪري رهيا هئا ته هن وقت جي سنڌ جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه ۽ جنرل ضياءُ الحق جي آشيرواد سان هن لاءِ نرم رويو رکيو ويو ۽ هن کي حڪومت جي مڪمل سرپرستي حاصل هئي. ان باري ۾ ڪجهه ڌرين جي دعويٰ آهي ته ضياءُ الحق جي آشيرواد سان هن لاءِ نرم رويو رکيو ويو ۽ُ هن کي حڪومت جي مڪمل سرپرستي حاصل هئي. ان باري ۾ ڪجهه ڌرين جي دعويٰ آهي ته ضياءُ الحق، سيد غوث علي شاهه کي اهو ٽاسڪ سونپيو هو. جنهن ۾ ”جذباتي“ مسئلن جي بنيادن تي مختلف لساني، فرقيوار جماعتون جوڙڻ جي حڪومت عملي شامل هئي.

افيئر رسالي جي جولاءِ 2005ع جي شماري ۾ سنڌ اسيمبلي جي ان وقت (1985) جي اسپيڪر حسين هارون هڪ انٽرويو ۾ انڪشاف ڪيو ته، ”سنڌ ڪلب ۾ هڪ دعوت ۾ غوث علي شاهه جنهن سان مشاهد حسين سيد به گڏ هو اهو اعتراف ڪيو ته ايم ڪيو ايم جي ناهڻ ۾ هن جو هٿ آهي.“ جڏهن سنڌ ۾ هڪ ٻئي قوم جي ڳالهه ڪئي ويئي ته سنڌي عوام پاران شديد رد عمل ظاهر

ٿيو جنهن لاءِ الطاف حسين اهو موقف اختيار ڪيو ته پهرئين ڪنهن نالي تي گڏ ٿيڻ ڏنو وڃي ته پوءِ اسان ۽ سنڌي گڏجي سنڌ ڪاز لاءِ جدوجهد ڪنداسين ۽ مهاجرن ڪي سنڌي قوم جي ذيلي شاخ سمجهيو وڃي. قوم پرستن ڪي الطاف جي ويجهي آڻڻ ۾ جي ايم سيد جي پراڻي دوست ۽ ايم ڪيو ايم جي باني ميمبرن مانج اختر رضوي اهم ڪردار ادا ڪيو. الطاف حسين جڏهن لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ خطاب ڪرڻ ويو ته قومپرستن ان کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ۽ اجرڪون اوڍايون.

ڊسمبر 1986ع ۾ الطاف جي امڙ جي وفات جي موقعي تي جيج ايم سيد هڪ تعزيتي پيغام الطاف حسين ڏانهن موڪليو جنهن ۾ سائين اتحاد جي ڳالهه به ڪئي. پوءِ جڏهن جي. ايم سيد علاج لاءِ جناح اسپتال ۾ داخل هو ته الطاف حسين جي. ايم سيد جي عيادت لاءِ  هن سان ملڻ ويو ۽ اهڙي طرح قوم پرستن ۽ مهاجر قومي موومينٽ ۾ دوستي وڌي ٿي. جيڪا تمام سٺي ڪوشش هئي. هر سنڌي ۽ اردو ڳالهائڻ واروج هن دوستي ۾ خوش هو. الطاف حسين  پنهنجن ڪيترن بيانن ۾ جي ايم سيد جي باري ۾ چيو ته، ”سيد کي ديوار سان لڳائڻ سان مسئلا حل نه ٿيندا انهن ناانصافين ڪري اج جي. ايم سيد سنڌو ديش جو نعرو هڻي ٿو جنهن جو ازالو ضروري آهي. جي. ايم سيد جي جائز شڪايتن کي ٻڌڻ ڪانسواءِ هن کي غدار چوڻ دانشمندي نه آهي.“ جنگ اخبار ۾ هڪ انٽرويو ۾ الطاف حسين چيو هو ته، ”مهاجر جيئن ته سنڌ جي سر زمين تي نوان آهن پر انهن پنهنجون سيئي وابستگيون سنڌ سان جوري ڇڏيون آهن.“

بهرحال ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ايم ڪيو ايم جي قيادت  ان دور ۾ مهاجر ڪاز لاءِ جذباتي تقريرون به ڪيون ۽ سنڌ جي قومپرستن سان سهڪار ڪري سڄي سنڌ ۾ن مقبوليت به ماڻي ته ساڳي وقت مهاجرن جي منظم جماعت جي جاءِ به والاري پنجابين خلاف سخت موقف رکڻ ۽ انهن تي تنقيد ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪراچي ۾ پنجابي اتحاد وجود ۾ آيو.

سهراب ڳوٺ واري واقعي ڪانپوءِ الطاف جيل  ۾ هو ته مهاجرن جي سخت احتجاج تي حڪومت پاران 13 ڊسمبر 1986ع ۾ سهراب ڳوٺ ۾ آپريشن ڪلين اپ شروع ڪيو ته پناڻن اهو آپريشن پنهنجي خلاف سمجهيو آپريشن ڪانپوءِ حڪومت پاران سهراب ڳوٺ جو نالو متائي اسلام آباد  رکيو ويو جيڪو هلي نهب سگهيو. انهيءَ رد عمل ۾ 14 ڊسمبر 1986ع ۾ن علي ڳڙهه ڪالوني ۾ پناڻن ۽ مهاجرن جو جهيڙو ٿيو. جنهن پوري ڪراچي کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو. متاثر علائقن ۾ ڪرفيو لڳايو ويو. ڪراچي ۾ پناڻن ڪانپوءِ مهاجر ۽ پنجابي جا جهيڙا ٿين ٿا. انهن سيني جهيڙن ۾ مهاجر قوميج موومينٽ ملوث رهي ٿي ۽ هن جا ڪارڪن هن جهيڙي ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا. پنجابين سان جهيڙو مهاجرن کي مهانگو پيو ڇاڪاڻ ته پنجابين جو تعلق

فوج ۽ اسٽبلشمينٽ سان هو. تنهن ڪري انهن ايم ڪيو ايم کي پنهنجي اصلي پچ جيڪو ايجنسين ۽ اسٽبلشمينٽ جو ناهيل هو تي کيڏڻ جي هدايت ڪئي. تنهنڪري ايم ڪيو ايم ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو اتحاد پائيدار ثابت نہ ٿيو. چاڪاڻ تہ پردي پويان ايم ڪيو ايم جا ارادا بيا هئا. حڪومت جي نهڻ جي فقط هڪ مهيني ڪانپوءِ عظيم احمد طارق جو اختلافي بيان شايع ٿيو. جنهن ڪانپوءِ ٻنهي پارٽين جي شاگرد تنظيمن APMSO ۽ PSF وچ ۾ خوني جهيڙو شروع ٿيو.

7 جولاءِ 1989ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي ۾ آل پاڪستان مهاجر اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (APMSO) هٿان پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن (PSF) جا چار شاگرد قتل ڪيا ويا. حالتون خراب ٿين ٿيون. پوري ڪراچي ۾ جهيڙا شروع ٿين ٿا. اهو جهيڙو ايم ڪيو ايم ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اردو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ ٿئي ٿو. هن جهيڙي ۾ PFS هڳ بهادر اڳواڻ نجيب مارجي وڃي ٿو.

13 آڪٽوبر 1989ع ۾ جيئي سنڌ تحريڪ پاران جي ايم سيد جي گرفتاري خلاف يوم احتجاج ملهايو ويو ڪراچي ۾ سنڌي آبادي وارا علائقا بند رهيا. ڪراچي ۾ بم ڌماڪي ۾ هڪ ماڻهو مارجي ويو. هڙتال ڪامياب رهي.

ايم ڪيو ايم 18 آڪٽوبر 1989ع ۾ ڪراچي ۾ اعلان ڪيو تہ هن پاڪستان پيپلز پارٽي سان اتحاد ختم ڪري، اسلامي جمهوري اتحاد (IJI) سان اتحاد ڪري ڇڏيو آهي. انهن اهو بہ انڪشاف ڪيو تہ اهو معاهدو 18 سيپٽمبر 1989ع تي ختم ڪيو ويو هو پر ظاهر هڪ مهيني ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي. اهڙو اعلان ايم ڪيو ايم جي ان وقت جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر عمران فاروق ڪيو. جيڪڏهن ائين آهي تہ هن کان وڌيڪ بدديانتي، دوکو ۽ سازش بي ڪهڙي هوندي جو هڪ مهينو اڳ معاهدو اسلامي جمهوري اتحاد سان ڪري انهن سنڌ حڪومت ۾ زا بہ ماڻيا. سيپٽمبر ۾ حڪومت ۾ هوندي بہ ڪراچي ۾ ايم ڪيو پاران ڪفن پوش جلوس ڪڍيو ويو، جنهن جو مقصد ڪارڪن کي ايندڙ حالتن لاءِ تيار ڪرڻ هو.

معاهدي ختم ڪرڻ کان فقط چار ڏينهن اڳ 14 آڪٽوبر 1989ع تي الطاف حسين اسٽيٽ گيسٽ هائوس ۾ صدر غلام اسحاق سان بند ڪمري ۾ اڪيلائي ۾ 45 منٽ ملاقات ڪئي. ايم ڪيو ايم ۽ اسلامي جمهوريت اتحاد جي وچ ۾ معاهدي ۾ هن وقت فوج جي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل مرزا اسلم بيگ اهم ڪردار ادا ڪيو. نومبر 1989ع تي بينظير ڀٽو خلاف بي اعتمادي واري رٿ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي پر اها ناڪام ٿي. انهيءَ ناڪامي جو بدلو ايم ڪيو ايم ڪراچي ۾ سنڌين کي اقليتي علائقن مان لڏائڻ جي صورت ۾ ورتو ويو. ڪراچي ۽ حيدرآباد جون حالتون خراب ٿين ٿيون. 20 جنوري 1990ع تي گڏيل مخالف ڌر پاران ڪراچي ۾ جلسو ڪيو ويو. جنهن

جي پوري ذميداري ايم ڪيو ايم سنڀالي. هن جلسي لاءِ پوري شهر مان زبردستي ڀتو وصول چندي جي نالي تي وصول ڪيو ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. هاڻي ان ۾ سرڪاري ادارا خاص ڪري بلدياتي ادارا شامل آهن جتان هڪ اندازي موجب صرف مهيني ۾ 2 ارب رپين جو ڀتو ۽ ڪميشن وصول ڪئي وڃي. ٿي. 26 جنوري 1990ع تي پوري شهر ۾ ڏيئا ٻاريا ويا. انهن ڏيئن ۾ تيل جي بجاءِ پي پي پي ڪارڪنن جو رت شامل هو. ياد رهي ته 26 جنوري جو ڏينهن يارت جي ”جمهوريت جو ڏينهن“ به آهي. 28 جنوري 1990ع ۾ حيدرآباد ۾ هنگاما شروعب ٿين ٿا. سنڌين کي ڳولي ڳولي ماريو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته انهن جي نظر ۾ سڀ سنڌي پيپلز پارٽي سان آهن. 3 فيبروري 1990ع تي ڪراچي ۾ جهيڙا شروع ٿيا. 7 فيبروري تي ايم ڪيو ايم پاران هڙتال جو سڏ ڏنو وي. پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم پاران هڪ ٻئي جي ڪارڪنن کي اغوا ڪري قتل ڪرڻ جا واقعا ٿين ٿا. پورو شهر مقتل گاهه بڻجي وڃي ٿو. 4 فيبروري تي اورنگي مان پي پي پي جي پنجن ڪارڪنن کي اغوا ڪيو ويو. 9 فيبروري 1990ع تي انهن جا سڙيل جسم هڪ وين مان ملن ٿا.

25 فيبروري 1990ع تي سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه کي هٽائي هن جي جاءِ تي آفتاب شعبان ميراڻي کي سنڌ جو وڏو وزير مقرر ڪيو ويو. جنهن 26 فيبروري تي پنهنجي عهدي جو هلف کنيو. ان جي باوجود ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ خون وهندو رهيو. ٻورين مان چيچريل ۽ ڏرل ٿيل لاش ملندا رهيا. لانڍي ۾ قائم مهاجر خيل کي اذيت گهر ۾ تبديل ڪيو ويو. حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ قتل عام جي ڪري سنڌين ۽ مهاجرن پنهنجي ٿورائي وارن علائقن کان گهٽائي وارن علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪيو. حيدرآباد جو مرڪز سنڌين کان خالي ٿي ويو. ايم ڪيو ايم ۽ پي پي پي جي هن جهيڙي ۾ نقصان سنڌين کي ٿيو.

6 آگسٽ 1990ع تي غلام اسحاق خان بينظير ڀٽو جي چونڊيل حڪومت کي ختم ڪيو. صوبائي ۽ قومي اسيمبلين کي ٽوڙي مرڪز ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کي ڇڏيندڙ علام مصطفيٰ جتوئي کي نگران وزيراعظم ۽ سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کي ڇڏيندڙ ۽ پي پي پي جي ڪٽر دشمن ڄام صادق علي نگران وڏو وزير مقرر ڪيو ويو ۽ آڪٽوبر ۾ چونڊن جو اعلان ڪيو ويو.

1990ع وارن چونڊن واري مهم دوران اها ڳالهه صاف نظر پئي آئي ته پي پي پي ٻيهر حڪومت ۾ ايندي. پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ٻين پارٽين پاڪستان ڊيموڪريٽڪ الائنس جي پليٽ فارم تان ۽ ميان نواز شريف جي مسلم ليگ ۽ جماعت اسلامي، اسلامي جمهوري اتحاد IJI جي پليٽ فارم تان چونڊن وڙهڻ جو اعلان ڪيو. انهن چونڊن ۾ ج قومي اسيمبلي جي 207 سيٽن مان پاڪستان پيپلز پارٽي 44، اسلامي جمهوري اتحاد 106، ايم ڪيو ايم 15، آزاد پارٽي 22، جمعيت علماءِ

اسلام فضل الرحمان 6، جمعيت علماءِ اسلام نوراني 3، عوامي نشنل پارٽي 6، پاڪستان نيشنل پارٽي 2، جمهوري وطن پارٽي 2 ۽ پختون خواه ملي عوامي پارٽي هڪ سيٽ حاصل ڪئي.

اهڙي طرح 1990ع ۾ مرڪز ۾ نواز شريف جي حڪومت قائم ٿي. سنڌ ۾ پيپلز پارٽي کي وڏي اڪثريت هوندي به حڪومت کان پري رکيو ويو. فقط هڪ سيٽ حاصل ڪندڙ ڄام صادق علي جيڪو نگران وڏو وزير هو، ايم ڪيو ايم، آزاد ميمبرن ۽ پي پي پي جي ڪمزور ميمبرن کي پاڻ سان ملائي سنڌ جو وڏو وزير مقرر ٿيو. ڄامڄ اقتدار بچائڻ لاءِ سڀ حربا استعمال ڪيا. ڄام جي حڪومت جي دوران ايم ڪيو ايم ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويئي. ڇاڪاڻ ته اقتدار ۾ اچڻ سان انهن جي ميمبرنج ۾ ڪرپشن جاچ رڪارڊ قائم ڪيا ۽ پوءِ مال جي ورهاست تان اهي ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويا.

فوج جو عمل دخل سياست ۾ وڌي چڪو هو. پاڪستاني فوج جو ادارو هڪ عرصي کان سول حڪومتن جي بنائڻ ۽ ڊاهڻ ۾ اهم رول ادا ڪندو اچي. ايجنسين، پيپلز پارٽي مخالف سياسي پارٽين کي اسلامي جمهوري اتحاد جي پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۾ به وڏو ڪردار ادا ڪيو.

سال 1991ع م ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم جي ٻنهي ڌڙن وچ ۾ خوني چڪريون ٿيون. ملير ۾ ايم ڪيو ايم کان بغاوت ڪندڙ آفاق احمد، عامر خان ۽ بدر اقبال جي گهرن کي باهيون ڏنيون ويون. باغي ڌڙي آمريڪا، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ وڃي پناهه ورتي.

پهرئين آڪٽوبر 1991ع هڪ تاريخ ساز ڏينهن، جڏهن پهريون ڀيرو نشتر پارڪ ۾ سنڌين جو وڏو جلسو ٿيو جيڪو نج سنڌين جو جلسو هو. اهو جلسو جيئي سنڌ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران منعقد ڪيو ويو. هن ڏينهن ڪراچي جا سيئي سنڌي چاهي انهن جو تعلق ڪهڙي پارٽي سان هو انهن جو رخ نشتر پارڪ ڏانهن هو. اهو جلسو پٽي جي 1977ع ۽ ايم ڪيو ايم 1988ع واري جلسي کان ڪنهن طرح گهٽ نه هو. پارٽي جو مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر ادر مگسي پنهنجي 41 ساٿين سميت جيل ۾ هو. هن جلسي ڪراچي جي سنڌي ماڻهن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو ۽ انهن سمجهي ورتو ته ڪراچي مان انهن کي هاٽي ڪير به تڙي ٻاهر نه ڪندو. هن جلسي ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌين ماڻهن کي نئون حوصلو ڏنو. هن جلسي کي حيدر شاهاڻي، ڊاڪٽر دودو مهيري، حسن بخش ٿيبو ۽ ٻين خطاب ڪيو. واپسي ۾ ملير وٽ ڏڙي ضلعي نٿي جي ڪارڪنن تي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ پنج ڪارڪن زخمي ٿي پيا، پر پوءِ به ڪارڪنن صبر کان ڪم ورتو جنهن جي ڪري ڪو وڏو حادثو پيش نه آيو جنهن ۾ پنج ڪارڪن زخمي ٿيا پيا، پر پوءِ به ڪارڪنن صبر کان ڪم ورتو، جنهن جي ڪري ڪو وڏو حادثو پيش نه آيو. پهرئين نومبر 1991ع ۾ سنڌ ۾ وقتي مهاجر وڏي وزير مقرر ڪرڻ خلاف ٽن ڏينهن جي هڙتال جو سڏ جيئي سنڌ سنڌ ترقي پسند پارٽي ڏنو ويو.

ڪراچي سميت پوري سنڌ ۾ هڙتال ڪامياب رهي. 3 هزار ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا. ڪراچي مڪمل طور بند رهي.

الطاف حسين پارٽي جي اندروني جهيڙي ۽ ڳجهن ادارن پاران ڪنهن به وقت ايم ڪيو ايم خلاف آپريشن جي خبر ان کي ڏني ويئي تنهن ڪري ڄام صادق علي، الطاف حسين تي ٿورو ڪري هن کي دبئي رستي لنڊن موڪليو اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن الطاف هسين لنڊن ۾ رهيل آهي ۽ ايم ڪيو ايم جو مرڪزي سيڪريٽريٽ به لنڊن ۾ آهي.



**پهرئين آڪٽوبر 1991ع ۾ جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران نشتر پارڪ ۾ ٿيل جلسو**

ڄام صادق جي وفات ڪانپوءِ سيد مظفر حسين شاهه کي سنڌ جو وڏو وزير چونڊيو ويو. ان دوران ايم ڪيو ايم هر سنڌ دشمن عمل ۾ پنجاب سان گڏ هو. جنهن جي ڪري ايم ڪيو ايم جي جمهوريت پسندي ۽ اصول پرستي جو پول کلي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته پي پي پي سان معاهدي کي ختم ڪرڻ ڪانپوءِ هن سان جيڪو خوني جهيڙو شروع ٿيو جنهن بعد ۾ سنڌي مهاجر جهيڙي جو رخ اختيار ڪيو ۽ خود ان جي اندروني جهيڙي جي نتيجي ۾ حڪومت ۾ رهڻ ايم ڪيو ايم جي مجبوري هئي. جنهن جي ڪري آءِ جي آءِ ۽ ايم ڪيو ايم جو غير فطري اتحاد مفادن جي بنياد تي جاري رهيو. ايم ڪيو ايم وزارت جا مزا ماڻيندي رهي. مرڪز ۾ اڪثريت هوندي، هتي ايم ڪيو ايم جي ضرورت نواز شريف کي نه هئي. سنڌ ۾ به پي پي پي جي موقعي پرست ميمبرن ڪري به هاڻي ايم ڪيو ايم جي ضرورت نه هئي.

جون 1991ع ۾ ماڊل ڪالوني ايم ڪيو ايم جي بنهي ڌڙن وچ ۾ هٿياربند جهڙپ ٿي ته ڳجهي ادارن جي اهلڪارن آءِ ايس آءِ جي ڪمانڊو سادن ڪپڙن ۾ انهيءَ جهيڙي جي وڊيو فلم پئي ناهي ته ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن انهن کي پڪڙي ورتو. انهن پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي پر پوءِ انهن تي تشدد ڪيو ويو.

بئي پاسي ايم ڪيو ايم کي نواز حڪومت مان ڪو فائدو نه پئي ٿيو ۽ هن ايجنسين تي چوهه چنڊڻ شروع ڪيا. جڏهن ملڪ جي اصلي مالڪن ڏٺو ته ايم ڪيو ايم جو قد وڌي رهيو آهي ۽ جن بوتل مان نڪري آقا کي اکيون ڏيکاري رهيو آهي ته هن خلاف ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويو.

19 جون 1992ع ۾ سنڌ ۾ آپريشن ڪلين اپ شروع ڪيو ويو. اها آپريشن فوج جي نگراني ۾ شروع ٿي جيڪا سنڌ ۾ ڌاڙيلن خلاف هئي انهيءَ دوران ٽنڊي بهاول وارو واقعو پيش ٿيو. سنڌي پريس هن واقعي جي اصليت کي ظاهر ڪيو.
ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم خلاف وٺ پڪڙ شروع ٿي. ايم ڪيو ايم جي اندر نهنڊڙ مخالف ڌر کي اڳتي آندو ويو. فوج ۽ پوليس سان گڏ ايم ڪيو ايم جي تمام يونٽن کي خالي ڪري اهي مخالفن جي حوالي ڪيا ويا ۽ ائين مهاجر قومي موومينٽ (حقيقي) وجود ۾ آئي. پهريون ڀيرو ماڻهن ڏٺو ته لالو کيت ۽ لانڍي ۾ الطاف حسين جي تصويرن کي جوتن جا هار پارايا ويا. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ايم ڪيو ايم جو غلبو ختم ڪيو ويو. سنڌ جا بلدياتي ادارا ختم ڪري هتي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيا ويا. ايم ڪيو ايم ٽن ڌڙن ۾ ورهائجي ويئي. الطاف حسين گروپ، عظيم طارق گروپ ۽ حقيقي گروپ، پهرئين مئي 1993ع تي عظيم طارق کي قتل ڪيو ويو. ائين اهو ڌڙو ختم ٿي ويو. ننڍين چونڊن ۾ الطاف حسين جي ڌڙي بائيڪاٽ ڪيو ته حقيقي به ڪو ٻوٽو نه ٻاريو ۽ الطاف جو ووٽ بئنڪ برقرار رهيو. حقيقي 15 اميدوار بيهاريا ڪاميابي فقط ڇهن کي ملي. انهن جي ڪامياب اميدوار فقط 16 ڪان 500 ووٽ ڪٽي ڪاميابي حاصل ڪئي.
18 جولاءِ 1993ع ۾ ميان نواز شريف کي فارغ ڪيو ويو. قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبليون ختم ڪيون ويون. سنڌ ۾ 20 جولاءِ 1993ع حڪيم محمد سعيد گورنر ۽ علي مدد شاهه کي نگران وڏو وزير مقرر ڪيو. آڪٽوبر 1993ع ۾ ٻيهر چونڊون ٿيون. ايم ڪيو ايم چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو. ڪاغذات نامزدگي جي جمع ڪرائڻ ڪانپوءِ اهو اعلان ڪيو ويو. قومي اسيمبلي جي چونڊن ۾ ايم ڪيو ايم حصو نه ورتو، پر ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ٿيندڙ صوبائي چونڊن ۾ اچانڪ حصي وٺڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ سنڌ مان 27 صوبائي اسيمبلي جون سيٽون حاصل ڪيون ڪراچي صوبائي اسيمبلي جي 28 سيٽن مان ايم ڪيو ايم 22 سيٽون، پي پي پي پنج سيٽون حاصل ڪيون. هڪ ٽڪ تان آزاد اميدوار جي قتل سبب چونڊون ملتوي ٿيون.
مرڪز ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي 89 سيٽون، مسلم ليگ 73 سيٽون حاصل ڪيون. انهن چونڊن جي نتيجي ۾ محترمه بينظير ڀٽو ٻيهر پاڪستان جي وزيراعظم ٿي. سنڌ ۾ سيد عبدالله شاهه 21 آڪٽوبر 1993ع تي سنڌ جي وڏي وزير جو حلف کنيو. 19 آڪٽوبر 1993ع تي غوث بخش مهر اسپيڪر جو عهدو سنڀاليو. 6 نومبر 1996ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي پنهنجي چونڊيل صدر سردار فاروق احمد لغاري پي پي پي حڪومت کي ختم ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾ ممتاز ڀٽي کي نگران وڏو وزير مقرر ڪيو ويو ۽ مرڪز ۾ بلخ شير مزاري کي نگران وزيراعظم مقرر ڪيو ويو.

اهو پورو دور ڪراچي ايم ڪيو ايم جي هڙتالن جي زد ۾ رهي. عبدالله شاهه ۽ نصيرالله بابر پاڪستان جي گهرو ڪاتي جو وزير، ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن خلاف ڪارروائي جاري رکي. ڪجي گرائونڊ سميت نوگو ايريا ختم ڪيا ويا. ايم ڪيو ايم پاران قائم اذيت گهرن کي ختم ڪيو ويو.. انهيءَ دوران ايڪسٽرا جوڊيشنل ڪلنگ جو بازار به گرم رهيو. ايم ڪيو ايم جي دعوائ آهي ته هن جا 2800 ڪارڪن اجا تائين گم ڪيا ويا آهن. ايم ڪيو ايم جا ڪارڪن هن آپريشن جي نتيجي ۾ زير زمين ٿي ويا. گهڻا ڪارڪن پنجاب ۽ بلوچستان ۾ پناهه ورتي. بلوچستان ۾ نواب اڪبر بگٽي انهن کي ڊيره بگٽي ۾ پناهه ڏني. ڪراچي ۾ انساني حقن جي تنظيمن ايڪسٽرا جوڊيشنل ڪلنگ خلاف مظاهرا ڪيا.

ميان نواز شريف آگسٽ 1994ع ۾ لانگ مارچ شروع ڪيو. سيپٽمبر ۾ ٽرين مارچ وسيلي هو ڪراچي پهتو ۽ ڪراچي کي پنهنجو سياسي مرڪز بنايو. هن جي تحريڪ جو وڏو اشو اهو هو ته سنڌ ۾ ٿيندڙ آدمشماري ختم ڪئي وڃي. چاڪاڻ ته پهريون ڀيرو سنڌي ماڻهن ۾ دانشورن، اديبن، سياسي پارٽين ۽ سنڌي پريس اهو شعور ڏنو ته ڳڻپ ۾ ڀرپور حصو ورتو وڃي. سيني سنڌين ان ۾ منظم انداز سان حصو ورتو جيڪا ڳالهه پنجاب کي پسند نه آئي. هن آدمشماري ۾ سنڌ جا صحيح انگ اکر سامهون آيا ۽ ايم ڪيو ايم جيڪا دعوائ ڪندي آئي ته مهاجر سنڌ ۾ 40 سيڪڙو کان مٿي آهن اها پٽ وائڪي ٿي. اڳتي هلي جڏهن پيپلز پارٽي جي حڪومت ختم ڪئي ويئي ته آدمشماري کي به رد ڪري 1998ع ۾ فوجي نگراني ۾ آدمشماري ڪرائي پنهنجي مطلب جا انگ اکر حاصل ڪيا ويا.

پنج فيبروري 1995ع تي ڪشمير ڏينهن تي ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ ۾ هڙتال جو سڏ ڏنو جنهن ۾ 25 ماڻهو مارجي ويا. 1993ع کان 1996ع تي ايم ڪيو ايم پاران هر هفتي اوسطا ٽن هڙتالن جو سڏ ڏنو ويو جيڪي سيئي پر تشدد هيون.

21 سيپٽمبر 1996ع تي ڪراچيءَ ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جو هڪ اهڙو ڏک ويندڙ واقعو ٿئي ٿو جيڪو بينظير جي حڪومت جي ختم ڪرڻ جو سبب بڻيو. سنڌ ۽ مرڪز ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت هوندي به انهيءَ ڏينهن 70 ڪلفٽن جي سامهون بينظير ڀٽو جي ڀاءُ شهيد ذوالفقار ڀٽي جي وڏي پٽ ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر مير مرتضيٰ ڀٽو کي پنجن ساٿين سميت پوليس مقابلي ۾ شهيد ڪيو ويو. جنهن واقعي ڀٽي کان پوءِ پوري سنڌ کي ڏکارو ڪري ڇڏيو. نصرت ڀٽو اهو ڏک برداشت نه ڪري ڪوما ۾ هلي وئي. ڪراچي سميت پوري سنڌ ۾ جهڙا ۽ مظاهرا ٿين ٿا. ڪراچي ۾ انهن جو مرڪز لياري هو. بينظير ڀٽو شديد تنقيد جو نشانو بڻجي ٿي نيٺ صدر فاروق لغاري

6 نومبر 1993ع تي قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙي ڇڏيون. سنڌ ۾ قوم پرست اڳواڻ ممتاز ڀٽو کي نگران مقرر ڪيو ويو.
1997ع جي چونڊن ۾ مرڪز ۾ پ پ پ کي فقط 18 مسلم ليگ نواز ليگ وڏي اڪثريت سان 137 سيٽون حاصل ڪيون. ايم ڪيو ايم 12 سيٽون حاصل ڪيون. سنڌ ۾ هڪ ڀيرو ورري ڄام صادق جو دور ورجايو ويو. مسلم ليگ جا سيٽئي ڏڙاءِ ايم ڪيو ايم ۽ پ پ پ جي باغين ميمبرن تي ٻڌل حڪوت ناهي وئي، لياقت جتوئي جنهن کي سنڌ جي قوم پرستن جي حمايت حاصل هئي سنڌ جو وڏو وزير چونڊيو ويو. اسپيڪر ايم ڪيو ايم جو نواب مرزا چونڊيو ويو. سنڌ قومي اتحاد جو هڪ ميمبر جلال محمود شاهه (سائين جي ايم سيد جو پوٽو) ڪامياب ٿيو. جنهن کي ڊپٽي اسپيڪر چونڊيو ويو. هن دور ۾ سنڌ جا نالي وارا قوم پرست اڳواڻ ۽ ڪجهه اديب مسلم ليگ نواز ۾ شامل ٿيا. نواز شريف ڪالا باغ ڊيم اڏڻ جو اعلان ڪيو ته پوري سنڌ ۾ مظاهرا ۽ هڙتالون ٿيون. قومپرستن سان گڏ پ پ پ به ڀرپور احتجاج ڪيو. ڪراچي ۾ ڊيمن خلاف ريلين، ڪانفرنس ۽ ورڪشاپن جو بندوبست ڪيو ويو. ڪراچي پريس ڪلب بک هڙتالن ۽ مظاهرن جو مرڪز رهيو.
اسيمبلي ۾ وينل قوم پرست خاموش رهيا. سنڌ اسيمبلي ۾ ڊيم خلاف ٻيو ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو. ايم آر ڊي تحريڪ کان پوءِ ڪالا باغ ڊيم خلاف پوري سنڌ اٿي هڪ ٿي. نواز شريف کي مجبورن اهو فيصلو واپس وٺڻو پيو.
ڊاڪٽر قادر مگسي جي پارٽي سنڌ ترقي پسند ڪالا باغ ڊيم ۽ سنڌ جي ٻين مسئلن خلاف سکر کان لانگ مارچ جو اعلان ڪيو ته ڊاڪٽر قادر مگسي تي نبيله شاهه جي قتل ڪيس لڳائي هن کي روپوشيءَ تي مجبور ڪيو ويو ته ڊاڪٽر دودي مهيري جي اڳواڻي ۾ پيادل لانگ مارچ سکر کان روانو ٿيو. هر هنڌ لانگ مارچ جو زبردست آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. ڪراچي پهچڻ تي آخري ڏينهن نرسري کان گورنر هائوس ڏانهن اهو لانگ مارچ ڊاڪٽر قادر مگسي جي اڳواڻيءَ ۾ هزارين ماڻهن سان گڏ روانو ٿيو. ڊرگ روڊ جو هڪ پاسو بند ڪيو ويو هو. لانگ مارچ کي گورنر هائوس ڏانهن وڃڻ کان روڪيو ويو ته پريس ڪلب وٽ چوراهي تي جلسو ڪيو ويو. هن کان اڳ ڄام صادق جي دور ۾ به به لانگ مارچ مشهور ٿيا جن سنڌي ماڻهن کي سياسي شعور ڏنو. 6 مارچ 1991ع تي رسول بخش پليجي جي اڳواڻي ۾ عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ، پاڻي جي مسئلي ۽ سنڌ جي ٻين برنڊڙ مسئلن تي سکر کان لانگ مارچ شروع ڪيو. جنهن سنڌ ۾ پهرئين لانگ مارچ جو اعزاز حاصل ڪيو. ڪراچي پهچڻ تي گهگهر وٽ ڪراچي واسين لانگ مارچ جو زبردست آڌر ڀاءُ ڪيو. پريس ڪلب تائين پهچڻ ۾ هن کي به ڏينهن لڳا. اهي ٻئي ڏينهن ڪراچي

واسين لانگ مارچ جو زبردست آڌر ڀاءُ ڪيو. اهي ٻئي ڏينهن ڪراچي شهر هزارين سنڌين ۽ سنڌياڻين جي نعرن سان گونجي اٿيو. قافلي کي هر هنڌ ڀليڪار چيو ويو.

10 مارچ جيڪو انساني حقن جو عالمي ڏينهن آهي. جام ساقي انهيءَ تاريخ 10 مارچ 1991ع تي پنهنجي ساٿين سان سنڌ پنجاب دنگ ڪموں شهيد کان ڪراچي تائين پيادل مارچ شروع ڪيو. جام ساقي سان هڪ ريڙهي تي قرآن شريف، بائبل، گيتا، انجيل، ڀٽائي جو رسالو رکيل هئا. ريڙهو شروع کان آخر تائين حامد علي عرف امن چانڊيئي ڌڪيو. قافلي ۾ جام ساقي سان گڏ عرس سيلرو، قادر بخش سيلرو، مسرور چانديو آخر تائين گڏ هئا. ڪراچي جي گهگهر ڦاٽڪ کان پو ڪراچي جا سوين ماڻهو پيادل قافلي ۾ شامل ٿيا. ماڻهن جو اهو قافلو آخر تائين جام سان گڏ هو. مارچ جي پڄاڻي تي ڪڏي لياري ۾ جلسو ڪيو ويو.

2001ع ۾ رسول بخش پليجي سکر مان پاڻي جي مسئلي تي ٻيو لانگ مارچ شروع ڪيو جڏهن ست اپريل 2001ع جي ڏينهن اهو لانگ مارچ گهگهر ڦاٽڪ وٽ ڪراچي جي حدن ۾ داخل ٿيو ته هن تي پوليس پاران وحشياڻي لٺ بازي ڪئي وئي. عورتن جو به احترام نه ڪيو ويو. ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. ٻارن کي به نه بخشيو ويو. پر پوءِ به جوڌن هن لانگ مارچ کي ڪراچي پريس ڪلب تائين پهچايو. پليجو به ڪنهن نموني اچي هتي مارچ ۾ شامل ٿيو ۽ پوليس پليجي کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪارڪنن پنهنجي ليڊر کي بچائي ورتو.

2005ع ۾ رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ جي عورتن واري ونگ سنڌياڻي تحريڪ جي نارين ڪالا باغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جي اڏاوت خلاف، ڪراچيءَ ۾ ڳوٺن ڊاهڻ ۽ سنڌ جي ورهاڱي خلاف ٽيون لانگ مارچ سکر کان شروع ڪيو. هر ڳوٺ، واهڻ ۽ شهر ۾ قافلي جو زبردست آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. ڪراچي واسي به پويان نه رهيا، گهگهر ڦاٽڪ ۽ آخري ڏينهن تي بندر روڊ تي هزارين ماڻهو قافلي ۾ شامل ٿيا. ڪراچي جا روڊ سنڌياڻين جي نعرن سان گونجي اٿيا.



**سنڌي عوام جي قومي اتحاد پاران نڪتل ريلي ڪراچي پريس ڪلب**

پليجي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ اهو قافلو پريس ڪلب پهتو، جتي جلسو ڪيو ويو. انهن سيني لانگ مارچن ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌين کي نئون حوصلو ڏنو ۽ انهن هر لانگ مارچ ۾ ڀرپور حصو وٺي پنهنجي سياسي شعور جو ثبوت ڏنو.

ياد رهي ته 14 اپريل 1988ع تي سنڌي عوام جي قومي اتحاد پاران قائداعظم جي مزار کان وٺي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي جنهن ۾ هزارين سنڌي ماڻهن شرڪت ڪئي. اها پهرئين ريلي هئي جنهن جي ڪري اوپرائپ جو احساس ڏياريندڙ شهر ان ڏينهن پنهنجو لڳو. هن ڏينهن سنڌ واسين منظم انداز ۾ پنهنجي وجود جي اهميت جي هڪ وڏيڪ ثابتي پيش ڪئي. جلسي کي محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، حفيظ پيرزادو، امداد چانڊيو، مير ٿيٻو، سيد عالم شاهه، آڪاش انصاري، حسين بخش ناريجو، حميده کهڙو، حاڪم علي زرداري، حسين هارون، قاضي محمد بخش ڌامراهه، غلام رسول سهتو ۽ مسعود نوراني خطاب ڪيو.

ڪالا باغ ڊيم، گريٽر ٿل ڪئنال جي اڏاوت خلاف بلوچستان تي فوجي آپريشن، ڪراچي جي ڳوٺن کي ڊاهڻ خلاف، انڊس ڊيلٽا کي تباهي کان بچائڻ، ماهيگيرن جي مسئلن لاءِ ۽ ٻين سنڌ دشمن منصوبن خلاف ڪراچي ۾ سيني قومپرست، جمهوريت پسند پارٽين جن ۾ پونم، اينٽي ڪالا باغ اينڊ گريٽر ٿل ڪئنال ايڪشن ڪميٽي، پاڪستان پيپلز پارٽي، سنڌ ترقي پسند پارٽي، عوامي تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ، جسقم، عوامي نيشنل پارٽي، پشتون خواهه ملي عوامي پارٽي، مسلم ليگ (ن)، پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو گروپ، ايم ايم اي، جماعت اسلامي،

بلوچستان جي قومپرست پارٽين، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ نيشنل پارٽي، سنڌ نيشنل ڪائونسل، پاڪستان فشر فوڪ فورم ۽ موررڙو مير بحر تحريڪ ۽ تحريڪ انصاف احتجاجي جلسا، جلوس ۽ ريليون ڪيون، سيمينار ڪيا، آل پارٽي ڪانفرنسون ۽ ورڪشاپ منعقد ڪيا ويا. ڪراچي پريس ڪلب آڏو بک هڙتالون ڪيون ۽ مختلف سنڌي وسندين ۾ جلسا ڪيا ويا ۽ هڙتالون ڪيون. اهو سلسلو اڄ به جاري آهي.

اڳارو 10 فيبروري 2004ع تي اينٽي ڪالا باغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جي پليٽ فارم تان ڪالا باغ ڊيم ڪراچي جي ڳوٺن جي ڊاهڻ خلاف قائداعظم مزار ڪان پريس ڪلب تائين هڪ تاريخي ريلي ڪڍي جنهن جي اڳواڻي نثار کهڙي، رسول بخش پليجي، ڊاڪٽر قادر مگسي، عبدالحئي بلوچ، امين ختڪ، گل محمد جکراڻي، خالد محمود سومرو، اسدالله ڀٽو، زين انصاري ۽ سليم ضياءَ ڪئي.

ڪالا باغ ڊيم بلوچستان آپريشن ۽ ٻين سنڌ دشمن مسئلن خلاف نون پارٽين جي اتحاد سان 22 ڊسمبر 2005ع تي قائداعظم جي مزار ڪان سنڌ هاءِ ڪورٽ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. اها ريلي ڪراچي جي تاريخ ۾ سڀ ڪان وڏي ريلي هئي جنهن ۾ سنڌين ڪانسواءِ بلوچ ۽ پشتون ليڊرن شرڪت ڪئي.

سنڌ اسيمبلي جي مخالف ڌر جي ميمبرن پاران اسيمبلي ڪان ٻاهر ۽ اندر هر فورم تي به مٿين برنڌڙ مسئلن خلاف احتجاج ڪيا. ڪراچي ۾ ٿيندڙ انهن سڀني احتجاجن، بک هڙتالن، سيمينارن، ورڪشاپن ۾ سنڌ جا ٻريل مسئلا اهم رهيا. سڀ ڪان وڌيڪ احتجاج، هڙتالون، ريليون، ورڪشاپ ۽ سيمينار ڪالا باغ ڊيم ۽ گريٽر ڪئنال جي اڏاوت خلاف، بلوچستان جي فوج ڪشي خلاف، سنڌي ڳوٺن جي ڊاهڻ خلاف، ڪراچي جي زمينن ڪي قبائڻ، سنڌ جي ورهاڱي ۽ ماهيگيرن جي مسئلن تي منعقد ٿيا. انهن احتجاجن ۽ ريلين ۾ سنڌين ڪانسواءِ بلوچ ۽ پشتون قومپرست اڳواڻن ۽ عوام ڀرپور شرڪت ڪئي. ايتري تائين جو متحده مجلس عمل، تحريڪ انصاف، جماعت اسلامي ۽ مسلم ليگ (ن) به انهن احتجاجن ۾ شريڪ رهيون. سنڌي پريس هن موقعي تي پنهنجو ڪردار ذميداري سان ادا ڪيو. جنهن تي حڪمرانن مجبور ٿي ڪجهه وقت لاءِ ڊيم جي اڏاوت ڪي پاسيرو ڪيو.

سنڌين جي حقن جي چيمپئن چوائيندڙ جماعت مهاجر قومي موومينٽ جنهن جولاءِ 1998ع تي پنهنجو نالو مٽائي متحده قومي موومينٽ رکيو. پاران ڪو به احتجاج، ڪا به ريلي يا سيمينار به منعقد نہ ڪيو ويو سواءِ جون 2001ع تي جسقم پاران ٿيندڙ هڙتال جي انهن حمايت ڪئي. ڇاڪاڻ تہ جسقم ۽ متحده قومي موومينٽ جو اتحاد هو. اها هڙتال ڪراچيءَ ۾ ڪامياب رهي. سنڌ

اسيمبلي ۾ شائسته عالماڻي جي مسئلي تي حڪومت ڇڏڻ جي ڌمڪي ڏيندڙ متحده اسيمبلي ۾ ڪالا باغ ڊيم جي اڏاوت خلاف خاموش رهي ۽ انهن جي هڪ ميمبر محمد حسين جيڪو ڪراچي جي ڀهراڙيءَ جي ووٽن تان ڪامياب ٿيو آهي، متحده پاران ڪالا باغ ڊيم جي حمايت ۾ هڪ نهراءُ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته متحده جي مخالفت جي ڪري اسپيڪر اهو نهراءَ پيش ڪرڻ نه ڏنو.

جون ۽ جولاءِ 1995ع ۾ ڪراچي ۾ جهيڙن ۾ 383 ماڻهو مارجي ويا. اهو دور ايم ڪيو ايم پاران هڙتالن ۽ هنگامن جو دور رهيو، ڇيچريل لاشن جا فوٽو شايع ڪرڻ تي حڪومت شام جي ڇهن اخبارن تي پابندي هٽي ڇڏي. انهن هنگامن تي تبصرو ڪندي لکيو ته ”پوليس ۽ پيرا ملٽري فورسز ڪراچيءَ جي هنگامن تي قابو نه آڻي سگهي آهي ۽ اهڙن حالتن ۾ ڪراچي جا صنعتي ۽ واپاري ادارا لاهور ۽ فيصل آباد منتقل ٿيڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن.“ صرف ٽن ڏينهن ۾ هڙتال ۾ ڪراچي ۾ 8 ارب رپين جو نقصان ٿيو. جڏهن ته ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ صرف هڪ ڏينهن جي هڙتال ۾ 5 ارب رپين جو نقصان ٿيو. اڄ جڏهن ته ايم ڪيو ايم حڪومت ۾ آهي ته هڙتالن ۽ هنگامن ۾ آهي ۽ انهن جو موقف آهي هنگامن ۽ هڙتال ڪري ڪراچي کي نقصان ٿي رهيو آهي ۽ ڪراچي جو امن تباهه ٿي رهيو آهي. ڪراچي کي ڪيترو نقصان پهچايو ۽ هن جي وجود کي ڪيترا گهاءُ ڏنا.

آگسٽ 1998ع ۾ ملير ۾ هنگاما شروع ٿيا جنهن ۾ ڊي ايس پي سميت 10 ماڻهو مارجي ويا. اهي جهيڙا متحده ۽ حقيقي جي وچ ۾ ٿيا هئا.

نومبر 1998ع ڪراچي ۾ بن عالمن سميت چار آمريڪي قتل ٿيا. 11 سيپٽمبر 1998ع تي گڏيل مخالف ڌر ڪراچي ۾ جلسي جو اعلان ڪيو. حڪومت جلسي جي اجازت نه ڏني. جنهن تي ڪراچي ۾ وڏي پئماني تي جهيڙا شروع ٿيا.

12 آڪٽوبر 1999ع ۾ نواز شريف جي جمهوري حڪومت کي هڪ ڀيرو ٻيهر بنا ڪنهن سبب جاٽڻ جي ختم ڪيو ويو. قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ختم ڪيون ويون ۽ آئين کي معطل ڪري ملڪ کي ايل ايف او تحت هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو. فوج جي چيف آرمي اسٽاف جنرل پرويز مشرف جنهن کي هڪ ڏينهن اڳ نواز شريف هٽايو هو. ملڪ جون واڳون سنڀاليون ۽ پرويز مشرف پاڻ کي چيف ايگزيڪيوٽو مقرر ڪيو.

18 مئي 2000ع ۾ ڪراچي م مشهور عالم دين، محقق، مجلس ختم نبوت جي مرڪزي نائب امير مولانا محمد يوسف لڌيانوي کي شهيد ڪيو ويو ته ڪراچي ٻيهر هنگامن جي ور چڙهي وئي. مذهبي جماعت مولانا جي قتل جو الزام متحده قومي موومينٽ تي هنيو. نواز شريف تي جنرل

پرويز مشرف جي جهاز کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش جو الزام هيٺ ڪيس هلايو ويو. ڪورٽ هن کي عمر قيد جي سزا ڏني پر هڪ معاهدي تحت نواز شريف پنهنجي خاندان سميت 10 ڊسمبر 2000ع تي سعودي عرب ۾ پناهه ورتي. جنهن تي پوري ملڪ ۾ لاهور ۽ لاڙڪاڻي جي فرق جو موضوع زير بحث رهيو. نواز شريف جا گهڻا ساٿي نواز شريف کي ڇڏي جنرل پرويز مشرف سان مليا. نواز ليگ ڪانسواءِ سيني پارٽين فوجي حڪومت کي پليڪار چيو. پرويز مشرف ملڪ ۾ نئين بلدياتي نظام کي متعارف ڪرايو. جنهن تحت پوري ملڪ ۾ سواءِ ڪئنٽونمينٽ علائقن جي 2001ع ۾ بلدياتي چونڊون ڪرايون ويون. ڪراچي جي ملير سميت سيني ضلعن کي ختم ڪري هڪ ڪروڙ 30 لکن جي آبادي جو هڪ ضلعو ڪراچي بنايو ويو. بلدياتي چونڊن جو ايم ڪيو ايم بائيڪاٽ ڪيو. سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حمايت وارا ناظم ڪامياب ٿيا. ڪراچي جي 18 ٽائونن مان پنج پيپلز پارٽي ۽ ٻن تي پيپلز پارٽي ۽ عوامي نيشنل پارٽي جي اتحاد سان ناظم ڪامياب ٿيا. باقي تمام ٽائونن ۽ ضلعي ڪراچي جي ناظمي جماعت اسلامي کي ملي، مسلم ليگ (ق) جيڪا سرڪار پاران ناهيل هئي. پنجاب ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. ڪراچي ۾ مسلم ليگ (ق) ۽ جماعت اسلامي اتحاد ڪيو.

ڪراچي ۾ 8 مئي 2002ع ۾ هڪ خودڪش حملي ۾ 11 فرانسيسي انجنيئر سميت 16 ماڻهو مارجي ويا. پرويز مشرف باوردي صدر ٿيڻ لاءِ ملڪ ۾ جڏهن ريفرنڊم جو رستو هموار ڪرڻ لاءِ ڪراچي پهتو ته جلسي واري ئي ڏينهن تي ايم ڪيو ايم جلسي ۾ شرڪت جو اعلان ڪيو، پوءِ ڪراچي جي ماڻهن ڏٺو ته ڪراچي ۾ قائداعظم جي مزار تي جلسي ۾ هر پاسي فقط ايم ڪيو ايم جو اثر هو. سئو سيڪڙو ماڻهن پرويز مشرف کي ريفرينڊم ۾ ووٽ ڏيئي وردي سان صدر منتخب ڪرڻ ۾ ڀرپور حصو ورتو. ڪٿي ڪٿي اهو سيڪڙو سئو ڪان مٿي هو ۽ ائين فوجي حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم ويجهو اچن ٿا. هن کان اڳ ايم ڪيو ايم ۽ هن جو قائد مسلسل اهو بيان ڏيندو رهيو ته پاڪستان جون ايجنسون ۽ اسٽبلشمينٽ ايم ڪيو ايم جي خلاف آهي ۽ انهن خلاف سخت بيانن جو سلسلو شروع ڪيو ويو هو. ريفرنڊم ۾ حصو وٺڻ کان پوءِ اهو سلسلو بند ٿي ويو.

جنرل پرويز مشرف پاران آڪٽوبر 2002ع صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جون چونڊون ڪرايون ويون ۽ اميدوارن لاءِ اهو شرط لڳايو ويو ته اهي گريجوئٽس هجن. سنڌ ۾ پيپلز پارٽي سڀ کان وڌيڪ سيٽون حاصل ڪيون. مرڪز ۽ پنجاب ۾ مسلم ليگ (ق) وڌيڪ سيٽون حاصل ڪيون. جنرل پرويز مشرف جي مڪمل حمايت جي باوجود سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ مرڪز ۾ مسلم ليگ (ق) واضح اڪثريت حاصل نه ڪئي. تنهنڪري بلوچستان ۽ مرڪز ۾ ايم ايم اي (متحده مجلس عمل

۽ مرڪز ۾ ايم ڪيو ايم جي سهڪار ڪانسواءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي نيب زدن کي ٽوڙي پيٽرياٽ گروپ ٺاهي مرڪز، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ حڪومتون ٺاهيون ويون. سنڌ ۾ اڪثريت هوندي به پ پ پ کي حڪومت ٺاهڻ کان ڌور رکيو ويو.

متحده قومي موومينٽ جي ڪارڪن ڊاڪٽر عشرت العباد جنهن تي حڪيم محمد سعيد جي قتل سميت گهڻا ڪيس داخل هئا. جيڪو لنڊن ۾ روپوش هو. هن کي گهرائي سنڌ جو گورنر بنايو ويو. ايم ڪيو ايم کي سنڌ ۾ اڌ کان وڌيڪ اهم وزارتون ڏنيون ويون. مرڪز ۾ ٽي وزارتون ڏنيون ويون. ايم ڪيو ايم جي گهڻن خطرناڪ ڏوهن ۾ گرفتار ڪارڪنن کي آزاد ڪيو ويو. سنڌ اسيمبلي جون سيٽون وڌائي 168 ڪيون ويون جنهن مان 130 ميمبر سڌي چونڊ وسيلي چونڊيا ويا. گهوٽڪي جي سردار علي محمد مهر کي سنڌ جو وڏو وزير نامزد ڪيو ويو. صوبائي اسيمبلي ۾ حڪمران ڌر جي اندروني اختلافن ڪري علي محمد استعفيٰ ڏيڻ تي مجبور ٿيو ته سنڌ جي پنتي پيل علائقي ٿر جي رهواسي ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم کي وڏو وزير چونڊيو ويو.

مظفر حسين شاهه کي اسپيڪر ۽ فيصل آباد پنجاب جي رهواسڻ راحيله ٽوانا کي ڊپٽي اسپيڪر نامزد ڪيو ويو.



**تبت سينٽر بندر روڊ تي متحده قومي موومينٽ جو جلسو**

اسيمبلي جي ايوان ۾ پاڻي جي ورهاست جو مسئلو مٿانهون رهيو. هر اجلاس ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪالا باغ ڊيم ۽ پاڻي جي ورهاست تي ڳالهه ٿيندي رهي. اپوزيشن ليڊر نثار احمد کهڙو مضبوط اپوزيشن ڪري حڪومت کي هر موقعي تي ٽف ٽائيم ڏنو.

مئي 2004ع تي ٿيندي چونڊن ۾ ڪراچي ۾ حڪومتي مداخلت ۽ پولنگ اسٽيشن کي يرغمال بنايو ويو. ايم ڪيو ايم پوري حڪومتي طاقت سان چونڊن جي نتيجن کي پنهنجي حق ۾ بدلائڻ ۾

ڪامياب وئي انهن چونڊن دوران متحده مجلس عمل جا 16 ڪارڪن، متحده قومي موومينٽ جا پنج ماڻهو مارجي ويا. ملير ۾ پي. ايس 127 جيڪا سيٽ عبدالله مراد بلوچ جي شهادت ڪري خالي ٿي پاڪستان پيپلز پارٽي جو عمر جت شروع وارن ڳڻپ ۾ ڪامياب ٿيو. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ سرڪاري نتيجن ۾ هن سيٽ تان ايم ڪيو ايم جي اميدوار کي ڪامياب قرار ڏنو ويو. انهن ڌانڌلين خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ متحده مجلس عمل هڙتال جو سڏ ڏنو. مظاهرا ڪيا ويا. اليڪشن ڪميشن چونڊن جي نتيجي کي روڪي ڇڏيو. ايم ڪيو ايم عدالت جو سهارو ورتو جنهن انهن چونڊن کي درست قرار ڏنو.

پارلياماني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن اسيمبلي فوجي جنرل جي وردي جي حق ۾ ٺهراءُ منظور ڪيو. هي ٺهراءُ ماضي ۾ فوج جي مخالفت ڪندڙ متحده قومي موومينٽ جي ميمبر محمد حسين 22 سيپٽمبر 2004ع تي پيش ڪيو. جنهن ۾ هن ٺهراءُ جي حق ۾ 92 ميمبرن باوردي صدر جي حمايت ڪئي. اپوزيشن سخت احتجاج ڪيو جيڪو ڪيترا ڏينهن جاري رهيو. سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اپوزيشن جي ميمبرن اسپيڪر جي رويي خلاف اسيمبلي جي پارڪ ۾ اسيمبلي لڳائي جنهن جو اسپيڪر ڊاڪٽر سڪندر بڻيو. هن پارڪ ۾ پوري طرح اسيمبلي کي آئين مطابق هلايو ويو. سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن وڏي وزير پنهنجي ڪابينا جي ميمبر تي ڪرپشن جا الزام هڻي هٽايو. ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم پنهنجي ڪابينا جي روينيو جي وزير امتياز شيخ تي ڪرپشن جا الزام هڻي هٽايو. امتياز شيخ جيڪو وڏي وزير جو اهم اميدوار هو. ائين ارباب رحيم هن کي منظر تان غائب ڪيو.

30 مئي 2004ع تي ڪراچي ۾ ممتاز عالم دين مفتي نظام الدين شامزئي کي شهيد ڪيو ويو. ٽي ڏينهن ڪراچي هنگامن ۽ هڙتالن جي زد ۾ رهي. عالمن پاران هن قتل جو الزام بہ متحده قومي موومينٽ تي لڳايو ويو. ايم ڪيو ايم جي اسيمبلي ميمبرن کي ٽڏي تي اچڻ نہ ڏنو ويو.

10 جون 2004ع تي ڪلفٽن جي پل تي سنڌ جي ڪور ڪمانڊر جنرل احسان الله جي قافلي تي حملو ڪيو ويو. ست فوجين ۽ ٽن پوليس وارن سميت يارنهن ماڻهو مارجي ويا.

آگسٽ 2005ع تي بلدياتي چونڊن پوري سنڌ ۾ سواءِ ٻن ضلعن نوابشاهه ۽ ڄام شورو ۾ باقي سيني ضلعن تي ناظم حڪمران اتحاد جا حمايت وارا ڪامياب ٿيا آهن. ڪراچي ۾ ضلعي تي ۽ 18 ٽائونن مان 14 ٽائون تي ايم ڪيو ايم جي حمايت وارا ناظم ڪامياب ٿيا. انهن بلدياتي چونڊن ۾ رپورٽن مطابق زبردست ڌانڌلي ڪئي ويئي. ڇاڪاڻ تہ پوري صوبي سنڌ ۾ حڪمران ڪرسين تي هجن ۽ انهن جا اميدوار ناڪام ٿين اها ڳالهہ هو ڪيئن برداشت ڪندا. سنڌ حڪومت ڪانپوءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد کي مڪمل طور تي ايم ڪيو ايم جي حوالي ڪيو ويو. چونڊن کان اڳ

حيدرآباد کي ايم ڪيو ايم جي حوالي ڪرڻ لاءِ ضلعي کي چئن ضلعن ۾ ورهايو. ٻهراڙي جا سيئي علائقا حيدرآباد کان ڇني ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار ۽ مٽياري ضلعا ناهيا ويا. اهڙي ڀهاري ڏياري ويئي جنهن ۾ پي پي جو ته اگهڻ ئي ٻهارجي ويو.

ايتري شفاف اليڪشن ٿي آهي ۽ سيني سيڪجهه هن جي آر پار پئي ڏٺو. اميدوارن، ووٽرن ۽ ميڊيا سميت سڄي خلق خدا جي دانهون ڪيون. ميڊيا، ٽي وي چينلز ثبوت پيش ڪيا پر جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. اهڙي طرح جنرل پرويز مشرف جا روشن خيال ڪامياب ٿيا. جيڪي ڪجهه گهٽو ئي روشن خيال ثابت ٿي رهيا آهن. جيڪي حڪومت سان هر حال ۾ گڏ آهن. ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم پوليس کي مڪمل طور انهن چونڊن ۾ استعمال ڪيو ڇاڪاڻ ته سنڌ جي گهرو معاملن واري وزارت ايم ڪيو ايم جي حوالي آهي. انهن چونڊن کي کٽڻ لاءِ ايم ڪيو ايم ڪراچي ۾ تمام طريقا استعمال ڪيا. پولنگ اسٽيشن پنهنجي مرضي سان رکيا ويا. پنهنجي پسند جي آفيسرن کي پرزائيڊنگ ۽ ريٽرنگ آفيسر مقرر ڪيو. ڏانڌلي جا سيئي ريڪارڊ ٽوڙيا ويا. جنهن ڪانپوءِ انهن پنهنجي پلان تي ڪم شروع ڪيو آهي. ڪراچي جون خالي زمينون جيڪي فقط ٻهراڙي ۾ موجود آهن انهن کي شهري ضلعي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ حڪومت کان الڳ ٿيڻ جي ايم ڪيو ايم جي ڌمڪي ڪانپوءِ پرويز مشرف وٽ فيصلو ٿيو ۽ پوءِ اسڪيم 33 ۽ تائيسر ٽائون جي الاٽمنٽ ڪراچي شهري حڪومت جي حوالي آهي. هن ڪانسواءِ ايم ڪيو ايم وڏيڪ 12 هزار ايڪڙ زمين جي گهر شروع ڪئي آهي. ملير جون سيئي زمينون جيڪي مقامي ماڻهن جون آهن هتي اهي زمينون ايجوڪيشن سٽي، هيلٿ سٽي، ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي سميت مختلف رهائشي اسڪيمن جي نالي حاصل ڪيون ويون آهن. ڪراچي جون حدون وڌائي حيدرآباد تائين ڪرڻ جي سازش شروع ٿي چڪي آهي جنهن ۾ ڄامشوري ضلعي جي هڪ ۽ ٺٽي جي ٻن تعلقن کي ڪراچي ۾ شامل ڪيو پيو وڃي. هڪ پاسي ڪراچي جي پنجن ضلعن کي ختم ڪري هڪ ضلعو ناهيو ويو ۽ وڌيڪ ٽي تعلقا هن ۾ شامل ڪيا پيا وڃن. حڪومت جي اها منطق سمجهه کان ٻاهر آهي. اهو فقط ڪراچي ۽ حيدرآباد کي قبائڻ جي سازش آهي. جيڪو ايم ڪيو ايم جو پراڻو پلان هو.

آڪٽوبر 2005ع ۾ گورنر پاران 1972ع جي ايڪٽ کي هڪ پاسي ڪري هڪ آرڊر جاري ڪيو ته يارهين ۽ ٻارهين ۾ غير سنڌي شاگردن لاءِ سنڌي پڙهڻ ضروري نه آهي.




**محمد صلاح الدين حڪيم محمد سعيد مرتضيٰ ڀٽو**

**ڊينئل پرل (صحافي) عبدالله مراد بلوچ مولانا شامزئي**

سنڌ جي سياسي پارٽين، دانشورن ۽ اديبن سخت احتجاج ڪيو. سنڌي اديبن پاران ڪراچي پريس ڪلب تي مظاهرو ڪيو ويو. نيٺ وڏي وزير سخت نوٽيس وٺندي واضع ڪيو ته، ”تعليم کاتي کي گورنر جي چوڻ تي سنڌي ٻولي ايڪٽ ۾ ترميم ڪرڻ جو ڪو اختيار ڪونهي. سنڌ اسيمبليءَ پاران پاس ڪيل سنڌ ٽيچنگ پروموشن اينڊ يوز آف سنڌي لينگويج ايڪٽ 1972ع کي ڪوبه ختم نٿو ڪري سگهي.“ ايم ڪيو ايم پاران ايڪٽ خلاف سخت مخالفت ڪندي گورنر جي آرڊر کي ختم نه ڪرڻ جي گهر ڪئي ويئي. گورنر پاران هن آرڊيننس کي جاري ڪرڻ لاءِ ٻن وزيرن ايم ڪيو ايم جي وزير کي ختم نه ڪرڻ جي گهر ڪئي ويئي. وزير سردار احمد ۽ سنڌ ۾ قوم پرستي جي حوالي سان مشهور تعليم جي وزير حميده کهڙو گورنر هائوس وڃي هُتي ئي هدايتون وٺي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو. پر سنڌ جي وڏي وزير بروقت هن نوٽيفڪيشن کي رد ڪري وقتائتو فيصلو ڪيو.

ايم ڪيو ايم پاران سنڌ اسيمبليءَ مان هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو ته ڪراچي ۾ قائم ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ فقط ڪراچي سان تعلق رکندڙ ۽ ڪراچي جي ڊوميسائيل وارا نوڪري ڪري سگهندا. جنهن جو مطلب ته سنڌ مان ايندڙ بي روزگار نوجوانن لاءِ روزگار جا دروازا بند ڪرڻ

آهي. هن نهراءُ کي حڪمران ڌر جي سنڌي ميمبرن به ووٽ ڏنو. سنڌ ۾ هڪ پاسي ڏڪار واري صورتحال آهي. ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ جتي وڏيون صنعتون ۽ ڪمپنيون آهن ڏڪار جي ڪري سنڌ جي اندروني علائقن مان بيروزگار نوجوانن لاءِ اهو به رستو بند ڪيو ويو. بس نه ڪئي ويئي. ڪراچي يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ اهو فيصلو ڪيو ته ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ شاگردن لاءِ اهو لازم هوندو ته هو ڪراچي مان انٽر جو امتحان پاس ٿيل هجي. جنهن فيصلي سنڌي بلوچستان مان انٽر ڪندڙ شاگردن جا رستا بند ڪيا ويا. هن فيصلي کي به ايم ڪيو ايم جي پنيرائي حاصل رهي. شاگردن جي احتجاج جو ڪو ڪڙتيل نه نڪتو.

اها ڪيڏي نه ڏک جهڙي ڳالهه آهي جو پنهنجو پاڻ کي "سنڌي" به سمجهي، سنڌ جي سياسي قيادت جي دعويٰ به ڪجي پر سنڌ جي اهم قومي ۽ اجتماعي حقن ۽ مسئلن کي اهميت ۽ فوقيت نه ڏجي ۽ سنڌ دشمن فيصلا ڪري انهن جي عمل ڪرائڻ لاءِ احتجاج ڪجي. جاگيردارن، وڏيرن، چوڌرين ۽ ايجنسين خلاف ڳالهائيندڙ قيادت عملي طور تي ‌ رياستي ادارن سان گڏ هجن ۽ انهن سان گڏجي اقتدار جا مزا به ماڻين. اسٽبلشمينٽ جي خلاف محاذ آرائي به ٿيندي رهي ته مراعاتون ملڻ ڪانپوءِ ان محاذ آرائي ۾ ماٺ به ايندي رهي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته لنڊن ۾ رهندي الطاف حسين پنهنجي گرفت به ايم ڪيو ايم تي مضبوط رکي آهي. پنهنجو ووٽ بئنڪ هٿيارن جي زور تي به برقرار رکيو ته اقتدار جا روايتي مزا به ماڻيا آهن. اها به حقيقت آهي ته متحده ڪڏهن به ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي جي ڪنهن به تحريڪ ۾ شرڪت نه ڪئي. ان ڪري متحده جو تنظيمي توڙي سياسي ڪردار تڪراري رهيو آهي. متحده جي قيادت نه ته جمهوري جدوجهد جو حصو بڻجڻ کي ترجيح ڏني، نه ئي بين جمهوريت پسند قوتن جو ساٿ ڏنو.

صدر پرويز مشرف جيڪو به اردو ڳالهائيندڙ آهي، جنرل پرويز مشرف سيني حقيقتن کان آگاهه هوندي به ايم ڪيو ايم تي هٿ رکيو. جاڪاڻ ته سنڌ ۾ حڪومت قائم رکڻ انهن جي مجبوري آهي ۽ ايم ڪيو ايم ان مجبوري جو پورو فائدو ورتو. جتي صدر جنرل پرويز مشرف ايم ڪيو ايم کي اقتدار ۾ پاڳي پائيوار ڪيو. اتي متحده جي قيادت به اسٽبلشمينٽ خلاف ڪوليل سمورا محاذ فوراً بند ڪري ڇڏيا ۽ ائين متحده اسٽبلشمينٽ رومانس سنڌ لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي. ملڪ جي حقيقي جمهوري قوتن، قوم پرست قوتن، خاص ڪري پيپلز پارٽي کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ لساني، نسلي ۽ مذهبي جماعتن جي آبياري ڪئي ويئي. انهن کي چوٽ ڏني ويئي. هن وقت ايم ڪيو ايم حڪمرانن جي بچاءُ لاءِ فرنٽ لين ۾ بيٺل آهي. ايم ڪيو ايم جي سنڌ جي ڳوٺن ۾ داخل ٿيڻ. هتي انهن کي مضبوط ڪرڻ ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ وڏو ڪردار ادا ڪيو. جسقم جو موقف آهي ته هڪ پوائنٽ ايجنڊا سنڌ ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ ايم ڪيو ايم سان اتحاد ڪيو هو. ايم

ڪيو ايم هن اتحاد مان ڀرپور فائدو ورتو ۽ ائين هن سنڌ جي ڀهراڙين جو رخ ڪيو جتي ڏوهارين، مفاد پرستن، حب علي نه پر بغز معاويه ۾ شامل ڏينڌڙ سياسي يتيمن، سٽين پوسٽن ڪي حاصل ڪندڙ ڪرپٽ ڪامورن، ايم ڪيو ايم جي ڇٽي هيٺان پناهه ورتي ۽ انهن مخبري جو به ڪم ڪيو، اجا تائين ڪري رهيا آهن. اهي ايم ڪيو ايم جا ڪارڪن نه پر ڇڙ ڪمدار هجن.

نيٺ 3 فيبروري 2006ع تي سنڌي ماڻهن جي احتجاج تي جسقم ايم ڪيو ايم سان اتحاد ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. پر تيستائين گهڻي دير تي چڪي هئي. جسقم ايستائين جو ڪوڪرو پار موٽاباٿو ٽرين سروس جي جيڪا ايم ڪيو ايم جي ڪري شروع ڪئي ويئي هئي حمايت به ڪئي. گهڻن سنڌي پارٽين ۽ دانشورن جو موقف اهو هو ته هن سان سنڌ ۾ هندستان کان ٻيهر پناهه گير داخل ٿيندا ۽ پوءِ اهو سچ ثابت ٿيو.

ايم ڪيو ايم جي قيادت کي ياد رکڻ گهرجي ته فقط سنڌي ٽوپي پائڻ، اجرڪ اوڍڻ ۽ ڀٽائي جا به شعر پڙهڻ سان ڪو به سنڌي نٿو ٿي سگهي. متحده کي عملي طور تي ان جو ثبوت ڏيڻو پوندو. سيني سنڌ دشمن منصوبن کي رد ڪري جمهوريت پسند ۽ قومپرست ڌرين جو ساٿ ڏيڻو پوندو.

ايم ڪيو ايم ت اهي به الزام آهن ته اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ ايم ڪيو ايم پنهنجي مخالفن کي رستي تان هٽائڻ جو ڪم شروع ڪيو آهي. جنهن ۾ زهير اڪرم نديم، بدر اقبال ۽ هن جا 35 ساٿي جيڪي ايم ڪيو ايم (حقيقي) ۾ شامل هئا ۽ پوءِ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيا. قتل ٿي ويا.

مولانا شامزئي ڪانسواءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي دلير اڳواڻ ۽ ڪراچي جي مسئلن تي اسيمبلي ۾ آواز اٿاريندڙ عبدالله مراد بلوچ ڪي جيڪو پي ايس 127 تان 2002 جي اليڪشن ۾ پي پي پي جي پليٽ فارم تان ڪامياب ٿيو. عبدالله مراد ڪراچي جي ڀهراڙيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي داخل ٿيڻ ۾ وڏي رڪاوٽ هو. ڪراچي ۾ ٿيندڙ ايم ڪيو ايم جي سازشن کي دليري سان وائکو ڪندو رهيو. تنهن ڪري 6 مارچ 2004ع تي هن کي صديق ڳوٺ ملير ۾ گهران نڪرڻ وقت شهيد ڪيو ويو. وارثن جڏهن گورنر سميت ايم ڪيو ايم جي قيادت خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته اها داخل نه ڪئي ويئي. عبدالله مراد بلوچ جي شهادت خلاف ٽئن ڏينهن تائين ڪراچي جا اڪثريتي علائقا بند رهيا. پريس ڪلب ۽ سنڌ اسيمبليءَ سامهون مظاهرا ڪيا ويا. سنڌ اسيمبلي ۾ بحث ڪيو ويو، قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جي گهر ڪئي ويئي پر اجا تائين قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن. سنڌ جي سيني سياسي پارٽين عبدالله مراد جي قتل خلاف احتجاج ڪيو مظاهرا ڪيا.

17 جون 2004ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي هڪ ٻئي دلير اڳواڻ منور سهروردي کي گرومندر وٽ شهيد ڪيو ويو. هن جا قاتل به اجا گرفتار نه ٿي سگهيا آهن.

سال 2005ع ۾ ايم ڪيو ايم ۽ سني تحريڪ جي جهيڙن ۾ سني تحريڪ ۽ خود ايم ڪيو ايم جا ڪيترائي ڪارڪن قتل ٿيا ان ۾ هُن وقت تيزي آئي، جڏهن 11 اپريل 2006ع تي سني تحريڪ پاران 12 ربيع الاول جي ڏينهن نشتر پارڪ ۾ هڪ جلسي جو بندوبست ڪيو ويو. هن جلسي ۾ ان وقت بم ڌماڪو ٿيو، جڏهن سيئي اڳواڻ اسٽيج تي سانجهي جي نماز ادا ڪري رهيا هئا. جنهن ۾ 60 ماڻهو مارجي ويا. سني تحريڪ جي پوري مرڪزي قيادت جنهن ۾ حاجي حنيف بلو، مولانا افتخار قادري، مولانا عباس قادري، مولانا اڪرم قادري ۽ حافظ تقي سميت ٻارنهن مرڪزي اڳواڻ شهيد ٿيا. شهر ۾ سخت ڇڪتاڻ وارو ماحول پيدا ٿيو. پورو شهر ٽي ڏينهن تائين جهيڙن ۽ هڙتالن جي لپيٽ ۾ رهيو. اجا تائين اهو فيصلو نہ ٿي سگهيو آهي تہ اهو آپگهات حملو هو يا بم ڌماڪو. ايم ڪيو ايم ڌماڪي جي 15 منٽ پوءِ هن جو الزام جهادي تنظيمن ۽ خاص طور تي جماعت اسلامي تي هنيو. جڏهن تہ مذهبي پارٽين اهو الزام ايم ڪيو ايم تي هنيو. جنازي جي نماز روڊ تي ادا ڪئي ويئي جنهن ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. چار ڏينهن پورو شهر بند رهيو.

هن واقعي کان فقط ٻہ ڏينهن اڳ سني تحريڪ جي عورتن واري شعبي پاران مسجد فيضان پراڻي سبزي منڊي ويجهو هڪ اجتماع جو بندوبست ٿيل هو. دعا دوران بم جي افواهہ تي ڀاڄ سبب ٻن ٻارن سميت 37 عورتون مارجي ويون. ان ڪانسواءِ هن دوران ماضي ۾ ايم ڪيو ايم خلاف آپريشن ڪلين اپ ۾ حصو وٺندڙ اڪثريتي پوليس آفيسرن کي قتل ڪيو ويو. ماضي ۾ ٻہ ايم ڪيو ايم تي حڪيم محمد سعيد، رئيس امروهوي، عظيم طارق سميت ڪيترن ئي اڳواڻن جي قتل جا الزام لڳايا آهن ۽ ڪارڪنن تي ڪيس بہ داخل ٿيا. سڌي يا اڻ سڌي طرح ايم ڪيو ايم انهن واقعن ۾ ملوث رهي آهي. جنهن جي ڪري ڪراچي جو سياسي ماحول ڏڪارو رهيو. ڪراچي دهشتگردي جي اهڃاڻ طور مشهور ٿي.

سيني اردو ڳالهائيندڙ سنڌين، قوم پرست، ترقي پسند، جمهوريت پسند قوتن کي گهرجي تہ اهي سنڌ ڌرتي لاءِ گڏيل پروگرام طئي ڪن ۽ عملي طور تي گڏجي اهم بنيادي حق لاءِ ويڙهہ ڪن.

2005ع تي شروع ۾ جڏهن بلوچستان تي پنجون فوجي آپريشن شروع ڪيو ويو تہ سنڌ جي ٻين علائقن وانگر ڪراچي سرگرمين جو مرڪز رهيو. پورو سال احتجاج ۽ مظاهرن ۾ گذريو. 2006ع جي شروع ۾ هن ۾ شدت آئي جڏهن پوري بلوچستان مان سياسي ڪارڪنن انهن جي مائٽن، صحافين ۽ اديبن کي گرفتار ڪري غائب ڪيو ويو. گرفتار ۽ غائب ڪيل ڪارڪن جو تعداد چار هزار کن آهي جنهن جو اعتراف حڪومت بہ ڪيو آهي. انهن ڪارڪنن جي اجا تائين ڪا خبر نہ آهي تہ ڪٿي آهن. تنهن ڪري 2006 جنوري کان وٺي ڪو ڏينهن خالي ڪونهي جڏهن ڪراچي ۾ مظاهرا نہ ٿيا هجن ۽ پريس ڪلب ڪراچي سامهون مظاهرا ۽ بک هڙتالون ڪيون ويون جنهن ۾

عورتن جو وڏو انگ بہ شامل هوندو آهي. ان تحريڪ ۾ ان وقت شدت آئي جڏهن 26 آگسٽ 2006ع تي ڪوهلو جي جبلن ۾ نواب اڪبر بگٽي کي هڪ فوجي آپريشن ۾ شهيد ڪيو ويو. پوري ملڪ وانگر ڪراچي ۾ مظاهرا، هڙتالون ڪيون ويون. لياري، ملير ۽ ڪراچي جا سنڌي ۽ بلوچ آبادين وارا علائقا پورو هفتو بند رهيا. انهن هنگامن ڪري ڀٽي جي ڦاهي جي وقت احتجاجن ۽ ايم آر ڊي تحريڪ جي ياد تازي ٿي.

24 مارچ 2006ع تي سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي کي اهو اعزاز حاصل ٿيو هو، جو هتي ورلڊ سوشل فورم جا پروگرام شروع ٿيا. جنهن ۾ دنيا جي 410 وفدن ۽ پاڪستان مان هزارين مظلوم قومن جي نمائندن حصو ورتو. ورلڊ سوشل فورم ۾ نئين دنيا جي ڳالهہ ڪئي وئي. تمام جمهوريت پسند، قوم پرست، وطن پرست ۽ ترقي پسندن شرڪت ڪئي. دنيا جي ماڻهن اڳيان پنهنجا حق نہ ملڻ، حقن جي لتاڙ، انساني حقن جي خلاف ورزي خلاف انوڪا احتجاج ڪري پنهنجو احتجاج ريڪارڊ ڪرايو. انهن احتجاجن ۾ بلوچستان جو مسئلو، ڪشمير جو مسئلو، ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ جي ماهيگيرن جو مسئلو متاثهون رهيا. انهيءَ شهر ڪراچي ۾ 11 مئي 2006ع تي ٺٽو ۽ دادو شگر مل جي پورهيتن تي پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ مظاهرو ڪرڻ تي مردن، عورتن ۽ ٻارن تي تشدد ڪيو ويو انهن کي رڏن ٻڪرين وانگر واڙي ٿاڻن ۾ بند ڪيو ويو. آگسٽ 2006ع ۾ سنڌ جي استادن جڏهن استاد تنظيمن جي پابندي خلاف پريس ڪلب کان وڏي وزير جي آفيس ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪئي تہ معزز ڌنڌي سان واسطو رکندڙ تي ڳوڙها گيس وسايا ويا ۽ شديد لٺ بازي ڪئي ويئي. ايم ڪيو ايم ۽ مسلم ليگ (ق) ڪانسواءِ سيني تنظيمن، سياسي پارٽين حڪومت جي هن عمل خلاف سخت احتجاج ڪيو. استادن جي تحريڪ ۽ پورهيتن جي جدوجهد جي حمايت ڪئي.

9 مارچ 2007ع پاڪستان جي عدالتي ۽ سياسي تاريخ جو اهم ڏينهن آهي جڏهن پاڪستان جي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري کي غير فعال ڪري صدر پاڪستان سپريم جوڊيشنل ڪائونسل ۾ چيف جسٽس خلاف هڪ ريفرنس موڪليو. ٽن ڏينهن تائين چيف جسٽس کي گهر ۾ نظر بند ڪيو ويو. ان جا ٽيليفون ڪٽيا ويا. جڏهن هو ڪيس جي پيشي لاءِ گهران پنڌ سپريم ڪورٽ ڏانهن روانو ٿيو تہ چيف جسٽس آف پاڪستان سان اسلام آباد پوليس ڪنهن چور وارو رويو اختيار ڪيو. هن کي وارن کان جهلي زبردستي گاڏي ۾ ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي. اها ڳالهہ بہ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ظاهر ٿي تہ چيف جسٽس تي استعيفيٰ لاءِ دٻاءُ وڌو ويو. انڪار ڪرڻ تي سخت نتيجن جي ڌمڪي ڏني ويئي. پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي آرمي ڪئمپ گهرايو ويو جتي صدر پرويز مشرف فوجي وردي ۾ ئي چيف جسٽس سان ملاقات ڪئي.

انهيءَ واقعي پاڪستان جي جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند ڌرين جي اها ڳالهہ سچ ثابت ٿي تہ پاڪستان ۾ اصل حڪمران ڪير آهن؟ چيف جسٽس کي غير فعال ڪرڻ ۽ ان سان غلط رويو ڪرڻ تي پاڪستان جا وڪيل روڊن تي نڪري آيا. عدالت جو بائيڪات ڪيو ويو. گهڻن سرڪاري وڪيلن ۽ ججن استعيفائون ڏنيون، انهي احتجاج ۾ مخالف ڌر جا اڳواڻ ۽ پارٽي ڪارڪن بہ وڪيلن سان گڏ آهن. هاڻوڪي پرويز حڪومت خلاف اها سيني کان وڏي ۽ منظم احتجاجي تحريڪ ثابت ٿي رهي آهي. انهي احتجاج جي نتيجي ۾ حڪومت چيف جسٽس لاءِ غير فعال جو لفظ واپس ورتو ۽ ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ فل ڪورٽ بينچ تشڪيل ڏيئي سپريم جو ڊيشنل ڪائونسل مان ڪيس کي فل ڪورٽ بينچ ڏانهن اماڻيو ويو. جڏهن مختلف هاءِ ڪورٽ ۽ ڊسٽرڪٽ بار چيف جسٽس کي خطاب لاءِ دعوتون ڏنيون تہ هر جاءِ تي وڪيلن، ججن، سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن چيف جسٽس جو تاريخي آڌر ڀاءُ ڪيو. اسلام آباد کان پشاور روڊ رستي جو سفر 10 ڪلاڪن ۾ جڏهن تہ اسلام آباد کان لاهور جو سفر 26 ڪلاڪن ۾ طئي ڪيو ويو. هر جاءِ تي هزارين ماڻهن چيف جسٽس جو تاريخي آڌر ڀاءُ ڪري اهو ثابت ڪيو تہ عوام موجوده حڪومت ۽ ان جي پاليسين کان بيزار آهن. جيڪو ڪم گذريل اٺن سالن ۾ سياسي پارٽيون نہ ڪري سگهيون اهو ڪم وڪيلن ڪري ڏيکاريو. هر جاءِ تي چيف جسٽس جي پهچڻ تي امن امان جو ڪو مسئلو پيدا نہ ٿيو ۽ گلاس بہ نہ ٽٽو. جڏهن 12 مئي 2007ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ چيف جسٽس کي گولڊن جوبلي تقريب کي خطاب ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي هئي تہ سنڌ حڪومت ۾ شامل مضبوط ڌر متحده قومي موومينٽ چيف جسٽس جي اچڻ خلاف ريلي جو اعلان ڪري ٽڪراءُ واري پوزيشن پيدا ڪئي. حڪومت ۾ هوندي سيني ڌرين متحده کي ريلي ملتوي ڪرڻ جي اپيل ڪئي، پر ايم ڪيو ايم جا اراده ڪي ٻيا هئا. مخالف ڌر جي سيني پارٽين چيف جسٽس جي استقبال جو اعلان ڪيو. 12 مئي 2007ع جي صبح جوئي پوري شاهراه فيصل جتان چيف جسٽس کي ملير ڪورٽ قائداعظم جي مزار ۾، سٽي ڪورٽ ۽ پوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچڻو هو اهي سيئي رستا ڪنٽينر ڏيئي بلاڪ ڪيا ويا. هاءِ ڪورٽ ڏانهن ويندڙ سيئي رستا بند ڪيا ويا. رات جو ئي شهر جون حالتون خراب ٿيڻ شروع ٿي ويون ۽ جڏهن ماڊل ڪالوني ۾ استقبالي پوسٽر لڳائڻ تي مسلم ليگ (ن) جي ٻن ڪارڪنن کي قتل ڪيو ويو. 12 مئي صبح جو ئي لانڍي ۾ سني تحريڪ جي ڪارڪن کي جيڪو بہ استقبال جي تيارين ۾ هو قتل ڪيو ويو. ملير بار جي صدر کي ڪورٽ ويندي تشدد جو نشانو بنايو ويو. ايم ڪيو ايم جي ريلي جو هنڌ قائداعظم جي مزار کان تبت سينٽر هو جتي صبح جوئي هزارين ماڻهو پهچي ويا. ٻئي پاسي جڏهن چيف جسٽس 12 وڳي ڪراچي ايئرپورٽ پهتو تہ ان کي ٻاهر نڪرڻ کان روڪيو ويو. ايئر پورٽ کي

رينجرز جي حوالي ڪيو ويو. شاهراهه فيصل مڪمل بند هجڻ ڪري مخالف سياسي پارٽين جا جلوس به مختلف هنڌن تي ڦاسي پيا. وڪيل هاءِ ڪورٽ ۽ ايئر پورٽ تائين پهچي نه سگهيا. شهر ۾ ڪٿي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا موجود نه هئا. پوري شهر کي ايم ڪيو ايم جي هٿياربندن جي حوالي ڪيو ويو. COD پل، بلوچ ڪالوني پل، ناٿا خان پل ۽ ملير هالٽ تي ايئر پورٽ ڏانهن چيف جسٽس جي آدر ڀاءُ لاءِ ايندڙ رستي بلاڪ ڪري ڦاسي پيا ته انهن تي فائرنگ شروع ڪئي وئي. رات تائين 36 ماڻهو مارجي ويا. تبت سينٽر تي ايم ڪيو ايم جو جلسو ڪاميابي سان ٿي ويو. پر ٻئي پاسي ڪنهن به جلوس کي نڪرڻ جي اجازت نه هئي جلوس ڪڍڻ جي صورت ۾ سڌي فائرنگ وسيلي انهن کي روڪيو ويو. آج ٽي وي جي آفيس تي ڇهه ڪلاڪ فائرنگ جاري رهي پر حفاظت لاءِ ڪو به نه پهتو. ٻئي ڏينهن جيڪي فوٽو ۽ فلم آج وارن جاري ڪيا ان ۾ ايم ڪيو ايم جي جهنڊن ۽ سرڪاري نمبر پليٽ وارين گاڏين مان فائرنگ ٿيندي ڏيکاريو ويو. ايم ڪيو ايم الزام مخالف ذر ۽ چيف جسٽس تي لڳايو. جڏهن ته ٻه ڏينهن پوري پاڪستان ۾ ايم ڪيو ايم خلاف ڪامياب هڙتال ڪري عوام اهو ثابت ڪيو ته ڪراچي جي واقعن ۾ ايم ڪيو ايم ملوث آهي. ٻئي ڏينهن رد عمل ۾ ڇهه وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا. ڪراچي کي رينجرز جي حوالي ڪيو ويو. 25 ماڻهو پختونن جا ماريا ويا. جن ۾ گهڻائي عوامي نيشنل پارٽي جي ڪارڪنن جي هئي. ان واقعي ڪانپوءِ پوري پاڪستان ۾ ايم ڪيو ايم جا دفتر بند ٿي ويا. گهڻا ماڻهو ايم ڪيو ايم ڇڏي ويا. تحريڪ انصاف جي اڳواڻ عمران خان 12 مئي جي واقعن ڪانپوءِ الطاف حسين کي دهشتگرد قرار ڏيڻ لاءِ لنڊن وجي ڪيس داخل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته ڪراچي جي شهرين ٻهريون پيرو شهر جي ديوارن تي عمران خان خلاف غليظ گاريون چاڪنگ ٿيل ڏٺيون، اها چاڪنگ ايم ڪيو ايم ڪرائي هئي. سخت تنقيد ڪري ٻن ڏينهن ڪانپوءِ لنڊن مان چاڪنگ متائڻ جو حڪم ڏنو ويو. 12 مئي جي واقعن ايم ڪيو ايم کي ٻيهر 1986ع واري پوزيشن ۾ آڻي بيهاري ڇڏيو. ٻهريون پيرو مختلف چينلن ۽ اخبارن ۾ الطاف حسين ۽ ايم ڪيو ايم قيادت خلاف صحافين سياسي اڳواڻن ۽ تجزيه نگارن سخت موقف اختيار ڪيو ۽ ايم ڪيو ايم کي دفاعي پوزيشن ۾ آڻي بيهاريو. عمران خان لنڊن وجي الطاف ڪيس داخل ڪرڻ جو رستو هموار ڪري رهيو آهي. ڪراچي جي شهرين کي 12 مئي جي واقعي جي ڏک جا پاڇا ۽ رستن تي وهندڙ بيگناهه ماڻهن جو خون ڪڏهن به نه وسري سگهندو. سنڌ سميت پوري پاڪستان ۾ 12 مئي جي واقعي ڪانپوءِ ايم ڪيو ايم تي ڪاوڙ جاري آهي. اهڙي موقعي تي سنڌ جي هڪ قوم پرست ڏڙي جسقم جي اڳواڻن عبدالواحد آريسر جي اڳواڻي ۾ 90 زيرو پهچي ايم ڪيو ايم سان اظهار يڪجهتي ڪيو.

جسقم جي ٻن ڌرين ۾ ورهائجي وڃڻ ڪانپوءِ هڪ ڌڙي جي اڳواڻي عبدالواحد آريسر ڪري رهيو آهي ۽ ٻئي ڌڙي جو اڳواڻ بشير قريشي آهي آريسر پاران بشير قريشي تي پيتا خوري، لينڊ مافيا ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪرائڻ جا الزام لڳايا پيا وڃن. انهن سيني الزامن کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ بشير 18 مارچ 2007ع کان سکر کان پيغام سنڌ مارچ شروع ڪيو. 26 ڏينهن ڪانپوءِ پيادل مارچ 12 اپريل 2007ع تي مارچ جي پڄاڻي تي پريس ڪلب ڪراچي ۾ جلسو ڪيو ويو. ڪراچي شهري حدن ۾ داخل ٿيڻ تي شاهراهه فيصل، گورا قبرستان ۽ ٻين هنڌن تي هزارين ماڻهن مارچ جو استقبال ڪيو. ڪراچي ۾ مير عالم مري، ڊاڪٽر دودي مهيري، امير پنهيري، گلزار سومري ۽ سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ذوالفقار سيال به شرڪت ڪئي.

ڪراچي تي اهي ڏکيا ڏينهن گذريل 60 سالن کان آبادي ۾ تباهي مچائيندڙ واڌ جي ڪري ٿي آهي. ڪراچي جا ساحل جيڪي هميشه پرڏيهين جي تانگهه جو سبب رهيا آهن. اتي ورهاڱي ڪانپوءِ پناهگيرن جون لوڏيون اينديون رهيون ڪڏهن هندستان مان اسلامي جذبي ۽ نظريه پاڪستان تحت، ڪڏهن افغانستان مان افغان انقلاب مخالفن ۾ افغان پاچوڪڙن جي لوڏ، بنگلاديش ۾ رهندڙ بهارين ۽ روزگار لاءِ ايندڙ بنگالين جي لوڏ، پناڻن، پنجابين، سرائيڪين، هندستانين، ايرانين، برمين جون روزگار ۽ لڏپلاڻ ڪري اهي لوڏون ايندڙيون رهيون آهن. سنڌ جي گادي جي هنڌ جو اهو مانو ساموندي بندرگاهه پنهنجي سڃاڻپ کي تبديل ڪري ڇڏيو. جنهن نوجوانن جي خوابن واري سنڌ جي رنگ ۽ روپ سان گڏ سياسي ۽ سماجي ڍنگ کي تبديل ڪري ڇڏيو. هي شهر نه فقط پاڪستان جي غير زرعي معيشيت ۾ مک ڪيڏاري رهيو ۽ اهو ئي هن شهر جي بربادي جو سبب به بڻي. پناهه گيرن جون لوڏيون ڇهن مرحلن ۾ ايندڙيون رهيون ۽ هي شهر وڌندو ويو آبادي ۾ واڌارو ايندو ويو جنهن هن شهر جي تاجي پيٽي کي متاثر ڪيو. سنڌ سميت پاڪستان تي ان جا اثر پيا. انهن لوڌن ڪراچي جي ڇئن صدين جي ڪلچر کي ڌڪ پهچايو. اتي ٻين ملڪن جي ميگا سٽيز جي پيٽ ۾ وڌيڪ تشدد واري لهر ڏني ويئي. هتي تشدد جي لهر هتي رهندڙ مقامي ماڻهن سان گڏ پرڏيهي سيڙپ ڪارن کي به متاثر ڪيو. هن شهر جو ساک اڄ به داءُ تي لڳل آهي. هي اهو شهر آهي جتي وال اسٽريٽ جهڙي مشهور اخبار جي عيوضي ڊيئنل پرل جو سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو. ان کان پهرئين دهشتگردن تڪبير رسالي جي ايڊيٽر محمد صلاح الدين کي نيوچالي جي علائقي نامڪو سينٽر بلڊنگ جي مين گيٽ وٽ گوليون هڻي بيدردي سان ماري ڇڏيو. ان جو ڏوهه اهو هو ته دهشتگرد تنظيم ”ايم ڪيو ايم“ خلاف لکندو هو. جنهن جو الزام انتها پسند اسلامي گروپن تي هنيو ويو. ڪراچي ڪاربم ڌماڪن، مسجدن ۾ آپگهاتي حملن، سياسي ڪارڪن جي قتل جا منظر ڏٺا آهن. انهيءَ شهر ڪراچي ۾ نيوي جي مدد لاءِ آيل

فرانسيسي انجنيئر ماريا ويا. صدر جنرل مشرف تي قاتلاڻي حملي هن شهر جي زندگي کي وڏيڪ متاثر ڪيو. هي اهو شهر آهي جنهن جي سيني تي آپگهات بمبارن حملا ڪيا، ڪار بم ڌماڪا ٿيا، پرڏيهي اغوا ڪيا ويا. اهم شخصيتن کي قتل ڪيو ويو. هٿوڙا گروپ ۽ ٻوري بند لاشن هن شهر کي ڪيترا ڏنپ ڏنا.

هتي تشدد جاگس کي اٽجاتل ناهن. هتي وڏي پئماني تي تشدد کي هٿي ڏني وئي. جنهن جي ڪري ڪراچي ۾ انوکي نوعيت جون تبديليون آيون. جنهن هتان جي سياست، سماج ۽ معيشيت کي تباهه ڪيو. سياست ڪانسواءِ ڪراچي کي مختلف مافيائن جي حوالي ڪيو ويو. پاڻي جي ورهاست واري مافيا يا لينڊ مافيا، ريتي بجري مافيا، ٻتا خور مافيا، ڪچي آبادين واري مافيا، هيروئن مافيا، هٿياربند مافيا، ۽ جديد لساني مافيا ۽ ايجنسين واري مافيا شامل آهن. هي شهر انڊر ورلڊ جي نئين دنيا جي ور چڙهي رهيو آهي. اڳتي هن شهر جي سياست جا فيصلا انڊر ورلڊ جي مختلف ڌانن جي حوالي هوندا.

# سنڌو هوندي پياسا ماڻهو

دنيا جي قديم تهذيبن جو جنم اتي ٿيو جتي پاڻي موجود هوندو هو. پاڻي انساني ضرورتن ۾ سڀ کان اهم ضرورت آهي. انهيءَ پاڻي جي ڳولا ۾ انسان سفري زندگي (رولو زندگي) شروع ڪئي ۽ آهستي آهستي سفري زندگيءَ جو خاتمو ٿيندو ويو. دريائن، ندين ۽ نئين ۾ پاڻي موجود هئڻ ڪري انسانن انهن جي ڪنارن تي پنهنجيون وسنديون قائم ڪيون ۽ اهڙي طرح دنيا جي قديم تهذيبن جنم ورتو. انهن دريائن ۽ ندين جي ڪنارن تي رهڻ ڪانپوءِ ماڻهن زراعت شروع ڪئي. مالوند ماڻهو هئا. ندين جي ڪناري چراگاهه هئڻ ڪري مال لاءِ به چارو جام هوندو هو. ڇاڪاڻ ته انهن ماڻهن جو گذر بسر ڪير ۽ زراعت تي هو، انهن ٻنهي لاءِ پاڻي اهم آهي.

لياري، ملير، ٿڏو، سڪڻ، ڪديجي، اورنگي ۽ ٻاڪراڻ نئين جي ڪناري اڄ به پراڻين تهذيبن جا آثار موجود آهن اهي آثار انهيءَ ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿا انهن نئين ۾ پورو سال پاڻي موجود هوندو هو ۽ انهيءَ مٺي پاڻي ماڻهن کي انهن جي ڪناري تي رهڻ تي مجبور ڪيو ۽ ائين انهن ندين جي ڪناري آباديون قائم ٿيون. اڄ به ملير، ٿڏو، سڪڻ ۽ ٻين ندين جي ڪناري ڳوٺ موجود آهن ۽ انهن جي ڪناري زراعت به ڪئي ويندي آهي.

ورهاڱي وقت به لياري نئين جي ڪناري حسن لشڪري ڳوٺ، ساهو باغ، لالو جي کيٽن، گوليمار ۽ گلشن اقبال وارن علائقن ۾ خوبصورت باغ هوندا هئا ۽ اٺ گاڏين جون قطارون سبزي کڻي لي مارڪيٽ واري سبزي مارڪيٽ وينديون هيون. پاڻي جهڙي بنيادي چيز ڪانسواءِ ترقي به پنهنجي جاءِ تي پر زندگي به ڏکي آهي.

ڪراچي جي مٺي در وارو علائقو جيڪو لياري ندي جي ڪپ تي آهي. لياري ۾ مٺي پاڻي جي وهڻ ڪري انهيءَ در جو نالو (ڪراچي ڪوٽ جي در جو نالو مٺو در هو.) لياري نئين جي آس پاس پيئڻ جي پاڻي ۽ زراعت لاءِ مٺي پاڻي جا کوهه هوندا هئا. سڪندراعظم جي دور کان وٺي تاريخ ۾ هتان جي زراعت ۽ پيئڻ جي پاڻي لاءِ کوهن جو ذڪر ملي ٿو. ڪراچي سان گڏ ڪراچي جي پاڻي جي تاريخ به اوترئي پراڻي آهي. ڪراچي شهر لاءِ پيئڻ جي پاڻي حاصل ڪرڻ جي تاريخ هن شهر جي ارتقا جيترئي پراڻي آهي. ويجهي تاريخ ۾ خاص ڪري ميرن جي دور ۾ ڪيترن غير ملڪي سياحن ڪراچي جو دورو ڪيو. انهن سياحن پنهنجن سفرنامن ۾ لياري جي ڪناري باغن ۽ کوهن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي.

مسٽر آءِ. اين. ايلن لکيو آهي ته ”ڪراچي جي پهرئين جهلڪ انتهائي غير دلڪش آهي پر خشڪ لياري ندي جي ڪناري هڪ پٽيءَ ۾ باغ موجود آهن. ان پوري خطي ۾ بس هڪ اهو ئي علائقو اکين کي فرحت بخشي ٿو.“

ڪئپٽن هارٽ 1838ع ۾ لکي ٿو ته ”هي شهر 30 ڪان 35 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. پيئڻ جو پاڻي ليارِي نديءَ پاسي زراعت لاءِ کوٽيل کوهن مان حاصل ڪيو وڃي ٿو. هتي پاڻيءَ جي هڪ مشق هڪ ڏوڪڙ ۾ ملي ٿي.“

انهن سفر نامن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته ان وقت ڪراچي جا ماڻهو پيئڻ جو پاڻي لياري نديءَ مان حاصل ڪندا هئا. لياري نديءَ ۾ ان وقت ريتي موجود هئڻ ڪري پاڻيءَ جا ذخيرا جام هوندا هئا.

انگريزن جي قبضي وقت لياري نئين جي ڪناري پيئڻ جي پاڻي ۽ زراعت لاءِ استعمال ٿيندڙ کوهن ڪانسواءِ شهر ۾ 10 کوهه موجود هئا. جنهن جو پاڻي پيئڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. 1930ع تائين ڪراچي ۾ اچ وڃ لاءِ اٺ گاڏين، گهوڙي گاڏين، ڳڌهه گاڏين ۽ ڏڳي گاڏين وسيلي هوندو هو. جانور جي پيئڻ جي پاڻي لاءِ سرهندي وارن ماڻهن شهر ۾ مختلف هنڌن تي پاڻي جا خوبصورت پٿرن ۽ چٽسالي وارن ٺائيلن جا تلاءُ (حوض) ٺهرايا هئا. جن مان جانورن ڪانسواءِ ماڻهو به پيئڻ لاءِ پاڻي حاصل ڪندا هئا. گهڻو ڪري اهي تلاءُ (حوض) مارڪيٽن، ريلوي اسٽيشن، بندرگاهه، گهمڻ ڦرڻ وارن جاين ۽ مرڪزي رستن جي ڪناري، درگاهن ۽ مندرن ويجهو هوندا هئا. انهن جي اڏاوت ۾ گهڻو ڪري گسري ۽ جنگشاهي جو پٿر استعمال ڪيو ويو آهي. انهن مان گهڻا مشهور ماڻهن جي ياد ۾ جوڙيا ويا هئا. گرومندر لڳ تلاءُ (حوض) بهرام ايدل جي 1893ع ۾ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي ياد ۾ اڏيو هو. ڪجهه وقت اڳ هي موجود هو. هن سماج سڌارڪ پاران ايدلجي ڊنشا ڊسپينسري صدر جي پويان هڪ تلاءُ (حوض) تعمير ڪيو ويو هو. بوهرا پير وارو تلاءُ (حوض) 1934ع ۾ نسرانجي جي خدمتن جي بدلي ۾ نسروانجي ڪمپني اڏيو هو. نانڪ واڙي باغ ۾ تلاءُ ڊمب اينيمل فنڊ ۽ سولجر بازار وارو جانورن واري بچاءُ جي هڪ تنظيم ٺهرايو هو. مشن روڊ تي ختم ٿيل قسمت سينيما جي ويجهو هڪ تلاءُ 1927ع ۾ ديوان ڏيارام مير چنداڻي جي ياد ۾ ان جي گهر واري جوڙايو هو.

هڪ تلاءُ رتن تلاءُ هو جنهن جي ڪري اڄ به هي علائقو انهيءَ نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. اچل سنگهه آڏواڻي پارڪ ويجهو به هڪ تلاءُ هن ڪي لهڻ لاءِ 128 ڏاڪا ۽ به دروازا هوندا هئا. عيدگاهه ويجهو موليڏنو مسافر خاني لڳ حاجي مير محمد بلوچ پارڪ جي جاءِ تي هڪ تلاءُ هوندو هو. رام باغ واري علائقي ۾ رام تلاءُ به هوندو هو. جنهن ۾ پهرئين هتان وهندڙ، چشمي جو پاڻي گڏ ڪيو ويندو هو. ڪسٽم هائوس ويجهو پهلاج راءِ روپ چند تلاءُ انتهائي خوبصورت هوندو هو. نيٽي جيٽي ويجهو نارائڻ مندر تلاءُ به خوبصورت اڏاوت سان هو. ڪوڙي باغيچي وارو تلاءُ جنهن جي مٿان خوبصورت پٿر جي ڇٽي ۽ چار ٿنيا هوندا هئا. ليمارڪيٽ جي بس اسٽاپ لڳ به تلاءُ هوندو هو.

هي سيئي تلاءُ هاڻي ختم ٿي چڪا آهن. ماڻهن انهن تي قبضو ڪري دوڪان، ليٽرين ۽ ڪباڙي ۽ ڪوڪن رکڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. ڪراچي جي منفرد تاريخ ۽ خوبصورت اڏاوت اسان هٿ وٺي برباد ڪئي.

منهوڙي تي درياهه شاهه جو قديم مندر آهي. هتي ٻه هڪ کوهه هوندو هو جنهن جو پاڻي مٺو هوندو هو ڪلفٽن جي پاتال رتنيشور مهاديو شيو مندر جيڪو سمنڊ جي سطح کان 20 فٽ هيٺ آهي هتي ٻه هڪ مٺي پاڻي جو چشمو آهي. جيڪو مندر جي ضرورت کي پورو ڪري ٿو.

انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ ڪراچي هڪ ڇانوڻي ۾ تبديل ٿي ويئي. پنج هزار فوجي هتي رهندا هئا ۽ آبادي وڌڻ ڪري هتي قائم کوهن ۽ چشمن جو پاڻي پورو نه پئجي سگهيو ته انگريز سرڪار ڪراچي جي پيئڻ جي پاڻي لاءِ ڪوششون ورتيون. 1852ع جڏهن ميونسپل ڪميشن جو وجود عمل ۾ آيو ته انهيءَ سال شهر کي پيئڻ جي پاڻي سپلائي لاءِ پنج نوان کوهه کوٽايا ويا. پهرئين موجود 10 ڏهن کوهن کي ٻه ميونسپلٽي پنهنجي تحويل ۾ ورتو. اهي کوهه گهٽو ڪري سرهندي وارن ماڻهن پاران کوٽايل هئا. سرهندي وارن ماڻهن پاران وقفي وقفي سان کوهه کوٽيا ويندا هئا ته جيئن پاڻي جي مسئلي کي منهن ڏيئي سگهجي. ميونسپلٽي پاران انهن کوهن مان ٻن کوهن مان پائيپ لائين وڇائي ڪسٽم هائوس تائين پاڻي پهچايو ويو. ميونسپل ڪميشن شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ لاءِ مسٽر جگن ناٿ کي ان جو انچارج مقرر ڪيو. انهيءَ زماني ۾ 800 رپين جي خرچ سان ڇانوڻي جي علائقي ۾ ٻهريون کوهه کوٽيو ويو. جنهن جو اڌ خرچ ميونسپل ڪميشن برداشت ڪيو. 1854ع ۾ شهر ۾ پنج وڌيڪ کوهه کوٽيا ويا. ته جيئن پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو حل ٿي سگهي. جن ۾ هڪ چنيسر ڳوٺ ۽ ٻه ريڙهي مياڻ ڳوٺ ۾ کوٽيا ويا ته جيئن پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو حل ٿي سگهي. ريڙهي ۾ انهن کوهن جا نشان 2005ع تائين موجود هئا. اهڙي طرح 1854ع تائين شهر ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جي کوهن جو ڳاڻيٽو 20 هو.

1856ع ۾ مسٽر برٽن جي اسڪيم تحت لياري ندي جي ڪناري کوهن مان ميونسپلٽي پنهنجي ٽيڪس ڏيندڙ جي گهرن تائين پائيپ لائين وسيلي پاڻي پهچائڻ جو انتظام ڪيو هو. رام باغ جي کوهن مان بندرگاهه تي پائيپ لائين وسيلي پاڻي پهچايو ويو. پائيپ لائين جي وڇائڻ کان اڳ کوهن مان بيرلن وسيلي بندرگاهه تي پاڻي پهچايو ويندو هو.

لياري ندي جي پاڻي کي انگريز فوجين پيئڻ کان انڪار ڪيو ته حڪومت کي مجبوراً ڳري خرچ تي ڪوٽڙي مان سنڌو درياهه جو پاڻي گڏهن ۽ اٺن تي ڪاٺ جي بيرلن وسيلي ڪراچي ڇانوڻي ۾ پهچائڻ جو بندوبست ڪيو.

1857ع ۾ ملير کان ڪياماڙي تائين پاڻي پهچائڻ جو هڪ منصوبو بنايو ويو. جنهن موجب 18 انچ قطر جي چيني مٽي جي پائيپ جي ضرورت هئي. جنهن تي هڪ فرانسيسي انجنيئر مسٽر موسيوهيقل کي هتي مقامي سطح تي پائيپن ناهڻ جو ٺيڪو، ٽيهن هزار روپين ۾ ڏنو ويو. اها فيڪٽري پائيپن جي فراهمي ۾ ناڪام ٿي بند ٿي ويئي ۽ جنهن جي ڪري منصوبي تي ڪم شروع نہ ٿي سگهيو.

ڪراچيءَ لاءِ انگريزن پاڻيءَ جي پهرئين باقاعده اسڪيم (کوهن ڪانسواءِ) ٻارنهن هزار رپين جي خرچ سان 1859ع ۾ لياري نديءَ مان گيلري سسٽم سان شروع ڪئي. لياري واري اسڪيم جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ حڪومت کي هڪ رپورٽ ۾ اها سفارش ڪئي ويئي تہ ”لياري نئين جي مٽي پاڻي جي ذخيرن کي بچائڻ لاءِ ضروري آهي تہ لياري نئين جي ريتي کي سمنڊ ۾ ڪرڻ کان روڪيو وڃي.“ ريتي جر جي پاڻي کي برقرار رکڻ ۽ ان جي واڌاري لاءِ انتهائي ضروري آهي. هن پاسي اسان توجهہ نہ ڏنو تہ لياري مان ريتي بجري ختم ٿي ويئي تہ آس پاس جا کوهہ سکي ويا، پيئڻ جو پاڻي ۽ زراعت جو پاڻي ختم ٿي ويو. اهو حشر ملير ۽ حب جو بہ ٿيو ۽ هاڻي باقي بچيل علائقن مان ريتي بجري ڪٽي انهن علائقن کي ويران ڪيو پيو وڃي.

ميونسپل ڪميشن شهر کي گهر گهر پاڻي پهچائڻ لاءِ بہ پاڻي پهچائڻ واريون ڪمپنيون بہ مقرر ڪيون هيون. انهن ڪمپنين جا نالا (1) ڪيمپ واٽر ڪمپني (Camp water Co) ۽ (2) وار وڪ واٽر ڪمپني (War wich water Co) هئا. انهن ڪمپنين جا ماڻهو ڏڳن گاڏين ۽ انن تي پاڻي جون وڏيون مشڪون ڪٽي شهر کي پاڻي پهچائيندا هئا. گهٽن علائقن ۾ تلاءُ بہ ناهيا ويا جن ۾ اهو پاڻي ذخيرو ڪيو ويندو هو جتان پوءِ شهري ضرورت آهر پاڻي حاصل ڪندا هئا.

1860- 65ع تائين ڪراچي واسين لاءِ پاڻي جو دارومدار ڪراچي ۾ قائم کوهن ۽ لياري ندي جي پاڻي تي هو. وڏن ماڻهن پنهنجي گهرن جي اڱڻ ۾ کوهہ کوٽي انهن جو پاڻي استعمال ڪندا هئا. بهشتي (پخالي) پيئڻ لاءِ پاڻي لياري ندي مان مشڪن وسيلي پري شهر ۾ اچي وڪڻندا هئا. پاڻي جي هڪ مشڪ لياري ندي جي ويجهي وارن لاءِ هڪ ڪان بہ پائي ۾ هوندي هئي. بندرگاهہ جي علائقي ۾ پاڻي جي هڪ مشڪ بہ آنا هوندي هئي ۽ صدر جي علائقي ۾ هڪ آنو في مشڪ جي حساب سان پاڻي وڪرو ٿيندو هو. مني در، کاري در ۽ لي مارڪيٽ ۾ اڄ بہ بهشتي (پخالي) مشڪن وسيلي پاڻي سپلاءِ ڪري رهيا آهن.

1865ع ۾ شهر ۾ پاڻي جي اڻاٺ ڪري ميونسپل ڪميشن هڪ نهراءُ وسيلي حڪومت کان گهر ڪئي تہ ميونسپل کي قرض ڏيڻ مهيا ڪيو وڃي تہ جيئن سنڌو درياهہ ۾ هڪ نهر ڪڍي پاڻي کي ڪراچي تائين آڻي سگهجي. حڪومت قرض ڏيڻ کان انڪار ڪيو. انڪار ڪانپوءِ ميونسپل

ملير ندي جي ڪناري کوهن لاءِ سروي شروع ڪئي، پر هن اسڪيم لاءِ به وڏي رقم جي ضرورت هئي. لاچار ميونسپلٽي ڪميشن واپارين کي قرض لاءِ اپيل ڪئي. جنهن تي واپارين ٽرانزٽ ڊيوٽي ختم ڪرڻ جي گهر ڪئي. ميونسپلٽي جي آمدني جو 80% سيڪڙو ٽرانزٽ ڊيوٽي مان حاصل ٿيندو هو. جنهن تي ميونسپلٽي اها شرط قبول نه ڪئي. 1865ع کان 1868ع تائين واپارين ۽ ميونسپلٽي جي وچ ۾ ڳالهيون ٿينديون رهيون. واپاري پنهنجي شرط تي بيٺا رهيا ۽ ميونسپلٽي پنهنجي ضد تي قائم رهي.

1854ع کان 1867ع تائين مختلف ماهرن پاران شهر ۽ بندر کي پيئڻ جي پاڻي لاءِ جيڪي تجويزون ڏنيون. ميونسپلٽي 1868ع ۾ بيهر انهن جو جائز ورتو. انهن ماهرن جيڪي اسڪيمون پيش ڪيون انهن جو تفصيل هيٺين ريت هو.

1. ڪيپٽن بيڪر: ملير ندي مان 13 ميلن (ميمڻ ڳوٺ ۽ جام ڳوٺ لڳ) کان پاڻي حاصل ڪرڻ جو منصوبو پيش ڪيو جنهن تي خرچ جو ڪاٿو هڪ لک 86 هزار 760 لڳايو ويو هو. جنهن مان 32170 گيلن روزانو پاڻي شهر کي مهيا ڪيو ويندو ۽ اهڙي طرح هڪ ماڻهو روزانو چار گيلن پاڻي استعمال ڪري سگهندو.

2. مسٽر هال: به ساڳي اسڪيم گهٽ خرچ ۽ وڌيڪ پاڻي حاصل ڪرڻ واري پيش ڪئي. جنهن موجب خرچ جو ڪاٿو هڪ لک 10 هزار 803 رپيا لڳايو ويو. جنهن مان چار هزار گيلن پاڻي روزانو حاصل ڪيو ويندو ۽ اهڙي طرح هڪ ماڻهو پنج گيلن پاڻي استعمال ڪري سگهندو.

3. مسٽر ڊيلسلي: به اسڪيمون پيش ڪيون جيڪي ملير ندي جي ڊملوٽي واري جاءِ کان، شهر کان 16 ميل پري تائين پاڻي مهيا ڪرڻ بابت هيون. هڪ اسڪيم تي 327000 ۽ ٻئي اسڪيم تي ڏهه لک رپيا خرچ جو ڪاٿو لڳايو ويو هو. انهن ٻنهي اسڪيمن مان ڪراچي شهر کي 12 لک 15 هزار گيلن روزانو پاڻي ملي سگهندو.

4. مسٽر برٽن: به ملير ڊملوٽي مان شهر کان 23 ميل پري پاڻي کڻي اچڻ جو منصوبو پيش ڪيو جنهن تي خرچ جو ڪاٿو 20 لک رپيا لڳايو ويو هو، جنهن مان 20 لک 52 هزار گيلن روزانو پاڻي شهر کي ملي سگهندو.

5. مسٽر فائف: ملير ندي جي شهر کان 10 ميلن تي پاڻي لاءِ اسڪيمن جو منصوبو پيش ڪيو جنهن تي خرچ جو ڪاٿو 32400 هزار لڳايو ويو هو. جنهن مان ڇهه لک گيلن پاڻي روزانو شهر کي ملي سگهندو.

6. جناب مراد خان: به اسڪيمون پيش ڪيون. مراد خان دراني جي منصوبي ۾ هڪ حب ندي تي شهر کان 19 ميلن ۽ ٻيو شهر کان 10 ميلن تائين جاءِ تي هو. جنهن ۾ پهرئين اسڪيم تي 10 لک

31 هزار خرچ جو ڪاٿو لڳايو هو جنهن مان 23 لک گيلن پاڻي روزانو شهر کي مهيا ڪيو ويندو. ٻئي منصوبي تي سورنهن لک خرچ جو ڪاٿو لڳايو ويو هو.

7. مسٽر نيو نهم: 100 ميل پري سنڌو درياهه مان لوهه جي پائيپ وسيلي ڪراچي شهر کي پيئڻ جي پاڻي جو منصوبو پيش ڪيو هو. جنهن تي خرچ جو ڪاٿو 90 لک روپيا لڳايو ويو هو.

انهن سڀني اسڪيمن ۾ مسٽر برٽن ۽ مسٽر مراد خان جون پيش ڪيل اسڪيمون عمل جوڳيون قرار ڏنيون ويون. اهڙي نموني ڪراچي کي جديد طريقي سان پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ ملير ندي لڳ ڊملوٽي جي علائقي ۾ 21 اپريل 1883ع ۾ پهرئين کوهه جو افتتاح ڪيو ويو. هن منصوبي لاءِ 18 فيبروري 1880ع تي بمبئي جي گورنر مسٽر رچرڊ ٽيمپل پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ ويهه لک گيلن جي گنجائش رکندڙ پاڻي جي حوض جي پيڙهه جو پٿر رکيو ۽ 21 اپريل 1883ع تي هن جي اڏاوت مڪمل ٿي، جنهن جو افتتاح جوڊيشنل ڪمشنر سنڌ مسٽر برڊ ووڊ ڪيو.

ڊملوٽي جي پهرئين کوهه جي افتتاح کان وٺي مختلف وقت ۾ ملير انسپڪشن بنگلو کان وٺي هاٽوڪي نهيل لنڪ روڊ جي پار ملير ندي ڪناري ڪل 12 کوهه کوٽيا ويا. جتان پائيپ لائين ۽ بعد ۾ لوهه جي پائيپن وسيلي ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪيو ويندو هو. انهن سڀني کوهن کي پڪين سرن سان پڪو ڪيو ويو آهي. وڏن ڊيزل انجڻن وسيلي انهن جو پاڻي ٻاهر ڪڍيو ويندو هو. ڊيزل انجڻيون هڪ وڏي ڪمري ۾ بند هونديون هيون. انهن تي انتهائي خوبصورت اڏاوت سان ڪمرو ناهيو ويو آهي. جيڪا اڄ به من کي موهي ٿي. حالانڪ ورهاڱي کانپوءِ انهن جي سار سنڀال نٿي لڌي وڃي. کوهن جي مٿان سنهي جاري ڏني ويئي آهي ته جيئن ٻاهران ڪک پن ۽ گند ڪچهرو کوهه ۾ نه ڪري. اهي سڀئي کوهه بند ٿي چڪا آهن. فقط هڪ کوهه نمبر ڇهه هلي رهيو آهي. ورهاڱي کانپوءِ نه هن اسڪيم کي وڌايو ويو آهي ۽ هن جي سار سنڀال لڌي ويئي آهي. ڊملوٽي اسڪيم جي نالي اهي کوهه هن وقت واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جي حوالي آهن. ٿي کوهه ملير ندي جي وهڪري ۾ لڙي ويا آهن. انهن کوهن جي افتتاح کان وٺي اڄ تائين ان اسڪيم جي ويجهو جيڪي ڳوٺ آهن. انهن کي هن اسڪيم مان پاڻي نه ڏنو ويو آهي. اڄ به هڪڙي کوهه مان ڏهه گيلن پاڻي ڪراچي کي ۽ ڪانوڙ ۾ قائم ابوظهبي جي فارم کي ڏنو وڃي ٿو. پر ڳوٺاڻن جو هن پاڻي تي ڪو به حق نه آهي. ٽيڻ ائين ڪپي ها ته انهن کوهن کي هاٽوڪي بلدياتي سيٽ اپ تحت گڏاپ ٽائون کي ڏيڻ ڪپي. چاڪاڻ ته اهي سڀئي کوهه گڏاپ ٽائون ۾ آهن. جيڪڏهن بچيل کوهن کي وڏيڪ تباهي کان بچائي ۽ انهن جي ٻيهر صفائي ڪئي وڃي ته ميمڻ ڳوٺ جهڙي وڏي آبادي سميت 50 کن ڳوٺن کي هن اسڪيم مان پيئڻ جو پاڻي ڏيئي سگهجي ٿو. انهن سڀني کوهن انهن تي نهيل جاين ۽ ملير ندي مان ايندڙ گيلرين کي قومي ورثو قرار ڏيئي محفوظ

ڪرڻ جي ضرورت آهي. هڪ صدي کان مٿي وقت گذرڻ جي باوجود اهي شاهڪار جايون ۽ کوهه ڏسڻ وٽان آهن.

جيڪو کوهه نمبر ڇهه هلي رهيو آهي ان تي هن وقت جي افتتاح جو بورڊ لڳل آهي. ان تي جيڪو لکيل آهي اهو هيٺين ريت آهي.



**ڊملوٽي کوهه نمبر 6**

Karachi Municipalty Water Work

Well No.6

Completed in March 1929

Designed and Supervised by

Mr. Measham Lea

C.I.E.O.B.E.M.I.C.E

Chief Engineer

Constructed by- Mr. E.A.Hilton

M.A.S.M.E

Superintendent of Machiney

Mr. Abdul Ghani

Sub Engineer

Mr. Mohmed Pareel

Mechanical Mistry

ياد رهي ته پريل مستري غازي بروهي ڳوٺ ملير جو رهواسي هو جتي اڄ به هن جي ڪٽنب وارا رهن ٿا. هن جو ڏوهٽو اقبال بلوچ ايجوڪيشن ۾ ملازمت ڪري ٿو. چيف انجنيئر مشم لي جنهن ڪراچي جي بندر روڊ تي ڪي. ايم. سي بلڊنگ سميت ڪيترين جايون ڊيزائن ڪيون آهن.

ڊملوٽي اسڪيم موجب 634 حوض پاڻي ذخيري ڪرڻ لاءِ اڏيا ويا. واٽر بورڊ ريڪارڊ موجب هن اسڪيم مان ڪراچي کي جيڪو پاڻي مهيا ڪيو ويندو هو. هيٺين ريت هو.

| | |
|---|---|
| 1911ع | 4.067 ملين گيلن روزانو |
| 1921ع | 4.627 ملين گيلن روزانو |
| 1931ع | 6.647 ملين گيلن روزانو |
| 1935ع | 8.000 ملين گيلن روزانو |
| 1945ع | 10.05 ملين گيلن روزانو |

چاڪاڻ تہ هن اسڪيم تحت 1883ع کان 1935ع تائين مختلف وقتن ۾ کوهہ کوٽيا ويا. مڪمل ٿيڻ کانپوءِ انهن کوهن کي اسڪيم سان ڳنڍيو ويندو هو ۽ ائين پاڻي ۾ واڌ ٿيندو ويو.

حب ندي تي مراد خان دراني پنهنجي مدد پاڻ جيڪو بند نهرايو جنهن مان ڪراچي کي پيئڻ جو پاڻي تہ نہ مليو پر هن مان پاڻي حاصل ڪري زراعت ۾ انقلاب آيو. اڄ بہ هي بند زبون حالت ۾ موجود آهي. ندي جو پاڻي پاسي ۾ زمين کي پائي رستو ڪري ويو آهي، پر بند اڃا برقرار آهي، بند جي ويجهو 1928ع جو ضلعو ڪلبورڊ جو اڏيل ريسٽ هائوس اڄ بہ موجود آهي. جيڪو سائين جي. ايم سيد جڏهن ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچي جو صدر هو نهرايو هو. بند مراد خان ڪنهن شاهڪار کان گهٽ نہ آهي. چاڪاڻ تہ اهو هڪ شخص مراد خان جو ڪارنامو آهي. جنهن کي ڏسي مراد خان کي دل ئي دل ۾ داد ڏيڻ کانسواءِ ماڻهو رهي نٿو سگهي. حڪومت کي گهرجي تہ هن جي سار سنڀال لهي ۽ ان کي آثار قديمہ جي حوالي ڪري ان کي محفوظ ڪيو وڃي. پڪنڪ پوائنٽ لاءِ بہ هڪ بهترين جاءِ آهي. جنهن کي ترقي ڏيڻ جي ضرورت آهي.




**حب ندي تي ٿهيل تاريخي بند مراد خان**

1940ع تائين ڊملوٽي اسڪيم مان ڪراچي کي پاڻي مهيا ڪري ڪراچي فوجي ڇانوٽي ۾ تبديل ٿي ويئي جنهن جي ڪري ڪراچي ۾ پاڻي جي شديد کوٽ ٿي. جنهن لاءِ انتظاميا "هالايار" نئين اسڪيم تي ڪم شروع ڪيو. هن اسڪيم تحت سنڌو جي پاڻي کي ڪئنال وسيلي ڪينجهر ڍنڍ تي پهچائڻ ۽ هتان پوءِ پڪي نالي جي وسيلي گهاري تائين ڪٽي اچڻ هو. جتي هڪ فلٽر پلانٽ

وسيلي هن پاڻي کي صاف ڪري ۽ جراثيمن کان پاڪ ڪري پوءِ ڪراچي شهر ڏانهن پهچائڻ جو پروگرام هو. جنهن تي فوري طور تي ڪم شروع ڪيو ويو. پاڻي جو دٻاءُ وڌائڻ لاءِ ڊرگ روڊ ويجهو ڪالي ماتا مندر جي جاءِ تي پاڻي جو هڪ وڏو حوض تيار ڪيو ويو. جتان پوءِ دٻاءُ وسيلي شهر ڏانهن پاڻي روانو ڪيو ويندو هو. هُن اسڪيم مان هن وقت اٺ ملين گيلن روزانو پاڻي شهر کي فراهم ڪيو ويندو هو ۽ تنهن وقت ڊملوٽي اسڪيم مان به 8 ملين گيلن پاڻي روزانو مهيا ڪيو ويندو هو. اهو پاڻي ڪراچي شهر، فوجي ڇانوڻي، بندرگاهه، ريلوي ورڪشاپ ۽ مختلف ڪارخانن کي ڏنو ويندو هو.

1945ع ۾ هاليجي ڍنڍ مان پاڻي فراهم ڪرڻ جي منصوبي تي ڪم شروع ڪيو ويو جنهن جو پاڻي ڪارساز ويجهو نهيل حوض ۾ پهچايو ويندو هو. جتان پوءِ شهر کي اهو پاڻي سپلاءِ ڪيو ويندو هو. هاڻي هاليجي ڪئنال کي ڪينجهر مان ايندڙ ڪئنال سان ڳنڍيو ويو آهي.

روهاڱي وقت ڊملوٽي ۽ هاليجي اسڪيمن مان روزانو 16 ميلن گيلن پاڻي ڪراچي شهر کي ڏنو ويندو هو. ڪراچي ۾ آبادي جي غيرفطري واڌ جيڪا هندستان مان لڏي آيل مهاجرن ڪري پيدا ٿي ڊملوٽي ۽ هاليجي اسڪيمن جو پاڻي شهر لاءِ اڻ پورو ٿي پيو. جنهن لاءِ 1954ع ۾ ڪراچي امپرومينٽ ٽرسٽ (KIT) جيڪو 1951ع ۾ ڪراچي جي ترقي لاءِ قائم ڪيو ويو هو. جنهن کي 1957ع ۾ ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي (KDA) ۾ بدلايو ويو. پاران ”گريٽر ڪراچي بلڪ واٽر سپلاءِ اسڪيم“ جي شروعات ڪئي. هن اسڪيم کي چار مرحلن ۾ مڪمل ڪرڻو هو.

ڪراچي کي 70 ملين گيلن پاڻي روزانو فراهم ڪرڻ جو پهريون مرحلو 1961ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. جنهن تي هن وقت 180 ملين رپيا خرچ آيو. جنهن لاءِ ڪي. ڊي. اي ڳجي وٽان جام برانچ مان الڳ ڪئنال کڊيو جنهن کي ڪي. ڊي. اي چينل جو نالو ڏنو ويو. وڌيڪ 70 ايم جي ڊي (ملين گيلن روزانو) پاڻي فراهمي جو ٻيو مرحلو 1969ع ۾ شروع ڪيو ويو ۽ 1971ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. جنهن تي 200 ملين رپيا خرچ آيو. ٽيون مرحلو 1971ع ۾ شروع ڪيو ويو. 1978ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. جنهن تي 750 ملين رپيا خرچ آيو. چوٿين مرحلي ۾ وڌيڪ 70 ملين گيلن پاڻي روزانو فراهم ڪيو ويو. جنهن هيٺ 1981ع ۾ ڪينجهر مان هڪ ٻيو ڪينجهر ڳجو ڪئنال کڊيو ويو جنهن کي ڳجي وٽ جام برانچ مان نڪتل ڪي. ڊي. اي چينل سان ملايو ويو. ان ڪانسواءِ انهن ڪئنالن مان پاڻي گهٽ ٿيڻ جي يا بند ٿيڻ جي صورت ۾ هاليجي مان هڪ ايمرجنسي ڪئنال پڻ ناهيو ويو آهي. ان کي ڳجي لڳ جام برانچ مان نڪرندڙ ڪي. ڊي. اي چينل سان ملايو ويو آهي. 1983ع ۾ ڪي. ڊي. اي کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. پاڻي لاءِ الڳ ادارو ”ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ“ جوڙيو ويو.



سال 1951ع ۾ ڪراچي جي پهراڙيءَ جو هڪ منظر

انهن چئن مرحلن ڪي ڪي-1 (K-I) جو نالو ڏنو ويو. جنهن تحت ڪراچي کي هُن وقت 238 ملين گيلن پاڻي فراهم ڪيو ويندو هو. 1990ع ڌاري ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ پاران ڪي-2 منصوبو شروع ڪيو ويو جنهن هيٺ وڌيڪ 100 ملين گيلن پاڻي روزانو ڪراچي کي ملڻ لڳو. پهريون ڀيرو لوهي پائيپن جي بجاءِ ڳچي تائين ڪئنال کي آر. سي.سي ڪيو ويو.

22 مئي 2006ع تي پرويز مشرف ڪي- 3 منصوبي جو افتتاح ڪيو. جنهن اسڪيم هيٺ سنڌوندي مان ڪينجهر رستي وڌيڪ 100 ملين واڌو پاڻي روزانو شهر کي فراهم ڪيو پيو وڃي. ڪي-3 منصوبي جي پيڙهه جو پٿر 26 اپريل 2002ع تي جنرل پرويز مشر رکيو. هن اسڪيم تي 5 ارب 80 ڪروڙ روپيا خرچ آيو آهي. هن اسڪيم مان 4 ملين گيلن پاڻي روزانو حب انڊسٽريل ايريا کي ڏنو ويندو آهي. اسڪيم ڪراچي اينڊ واٽر سيوريج بورڊ جي آهي، پاڻي سنڌو مان ڪنيو پيو وڃي، جنهن جو پاڻي ٻئي صوبي جي انڊسٽريل ايريا کي ڏنو پيو وڃي. جيڪو حڪمرانن جي نظر ۾ جائز آهي. ٻئي پاسي جڏهن اها اسڪيم گهارو فلٽر پلانٽ کان ڏاٻيجي فلٽر پلانٽ، بن قاسم ٽائون ۾ ملا حسين بروهي فلٽر پلانٽ، گڏاپ ٽائون مان گذري شهر ڏانهن وڃي ٿي ته لائين جي ٻنهي پاسي فقط هڪ ڪلوميٽر جي فاصلي تي 100 کان مٿي ڳوٺ آهن انهن لاءِ اهو پاڻي جڻ حرام آهي ۽ چيو اهو وڃي ٿو اهو شهر جو پاڻي آهي. هاڻي جڏهن نئين بلدياتي نظام تحت ٻهراڙيون ختم ڪيون ويون آهن پر پوءِ به ڳوٺن کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي. ڪنهن دور ۾ ڪجهه ڪنيڪشن ڏنا ويا هئا. هن کان پوءِ اهو سلسلو بند ڪيو ويو. پر انهن ڳوٺن جي وچ ۾ جڏهن نيون هائوسنگ اسڪيمون شروع ڪيون وڃن ٿيون ته انهن لاءِ پاڻي جام هوندو آهي. اها ٻئي

پاليسي سمجهه کان ٻاهر آهي. ڀهراڙي جا ماڻهو ڇڻ هن ملڪ جا شهري نه آهن. سنڌو درياهه مان ڪينجهر رستي ڪي-4 منصوبي لاءِ سروي جو ڪم هلندڙ آهي. هن اسڪيم جي مڪمل ٿيڻ سان 100 ملين گيلن واڌو پاڻي ڪراچي کي ڏنو ويندو.

ڪراچي کي پاڻي مهيا ڪرڻ جو ٽيون وسيلو حب ڊيم آهي. جيڪو گڏاپ جي علائقي ۾ حب ندي تي ٺهيل آهي. حب ڊيم ڪراچي مرڪز کان 35 ميل ڏکڻ اوپر پاسي آهي. هزارين سالن کان بلوچستان جي جبلن کان وهي ايندڙ پاڻي کي انهيءَ ڊيم وسيلي گڏ ڪري ڪراچي کي پيئڻ لاءِ پاڻي مهيا ڪيو وڃي ٿو.

پهرئين منصوبو اهو هو ته ڊيم جو پاڻي ساڪران لسبيلو (بلوچستان)، گڏاپ ۽ منگهو پير (ڪراچي سنڌ) جي گرين بليٽ لاءِ هوندو. منصوبو اهو هو ته ڪراچي جي پسگردائي ۾ جتي ڪوهن وسيلي پاڻي حاصل ڪري زراعت ڪئي ويندي آهي. بارش جي گهٽ پوڻ ڪري اهي علائقا ويران ٿيندا پيا وڃن جنهن لاءِ ڊيم ۾ پاڻي جمع ڪري زراعت کي بچائڻ لاءِ اهو پاڻي استعمال ڪيو ويندو. واڌو پاڻي ڪراچي کي پيئڻ لاءِ ڏنو ويندو.

1959ع ۾ اهو پورو علائقو واپڊا جي حوالي ڪيو ويو. 1960ع ۾ سروي جو ڪم شروع ڪيو ويو. 1963ع ۾ ڊيم لاءِ ٽينڊر گهرايا ويا. ڪم جي شروعات 1965ع ۾ ٿي. هن تي خرچ جو ڪاٿو هڪ ارب لک رپيا لڳايو ويو، جنهن ۾32.5% ملين سيڪڙو غير ملڪي قرض به شامل هو. ڊيم تي ڪم جون 1981ع ۾ مڪمل ٿيو. نهري نظام جو ڪم جون 1982ع ۾ مڪمل ڪيو ويو.

ڊيم جي ڪل ڪمانڊ ايريا هڪ لک 31 هزار ايڪڙ آهي. 17 سالن جي عرصي ۾ هي منصوبو مڪمل ٿيو. هن ۾ پاڻي جي ذخيري جي گنجائش ست لک 60 هزار ايڪڙ فٽ آهي. هن ڊيم جي ڪري بلوچستان ۽ سنڌ جي مٿين علائقن جو پاڻي اچي ٿو. ان جو ڪل رقبو 3875 اسوائر ميل آهي. شروع ۾ ڊيم جي ذخيري مان هڪ لک 93 هزار ايڪڙ فٽ پاڻي ساليانو فراهم ڪيو ويندو هو.

هن جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ گڏاپ ۽ منگهو پير کي زراعت لاءِ پاڻي ڏيڻ جو منصوبو ترڪ ڪيو ويو. اهو فقط دوکو هو. چاڪاڻ ته ماڻهن ڊيم ٻڌڻ تي اعتراض ڪيو هو ته ان وهندڙ پاڻي جي ڪري منگهو پير، بند مراد خان واري علائقي ۾ هزارين ايڪڙ تي زراعت ٿيندي هئي. بند مراد خان مان ڪسيون ڪڍي زراعت لاءِ پاڻي استعمال ڪيو ويندو هو. انهن اعتراضن کي ختم ڪرڻ لاءِ اهو چيو ويو ته ڊيم مان زراعت جي پاڻي جو پورائو ڪيو ويندو. تنهن تي ماڻهو چپ رهيا ۽ انهن حڪمرانن تي اعتبار ڪيو. هاڻي ان ڊيم مان فقط همدرد يونيورسٽي جي باغ ۽ ڪجهه سرڪاري فارمن کي پاڻي ڏنو ويندو آهي. ڊيم جي ڪري سمنڊ تائين لکين ايڪڙ زمين ڪلراٺي

تي ويئي آهي. ماڻهن جون زرعي زمينون مني پاڻي جي نه هئڻ ڪري تباهه تي ويون آهن ۽ سمنڊ جو پاڻي مٿي چڙهي آيو آهي.

1993ع ۾ نهرن جي ري ماڊلنگ ڪئي ويئي. پاڻي جي ورهاست ڪي ڪجهه هن طرح رکيو ويو آهي. ڪراچي کي پيئڻ جي پاڻي لاءِ سئو ملين گيلن روزانو ۽ بلوچستان کي 15 ملين گيلن فراهم ڪيو ويندو. ڊيم جي مڪمل ٿيڻ وقت اهو ڊيزائن ڪيو ويو ته ڪراچي کي 210 ڪيوسڪ ۽ بلوچستان کي 160 ڪيوسڪ روزانو پاڻي ڏنو ويندو. پر اهو دارومدار بارش تي آهي. 1999ع ۾ بارشن جي نه پوڻ ڪري ڊيم جو پاڻي ڊيڊ لائين کان به هيٺ هليو ويو. پاڻي جي آخري گنجائش جي حد 97 هزار ايڪڙ فٽ آهي. پاڻي جي گهٽ ٿيڻ جي صورت ۾ جڏهن پاڻي نهر جي سطح کان هيٺ لهي ويندو آهي ته نهر ۾ پاڻي پهچائڻ لاءِ واپڊا پاران ڏهه وڏيون پمپنگ مشينون لڳايون ويون آهن، جنهن سان پاڻي کي گهٽ ٿيڻ جي صورت ۾ نهر تائين پهچايو ويندو آهي.

ڊيم مان ڪراچي ۽ بلوچستان کي پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ نهرن جي ٽوٽل ڊيگهه 39.2 ميل آهي. جڏهن مرڪزي نهر جي ڊيگهه 5.2 ميل آهي جتان ڪانپوءِ ڪراچي ۽ ساڪران، لسٻيلو ۽ حب (بلوچستان) جي صنعتي علائقن لاءِ نهرون ڌار ٿين ٿيون. بلوچستان ۾ ضلعي لسٻيلي جي صنعتي علائقن، حب شهر ۽ حب صنعتي علائقي کي پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ ۽ 21 هزار ايڪڙ زراعت لاءِ پاڻي فراهم ڪندڙ نهرن جي لمبائي 20 ميل آهي. جنهن مان زراعت لاءِ مائنز ڪڍيا ويا آهن جن جي ڪل لمبائي 19 ميل ۽ تعداد 9 آهي.

16 مئي 2000ع ۾ ڪراچي کي پاڻي پهچائيندڙ نهر کي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جي حوالي ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪراچي جي هڪ هزار ايڪڙ زمين (همدرد باغ ۽ ڪجهه سرڪاري باغن) زراعت لاءِ پاڻي بند مراد مائنز لسٻيلا برانچ مان ڪڍي ويئي آهي. جنهن کي جنوري 1986ع ۾ حڪومت سنڌ جي حوالي ڪيو ويو آهي. لسٻيلا برانچ ڪئنال کي 9 ڊسمبر 1986ع ۾ بلوچستان حڪومت جي حوالي ڪيو ويو آهي. ڊيم جي سار سنڀال لاءِ پهرئين 275 ماڻهو مقرر هئا ۽ انهن جو تعداد هاڻي فقط 100 آهي جنهن مان مقامي ماڻهو 40 آهن.

هن ڊيم مان نڪرندڙ ڪئنال ۽ ڪراچي نهر لڳ منگهو پير تائين 20 کان مٿي ڳوٺ آهن جن کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي. نهر مان پاڻي پرڻ جي منع آهي. پرڻ جي صورت ۾ ڳوناڻن کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو. حب ڊيم تي تفريح جا بهتر موقعا موجود آهن پر هن پاسي ڪو ڌيان نٿو ڏنو وڃي.

انهن تنهي وسيلن مان 30% کان 40 سيڪڙو يعني روزانو 165 ملين گلين پاڻي ضايع ٿئي ٿو. واٽر بورڊ جا ملازم، ٽينڪر مافيا ۽ ڪجهه زميندارن سان ملي ڀڳت ڪري لائينن کي پريشر جي نالي تي چوڪ ڪري ٽا ڇڏين ۽ اهو پاڻي ضايع تي رهيو آهي جنهن مان فقط واٽر بورڊ جا ڪيسا گرم

ٿين ٿا. اهو ضايع ٿيندڙ پاڻي بہ ڳوٺاڻن ڪي ڏنو وڃي تہ ڳوٺن جي پيئڻ جو اڌ مسئلو پاڻهي ئي حل ٿي ويندو. ياد رهي تہ انهن ٽتل جاين تان بہ پاڻي پرڻ جي ڳوٺاڻن تي بندش آهي. چاڪاڻ تہ اهو پاڻي ٽئنڪر مافيا ڪجھ زميندارن کي وڪرو ڪيو وڃي ٿو.

اهڙي طرح ڪراچي کي:

سنڌو درياهہ مان (ڪينجهر ۽ هاليجي) 438 ملين گيلن روزانو.

حب ڊيم مان 100 ملين گيلن روزانو

ڊملوٽي مان 10 ملين گيلن روزانو

ڪل 548 ملين گيلن روزانو

ايتري پاڻي هوندي بہ ڪراچي جي اڪثر علائقن ۾ اڄ بہ پاڻي جي ڪوٽ آهي. اهي انگ اکر واٽر ۽ سيوريج بورڊ جا آهن. ضايع ٿيل پاڻي ۽ ٽئنڪر مافيا کي چوري وسيلي پاڻي وڪرو ڪيو وڃي ٿو. هن ۾ زراعت ۽ پولٽري لاءِ جيڪي مين لائين تي چوري جا ڪنيڪشن ڏنا ويا آهن انهن سيني کي الڳ ڪيو وڃي تہ ڪراچي کي فقط 380 ملين گيلن روزانو ملي ٿو. ڪجھ سرڪاري انگ اکر 629 ايم جي ڊي پاڻي ڏيکارين ٿا.



ڪراچي جي ڀرواڙي 2007ع ۾ 46 سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ
ڪا تبديلي نظر نہ آئي

**ڪراچي جي ڀرواڙي 2007ع ۾ 46 سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ ڪا تبديلي نظر نہ آئي**

هن پاڻي جي چوري جي نتيجي ۾ هڪ نئون نديو صنعتڪار اڀري سامهون اچي رهيو آهي. اهي ٽئنڪرن جا ڌڻي آهن. پرائيويٽ ماڻهن پاران ڪراچي ۾ هن وقت 150 هائيڊرينٽ (Hydrants) لياري ۽ ملير ندين جي ڪناري لڳل آهن. هن ڪانسواءِ منگهو پير سميت مختلف علائقن ۾ اهي هائيڊرينٽ لڳل آهن. جن مان گهڻو ڪري صحت لاءِ هاڃيڪار پاڻي مهيا ڪيو وڃي ٿو. اها رپورٽ Sindh Environment, protacton Agency (SEPA) جي آهي. ڪراچي جي سٽي حڪومت پاران فقط 35 هائيڊرينٽ کي لائيسنس ڏنل آهن. جتان هو ٽئنڪرن وسيلي پاڻي حاصل ڪري سگهن ٿا. باقي سيئي هائيڊرينٽ غير قانوني آهن. هن وقت شهر ۾ 5500 کان مٿي واٽر ٽئنڪر هلي رهيا آهن. جيڪي هڪ هزار گيلن جو ٽئنڪ 300 کان هڪ هزار تائين وڪرو ڪري رهيا آهن. اها قيمت پنڌ تي بدل آهي. پاڻي جي کوٽ وارن ڏينهن ۾ ٽئنڪر مافيا پنهنجي مرضي جا پئسا وٺن ٿا ۽ ماڻهن جي مجبوري مان خوب فائدو حاصل ڪن ٿا. انهن وڏن ٽئنڪرن ڪري ڪراچي جي ٽرئفڪ جو پورو نظام خراب ٿي رهيو آهي. جنهن جا مثال ٿي هٽي فلمستان سينيما وٽ، گارڊن لسبيلو روڊ ۽ اسلاميہ ڪاليج لڳ قائداعظم جي مزار ڏانهن ويندڙ رستا آهن. انهن ٽئنڪرن ڪري ڪراچي جا رستا بہ تباهہ ٿي رهيا آهن. ياد رهي تہ حڪومت پاران ٽئنڪرن وسيلي پاڻي مهيا ڪرڻ جو هڪ منصوبو رينجرز جي حوالي بہ آهي. قانوني هائيڊرينٽن، غير قانوني هائيڊرينٽن، ٽوڙيل لائينن مان ٽينڪر حاصل ڪندڙ پاڻي ۽ گڏهہ گاڏين وسيلي پاڻي مهيا ڪرڻ وارن کي روزانو چار ڪروڙ رپيا حاصل ٿين ٿا.

548 ملين گيلن پاڻي کي هيٺين جاين تي فلٽر ڪيو پيو وڃي. سي او. ڊي فلٽر پلانٽ تي 118 ايم جي ڊي. پپري (نئين) فلٽر پلانٽ تي 50 ايم جي ڊي. پپري (پراڻي) فلٽر پلانٽ تي 25 ايم جي ڊي. اين. اي ڪي نئين پلانٽ تي 100 ايم جي ڊي. حب فلٽر پلانٽ تي 100 ايم جي ڊي ۽ گهاري فلٽر پلانٽ تي 25 ايم جي ڊي پاڻي فلٽر ڪيو ويندو آهي. 155 ايم. جي. ڊي پاڻي فلٽر نٿو ڪيو پيو وڃي. هن فرق کي پراڻي اين. اي. ڪي فلٽر پلانٽ سائيٽ تي جتي ان مقصد لاءِ جاءِ ڇڏيل آهي. فلٽر ڪيو ويندو.

ڪراچي جي آبادي جنهن تيزي سان وڌي رهي آهي تہ هر سال ڪراچي کي 150 کان 175 ملين گيلن پاڻي جي روزانو ضرورت پوندي آهي. ڪراچي ۾ روزانو لينڊ مافيا ۽ روزگار لاءِ ايندڙ ماڻهن پاران ڪچيون آباديون قائم ڪيون پيون وڃن. هڪ هزار کان مٿي جهيڙا جهڳڙا روز ٿيندا رهن ٿا. هڪ پاسي ڊفينس، گلشن اقبال ۽ بين وي آءِ پي علائقن ۾ خوبصورت لان، فواره، صاحبن جي ڪتن ۽ ڪارن کي وهنجارڻ لاءِ تمام گهڻو پاڻي موجود آهي. پر انهن آبادين جي وچ ۾ قائم ڳوٺن ۽ ڪچين آبادين جون عورتون بنگلن جي درن تي پاڻيءَ جون صدائون هٽنديون رهنديون آهن.

ڪلفٽن، گلشن، ڊفينس ۽ ٻين وي آءِ پي علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ جي صورت ۾ سرڪار پاران ٽئنڪرن وسيلي پاڻي مهيا ڪرڻ جو مضبوط نيٽ ورڪ موجود آهي. مختلف ڪچين آبادين سواءِ لياري، ملير، ٽرانس لياري، گسري، چينسر ڳوٺ، بخشڻ ڳوٺ، بابا ڀيٽ، شمس پير، ڪڏو، ڪلري، ڪارودر، منو در، گلشن ۾ موجود ڳوٺ، صفوران، گلستان جوهر، لانڍي ۽ ڪراچي جي پسگردائي جا ڳوٺ پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسي رهيا آهن. سنڌو هوندي پياسا ماڻهو ڪنهن در دانهن ڏين وقت جا حاڪم گونگا ۽ ٻوڙا ٿيڄي ويا آهن.

پراڻي ڪراچي ۾ وڏو الميو اهو آهي جو پاڻي جون لائينون ڪجهه انگريزن وقت جون وڇايل آهن ۽ باقي لائينن کي 30 کان 40 سال ٿي ويا آهن. هاڻي اهي ڳري چڪيون آهن. گٽر جو پاڻي به پيئڻ جي پاڻيءَ سان ملي ويو آهي. جنهن جي ڪري لياري، ڪڏو، ڪلري، ڪارو در، منو در، چينسر ڳوٺ وارن علائقن سميت گهڻن علائقن ۾ ماڻهو بدبودار ۽ گٽر جو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن.

ڪراچي جي ماڻهن کي فلٽر ٿيل پاڻي ملي رهيو آهي پر ڪراچي واٽر بورڊ جو نيٽ ورڪ پراڻو ۽ پاڻي جون سموريون لائينون خراب ٿي ويون آهن، جن جي تبديلي جي ضرورت آهي. پراڻي شهر، لياري، گسري، لانڍي ۽ ٻين علائقن ۾ گندي ۽ پيئڻ جي پاڻي جون لائينون ملي وڃڻ جون شڪايتون اينديون رهنديون آهن. ڪجهه علائقن ۾ پاڻي جون لائينون سيوريج لائين سان گڏوگڏ يا ان جي ويجهي کان گذري رهيون آهن. نارٿ ڪراچي، لانڍي، ناظم آباد ۽ لالو کيت وارن علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جون لائينون نالن منجهان گذري رهيون آهن. ٻي پاسي گٽر نالي سان گڏوگڏ پاڻي جي لائينن کي وڇايو ويو آهي. ڪراچي جا اڪثر گٽر نالا بند آهن ۽ ان جو وهڪرو رڪيل آهي. ان نالن جو پاڻي زمين ۾ اندر جذب ٿيندو رهي ٿو. جتي گٽر نالا آهن. اتي زير زمين پاڻي جي سطح مٿي آهي. جڏهن تيز رفتاري سان پاڻي پائيپ لائينن مان گذري ٿو ۽ ڪمزور ۽ زنگيل حصن ۾ ٽوڙ ڦوڙ جي ڪري سوراخ ٿين ٿا. جڏهن لائينن ۾ پريشر نه هوندو آهي ۽ خالي هجڻ جي صورت ۾ نالي جو گندو پاڻي انهن سوراخن مان پائيپ لائين جي اندر وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن کوٽائي دوران به کوٽائي جي اوزار سان انهن ۾ سوراخ ٿئي ٿو ۽ انهن سوراخن ۾ ٻيئنل پاڻي به ويندو آهي. لانڍي عوامي ڪالوني جو واقعو سيني کي ياد آهي. جنهن ۾ 15 ماڻهو مري ويا ۽ چار بيمار ٿيا. تحقيقات ڪانپوءِ خبر پئي ته 100 هنڌن تي گندو پاڻي انهن لائينن ۾ شامل ٿيو هو.

ڪراچي ۾ رهندڙن جو چوٿون حصو غيرقانوني طور آيل بنگالي، بهاري، برمي، افغاني ۽ هندستاني رهائش پذير آهي. جيڪڏهن ڪراچي جي وڌندڙ آبادي کي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته پوءِ ايندڙ سالن ۾ هن شهر ۾ هاڻوڪي ٺٽي، جنگشاهي، حب، وندر، اٿل، نيشنل پارڪ ۽ نوري آباد جا

علائقا اچي ويندا. جيڪڏهن اها صورتحال رهي ته ايندڙ وقتن ۾ سنڌ جو هي شهر سخت مونجهاري وارو شهر ثابت ٿيندو جنهن کي ڪوٽڙي بئراج وٽان سنڌونديءَ جو باقي بچيل (ٻوڏ واري صورت ۾، هونئن ته سنڌ ۾ ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ واري اڏامندي آهي) سمورو پاڻي به پورو ڪونه پوندو.

# ٽيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو

انگريزن جي اچڻ کان اڳ هتي انگريزي دوائن ۽ ڊسپنسرين جو رواج نہ هوندو هو. مشهور حڪيم ۽ طبيب پنهنجن مطبن ۾ ماڻهن جو علاج ڪندا هئا. جتي حڪيم ۽ طبيب نہ هوندا هئا تہ نانيءَ يا ڏاڏيءَ پاران پنسارين کان ورتل ٻوٽين سان ناهيل ڦڪيءَ ۽ سٽيءَ، پير صاحب جي ماجون، مولوي صاحب جي ڌاڳي ۽ تعويذ يا شاهہ صاحب پاران پڙهيل پاڻيءَ تي ڪم هلندو هو. مرض جڏهن وڌي ويندو هو ۽ مريض تي علاج جا سڀ نسخا آزمائڻ ڪانپوءِ بہ بيماري ختم نہ ٿيندي هئي، تہ پوءِ هن مريض کي چيئن چاڙهيو ويندو هو چيئن چاڙهڻ وارو علاج عام هوندو هو. اڄ بہ ٻهراڙيءَ خاص ڪري ڪراچي جي ڪوهستان واري علائقي ۾ چيئن جو علاج ڪندا آهن. هن جو طريقو هي آهي تہ ٻڪريءَ جي کل لاهي بيمار کي سسيءَ کان وٺي پيرن تائين ويڙهي ڇڏيندا آهن. لطيف سرڪار سر سامونڊي جي داستان پهرئين جي هن بيت ۾ چيئن چاڙهڻ جو ذڪر آهي.

سيئي جوين ڏينهن، جڏهن سجڻ سفر هليا
رئان رهن نہ سپرين آيل ڪريان ڪيئن
مونکي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري.

هن ڪانسواءِ ٻهراڙي ۾ ماڻهوءَ کي "چر" ڪري بہ بيماري جو علاج ڪيو ويندو هو. نج شين جي واپرائڻ ڪري بيماريون عام نہ هيون. گهڻو ڪري ڏڪار جي صورت ۾ بيماريون منهن ڪڍنديون هيون يا ڪڏهن موسم جي بدلجڻ ڪري پليگ (مهامري) يا ٻيون وچڙندڙ بيماريون سالن ۾ ايندڙيون هيون. جنهن جي ڪري گهڻا ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويندا هئا. زمين بہ هيناهين هئڻ ڪري اتي جوءِ ڇڏي لڏپلاڻ ڪري ٻين علائقن ڏانهن ويندا هئا. ڪراچي سمنڊ جي ڪپ تي آباد آهي. زمين بہ هيناهين هئڻ ڪري اتي جي هوا گهم واري آهي جنهن جي ڪري بہ هتي پوسل ٿئي ٿي. ڪراچي جي بندرگاهہ واري علائقي ۽ بندر وارن گوٺن ۾ جتي مڇي مياڻ ۽ ٻاهرين ملڪ کان واپار هلندو هو. جتي رستن ۽ صفائي جو صحيح انتظام نہ هئڻ ڪري هن وقت وچڙندڙ بيمارين جو خطرو موجود رهندو هو. گهڻيون وچڙندڙ بيماريون سامونڊي ۽ خشڪي وارن رستن ايندڙ قافلن وسيلي هتي اينديون هيون. ٽڪن جو رواج نہ هوندو هو. تنهن ڪري انهن تي ضابطو آڻڻ بہ ڏکيو هوندو هو. انهن وچڙندڙ بيمارين ڪري بندر شهر ۽ ڳوٺ ويران ٿي ويندا هئا. جنهن جو هو پنهنجي ڳوناڻن طريقن سان علاج ڪندا هئا. ڪراچي شهر جي ٻر وارا علائقا سرسبز ۽ وڻڪار هئڻ ڪري بيمارين کان محفوظ هوندا هئا.

انگريزن جي دور ۾ 1846ع ۾ ڪنزروينسي بورڊ جو جڙڻ به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي ته ڪراچيءَ جي صحت ۽ صفائي ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ بيمارين کي ڪيئن منهن ڏجي. جولاءِ 1846ع ۾ جڏهن دستن جي بيماري ڪراچي ۾ شدت اختيار ڪئي ۽ ست هزار ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. جنهن ۾ جج 315 انگريز فوجي ۽ سويلين عورتون ۽ ٻار به فوت ٿيا. جن جون قبرون صدر جي ڪانوينٽ اسڪول جي ڏکڻ واري پاسي هڪ قبرستان ۾ آهن. ان بيماري ۾ چارلس نيپئر جو ڀائيٽو ڪئپٽن جان مور نيپئر جيڪو ان جو ملٽري سيڪريٽري به هو. اجل جو شڪار ٿيو. ان ڪانسواءِ 685 سپاهي به هتي دفن آهن جيڪي به ڪراچي ۾ بارش ڪانپوءِ وچڙندڙ بيماري ڪري فوت ٿيا.

انهن ڳالهين کي محسوس ڪندي چارلس نيپئر 1846ع ڪنزروينسي بورڊ جو بنياد وڌو. جنهن جو مقصد شهر جي صفائي، گٽر جي پاڻي جي نيڪالي ۽ شهرين کي صاف پاڻي مهيا ڪرڻ هو. 1851ع تائين اهو ادارو فقط فوجي علائقن ۾ سرگرم هو. باقي شهر جا ماڻهو الله جي آسري تي هئا.

جڏهن انگريزن ڪراچي تي قبضو ڪيو ته شهر کان ٻاهر هاٽوڪي عيدگاهه ميدان ويجهو هڪ خالي جاءِ تي انگريز فوجين پڙاءُ ڪيو. 1839ع ۾ هتي هڪ ڊسپينسري قائم ڪئي ويئي. عارضي طرح ڊسپينسري، جيڪا موبائل ڊسپينسري به هئي فقط فوجين لاءِ هوندي هئي. 1846ع واري وچڙندڙ بيماري ڪانپوءِ فوجين جي ڪئمپ کي هتا ن هٽائي هاٽوڪي صدر واري علائقي ۾ منتقل ڪيو ويو. پر ڊسپينسري کي هتان منتقل نه ڪيو ويو. جنهن کي اسپتال ۾ تبديل ڪيو ويو. اها ڪراچي ۾ قائم ٿيندڙ پهرئين ڊسپينسري ۽ پهرئين اسپتال آهي. 1854ع ۾ هتي هڪ ڪشادو اسپتال اڏيو ويو ۽ ان کي عام ماڻهن لاءِ به کوليو ويو ۽ اسپتال جو نالو "سول اسپتال" رکيو ويو. ان وقت هن جي جاءِ اڏڻ تي 6878 رپيا خرچ آيو هو. 1858ع هن کي سنڌ ريلوي ڪمپني جي حوالي ڪيو ويو. ان ۾ وڌيڪ وارڊن جو واڌارو ڪيو ويو. نرسن جي رهڻ لاءِ ڪواٽر اڏيا ويا. بعد ۾ هن کي ڪراچي ميونسپلٽي جي حوالي ڪيو ويو. سول اسپتال جو پهريون انچارج مسٽر ارامسي (Mr. Aramsay) هو ۽ مسٽر رستم جي ان جو اسسٽنٽ هو. 1946ع ۾ هتي ڊائو ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪيو ويو. هن وقت به هي ڪراچي جي وڏن سرڪاري اسپتالن مان هڪ آهي.

اسپتال جي ريڪارڊ موجب 57 -1856ع ۾ 1894 مريضن جو علاج ڪيو ويو. جن مان 46 مريضن کي داخل ڪيو ويو. مريضن تي هُن سال 2516 رپيا خرچ آيو.

58-1857ع ۾ 2903 مريض جو علاج ڪيو ويو جن تي 2650 رپيا خرچ آيو. هن سال 55 مريض داخل ڪيا ويا. 59- 1858ع ۾ 2104 مريضن جو علاج ڪيو ويو. جن تي 2191 رپيا خرچ آيو ۽ ان سال 68 مريض داخل ٿيا.

1879ع ۾ ڪراچي ۾ لازمي ٽڪن لڳائڻ جو ايڪٽ، Compulsory Vaccination Act 1879 منظور ڪيو ويو. جنهن لاءِ الڳ ادارو قائم ڪيو ويو. اداري ۾ هڪ سپرنٽينڊنٽ ويڪسينيشن، ويڪينيٽر، هڪ ڪلرڪ، ٻه ڪمپائونڊر ۽ هڪ سپاهي ڀرتي ڪيا ويا. هن عملي پاران گهر گهر وڃي ماتا ۽ ٻين بيمارين جا ٽڪا لڳايا ويندا هئا. ٽڪن نه لڳائڻ وارن تي ڏنڊ وڌو ويندو هو. جنهن جي ڪري بيمارين تي ضابطو اچڻ لڳو. هن اداري ڪانپوءِ ماتا جي بيمارين جي صورتحال ائين رهي ته 84-1883ع ۾ 434 ماتا جي بيماري مان 108 ماڻهو وفات ڪري ويا. ٻين جو علاج ڪيو ويو. سال 85-1884ع ۾ ماتا جا ڪل 4 ڪيس ٿيا. سال 86-1885ع ۾ ماتا جا 17 ڪيس ٿيا. جن ۾ ٽي مري ويا. سال 87-1886ع ۾ شهر ۾ 10 ڪيسن مان 3 فوت ٿيا.




**ايدلجي ڊنشا ڊسپينسري**

1887ع ۾ ڪراچي جي سماج سڌارڪ ايدلجي ڊنشا پاران 1882ع ۾ لياري ۾ لياري ڪواٽرز نالي ڊسپينسري قائم ڪئي. هن ڊسپينسري ۾ مفت علاج جو بندوبست هوندو هو. لياري ڪوارٽرز ڊسپينسري اڄ به موجود آهي ۽ هن وقت سٽي گورنمينٽ جي حوالي آهي. ڊنشا پاران 1882ع ۾ صدر جي علائقي ۾ جهانگير ڪوٺاري باغ جي لڳ پريڊي اسٽريٽ ۾ هڪ ڊسپينسري قائم ڪئي. بعد ۾ هن کي وڏائي اسپتال جو درجو ڏنو ويو ۽ هاٽوڪي خوبصورت جاءِ تي ٻارنهن هزار روپيا خرچ آيو. جاءِ جي ڊيزائننگ ميونسپلٽي جي مشهور انجنيئر جيمز اسٽريچن ڪئي هئي. اٽلي جي طرز تي اڏيل هي جاءِ اڄ به موجود آهي. جيڪا هن وقت سٽي گورنمينٽ جي حوالي آهي. جنهن جو نالو ”ايدلجي ڊنشا ڊسپينسري“ آهي.

1885ع ۾ ايدلجي ڏنشا پاران هڪ ڊسپينسري بندر روڊ جي لڪشمي بلڊنگ جي سامهون کولي وئي. هاڻي ڊسپينسري جي جاءِ تي ايجوڪيشن آفيس آهي. اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب Kurrachee Past, Present and Future ۾ انهن ٽنهي ڊسپينسرين جي باري ۾ لکي ٿو ته: ”ڊسپينسرين ۾ سراسري طور روزاني 100 مريضن جو علاج ڪيو ويندو آهي. ڊسپينسرين ۾ ڪراچي ۾ رهندڙ سيني قبيلن جا ماڻهو ايندا هئا. ان وقت ڪراچيءَ ۾ مليريا، دست، التي، ٽي. بي، اکين جي بيماري، چمڙي جي بيماري، دم ۽ پيٽ جي سور جون بيماريون عام هيون.“

بيلي موجب، ”سال 88-1887ع ۾ انهن ٽنهي ڊسپينسرين ۾ 31623 مريضن جو علاج ڪيو ويو. جن ۾ 5484 وچڙندڙ بيمارين جا مريض هئا ۽ 4899 اکين جي بيمارين جا مريض هئا ۽ انهيءَ سال انهن ڊسپينسرين ۾ ستن ڪوڙهه جي مريضن جو به علاج ڪيو ويو. جن مان ٻن جو علاج صدر واري ڊسپينسري ۽ پنجن جو علاج لياري ڪوارٽرز واري ڊسپينسري ۾ ڪيو ويو. انهن ڊسپينسرين جي جاچ لاءِ ميونسپلٽي پاران به ميمبر مقرر ڪيا ويا جيڪي هر مهيني به ڀيرا جاچ ڪندا آهن. سنڌ جو سول سرجن مهيني ۾ به ڀيرا جاچ لاءِ انهن ڊسپينسرين جو دورو ڪندو آهي.“

ڪراچي ۾ انهن ڊسپينسرين ڪانسواءِ گسري ۾ جيڪو ان وقت شهر کان ڏور سمنڊ ڪناري خوبصورت ۽ ڪليل علائقو هوندو هو. هتي ٽي. بي جي مريضن لاءِ 1854ع ۾ هڪ اسپتال ”گسري سينيٽوريم“ قائم ڪيو ويو. جيڪو ڪراچي ۾ قائم ٿيندڙ ٻي اسپتال هئي. جنهن ۾ فوجين ۽ عام ماڻهن جو علاج ڪيو ويندو هو. شهر جي وڌڻ ڪري ان اسپتال کي بند ڪيو ويو.

1856ع ۾ منهوڙي واري علائقي ۾ ڪراچي جي ٽين اسپتال قائم ڪئي وئي. جيڪا اڄ به موجود آهي ۽ فوجين جي حوالي آهي.

1870ع ۾ برطانيا جي فوجين لاءِ ڪراچي ڪئينٽ اسٽيشن ويجهو چوٿين اسپتال قائم ڪئي وئي.

1890ع ۾ هن کي وڌايو ويو. هي ان وقت ڪراچي جي هڪ جديد اسپتال هئي. هن اسپتال ۾ پهرئين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي دوران زخمي فوجين جو علاج ڪيو ويندو هو. خوبصورت اسپتال اڄ به پي. اين. ايس شفا نالي قائم آهي ۽ پاڪستان آرمي جي حوالي آهي. جتي فوجين ڪانسواءِ عام ماڻهن جو علاج به ڪيو ويندو آهي.

ايدلجي ڏنشا جيڪو ڪراچي ۾ ان دور ۾ ڊسپينسرين ۽ اسپتالن جي قائم ڪرڻ ۾ سرگرم هو. تنهن پاران 1881ع ۾ ڪياماڙي بندر تي ”ڪياماڙي اسپتال“ اڏڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪراچي ميونسپلٽي کي ان جي اڏاوت لاءِ پنج هزار رپين جو چندو به ڏنو. هن اسپتال جي ڪري بندر گاهه ۾ ايندڙ جهازن جي ملاحن، مسافرن ۽ گودي جي مريضن لاءِ وڏي سهولت ٿي. هي اسپتال اڄ به موجود آهي ۽ ڪي.پي. ٽي جي حوالي آهي.

1892ع ۾ ڪراچي ۾ جانورن لاءِ هڪ اسپتال نانڪ واڙي ۾ مسواڙ جي جاءِ ۾ قائم ڪئي وئي. 1895ع بندر روڊ تي جانورن لاءِ ٻارنهن هزار رپين ۾ جديد جاءِ اڏي ويئي. اسپتال جو نالو ڪراچي جي ان وقت جي ڪليڪٽر مسٽر رچمنڊ ڪرا فورڊ جي نالي تي Richmend Cerawford Veterinary Dispensary رکيو ويو. جتي جانورن لاءِ مختلف وارڊ ٺهرايا ويا. هي اسپتال لوڪل بورڊ ڪراچي (ضلع ڪائونسل ڪراچي) جي حوالي رهي آهي. 1960ع تائين هي اسپتال جانورن لاءِ اڪيلي اسپتال طور استعمال ۾ رهي. شهر جي وچ ۾ اچڻ ڪري هاڻي اها خوبصورت جاءِ جيڪا ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي بلڊنگ سان گڏ آهي. ريڊيو پاڪستان واري جاءِ به لوڪل بورڊ ڪراچي جي زمين هئي. هتي لوڪل بورڊ جي آفيس به هئي. اڄ به موجود آهي. هاڻي هتي ويٽرنري کاتي جون آفيسون آهن. هن جاءِ لاءِ ضلعي ڪائونسل ڪراچي پاران ڪورٽ ۾ ڪيس هلندڙ هو. پر 14 آگسٽ 2001ع ۾ ضلع ڪائونسل ڪراچي کي ختم ڪيو ويو ته ڪيس به ائين ختم ٿي ويو.




**ليڊي ڊفرن اسپتال ۽ ميٽرنٽي هوم جي پراڻي تصوير**

1886ع ۾ ساڌو هيرانند ٽرسٽ پاران منگهي پير جي علائقي ۾ گرم چشمن ويجهو ڪوڙهه جي مريضن لاءِ هڪ اسپتال ناهي ويئي. جنهن جو نالو سنڌ جي مشهور سماج سڌارڪ ساڌو هيرانند جي نالي سان هو. اسپتال جو انتظام ساڌو هيرانند ٽرسٽ حيدرآباد جي حوالي هو ۽ اسپتال جو خرچ ٽرسٽ وارا برداشت ڪندا هئا. ٽرسٽ پاران هتي هڪ آشرم به قائم ڪيو ويو. اسپتال جي ويجهو آسو مل حلوائي هڪ ڌرم شالو به ٺهرايو هو. جتي ٿانو، چادرون ۽ ڪتون مريضن لاءِ

ملنديون هيون. بعد ۾ اسپتال کي ميونسپلٽي پنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو. اسپتال ۾ 100 بسترن جي گنجائش هئي. ورهاڱي ڪانپوءِ آشرم ۽ ڏرم شالي تي ماڻهن قبضا ڪري گهر ٺاهيا آهن. هاڻي اسپتال جو نالو منگهو پير گورنمينٽ جزامي (ڪوڙهه) اسپتال آهي. اڄ به منگهي پير ۾ پٿر جي ٺهيل ڌرم شالي ۽ آشرم جي جاءِ موجود آهي. جنهن ۾ گهر ٺاهي هن جي گهڻن حصن کي بدصورت ڪيو ويو آهي. انهن ماضي جي يادگارن کي ڏسي هر حساس دل ماڻهو خون جو ڳوڙها ڳاڙڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نٿو ڪري سگهي.



ليڊي ڊفرن

ساڌو هيرانند (1893- 1862ع) ۽ نول راءِ (1893ع – 1843ع) حيدرآباد جي مکي شوقي رام نندي رام آڏواڻي جا پٽ هئا. نول راءِ ڪلرڪ مان ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو ۽ گرونانڪ جي عقيدي وارن هندوئن سان ملي هن ”سک سڀا“ قائم ڪيو. بعد ۾ ان جو نالو ”سنڌ سڀا“ رکيو ويو. ۻنهي ڀائرن سماجي ڪمن ۾ نالو پيدا ڪيو. سماجي ڪمن جي ڪري ساڌو هيرانند ٽرسٽ قائم ڪيو ويو ۽ انهن جي مشن کي پوين اڳتي وڌايو.

8 ڊسمبر 1896ع ۾ ڪراچي ۾ پليگ (مهامري) جي وبا ڦهلجي ويئي. حڪومت 29 ڊسمبر تي سرڪاري طور هن جو اعلان ڪيو. جيڪا جولاءِ 1897ع تائين جاري رهي. جنهن ۾ ٽوٽل 3398 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. ڪراچي ڪانپوءِ اهو مرض وچڙندڙ بيماريءَ جي صورت ۾ حيدرآباد، ڪوٽڙي، سکر ۽ شڪارپور تائين وڌيو. ڪراچيءَ ۾ انهيءَ بيماري کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اڄ جتي بولٽن مارڪيٽ آهي. هتي نيپئر روڊ پاسي گودام هئا انهن گودامن واري جاءِ ايپيڊيمڪ اسپتال (Epidemic Hospital) قائم ڪئي ويئي. انهيءَ وچڙندڙ بيماري ڪانپوءِ ماڻهن پراڻي شهر کي ڇڏي نوان علائقا آباد ڪيا. هن ڪانپوءِ ڪراچي ۾ ٽڏهن هر سال مهامري (طاعون/ پليگ) نروار ٿيندي رهي آهي. 1896ع کان 1905ع تائين ڪراچيءَ ۾ مهامري وگهي مرڻ وارن ماڻهن جو انگ ڇهه هزار کان مٿي هو. انگريز حڪومت پاران مناسب بندوبست نه هئڻ ڪري انهيءَ عرصي دوران سنڌ ۾ به لک ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا.

5 نومبر 1894ع تي ڪراچي ۾ ڊاڪٽر ليڊي ڊفرن، پرنسس اسٽريٽ (هاٽوڪي چاند بيبي روڊ) تي هڪ اسپتال ناهي هئي. جنهن لاءِ مشهور سماجي اڳواڻ ايدلجي ڊنشا جاءِ فراهم ڪئي. ان وقت جاءِ جي قيمت هڪ لک رپيا هئي. هي بنيادي طور هڪ ويم گهر آهي. جنهن ۾ هاڻي اسپتال جو به واڌارو ڪيو ويو آهي. اها اسپتال اڄ به ڪراچي جي بهترين اسپتالن مان هڪ آهي.
1912ع ۾ هتي ليڊي ڊفرن اسپتال سان گڏ هڪ نرسن جي ٽريننگ جو انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو ويو. جنهن جو نالو 1909ع کان 1910ع تائين مقرر ٿيندڙ ڪراچي جي ڪليڪٽر مسٽر ايچ. سي لارنس (Mr. H.C Lawrance) جي مرهيات گهر واري لائوس لارنس جي نالي پويان لائوس لارنس نرسنگ ٽريننگ انسٽيٽيوٽ رکيو ويو. اها خاتون ڪراچي جي مسيحي قبرستان (گورا قبرستان) ۾ دفن آهي. ان اداري ڪراچي ۾ نرسن جي کوٽ جي پورائو لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو.
1900ع جي شروع ۾ ڪراچي ۾ اکين جي بيماري هر ماڻهو کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو. ڪراچي ۾ ان وقت تائين اکين لاءِ الڳ اسپتال يا ڊسپينسري نه هئي. انهي بيماري کانپوءِ ڊاڪٽر کي. اين. اسپينسر (Dr. K.N. Spencer)ڪوششون ورتيون ۽ 1900ع ۾ لياري نئين جي ڪپ تي لارنس روڊ (هاٽوڪو نشتر روڊ) تي ليمارڪيٽ ويجهو (هاٽوڪي کاٽ مارڪيٽ لڳ) 500 رپيا مسواڙ تي جاءِ حاصل ڪري اکين جي اسپتال کولي ويئي. 28 نومبر 1938ع تي ان وقت جي ڪراچي جي ميئر حاتم علوي انهيءَ جاءِ تي اکين جي اسپتال جي پيڙهه جو پٿر رکيو. اسپتال جو نالو اکين جي مشهور ڊاڪٽر ۽ جنهن جي ڪوشش سان اهو ممڪن ٿيو. DR. K.N.SPENCER جي نالي پويان اسپينسر آءِ اسپتال رکيو ويو. شروع ۾ هتي 30 بسترن جي گنجائش هئي. ان وقت اسپتال جي جاءِ اڏڻ تي 12500 هزار رپيا خرچ آيو. اسپتال جو افتتاح 14 مارچ 1940ع ۾ ڪراچي جي ان وقت جي ميئر آر. ڪي سڌاوا ڪيو. ڊاڪٽر انڪل سريا هن جو پهريون ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو. هي اسپتال اڄ به هڪ جديد اسپتال طور ڪراچي ۾ موجود آهي. لياري نئين جي ڪپ تي هئڻ ڪري مقامي ماڻهو اڄ به ان کي نئين واري اسپتال ۽ لياري جا بلوچ ”ڪور والا اسپتال“ معنيٰ نئين واري اسپتال چون ٿا. هاڻي ان کي يونيورسٽي جي درجي ڏيڻ لاءِ ڪوششون هلن پيون.
21 جولاءِ 1928ع تي سنڌ جي ڪمشنر مسٽر ٿامس، برنس روڊ واري علائقي ۾ ”ڪشن ديوي سويراج چيتومل ميٽرنٽي هوم“ جو افتتاح ڪيو. ورهاڱي کان اڳ انهيءَ ميٽرنٽي هوم ۾ عورتن لاءِ هڪ ڊسپينسري به قائم ڪئي ويئي هئي. هي ويم گهر هندوئن پاران قائم ڪيو ويو هو. 1900ع کانپوءِ ڪراچي مختلف طبقن جي ماڻهن ۾ سرهنديءَ وارن ماڻهن پاران سنن ۽ خوبصورت جاين ۽ وڏيڪ سماجي خدمتن جو جڻ ته هڪ مقابلو شروع ٿي ويو هو. انهيءَ مقابلي

جي نتيجي ۾ ٺهيل اهي خوبصورت جايون اڄ بہ موجود آهن. ويم گهر ناهڻ جي مقابلي ۾ سيٺ شيو مل مول چند ڪلناڻي ميٽرنٽي هوم، جمشيد مهتا جي ماءُ جي نالي پويان ٺيل ”گل بائي ميٽرنٽي هوم، کاري در ۾ اسماعيلين پاران جان بائي ميٽرنٽي هوم، پارسي ميٽرنٽي هوم، لياري ۾ ميران ناڪو ميٽرنٽي هوم ۽ بندر روڊ تي امي جي ناڻاڻي ميٽرنٽي هوم قائم ڪيا ويا.
1925ع ۾ جڏهن ڪراچي جو مشهور سماجي ورڪر ڊاڪٽر حاجي ولد غلام حسين خواجو ڪراچي ميونسپلٽي جي هيلٿ ڪاميٽي جو ميمبر هو تہ هن مسٽر هوشنگ ايدلجي ڊنشا سان ملي نئين ڪنيار واڙي ۾ هڪ اسپتال ميٽرنٽي وارڊ سان گڏ ٺهرايو. بغدادي ۾ هڪ اسپتال ميونسپلٽي پاران هلندڙ هو ان ۾ اکين جو شعبو بہ کوليائين. ڪراچي جي لياري ڪوارٽرز ۾ اکين جي بيماري عام هئي. لياري ڪوٽرز هن وقت بہ ماضي وانگر ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ موجود آهي. ان جي سڌاري لاءِ جن ڪراچيءَ جي سماجي ڪارڪنن دلچسپي ورتي هئي، تن ۾ مسٽر جمشيد مهتا، هوشنگ ايدلجي ڊنشا، رستم جي سڌاوا، ڊاڪٽر حاجي مولوي محمد عثمان، جعفر فدو، سيٺ عبدالله هارون، الله بخش گبول ۽ نسيم تلوي (پير بخش بلوچ) مکيہ هئا. 1940ع ۾ ڊاڪٽر حاجي لياري ۾ پنهنجي خانگي اسپتال کولي هئي. انهن سماجي ڪمن ڪري ڊاڪٽر حاجي لياري مان (وارڊ نمبر-5 ڪراچي ميونسپلٽي) پنج پيرا ميونسپلٽي جو ميمبر چوندجي آيو هو. گرومندر واري علائقي ۾ جوڌا سنگهہ، بسنت سنگهہ ميموريل ڊسپينسري قائم ٿي جيڪو سولجر بازار واري مندر جي انتظاميا هٿ هيٺ هئي.
ڪراچي ۾ صحت جي حوالي سان مسٽر ايدلجي ڊنشا جون وڏيون خدمتون رهيون آهن. هي پارسي قبيلي جي ڊنشا پاڙي مان هڪ شاهوڪار واپاري هو. 18 مئي 1842ع ۾ پوني ۾ ڄائو ۽ ننڍپڻ ۾ خاندان سان لڏپلاڻ ڪري ڪراچي ۾ آيو ۽ پوءِ هميشہ لاءِ هتي رهي پيو. نهايت شريف ۽ غريبن جو هڏ ڏوکي هو. ڪراچي ۾ گهڻا سماجي ڀلائي جا ڪم ڪيائين جن ۾ ڪراچي ۾ ڪيترن اسڪولن، لائيبريرين ۽ ڊسپينسرين جو قائم ڪرڻ شامل هو. 29 اپريل 1914ع تي سامونڊي جهاز رستي يورپ وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ 8 مئي 1914ع ۾ وفات ڪيائين ۽ سندس لاش کي سمنڊ جي ڇولين جي حوالي ڪيو ويو. ڪراچي واسين سندس خدمتن جي نتيجي ۾ 1933ع ۾ وڪٽوريا روڊ (هاڻوڪو عبدالله هارون روڊ) ۽ اسٽريچن روڊ جي گڏجڻ واري هنڌ هڪ مجسمو لڳايو پر ورهاڱي کانپوءِ مسلماني جي چريائپ ۾ اهو هٽايو ويو ڪراچي کي پنهنجي خدمتن وسيلي خوبصورت ڪرڻ واري ماڻهو جو مجسمو اسان جي ترقي ۾ شايد رڪاوٽ هو يا ان جي ڪري اسان جي مسلماني کي خطرو هو. ڪسٽم هائوس ۽ قمر هائوس جي وچ وارو رستو سندس نالي سان منسوب آهي.

اين. اي. ڊي انجنيئرنگ يونيورسٽي سندس پٽ نادر شاهه ايڊلجي نالي پويان آهي. نادر شاهه ايڊلجي جي اولاد مان مسٽر هوشنگ نادر شاهه ايڊلجي ڊنشا سماجي خدمتن ۾ ۽ ڪراچي جي سياست ۾ مشهوري ماڻي. ڏاڏي جي نقش قدم تي هلندي لارنس روڊ تي نادر شاهه ايڊلجي اسپتال ٺهرايائين. جنهن کي بعد ۾ ميونسپلٽي جي حوالي ڪيائين. ڪراچي جي اڪثر خيراتي ڪمن ۾ ڏاڏي وانگر دل سان چندو ڏيندو هو. تعليم، صحت ۽ سماجي خدمتن جي ادارن ۾ سندن سخاوت مشهور هئي. سياسي پارٽين جي به مدد ڪندو رهندو هو. اهڙي طرح ڪراچي لاءِ ڊنشا خاندان جون خدمتون هميشه ياد رهنديون. بعد ۾ جڏهن ڪراچي جا نوان ۽ هٺ ٺوڪيا وارث پيدا ٿيا ته هي خاندان به خاموشي سان هڪ پاسي ٿي ويو.

1938ع ۾ آرٽلري ميدان ڪواٽرز ۾ ڊرگ روڊ تي فوجين جي علاج لاءِ ”ميڊيڪل ڪارپس اسپتال“ قائم ڪيو ويو. جنهن کي برٽش ملٽري اسپتال به چوندا هئا. ٻي مهاڀاري لڙائي دوران زخمي ٿيندڙ فوجين جو علاج هتي ڪيو ويندو هو. شروع ۾ ان ۾ 18 وارڊ ۽ 250 بسترا هوندا هئا. ورهاڱي ڪانپوءِ ان جو نالو جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر رکيو ويو ۽ مشهور ”جناح اسپتال“ طور ٿيو. هي پوري پاڪستان ۾ سڀ کان وڏيڪ وارڊن واري اسپتال آهي. ورهاڱي ڪانپوءِ ان سان ڳنڍيل سنڌ ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪيو ويو آهي. جتي ڊاڪٽري جي ڊگري ڏني ويندي آهي. ان سان گڏ دل جي مريضن لاءِ ”ڪارڊيو وسڪيولر وارڊ“ قائم ڪيو ويو، جنهن کي هاڻي الڳ اسپتال جو درجو ڏنو ويو آهي. انهن ٻنهي اسپتالن سان گڏ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ به آهي. جنهن کي به اسپتال جو درجو ڏنو ويو آهي. اهي ٽيئي ادارا وفاقي حڪومت جي هٿ هيٺ آهن.

1941ع ۾ جڏهن ملير ڇانوڻي ناهي ويئي ته هتي به فوجين لاءِ ڪمبائيڊ ملٽري اسپتال (سي. ايم. ايڇ) قائم ڪيو ويو. جيڪا اڄ به موجود آهي. ان جو شمار به وڏن اسپتالن ۾ ٿئي ٿو. هاڻي هتي عام ماڻهن جو علاج به ڪيو وڃي ٿو.

1940ع ۾ ڊاڪٽر سيدنا محمد برهان الدين، طيب جي روڊ رام باغ، ٽاٽي ويجهو پيپر مارڪيٽ ۾ ”برهاني اسپتال“ جو بنياد وڌو. جتي ان وقت به 60 کان مٿي وارڊ هيا. هن جو شمار به ان وقت ڪراچي جي وڏن پرائيويٽ اسپتالن ۾ ٿيندو هو. 1936ع ۾ ڪاري در واري علائقي ۾ ”ايس. آءِ. اي هيلٿ ايسوسيئيشن جي هٿ هيٺ هيرس روڊ (هاڻوڪو آغا خان روڊ) تي ڪارا در جنرل اسپتال جو بنياد وڌو ويو. جيڪا اڄ به موجود آهي. ورهاڱي کان اڳ انهن اسپتالن ۽ ڊسپينسرين ڪانسواءِ ڪراچي ۾ مشهور حڪيم، طبيب ۽ هڏين جي جوڙڻ لاءِ ڪنيار هوندا هئا. جنهن لاءِ لياري ۾ ڪنيار واڙو مشهور هو. اڄ به نئون لين لياري ۾ هڏين جي جوڙڻ لاءِ آزاد اسپتال مشهور آهي.

انهن ڏينهن ۾ هونءَ بہ 80 سيڪڙو ماڻهو دوا درمل لاءِ حڪيمن ۽ طبيبن وٽ ويندا هئا. مشهور حڪيمن ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مشهور هو. ڪچهري روڊ تي سندس بہ ماڙ جاءِ هوندي هئي جنهن ۾ هيٺ مطب ۽ مٿئين منزل تي مهمان خانو هوندو هو. هتي مريضن ڪانسواءِ سياسي، ماڻهن، اديبن ۽ سماجي ڪارڪنن جو ميڙو متل هوندو هو. حڪيم صاحب حڪمت سان گڏ سياسي ڪارڪن، اديب ۽ شاعر بہ هوندو هو. مسلم ليگ جي زور وٺڻ وقت بہ مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ مولانا محمد صادق کڏي واري جمعيت علماءِ سنڌ ۽ قومپرستيءَ جي اصولن کي نہ ڇڏيو. حڪيم صاحب 13 ڊسمبر 1943ع تي وفات ڪري ويو.

اڇي قبر ڪاري در واري علائقي جي پر ۾ جنهن کي پراڻو ڪراچي چئبو هو. ”دوا خانو قادري“ مشهور هو. جيڪو حڪيم علي محمد قادري مرحوم جو هوندو هو. جتي بہ سوين مريض علاج لاءِ ويندا هئا.

اردو جو هڪ شاعر جيڪو 1920ع کانپوءِ ڪراچي ۾ آيو تنهن بہ شاعري سان گڏ حڪمت ۾ نالو ڪمايو، جنهن جو نالو هو حڪيم صمصام حسين صمصام هو. چون ٿا تہ جهڙو ان جو نالو ڏکيو ۽ پاڻ بہ اهڙو ئي ڏکيو ماڻهو هو. گمناميءَ ۾ ئي ڪراچي ۾ گذاري ويو.

ميري ويدر ٽاور جي ويجهو ٽنٽي جي حڪيم پلراج سڪرام داس جو شفا خانو هوندو هو. جتي وڏن ڪامورن، نوابن، راجائن ۽ وڏيرن جي رش هوندي هئي. حڪيم صاحب سنڌ ويدڪ علاج جو بادشاهہ هوندو هو. خاص ڪري سِل (ٽي. بي) جي مريضن لاءِ مشهور هوندو هو.

ڪاري در واري علائقي ۾ بولٽن مارڪيٽ روڊ تي ديوي مندر ۽ ڌرم شالي ويجهو سيٺ شيوارام ڪرڪيامل چيريٽبل وديشي ڊسپنسري مشهور هئي. اها خيراتي ڊسپنسري هئي. جنهن جي بلڊنگ بورڊ سميت اڄ بہ موجود آهي. پر جاءِ جي هڪ حصي تي لکنو ڪان ايندڙ ڪنهن حڪيم قبضو ڪري پنهنجو بورڊ ”حڪيم محمد حفيظ الله شفائي فاضل تڪميل الطب لکنو“ هڻي ڇڏيو آهي.

اهي ۽ انهن سان گڏ ٻيا بہ ڪيترائي خيراتي شفاخانا مختلف ادارن، سرهندي وارن ماڻهن پاران قائم هئا. چار لک واري آبادي واري شهر لاءِ صحت جون اهي سهولتون تمام گهٽيون هيون.

ورهاڱي کان اڳ ڪراچي جي هاڻوڪي ٻهراڙيءَ واري علائقي ۾ سواءِ منگهي پير ۽ ملير جي ڪٿي ڪا ڊسپنسري نہ هئي. باقي ڳوٺن ۾ حڪيم موجود هوندا هئا. ورهاڱي ڪانپوءِ سرڪاري سطح تي پراڻن اسپتالن جي سڌاري ۽ واڌاري ڪانسواءِ نين اسپتالن جي اڏڻ جو ڪم نہ هجڻ جي برابر رهيو. ورهاڱي ڪانپوءِ لياري جنرل اسپتال، ناظم آباد ۾ عباسي شهيد اسپتال ۽ ڪريم آباد ۾ ڏندن لاءِ اسپتال قائم ڪيا ويا. جناح سينٽر کي اسپتال جو درجو ڏنو ويو ۽ سول اسپتال سان

ڳڻ ڳرڻ لاءِ اسپتال ناهي ويئي. جنهن کي به الڳ اسپتال جو درجو ڏنو ويو آهي. باقي حڪومت پاران ننڍيون ڊسپينسريون ۽ دواخانه جوڙيا ويا آهن.

هاٹوڪي ڀهراڙي واري علائقي ۾ پهريون ڀيرو ايوب خان جي بنيادي جمهوريتن واري نظام ڪانپوءِ 1965-66ع ۾ ست ڊسپنسريون قائم ڪيون ويون. جوڻيجي واري دور ۾ 10 بنيادي صحت مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. جن مان اڪثر بند پيا آهن. ڳڏاپ ۾ 50 بسترن تي مشتمل سٽي گورنمينٽ پاران هڪ اسپتال جي اڏاوت جو ڪم جاري آهي.

حڪمت جي حوالي سان پير سرهندي ڳوٺ ديهه سنهڙو لانڍي ۾ حڪيم پير غلام مصطفيٰ جان سرهندي مرحوم نهايت حاذق حڪيم هو. سڄي سنڌ کان مريض اچي شفا وٺندا هئا. مطب اڄ به قائم آهي. درگاهه پير سرهندي ڳوٺ ملير جو گادي نشين حڪيم پير حاجي اسدالله جان سرهندي مجددي عنايت حاذق حڪيم آهن.

پرائيويٽ شعبي ان سلسلي ۾ سٺي ترقي ڪئي. ورهاڱي ڪانپوءِ انجمن پنجابي سوداگران دهلي پاران دهلي ڪالوني ۾ 1948ع ۾ بيگم حاجي يوسف اسپتال قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ حاجران ميٽرنٽي هوم ۽ قمر نقي جنرل اسپتال موجود آهن. 1950ع ۾ بانٽوا ميمڻ خدمت جماعت پاران ڪڪري گرائونڊ مٿي در واري علائقي ۾ ايمبڪ مينٽ روڊ (نواب مهابت خان جي روڊ) تي بانٽوا اسپتال قائم ڪيو ويو. انڪل سريا نرسنگ هوم کي اسپتال جو درجو ڏنو ويو.

1951ع ۾ سيونٿ ڊي ايڊونٽسٽ چرچ پاران بندر روڊ تي ڪراچي ايڊونٽسٽ اسپتال جيڪو سيونٿ ڊي اسپتال جي نالي سان مشهور آهي قائم ڪيو ويو. ان جو شمار هن وقت به ڪراچي جي مشهور اسپتالن ۾ آهي. سماجي خدمتن جي حوالي سان اسپتال پاران ڪراچي جي ڀهراڙي، ٺٽي دادو، بدين ۽ ڄامشوري ضلعن ۾ ميڊيڪل ڪئمپس لڳائڻ، هينڊپمپ ۽ ٻوڏن جي متاثرن کي مالي سهائتا ڪرڻ ڪانسواءِ گهر ۽ تنبو اسپتال جي سماجي خدمتن واري شعبي آڊرا(A.D.R.A) پاران فراهم ڪيا ويا آهن. ٽڪن جو پروگرام، ميڊيڪل ڪئمپ ۽ هينڊ پمپ پروجيڪٽ پروگرام اڄ به اسپتال پاران هلنڊڙ آهن. تازو ڪشمير ۽ سرحد ۾ زلزلي سٽيل علائقن ۾ گهر ۽ اسڪول به اسپتال جي سماجي شعبي واري تنظيم آڊرا (A.D,R.A) پاران ٺهرائي ڏنا ويا آهن.

ان وقت انهن اسپتالن ڪانسواءِ پرائيويٽ شعبي ۾ لياقت نيشنل اسپتال (1958ع) انڪل سريا نرسنگ هوم اسپتال، هولي فيملي اسپتال (1954ع) ميمڻ اسپتال، (1958ع) آغا خان يونيورسٽي اسپتال (1985) بقائي اسپتال، حڪيم محمد سعيد پاران حڪمت جي سلسلي ۾ ”همدرد بيت الحڪمت اسپتال، اي. او ڪلينڪ، ضياالدين اسپتال، ڪراچي نيشنل اسپتال، تابا هارٽ سميت

129 پرائيويٽ اسپتال ڪراچي ۾ موجود آهن. انهن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو آهي. شهر ۾ موجود ڪلينڪ هوميوپيٿڪ ميڊيڪل سينٽر انهن کان الڳ آهن.

ڪراچي (شهر ۽ ٻهراڙي) ۾ هن وقت صحت جي خدمتن ۾ حڪومت جا 173 ادارا مصروف آهن جن ۾ جناح اسپتال، ڪارڊيووسڪلر اسپتال، نيشنل انسٽيٽيوٽ چائلڊ هيلٿ اسپتال وفاقي حڪومت جي ڪنٽرول ۾ آهن. جڏهن ته سول اسپتال، سروسز اسپتال، لياري جنرل اسپتال، گورنمينٽ ڊسپينسري بابا پٽ، تغلق هائوس ڊسپينسري، چمڙي واري اسپتال، هاءِ ڪورٽ ڊسپنسري، سنڌ سيڪريٽريٽ ڊسپنسري، چيف منسٽر هائي .وس ڊسپنسري، صوبائي حڪومت جي حوالي آهن، باقي سيئي سرڪاري ادارا سٽي گورنمينٽ جي صحت کاتي جي حوالي آهن.

سنڌ حڪومت، وفاقي حڪومت ۽ شهري حڪومت پاران هلندڙ مختلف صحت ادارن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| | | |
|---|---|---|
| 1 | اسپتالون | 21 |
| 2 | ڊسپينسريون | 157 |
| 3 | بنيادي صحت مرڪز BHU | 26 |
| 4 | ويم گهر MH | 27 |
| 5 | رورل هيلٿ سينٽر RHC | 06 |
| 6 | ماءُ ۽ ٻارن جا صحت مرڪز MCH | 10 |
| 7 | يوناني ڪلينڪ | 06 |
| 8 | هوميو ڪلينڪ | 03 |
| 9 | اربن هيلٿ سينٽر UHC | 05 |
| 10 | اربن هيلٿ يونٽ UHU | 08 |
| 11 | ڏندن لاءِ اسپتال | 01 |
| 12 | آپريشن ٿيٽر اسپتالن ۽ ڊسپينسرين ڪانسواءِ | 01 |
| 13 | ليبارٽري ٿيٽر اسپتالن ۽ ڊسپنسرين ڪانسواءِ | 01 |
| 14 | ڊائيگنو سنٽر اسپتالن ۽ ڊسپنسرين ڪانسواءِ | 01 |
| | ٽوٽل | 273 |

پي. اين. ايس شفا ڪراچي ڪئنٽ ۽ ڪمبائينڊ ملٽري اسپتال (CMH) ملير ڪئنٽ ڪانسواءِ ڪراچي جي ڪئنٽومينٽ علائقن ۾ ڏهن کان مٿي ڊسپنسريون موجود آهن. ڪراچي پورٽ ٽرسٽ

جي حوالي هڪ اسپتال ”ڪياماڙي اسپتال“ آهي. اهي مٿين لسٽ کان ڌار آهن ۽ اهي ڪئنٽونمنٽ بورڊ جي حوالي آهن.

ايترن سارن  سرڪاري ۽ پرائيويٽ سطح تي اسپتالن، ميڊيڪل سينٽرن، ڪلينڪن، ڊسپنسرين، بنيادي صحت مرڪزن جي باوجود اسپتالن ۾ مريضن جو داخل ٿيڻ ڪنهن مسئلي کان گهٽ نہ آهي. ڳرين فيسن جي ڪري هونءَ بہ غريب ماڻهو انهن جو رخ نٿو ڪري. سرڪاري اسپتالن ۾ علاج جي ابتڙ صورتحال آهي. دوائن جي کوٽ، ڊاڪٽرن جي غير حاضري ڪري مريض دربدر آهن. انهن جو الله ڪانسواءِ ڪوبہ آسرو ڪونهي. تازو هڪ مڇر مان پيدا ٿيندڙ ڊينگي وائرس تي بہ حڪومت ڪنٽرول ڪري نہ سگهي. ڊينگي وائرس پوري حڪومت کي پريشان ڪيو.

# اکر پڙهه الف جو ورق سڀ وسار

پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، چوٿين سواري،
ننڍي هوندي جو نہ سکي، وڏي خواري

مٿين ذڪر ڪيل پهاڪي ۾ پڙهڻ کي پهريون درجو ڏنو ويو آهي جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ آڳاٽي زماني کان پڙهڻ کي اهميت حاصل رهي آهي. آچاريا (استاد) ۽ وديارٿي (شاگرد) جو رشتو تمام پراڻو آهي. رگ ويد جي منڊل پهرئين ۾ چيل آهي تہ.

”اي اشوني ڪمار ديوتائون، جيڪي استاهي پوڄاري، خاص رڳو توهان جي پوڄا ڪن ٿا، سي توهان جي رٿ (گاڏيءِ) جي چوڏاري ٻيهي، توهان جي ذات مان ائين لاڀ پرائين ٿا، جيئن سکيا وٺڻ لاءِ ودرياٿي (شاگرد) پنهنجي گروءَ (استاد) جا وچن ڌيان ڏيئي ٻڌن ٿا.“

هن مثال مان ظاهر آهي تہ رگ ويد واري زماني ۾ رشي ۽ برهمڻ عام ماڻهن جا وديا گرو هئا ۽ اُهي عام ماڻهن کي روحاني تعليم ڏيندا هئا. ان وقت سنڌو ماٿري ۾ برهمڻ، پروهت، رشي، راج رشي هوندا هئا. معنيٰ هن وقت کان تعليم جو رواج هوندو هو. اها تعليم گهٽو ڪري وڻن هيٺيان، گروڪل يا آشرم ۾ ڏني ويندي هئي. گروڪل هن دور ۾ ڄڻ تہ يونيورسٽيون هونديون هيون. سنڌو ماٿري جا ماڻهو ننڍپڻ کان وٺي تعليم (وديا) پرائيندا هئا. هن زماني ۾ پٽن سان گڏ نياڻين کي اعليٰ درجي جي تعليم ملندي هئي. گروڪل ويد واري زماني ۾ بہ هوندا هئا. انهن ۾ تعليم ڏيڻ وقت گهٽو ڪري پنهنجي نفساني خواهش کي روڪڻ تي زور ڏنو ويندو هو.

آڳاٽي لوڪن تعليم جو سرشتو ئي اهڙو رکيو هو جو پنهنجو سمورو ڌيان ڌرمي سکيا تي ڏيندا هئا. موهن جي دڙي جي لکٽي مان اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ لکڻ جو رواج بہ عام هوندو هو. اکرن ڪانسواءِ اکر تصويرن جي صورت ۾ بہ هوندا هئا.

چيني سياح هوان شيانگ ستين صديءَ ۾ هندستان کان پوءِ جڏهن سنڌ ۾ آيو تہ هن پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي تہ، ”هندستان ۾ ڪيترن هنڌن تي مون ماڻهن کي وڻن جي پنن تي لکندي ڏٺو.“

عربن جي قبضي کان اڳ سنڌ ۾ علم ۽ ادب جا مرڪز هوندا هئا. مختلف ملڪن جي اڳواڻن ڏانهن ان وقت راجا ڏاهر ۽ ٻين راجائن جا لکيل خط ان مثال لاءِ موجود آهن. اهي تمام مرڪز يا ان دور جا لکيل ڪتاب، پستڪ عربن انهن کي غير اسلامي ڄاڻائي تباهہ ڪيا يا ان وقت جي ڏاهن اهو تمام مواد هتان کڻي هندستان جي ٻين علائقن جو رخ ڪيو هوندو تہ جيئن انهن کي

بچائي سگهجي. اهو تمام مواد بهرحال هن وقت منظر تي نه آهي. جنهن جي ڪري به سنڌ جي آڳاٽي تاريخ، تهذيب اسان کان گهٽي قدر لڪل آهي. عربن جي دور کان اڳ به ديوناگري ۽ آڳاٽي دور واري موهن جي دڙي واري لڪٽي يا ٻين آثارن مان مليل لکت جيڪي اجا پڙهجي نه سگهيا آهن ۽ سنڌي لکي ويندي هئي.

عربن جي دور ۾ ٺٽي کانسواءِ منصوره علم ۽ ادب جو مرڪز هو. جتي ڪيترائي مدرسا هئا. جن کي يونيورسٽين جو درجو حاصل هو. ڪتاب ”احسن التقاسيم“ ۾ هڪ اهڙي مدرسي جو احوال ملي ٿو، جتي قاضي ابو محمد منصوري درس ڏيندو هو، جنهن کي امام جو درجو حاصل هو.

عربي، سنڌي رسم الخط سنڌ ۾ اسلامي دور جي پيدائش آهي. عربن جي قبضي دوران سنڌ ۾ عربي ٻولي کي دفترن، مدرسن ۽ درسگاهن ۾ سرڪاري ٻولي جي حيثيت حاصل هئي. هن کانپوءِ سومرن جي دور ۾ به عربي ٻولي تعليم حاصل ڪرڻ جو وسيلو ۽ سرڪاري ٻولي رهي. سمن جي دور ۾ فارسي ٻولي کي اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر سمن جي دور ۾ به عربي تعليم حاصل ڪرڻ جو وسيلو رهيو.

سنڌ ۾ عربي حڪمرانن کانپوءِ به سرڪاري ٻولي جي حيثيت به عربي کي حاصل ٿي. ڇاڪاڻ ته اها حڪمرانن جي ٻولي هئي، جنهن کي سرڪاري سرپرستي حاصل هئي. جنهن جي ڪري درسگاهن ۾ به عربي ٻولي کي لاڳو ڪيو ويو. پر عوامي ٻولي سنڌي هئي. سنڌي ٻولي ايتري مقبول هئي جو ٻاهران ايندڙ عربن ۽ ٻين سنڌي ٻولي سکڻ ۽ پڙهڻ کي ضروري سمجهيو. جنهن لاءِ مرڪزي شهرن جي درسگاهن ۾ عربي سان گڏ سنڌي کي هڪ مضمون طور پڙهايو ويندو هو. يحيٰ بن خالد برمڪي سنڌي ٻولي جي بلاغت جا گهٽائي ڪتاب ترجمو ڪرايا هئا.

عربن جي دور ۾ سنڌي شاعري ترقي ڪئي. عربي لاڳيتو اٺ صديون سنڌ ۾ علمي ۽ سرڪاري ٻولي رهي. سمن جي دور ۾ بکر، سيوهڻ، ڪاهان (ٻوبڪ، ٿلٽي) تعليم جا مرڪز هئا. ٺٽو ۽ ملتان علمي ادارن ۽ مدرسن جي ڪري مشهور هئا. ايران، افغانستان ۽ عربن جي علائقن مان ماڻهو هتي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. انهن درسگاهن ۾ محدث ۽ مشهور اديب ۽ اسڪالر تعليم ڏيندا هئا. ٺٽي ۾ هن دور ۾ چار هزار مدرسا ۽ تعليمي ادارا هوندا هئا. جن ۾ مختلف علمن جي تعليم ڏني ويندي هئي. ارغونن ۽ ترخانن جي ڏينهن ۾ به ٺٽو ۽ بکر علمي لحاظ کري ”ارض معموره“ سڏجڻ لڳا. انهن کان سواءِ سيوهڻ، نصرپور ۽ سکر علم ۽ فن جا مرڪز هئا. انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ سرڪاري دفترن ۾ فارسي، مدرسن ۾ عربي ۽ عام ٻولي سنڌي هئي. ان دور ۾ ٺٽي جي استادن ۽ انهن جي شاگردن پوري هندستان، فارس، مصر ۽ عرب ملڪن ۾ ناموري حاصل ڪئي.

مغلن پوري قوت سان سنڌ تي فارسي کي مڙهيو. تڏهن نئي جي عالمن سنڌي ٻولي بچائڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي، جيئن تہ سنڌي اڳ ۾ ئي پنهنجي تاريخي ۽ ارتقائي اعتبار سان هڪ اعليٰ سطح تي پهچي چڪي هئي. انهيءَ ڪري باوجود فارسي جي عمل ۽ اثر جي سنڌي جي انفراديت ۽ افاديت قائم رهي. عمل ۽ ردعمل ۾ سنڌي جي اهميت ۾ واڌارو ٿيو.

انهيءَ دور ۾ فارسي ۾ سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب لکجڻ لڳا. ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپرن جي دور ۾ بہ فارسي سرڪاري ٻولي رهي پر سنڌي ٻولي جي لاءِ اهي دور واڌ ويجهہ جا زبردست دور رهيا. ٽالپرن جي دور ۾ ڇهہ علمي مرڪز، سيوهڻ، نئي، کهڙا، مٽياري، مهڙ (عمرڪوٽ پرسان) چوٽياريون الهندو نارو مشهور هئا. انهن مرڪزن جي درسگاهن ۾ قرآن شريف، نورنامو (ملا عبدالحڪيم جو مرتب ڪيل)، معراج نامو، ڪريما، گلستان، بوستان، ديوان حافظ، يوسف زليخا، سڪندر نامو، مثنوي خاقاني ڪورس ۾ شامل هئا.

تعليمي مقصدن لاءِ سنڌيءَ ۾ درسيءَ ۽ علمي ڪتابن جي لکڻ جو رواج مغلن جي دور ۾ ٿيو. هن دور جو هڪ وڏو ذخيرو جيڪو عزت بن سليمان نالي ڪاتب 1657ع ۾ ٽن سالن ۾ اُتاري پورو ڪيو. اهي اُٺيتاليهہ منظوم موضوعن تي ٻڌل آهن. جيڪي تعليمي مقصد خاطر ان وقت جي عام رائج سنڌي ٻوليءَ ۾ ان وقت جي سنڌي عالمن ۽ استادن اهي منظوم ڪيا هئا.

ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ هر هڪ مدرسي ۾ هڪڙو مخدوم هوندو هو. جنهن جي حيثيت پرنسپل جي هوندي هئي. ٽي يا چار مولوي بہ هوندا هئا، جيڪي مختلف موضوعن تي ٻارن کي پڙهائيندا هئا. جن کي ٽيهن کان سٺ روپين تائين پگهار ملندي هئي. جيڪي ڄڻ تہ پروفيسر هئا. مدرسن ۾ شاگردن جي رهڻ لاءِ ڪمرا بہ هوندا هئا. انهن مدرسن ۾ عربي، فارسي سان گڏ سنڌي ۾ تعليم جو رواج هوندو هو. سنڌي ۾ نورنامو، معراج نامو، حڪايت الصالين نثري ۽ شعري، ڏند ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون شامل هونديون هيون. جن ۾ اسلامي معاشري ۽ سماجي درس شامل هوندو هو. نثري ۽ شعري ڪهاڻين ۾ ليليٰ مجنون، سيف الملوڪ، امير حمزو شامل هوندا هئا. سرڪاري دفترن ۾ فارسي جي رواج هئڻ ڪري اڳتي هلي سرڪاري نوڪري لاءِ فارسي لکڻ ۽ پڙهڻ لازمي هو، تنهنڪري شاگرد ان پاسي گهڻو ڌيان ڏيندا هئا. اعليٰ تعليم ۾ تفسير قرآن خاص مضمون طور شامل هوندو هو.

وڏن علمي مرڪزن ڪانسواءِ ننڍن ڳوٺن ۾ بہ تعليم جو وسيلو مدرسا هوندا هئا. جن کي حڪومت پاران وظيفو ملندو هو. گهڻن ڳوناٽي مدرسن جو خرچ علائقي جا زميندار پريندا هئا. انهن مدرسن ۾ بہ استاد مولوي ۽ خطيب مقرر هوندا هئا. جن جون پگهارون، حڪومت جي وظيفي،

عام ڳوٺاڻن جي چندي، زڪوات يا فطري مان ڏنو ويندو هو. اهو سلسلو اڄ به ننين ڳوٺن ۾ هلندڙ آهي.

وڏن علمي مرڪزن ۾ شاگردن لاءِ خوراڪ، ڪپڙي وغيره جو بندوبست هوندو هو، جيڪو انهن کي مفت ڏنو ويندو هو.

مدرسن جو سرڪار پاران باقاعده نصاب مقرر هوندو هو ۽ پوري سنڌ ۾ اهو نصاب مدرسن ۾ لاڳو هوندو هو جنهن ۾ (1) صرف، نحو (2) منطق، (3) فقا (4) تفسير (5) حديث (6) معاني، بيان ۽ بديع شامل هئا. درسي ڪتابن ۾ ميزان صرف، اجناس يا منشعب، عقد، زبده، تهذيب، مسلم ۽ ڪامل شافيا شامل هوندا هئا. تفسير ۾ جلالين، مدارڪ، بيضاوي، ڪشاف، جواهر، حسيني ۽ ٻيا مشهور ڪتاب پڙهيا ويندا هئا. انهن نصابي ڪتابن ڪانسواءِ حساب، ادب، شاعري، تاريخ ۽ جغرافي به پڙهائي ويندي هئي.

هندوئن جي ٻارن لاءِ الڳ تعليم جو بندوبست هوندو هو. ٻارن لاءِ مسجدن وانگرن مدرن، آشرمن ۽ گروڪل ۾ تعليم جو بندوبست هوندو هو. پر حڪومت جي ڪا خاص سرپستي انهن کي حاصل نه هئي. هندو سماج پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت انهن تعليمي ادارن کي هلائڻو پوندو هو. حڪومت پاران فقط چند وڏن ادارن کي مالي سهائتا هوندي هئي. برهمڻ استاد انهن کي هندي، سنڌي ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريندا هئا. اڳتي هلي علم جوتش، دهرم شاستر، ماترا شاستر وغيره به پڙهايو ويندو هو. فارسي سرڪاري ٻولي هئڻ ڪري گهڻا هندو فارسي ۾ به تعليم حاصل ڪندا هئا.

هاڻوڪي ڪراچي واري علائقي ۾ به مدرسن، درسگاهن يا گروڪل هوندا هئا. بندري ڳوٺ به هڪ ٻئي کان فاصلي تي هئا هتي ڳوٺن ۾ مسجد سان گڏ مدرسن جو رواج هوندو هو. هندو آبادي ۾ مندرن ۽ گروڪل ۾ تعليم ڏني ويندي هئي. علائقي جي تاريخ نه لکڻ ڪري انهن جو ذڪر تاريخ ۾ ڪونهي. اعليٰ تعليم لاءِ هتان جا شاگرد ٺٽي جو رخ ڪندا هئا. چاڪاڻ ته ان وقت ٺٽو، ڪراچي، ملير، گڏاپ، منگهو پير، حب ۽ لانڌي کي ويجهو هوندو هو. ٽالپرن جي اچڻ وقت بندرگاهه واري علائقي ۾ هڪ مسجد ۽ مدرسو هوندو هو. ان ڪانسواءِ منگهوپير، گڏاپ، گسري بندر، ريڙهي، لانڌي، ابراهيم حيدري، ملير، پير ڳوٺ ۽ درساڻو چنو ۾ ننڍا ننڍا مدرسا قائم هئا. جتي ٻارن کي درس ڏنو ويندو هو. اهم مرڪز درساڻو چنو هو چاڪاڻ ته هن جو نالو به انهيءَ ڪري پيو جو هتي ڪڪاون چنن ۾ ٻارن کي درس ڏنو ويندو هو جنهن جي ڪري انهن کي ”درسن جو چنو“ چيو ويو جيڪو بعد ۾ درساڻو چنو ٿي پيو. انهن مدرسن جا خاندان اڄ به هتي موجود آهن. ملير ڀهراڙي جي تعليم جي سلسلي ۾ اهم مرڪز هو. جيڪو سرهندي وارن ماڻهن جي سرپرستي ۾ هوندو

هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ بہ درساٽي چِني جو ذڪر ملي ٿو. ٽالپرن جي اچڻ وقت ملير واري علائقي هاٽوڪي جامعہ ملير ڪاليج واري جاءِ تي ملير نئين جي ڪناري هندوئن پاران گروڪل هوندو هو. جيڪو اڄ بہ انهيءَ نالي سان مشهور آهي جتي پوري ملير جي هندوئن جا ٻار تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. انگريزن جي دور ۾ هتي گوڪل داس نالي هڪ اسڪول بہ هلندڙ هو. ورهاڱي کان پوءِ گوڪل داس اسڪول جو نالو بدلائي جامعہ ملير اسڪول رکيو ويو جيڪو اڄ ڪاليج جي صورت ۾ ملير سٽي ريلوي اسٽيشن جي ڏکڻ طرف موجود آهي. هن ڪانسواءِ آسو ڳوٺ ۽ گڏاپ ۾ هندوئن پاران اسڪول ٽالپرن جي دور کان بہ اڳ قائم هئا.

ڊاڪٽر برنس 1828ع ۾ جڏهن سنڌ جو دورو ڪيو هو تہ هن پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ، ”سنڌ ۾ تعليم جي شعبي ۾ اهم ترقي ٿي آهي ۽ ٽالپر هن لاءِ ساليانو وڏي رقم خرچ ڪندا آهن.“

رچرڊ برٽن جڏهن ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ جو دورو ڪيو تہ هتي 16 وڏهن تعليمي ادارن جو ذڪر ڪيو ۽ لکيو تہ ”اهي تعليمي ضابطي ۾ ڪنهن يونيورسٽي کان گهٽ نہ آهن ۽ انهن 16 درسگاهن کي بنا ڪنهن شڪ جي يونيورسٽي چئي سگهجي ٿو.“

ڪيپٽن هارٽ پنهنجي رپورٽ The Town and Port of Kurrachee ۾ ڪراچي جي تعليمي سرگرمين بابت لکي ٿو:

”1839 ۾ ڪراچي ۾ ڏهن، ٻارنهن هنڌن تي مسلمان ٻارن کي تعليم ڏيڻ جو بندوبست هو. جتي مولوي صاحب ڏهن کان ٻارنهن سالن جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي عربي ۾ تعليم ڏيندا هئا. هي مدرسا مسجد ۾ يا ان سان گڏ هوندا هئا. انهن مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪندڙ ٻار ٽي، چار روپيا ماهوار مولوي کي فيس طور ادا ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪو شاگرد قرآن مجيد ختم ڪندو هو تہ شاگرد جا مائٽ (والدين) مولوي لاءِ سوکڙيون بہ موڪليندا هئا.“

هندو ٻارن جي تعليم متعلق هو لکي ٿو تہ:

”ٽن، چئن جاين تي هندو ٻارن جي تعليم جو انتظام هو جتي برهمڻ استاد مقرر هئا. هندو ٻار شروع ۾ ئي سنڌي پڙهڻ لکڻ سکندا هئا. هو فيس جي عيوض برهمڻ استاد کي چانور ۽ ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ڏيندا هئا.“

اليگزينڊر ايف.بيلي پنهنجي ڪتاب Kurrachee Past Presend and Future ۾ لکي ٿو، ”هندو ٻارن کي برهمڻ تعليم ڏيندا هئا. انهن ٻارن جا والدين برهمڻ استادن کي هڪ يا بہ روپيا ماهوار اجورو ادا ڪندا هئا ۽ مسلمان شاگرد في شاگرد چار روپيا ماهوار استاد کي اجورو ڏيندا هئا. مسلمان ڇوڪرين لاءِ قرآن مجيد جي تعليم لازمي حاصل ڪرڻي هوندي هئا.“

انهن رپورٽن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ٽالپر دور ۾ هتي تعليم جو هڪ باقاعده نظام موجود هو جيڪو حقيقت ۾ عربن جي دور کان هتي قائم هو.

انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ بہ ڏهن سالن تائين ٽالپرن جي تعليم جي دور وارو سرشتو لاڳو رهيو. فارسي جي جاءِ تي سنڌي کي سرڪاري ٻولي طور لاڳو ڪيو جيڪو راجا ڏاهر ۽ عربن جي شروع واري دور ۾ لاڳو هو. هن کان پوءِ ٻيهر 1851ع ۾ لاڳو ڪيو ويو. سنڌ ۾ سنڌي عربي ۽ ديوناگري لپي ۾ لکي ويندي هئي. انگريزن سرڪاري طور سنڌي کي عربي لپي جي منظوري ڏني ۽ اسڪولن ۾ ان کي لاڳو ڪيو ۽ اسڪولن لاءِ ڪورس جي منظوري ڏني ويئي.

1852ع ۾ عوام تي پنج سيڪڙو ٽيڪس تعليمي خرچ جي پورائو لاءِ نافذ ڪيو ويو. جنهن مان ہ سيڪڙو تعليم تي، ٽي سيڪڙو رستن جي اڏاوت ۽ ٻين ترقياتي ڪمن جي مد ۾ خرچ ڪيا ويندا هئا.

سنڌ جي ڌرتيءَ تي پهريون انگلش اسڪول 1841ع ۾ ڇانوڻي (هاٽوڪي صدر) واري علائقي ۾ چاليهن ريجمينٽ جي انگريز فوجين جي ٻارن لاءِ قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ پهرئين سال 50 شاگرد داخل ٿيا هئا. هي اسڪول صرف انگريز فوجين جي ٻارن لاءِ هو.

ڪراچي ۾ ٻيو اسڪول 1845ع ۾ ڪراچي جي ڪليڪٽر مسٽر پريڊي جي ڪوشش سان ڪچهري روڊ تي سندس آفيس لڳ "فري اسڪول" جي نالي سان قائم ڪيو ويو. بعد ۾ ان اسڪول جو نالو بدلائي چرچ مشنري سوسائٽي (سي.ايم.ايس) رکيو ويو. هن اسڪول جو پهريون هيڊ ماسٽر مسٽر مادو سلان هو. 1854ع ۾ هن اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو ۽ مسٽر جيمز شيلڊن هن جو پهريون پرنسپل مقرر ٿيو. هي انگريزي ميڊيم اسڪول هو، پر هن ۾ سنڌي هڪ مضمون طور ٻارن کي پڙهايو ويندو هو. هن جي هاٽوڪي جاءِ 1852ع ۾ اڏي ويئي. اسڪول لاءِ زمين ميونسپلٽي مفت فراهم ڪئي هئي.



اين جي وي هاءِ اسڪول جي بلڊنگ

ڪراچيءَ ۾ قائم ٽيندڙ ٽيون اسڪول ”انڊين يورپين اسڪول“ هو. جيڪو 1854ع ۾ سربارٽل فريئر جي ڪوشش سان پروٽيسٽنٽ عيسائين لاءِ صدر بازار ۾ قائم ڪيو ويو. بعد ۾ اسڪول جو نالو بدلائي گرامر اسڪول رکيو ويو. اسڪول جي هاڻوڪي خوبصورت جاءِ 1875ع ۾ اڏي ويئي. هن کان اڳ اسڪول مسواڙ واري جاءِ تي هلندڙ هو. هاڻوڪي جاءِ تي چاليھ هزار روپيا خرچ ٿيا. هن اسڪول جي خرچ جي پورائو لاءِ سنڌ حڪومت پاران 100 روپيا ۽ ڪراچي ميونسپلٽي پاران 80 روپيا ماهوار امداد ملندي هئي. ماضي وانگر اج بہ ان اسڪول ۾ سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ سول ۽ فوجي بيورو ڪريٽس جا ٻار تعليم حاصل ڪن ٿا. غريب جو ٻار اج بہ فقط هن اسڪول جي عمارت کي ڏسڻ جي حسرت ڪري سگهي ٿو.

ڪراچي ۾ قائم ٿيندڙ چوٿون اسڪول ”اينگلو ورنا ڪولر انگلش ميڊيم اسڪول“ هو. مقامي سنڌي آبادي لاءِ هي پهريون انگلش ميڊيم اسڪول هو. اسڪول ۾ انگريزي سان گڏ سنڌي بہ پڙهائي ويندي هئي. هي اسڪول 1855ع ۾ سنڌ جي حڪومت ۽ ڪراچي ميونسپلٽي جي ڪوشش سان قائم ٿيو. شروع ۾ اسڪول ڪوڙي گارڊن ۾ مسواڙ جي جاءِ تي هلندڙ هو. بعد ۾ بندر روڊ تي هاڻوڪي ڊائو ميڊيڪل ڪاليج واري جاءِ تي اسڪول لاءِ جاءِ اڏي ويئي. جنهن کي ليفٽيننٽ چيپ مين ڊيزائين ڪيو ۽ ان جي اڏاوت تي 4816 روپيا خرچ آيو. جنهن مان 2016 ڪراچي ميونسپلٽي ۽ باقي سنڌ حڪومت ادا ڪيا. اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر مهاديو شاستري هو.

جنهن جي پگهار ان وقت 120 روپيا هئي. سنڌي جو استاد آخوند محمد حسين هو. 1857ع ۾ 79 شاگردن مان 12 شاگرد سنڌي جنهن مان 11 هندو ۽ هڪ مسلمان هو.




**اينگلو ورنا ڪولر اسڪول 1873ع**

1864ع ۾ هن کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. هن وقت سنڌ ۾ تعليم جو کاتو قائم نہ هو. تنهنڪري سنڌ جي روينيو کاتي جي هڪ انگريز آفيسر کي تعليم کاتي جي نگراني جي واڌو ذميداري ڏنل هئي. نارائڻ جگن ناٿ ويديا هتي استاد مقرر هو. 1865ع ۾ جڏهن تعليم جو کاتو ناهيو ويو تہ مسٽر گولڊ اسمٿ کي تعليم کاتي جو پهريون انسپيڪٽر ۽ نارائڻ جگن ناٿ ويديا کي پهريون ڊپٽي انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. نارائڻ جگن ناٿ 1872ع تائين ان عهدي تي رهيو. 1873ع ۾ جڏهن هو ديهانت ڪري ويو تہ هن جي تعليمي خدمتن جي عيوض اسڪول جو نالو ”نارائڻ جگن ناٿ (N.J.) اينگلو ورنا ڪولر اسڪول“ رکيو ويو. 1888ع ۾ اين. جي. هاءِ اسڪول ۾ 389 شاگردن مان 276 هندو، 93 پارسي، 17 مسلمان ۽ 3 يهودي هئا ۽ هن سال 13 شاگرد ميٽرڪ ۾ پاس ٿيا هئا. 1889ع ۾ نارائڻ جگن ناٿ جي پوٽي مسٽر سي. ڊي ويديا جيڪو بيرسٽر هو. سنڌ حڪومت کي گذارش ڪئي تہ اسڪول جو نالو نارائڻ جگن ناٿ ويديا (N.J.V) هاءِ اسڪول رکيو وڃي. چاڪاڻ ويديا کان سواءِ ان جي ڏاڏي جو نالو اڻ پورو آهي. 1939ع ۾ اسڪول جي نالي ۾ ”ويديا“ لفظ جو واڌارو ڪيو ويو. هن اسڪول جي جاءِ کي جڏهن ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي حوالي ڪيو ويو تہ هن جي چئن شفٽن جنهن ۾ سنڌي، گجراتي، مرهٽي ۽ اردو هئا. انهن کي مختلف جاين ۾ شفٽ ڪيو ويو. سنڌي شعبي کي سعيد منزل ويجهو بندر روڊ تي سنڌ اسيمبلي جي پراڻي عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو جيڪو اڄ بہ هتي هلندڙ آهي.

ڪراچي ۾ 1855ع ۾ پراڻي ڪراچي واري علائقي ۾ هڪ ٽيڪنيڪل اسڪول قائم ڪيو ويو جنهن جو مقصد سنڌ پبلڪ ورڪس کاتي لاءِ هنرمند ماڻهو پيدا ڪرڻ هو.

23 مئي 1859ع ۾ ڪراچي ۾ پهريون فارسي اسڪول ”اينگلو ورنا ڪولر اسڪول“ جي نالي قائم ڪيو ويو. ان اسڪول جي قائم ڪرڻ ۾ شاپور جي هرمز جي سپاري والا جو وڏو هٿ آهي.

اسڪول جي جاءِ لاءِ هن پنهنجو گهر امداد طور ڏنو. 1870ع ۾ اسڪول جو نالو سندس گهر واري پويان بائي جي وير جي سپاري والا (B.V.S) رکيو ويو. 1875ع ۾ هتي 100 شاگرد، 1887ع ۾ 125 شاگرد ۽ 1933ع ۾ 421 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. شروع ۾ استاد بنا ڪنهن اجوري جي پڙهائيندا هئا. ان دور ۾ ۾ به هتي سائنس، ڊرائنگ ۽ هٿ هنر جا شعبا، لائبريري ۽ جمنازيم جو به انتظام ٿيل هو. اسڪول اڄ به قائم آهي ۽ ڪراچي جي بهترين اسڪولن مان هڪ آهي.

1861ع ۾ ڪراچي جو مشهور اسڪول سينٽ پيٽرڪ اسڪول صدر ۾ قائم ٿيو. هن اسڪول جي قيام ۾ رومن ڪيٿولڪ عيسائين جي هڪ مذهبي اڳواڻ مسٽر جي ولي (MR.J.Willy) ۽ راهبائن (Nuns) جي هڪ گروپ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1862ع ۾ اسڪول ۾ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن لاءِ الڳ الڳ اسڪولن جو بندوبست ڪيو ويو. ڇوڪرن جو اسڪول جيڪو هاءِ اسڪول جي نالي سان مشهور هو. تنهن کي الڳ جاءِ ۾ منتقل ڪيو ويو. 1900ع ۾ ڇوڪرين جي اسڪول کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. هڪ حصي جو نالو گرلز ڪانوينٽ اسڪول، جنهن ۾ غير يورپي ڪرسچن ڇوڪريون پڙهنديون هيون. جڏهن ته ٻئي حصي جو نالو ڪانوينٽ هاءِ اسڪول رکيو ويو. جيڪو يورپين ۽ اينگلو انڊين ٻارن لاءِ هو. هن اسڪول کي 1900ع ۾ مئٽرڪ جو درجو ڏنو ويو. 1893ع ۾ هاڻوڪي عمارت تيار ٿي. هي اسڪول سينٽ پيٽرڪ چرچ صدر سان ڳنڊيل آهي.



**انگريزن جي دور ۾ هلنڊڙ هڪ گرلز اسڪول جي ڪلاس ۾ روم جو منظر 1873ع**

1866ع ۾ منهوڙي ۾ يورپين ۽ اينگلو انڊين ٻارن لاءِ هڪ پرائمري اسڪول ”همبلي اسڪول منهوڙو“ قائم ڪيو ويو. ڊسمبر 1868ع ۾ گجراتي ڪميونٽي جي هڪ اڳواڻ رام داس پيم جي گجراتي شاگردن لاءِ هڪ اسڪول قائم ڪيو. حڪومت هن اسڪول کي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. هي اسڪول هندو گجراتي ٻارن لاءِ هو. هن اسڪول جو هڪ برانچ چاڪيواڙي ۾ مسلمان گجراتي ٻارن لاءِ هو. جولاءِ 1869ع حڪومت پاران ڪوڙي گارڊن ڪوارٽرز ۾ مسلمان ڇوڪرين لاءِ پهريون محمدن گرلز اسڪول قائم ڪيو ويو. 1875ع ۾ هڪ ٻيو گرلز اسڪول گاڏي کاتي جي (هاڻوڪي لائيٽ هائوس شاپنگ سينٽر بندر روڊ جي سامهون وارو علائقو) پراڻي مارڪيٽ واري علائقي ۾ قائم ڪيو ويو. 1887ع ۾ ڪوڙي گارڊن واري اسڪول ۾ 86 ۽ گاڏي کاتي واري گرلز

اسڪول ۾ 76 شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون هيون. اڳتي هلي ڪراچي ۾ ٽي ٻيا گرلز اسڪول (1) ووڊر برن گرلز اسڪول (2) گجراتي گرلز اسڪول (3) زنانا مشن اسڪول قائم ڪيا ويا. اهڙي طرح 1900ع تائين ڪراچي ۾ ست گرلز اسڪول ٽي چڪا هئا.

1887-88ع تائين ڪراچي ميونسپلٽي پاران ميونسپلٽي جي حدن اندر هيٺيان پرائمري سرڪاري اسڪول قائم ڪيا ويا هئا.

# صحافت ۽ ادب جو سفر

سڪندراعظم جي فوجن جو سنڌ ۾ اچڻ کان وٺي انگريزن جي قبضي ۽ هاڻوڪي الحاق تائين سنڌ جي تاريخ غلامي جي هڪ نہ ٽٽندڙ داستان آهي. سنڌ جي ادب ۽ صحافت تي هن جا گهرا اثر موجود آهن. غلامي جي ڪري سنڌ، سنڌي ماڻهن سماج ۽ تاريخ تي وڏو اثر پيو ۽ هن غلامي جي ڪارڻ اڄ اسان جي تاريخ جا پنا ڪٽي گم آهن. تاريخ جا اهي ورق حملو ڪندڙن جي گهوڙن جي سنبن هينيان لتاڙجي هميشہ لاءِ ختم ٿي ويا آهن. سنڌ جا اديب، محقق، دانشور ۽ ٻولي جا ماهر ماضي جي انهن ٽٽل سلسلن کي جوڙڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن. موهن جي دڙي ۽ ٻين آثارن جي لکت اڃا تائين سمجهہ ۾ نہ اچي سگهي آهي.

ٻولي جا ماهر هن ڳالهہ تي هڪ آهن تہ ٻولين جي شروعات شاعري سان ٿي هئي. سنڌي ٻولي قديم وقتن کان ان سلسلي ۾ شاهوڪار رهي آهي. موهن جي دڙي واري دور کان سنڌي ٻولي ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جو رواج هو. عربن جي قبضي کان اڳ سنڌي ٻولي سڌريل ٻولي هئي. نئين تحقيق موجب سنڌي ٻولي بنيادي طور، سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل ناهي، پر سنسڪرت کان اڳ واري دور ۾ سنڌو، ماترياءِ جي قديم ٻولي آهي.

ماهرن جو خيال آهي تہ راءِ، برهمڻ وارو دور سنڌي ٻولي جي ترقي طرف وڌڻ جو بنيادي دور آهي. سومرن جي دور ۾ هاڻوڪي سنڌي ٻولي اُسري، سومرن ۽ سمن جي دور ۾ سنڌي ٻولي ڪافي ترقي ڪئي ۽ تاريخي لحاظ کان ڪافي مواد اسان وٽ موجود آهي.

اڪثر رومانوي داستان سومرن جي دور ۾ تخليق ٿيا ۽ انهن تي سگهڙن طبع آزمائي ڪئي. انهي زماني ۾ سنڌي ٻولي ڪڇ، ڪاٺياواڙ، بلوچستان ۽ پنجاب تائين ڳالهائي ويندي هئي.

انهيءَ دور ۾ ڪراچي واري هاڻوڪي علائقي ۾ ادبي تاريخ جو ڏس ملي ٿو. لوڪ داستانن مورڙو ميربحر ۽ سسئي پنهون ڪراچي ۾ جنم ورتو. انهيءَ دور جي شاعري ۾ انهن داستانن کي شاعري ۾ آڻي سگهڙن ۽ شاعرن انهن ڪردارن ۽ تاريخي واقعن ۽ هنڌن کي امر ڪري ڇڏيو. جنهن سان هن دور جي تاريخ ڪنهن حد تائين محفوظ ٿي.

شروع ۾ ڀڳتن، ڀانن، مڱڻهارن، عشقيہ داستانن، قصن توڙي جنگي واقعن کي بيان ڪيو، سورهين جي سورهيائي، سردارن جي واڪاڻ ۽ عشق جي رمزن کي بيان ڪرڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيو. اهو فن سومرن جي دور ۾ عروج تي پهتو پر بدقسمتي  سان هن دور جي تاريخ اسان تائين گهٽ پهتي آهي. سمن جي دور ۾ انهيءَ سلسلي ۾ گهڻو مواد ملي ٿو.

مورڙو مير بحر، سسئي پنهون اهي ٻئي قصا عربن جي آخري ۽ سومرن جي شروع واري دور جا آهن. سسئي پنهون جو داستان سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾ قافلن وسيلي واپار واري ماحول تي

ٻڌل آهي. اهو واپار سنڌ، هندستان، مڪران ايران ۽ عراق ڪي ڳنڍيندڙ رستي سان ڳنڍيل هو. ان قصي جو مرڪز ڪراچي ويجهو ٻنپور آهي جنهن سان سنڌ ۽ بلوچستان جي واپار، ثقافت ۽ سماجي ڳانڍاپن جي خبر پوي ٿي. ڪراچي، ملير ۽ مڪران جي شاعرن انهيءَ زماني جي بلوچي شاعرن به هن قصي کي بيان ڪري تاريخ ۾ امر ڪري ڇڏيو.

ٻيو قصو مورڙي ميربحر جو آهي جنهن جو مرڪز دڙبو لڳ ڪلاچي جو ڪن ۽ سون مياڻي تائين ساموندي ڪنارو آهي. مورڙي جو تعلق راجا دلو راءِ جي دربار سان ڄاڻايل آهي. جنهن جي حڪومت محققن موجب عربن جي زوال ۽ سومرن جي شروعاتي دور واري عرصي ۾ رهيو آهي. اٽڪل سترهين صديءَ ۾ پراڻن روايتن جي بنياد تي قصا بيان ڪندڙ شاعرن ساڳين قصن کي وري نئين سر هن وقت جي نظمي فارم يعني ڏگهن بيتن ۾ جوڙيو. مورڙو مير بحر، سسئي پنهون ۽ ٻين کي پراڻي روايتن مطابق ٻيهر منظوم ڪيو ويو. اهڙي نظمي قصن سان اها پروڙ ٿي ته اهي به ٿي صديون اڳ به رائج هئا.

موکي متارن جي داستان به ڪراچي ۾ جنم ورتو، جيڪو سمن جي آخري دور جو واقعو آهي ان قصي کي به ان دور جي شاعرن ۽ بعد ۾ ايندڙ شاعرن خاص ڪري سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٿنهي داستانن کي پنهنجي رسالي ۾ امر ڪري ڇڏيو. جنهن سان ان وقت جي پوري تاريخ، ماڳ مڪانن جي خبر پوي ٿي. لطيف خود سفر ڪري انهن علائقن ڏانهن ويو. ڪوجنا ڪئي.

سومرن جي دور ۾ سورٺ راءِ ڏياچ، مومل راڻو، عمر مارئي، ليلان چنيسر، سهڻي مهيار، مل محمود مهرنگار، ڏمڻ سونارو، عمر ۽ ڳنگا جا قصا به مشهور ٿيا ۽ شاعرن انهن کي شاعر ۾ آڻي محفوظ ڪيو ۽ سنڌي ادب جي جاءِ جا ٿنيا ٿيا ۽ ان دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۾ وڌو واڌارو ٿيو.

سمن جي دور ۾ ڏکڻ پاسي لاڙ ۾ ننڍو سمن جي گادي جو هنڌ هو. جنهن ڪري ڪوهستان توڙي لسٻيلي ۾ سنڌي ٻولي وڌيڪ مضبوط ٿي. لسٻيلي کي سومرن جي دور ۾ سنڌي قبيلن وڃي وسايو جتي رونجهن پنهنجي سرداري قائم ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جو ڪوهستاني ۽ لاسڪي لهجو انهن علائقن ۾ اڃ ۾ موجود هو. سنڌي جو اهو شاهوڪار لهجو اڄ پوري لس، ڪوهستان، ڪراچي ۽ لاڙ ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. رونجهن جي عروج واري دور ۾ سنڌي ٻولي مڪران ۽ بلوچستان جي ٻين علائقن تائين پهتي ته هتي سنڌي بلوچي جي ميلاپ جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ نئين شاخ "جدگالي" اپري. جنهن ڪري لس جي ٻولي سان گڏ مڪران جي بلوچي

جا بيشمار لفظ موجود آهن. اها ٻولي اڄ بہ ڪراچي، ٺٽو، حيدرآباد، لس، مڪران ۽ ايران تائين ڳالهائي وڃي ٿي.

جدگال جيڪي اصل ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي ساموندي پٽي جا جت آهن. اهي جڏهن ايران جي علائقي باهو ڪلات ۽ دشتياري تائين پهتا، جتي انهن حڪومت بہ ڪئي. نئين ٻولي ڪري بلوچن انهن کي ”جت- گال“ معنيٰ جتن جي ٻولي ڳالهائڻ وارو چيو. جيڪو بعد ۾ بگڙجي جدگال ٿيو ۽ انهن جي ڳالهائيندڙ ٻولي کي جدگالي سڏيو ويو.

سمن جي اوائلي دور ۾ ماموئي فقيرن جا بيت ظاهر ٿيا. موکي ۽ متارن جو قصو بہ سومرن جي آخري ۽ سمن جي شروع واري دور جو آهي. موکي ۽ متارن جي قصي جو تعلق ميخاني جي ماحول سان آهي. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ فارسي شاعري ۾ عروج ۽ اوج تي رهيو. مبين شاهہ ڪريم (وفات 1663ع) جي هينين بيت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هي داستان ان دور ۾ مشهور هو.

**متار ڪا ڳيرو، گرٿ نہ پڻن گوڏ،**

**آيا اگڻ هوڏ، سِر ڏئو سروپين.**

جيئن تہ منهنجي موضوع جو تعلق ڪراچي جي ادب ۽ صحافت سان آهي ان ڪري انهيءَ علائقي ۾ اسرندڙ ادب ۽ صحافت جو ذڪر ڪندس پر مجموعي طور پوري سنڌ ۾ جيڪي بہ مشهور داستان ۽ قصا آهن انهن کي ڪراچي کان پنجاب، لسٻيلي کان ڪڇ تائين سيني شاعرن ۽ سگهڙن بيان ڪيو ۽ ڳايو، سسئي پنهون جي محبتي داستان متعلق لکت ۾ جيڪي ڏڱها سنڌي بيت ملن ٿا تہ اهي محمد عارف ڪلهوڙي ۽ مورئي فقير جا آهن.

ان دور جي ڪراچي، ملير، منگهو پير ۽ گابو پٽ جيڪو هاڻوڪو ڪراچي آهي، سنڌي ادب جي ڪتابن ۾ هتان جي شاعرن سگهڙن جو ذڪر گهٽ ٿو ملي اهو نہ هجڻ جي برابر آهي. ان دور ۾ لسٻيلي کان وني پنيور تائين سگهڙ موجود هئا جن پنهنجي شاعري ۾ سنڌ جي تمام قصن کي بيان ڪيو آهي. ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور جو هتي وڏو ادبي خزانو موجود آهي. جنهن جو مثال هن دور ۾ هتان جي قبيلن جو حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪائڻ ڪانسواءِ هتي موجود قبيلن جي پاڻ ۾ لڙاين، سسئي پنهون، مورڙي ميربحر، موکي متارن، مري مگتر ۽ بين داستانن تي سگهڙن جا چيل بيت موجود آهن پر هن پوري زخيري کي ميڙي هڪ هنڌ ڪرڻ جي ضرورت آهي. (وڌيڪ احوال ملير واري باب ۾ ڏنل آهي). سنڌي ۽ بلوچي جا اهي سگهڙ تاريخ جي ورقن جا زينت نہ بڻجي سگهندا آهن.

مغل دور کان ٽالپر دور تائين مادري ٻولي سنڌي ۾ بنيادي تعليم ڏيڻ واري تحريڪ جا بنياد مضبوط ٿيا. سنڌي درسي نصاب جو بنياد مضبوط ٿيو. ابوالحسن جي سنڌي جي عام مقبوليت سان سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ ڪامياب ٿي. جنهن سان اهو ٿيو. جو مختلف موضوعن تي فارسي جي بجاءِ سنڌي ۾ ڪتاب لکڻ جو رواج پيو. ڪتابن جي ترجمن جو سلسلو شروع ٿيو. ان دور ۾ عالمن جي تحقيق جو معيار به بلند رهيو. ان تحريڪ جي نتيجي ۾ سنڌي ادب ترقي طرف قدم وڌايا. هن دور جو هڪ قيمتي علمي ۽ ادبي ذخيرو هڪڙي ڪاتب عزت بن سليمان 1067-1029هه وارن سالن ۾ اتاريو. جنهن ۾ اوڻيتاليهين موضوعن وارا منظوم تيرنهن مختلف عالمن ۽ استادن جا لکيل منظوم شامل آهن. ان دور ۾ عوامي يا لوڪ شاعريءَ به سڌي ترقي ڪئي. ان ڏس ۾ مولود، مداح، ثنا، مناقبا، معجزا، مناجات ڪي سوين شاعرن پنهنجي اظهار جو وسيلو بنايو ۽ واقعاتي بيتن گهڻي ترقي ڪئي.

برطانوي دور ۾ جڏهن ڪراچي کي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بنايو ويو ته ڪراچي سنڌ جي علمي، ادبي، صحافتي ثقافتي ۽ واپاري مرڪز سان گڏوگڏ مذهبن جو به مرڪز ٿيو. جنهن جي ڪري گهڻن سنڌي اديبن، سياستدانن، محققن، تعليمي ماهرن، صحافين، مذهبي اڳواڻن ۽ واپارين ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ پوءِ هميشه لاءِ هتي جا ٿي ويا ۽ ڪراچي جي مٽيءَ ۾ دفن ٿي ويا. سنڌ ۾ علم و ادب ۽ مختلف فڪري ۽ نظرياتي تحريڪون هتان اڀريون ۽ اڳتي هلي سنڌي ادبي سنگت جهڙي فعال تنظيم جو بنياد به انهيءَ شهر ۾ پيو.

انگريز دور ۾ سنڌي ٻوليءَ عربي ۽ فارسي ٻولين جي جاءِ والاري، ڇاڪاڻ ته اڳ ۾ گهڻو ڪري لکڻ ۽ پڙهڻ جو ڪم عربي ۽ فارسي ۾ ٿيندو هو. فريئر جي پاليسين ڪري سنڌي ٻولي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ڪانسواءِ تحقيق، تخليق ۽ ترجمي جي ڪم وڏي پئماني تي ترقي ڪئي. ديوان ننديرام، سيٺ آلو مل، آخوند عبدالرحيم وفا، سيد ميران محمد شاهه، ڪوڙومل، ڪلناڻي ۽ ڪيولرام انگريزن جي اوائلي دور ۾ سنڌي ادب جي اوسر جي آبياري ڪئي. ننديرام جنهن ترجمن وسيلي سنڌي ادب جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀ کان پهرئين تاريخ جو ڪتاب به هن آندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيندڙ ناول "راسيلاس" آهي جنهن جو ترجمو به ڪراچي ۾ ٿيو ۽ سنڌي ٻولي جو پهريون ڇاپو خانو به ڪمشنر هائوس ڪراچي ۾ قائم ٿيو. هن دور ۾ ڪراچي ۾ ڪڏي، لياري، ملير ۽ صدر ۾ قائم مدرسن مذهبي ڪتاب لکي سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو. انگريزن جي دور ۾ ڪراچي سنڌي ادب ۽ صحافت جي مرڪز طور اڀري سامهون آيو. ان دور ۾ ترجمن وسيلي سنڌي ادب ۾ بي پناهه ٿيو. هن دور ۾ اخبارن ۽ رسالن سنڌي ادب ۽ صحافت جي ترقي ۾ اهم رول ادا ڪيو. هڪ ئي وقت اديب، صحافي ۽ شاعر سياست ۾ سرگرم

هوندو هو. جنهن جي ڪري اديب، صحافي، سياستدان ۽ مذهبي اڳواڻن جي درجا بندي ڪرڻ ڏکيو آهي. هڪ ئي وقت انهن ۾ سڀ خوبيون موجود هيون. ان دور ۾ ڪراچي مان شايع ٿيندڙ اخبارن ادب، سياست ۽ مذهب ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ۽ ادب کي زنده رکيو.

ڪراچي ۾ صحافت:

اخبار نويسي جي بي ترتيب بنياد جو پتو مغلن جي دور ۾ پوي ٿو. سيد عبدالجليل بلگرامي ۽ سيد غلام علي آزاد بلگرامي مغلن پاران سيوهڻ ۾ وقائع نگار هئا. بکر ۽ ٺٽي ۾ به واقع نگار هوندا هئا. جيڪي مغل دربار ۾ خبرون موڪليندا هئا. آزاد بلگرامي ”وقائع سيوستان“ جو ايڊيٽر هو. جيڪا روزاني اخبار هئي. ان وقت سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي اخبارون روزاني نڪرنديون هيون. جن ۾ ”وقائع سرڪار سيوستاني“ ”وقائع سرڪار ٺٽو“ ۽ ”وقائع سرڪار بکر“ سرڪاري خبرن تي ٻڌل اخبارون نڪرنديون هيون. مرحوم فتح محمد سيوهاڻيءَ موجب وقائع سرڪار سيوستاني جيڪا به روزاني هئي جنهن جي آفيس سيوهڻ ۾ اڙل واهه جي پرسان هئي. دراصل وقائع نويسي، اخبار نويسيءَ جي پيڙهه جو ڪم ڪيو.

ٽالپرن جي دور ۾ به سرڪاري ٻولي فارسي هئي هن دور ۾ به اسان کي فارسيءَ جا ڪجهه پرچا ملن ٿا. جيڪي ماهوار ۽ پندرنهن ڏيهاڙا آهن. جن ۾ مغلن سميت ٻين حاڪمن جا ڏکيا بيان ۽ حڪمن ناما بيان هوندا هئا.

سنڌ ۾ باقاعده صحافت جي شروعات انگريزن جي دور ۾ ٿي جڏهن چارلس نيپئر پنهنجي قبضي کي جائز سمجهڻ ۽ پنهنجي مقصد جي پرچارڪ ۽ سنڌ ۾ بغاوت کي ماٺو ڪرڻ لاءِ 1845ع ۾ سنڌ ۾ پهرئين هفتي وار انگريزي اخبار ”ڪراچي ايڊورٽائيزر“ جاري ڪئي. هي اخبار هاڻوڪي خطي جنهن کي پاڪستان جو نالو ڏنو ويو آهي. اها پهرئين شايع ٿيندڙ اخبار هئي. اهڙي طرح اهو اعزاز به سنڌ جي شهر ڪراچي کي حاصل آهي. هن اخبار جو مقصد سنڌ جي فوجي گورنر چارلس نيپئر جي حڪومت جي سياسي ۽ فوجي پاليسين جو دفاع ڪرڻ هو. جنهن ۾ ميجر آئوٽ رام سميت ٻيا انگريز نيپئر تي ٿيندڙ تنقيدن جو جواب اخبار وسيلي ڏيندا هئا. اخبار گورنمينٽ پريس جيڪا ڪمشنر هائوس ۾ ڇپجندي هئي.

ڪراچي مان شائع ٿيندڙ ٻي اخبار ”سنڌين“ (Sind ian) هئي. جيڪا هفتي ۾ به ڀيرا نڪرندي هئي. اخبار 1952ع جي آخر ۾ جاري ٿي. انگريزي ۾ شائع ٿيندڙ ان اخبار جو پهريون ايڊيٽر مسٽر اي. ڊبليو اسٽرينج هو. هي گورنمينٽ پرنٽنگ پريس ۾ ڇپجندي هئي. گورنمينٽ پرنٽنگ پريس سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ پهريون ڇاپو خانو هو. ”سنڌين“ اخبار ڇئن صفحن ۽ پنجن ڪالمن تي ٻڌل هئي. هي اخبار سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر ۽ ٻين ڪجهه انگريزن پنهنجي خرچ تي جاري ڪئي هئي.

اخبار جي قيمت 5 آنا هئي ۽ ساليانو چندو 26 رپيا هو. جڏهن ڪو اهم واقعو ٿيندو هو تہ اخبار پاران ضميمو شايع ڪيو ويندو هو. سنڌ ۾ اخبارن پاران ضميمي شائع ڪرڻ جو رواج بہ ”سنڌين“ اخبار شروع ڪيو. اڳتي هلي اخبار جو نالو ”سنڌين“ مان بدلائي ”سنڌٽائيمز“ رکيو ويو ۽ هي اخبار هفتي ۾ ٽي ڀيرا نڪرڻ لڳي. 1889ع جي آخر تائين هي اخبار ڪراچي مان شائع ٿيندي هئي. ڪراچي مان شائع ٿيندڙ ٽين اخبار ”سنڌ قاصد“ (Sind Kossid) آهي. جيڪا 6 جون 1854ع ۾ جاري ٿي. انگريزي ۾ شائع ٿيندڙ هي اخبار هفتي ۾ بہ ڀيرا نڪرندي هئي. هيءَ پنهنجي دور جي مشهور اخبار هئي. ان اخبار باقاعده مضمون جو سلسلو بہ شروع ڪيو. اخبار ۾ ڪراچي جي سماجي، ثقافتي، واپاري ۽ سرڪاري سرگرمين جون خبرون شائع ٿينديون هيون. پهرئين هي اخبار ننڍي سائز ۾ هوندي هئي. پهرئين سيپٽمبر 1854ع ۾ وڏي سائيز ۾ شائع ٿيڻ لڳي. ان اخبار جو مالڪ ۽ ايڊيٽر مسٽر جان برگس ۽ پبلشر مسٽ جارج رابرگس هو. جان برگس ان کان اڳ اخبار سنڌين جو ايڊيٽر بہ رهي چڪو هو. اخبار پنهنجي پريس ”سنڌ قاصد پريس“ مان ڇپجندي هئي. جيڪا نيپئر روڊ تي هئي. جتي هاٽي گودام آهن.

سنڌ قاصد پريس سنڌ ۾ پهريون پرائيويٽ پريس هو. 1854ع ۾ ڪراچي مان ”سنڌ نيوز“ ۽ ”فونڪس“ (Phonix) انگريزي اخبارون جاري ٿيون. ”فونڪس“ بعد ۾ روزاني اخبار ٿي. 1888ع ۾ فونڪس کي جنهن جا مالڪ يورپي هئا مقامي پارسي واپارين خريد ڪيو. ”سنڌ نيوز“ جو پهريون ايڊيٽر جان هاروي هو.

سنڌ ۾ مقامي ٻولي ۾ پهرئين اخبار 1855ع مان ڪراچيءَ مان گجراتي ٻولي ۾ شائع ٿيندڙ اخبار ”سنڌ سماچار“ آهي. هي هفتيوار اخبار هئي ۽ سنڌين پريس ۾ ڇپجندي هئي. سنڌين پريس ڪراچي ۾ قائم ٿيندڙ ٿيون پريس هو. 1886ع ۾ ”سنڌ سڀا“ ان اخبار کي پنهنجي حوالي ڪيو. پوءِ هي اخبار ساڌو هيرانند جي نگراني ۾ شائع ٿيڻ لڳي. ديوان گدومل سب ايڊيٽر طور ڪم ڪندو هو. 15 مئي 1858ع تي هڪ هفتيوار سرڪاري اخبار ڪراچيءَ مان سنڌي ۽ فارسي ٻولي ۾ جاري ٿي. اخبار جو نالو ”فوائد الاخبار“ هو اخبار فارسي ۾ هئي پر ان ۾ هڪ حصو سنڌي لاءِ مخصوص هو. هي اخبار گورنمينٽ پريس ۾ ڇپجي هئي. اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ اڪثر مضمونن جو تعلق تعليم ۽ ان جي ترقي بابت هوندا هئا. ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ ”فوائد الاخبار“ سنڌي اخبار نويسي جو بنياد فراهم ڪيو.

خانگي سطح تي سنڌي صحافت جو بنياد فراهم ڪندڙ پهرئين اخبار ”مطلع خورشيد“ آهي. جيڪا مرزا مخلص علي جي ادارت هيٺ 1860ع ۾ سکر مان جاري ٿي. هن اخبار ۾ هڪ ڪالم فارسيءَ ۾ هڪ ڪالم سنڌي ۾ شايع ٿيندو هو. بنيادي طور تي هي فارسي اخبار هئي.

جنهن اخبار کي پهرئين مڪمل سنڌي اخبار هجڻ جو شرف حاصل آهي، اُها ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ هفتيوار اخبار ”سنڌ سڌار“ آهي. اخبار 1866ع ۾ ڪراچي مان انگريز سرڪار پنهنجي نظرداري هيٺ جاري ڪئي هئي. اخبار سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي پاران ليٿو تي سندس قائم ڪيل ڇاپي خاني مان ڇپبي هئي. اخبار جو پهريون ايڊيٽر سنڌ جو تعليمي ماهر مسٽر نارائڻ جڳن ناٿ وديا هو. جيڪو حڪومت ۾ تعليم کاتي جو ڊپٽي انسپيڪٽر به هو. بعد ۾ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو وڏو ڀاءُ مرزا صادق بيگ ان جو ايڊيٽر ٿيو. سرگواسي ساڌو هيرانند به ان جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي. 1884ع ۾ ساڌو هيرانند انگريزي اخبار ”سنڌ ٽائيمز“ جو به ايڊيٽر رهي چڪو هو. اڳتي هلي ”سنڌ سڀا“ جي هٿ هيٺ اها اخبار جاري ٿي. سرڪار پاران ان شرط تي اها اخبار ڏني ويئي ته اخبار ۾ هميشه وانگر تعليم ۽ اسڪولن جون خبرون شائع ڪيون وينديون. ”سنڌ سڀا“ ڪراچي ۾ هندو، مسلمانن ۽ پارسين جي هڪ گڏيل سياسي، ثقافتي جماعت هئي. ان جي هٿ هيٺ انگريزي اخبار ”سنڌ ٽائيمز“ به نڪرندي هئي. معياري مواد جي حوالي سان ”سنڌ سڌار“ سنڌ ۾ چڱو نالو ڪڍيو.

سنڌ سڌار جي شائع ٿيڻ جي تاريخ مختلف محققن مختلف ڏني آهي. خان محمد پنهور هن جي شايع ٿيڻ جي تاريخ 1865ع، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ 1866ع ۽ اردو اديب محمد عثمان دموهي 1855ع ۾ ڄاڻايو آهي. سرڪاري ريڪارڊ تي اخبار جي شائع ٿيڻ جي تاريخ 1866ع آهي. هن اخبار جو ساليانو چندو ڪراچي واسين لاءِ ٽي روپيا ۽ ڪراچي کان ٻاهر رهڻ وارن لاءِ چار رپيا هو.

1855ع ۾ ئي ڪراچي مان پهرئين مڪمل فارسي اخبار ”مفرح القلوب“ نالي سان شائع ٿي. هي اخبار هر آچر تي نڪرندي هئي. مرزا مخلص بيگ ان جو ايڊيٽر ۽ مالڪ هوندو هو. اخبار پنهنجي پريس ”مفرح القلوب پرنٽنگ پريس“ ۾ ڇپجندي هئي.

اخبار کي 1855ع ۾ بهترين فارسي اخبار جو اعزاز حاصل ٿيو. 1860ع ۾ ڪراچي جي چيمبرس آف ڪامرس پاران هڪ ماهوار اخبار ”پرائيس ڪرنٽ Price Current“ جاري ڪيو ويو. هي اخبار سنڌ مان شائع ٿيندڙ پهرئين مڪمل تجارتي اخبار هئي. 1866ع ۾ هڪ هفتيوار اخبار ”سنڌ آفيشل گزٽ“ ڪراچي مان جاري ٿيو. اها پهرئين اخبار هئي جنهن ۾ خبرن ۽ مضمونن جو سنڌي ترجمو به شائع ڪيو ويندو هو. اها اخبار سرڪاري سرپرستي ۾ نڪرندي هئي.

1870ع ۾ مرزا مخلص بيگ جي پٽ مرزا صادق بيگ هڪ فارسي اخبار ”اڪليل“ نالي جاري ڪئي. اخبار پنهنجي پريس اڪليل پرنٽنگ پريس بندر روڊ مان نڪرندي هئي. هي اخبار هر سومر تي شائع ٿيندي هئي ۽ 1875ع تائين جاري رهي. اڪليل پريس بندر روڊ تي ڪي ايم سي بلڊنگ جي سامهون جاگيردار هوٽل جي هيٺان دڪانن ۾ هوندو هو. جتان 1878-79ع ۾ مرزا

مخلص بيگ جي نگراني ۾ سول ۽ ملٽري گزٽ لاهور جو سنڌ ايڊيشن بہ شايع ٿيندو هو. بعد ۾ ان اخبار کي ڪرنل ڪوري خريد ڪيو ۽ ان جو نالو سول ۽ ملٽري گزٽ مان بدلائي ”سنڌ گزٽ“ رکيو. 1886ع ۾ انهيءَ اخبار جي پريس مان ڪرنل ڪوري ”ڪمرشل پريس“ نالي هڪ ٻئي اخبار جاري ڪئي.

1880ع ڌاري ڪراچيءَ مان سنڌي اخبار معين السلام جاري ٿي. جنهن جو مالڪ ۽ ايڊيٽر مرزا صادق بيگ هو. هي اخبار هر جمع تي نڪرندي هئي ۽ اها اخبار 1885ع تائين جاري رهي. معين السلام پوري اخبار سنڌي ۾ شايع ٿيندي هئي. خانگي شعبي پاران نڪرندڙ پهرئين مڪمل سنڌي هفتيوار اخبار هئي. سنڌ جي مشهور شاعر سيد مرتضيٰ شاهہ پنهنجي هڪ بيت ۾ اڪليل ۽ معين السلام اخبارن جو ذڪر ائين ڪيو آهي.

ڪڍي اڪليل جا اخبار عمدي

منجهاران فارسي بيسار عمدي

معين آهي سنڌي جا اخبار

برابر آهي سا چڱ گوهر يار

1881ع ۾ ڪراچيءَ مان ”سنڌ سنڌي“ اخبار سنڌي ۾، ”پر جا متر“ گجراتي ۾ بہ هفتيوار اخبارون پڻ شايع ٿيڻ لڳيون. 1883ع ۾ ڪراچي مان هڪ سنڌي اخبار ”سنڌ سيا“ شايع ٿيڻ لڳي. هن هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر ۽ مالڪ ڏيارام هو.

1883ع جي آخر ۾ ڪراچي پر سنڌ مان شائع ٿيندڙ پهرئين اردو اخبار ”دوربين“ آهي. هن اخبار جو مالڪ ان وقت جي سنڌي ۽ فارسي صحافت جو روشن ستارو مرزا مخلص علي بيگ هو ۽ ان جو پهريون ايڊيٽر بہ مرزا مخلص بيگ هو. 1885ع ۾ انجمن مجمع محمدي جنهن جو نالو انهيءَ سال بدلائي سنڌ محمدن ايسوسيئيشن رکيو ويو. جنهن جي سهاري هيٺ 1889ع ۾ هڪ هفتيوار سنڌي اخبار ”معاون مجمع“ نالي ڪڍي ويئي. مشهور شاعر ۽ صحافي شمس الدين .بلبل“ ان جو ايڊيٽر هو. بعد ۾ ان اخبار کي سنڌ مدرسي بورڊ جي حوالي ڪيو ويو. بلبل ڪانسواءِ ايڊيٽرن ۾ مولوي محمد عثمان نورنگزادو ۽ مرحوم الله بخش ”ابوجهو“ بہ رهيا آهن.

1886ع ۾ ڪراچي مان ئي منشي احمد دين هڪ فارسي اخبار ”رشيد“ نالي جاري ڪئي. منشي احمد دين لاهور مان ڪراچي آيو هو. 1890ع ۾ ساڌو هيرانند، ساڌو نولراءِ ۽ ڏيارام گدومل گڏجي ”سنڌ سڌار“ ۽ ”سنڌ ٽائيمز“ اخبارون شائع ڪيون. 1890ع ۾ ساڌو هيرانند سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پهرين مخزن ”سرسوتي“ جي نالي حيدرآباد مان جاري ڪئي. جنهن کي سنڌ مان شائع ٿيندڙ پهرئين ادبي رسالي جو اعزاز حاصل آهي. ان جو پهريون ايڊيٽر ساڌو هيرانند هو. پڇاڙڪن

ڏينهن ۾ خانچند پرتاب راءِ ان جو ايڊيٽر هو. هن رسالي سنڌي زبان جي ادبي ميدان ۾ وڏي خدمت ڪئي.

1895ع ۾ ڪراچيءَ مان هفتيوار اخبار ”پترا“ جاري ٿي. جنهن جو ايڊيٽر تاراچند شوقيرام هو. جيڪو سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي ۾ ملازم هو ۽ ساڌو هيرانند جو وڏو ڀاءُ هو. تاراچند شوقيرام 1900ع ۾ شاهه جي رسالي جو پهريون ڇاپو آندو. حيدرآباد ۾ تاراچند اسپتال به هن جي نالي جي پويان قائم ٿيل آهي. ڪياماڙي پٽا وليج ۾ هڪ روڊ جو نالو تاراچند روڊ به انهيءَ جي نالي سان مشهور آهي. پترا جي مضمونن کي 1939ع ۾ ديوان ڪوڙومل ساهيتا منڊلي پاران گڏ ڪري ”جيون ڦلهاري“ نالي ڪتابي صورت ۾ آندو. 1890ع ۾ ويرومل بيگراج هفتيوار ”سنڌي“ نالي اخبار ڪڍي. جنهن سنڌي ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. سنڌ ۾ سياسي سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ ويرومل اهم ڪردار ادا ڪيو. انگريز حڪومت خلاف لکندي هي به پيرا جيل ويو. مجموعي طور هي 5 سال جيل ۾ رهيو پوءِ به پنهنجن اصولن تان نه هٽيو. ورهاڱي تائين سچائي سان پنهنجن اصولن تي قائم رهيو.

1896ع ۾ ڪراچيءَ مان پرمانند ميوارام ”جوت“ ۽ ”پريات، نالي به مکيه هفتيوار اخبارون ڪڍيون. سرڳواسي لعل چند امر ڏني موجب ته، ”پريات اخبار حقيقي معنيٰ ۾ هڪ عوام جو آواز رهبر ۽ رکوالو هو.“ اخبار جو ايڊيٽر ليکراج تلوڪ چند هو جيڪو سچ چوڻ تي ڪنهن کي به نه بخشيندو هو. انهن اخبارن جي ڪارڪردگي ادبي دنيا ۾ اڻ وسرندڙ رهي آهي. 1938ع ۾ پرمانند ميوارام جي ديهانت کان پوءِ جوت جو ايڊيٽر فادر ڪوٽواٽي ٿيو. 1946ع ۾ جوت جو سلور جوبلي نمبر شايع ڪيو ويو.

1900ع ۾ زراعت تي نڪرندڙ پهريون ماهوار رسالو ”زراعت“ ڪراچي مان جاري ڪيو ويو. جيڪو پهريون مڪمل زرعي رسالو هو. 1901ع ۾ ڪراچي جي سناتن ڌرم سڀا پاران ”سناتن ڌرم پرچارڪ پتر“ نالي هڪ اخبار جاري ڪئي ويئي. جنهن کي بعد ۾ ماهوار ڪيو ويو. جنهن جو پهريون ايڊيٽر سويراج شرما هو. جيڪو 1873ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائو ۽ چاڪيواڙي ۾ اسڪول ۾ استاد هو. شرما جي ديهانت ڪانپوءِ تيجورام شرما 1947ع تائين ان جو ايڊيٽر رهيو. 1905ع ۾ ماهوار ”اصلاح“ ڪراچي مان محمد اسماعيل سرهندي، 1905ع ۾ تولا رام ۽ مينگهراج ٻالاڻي ڪراچيءَ مان سنڌي ۾ هفتيوار ”ماتا“ جاري ڪئي ۽ جنهن کي اڳتي هلي سرڪار بندش وجهي ڇڏي. ٻالاڻي بعد ۾ ”سنڌ شيوڪ“، ”ديش ماتا“ ۽ ”صداءِ سنڌ“ ماهوار اخبارون جاري ڪيون.

1907ع ۾ ڊي جي ڪاليج پاران ڇهه ماهي اخبار مسلمتي جاري ڪئي ويئي. جيڪا 1947ع تائين هلي. ساڌو ٽانورداس ان جو ايڊيٽر هو.

1902ع ۾ سنڌ مدرسي بورڊ جي سهاري هيٺ ”رسالہ مدرسا“ جاري ٿيو. جنهن جي ايڊيٽرن ۾ مولوي الله بخش ”ابوجهو“ ۽ مولوي عبدالرحيم شامل هئا. پروفيسر ملڪاڻي جي راءِ موجب هن رسالي جي شائع ٿيڻ جو سال 1904ع آهي ۽ ميان شمس الدين بلبل بہ ان جو پوءِ ايڊيٽر ٿيو. هو پنهنجا مذاقي نظم ۽ مضمون هن مخزن ۾ شائع ڪندو هو. بلبل صاحب سنڌي زبان ۾ ظريفاڻي ادب جو پرمانند ميوارام وانگر باني هو. (سنڌي نثر جي تاريخ – پروفيسر ملڪاڻي)

1908ع اهو خوش نصيب سال آهي، جنهن سال پهرئين روزاني سنڌي ٻولي جي اخبار ”سنڌ واسي“ جي ڪراچي مان شروعات ٿي. ان جو پهريون ايڊيٽر ڪنول سنگ هو ۽ 1924ع ۾ اخبار جو ايڊيٽر ۽ مالڪ هاسارام پمناڻي هو. پهرئين مڪمل ۽ قومي اخبار جو اعزاز ”سنڌ واسي“ کي حاصل آهي. ياد رهي تہ هڪ هفتيوار اخبار سنڌ واسي جيٺمل پرسرام پڻ بعد ۾ ڪڍي هئي. ان کان اڳ پمناڻي روهڙي مان ”ست سنگ ولاس“ ماهوار رسالو ڪيندو هو. هندو مسلم جهيڙي جي نتيجي ۾ جڏهن سکر واري منزل گاهہ مسجد بابت ڪورٽ ۾ ڪيس هلندڙ هو، هاسارام پمناڻي هندوئن پاران شاهد هو. ڪيس هلندي ان کي روهڙي ريلوي اسٽيشن وٽ قتل ڪيو ويو.

هي سنڌ جي صحافت جو اوائلي دور هو. جيڪو 1844ع کان شروع ٿي، 1910ع تائين هلي ٿو. ان دور ۾ صحافتي ڪم جي ونڊ ورڇ نہ هوندي هئي. اديب، سياستدان، مذهبي اڳواڻ، ادب، سياست، مذهبي فريضن سان گڏوگڏ صحافي جو ڪردار بہ نڀائيندا هئا. جيڪو اخبار ۽ رسالي جو مالڪ اهو ئي ان جو ايڊيٽر ۽ پبلشر بہ هوندو هو. ان دور ۾ پڙهندڙ ۽ لکندڙ ۾ سچائي ۽ خلوص احترام هوندو هو. اهو دور ادب سان گڏ تبليغي نوعيت جو هو. هي دور مذهبي ڪٽرپڻي کان آجو هو. ان دور ۾ هندو توڙي مسلمان عالم، اديب، سياستدان جو محور فقط سنڌ ۽ سنڌي ٻولي هئي. ان دور جي مشهور صحافين ۾ ساڌو هيرانند، مرزا صادق علي، مرزا مخلص بيگ، شمس العلماءِ مرزا غلام علي، شمس الدين بلبل، پرمانند ميوارام، هاسارام پمناڻي، تاراچند شوقيرام، تولارام مينگهراج ٻالاڻي، ديش ڀڳت ويرو مل بيگراج، محمد هاشم مخلص، مرزا جعفر بيگ، شيخ محمد سليمان، مولوي محمد عثمان، الله بخش ابوجهو، لڪراج، سويراج شرما ساڌو نولراءِ، ڏيارام گدو مل (سائين پي کي شهاڻي جو ڏاڏو) هئا. ”بلبل“، تولا رام ويرو مل ۽ مخلص جو تعلق ڪجهہ عرصي لاءِ ٻئي دور سان بہ رهيو.

ڪراچي ۾ سنڌي صحافت جو ٻيو دور 1911ع کان شروع ٿي 1947ع تائين پڄاڻي تي پهچي ٿو. هي دور لڙاين، انقلابن، تبديلين ۽ مذهبي ڪٽرپڻي جو دور رهيو. انگريز حڪمرانن جي چال ۽ رجعت پسند هندو ۽ مسلم سوچ رکندڙ صحافين ۽ سياستدانن صحافت کي بہ مذهب جي بنياد تي ورهايو اها صحافتي ويڙهہ ورهاڱي تائين جاري رهي. هندو پريس ۽ مسلم پريس جيڪي ٻئي

سنڌي صحافين جي هٿن ۾ هئا پر الڳ الڳ نظرين جا پرچارڪ بڻيا. اِهو عرصو هر لحاظ کان اهم ۽ هنگاما خيز دور رهيو. بينگال جو ورهاڱو وري ڳنڍجڻ ۽ مسلم ليگ جي ٺهڻ جا اثر سنڌ ۾ به سنڌي پريس تي پيا.. عربي رسم الخط ۽ ديوناگري رسم الخط جي جهيڙي به هندو مسلم ايڪتا ۾ ڏار وڌا. جنهن جو نقصان اڳتي هلي سنڌ کي سهڻو پيو ۽ سنڌ انهن زخمن مان اجا تائين آزاد نه ٿي آهي. هِئي دور ۾ ڪراچي سان گڏ حيدرآباد به ڪراچي ادب، ثقافت ۽ صحافت جو مرڪز رهيو.

1911ع ۾ مهراج لوڪرام قومي ويچار ڦهلائڻ لاءِ "سنڌ پاسڪر" نالي هڪ هفتيوار اخبار ڪراچي مان جاري ڪئي. 1913ع ۾ ڪراچيءَ مان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هڪ ماهوار مذهبي رسالو "الاسلام" نالي ڪڍيو. جنهن جو اعزازي ايڊيٽر محمد علي صالح پٽني هو. 1914ع ۾ وتن مل ملڪاڻي ڪراچي مان هفتيوار "سنڌ واسي" جاري ڪئي. 1914ع ۾ ڪراچي مان مهاراج ويرو مل پريمچند شرما ڪراچي ۾ سنڌي ۾ پهريون جاسوسي مضمون تي ٻڌل ماهوار رسالو "سنسار چڪر" جاري ڪيو. جيڪو هر مهيني ٻنا ڪنهن وقفي جي شايع ٿيندو هو. ان رسالي جا پڙهندڙ هندستان ۽ سنڌ کان ٻاهر به هوندا هئا. 1917ع ۾ سرڳواسي ڇينمل پرسرام گلراجاڻي ۽ مرحوم پرڳڙي "هند واسي" شروع ڪئي. شروع ۾ اها روزاني اخبار هئي. بعد ۾ هفتيوار ٿي. هن اخبار هندو مسلم ايڪتا لاءِ وڏو ڪم ڪيو. ڇينمل جي جيل وڃڻ ڪانپوءِ ان اخبار جو نالو بدلائي "ڀارت واسي" رکيو ويو. 1917ع ۾ پنڊت ايس. طوطا رام هفتيوار "سنڌ سماچار" اخبار ڪراچي مان جاري ڪئي. جيڪا ڪانگريس جي ترجمان اخبار هئي.

نومبر 1917ع ۾ سنڌ شيوڪ سڀا پاران "ناري ڌرم" نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو ويو. جيڪو سنڌ مان شايع ٿيندڙ پهريون مڪمل عورتن جي نمائندگي تي ٻڌل رسالو هو، جيڪو ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندو هو. 1917ع ۾ مسٽر جي. ايس ننڊواڻي ڪراچي مان ماهوار "سوڪڙي" جاري ڪيو. جيڪو پهريون رسالو هو جيڪو تصوف ۽ صوفي ازم جو پرچارڪ هو. جنهن ۾ تصوف ۽ ويدانيت متعلق مضمون ڇپجندا هئا.

1919ع ۾ سرڪار پاران جنگ جي خبرن تي ٻڌل سنڌي اخبار "دي وار جرنل" جاري ڪئي. جنهن جو مقصد پهرئين مهاڀاري جنگ بابت ماڻهن کي ڄاڻ ڏيڻ هو.

مسلمان پاران شايع ٿيندڙ سڀ کان مشهور اخبار "الوحيد" هئي. روزاني اخبارن ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبوليت اخبار "الوحيد" کي ملي. هي اخبار مارچ 1920ع ۾ ڪراچيءَ مان شيخ عبدالعزيز سليمان جي نگراني ۾ جاري ٿي. اخبار جو نالو ترڪي جي خليفي سلطان وحيد الدين جي نالي پٺيان رکيو ويو. سيٺ عبدالله هارون جي مالي مدد سان اها اخبار شروع ٿي. ميڪلوڊ روڊ تي

سٽي اسٽيشن جي سامهون مشهور هوٽل رائل مان نڪرندي هئي. بعد ۾ ان جي دفتر کي فريئر روڊ منتقل ڪيو ويو. آخر ۾ اها اخبار بيلاسس اسٽريٽ ۾ پنهنجي جاءِ ۾ منتقل ٿي.

انگريز سرڪار خلاف مضمون لکڻ جي ڏوهه ۾ ڇهن مهينن ڪانپوءِ اخبار تي بندش لڳائي وئي. ۽ ايڊيٽر عبدالعزيز سليمان کي جيل موڪليو ويو. ڪجهه مهينن ڪانپوءِ اها ٻيهر جاري ٿي.

علي نواز وفائي جي چواڻي "ان دور ۾ الوحيد سنڌ هئي ۽ سنڌ الوحيد هئي." خلافت تحريڪ، ريشمي رومال تحريڪ، سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا وارين تحريڪن ۾ اخبار اهم ڪردار ادا ڪيو. اخبار جي ايڊيٽرن ۾ عبدالعزيز سليمان کان سواءِ ان دور جا مشهور صحافي ايڊيٽر رهيا آهن. شيخ عبدالمجيد سنڌي الوحيد اخبار جو روح روان هو. شروع ۾ هي اخبار مذهبي ڪٽرپڻي کان آجو رهي هئي. بعد ۾ هندو ۽ مسلمانن تنگ نظر سياستدانن ۽ صحافين جي الوحيد کي مسلمانڪي اخبار جو ليبل لڳائي ڇڏيو ۽ اڳتي هلي الوحيد سنڌ جي مسلمانن جي ترجمان اخبار ٿي. هي اهو دور هو جڏهن سنڌ ۾ هندو ۽ مسلم پريس الڳ راهن تي هئا. پر انهن جي محور سنڌ هو. الوحيد جي ايڊيٽرن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ عبدالعزيز سليمان ڪانسواءِ، مولانا دين محمد وفائي، قاضي خدا بخش جيڪو ڪراچي جو پهريون مسلمان ميئر بہ ٿيو. مير الله بخش، نبي بخش سرڪي، دين محمد عليگ، سيد جمال الدين، مولانا هدايت الله، عبدالغفور سيتائي، مشتاق ابڙو شامل هئا ۽ آخري ايڊيٽر شيخ عبدالرحيم هو.

ورهاڱي ڪانپوءِ اخبار ۽ ان جي پريس کي هڪ لميٽيڊ ڪمپني ۾ تبديل ڪيو ويو. سنڌ جو وڏو وزير ان جو چيئرمين ۽ وزير بورڊ آف ڊائريڪٽرز جا ميمبر هوندا هئا. سنڌي ماڻهن جي چندي تي قائم ٿيندڙ هي اخبار آخر ۾ ڪو آپريٽو بئنڪ جي قرضي ٿي، نيلام ٿي وئي.1953ع ۾ جڏهن بئنڪ قرضي جي واپسي جو مطالبو ڪيو تہ ان وقت سنڌ جو وڏو وزير جيڪو اخبار جي لميٽيڊ ڪمپني جو چيئرمين هو تہ وزيرن ۽ مشيرن اخبار جي دفتر بيلاسس اسٽريٽ جي دفتر جي سامهون تنبو هڻي، اخبار ۽ پريس کي نيلام ڪيو ۽ ائين الوحيد پنهنجي پڄاڻي تي پهتي.

1924ع ۾ ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌي شاگردن پاران هفتيوار اخبار "دي اسٽوڊنٽ هيرالڊ" سنڌي ۽ انگريزي ۾ جاري ٿي، جنهن جو اعزازي ايڊيٽر ايم. ايم. ڪرپلاڻي هو. ان ۾ شاگردن جي مسئلن بابت خبرون ڇپجنديون هيون. سماجي مسئلن تي پهرئين مڪمل هفتيوار اخبار "ديش متر" نالي ڪراچي مان 1925ع ۾ جار ٿي. اها اخبار انگريزي ۽ سنڌي ۾ ڇپجندي هئي. اخبار جو مالڪ ۽ ايڊيٽر ڪيمچند ڏيارام واسواڻي هو. ڪجهه وقت اها روزاني بہ نڪرڻ لڳي هئي. اخبار ۾ سماجي مضمونن ڪانسواءِ سماجي تنظيمن جون خبرون بہ ڇپجنديون هيون.

1926ع ۾ ڪراچي ۾ رهندڙ سکن پاران سک مذهب جي پرچارڪ لاءِ سنڌي ۾ هڪ ماهوار رسالو ”سک ٽرئڪٽ“ نالي سان جاري ڪيو ويو. جيڪو پهرئين حيدرآباد مان نڪرندو هو. 1925ع ۾ ڪراچي مان مرحوم عبدالله عباسي ”گلشن“ نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو. 1926ع ۾ ٽوپڻ داس ماهوار ”موتين جو هار“ جاري ڪيو. 1927ع ۾ مرحوم قاضي عبدالرزاق هڪ ماهوار رسالو ”علمي دنيا“ جي نالي سان جاري ڪيو. 1927ع ۾ ڪراچيءَ مان سنڌي ۾ به روزاني اخبارون ”ماترپومي“ ۽ ”هندوجاتي“ شايع ٿيڻ لڳيون. هندو جاتي جو پهريون ايڊيٽر لوڪ رام نينارام هو. هن اخبار جي هڪ ايجاد اها هئي جو لفظ ”روزانه“ جي جاءِ تي لفظ ”ڏينهڪ“ جيڪو نيٺ سنڌي لفظ هو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اها پهرئين اخبار هئي جنهن جي لوح تي لکيل هوندو هو ته ”سنڌ ۾ سيني اخبارن کان وڌيڪ ڪپندڙ“.

1927ع ۾ ئي مولچند نارو مل هندو پريس ڪراچي مان ماهوار رسالو ”گيان آديا“ جاري ڪيو. هڪ پرچي شايع ٿيڻ کان پوءِ رسالو ڪراچي مان حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. انهي پريس مان 1925ع ۾ هڪ ماهوار سنڌي رسالو ڪراچيءَ مان ”هندي هندو“ نالي به شايع ٿيندو هو.

1927ع ۾ الوحيد، ڪيسري، ماتر پومي، هندو جاتي، هندو سنسار ڪراچيءَ مان نڪرندڙ سنڌي روزاني اخبارون هيون. ”هندو سنسار“ جو ايڊيٽر ريجهو مل آگناڻي ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر مسٽر پارومل پمنداس هو. ڪجهه محققن جو خيال آهي ته ”هندو سنسار“ 1931ع ۾ جاري ٿي هئي. ”ڪيسري“ پهرئين 1916ع ۾ حيدرآباد مان هفتيوار جاري ٿي. 1924ع ۾ ڪراچي مان شايع ٿيڻ لڳي. 1927ع ۾ اها روزاني هئي. بعد ۾ بيهر هفتيوار ٿي. صحافت جي تاريخ ۾ هندو سنسار جو ڏس 1927ع ۾ ملي ٿو. 1927ع ۾ قاضي عبدالرزاق پاران تصويرن سميت علمي رسالو ”علمي دنيا“ ڪراچي مان شايع ٿيو. ان ۾ ادبي، تاريخي، مذهبي مضمون شايع ٿيندا هئا.

1928ع ۾ پهرئين شام جي اخبار انگريزي ۾ ڪراچي مان شايع ٿيڻ لڳي. جنهن جو نالو ”ڊيل گزٽ“ هو، انهيءَ سال ڪراچي مان ”سنسار سماچار“ جاري ٿي. جنهن جو ايڊيٽر ناڪرداس آنگاڻي هو. اها اخبار انهيءَ جاءِ مان نڪرندي هئي جتان بعد ۾ 1955ع ۾ روزاني مهراڻ اخبار نڪرڻ لڳي هئي.

ان دور ۾ ”سنڌ آبزرور“، ”نيوٽائيمز“، ”ڪراچي ڊيلي“ ۽ ”ڊيلي گزٽ“ (شام واري اخبار) ڪراچي ۾ انگريزيءَ جون روزاني اخبارون نڪرنديون هيون. 1925ع ۾ ڪراچيءَ مان مسٽر ليلارام منگنرام جي نگراني ۾ سنڌي ۾ ماهوار رسالو ”سندر ساهيتا“ نڪرندو هو. ڪراچي مان 1929ع ۾ مسٽر آسودو مل اڏارام ماڪيجي پاران ”چوڏس“ هفتيوار اخبار جاري ڪئي ويئي. 1929ع ۾ ”پيغام“ نالي هڪ ماهوار ڪتابچو مولانا عبدالڪريم چستي شايع ڪندو هو.جيڪو هندو مسلم

ايڪتا جو حامي هو. 1930ع ۾ ڪراچي جي علائقي ڪَڏي مان عبدالله هارون جي ناهيل يتيم خاني ”جامعه اسلاميا يتيم خانا“ پاران نڪرندو هو.

1932ع ۾ ڪراچيءَ مان ٻارن جو پهريون مڪمل رسالو ”گلستان“ ٻالڪن جي ٻاري جي سهڪار سان شايع ٿيو. جنهن جو روح روان شيوڪ پوچ راج هو. 1947ع ۾ تائين بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهيو. ٻارن ۾ ان رسالي ان دور ۾ ادبي ذوق پيدا ڪيو. 1936ع ۾ مشهور عالم دين، صحافي ۽ اديب مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڪراچي مان هڪ سياسي ۽ ادبي ماهوار رسالو ”اصلاح“ نالي جاري ڪيو.

1923ع ۾ مولانا دين محمد وفائي ماهوار رسالو ”توحيد“ ڪراچي مان جاري ڪيو. پر ٽن سالن ڪانپوءِ اهو رسالو بند ٿي ويو. انهن سالن ڪانپوءِ ٻيهر 1934ع ۾ شروع ڪيو ويو ته ان کي زبردست ڪاميابي ملي. ان ۾ سياسي، ادبي مضمون سان گڏ گهڻو ڪري مذهبي مضمون شايع ٿيندا هئا. سنڌي تحريڪ ۽ قادياني تحريڪ خلاف مضمون مذهبي حلقن ۾ رسالو پسند ڪيو ويندو هو.

1925ع ۾ لياري واري علائقي رانگي واڙي مان حڪيم عبدالخالق مورائي جي نگراني ۾ ماهوار رسالو ”ترقي“ شايع ٿيڻ لڳو ان جا ڪجهه پنا اردو شاعري لاءِ مخصوص هئا. سنڌ ۾ اردو جي ترقي ۾ هن رسالي سنو ڪردار ادا ڪيو. رسالي ۾ موضوع گهڻو ڪري مسلمانن جي ترقي بابت هوندا هئا. گڏيل هندستان مان شايع ٿيندڙ اخبارن جن ۾، پيسا، مسلمان، مسلم، ڪرانيڪل، زميندار، سياست، ليبر ۽ خلافت جا مضمون سنڌي ترجمي سان ڇپجندا هئا. بعد ۾ هي رسالو منڻي در ۽ آخر ۾ کاري در (بمبئيءَ بازار) مان شايع ٿيڻ لڳو. رسالو 36 صفحن تي ٻڌل هوندو هو.

1933ع ۾ قاضي عبدالرزاق جي نگراني ۾ هڪ ماهوار رسالو ”ڪاميابي“ ڪراچيءَ مان جاري ڪيو ويو. جنهن ۾ ادبي مضمون، شعر ۽ شاعري، خبرون، انهن تي تبصرا ۽ مذهبي مضمون شايع ٿيندا هئا. 1934ع ۾ رتن ساهيتا منڊلي پاران هڪ ماهوار رسالو ”رتن“ جاري ڪيو ويو. جنهن جو ايڊيٽر پارومل ڪيولراماڻي هو. هي نج ادبي رسالو هو پر رسالي ۾ خبرن ادارن تي تنقيد ۽ تبصرو به ڪيو ويندو هو. اهي تبصرا نج ادبي ٻولي ۾ هوندا هئا. اڳتي هلي هن رسالي ۾ شايع ٿيندڙ افسانن کي رتن ساهيتا منڊل پاران ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو ويو. هن رسالي 1947ع تائين سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي.

1946ع ۾ ”سنڌي ترقي پسند ادب انجمن“ پاران ”مهراڻ“ رسالو ڪراچي مان جاري ڪيو ويو. رسالي جو انتظام هڪ بورڊ جي حوالي هو. عثمان علي انصاري ان جو ايڊيٽر هوندو هو. پهرئين ٻن سالن تائين ”ٽه ماهي“، بعد ۾ هي ماهوار ٿيو. جيڪو اڄ به ٽماهي سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيندو آهي.

12 اپريل 1920ع تي سرڳواسي جيٺمل پرسرام گلراجاڻي حيدرآباد مان تصوف ۽ ويدانيت جي تعليم عام ڪرڻ لاءِ ”روح رهاڻ“ نالي ماهوار رسالو جاري ڪيو. روح رهاڻ 1924ع تائين حيدرآباد مان نڪرندو هو. بعد ۾ ان کي پارت واسي اخبار سان ملايو ويو. 1926ع تائين ٻئي رسالا گڏيل شڪل ۾ نڪرندا هئا ۽ پوءِ بند ٿي ويا. 1947ع ۾ ٻيهر جيٺمل پرسرام ”روح رهاڻ“ کي ڪراچي مان جاري ڪيو. بعد ۾ سنڌس حياتيءَ تائين هندستان مان نڪرندو هو. هي رسالو ٿياسافي نظرئي جو حامي هو. انهيءَ تحريڪ پاران ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ تي ريڊيو پاڪستان ڪراچي سامهون ناهيل ٿياسافيڪل هال ۾ لائبريري اڄ به موجود آهن.

1925ع ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڪراچي جي ڪڏي ليايءَ واري علائقي مان هڪ ماهوار رسالو ”الجامع“ شايع ڪيو. جنهن جو مالڪ سيٺ عبدالله هارون هو. انهيءَ اداري پاران به هڪ ٻيو رسالو ”علم“ به ساڳي جاءِ تان جاري ڪيو ويو.

1931ع ۾ ڪراچيءَ مان ڪانگريسي ليڊر سيٺ وشنداس ”آزاد“ اخبار جاري ڪئي. جنهن ۾ ڪامريڊ عبدالقادر مددگار ايڊيٽر طور ڪم ڪندو هو.

12 آڪٽوبر 1931ع ۾ شڪارپور مان ”قرباني“ جاري ڪئي ويئي. جيڪا ويرومل بيگراج واري ڪتنب جي اخبار هئي، جنهن جو نگران سنڌس پٽ رام چند هوندو هو. هي اخبار مهاتما گانڌي جي جمڻ واري ڏينهن جاري ڪئي ويئي هئي. 1945ع تائين باقاعدگي سان نڪرندي رهي. 1937ع کان 1939ع تائين ڪراچيءَ مان نڪتي. واپس شڪارپور مان نڪرڻ لڳي. 1945ع ۾ ٻيهر ڪراچي منتقل ٿي. 1945ع ۾ سائين جي ايم سيد اها اخبار خريد ڪئي ۽ ڪراچي مان نڪرڻ لڳي. مسٽر ايم. آر مائيراساڻي ۽ مولوي خير محمد نظاماڻي هن جا ايڊيٽر ٿيا. ڪجھ وقت ڪانپوءِ پير علي محمد راشدي ان جو ايڊيٽر ٿيو. کهڙي جي وزارت واري دور ۾ مسلم ليگ ۽ ان جي اڳواڻن خلاف لکڻ تي اخبار ضبط ڪئي ويئي. حافظ خير محمد اوحدي، سيد ميران محمد شاهه ۽ مولانا عبدالڪريم چشتي اخبار جا ايڊيٽر رهيا آهن.

1933ع ۾ مولوي خير محمد نظاماڻي ڪراچيءَ مان هفتيوار ”بيداري“ جاري ڪئي. ڪجھ محقق شايع ٿيندڙ سن 1930ع لکن ٿا. ”بيداري“ محمد عيسيٰ نظاماڻي به جاري ڪئي هئي. 1934ع ۾ پير علي محمد راشدي ڪراچي مان ”صبح سنڌ“ ڪڍي، جيڪا 1938ع تائين هلي، هي اخبار سنڌ اتحاد پارٽي جي ترجمان هئي. جيڪا روزاني اخبار هئي. 1934ع ۾ ”مظهر“ نالي اخبار ڪراچيءَ مان سنڌي ۾ جاري ٿي. 1934ع ۾ ئي ڪراچيءَ مان ”ڪراچي رابندر ناٿ ڊراما ڪلب“ پاران سنڌي ۽ انگريزي ۾ ساليانو رسالو ”انڊس“ جاري ڪيو ويو. جنهن جو ايڊيٽر سنڌي ٻولي جو مشهور اديب پروفيسر منگهارام اڏارام ملڪاڻي هو. 1934ع ۾ علاوءُ الدين سمي ڪراچي مان هفتيوار اخبار

”حريت“ جي نالي سان جاري ڪئي. انهي سال ڪراچيءَ ۾ ”ٻالڪ“ ايڊيٽر عبدالله عباسي، سب ايڊيٽر ڀڳوان داس رنگاڻي هو جاري ڪيو ويو. رسالو ٻارن لاءِ وقف ٿيل هو. 1939ع ۾ بند ٿي ويو. هن کان سواءِ هفتيوار ”ڪرانتي“ ۽ ماهوار ”پوشيده“خزانو“ به جاري ٿيو. ”پوشيده خزانو“ به جاري ٿيا. پوشيده خزانو جو ايڊيٽر مهاراج نارائڻداس بصرمل شرما هو.

28 جون 1934ع کان هفتيوار ”هندو اخبار جيڪا اڳ ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيندي هئي. ڪراچيءَ مان شايع ٿيڻ لڳي. جي رام داس دولت رام ان جو ايڊيٽر ۽ مالڪ هو. حيدرآباد مان اها اخبار مهراج لوڪرام جاري ڪئي. ڪجهه وقت لاءِ اها روزاني به شايع ٿيڻ لڳي هئي. 1935ع ۾ ڪراچي مان ماهوار رسالو ”مکڙي“ شايع ٿيو. جنهن جو ايڊيٽر سوڀراج ايس. واڌواڻي ۽ سب ايڊيٽر منگهارام ٿي. تلسياڻي هو. 1936ع ۾ ڪراچي مان مرحوم فتح محمد سيوهاڻي ٽي ڏيهاڙو اخبار ”اصلاح“ جاري ڪئي. جنهن جو هو پاڻ ايڊيٽر ۽ شيخ عبدالله ”عبد“ نائب ايڊيٽر هوندو هو. حڪيم صاحب ڪانپوءِ اها اخبار پير الاهي بخش خريد ڪئي. جيڪو ان وقت ڪابينا ۾ تعليم جو وزير هو. حڪيم علي انور، مولوي عبدالغفور سيتائي، حافظ خير محمد اوحدي ان جا ايڊيٽر رهيا آهن. 1938ع ۾ حافظ خير محمد اوحدي صاحب ڪراچيءَ مان هڪ هفتيوار اخبار ”مسلم ليگ“ جيڪا مسلم ليگ جي ترجمان هئي. جاري ڪئي. ۽ 1939ع ۾ بند ٿي ويئي.

1916ع ۾ شايع ٿيندڙ ماهوار جاسوسي رسالو ”سنسار چڪر“ جيڪو مهاراج ويرو مل پريم چند شروع ڪيو هو. ڪجهه عرصو بند ٿيڻ ڪانپوءِ مارچ 1937ع ۾ ٻيهر ڪراچيءَ مان مشهور پبلشر هوندراج پهلاج راءِ شروع ڪيو. 1944ع ۾ شڪارپور مان اخبار ”الجماعت“ جاري ٿي. جنهن جو سرپرست پرچوندي شريف جي گاديءَ جو وارث عبدالرحمان هو ۽ ايڊيٽر سيد صدر الدين شاهه بخاري هو. 1945ع جي شروع ۾ بخاري صاحب سان گڏ سرور شاهه به ايڊيٽر ٿيو. ٻنهي جي اختلافن ڪانپوءِ سرور شاهه 1946ع ۾ اخبار ڪٺي ڪراچي آيو هتان اردو ۾ ڪڍڻ لڳو.

1940ع ۾ ڪراچيءَ مان الله بخش سومري جي اڳواٽيءَ ۾ روزاني ”آزاد“ جاري ٿي. جنهن جو پهريون ايڊيٽر مولانا عبدالڪريم چشتي هو. گوبند مالهي ۽ قادر بخش نظامي اخبار جا نگران هئا. مولائي شيدائي، مولانا دين محمد وفائي به ان اخبار جا ايڊيٽر رهيا آهن. ”آزاد“ اڳتي هلي هفتيوار ٿي. علي نواز وفائي جي حياتي تائين اها اخبار ڪراچيءَ مان نڪرندي هئي. اخبار هاٽوڪي پاڪستان چوڪ رام باغ واري علائقي مان پنهنجي پريس ”آزاد پرنٽنگ پريس“ مان نڪرندي هئي.

1943ع ۾ ڪراچي مان پهرئين مڪمل فلمي اخبار ”فلم سنگيت“، موتي تيجنداس جاري ڪئي ۽ انهيءَ سال هڪ ماهوار فلمي رسالو موتي تيج ياونداس مهتا. ”فلمستان“ نالي جاري ڪيو.

1946ع ۾ گوبند مالهي ۽ ايسر پوپلي پاران ”انٽرنيشنل پبلسٽي سروس“ جي پليٽ فارم تان ڪراچي مان ترقي پسند ادبي مخزن ”نئين زندگي“ جاري ڪيو. اڳتي هلي انهيءَ پليٽ فارم تان“ سنڌي ادبي سنگت“ جو بنياد وڌو ويو. جنهن جو پهريون صدر آسانند مامتورا ۽ جنرل سيڪريٽري گوبند مالهي هو. ان ڪان اڳ ڪراچي ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۽ ترقي پسند اديبن پاران ”نئين دنيا ڪتاب گهر“ ۽ ”نئين دنيا پرٽنگ پريس“ کوليا ويا. جن وسيلي ادبي ۽ سياسي سرگرميون جاري رهيون ۽ خاص ڪري ادبي خدمتن ۾ اهي ادارا اڳيرا هئا. سنڌي سان گڏ اردو ۾ ڪتاب شايع ڪرڻ ۽ خاص ڪري ڪميونسٽ ۽ مارڪسوادي نظرئي جي پرچارڪ لاءِ وڏو ڪم ڪيو ويو. نئين دنيا پرٽنگ پريس مان 1946ع ۾ هفتيوار سنڌي/اردو اخبار ”صداقت“ جاري ڪيو ويو. جنهن جو پرنٽر ۽ پبلشر گوبند مالهي ۽ ايڊيٽر بخاري هو. ڪيرت ٻاٻاڻي به انهيءَ اخبار سان وابسطا هو.

1947ع ۾ ڪمار سنڌي ڪراچيءَ مان هڪ ماهوار رسالو ”تعمير“ جاري ڪيو. جون 1947ع ۾ پندرهن ڏيهاڙو ”چترڪار“ رسالو جاري ڪيو ويو. هن رسالي ۾ ٻه صفحا اردو ادب لاءِ مخصوص هئا. رسالو فلمي ادب متعلق هوندو هو.

هي مختصر جائزو سنڌي صحافت جي ٻئي دور جو پيش ڪيو ويو. جنهن ۾ صهافت سان گڏ ڪراچي ۾ ٿيندڙ ادبي سرگرمين، مخزنن ۽ رسالن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جنهن اخبار سنڌي اخبار نويسي جو بنياد وڌو اها فارسي هفتيوار اخبار ”فوائد الاخبار“ آهي. جيڪا ڪراچي مان شايع ٿيندڙ سرڪاري اخبار هئي.

پهرئين مڪمل سنڌي اخبار ”سنڌ سڌار“ هئي. جيڪا 1866ع ۾ ڪراچي مان شايع ٿي. مرزا صادق علي بيگ ان اخبار جو پهريون ايڊيٽر هو. اها هفتيوار اخبار هئي. انگريزن جي قبضي کان وٺي پهرئين هفتيوار شايع ٿينديون هيون بعد ۾ اهي روزاني ٿيون. تنهن ڪري انهن جا نالا ٻنهي فهرستن ۾ ڏنل آهن. ڪجهه اخبارون پهرئين ڪراچيءَ کان ٻاهر شايع ٿينديون هيون جيڪي بعد ۾ ڪراچي منتقل ٿيون. تنهن ڪري هتي ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ سن ڏنو ويو آهي. جيئن ”قرباني“ جيڪا شڪارپور ۾ منتقل ٿي ۽ 1945ع ۾ ٻيهر ڪراچي مان شايع ٿيڻ لڳي. ”ڪيسري“ پهرئين هفتيوار نڪرندي هئي. 1927ع ۾ اها روزاني ٿي.

روزاني اخبارون (سنڌي) جيڪي ڪراچي مان 1947ع تائين شايع ٿينديون هيون

| نمبر | اخبار جو نالو | شايع ٿيڻ جو سن | پهرئين ايڊيٽر/مالڪ جو نالو |
|---|---|---|---|
| 1 | سنڌي واسي | 1908ع | هاسارام پمناڻي/ ڪنول سنگ |
| 2 | الوحيد | 1920ع | شيخ عبدالعزيز سليمان |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 3 | ماتر يومي | 1927ع | -- |
| 4 | ڪيسري | 1927ع | سوامي گووند آنند |
| 5 | هندوجاتي | 1927ع | لوڪ رام نينا رام |
| 6 | سنسار سماچار | 1928ع | نهال چند وزيراڻي |
| 7 | مجاهد | 1932ع | مولانا عبدالڪريم چشتي |
| 8 | صبح سنڌ | 1934ع | پير علي محمد راشدي |
| 9 | قرباني | 1937ع | مسٽر ايم آر مائيراساڻي/ مولوي خير محمد نظاماڻي |
| 10 | آزاد | 1940ع | مولانا عبدالڪريم چشتي |
| 11 | هندو سنسار | 1941ع | ريجهو مل آگناڻي |
| 12 | هندستان | 1946ع | هيرانند ڪيم چند |

هفتيوار

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | فوائدالاخبار (فارسي- سنڌي) | 1858ع | --- |
| 2 | سنڌ سڌار | 1866ع | نارائڻ جڳن ناٿ وديا (پهرئين مڪمل سنڌي هفتيوار اخبار) |
| 3 | سنڌ آفيشل گزٽ (انگريزي- سنڌي) | 1868ع | ---- |
| 4 | معين اسلام | 1880ع | مرزا صادق بيگ |
| 5 | سنڌ سنڌي | 1881ع | --- |
| 6 | سنڌ سيا | 1883ع | ڏيارام |
| 7 | معاون مجمع | 1889ع | شمس الدين بلبل |
| 8 | سنڌي | 1890ع | ويرو مل بيگراج |
| 9 | پترا | 1895ع | تارا چند شوقيرام |
| 10 | پريات | 2996ع | ليڪراج تلوڪ چند |
| 11 | ماتا | 1905ع | تولا رام مينگهراج ٻالاڻي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 12 | صداءِ سنڌ | 1905ع | تولا رام مينگھراج ٻالاڻي |
| 13 | سنڌ شيوڪ | 1905ع | تولا رام مينگھرام ٻالاڻي |
| 14 | ديش ماتا | 1906ع | تولا رام مينگھراج ٻالاڻي |
| 15 | سنڌياسڪر | 1911ع | مهراج لوڪرام |
| 16 | سنڌ واسي | 1914ع | وتن مل ملڪاڻي |
| 17 | هند واسي | 1917ع | جيٺل مل پرسرام گلراجاڻي |
| 18 | سنڌ سماچار | 1917ع | ايس. طوطا رام |
| 19 | ڀارت واسي | 1917ع | جيٺمل پرسرام |
| 20 | دي سنڌ وار جرنل (سنڌي) | 1919ع | -- |
| 21 | دي اسٽوڊنٽس هيرالڊ | 1924ع | ايم ايم ڪرپلاڻي (سنڌي ۽ انگريزي ۾) |
| 22 | ڪيسري | 1924ع | سوامي گووند آنند |
| 23 | ديش متر | 1925ع | ڪيمچند ڏيارام واسواڻي |
| 24 | چوڏس | 1929ع | آسو مل اوڌرام ماڪيجي |
| 25 | بيداري | 1933ع | مولوي خير محمد نظاماڻي |
| 26 | هندو جاتي | 1933ع | لوڪ رام |
| 27 | ڪرانتي | 1934ع | هيرانند ڪرم چند |
| 28 | هندو | 1934ع | جي رام داس دلترام (1916ع ڌاري حيدرآباد مان جاري ٿي 1934ع ۾ ڪراچي مان شايع ٿيڻ لڳي.) |
| 29 | حريت | 1934ع | علاءُ الدين سمون |
| 30 | اصلاح | 1936ع | مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي |
| 31 | مسلم ليگ | 1938ع | حافظ خير محمد اوحدي |
| 32 | سنڌڙي | 1939ع | لعل چند |
| 33 | ٽالپر | 1941ع | محمد اسماعيل زرگر |
| 34 | الحقيق | 1941ع | يار محمد شاهه نوري |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 35 | حقيقت اسلام | - | قاضي عبدالرزاق |
| 36 | سيتا گره بليٽن | - | پوجرام پارواڻي |
| 37 | اخبار وطن | - | ڪريم بخش نظاماڻي |
| 38 | صداقت (اردو/سنڌي) | 1946 ع | گوبند مالهي/بخاري |

ماهوار

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | زراعت | 1900 ع | --- |
| 2 | سناتن ڌرم پرچارڪ پتر | 1901 ع | سويراج شرما |
| 3 | مجمع مدرسا | 1902 ع | مولوي الله بخش ”ابوجهو“ |
| 4 | اصلاح | 1905 ع | محمد اسماعيل سرهندي |
| 5 | الاسلام | 1913 ع | مخدوم محمد صالح ڀٽي/ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي |
| 6 | ناول | 1913 ع | چينا نند ٿڌو مل وسواڻي |
| 7 | سنڌي ساهت | 1914 ع | چينا نند پرسرام |
| 8 | سنسار چڪر | 1916 ع | مهاراج ويرو مل پريم چند |
| 9 | سوڪڙي | 1917 ع | جي. ايس نندواڻي |
| 10 | ناري ڌرم | 1917 ع | سنڌ شيوڪ سيا پاران |
| 11 | توحيد | 1923 ع | مولانا دين محمد وفائي |
| 12 | الجامع | 1925 ع | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي |
| 13 | علم | 1925 ع | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي |
| 14 | ترقي | 1925 ع | حڪيم عبدالخالق مورائي |
| 15 | سندر ساهيتا | 1925 ع | ليلا رام منگنرام |
| 16 | هندي هندو | 1925 ع | --- |
| 17 | سرسوتي ساهيتا | 1926 ع | مول چند نارومل |
| 18 | سک تريڪٽ | 1926 ع | --- |
| 19 | گلشن | 1925 ع | عبدالله عباسي |
| 20 | گيان آڌيا سچترڪ | 1927 ع | مول چند نارو مل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ماسڪ | | |
| 21 | ماستر | 1926ع | نيٹو مل |
| 22 | موتين جو هار | 1926ع | ٹوپڻ داس- ٹي ڪيمواٹي |
| 23 | علمي دنيا | 1927ع | قاضي عبدالرزاق |
| 24 | ستاره | 1928ع | جمشيد مهتا (ٿياسافي تحريڪ جو ترجمان) |
| 25 | دره حيدري | 1929ع | غلام احمد نظامي |
| 26 | طالب العلم | 1930ع | عبدالله هارون/مولوي خير محمد نظاماٹي |
| 27 | گلستان | 1932ع | شيوڪ پوچ راج |
| 28 | ڪاميابي | 1933ع | قاضي عبدالرزاق |
| 29 | ٻالڪ | 1934ع | عبدالله عباسي |
| 30 | پوشيده خزانو | 1934ع | نارائڻ داس بصر مل |
| 31 | رتن | 1934ع | پارو مل ڪيولراماٹي |
| 32 | مکڙي | 1935ع | سويراج وڌواٹي |
| 33 | مجاهد | 1939ع | مولوي محمد شفيع |
| 34 | آشا | 1941ع | ديو سپاٹي |
| 35 | گل قل | 1941ع | ليلا رام واسواٹي |
| 36 | فلمستان | 1943ع | موتي تيج پاونداس مهتا |
| 37 | فلم سنگيت | 1943ع | موتي تيجنداس |
| 38 | سدا بهار | 1946ع | پارو مل ڪيورام |
| 39 | نئين دنيا | 1946ع | گوبند مالهي |
| 40 | پرستان | 1947ع | ڪنيا لعل گابا |
| 41 | تعمير | 1947ع | ڪمار سنڌي |
| 42 | روح رهاڻ | -- | چيتمل پرسرام |
| 43 | وحدت | -- | غلام احمد نظامي |
| 44 | هلال سنڌ | --- | ص.م بلوچ |
| 45 | ناخدا | -- | شيخ عبدالرحيم |
| 46 | سخنور | -- | حبيب الله فڪري |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 47 | قولستان | -- | بهاري لعل |
| 48 | مسلم | -- | قاضي عبدالرحمان |

متفرق

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | پندرنهن ڏيهاڙو الهلال | 1900ع | --- |
| 2 | پندرنهن ڏيهاڙو جوت | 1896ع | پرمانند ميوارام/فادر ڪوٽواٽي |
| 3 | ڇهه ماهي مسلمتي ڊي.جي ڪاليج مخزن | 1907ع | ساڌو ٽانور داس |
| 4 | ٽماهي جيون پاسڪر | 1926ع | ڪيم چند شام داس |
| 5 | ٽماهي پيغام | 1929ع | مولانا عبدالڪريم چستي |
| 6 | سالیانو اندس-رابندر ناٿ ڊراما ڪلب پاران | 1934ع | منگهارام ملڪاڻي |
| 7 | پندرنهن ڏيهاڙو مظهر | 1934ع | --- |
| 8 | ٻه ماهي مهراڻ | 1944ع | سنڌو ساهت ڪلب ڪراچي |
| 9 | ٻه ماهي مهراڻ | 1946ع | عثمان علي انصاري |
| 10 | پندرنهن ڏيهاڙو چترڪار | 1947ع | ديپڪ آشا |

1911ع کان 1948ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي صحافت ۽ ادب جو ٻيو دور چئي سگهجي ٿو. جيڪو سنڌي صحافت ۽ ادب جي عروج وارو دور هو. ان دور ۾ سنڌي روزاني، هفتيوار ۽ ماهوار رسالا وڏي تعداد ۾ شايع ٿيا. سنڌي اديبن، شاعرن ۽ صحافين سنڌي کان سواءِ انگريزي ادب، صحافت، فارسي ۽ اردو ۾ به اخبارون، رسالا، ڪتاب شايع ڪيا.

ڪراچي ۾ اردو ادب ۽ صحافت جو بنياد وجهندڙ به سنڌي ۽ بلوچ هئا. سنڌي، اردو، انگريزي، گجراتي ۽ فارسي کانسواءِ ان دور ۾ لياري مان مولوي محمد عثمان بلوچ ”البلوچ“ ماهوار رسالو بلوچي ۾ شايع ڪندو هو. نسيم تلوي (پير بخش بلوچ) جي اخبار ”بلوچستان جديد“ ۾ اردو، فارسي سان گڏ بلوچي جو به حصو هوندو هو. محمد حسين عنقا به لياري مان بلوچي صحافت ۽ ادب جو نالو ڪمايو. ريڪسر لائين جو مولوي محمد عثمان بلوچ، قاضي عبدالرحيم صابر ڪراچي ۾ بلوچي ادب ۽ صحافت جي پائي وجهندڙن ۾ شامل آهن. انهن جو تفصيل لياري واري باب ۾ ڏنل آهي.

1948ع کان ڪراچي ۾ اردو ادب ۽ صحافت جي شروعات تي مختصر ذڪر اردو ادب ۽ صحافت جي باري ۾ ڏيڻ جي جسارت ڪندس. سنڌ ۾ اردو ٻولي جي تعلق جي باري ۾ پير حسام الدين

راشدي جو خيال آهي ته، ”سنڌ ۾ اردو ٻولي ان وقت ظاهر ٿي جڏهن عالمگير گذاري ويو ۽ شاهي دربار ۾ اردو جو غللو گهٽجو وڌيو ۽ هتان مغل صوبيدار ۽ ٻيا سرڪاري ماڻهو پاڻ سان گڏ پڙهيل لکيل سرڪاري اهلڪار سنڌ ۾ آندا. جن ۾ گهڻا اردو ۾ شعر به چوندا هئا. جڏهن هتان جي مقامي اديبن سان انهن جو ميل جول ٿيو ته سنڌي ۽ فارسي جي شاعرن به اردو ۾ طبع آزمائي شروع ڪئي. انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ اردو شاعري جي شروعات ٿي.“

مولانا سليمان ندوي جي خيال موجب، ”هندوئن ۽ مسلمانن جي گڏيل ٻوليءَ جو پهريون گهوارو سنڌ آهي.“ مولانا پنهنجي هڪ مقالي ”هندستان ۾ هندستاني“ جيڪو 1933ع ۾ ان عليگڙهه ۾ پڙهيو هو جنهن ۾ هو لکي ٿو ته، ”جنهن ٻولي کي اڄ اسان اردو چئون ٿا ان جو خاڪو سنڌ وادي ۾ تيار ٿيو.“

سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن اردو ٻولي کي سنڌ ۾ متعارف ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ ان جي خدمت به ڪئي. صفيه نور چانڊيو پنهنجي هڪ مضمون، ”ڪراچي ۾ اردو“ ۾ هڪ تاريخي واقعي جو ذڪر ڪندي لکي ٿي ته ”اردو ٻولي 1885ع کان اڳ هتي ايتري مقبول ۽ مشهور ٿي چڪي هئي جو اردو ڳالهائڻ وارن کي تعليم يافته سمجهيو ويندو هو. 1885ع ۾ جڏهن حسن علي آفندي سنڌ مدرسته اسلام جي قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ته ڪراچي ۾ رهندڙ ڪٽر مسلمانن هن جي زبردست مخالفت ڪئي. جڏهن سنڌ مدرسو قائم ٿيو ته ان جي ديوارن تي آفندي خلاف نعرا ۽ سلوگن لکيا ويا. انهن مان هڪ هي به هو ”حسن علي وڪيل تجهي الله ڪري ذليل.“ هي نعرو ان حقيقت جي شاهدي ڏئي ٿو ته 1885ع کان اڳ اردو ڪراچي ۾ مقبول ۽ عام ٿي چڪي هئي.“

برطانوي قبضي ڪانپوءِ گهٽي تعداد ۾ اڻ ورهايل هندستان جي واپارين ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ گهڻا اردو ڳالهائيندڙ مارواڙي ۽ گجراتي واپار سانگي ڪراچي ۾ آيا ۽ هتي رهي پيا. ان دور ۾ انگريزن پاران نهندڙ اسڪولن ۾ به انگريزي ۽ سنڌي سان گڏ اردو به پڙهائي ويندي هئي. 1948ع تائين نج اردو ٻولي ۾ 31 کان متي اسڪول قائم ٿي چڪا هئا. ان ڪانسواءِ سنڌ مدرسي سميت ٻين سنڌي ۽ انگريزي اسڪولن ۾ اردو جو سيڪشن ڌار هوندو هو. انهن اسڪولن کان سواءِ ڪراچي ۾ قائم مدرسن جن ۾ مدرسا دريسا مجدديه صدر بازار، مدرسا عربيا مظهر العلوم کڏو لياري، مدرسو انجمن معاونين اهل سنت جماعت لياري، مدرسو علميه قادريه صدر، مدرسه الحرار ريڪسر لائين لياري ڪراچي ۾ به اردو پڙهائڻ جو بندوبست هوندو هو.

ڪراچي ۾ اردو کي مقبول ڪرڻ ۾ سنڌي رسالن ۽ اخبارن جن ۾ توحيد، ترقي، ڪاميابي، مجاهد ۽ ٻين وڏو ڪردار ادا ڪيو. توحيد رسالي جي لوح تي اردو جو هيٺيون شعر لکيل هوندو هو.

**توحيد کي امانت سينون مين هي همارا**
**آسان نهين مٽانا نام و نشان همارا**

گهڻن سنڌي رسالن ۾ ڪجهه صفحا اردو ادب لاءِ مخصوص هوندا هئا. ڪراچي ۾ 1865ع کان ادبي سرگرميون شروع ٿيون. ان وقت ڪراچي ۾ موجود شاعرن مشاعرن جو رواج وڌو. شاعرن ۾ ڏنپت راءِ، بيڪس، عنايت الله جگر، سيد امداد علي شاهه، راقم راءِ پوري ۽ منشي عبدالعزيز سنڌي ۽ فارسي سان گڏ اردو ۾ به شعر چوندا هئا.

ڪراچيءَ ۾ اردو ۾ نثر نگاري جو سهرو به سنڌي اديبن جي مٿي تي آهي. سنڌي جي مشهور اديب ۽ صحافي مرزا مخلص بيگ 1883ع ۾ ڪراچي مان پهرئين اردو اخبار ”دوربين“ شائع ڪئي. ڪراچي ۾ اردو ادب جو ٻيو دور 1900ع کان 1920ع تائين ڦهليل آهي جنهن ۾ ڪيترن سنڌي ۽ اردو شاعرن اردو ۾ شاعري ڪئي. جن ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، منشي مولابخش همدم، مولانا عبدالڪريم درس، جام مير ايوب خان، سيد غلام نبي موج، شيدا اسرائيلي، امير الدين همدم، سائين عبدالغني، مولوي حميد اعظم گڙي، محمدباقر خان باقر، منشي محمد منير ”منير“، منشي عبدالغني صابر، منشي محمد عبدالله حيدرآبادي، حڪيم عبدالصمد برق، خواجا ولايت حسين صغير، مولانا انعام الحق قدوسي، حڪيم صمصام حسين صمصام.

1914ع تائين ڪراچيءَ ۾ ادو ۽ سنڌي جا گڏيل مشاعرا ٿيندا هئا. انهيءَ سال جام مير ايوب عالياڻي ۽ ماستر ولايت حسين جي ڪوشش سان ڪراچيءَ ۾ انجمن ترقي اردو جي پهرئين شاخ قائم ٿي. جنهن جو دفتر رام باغ جي هڪ جاءِ ۾ هوندو هو. جام مير ايوب خان بار ايٽ لاءِ، جيڪو لسٻيلي جي عالياڻي ڄامن مان هو، پهريون صدر چونڊيو ويو. جام صاحب جڏهن ٻيلي مان پڑهڻ جي سلسلي ۾ ڪراچي آيو ته هميشه لاءِ هتي رهي پيو ۽ سنڌي ادب سان گڏ اردو ادب جي ترقيءَ لاءِ جيڪي ڪوششون جام صاحب ورتيون اهي وسارڻ جهڙيون نه آهن. انجمن ترقي اردو جي شاخ قائم ڪرڻ جو خيال به پهرئين جام ايوب کي آيو. 1920ع ۾ جام صاحب ٻيهر انجمن جو صدر ۽ سيٺ فدا حسين ميمڻ سيڪريٽري جنرل مقرر ٿيا. 1924ع کانپوءِ انجمن کي باقاعده فعال ڪيو ويو. ان جا روح روان جام محمد ايوب ڪانسواءِ سيٺ فدا علي، حاجي غلام حسين خواجو، سيٺ فدا حسين ميمڻ، محمد علي، خواجو احمد علي ۽ ولايت حسين هئا. جام ايوب سنڌي، اردو ۽ فارسي ۾ شعر چوندو هو. سندس ياءُ مير مقبول خان پوليس کاتي ۾ ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ

جي عهدي تان رٽائر ٿيو. هي به سٺو شاعر هو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ مير مقبول نٿي ڏويزن مان سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبر به چونڊيو ويو.

مير ايوب خان 5 مارچ 1945ع ۾ وفات ڪئي. ميوا شاهه ۾ مدفون آهي. 1926ع ۾ انجمن پاران هڪ مشاعرو به ڪرايو ويو. اڳتي هلي ”بزم اردو“ ڊي جي ڪاليج ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي سرپرستي ۾ قائم ٿي. ان دور ۾ هندو ۽ مسلمان سنڌي ۽ اردو مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا.

جناب ارشاد حسين صابري ”1932“ ۾ دربار سخن ۾ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ 50 شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي اردو ۽ فارسي جا شاعر هئا. جن ۾ سيٺ علي محمد احسن، مولانا منظور احمد، افسر صديقي، امير بخش امير، ڪنول نين اختر، منشي جواد حسين اسرار، احمد الدين انجم پيرزادو، انعام الحق انعام، سيد سجاد علي، سيد غلام علي اوج، لالا رام مل برق، فيروز عظيم، احمد خان جوهر، حبيب الله خان مجازي، عبدالحميد حميد، منشي حيدر حسين حيدر، منشي محمد عمر خليل لکنوي، محمد بخش راز، پنڊت پرڪاش ناٿ سرشار، منشي نظير حسين سرشار، سلطان حسين سلطان، پيرزادو محمد ارشاد، حسين شاهه صابر، اعجاز احمد صبور، عبدالله عبد، سيٺ محمد عثمان عثمان، عبدالڪريم عزمي، غفار الحق غفار، غلام قادر غلام، محمد عبدالله فائق، منشي فياض حسين فياض، محمد شريف قمر، منشي عبدالستار ڪليم، عبدالحميد ڪيف، حڪيم ٿمرداس گوهر، گوهر حسين گوهر، حافظ علي مبارڪ، مرزا محمد اسماعيل، ڪليم ارباب، سيد محمد ناصر، محمد اختر نشتر، نياز احمد نياز، محمد اسحاق وحشي، امير الدين همدم، منشي مولابخش همدم، سيد سبط حسن، عبدالمجيد ۽ ارشاد حسين شاد صابري. ورهاڱي کان اڳ انهن کانسواءِ هيٺيان اردو جا شاعر ۽ اديب ڪراچي ۾ موجود هئا. عزيز سليماني، مول چند، عابد علي شيدا، صاحبزادو محمد علم الدين قادري، عبدالحئي حقاني، احمد خان جوهر ڍهول، شاهه بشير الدين احمد قادري مخفي، سرور علي، محموده رضويه، محمد تقي طاهر، محمد ابراهيم، رام چند اختر، شيو رام زاهد، قاتل لکنوي، بيدل، محمد عمر خليل ۽ بيا. ان لسٽ ۾ سنڌي جا اديب ۽ شاعر شامل نه آهن جن اردو ۾ شاعري ڪئي. مرزا مخلص بيگ ڪراچيءَ مان پهرئين اردو اخبار ”دوربين“ 1883 ۾ جاري ڪئي جيڪا ڪجهه سالن کان پوءِ بند ٿي ويئي. پوءِ 45 سالن کان پوءِ 1928ع ۾ اردو اخبار ڪراچيءَ مان جاري ٿي. هيٺ 1883ع کان 1948ع تائين اردو اخبارن ۽ رسالن جو تفصيل ڏجي ٿو. انهن مان گهڻا رسالا ۽ اخبارون فقط ڪجهه مهينا هلي ۽ پوءِ بند ٿي ويون.

روزاني

| سيريل نمبر | اخبار جو نالو | شائع ٿيندڙ سن | مالڪ/ايڊيٽر |
|---|---|---|---|
| 1 | دوربين | 1883 ع | مرزا مخلص بيگ |
| 2 | حيات | 1928 ع | حاجي نذير الدين |
| 3 | نظام | 1929 ع | سيد غلام نبي اوج |
| 4 | مشرق | 1939 ع | حميد جيسلميري |

هفتيوار

| سيريل نمبر | اخبار جو نالو | شائع ٿيندڙ سن | مالڪ/ايڊيٽر |
|---|---|---|---|
| 1 | بلوچستان جديد (اردو – بلوچي) | 1933 ع | پير بخش بلوچ (نسيم تلوي) |
| 2 | نظام (اردو – بلوچي) | 1930 ع | |
| 3 | ڪاروان (اردو – بلوچي) | 1930 ع | - |
| 4 | ڪلمه حق | 1937 ع | - |

ماهوار

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | پيام زندگي | - | مولابخش همدم |
| 2 | ميزان الافڪار | 1939 ع | غلام حسين فروغ |
| 3 | تنوير | 1934 ع | حميد جيسلميري |
| 4 | شعاع اردو | 1946 ع | حميد جيسلميري |
| 5 | منزل | 1947 ع | ڊاڪٽر ڪارواني |

ورهاڱي وقت انگريزي روزاني اخبارون نيو ٽائيمز، ڪراچي ڊيلي گزٽ، سنڌ آبزرور، هفتيوار نيو سنڌ کان سواءِ گجراتي ۾ روزاني وطن ۽ بلوچي ۾ ماهوار ”البلوچ“ ۽ ”اولس“، هفتيوار ”بلوچستان جديد“ شايع ٿيندا هئا.

ورهاڱي کان اڳ ڪراچي ۾ جيڪي سنڌي اديب شاعر ۽ صحافي ٿي گذريا آهن. انهن ۾ مولوي محمد عثمان بلوچ، مولوي محمد صادق کڏي وارو (1913 – 1874 ع) جام محمد ايوب عالياڻي، حبيب الله فڪري، (1907-1970) ڊاڪٽر حاجي ولد غلام حسين خواجو، شيخ عبدالله عبد (1973-

1910)، الله بچايو يار محمد سمون (وفات 1958ع) مسڪين سرشاري (محمد دائود ڪڇي) علي محمد اسير، ساجد سرشاري، صالح محمد مسرور ڪيفي، سائين عبدالغني، مولانا حضرت غلام رسول قادري، سائين عبدالرشيد، سيٺ علي محمد احسن، علامہ ظهور الحسن درس، سيد بچل شاهہ راز، مولانا عبدالغفور، شيخ عبدالحليم جوش، شيخ محمد ابراهيم، محمد بخش راز، سرشار عقيلي (فقير الله بخش)، سليمان سوالي، مولانا عبدالڪريم درس (1926ع-1860ع)، تيجو رام شرما، روچيرام سڌاڻي، روچيرام گنگارام غلام احمد نظامي (1950ع-1895ع)، ڌرم داس سڌاڻي، آسانند مامتورا، مولانا حافظ فضل (1904-1962ع)، پير بخش بلوچ (نسيم تلوي)، محمد حسين عنقا، قاضي عبدالرحيم بلوچ، مولانا عبدالڪريم چستي، مولوي محمد عثمان فقيها (وفات 1918ع)، احمد غلام علي چاڳلا (1953ع — 1902ع).

هينيان اديب، شاعر ۽ صحافي جن سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌ جي ٻين علائقن مان ڪراچي آيا ۽ هتي انهن سنڌي ادب ۽ صحافت جي خدمت ڪئي جنهن مان گهڻا هميشہ لاءِ ڪراچي جا ٿي ويا ۽ گهڻا ورهاڱي کانپوءِ وطن جا وڻ ڇڏي هندستان هليا ويا. انهن مان ڪجهہ 1948ع کان پوءِ نئين دور جي صحافت ۾ سنڌي ادب ۾ خدمتون انجام ڏيندا رهيا. مرحوم شمس الدين بلبل (پيدائش 1857ع ميهڙ دادو — وفات 1919ع، ڪراچي) مرزا مخلص بيگ (وفات 1877ع ڪراچي)، ديوان گدومل، ساڌو هيرانند شوقيرام (1893ع — 1863ع)، نارائڻ جڳن ناٿ وديا، محمد هاشم مخلص (1934ع — 1860ع)، پرمانند ميوارام پيدائش (1865ع حيدرآباد، ديهانت 1938ع ڪراچي)، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (پيدائش 1853ع سيوهڻ شريف. وفات 14 ڊسمبر 1942ع ڪراچي)، مولانا دين محمد وفائي (پيدائش 1894ع ڳڙهي ياسين — وفات 1950ع ڪراچي)، مرزا صادق بيگ، قاضي عبدالرزاق (پيدائش 1892ع روهڙي — وفات 1961ع ڪراچي)، عبدالخالق خليل مورائي (پيدائش 1891ع مورو، وفات 1934ع ڪراچي)، منگهارام ملڪاڻي (پيدائش ڊسمبر 1896ع حيدرآباد - ديهانت 1980ع بمبئي)، قاضي عبدالرحمان (پيدائش 1898ع ڪنديارو — وفات ڪراچي) عبدالله عباسي (پيدائش 1903ع نوابشاهہ — وفات ڪراچي)، قادر ڪوتواڻي (پيدائش 1914 سکر)، مولوي نور محمد نظاماڻي (1934ع-1882ع)، جيٺمل پرسرام گلراجاڻي (ديهانت 1948ع بمبئي)، ساڌو نولراءِ، محمد عثمان نور نگزادو، ليکراج تلوڪ چند، ٿانور داس ڪنول سنگ، ها سارام پمناڻي، مرزا جعفر بيگ، شيخ محمد سليمان، مرزا غلام علي، وتن مل ملڪاڻي، مهراج لوڪرام، عبدالعزيز سليمان، الله بخش ابوجهو (پيدائش 1831ع ميانوالي پنجاب- وفات 1901ع ڪراچي)، ويرو مل بيگراج، سرڳواسي تولارام، سرڳواسي لوڪرام نينارام شرما، ناڪر چاولا تماهي ”سپون“ مئگزين جو ايڊيٽر رهيو. ورهاڱي وقت ناڪر چاولا رام باغ پاڪستان چوڪ تي

ناڪر نِواس ۾ رهندو هو ناڪر چاولا جو ناڪر نِواس اڄ به موجود آهي. پر هن جو نالو تبديل ڪري ”عدنان مينشن“ رکيو ويو آهي. عدنان مينشن کان اڳ بلڊنگ جو نالو ماه رخ پلازه، رحمان بلڊنگ هو. اها جاءِ پاڪستان چوڪ تي ”سرٽاگاتي“ جي سامهون چوڪ کان ڊي جي ڪاليج ڏانهن ويندي ساڄي هٿ تي نڪرنڊڙ رستي جي کاٻي هٿ کان نڪرنڊڙ گهٽي جي آخر ۾ اها جاءِ موجود آهي. هاڻي هتي مهاجرن جي هڪ فيملي رهي ٿي. ان سان لڳ مسجد ان ۾ مدرسو به آهي.

رام باغ جي هاٽوڪي پاڪستان چوڪ جتي سيوا ڪنج هاسٽل، ”سرٽا گاتي“ ۽ ٻيون ڪيٽريون ئي پراڻيون ۽ خوبصورت جايون اڃان به موجود آهن. اهي جايون ختم ٿي رهيون آهن. اهي سڀ هندوئن جون ملڪيتون هيون. هي هندو گهٽائي وارو علائقو هو.

لعل چند امر ڏنو لعل، ڊاڪٽر تارا چند لعلواڻي، هيرانند ڪيمچند، ٻولچند راڄپال، قاضي خدا بخش، قاضي عبدالرحمان، مولانا رحيم داد مولائي شيدائي، دين محمد عليگ، محمد خان غني، عبدالغفور سيتائي، ٻئي دور جي صحافت ڪجهه اهڙا نالا به آهن جيڪي سنڌي صحافت ٿئين دور جيڪو 1948ع کان شروع ٿئي ٿو خدمتون انجام ڏيندا رهيا. انهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، پير علي محمد راشدي، سائين جي ايم سيد، ڪاڪاگرداس واڌواڻي، پير حسام الدين راشدي، حافظ خير محمد اوحدي، مولانا دين محمد وفائي، مولوي عبدالواحد سنڌي، مولوي خير محمد نظاماڻي، حافظ اسماعيل ميمڻ ڪڏي وارو، عبدالله شرر (لاسي)، نور محمد شيخ، نسيم تلوي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ حبيب الله فڪري شامل آهن.



**ناڪر چاولا جو اڳوڻو گهر، جيڪو هاڻي عدنان مينشن آهي**

ڪراچي ۾ ڪجهه پراڻي پريس جو ذڪر هتي ڏجي ٿو. ڪراچي ۾ پهريون قائم ٿيندڙ پريس گورنمينٽ پرنٽنگ پريس ڪمشنر آفيس آهي. جتان سنڌ مان شايع ٿيندڙ پهرئين اخبار ڪراچي ايڊورٽائيزر 1845ع ۾ شايع ٿي.

1855ع ۾ مرزا مخلص بيگ پنهنجو ليٿو پريس مفرح القلوب نالي ڪوليو. جتان فارسي هفتيوار اخبار مفرح القلوب جاري ڪيائين. ٽيون پريس ”اڪليل“ نالي بندر روڊ تي 1870ع ۾ مرزا مخلص بيگ کوليو. جتان فارسي هفتيوار اڪليل جاري ڪيائين. انهن ڪانسواءِ 1883ع تائين مرڪنٽائل پريس الفنسٽن اسٽريٽ، فونڪس پريس ڪيمب بيل اسٽريٽ، وڪٽوريا پريس الفنسٽن اسٽريٽ، آرين ورنا ڪولر پريس ڪيمب بيل اسٽريٽ، گورنمينٽ پرنٽنگ پريس بندر روڊ پريمئر پريس، وديا ونود پريس بندر روڊ، سنڌ قاصد پريس نيپئر روڊ، قائم ٿي چڪا هئا.

1886ع ۾ منشي احمد دين ”دبدبہ حيدري“ نالي پريس ڪوليو جتان هن فارسي اخبار ”رشيد“ جاري ڪئي. ويهين صدي شروع ٿيندي ئي ڪراچي ۾ بيشمار پريسن جو واڌارو ٿيو. ورهاڱي وقت ڪراچي ۾ 119 ڇاپي خانا موجود هئا. جن ۾ الوحيد پريس، آزاد پرنٽنگ پريس ۽ ٻيا هئا.

**ورهاڱي کان اڳ علمي، ادبي ۽ ثقافتي تنظيمون:**

1853ع ۾ سنڌي الفا- بيٽ ٺهڻ کانپوءِ حڪومت پاران سنڌي ادب کي ترقي وٺرائڻ ۽ ٻين ٻولين مان ڪتابن کي سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ هڪ ”سنڌي لٽريچر ڪميٽي“ قائم ڪئي ويئي. ان کي سرڪاري سرپرستي خانگي طور ڪراچي ۾ پهرئين ادبي سوسائٽي حاصل هئي. ميڪس ڊينسو هال ليٽريري سوسائٽي“ 1885ع ۾ پادري بيمبرج جي ڪوشش سان قائم ٿي. هن سوسائٽي جي اڳواٽي ۾ هر اربع ڏينهن ”ڊينسو هال“ بندر روڊ تي ادبي ويهڪون ڪرايون وينديون هيون. جنهن ۾ سنڌي جي ان دور جا اديب ۽ ذات ڏٽي شريڪ ٿيندا هئا. جتي هو پنهنجا مقالا پڙهندا هئا جن تي تنقيد ۽ تبصرا ٿيندا هئا.

انگريزن جي اچڻ کانپوءِ باقاعده ناٽڪ منڊلين جو رواج پيو. اڳ ۾ فقط ميلن، ملاکڙن، عيدن، ڏياري ۽ ٻين خوشين جي موقعي تي مسخرن ۽ مگٽهارن جا ٽولا ماڻهن کي تفريح مهيا ڪندا هئا. جن جا ٽولا نهيل هوندا هئا. انهن کي دعوتون ڏيئي گهرايو ويندو هو. انگريزن جي اچڻ کانپوءِ هتي گهڻو ڪري فوجي هوندا هئا. فوجين فالتو وقت ۾ تفريح لاءِ ناٽڪ منڊلين جو سهارو ورتو ۽ ناٽڪ منڊليون قائم ڪيون. جن کي ڏسي هتان جي ماڻهن بہ پنهنجن پراڻن بي ترتيب تفريح وارن ٽولن کي منظم شڪل ۾ آندو.

انگريزن سڀ کان اڳ ڪراچي ۾ ”پيني ريڊنگس اينڊ ڊراماٽڪ سوسائٽي“ جوڙي ان کانپوءِ اهو سلسلو وڌندو ويو. ڊراميٽڪ ڪلب آف گولسٽر رجمينٽ، دي ڪراچي امئچوئر ڊراميٽڪ ڪلب قائم ڪيا ويا. ٻاهر جي بہ ناٽڪ منڊلين ڪراچي جو رخ ڪيو. جنهن ۾ انگريزي ڪانسواءِ سنڌي ۾ بہ ڊراما پيش ڪيا ويندا هئا. جن ۾ ”دي شنڪر وڪانير آريا ٿيئٽر ڪمپني“، ”دي فارسي الفرڊ

ٿيئٽر ڪمپني“ ۽ روزا ڪاميڊي ڪمپني“ مشهور هئا. انهن ڪي ڏسندي هتان جي مقامي ماڻهن به ان پاسي رجحان رکيو.

1888ع ۾ برهمو سماج پاران نولراءِ شوقيرام ۽ هرانند سولجر بازار واري علائقي ۾ ”يونين اڪيڊمي“ قائم ڪيو. بعد ۾ ان جو نالو بدلائي ”هيرانند نند لال اڪيڊمي رکيو ويو.

1894ع ۾ سنڌ ۾ پهرئين ”ناٽڪ منڊلي“ ڊي. جي ڪاليج ۾ قائم ٿي. هن سوسائٽي پاران 1916ع تائين ٻنا ڪنهن وقفي جي ڊراما پيش ڪيا ويندا هئا. ڪلب پاران مرزا قليچ بيگ، جيٺانند، ديوان ليلارام ۽ شيوا سنگ هوچاڻي جهڙن نالي وارن ڊراما نگارن جا ڊراما اسٽيج ڪيا ويندا هئا. هي ڪلب ويهن سالن تائين سنڌي ادب ۽ ثقافت جي لاءِ خدمتون انجام ڏيندو رهيو. هن ڪلب ڪي ادبي، ثقافتي، تاريخ ۾ اصلاحي/ سماجي خدمتون طور همشه ياد رکيو ويندو.

1909ع ۾ ڊي. جي ڪاليج ”لٽرري اينڊ ڊبيٽنگ سوسائٽي“ قائم ڪئي ويئي. سوسائٽي جو مقصد شاگردن ۾ ادبي ذوق پيدا ڪرڻ ۽ انهن ۾ لکڻ، پڙهڻ ۽ تقرير ڪرڻ جي فن کان واقف ڪرائڻ هو. اڳتي هلي انهن شاگردن سيادت ۽ ادب ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. سوسائٽي پاران هر هفتي جلسو به منعقد ڪرايو ويندو هو. جنهن ۾ يورپي ۽ مقامي دانشورن ڪي تقريرن لاءِ گهرايو ويندو هو.

1914ع ۾ هندو عامل برادري پاران ”عامل يونين ڊراميٽڪ انسٽيٽيوٽ“ جو بنياد وڌو ويو. انسٽيٽيوٽ پاران اسٽيج ڊراما ڪرايا ويندا هئا ۽ هن مان حاصل ٿيندڙ آمدني اسپتالن ۾ غريب مريضن جي علاج لاءِ ۽ تعليمي ادارن ۾ غريب شاگردن ۾ اسڪالر شپ ڏني ويندي هيءِ+ي. اصل ۾ هي هڪ سماجي سوسائٽي هئي. سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ اڳيرو هئي ۽ گڏوگڏ ادبي ۽ ثقافتي شو به ڪرايا ويندا هئا.

1917ع ۾ نصرپور جي هندن پاران جيڪي ڪراچي ۾ رهندا هئا. ”نصرپور پرديسي سارسوت“ قائم ڪئي. هي به هڪ سماجي تنظيم هئي. ڊرامن مان حاصل ٿيندڙ آمدني پنهنجي برادري جي ماڻهن جي فلاحي ڪمن ۾ خرچ ڪيو ويندو هو. هن سوسائٽي هيٺ گهڻو ڪري مذهبي ڊراما اسٽيج ڪيا ويندا هئا. انهن ڪانسواءِ ”برهمڻ ڊراميٽڪ سوسائٽي“ ۽ ”سوشل سروس ڊراميٽڪ“ به مشهور هئا.

ڊي. جي (ڏيارام جيٺمل) ڪاليج ان دور ۾ تعليم سان گڏوگڏ ادب ۽ ثقافت ۾ ڪراچي ۾ پنهنجو ڪردار خوب نڀايو. ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪاليج جو پرنسپال هوندو هو. جيڪو پاڻ صحافي، اديب، دانشور ۽ محقق هو. جنهن جي اڳواڻي ۾ ڪاليج ۾ غير نصابي سرگرمين جو ڪاليج هڪ مرڪز هو. ادب جي ترقي لاءِ 1919ع ۾ ڪاليج جي شاگردن ”انڊين مجلس“ قائم ڪئي. جنهن جي پليٽ

فارم تان شاگردن ادب لاءِ بي مثال خدمتون انجام ڏنيون. هي انجمن قومي نظريات (سنڌيت) جي ترقي جو وسيلو بڻي. اڳتي هلي شاگردن انهي پليٽ فارم تان اڻ سهڪاري تحريڪ جي ڏينهن ۾ سنڌ جي سياست ۾ حصو ورتو ته سرڪار پاران تنقيد جي زد ۾ آيا. ڊي. جي ڪاليج ۾ ئي ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪوشش سان ”بزم اردو“ قائم ڪيو ويو. جنهن جي پليٽ فارم تان اردو ۽ سنڌي مشاعرا ڪرايا ويندا هئا. جنهن ۾ سنڌي ۽ فارسي جا نامور مسلمان ۽ هندو شاعر شريڪ ٿيندا هئا.

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪم ڪندڙ هڪ سماجي تنظيم ”سوشل سروس ليگ“ به سماجي ڪمن ۾ مصروف رهي ۽ هن پاران هڪ ”سوشل سروس ڊراميٽڪ سوسائٽي“ قائم ڪئي ويئي. جيڪا ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سماجي موضوعن تي ڊراما پيش ڪندي هئي.

1923ع ۾ حيدرآباد ۾ ”رابندر ناٿ ٽئگور لٽرري اينڊ ڊراميٽڪ ڪلب“ قائم ڪيو ويو. جنهن جي افتتاح لاءِ خود رابندر ناٿ ٽئگور سنڌ آيو. هن جي هڪ شاخ ڪراچي ۾ قائم ڪئي ويئي. هن ساسائٽي پاران سنڌي ادب ۽ ثقافت جي ترقي لاءِ خوب ڪم ڪيو. سوسائٽي پاران ڊراما اسٽيج ڪيا ويندا هئا. ان ڪانسواءِ مذاڪرو، بحث مباحثا ۽ ادبي ويهڪون ڪرايون وينديون هيون. سوسائٽي جي ڪراچي شاخ پاران ساليانو رسالو ”اندس“ سنڌي ۽ انگريزي ۾ شايع ڪيو ويندو هو. جنهن جو ايڊيٽر منگهارام ملڪاڻي هوندو هو.

1923ع ۾ غلام احمد نظامي جيڪو شڪارپوري محلي ۾ رهندڙ هو. پنهنجي دور جو مشهور دانشور، اديب ۽ صحافي هو. جنهن پراڻي ڪراچي ۾ ”بزم ادب“ قائم ڪيو. جنهن جي سهاري هيٺ ادبي نشستون ۽ گڏجاڻيون ٿينديون هيون. بزم ادب پاران 1929ع ۾ هڪ ماهوار رسالو ”دره حيدري“ به جاري ڪيو ويو. جنهن جو ايڊيٽر غلام احمد نظامي پاڻ هو. هن بزم پاران سنڌي ادب کي محمد رمضان، اوستا سليمان، عبدالحليم عاجز، ڊاڪٽر محمد صديق خاڪي، حاجي محمد رمضان مشفق عبدالرزاق سليمانم عبدالرحيم غمگين، حبيب الله وڪري، غني نظامي، ڊاڪٽر محمد حسين شيرو جهڙا اديب ۽ شاعر عطا ڪيا. غلام احمد نظامي 1895ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. 1926ع ۾ ”بزم ادب“ جي پليٽ فارم تان جونا مارڪيٽ لياري ۾ هڪ ڪتاب گهر به قائم ڪيائين. جيڪو ڪراچي جي سنڌي اديبن جو مرڪز هوندو هو. دره حيدري ڪانسواءِ 1948ع ۾ هن ”وحدت“ رسالو به جاري ڪيو. نظامي 1950ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ حبيب الله فڪري ان جي جاءِ والاري، غلام احمد نظامي 24 ڪتاب لکيا آهن. هي ڪراچي جو ان دور جو استاد شاعر طور مشهور هو.

سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ترقي وٺرائڻ لاءِ 1929ع ”سنڌي ساهت سڀا“ جو بنياد ڪراچي ۾ وڌو ويو. سڀا پاران هڪ لائبريري قائم ڪئي ويئي. سڀا جي مقصدن ۾ سنڌي ڪتابن جي ڇپائي، قلمي

نسخن جي حفاظت، سنڌي ادب جي تاريخ تي هڪ مستند ڪتاب ڇپائڻ شامل هئا. ”سنڌي ساهت سڀا“ سنڌي ادب جي ترقي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو.

1930ع ۾ شيخ عبدالله عبد جي ڪوششن سان ”مجلس مشاعره“ ٺهي جيڪا اصل ۾ سنڌي سڌارڪ ڪميٽي جي طرز تي ٺهيل انجمن هئي. ٻنهي جا مقصد ساڳيا هئا. شيخ عبدالله عبد جا جڏهن سنڌي سڌار ڪميٽي سان اختلاف ٿيا ته هن هي مجلس قائم ڪئي.

1934ع ۾ مرزا قليچ جي ادبي خدمتن جي مڃتا طور ”قليچ ليٽريري سوسائٽي“ ٺاهي ويئي. جنهن جي نظرداري ۾ ڪيترائي مشاعرا ڪراچي جهڙي شهر ۾ ڪرايا ويا. 1934ع ۾ ”رتن ساهيتا منڊلي“ پارومل ڪيولراماڻي قائم ڪئي. منڊلي جي نظرداري هيٺ هڪ نج ادبي رسالو ”رتن“ جاري ڪيو ويو. منڊلي پاران ڪيترائي ڪتاب به مرتب ڪري ڇاپيا ويا. رتن رسالي ۾ شايع ٿيندڙ افسانن کي به ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو ويو. منڊلي 1947ع تائين سنڌي ادب جي خدمت ۾ مشغول رهي ۽ ماهوار رتن به باقاعده سان 1947ع تائين جاري ڪيو.

1939ع ۾ آدم حاجي دائود جي ڪوششن سان ”محفل ادب“ قائم ٿي. جنهن جو هو پهريون صدر ۽ ايم. يو فاضلاڻي سيڪريٽري چونڊيا ويا. ”محفل ادب“ پاران ڪراچي ۾ مشاعرن ۽ ادبي ويهڪن جو بندوبست ڪيو ويندو هو. جنهن ۾ ان وقت جي سنڌي ٻولي جا اديب، شاعر، صحافي شريڪ ٿيندا هئا. ”محفل ادب“ گهڻي عرصي تائين ڪراچي ۾ ادبي، علمي ۽ ثقافتي سرگرمين جو مرڪز رهي.

1943ع ۾ ڊي. جي ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن پاران ”سنڌي ادبي سرڪل“ جي نالي سان هڪ انجمن قائم ڪئي ويئي. ادبي سرڪل جي نظرداري ۾ ڊراما اسٽيج ڪيا ويندا هئا. ادبي ويهڪن ۽ مشاعرن جو بندوبست ڪيو ويندو هو.سرڪل 1947ع ۾ تائين قائم رهي ۽ جنهن سنڌي اديبن ۽ شاعرن، استادن ۽ شاگردن هڪ پليٽ تي جمع ڪيو.

1944ع ۾ ”سنڌ ساهت ڪلب“ جو بنياد وڌو ويو. جنهن جي پليٽ فارم تان شاهه عبداللطيف ڀٽائي سميت سنڌ جي اديبن، سياستدانن، دانشورن جا ڏڻ ملهايا ويندا هئا. علمي ۽ ادبي ڪچهريون منعقد ڪيون وينديون هيون. سنڌي رسالن ۽ انهن جي مالڪن ۽ ايڊيٽرن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ هن ڪلب اهم ڪردار ڪيو. ڪلب پاران ڇهه ماهي رسالو ”سنڌو“ به جاري ڪيو ويندو هو.

1945ع ۾ گوبند مالهي ۽ سوڀو گيانچنداڻي پاران ڪراچيءَ ۾ ”انجمن ترقي پسند مصنفين“ جو بنياد رکيو ويو. جنهن جو مقصد سنڌ جي ترقي پسند اديبن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ هو ۽ رجعت پسند سوچ ۽ خيالن جي مقابلي ۾ ان پليٽ فارم وڏو ڪردار ادا ڪيو. ڊي جي ڪاليج قائم

ادبي ۽ ثقافتي انجمن جو سهڪار هن کي حاصل هو. جتان نڪرندڙ شاگردن جو وڏو حلقو جنهن جو رجحان ادب ڏانهن هو هن انجمن جي پليٽ فارم تان ادبي ۽ ثقافتي خدمتون انجام ڏيندا رهيا. انجمن پاران رام باغ ويجهو فليٽ تي هر جمعي ڏينهن شام جو ادبي ويهڪ جو بندوبست ڪيو ويندو هو. جنهن ۾ جديد ادب جي موضوع تي ليڪچر ڏنا ويندا هئا. انهن ادبي ويهڪن جي بندوبست ۾ ڊي. جي ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جو وڏو هٿ هوندو هو. هن انجمن جي ڪوشش سان سنڌي افساني تي وڏو ڪم ڪيو ويو. انهيءَ انجمن اڳتي هلي سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو جنهن جي ناهڻ ۾ گوبند مالهي، آسانند مامتورا، سوڀو گيانچنداڻي، محمد ابراهيم جويي ۽ شيخ اياز جو هٿ آهي.

1946ع ۾ ”سنڌي ترقي پسند ادب“ نالي هڪ سرڪل قائم ڪيو ويو. جنهن جي نظرداريءَ ۾ هڪ ٻه ماهي رسالو ”مهراڻ“ جاري ڪيو ويو. ٻن سالن کان پوءِ رسالي کي ماهوار ڪيو ويو. اڄ ٻه رسالو سرڪاري سهڪار سان ٽماهي سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿي رهيو آهي.

ڪراچي ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽي جي هڪ شاخ ڊاڪٽر اينِي بيسنت، ڄيٺمل پرسرام ۽ جمشيد مهتا جي ڪوششن سان قائم ڪئي ويئي. سوسائٽي پاران بندر روڊ تي ٿياسافيڪل هال ۽ لائبريري قائم ڪئي ويئي. جيڪي اڄ ٻه قائم آهن ۽ هن وقت سٽي حڪومت جي حوالي آهي. هن تحريڪ ڪراچي ۾ رهندڙ مٿين ڪلاس جي هندوئن، مسلمانن ۽ پارسين کي پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو. سوسائٽي پاران ادبي ۽ ثقافتي پروگرام ٿيندا هئا. ان دور ۾ پوري دنيا ۾ قائم شاخ مان ڪراچي جي شاخ کي وڏ سرگرم ۽ فعال شاخ قرار ڏنو ويو. مسلمانن ۾ مشهور دانشور جي. ايم سيد، حيدر بخش جتوئي ۽ اي. ڪي بروهي ٻه هن جا ميمبر هئا. ڊاڪٽر اينِي بيسنت پاران ليڪچرن جو بندوبست ڪيو ويندو هو. اصل ۾ هي سوسائٽي صوفي خيال وارن دانشورن جو مرڪز هو.

ورهاڱي کان اڳ ”مسلمان ادبي سوسائٽي“ قائم ٿي جنهن جو روح روان اسلاميا هوٽل بولٽن مارڪيٽ جو مالڪ محمد صديق ميمڻ هو.

ڪراچي ۾ سنڌي ادب:

سنڌ جي هاٿوڪي رسم الخط جي منظوري کانپوءِ 1853ع ۾ پهريون ٻاراڻو ڪتاب منشي ننديرام جو درسي ڪتاب ”باب نامو“ ڪراچي مان گورنمينٽ پرنٽنگ پريس مان ڇپيو. ان کان اڳ سنڌي ڪتاب ابوالحسن واري صورتخطي ۽ ديوناگري لپي ۾ ڇپيندا هئا. نئين لپي جي منظوري کان پوءِ ڪتابن جي لکڻ ۽ ڇپجڻ جو هڪ نئون دور شروع ٿيو. جنهن جو مرڪز ڪراچي هو.

ڪيترائي تعليمي، علمي، ادبي ۽ تحقيقي نوعيت جا ڪتاب ڇپجڻ لڳا. 1853ع کان 1875ع ۾ فقط ٻاويهه سالن ۾ سنڌي ۾ 200 کان مٿي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا.

شاعري جي سلسلي ۾ 1866ع ارنيسٽ ٽرمپ جرمنيءَ مان شاهه جو رسالو ڇاپي پڌرو ڪيو. 1875ع ۾ ”ديوان گل“ 1876ع ۾ ”بيان العارفين“ ۽ 1883ع ۾ ”ميزان الشعر“ ڇپجي پڌرا ٿيا. ان شروعاتي دور ۾ منشي ننديرام، اڌارام ٿانور داس، ديوان ڪوڙو مل، ڏيارام، قاضي غلام حسين، ميران محمد شاهه، غلام علي ۽ آخوند عبدالرحيم عباسي ادب جي خدمت ۾ مشغول هئا. ڊاڪٽر جانسن جي ناول جو راسيلاس نالي ترجمي کان اڳ داستان ۽ قصا موجود هئا.راسيلاس 1870ع ۾ اڌارام ۽ نولراءِ ترجمو ڪيو. ان دور ۾ کهاڻي نويسن ۾ مرزا قليچ بيگ، منشي اڌارام، روچيرام سڌاڻي، ديوان ڪوڙو مل، بولچند جامن داس ڀاٽيا، نارائڻ داس ملڪاڻي، شيوڪ ڀوڄراج، نارائڻداس ڀنڀاڻي ۽ رام پنجواڻي جا نالا قابل ذڪر آهن.



**ورهاڱي کان اڳ ڪجهه سنڌي اديب/ صحافي جن جو گهڻو واسطو ڪراچي سان رهيو**

**پروفيسر هوت چند گربخشاڻي جيٺمل پرسرام لعل چند امر ڏنو مل**

**موهن ڪلپنا   ڄام مير ايوب خان            ڪاڪو ڀيرو مل**

**حڪيم فتح محمد سيوهاڻي          مولانا دين محمد وفائي        ڊاڪٽر حاجي غلام حسين قاسم**

**ٺاڪر چاولا    ڪلا پرڪاش  دادا ليکراج**

پهرئين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ سنڌي ادب جو ٻيو دور شروع ٿئي ٿو. جنهن جو مرڪز بہ ڪراچي هو ۽ حيدرآباد ۾ بہ سنڌي ادب ۽ صحافت ان دور ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان دور ۾ اسان سنڌي ادب کي مختلف شهرن جي خانن ۾ ورهائي نٿا سگهون. ڪراچي جيئن تہ سياست، علم، ادب، ثقافت ۽ صحافت جو مرڪز هو ۽ مشهور پريس هتي هئا. تنهنڪري سياسي اڳواڻن، اديبن، صحافين، محققن ۽ شاعرن ڪراچي کي ئي پنهنجو مرڪز ۽ مسڪن بنايو.

سنڌي ادب جي انهيءَ ٻئي دور ۾ سماج جي سڌاري جو موضوع، سياسي آزادي جهڙا موضوع ادب تي ڇانيل رهيا. جنهن ۾ نئين سياسي شعور ۽ جمهوريت جي اهميت تي زور ڏنو ويو. ان دور ۾ مرزا قليچ بيگ، نانڪرام، خليق مورائي، لال چند امر ڏنو لال، جيٺمل پرسرام، ڪاڪو ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، نرمل داس، پرمانند ميوارام، تيجومل ليکراج، محمد عثمان ڏيپلائي، ليلا رام آسانند، امر لال ۽ ڀائوناڻي ادبي دنيا ۾ ڇانيل رهيا.

سنڌي ادب جو ٽيون دور سنڌ جي بمبئيءَ کان الڳ ٿيڻ کانپوءِ شروع ٿئي ٿو. ان دور ۾ ڪراچي سنڌ جي سياست سان گڏوگڏ صحافت، ادب، تعليم ثقافتي ۽ سماجي سڌارڪ تنظيمن جو مرڪز رهيو.اهو دور ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادب ۽ صحافت جي ترقي جو دور هو. اهو دور ڪراچي ۾ بنا ڪنهن شڪ جي سنڌي جي هر فيلڊ جو مرڪز ۽ محور رهيو. ان دور ۾ سنڌي ادب يورپي ۽ ٻين ٻولين جو اثر بہ قبول ڪيو ۽ ترقي پسند تحريڪ بہ انهيءَ دور ۾ اثرن جي پيداوار آهي.

ان دور ۾ سياسي، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن تي قلم کنيو ويو. لکڻ سان گڏ ڊرامن، ناٽڪن ۽ مختلف سماجي تحريڪن وسيلي سماج جي مسئلن کي پيش ڪيو ويو. ادبي ويهڪن، جلسن ۽ سيمينارن وسيلي پنهنجي ڳالهہ عوام تائين پهچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي. هي دور سياست، ادب ۽ صحافت لاءِ عوامي دور هو. عام ماڻهو مڪمل طور تي انهن تحريڪن ۾ حصو وٺڻ لڳا. سنڌي ادب ۾ پهريون ڀيرو سماجي مسئلن تي لکڻ جي ان دور ۾ مضمون نويسن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ غلام حسين قريشي، سيد ميران محمد شاهہ، ساڌو هيرا نند، ٻولچند ڪوڏومل،

افسانا نگاري ۾ امر لال، ليلارام، آسانند مامتورا، ليک وتا سياڻي، تارا چند ديو سياڻي، دوست علي، عثمان علي انصاري، غلام احمد نظامي، حبيب الله فڪري، شيخ عبدالله عبد، حاجي محمود خادم، ڊاڪٽر گربخشاڻي. جي. اين ناگراڻي، وديارٿي، ڄڳت آڏواڻي، هيرانند عيدناڻي، ڪشن کٽواڻي، هرو سدا رنگاڻي، منوهر داس، هميراجاڻي، نارائڻ داس ملڪاڻي مرزا نادر ليگ، سيو رام آڏواڻي، محمد صديق مسافر، غلام محمد شاهواڻي، عبدالله عبد، لطيف الله بدوي، دلدار حسين موسوي، سڳن آهوجا، آتم، حبيب الله ڀٽو، محمد حسين ڪروڙ پتي، فقير محمد عاجز، مير عبدالحسن سانگي، احمد خان جلباڻي، حاجي امام بخش خادم، نجم عباسي، نارائڻ شيام، گوبند پنجابي، ڀڳوان لعلواڻي، رام امر لال، گوبند مالهي، صاحب سنگهه چندا سنگهه، آيم. آر مائيراساڻي، تيرٿ ۽ حيدر بخش جتوئي 1947ع تائين سنڌي ادب تي ڇائنجي چڪا هئا.

انهيءَ دور ۾ محقق ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جو لازوال ڪارنامو ”شاهه جو رسالو“ جنهن کي تحقيقي انداز ۾ مرتب ڪيو. جنهن تحقيق ۾ انقلاب آندو. 1923ع کان 1931ع تائين ٽي جلد ڇپرا تيا ۽ چوٿون جلد ڇپجي نه اڃڻ ڪري رسالو اڻ پورو رهيو.

تنقيدي ادب ۾ ورهاڱي کان اڳ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، ڪوڙومل، ديوان گدومل، تاراچند شوقيرام، ليلا رام سنگ، لال چند امر ڏنو لال، جيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، سيد الله شاهه نڪڙائي، ڪاڪو ڀيرو مل، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، الله بچايو يار محمد سمون ۽ چٿومل ٽڏاڻي جا نالا اچن ٿا. هڪڙي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ورهاڱي وقت يا هن ڪانپوءِ جيڪي صحافت ۾ مشهور هئا. اهي ادبي دنيا ۾ به پنهنجو مٿ پاڻ هئا تنهنڪري ادبي حصي ۾ بيهر انهن جو نالو ڏيڻ ورجاءِ ٿيندو.

ٻي مهاياري لڙائي ڪانپوءِ ترقي پسند اديبن جي ڪري ترقي پسند تحريڪ جا اثر سنڌ جي نوجوانن تي پيا. اديبن ۽ شاعرن، هارين ۽ پورهيتن جي حقن انهن سان ٿيندڙناانصافين کي پنهنجن لکڻين ۾ جاءِ ڏني ۽ انهيءَ دور ۾ آزاد نظم سنڌي ۾ لکجڻ لڳو. ان رجحان ۾ گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻائي، سوڀو گيانچنداڻي، نارائڻ شيام، حشيو ڪيولراماڻي، لڇمڻ راجپال، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز نمايان هئا. آسانند مامتورا ۽ عبدالستار شيخ پهريان اديب آهن جن جنسياتي، نفسياتي، ٻي جوڙ شادين جهڙن مسئلن تي لکڻ شروع ڪيو. ورهاڱي کان اڳ وارو دور سنڌي ڪهاڻي جو ارتقائي ۽ بنيادي دور هو. اهو 1920ع کان شروع ٿي 1947ع تائين جاري رهيو. ان دور ۾ هندستان جي ورهاڱي ۽ الڳ وطن جي تصور جو اثر سنڌي ادب تي پيو. ڇاڪاڻ ته ان جو اثر سنڌ جي زندگي جي هر شعبي تي پوڻ ڪري ادب به ان کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ نه رهي سگهيو.

انگريزن جي اچڻ کان وٺي 1947ع تائين ڪراچي سنڌ جي سياست ۽ صحافت سان گڏ علم ۽ ادب جو مرڪز رهيو. ان دور ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيندڙن مان هينين شخصيتن ادب ۽ صحافت ۾ نالو پيدا ڪيو.

**احمد غلام علي چاڳلا:**

31 مئي 1902ع ۾ ڪراچي ۾ ڄائو. سنڌ جو مشهور موسيقار، ڊراما نويس ۽ اديب ٿي گذريو. ابتدائي تعليم سنڌ مدرسي ۾ حاصل ڪيائين. استاد مهاراج سوامي داس سندس موسيقي ۾ استاد هو. احمد غلام علي چاڳلا مغربي، ايراني، ترڪي ۽ سنڌي موسيقي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. 1914ع ۾ هن مشهور برطانوي موسيقار "سرهينري ووڊ" کان موسيقي جي سکيا ورتي.

چاڳلا صاحب "اجنتا" فلم ڪمپني ۾ ميوزڪ ڊائريڪٽر ٿي رهيو آهي ۽ پاڪستان جي قومي تراني جي ڌن مرتب ڪرڻ جو ڪم بہ احمد چاڳلا ترتيب ڏنو. جنهن 38 سازن جي مدد سان تراني جي ڌن جوڙي. جنهن کي سرڪار 21 آگسٽ 1949ع تي منظور ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ ڌن جي بنياد تي 1954ع ۾ حفيظ جالنڌري جو لکيل قومي ترانو منتخب ڪيو ويو.

چاڳلا صاحب سنڌي اسٽيج ڊرامي "عمر مارئي" ۾ موسيقي ڏني. احمد چاڳلا هڪ بهترين نثر نويس بہ هو. انگريزي ۽ سنڌي ۾ لکندو هو. مهراڻ ۽ سنڌو رسالن ۾ هن جا مضمون شايع ٿيندا هئا. 1930ع ۾ ڪجھ فلمي ڪهاڻيون بہ لکيائين جن ۾ "پتي پتني" ۽ "طلسمي گهوڙا" قابل ذڪر آهن.

احمد چاڳلا ڊراما نويس بہ هو. سندس "خوني" نالي ڊرامو گهڻو مشهور ٿيو. هي پهريون سنڌي ڊرامو هو جنهن ۾ شاهہ عبداللطيف جا بيت استعمال ڪيا ويا هئا. ان ڊرامي کانسواءِ "جيڪا تقدير"، "ديس جو دشمن"، "ڳُڏي جو گهر" ۽ "پوت" ڊراما بہ لکيائين. پويان بئي ڊراما انگريزي مان ترجمو ڪيل آهن. احمد چاڳلا بنا ڪنهن شڪ جي سنڌي ڊرامي جو آغا حشر هو. تاريخ ساز شخصيت 5 فيبروري 1953ع ۾ ڪاري در واري علائقي ۾ وفات ڪري ويو.

**جي الانو:**

(غلام علي الله ڏنو خواجو): پنهنجي پيءُ جي نالي الله ڏنو ڪري الانو مشهور ٿيو. چاڪاڻ تہ اسان وٽ گهڻو ڪري الله ڏنو کي الانو اچاريو وڃي ٿو. جي. الانو 22 آگسٽ 1906ع تي ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. پاڪستان جي تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. ويهن سالن تائين ڪراچي ميونسپلٽي جو ميمبر رهيو. الانو صاحب سياست سان گڏ شاعر بہ هو. هن انگريزي ۾ شاعري ۽ ليکڪ جي حيثيت ۾ شهرت حاصل ڪئي. 1976ع ۾ منيلا ۾ "يونائيٽيڊ لاريٽ ايسوسيئيشن"

ڪيس انساني حقن لاءِ "انٽرنيشنل پوئيٽ لاريٽ" جو لقب ڏنو ويو. انهيءَ اداري جو بعد ۾ هو نائب صدر ۽ لنڊن جي رائل سوسائٽي آف آرٽس جو ميمبر به رهيو آهي.

پنهنجي پوئين عمر ۾ سنڌي ۾ شعر چيائين. الانو صاحب بيت ۽ ڪافي جو شاعر هو. سندس تخلص "عاجز" هو سندس سنڌي ڪلامن جو مجموعو عنايت بلوچ "ڪي پڙاڏا ڪي سڏ" نالي ترتيب ڏنو. سندس ٻيا به ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. 8 مارچ ۾ ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو.

سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

عشق جو پيالو پيار او يار

عشق جو پيالو پيار او يار

ماندي مان محبوب مران ٿي اڄ ازل جي اوتار او يار

تولئي واٽون ٿي واجهايان منهنجي اڱڻ ڪي اجار او يار

عشق جو پيالو پيار او يار

**عبدالله شرر:**

عبدالله ولد صالح محمد لاسي جا وڏا اصل ۾ لسٻيلي جا هئا. جتان لڏي هو ڪراچي آيا. عبدالله 1927ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. عبدالله شرر ڪراچي جي شاعرن ۾ خاص مقام رکندو هو. پهريان سندس تخلص "عاجز" هو ۽ پوءِ شرر رکيائين. هن جمعيت الشعراءِ سنڌ جي ڪيترن ڪانفرنس ۾ ڪراچي جي نمائندگي ڪئي. محمد جمن هالي جي محبت ۾ رهڻ ڪري سندس مجموعي ڪلام "سوز عشق" جي ڇپائي ۾ دل و جان سان ڪم ڪيائين.

**غلام احمد نظامي:**

غلام احمد نظامي ولد حاجي محمد صديق ميمڻ 1895ع تي ڪراچي ۾ ڄائو. پاڻ اديب، صحافي ۽ ناميارو قومي شاعر ٿي گذريو آهي. سندس والد ڪراچيءَ ۾ 1898ع اسلاميا هوٽل بولٽن مارڪيٽ ۾ کولي جيڪا اڄ به موجود آهي. هي هوٽل ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن ۽ پسگردائي جي زميندارن ۽ عام ماڻهن جو 1980ع تائين اهم پڙاءُ هو. نظامي صاحب اردو ۾ به شاعري ڪئي. نظامي صاحب حضرت نظام الدين اولياءَ رحه جي گادي نشين ۽ اردو جي وڏي اديب خواجا حسن نظامي جي هٿ تي بيعت ڪري سندس مريد ٿيو. انهيءَ نسبت سان 1926ع تي پنهنجو تخلص "نظامي" رکيائين. هن کان اڳ نظامي صاحب "اصغر" ۽ "خاطي"، تخلص استعمال ڪندو هو. ڪراچي ۾ بزم ادب ۽ بزم نظامي قائم ڪيائين. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ گلزار عشق (ڪافيون) مسدس حالي (ترجمو)، بياض نظامي ۽ رياض نظامي شامل آهن. نثر ۾ به هن ڪيترائي مضمون ۽ ڪجھ ناول به لکيائين. ڪاميابي، ترقي ۽ الوحيد رسالن ۾ لکندو هو.

1929ع ۾ ”دره حيدري“ نالي رسالو جاري ڪيائين. وفات کان اڳ ”وحدت“ نالي هفتيوار اخبار جاري ڪيائين. 23 فيبروري 1951ع ۾ ڪراچي ۾ وفات ڪيائين.

مون ڪئي ڪوشش گهڻي ٻاهر نہ نڪري ٻاڦ ڪا،
عشق منهنجو ويو مگر رسواسرِ بازار تي.

**عبدالغني المعروف سائين غني:**

سائين غني جي والد جو نالو الحاج مولوي محمد بشير قادري هو. سائين غني جا وڏا اصل ۾ ڀارت جي ضلعي پٽنا جي راٽاپور ڳوٺ جا رهاڪو هئا. سائين غني پاڻ ڪراچي ۾ ڄائو ۽ قادرالڪلام شاعر ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سنڌي ڪانسواءِ سائين غني پنجابي، فارسي، سرائڪي ۽ اردو ۾ بہ شاعري ڪئي. 21 ربيع الاول 1357ھ 1938ع ۾ وفات ڪيائين.

**ڪلا پارو چندواڻي:**

پارو مل چندواڻي جي ڌي ڪلا، 2 جنوري 1934ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿي. پاڻ مشهور شاعره ۽ نثر نويس هئي. ڪلا، هرديوي گرلز هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ ورهاڱي ڪانپوءِ پنهنجي گهروارن سان گڏ ڀارت هلي وئي. 1954ع ۾ موتي پرڪاش سان شادي ڪانپوءِ ڪلا پرڪاش ٿي. ڪلا پرڪاش جو نالو هندستان ۾ اهم سنڌي ليکڪائن ۾ شامل آهي.

**ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي:**

1932ع ۾ ڪراچي ۾ ڄائو سنڌي ٻولي جو تمام وڏو محقق ٿي گذريو. ورهاڱي ڪانپوءِ ڀارت هليو ويو.

**محمد ابراهيم خليل شيخ:**

ڊاڪٽر ابراهيم خليل 1900ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. هي سنڌي جو شاعر، اديب، نقاد، محقق ۽ افسانہ نگاري سان گڏ جسماني ۽ دماغي بيمارين جو ممتاز ڊاڪٽر بہ هو. ابتدائي تعليم سنڌ مدرسي مان حاصل ڪيائين، N.J.V هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ 1925ع ۾ گرانڊ ميڊيڪل ڪاليج بمبئيءَ مان ايم. بي. بي. ايس جي ڊگري حاصل ڪيائين. شروع ۾ تخلص ”غافل“ ۽ پوءِ ”خليل“ رکيائين. 1946ع کان 1957ع تائين جمعيت الشعراءِ سنڌ جو صدر رهيو. مئي 1980ع ۾ ڪيس باباءِ اردو سنڌ جي لقب سان نوازيو ويو. 19 نومبر 1982ع ۾ وفات ڪري ويو. ڪتابن ۾ ڪليات سنڌ، گلزار خليل (اردو شاعري جو مجموعو)، بلبل سنڌ، ادب ۽ تنقيد، اقبال حيات اور افڪار (اردو ۾)، سنڌي مثنوي جي ارتقا، سنڌي رباعي جي تاريخ، عبرت ڪده ٿي ڀاڱا ۽ ٻيا شامل آهن.

**واسد يو نرمل:**

واسد يو نرمل 2 جون 1936ع تي ڪراچي ۾ ڄائو. ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي خاندان سان گڏ ڀارت هليو ويو. نرمل جو شمار هن وقت ڀارت جي سنڌي شاعرن ۽ ناٽڪ نويسن ۾ ٿئي ٿو. سنڌس ادبي خدمتن جي مڃتا طور ڪيس انعام ۽ ايوارڊ به مليل آهن.

**الله بچايو يار محمد سمون:**

الله بچايو ولد محمد سمون 1912ع ۾ ملير ۾ ڄائو. سنڌي زبان جو مشهور نثر نويس ٿي گذريو آهي. الله بچايو سمون سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري ٽريننگ ڪاليج ۾ سکيا پوري ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. هن فقط ٻه ڪتاب لکيا آهن. اهي ٻئي ڪتاب سنڌي ادب ۾ اهم مقام رکن ٿا. جن 1942ع ۾ لکيل ”سير ڪوهستان“ ۽ 1971ع ۾ لکيل ”لاڙ جو سير“ شامل آهن. الله بچايو سمون 9 ڊسمبر 1958ع ۾ گذاري ويو.

**مومن مليرائي:**

شفيع محمد ميمڻ (مومن مليرائي) 1906ع ۾ مراد ميمڻ ڳوٺ ملير ۾ ڄائو. هي فقط چار جماعت پڙهيو هو. ٻني ٻارو ڪندو هو. 1933ع ۾ ادبي دنيا ۾ داخل ٿيو. خلافت تحريڪ ۽ مسلم ليگ ۾ سرگرم رهيو. آخر ۾ سنڌ جي قومي سياست سان واڳيل هو ۽ جي ايم سيد کي پنهنجو مرشد ۽ اڳواڻ مڃيندو هو. بزم نظامي، بزم طالب المولىٰ، بزم اسير جو سرگرم ميمبر رهيو. هي قادر الڪلام شاعر هو. سندس ڪلام، جو مجموعو ”عشق جو آواز“ چٽنگ پبليڪيشن پاران 1976ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ۽ 1987ع ۾ وفات ڪيائين. سائين جي. ايم سيد تعزيت لاءِ سندس تڏي تي ويو.

**مون کي ڪرڻ اي يارو حيران وري نه ايندو**
**هڪ وار جو ڏٺو رخ تابان وري نه ايندو،**
**هن عيد تي ملياسون اڳتي به شل ملن سڀ،**
**عيدون وري به ايندون انسان وري نه ايندو.**

**ولي سروي:**

ولي محمد رونجهو (ولي سروي) سن 1929ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي معزز شعبي سان واڳيل رهيو آهي. 13 سيپٽمبر 1990ع تي ڪجهه وقت لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو. شروع ۾ ولي سرشاري جي نالي سان لکندو هو پر بعد ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي محفل سخن سان ڳنڍيل هئڻ ڪري 1961ع ۾ ولي سروي جي قلمي نالي سان لکڻ لڳو. شاعري ۾ تخلص ”ڪوشان“ به اٿس.

ان ڪانسواءِ مولانا صادق ميمڻ ڪڏي وارو، مولوي محمد عثمان ريڪسر لائن لياري، علي اڪبر جوکيو گڏاپ وارو، سليمان سوالي بلوچ، قاضي عبدالرحيم بلوچ، مولانا عبدالڪريم درس، تيجوار شرما، روجيرام سڏاڻي، ڌرم داس سداڻي، آسانند مامتورا، مولانا حافظ فضل احمد، الله بخش عقيلي سرشاري، حبيب الله فڪري، مسڪين سرشاري، يار محمد مسلم ٿانوري، مولانا عبدالغفور، علي محمد اسير، ساجد سرشاري، مسرور ڪيفي (صالح محمد)، حاجي قاسم خواجو ڪارودر لياري، پير بخش بلوچ (نسيم تلوي)، محمد حسين عنقا، شيخ عبدالحليم جوش، نور محمد شيخ ملير مان ضامن جوکيو ۽ ملا شير علي گبول مشهور اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن. الوحيد اخبار ۾ سنڌن مضمون ڇپجندا رهندا هئا ۽ ٻيا جن جو پيدائشي تعلق ڪراچي سان آهن ادب، صحافت ۽ سياست ۾ سرگرم هئا. انهن مان گهڻا ورهاڱي ڪانپوءِ به ادبي ۽ صحافتي خدمتن ۾ مشغول رهيا.

ڪوهستان، ملير ۽ منگهي پير واري علائقن ۾ گهڻا اهڙا سگهڙ، شاعر ۽ اديب ٿي گذريا پر مرڪز کان پري هئڻ ڪري اهي اديب سگهڙ رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي نه سگهيا.

قلمي نسخي طور انهن جي مائٽن وٽ گهڻو مواد پيل آهي ۽ جيڪي ڇپائي جو خرچ برداشت نٿا ڪري سگهن ۽ اهو سنڌي ادب جو انمول ذخيرو ختم ٿي رهيو آهي. انهن سگهڙن ۽ شاعرن جي شاعري ۾ ان دور جي ڪراچي جي پسگردائي ۾ ٿيندڙ واقعن، حادثن، گسن، ماڳن ۽ مڪانن جو پتو پوي ٿو. سگهڙن ۽ شاعرن موڪي متارا، سسئي پنهون، مورڙي مير بحر، مري مگٽر ڪانسواءِ انهن علائقن ۾ مختلف قبيلن جي وچ ۾ ٿيندڙ جنگن جو احوالن ڪي به پنهنجي بيتن ۾ ڪتب آندو آهي. جن مان 22 جنگن جو احوال جيڪي ڪراچي جي پسگردائي ۾ ڪلمتين، جوکين، فرفتن، لاشارين، جاکرن، گبولن ۽ ٻين قبيلن جي وچ ۾ لڳيون. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پاران مرتب ڪيل ڪتاب ”جنگ ناما“ ۾ ڏنل آهن. انگريزن کان وٺي ورهاڱي تائين ادبي حوالي سان گمنام پيل انهن علائقن ۾ سگهڙ موجود هئا ۽ اهو سلسلو اڄ به جاري آهي، پر اهي سگهڙ ۽ شاعر پنهنجي علائقن وانگر گمنام آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن علائقن تي تحقيق ڪري اهڙن سگهڙن ۽ شاعرن کي ظاهر ڪيو وڃي. سرڪاري سطح تي جيڪي علمي ۽ ادبي ادارا موجود آهن انهن کي ڪراچي جي انهن علائقن جي ادبي تحقيق پاسي به ڌيان ڏين. انهن جي منظر تي نه اچڻ ڪري انهن علائقن جي پوري تاريخ اسان جي ادبي منظر نامي تان گم آهي. جنهن کي ڳولڻ، ظاهر ڪرڻ نهايت ضروري آهي. (ملير ۽ لياري ۾ رهندڙ اديبن ۽ شاعرن جو احوال ملير ۽ لياري واري باب ۾ ڏنل آهن).

**ورهاڱي ڪانپوءِ ڪراچي ۾ سنڌي ادب ۽ صحافت جو مختصر جائزو:**

ورهاڱي جي اعلان ٿيندئي اهڙو ماحول پيدا ڪيو ويو جو هندو مسلمان جهيڙا شروع ٿي ويا جنهن جي نتيجي ۾ لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي. هن اوچتي لڏپلاڻ پوري سنڌ جي ماحول کي ڳوڙهن ۾ وينجهاري ڇڏيو. صدين کان رهندڙ سنڌين پنهنجا اباڻا اجها سڀ ڪجهه تڪڙ ۾ ڇڏي نئين ۽ اڻ ڄاتل مهاڳ ڏانهن روانا ٿيا ۽ هتان اوپرن ماڻهن جنهن جي ٻولي، ڪلچر، رهڻي ڪهڻي الڳ هئي سنڌ جي شهرن جو رخ ڪيو.

اڳوڻا رسالا ۽ پبلشنگ ادارا ۽ اخبارون ختم ٿي ويون. ڪراچي جيڪو سنڌي ٻولي جي ادبي، علمي ثقافتي ۽ صحافتي مرڪز هو. اهو مرڪز ختم ٿي ويو. هندو اديبن، صحافين، تعليمي ماهرن ۽ سماجي سڌارڪن سياستدانن کي زبردستي پنهنجو ڏيهه ڇڏايو ويو. جن وجهڻ جي نه ڪئي هن کي هندستان جو ايجنٽ قرار ڏيئي هر طرح سان تنگ ڪري پنهنجي ملڪ مان زوري لڏايو ويو. اهو سلسلو 1946ع کان اڄ تائين ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان جاري آهي.

ادبي روايتن جو رشتو ختم ٿي ويو سنڌي ٻولي جا ٻه مرڪز هند ۽ سنڌ ٿيا. سنڌي ٻولي جي مرڪز ڪراچي کي ختم ڪرڻ جي سازش جي شروعات پاڪستان نهڻ سان شروع ٿي. اهو نه ڏنو ويو جن ماڻهن هندستان مان لڏي آيلن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون انهن کي انهن جي شهر مان بي دخل ڪرڻ جي شروعات ٿي.

ڪراچي ۾ وڏي تعداد ۾ هندستان کان آيل پناهه گيرن کي وسايو ويو. هندستان جي گهٽن اديبن ۽ صحافين به ڪراچي جو رخ ڪيو. سنڌي ٻولي جي ادب ۽ صحافت جو مرڪز ڏسندي ڏسندي اردو ٻولي جي ادب، صحافت ۽ علم جو مرڪز بڻجي ويو. ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته ٻنهي ٻولين جا اديب ۽ صحافي هڪ ٻئي جا همدرد ۽ هڏ ڏوکي بڻجي سنڌ جي ترقي لاءِ ڪجهه ڪن پر افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته ان دور ۾ لڏي آيل جيڪي اسلامي جذبي سان سرشار هئا سنڌين کي راجا ڏاهر جو اولاد ٻين لقبن سان نوازڻ لڳا. هندوئن جي ڇڏيل ملڪيتون جيڪي يا ته حڪومت سنڌ کي ملڻ کپن يا اهي مقامي ماڻهن کي ڏنيون وڃن ها. پر اهي ڪوڙن ڪليمن وسيلي هندستان کان آيل ماڻهن کي ڏيئي نفرتن جو ٻج ڇٽيو ويو. قانون ناهي جنهن ۾ مقامي ۽ غير مقامي جو لفظ شامل ڪري تمام ملڪيتن تي غير مقامي ماڻهن جو حق جتايو ويو. ان دور ۾ اردو پريس ان لفظ کي خوب استعمال ڪيو. اڄ جڏهن ڪراچي ۾ رهندڙن لاءِ سنڌي پريس مقامي، غير مقامي جو لفظ استعمال ڪندي آهي ته هن کي تعصب پرست لکيو وڃي ٿو. پر اهو لفظ جڏهن انهن جي مفادن ۾ هو ته سنو هو. اڄ جڏهن انهن جي مفادن ۾ ناهي ته اهو لفظ خراب ٿي پيو.

ورهاڱي ڪانپوءِ 22 مئي 1948ع تي اسلامي سخاوت سان سرشار تي ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري مرڪز جي حوالي ڪيو ويو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اٿندڙ آوازن، احتجاجن کي پاسيرو ڪري اهو فيصلو ڪيو ويو. سنڌ پريس ان جو ڀرپور مقابلو ڪيو تہ الوحيد تي پابندي لڳائي ويئي. آغا غلام نبي پٺاڻ ۽ جي. ايم سيد جيڪي مسلم ليگي هئا انهن کي پنهنجن گهرن ۾ نظر بند ڪيو ويو. ان دور ۾ بچيل سنڌي پريس پنهنجو فرض نڀايو. پر انهن کي ايڏو تنگ ڪيو ويو جو هو فقط پنهنجي بچاءُ جي جنگ ۾ مصروف ٿي ويا. روزاني الوحيد ڪراچي، روزاني مجاهد ڪراچي، روزاني ڪاروان ڪراچي، هفتيوار عبرت حيدرآباد، عبرت ماهوار رسالو 1941ع ۾ بزرگ صحافي محمد عثمان ڏيپلائي ڪڍيو هو. بعد ۾ اها هفتيوار ۽ پوءِ روزاني ٿي. هفتيوار نيا زمانا حيدرآباد ماهوار توحيد ڪراچي ان دور ۾ سنڌ جي جنگ وڙهي.

جڏهن سنڌي ٻولي جي ماضي ۾ مجيل حيثيت کي چيلينج ڪري ان جي اهميت کان انڪار ڪيو ويو. ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو. ڪراچيءَ ۾ سنڌي ۾ جيڪو تعليم جو وسيلو هو ان کي ختم ڪرڻ لاءِ ان کي ڇهين درجي تائين گهٽايو ويو. اڳتي هلي ون يونٽ قائم ڪري سنڌ جي وحدت کي ختم ڪيو ويو، ڪراچي جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو مرڪز هو ان کي ائين سازشن وسيلي حڪومتي سرپرستي ۾ ختم ڪيو ويو.

اردو پريس انهن جائز مسئلن تي سنڌين بجاءِ حڪومت جي اثاري هئي ۽ انهن سيني جائز مطالبن جي مخالفت ڪئي. اردو پريس ون يونٽ جي مڪمل حمايت ڪئي. سنڌي پريس کي صوبائيت پسند ۽ ملڪ دشمن قرار ڏنو ويو. ڪراچي کي الڳ صوبي ڪرڻ جي مهم جي شروعات بہ اردو پريس ڪئي ۽ گڏوگڏ انهن اخبارن جو رويو بہ سنڌ ڏانهن سنو نہ هو. هندستان کان آيل مهاجرن کي هتان جي هر شيءِ اوپري لڳي. سنڌ جي ماڻهن جي انهن فطري تقاضائن ۽ مقامي مسئلن ۽ ڳُهرن سان انهن جو ڄڻ ڪو واسطو نہ هو ۽ ويتر انهن کي غير اسلامي ۽ ملڪ دشمني سان پيٽيندا رهيا، جنهن جو هڪ مثال 1975ع ۾ اردو اخبار حريت جي هڪ ايڊيٽوريل مان لڳائي سگهجي ٿو. جڏهن هن ستين ڪلاس جي درسي ڪتاب ۾ ٻاگهل ٻائي، حيدر بخش جتوئي ۽ الله بخش سومري واري سبقن تي سخت اعتراض ڪندي لکيو تہ، ”سنڌي بوڪ بورڊ وارا سنڌ ديش جي پروپيگندا ڪري رهيا آهن ۽ اهو پاڪستاني قوميت تي وار آهي.“ اهو هڪ حريت جو مسئلو نہ پر جنگ اخبار بہ پيش پيش رهي هئي. سراج الحق ميمڻ جيڪو ان وقت هلال پاڪستان جو ايڊيٽر هو انگريزي ۾ ان جو دليلن سان جواب ڏنو هو.

هڪ تہ وڏي انگ ۾ هندو جن جو واسطو ادب ۽ صحافت سان هو لڏي هندستان ويو. ٻي ڳالهہ جڏهن ڪراچي جي سنڌي اديبن، صحافين ۽ اخبارن هن خال کي ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن ۾

هو ڪامياب ﻧہ ويا تہ ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري انهن کي تنگ ڪيو ويو تہ ڪراچي جي بجاءِ سنڌي ٻولي، ادب ۽ صحافت جو مرڪز حيدرآباد ٿيو. جيڪو سڀ ڪجهه هڪ سازش تحت ڪيو ويو. جيڪڏهن ان وقت هندستان کان آيل پريس جو رويو سنڌين ۽ سنڌ ڏانهن دوستي وارو هجي ها تہ اڄ ڪراچي جي صورتحال ٻي هجي ها. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو اڳتي هلي سنڌي مهاجر تفريق ٿي ۽ سنڌي مهاجر جهيڙا ٿيا ۽ اڄ تائين ﺑہ ان جو پڙاڏو ٻڌجي پيو، جنهن جو نقصان ٻنهي ڌرين کي ٿيو. 20 اپريل 1948ع ۾ هفتيوار ”نيا زمانا“ حيدرآباد جي ايڊيٽوريل جو هڪ ٽڪرو هيٺ ڏجي ٿو جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ان وقت صورتحال ڪهڙي هئي.

”پناهہ گير جڏهن سنڌ يا پاڪستان ۾ آيا تڏهن سنڌي مسلمانن وڏي دل سان سندن آڌر ڀاءُ ڪيو. شاندار خدمت ڪئي، ڪارايو، پياريو، جڳهيون ڏنيون، روزگار ۽ نوڪرين سان لڳايو. ڏک درد ميٽڻ ۾ مدد ڪئي. سندس آسائش لاءِ سڀ حق قربان ڪيا. عرض تہ ڪين دل ۾ سانڍيو ۽ صدين کان وينل باشندن هندوئن کي هندستان ڏانهن رواني ڪرڻ سندن مرضي هليا ليڪن ان جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ اسين چا ٻڌايون اهو ٿيو پنهنجي پير مان لاهي مٿي تي هڻڻ. هندوئن جون جڳهيون زمينون، نوڪريون وغيره پناهہ گيرن کي ڏنيون ويون. هن جو نتيجو اهو نڪتو جو انهن پاران اخبارون ڪڍي سنڌ جي اصلي باشندن کي گاريون ڏيڻ لڳا. ميٽنگن وسيلي ڌمڪيون ڏيڻ لڳا....“

ان وقت جي مڙني سنڌي اخبارن، رسالن سنڌ جو ڪيس پيش ڪيو.

پاڪستان ٺهڻ سان سنڌي صحافت جو ٽيون دور شروع ٿيو. ورهاڱي کان اڳ خصوصي طور هن شعبي ۾ هندو سنڌي ڇانيل هئا. جيڪي انگريزي توڙي سنڌي صحافت ۾ گهڻو اڳتي هئا. هنن وٽ انگريزي ٻولي ۾ ”ڪراچي ڊيلي“، ”سنڌ گزيٽ“، ”سنڌ آبزور“ جهڙيون مضبوط اخبارون هيون ۽ سنڌي روزنامن ۾ هندستان، سنسار چار، هندو سنسار ۽ قرباني (قرباني بعد ۾ سائين جي ايم سيد خريد ڪئي) جن سنڌ جو مضبوط ڪيس پيش ڪيو هو، ورهاڱي کان پوءِ اهو سڀ ڪجهه لڏ پلاڻ جي نظر ٿي ويو، اديبن ۽ صحافين جو هڪ وڏو لڏو بابت جاڻ رڪنڊڙ هئا وڃي چڪو هو. جيڪي رهجي ويا هئا انهن انهيءَ ڳري ذميواري کي نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي تہ سياسي سازشن جو ڄار وڇايو ويو. سنڌي ٻولي جي معاملي ۾ حالتون اطمينان بخش ﻧہ هيون. پر انهيءَ موقعي تي سنڌ جي پڙهيل طبقي نئين جذبي سان اڳتي وڌڻ جو پاڻ ۾ حوصلو پيدا ڪيو ۽ سازشن جي مقابلي لاءِ مڙس ٿي ميدان ۾ لٿا. صحافت جي ميدان ۾ ﺑہ نئين حالتن ۽ نئين تقاضائن ۽ تبديل ٿيندڙ وايو منڊل ۾ نوان مقصد ڪٽي سنڌي صحافي اڳتي وڌيا ۽ پوءِ اڻ ڳڻيون

اخبارون ۽ رسالا نڪرڻ لڳا. پر مرڪز ڪراچي جي بجاءِ حيدرآباد هو. اڳتي هلي خاص ڪري 90ع واري ڏهاڪي ۾ ڪراچي سنڌي صحافت ۽ ادب جو ٻيو اهم مرڪز اڀري سامهون آيو.

ورهاڱي کان اڳ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران ڪراچي مان ”تعمير“ رسالو جاري ڪيو. جنهن جو ايڊيٽر محمد شفيع انصاري هو. جيڪو ورهاڱي کان پوءِ به نڪرندو رهيو. تعمير رسالي پاران آڪٽوبر 1947ع ۾ پاڪستان نمبر ڪڍيو ويو. 1947ع ۾ حيدرآباد مان هفتيوار اخبار ”نيا زمانا“ نڪتي. جنهن جو ايڊيٽر منشي محمد اسماعيل هو. مرڪزي سرڪار پاران ڪراچي مان 1948ع ۾ پندرنهن ڏيهاڙو اطلاعاتي بليٽن ”نئين زندگي“ سنڌي ۽ اردو ۾ جاري ڪيو ويو. جنهن ۾ هندستان کان لڏپلاڻ ڪري ايندڙ مهاجرن جي انگن اکرن ۽ آباد ڪرڻ بابت خبرون شايع ٿينديون هيون. 1950ع ڌاري اهو رسالو مڪمل سنڌي ادبي نوعيت جو رسالو بڻجي ويو. رسالي جو روح روان عبدالواحد سنڌي هو. نئين زندگي اجا سوڌو حيدرآباد ۾ نڪرندو رهي ٿو. ان جي ايڊيٽرن ۾ شمشير الحيدري، شعبان بخت، عبدالجبار لغاري ۽ ٻيا رهيا آهن.

1948ع ۾ ڪراچيءَ مان ماهوار ”اهلِ قلم“ جنهن جو ايڊيٽر غلام محمد ساقي سجاولي هو جاري ٿيو. اطلاعات کاتي سنڌ پاران آگسٽ 1948ع ۾ هفتيوار ”اطلاعات سنڌ“ سنڌي ۾ ڪراچي مان جاري ڪيو. جنهن جو نگران اطلاعات کاتي جو ڊاريڪٽر مرحوم قاضي عبدالرحمان ۽ ايڊيٽر علاؤ الدين سمون هو. 1949ع ۾ ڪراچي مان هفتيوار اخبار ”خلافت“ نڪتي. جنهن جو ايڊيٽر قادر بخش نظاماڻي هو. فيبروري 1950ع ۾ ئي ڪراچي مان سنڌي ۾ ماهوار ”عام راءِ“ جنهن جو ايڊيٽر قاضي فيض محمد هو جاري ڪيو ويو. 1950ع ۾ ئي ڪراچي مان ماهوار ”آفتاب“، جنهن جو ايڊيٽر ”لعل محمد لعل بي. اي هو، جاري ٿيو. 19 جنوري 1952ع ۾ ڪراچيءَ مان روزاني ”نواءِ وقت“ جاري ٿي جنهن جو ايڊيٽر مولوي عبدالغفور سيتائي ۽ محمد ايوب کهڙو اخبار جو مالڪ هو.

1954ع ۾ روزاني ۽ هفتيوار اخبارون ۽ رسالا جيڪي ڪراچي ۾ شايع ٿينديون هيون، انهن ۾ روزاني ”الوحيد“، ”نواءِ سنڌ“ ۽ ”نئين سنڌ“ (جيڪا اپريل 1953ع ۾ جي. ايم سيد شروع ڪئي اڳتي هلي اها ماهوار ٿي) جنهن جو پهريون ايڊيٽر سوڀو گيانچنداڻي هو. حيدرآباد مان روزاني اخبارن ۾ ”هلال پاڪستان“ ۽ ”ڪاروان“ نڪرنديون هيون. حيدرآباد مان هفتيوار آزاد، حريت، جدوجهد، هاري حقدار، عبرت، وطن الهلال، المينار، مجاهد، صداقت، اصلاح، روشني، سنڌ زميندار، پيغام سنڌ، سحر، تنظيم، الحنيف، الحق ستاره، صبح سنڌ، مظلوم، سنڌ مسلم، الحقيقت، انصاف، پاڪستان، انقلاب، هاري، الفقراءِ، همدرد، سچائي، اعلان ۽ دادو گزيٽ ڪانسواءِ ڏهه ماهوار ادبي رسالا نڪرندا هئا.

ڪراچي مان هفتيوار ”سنڌ سڌار“ ۽ ”شاگرد“ نڪري رهيا هئا. 1955ع ۾ ڪراچي مان روزاني ”مهراڻ“ نڪرڻ لڳي. جنهن جو ،مالڪ سيرومل ۽ ايڊيٽر مولوي خير محمد نظاماڻي هو. ڪجھ عرصي ڪانپوءِ پير صاحب پاڳاري اها اخبار خريد ڪئي. جيڪا اڄان تائين حيدرآباد مان نڪري رهي آهي.

1957ع ۾ هفتيوار ”عبرت“ کي قاضي پائرن خريد ڪري روزاني بنائي ڇڏي. 1957ع ۾ نئين سنڌ ۽ الوحيد جيڪي ڪراچي مان نڪرنديون هيون، بند ٿي ويون. گھٽيون اخبارون ون يونٽ ۾ سرڪار جي سختين ڪري بند ٿي ويون. روزاني نواءِ سنڌ ۽ مهراڻ ڪراچي ڪان حيدرآباد منتقل ٿيون. چاڪاڻ تہ ڪراچي ۾ سنڌي پريس لاءِ ماحول ناسازگار نہ هو ڪراچي تي اردو ۽ انگريزي پريس ڇائنجندي ويئي.

پوري ايوبي دور ۾ ڪراچيءَ مان ڪا بہ سنڌي روزاني اخبار نہ نڪرندي هئي. اهو دور سنڌي صحافت لاءِ گھٽ ۽ ٻوسٽ وارو دور هو. سنڌي پريس کي ڏنل سرڪاري رعايتون ختم ڪيون ويون. مهراڻ کي بند ڪري ان جي ايڊيٽر سيد سردار علي شاهہ کي بہ پيرا جيل موڪليو ويو. ڪاروان ۽ خادم وطن بند ٿي ويون. خادم وطن بعد ۾ جاري ٿي. 1961ع ۾ ٻولي واري مسئلي تي سنڌ سراپا احتجاج بڻي. چاڪاڻ تہ سنڌي کي ميٽرڪ ڪان گھٽائي ڇهين درجي تائين آندو ويو. سنڌي سياست دانن، شاگردن، عام ماڻهن، اخبارن ۽ رسالن هڪ تحريڪ شروع ڪئي. 9 فيبروري 1962ع تي سنڌي ٻولي جو ڏينهن ملهايو ويو. لڳاتار پندرنهن سال سنڌي پريس تحريڪ هلائي مضمون ڇاپيا، ايڊيٽوريل لکيا. پاڪستان جي تاريخ ۾ اخبارن جو مسلسل حڪومت خلاف مواد ڇپجڻ جو انهيءَ ڪان وڌو ريڪارڊ ناهي.

اڳتي هلي 1969ع ۾ ”هلال پاڪستان“ شايع ٿيڻ لڳي. ستر ۽ اسي واري پوري ڏهاڪي ۾ ڪراچي مان اڪيلي اخبار ”هلال پاڪستان“ روزاني اخبار هئي. هلال پاڪستان کي 1971ع ۾ حيدرآباد ڪان ڪراچي آندو ويو. جنهن جو ايڊيٽر جڏهن سراج الحق ميمڻ هو تہ ”هلال پاڪستان“ نئين ڍنگ ۽ رنگ سان جاري ٿي. اها اخبار جيئن تہ 1977ع تائين پيپلز پارٽي جي اخبار هئي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ بند ڪئي ويئي. پر پوءِ شيخ سلطان ٽرسٽ جي حوالي ڪري ٻيهر جاري ٿي. ڪجھ وقت لاءِ مزدورن جي حوالي هئي ۽ هاڻي نٿي جي شيرازين خريد ڪئي آهي ۽ اڄان تائين (2007ع) ڪراچي مان شايع ٿي رهي آهي. ڀٽي جي دور ۾ اردو پريس جي واويلا تي سنڌي پريس تي سرڪار ياران وار ڪيو ويو. انهيءَ دور ۾ ”الوحيد“ ٻيهر صحافتي دنيا ۾ آئي پر هلي نہ سگھي ۽ بند ٿي ويئي. ”نواءِ سنڌ“ ڪراچي ڪان حيدرآباد منتقل ٿي روزاني ٿي. انهيءَ دور ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ روزاني ”سنڌ نيوز“۾ جاري ٿي ۽

صحافتي ۽ سياسي دنيا تي ڇانئجي ويئي. سرڪار جي وار جي نتيجي ۾ گهڻا هفتيوار ۽ ماهوار رسالا بند ڪيا ويا ۽ سنڌي پريس جنهن ۾ ”نئين سنڌ پريس“ شامل هئي، بند ڪيون ويون. سنڌي ڪتابن تي بندش وڌي ويئي. پر پوءِ بہ سنڌي اديبن ۽ صحافين حوصلو نہ هاريو ۽ مقابلو ڪيو. ان دور ۾ عمر الدين بيدار ڪراچي مان ”اديون“ رسالو جاري ڪيو. 80ع واري ڏهاڪي ۾ ڪراچي مان علي نواز وفائي جي ”آزاد“ ڪانسواءِ ”نئين زندگي“، ”سائنس“، ”سنڌي ادب“،”پيغام“ ۽ آئينو ماهوار نڪرندا هئا. آئينو، سائنس، سنڌي ادب ۽ نئين زندگي بعد ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيڻ لڳا. بندش وڌي ويئي ايڊيٽرن کي جيل موڪليو ويو. جن ۾ سهڻي جو ايڊيٽر طارق اشرف، تحريڪ جو ايڊيٽر سيد عالم شاهہ ۽ پيغام پبليڪيشن جو ايڊيٽر عبدالواحد آريسر شامل هئا.

1989ع ۾ ڪراچي مان ڪمپيوٽر تي نڪرندڙ پهرئين سنڌي اخبار ”عوامي آواز“ جاري ٿي. جنهن ترقي پسند صحافت کي نئون موڙ ڏنو. جنهن جي ڪري اڳتي هلي ڪراچي سنڌي پريس جي مرڪز ثابت ٿي. صحافين جو هڪ نئون ترقي پسند ٽولو جيڪو ترقي پسند سياست جي نالي سان بيزار ٿي چڪو هو صحافتي لڏي ۾ شامل ٿيو. عوامي آواز جيڪا سنڌي جي پهرئين ڪمپيوٽرائزڊ اخبار آهي. هن اخبار کي سهيل سانگي، امداد اوڍي، فقير محمد لاشاري، محمد خان سولنگي، انور پيرزادي ۽ عبدالرحمان نقاش جهڙن ڪامياب صحافين ۽ نوجوان جاکوڙين جو هڪ جٿو مليو. عوامي آواز سنڌي صحافت ۾ نواڻ پيدا ڪئي. اڳتي هلي حيدرآباد جيڪو سنڌي صحافت جو مرڪز هو اسلم اڪبر قاضي ۽ علي قاضي پاران ”ڪاوش“ جاري ڪئي. جيڪا سنڌ جي پهرئين رنگين، گهٽ قيمت ۽ تڪڙي رپورٽنگ ۽ تجزين واري اخبار ٿي سامهون آئي ۽ ڏينهن ڏينهن هن جي سرڪيوليشن ۾ واڌارو ايندو ويو.

1988ع کان 1991ع تائين ڪجهہ بيون اخبارون پڌريون ٿيون. ڪراچي مان فقير محمد لاشاري جي ايڊيٽري ۾ ”جاڳو“ ڪڍي ويئي. ادبي ٻولي ۾ ايڊيٽوريل ڪري ان اخبار ادبي دنيا ۾ مقبوليت حاصل ڪئي. اهو هڪ نئون تجربو هو. اخباري ايڊيٽوريل کي اڳ ۾ گهٽ پڙهيو ويندو هو ۽ ان ڪانپوءِ ماڻهن خبرن پاسي گهٽ پر ايڊيٽوريل پاسي گهڻو ڌيان ڏنو. انهن ايڊيٽوريل تي ٻڌل بہ ڪتاب بہ ڇپجي چڪا آهن.

عوامي آواز کان الڳ ٿي امداد اوڍي سنڌ سجاڳ اخبار شروع ڪئي. اڳتي هلي عوامي آواز ۽ سنڌ سجاڳ هڪ پبليشنگ گروپ ناهي. امداد اوڍو هن وقت روزاني ”سوڀ“ ڪڍي رهيو آهي. ڪراچي مان ناصر بروهي جي ايڊيٽري ۾ پهرئين سنڌي ڪاروباري اخبار ”بزنس ايڪسچينج“ نڪتي. پر مالي گهوٽالي ڪري بند ٿي ويئي.

1994ع ۾ ڪراچي مان ”برسات“ شروع ٿي. جيڪا يوسف شاهين جاري ڪئي. اڳ ۾ اها ماهوار هئي. اخبار جو ايڊيٽر سردار قريشي هو. اڳتي هلي بدر ابڙو، انور پيرزادو، شيخ اياز به هن سان وابسطا رهيا ته ڪراچي ۾ سنڌي صحافت جون رونقون بحال ٿيون.

نوجوان طبقو نوان خيال ۽ نيون امنگون کڻي صحافت جي ميدان ۾ لٿو ته پوري سنڌ ۾ صحافت، غريب، پورهيت ۽ شاگردن ۽ سياسي ڪارڪنن جو چپر چانهن ٿيو ۽ سنڌي اخبارن سنڌ جي ڪيس کي حڪومتي ايوانن ۾ مضبوطي سان پيش ڪيو. جيڪو ڪم سياستدان نه ڪري سگهيا اهو ڪم سنڌي اخبارن ڪيو. سنڌي صحافين اڳتي هلي اردو پريس ۾ به جاءِ والاري ۽ هتي به پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪري رهيا آهن.

هن وقت ڪراچيءَ مان روزاني هلال پاڪستان، روزاني عوامي آواز، روزاني تعمير سنڌ، روزاني خبرون، روزاني سوڀ، روزاني نجات، روزاني سڪار، روزاني پاڪ، روزاني سنڌ سجاڳ، روزاني برسات، روزاني عوامي فورم ۽ روزاني سچ نڪري رهيون آهن. روزاني پڪار، روزاني الوحيد (90 واري ڏهاڪي ۾ ٽيون پيرو ڪراچي مان شايع ٿيڻ لڳي هئي). روزاني عوامي محاذ به ڪراچي مان نڪرندي هئي جيڪي هاڻي بند ٿي چڪيون آهن.

هن وقت حيدرآباد مان نڪرندڙ اخبار ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن، عبرت گروپ ڪانسواءِ، روزاني سنڌ ۽ روزاني هلچل جون بيورو آفيسون به ڪراچي ۾ آهن.

ڪاوش گروپ پاران جڏهن پهريون سنڌي سيٽلائيٽ چئنل KTN شروع ڪيو ويو ته ان سنڌي اليڪٽرڪ ميڊيا ۾ انقلاب آندو ۽ سنڌي ماڻهن پوري دنيا ۾ ان جو آڌرڀاءُ ڪيو. بعد ۾ ”سنڌ“ نالي هڪ ٻيو سنڌي چئنل به شروع ڪيو ويو. ٻنهي چئنل جا هيڊ ڪوارٽرز ڪراچي ۾ آهن. نون چئنلن جي اچڻ ڪري گهڻي تعداد ۾ سنڌي صحافين اليڪٽرڪ ميڊيا صحافت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اپريل 2007ع ۾ سنڌ ٽي وي پاران سنڌ ٽيلويزن نيوز نالي ڌار چئنل شروع ڪيو ويو. KTN پاران ڌار ميوزڪ چئنل ڪشش به آهي.

سنڌي اخبارن جو مکيه مسئلو هميشه مالي مسئلو رهيو آهي. سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن ۾ اشتهارن جي سلسلي ۾ سنڌي پريس کي هميشه نظرانداز ڪيو ويو آهي. اشتهارن جي لالچ ۾ اخبارن ۽ رسالن کي پنهنجي منشا مطابق هلائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ائين نه ڪرڻ جي صورت ۾ اشتهار بند ڪيا ويندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ گهڻيون اخبارون ۽ رسالا بند ٿي ويا. سرڪاري اشتهارن جو گهڻو حصو اردو ۽ انگريزي اخبارن ۽ رسالن کي ملي ٿو.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي افساني ۽ ڪهاڻي سٺي ترقي ڪئي. هن سلسلي ۾ جمال ابڙو، اياز قادري، غلام رباني آگرو، سراج الحق ميمڻ، شيخ اياز، نجم عباسي، امر جليل، علي بابا، رشيد ڀٽي،

حفيظ شيخ، ممتاز مرزا، جمال رند، حميد سنڌي، علي احمد بروهي، ابراهيم خليل، رزاق راز، ڪروڙ پتي، آغا سليم، بشير موريائي، شمشير الحيدري، ع.ق شيخ، ثميره زرين، بيگم زينت چنا، رشيده حجاب ۽ ماهتاب محبوب، نسيم، ڪرل، رسول بخش پليجو، غلام نبي مغل، طارق اشرف، زرينا بلوچ، جميله نرگس، قمر شهباز، ناصر مورائي، خواجه سليم، نثار حسيني، عبدالقادر جوڻيجو، نورالهديٰ شاهه ۽ ٻيا سنڌي ادب جي دنيا تي اڀريا ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

رسالن ۾ ان وقت ڪراچي مان نڪرندڙ نج ادبي رسالو ”سوجهرو“ جيڪو 70ع واري ڏهاڪي ۾ ڪراچي مان جاري ٿيو هو. ٻيهر 1998ع کان تاج بلوچ جي نگراني ۾ ڪراچي مان شايع ٿي رهيو آهي. اهو واحد ادبي رسالو آهي جيڪو گذريل اٺن سالن کان مسلسل شايع ٿي رهيو آهي. ان کانسواءِ کڏي واري مدرسي مان محمد اسماعيل ميمڻ جي نگراني ۾ ماهوار رسالو الصادق 14 مارچ 1980ع کان مسلسل شايع ٿي رهيو آهي. ڪراچي مان نڪرندڙ پندرنهن ڏيهاڙو ”افيئر“ به ڊاڪٽر علي احمد رند جي ايڊيٽري ۾ مسلسل شايع ٿي رهيو آهي. ماهوار سنڌ رويو. ماهوار ڪرزما، ٽماهي سنڌ سيپتا، ۽ ڪلچر هيريٽيج به ڪراچي مان نڪري رهيا آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران تحقيقي جرنل ”ڪلاچي“ شايع ٿي رهيو آهي. انهن کانسواءِ ماهوار زرعي دوست به مسلسل شايع ٿي رهيو آهي. ماهوار پرک، (نثار منصور) ماهوار نئون نياپو (انعام عباسي)، ماهوار سرت (ابراهيم چنا) به ڪنهن نه ڪنهن طرح پنهنجو وجود جاري رکيو اچن.

ڪراچي مان نڪرندڙ پندرنهن ڏيهاڙو آرسي (سهيل سانگي)، ماهوار سنڌ سجاڳ، ماهوار شعور، ماهوار برسات، ماهوار حياتي، ماهوار لطيف، ماهوار سارس، ماهوار پارس (باني خان محمد پنهور)، هلال ميگزين، ماهوار ڪلاچي، ماهوار فورم (سردار قريشي)، ماهوار ناراٿر (باني نور پدم جوکيو) ماهوار اديون (عمرالدين بيدار) ماهوار رچنا (حبيب الله ڀٽو) ماهوار ساريڪا (حيدر شيخ)، ماهوار ساٿيهه، ماهوار ٻالڪ، به ماهي مرڪ (سڪندر سرواڻ) ۽ ٻيا رسالا نڪرندا هئا. جن مان گهڻا پڙهندڙن ۾ مقبول ٿيا. پر اهي سڀ مالي مشڪلاتن جو شڪار ٿي بند ٿي ويا. مٿي ذڪر ڪيل اخبارن ۽ رسالن ڪري قومي سجاڳي جي نئين لهر آئي جنهن ملڪ ۾ گهٽي اٿل پٿل پيدا ڪئي. ورهاڱي بعد سنڌ ۾ اسان جي قومي وجود، جمهوري حقن، ثقافت، ٻولي جي حفاظت جا ڪيئن مسئلا پيدا ٿيا. ڪراچي کي ڌار ڪيو ويو. سنڌ جي وحداني ايڪي مٿان ون يونٽ مڙهيو ويو. مارشلا هٽي قومي ۽ جمهوري حق ختم ڪيا ويا. هر طرح جو ظلم ۽ جبر روا رکيو ويو. سنڌي ٻولي جيڪا صدين کان سنڌ جي قومي ٻولي هئي ان کي ختم ڪرڻ جا سانپا ڪيا ويا. سرمائيداراڻي نظام کي پوري طرح لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪراچي جي زمينن تي ٻاهران آيل ماڻهن جي

حوالي ڪري فيڪٽريون لڳائي ٻاهران مزدور گهرائي ڪراچيءَ ۾ انهن جو ڪچيون آباديون جوڙي هتان جي مزدورن ۽ پورهيتن کي بيروزگار ڪيو ويو. سنڌي قوم جي تهذيب ۽ ثقافت کي ميسارڻ جون ڪوششون تيز ڪيون ويون. انهن مڙني پيدا ڪيل مسئلن خلاف سنڌي اديب، صحافي ۽ سياستدان گڏ ٿيا. انهن تحريڪون هلايون سنڌي اخبارن، رسالن انهن تحريڪن ۾ پنهنجن لکڻين ۾ نئون روح ڦوڪيو. قومي بيداري ۽ شعور پيدا ڪرڻ ۾ سنڌي اديبن ۽ صحافت اهم ڪردار ادا ڪيو. 1970ع تائين اهو مرڪز حيدرآباد ڪراچي رهيو. 1970ع کان پوءِ سنڌ کي احساس ٿيو ته ڪراچي سندن وجود جو حصو آهي. ۽ رهيو. ون يونٽ جي پنجوڙ ڪري ڪراچي جا مقامي ماڻهو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيا. انهن کي ووٽ ڏيڻ جو حق نه هو. پر پوءِ هتان سياستدانن ۽ عالمن هر تحريڪ ۾ حصو ورتو.

1970ع کانپوءِ ڪراچي ٻيهر سنڌي ادب ۽ ثقافت جو مرڪز ٿيو. ڪراچيءَ ۾ ترقي پسند اديبن جو هڪ مضبوط جٿو قائم ٿيو ته انهن سنڌي ۽ مهاجر اديبن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن گڏجي سنڌ لاءِ جدوجهد ڪجي. ڪراچي سنڌ جي سرويچن، اڳواڻن، قومي شاعرن جي ڏينهن ۽ شامن ملهائڻ، شاعرن، دانشورن ۽ سماجي اڳواڻن پنهنجا اختلاف وساري هڪ مقصد لاءِ پاڻ ۾ گڏجي ويا. هن دور ۾ سنڌيت جي تحريڪ زور ورتو ته ان جا اثر اسان جي ادب تي پيا ۽ قومي جدوجهد تي مبني قومي ڪهاڻيون لکجڻ لڳيون هن دور ۾ آزاد بڪ ڊيپو، عوامي ڪتاب گهر، آر ايچ احمد برادرس، نيو فيلڊس پبليڪيشن، اداره سهڻي، اداره ادب نو، گنج بخش شاهه، زيب پبليڪيشن، سنڌ يونيورسٽي رائٽرس ڪلب، اداره آواز ادب، سنڌالاجي، حبيب پبليڪيشن سکر جهڙا اشاعتي ادارا قائم ٿيا. ڪراچي ۾ 70ع واري ڏهاڪي ۾ نئين سنڌ پريس، آزاد پريس، ڪانياواڙ پريس، سنڌي پريس طور مشهور هئا. اڳتي هلي ڪرم الهيٰ چنا سنگم پبليڪيشن قائم ڪيو جيڪو اڃان تائين موجود آهي. ڪراچي ۾ نور احمد ميمڻ جي سنڌيڪا اڪيڊمي سڀ کان وڌيڪ سنڌي ڪتاب ڇاپڻ جو ريڪارڊ قائم ڪيو آهي ۽ بنا ڪنهن شڪ جي ان اداري پنهنجو قومي فرض نڀايو آهي. هاڻوڪي دور ۾ ڪراچي ۾ سنڌيڪا ڪانسواءِ سوجهرو پبليڪيشن (تاج بلوچ) ڪاڇو پبليڪيشن (محمد علي ماجد) لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، نئون نياپو اڪيڊمي (انعام عباسي) انڊس پبليشرز (امير ابڙو) سگا پبليڪيشن ۽ ڪانياواڙ پبليڪيشن سنڌي ڪتابن جي ڇپائي جا ادارا آهن. هاڻوڪو دور جيڪو ضياالحق جي مارشلا کانپوءِ شروع ٿيو آهي. ڪراچي ۾ سنڌي ادب ۽ صحافت جو سنهري دور آهي هن وقت سنڌي ادبي سنگت جون ڪراچي ۾ ٽي فعال شاخون آهن. انهن کانسواءِ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسي ايشن سماجي ڪمن کانسواءِ سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌ ويجهه لاءِ ڪراچي ۾ سرگرم آهي. پروفيسر

سليم ميمڻ جي ڪوشش سان ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي جو شعبو پنهنجي وس آهر سنڌي ادب جي خدمت ۾ مصروف آهي. 2007ع جي شروع ۾ ڪوشش سان ڪراچي ۾ ٽن ڏينهن واري انٽرنيشنل ڪانفرنس ڪرائي وئي. جنهن ۾ (هندستان مان سنڌي اديبن کي سنڌ اچڻ تي اجازت نه ملي سگهي هئي) ۽ سنڌ جي اديبن ۽ اديبائن حصو ورتو. مختلف سماجي، ثقافتي تنظيمن ۽ پبليشنگ ادارن پاران شاعرن، اديبن سان پڻ ملهائڻ، ڪتابن جي مهورت وارن تقريبن وسيلي به ڪراچي ۾ پنهنجو قومي فرض نڀائي رهيا آهن. انهن گڏجاڻين ۽ تقريبن وسيلي ڪراچي ۾ رهندڙ اديبن، زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ جو پاڻ ۾ رابطو رهي ٿو. هن وقت ڪراچي ۾ سنڌ جا سر موڙ اديب ۽ شاعر رهن ٿا ۽ سنڌي ادب جي خدمت ۾ مشغول آهن ۽ گڏوگڏ هتان اصلي رهاڪن ۾ به گهڻا سنڌي ادب جي خدمت ۾ مشغول آهن.

ڪراچي جي پسگردائي وارن علائقن جو ماڻهو به ڪنهن نه ڪنهن طرح ادبي خدمتن ۾ پنهنجي وس آهر مصروف رهيو آهي ۽ آهستہ آهستہ هتان وڏي تعداد ۾ اديب شاعر ۽ صحافي سنڌ جي قومي ڌارا ۾ شامل آهن. مرڪز ۽ پسگردائي ۾ رابطي جي کوٽ ڪري گهڻا سگهڙ ۽ اديب اڄان گمنامي واري زندگي گذاري رهيا آهن.

هتان جي مقامي ماڻهن ۾ سڀ کان وڏو نالو ج.ع منگهاڻي جو آهي جنهن لطيف سرڪار تي ان پولي تي ڪم ڪري ۽ ماضي جي محققن جي ڪمن ۾ ٿيندڙ غلطين جي نشاندهي ڪري هڪ نئين روايت قائم ڪئي ۽ بينل پاٽي ۾ پتر هٽي لطيف جي ڪم ڪندڙ گهڻن محققن کي چرڪائي وڌو. منگهاڻي صاحب پاران ”رج“ ناول سميت ٻارن جي ڪتابن ڪانسواءِ منگهاڻي جا به شاعري جا ڪتاب ”رولاڪ خواب“ ۽ ”خوابن جا ايوان“. لطيف تي تحقيق جا به ڪتاب ”چپر ڪين ڏي“ ۽ ”شاهه جي پولي“ ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

بين ۾ ساحل آزاد، رحمان گل پالاري، انور بروچ، امر گل، محمد رحيم روالاٽي، گل محمد مليرائي (شاهه جي رسالي جو بلوچي ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي) سلطان شاهه ساقي، (جنهن جي شاعري جو مجموعو ”ڏونگر مون م ڏکوءِ“) غفور شاهه، (جنهن جي شاعري جو مجموعو ”اڄا اولا عاج جا“ ڇپجي چڪو آهي). سيد خدا ڏنو شاهه. محمد اسماعيل ميمڻ ڪڏي وارو، بيڪس بروهي (ميمڻ ڳوٺ ملير) محمد حسين پروانو جنهن جي شاعري جا به مجموعا پرواز پروانا ۽ شمع پروانا شايع ٿي چڪا آهن. مفتي محمد شفيع نعيمي (صاحبداد ڳوٺ ملير) جنهن جا اسلامي تاريخ ۽ تفسير تي 16 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. مفتي محمد جان نعيمي، پير حامد الله سرهندي، مولا بخش بڪڪ، نرگس بلوچ تازو اڪبر بگٽي تي هڪ ڪتاب ۽ ناهيد بلوچ جا به ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. (ملير ۽ لياري جي ادب سگهڙن ۽ شاعرن جو ذڪر ملير ۽ لياري وارن بابن ۾ ڪيل

آهي) مرحوم استاد عبدالله ٻي متيو (ابراهيم حيدري)، استاد عبدالله ٻي متيو شاعري سان گڏ فنڪار ۽ وڏو موسيقار هو پر هن جو قدر ڪنهن نہ ڪيو. اصغر مهرائي، ايم زمان جوکيو، شمس الدين جوکيو، سائين بشير احمد جوکيو (سنڌي گرامر تي لکيل ڪتاب نور سنڌي گرامر ڇپجي چڪو آهي) غلام رسول ڪلمتي، عبدالعزيز خاصخيلي، نصرالله ناصر ۽ ٻيا دوست لکي رهيا آهن. هن سڄي قصي ۾ چترڪار گل محمد کتري کي ياد نہ ڪرڻ ناانصافي ٿيندي. گل محمد کتري ڪراچي جي ليمارڪيٽ واري علائقي موتل گهٽيءَ ۾ رهندو هو ۽ هتي ان جو اسٽوڊيو بہ هو. گل محمد کتري 70ع واري ڏهاڪي ۾ پهريون ڀيرو شاهه لطيف جي شاعري کي چتر ڪاري جو روپ ڏيئي هڪ نئين راويت قائم ڪئي. پر اسان ايڏي وڏي فنڪار جو قدر نہ ڪيو ۽ آخر ۾ هو انتهائي ڪسمپرسي جي حالت ۾ دنيا ڇڏي ويو ۽ سندس اسٽوڊيو ۾ سوين چتر تباهہ ٿي ويا. گهڻي عرصي تائين ان جي پٽ انهيءَ آسري ۾ اهي سنڀالي رکيا تہ حڪومت جو ڪو ادارو انهن کي حاصل ڪري خاندان جي مالي سهائتا ڪندو. پر ائين نہ ٿيو ۽ گل محمد کتري جي پوري محنت جنهن ۾ ان جي پگهر سان گڏ رت بہ شامل هو تباهہ ٿي ويو. اسان جي ڪنهن بہ اداري پاران ڪا هڪ شام بہ سنڌ جي ان چترڪار جي حوالي نہ ڪئي وئي. پوءِ شابس آهي ان جي مائٽن کي جو سال ٻن ۾ گل محمد کتري جي ياد ۾ ڪو نہ ڪو پروگرام ڪن ٿا.

**ورهاڱي کانپوءِ اردو صحافت ۽ ادب جو مختصر ذڪر:**

ورهاڱي کانپوءِ ڪراچي مان اردو ۾ هڪ هفتيوار اخبار ”بلوچستان جديد“ جيڪو نسيم تلوي (پير بخش بلوچ جيڪو گل محمد لين لياري جو رهنڌڙ هو) شايع ڪندو هو. ٻيون اخبارون، رسالا جيڪي اردو ۾ ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيندا هئا جن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. اهي ورهاڱي کانپوءِ هلي نہ سگهيون.

انگريزي ۾ ”سنڌ آبزرور“، ”دي گزٽ“ بہ اخبارون ورهاڱي کانپوءِ جاري رهيون. ”ڊان“ 15 آگسٽ 1947ع کان ڇپجڻ لڳي (هي اخبار پهرئين دهلي مان 1942ع تائين هفتيوار شايع ٿيندي هئي). اردو جي ڪا بہ روزاني اخبار نہ هئي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ دهلي جي عثمان آزاد صاحب ڪراچيءَ مان ”انجام“ ڪڍي ۽ عمر فاروق ان جو ايڊيٽر هو. ان کانپوءِ مير خليل الرحمان ”جنگ“ ڪڍي. سيد محمد تقي ان جو پهريون ايڊيٽر هو. اهي ٻئي اخبارون ورهاڱي کان اڳ دهلي مان نڪرنديون هيون ”انجام“ هندستان جي مشهور اخبارن مان هئي. جنگ، جڏهن اها دهلي مان نڪرندي هئي تہ ان جو گهڻو زور فلمي اشتهارن ۽ خبرن تي هوندو هو، خبرن ڏانهن گهٽ هوندو هو. ”امروز“ جيڪا لاهور مان شايع ٿيندي هئي. ڪراچي ۾ پنهنجي آفيس قائم ڪئي ۽ شايع ٿيڻ لڳي، جيڪا

افتخار الدين ڪيندو هو. جڏهن عنايت الله روزاني ”مشرق“ ڪراچي مان جاري ڪئي. ڪجھ عرصي ڪانپوءِ اخبار جو نالو بدلائي ”ٽائمز آف ڪراچي“ رکيو ويو ۽ صبح جو نڪرڻ لڳي. 1963ع ۾ ڪراچي مان فخري ماتري ”حريت“ جاري ڪئي. اڳتي هلي ڪراچي مان شام جون اخبارون ”ايوننگ اسٽار“، ”ڊيلي نيوز“ ۽ ”ليڊر“ انگريزي اخبارون جاري ٿيون. 1971ع ۾ انگريزي اخبار ”سن“ جاري ٿي. جنهن مقبوليت جا ريڪارڊ قائم ڪيا.

1997ع ۾ اي. پي. اين. ايس مطابق ڪراچي مان نڪرندڙ روزاني اردو اخبارن جو ڳاڻيٽو 16 ۽ انگريزي اخبارن جو اٺ، ٻه گجراتي ۾ ۽ پنج سنڌي ۾ روزاني نڪرنديون هيون.

ائين اردو اخبارن جي تعداد ۾ واڌارو ٿيندو ويو. ڇاڪاڻ ته ورهاڱي وقت هندستان مان اردو ڳالهائيندڙ عام ماڻهن ڪانسواءِ اخباري ڌنڌي سان واڳيل ماڻهن جي وڏي انگ به ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ لاهور ڪانپوءِ ڪراچي اردو پريس جو اهم مرڪز بڻجي ويو. هن وقت صورتحال اها آهي جو ڪراچي مان اردو ٻولي ۾ 50 کان مٿي روزاني اخبارون، 12 هفتيوار اخبارو، 25 ماهوار رسالا نڪري رهيا آهن. پاڪستان مان نڪرندڙ عام اردو انگريزي اخبارن جا هتي بيورو آفيسون به موجود آهن. اليڪٽرانڪ ميڊيا جي حوالي سان گذريل ڇهن سالن ۾ جنگ گروپ آف پبليڪيشن پاران ”جيو“ سميت ڪيترائي ٽي. وي چينل، جن ۾ مشهور اي. آر وائي گروپ (عبدالرزاق يعقوب جيڪو ڪراچي جو ميمڻ آهي انهي جي نالي سان ان پاڻ اهو چينل شروع ڪيو آهي) پاران ٻه چينلن ڪانسواءِ رياست گروپ آف پبليڪيشن پاران ”ڌوم“ کان سواءِ اندس، هم، روشني، رنگ آج ۽ ٻيا ڪيترائي خانگي T.V چئنل جن جو اهم مرڪز ڪراچي آهي. انهن جي تعداد ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي اهي تمام اردو ٻولي جا چينل آهن.

اردو پريس پرنٽ ميڊيا هجي يا اليڪٽرانڪ ميڊيا هجي حڪومت جي مڪمل سرپرستي حاصل رهي آهي. سنڌي پريس کي علاقائي پريس جو نالو ڏيئي ان سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو ويو آهي. حڪومت جي مڪمل سرپرستي ڪري اردو پريس ٿوري عرصي ۾ وڏي ترقي ڪئي ۽ نالي وارا صحافي پيدا ڪيا. جن ملڪي سطح ڪانسواءِ پرڏيهي سطح تي نالو ڪمايو.

شروع ۾ ڪجھ ترقي پسند دانشورن، اديبن ۽ صحافين ڪانسواءِ اڪثريتي اردو پريس جو رويو سنڌي ٻولي ادب ۽ صحافت سان تعصب وارو رهيو آهي. اردو ٻولي جي خلاف ڳالهائيندڙ کي اسلام مان خارج ڪيو ويندو هو. انهن جي انهيءَ روئي جي ڪري اڄ تائين اردو ۽ سنڌي ڳالهائڻ وارا هڪٻئي کان پري آهن. هاڻي ڪجھ سالن کان هن ۾ تبديلي اچي رهي آهي. اها هڪ مثبت تبديلي آهي. جنهن جي ڪري اردو ۽ سنڌي ڳالهائڻ وارا ويجهو اچي رهيا آهن. ان دوري کي ختم ڪرڻ لاءِ اردو پريس کي پنهنجي ذميواري نڀائڻ گهرجي. هتي آئون سنڌي ادب ۽ صهافت وانگر

اردو ٻولي جي صحافين ۽ اديبن جي نالن ڏيڻ کان پاسو ڪري رهيو آهيان. چاڪاڻ ته ورهاڱي کانپوءِ ڪراچي اردو پريس ۽ ادب جو مرڪز بڻجي ويو. جتي سوين اديب، دانشور، شاعر ۽ صحافي صحافت جي خدمت ڪري رهيا آهن. لسٽ ايتري ڊگهي آهي جو ان لاءِ الڳ ڪتاب جي ضرورت آهي.

اردو ادب به ورهاڱي جي لڏپلاڻ کانپوءِ هندستان کان ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ هتي ترقي ڪئي اڄ ڪراچي اردو صحافت وانگر ادب جو اهم مرڪز آهي. ڪراچي ٻئي نمبر تي اچي ٿو. هن دور ۾ ڪراچي شهر لياري، ڪارودر، منو در، سولجر بازار، صدر، پي. آئي. بي ڪالوني، جهانگير روڊ، مارٽن روڊ، ڪلفٽن، باٿ آئي ليند تائين محدود هئي ۽ ٻئي پاسي ملير هو. (ملير ۾ اردو ادب جو ذڪر ملير واري باب ۾ ڏنل آهي)

اردو ۽ سنڌي کانسواءِ ڪراچي انگريزي صحافت جو به اهم مرڪز آهي ”ڊان“، ”دي نيوز“، ڊيلي نيوز“، ”فنانشل پوسٽ“ سميت 10 کان مٿي انگريزي اخبارون ڪراچي مان نڪري رهيون آهن. اخبارن سان گڏ 15 کان مٿي انگريزي جا ماهوار رسالا به ڪراچي مان نڪري رهيا آهن.

پوري دنيا ۾ شهري تهذيبن جي واڌ ويجهه ۾ چانهن خانن، باڪڙا هوٽلن ۽ ڪافي هائوسن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هي اُهي مرڪز آهن جتي هر طبقي جا ماڻهو ايندا آهن ۽ هن وقت جي حالتن کان وٺي زندگي جي هر شعبي، هر معاملي تي بحث ڪيو ويندو آهي، ڪچهريون ٿينديون آهن. ترقي يافته ملڪن جي هر وڏي شهر ۾ اهڙين جاين ادب ۽ علم جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪراچي شهر ۾ ڪاري در جي باڪڙا هوٽل، اسلاميا هوٽل، بولٽن مارڪيٽ لياري ۾ جنگيان هوٽل، خيرآباد هوٽل لي مارڪيٽ ۽ يونيورسٽي روڊ شاهي هوٽل مشهور هئا. انهن کانسواءِ صدر جي ڪافي هائوسن ۽ چانهه جي هوٽلن به ادب جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ڪراچي جي انهن قديم ڪيفي ٽيرياز ۾ جن ۾ انڊيا ڪافي هائوس صدر، زملين ڪافي هائوس، ڪيفي جارج صدر، ڪوالٽي هوٽل صدر، فردوس هوٽل صدر، شيزان هوٽل صدر، فريڊرڪس ڪيفي ٽيريا صدر، محمدي هوٽل صدر، پرشين هوٽل صدر، ڪيفي جبيس صدر، ڪيفي اوڊين، سبحان الله هوٽل صدر، آگرا هوٽل، ڪيفي جهان صدر، ايمپس ريسٽوران ويجهو ميٽروپول هوٽل، بسيرو ميٽروپول هوٽل ۽ ايسٽرن ڪافي هائوس هئا. جن مان انڊيا ڪافي هائوس، زملين ڪافي هائوس، ڪيفي جارج، فريڊرڪس ڪيفي ٽيريا، علم ۽ ادب دوستن جي ڪچهري جا محور رهيا. انهن ۾ گهڻا هوٽل ۽ ڪافي هائوس ايرانين جا آهن جن ۾ ڪجهه اڃان به موجود آهن جن جي چانهه ۽ پسٽرين جو پنهنجو هڪ الڳ ذائقو ۽ لطف هوندو هو. عام ماڻهن کانسواءِ شاعر ۽ اديب به هتي اچي محفلون جمائيندا هئا. گهڻن اردو جي شاعرن ۽ اديبن جي زندگي جو گهڻو عرصو انهن

ڪافي هائوسن ۽ هوٽلن ۾ گذريو. خود اردو جو مشهور شاعر جميل الدين عالي جو چوڻ آهي ته ”هن جي زندگي جو وڏو عرصو انهن ريسٽورنٽ ۽ چانهن خانن ۾ گذريو جتان هن گهڻو ڪجهه پرايو.“

انهن مرڪزن ۾ ترقي پسند ۽ ادب براءِ ادب گروپن جا پاڻ ۾ بحث به ٿيندا هئا. هي ماحول نئين اينڊڙن لاءِ هڪ تربيت گاهه جو درجو رکندو هو. گهڻو ڪري شام جو آفيسن ڪانپوءِ رات تائين ۽ موڪلن وارو ڏينهن پوري جو پورو اديبن ۽ شاعرن جو هتي گذري ويندو هو.

وڪٽوريا روڊ تي ڪيفي فردوس سنڌي ۽ اردو اديبن جو مرڪز هوندو هو. شيخ اياز اڪثر انهيءَ ڪيفي ۾ ويندو هو مهانگي هئڻ ڪري غريب اديب اوڏانهن رخ نه ڪندا هئا. ڪيفي جارج ۾ ترقي پسند تنظيمن جا ماڻهو ۽ اديب گهڻو ڪري ويهندا هئا. ڪيفي جارج ۾ گهڻو ڪري نظرياتي ڪچهري ٿيندي هئي. جڏهن ته ايسٽرن ڪافي هائوس ۾ ترقي پسند، جمهوريت پسند ۽ اسلام جي حوالي سان ڪچهريون ٿينديون هيون. اهي درسگاهون هيون جتي هر شعبي سان تعلق رکندڙن لاءِ علم موجود هو. انهن ڪافي هائوسن ۾ سياسي ليڊر، جج، وڪيل ۽ شاگرد اڳواڻ، مزدور اڳواڻ به ايندا هئا. پر هتي سياسي گفتگو گهٽ علمي ۽ ادبي گفتگو گهڻي ٿيندي هئي.

اهي اهڙا پليٽ فارم هئا. جتي علم، هنر ۽ ادب سان تعلق رکندڙ آزاداڻي نموني پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندا هئا. پر وقت گذرڻ سان گڏ اهي آرٽس ڪائونسلون، علم ۽ دانش جا اهي مرڪز ڪمرشل ازم جو شڪار ٿيا ۽ مالڪن پاران گهڻو وقت ويهڻ ۽ بحث مباحثي تي پابندي لڳائڻ ڪانپوءِ اديب، علم ۽ دانش وارا ماڻهو وڪري ويا ته ادب تي به ان جو اثر پيو. مجلسي ۽ اجتماعي زندگي جو جيڪو ڪردار ماضي ۾ هو ختم ٿي ويو. گهڻا ڪافي هائوس، ريسٽوران ختم ٿي چڪا آهن. هتي وڏيون مارڪيٽون نهي چڪيون آهن. رهيل اهڙا مرڪز هاڻي ادبي ۽ علمي ڪچهري جي بجاءِ ڪاروباري ڪچهري وارن مرڪزن ۾ تبديل ٿي ويا آهن. ٻه يا ٽي اهڙا مرڪز جنهن ۾ ڪيفي اوڊين، آءِ . آءِ چندريگر روڊ جي ڪنڊ تي شاهين ڪامپليڪس جي سامهون هوٽل، هوٽل جبيس ۽ ڪيفي جارج اڄ به عمل ۽ ادب جا مرڪز آهن. انهيءَ ذڪر جو مقصد اهو هو ته ڪراچي ۾ اردو سان گڏ سنڌي ادب جي واڌ ويجهه ۾ انهن ڪافي هائوسن، ريسٽورينٽن ۽ هوٽلن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

هن وقت ڪراچي ۾ اردو ۾ بيشمار ادبي ماهوار رسالا نڪري رهيا آهن. لاهور ڪانپوءِ ڪراچي اردو جي ڪتابن جي ڇپائي ۽ ادب جو اهم مرڪز آهي.

ورهاڱي ڪانپوءِ 80ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري اسلاميه ڪاليج، ايس. ايم ڪاليج، اردو ڪاليج ۾ ”بزم ادب اردو“ جون شاخون سرگرم هيون. هن وقت آرٽس ڪائونسل ڪراچي اردو ادب جو

اهم مرڪز آهي. جنهن کي سرڪاري سرپرستي حاصل آهي. جتي ادبي ويهڪن جو رواج اڄ به جاري آهي.

**خابرو ادارا:**

پاڪستان ۾ ورهاڱي کان اڳ ورهايل هندستان ۾ چار خابرو ادارا هئا. ايسوسي ايٽ پريس آف انڊيا، دي فري پريس آف انڊيا، دي يونائيٽيڊ پريس آف انڊيا ۽ دي اورينٽ پريس آف انڊيا هئا. ايسوسي ايٽ پريس آف انڊيا سڀني کان وڏو ادارو هو. جنهن جي هڪ شاخ ڪراچي ۾ هئي. ورهاڱي کانپوءِ ايسوسي ايٽ پريس آف انڊيا جي هاٽوڪي پاڪستان ۾ موجود شاخن کي ملائي ايسوسي ايٽ پريس آف پاڪستان (APP) ناهيو ويو. 1958ع ۾ اهو ادارو به مارشلا جي ڏاڍ جو شڪار ٿيو سرڪار ان کي ضبط ڪري پنهنجي حوالي ڪيو. مرڪزي آفيس جيڪا ڪراچيءَ ۾ هئي، ان کي ڪٽائي اسلام آباد نيو ويو.

پاڪستان پريس انٽر نيشنل (PPI) جو بنياد 15 آگسٽ 1956ع تي جناب معظم علي وڌو. پهرئين ان جو نالو نيوز ايجنسي رکيو ويو، پوءِ فيبروري 1968ع ۾ ان جو نالو بدلائي پاڪستان پريس انٽرنيشنل (PPI) رکيو ويو. جنهن جي مرڪزي آفيس ڪراچي ۾ آهي.

يونائيٽيڊ پريس آف پاڪستان (UPP) جو بنياد 1949ع ۾ ڪراچي م وڌو ويو. هن وقت مرڪزي آفيس ڪراچي ۾ آهي ۽ پوري ملڪ ۾ ان جون شاخون موجود آهن.

انهن خابرو ادارن ڪانسواءِ اسلام آباد پريس سروس (IPS) 1979ع ۾ قائم ٿيو. نيوز ورڪ انٽرنيشنل اسلام آباد، پريس آف سوشل ٽرويس بهاولپور، سينٽرل نيوز نيٽ ورڪ لاهور، پاڪستان پريس ايجنسي (PPA) اسلام آباد، ايشين نيوز نيٽ ورڪ (ANN) اسلام آباد، نيوز نيٽ ورڪ انٽرنيشنل (NNI)ڪراچي، انٽرنيشنل نيوز نيٽ ورڪ (INN) ڪراچي. انهن ڪانسواءِ اخباري ورڪرن، ايڊيٽرن ۽ مالڪن جون به تنظيمون موجود آهن جن مان ڪجھ فعال ۽ ڪجھ غير فعال آهن. سنڌي اخبارن جي سطح تي فقير محمد لاشاري جي ڪوشش سان "سنڌي ايڊيٽرز نيوز پيپر ڪائونسل" جوڙي ويئي. اهو سنو قدم هو پر اڳتي هلي اها اختلافن جي ور چڙهي ويئي. 2005ع ۾ بيهر ڊاڪٽر جبار خٽڪ ۽ قاضي شاهه محمد جي ڪوشش سان سنڌي اخبارن جي مالڪن هڪ پليٽ فارم جوڙيو پر هن به ڪو خاص پوٽو نه پاريو.

هن ڪانسواءِ آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (APNS)، ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپرز ايڊيٽرز (CPNE)، پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ آف ڪراچي ڪانسواءِ هاٽي ڪراچي ۾ ٽائون سطح تي به اهڙيون تنظيمون جڙي رهيون آهن.

ڪراچي ۾ ”ڪراچي پريس ڪلب“ جيڪا ڪراچي جي صحافين جي نمائنده پراڻي ۽ فعال پريس ڪلب آهي جنهن هر سطح تي ڪراچي جي صحافين جي نمائندگي جو حق ادا ڪيو آهي.
ملير سطح تي ڪجهه دوستن ”ملير پريس ڪلب“ جو بنياد وڌو آهي. جيڪا اڄ بہ موجود آهي فنڊ جي کوٽ، پنهنجن اندروني اختلافن، ڪل وقتي صحافين جي نہ هئڻ ۽ فقط ٽائيم پاس جرنلزم جهڙن ڳالهين ڪري اها ڪلب اڳتي وڌي نہ سگهي آهي. انهن ڪانسواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي صحافين جون تنظيمون گمنامي ۾ موجود آهن.
1997ع جي شروع ۾ سنڌي صحافت ۾ پهرين سنڌي نيوز ايجنسي، سنڌي پريس انٽرنيشنل (SPI) جي نالي ڪراچي ۾ شروع ٿي اهو نئون ۽ سگهارو قدم هو.

**پريس کي پابند بنائڻ وارا قانون:**

1878ع ۾ انگريز سرڪار پريس مان اٿندڙ عوامي آواز کي دٻائڻ لاءِ ڏي. سي ڪسٽمس ائڪٽ 1878ع لاڳو ڪيو. جنهن پريس جي آزادي کي متاثر ڪيو. ان ڪانسواءِ مختلف ائڪٽن جن ۾ ٽيليگراف ائڪٽ 1885ع، پوسٽ آفيس ائڪٽ 1898ع، ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر ائڪٽ 1898ع (هن جو صرف هڪ شق 49- الف جو واسطو پريس سان هو) ملڪي بچاءُ وارو ايڪٽ 1922ع، آفيشل سيڪريٽ ائڪٽ 1923ع (Official Secret Act) هن ائڪٽ مطابق صحافي يا اخباري مالڪ پابند هئا تہ حڪومت پاران ڳجهو ۽ راز وارو لڪيل ڪو بہ مواد اخبار ۾ شايع نہ ڪندا. پرڏيهي ناتن وارو ائڪٽ 1939ع ۾ انڊين پينل ڪوڊ سيڪشن 500 اهم هئا.
ورهاڱي کان اڳ قائم انهن ڪارن قانونن جي وسيلي حق ۽ سچ جي آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ڪيترن اخبارن تي ڪيس ٿيا، گهڻا صحافي گرفتار ڪيا ويا انهن کي جيلن ۾ وڌو ويو ۽ ڳرا ڏنڊ بہ وڌا ويا. هي ڪيس گهڻو ڪري اعزازي معجسٽريٽن، سٽي معجسٽريٽن، ڊسٽرڪٽ معجسٽريٽن جي ڪورٽن ۾ هلندا هئا. ورهاڱي کان اڳ جي اخبارن مان الوحيد، ڀارت واسي ۽ هندو، اهڙيون اخبارون آهن جن تي وقت جي سرڪار وڏ کان وڏ ظلم ڪيا ۽ انهن کي تنگ ڪيو. 1919ع ۾ جڏهن پنجاب جي جليانوالا باغ جو واقعو پيش آيو تہ ڄيٺمل پرسرام جيڪو اخبار ”ڀارت واسي“ جو ايڊيٽر هو. انهيءَ واقعي تي سخت تنقيد ڪئي. جنهن جي ڏوهہ ۾ ڪيس جيل موڪليو ويو. 1926ع ۾ ساڳي اخبار ۾ پرسرام حيدرآباد ريلوي اسٽيشن لڳ ٻون فيڪٽري تي ليک شايع ڪيو تہ ان جي انتظاميا ميسرس ڊئوڊ سنس اينڊ ڪمپني ايڊيٽر تي انڊين پينل ڪوڊ تحت بد ناموسيءَ جو ڪيس داخل ڪيو. جنهن تي اخبار بند ٿي ۽ ڄيٺمل کي جيل موڪليو ويو. ڄيٺمل پرسرام کي ”سنڌواسي“ ۽ ”هند واسي“ ٻنهي اخبارن جي ايڊيٽري دوران ستياگرهہ جي هلچل ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي جرم ۾ جيل موڪليو ويو. ڄيٺمل پرسرام حيدرآبادي عاملن

جي گلراجاڻي ڪٽنب مان هو، حيدرآباد ۾ 1885ع ۾ ڄائو هو. ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ”هندو ڪمار منڊلي“ جو ميمبر ٿي سماجي خدمتن ۾ حصو ورتائين. صوفي متي ۽ ٿياسافيءَ فڪر پاسي لاڙو هوندو هوس. هن دنيا جي مکيه مذهبن جو به اڀياس ڪيو هو. هن ادب، صحافت سان گڏ سياست ۾ به حصو ورتو. هي ساري عمر هاري ۽ مزدورن جو حامي ٿي رهيو. سنڌ هاري جماعت جي باني ميمبرن مان هو. 1922ع ۾ ”سنڌي ساهيته سوسائٽي“ قائم ڪيائين. جنهن جي وسيلي سنڌيءَ ۾ گهڻا ڪتاب ڇاپي پڌرا ڪيائين. صوفيز آف سنڌ، سناتن ڌرم، صوفي مت، سک پنٿ، صوفي سڳورا، شاهه جي آڪاڻين جي سمجهاڻي، سچل سرمست، ميران ٻائي، سوشلزم سميت 27 ڪتاب لکيائين.

جيٺمل پهرئين صوفي پوءِ اديب ۽ صحافي هو. هو پڪو سنڌي هو. هر ڳالهه ڪي سنڌي ويس پهرائڻ جو قائل هو. سندس ڪٽنب به بمبئيءَ هليو ويو ته هي بيمار ٿي پيو. علاج جو بهانو بڻائي هن کي به هندستان ڪڻائي ويا. هي صوفي 6 جولاءِ 1948ع ۾ سينٽ جارجز اسپتال ۾ ديهانت ڪري ويو.

انهن اخبارن ڪانسواءِ آزادي لاڙڪاڻو، الحق حيدرآباد، سنڌ سماچار ڪراچي، ماهوار پريم پرچارڪ، روزاني سوراج سکر، سنڌ زميندار، سنسار سماچار ڪراچي، سنڌ ميل لاڙڪاڻو، سنڌ هندو، سنڌ واسي، قرباني، مسلمان، وطن، ميرپور خاص گزٽ، شڪتي، هندو ليگ گزٽ، همدرد جيڪب آباد، هندو جاتي حيدرآباد ۽ بلوچستان جديد ڪراچي تي انهن ڪارن قانونن ۽ خاص ڪري، انڊين پينل ڪوڊ سيڪشن 500 تحت، حڪومت ۽ انهن جي چاڙتن پاران بدنا موسيءَ جا ڪيس داخل ڪيا ويا.

ورهاڱي ڪانپوءِ 1960ع تائين انهن مان گهڻا ائڪٽ جيئن جو تيئن لاڳو هئا. 1960ع ۾ انڊين پينل ڪوڊ کي پاڪستان پينل ڪوڊ جو نالو ڏنو ويو. 1960ع ۾ ئي اوير پاڪستان ۾ امن بحالي وارو حڪم ۽ ذوالفقال ڀٽي جي حڪومت ۾ ڊيفنس آف پاڪستان رول (DPR) جهڙا قانون لاڳو ڪيا ويا. هن دور ۾ به سنڌي اديبن کي جيل موڪليو ويو ۽ 35 کان متي سنڌي رسالا ضبط ڪيا ويا. ايوب ۽ ضياءُ الحق جي مارشلا دوران پاڪستان جي سلامتي وارو ائڪٽ قائم ڪري گهڻن اخبارن کي بند ڪيو ويو ۽ گهڻن تي سنسر شپ لاڳو ڪيو ويو. ”مساوات“ ۽ ”صداقت“ سميت ٻين گهڻن اخبارن کي بند ڪيو ويو. ڪجهه وقت لاءِ ”هلال پاڪستان“ ۽ ”امن“ کي به بند ڪيو ويو. گهڻا رسالا ضبط ڪيا ويا. پريس متان ضابطي وارا قانون اڄ به موجود آهن. پر انهن ۾ هاڻي گهڻي نرمي ڪئي ويئي آهي. اهو سڀ ڪجهه صحافين ۽ اديبن جي قربانين ۽ جدوجهد جي ڪري ممڪن ٿيو. هنن سٽن جي لکڻ تائين ”پيمبرا“

پاڪستان ۾ سنڌي ٽي وي چئنل سنڌ جي نشريات تي ڪجهه وقت پابندي هڻي ڇڏي پر پوري سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪانپوءِ اها پابندي ختم ڪئي ويئي.

# انگريزن جي دور ۾ ترقي تي هڪ نظر

ڪراچي جي ميونسپلٽي جي تاريخ، انتظامي، سياسي ۽ صحافتي ادبي تعليمي ۽ صحت وارن سرگرمين جو الڳ الڳ بابن ۾ جائزو ورتو آهي. هن باب ۾ روڊ، بندرگاهه، ريلوي نظام، ٽرام وي، بئنڪن جي قائم ٿيڻ ۽ ٻين ترقياتي ڪمن جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. انگريزن سنڌ جي آزادي ختم ڪئي ۽ سنڌ کي ترقي جي سفر ڏانهن روانو ڪيو. ڪراچي سميت سنڌ ۾ سڌارا آندا ويا. واپار کي هٿي ڏني ويئي. ڊوڙ اڏائيندڙ رستن کي پڪو ڪيو ويو. ڪراچي ۾ رستن جو ڄار وڇايو ويو. بندر جي ترقي سان هٽي بئنڪن ۽ صنعتي ادارن جو واڌارو ٿيو. پهرئين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ ڪراچي انگريز فوجين لاءِ هڪ بهترين ڇانوڻي جو ڪم ڏنو. جنهن جي ڪري به ترقي پاسي ڌيان ڏنو ويو انهن ترقياتي ڪمن ۽ سڌارن ڪري اڄ ڪراچي هڪ ڏيهان ڏيهي ۽ روشنين جو شهر آهي.

پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جي ٻئي ڀاڱي ۾ هن تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”انگريز زوريءَ ڪراچيءَ تي قبضو نه ڪن ها ته هوند سنڌ جي تاريخ ٻي طرح هجي ها يعني:

ميرن جي صاحبي اڄ تائين هلندي رهي ها.

ويهين صدي جا اثر ۽ ايجادات، گهٽي، پر سنڌ اندر اسري ڪونه سگهن ها.

زندگي سانتڪي هجي ها، راتيون خواب آوار گورين جي مدد ڪانسواءِ گذرن ها.

سواريءَ لاءِ اٺ ۽ گهوڙا هجن ها (هندن لاءِ گڏه ۽ خچر).

جهاز جا ڪم جمٽين ڪان پيا ونجن ها.

وقت آرام سان پيو گذري ها، شيلن ۽ شڪار ۾.

نه وڏا شهر هجن ها، نه گند ۽ غلاظت جا ڍير مڙن ها.“

اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي، سڀ سڌارا ۽ ترقيون پنهنجي جاءِ تي، پر اهي آزادي جو مٽ نه آهن. آزادي جهڙي نعمت کان محروم ترقي ۽ سڌارا سڀ بي معنيٰ آهن. اها غلامي اڄ به جاري آهي. ترقيءَ جو سفر اڄ به جاري آهي. پر هن ۾ اسان ڪٿي بينا آهيون، پنهنجي سڃاڻپ، ثقافت ۽ تهذيبن کي متجندي ختم ٿيندي ڏسي رهيا آهيون ۽ اهو سڀ انهيءَ ترقيءَ جي نتيجي ۾ اسان کي مليو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته انگريزن گهٽ ۾ گهٽ اسان کي ترقي ته ڏني. پر اصل ۾ اها ترقي خود انهن جي پنهنجي ضرورت هئي. پنهنجي اقتدار کي ڊيگهه ڏيڻ لاءِ، سنڌ جي دولت کي ميڙي انگلينڊ نيڻ لاءِ انهن اها ترقي سنڌ ۾ ڪئي. ان ترقي جي نتيجي ۾ هتان جي ماڻهن کي

نيچ سمجهي انهن تي ظلم ڪيا ويا. قبضي کان پوءِ 1857ع جي جنگ آزادي، ميرن کي قيد ڪري، انهن جي دولت تي قبضو ڪرڻ، ريشمي رومال تحريڪ ۾ گرفتار ٿيلن تي انسانيت سوز ظلم ڪرڻ، حر تحريڪ ۾ جيڪي سنڌين تي ظلم ڪيا، ڳوٺن تي بمباريون ڪيون ويون. انهن کي ڪير ٿو وساري سگهي. انهن ظلم کي جائز قرار ڏيڻ ۽ پنهنجي عمل جي حمايت ۾ انهن اها ترقي شروع ڪئي ته جيئن ماڻهن کان پنهنجي آزادي وسري وڃي. انهيءَ ترقي جي آڙ ۾ جاگيرداري کي مضبوط ڪيو ويو. جنهن جا اثر اڄ ڏينهن تائين اسان جي سماج ۾ موجود آهن. جاگيرداري جي خوني پنجوڙ ۾ سنڌ اڄ به ڦٿڪي رهي آهي.

اسان کي سنڌ جي اها ڌوڙ جو دڦ ۽ دوڦان قبول هو. ڪکڙي به پر ڳهٽ ۾ ڳهٽ اها سنڌ اسان جي پنهنجي هجي ها. سنڌ کي فتح ڪندڙ انگريز جنرل سرجيمس چارلس نيپئر، پنهنجي ڪتاب "The light and Shadows of Military life" ۾ لکي ٿو ته:

"جيئن ته سنڌ تي قبضي جو اسان وٽ ڪو جواز نه هو پر پوءِ به اسان ان تي قبضو ڪيو. اسان جي مڪاري ۽ دغا بازي جو فائدي مند ڪرشمو ثابت ٿيو."

چارلس نيپئر کي سنڌ جي فتح جي ڪري "سر" جي خطاب سان نوازيو ويو ۽ هن کي سنڌ جو پهريون فوجي گورنر مقرر ڪيو ويو . انگريزن حيدرآباد کي انتظامي هيڊ ڪواٽر طور برقرار رکيو. پر بعد ۾ انگريزن کي خوبصورت ٺڌي هير واري حيدرآباد جي موسم راس نه آئي ۽ جنهن جي ڪري چارلس نيپئر حيدرآباد کان هيڊ ڪواٽر ڪراچي منتقل ڪيو. ڳالهه اها هئي ته حيدرآباد انگريزن لاءِ باغين پاران حملي جي ڊپ ڪري غير محفوض هو ۽ جنهن جي مقابلي ۾ ڪراچي وڌيڪ محفوظ ۽ سيٽ نائون مل جي ڪنٽرول ڪري انگريزن لاءِ پرامن هو.

نيپئر ڪراچي کي فري پورٽ بنائڻ جو خواهشمند هو. جنهن لاءِ هن ترقياتي ڪم شروع به ڪيو هو. نيپئر منهوڙي تي جهازن جي سهولت لاءِ هڪ لائيٽ هائوس اڏيو. 1844ع ۾ نيپئر سنڌ جي ثقافت کي محفوظ ڪرڻ ۽ ان تي سائنسي بنياد تي ڪم ڪرڻ لاءِ "سنڌ ايسوسيئيشن" جو بنياد رکيو. جنهن جي پليٽ فارم تان ڪراچي عجائب گهر جو بنياد وڌو ويو.

جون 1846ع ۾ ڪراچي ۾ وبائي بيمارين جي ڦهلجڻ ڪري انهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ بورڊ آف ڪنزروينسي جو بنياد وڌو ويو. پهريون انگلش اسڪول 1841ع ۾ ڪيمپ بازار ڇانوڻي (صدر) جي علائقي ۾ 40 اين رجمينٽ جي انگريز فوجين جي ٻارن لاءِ قائم ڪيو ويو.

1847ع ۾ سنڌوندي ۾ آگبوٽ سروس جو پڻ افتتاح ٿيو. نمورڊ پهريون آگبوٽ هو. جنهن ڪراچي جي گسري (گذري) بندر کان ڪوٽڙي تائين سفر ڪيو. نيپئر سنڌ جي قاضي ۽ پنچائت عدالتن جي جاءِ تي يورپي عدالتي نظام متعارف ڪرايو. 1847ع ۾ بندر روڊ تي پهريون جيل، ڊينسو هال

۽ مشن روڊ جي وچ تي بندرگاهه ڏانهن ويندي ساڄي هٿ ستي ڪورٽ واري جاءِ تي اڏيو. جنهن ڪان اڳ سنڌ ۾ جيل جو ڪو تصور نہ هو. نيپئر جي دور 1847ع ۾ شهر جي رستن تي پهريون پيرو فانوسن وسيلي روشني جو انتظام ڪيو ويو.

آگسٽ 1847ع ۾ نيپئر استعفيٰ ڏيئي مصر هليو ويو. آڪٽوبر 1847ع ۾ سنڌ جي صوبي واري حيثيت ختم ڪري هن کي بمبئي سان ملايو ويو ۽ هتي ڪمشنر مقرر ڪيا ويا ۽ پرنگل سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ٿيو. انهيءَ دور ۾ انگريز فوج ۾ هتان جي ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ انهن جي خدمتن کي خريد ڪرڻ لاءِ بلوچ رجمينٽ جو بنياد وڌو ويو.

**<u>لائبريرين ۽ هال:</u>**

ڪراچي ۾ ترقي جي شروعات بارٽل فريئر جي ڪمشنري جي دور ۾ شروع ٿي. جيڪو هڪ جونيئر بيوروڪريٽ هو پر هن کي 60 سينيئر تي ترجيح ڏئي سنڌ جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. جنهن تي پارليامينٽ ۾ وڏو گوڙ ٿيو. بارٽل فريئر کي بمبئي جي گورنر لارڊ آڪليند ۽ وائسراءِ هند لارڊ ڊلهوزي جي پنيرائي حاصل هئي. هن دور ۾ ڪراچي ۾ سماجي، تجارتي ۽ تعليمي سرگرمين ۾ واڌارو ٿيو. 4 آڪٽوبر 1851ع ۾ ڪراچي ۾ پهرئين پبلڪ لائبريري ليڊيز ڪلب جي هڪ ڪمري ۾ قائم ڪئي ويئي. هن کان اڳ انگريز فوجين لاءِ هر رجمينٽ لاءِ هڪ لائبريري قائم ٿيل هئي. جتي عام ماڻهن جي داخلا تي پابندي هئي. اهي سڀ فوجي علائقي ڪئمپ بازار (صدر) ۾ قائم هئا. پهرئين پبلڪ لائبريري جو نالو جنرل لائبريري رکيو ويو. 31 آڪٽوبر 1870ع ۾ هن لائبريري کي ليڊيز ڪلب واري ڪمري مان فريئر هال منتقل ڪيو ويو. فريئر هال ڪراچي جي سيني پراڻن بلڊنگ مان هي خوبصورت ۽ دل کي وڻندڙ آهي. جنهن سان گڏ هڪ وسيع باغ بہ آهي. هي جاءِ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي خدمتن جي اعتراف ۾ اڏيو ويو. هن جي اڏاوت جو ڪم 1863ع ۾ شروع ٿيو. جنهن جو نقشو انجنيئر ڪرنل ڪليرو لڪئس تيار ڪيو. هن جي اڏاوت ۾ جنگ شاهي جو ڳاڙهو پٿر استعمال ڪيو ويو آهي. هن جي اڏاوت تي هڪ لک 80 هزار رپيا خرچ آيو. هي ناچ گهر طور بہ استعمال ٿيندو هو. فيبروري 1867ع ۾ جڏهن فريئر بمبئيءَ جي گورنر جي حيثيت سان هتي آيو تہ هتي هڪ ڪلي ڪچهري لڳائي ويئي.

ڊسمبر 1869ع تي هتي هڪ صنعتي نمائش لڳائي ويئي. جيڪا نندي ڪند ۾ لڳندڙ پهرئين نمائش هئي. هال جو افتتاح 10 آڪٽوبر 1865ع تي سنڌ جي ڪمشنر سموئيل مينسفيلڊ ڪيو.

لائبريرين لاءِ سرهندي وارا ماڻهو بہ چندو ڏيندا هئا. هن لائبريري جو پهريون مسٽر ڊبليو. ڊبليو بيڪ Mr.W.W.Beck هو. جڏهن هن کي فريئر هال شفٽ ڪيو ويو تہ مسٽر جي. اي مري (Mr. J.A Murray) کي لائبريرين مقرر ڪيو ويو. جنهن جي پگهار 75 رپيا هئي. ورهاڱي وقت هن جو

لائبريرين صاحب سنگهه پرتاب هو. جيڪو 1944ع ۾ ان جو لائبريرين مقرر ٿيو. ورهاڱي ڪانپوءِ هن جو نالو پهرئين ڪراچي ميونسپل لائبريري فريئر هال رکيو ويو هن وقت هن جو نالو لياقت هال لائبريري آهي جيڪو اڄ بہ موجود آهي ۽ ڪراچي جي صاف سٿرن ۽ وڏن لائبررين مان هڪ آهي.

16 جون 1856ع ۾ ڪمشنر بارٽل فريئر جي هدايت تي هڪ ٻي لائبريري ”نيٽو جنرل لائبريري“ جو قيام عمل ۾ آندو ويو. ان جي قيام لاءِ هڪ اٺ ڄڻن تي ڏل ڪاميٽي جوڙي ويئي. جنهن لاءِ چندو ڪيو ويو ۽ رنڇو لائين واري علائقي ۾ لائبريري لاءِ مسواڙ تي هڪ وڏي بلڊنگ حاصل ڪئي ويئي. 50 سالن تائين اها لائبريري انهيءَ جاءِ ۾ قائم رهي. ڪراچي جو مشهور سماجي ڪارڪن غلام حسين خالق ڏنو جيڪو سماجي ڪمن لاءِ دل کولي چندو ڏيندو هو. مرڻ وقت هن وصيت ڪئي ۽ 18 هزار چندو لائبريري جي بلڊنگ اڏڻ لاءِ انهيءَ شرط تي ڏنا تہ هن رقم مان لائبريري لاءِ الڳ زمين حاصل ڪري هتي عمارت، هڪ هال جوڙيو وڃي تہ جيئن هال جي مسواڙ مان ملندڙ رقم مان لائبريري ڪي هلائي سگهجي. جنهن لاءِ 1905ع ۾ بندر روڊ تي زمين حاصل ڪري اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو. 16 جون 1906ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر اي. ڊي ينگ هسبنڊ هن جو افتتاح ڪيو. نيٽو جنرل لائبريري جو نالو غلام حسين خالق ڏنو هال لائبريري رکيو ويو. اها لائبريري ۽ هال پنهنجي خوبصورت پٿر واري بلڊنگ سميت بندر روڊ سروسز اسپتال لڳ اڄ بہ موجود آهي. هن هال ڪي ان وقت مشهوري ملي جڏهن سيپٽمبر 1921ع ۾ هن هال ۾ مولانا محمد علي جوهري ان جي ساٿين تي بغاوت جو مقدمو هلايو هلايو ويو. خلافت تحريڪ جي 9 جولاءِ 1921ع جي جلسي ۾ پاس ٿيل نهراءُ وارو پٿر اڄ بہ هتي لڳل آهي. جنهن تي نهراءُ لکيل آهي.

1886ع ۾ بندر روڊ ۽ نيپئر روڊ جي ملڻ واري هنڌ تي ميڪس ڊينسو هال اڏيو ويو. جنهن ۾ هڪ لائبريري پڻ قائم ڪئي ويئي. پر هاڻ اها لائبريري موجود نہ آهي. هي هال ڪراچي چيمبرز آف ڪامرس مسٽر ميڪس ڊينو جي ياد ۾ آڏيو ويو. هال 60 فٽ ڊگهو ۽ 30 فٽ ويڪرو جنهن جو ڊزائن انجينئر جيمس اسٽريچن تيار ڪيو هو.

1910ع ۾ بندر روڊ تي ريڊيو پاڪستان جي سامهون ٿياسوفيڪل هال اڏيو ويو. جنهن ۾ هڪ لائبريري بہ قائم ڪئي ويئي. هن ڪي ٿياسوفيڪل سوسائٽي اڏيو هو. ڪراچي ٿياسوفيڪل سوسائٽي نيويارڪ ۾ 1875ع ۾ شروع ٿيندڙ هڪ ڏيهان ڏيهي تحريڪ جو حصو هئي. ڪراچي ۾ ٿياسوفيڪل سوسائٽي 1896ع ۾ قائم ٿي. ڪراچي جو پهريون ميئر ۽ مشهور سماج سڌارڪ جمشيد نسروانجي هن جا روح روان هئا. هي هال 1955ع تائين پراڻي جاءِ ۾ رهيو. بعد ۾ 1955ع ۾ انهيءَ جاءِ ڪي ڊاهي نئين عمارت اڏي ويئي. ڪنهن دور ۾ ڪراچي ۾ ترقي پسند ۽ قومپرستن

جا پروگرام خاص ڪري جشن لطيف جا پروگرام انهيءَ هال ۾ ٿيندا هئا. اهو هال بندر روڊ تي ريڊيو پاڪستان جي سامهون اڄ به موجود آهي.

ورهاڱي کان اڳ ڪراچي ۾ مٿين لائبريرين کانسواءِ هينيون مشهور لائبريريون موجود هيون. گورنر سنڌ لائبريري گورنر هائوس، ڪراچي بار ايسوسيئشن لائبريري، ڊي. جي ڪاليج لائبريري، انجمن ترقي اردو لائبريري، ينگ مسلم ايسوسيئشن لائبريري، ينگ ڪرسچن ايسوسيئيشن لائبريري، مدرسه مظهر العلوم لائبريري کڏو، مدرسو احرار اسلام لائبريري ريڪسر لائين لياري، قاضي عبدالرحيم لائبريري لياري، سنڌ مسلم ڪاليج لائبريرير (1943ع)، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان لائبريري (1949ع)، دارالعلوم مجدديه لائبرريري عالمگير روڊ (1948ع)، اين. اي. ڊي انجنيئرنگ يونيورسٽي لائبريري (1921ع)، جامعه مدرسو درسيا لائبريري صدر، جاميه اسلاميه مدرسو لائبريري کڏو لياري، سنڌي ساهت سڀا لائبريري صدر (1921ع) ۽ بزم ادب حيدري لائبريري جونا مارڪيٽ لياري (1926ع) پڻ مشهور هئا.

1920ع صدر جي علائقي ۾ ڪڙڪ هال. جيڪو سهراب ڪڙڪ اڏيو هو ۽ هن ۾ لائبريري به قائم ڪئي ويئي هئي. هن هال ۾ ڊراما به اسٽيج ڪيا ويندا هئا. هاڻي هي هال انتهائي خراب حالت ۾ آهي. لائبريري هاڻي موجود نه آهي. انهن هالن ۾ لائبريرين کانسواءِ ڪراچي ۾ ٻيا به هال اڏيا ويا جن ۾ جهانگيري ڪوٺاري هال جيڪو فقط پارسين لاءِ مخصوص هو. سوشيلا پوچ ميرج هال جيڪو فقط هندن لاءِ مخصوص هو. مسلم ليڊيز ايسوسيئشن هال، ڪلياڻي هال، عامل انسٽيٽيوٽ هال ۽ ڪي. جي. اي هال شامل آهن.

ورهاڱي کانپوءِ گهڻي عرصي تائين اهي هال پنهنجي پوري گنجائش سان استعمال ٿيندا هئا. هاڻي گهڻا هال اسان جي حڪومتن پاران دلچسپي نه هئڻ ۽ سار سنڀال نه لهڻ ڪري ڪنڊرن ۾ بدلجي ختم ٿي ويا آهن. انهن هالن ۾ لائبريرين ۾ هڪ دور جي ڪهاڻي محفوظ آهي. ڪيترائي يادگار لمحا هتي موجود آهن. انهن هالن کي بچائڻ ضروري آهي ته جيئن اسان انهن تاريخي ڪهاڻين ۽ لمحن کي محفوظ ڪري سگهون.

رسم الخط وارو مسئلو:

آگسٽ 1851ع ۾ سنڌي ٻولي کي سرڪاري ٻولي جو درجو ڏنو ويو ۽ پوري لکپڙهه جيڪا اڳ ۾ فارسي ۾ ٿيندي هئي. سنڌي ۾ ٿيڻ لڳي. هن کان اڳ 1848ع جي شروع ۾ بمبئيءَ جي گورنر مسٽر جارج ڪلارڪ سنڌ جي ڪمشنر مسٽر پرنگل کي هدايت جاري ڪئي ته هو سنڌ ۾ فارسي جي جاءِ تي سرڪاري ٻولي طور سنڌي کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺي.

سنڌي ٻولي کي سرڪاري ٻولي جو درجو ڏيڻ ڪانپوءِ لپي جو مسئلو درپيش هو. عربن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ ديوناگري لپي (رسم الخط) رائج هو. عربن جي اچڻ ڪانپوءِ عربن عربي لپي کي رائج ڪيو. سرڪاري ٻولي قرار ڏيڻ ڪانپوءِ اهو مسئلو سنگين صورت اختيار ڪري ويو. خود انگريز به ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويا. فريئر هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هيٺين ميمبرن تي ٻڌل ڪاميٽي جوڙي.

(1) نارائڻ جگن ناٿ وديا جيڪو ماهر تعليم هو. جنهن جي نالي سان اين. جي. وي. هاءِ اسڪول اڄ به ڪراچي ۾ موجود آهي. (2) ديوان اوڌراما (3) ديوان ٻرڀوداس (4) ديوان ننڌ رام (5) مرزا صادق علي بيگ (6) قاضي غلام علي ۽ (7) ميان غلام حسين. هن ڪاميٽي جو چيئرمين ڪراچي جي ان وقت جو ڪليڪٽر بيرو ايلس هو. ڪاميٽي ۾ موجود هندو ميمبر ديوناگري لپي جا حامي هئا. جڏهن ته مسلمان ميمبر عربي لپي جا حامي هئا. ڪاميٽي ۾ فيصلو نه ٿيڻ جي صورت ۾ هن مسئلي کي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي حوالي ڪيو ويو. ايسٽ انڊيا ڪمپني گهٽي بحث ڪانپوءِ عربي لپي کي اختيار ڪرڻ جي سفارش ڪئي. آخرڪار 1868ع تي عربي لپي کي سرڪاري طور منظور ڪيو ويو. هن مسئلي ڪانپوءِ سنڌ ۾ شروعاتي تعليم جي ڪورس کي به مرتب ڪيو ويو. هن فيصلي ڪانپوءِ به گهٽي عرصي تائين ڪجھ حلقن پاران ديوناگري لپي کي جاري ڪيو ويو.

1853ع ۾ ڪراچي ۾ هڪ سنڌي ميڊيم اسڪول ڪوڙي باغيچي واري علائقي ۾ کوليو ويو. جيڪو انگريزن پاران سنڌ ۾ پهريون سنڌي ميڊيم اسڪول هو.

1853ع ۾ ڪراچي ۾ پيئڻ جي پاڻي لاءِ وڏيڪ پنج کوهه مختلف علائقن ۾ کوٽيا ويا. 1851ع کان اڳ سنڌ ۾ ڏامر جو هڪڙو ميل به رستو نهيل نه هو ۽ پنجن ميلن کان وڌيڪ ڪو صاف رستو نه هو. شهرن جي اندر ۽ ٻاهر ڪجھ ميلن تائين جيڪي سرائي ۽ لانڍيون قائم ڪيون انهن تائين صاف رستا موجود هئا. گهڻو ڪري پيچرا هئا. هن دور ۾ ڪراچي تائين اچڻ وڃڻ لاءِ ڪيترائي اهڙا رستا اهي انتهائي منظر رستا هئا. انهن رستن وسيلي خشڪ مند ۾ اٺ لانگهائو رڪاوٽن کان پاسيرو ٿيندي وڏن شهرن وچ ۾ اچ وڃ ٿيندي هئي.

انگريزن جي دور ۾ ڪراچي جي ڪوٽ کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو ۽ ڪوٽ جي ديوار لڳ پهريون رستو تعمير ڪيو ويو. انهيءَ رستي جي اڏاوت اڄ به ڪوٽ وانگر گول دائري ۾ آهي. ڪوٽ کان ٻاهر جيڪو پهريون رستو تعمير ڪيو ويو اجهو نيون هم روڊ هو. جنهن تي ان وقت 560 رپيا خرچ آيو. جيڪو اڄ به مٺي در واري علائقي ۾ موجود آهي. بعد ۾ چاڳلا اسٽريٽ ۽ مولجي اسٽريٽ به تعمير ڪيا ويا. اهي تمام گهٽيون اڄ به ڪراچي جي پراڻي واپاري علائقي ۾ موجود آهن.

بندر روڊ جو ڪجهه حصو 1851ع ۾ پڪو ويو. ۽ 1878ع ۾ ان کي ٽي ميل وڌائي هاٽوڪي رمپا پلازه تائين پڪو ڪيو ويو. جتي هڪ پراڻو ڊاڪ بنگلو بہ هو. هتي سياحن جي رهڻ جو بندوبست هوندو هو. اهو ڊاڪ بنگلو 1855ع ۾ اڏيو ويو. 1884-85ع ۾ ميونسپلٽي پاران وڏيڪ رستا جن ۾ گرانٽ روڊ، طيب جي روڊ، گيمر روڊ اسٽريچن روڊ، امام بارگاهہ اسٽريٽ، جي رام اسٽريٽ، برنس روڊ تعمير ڪيا ويا. 1876ع ۾ وڪٽوريا ميوزيم بلڊنگ جي اڏاوت شروع ٿي ۽ 1892ع ۾ هن جي مڪمل اڏاوت مڪمل ٿي. هن جي پيڙهہ جو پٿر ڊيوڪ آف ڪناٽ رکيو هو. 21 مئي 1892ع ۾ افتتاح ڪيو ويو. هاٽوڪي پاڪستان واري علائقن ۾ ٺهنڊڙ اها پهرئين ميوزيم هئي. ورهاڱي ڪانپوءِ هن ۾ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان قائم ڪئي وئي.

واپار کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪراچي ۾ ڊسمبر 1850ع ۾ پهريون پيرو واپاري ميلي جو بندوبست ڪيو ويو. هي ڪامياب ميلو هو جنهن جي ڪري ڪراچيءَ کي شهرت ملي. ان کان اڳ 1838ع ۾ انڊين نيوي جي ڪمانڊر ڪارلس ڪراچي بابت هڪ رپورٽ ۾ لکيو هو تہ ڪراچي جي واپار جو ڳاٽيٽو 12،42،625 رپيا هو.

**ٽپال، تار ۽ ٽيليفون:**

1858ع ۾ ٽپال جي نظام کي بهتر بنايو ويو، پيادن ٽپالين جي جاءِ تي گهوڙن ۽ انن جو استعمال شروع ڪيو ويو. ٽپال ۾ انن جو استعمال ڪمشنر پرنگل جي دور ۾ شروع ڪيو ويو پر اهو هڪ مهينو بہ نہ هلي سگهيو هو. اپريل 1850ع تائين سنڌ جا ڪيترائي شهر ٽپال جي نظام سان ڳنڍجي چڪا هئا. پوري سنڌ ۾ ٽپال جي نظام جي نگراني ڪراچي جو پوسٽ ماسٽر مسٽر ڪافي Mr. Coffy ڪندو هو. 1851ع ۾ سنڌ جي شهر ڪراچي کي اهو اعزاز حاصل ٿيو جو پوري ننڊي کنڊ ۾ پهرئين ڊاڪ ٽڪيٽ هتان جاري ٿي. ٽن مختلف رنگن ۾ هي ڊاڪ ٽڪيٽ پان جي پتي جي عڪس سان ڇپيل هو، جنهن تي (East India Company) E.I.C لکيل هو ۽ هن جي چوگرد Sind District Dawk لکيل هو.

1854ع ۾ سنڌ جي ڊسٽرڪٽ ڊاڪ جو نظام ختم ڪري، سنڌ پوسٽ آفيس کي آل انڊيا پوسٽل نظام سان ڳنڍيو ويو. ريل ۽ ساموندي جهازن جي ڪري هن ۾ تيزي اچي ويئي. ورهاڱي وقت ڪراچي ۾ هينيان پوسٽ آفيس موجود هئا.

| | |
|---|---|
| 1. جنرل پوسٽ آفيس | ميڪلوڊ روڊ |
| 2. ڪراچي سٽي پوسٽ آفيس | وڊ اسٽريٽ |
| 3. فريئر هال پوسٽ آفيس | فريئر هال جي سامهون |
| 4. نيون ٽائون پوسٽ آفيس | جمشيد روڊ |

| | |
|---|---|
| 5. ڪياماڙي پوسٽ آفيس | ڪياماڙي |
| 6. ڊرگ روڊ پوسٽ آفيس | ڊرگ روڊ |
| 7. گارڊن پوسٽ آفيس | گارڊن پوليس هيڊ ڪوارٽر لڳ |
| 8.ڪراچي صدر پوسٽ آفيس | وڪٽوريا روڊ |
| 9. لي ڪوارٽرز پوسٽ آفيس | ايمبنڪمينٽ روڊ لي مارڪيٽ |
| 10. رنڇوڙ لائين پوسٽ آفيس | برنس اسٽريٽ |
| 11. ايمپريس مارڪيٽ پوسٽ آفيس | پريڊي اسٽريٽ |
| 12. سولجر بازار پوسٽ آفيس | سولجر بازار |
| 13. سنڌ سيڪريٽريٽ پوسٽ آفيس | نيپيئر بيرڪس |
| 14. ڪچهري روڊ پوسٽ آفيس | واڌو مل اوڌارام روڊ |
| 15. ڪلفٽن پوسٽ آفيس | ڪلفٽن ٽائون |
| 16. رام سوامي ڪوارٽرز پوسٽ آفيس | برنس اسٽريٽ |

اهي سيئي پوسٽ آفيسون اڄ بہ موجود آهن. ورهاڱي کانپوءِ ڪراچي ۾ وڌيڪ ويهن پوسٽ آفيسن جو واڌارو ٿيو.

جديد دور ۾ ٽيليفون، فيڪس، ٽيلي پرنٽر ۽ خاص ڪري اي ميل ۽ ايس ايم ايس اچڻ ڪري خط لکڻ ۽ خط ملڻ، ٽپالي جي انتظار جو مزو ختم ٿي ويو آهي.

1862ع ۾ ڪراچي انگلينڊ جي وچ ۾ پهريون پيرو ٽيلي گرافڪ رابطو قائم ٿيو. جنهن کي 1865ع ۾ عام ماڻهن لاءِ کوليو ويو. 1935ع ۾ ڪراچي ٽيلي گرافڪ سسٽم کي پرشين گلف ٽيلي گرافڪ سسٽم کان الڳ ڪري ”پوسٽ اينڊ ٽيلي گرافڪ“ نالي سان نئون کاتو قائم ڪيو ويو.




**انڊو يورپين ٽيليگراف ڊپارٽمينٽ، اڏاوت- 1870ع**

آگسٽ 1883ع ۾ بمبئي ٽيليفون ڪمپني پنهنجي هڪ شاخ ڪراچي ۾ ميڪلوڊ روڊ ۾ قائم ڪئي. 1912ع ۾ هن کي وڏ اسٽريٽ ۾ منتقل ڪيو ويو. 1912ع ۾ ڪراچي ۾ ٽيليفون جا 280 ڪنيڪشن هئا. 1936ع ۾ ڪراچي ۾ پهريون خودڪار ٽيليفون ايڪسچينج قائم ڪيو ويو ۽ ٽيليفون ڪمپني کي سٽي پوسٽ آفيس جي ويجهو پنهنجي نئين جاءِ ۾ منتقل ڪيو ويو. 1937ع ۾ ڪراچي ۾ ٽيليفون جا 1384 ڪنيڪشن موجود هئا. خودڪار سسٽم کان اڳ مين آفيس ۾ آپريٽر شهرين کي نمبر ملائي ڏيندا هئا. 1947ع ۾ ڪراچي ۾ 2320 ٽيليفون جا ڪنيڪشن موجود هئا. هن دور ۾ ٽيليفون ڪنيڪشن حاصل ڪرڻ جو طريقو انتهائي منجهيل ۽ ڏکيو هو. تنهن ڪري ڪنهن غريب جي وس جي ڳالهه نه هئي. 2005ع ۾ پرائيويٽ ادارن هن سلسلي ۾ سرمائيڪاري شروع ڪئي. موبائل فون جي اچڻ سان مواصلاتي نظام ۾ هڪ انقلاب آيو. ڪراچي ۾ هن وقت هر چوٿين ماڻهو وٽ موبائل فون آهي. هن وقت پي ٽي سي ايل ڪانسواءِ ٽي ٻيون پرائيوٽ موبائل فون ڪمپنيون به موجود آهن.

**ريلوي نظام جي شروعات:**

29 اپريل 1858ع تي سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر ڪينٽ اسٽيشن واري جاءِ هڪ هنڌ ڪوڏر جو ڏڪ هڻي ڪراچي ڪينٽ کان ڪياماڙي گودي تائين ريلوي لائين جي پيڙهه جو پٿر رکيو فريئر ڪمشنر هائوس کان پيڙهه جي پٿر واري جاءِ تائين هڪ جلوس جي شڪل ۾ پهتو هو ۽ پهچڻ شرط 21 توپن جي سلامي هن ڏني ويئي. مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن جنهن جو ان وقت نالو فريئر اسٽريٽ اسٽيشن رکيو ويو. فريئر ريلوي لائين جي وڇائڻ ۾ وڏي دلچسپي ورتي هئي. اها سنڌ ۾ وڇايل پهرئين ريلوي لائين هئي. ٽيو ائين جو ريلوي لائين مڪمل ٿيڻ سان ئي فريئر جي بدلي ٿي ويئي ۽ فريئر افتتاح ائين ڪيو جو ڪراچي ڪينٽ کان ڪياماڙي تائين ريل ۾ سفر ڪري هتان ئي پاڻي جي جهاز ۾ چڙهي بمبئي روانو ٿي ويو. پهرئين فقط مال گاڏا هئا. هڪ مال گاڏي ۾ عارضي ڪرسيون لڳائي شاميانو هڻي، فريئر ان ۾ سفر ڪيو. افتتاح جو اهو سفر آڪٽوبر 1859ع تي طئي ڪيو ويو هو. انجڻ ڊرائيور انهيءَ ريلوي لائين وڇائيندڙ انجنيئر جان برٽن هو. ڪينٽ اسٽيشن کان ڪياماڙي بندر تائين لائين جي ٻنهي پاسي ان يادگار منظر کي ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهو بيٺل هئا. اهي ماڻهو ريلوي لائين جي ٻنهي پاسي پنڌ ڪياماڙي پهچي ريلوي لائين جي افتتاح واري ۽ فريئر جي الوداعي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ هتان ئي فريئر کي الله واهي چيو. ان کان پوءِ 1859ع ۾ ئي گذري (گسري) بندر تائين ريلوي لائين وڇائڻ جو ڪم مڪمل ٿيو ۽ گاڏيون گسري بندر تائين هلڻ لڳيون. سنڌ ۾ ريلوي لائين وڇائڻ جو ڪم

سنڌ ريلوي ڪمپني (انڊس ويلي اسٽيٽ ريلوي) سرانجام ڏنو. هي ڪمپني 1855ع ۾ لنڊن ۾ قائم ٿي هئي. 1859ع ۾ ئي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ سنڌ ريلوي ڪمپني جي وچ ۾ ڪراچي کان ڪوٽڙي تائين 110 ميل ڊگهي لائين وڇائڻ جو معاهدو ٿيو. 13 مئي 1861ع ۾ ان جو ڪم مڪمل ٿيو. هن لائين جو انجنيئر بہ جان برنٽن هو. ڪراچي ۾ انهيءَ لائين تي ڪراچي سٽي، ڪراچي ڪينٽ، چينسر هالٽ ملير، لانڍي ۽ جمع حمائتي ريلوي اسٽيشنون آهن. انهيءَ زماني ۾ ريلوي لائين تي ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد وچ ۾ پل نہ هئڻ ڪري درياهہ جي ٻئي ڪناري واپاري سامان ٻيڙين وسيلي نيو ويندو هو ۽ حيدرآباد کان پوءِ هن ڪي ملڪ جي ٻين حصن ڏانهن موڪليو ويندو هو. 1879ع ۾ حيدرآباد ۽ ملتان سيڪشن جو ڪم مڪمل ٿيو. 1887ع ۾ ڪوٽڙي ۽ ڪوئٽا وچ ۾ بہ گاڏيون هلڻ لڳيون. اڳ ۾ سنڌ، پنجاب ۽ دهلي جون الڳ ريلوي ڪمپنيون هونديون هيون. 1870ع ۾ انهن ٽنهي ڪمپنين کي ملائي "سنڌ پنجاب دهلي ريلوي ڪمپني" جو نالو ڏنو ويو. 1886ع ۾ حڪومت اترئين ۽ اولهہ وارن علائقن جي سيني سريلوي لائينن کي خريد ڪري "نارٿ ويسٽرن ريلوي ڪمپنيءَ" جو نالو ڏنو. ان ڪمپني جو آخري اسٽيشن ڪراچي سٽي هو. ورهاڱي وقت نارٿ ويسٽرن ريلوي جي ڪل 11088 ڪلوميٽر لائينن مان، 3043 پارٽ جي ۽ 8045 ڪلوميٽر پٽڙيون پاڪستان جي حصي ۾ آيون.

1961ع ۾ نارٿ ويسٽرن ريلوي کي "پاڪستان ويسٽرن ريلوي" ۽ 1974ع ۾ "پاڪستان ريلوي" جو نالو ڏنو ويو.

1964ع ۾ ڪراچي ۾ "ڪراچي سرڪلر ريلوي" جو منصوبو جوڙيو ويو. جنهن کي ٻن مرحلن ۾ مڪمل ڪيو ويو. پهرئين مرحلي ۾ ڊرگ روڊ کي لياري اسٽيشن سان ملايو ويو ۽ ٻئي مرحلي ۾ لياري کي ڪراچي سٽي اسٽيشن سان ملايو ويو. 1969ع ۾ ٻئي مرحلا مڪمل ٿيا تہ هن ٽريڪ تي مسافر ٽرينون هلڻ لڳيون. پهرئين هن روٽ تي 24 ريل گاڏيون هلنديون هيون ۽ پوءِ آهستي آهستي هڪ سازش تحت ريلوي انتظاميا پرائيويٽ بس مالڪن سان ملي هن ريلوي نظام کي ناڪام ڪيو. هن وقت ٽڪيٽ فقط 25 پئسا هئي پوءِ بہ سرڪلر ريلوي مان حڪومت کي هر مهيني 4 کان پنج لک رپيا ملندا هئا. 1998ع ۾ ٽڪيٽ جي قيمت وڌائي 1-50 پئسا ڪيو ويو. 1980ع کان پوءِ دير سان پهچڻ ڪري مسافرن هن ۾ سفر ڪرڻ بند ڪيو ۽ ائين اهو فائدي وارو نظام ڪوٽ جو شڪار ٿي آخر بند ٿي ويو. ڪجهہ وقت اڳ هن کي ٻيهر جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. سرڪلر ريلوي جي اسٽيشنن جو انگ 15 آهي.

9 سيپٽمبر 1852ع ۾ ڪراچي ۾ سنڌ جي پهرئين پروٽسٽنن گرجا گهر جي پيڙهہ جو پٿر بارٽل فريئر رکيو. 1859ع ۾ مسٽر فريئر پنهنجي نالي جي هڪ هال جي پيڙهہ جو پٿر رکيو. فريئر جي

زماني ۾ ڪراچي بندرگاهه تي جهازن جي مرمت جو انتظام ڪيو ويو. هن کان اڳ اهي مرمت لاءِ بمبئيءَ اماڻيا ويندا هئا.

1851ع ڪلفٽن جي ساحل تي 12 بنگلا اڏيا ويا. پهرئين مهاڀاري لڙائي تائين پوري شهر ۾ وڏي پئماني تي ترقياتي ڪم ڪرايا ويا پر ڪو به نئون علائقو آباد نه ڪيو ويو.

**بئنڪن جي شروعات:**

1861ع ۾ ”بئنڪ آف ڪراچي“ جي نالي سان قائم ٿي. جيڪا سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ پهرئين بئنڪ هئي. هن کان اڳ 1858ع ۾ ”آگرا اينڊ ماسٽر مين بئنڪ“ جي هڪ برانچ ڪراچي ۾ قائم ڪئي وئي هئي. 1861ع ۾ آگرا اينڊ ”يونائيٽيڊ سروس بئنڪ“ ۽ ”اورينٽل ڪو آپريشن بئنڪ“ پنهنجي هڪ مستقل ايجنسي به ڪراچي ۾ کولي هئي.

1886ع تائين ڪراچي ۾ ”چارٽر بئنڪ آف انڊيا، سنڌ پنجاب اينڊ دهلي بئنڪ، بئنڪ آف بمبئي، پنجاب بئنڪ جا برانچ کلي چڪا هئا. 1900ع ۾ ڪراچي ۾ بئنڪ آف آگرا، نيشنل بئنڪ آف انڊيا، پنجاب بئنڪنگ ڪمپني، مرڪنٽائل بئنڪ آف انڊيا جا برانچ کلي چڪا هئا. ورهاڱي کان پوءِ پهرئين بئنڪ حبيب بئنڪ ڪراچي ۾ قائم ٿي.




**ڪراچي بئنڪ – 1861ع**

انهن بئنڪن ڪري ڪراچي ۾ واپار ۽ معيشت کي هٿي ملي، واپاري سرگرمين ۾ واڌارو ٿيو.

1920ع ۾ ڪو آپريٽو تحريڪ شروع ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪراچي ۾ ڪو آپريٽو بئنڪون به قائم ٿيڻ لڳيون. هن تحريڪ جو باني مشهور سماج سڌارڪ جمشيد مهتا هو. مهتا 1920ع ۾ ڪراچي ۾ پهرئين ڪوآپريٽيو بئنڪ جو افتتاح ڪيو. طيب علي علوي به هن سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ڪمشنر انور ريرئٽي 1860ع ۾ ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس جو بنياد وڌو، جنهن سان ڪراچي جي واپار، معاشي ۽ صنعتي ترقي ۾ واڌارو ٿيو. چيمبرس آف ڪامرس يورپي واپارين جي ڪنٽرول ۾ هو. شروع ۾ ان چيمبرس ۾ هيٺيون ست باني ڪمپنيون شامل هيون.

ڊي. ميلور اينڊ ڪمپني

باڪلي واٽس اينڊ ڪمپني

فليمنگ اينڊ ڪمپني

ٽي – لڊبيٽر اينڊ ڪمپني

فن لي اينڊ ڪمپني

آءِ. ايل ڊنولي اينڊ ڪمپني

آش برنرنيل اينڊ ڪمپني

ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس جو پهريون صدر مسٽر ڊي. ميڪ اوليور هو. 1861ع ۾ انهن جي ميمبرن جو تعداد تيرنهن ٿي ويو. جن ۾ فقط ڀ مقامي ڪمپنيون، طيب جي اينڊ ڪمپني ۽ اردشير اينڊ ڪمپني هيون. 1900ع ۾ چيمبرس جي ٿيهن ميمبرن ۾ ٽي وڌيڪ مقامي ڪمپنيون شامل ٿيون. انهن ٽن ۾ جهانگير ايچ. ڪوٺاري اينڊ ڪمپني، ايدلجي ڊنشا اينڊ ڪمپني ۽ ايچ. جي رستم جي اينڊ ڪمپنيون هيون. باقي 25 يورپين ڪمپنيون هيون.

1902ع ۾ مقامي واپارين پنهنجي الڳ تنظيم ڪراچي نيٽو مرچنٽس ايسوسيئشن (Karachi Native Marchants Association) جي نالي قائم ڪئي. بعد ۾ هن جو نالو بدلائي انڊين مرچنٽس ايسوسيئشن رکيو ويو. 1934ع ۾ تنظيم پنهنجي جدا جاءِ ٺ تعمير ڪئي. هن جاءِ جي پيڙهه جو پٿر 8 جولاءِ 1934ع تي مهاتما گانڌي رکيو هو. هي جاءِ اڄ ٺ سنڌ مدرسي جي سامهون انهيءَ حالت ۾ موجود آهي. سيٺ يوسف علي ڪريم هن جو پهريون چيئرمن ۽ سيٺ ليلارام جي پهريون اعزازي سيڪريٽري چونڊيا ويا. جنهن سان مقامي واپارين کي سهولتون مليون ۽ هو اڳتي آيا.

1916ع ۾ ڪراچي ۾ بائرس اينڊ شيپرز چيمبرس (Byers and Shippers Chambers) جو قيام عمل ۾ آيو. شروع ۾ هن جا 60 ميمبر هئا. هن جو پهريون صدر سيٺ صالح محمد عمر ڊوسل ڪمپني جو مالڪ سيٺ عبدالرحيم صالح ۽ لال جي نيڪم داس ڪمپني جو سيٺ هري داس لال جي اعزازي سيڪريٽري چونڊيا ويا.

1923ع ڪراچي ڪاٽن ايڪسچينج قائم ڪيو ويو. ائين ٿڪيءَ جو ڪاروبار پهرئين بائرس چيمبرس جي وسيلي ٿيندو هو. هن جي ٺهڻ ڪان پوءِ ٿڪيءَ جو ڪاروبار هن اداري جي حوالي رهيو.

هندو ۽ مسلم جهيڙي ڪري انڊين مرچنٽس ايسوسيئيشن ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويئي. مسلمانن الڳ مسلم چيمبرس آف ڪامرس جو بنياد وڌو.




**چيمبر آف ڪامرس بلڊنگ – اڏاوت 1860ع**

ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس تي 1947ع تائين يورپين جو ڪنٽرول هو. ڇاڪاڻ ته مقامي واپارين الڳ تنظيم قائم ڪئي هئي. 1947ع تائين ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس جا تمام صدر يورپي هئا. هن جي آفيس اڄ به ٽالپر روڊ (وڊ اسٽريٽ) تي موجود آهي ۽ ڪراچي جي خوبصورت جاين مان هڪ آهي. هن خوبصورت جاءِ ۾ هن وقت هڪ پرائيويٽ ڪمپني جي آفيس آهي. اها جاءِ 1865ع ۾ ٺهي مڪمل ٿي. ڳاڙهي جوڌ پوري پٿرن جي ٺهيل هن جاءِ ۾ هڪ وڏو هال به آهي. ورهاڱي کانپوءِ ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس جي آفيس انڊين مرچنٽ ايسوسيئيشن جي جاءِ ۾ منتقل ٿي.

**صنعت:**

ڪراچي جي صنعتي ترقي ڏانهن جيڪڏهن ڌسنداسين ته هتي ميرن جي دور کان مختلف صنعتون قائم هيون. جن ۾ چمڙي رنگڻ وغيره جا ڪارخانا لياري واري علائقي ۾ قائم هئا. 1846ع ۾ ڪراچي ۾ هٿ سان هلڻ واري ڪپڙي سبڻ جي مشين متعارف ٿي ۽ انهيءَ ڪمپني پاران سوڊا واٽر جي به هڪ ڪمپني هلنڊڙ هئي. جي. ڊبليو وائس نالي اداري ڪراچي ۾ پهريون پيرو مشين وسيلي ڪپڙي سبڻ جو ڪاروبار شروع ڪيو. 1858ع ۾ ميڪلوڊ روڊ تي ڦٽي صاف ڪرڻ جا ڪيترائي ڪارخانا قائم ٿيا. انهيءَ دور ۾ ريشمي ڌاڳو ۽ ريشمي ڪپڙو به تيار ٿيڻ لڳو. 1859ع ۾ اسٽيمر ٺاهڻ جو هڪ ڪارخانو ڪراچي ۾ قائم ٿيو، پهرئين ٺهندڙ اسٽيمر جو نالو Fherer Bartie رکيو ويو.

1854ع ۾ ڪراچي ۾ لوڻ ناهڻ لاءِ ڪراچي سالٽ ڪمپني قائم ٿي. بعد ۾ سالٽ ڪاتي جي هٽ هيٺ ”ماڙي پور مواچ ورڪس“ لوڻ ناهڻ جو هڪ ادارو به قائم ڪيو ويو. هن دور ۾ لوڻ ٻاهر به موڪليو ويندو هو. اهو پورو لوڻ ماڙي پور واري علائقي ۾ سمنڊ جي ڪناري تيار ڪيو ويندو هو.

1888ع ۾ ڪراچي ۾ لنگيون، ريشمي ڏاڳي، قالين وغيره جا ڪيترائي ڪارخانا قائم ٿي چڪا هئا. 1900ع ۾ ڪراچي ۾ لوڻ لڱل مڇي (ٻاڙي مڇي) جي ٻاهر موڪلڻ تي اوسط ساليانو 474579 ناڻو ڪمايو ويو. 1901ع تائين ڪراچي ۾ 40 ڪان مٿي صنعتي ادارا قائم ٿي چڪا هئا.

برطانيا جي دور ۾ ڪراچي ۾ سڀ ڪان پهرئين انگلش دوائن وڪڻڻ لاءِ بلس اينڊ ڪمپني جو ادارو قائم ٿيو.

ڪراچي ۾ پهرئين ڊيري فارم گلشن اقبال ۾ حسن اسڪوائر ڪان لالو کيٽ ڏهه نمبر ويندي، حسن اسڪوائر جي سامهون بلاڪ 17 ۾ هڪ انگريز قائم ڪيو. اها بلڊنگ اڄ به موجود آهي ۽ حڪومت جي حوالي آهي، جنهن کي ملڪ پلانٽ چيو وڃي ٿو.

ڪراچي کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته هاٽوڪي پاڪستان وارن علائقن ۾ سڀ ڪان پهرئين سيمنٽ فيڪٽري هتي قائم ٿي. اها سيمنٽ فيڪٽري مشهور صنعت ڪار ڊالميا پنهنجي نالي سان قائم ڪئي. هاٽوڪي گلشن اقبال واري علائقي، شانتي نگر لڳ قائم ڪئي وئي. 80 واري ڏهاڪي جي آخر ۾ هن کي بند ڪيو ويو. هن فيڪٽري جو وجود 2003ع ڪانپوءِ باقائده ختم ڪري اها زمين بلڊرز کي وڪرو ڪئي ويئي ۽ هتي هاٽي بنگلا ناهيا پيا وڃن.

1890ع ۾ ڪراچي ۾ 30 اٿي پسائي جون چڪيون هيون. جيڪي اٺن وسيلي هلنديون هيون.

1913ع ۾ ڪراچي ۾ بجلي اچڻ ڪان پوءِ اٺن کي آزادي ملي.

ڊسمبر 1869ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر ميري ويدر جي ڪوشش  سان هڪ صنعتي نمائش جو بندوبست ڪيو ويو. هن نمائش ۾ وچ ايشيا ۽ ننڍي کنڊ جي واپارين ۽ صنعت ڪارن حصو ورتو.

1883ع ۾ شهر جي سٺ ميل رستن تي ٻتين جو تعداد هڪ هزار تي چڪو هو. 1812ع ۾ عجائب گهر جي نئين عمارت تيار ٿي ۽ عجائب گهر کي ان ۾ منتقل ڪيو ويو. اهو ڪمشنر ايوان جيمس جو دور هو. جنهن نائون مل جي ڪتاب ”يادگيريون“ کي ايڊٽ ڪيو هو. هي اهو ماڻهو هو جنهن حرن تي ظلم جو نئون باب مرتب ڪيو. 1897ع ۾ ڪراچي ۾ جانورن لاءِ اسپتال Richmond Vaterinary Dispensary بندر روڊ تي اڏيو ويو. اها اسپتال اڄ به بندر روڊ تي ريڊيو پاڪستان بلڊنگ سان گڏ آهي. 1901ع ڪانپوءِ هن جو انتظام ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچي جي حوالي ڪيو ويو هو.

1893ع ۾ ڪراچي ۾ پهريون پيرو سيورج جو جديد نظام شروع ڪيو ويو. 1896ع ۾ صدر ڪي چانوٽي واري علائقي کان الڳ ڪري ميونسپلٽي جي حوالي ڪيو ويو.

1894ع ۾ ليڊي ڊفرن اسپتال اڏيو ويو. انهيءَ سال ڪياماڙي کان ڪراچي ڪينٽ ريلوي ٽريڪ کي ڊبل ڪيو ويو. 1900ع ۾ حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي وچ ۾ سنڌو درياءَ تي پل جوڙيو ويو.



**فوجي ٽريننگ جو هڪ منظر جنهن جي ڪري لياري ندي جو ڪنارو گوليمار ڪري مشهور ٿيو**

1914ع ۾ پهرئين مهاياري لڙائي شروع ٿي ته ڪراچي فوجي چانوٽي ۾ تبديل ٿي ويئي. ڪراچي جي واپار کي هٿي ملي ۽ ڪراچي ۾ نوان علائقا آباد ٿيڻ لڳا، جنهن جي ڪري ترقي ۽ تعمير کي محسوس ڪندي 1915ع ۾ ٽائون پلاننگ ايڪٽ نافذ ڪيو ويو. ان جي بنياد تي ڪراچي ۾ پهريون ماسٽر پلان مسٽر اي.اي. ميسرس 1922ع ۾ تيار ڪيو.

1919ع ۾ ڪلفٽن تي جهانگير ڪوٺاري ٽن لکن جي خرچ سان سمنڊ ڪناري تائين ڳاڙهي پٿرن جي پل تعمير ڪئي. هاڻي هتي جهانگير ڪوٺاري پارڪ آهي. پارڪ کي وڌائي ان جو نالو 2007ع ۾ بن قاسم پارڪ رکيو ويو.

1922ع ۾ ڪراچي ۾ پهرئين اردو صوبائي ڪانفرنس لاهور مان نڪرندڙ "پيسا" اخبار جي ايڊيٽر مولوي محبوب عالم جي صدارت ۾ ٿي. 1923ع ڪراچي ۾ ريڊ ڪراس جي پهرئين شاخ قائم ٿي. جنهن جو پهريون صدر ڄام محمد ايوب عالياڻي مقرر ٿيو ۽ سيٺ عبدالله هارون سيڪريٽري ۽ خزانچي مقرر ٿيو. 1928ع ۾ ڪراچي ۾ هائوسنگ سوسائٽيون وجود ۾ آيون. انهيءَ دور ۾ بندر روڊ جي ڪيپري سينيما کان گرو مندر تائين مختلف رهائشي اسڪيمون شروع ڪيون ويون. جن ۾ عامل ڪالوني ۽ فارسي ڪالوني مشهور آهن. 1933ع ۾ ٿياسوفيڪل هال ۾ "ڪراچي جي ترقي" جي موضوع تي هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو. جنهن جي صدارت چاليهه سالن کان ڪراچي ۾ رهندڙ هڪ يورپين Miniting webs ڪئي. جيڪو ڪراچي کي بجلي پهچائيندڙ ڪمپني فاربس. فاريس ڪارپوريشن جو مينيجر ۽ اخبار "دي ڊيلي گرانٽ" جو ايڊيٽر هو. 1933ع ڪانپوءِ ڪراچي هڪ صنعتي شهر طور اڀري سامهون آيو. 1943ع ۾ انڊس واٽر اسڪيم مڪمل ٿي جنهن مان سنڌو دريا مان ڪراچي کي پاڻي فراهم ٿيڻ لڳو. 1945ع ۾ ٻي مهاياري لڙائي ختم ٿي.

پهرئين مهاڀاري لڙائي وانگر ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ ڪراچي کي هڪ فوجي ڇانوڻي ۾ تبديل ڪيو ويو.

**هوائي اڏا:**

1918ع ۾ ماڙيپور ۾ پهريون هوائي اڏو جوڙيو ويو. جيڪو ايئر فورس لاءِ هو. 10 ڊسمبر 1918ع ۾ پهريون مسافر جهاز Handely Paige يورپ کان آسٽريليا ويندي ڪراچي ۾ لٿو. هن جهاز جو ڪپتان راس اسمٿ (Ross Smith) هو. هن ڪانپوءِ بين الاقوامي اڏامن لاءِ هي ايئرپورٽ باقاعده استعمال ٿيڻ لڳو. 1921ع ۾ ڊرگ روڊ لڳ هڪ ايئرپورٽ جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو. جيڪو 1928ع ۾ مڪمل ٿيو. جيڪو ڪاري ڇپري طور مشهور هو. هتي هڪ وڏو ڊيپو هو جنهن تي وڏي ٽين جو ڪارو ڇپرو هو جيڪو پري کان نظر ايندو هو ۽ ائين اهو اسٽاپ به ڪاري ڇپري نالي مشهور ٿيو. هي رائل ايئر فورس جي جهازن لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. هتي زمين اندر گدام ۽ هينگرز به اڏيا ويا. ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ هي هندستان جي رائل ايئر فورس جي اهم يونٽس ۾ شمار ٿيڻ لڳو ۽ ايلواڊي هن جو پهريون بيس ڪمانڊر هو. هي ايئر بيس اڄ به موجود آهي. 1923ع ۾ ڪراچي ايئرپورٽ جي اڏاوت مڪمل ٿي. ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ هن کي آمريڪن ايئرفورس جي حوالي ڪيو ويو. هن ڪانسواءِ ڪراچي جا جيڪي ٻيا به ايئر بيس هئا اهي آمريڪن ايئرفورس جي حوالي هئا. 1945ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي ايئرپورٽ کي سول ايوي ايشن جي حوالي ڪيو ويو.

1930ع ۾ ويسٽ وهارف ويجهو ڊاڪيارڊ تي هڪ هوائي اڏو اڏيو ويو. پر هن کي گهٽ استعمال ڪيو ويو. جنگ جي دوران ڪورنگي ڪريڪ ابراهيم حيدري لڳ هڪ فوجي هوائي اڏو اڏيو ويو. جيڪو ڪورنگي ايئربيس جي نالي اڄ به فوجي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ دوران صفوران ويجهو ڳوٺ يار محمد جوکيو لڳ هڪ ايمرجنسي ايئربيس اڏيو ويو پر هن کي گهٽ استعمال ڪيو ويو. جنگ دوران ڊرگ روڊ تي هڪ ٻيو وڏيڪ ايئربيس اڏيو ويو. سواءِ صفوران ڳوٺ واري جي باقي سيئي ايئرپورٽ جنهن ۾ ماڙيپور، ڪورنگي ڪريڪ، ويسٽ وهارف، ڊرگ روڊ اڄ به فوجي مقصدن لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن. هاڻي اهي تمام ايئربيس طور ڪم ڪري رهيا آهن.

1928ع ۾ برطانيا جو ”امپرئل ايئروير“ ڪمپني جنهن جو نالو بعد ۾ بدلائي برٽش اوورسيز ايئر لائينز ڪارپوريشن BOAC رکيو ويو. ڪراچي لاءِ پنهنجي سروس شروع ڪئي. 1932ع ڪانپوءِ BOAC جا جهاز هر هفتي ڪراچي کان ايران، عراق، فلسطين، مصر، يونان، اٽلي، فرانس ۽

انگلينڊ تائين اڏامون ڪندا هئا. ننڍي انجڻ ڪري سفر ۾ ڪيترائي ڏينهن لڳي ويندا هئا. جنهن جا ڪجهه تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.

ڪراچي کان لنڊن – وقت ساڍا ڇهه ڏينهن – ڀاڙو 95 پونڊ

ڪراچي کان پيرس – وقت 6 ڏينهن – ڀاڙو 95 پونڊ

ڪراچي کان قاهرو – وقت 3 ڏينهن – ڀاڙو 58 پونڊ.

هاڻي هي مفاصلو ڪلاڪن ۾ طئي ٿئي ٿو. هن وقت ڪراچي ۾ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ هڪ بين الاقوامي ايئرپورٽ آهي. پراڻي ايئرپورٽ جيڪو هن سان لڳ آهي. هاڻي فقط حاجين جي اچ وڃ ۽ بار ڊوئيندڙ جهازن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

ورهاڱي وقت BOAC ڪانسواءِ ڪي. ايل.ايم، ايئر فرانس، ايئر انڊيا، ايئر سروس آف انڊيا، فلپائن ايئرلائينز، انڊين نيشنل سروس ۽ پان آمريڪن جهازن جي اچ وڃ هئي.

**ڪراچي ۾ ٽرام وي نظام:**

جديد مشيني نظام کان اڳ ڪراچي ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ لاءِ بندر تان مال ڍوئڻ ۽ اچ وڃ لاءِ 1885ع تائين جانورن سان ڇڪيندڙ گاڏين خاص ڪري ٽانگا، وڪٽوريا ٽانگا، اٺ گاڏيون، ڏڳي گاڏيون ۽ گڏهه گاڏيون هونديون هيون. شهر ايترو ڦهليل نه هو. ماڻهو آساني سان هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچندو هو. شهر کان ٻاهر وڃڻ لاءِ گهوڙن، اٺن ۽ گڏهن جو استعمال هوندو هو. بي پهچ ماڻهو اهو تمام سفر پنڌ ڪندو هو ۽ گهٽائي پنڌ وارن ماڻهن جي هوندي هئي. 1881ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽي جي انجنيئر جيڪو ڪائونسل جو سيڪريٽري به هو. جنهن جو نالو مسٽر جيمس اسٽريچن هو. ڪراچي ۾ ٽرام هلائڻ جي تجويز منظوري لاءِ لنڊن موڪلي. 1883ع ۾ بمبئي حڪومت پاران هن جي منظوري ملي وئي. انهيءَ سال ٽرام وي ايڪٽ منظور ڪيو ويو. اهو ايڪٽ باقاعده ختم نه ڪيو ويو آهي ۽ اهو اڄا تائين موجود آهي. ڪراچي ۾ ٽرام وي نظام لاءِ ٽينڊر گهرايا ويا ۽ لنڊن جي ايڊورڊ ميٿو (Mr. Edward Mitho) جو ٽينڊر گهٽ ريٽ هئڻ ڪري منظور ڪيو ويو. جنهن 20 آڪٽوبر 1884ع ۾ شهر ۾ ٽرام جي پٽڙين وڇائڻ جو ڪم شروع ڪيو. 20 اپريل 1885ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر مسٽر هينري ارسڪن ڪراچي ۾ ٽرام وي نظام جو افتتاح ڪيو. افتتاحي تقريب کان پوءِ هينري ارسڪن ۽ بين مهمانن جنهن ۾ سنڌ جو ڪمانڊنگ آفيسر برگيڊيئر جنرل جي. لڪ، اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ ڊاڪٽر جي. پولن ۽ ڪمشنر جو خاص مهمان قنڌار جو اڳوڻو والي شير علي خان ۽ ٻيا موجود هئا. انهن سڀني ڪياماڙي تائين ٽرام ۾ سفر ڪيو. بعد ۾ هن نظام کي ايسٽ انڊيا ڪمپني خريد ڪري پنهنجي حوالي ڪيو. شروع ۾ ڪوئلي جي انجڻ سان ٽرام کي هلايو ويندو هو. هن دور ۾ هي پرسڪون شهر هو. ڪوئلي جي

انجڻ جو لڙ برداشت کان ٻاهر هو. تنهن تي شهرين سخت احتجاج ڪيو. مجبور ٿي حڪومت کي اهي انجڻيون هٽائڻيون پيون ۽ ٽرامن کي گهوڙن وسيلي ڇڪڻ جو سلسلو شروع ٿيو. سعيد منزل (اين جي وي هاءِ اسڪول لڳ) ٽرام ڇڪيندڙ گهوڙن جو طبيلو هوندو هو جنهن ۾ 210 گهوڙا موجود هوندا هئا. رمپا پلازا لڳ جتي هاٽي گل شاپنگ سينٽر آهي هتي ٽرامن لاءِ ورڪشاپ ۽ گهوڙن جو طبيلو به هوندو هو. هن دور ۾ هڪ منزل ۽ ٻه منزلن وارا ٽرام هوندا هئا. هڪ منزل ٽرام کي ڇڪڻ لاءِ هڪ گهوڙو، ٻن منزلن واري ٽرام کي ڇڪڻ لاءِ ٻه گهوڙا هوندا هئا. سولجر بازار کان ڪياماڙي تائين هر ٻن ميلن کان پوءِ گهوڙو بدلايو ويندو هو. سعيد منزل ڪانسواءِ هاٽوڪي لائيٽ هائوس شاپنگ سينٽر (پراڻي لائيٽ هائوس سينيما) جي سامهون گاڏي کاتو به انهن لاءِ ساهي وارو هوندو هو. سولجر بازار کان ڪياماڙي تائين فاصلو پنج ميل هوندو هو. گرمي کان بچائڻ لاءِ گهوڙن مٿان وڏي ڇٽي هوندي هئي.

1909ع ۾ گهوڙن جي بجاءِ پيٽرول جي انجڻ جو استعمال شروع ڪيو ويو. لنڊن جي موٽر ريل ۽ ٽرام ڪمپني لميٽيڊ سپ کان پهرئين پيٽرول جون انجڻيون تيار ڪيون ۽ اهي هڪ لک پونڊ جي قيمت سان ڪراچي گهرايون ويون. تيز رفتاري ڪري گهوڙن واريون ٽرامن جون پٽڙيون تبديل ڪيون ويون. تيز رفتاري ڪري ۽ ٻي ڪا سواري نه هئڻ ڪري اهي عوام ۾ مقبول ٿيون ۽ پهرئين سال ڪراچي ۾ 5 ملين ماڻهن انهن ۾ سفر ڪيو. 1913ع ۾ ڪراچي ۾ انهن ٽرامن جو انگ 37 هو. هر ٽرام ۾ 46 مسافرن جي ويهڻ جي گنجائش هئي. هي ٻارنهن کان ارڙهن ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلنديون هيون.

ٻي مهاڀاري لڙائي وقت انهن جو ڀاڙو ٽي پئسا هو. هي ڀاڙو شروع کان وٺي آخر واري منزل تائين هوندو هو. چاهي توهان ڪٿي به لهو ۽ ڪٿان به چڙهو ڀاڙو ٽي پئسا هوندو هو.

ٽرام وي ائڪٽ تحت ڪمپني کي اڻ ڳڻيون رعايتون حاصل هيون. ايڪٽ جي شق پهرئين موجب ٽرام جي لائينن جي ليز ۾ رستي جا اهي حصا ٽرام ڪمپني جي ملڪيت ۾ هوندا هئا، جنهن جي ڪري انهن رستن جي مرمت ۽ اڏاوت ڪمپني جي ذميواري هوندي هئي. ڪمپني جي ملڪيت هئڻ ڪري مالڪ کي اهو اختيار حاصل هوندو هو ته هو ٻين گاڏين کي انهن لائينن تان گذرڻ ڏئي يا نه. بعد ۾ ميونسپلٽي ڪمپني کان اها رعايت حاصل ڪئي ته ٽرام لائينن تان گذرندڙ رستن تان ٽرئفڪ ۽ ماڻهن کي نه روڪيو ويندو. شروع ۾ ٽرام جا چار روٽ هوندا هئا. بولٽن مارڪيٽ جنڪشن هوندو هو. هڪ روٽ گانڌي گارڊن کان بندر روڊ، بولٽن مارڪيٽ تائين. ٻيو روٽ سولجر بازار کان ڪياماڙي. ٽيون روٽ چاڪيواڙي کان لي مارڪيٽ، بولٽ مارڪيٽ کان ڪياماڙي تائين هوندو هو. چوٿون روٽ ڪينٽ اسٽيشن کان صدر بولٽن مارڪيٽ تائين

هوندو هو. ورهاڱي کان پوءِ ايمپريس مارڪيٽ کان ڪينٽ، ايمپريس مارڪيٽ کان سولجر بازار (ڪي ايم سي مارڪيٽ تائين)، بولٽن مارڪيٽ کان ڪياماڙي، جونا مارڪيٽ کان لي مارڪيٽ ۽ چاڪيواڙي تائين، بولٽن مارڪيٽ کان لارنس روڊ (هاٽوڪو نشر روڊ) کان گانڌي گارڊن تائين روٽس وڌايا ويا. اهو پورو مفاصلو 40 ميل هوندو هو.

ورهاڱي کانپوءِ ايسٽ انڊيا ٽرام وي ڪمپني، اداري کي وڪڻڻ لاءِ ٽينڊر گهرايا. گهڻن ماڻهن هن ۾ حصو ورتو، پر ڪاميابي محمد علي نالي هڪ شخص کي ٿي. جنهن اهو پورو نظام 32 لکن ۾ خريد ڪيو ۽ ڪمپني جو نالو بدلائي محمد علي ٽرام وي ڪمپني رکيو ويو. فيبروري 1948ع ۾ محمد علي ۽ سندس چئن پائرن ٽرام وي جي نظام جو انتظام پنهنجي حوالي ڪيو. هن وقت ٽوٽل 65 ٽرام ۽ 65 بسون ڪمپني جي ملڪيت ۾ آيون ۽ پارنهن سئو ملازم هوندا هئا. ياد رهي ته ٽرام سان گڏ ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪراچي جتي ٽرام جو نظام نه هوندو هو. انهن علائقن ۾ بسون به هلائيندي هئي. جنهن لاءِ هن وقت به روٽس هئا. جيڪي مختلف بن روٽس کان ڪياماڙي تائين هلنديون هيون. هن وقت گائز (Guys) ۽ مين ٽن (Manton) ماڊل جون بسون هونديون هيون. محمد علي انتظام سنڀالڻ کان پوءِ چاليهه وڏيڪ بسون انگلينڊ مان گهرائي ورتيون. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ محمد علي ڪمپني جي هڪ هٽي ختم ٿي ۽ ٻين ڪمپنين جون بسون به هلڻ لڳيون ته محمد علي ڪمپني پنهنجون بسون بند ڪري ڇڏيون.

ٻي مهاڀاري لڙائي کانپوءِ پيٽرول جي جاءِ تي ڊيزل جون انجڻيون اچي ويون ۽ مسافرن جي گنجائش 46 مان وڌائي 60 ڪئي وئي. ملازمن جنهن ۾ ڊرائيور، ڪنڊيڪٽر، سپروائيزر ۽ انسپيڪٽر هوندا هئا. انهن جي ٽريننگ لاءِ ٽرام گودي ۾ هڪ ٽريننگ اسڪول به هوندو هو. انهن سيني لاءِ الڳ الڳ مخصوص وردي، ٽوپي ۽ جوتا هوندا هئا. ڊرائيورن ۽ ڪنڊيڪٽرن جون پگهارون 50 واري ڏهاڪي ۾ هڪ سئو ويهه رپيا ماهوار هوندا هئا. پهرئين ٽرام صبح جو ساڍي چئن وڳي ۽ آخري ٽرام رات جو ٻارنهن وڳي هلندي هئي. باقاعدي اسٽاپ مقرر هوندو هو. هر ٻن اسٽاپ جي وچ Request اسٽاپ به هوندو هو. جتي مسافرن جي گذارش تي فقط لهڻ وارن لاءِ ٽرام جي اسپيڊ گهٽ ڪيو ويندو هو ته جيئن مسافر لهي سگهن. اسٽاپ تي بيهه آواز ڏيڻ جو رواج نه هوندو هو. فقط اسپيڊ گهٽ ڪئي ويندي هئي ۽ مسافر هلندي چڙهي ويندا هئا. ٽرام جي چالان جو موقعو تمام گهٽ بلڪ نه هئڻ جي برابر هوندو هو. ٽرام جون باڊيون ڪراچي ۾ ٺهنديون هيون ۽ انجڻيون ٻاهر کان گهرايون وينديون هيون. جنهن لاءِ هاٽوڪي گل پلازه بندر روڊ تي ورڪشاپ هوندو هو. گهٽ پگهار ڪٽنڊڙ سرڪاري ملازمن لاءِ رعايتي پاس جاري ڪيا ويندا هئا. شاگردن لاءِ ياڙو اڌ هوندو هو. ٽرام جا ٻارنهن دروازا هوندا هئا. ٻنهي پاسي ويڪرا پائيدان

هوندا هئا جنهن تي لٽڪجي سفر ڪرڻ جو پنهنجو مزو هوندو هو. ٽرام جي ٻارنهن دروازن ڪري هر پاسي (ٻنهي پاسن کان) کان ماڻهو لهي چڙهي سگهندو هو. هن کي هلائڻ لاءِ ٻن پاسن وارو ڪنٽرول سسٽم هوندو هو. ٽرن جي گنجائش نہ هئي. واپسي جي صورت ۾ ڊرائيور ٻئي پاسي ڪنٽرول سنڀاليندو هو. ٽرام ۾ اسٽرينگ نہ هوندو هو. پر گھمائڻ وارو ليور هوندو هو. ڊرائيور کي ويهڻ لاءِ سيٽ نہ هوندي هئي. هو بيهي ٽرام کي هلائيندو هو. هارن جي بجاءِ هڪ پيتل جي گھنٽي هوندي هئي جنهن جو ڪنٽرول هڪ ڏوري وسيلي ڊرائيور جي هٿ ۾ هوندو هو. ٽرام جي ٻاڊين تي اشتهاري ڪمپنين جا اشتهار بہ لڳل هوندا هئا. روٽ نمبر نہ هوندو هو. فرنٽ کان مٿي آخري اسٽاپ جو نالو وڏن اکرن ۾ انگريزي ۾ لکيل هوندو هو. مسافر سمجهي ويندا هئا تہ اها ڪهڙي روٽ کان هلندي.

1974ع ۾ اي. ايم. ڪاليج ۾ پڙهندي دوستن سان اڪثر ٽرام ۾ سفر ڪرڻ جو موقعو ملندو هو. دعا ڪندا هئاسين تہ ٽرام ۾ رش ٿئي ڇاڪاڻ تہ رش ۾ پاڙي ڏيڻ کان بچي ويندا هئاسين. ٽرام ۾ جيئن تہ ٻنهي پاسي ويڪرا پائيدان هوندا هئا ڪنڊيڪٽر کي ايندو ڏسي انهن پائيدانن تان هلي ٻئي پاسي پهچندا هئاسين. ائين ڪنڊيڪٽر جي نظرن ۾ نہ ايندا هئاسين. اهي حسين لمحا اڄ بہ ياد آهن. پر اهي يادگار اڄ نہ آهن. 30 اپريل 1975ع جو ڏينهن ڪراچي جي تاريخ جو هڪ ڏکوئيندڙ ڏينهن هو. جڏهن آخري ٽرام پنهنجو سفر بندر روڊ کان بولٽن مارڪيٽ تائين پورو ڪيو ۽ ائين ڪراچي واسين جو ٽرامن سالن 9 سالن جو پراڻو رشتو ٽٽي ويو. 1974ع ۾ ئي حڪومت ٽرامن کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. حڪومت جو موقف هو تہ بندر روڊ تي ٽرئفڪ وڌڻ ڪري وچ ۾ ٽرامن جي هلڻ سان ٽرئفڪ ۾ رڪاوٽ ٿئي ٿي. تنهن ڪري بندر روڊ تان ٽرام سسٽم ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ٽرام جو پورو نظام بندر روڊ سان واڳيل هو جنهن جي ڪري ڪمپني جي مالڪ پوري نظام کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ائين 65 ٽرامن ۽ پٽڙين کي اسڪريپ ڪري هڪ پوري تاريخ کي هميشہ لاءِ ختم ڪيو ويو. پوري دنيا ۾ قومون پنهنجي تاريخ کي محفوظ ڪنديون آهن ۽ انهن مان سبق حاصل ڪنديون آهن. تاريخ جو حصو بڻجي ويندڙ يادگارن کي محفوظ ڪيو ويندو آهي تہ جيئن ايندڙ نسل انهن کي ڏسي محسوس ڪري، پر هن ملڪ ۾ تاريخي شئي کي ختم ڪرڻ جڻ تہ حڪومت جي پهرئين ذميداري آهي. ٽرام جي هڪ گاڏي کي پٽڙين سميت ڪنهن پارڪ ۾ محفوظ ڪيو وڃي ها ۽ نمائشي طور ماڻهن کي ڪجهہ فاصلي تائين سفر جي سهولت هجي هجڻ گهرجي ها پر ائين نہ ڪيو ويو. محمد علي جي پٽ انور محمد علي جيڪو هن وقت ڪمپني جو نگران هو حڪومت کي اهڙي آفر ڪئي هئي پر حڪومت پاران ڪا دلچسپي نہ ڏيکاري وئي. پهرئين مئي 1975ع ۾ ٽرانسپورٽ جي تاريخ جو هڪ اهم باب بند

ٿي ويو. جڏهن ڪراچي جي رستن تي ڪوبہ ٽرام نہ هليو. ٽرامن جي هلڻ جو مخصوص گرگر جو آواز ۽ پتل جي گهنٽي جي ٽن ٽن جو آواز جيڪو ڪن کي سريلو لڳندو هو. اهي آواز بہ هميشہ لاءِ بند ٿي ويا.

ڪراچي ۾ موٽرڪارن جو رواج 1914ع ۾ پيو. محمد عثمان دموهي پنهنجي ڪتاب "ڪراچي تاريخ ڪلاَ آئيني مين" لکي ٿو تہ، مقامي ماڻهن پهرئين ڪار شهر جي قاضي عبدالعزيز 1920ع ۾ 2135 رپين 14 آنن ۾ خريد ڪئي. ڪار جي قيمت تہ 1997 رپيا 14 آنا هئي باقي ويمو ۽ رجسٽريشن فيس جا پئسا شامل هئا. پر پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ لکي ٿو تہ، پهرئين ڪار سيٺ عبدالرحيم صالح ڀوسل خريد ڪئي هئي.

**<u>بندرگاهہ جي ترقي:</u>**

ڪراچي هڪ قدرتي بندرگاهہ هجڻ ڪري پراڻي زمانن کان يورپ، آفريقا، مصر، سريلنڪا، ايران، انڊيا، خليج جي ملڪن سان هتان واپار هلندڙ هو. ڪراچي بندر جي انهيءَ خوبي جي ڪري هن جي فوجي اهميت بہ پنهنجي جاءِ تي اهم آهي. جنهن جي نتيجي ۾ سڪندر اعظم کان وٺي انگريزن تائين سيني حملي ڪندڙن هن بندر جي اهميت کي ڏسندي هن بندر کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکيو. عربي هندي سمنڊ جي ساحل جو هي واحد بندرگاهہ آهي. جيڪو ساموندي طوفاني لهرن کان محفوظ آهي. هتي حفاظت لاءِ ميرن هڪ پهاڙي تي قلعو بہ اڏيو هو. انگريزن قبضي ڪانپوءِ هن قلعي کي ڊاهي پٽ ڪيو.

قبضي وقت سڀ کان وڏو مسئلو هي هو تہ بندرگاهہ ۾ داخل ٿيڻ واري رستي تي پاڻي جي اندر هڪ جابلو سلسلو هو جنهن سان ٽڪرجڻ جي ڊپ کان وڏا جهاز بندرگاهہ ۾ داخل نہ ٿيندا هئا. 1851ع ۾ "جوليا" نالي هڪ برطانيا جو جهاز پاڻي اندر موجود هن جبل سان ٽڪرائجي ٻڏي ويو ۽ هن ۾ سوار سيئي مسافر اجل جو شڪار ٿيا. سامان بہ تباهہ ٿي ويو. ٻيو مسئلو هي هو تہ هي بندر لياري ندي جي ڊيلٽا جي علائقي ۾ هجڻ ڪري پاڻي سان ايندڙ مٽي جي ڪري بہ بندر گاهہ جي اونهائي گهٽجندي رهندي هئي. اهي بہ اهم مسئلا ڪراچي بندر جي ترقي جي آڏو رڪاوٽ هئا. نيپئر قبضي ڪانپوءِ بندرگاهہ جي ترقي لاءِ هڪ چار نقطن وارو پروگرام پيش ڪيو. جن ۾ ٻن تي جلدي عمل شروع ڪيو ويو. هڪ ڪياماڙي کان شهر تائين رستي جي اڏاوت ۽ ڪياماڙي ۾ ٻيڙين جي بيهارڻ لاءِ جيٽي جي اڏاوت. نيپئر جي دور ۾ اهي ٻئي ڪم مڪمل ڪيا ويا. بارٽل فريئر دور ۾ بندرگاهہ جي ترقي لاءِ ڪراچي جي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر ميجر ٽرنر جنهن کي بندرگاهہ جي ترقي جو وڏو تجربو حاصل هو. فريئر هن کي بندرگاهہ لاءِ هڪ سروي رپورٽ ناهڻ جي هدايت ڪئي.



**منهوڙو واٽر بريڪ جنهن جي اڏاوت 1874ع ۾ مڪمل ٿي**

رپورٽ ناهي بمبئي حڪومت ڏانهن موڪلي ويئي. هن رپورٽ جي روشني ۾ حڪومت بمبئي هرگس اينڊ ڪو پر ڪمپني انگلينڊ جي صدر مسٽر جيمز واڪر کي ڪراچي بندرگاهه جي سروي جو ڪم ڏنو. مسٽر واڪر 8 سيپٽمبر 1856ع ۾ هڪ رپورٽ پيش ڪئي. هن رپورٽ کي وڌيڪ موثر بنائڻ لاءِ مسٽر وليم پارڪس ڪراچي پهتو. مسٽر وليم پارڪس ٻن سالن تائين سروي ڪانپوءِ 8 سيپٽمبر 1858ع ڪراچي بندر جي ترقي، اڏاوت ۽ خرچ جا تفصيل حڪومت کي موڪليا. مسٽر وليم پارڪس جيڪا رپورٽ پيش ڪئي هئي. هن جي هيٺين اڏاوتي ڪمن جي سفارش ڪئي ويئي هئي.

نيپئر مول ۾ پاڻي جي اچڻ جو رستو ناهڻ، ڪياماڙي کي شهر سان ملائڻ لاءِ هڪ لوهي پل جي اڏاوت.

چينا ڪريڪ ۾ سامونڊي پاڻي کي روڪڻ لاءِ قدم کڻڻ.

ڪياماڙي گروين (Groyne) جي اڏاوت.

منهوڙي تي هڪ بريڪ واٽر جي اڏاوت.

**<u>نيٽي جيٽي جي اڏاوت.</u>**

رپورٽ کي سخت مخالفت جو منهن ڏسڻو پيو. تنهن ڪانپوءِ هن کي هڪ ڪميٽي جي حوالي ڪيو ويو. جنهن هن رپورٽ کي عمل لائق قرار ڏنو ۽ ائين مسٽر پارڪس جي نظرداري ۾ ڪراچي بندر جي اڏاوتي ڪمن جي شروعات ٿي. سڀ کان پهرئين ڪياماڙي گروين جي اڏاوت

جو ڪم 1861ع ۾ شروع ڪيو ويو ۽ مارچ 1863ع ۾ پورو ڪيو ويو ۽ جنهن سان ڪراچي بندر کي سامونڊي لهرن کان محفوظ بڻايو ويو.

ڪياماڙي کي شهر سان ملائڻ لاءِ رستو انتهائي ڏکيو هو تنهن ڪري 17 فيبروري 1861ع تي ڪميٽي جي سفارش واري رپورٽ مطابق ڪياماڙي کي شهر سان ملائڻ لاءِ لوهي پل جي اڏاوت شروع ٿي ۽ 1865ع ۾ هن جو ڪم مڪمل ٿيو. هن پل جي اڏاوت تي ڇهه لک 43 هزار 4 سئو رپيا خرچ آيو. اڳتي هلي هن پل تي ريلوي لائين وڇائي بندرگاهه کي ريل وسيلي ملڪ سان ڳنڍيو ويو.

بندرگاهه اندر جبل جو مسئلو پنهنجي جاءِ تي اڃا موجود هو. Groyne جي اڏاوت سان پاڻي 25 کان 30 فٽ هن جبل کان مٿي آيو ته جهاز آساني سان بندرگاهه ۾ داخل ٿيندا هئا پر خطرو موجود هو. بعد ۾ هن جبل کي ڪٽي برابر ڪيو ويو. پهرين نومبر 1870ع ۾ بريڪ واٽر جي اڏاوت جي منصوبي جي پيڙهه جو پٿر سنڌ جي ڪمشنر ميري ويدر رکيو. اهو ڪم 1874ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. هن جي پشتي جي ڊيگهه 1500 فٽ آهي. هن جي اڏاوت تي 10 لک 90 هزار رپيا خرچ آيو. هن جو مقصد خراب موسم ۾ سامونڊي لهرن کان جهازن کي محفوظ ڪرڻ هو. جيڪو انتهائي ڪامياب ثابت ٿيو.

1870ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر ميري ويدر ڪراچي جي بندرگاهه جي ترقي ۽ انتظام هلائڻ لاءِ "ڪراچي هاربر ورڪس (Karachi Harbour Works)جو ادارو قائم ڪيو. جنهن جو اڳواڻ ڪراچي بندرگاهه جو چيف انجنيئر هو. 10 مارچ 1880ع ۾ هڪ نوٽيفڪيشن وسيلي هاربر ورڪس کي ڪراچي ۾ تبديل ڪيو ويو. هن بورڊ جو اڳواڻ ڪراچي جو ڪليڪٽر هوندو هو. ٻين ميمبرن ۾ ڪليڪٽر ڪسٽم، ايگزيڪيوٽو انجنيئر سنڌ، پورٽ انجنيئر ۽ پورٽ ماسٽر اٽينڊينٽ هئا. هن بورڊ جو پهريون صدر مسٽر بولٽن ڪليڪٽر ڪراچي هو. 1880ع کان 1887ع تائين ڪراچي جا ڪليڪٽر بورڊ جا صدر رهيا.

24 سيپٽمبر 1880ع ۾ وائسراءِ هند لارڊ ڪياماڙي ۾ پهرئين گودي جي پيڙهه جو پٽر رکيو. 1882ع ۾ ان جي اڏاوت مڪمل ٿي، ته بندرگاهه تي سامان لاهڻ ۽ چاڙهڻ ۾ آساني ٿي. هن پهرئين گودي جو نالو سنڌ جي ان وقت جي ڪمشنر ميري ويدر جي نالي "ميري ويدر برٿ" رکيو ويو. بمبئي ليجسليٽيو ڪائونسل 1886ع ۾ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ايڪٽ نمبر 6 مجريا 1886ع پاس ڪيو. هن ايڪٽ تحت هاربر بورڊ کي ختم ڪري ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو قيام عمل ۾ آندو ويو. جنهن سان مقامي ماڻهن ۽ واپارين جو بندرگاهه جي انتظامن ۽ ٽيڪسن سان سڌو سنئون تعلق جڙيو. شروع ۾ ٽرسٽ جي ميمبرن جو انگ 9 هو. جنهن مان پنج حڪومت پاران نامزد ڪيا ويندا هئا.

جڏهن تہ هن جو اڳواڻ ڪليڪٽر ڪراچي هوندو هو. جيڪو حڪومت جي نامزدگي وارن ميمبرن ۾ شامل هو. ميمبرن کي ٽرسٽيز چيو ويندو هو. عهدن جي مدت بہ سال مقرر ڪيل هئي. باقي چئن ميمبرن جو تعلق ڪراچي چيمبرس آف ڪامرس ۽ ڪراچي ميونسپلٽي سان هوندو هو.

هن وقت بندرگاهہ جي آمدني جو دارومدار ڏيهي ۽ پرڏيهي جهازن کان حاصل ٿيندڙ ٽيڪس ۽ امپورٽ ايڪسپورٽ مان حاصل ٿيندڙ چنگي تي هو. آمدني ۽ خرچ جا تفصيل سال ۾ بہ ڀيرا حڪومت کي پيش ڪيا ويندا هئا. بورڊ آف ٽرسٽيز کي بندرگاهہ تي اڏاوت، ان جي زمين کي ليز ۾ ڏيڻ، ٽيڪس ۽ چنگي جي وصولي جا اختيار حاصل هئا. پورٽ ٽرسٽ کي بندرگاهہ جي ترقي لاءِ حڪومت پاران ساڍا چار في سيڪڙو ساليانو سود ٽن سالن جي واپسي جي بنياد تي قرض بہ ڏنو ويندو هو. عوام پاران بہ قرض سود تي حاصل ڪيا ويندا هئا. جنهن سان بندرگاهہ جي مالي ڏکيائين کي منهن ڏنو ويندو هو. ڪراچي پورٽ ٽرسٽ 1885ع کان 1895ع تائين ٻن وڏيڪ برٿن جي اڏاوت جو ڪم مڪمل ڪيو ۽ اهڙي طرح 1895ع تائين برٿن جو انگ ٽي ٿي ويو. ٽرسٽ پاران واپاري اهميت سان گڏ هن جي فوجي اهميت کان واقف هئا ۽ ڪنهن بہ فوجي حملي کان بچڻ لاءِ بہ قدم کنيا ويا. پورٽ ٽرسٽ نيپئر واري دور کان قائم لائيٽ هائوس کي پهرئين اپريل 1889ع ۾ جديد لائيٽن سان مڪمل ڪيو. جنهن سان جهازن کي بندرگاهہ ۾ داخل ٿيڻ ۾ آساني ٿي.

1900ع ۾ ڪراچي بندر اوير جي سڀ کان وڏيڪ ڪٽڪ گهرائڻ واري، هڪ جديد ۽ مصروف بندرگاهہ بڻجي چڪي هئي. هن جي ترقي سان بندرگاهہ جي فو جي اهميت ۾ واڌارو ٿيو. هن کي فوجي لحاظ سان بہ ترقي ڏني ويئي جنهن جي ڪري 1914ع ۾ پهرئين مهاڀاري لڙائي ۾ اتحادي فوجين ۽ فوجي سامان کي ٻين جنگي محاذن تائين پهچائڻ لاءِ هڪ انتهائي اهم بندرگاهہ جو ڪم ڏنو. اتحادي فوجين کي جنگ ڪٽرائڻ ۾ هن بندرگاهہ اهم ڪردار ادا ڪيو.

1901ع ۾ سمنڊ جي تري مان مٽي صاف ڪرڻ لاءِ صفائي وارا جهاز گهرايا ويا. جهازن جي مرمت لاءِ هڪ گودي جي بہ اڏاوت مڪمل ڪئي ويئي. 1907ع ۾ جائلز نالي وهارف مڪمل ٿي، هن وهارف ۾ ٽي برٿ هئا. 1908ع ۾ سنڌ جي ڪمشنرينگ هسبنڊ نالي وهارب جو منصوبو شروع ڪيو ويو ۽ 1910ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. هن وهارف ۾ برٿن جو تعداد چار هو. 1908ع ۾ ميري ويدر ۽ ارسڪن وهارف جي نئين سر اڏاوت تي ۽ ميري ويدر برٿ کي ميري ويدر وهارف جو نالو ڏنو ويو. جتي برٿن جو انگ چار هو. اهڙي طرح 1910ع تائين ڪراچي بندرگاهہ تي برٿن جو انگ 17 تائين پهچي ويو. جن جي ڪل ڊيگهہ 3600 فٽ هئي. انهن برٿن تي ريلوي لائينن ۽ جديد ڪرينن جي سهولت بہ حاصل هئي. ان وقت بندر گاهہ تي ڪل 90 ڪرينون هونديون هيون. انهن

برٿن سان گڏ سمنڊ ۾ مٽي ۽ گپ جيڪا گڏ ٿي ويندي هئي ان کي صاف ڪرڻ لاءِ پورو سال هلنڊڙ هو. چاڪاڻ ته برٿن کان سمنڊ جي تهه تائين اونهائي 27 فٽ هجڻ لازمي هئي.

1909ع ۾ Bulk Oil Pier جي اڏاوت جو ڪم مڪمل ٿيو. هن کي هڪ پائيپ وسيلي برما شيل آئل ڪمپني ۽ اسٽينڊرڊ آئل ڪمپني جي آئل ٽئنڪرن سان ملايو ويو. 1909ع ۾ بندرگاهه لاءِ وڌيڪ 177 ايڪڙ حاصل ڪئي ويئي. لائيٽ هائوس لاءِ نهايت طاقتور De Opric روشني جو انتظام ڪيو ويو. جنهن سان سمنڊ ۾ 80 ميلن تائين سڀ ڪجهه صاف نظر اچڻ لڳو.

بندرگاهه ۾ ماڪ ڪوئيڙي جي وقت ڏس ڏيڻ لاءِ 1914ع ۾ Light Ship به خريد ڪئي وئي، جنهن کي بندرگاهه کان 5 ميل پري بيهاريو ويو. چينا ڪريڪ ريلوي پل جي اڏاوت 1910ع ۾ شروع ٿي ۽ 1914ع ۾ مڪمل ٿي. ٻن ٽريڪن واري هن پل جي ڪري بندرگاهه کان سامان لاهڻ ۽ چاڙهڻ ۽ ملڪ جي ٻين حصن خاص ڪري پنجاب ۽ سرحد ڏانهن مال نيڻ جي سهولت پيدا ٿي. 1911ع ۾ ڪياماڙي ۽ منهوڙي جي وچ ۾ اچ وڃ جي سهولت لاءِ بوٽ بيسن ناهيو ويو.

ٻي مهاڀاري لڙائي دوران هن بندرگاهه کي انگريزن فوجي اهميت لاءِ استعمال ڪيو. سيپٽمبر 1920ع ۾ بندرگاهه کي واڌاري لاءِ ۽ هن کي وڌيڪ لاڀائتو بنائڻ لاءِ هڪ منصوبو پيش ڪيو ويو. جنهن مطابق بندرگاهه جي اولهه واري پاسي کي صاف ڪري گودين جي اڏاوت جو ڪم شامل هو. پهرئين هن علائقي کي صاف ڪري هتي مٽي پرائي ڪري ريلوي لائين ۽ رستن جو ڪم مڪمل ڪيو ويو. هن منصوبي تحت 1927ع ۾ ويسٽ وهارف جو ڪم مڪمل ٿيو. 1929ع تائين هتي چار برٿ اڏيا ويا. ويڪرا چپرا بنايا ويا ۽ ٻن ٽن گنجائش واريون ڪرينون لڳايون ويون. هن اسڪيم تي 88 لک رپيا خرچ ٿيا. 1936ع تائين وڌيڪ 200 ايڪڙ زمين کي صاف ڪيو ويو.

1941ع م بندرگاهه جي سيني پراٽن شين کي جديد بنايو ويو. 1936ع ۾ ايسٽ وهارف واري علائقي ۾ لڳل سيني ٻاف سان هلنڊڙ ڪرينن جي جاءِ تي بجلي سان هلڻ واريون جديد ڪرينون لڳايون ويون. ڪرينن جي گهٽتائي کي ڏسندي 1942ع ۾ 30 ٽن وزن کڻندڙ، سمنڊ جي پاٽي تي ترندڙ ڪرين حاصل ڪئي ويئي. جنهن کي پهلوان- 2 جو نالو ڏنو ويو. 1944ع ۾ 60 ٽن وزن کڻندڙ هڪ ٻي ترندڙ ڪرين آمريڪا مان گهرائي ويئي. جنهن کي ڪنگ ڪانگ جو نالو ڏنو ويو.

برٿن جي انگ گهٽ هئڻ ڪري جهاز ڪيترا ڏينهن واري جي انتظار ۾ سمنڊ ۾ بيٺا رهندا هئا. تنهن ڪري هن سلسلي ۾ هڪ 900 فٽ ڊگهو برٿ اڏيو ويو. 1943ع ۾ هن کي مڪمل ڪيو ويو ۽ وڌيڪ نوان برٿ اڏيا ويا. 1944ع ۾ ڪراچي بندرگاهه ۾ جهازن کي تيل پهچائڻ لاءِ ٻارنهن برٿ اڏجي چڪا هئا. 1942ع ۾ پوري ايسٽ وهارف کي هڪ پڪي رستي سان ملايو ويو. جنهن سان ٽرڪون آساني سان برٿن تائين اچڻ لڳيون.

ڪراچي بندرگاهہ تي 1942ع ۾ جهازن جي مرمت لاءِ ڏار برتن جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهن برتن کي ويلڊنگ لاءِ بجلي جون لائينون بہ مهيا ڪيون ويون. سپ ان پهرئين جرمن فوجين هٿان نهر سوئيز ۾ تباهہ ٿيندڙ 28000 هزار ٽن وزن واري جهاز ايم. وي جيورجڪ (M.V Georgic) کي آندو ويو. 11 ڊسمبر 1942ع ۾ اهو جهاز ٺهي پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو. 1942ع تائين ڪل 1106 جهازن جي مرمت ڪئي ويئي.

ورهاڱي وقت ڪراچي بندرگاهہ ۾ 28 ملين ٽن سامان سنڀالڻ جي گنجائش موجود هئي. ان وقت ڪياماڙي ۾ چار وهارف ۽ 25 برٿ هئا. جنهن ۾ تيل لاهڻ ۽ پرڻ لاءِ 11 برٿ ۽ مرمت وارا ڇهہ برٿ الڳ هئا. جنهن جو نالو اسٽيمر وهارف آهي. گهٽڻ جهازن جي اچڻ جي صورت ۾ هن کي استعمال ڪيو ويندو آهي. ورهاڱي وقت هن جون 18 گوديون هيون. مقامي ماهيگيرن جي جهازن ۽ ٻيڙين لاءِ بندرگاهہ جي اتر اوڀر پاسي هڪ ويڪرو وهارف پراڻي بندر (جونا بندر) نالي موجود آهي. جنهن جي پليٽ فارم جي لمبائي 2000 فٽ آهي. ڪياماڙي تي لهندڙ سيئي سامان امپورٽ يارڊ ۾ رکيو ويندو آهي. هن يارڊ جا 12 ڇپرا (Sheeds) آهن. بندرگاهہ ۾ هن وقت 20 ڪان مٿي گشتي ڪرينون بہ موجود آهن. ڪراچي بندرگاهہ هاڻي هڪ ڏيهان ڏيهي بندرگاهہ بنجي چڪو آهي. ماهيگيرن جي چند سئون ٻيڙين وارو هي بندرگاهہ هاڻي انهن جو نہ رهيو آهي. 70ع واري ڏهاڪي تي بندرگاهہ تي ڪم ڪندڙن گهٽائي سنڌين ۽ بلوچن جي هئي. جنهن ۾ 60 سيڪڙو لياري جا بلوچ هوندا هئا ۽ هن وقت بندرگاهہ تي 75 سيڪڙو پٺاڻ ۽ پنجابي مزدور آهن.

70ع واري ڏهاڪي ۾ اسٽيل مل جي ڪري هن کي ويجهو ڪراچي ۾ هڪ ٻيو بندر ”بن قاسم“ نالي پپري واري علائقي ۾ جوڙيو ويو. جيڪو جديد پورٽ آهي. جهازن کي بندرگاهہ تائين پهچڻ ۾ ڦٽي ڪريڪ ۾ ڪليل سمنڊ کان بندرگاهہ تائين هڪ چينل ٺاهيو ويو تہ جيئن جهاز سولائي سان بندرگاهہ تائين پهچي سگهي. اسٽيل مل جي ٻاهران گهرائڻ ۽ ٻاهر موڪلڻ واري سامان جو گهڻو وسيلو بن قاسم بندر تي آهي. بندرگاهہ کان اسٽيل مل تائين ريل سروس ڪانسواءِ هڪ خود ڪار چين لڳل آهي جنهن سان اسٽيل مل کان بندرگاهہ ۽ بندرگاهہ کان اسٽيل مل تائين سامان آساني سان پهچي سگهي ٿو.

فليگ اسٽاف هائوس:

هي فوجي رهڻ واري جاءِ هجڻ ڪري هن جو نالو فليگ اسٽاف هائوس رکيو ويو هو. شروع ۾ هن ۾ جنرل ڊگلس گريسي جيڪو سنڌ جو ڪمانڊنگ آفيسر هو رهندو هو. هي خوبصورت پٿر واري جاءِ 1865ع ۾ اڏي ويئي هئي. جنهن جو ڊيزائين هڪ يورپي انجنيئر ”مون ڪيرف“ تيار ڪيو هو. ورهاڱي کان اڳ اها جاءِ ڪراچي جي مشهور شخصيت سهراب ڪٽڙڪ جيڪو ڪراچي

ميونسپلٽي جو ميئر بہ رهي چڪو آهي، خريد ڪئي هئي. ورهاڱي ڪانپوءِ محمد علي جناح بہ ان ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي. هي اڄ بہ ڪراچي جي خوبصورت جاين مان هڪ آهي.

سنڌ ڪلب بلڊنگ:

جوڌپور جنگشاهي جي پٿرن سان ٺهيل هن جاءِ جي پيڙهہ جو پٿر 1845ع ۾ چارلس نيپئر رکيو هو. هي بہ ماڙ جاءِ يورپي اڏاوت جي طرز جي خوبصورت جاءِ آهي. ورهاڱي ڪانپوءِ 1960ع تائين فقط انگريز هن ڪلب جا ميمبر ٿي سگهندا هئا. اها جاءِ هوٽل ميٽروپول ۽ فريئر هال جي وچ ۾ اڃا انهيءَ حالت ۾ موجود آهي.

**هندو جيم خانو:**

انگريزن جي دور ۾ ٺهندڙ هي جاءِ 1925ع ۾ ڪراچي شهر جي هڪ شخص رام گوپالداس گورڌن داس موهتا جوڙائي هئي. اها ڪراچي جي پهرئين جاءِ آهي جيڪا هندستاني اڏاوت جي فن سان تعلق رکندڙ آهي. هن جي اڏاوت ۾ جوڌپور جو پٿر استعمال ڪيو ويو آهي.



سنڌ ڪلب جنهن جي پيڙهہ جو پٿر 1845ع ۾ سرچارلس نيپئر رکيو

****سنڌ ڪلب جنهن جي پيڙهہ جو پٿر 1845ع ۾ سرچارلس نيپئر رکيو**

**وڪٽوريا ميوزيم بلڊنگ:**

يورپي طرز اڏاوت جي هن شاهڪار جي اڏاوت 1887ع ۾ شروع ٿي ۽ 1892ع ۾ مڪمل ٿي، هن جي پيڙهہ جو پٿر ڊيوڪ آف ڪناٽ رکيو هو. هن جو افتتاح 21 مئي 1892ع ۾ ٿيو. هي هاڻوڪي پاڪستان وارن علائقن ۾ تعمير ٿيندڙ پهريون ميوزيم آهي. ورهاڱي ڪانپوءِ هن کي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي حوالي ڪيو ويو.

**ڪاٽن ايڪسچينج بلڊنگ:**

اها هڪ گنبذ واري خوبصورت ۽ وڏي جاءِ آ ءِ. آءِ چندريگر روڊ (ميڪلوڊ روڊ) سٽي ريلوي اسٽيشن جي سامهون آهي. هن جاءِ جي پيڙهه جو پٿر ڪاٽن ايڪسچينج جي ان وقت جي صدر ليلا رام تلوڪ چند 14 ڊسمبر 1938ع تي رکيو هو ۽ افتتاح 13 مئي 1940ع ۾ نريجن پرساد ڪيو هو. جيڪو ان وقت ڪاٽن ايڪسچينج جو صدر هو.

**هوپ لاج:**

انگريزن جي دور ۾ يورپي اڏاوت واري طرز تي ٺهيل اها ٻي جاءِ هئي. هن جاءِ جي پيڙهه جو پٿر 6 سيپٽمبر 1845ع تي چارلس نيپئر رکيو ۽ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ 24 مئي 1846ع ۾ چارلس نيپئر ئي ان جو افتتاح ڪيو. هي ڏيهان ڏيهي تحريڪ فري مسين جي سرگرمين جي جاءِ هئي. جتي ثقافتي پروگرام ٿيندا هئا. ڪراچي جا ان وقت جا مسلمان، هندو، عيسائي ۽ يهودي هن تحريڪ جا ميمبر هئا. اها دل کي وڻندڙ عمارت اڄ به ڪراچي پريس ڪلب جي سامهون گذرندڙ گهٽي جيڪا مولانا دين محمد وفائي روڊ سان ملي ٿي سامهون موجود آهي. هن وقت هتي سنڌ حڪومت جي وائلڊ لائيف کاتي جا دفتر آهن.

**گورنر هائوس:**

انگريزن جي دور ۾ ٺهندڙ ڪراچي ۾ اها پهرئين وڏي جاءِ هئي، جيڪا 1845ع ۾ نهي راس تي ۽ هن وقت اها جاءِ سنڌ جي پهرئين گورنر سرچارلس نيپئر پنهنجي رهڻ لاءِ ٺاهي هئي. 1847ع ۾ انگريز حڪومت اها خوبصورت جاءِ جنهن جي چوديواري هن وقت به خوبصورت باغ، لان ۽ گلڪاري هوندي هئي. چارلس نيپئر کان 48000 هزار رپين ۾ خريد ڪئي. سرڪار هن کي سنڌ جي گورنر جي سرڪاري رهڻ واري جاءِ طور مخصوص ڪري ڇڏيو. جڏهن سنڌ کي بمبئيءَ سان ملايو ويو ۽ سنڌ تي ڪمشنر مقرر ڪيا ويا ته سنڌ جي سيني ڪمشنرن هتي رهائش اختيار ڪئي هئي. ورهاڱي ڪانپوءِ قائداعظم به پاڪستان جي گورنر جنرل جي حيثيت سان هتي رهائش اختيار ڪئي هئي. اها دل کي وڻندڙ جاءِ انهيءَ حالت ۾ اڄ به موجود آهي.

**ميري ويدر ٽاور:**

انهيءَ ٽاور جي ڪري بندر روڊ ۽ ميڪلو روڊ ۽ آءِ. آءِ چندريگر روڊ جي ڪياماڙي ڏانهن ميلاپ واري جاءِ ٽاور جي نالي سان مشهور آهي. هاڻي هن ٽاور ڪانپوءِ مائي ڪلاچي باءِ پاس شروع ٿئي

ٿي. هن جي ساڄي هٿ تي ڪاري در وارو علائقو آهي. هي ٽاور سنڌ جي ماڻهن پاران سنڌ جي ڪمشنر ميري ويدر جي بدلي ڪانپوءِ هن جي ياد ۾ نهرايو هو جنهن جي پيڙهه جو پٿر 1884ع ۾ بمبئيءَ جي گورنر جيمز فرگوسن رکيو هو. 1892ع ۾ ان وقت جي سنڌ جي ڪمشنر مسٽر ايوان جيمز هن جو افتتاح ڪيو. هن جي اڏاوت تي 37178 رپيا خرچ آيو. اها پوري رقم ان وقت عوام چندو ڪري گڏ ڪيو هو. هن جي چئني ڪنارن تي راڻي وڪٽوريا جي مورتي اُڪريل آهي ۽ چئني پاسن کان گهڙي لڳل آهن. هن جي ڊيگهه زمين کان 102 فٽ مٿي آهي. ٽاور تي ميري ويدر جو نالو ۽ چئني پاسن کان يهودين جي اهڃاڻ وارو اٺ ڪنڊن وارو تارو بہ اُڪريل آهي. جاءِ تي هيٺان لفظ بہ لکيل آهن.

“Erected by the people of Sind province in the memory of Ex-Commissioner of Sind Mr. William Mereweather”

**سنڌ هاءِ ڪورٽ بلڊنگ:**

هن جاءِ جي اڏاوت 1923ع ۾ شروع ٿي ۽ 22 نومبر 1929ع ۾ بمبئي جي گورنر سر فريڊريڪ هن جو افتتاح ڪيو. رومن طرز تي نهيل هن جاءِ تي 30 لک رپيا خرچ آيو. هن جاءِ ۾ سنڌ اسيمبلي جي جاءِ نهڻ تائين اسيمبلي جا اجلاس هتي ٿيندا هئا. هي اڏاوت جي فن جو هڪ بهترين شاهڪار آهي.

# ڪراچي جي ڳڻپ جي تاريخ تي هڪ نظر

جڏهن سن 1794ع ۾ ميرن ڪراچي کي حاصل ڪيو. ٽالپرن پهرئين فرصت ۾ ڪراچي جي حفاظت لاءِ منهوڙي تي قلعو اڏيو. جيڪو مڪمل فوجي قلعو هو. قلعي جي اڏاوت 1797ع تي مڪمل ٿي. ميرن ٻيو ڪم اهو ڪيو جو پهريون ڀيرو ڪراچي ۾ ڳڻپ ڪرائي. جيڪا 1809ع ۾ ڪرائي ويئي هئي. هنري پوٽنجر مطابق پهرين ڳڻپ مطابق ڪراچي جي ڪل آبادي 6500 ماڻهن تي ٻڌل هئي. جنهن موجب ڪراچي جي آبادي 3000 هزار هئي ۽ ڪوٽ اندر 250 ڪن گهر هئا. ياد رهي ڪراچي جي پسگردائي ۾ قائم منگهو پير، پپري، گهگهر، ابراهيم حيدري، ريڙهي، لانڍي، گڏاپ، ملير ۽ ٻيا علائقا ڪراچي شهر ۾ شامل نہ هئا انهن علائقن جي الڳ سڃاڻپ هئي.

1839ع ۾ ڪيپٽن هارٽ موجب ڪراچي جي آبادي13850 هئي. هارٽ موجب 9000 هزار هندو ۽ 4850 مسلمان ڪراچي ۾ رهن ٿا. هارٽ جي رپورٽ موجب مٽي در کان ٻاهر رهڻ وارن جو انگ 2500 آهي ۽ کاري در کان ٻاهر رهندڙ مهانن جو انگ 1500 آهي.

انگريزن جي قبضي وقت ڪراچي شهر جي آبادي 14 هزار هئي. جنهن ۾ ڪراچي ڪوٽ کان ٻاهر رهندڙ شامل نہ ڪيا ويا هئا. انگريزن قبضي کان پوءِ 1851ع ۾ پوري سنڌ ۾ سرڪاري طور ڳڻپ ڪرائي هئي. جنهن موجب سنڌ جي ڪل آبادي ڏهہ لک ستاسي هزار ست سئو ٻاهٺ 1087762 هئي. ڪراچي جي آبادي 12391 هئي. اها آبادي فقط ڪوٽ جي اندر رهندڙ ماڻهن جي هئي. ڳڻپ ۾ عارضي طور رهائش ڪندڙن کي شامل نہ ڪيو ويو هو. ڪراچي ضلعي جي آبادي 1851ع جي ڳڻپ موجب 1،85،550 هئي ۽ ڳوٺن جو تعداد 1144 هو. 1851ع جي ڳڻپ موجب پوري سنڌ ۾ 7531 ڳوٺ هئا. ياد رهي تنهن زماني ۾ سنڌ جا ٽي ضلعا (ڪلڪٽوريٽ) ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور هئا. ھاٽوڪو ٺٽو ضلعو، بدين ضلعي جو جاتي تعلقو، جامشورو ضلعو ۽ دادو ضلعو ڪراچي ضلعي ۾ شامل هئا. سنڌ ۾ انگريزن ٻي ڳڻپ 1856ع ۾ ڪرائي. جنهن مطابق سنڌ جي آبادي ۾ پنجن سالن ۾ 8 سيڪڙو واڌارو ٿيو. 1856ع جي ڳڻپ موجب سنڌ جي آبادي 17،72،367 هئي ۽ ڪراچي شهر جي آبادي 48،421 هئي جنهن ۾ پهريون ڀيرو ڪوٽ کان ٻاهر واري علائقي کي ڪراچي شهر جي ڳڻپ ۾ شامل ڪيو ويو هو. ڪراچي شهر جي آبادي جي وڌڻ جو هڪ ڪارڻ پورٽ ٽي ۽ شهر ۾ اڏاوتن جي ڪم لاءِ ٻاهر جي مزدورن اچڻ جو هو. واپاري شهر هئڻ ڪري ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ کان خوجن، مارواڙين، پارسين، ميمڻن ۽ ايران کان بلوچن ڪراچي شهر جو رخ ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ انگريزن جي قبضي وقت 33 ايڪڙن تي ڦهليل شهر 1861ع ۾

14 ميلن جي رقبي ۾ ڦهلجي ويو. پوري ننڍي کنڊ ۽ خاص ڪري ايران کان بلوچن جي وڏي انگ مزدوري لاءِ ڪراچي جو رخ ڪيو جيڪي لياري ۾ رهائش پذير ٿيا.

1861ع ۾ انگريزن پوري هندستان ۾ ڳڻپ جو پروگرام رٿيو هو. پر جنگ آزادي ڪري اهو ممڪن نہ ٿي سگهيو . 1872ع ۾ باقاعده ڳڻپ ڪرائي ويئي جنهن مطابق ڪراچي شهر جي آبادي 56،753 هئي. جنهن ۾ 3227 ڪراچي ڇانوڻي جي آبادي بہ شامل هئي. انهيءَ دوران آبادي نہ وڌڻ جا ڪارڻ جنگ آزادي جي تحريڪ هئي. جنگ جي ڪري ماڻهن ڪراچي شهر ڏانهن رخ گهٽ ڪيو.

1881ع جي ڳڻپ موجب ڪراچي جي آبادي ڇانوڻي سميت 73،560 هئي. جنهن ۾ مسلمان 38،946، هندو 24617، عيسائي 4161، پارسي 937 ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو 4899 هئا.

1891ع جي ڳڻپ موجب ڪراچي شهر جي آبادي 10،5199 هئي. جنهن ۾ هندو 44503، مسلمان 52957، عيسائي 5986، پارسي 1375 ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو فقط 378 هئا. 1881ع جي ڳڻپ موجب ٻين مذهبن جا ماڻهو 4899 هئا ۽ ڏهن سالن ۾ انهيءَ گهٽتائي جو سبب نہ ڄاڻايو ويو آهي.

لڳي ائين ٿو تہ ٻهائي مذهب جا ماڻهو جيڪي انگريزن جي قبضي کانپوءِ وڏي تعداد ۾ ڪراچي ۾ رهندا هئا. اهي واپار ۽ پنهنجي مذهبي اڪثريت ڏانهن هندستان ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا. ان ڳڻپ ۾ ڪراچي جا جيڪي علائقا شامل هئا، انهن ۾ بندرگاهہ، مڇي مياڻ، مارڪيٽ، ڪڏو، پريڊي، گاڏي کاتو، رامسوامي، لياري، رنڇوڙ لائين، فريئر ٽائون، گسري، ڪلفٽن، بندرگاهہ، سول لائنز، ريلوي ڪوارٽرز، بابا ٻيٽ ۽ شمس پير جا ٻيٽ، سرائي، گارڊن، سولجر بازار، جيل وارو علائقو، منهوڙو، ڪياماڙي، رام باغ، پراڻو شهر، نيپئر ڪوارٽرز، صدر ۽ بهشتي واڙو شامل هئا. ياد رهي ان ڳڻپ ۾ ڪراچي ضلعي جا علائقا جنهن ۾ هاڙوڪي ڪراچي ڀهراڙيءَ وارا علائقا شامل هئا ڳڻپ ۾ شامل نہ هئا انهن جي آبادي ڪراچي ضلعي ۾ شامل ڪئي ويئي هئي.

1901ع جي ڳڻپ موجب ڪراچي شهر جي آبادي 1،36،297 هئي. جنهن ۾ ڪراچي جي هاڙوڪي ڀهراڙي وارو علائقو، شامل نہ هو. 1911ع جي ڳڻپ موجب ڪراچي شهر جي آبادي هڪ لک 86 هزار 7 سئو 71 هئي ۽ ڪراچي ضلعي جي آبادي جنهن ۾ ڪراچي جي هاڙوڪي ڀهراڙيءَ وارو علائقو، هاڙوڪي ضلعي ٺٽي- ڪوٽڙي تعلقو، ڄاتي تعلقو ۽ محال ڪوهستان وارا علائقا شامل هئا. جنهن جي آبادي بہ لک 18 هزار 7 سئو 93 هئي.

1921ع جي ڳڻپ موجب ڪراچي شهر جي آبادي بہ لک 44 هزار هڪ سئو ٻيانوي ۽ ڪراچي ضلعي جي آبادي بہ لک 46 هزار 8 سئو 31 هئي. 1911ع کان 1921ع تائين ڪراچي شهر جي آباديءَ ۾ 30 سيڪڙو واڌ ٿي.

1931ع جي ڳڻپ موجب ڪراچي شهر جي آبادي تي لک 7 سئو 79 هئي ۽ ڪراچي ضلعي جي آبادي ۾ لک 80 هزار 8 سئو هئي. جڏهن ڪراچي ضلعي جو ذڪر اچي ته ان ۾ هاڻوڪو ڪراچي ڀهراڙيءَ وارو علائقو گابو پٽ، ماڙي پور، منگهو پير، اورنگي، جيل ڪان مٿيون حصو گلشن اقبال، لالو کيت، ملير ڪئنٽ، ملير، ابراهيم حيدري، ريڙهي، پپري، لانڍي، شرافي، گڏاپ، سونگل، گهگهر، ايئرپورٽ، ملير شهري علائقي ڪانسواءِ هاڻوڪو ٺٽو ضلعو، ڄامشوري ضلعي جا محال ڪوهستان، ڄاتي تعلقو ۽ ڪوٽڙي تعلقي وارا علائقا سمجهڻ گهرجن.

1941ع واري سرڪاري ڳڻپ موجب ڪراچي شهر جي آبادي 3،86،655 هئي. 1931ع ڪان 1941ع واري ڏهاڪي دوران ڪراچي جي آبادي ۾ 44.9 سيڪڙو واڌ ٿي. ڪراچي جي آبادي 1941ع واري ڳڻپ موجب مذهبن جو سيڪڙو ڪجهه هن ريت هو. هندو 49.8 سيڪڙو، مسلمان 40.2 سيڪڙو عيسائي 4.5 سيڪڙو، پارسي 1.0 سيڪڙو، سک 1.5 سيڪڙو، يهودي 0.3 سيڪڙو، جين 0.8 سيڪڙو، ٻهائي ۽ ٻيا 1.9 سيڪڙو هئا. ڏنو وڃي ته سک جن جو تعلق ٻه هندو مذهب سان آهي اهڙي طرح 1941ع جي ڳڻپ ۾ ڪراچي شهر ۾ هندوئن جو تناسب 51.3 سيڪڙو هو. 1911ع ڪان 1941ع تائين ڳڻپ جي انگن اکرن تي مذهبن جي تناسب سان نظر وجهنداسين ته سک ۽ جين مذهب جو ڪو ٻه ماڻهو ڪراچي ۾ نه هو. ڳڻپ ۾ عارضي رهندڙن کي شامل نه ڪيو ويندو هو. انهن کي ڌار ڳڻپ ڪري ريڪارڊ ۾ رکيو ويندو هو.

ورهاڱي وقت ڪراچي جي آبادي 4 لک 36 هزار 8 سئو 87 هئي ۽ شهر جي پکيڙ 233 چورس ڪلو ميٽر هئي. ورهاڱي وقت 20 هزار عيسائي ڪراچي ۾ هئا. جيڪي صدر، گارڊن ۽ سولجر بازار جي علائقن ۾ آباد هئا. ورهاڱي وقت سنڌي ڳالهائڻ وارن جو ريشو 61.2 سيڪڙو، ڇاڪاڻ ته هندو جيڪي سنڌي ڳالهائيندا هئا. ورهاڱي وقت هي شهر ڇڏي چڪا هئا. اردو ۽ هندي ڳالهائڻ وارن جو ريشو 6.3 هو.

1930ع ڪان اڳ ۾ ڪو ٻه ملباري ڪراچي ۾ نه هو. سڀ ڪان اڳ جيڪو ملباري ڪراچي ۾ آيو. تنهن جو نالو حاجي عبدالرحمان هو.

ڪراچي جي سرزمين تي قدم رکڻ واري پهرئين پارسي جو نالو مانڪ جي هو، جيڪو ٺيڪيدار هو. انگريزن سان گڏ ممبئيءَ ڪان ڪراچي آيو هو ۽ ڪراچي ۾ قتل ٿيو. بعد ۾ واپار جي سلسلي ۾ گهڻا پارسي ممبئيءَ ۽ سورت ڪان ڪراچي ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ڪراچي جي ترقي ۾ خوب حصو ورتائون. 1951ع ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ ڪراچي جي آبادي 4 لک 36 هزار 8 سئو مان وڌي، 10 لک 86 هزار 590 تائين پهچي ويئي. ياد رهي ورهاڱي وقت ڪراچي جي اڌ آبادي هندوئن تي ٻڌل هئي جن مان 2 لک هندو لڏي هندستان ويا. اهڙي طرح 2 لک 36 هزار جي آبادي ۾ 1951ع ۾ فقط ڇئن

سالن ۾ انن لکن جو واڌارو ٿيو. جنهن جو ڪارڻ وڏي تعداد ۾ هندستان مان مسلمان لڏي هتي آيا. هندستان مان آيل پناهه گيرن جي ڪٽڪن ڪري آباديءَ ۾ تيزي سان واڌارو ٿيندو ويو.

| مذهبن جو نالو | سال 1911 ع | سال 1921 ع | سال 1931 ع | سال 1941 ع |
|---|---|---|---|---|
| هندو | 43.0% | 46.4 % | 45.7 % | 49.8 % |
| مسلمان | 49% | 46.3% | 46.6% | 40.2% |
| عيسائي | 2.5% | 4.4% | 4.9% | 4.5% |
| پارسي | 0.2% | 1.3% | 1.3% | 1.0% |
| سک | - | 0.7% | 0.8% | 1.5% |
| جين | - | 0.5% | 0.3% | 0.8% |
| يهودي | 0.3% | 0.3% | 0.3% | 0.3% |
| بهائي ۽ ٻيا | 5.% | 0.1% | 0.1% | 1.9% |

ورهاڱي وقت 233 چورس ڪلوميٽرن جو هي شهر 1959ع ۾ 3000 هزار چورس ڪلوميٽرن تي پکڙجي ويو. ننڍي ڪنڊ جو سڀ کان صاف سٿرو شهر هوندو هو. ورهاڱي ڪانپوءِ لڏپلاڻ جي غير فطري واڌ ڪري هي شهر ننڍي ڪنڊ جي گندن شهرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. رهائشي مسئلي سنگين صورت اختيار ڪئي هر پاسي بي ترتيب ڪچيون آباديون قائم ٿينديون ويون. پناهه گيرن جي آباد ڪاري لاءِ باقاعدي هڪ ادارو 1950ع ۾ ڪراچي امپرومينٽ ٽرسٽ نالي قائم ڪيو ويو جنهن کي بعد ۾ 1957ع ۾ ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي (KDA) ۾ ضم ڪيو ويو. ان اداري ڪراچي جي ترقي ۾ گهٽ پر مقامي ماڻهن جي ڳوٺن، زرعي زمينن ۽ چراهه گاهن کي تباهي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو سلسلو 1950ع کان اڄ 2007ع تائين جاري آهي. مختلف اسڪيمن جي نالي ڪراچي جي اصلي ماڻهن جي زمينن تي لڪين غير مقامي ۽ پرڏيهي ماڻهن کي آباد ڪرڻ ۾ هن اداري مالڪن جي منشا مطابق پنهنجو ڪردار خوب ادا ڪيو. جنهن جي هڪ الڳ تاريخ آهي.

1961ع ۾ ڪراچي جي آبادي 20 لک 44 هزار تي ۽ فقط ڏهن سالن ۾ آبادي ۾ 50 سيڪڙو واڌارو ٿيو. اهو سڀ ڪجهه هندستان کان آيل پناهه گيرن جن کي عرف عام ۾ مهاجر چيو ويندو آهي جي لڏپلاڻ ڪري ٿيو ۽ لڏپلاڻ جي اها غير فطري واڌ مختلف صورتن ۾ اڄ به جاري آهي.

1972ع ۾ ڪراچي جي آبادي ۾ 15 لکن جو واڌارو ٿيو. ان جي آبادي 35 لک 89 هزار 933 سئو تي. هن واڌ جا ٻه سبب هئا، هڪ بنگلاديش مان آيل بهارين جي لوڌ، جن جي ڪري ايشيا جي سڀ کان وڏي ڪچي آبادي هتي نهي ويئي. ٻيو سبب ون يونٽ جي دوران سرحد ۽ پنجاب مان آيل ماڻهن جي ڪري ڪراچي جي آبادي ۾ واڌارو ٿيو. خاص ڪري سرحد مان پناڻ، ايوب خان جي دور ۾

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ اچي آباد ٿيا. 1951ع ۽ 1972ع جي وچ ۾ ڪراچي جي آبادي ۾ 217 سيڪڙو واڌارو ٿيو.

1981ع واري ڳڻپ موجب ڪراچي جي آبادي 53 لک 35 هزار ٿي. 1991ع ۾ ٿيل ڳڻپ کي رد ڪيو ويو ڇاڪاڻ ته سنڌ جي اها حقيقي ڳڻپ حڪمرانن جي منشا موجب نه هئي. 1998ع ۾ فوج جي نگراني ۾ پوري ملڪ ۾ ڳڻپ ڪرائي وئي ۽ حڪمرانن پنهنجي مطلب جا انگ اکر حاصل ڪري ورتا. 1998ع ۾ جيڪا ڳڻپ ڪرائي ويئي ان مطابق ڪراچي ڊويزن جي آبادي 98،02،134 آهي. هن وقت ڪراچي ڊويزن جا پنج ضلعا هئا. جن جي آبادي هيٺين ريت رهي.

ضلعو ڏکڻ 17،24،915

ضلعو سينٽرل 2239098

ضلعو اوڀر 27،16،789

ضلعو اولهه 20،80،303

ضلعو ملير 10،41،412

(سرڪاري آدمشماري جي هڪ ڪتاب ۾ ملير ضلعي جي آبادي 981412 ڏنل آهي.)

ڪراچي جي ٻهراڙي جيڪا ضلعي ڪائونسل تي ٻڌل هئي. جنهن ۾ ضلعي ملير ۽ ضلعي ڪراچي اولهه جي ٻهراڙيءَ جا علائقا شامل هئا. آبادي 5،32،869 هئي. 1998ع واري ڳڻپ ۾ حڪومت جي انگن اکرن مطابق ڪراچي ۾ 35 لک غير ملڪي رهن ٿا. جيڪي ڳڻپ ۾ شامل نه ڪيا ويا آهن. جن ۾ گهڻو ڪري هندستاني، افغاني ۽ بنگالي آهن. غير سرڪاري اندازي موجب ڪراچي ۾ پرڏيهين جو تعداد 50 لکن کان مٿي آهي.

اسي واري ڏهاڪي ۾ افغانستان جي جنگ وقت لکن جي تعداد ۾ افغانين ڪراچي جو رخ ڪيو. هڪ اندازي مطابق هڪ لک کان مٿي افغاني شناختي ڪارڊ ناهي هميشه لاءِ ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪري چڪا آهن ۽ ڪراچي جي لوڪل گورنمينٽ جي چونڊن ۾ مختلف ٽائونن ۾ 12 کان مٿي افغاني ميمبر طور چونڊجي آيا آهن.

سيپٽمبر 2004ع ۾ سنڌ اسيمبلي پنهنجي هڪ اجلاس ۾ هڪ نهراءُ جيڪو متحده قومي موومينٽ پيش ڪيو. متحده مجلس عمل ۽ مسلم ليگ (ق) جي سنڌي ميمبرن پاران هن رٺ جي حمايت ڪئي هئي. جنهن موجب ڌارين کي شناختي ڪارڊ نهرائڻ جي اجازت ڏني وئي هئي. پيپلز پارٽي جو ڪوبہ ميمبر ايوان ۾ موجود نه هو. ڇاڪاڻ ته اهي اليڪشن ورڪ ۾ مصروف هئا. ٻئي ڏينهن ٿر ۾ اليڪشن ٿيڻي هئي. جنهن ۾ هاڻوڪي وزيراعظم شوڪت عزيز جو مقابلو جڳديش ملاڻي سان هو.

هن رٽ جي پاس ٿيڻ ڪانپوءِ ايم ڪيو ايم جي اسيمبلي ميمبرن مختلف بنگالي ۽ بهاري وسندين ۾ انهن غير قانوني ماڻهن جي مدد لاءِ ڪئمپون قائم ڪيون. انهن ڪئمپن ۾ چونڊيل اسيمبلي ميمبرن وڏي تعداد ۾ شناختي ڪارڊ فارم ورهائي ڏنا.

تاريخ 04-09-20 جي اخباري رپورٽن موجب وانا ۾ ٿيندڙ آپريشن جي نتيجي ۾ 700 خاندان لڏي ڪراچي آيا آهن. ڏکڻ ۽ اتر وزيرستان ۽ بلوچستان ۾ فوجي آپريشن ڪري ڊيرا بگٽي ۽ ڪوهلو مان ماڻهن جي لڏپلاڻ جاري آهي. هو سنڌ ۾ مختلف شهرن سان گڏ ڪراچي ۾ به اچي آباد ٿي رهيا آهن.

جڏهن ڪوکرو پار موٽا بائو ريل سروس شروع ٿي ته سنڌ جي سيني ساڃهه وند ماڻهن اعتراض ڪيو ته هن سان هندستان کان ايندڙ غير قانوني ماڻهو ايندا. پر انهن جي هڪ به نه ٻڌي ويئي. 2006ع ۾ حڪومت جي رپورٽن موجب انهيءَ ريل سروس وسيلي هندستان کان ڪراچي ايندڙ 400 ماڻهو ڪراچي ۾ رهي پيا آهن ۽ اُهي واپس نه ويا آهن. ورهاڱي وقت جنهن شهر جي آبادي 4 لک 36 هزار هئي. فقط 59 سالن ۾ انهيءَ شهر جي آبادي ۾ ڏيڍ ڪروڙ ماڻهن جو واڌارو ٿيو آهي.

12 آڪٽوبر 1999ع تي جڏهن نواز شريف جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري جمهوريت تي ڌاڙو هنيو ويو ۽ نظريہ ضرورت تحت جنرل پرويز مشرف ملڪ جون واڳون سنڀاليون ته ملڪ ۾ نئين ٽن سطحن واري لوڪل گورنمينٽ نظام جو اعلان ڪيو ويو. 1- يونين ڪائونسل 2- ٽائون-تحصيل- تعلقا ڪائونسل 3 ضلعي حڪومت. جنهن لاءِ چيئرمين ۽ نائب چيئرمين جي بجاءِ ناظم جو لفظ متعارف ڪرائي نواڻ جي ڳالهه ڪئي وئي. ان نظام تحت سواءِ ڇانوڻين وارن علائقن جي پوري ملڪ ۾ جولاءِ 2001ع تي يونين ڪائونسلن ۽ آگسٽ 2001ع تي ضلعن ۾ چونڊون ڪرايون ويون.

نئين نظام ۾ سڀ کان وڏيڪ نقصان ڪراچي واسين کي ٿيو. جتي پنجن ضلعن کي ختم ڪري ڪراچي کي هڪ ضلعي جو درجو ڏنو ويو. ڪراچي کي 178 يونين ڪائونسلن ۽ 18 ٽائونن ۾ ورهايو ويو. پوري ملڪ ۾ آبادي وڌڻ ڪري نوان ضلعا ناهيا پيا وڃن. ٻئي پاسي ڪراچي ۾ قائم ضلعن کي ختم ڪري پوري ڪراچي جي ڏيڍ ڪروڙ آبادي تي هڪ ضلعو قائم ڪيو ويو آهي.

نئين لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001ع تحت ڪراچي کي 18 ٽائونن ۾ ورهايو ويو جن جا نالا ۽ آبادي هيٺين ريت آهن. ياد رهي ته اهي انگ 1998ع جي ڳڻپ مطابق آهن هن وقت ڪراچي جي آبادي هڪ ڪروڙ 60 لک آهي. جنهن ۾ غير ملڪي به شامل آهن.

| ٽائون جو نالو | آبادي | يونين ڪائونسل جو تعداد |
|---|---|---|
| ڪياماڙي ٽائون | 3،83،378 | 08 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| سائيٽ ٽائون | 4،67،560 | 09 | |
| بلديا ٽائون | 4،06،165 | 08 | |
| اورنگي ٽائون | 7،23،694 | 13 | |
| لياري ٽائون | 6،07،992 | 11 | |
| صدر ٽائون | 6،16،151 | 11 | |
| جمشيد ٽائون | 7،33،821 | 13 | |
| گلشن اقبال ٽائون | 6،25،230 | 13 | |
| شاهه فيصل ٽائون | 823،35،3 | 07 | |
| لانڍي ٽائون | 6،66،748 | 12 | |
| ڪورنگي ٽائون | 5،46،504 | 09 | |
| نارٿ ناظم آباد ٽائون | 4،96،194 | 10 | |
| نيو ڪراچي ٽائون | 6،84،183 | 13 | |
| گلبرگ ٽائون | 4،53،490 | 08 | |
| لياقت آباد ٽائون | 6،49،019 | 11 | |
| ملير ٽائون | 3،98،291 | 07 | |
| بن قاسم ٽائون | 3،18،083 | 07 | |
| گڏاپ ٽائون | 89،564،2 | 08 | |

هن ۾ ڪلفٽن ڪئنٽ، مهوڙا ڪئنٽ، ڪورنگي ڪئنٽ، مسرور بيس، سي او ڊي وارا علائقا شامل نہ آهن ۽ نہ ئي 2001ع کان 2006ع تائين ڇانوٽين وارن علائقن ۾ بلدياتي چونڊون ڪرايون ويون آهن. ڪراچي ۾ قائم ڇانوٽين ۾ 1998ع جي ڳڻپ موجب چار لک 244 ماڻهو رهن ٿا. اهو تعداد حاضر سروس فوجين کانسواءِ آهي.

1981ع جي ڳڻپ مطابق ڪراچي جي آبادي 54 لک 37 هزار هئي. جيڪا وڌي 1998ع جي سرڪاري انگن اکرن موجب 98 لک ہ هزار ٿي آهي. ڪراچي جي ڀهراڙيءَ جو تناسب هن ۾ 5.25 سيڪڙو آهي.

1998ع ۾ ڪراچي ۾ عورتن جو سيڪڙو 47.17 آهي.

1981ع کان 1998ع جي ڳڻپ جي وچ ۾ ڪراچي جي آبادي ۾ 81.24 سيڪڙو واڌارو ٿيو آهي.

ڳڻپ جي انگ اکرن موجب ڪراچي ۾ پڙهيل جو تناسب هن ريت آهي.

1981ع    1998ع

| | | |
|---|---|---|
| ٽوٽل آبادي ۾ پڙهندڙن جو ريشو | 55.04 سيڪڙو | 67.42 سيڪڙو |
| مردن ۾ پڙهندڙن جو ريشو | 60.01 سيڪڙو | 71.17 سيڪڙو |
| عورتن ۾ پڙهندڙن جو ريشو | 48.84 سيڪڙو | 62.88 سيڪڙو |

رهائشي يونٽن جو ڳاڻيٽو 1981ع جي ڳڻپ ۾ 8 لک 58 هزار هو. جيڪو 1998ع ۾ وڌي 14 لک 57 هزار تي آهي.

ڪراچي ۾ رهندڙ مختلف ٻولين ڳالهائيندڙن جو ريشو 1998ع جي ڳڻپ موجب هيٺين ريت آهي.

| | |
|---|---|
| اردو ڳالهائڻ وارن جو ريشو | 54.00 سيڪڙو |
| پنجابي ڳالهائڻ وارن جو ريشو | 13.64 سيڪڙو |
| سنڌي ڳالهائڻ وارن جو ريشو | 6.29 سيڪڙو |
| پشتو ڳالهائڻ وارن جو ريشو | 8.71 سيڪڙو |
| بلوچي ڳالهائڻ وارن جو ريشو | 4.40 سيڪڙو |
| سرائيڪي ڳالهائڻ وارن جو ريشو | 0.36 سيڪڙو |
| ٻين ٻولين ڳالهائڻ وارا | 12.30 سيڪڙو |

ياد رهي شهر ۾ رهندڙ ميمڻ، گجراتين ۽ ڪاٺياواڙين کي اردو ڳالهائڻ واري خاني ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

بي ترتيب ۽ غير فطري وڌندڙ آبادي جي ڪري ڪراچي مسئلن جو شهر بڻجي چڪو آهي. ٽرانسپورٽ، گندي پاڻيءَ جي نيڪالي، روڊ، پاڻي، بجلي، صحت، صفائي مطلب ته ڪو به مسئلو حل ٿيندي نظر نٿو اچي. پلاننگ نه هئڻ ڪري هي شهر ماڻهن جو جهنگ نظر ٿو اچي. هڪ اندازي موجب ڪراچي شهر ۾ ٽي هزار ماڻهو في چورس ڪلو ميٽرن ۾ رهي ٿو.

ڪراچي ۾ 6 هزار ايڪڙن تي موجود 500 ڪچيون آباديون آهن. وڏي ڪچي آبادي اورنگي ۾ آهي. جتي 1972ع کانپوءِ آيل بهارين کي وسايو ويو آهي. جنهن ۾ هڪ اندازي موجب 96 هزار گهر اڏيل آهن. جتي 13 لک ماڻهو رهن ٿا. ڪراچي جي 46 سيڪڙو آبادي ڪچي آبادين ۾ رهائش پذير آهي. انهن بي ترتيب ۽ مسئلن جي شڪار بڻيل ڪچين آبادين ۾ گهڻو ڪري بنگالي، افغاني، پنجابي، پناڻ ۽ ڪجهه ڪچي آباديون اندورن سنڌ کان روزگار سانگي لڏي آيل سنڌين جون به آهن. هڪ اندازي موجب ڪراچي ضلعي ۾ ٽن هزارن کان مٿي قديم ڳوٺ آهن. جيڪي هر بنيادي سهولت کان وانجهيل آهن. ڪچين آبادين ۽ ڳوٺن ۾ ملير، لياري ۽ ساحلي علائقن ۾ هڪ منظم سازش تحت چرس، هيروئن، آفيم جي وبا پکيڙي وئي آهي. بيروزگاري، گندگي ۽ منشيات جي

ڪري اهي ماڻهو انيڪ بيمارين ۾ ورتل آهن. سماجي ڏارا ڪان اهي ماڻهو ڪٽجي ڏوهن جي دنيا ڏانهن وڌي رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ هن شهر تي امن امان جي صورت تي حڪومت جو ڪنٽرول نظر نٿو اچي. هي دنيا جو واحد شهر آهي. جتي پرڏيهي جي اچڻ تي ڪا بندش نه آهي. دنيا جي سيني ملڪن جا هزارين پرڏيهي غير قانوني طور تي رهائش پذير آهن. دنيا جي هر دهشتگرد تنظيم ۽ ڳجهي ايجنسين جو نيٽ ورڪ ڪراچي شهر ۾ موجود آهي، جنهن تي ڪا به جهل پل نه آهي. اهي ڪلي عام پنهنجي ڌنڌي ۾ مصروف آهن. حڪومتي ادارن ڪي پنهنجي منٿلي سان ڪم آهي. هڪ اندازي مطابق انهيءَ غير قانوني ڪمن ڪانسواءِ مختلف سياسي، سماجي ۽ لساني گروپ ڪراچي شهر مان پنج ارب رپين ڪان مٿي ماهوار ڀتو وصول ڪري رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ هر غير قانوني ڪم هتي ٿي رهيو آهي.

سنڌ جي سيني ساڃهه وند سياسي، ادبي ۽ سماجي حلقن ڪي ڪراچي شهر جي وڌندڙ آبادي ۽ ڪراچي ۾ قائم ادارن پاران سنڌ ۾ اصلوڪن رهندڙن خلاف جيڪي سازشون تيار ڪيون پيون وڃن هن پاسي سنجيدگي سان ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. سڀ ڪان پهرئين سياسي بنيادن تي تقسيم ڪي ختم ڪري ڪراچي بچائڻ واري هڪ نقطي تي گڏ ٿيڻ ۽ متحد ٿيڻ جي ضرورت آهي.

# ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾

1636ع ۾ قرطبه (اندلس) ڪي ٻيهر عيسائين هٿ ڪيو ته ڪجهه سالن ڪانپوءِ عيسائين جي پادرين ڪارلوس پنجين کي چيو، ”ڪيٿولڪ اسپانيا وچ ۾ مسجد قرطبه توهين کان گهٽ نه آهي ان کي ڊاهڻ جو حڪم ڏنو وڃي.“ ڪارلوس مسجد قرطبه ڏسڻ بنا اهڙي اجازت ڏيئي ڇڏي. مسجد کي ڊاهي هتي ڪليسا اڏيو ويو ۽ مسجد جو اهو حصو بچي ويو جيڪو ڪليسا جي نقشي ۾ نه هو. ڪارلوس جڏهن ان جي افتتاح لاءِ آيو ته مسجد جي اڏاوت ڏسي ڪليسا جي افتتاح کان انڪار ڪيو ۽ چيو، ”جيڪڏهن مونکي معلوم هجي ها ته توهان ڇا ڪرڻ وارا آهيو ته ان ڳالهه جي ٻنهه اجازت نه ڏيان ها. ڇاڪاڻ ته جيڪو ڪجهه اوهان ناهيو آهي اهو ڪٿي به ناهي سگهجي ٿو ۽ جو ڪجهه اوهان ڊاهيو آهي اهو پوري ڌرتيءَ تي ڪٿي به ڏسي نٿو سگهجي.“ اڏاوت جو اهڙو عظيم ڪارنامو پادرين جي مذهبي ڪٽرپڻي جي ور چڙهي ويو. اهو ڪم مسلمانن به اندلس جي فتح وقت ڪيو هو. جتي گهڻين قديم عبادتگاهن کي ڊاهي انهن کي مسجدن ۾ تبديل ڪيو.

اهو ئي سڀ ڪجهه ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ۾ جاري آهي. خوبصورت جاين، مندرن، تاريخي جاين ۽ قديم آثارن کي ميسارڻ جو عمل هڪ ڏکهو داستان آهي، پر سال 2006ع ۾ ڪراچيءَ ۾ اهڙا ئي ٿي واقعا رونما ٿيا آهن جن هتان جي مقامي ماڻهن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي. هتان جي قديم ڳوٺن کي ڊاهڻ جو سلسلو ته گهڻي وقت کان جاري آهي پر هاڻي سنڌ جي تاريخي ورثن کي به ختم ڪري ڪراچي تان سنڌين جي مالڪي جون شاهديون ختم ڪرڻ جي هڪ عظيم سازش تي عمل ٿي رهيو آهي.

سال 2006ع جي شروع ۾ سونگل يونين ڪائونسل جي ديهه موڪيءَ ۾ قائم موڪيءَ متارا داستان جي اهم ڪردار موڪيءَ جي قبر بلڊوز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. پر آس پاس جا ڳوٺاڻا سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ۽ ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي بلڊوزرن اڳيان ديوار ٻڌجي بيهي رهيا. تڏهن وڃي ڪجهه وقت لاءِ اهو مسئلو ٽريو آهي. پر ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن اهو ڪڌو ڪم ڪيو ويندو. ڇاڪاڻ ته تائيسر ٽائون، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ ڌارين کي آباد ڪرڻ جي رٿا آهي جنهن ۾ پنجن ڳوٺن ۽ موڪيءَ جي تاريخي قبرستان کي ڊاهڻ جو پروگرام آهي.

ٻيو واقعو مئي 2006ع ۾ پيش آيو جنهن ۾ ميمڻ ڳوٺ لڳ تاريخي چوکنڊي طرز اڏاوت واري قبرستان جنهن کي ”بلوچ ٽومبس“ چيو وڃي ٿو. تاريخ ۾ اهو راڏن ملڪن جي قبرستان طور مشهور آهي. گهڻي عرصي کان چنسالي ٽيل قيمتي پٿرن جي چوري جو ڪم جاري آهي. ان تاريخي ماڳ جي بچاءَ لاءِ ثقافت کاتي پاران ڪوبه چوڪيدار مقرر نه آهي. اڳوڻو چوڪيدار ڪجهه سال اڳ ريٽائر ٿي گذاري به ويو. جنهن ڪانپوءِ ڪو به چوڪيدار نه رکيو ويو آهي. هي تاريخي

قبرستان جنهن ۾ 150 کان مٿي قبرون آهن، لاوارث آهن، مئي 2006ع ۾ قبرستان جي هڪ حصي تي جيڪو مرڪز قبرستان کان هڪ فرلانگ پري پولٽري اسٽيٽ 2 ۾ آهي. جتي 12 کن قبرون هيون. هتان جي هڪ بااثر ماڻهو ان حصي تي قبضو ڪري 6 کن قبرون ڊٺي باقي بين قبرن ۽ قبرستان جي زمين تي پڪنڪ پوائنٽ ناهي رهيو آهي. سوئمنگ پول نهڻ وقت ان مان هڏا به ظاهر ٿيا هئا. اخبارن ۾ گهوڙا گهوڙا ٿي. وزيراعظم، وڏي وزير، گورنر، سٽي ناظم کي خط اماڻيا ويا پر ڪجهه به نه ٿيو. فارم هائوس تي ڪم جاري آهي باقي قبرون به آهستي آهستي ڊاهيون پيون وڃن.

11 ۽ 12 جون 2006ع جي وچ واري رات گل بائي لڳ مورڙي جي پيٽ پائرن جي قبرن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو. هن واقعي کان پوءِ ماهيگيرن، گل بائي ۽ پرپاسي جي رهواسين، سماجي تنظيمن ۽ ميڊيا وقت سر سخت احتجاج ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي وڏي وزير نوٽيس ورتو آهي. ڪجهه وقت لاءِ تاريخي ورثو في الحال بچي ويو آهي.

انهن ڇهن گهاتوئن ۽ سندن پيڻ "سيرئين" جون قبرون ست سئو سال پراڻيون آهن. مورڙي جو واقعو سومرن واري دور جو آهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ هيٺائي جي باوجود ڏاهپ ۽ سورهيائي جي علامت بڻجي جيئرو رهندڙ ڪردار مورڙي مير بحر جي پيڻ ۽ ڇهن پائرن جي قبرن کي بلڊوز ڪري ڊاهڻ هڪ سازش جي ڪڙي آهي. سنڌ جا ثقافتي ورثا ڪن ڏرين کي اکين ۾ ڪنڊي جيئن چيي رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته سنڌي ڏهه هزار سال پراڻي تهذيب ۽ ثقافت جا مالڪ آهن ۽ هي ورثا سنڌين جي مالڪيءَ جون شاهديون آهن. انهن شاهدين کي مٽائڻ معنيٰ ڪراچي تان سنڌين جي تاريخي حق مالڪي کي ختم ڪرڻ آهي ۽ سنڌين کي اهو به ٻڌائڻ چاهين ٿا ته ست سئو سال اڳ جنهن شاهي مڇ انهن گهاتوئن کي ڳڙڪايو هو. مورڙي پنهنجي ڏاهپ ۽ سورهيائي سان ان مڇ جي وجود کي ختم ڪري هڪ مثال قائم ڪيو هو ۽ اڄ ڪجهه ڏريون انهيءَ مڇ جا وارث بڻجي نروار ٿيا آهن ۽ ڪراچي سميت سنڌ جي پوري وجود کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن ۽ مڇ مارڻ جو بدلو سنڌين کان وٺي رهيا آهن.

ورهاڱي کانپوءِ هر انهيءَ شيءِ، ماڳ ۽ تاريخي جاءِ کي تباهه ڪيو ويو جيڪي سنڌ جا تاريخي ورثا هئا. جن سان سنڌي پنهنجي تاريخي ۽ علائقي جي قدامت جو اندازو لڳائي پئي سگهيا. انهن جي سار سنڀال ته نهيو پر انهن کي ميساري ختم ڪيو پيو وڃي. انهن ماڳن، عمارتن ۽ تاريخ نشانن کي سنڀالڻ وارن ادارن جا اڳواڻ اهي ماڻهو آهن، جن جي اسان جي تاريخ ۽ ثقافت سان نه ربيع، نه خريف.

مورڙو اڄ بہ علامت آهي استحصالي قوتن جي خلاف مهاڏي اٽڪائڻ جو ۽ اهي استحصالي قوتون سنڌ جي تباهيءَ لاءِ اڄ بہ سرگرم آهن. اسان کي مورڙي واري واٽ تي هلي ڏاهپ سان انهن جو مقابلو ڪرڻو آهي. جيئن مورڙي سون مياڻي ڪان رتو ڪوٽ تائين سيني ماڻهن کي گڏ ڪري مڇ خلاف جدوجهد ڪري هن کي ختم ڪيو. اهڙي ٻڌي جي اڄ سخت ضرورت آهي.

مورڙي واري قصي جي تاريخ بابت ڪنهن تصديق ٿيل دور جو ذڪر ڪونهي، هن قصي جو دور بہ راجا دلو راءِ جو دور ڄاڻايو ويو آهي. قياس آهي تہ راجا دلو راءِ، عربن جي آخري ۽ سومرن جي شروع واري دور ۾ سنڌ جي لاڙ واري حصي جو حڪمران هو. راجا دلوراءِ جي گادي واري هنڌ لاءِ بہ رايا آهن. هڪ رايو اهو آهي تہ، ٺٽي ڪريڪ وٽ رتوڪوٽ وارو هنڌ دلوراءِ جي گادي جو هنڌ هو. ٻيو رايو اهو آهي تہ هاڻوڪي ٻاٽ آئي ليند وارو علائقو جيڪو گسري بندر کي ويجهو هو ان جاءِ تي هو. 1859ع تائين هتي هڪ پراڻي شهر جا آثار موجود هئا جيڪي پڻ حڪمرانن جي ٻي حسي جو شڪار ٿي ختم ٿي ويا.

سنڌ تي غزنوي 1026ع تي اقتدار ۾ آيا. اهي عربن جي هٽ هيٺ هئا، سومرن سنڌ تي 1053ع تي حڪمراني حاصل ڪئي. انهيءَ حساب سان جيڪڏهن دلو راءِ سومرن جي شروعاتي دور ۾ لاڙ جي حصي ۾ حڪمران هو تہ پوءِ اهو واقعو 1053ع ڌاري جو آهي.

سومرن واري دور ۾ سگهڙن جي بيتن ۾ مورڙي ميربحر جي قصي جو ذڪر ملي ٿو. چوڏهين ۽ پندرهين صدي عيسويءَ ۾ ان واقعي بابت تمام گهڻا بيت ملن ٿا. ارڙهين صدي هجري ۾ شاعرن جي سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سرگهاتو ۾ ان داستان کي بيان ڪري امر ڪري ڇڏيو.

**ڪالهہ ڪلاچيءَ ويا ڄَتيُون ڪٽي ڄُڳير،**

**پائرن پيرو نہ ڪيو، ادن ڪئي اوير،**

**اهڙي خاصي ڪير، ڪن ورائي جهليي،**

**ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سونئي،**

**خبر ڪون ڏئي، تہ رڇ ڪُڄاڙي رنديا؟**

ان قصي جي باري ۾ جلال ڪتي جي پاءُ امين ڪتي جيڪو ڪلهوڙن جي دور جو مشهور سگهڙ هو ان جا وڏيڪ بيت ملن ٿا.

قصو مختصر ائين آهي تہ ٻاچو ۽ ٻاراڇ جيڪي ٻئي ڀائر هئا. رتو ڪوٽ واري علائقي ڪان حب تائين سامونڊي علائقي ۾ مزدوري ڪندا هئا ۽ وجهہ ملڻ تي چوريون بہ ڪري وٺندا هئا. اهي لاڏائو ماڻهو هڪ هنڌ ويهي نہ سگهندا هئا. جڏهن انهن جي شادي ٿي تہ انهن پنهنجو ڏيان مزدوريءَ ڏانهن ڪيو. هڪ ٻي روايت آهي جيڪا علي ملاح مرحوم ابراهيم حيدري واري سان

منسوب آهي. اها به احمد ناڪئي ٻڌائي هئي. جيڪا ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب ”مورڙو ۽ مانگر مڇ“ ۾ به ڏنل آهر ته، ٻاچو ۽ ٻاراچ اصل ڪڇ واري علائقي ”گنڊا سنگ“ جا، رهواسي هئا. جواني ۾ اهي سنڌ ۾ آيا ۽ حب نديءَ جي لڳ سوناريءَ جي جبل وٽ اچي رهيا. گنڊا سنگ جو شهر ۽ ڪوٽ جا ڪچ ۾ سيارڙيءَ جي ڪاريءَ لڳ آثار موجود آهن.

ٻاراچ سون نالي عورت سان شادي ڪئي تنهن مان اوڀايو پيدا ٿيو. ٻاچو ڪي ڪو اولاد نه ٿيو.

چيو وڃي ته سون مياڻي به اوڀائي جي ماءُ ۽ ٻاراچ جي گهرواريءَ ”سون“ جي ڪري سون مياڻي ٻڌي. ٻي روايت هي آهي ٻاراچ گنڊا سنگ ۾ ٻئي شادي ڪئي. جنهن جو نالو ”سوناري“ هو شادي ڪانپوءِ اهي اچي حب جي ڪپ تي هڪ جبل تي رهڻ لڳا ۽ انهيءَ جبل جو نالو ”ٻاراچ“ پنهنجي گهرواري پويان ”سوناري“ رکيو. جيڪو اڄ به انهيءَ نالي سان آهي. اوڀائي به شاديون ڪيون، پهرئين گهر واريءَ مان ڇهه پٽ ٿيس. ٻي گهرواريءَ مان هڪ ڌيءَ ”سيرئين“ ۽ هڪ پٽ ”مورڙو“ پيدا ٿيو. مورڙو پيدائشي منڊو هو. هيٺ مير ٻگهئي جو ليکل بيت ڏجي ٿو.

**وير ويهاريائون وچ ۾، ٿيو سهاڳي سو**

**ڇهه پٽ پهرئينءَ مان، ٻي جا پرٽيو پوءِ**

**تنهن مان مانجهي مورڙو، پر ڏر جائو پوءِ**

**لوڪ مڙيو ٿي چوءِ ته ائين ڀيڻ ”سيرهين.“**

اولادن ڪي پرٽائڻ ڪانپوءِ اوڀائي سمنڊ تي ڳوٺ جو نالو پنهنجي ماءُ جي نالي پنيان سون مياڻي رکيائين. اوڀايو مهاڻن جو چڱو مڙس ٻڌجي ويو. چاڪاڻ ته اوڀائي مهانن تي ڳرن محصولن خلاف جدوجهد ڪئي ۽ مهاڻن جي ايڪتا سان راجا دلو راءِ جي ڪوٽار (محصول وصول ڪرڻ وارو) خلاف جنگ جوتي. مجبور ٿي راجا دلوراءِ کي ٽيڪس ۾ چوٽ ڏيٹي پئي.

مورڙي جي ڀائرن مڇي جي ڪاروبار کي معمول موجب ڪري ورتو. مورڙو معذور هئڻ ڪري گهر ۾ رهندو هو. هو مهمانن جو خيال رکندو هو. جنهن جي ڪري هو سخي مورڙو مشهور ٿيو. سمنڊ ڪان هميشه پري رهندو هو.

”ڀاٽي سندي پر، مور نه سکيو مورڙو.“

مورڙي جي ڀائرن جي نالن تي اختلاف آهن. مختلف سگهڙن ڇهن ڀائرن جا نالا ڄاڻايا آهن. جن مان ڪجهه نالا مختلف آهن ڀيڻ جو نالو گهڻن سگهڙن ”سيرئين“ ۽ ڪجهه سگهڙن ”جمڙي“ ڄاڻايو آهي.

امين ڪتي پنهنجن بيتن ۾ ڇهن ڀائرن جا جيڪي نالا ڏنا آهن سي هن طرح آهن، 1. پنيهر 2. اڳارو 3. مانجهاندو 4. لالو 5. سانئل 6. هنجهه ڪراڙو

مير بگهئي جي بيت ۾ هينيان نالا اچن ٿا.
”پڙهيار“، ”اڳارو“ ٻہ، ڄڻا ٽيو ”مانجهاندو“ ساڻ،
چوٿون ”للو“ لاڏلو، پنجون سانئر چاڻ
ڇهون هنجهہ ڪراڙو هٿ جو ستون ”مور“ سڃاڻ.
پوءِ سوجهي سون مياڻ، راڄ ٻڌائون پانهنجو.
مير بگهئي ۽ امين کٽي جي نالن ۾ فقط پنيهر ۽ پڙهيار جو نالو ڪجهہ مختلف آهي باقي سڀ ساڳيا نالا آهن ۽ پيڻ جو نالو بہ مير بگهئي ”سيرئين“ ڄاڻايو آهي.
محمود سگهڙ موجب، پنهير، اڳارو، مانجهادو، لال بهار، هنجهہ ڪراڙو جو نالو جمڙي آهي.
علي ملاح ابراهيم حيدري واري اڳاري، ڪانسواءِ سمورا نالا جن ۾ سينهڙو، محمود، صالح، عيسب، يعقوب سڀ ٻيا نالا ڄاڻايا آهن، ان پڻ پيڻ جو نالو ”سيرئين“ ئي ڄاڻايو آهي.
فقير امين چارڻ پنهنجن بيتن ۾، پڙهيل، اڳارو، مانجهاندو، لالو، سائنر، هنجهہ ڪراڙو ۽ پيڻ جو نالو جمڙي ڄاڻايو آهي. انهن سگهڙن ۽ روايتن ۾ جيڪي نالا گهٽو ڪري ڏنا ويا آهن. ان مطابق مورڙي ميربحر جي ڀائرن جا نالا هينيان ٿي سگهن ٿا. 1. اڳارو 2. هنجهہ ڪراڙو 3. لکو يا للو 4. پنيهر/پنهيار 5. سانئر/سائنل 6. مانجهاندو ۽ پيڻ جو نالو سيرئين اهي نالا وڌ سگهڙن جي بيتن ۾ ملن ٿا. مورڙي جو نالو سيني سگهڙن اهو ئي ڏنو آهي.
مورڙي جي ڀائرن ڪي ڪلاڇي جي ڪن ۾ جنهن جانور ڳڙڪايو هو ان تي بہ اختلاف آهي. مشهور اها ڳالهہ ٿي اهو واڳون هيو. سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ واڳونءَ جي پيٽ ۾ ڇهن انسانن جا لاش ڪيئن ٿا سمائجي سگهن؟ جنهن جي ڪري اهو ممڪن ئي ڪونهي تہ ڪلاڇي جي ڪن ۾ مورڙي جي ڀائرن ڪي واڳون ڳڙڪايو هوندو.
مڇ جي ذڪر ڪري گهڻن لکندڙن جو ڌيان مگر مڇ ڏانهن ويو. مڇ معنيٰ شاهي مڇي جيڪا اصل ۾ وهيل مڇي (شارڪ) هئي جنهن مورڙي جي ڇهن ڀائرن کي ڳڙڪايو. مرحوم احمد ناکئي ابراهيم حيدري واري سان جڏهن مون ڪچهري ڪئي تہ هن ڄاڻايو تہ اهو شاهي ڪيئون هو. امين کٽي سگهڙ بہ پنهنجي بيت ۾ ڪيئون جو ذڪر ڪيو آهي.
**ڪيئون مارين ڪن ۾ رات مٿان پيئي**
**اوليون اجهڻ لڳيون تہ ويئڙن واجهہ وهي**
**ڪلاچيئون ڪهي، ماري مڇ نہ موٽيا.**

ڪلاچي جي ڪن ۾ رهندڙ وهيل مڇي جو ڏهڪاءُ دڙبيءِ سون مياڻي ۽ ساموندي علائقن تائين ڦهليل هو، جنهن جي ڪري مهاڻا مڇي مارڻ لاءِ اوڏانهن نه ويندا هئا. ڪلاچي جو ڪن لياري نئين جي چوڙ واري علائقي ۾ هو.

ڏهڪاءُ جي باوجود هڪ ڏينهن مورڙي جي ڀائرن مڇي مارڻ لاءِ وڃي ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ رڇ وڌو. جيڪو مڇ ورائي ڪٽي پنهنجي وات ۾ ڪيو. واري واري سان ڇهه ئي ڀائر لٽا ۽ شارڪ جو شڪار ٿي ويا.



گل ٻائي شير شاهه مورڙي جي پيڙ "سيرئين" ۽ ڀائرن جون قبرون

رات ٿي ويئي صبح ٿيو مورڙي جا ڀائر نه موٽيا ته اوڀايو پريشان ٿيو. سيرئين ڪي ڀائرن جي نه موٽڻ جي ڪري پوري رات ننڊ نه آئي ۽ ٻئي ڏينهن ڳولا شروع ڪئي ويئي ته انهن جا هوڙا ڪلاچي واري ڪن جي ڪناري تي مليا. جڏهن اها خبر سون مياڻي پهتي ته ماتم مچي ويو. سوين مهاڻا ٻيڙيون ڪاهي اچي ڪلاچي ڪن پيڙا ٿيا. مورڙو ان وقت راجا دلوراءِ جي دربار ۾ هو، چاڪاڻ ته مورڙو پنهنجي ڀاڄاين جي مهڻن کان بيزار ٿي راجا دلو راءِ جي دربار ۾ اچي رهڻ لڳو هو.

**ڏيرڀائين جي ڏينهاڻي ٿي ڪاڻ ٻه ڪيڀائين.**

**طعنا مهڻا تن جا، ٿي سوين سٽائين.**

(سگهڙ ولي محمد)

اوڀائي مورڙي ڏانهن ماڻهو موڪليو ۽ مورڙو ٻه ڪلاچي جي ڪن پهچي ويو.

**ملاحين ڪيا منهن رتڙا، ڪٽي ڪانڌن لاءِ**

**مهاڻيون رهيون ماتام ۾ سوڙهي هي هڪ ٻه جاءِ**
**ماڻهو منجهه مورڙي ڏي وجي سڌ سائيس ساءِ**
**پڙا تنهنجا پاءِ، ڪچئون ماريا ڪن ۾.**

**(امين ڪٽي)**

راجا دلوراءِ ٻه ڪلاچي جي ڪن پهچي ويو. اوپائي مورڙي کي وير ونڻ لاءِ چيو. مورڙو هڪ ته منڍو ٻيو پاٽي جو گهيڙو نه هو، پر ڏاهپ ۾ پڙ هو. مورڙي وير ونڻ جو فيصلو ڪيو. سانوٽي مند ۾ سمنڊ ۾ طوفان هو. مورڙي دلو راءِ کان مدد گهُري. راجا هر طرح جي مدد جو وعدو ڪيو.

تجربيڪار ۽ پڙ لوهار مورڙي جي هدايتن تي لوهي نوڪدار پڃرو ناهڻ ۾ جنبي ويا. پڃري جي چوڌاري تيز ڌار وارا ڪات لڳايا ويا. ڪم نهايت تيزي سان جاري هو. مورڙو عهد ڪري چڪو هو ته، هو مڇ کي ماري ڀائرن جو وير وٺندو ۽ ڪلاچي جي آس پاس مهاڻن تي مڇ جو جيڪو ڏهڪاءُ وينل آهي اهو ختم ڪندو. مورڙي پنج سئو تازيون وپائل گهوڙيون، ڦرن سميت آنديون. ڪتن جي لوڏ ٻه گهرايائين. لوهي پڃرو ڪٽي مورڙو ڪن ڏانهن روانو ٿيو. مضبوط رسن ۽ زنجيرن سان لو هي پڃري کي ٻڌائين. انهن رسن جو ٻيو ڇيڙو سانن ۽ گهوڙين جي ڳچين ۾ ٻڌائين اهو سڀ بندوبست ڪري ماڻهن کي چيائين، ”آئون اندر ويندس جڏهن زنجيرن ۽ رسن کي لوڏو اچي ته گهوڙين جي ڦرن پنيان ڪتن جي ٻچ ڪجو ۽ سانن جي پنيءَ تي تيل هارائي اماڙيون انهن تي اچلائجو.“

لوهي پڃري ۾ ويهڻ ڪانپوءِ ماڻهن ان کي ڪن ۾ لاتو. مڇ لوهي پڃرو ڏسي وات ڦاڙيو جنهن جي ڪري لوهي پڃري سان جڙيل ڪاتن ان کي زخمي ڪيو ۽ رهيل ڪسر مورڙي جي هٿيارن پوري ڪئي. مورڙي مسلسل ان تي خنجر جا وار ڪيا. پڃري اندر هئڻ ڪري مورڙو محفوظ هو. پڃري جا لوهي ڪات جيئن مڇ جي وات ۾ ڦاسي پيا ته مورڙي زنجيرن کي لوڏو ڏنو. ٻاهر بيٺل سوين ماڻهو تيار هئا. اشارو ملندي ئي انهن مورڙي جي هدايتن تي عمل ڪيو. سانن جي پني تي هاريل تيل تي اماڙيون اڇلايون ۽ ٻين وري گهوڙين جي ڦرن جي ڪڍ ڪتا لاتا. ڦرن جي پڄڻ سان گهوڙيون انهن جي ڪڍ لڳيون. ائين لوهي پڃرو مڇ ۽ مورڙي سميت ٻاهر اچي ويو. واهه واهه ٿي ويئي. مڇ جو پيٽ چيري مورڙي جي ڇهن ڀائرن جا لاش ڪڍيا ويا ۽ انهن کي ڪن جي ويجهو دفن ڪيو ويو. پوءِ مورڙو موتي سون مياڻي ويو.

مورڙي جي دل هتي نه لڳي. مورڙو موتي دڙبي ۽ ڪلاچي ڪن لڳ اچي رهائش اختيار ڪئي ۽ باقي ڏينهن ڪلاچي جي ڪن لڳ پنهنجي ڀائرن جي قبرن وٽ گذاريائين. سيرئين کي ٻه وفات ڪانپوءِ ڀائرن لڳ دفن ڪيو ويو. مورڙي جي قبر ٿورو پري مسرور بيس ڪئمپ ۾ هڪ ننڍي

ٽڪري تي آهي. جتي وڃڻ جي اجازت آهي پر فوٽو ڪڍڻ سان پاڪستان جي سالميت کي خطرو پئجي سگهي ٿو جنهن جي ڪري ان جي منع ٿيل آهي. گل ٻائي ۽ شير شاهه لڳ، پراڻو قبرستان اڄ بہ ”مورڙي جو قبرستان“ جي نالي سان موجود آهي، جيڪو ڪراچيءَ جو قديم ترين قبرستان آهي. شير شاهه جو پراڻو نالو بہ مورڙو مير بحر ڳوٺ هو. شير شاهه جي دفن ڪانپوءِ اهو پورو علائقو شير شاهه ڪري مشهور ٿيو. بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو مورڙو جاگير آهي. مورڙو سنڌي لغات موجب نئون ۽ تازو پن يا سلو جيڪو ندي جي ڪناري ڦٽي ٿو. هن کي ڇيو ويندو آهي.

**نہ ڪا ٻوءِ بازار ۾، نہ ڪا ڇلرَ ڇڻَ**
**جتي ڏنيَرينَ جي، اڳي هئي اُگهڻَ**
**سي پڙَ پسيو پٽَ، ماڙهو وڃن موٽِيا.**

**ملڪ مڙوئي منصور ......**

**برطانوي فوجيءَ جو قاتل ۽ مارشل لا:**

”اسان هاٽي ڪراچي ڪان اتر پار اُسهنداسين. هيءُ جوءِ جابلو آهي. چوڏاري ننڍيون ٽڪريون ڏسبيون علائقو برپٽ آهي جتي ڌوڙ ۽ دوڦان جا رستا نڪتل آهن. جيڪي ڇيڪ ۽ چڙواڳ جيڏانهن آيو تيڏانهن پيا وڙڪندا آهن. هن سفر دوران اسان اخلاقي طور گمراهہ ٿيڻ لاءِ بلڪل ٻڌل آهيون، ڇو تہ هن برپٽ جوءِ جي چوڌاري چارا آهن. جن مان ڪي ماڻهن جاگس آهن ۽ ڪن تي وري چوپائي مال جي ڪرن جا نشان جيڪڏهن صحيح گس نہ ونبو تہ هلي اوجهڙ ۾ پئبو. واٽون ويهہ ٿيون. پوءِ تہ پنڌ هڪ مان وڌي ٻيڻ تي پوندو. پريان ڏسو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪ ڏِگهو لڪڙ کتل آهي اهو هڪ سنڌي ماڻهوءَ جي قبر جو نشان آهي سندس اصلوڪو نالو تہ فقير هو، پر انگريز هن کي ”وائيلڊ فائر ڊڪ“ جي نالي سان سڏيندا آهن. هن هڪ انگريز عملدار کي قتل ڪيو هو. ڪيس ان ڏوهہ جي پاداش ۾ هن جاءِ تي ماريو ويو هو. ان جي پرسان چراغ جانور هيڏي هوڏي پيو ڦري. هتان جا ماڻهو ڪيس غيبي طاقت وارو انسان ڪري سمجهندا هئا. هن جي اثر ڪري ڪجهہ ماڻهو ڏاڙيل ٿي پيا هئا.“ هي ٽڪرو رچرڊ جي ڪتاب (Scinde, or The Unhappy valley (1851) مان کنيل آهي. جنهن جو ترجمو عطا محمد ڀنيري ”سنڌ ڏکويل ماٿري“ جي نالي سان ڪيو آهي. ان ننڍڙي ٽڪري مان 1843ع واري ڪراچيءَ جي هاڪوڪي جيل ۽ گلشن اقبال واري علائقي جي ڄاڻ ملي ٿي تہ اهي مقامي ماڻهن جي مال جا چراگاهہ هئا ۽ هتي ٽڪرين جو هڪ سلسلو هو جيڪو منگهي پير تائين ويندو هو. رچرڊ برٽن اهو سفر 1843ع ڪانپوءِ ڪيو هو ۽ جنهن علائقي جو ذڪر ڪيو آهي اهو هاڪوڪي جيل، گلشن اقبال، نيشنل اسٽيڊيم ۽ ڊالميا وارو علائقو آهي.

اهو علائقو هن وقت اڪيواري/ اڪيواڙي سڏبو هو. جيڪو هن وقت ڪراچي جي ديهه به آهي. شهر ۾ اچڻ ڪري ان جي ديهه واري حيثيت ختم ٿي وئي آهي. پر روينيو ريڪارڊ تي اڄ به هي علائقو اڪيواڙي آهي. 1913ع واري ديهه واري نقشي ۾ اهي سيئي ڪچا رستا ۽ ٽڪريون موجود آهن جيل ڪانپوءِ پراڻي سبزي منڊي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ انهيءَ ديهه جو علائقو شروع ٿئي ٿو. هتان ڪانپوءِ ڪراچي جي ڀهراڙي وارو علائقو شروع ٿيندو هو. جيل ۽ پراڻي سبزي منڊي وارا علائقا ڪراچي شهر/ ميونسپلٽي جي حدن ۾ هوندا هئا. هتان جن ڪچن رستن ۽ گسن جو ذڪر رچرڊ برٽن ڪيو آهي. اهي گس ملير، ابراهيم حيدري، منگهي پير ۽ گهاري ڏانهن ويندا هئا. ملير وارو گس اڳتي نٽي تائين اڄ به وڃي ٿو.

رچرڊ برٽن جنهن چوٽي تي ۽ قبر جي نشان جو ذڪر ڪيو آهي اهو 1913ع واري سروي ڪيل نقشي ۾ "جبل چاڪر قاهي" آهي. اها ٽڪري اڄ به مقامي ماڻهن وٽ "چاڪر قاهي" نالي مشهور آهي. انهيءَ ٽڪري تان هڪ برساتي ڍورو وهي ڏکڻ پاسي ملير نئين ۾ چوڙ ڪري ٿو. جنهن جو نالو "چاڪر قاهي ڍورو" آهي ۽ نقشي ۾ به ان جو اهو ئي نالو آهي. اهو ڍورو اڄ به موجود آهي. انهيءَ ٽڪريءَ کان وٺي ملير نئين جي چوڙ تائين علائقو اڄ به فوجي علائقو آهي. اهو ڍورو ڪارساز وٽان ڏسڻ ۾ ايندو. ڊرگ روڊ (شاهراهِ فيصل) تان ايندي ڪار ساز وٽ اسٽيڊيم ڏانهن وڃڻ لاءِ جيڪو فلائي اور ناهيو آهي، هن لڳ اوير پاسي اهو ڍورو موجود آهي. جڏهن اوهان نيشنل اسٽيڊيم کان شانتي نگر ۽ ڊالميا ڏانهن ويندا ته ساڄي هٿ تي شانتي نگر جي سامهون اها چوٽي نظر ايندي جيڪا فوج جي حوالي آهي.

انهيءَ چوٽي تي رچرڊ برٽن جنهن ڪتل لڪڙي جي ڳالهه ڪئي آهي اصل ۾ هتي پٿرن جو ڍير ناهي جنهن ۾ اهو لڪڙو لڳايو ويو هو. چاڪر خان جي ڀاهي جي ياد ۾ مقامي ماڻهن اها "قاهي" ناهي هئي. هي اها جاءِ آهي جتي 1839ع ۾ هڪ انگريز عملدار جي قتل جي ڏوهه ۾ مير چاڪر خان ڪلمتيءَ کي قاهي ڏني وئي هئي.

1839ع ۾ ڪراچي تي قبضي ڪانپوءِ هتي انگريزن هڪ فوجي ڇانوڻي ناهي ۽ هتي انگريز فوج جي سپهه سالار ڪرنل اسپلر کي ڇانوڻي جو نگران مقرر ڪيو ويو هو. سيٺ نائون مل تن ڏينهن ۾ شڪارپور ۾ انگريز فوج سان گڏ هو. جڏهن انگريزن ڪراچي بندر تي قبضو ڪيو هو ته هتي موجود نائون مل جي ڀائرن مائٽن نائون مل جي چوڻ تي انگريزن جي مدد ڪئي هئي. هتان جا گهڻا ماڻهو ۽ ڪراچي جي آس پاس رهندڙ قبيلا جن ۾ ڪلمتي، جوکيا، برفت، گبول، ماهيگير ۽ ٻيا قبيلا هئا جن ۾ ڪلمتي، جوکيا ۽ برفت طاقتور قبيلا هئا. انهن قبيلن جي سردار جڏهن ڏٺو ته خود مير ڪراچي جي معاملي ۾ دلچسپي نٿا وٺن ته اهي سردار به مصلحتن خاموش ٿي ويا هئا.

پر عام ماڻهو انگريزن جي خلاف هئا. هو ڪو به موقعو هٿان نه وڃائيندا هئا تنهن ڪري هن وقت ايڪڙ ٻيڪڙ عوامي مزاحمت ٿي جنهن جو مثال مير چاڪر خان ڪلمتي ۽ سندس ساٿين جي مزاحمت به آهي. پر تاريخ جي دز ۾ اها اهم مزاحمت اسان جي نظرن کان اوجهل رهي آهي ۽ نه ئي اسان شعوري طور ڪوشش ڪئي آهي ته اهڙن بهادرن جن تاريخ ۾ پنهنجي وطن تان سر گهوري پنهنجو ۽ پنهنجي قوم جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي انهن کي به پنهنجي تاريخ ۾ ڪا جاءِ ڏيون.

ڪراچي ۾ چانوٽي ناهڻ کانپوءِ انگريز عملدار آس پاس جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ منگهي پير، ملير ۽ حب وارن علائقن ڏانهن تفريح ۽ شڪار جي بهاني نڪرندا هئا. هتان جا ڳوناٽا ۽ مالوند انهن جي هر چرپر کان واقف هئا پر ميرن ۽ سندن سردارن ڪري عام ماڻهو خاموش هو. مير چاڪر خان ڪلمتي جيڪو منگهي پير واري علائقي ۾ رهندو هو تنهن کي اها ڳالهه پسند نه آئي. هن پنهنجن ڪجهه ساٿين جنهن ۾ ڪلمتي، ڇٽا ۽ بنديچا قبيلي جا ماڻهو هئا گڏ ڪيا.

هڪ ڏينهن شام جو پنجين وڳي سيڪنڊ رجمينٽ جو ڪئپٽن هينڊ/ هائونڊ پنهنجي گهرواري ۽ ٻن مقامي سپاهين سان منگهي پير جي جبلن ڏانهن نڪري ويو. ستين وڳي جڏهن هو واپس نه پهتو ته ڪرنل اسپلر سميت ڪئپٽن هينڊ سان گڏ ويندڙ مقامي سپاهي به مليا. اهي به پريشان هئا انهن ٻڌايو ته ڪئپٽن اسان کي هڪ هنڌ بيهڻ جو چئي، گهرواري سميت اڳتي نڪري ويو. پر اجان تائين اُهي نه پهتا، ته اسان ڪئمپ ڏانهن روانا ٿياسين. پوءِ سيني گڏجي ڪئپٽن هينڊ جي ڳولا شروع ڪئي.

لالٽين جي روشني ۾ 9:30 منٽن تي اهي سپاهي چانوٽي واپس پهتا. ڪيپٽن هينڊ جو لاش هڪ گهوڙي تي ڏسي ڪرنل اسپلر، سيٺ نائون مل سميت سڀ پريشان ٿيا. سپاهين ٻڌايو ته ڪئپٽن جو لاش جابلو ڪڏ ۾ پيل هو جنهن کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو آهي ۽ هن جي گهوڙي ۽ گهرواريءَ جو ڪو پتو پئجي نه سگهيو. رات جو ڏهين وڳي ڪراچي چانوٽيءَ ۾ هڪ اهم ميٽنگ گهرائي ويئي. ڪرنل اسپلر، سيٺ نائون مل ۽ ٻين اهم عملدارن شرڪت ڪئي. اها پوري رات ڊپ ۾ گذري ويئي. ٻئي ڏينهن صبح جو سيٺ نائون مل آس پاس جي قبيلن جي سردارن ڏانهن پنهنجا ماڻهو موڪليا. انهن سان رابطو ڪيو ويو. پيرين (پگهين) کي گهرايو ويو. پيرن جي نشانن جي ڳولا ۾ اها خبر پئي ته هن واردات ۾ 10 کن ماڻهو شريڪ هئا.

اها ڳالهه پوري ڪراچي ۽ آس پاس ۾ باهه وانگر پکڙجي ويئي ته مير چاڪر خان ڪلمتي پنهنجن ساٿين سميت ڪئپٽن هينڊ کي قتل ڪري سندس گهرواريءَ کي يرغمال بنايو آهي. مير چاڪر خان جو ڪٽنب بلاول شاهه نورانيءَ جو خليفو هو. انهيءَ نسبت سان مير چاڪر خان بلاول شاهه

نوراني جي خليفي جي ڪٽنب مان هو، تنهن ڪري انهن کي "فقير" به چيو وڃي ٿو. بلاول شاهه نوراني جا اڄ به خليفا ڪلمتي آهن ۽ اهي مير چاڪر خان جي اولاد مان آهن. پيري (پيرا وندن اهي خبرون چانوٽيءَ ۾ پهچايون ته اهي ماڻهو حب اڪري لس ڏانهن نڪري آيا آهن. پوري انگريز انتظاميا ۾ ترٿلو مچي ويو. سيئي سپاهين ۽ انهن جي ٻارن ٻچن کي چانوٽي مان بنا ڪنهن اجازت جي نڪرڻ جي پابندي لڳائي وئي. رستن جي ناڪا بندي ڪئي وئي. شهر کان ٻاهر ويندڙ تمام رستن، گس ۽ لڪن جي نگراني سخت ڪئي ويئي.

ڪرنل اسپلر، ڪرنل پاٽنجر جي نائب ليفٽيننٽ ليڪي کي خط لکيو، جنهن ۾ لکيو ويو ته ميرن کان سختي سان اها گهر ڪئي وڃي فوري طور تي مير چاڪر خان کي انگريزن جي حوالي ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ڪراچي جي آس پاس قبيلن ۽ لس تي حملو ڪيو ويندو. سنڌ تي ميرن جي حڪومت هوندي به هو بي وس هئا. انگريز سيني معاهدن کي پاسيرو رکي ڪراچي تي قبضو ڪري هتي پنهنجي فوجي چانوٽي ناهڻ ڪانسواءِ پوري سنڌ لتاڙي ڇڏي، جهرڪ، حيدرآباد، سيوهڻ ۽ شڪارپور کان ٿيندا افغانستان تي حملي لاءِ روانا ٿي چڪا هئا.

شڪ جي بنياد تي ڪراچي جي پسگردائيءَ ۾ ڪلمتين، جوکين، برفتن، بنديچن، ڇٽن ۽ ٻين قبيلن جي 50 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو. ٻئي پاسي چاڪر خان لسٻيلي جي جام کي ڪجهه ٻڌائڻ کان سواءِ خان آف قلات وٽ پهتو. هن کي سربستو احوال ٻڌائي هيندڻ جي گهرواريءَ کي "سام" طور قلات جي خان جي حوالي ڪري پاڻ حب ڏانهن هليو آيو. حيدرآباد جا مير، لسٻيلي جو جام ۽ قلات جو خان انگريزن جي طاقت ۽ اثر رسوخ کان ڊنل هئا. چاڪاڻ ته انگريز ميرن جي وسيلي لسٻيلي جي جام ۽ قلات جو خان کي اهو پيغام موڪليو ته جيڪڏهن مير چاڪر خان کي انگريزن جي حوالي نه ڪيو ويو ته قلات ۽ لس تي حملو ڪيو ويندو. ٻئي پاسي هن وقت جي ڪلمتين جي سردار ملڪ ابراهيم (وفات 1845)، جوکين جي سردار جام مهر علي جوکئي ۽ برفتن جي سردار ملڪ احمد خان سان به رابطو ڪيو ويو. ملڪ ابراهيم ڪلمتي، خان آف قلات سان رابطو ڪيو ته انگريزن اهو واعدو ڪيو آهي ته جيڪڏهن چاڪر خان گرفتاري ڏني ته هو چاڪر خان کي نه ماريندا ۽ جيئندان ڏيندا. خان آف قلات جي وچ ۾ پوڻ تي چاڪر خان هيندڻ جي گهرواريءَ کي عزت سان واپس ڪراچي موڪلي انگريزن جي حوالي ڪرڻ جو چيو ۽ اهو جواب به موڪليائين ته جيستائين انگريز ڪراچي خالي نه ڪندا هو ۽ سندس ساٿي پيش نه پوندا ۽ انگريزن تي وڏيڪ حملا ڪندا. شاهه نورانيءَ جي علائقي ۾ رهندڙ ڇٽي قبيلي جي سردار صاحب خان کي نائون مل ڪراچي گهرائي ورتو، هن کي مدد لاءِ چيو ويو، چانوٽيءَ ۾ هن جي خدمت

ڪئي ويئي. ڪراچي جي آس پاس جاگير ڏيڻ تي صاحب خان نائون مل کي ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيو. ٻئي پاسي خان آف قلات پنهنجا جاسوس چاڪر خان جي پويان لڳائي ڇڏيا.

ائين چاڪر خان پنهنجن ۽ پراون جي وچايل ڄار ۾ ڦاسي پيو ۽ پنجن مهينن ڪانپوءِ جاسوسن چاڪر خان جو حب جي پار ڇيڇڙي جي علائقي ۾ موجود هجڻ جو اطلاع ڏنو. گهيرو تنگ ڪيو ويو چاڪر خان پنهنجن ساٿين کي نڪرڻ لاءِ چئي پاڻ مقابلي لاءِ تيار ٿيو ته خان آف قلات ۽ ٻين سردارن جا ماڻهو ڳالهين لاءِ وچ ۾ ڪاهي پيا ائين ڳالهين ۾ منجهائي هن بهادر کي گرفتار ڪري سخت حفاظت ۾ ڪراچي جي فوجي ڇانوڻي ۾ آندو ويو. اڪين تي پٽي ٻڌي هن کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪيو ويو.

فوجي عدالت ۾ مقدمو هلايو ويو. فوجي عدالت ڪرنل اسپلر، ميجر ڊونوهي ۽ سيٺ نائون مل تي ٻڌل هو. ياد رهي ته ان وقت ڪراچي ميرن جي عملداري ۾ هو ۽ ميرن جو پنهنجو عدالتي نظام موجود هئو. انگريزن جي هتي فوجي ڇانوڻي هئي. پر پوءِ به مير چاڪر خان کي ميرن جي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي بجاءِ هڪ فوجي عدالت جوڙي ڪيس هلايو ويو. اها سنڌ ۾ جڙندڙ پهرئين فوجي عدالت هئي. انهيءَ فوجي عدالت جو ذڪر ۽ ڪئپٽن هينڊ جي قتل جو ذڪر سيٺ نائون مل پنهنجي يادگيرين ۾ به ڪيو آهي. نائون مل هن واقعي ۾ ڪٿي به ڪئپٽن هينڊ جي گهرواريءَ جي يرغمال بنائڻ ۽ ڪٽي وجهڻ جو ذڪر نه ڪيو آهي.

جنرل هينڊ جي گهرواريءَ ڪان بيان ورتو ويو جنهن ٻڌايو ته ڪجهه وقت چاڪر خان جي دوستن جي پناهه ۾ ڪجهه وقت خان آف قلات جي پناهه ۾ رهيس پر هن غيرتمند بهادر ڪڏهن به مون ڏانهن بري اک سان نه نهاريو ۽ نه ئي مون کي هٿ لاتو ۽ حفاظت سان سلامت پهتي آهيان. فوجي عدالت ۾ هر طرح مير چاڪر ڪان سندس ساٿين، قبيلن جي سردارن بابت پڇيو ويو. مير چاڪر خان چيو ته اهو منهنجي اڪيلي جو مشن هو ۽ مون ڪراچي کي انگريزن کان خالي ڪرائڻ لاءِ ڪئپٽن هينڊ کي قتل ڪيو ۽ ٻيا جيڪي به حملا ڪيا آهن اهي سڀ انهيءَ سلسلي ۾ آهن.



**اسٽيڊيم روڊ شانتي نگر جي سامهون جبل "چاڪر ڦاهي" جتي 1839ع ۾ مير چاڪر خان ڪلمتي کي ڦاهي تي چاڙهيو ويو**

ٻئي پاسي هتان جي قبيلن جي سردارن خان آف قلات ۽ ميرن تي دٻاءُ وڌو ته قول مطابق چاڪر خان کي آزاد ڪيو وڃي پر انگريز پاران اهو جواب مليو ته مير چاڪر خان پاڻ پيش نه ٿيو آهي هن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري هن کي آزاد نه ڪيو ويندو. جيڪڏهن هن کي آزاد ڪيو ويو ته ٻين مزاحمت ڪندڙن جو حوصلو وڌي ويندو ۽ اهي دليريءَ سان ڇاپامار ڪارروايون جاري رکندا.

عدالت مير چاڪر خان کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي هن کان آخري خواهش پڇي وئي ته هن ٻڌايو ته مونکي ڪراچي جي ڪنهن اوچي ٽڪري تي ڦاهي ڏني وڃي ڇو جو مرڻ کان اڳ آئون پنهنجي ڌرتي جا وڻ، ٽڻ، مارو ماڻهو، جبل ۽ وسنديون ڏسڻ ٿو چاهيان. انگريز سندس آخري خواهش جي پورياري لاءِ اڪيوڙيءَ جي انهيءَ ٽڪري تي ملير ۽ ڏٽي جي گس ويجهو جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان تي رستو ناهي ٽڪري تي ڦاهي گهاٽ تيار ڪيو ويو. ڦاهي واري ڏينهن چانوٽي کان وني ٽڪري تائين مير چاڪر ڪلمتي کي سخت پهري ۾ آندو ويو. ڪراچي ڏانهن ايندڙ سڀ ئي رستا بند ڪيا ويا. ڦاهي واري جاءِ پهچڻ تي مير چاڪر جي اکين تي ٻڌل پٽي کولي وئي چاڪر خان هيٺ کان وني چوٽي تائين نهيل پيچري جي هر وک تي رکيل پٿرن کي چميون ڏيندو مٿي چڙهيو. ڦاهي واري هنڌ هر پاسي نظر ڦيرائي ڌرتيءَ کي سيس نوائي ڦاهي لاءِ تيار ٿيو. منهن تي ڪارو ڪپڙو ڏيڻ لاءِ جڏهن علمدار وڌيو ته هن کي چاڪر خان منع ڪئي. هتراڌو ناهيل ڦاهي گهاٽ جو ڦند پاڻ پنڌ ۾ وجهي پاڻ ئي جلاد کي پنهنجي پيرن هينان رکيل تختو هٽائڻ لاءِ چيو.

ڦاهي ڪانپوءِ چاڪر خان جي لاش کي منگهي پير جي خليفي جي حوالي ڪيو ويو. چاڪر خان کي منگهي پير جي خليفي غسل ڏيئي هن کي شاهه نوراني واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. جڏهن اسماعيل بلوچ ۽ علي اڪبر ڪاڇيلي سان گڏ منگهي پير واري قبرستان ۾ چاڪر خان جي قبر ڳولڻ لاءِ ويا هئاسين ته هتي علي اڪبر ڪاڇيلي جي توسط سان شاهه نوراني جي هاٽوڪي خليفي نواز علي ڪلمتي ۽ منگهي پير جي خليفي مير محمد برفت سان ڪچهري ٿي. انهيءَ ڪچهري چاڪر جي قبر جي ڳولا واري سفر جو انت آندو. نواز علي ٻڌايو ته ”ڦاهي ڪانپوءِ منگهي پير جي خليفي جڏهن شهيد کي غسل ڏنو ۽ پوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته چاڪر خان کي منگهي پير واري قبرستان بجاءِ سندس اباڻي قبرستان شاهه نوراني ۾ دفن ڪيو وڃي تنهنڪري چاڪر خان کي هتي دفن ڪيو ويو سندس قبر موجود آهي. پاسي ۾ سندس ياءُ صاق علي جيڪو

”فقير صدقي“ طور مشهور هو، جي قبر آهي ۽ئي پاسي منهنجي والد (نواز علي جي والد) جان محمد جي قبر آهي.“

جان محمد نواز علي ڪان اڳ نوراني جو خليفو هو. چاڪر جو پاءُ صدقي پهتل بزرگ هو. چون ٿا ته جڏهن چاڪر خان کي انگريزن گرفتار ڪيو ته صدقي تي ڏينهن بنا ڪجهه کائڻ پيئڻ جي نوراني جي درگاهه تي سوالي ٿيو ته نوراني سرڪار صدقي کي چاڪر جي شهيد ٿيڻ جي بشارت ڏني. تنهن کانپوءِ صدقي جي زبان بند ٿي ويئي ۽ هو ڳالهائڻ جهڙو نه رهيو.

چاڪر خان جو تعلق ڪلمتين جي ”رجيري“ شاخ سان آهي. شاهه نوراني کانسواءِ ”رجيرا“ ڪراچي، ٺٽي، بدين، حيدرآباد، ڄامشوري، لس ۽ حب ۾ وڏي تعداد ۾ رهن ٿا.

حمزي خان ٻاهوت پنهنجي ڪتاب ”تاريخ ڪلمتي بلوچ“ ۾ چاڪر خان کي ڪلمتين جي يوئون واري شاخ مان ڄاڻايو آهي ۽ شجرو به ڏنو ويو آهي اها ڳالهه درست نه آهي ۽ ڏنل شجرو ”رجيرن“ جو نه ”يوئون“ واري شاخ جو آهي. چاڪر خان رجيرو ڪلمتي هو. جنهن جي خاندان وارا اڄ به شاهه نوراني جا خليفا آهن ۽ چاڪر خان جي قبر به هتي آهي. هن ٽڪري کي اڄ به چاڪر قاهي جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو اڳ اها ٽڪري انگريز فوجين جي حوالي هئي ۽ هاڻي پاڪستاني فوج جي حوالي آهي. ٿيڻ ته ائين گهرجي ته هن ٽڪري کي چاڪر خان جي يادگار طور محفوظ ڪيو وڃي ۽ يادگار جوڙايو وڃي ۽ چاڪر خان شهيد جي قبر کي پڪو ڪري هن جو ڏينهن ملهائڻ گهرجي. چاڪر خان کي ڏنل قاهي انگريزن جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ قبضي کانپوءِ پهرئين ”قاهي“ آهي.

ڪجهه ڪتابن ۾ جنهن ۾ نائون مل جي ”يادگيريون“ ۽ ٻين ۾ ته چاڪر خان کي انهيءَ جاءِ تي ڦا هي ڏني وئي جتي هن ڪئپٽن هينڊ کي قتل ڪيو هو. ڪئپٽن کي چاڪر خان منگهي پير جي جابلو سلسلي ۾ هڪ هنڌ قتل ڪيو. اهو جابلو سلسلو به منگهي پير جي جابلو سلسلي ۾ آهي ۽ هن کي ڦاهي هاڪي نيشنل اسٽيڊيم لڳ ڏني وئي. اهو پهاڙي سلسلو منگهي پير جي جابلو سلسلي جي نالي سان مشهور آهي.

ڪئپٽن هينڊ جي قبر بندر روڊ تي واقع عيسائي قبرستان ۾ آهي. هي سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ پهريون عيسائي قبرستان آهي. هن ۾ شروع ۾ انهن انگريز فوجين کي دفن ڪيو ويو جيڪي ڪراچي جي سخت موسم جي ڪري هلاڪ ٿيا هئا. 1843ع ۾ گورا قبرستان جنهن جو نالو ڪراچي مسيحي قبرستان آهي، جي ٺهڻ کان اڳ جيڪي انگريز مرندا هئا انهن کي بندر روڊ واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويندو هو.

چاڪر خان جي شهيد ٿيڻ ڪانپوءِ اها تحريڪ ڪجهه وقت لاءِ خاموش ٿي. سنڌ جا حاڪم بہ خاموش ھئا. البت سنڌ جا غير تمند ماڻهو ۽ قبيلا مختلف وقتن ۾ انگريزن سان مهاڏو اٽڪائيندا رهيا.
مياڻي جي جنگ ڪانپوءِ هتان جي ٽن قبيلن جي سردارن جنهن ۾ جوکين جي سردار ڄام مهر علي، ڪلمتين جي سردار ملڪ ابراهيم خان ۽ برفتن جي سردار ملڪ احمد خان نومڙيي ڪراچي تي حملي جي تياري ڪئي پر هو ڪراچي کان فقط پنج ميل پري هئا تہ انگريز فوج ۽ هن جي ساٿين کي خبر پئجي وئي جيڪي حملي لاءِ روانا ٿيا. ڇٽن جي سردار صاحب خان جنهن چاڪر خان جي گرفتاري ۾ نائون مل جي چوڻ تي انگريزن جو ساٿ ڏنو هو اهو بہ وڏو لشڪر وٺي انگريزن جي حفاظت لاءِ پهچي ويو. انهيءَ صورتحال ۽ انگريزن پاران هلايل افواهن جي ڪري ٽنهي سردارن حملي جو ارادو ترڪ ڪيو. اڳتي هلي انهن سردارن جاگيرن جي ضبط ٿيڻ جي ڊپ ۾ انگريزن جو ساٿ ڏنو. پر ڇڙوڇڙ نوجوانن سردارن جي ڳالهہ نہ مڃي ۽ پنهنجي مشن کي جاري رکيو. پنهنجي ديسن لاءِ وڙهندا ۽ پنهنجيون جانيون قربان ڪندا رهيا.
دوآبي (ڊبي) واري جنگ ڪانپوءِ چارلس نيپئر جي درخواست تي گهرايل هڪ فوجي تربيت ورتل دستو جڏهن ڪراچي کان حيدرآباد وڃي رهيو هو تہ انهيءَ جي سڌ هتان جي مزاحمت ڪندڙن کي پئي تہ چاڪر خان جوکئي جي اڳواڻي ۾ هڪ جٿي ڳجي وٽ انگريزن جي قافلي تي حملو ڪيو. جنهن ۾ ڪجهه انگريزن سميت گهڻا ماڻهو مارجي ويا. فقط ڏهہ ڄڻا جان بچائي ڪراچي پهتا. نائون مل پنهنجي ڪتاب ”يادگيريون“ ۾ هن واقعي جو ذڪر ائين ڪيو آهي تہ، ”فوج جو هڪ دستو بمبئيءَ کان حيدرآباد چارلس نيپئر جي مدد لاءِ ڪراچي پهتو هنن جي سواري لاءِ ملير جي ميمڻن جا اٺ پاڙي تي ڏنا ويا. هو ڪراچي کان نٽي ڏانهن روانا ٿيا تہ ڳجي وٽ انهن تي چاڪر خان جوکئي جيڪو ملير جي ڄام مهر علي جو پائيتو هو. اوچتو ٻن ٽن سون جوکين سان حملو ڪيو انگريزن جي ڊر وارا ماڻهو ٿورا هئا ۽ هنن جو مقابلو نہ ڪري سگهيا. هنن جو سمورو مال لٽيو ويو ۽ گهڻا ماڻهو مارجي ويا فقط ڏهہ ٻارهن ڄڻا جان بچائي ڪراچي پهتا ۽ پنهنجي ڏک ڀري ڪهاڻي اچي ٻڌايائون.“
هڪ ٻئي حملي ۾ چاڪر خان ڪلمتي جي ساٿي سائينداد ڪلمتي ۽ سندس ساٿين مئي 1843ع ۾ ملير نئين جي ڪپ تي انگريزن تي حملو ڪيو. سائين داد سان فقط پنج ماڻهو هئا. جن مان هڪ جوکيو، هڪ ڇٽو ۽ ٽي ڪلمتي هئا. هن حملي ۾ بہ انگريز مارجي ويا. سائين داد ۽ سندس ساٿي مقابلي ۾ مارجي ويا. اهڙي ريت هي سڀئي ساٿي انگريزن سان وڙهندي ڌرتيءَ تان قربان ٿيا.
انهيءَ لڙائي بابت انور قاضي جو هڪ بيت ملي ٿو جيڪو هتي ڏجي ٿو.

**پنج ئي پاڻ هئا جوڌا جنگ جوان**
**جوڪيو، ڇٽو، ٻي ڪلمتي مڙس مهان**
**اوچا ڳاٽ انهن جا، ماٺهو سي مستان**
**هشمت ساڻ هليا، پڌرا سي پهلوان**
**ويهي وچن ڪيائون ساري ڪي سبحان**
**مور نه مڃينداسين فرنگين جو فرمان**
**گورن جي غلامي ڪان، مرڻ وڏو مان**
**پٽڪي ور نه ڏبو، جيسين ڏارين دامان**
**وڙهندي وطن تان ڪيا سر قربان**
**ملهائبا ميدان، راڳا ڏئي رت جا.**

هي بيت ان وقت چيو ويو جڏهن سردارن جي هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري فيصلي ڪي نه مڃيندي سائين داد ۽ ٻين انگريزن سان وڙهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ چاڪر خان ڪلمتيءَ جي شروع ڪيل تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ جو عزم ڪيو. چاڪاڻ ته مصلحت جي بجاءِ انهن جوڌن وٺ وطن مان قربان ٿيڻ واري ڳالهه سيني ڪان مٿانهين هئي. پر انهن ارڏن جي رت پري ڪهاڻي ۽ تحريڪ اسان جي تاريخ جي ورقن تان غائب آهي. پر اهي واقعا اڄ به اسان جي جهونن جي سينن ۾ سانديل آهن. انهن سينن کي کولڻ جي ضرورت آهي ته جيئن سنڌي ماڻهن جي سيني ۾ سانديل اهي ڪهاڻيون تاريخ جي ورقن تي مضبوط ٿين. انهن واقعن لاءِ انگريز سرڪار جا ريڪارڊ به شاهد آهن. انهن واقعن ڪانپوءِ انگريزن پنهنجي پاليسين ۾ سختي ڪئي انگريزن جي سخت گير پاليسيءَ جو انهن ڏينهن ۾ بنيادي مقصد اهو ئي هو ته هتان جي ماڻهن کي هيٺو ۽ بدحال بنائي هيسايو وڃي جو انهن منجهان مزاحمت جي سگهه ختم ٿئي ۽ هو سياسي طور منظم نه ٿين جنهن ۾ هو ڪامياب ويا. پنهنجن جي اقتدار ۽ لالچ جي حوس به گڏجڻ جي سگهه کي ختم ڪيو. پر ڇڙوڇڙ ڪجهه نوجوانن مزاحمت جاري رکي ۽ ڌرتي تان قربان ٿي هميشه لاءِ امر ٿي ويا. سنڌ ڌرتي جي انهن بيباڪ بهادر ڪردارن تي هن عظيم ڌرتيءَ جي رکوالن جو ڳاٽ هميشه اوچو رهندو.

ملڪ مڙوئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا.

# مرنداسين ته مٽي مان پنهنجي ڦٽندا سرخ گلاب

چنچر 13 سيپٽمبر 1857ع رات جو ساڍي ڏهين وڳي هڪ مقامي فوجي صوبيدار ۽ سندس جمعدار رات جي گهگهه اونداهه ۾ پنهنجين بيرڪن مان نڪري هيڏانهن هوڏانهن اک رکندو احتياط سان برگيڊيئر جي بنگلي تي پهچن ٿا. صوبيدار برگيڊيئر جي بنگلي جي در تي بيٺل گارڊ کي چوي ٿو، مون کي برگيڊيئر سان ملاقات ڪرڻي آهي. گارڊ جواب ڏيس ٿو. ”صاحب ننڊ ۾ آهي، ان کي اٿارڻ مناسب نه ٿيندو“. پر صوبيدار ضد تي قائم رهندي چوي ٿو، مون کي صاحب سان هر حال ۾ ملڻو آهي. مجبور ٿي گارڊ نوڪر کي اندر صاحب کي اطلاع لاءِ چوي ٿو. برگيڊيئر کيس چوائي موڪلي ٿو هن کي چئو ته صبح جو اچي. اها ڳالهه ٻڌي صوبيدار ملڻ لاءِ ويتر وڌيڪ زور پري ٿو ۽ چوي ٿو. وقت گذري ويو ته وڏو نقصان ٿيندو.

تنهن تي برگيڊيئر ڊريسنگ گائون سان ٻاهر اچي ٿو ته ماجرا ڇا آهي.

صوبيدار سلوٽ هڻي کيس چوي ٿو، اوهان سان اڪيلائي ۾ ڪجهه ڳالهائڻو آهي، صاحب گارڊ ۽ نوڪر کي پري وڃڻ جو اشارو ڪري ٿو. تڏهن صوبيدار عاجزيءَ سان پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪري ٿو. ”سر اوهان ڪيترائي ڀيرا مون تي مهرباني ڪئي آهي. اڄ انهن احسانن لاهڻ جو وقت اچي ويو آهي ۽ آئون اهو ٻڌائڻ آيو آهيان ته 21هين بمبئي انفنٽري رجمنٽ رات جو ٻين وڳي بغاوت ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. ڇانوڻي جو نقشو وٽن موجود آهي. ماڻهن جون جايون مقرر ڪيون ويون آهن، جيڪي هڪ يورپي کي قتل ڪندا، بنگلا ڦريندا ۽ پوءِ هتان دهليءَ طرف روانا ٿيندا ۽ هڪ سپاهي کي شهر ڏانهن موڪليو ويو آهي ته جيئن مقامي شهرين کان مدد حاصل ڪري سگهجي ۽ هڪ سپاهي کي 14 هين انفنٽري رجمنٽ کان مدد حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ موڪليو ويو آهي، جيڪو هن بغاوت ۾ ساڻن شامل نه آهي.“ هن وڌيڪ ٻڌايو ته ”هڪ حوالدار رام دين پانڊي هنن وٽ آيو ۽ اهو ٻڌائين ته، ”ڪيستائين ان ڳالهه جا منتظر هونڊؤ جو انگريز توهان کي توبن سان اڏائن جيئن هندستان ۾ ٿي چڪو آهي.“ هن ڪين ٻڌايو ته، ”اڄ رات جو ٻين وڳي پوري رجمنٽ بغاوت ڪندي.“ صوبيدار وڌيڪ چيو ته، ”هن ڳالهه جي تصديق بعد ۾ هڪ حوالدار سورج بالي تيوري به ڪئي، جيڪو به رام دين پانڊي جو ساٿاري آهي“. برگيڊيئر سان ملاقات ڪندڙ صوبيدار جو نالو رام بني ۽ جمعدار جو نالو لڪشمڻ گداري هو.

11 لڳي 5 منٽ تي ڇڪا هڻا، برگيڊيئر لائوٽ جي ننڊ اڏامي ويئي. هن ڊريس پائي ڪمانڊنگ آفيسر ميجر ميڪگريگر (Macgrigor) سان رابطو ڪيو. جنهن هڪ گهوڙي سوار باب جانسن کي ڪلفٽن ڏانهن سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر ڏانهن موڪليو، ڇاڪاڻ ته شام جو ئي ڪمشنر بارٽل فريئر، جان آرٿر ۽ ڪيپٽن گولڊ اسمٿ آچر گذارڻ لاءِ پنج ميل پري ڪلفٽن ۾ پنهنجن پنهنجن

بنگلن ۾ ويل هئا ۽ چانوٽيءَ جو فوجي انتظام برگيڊيئر لائوٽ ۽ ميجر ميڪگريگر جي حوالي هو.

چانوٽي، ڪراچي ڪينٽ جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي. جيڪا ڪراچي شهر جي اوير ۾ ٿوري پنڌ تي هڪ وسيع علائقي ۾ قائم هئي. فريئر اسٽريٽ تي فوجي آفيسرن جا بنگلا هئا. جيڪي ملٽري بيرڪن جي اڳيان پهرئين قطار ۾ هئا. ان جي پويان رجمينٽ جا ڪوارٽر اتر پاسي هئا. جتي هينئر ايمپريس مارڪيٽ آهي. اتي هڪ وسيع خالي ميدان هو، ان جي ڏکڻ پاسي صدر بازار هئي.

برگيڊيئر لائوٽ ۽ ميجر ميڪگريگر يورپين رجمنٽ جي ٻنهي ڪمپنين کي بنا بگل ۽ ڊرم وڄائڻ جي هڪدم هٿيار بند ٿيڻ جو حڪم ڏنو ۽ اهڙوئي حڪم چوڏهين رجمنٽ ڏانهن پڻ موڪليو ويو جنهن لاءِ صوبيدار چيو هو تہ اهي 21هين رجمنٽ جي سازش ۾ شريڪ نہ آهن، پر انهن کان ۽ شهر وارن کان مدد لاءِ هڪ هڪ ماڻهو موڪليو ويو آهي. انهن سپني کي حڪم ڏنو ويو تہ هو 21هين رجمنٽ جي بيرڪن سامهون مختلف جاين تي پوزيشن سنڀالين.

ٻئي پاسي هلڪي توب خاني جي ڪماندنگ آفيسر، ڪرنل اسٽائلز سڀ کان پهرئين سرڪاري خزاني جي حفاظت لاءِ وڏيڪ سپاهي مقرر ڪيا ۽ انهن علائقن جي حفاظت خاطر جتي انگريزن کي پناهہ ونٽي هئي اتي فوج جي تعداد کي وڌايو. رات جو ٻارهين وڳي ڪرفيو لاءِ گهنڊ وڄايو ويو. چانوٽي جي علائقي ۾ ڪرفيو لڳايو ويو. رات جي اونداهہ ۾ ڏهين ۽ چوڏهين انفنسٽري جو آفيسر ڪيپٽن ليٽ پنهنجيون ڪمپنيون ساڻ ڪري اچي پهتو. ميجر بليڪ پنهنجي گهوڙي سوار آرٽلري کي بہ وٺي اچي پريڊ گرائونڊ کي گهيري ۾ ورتو ۽ پنهنجيون پوزيشنون سنڀاليون، جيڪي راڪيٽ فائر ڪرڻ جي اشاري جا منتظر هئا. انهن ۾ ڇهہ پوند جا گولا فائر ڪرڻ واريون بہ توبون هيون. اهو سڄو ڪم ڏاڍي ڦڙتي ۽ رازداريءَ سان پورو ڪيو ويو.

خبر ٻڌڻ شرط فريئر، ميجر گولڊ اسمٿ ۽ جان آرٿر سان هڪ بگي ۾ روانو ٿيو ۽ پنهنجي سرڪاري بنگلي تي پهتو. يورپي عورتن ۽ ٻارن جي حفاظت ليڊي ميري ويدر جي ذمي ڪئي، جيڪا هڪ ميجر ميري ويدر جي گهرواري هئي. (ڪارودر ۽ ڪياماڙي جي سنگم تي ٿاور انهيءَ ميري ويدر جي نالي سان نهيل آهي.) جنهن کي هدايت ڏني ويئي تہ جيڪڏهن جان جو خطرو هجي تہ سمنڊ ۾ لنگر انداز ٿيل ٻيڙيءَ وسيلي منهوڙي جي ٻيٽ ۾ وڃي پناهہ وٺن. اها ٻيڙي ان مقصد لاءِ هر وقت تيار بيٺل هوندي هئي.

21هين رجمنٽ ۾ جيڪي نوجوان ديسي پيادا سپاهي هئا. تن مان گهڻائي جو لاڳاپو اوڌ، لکنو، دهلي ۽ بنگال سان هو ۽ بغاوت جي اڳواٽي حوالدار رام دين پانڊي ڪري رهيو هو. ان چانوٽيءَ

۾ فوجين جي غير معمولي چرپر ڏٺي ته هن بغاوت ۾ حصو وٺندڙ 25 ڄڻن کي ڦاهي وجهڻ جو چيو.

برگيڊيئر فوج جي ڪمان ڪندي ايڪويهين رجمينٽ جي سپاهين کي ٻاهر اچڻ جو حڪم ڏنو، جن حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو، يورپي آفيسر انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. برگيڊيئر ڪيسي مان گهڙي ڪڍي خبردار ڪري ٿو. ڏهن تائين انگ ڳڻڻ کان پهرئين حاضر نه ٿيڻ جي صورت ۾ حملو ڪيو ويندو.

توبون تيار ٿين ٿيون، سپاهين پنهنجيون پوزيشنون سنڀالي ورتيون ڪڙڪي واري آواز سان فضا ۾ ”ون“ جو آواز اڀري ٿو.

ڪجهه مهينا اڳ 29 جون 1857ع ۾ جنرل لائبريري هال (فريئر هال) ۾ يورپي رهاڪو جيڪي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ هئا تن جي سنڌ جي اعليٰ حڪام سان هڪ ميٽنگ ٿي هئي. هندستاني فوجين جي تاج برطانيا سان بغاوت واري خبر جيئن ڪراچي پهتي ته ڪراچي ۾ موجود يورپي ماڻهو سخت مونجهاري جو شڪار ٿيا ۽ انهن کي پنهنجي سلامتي جو فڪر ٿي پيو ۽ اها ميٽينگ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي. سنڌ جو ڪمشنر بارٽل فريئر به ان  ميٽنگ ۾ موجود هو. عام ماڻهن جي اها گهر هئي ته ڪين پنهنجي حفاظت لاءِ هٿيار ڏنا وڃن. فريئر حالتن جي رخ کي سمجهندي ائين ڪرڻ کان پاسو ڪيو. پر يورپي ماڻهن جي حفاظت لاءِ ڪيترائي اهم فيصلا ڪيا ۽ يورپين جي امداد لاءِ فنڊ جمع ڪرڻ جو اعلان ٿيو. ان ميٽنگ ۾ هڪ نهراءُ وسيلي ننڍي ڪند ۾ جنگ آزادي ۾ متاثر ٿيندڙ يورپي باشندن ۽ انهن جي ڪٽنبن سان همدردي جو اظهار ڪيو ويو. ميٽنگ ۾ شريڪ انگريز اٿجاتل وسوسا کڻي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽيا.

1857ع  جي جنگ آزادي جي شروعات اتر هندستان جي شهر ميرٺ مان ٿي ۽ پوري هندستان ۾ پکڙجي وئي ۽ ان وقت سنڌ به ان هلچل ۾ پنتي نه رهي ڪراچي جي ان بغاوت کان اڳ حيدرآباد ۾ بغاوت جا واقعا ٿيا. جنهن لاءِ ڪراچيءَ ۾ سخت احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون ويون.

ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ اخبار سنڌ قاصد Sind Kosid جنهن ڀرپور انداز ۾ جنگ آزادي جون خبرون شايع ڪيون ان سميت ٻين اخبارن تي جنگ آزادي بابت خبرون شايع ڪرڻ تي پابندي لڳائي وئي. سنڌ قاصد پنهنجي 7 جولاءِ 1857ع واري شماري ۾ سنسرشپ خلاف هڪ سخت ايڊيٽوريل لکيو، جنهن انگريز سرڪار کي ناراض ڪري ڇڏيو.

پهرين جولاءِ 1857ع تي ڪمشنر سنڌ هڪ حڪم ذريعي سنڌ ۾ هر قسم جو هٿيار کڻي هلڻ، بارود، گندرف ۽ قلمي شوري جي وٺڻ ۽ وڪڻڻ تي پابندي هڻي ڇڏي.

21 هين رجمنٽ جي سپاهين جي بغاوت به ان سلسلي جي هڪ ڪري هئي.

هر طرف خاموشي هئي. فور، جي آواز جيئن فضا جي خاموشيءَ کي چيريو ته 21هين رجمنٽ جا سپاهي مجبور ٿي ٻاهر نڪتا ۽ بيرڪن سامهون قطار ٺا هي بيهي رهيا. ڪين هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ جهٽ ۾ سيڪنڊ يورپين رجمنٽ جي سپاهي انهن هٿيارن تي قبضو ڪيو. پوءِ ريٽائر ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو هٿيارن جي جاچ دوران اها ڳالهه کلي ٿي ته 13 سپاهين جا هٿيار لوڊ هئا انهن کي يڪدم گرفتار ڪيو ويو. هٿيار گاڏين ۾ پري اسلحا خاني موڪليا ويا. حاضري پرڻ تي خبر پئي ته 25 سپاهي غير حاضر هئا. انهيءَ دوران سر بارٽل فريئر، گولڊ اسمٿ، جنرل آرٿر هتي پهچن ٿا. گولڊ اسمٿ سپاهين سامهون تقرير ڪئي جنهن ۾ تاج برطانيا سان وفادار رهڻ جي تلقين ڪري سپني کي بيرڪن ۾ وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو.

گم ٿيل سپاهين جي ڳولا شروع ڪئي وئي. پوليس جي ڪپتان ميجر مارسٽن انهي وقت سپني ٿاڻن تي سپاهين جي مهاندن بابت ضروري معلومات لاءِ اطلاع موڪلي ڏنا. ڪجھ سپاهي ان ئي رات گرفتار ڪيا ويا. ٻئي ڏينهن پڳي (پيرا واڍن) جي مدد سان سپاهين جي ڳولا شروع ڪئي وئي. ڳوناٺن ۽ شهرين کي به سهڪار جي هدايت ڪئي ويئي.

منا در واري علائقي ۾ لياري نديءَ جي ڪناري باغن ۾ ٽي سپاهي لڪل هئا. اهي ڪنهن به طرح اتان نڪري وڃڻ لاءِ ڏاڍا اتاولا هئا. پوليس ۽ فوج جي گهوڙي سوار سپاهين پڳين جي مدد سان انهن کي گرفتار ڪرڻ چاهيو ته انهن پنهنجين زندگين بچائڻ جي آخري ڪوشش ڪئي پر ناڪام ويا. ڪين گولين سان پروڻ ڪري انهن جي لاشن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري سمنڊ ۾ اڇلايو ويو. جيئري ته هو پنهنجي وطن سونهار بنگال نه وڃي سگهيا. شايد انهن جي ڳريل ماس وطن جي ڪناري وڃي اهو سنديس ڏنو هوندو ته اسان مادر وطن خاطر جانين جا نذرانا ڏيئي چڪا آهيون ۽ سندن انتظار ۾ وينل سانورين نارين بنگال جي هوائن ۾ انهن جي رت جي خوشبو کي محسوس ڪيو هوندو ۽ انهن جي سپنن کي پنهنجي نيڻن ۾ سانديي حياتي جا باقي ڏينهن گذاري ڇڏيا هوندا. گرفتاري ڪانپوءِ 16 ۽ 17 سيپٽمبر تي باغين کي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. 17 تاريخ شام جو ساڍي ڇئين وڳي پوسٽ آفيس لڳ خالي ميدان تي ڪراچي جي سموري پوليس، 14 ۽ 21 نمبر پلٽن ۽ سموري يورپي فوجي ڪنا ٿيا هئا. پورو ميدان عام ماڻهن سان پرجي ويو هو. يورپي گارڊن جي پهري هيٺ پهرئين چوڏهن انقلابين کي ڦاسي جي پليٽ فارم تائين آندو ويو. ڪئپٽن ليڪي(Cap: Leckie ) هنن جي الزامن ۽ سزائن کي کولي ٻڌايو. جنهن کي ميجر گولڊ اسمٿ ترجمو ڪري ٻڌايو. انهن تي الزام هو ته، 13 تاريخ رات جو پنهنجي ريجمنٽ مان هٿيارن سوڌو ڀڄي وڃڻ ۽ پوليس هٿان پڪڙجي اچڻ تائين واپس نه ورڻ هٿيارن سوڌو پڪڙجڻ ۽ پوليس جو مقابلو ڪرڻ.

جنهن موجب يارنهن ڄڻن کي ڦاسي جي سزا ۽ ٽن ڄڻن کي توبن سان اڏائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو.



**ايمپريس مارڪيٽ جي هڪ پراڻي تصوير جنهن ۾ هر پاسي وڻڪاري ۽ خوبصورت گل نظر اچي رهيا آهن**

حڪم ملڻ شرط يورپي سپاهين انقلابين کي ڏاڪڻ تي چاڙهي سندن هٿ پويان ٻڌي تختن تي بيهاريو ويو. اکيون بند ڪرڻ يا منهن تي ڪارو ڪپڙو پائڻ بنا سندن ڳچين ۾ ڦاهي جو رسو وجهي تختا ڪيريا ويا. بنا ڪنهن گهبراهٽ جي انهن انقلابن موت کي سيني سان لڳايو. جلادن هتي بس نه ڪئي موت ڪانپوءِ سندن لاشن کي ترارن سان ڳترا ڳترا ڪري هڪ وهندڙ نالي ۾ ڦٽو ڪيو. باقي بچيل ٽن انقلابين پنهنجين ساٿين کي وطن تان قربان ٿيندي ڏٺو انهن کي توبن جي اڳيان آندو ويو هو مرڪي رهيا هئا. ڪئپٽن ليڪي جي اشاري سان توبچين توبن جي منهن کي تيلي ڏني ۽ انقلابين جي رت سان سنڌ جي ڌرتي رڱجي ويئي.

گرفتاري ڪانپوءِ ڪجھ سپاهين کي انڊيمان ڏانهن ڪاري پاڻيءَ جي سزا هيٺ موڪليو ويو. حوالدار رام دين پانڊي کي جيڪو هن بغاوت جو سرواڻ هو، 23 سيپٽمبر تي توب اڳيان بيهاري اڏايو ويو. ڪجھ سپاهين کي ڪورٽ مارشل ڪانپوءِ فوج مان ڪڍيو ويو. 21 هين رجمنٽ کي هميشه هميشه لاءِ ختم ڪيو ويو ۽ مقامي ماڻهن جي فوج ۾ ڀرتيءَ تي پابندي لڳائي ويئي ۽ انهيءَ پابندي سنڌ جي ماڻهن کي فوج کان پري ڪري ڇڏيو ۽ جنهن جي ڪري سنڌي ماڻهو اڄا تائين فوج کان پري آهن. ان بغاوت بابت ڪراچي ۾ دستاويزن کي ”ڳجها دستاويز نمبر 223 سال 1857ع مکمه راز 14 سيپٽمبر 1857ع“. جو نالو ڏنو ويو آهي.

ايمپريس مارڪيٽ اڄ جتي آهي، اتي انگريزن جي اچڻ کان وٺي 1870ع تائين وڏو ميدان هو. 1849ع تائين ان جي آسپاس ملٽري ڪئمپ قائم هئي. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ صدر بازار جنهن کي انتظامي طور صدر ڪوارٽرز چيو ويندو هو، برٽش ڪنٽونمينٽ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ

ناهيو ويو. 1848ع تائين ڪميونٽي هال. ڪتاب گهر، جيم خانا، چرچ، پارسين جا ڪميونٽي ادارا، شراب خانا ۽ بليئر ڊروم هئا.

سر جيمز فرگوسن 1884ع ۾ ايمپريس مارڪيٽ جي پيڙهه جو پٿر رکيو ۽ ان جو نقشو انجنيئر اسٽريچن ناهيو. جيڪو وينسي گاٿي طرز تي ٺهيل آهي. هن عمارت ۾ 64 فٽ ويڪريون چار گيلريون آهن. هڪ وسيع 100 x 130 فٽ رقبي جو اڱڻ آهي. هن عمارت جي سامهون 140 فٽ اوچو مينار آهي، جنهن تي چئني پاسن کان گهڙيال لڳل آهن. هن بازار ۾ گوشت، سبزي ۽ فروٽ جا 280 اسٽال آهن. جتي اهو ٽاور آهي ان رستي جو نالو ڪرم علي ٽالپرن روڊ آهي. اهو ٽاور ڪنٽونمينٽ ريلوي اسٽيشن جي مٿئين مرڪزي حصي جي سڌ ۾ رکيو ويو. 1859ع ۾ ڪياماڙي کان ڪراچي ڪينٽ تائين ريلوي لائين بارٽل فريئر جي دور ۾ وڇائي ويئي. ان اسٽيشن جو پهريان نالو فريئر اسٽريٽ اسٽيشن هو.

ڪنهن دور ۾ ايمپريس مارڪيٽ جي هر پاسي خوبصورت گلن جي گلڪاري هئي ۽ ان جي ٽنهي دروازن جي سامهون جانورن جي پيئڻ جي پاڻيءَ جا حوض ۽ چئني پاسن کان خوبصورت وڻڪار هئي. صدر ۽ ڪنٽونمينٽ ۾ رهڻ وارا هتي خريداري ڪندا هئا.

پر هي سڀ ڪجهه ماضيءَ جي ڳالهه آهي. هاڻي ايمپريس مارڪيٽ جي خوبصورتي تہ ختم ٿي ويئي آهي. سواءِ جهانگير پارڪ جي، سيئي پارڪ دوڪانن ۽ رهائشي ڪالونين ۾ بدلجي ويا آهن. هر پاسي گاڏين جو شور ائنڊ ويندڙ ٽرئفڪ، پاور هارنن جو لڙ، هر پاسي دونهين جا ڪڪر ۽ گندگي جا ڍير آهن. پيئڻ جي پاڻي جا خوبصورت رومي طرز جي پٿرن جا حوض بہ هاڻي ختم ٿي چڪا آهن.

ايمپريس مارڪيٽ انهيءَ جاءِ تي اڏيل آهي، جتي 13 ۽ 14 سيپٽمبر 1857ع واري رات 21 هين رجمنٽ جي بغاوت ڪندڙ باغي سپاهين کي توبن جي منهن ۾ ٻڌي اڏايو ويو ۽ هتي ڦاهي گهاٽ ناهي گهڻن سپاهي کي ڦاهي چاڙهيو ويو ۽ جيتي شهيدن جو رت لارون ڪري وهيو هو.

هتي ايمپريس مارڪيٽ ان ڪري ناهيو ويو تہ جيئن هتي شهيدن جو ڪو يادگار نہ ناهيو وڃي. ايمپريس مارڪيٽ ٺهڻ کان اڳ ۽ 1857ع جي ان واقعي ڪانپوءِ سوين ماڻهو هتي انهيءَ هنڌ کي ڏسڻ ايندا هئا. جتي شهيدن کي سوريءَ جو سينگار بڻايو ويو هو. چوندا آهن تہ ايمپريس مارڪيٽ ٺهڻ ڪانپوءِ ان جي چوطرف ڳاڙها گل هوا ۾ جهومندا هئا. انگريز سرڪار شهيدن جي وهندڙ رت کي لڪائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر شهيدن جي رت جي لالاڻ انهن گلن ۾ شامل ٿي اسان کي ياد ڏيارڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پر اسان بي حس قوم جا فرد آهيون، انهن شهيدن جي يادگار ناهڻ تہ پري پر اسان انهن کي سري کان وساري ڇڏيو جن سامراجين خلاف جدوجهد ڪئي. اڇو تہ

ڪڍهن ايمپريس مارڪيٽ هلي ان جي ڪنڊ ڪنڊ تي ڳاڙهن گلن جو گلدستو رکي انهن شهيدن کي ياد ڪريون. جيڪي تاريخ آهن، جن تاريخ جو رخ موڙيو، جيڪي اڻ ڄاتل راهن ۾ اڻ ڏٺل منزل جي ڳولا ۾ ماريا ويا ۽ جن جي قرباني جي نتيجي ۾ انگريزن مقامي ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ اڻ ڳڻيا ڪم ڪرايا ته جيئن ماڻهو بغاوت لاءِ نه اٿي پون پر ڪيستائين......؟

# ڪراچيءَ ۾ پورهيو ڪندڙ عورتون

قديم پٿر واري دور ۾ عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ ڪو فرق نہ هو. ٻئي گڏجي شڪار ڪندا هئا. پٿرن جا اوزار گڏجي ٺاهيندا هئا. عورت مردن سان گڏجي محنت بہ ڪندي هئي، ڪاڏي لاءِ جيڪو جتي مليو گڏجي ڪائيندا هئا. انساني تاريخ جي شروعاتي دور ۾ مرد ۽ عورت ۾ فرق نہ هو. قديم مصري تهذيب ۾ عورتون مندر ۾ اهم عهدن تي مقرر هيون اهو فرق پوءِ ڪنجي واري دور ۾ مختلف تهذيبن ۾ پيدا ٿيڻ سان شروع ٿيو. يونان ۾ 750 ڪان 500 ق.م ۾ عورتن جي مقام ۾ گهٽتائي ايندي ويئي ۽ ڇوڪريءَ جو ڄمڻ شرم جو باعث بڻجڻ لڳو.

رومي تهذيب ۾ گهر جي ڪم ڪار جو ذمو عورت جي حوالي هو. سماج ۾ عورت جي باري ۾ اهو تصور عام ٿيندو ويو تہ ان کي هڪ حڪم مڃڻ واري ۽ محبت ڪرڻ واري گهرواري ٿيڻ گهرجي.

اسان وٽ نياڻي نماڻيءَ کي ستن قرآنن جو خطاب ڏنو وڃي ٿو. اسان قرآن کي تہ ستن پوشن ۾ ويڙهي احترام سان رکندا آهيون پر جنهن نياڻيءَ کي ستن قرآنن جو خطاب ڏنو وڃي ٿو ان سان جيڪو ڪجهہ هن معاشري ۾ ڪريون ٿا ان تي اکيون شرم کان جهڪيو وڃن. اسان ايڪويهين صديءَ ڏانهن وڌي رهيا آهيون، پر عورت سان اسان جو سلوڪ وحشي دور کان بہ بدتر آهي. هن کي پنهنجي برابري جي لائق تہ ڇا پر پير جي جتي سمجهيو آهي. عورت کي ڄمندي ئي سماجي ريتن ۽ رسمن جي شڪار گاهہ تي قربان ڪري ڇڏيندا آهيون. هن جديد دور ۾ بہ پيرن جي حويلين، وڏيرن جي ڪوٽن ۽ جاگيردارن جي خانگي جيلن ۾ عورت سان جيڪو ڪجهہ ٿئي ٿو اهو اسان جي قوم تي بدنما داغ آهي

تعليم تہ پري جي ڳالهہ آهي. اسان هن معاشري ۾ عورت کي صحيح جاءِ ڏيئي نہ سگهيا آهيون اسان هن سان ڍورن وارو سلوڪ رکندا آهيون. ناول Good Earth جي ان همراهہ وانگر جيڪو ڏڪار وقت جڏهن ڍڳي وڪڻڻ مهل دل هٽندو آهي تہ ڇا ڪري ۽ ڇا نہ ڪري، پر جڏهن ٻارن کي بک وگهي مرندو ڏسي ٿو تہ ان وقت فيصلو ڪري ٿو تہ ڍڳي وڪڻڻ بدران ڇو نہ زال کي وڪڻي اچي، ڇو تہ ڍڳي پوءِ بہ کير ڏئي ٿي. اهو حشر هتي سنڌ ۾ بہ اسان عورت سان روا رکندا اچون.

ويدن جي شروعاتي دور ۾ آريا سماج ۾ عورت کي ڪنهن حد تائين آزادي هئي. بعد ۾ آهستي آهستي آريا سماج ۾ بہ عورتن جي معاملي ۾ تبديلي آئي ۽ ان جو رتبو گهٽجي جانورن جي برابر ٿيو. اها گناهہ گار ۽ ناپاڪ بنائي ويئي ۽ اهڙي طرح ستي جو رواج پيو. ستي جو رواج خيال آهي تہ 316 ق.م ۾ پيو، جنهن ۾ مڙس جي مرڻ جي صورت ۾ عورت کي بہ ان سان گڏ باهہ

۾ جيئري سڙڻو پوندو هو. مرد لاءِ اهو رواج نه هو. انگريز دور ۾ ان رسم تي پابندي لڳائي ويئي، پر هندستان، جي گهڻن پنتي پيل علائقن ۾ اها رسم اڄ به موجود آهي.



1857ع ۾ مليبر ۾ مالوند ماڻهن جو هڪ منظر عورتون مردن سان گڏ محنت ڪندي

مرد جي مقابلي ۾ عورت جو فطرت سان گهرو رشتو آهي ڇاڪاڻ ته عورتResource واري فطرت جي نظام سان لاڳاپيل آهي. ٻار کي جنم ڏيڻ، انهيءَ کي کير پيارڻ ۽ ٻار جي پالنا ڪرڻ فطرت جي نظام جا حصا آهن. انهن جو وسيلو Resource عورت آهي. پراڻين تهذيبن جي اڀياس مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته زراعت جي شروعات عورت ڪان ٿي آهي. اهو عمل به فطرت جي ويجهو آهي. اسان جي سماج ۾ ٻار پيدا ڪرڻ واري عمل کي ائين ڏنو وڃي ٿو ته عورت ٻار کي جنم ڏيئي فقط گهراڻي ۾ هڪ فرد جو واڌارو ڪري ٿي پر ائين ڪونهي فقط هڪ گهراڻي ۾ هڪ فرد جو واڌارو نٿو ٿئي پر انهيءَ سان انساني وسيلن ۾ واڌارو به ٿئي ٿو. جنهن تي پوري نظام جي ترقيءَ جو دارومدار آهي. پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته انساني وسيلن کي Main Power جو نالو ڏيئي انهيءَ مان هڪ ته عورت جو حصو ڪڍيو وڃي ٿو ٻئي پاسي انساني وسيلن کي وڌائڻ واري انهيءَ رشتي کي اها اهميت نٿي ڏني وڃي، جيڏي انهيءَ جي پيدا ڪيل وسيلي کي ڏني ٿي وڃي. انهن سڀني ڳالهين ان سماج کي Male Dominate سماج بڻائي ڇڏيو آهي.
عمرانيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته زراعت عورتن جي ايجاد آهي. زرعي معاشري ۾ زمين جي اهميت هئي، جيئن عورت ٻار پيدا ڪري فطرت جي نظام ۾ واڌارو ڪري ٿي، ائين زمين به پوک ڏيئي انساني جياپي جو سبب بڻجي ٿي ۽ ان لاءِ زمين کي ڌرتي ماءُ جو نالو ڏنو ويو. پراڻن زمانن ۾ عورتن کي خوش ڪرڻ لاءِ دعائون گهريون وينديون هيون، پراڻن غارن ۾ عورتن جون مورتيون مليون آهن. انهن مورتين ۾ عورت زمين جي ديوي جي اهڃاڻ طور ڏيکاريو ويو آهي.
مال مويشي پالڻ جو فن به عورتن جي ايجاد ۾ شامل آهي. فن جي انهن ايجادن سفري زندگي طئه ڪرڻ وارن قبيلن جي پيرن ۾ زنجير وڌا ۽ خانه بدوشي جي زندگي کي الله واهي چئي پنهنجي

ڪيٽن ويجهو رهڻ تي مجبور ٿيا ۽ ائين ڳوٺ جو بنياد پيو. قديم عهد جا جيڪي به ڳوٺ ظاهر ٿيا آهن انهن ۾ عراق جا ڳوٺ سڀ کان پراڻا آهن. عورت بني نوع انسان تي ايڏو وڏو ٿورو ڪيو جو مردن کي وحشي زندگي مان ترقي واري زندگي ڏانهن وٺي اچڻ جو ٿورو به عورت جو ئي آهي. عراق جي علائقي ۾ انساني ارتقاءَ جي ٽين منزل جرمو ڳوٺ نالي ڪوٽائي ۾ ظاهر ٿيو آهي ان ۾ هين شين ڪانسواءِ ڳوهاري عورت جون مورتيون به مليون آهن. جنهن کي ڌرتي ماتا ڪري پوڄيو ويندو هو ڇو ته انهن جي خيال ۾ عورت بنو نوع انسان جي واڌاري جو وسيلو آهي. هي قديم دور جي انسانن جي ڳالهه آهي پر ان ترقي واري دور جو مرد عورت سان وحشي دور کان به بدتر سلوڪ روا رکيو اچي ٿو. ڪاروڪاري، ستي ۽ قرآن سان حق بخشرائڻ جهڙيون واهيات رسمون به هن دور ۾ موجود آهن.

تاريخ ۾ به عورت کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. تاريخ ۾ اسان کي فقط مردن جو ذڪر ملي ٿو. هي حقيقت آهي ته تاريخ جي عمل ۾ عورتون وڏيڪ حصو وٺن ٿيون. ان کي تاريخ مان ان ڪري غائب ڪيو ويو جو هن جي ڪم کي ڪا اهميت نه ڏني ويئي، اُها جيڪا لڳاتار ڪم ڪري ٿي، ڪيٽن ۾، ملن ۾ مزدوري ڪري ٿي، گهر جو ڪم ۽ گهر ۾ ٻارن کي پالڻ انهن جي نپائڻ جو ڪم به عورت ڪري ٿي ۽ جيڪڏهن عورت اهي سڀ ڪم نه ڪري ته پوءِ هي معاشري پيچ ڊاهه جو شڪار ٿي وڃي ۽ انساني تاريخ ڪڏهن به نه جڙي سگهي ها. تنهن ڪري تاريخ مردن جي نه آهي ۽ ان ۾ به عورتون شامل آهن جنهن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي.

جيئن ته منهنجي موضوع جو تعلق ڪراچي جي ڳوٺن ۾ رهندڙ عورتن جي پورهئي سان آهي. ان ڪري هتي هن وقت هن ڏيهان ڏيهي شهر ڪراچي ۾ عورت جي حيثيت تي ڪجهه لکڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. شهرن ۾ عورت جي حيثيت اسان وٽ اها ئي آهي جيڪا سنڌ جي ڪنهن پنتي پيل علائقي جي عورت سان آهي. ڳوٺن ۽ ڪچين آبادين ۾ رهندڙ اڌ آبادي (عورت) 16 ڪلاڪ مسلسل ڪم ڪرڻ جي باوجود غلاماڻي زندگي گذاري رهي آهي. تعليم سميت زندگيءَ جي هر نعمت کان خالي، جيڪڏهن خوشي ڏسندي آهي ته فقط ڳوٺ ۾ ڪنهن شادي جي موقعي تي ۽ بس.



ساحلي علائقي ۾ رهندڙ پورهيو ڪندڙ عورتون

دنيا جي هڪ ارب کان وڌيڪ غريب ماڻهن ۾ گهڻائي عورتن جي آهي. ڳوناڻيون عورتون غربت جو شڪار وڌيڪ آهن. اهي پنهنجي مرضي جي زندگي نٿيون گذاري سگهن انهن کي فيصلي ڪرڻ واري عمل کان پري رکيو ويجي ٿو. عورتون صنفي متڀيد جون شڪار آهن انهن کي گهٽ اجورو ڏنو وڃي ٿو، جنهن ڪري به انهن لاءِ ترقي جا موقعا گهٽ آهن.

ڪراچي ۾ پورهيو ڪندڙ عورتن کي اسان ٽئن حصن ۾ ورهائينداسين. پهرين اهي جيڪي شهرن ۾ رهن ٿيون. انهن مان اڪثر مزدوري ڪنديون آهن. هتي انهن کي مردن جي مقابلي ۾ اڌ کان به گهٽ اجورو ملي ٿو. ڪم جيترا ڪلاڪ مرد ڪري ٿو اوترائي ڪلاڪ هڪ عورت ڪري ٿي. ان ڪانسواءِ وڏن بنگلن ۾ ٿانوَ صاف ڪرڻ، ڪپڙا ڌوئڻ ۽ صفائي ڪرڻ لاءِ به شهر ۾ رهندڙ ڳوٺن ۽ ڪچين آبادين جون عورتون وينديون آهن. جتي گهر جي پاتيءَ جي حساب سان 15 کان 20 روپيا روز مزدوري ڏني ويندي آهي. بيمار ٿيڻ، شادي غمي تي وڃڻ، مڙس يا ٻار جي بيمار ٿيڻ جي صورت ۾ نه اچڻ ڪري ڏيهاڙي نه ملندي آهي. هاڻي بنگالي عورتن جي اچڻ ڪري روزگار جو اهو وسيلو به ختم ٿي رهيو آهي.

ٻئي حصي ۾ ساموندي علائقن ۾ رهندڙ عورتون اچي وڃن ٿيون جتي گهٽو ڪم سانا (جهينگا) صاف ڪرڻ، گند جي چونڊايءَ جهڙو ڏکيو پورهيو عورت جي حوالي آهي. هتي هڪ ٽوڪري جي صفائيءَ تي 35 روپيا مزدوري ڏني وڃي ٿي. هڪ ٽوڪريءَ جي صفائيءَ ۾ ٻه ڪلاڪ تي ڪلاڪ لڳي ويندا آهن. هڪ ٽوڪريءَ ۾ ٽي ڪلو سانا صاف ٿي ويندا آهن. هي ڪم ايترو ڏکيو آهي جو ڏهن ٽوڪرين جي مسلسل صفائي ڪرڻ سان عورت جي هٿن جون آڱريون سن ٿي وينديون آهن. سانن جي گرمائش ڪري مسلسل صفائي سان آڱرين جي ننهن ۾ بيماريون پيدا ٿي وينديون آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن مسلسل ڪم ڪرڻ ڪري ننهن نڪري به ويندا آهن. اهو ڪم مردن جي وس کان ٻاهر آهي. اهڙي ڏکئي ڪم جو اسان عورت کي ڪو به مناسب اجورو نه ڏيندا آهيون.

ڪراچي ۾ ٽئين حصي ۾ اهي عورتون اچن ٿيون جيڪي ٻنيءَ تي ڪم ڪن ٿيون. عورتون ٻني تي مردن سان گڏ اوترائي ڪلاڪ ڪم ڪنديون آهن پر هنن کي مزدوري گهٽ ملندي آهي. مردن کي 150 کان 200 روپيا روز ڏنا ويندا آهن جڏهن ته هن جي پيٽ ۾ هڪ عورت کي فقط 50 کان 70 روپيا ملندا آهن. جن جون پنهنجيون ٻنيون آهن يا انهن جا مرد ڪٽي هارپو ڪندا آهن ته انهن گهرن جون عورتون اهو ڪم مفت ۾ بنا ڪنهن اجوري جي ڪنديون آهن. مزدوريءَ ڪانسواءِ پنهنجي گهر جي ٻڪري يا ڍڳي لاءِ گاهه ڪرڻ جو ذمو به انهيءَ عورت تي هوندو آهي.

پر مسلسل بارشن جي گهٽتائي، ٻهراڙين جي ندين مان ريتي بجري ڪڍڻ ۽ شهر جي وڌڻ ڪري هتان زراعت ختم ٿي رهي آهي هاڻي فقط 25% سيڪڙو زمين آباد ٿئي ٿي، جنهن جي ڪري

مردن ته شهرن جو رخ ڪيو پر عورتون جيڪي ٻني ٻارو ڪنديون هيون، ٻني ۾ مزدوري ڪري پيٽ پالينديون هيون، ٻنين ۾ چارو ڪري پنهنجي مال کي ڏينديون هيون اهو سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. جنهن جي ڪري هتان جي عورت سخت ذهني مونجهاري جو شڪار آهي جنهن جا اثر اسان جي معاشري تي پئجي رهيا آهن.

چوٿين حصي ۾ ڪراچيءَ جي ڪوهستان واري علائقي جون عورتون اچي وڃن ٿيون. جيڪي زندگيءَ جي هر نعمت، هر خوشيءَ کان محروم آهن. ڪوهستان ۾ معاش جو وسيلو مال ڌارڻ تي آهي ان ڪري هتان جون عورتون پنهنجي گهر جو مال چارينديون آهن. برسات جي موسم ۾ جڏهن کيٽ پاڻيءَ سان پرجي ويندا آهن ته انهن جي سڪڻ کانپوءِ آڏ (وٽ) تي ٻني ٻارو ڪيو ويندو آهي. عورت مرد سان گڏوگڏ انهيءَ ڪم ۾ رڌل هوندي آهي. ڪوهستان ۾ گهٽو ڪري مال پنهنجو هوندو آهي ۽ ٻني به پنهنجي هوندي آهي انهيءَ ڪري هتان جي عورت بنا ڪنهن اجوري جي اهو ڪم سرانجام ڏيندي آهي پئسو ڏسڻ شايد ئي انهن کي نصيب ٿئي. ڪراچي ۾ رهندڙ انهن چئني حصن جون عورتون مسلسل 16 ڪلاڪ ڪم ڪنديون آهن. صبح جو پنجين وڳي اُٿي، کير هوندو آهي ته ان جو ولوڙي، رڌ پچاءُ ڪري ٻارن ۽ مڙس کي ڪارائڻ کانپوءِ ٻارن کي اسڪول لاءِ تيار ڪري موڪلڻ، ٿانون جي صفائي، گهر جي صفائي، ان کانپوءِ پاڻي ڀرڻ، شهرن ۾ انهن کي ويجهو قائم ڳوٺن ۾ نل ته لڳل هوندا آهن پر پوءِ پاڻي اچڻ جي انتظار ۾ قطار ۾ ويهڻو پوي ٿو پاڻي اچي يا نه اچي اهو اوسيئڙو قيامت کان گهٽ نه آهي. جتي روز جا عورتن جا جهيڙا معمول جو حصو بڻجي ويا آهن. زرعي علائقي جي عورت ڀرئين کوهه تان پاڻي ڀرڻ ويندي آهي، ڪوهستان جي عورت هڪ کان ٽن ڪلوميٽرن تائين پاڻي ڀرڻ ويندي آهي. جيڪڏهن کوهه آهي ته رسو ڇڪي پاڻي ڪڍڻ جو ڪم به عورت کي ئي ڪرڻو پوندو آهي. انهن سيني ڪمن کان واندي ٿي غريب عورت کي مزدوريءَ لاءِ به وڃڻو پوندو آهي. 12 وڳي کان 2 وڳي تائين ٻنيءَ ۾ وقفو ٿيندو آهي ته مرد اچي کٽ تي آرامي ٿيندو آهي.



**ڪوهستان ڪراچي ۾ گڏهه تي پاڻي ڀريندي محنت ڪش عورتون**

پر اها عورت جيڪا هن سان گڏ ٻنيءَ ۾ ڪم تي ٻه هوندي آهي ماني پچائڻ ۾ لڳي ويندي آهي. شام جو ڇهين يا ستين وڳي ڪم تان لهڻ ڪانپوءِ مرد هوٽلن جو رخ ڪندا آهن جتي تاش راند ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. پر ويچاري عورت گهر ۾ ٻڌل ٻڪريءَ يا ڍڳي لاءِ گاهه ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻي ڀرڻ ۽ رات جي ماني پچائڻ ۾ مصروف ٿي ويندي آهي. ٻارن کي سمهارڻ ڪانپوءِ رات جو 9 وڳي مس وڃي بستري تي آرامي ٿيندي آهي. جيڪڏهن گهر ۾ ڪو بيمار آهي ته پوءِ آرام وري ڪٿي، هن جي تيمارداريءَ ۾ لڳي ويندي آهي. رات جي انهن ڪلاڪن ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي ڪپڙن سبڻ جو ڪم ٻه هن کي ڪرڻو پوندو آهي.

ان ڪانسواءِ ٻارن جي بيماريءَ جي صورت ۾ انهن کي ڊاڪٽر ڏانهن وٺي وڃڻ ٻه عورت جي ذمي آهي. ڪوهستان واري علائقي ۾ ڊسپينسري يا ڊاڪٽر نه هئڻ ڪري بيمار ٻار کي يا ڪمپائونڊر تائين پهچائڻو پوندو آهي. جيڪڏهن ڪمپائونڊر تائين نه پهچي سگهبو ته اهو پنڌ وري ٻئي ڏينهن ٻه هن کي عورت ئي ڪرڻو آهي. اهو پنڌ ڪنهن ٻه طرح پنجن ڪان ڏهن ڪلوميٽرن ڪان گهٽ نه آهي نه ته پير جي پڙهيل پاڻي يا ڦڪيءَ تي گذارو ڪرڻو پوي ٿو.

ڪراچي جي ساحلي علائقن جي ڳوٺن ۾ زرعي علائقي ۽ ڪوهستان جي عورتن جو ڪجهه حصو سئيءَ جو پورهيو ٻه ڪري پنهنجو گذر بسر ڪري ٿو. جنهن ۾ ٻين گهرن جي ڪپڙن جي سلائيءَ ڪان سواءِ بهترين رليون ناهڻ، گج ڀرڻ، ڪپڙن تي ستارن ۽ زريءَ جو ڪم، موتين جو پوچ، وهاڻن تي پرت، اڳٺ ناهڻ ۽ ان ڪان سواءِ ٻهارا، ٽوڪرا ۽ چٽر ٻه ناهين ٿيون. ايترو سارو ڪم ڪرڻ جي باوجود انهن کي ان جو ايترو اجورو نٿو ملي جيڪو انهن کي ملڻ گهرجي، هن ڪم جي حوصله افزائي نه هئڻ ڪري اهو فقط هاڻي ڳوٺن تائين محدود ٿي ويو آهي. ڀهراڙيءَ ۾ لاتعداد انڊسٽريل هوم مختلف ادارن پاران قائم ڪيا ويا آهن پر انهن مان اڪثر بند آهن. ڪوهستان واري علائقن ۾ بهترين گج تيار ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح ملير ۽ درساڻي چني واري علائقي ۾ بلوچي لباس تي خوبصورت پرت جو ڪم ڪيو ويندو آهي. پرت ڪانسواءِ زريءَ جو ڪم ۽ ڪاوا لڳايا ويندا آهن. هن لباس تي چئن ڪان پنج سئو خرچ ايندو آهي ۽ اهي شهر ۾ پنجويهين سون ڪان پنجن هزارن تائين وڪرو ٿئي ٿو پر سرپرستي نه هئڻ ڪري اهو هنر ٻه صرف ڳوٺن تائين محدود آهي. ڳوٺاڻيون عورتون شهرن ڪان اڻ واقف آهن تنهنڪري اهي شيون فقط پاڙي يا پر وارن ڳوٺن لاءِ آرڊر تي تيار ڪيون وينديون آهن. ان تي 15 ڏينهن ڪان پورو مهينو ٻه لڳي ويندو آهي ۽ مشڪل سان ٻن سئون ڪان ٿي سئو روپيا ناهڻ واريءَ کي نصيب ٿيندا آهن.

**رليون سبڻ:**

سنڌ جي رلي مشهور آهي، پوري سنڌ وانگر ڪراچيءَ جي ٻهراڙيءَ ۾ به عورتون رليون سبنديون آهن جيڪي پنهنجي خوبصورتيءَ جي ڪري مشهور آهن. رلي جا ٽي ڀاڱا ٿين. هڪڙو تر هيٺيون حصو، ٻيو ليهه وچون حصو، ٽيون مٿيون حصو. جنهن ۾ رنگارنگي ڪپڙن ۽ ٽڪرن جا نقش نگار هوندا آهن. اهڙي طرح هر ڊزائن جو پنهنجو الڳ نالو هوندو آهي جهڙوڪ چنڊ تارو، ٻاري، اُٺ لهر، هندورو، چانڊوڪي، ڏينهن رات، نٽ، ڪجي، ڪانُ پيرو وغيره نالا ڏنا ويندا آهن. انهن رلين تي 100 کان 2500 سئو روپيا خرچ ايندو آهي. ٻين هنرن وانگر هي هنر به مارڪيٽ نه هئڻ ڪري فقط ٻهراڙيءَ تائين محدود آهي ۽ عورتون رلي سبڻ ڪانپوءِ مٿي تي ڪٽي پنڌ ڪري ڳوٺ ڳوٺ وڪڻڻ لاءِ وينديون آهن جتي خود گهرن ۾ رليون وغيره ناهڻ ڪري صحيح اجورو نه ملندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن شهر مان آيل عورتون اهي رليون فيشن طور تي وٺي وينديون آهن پر اُهي به محنت جو قدر نه ڪنديون آهن.

**موتيءَ جو ڪم:**

هتي عام طور هن ڪي مٽئي جو ڪم به ڇون ٿا. ڪراچيءَ جي ڳوٺن ۾ موتين (مٽين) جي پوچ جو ڪم ٿئي ٿو جنهن مان موتين جا هار، جن ۾ لونگ، سوپاريون، رنگ برنگي موتين سان پوئي ناهينديون آهن. ان جو هتي مخصوص نالو ”ڪنڊلو“ آهي. خاص طور تي شادين تي ڪنوار يا هن جي ساهيڙين ڪي سوکڙي طور پيش ڪيو ويندو آهي. هنن موتين مان منڊيون، ڇلا، اڳٺ جي چيزن ۽ سڳين تي به مٽين جو ڪم ڪري تن جي خوبصورتي ۾ واڌارو ڪيو ويندو آهي. موتين (مٽين) جا رنگا رنگ لاڪيٽ به تيار ڪيا ويندا آهن. ان ڪانسواءِ ٻارن جي رانديڪن تي به موتين جو ڪم ٿئي ٿو.

ڪوهستان واري حصي ۾ ڪجيءَ جهڙو ٻوٽو ٿيندو آهي جنهن ڪي هتي فيش چيو ويندو آهي. هن جو قد تمام ننڍو هوندو آهي. هي پاڻهي قدرتي طور تي جبلن ۾ ٿئي ٿو. هن جي پنن ڪي سڄي رات پاڻيءَ ۾ رکيو ويندو آهي. نرم ٿيڻ ڪانپوءِ انهن ڪي ڪٽي سٽي ان مان چٽر، ٽڏا، ٻهارا، رسا جوڙيا ويندا آهن. ٻهراڙيءَ ۾ عورتون ڪاريون، چليون ۽ نکون به ناهن ٿيون. ٻڪرين ۽ رڍن جي ڏاس مان به رسا جوڙين. رسن ڪانسواءِ ان مان بهترين قالين ۽ ڪمبل به تيار ڪيا وڃن ٿا. اهي عورتون سڄو سڄو ڏينهن محنت ڪري اهي خوبصورت شيون جوڙين ٿيون، مارڪيٽ نه هئڻ ڪري اهي عورتون اهي شيون مٿي تي رکي ڳوٺ ڳوٺ پنڌ ڪري وڪري لاءِ وينديون آهن ۽ پوءِ جيڪو ٿورو گهڻو پئسو ملي ان مان پيٽ گذران ڪن ٿيون.

اسان جي ڀھراڙيءَ ۾ ٿيندڙ ھٿ جو پورھيو اسان جي زندگيءَ جو حصو آھي. اسان جي ھن تھذيب ۽ ثقافت جون جڙون جيتريون مضبوط ھونديون اسان جي زندگي ۽ جياپو بہ اوترو سگھارو رھندو. اسان تاريخ جي جنھن پلصراط تان گذري رھيا آھيون ان کان اڪ پورڻ يا ڪن لاٽار ڪرڻ تي نٿو سگھي. حڪومتي ادارن جون ٽيڏيون اکيون اسان جي ثقافتي ۽ تھذيبي اھڃاڻن کي جنھن نموني گھوري رھيون آھن انھن کي اسان چڱي طرح پرکيو آھي. اھي سڀ مسئلا سنڌ جي ھڪ اڳڻ کان ٻئي تائين ڦھليل آھن، ھي اسان سيني سماجي ادارن، سنڌ جي گھڻ گھرن، تاريخ جي ھن پلصراط تان گذرندڙ ڏرين مان ڪي اميدون رکن ٿيون. ھاڻ اھو اسان تي ڇڏيل آھي تہ ڪيئن اسان پنھنجي اُڏڙيل من کي ٿوپو ڏيئي پنھنجي پوکيل پيرن کي مضبوط ڪريون ٿا. جيئن پنھنجي ڌرتي، ڌرتيءَ ۾ پوريل ڏن، ڌرتيءَ تي نسرندڙ ڪيٽن ۽ پنھنجي سلن جو تحفظ ڪري پنھنجي ثقافتي قدرن کي اجاگر ڪري دنيا آڏو پاڻ ڳڻائي سگھون. اڃو تہ عورتن تي ٿيندڙ ھن ظلم خلاف ھڪ ٿيون. ھن کي ھن جي پورھئي جو حق ڏياريون، ھن جي ھٿ ھنر لاءِ مارڪيٽ ناھيون ۽ ھن ثقافت کي تباھ ٿيڻ کان بچايون. جيڪڏھن اسان عورتن جي انھيءَ ھٿ جي ھنر جي حوصلہ افزائي ڪئي ۽ ھن کي صحيح اجورو مليو تہ ھن کي ڪجھ آٿت ملندي. سڀ کان اھم ڳالھ تعليم آھي. اڳين زماني جي ھن چوٽي کي تہ ”عورت کي پڙھائڻ ائين آھي جيئن نانگ کي وڏيڪ زھريلو بنائڻ“. اھا چوٽي اسان کي غلط ثابت ڪرڻي آھي. اھو سڀ ڪجھ تعليم نہ ھئڻ ڪري آھي. تعليم ھئڻ ڪري ھو پنھنجي صحيح ۽ غلط کي پاڻ سمجھي سگھي ٿي. رسم ۽ رواج جي ٻڌڻ، ننڍپڻ جون شاديون، اسڪولن جي گھٽتائي، نظام تعليم واري سرشتي ۾ عورتن جي روايتي ڪردار جھڙيون رڪاوٽون بہ عورتن جي تعليم جي رستي ۾ رنڊڪ آھن. ھڪ عورت کي تعليم ڏيڻ معنيٰ ھڪ خاندان کي تعليم ڏيڻ جي برابر آھي.

# آٽي اُتر واءُ موڪيءَ مَٽَ اُپٽيا

هن وقت آئون نارا ٽر جبل جي الهندي چوٽيءَ تي هڪ وڏي پٿر تي وينو آهيان. هيٺ اُتر پاسي غلام محمد جوکيو ۽ ٻيا ڳوٺ نظر اچي رهيا آهن. اوپر پاسي ناراٽر جي هڪ چوٽي جي اوٽ ۾ گاجان بلوچ ڳوٺ، نارا ٽر لڳ سهراب فقير ڳوٺ ۽ خميسي ڳوٺ ۾ زندگي روان دوان آهي. ڏور ٽڪريءَ تي عثمان شاهه جي درگاهه تي ڳاڙها، پيلا جهنڊا ڦڙڪي رهيا آهن. ان سان لڳ ڳڏاپ روڊ تي وقفي وقفي سان ڪا ٽريفڪ نظر اچي رهي آهي. برسات ڪري ڪوهن ۾ پاڻي اچڻ سان ساوڪ ٿي آهي. آئون جنهن پٿر تي وينو آهيان. ان تاريخ جا ڪيئي دور ڏٺا هوندا. نارا ٽر جي ڪنهن ڪناري سيوهاڻي ۽ گهاري واري واٽ تان هزارين قافلا گذريا هوندا. انهن رستن جا نشان هاڻي هتي نه آهن. پڪي رستي جي ڪري هن پراڻي رستن جا نشان منجي ويا آهن پر هتان ڪجهه ڪلوميٽر پري اتر پاسي ڪوهستان ويندڙ پيچري کي اڄ به سيوهاڻي رستو ۽ گهاري واري رستي کي سسئيءَ جي واٽ چيو وڃي ٿو.

جنهن پٿر تي آئون وينو آهيان، اڄ کان ساڍا پنج سئو سال اڳ ڪنهن اهڙي شام جو، ان تي ڪو اداس ماڻهو ڪنڌ جهڪائي وينو هوندو ۽ ان جي سامهون هڪ نه پر ڇهه جنازا رکيل هوندا. انهيءَ دل ڏاريندڙ لمحي، هن الائي ڇا سوچيو هوندو؟ ڪاش اهو اڳ سمجهڻ منهنجي وس ۾ هجي. اهي ڇهه لاش ڪنهن جا هئا؟ اهي ماڻهو ڪير هئا؟ تاريخ جا ورق خاموش آهن. سوين ماڻهن اتر جي سرد ۽ خشڪ هوائن ۾ انهن کي دفن ڪيو هوندو. ماڻهو اڄ انهن کي متارن جي نالي سان ياد ٿا ڪن، جيڪي موڪيءَ جي مٽ جا پياسي هئا. تاريخ جي هن ڏکهي ۽ ٽڪائيندڙ سفر ڪانپوءِ مون اکيون کوليون، هن وقت منهنجي سامهون ڇهه قبرون آهن جيڪي چوڪنڊي/چوکنڊي طرز اڏاوت جي اوائلي دور جي نموني تي ٺهيل آهن. انهن تي ڪا چٽسالي نه آهي صرف ڪجهه نشان ناهيا ويا آهن. اهڙي اڏاوت کي گهاڙي به چون ٿا، جنهن مان مراد آهي گهڙيل.هن طرز جون قبرون مڪران جي ساحل کان وٺي ميرپور ساڪري تائين موجود آهن. ڪٿي انهن کي روميو به چون، گهٽو ڪري اهي جوکين، ڪلمتين ۽ برفت قبيلن جي ماڻهن جون قبرون آهن. متارن جون قبرون به گهاڙي آهن.

ڪجهه سال اڳ متارن جي قبرن جي چار ديواري موجود هئي، جنهن جي چار ديواريءَ لاءِ وڏن وڏن پٿرن کي گهڙي هڪ ٻئي سان ائين ملايو ويو جو انهن کي پلستر جي ضرورت نه هئي. صدين گذرڻ ڪانپوءِ به اهي ائين سلامت هئا. انهن پٿرن جو وزن ايترو آهي جو هن وقت چار نوجوان مشڪل سان انهن کي ڪٽي سگهندا. هتي هڪ پٿر کي پيالي جي شڪل وانگر ڪوري پيالو ناهيو ويو آهي. جيڪي مرد جنگ ۾ ختم ٿيا انهن جي قبرن تي تلوار ۽ جنگي اوزن جا

نشان آهن. عورتن جي قبرن تي مختلف زيور اڪريل آهن. شايد انهن مڙ جي پياسين جي قبرن تي ٻين نشانن جي بجاءِ پيالو ٺاهيو ويو آهي پر هاڻي اهو پيالو ٽٽي چڪو آهي، چوديواريءَ جا پٿر بہ هر پاسي ٽڙيل پکڙيل هئا. ڪجهہ وقت اڳ موالين هتي پنهنجو آستانو جوڙيو هو، ان چار ديواري جا پٿر جيڪي هڪ ٻئي سان مضبوطيءَ سان جڪڙيل هئا، ٽوڙي هيٺ ڪيرائي ڇڏيا هئا. اهڙي طرح چوديواري کي ختم ڪيو ويو. چوديواري اندر ڇهہ قبرون آهن جن تي نالا لکيل آهن اُهي هن ريت آهن.



**نارا ٿر جي چوٽي تي ڳهاڙي قبرون جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي متارن جون آهن. ننڍي تصوير ۾ اڪريل نالو ”حالار حاجي“ جيڪو هڪ قبر تي لکيل آهي**

هڪ لائين ۾ پنج قبرون آهن جن ۾ اولهہ کان پهرين قبر تي گول دائرو آهي. ان ڪانپوءِ سڌي لائين ۾ چوڪڙين جا نشان آهن. ۽ آخر ۾ سورنهن گول سوراخ، جيڪي انن جي لائينن ۾ آهن، وچ ۾ اپريل نالو آهي حالار حاجي، اولهہ کان ٻئي نمبر قبر تي اسحاق حاجي، ٽئين نمبر تي اسحاق اسماعيل، ان تي اسحاق صاف ظاهر نہ آهي. اهو اسحاق يا اسحبق اسماعيل آهي، چوٿين قبر ٽٽل آهي جنهن تي نالو نظر نٿو اچي. انهيءَ لائين ۾ پنجين قبر تي آدم روستم لکيل آهي. ان ڪانسواءِ چوديواري کان ٻاهر اولهہ پاسي هڪ قبر، اتر پاسي هڪ قبر ۽ اوڀر پاسي ٽي قبرون آهن، اهڙي طرح چوڪنڊي طرز تي ٺهيل چوديواري اندر ڇهہ قبرون ۽ ٻاهر پنج ڳهاڙي قبرون آهن، جيڪي ٽوٽل يارنهن آهن. چوديواري کان ٻاهر جيڪي قبرون آهن، انهن تي ڪو نالو لکيل ڪونهي. ان ڪانسواءِ انهن قبرن جي آس پاس انهيءَ ٽڪريءَ تي 20 ٻيون قبرون آهن، انهن تي

صرف ننڍا ننڍا پٿر رکيل آهن، جيئن عام قبرون هونديون آهن. ان ٽڪريءَ کان هيٺ اڌ فرلانگ اولهه پاسي عام قسم جون 35 قبرون آهن انهن سيني تي ڪو نشان ڪونهي.

نارا ٿر جبل جي چوٽي جتي متارن جون قبرون آهن اولهه پاسي کان نارا ٿر جي پهرئين چوٽي آهي ان چوٽي کان نارا ٿر جي مٿئين سطح تي چڙهڻ لاءِ اجا به مٿي وڃبو ته اتي 12 فٽ ڊگهي هڪ قبر آهي. اها قبر ڪنهن جي آهي ان جي ڪا خبر ڪانهي. هيءَ قبر به عام قبرن وانگر آهي. البت هن تي عقيدت مندن پاران پڙ به چڙهيل هئا.

متارن جي قبرن تي لڪيل نالن مان خبر پئي ٿي ته اهي يا ته هڪ ئي خاندان جون قبرون آهن ۽ انهن مان ٿي پائر آهن. جيڪي حاجي جا پٽ آهن يا حاجي انهن جو تخلص آهي يا اهي ذات جا حاجي آهن. انهن مان هڪ قبر تي حالار حاجي اپريل لکٽي آهي. باقي نالا پٿر کي کوٽي تراشي لکيا ويا آهن. جيڪي لڳي ٿو گهڻو پوءِ لکيا ويا آهن، تحقيق مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته اپريل لکٽي واري لکت اصلي آهي ۽ کوٽي نالي لکڻ جو رواج گهڻو پوءِ پيو. متارن واري قبرستان ۾ اها تحقيق طلب آهي ته فقط هڪ قبر تي اپريل لکت سان نالو لکيل آهي ۽ ٻين پنجن قبرن تي کوٽي نالي لکڻ واري لکت آهي. جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي پنجئي قبرون بعد جون هجن.

متارن جي قبرن تي اچڻ لاءِ سپر هاءِ وي ڪراچي ٽول پلازه کان بقائي اسپتال لڳ اتر پاسي ڳڏاپ ڏانهن رستو نڪري ٿو. انهيءَ رستي تي الهندي پاسي ڳوٺ چنيسر جوکيو کان پوءِ اڌ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي برساتي خشڪ نئين ڪونڪر کان اڳ ۾ ڪابي هٿ تي هڪ ڪچو رستو اتر پاسي نڪري ٿو. هتان چئن ڪلوميٽرن تي نارا ٿر جبل تي پهچبو، هن جي الهندي چيڙي تي ٻنيءَ تي متارن جون قبرون آهن. مٿي چڙهڻ لاءِ هڪ پيچرو آهي. جبل تي چڙهڻ کان اڳ هيٺ هڪ پراڻو قبرستان آهي جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. هتي درگاهه پڻ آهي ڪڏهن ڪڏهن هن تي ميلو به لڳندو آهي. نارا ٿر جي انهيءَ چوٽي تي قبرن کي ڏسي شاهه صاحب چيو آهي.

**موڪيءَ متو نه گهريا، وهه نه وهاٽيا،**

**سرڪيءَ ڪاڻ، سيد چئي، اُتي ٿي آئيا،**

**جي ڳالهين ڳنگاٽيا، تن جون ٻنڻ پاسي ٻنيون.**

نارا ٿر پاسي جوکين جو قديمي قبرستان آهي. انهيءَ نارا ٿر جي ڪنهن چيڙي تي برفتن ۽ جاکرن جي جنگ لڳي، هتان جي جوکين، ڪلمتين ۽ نومڙين جاکرن جو پاسو ڪنيو. هن جنگ ۾ جاکرن کي شڪست ٿي.

شام ٿي رهي هئي مون ڪي موڪي جي قبر تائين وڃڻو هو. نارا ٿر جي هن چوٽي تي متارن جي قبرن وانگر اڪيلائي ۽ اداسي هئي. آءٌ هيٺ پهتس، موڪيءَ جي قبر تائين وڃڻ لاءِ هتان ڪو به سڌو رستو نہ آهي. هن پيچري جا نشان بہ ختم ٿي چڪا هئا جنهن تان ڪڏهن متارا ۽ ٻيا مسافر گهوڙن ۽ اٺن تي چڙهي هتي ايندا هئا. هتي موڪيءَ جي مئخاني ۾ ترسڻ ۽ ساهي پٽڻ ڪانپوءِ پنهنجي پنهنجي ماڳ هليا ويندا هئا. زماني جي تيز هوائن ۽ برساتن جي وهڪرن اهي تمام نشان متائي ڇڏيا آهن. تنهن ڪري هن خطي جي تاريخ محفوظ رهي نہ سگهي آهي. هتي جي تاريخ مري چڪي آهي. موڪيءَ جي قبر تائين وڃڻ لاءِ هتان گڏاپ کان اڳاري خاصخيلي ڳوٺ کان ڦري وڃڻو پوندو آهي. نارا ٿر جي اتر پاسي غلام محمد جوکيو ڳوٺ لڳ گڏاپ گرڊ اسٽيشن تائين 3 ڪلوميٽر رستو طئہ ڪري ٻيهر گڏاپ ويندڙ رستي سان گڏاپ ڏانهن وڃڻو پوندو. غلام محمد ڳوٺ کان هڪ رستو ڏڳاري کان موڪي تائين نهي رهيو آهي. هن جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ موڪي جي قبر تي پهچڻ ۾ آساني ٿيندي. ديهہ موڪيءَ کان ڪراچي شهر ڏانهن وڃي ٿو. انهيءَ رستي تي گڏاپ کان وڃبو تہ ڪراچي 13 ڪلوميٽرن جي ميل پٿر کان ٿورو پهرين اولهہ پاسي هڪ بورڊ نظر ايندو جنهن تي ”درگاهہ شاهہ مريد“ لکيل هوندو. پڪو رستو ڏکڻ اولهہ پاسي نڪري ٿو. هتان اڍائي ڪلوميٽرن تي موڪيءَ جي قبر آهي. ٻيو رستو بابو پاتڻي ڳوٺ وچان موڪيءَ جي قبر تائين وڃي ٿو.

موڪيءَ جي قبر ڏانهن ڪراچي کان اچڻ لاءِ سهراب ڳوٺ کان حيدرآباد ايندي نئين سبزي منڊي کان اڳ 8 ڪلوميٽرن تي موڪي موڙ (چاڪر هوٽل) تي هڪ رستو اتر پاسي نڪري ٿو جيڪو حسين بروهي ڳوٺ، افغان مهاجرن جي ڪئمپ نئين نهندڙ تائيسر ٽائون کان ٿيندو گڏاپ ۽ ڪار ڏانهن وڃي ٿو. انهي رستي تي سپر هاءِ وي کان ڏهن ڪلوميٽرن تي درگاهہ شاهہ مريد وارو بورڊ نظر ايندو. هن بورڊ جي سامهون اوير پاسي پڪنڪ پوائنٽ ڪوزي واٽر ناهي وئي آهي. هتان اولهہ پاسي ڪچي رستي تان موڪيءَ جي قبر تائين پهچبو. اهڙي طرح موڪي جي قبر سهراب ڳوٺ کان 18 ڪلوميٽرن ۽ متارن جي قبرن کان 20 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.



ديهہ موڪي ۾ موڪيءَ جي قبر

موڪيءَ جي قبر کان اڳ شاهه مريد جي درگاهه آهي. درگاهه جي ڏکڻ پاسي ڪجهه مفاصلي تي موڪيءَ جي قبر مٽيءَ جي دڙي تي ٻين کان ٿورو مٿي آهي. موڪيءَ جي قبر سان گڏ قبرستان به آهي. جنهن نموني متارن جون قبرون گهاڙي آهن، پر هن جي ابتڙ موڪي جي قبر بلڪل سادي ۽ عام قبرن وانگر بنا ڪنهن ڪتبي جي آهي. مجاور ابراهيم خاصخيلي مرحوم هن ڪي سيمنٽ سان پڪو ڪيو آهي. پهرئين هن کي چار ديواري ڏنل هئي، هتي فيبروري 2007ع تي جڏهن پهتس ته چار ديواري جو ڪم هلندڙ هو جيڪو هيبت خاصخيلي ڳوٺ جو حاجي خاصخيلي ڪرائي رهيو هو. حاجي چيو ته هو هن جو مجاور آهي. اها هڪ سٺي ڪوشش هئي. اسان سيني کي حاجي جي مدد ڪرڻ گهرجي. موڪيءَ جي قبر ٽپي سونگل ديهه موڪي ڪراچي جي گڏاپ ٽائون ۾ آهي. هاڙوڪي سيٽ اپ کان اڳ اهو علائقو ڪراچي اولڊ ضلعي ۾ هو. سونگل يونين ڪائونسل پڻ آهي. ڪنهن وقت موڪيءَ جي قبر جي پير ۾ گهاٽا وڻ هوندا هئا جن جي ڪري ماحول پراسرار هوندو هو. هتي سڪون، خاموشي ۽ اڪيلائي هوندي هئي. گهٽو ڳوليم پر نه مئي هئي ۽ نه مئخانو. آئون جڏهن به موڪيءَ جي قبر تي ايندو آهيان ته لڳندو آهي ته جنم کان وني هتي ايندو هجان. ڪنهن دور ۾ هتي جي خاموشيءَ ۾ ماڻهو پاڻ کي وساري ڇڏيندو. هاڻي هتي گهاٽا وڻ ختم ٿي چڪا آهن هر پاسي ٽائيسر ٽائون اسڪيم لاءِ ڪم ڪندڙ بلڊوزر هلي رهيا آهن. ٽائيسر ٽائون اسڪيم ۾ اڳ ۾ فقط ديهه ٽائيسر جا علائقا شامل هئا پر هاڙوڪي حڪومت ديهه موڪي کي به ان اسڪيم ۾ شامل ڪيو ويو آهي، ٻه پيرا سٽي گورنمينٽ جي ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي ونگ جا بلڊوزر موڪي جي قبر ۽ هتي موجود پراڻي قبرستان کي ڊاهڻ لاءِ پهتا پر آس پاس جي ڳوٺاڻن همت ڪري انهن کي ڀڄايو. پر ڪنهن وقت ۽ رات جي اونده ۾ مورڙي جي ڀائر جي قبرن وانگر موڪي جي قبر کي به ڊاهيو ويندو ۽ پوءِ هن تاريخي داستان جا اهڃاڻ هميشه لاءِ ختم ٿي ويندا. موڪي جي قبر لڳ ڳوٺ بابو پاٽڻي کي به نوٽيس ڏنا ويا آهن. ڪوزي پارڪ کان وٺي موڪيءَ جي قبر ۽ بابو پاٽڻي ڳوٺ تائين مختلف هائوسنگ اسڪيمن جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. پر اسراريت، اڪيلائي ۽ خاموشي هاڻي موڪي جي قبر وٽان موڪلائي ويئي آهي.

موڪيءَ جي قبر جي سامهون اسڪيم ٽائيسر جو بورڊ لڳل آهي. اسڪيم لاءِ مرڪزي رستو انهيءَ قبرستان لڳ نهي رهيو آهي. انهيءَ رستي جي اڏاوت ڪري موڪيءَ جي قبر سميت قبرستان کي ڊاهڻ جو پروگرام هو. ماڻهن جي احتجاج ڪانپوءِ نقشي ۾ تبديلي آندي ويئي ۽ رستي کي ٿورو پاسيرو ڪري قبرستان کي في الحال بچايو ويو آهي. ديهه موڪي، ديهه ٽائيسر، ديهه بجار ٻُني ۽

پيون ڏيهون انهيءَ اسڪيم ۾ شامل ڪيون ويون آهن. هاڻي اهي اسڪيمون شهري حڪومت جي ملير ترقياتي اداري جي حوالي آهن. موڪي جي قبر به هاڻي انهي اسڪيم ۾ آهي. وقت تيزي سان اسان جي هٿن مان نڪرندو ٿو وڃي. ڌارين جون وڏيون وڏيون پلازائون ۽ اسڪيمون اسان جو ماضي، حال ۽ مستقبل ڳڙڪائي رهيون آهن ۽ اسان خاموش آهيون.

موڪي ۽ متارن جو تعلق سنڌ جي گمنام گوشي ۾ هئڻ ڪري مقبوليت حاصل ڪري نہ سگهيو آهي ۽ هن خطي ۾ سگهڙن ۽ داستان گوئن جي گهٽ هئڻ ڪري، هن قصي جا گهڻا پهلو منظر تي اچي نہ سگهيا آهن. شاهہ لطيف هن داستان کي سر ڪلياڻ جي ٻئي ۽ يمن ڪلياڻ جي چوٿين باب ۾ اهڃاڻ طور ڏيئي هن کي زندهہ ڪيو آهي. شاهہ ڪانسواءِ ڪجهہ ٻين سنڌ جي سگهڙن، پٽ فقيرن ۽ چارڻن بہ هن داستان کي مختصر طور ڳائي امر ڪيو آهي ۽ جيڪي هتان جي جهونن جي دلين ۾ محفوظ آهن. انهن مطابق هن قصي جو تعلق سومرن جي آخري يا سمن جي شروعاتي دور سان آهي.

ناتر راجا نند جي ڌيءَ مومل جي خاص ٻانهي هئي. جڏهن راجا جو خزانو مومل جي معصوميت جي ڪري ڪو رمندو فقير ڦٻائي ويو تہ مومل ۽ سندس ڀيڻ سومل اهو خزانو واپس آڻڻ جو وچن ڏيئي، ماٿيلي جي محل مان موڪلائي پنهنجي خاص ٻانهي ناتر کي ساڻ ڪري، جيسلمير ويجهو لڊاڻي ۾ ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي طلسمي رنگ محل رچايو. مومل کي حاصل ڪرڻ لاءِ سوين شهزادن پنهنجي ملڪيتن سميت جانين جو نذرانو ڏنو ۽ آخر ۾ سومرن جي آخري حڪمران همير سومري جي سالي، راڻي مينڌري جيڪو همير جو وزير بہ هو مومل کي ماڻيو. همير سومري ۽ راڻي مينڌري جي رقابت ڪري مومل، راڻي جي فراق ۾ پاڻ پرچائڻ لاءِ جيڪي حيلا ڪيا، تن سان راڻو رسي ويو، مومل راڻي جي ملڻ لاءِ ڪاڪ ڪنارو ڇڏي ڏٺ پهتي. راڻو راضي ٿيڻو نہ هو، سو نہ ٿيو ۽ پوءِ مومل پاڻ کي جلايو، راڻو بہ پرواني جيان انهيءَ آڳ ۾ گهڙي پيو. هي واقعو سومرن جي آخري حڪمران همير سومري جي دور ۾ ٿيو. ناتر اهي سڀ لاهيون ۽ چاڙهيون پنهنجي اکين سان ڏٺيون. ان ڪري مومل ڪانپوءِ ناتر هتي رهڻ مناسب نہ سمجهيو. هوءَ سنڌ جي گمنام علائقي ۾ رهڻ لاءِ نڪري پئي، ناتر ان وقت جي مشهور بندر لاهري پهتي. ديبل بندر جو آخري احوال سومرن جي ڏينهن ۾ چنيسر جي زماني ۾ ملي ٿو. ديبل جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ لاهري بندر وڏي شهرت حاصل ڪئي. ناتر لاهري کان دڙبو (ڪراچي واري جاءِ جو پراڻو نالو) پهتي. انهن ڏينهن ۾ ڪوهستان ۽ ڀرپاسي جا ماڻهو سيوهاڻي رستي وسيلي واپار ۽ پرڏيهہ لاءِ انهن بندرن تي ايندا هئا. اهو رستو اڄ بہ پيچري جي شڪل ۾ موجود آهي جيڪو گڏاپ، مول، سري، ٿاڻي بولا خان کان جهانگارا باجار کان سيوهڻ تائين وڃي ٿو. ناتر انهيءَ رستي تي نارا تر

جبل وٽ رهائش اختيار ڪئي. اهو علائقو سون مياڻي، دڙبو ۽ لاهري بندر ويندڙ رستن جي سنگم تي هو. ناتر جيڪا اڪيلي هئي. روايتن موجب هن اتان جي هڪ شخص هيبت گدبي سان شادي ڪئي.

روايتن ۾ آهي هيبت ناتر سان نه پر موڪيءَ سان شادي ڪئي هئي. هيبت خاصخيليءَ نالي ڳوٺ اڄ به ديهه موڪيءَ ۾ موجود آهي. هي هيبت خاصخيلي گهٽو پوءِ جو آهي بهرحال اها روايت آهي ته ناتر هتي اچي شادي ڪئي. ناتر کي ڇهه نياڻيون ۽ هڪ پٽ ٿيو. ڏيئن جا نالا هن ريت آهن. موڪي، سونگل، صفوران، منان، تائيسر، الله ڦيائي ۽ پٽ جو نالو مادل هو. ناتر ۽ هيبت (جيئن ته گهڻين روايتن ۾ انهن جي شاديءَ جو ذڪر ملي ٿو) پنهنجي هٿ هيٺ علائقا پنهنجي اولاد ۾ جيئري ورهائي ڇڏيا. اهي علائقا اڄ به روينيو رڪارڊ ۾ انهن نالن سان ديهه موڪي، ديهه سونگل، ديهه صفوران، ديهه منان گهر، ديهه تائيسر، ديهه الله ڦيائي موجود آهن. جيڪي گڏاپ ٽائون جي يونين ڪائونسلن سونگل ۽ تپي سونگل جا علائقا آهن جن ۾ نارا ٿر جبل به اچي وڃي ٿو. ديهه سونگل ۽ ديهه صفوران هن وقت گلشن اقبال ٽائون ۾ شامل آهن. پٽ جي نالي سهراب ڳوٺ، ال آصف اسڪوائر وارو علائقو هو جتي مادل ڳوٺ به هو ۽ ان ڪانسواءِ انهن علائقن پويان مادل جو ڍورو اڄ به مشهور آهي جيڪو لياري نئين ۾ چوڙ ڪري ٿو. هتي جنهن مادل ڳوٺ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو اهو مادل خاصخيلي جو ڳوٺ هو جيڪو ورهاڱي کان پوءِ به آباد هو. هن مادل جي وفات به ورهاڱي کانپوءِ ٿي. موڪيءَ جو ياءُ مادل گهٽو اڳ وفات ڪري چڪو هو. موڪي ۽ شاهه مريد درگاهه ۽ هن وقت موڪي جي قبر کي اڏيندڙ مجاور حاجي خاصخيلي جنهن جو تعلق هيبت خاصخيلي ڳوٺ سان ٻڌايو ته، ”موڪي اسان مان هئي.“ اهو پهريون شخص هو جنهن موڪيءَ کي پنهنجو ڪيو. هن تاريخي سچ تي هن شخص کي سلام هجي.

گهڻن شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ موڪيءَ جي ٽن ڏيئرن جو ذڪر ڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي سونگل کي سنل ۽ صفوران کي سپرا لکيو آهي. محمد بخش حافظ پنهنجي مضمون ”موڪي ۽ متارا لطيف جي نظر ۾“ استاد جو بيت ڄاڻايو آهي جنهن ۾ سنل ۽ سپرا موڪيءَ جون ڀينرون ڄاڻايل آهن.

**موڪي نياڻي ناتر جي، سنل، سپرا ڀيڻ،**

**جاڏي ڪٽي نيڻ، متارا موهي وڃهي.**

سونگل کي ڪٿي سونل ۽ سومل پڻ لکيو ويو آهي. اهي نالا سونگل، سونڌل، سومل، سونل اڄ به ڀهراڙي ۾ استعمال ٿين ٿا. موڪيءَ جو نالو ٿوري ڦير ڦار سان ماڪان، ملوڪان، ملڪان ۽

موڪان استعمال ٿئي ٿو. انهن ٿنهي پيڻن جو ذڪر ان ڪري ڳڏ آهي جو اهي ٻين ڪان وڏيون هيون ۽ مئخاني ۾ موڪيءَ سان هٿ ونڊائيندڙيون هيون.

ناتر جي مرڻ پڄاڻان موڪي، پيءُ جي اجازت سان ماءُ جي ڏسيل نسخي موجب شاهي شراب ناهڻ شروع ڪيو. ناتر جيئن تہ حڪمران گهراڻي جي خاص ٻانهي هئي اهو نسخو اتان هٿ ڪري آئي هئي. موڪي پنهنجي ماءُ جي جوڙيل مسافر خاني يا سراءِ ۾ اهو مئخانو کوليو. ڪوهستان ۽ ٻين علائقن جا ماڻهو بندر ڏانهن ويندي، انهيءَ مسافر خاني ۾ رات بسر ڪندا هئا ۽ صبح جو پنهنجي پنهنجي ماڳ ڏانهن راهي ٿيندا هئا. موڪيءَ جي هن مئخاني جي هاڪ پري پري پهچي ويئي جڏهن اتر واءُ لڳندو هو تہ موڪي مٽ اُپٽيندي هئي تہ مٽن جا پياسا هڪ سرڪيءَ لاءِ اچي ڳاهٽ ٿيندا هئا.

**آٿي اتر واءُ موڪيءَ مٽ اُپٽيا،**

**متارا تنهن ساءُ، اچن سر سنباهيو.**

(شاهہ)

موڪيءَ جي مڌ جي انهيءَ هاڪ تي ڇهہ دوست، جيڪي تاريخ ۾ متارن جي نالي سان ياد ڪيا وڃن ٿا. هر ڇهين مهيني چيٽ جي چانڊوڪين ۾ ايندا هئا. هتان جي موسم جي لحاظ کان ڪتيءَ کان چيٽ تائين شراب جي موسم هوندي هئي. موڪيءَ جي مئخاني ۾ صاف ۽ نج شراب هوندو هو. گهڻن روايتن ۽ بيتن ۾ متارن جو تعداد ست ۽ اٺ بہ ڄاڻايو ويو آهي.

**هوندو هڏ مَ سَنڌ، پياڪن پانهنجو،**

**پوچ پيارچ پنيهڙا، ويندا وٺيو ڪنڌ**

**تہ هٽ تنهنجي هنڌ، موڪي ماڻُ لهي.**

(شاهہ)

موڪي جي هٽ (دڪان) مان لڌو، جڏهن متارا مئخاني ايندا هئا تہ موڪي نرتڪي ادائن سان متارن جي آجيان ڪندي هئي، هوءَ مور جهڙي ٽور ڳاڙهو، موتين وارو ڳچ پائي، انهن آڏو ٽلندي هئي. موڪيءَ جي انهن ادائن متارن کي ماري وڌو.

**جڏُ سي اڱڻ آئيا، تہ سَرو ڪندا سُڄ،**

**سائي ٿيندي اُڄ، هي پيتو! هوءَ اَڻ کي.**

(شاهہ)

ائين هڪڙي سرد رات جو چيٽ جي چانڊوڪيءَ ۾ متارا آيا، پر دير ٿي چڪي هئي مٽ خالي ٿي چڪا هئا. موڪيءَ گهڻو سمجهاين، پر هو مڙڻ وارا نہ هئا، موڪي مئخاني جي اندر ويئي، ڪنهن

ڪنڌ ۾ هڪ پراڻو مٽ رکيل هو. موڪي متارن جي ضد جي سامهون بيوس ٿي چڪي هئي. انهيءَ مٽ مان متارن کي شراب آڻي ڏنو. ان شراب ۾ خبر ناهي ڪهڙو سرور هو جو هو پيئندا ويا جڏهن موٽ جو پورو شراب ختم ٿي ويو ته موڪيءَ ڏٺو ته مٽ جي تري ۾ نانگ جا ڪنڊا پيا هئا. جنهن جو پورو وجود زهر سميت انهيءَ مٽ ۾ ڳري چڪو هو. متارن جي اُڃ اڃا به نه لٿي هئي، انهن وڌيڪ شراب گهريو.

**گهڻَن ۾ گهُٽڪن، وٽيون پين وهه گاڏيون،**
**بَر خيزه بده ساقي! پيار کي پرين،**
**پڪين نه پرچن، مٽ تڪيائون منجهيان.**

(شاهه)

متارن، موڪيءَ کي چيو ته اڄ اسان دل جي جولان سان اهو شراب پيتو آهي، اهڙو نج ۽ سواد وارو شراب اڳ ڪڏهن به نه پيتو هو. نج شراب جي پرک اسان کي نه هوندي ته ٻيو ڪنهن کي هوندي؟ هتي موڪي متارن کي چيو ته اوهان شراب جا پارکو نه آهيو اوهان نج نه پر نانگ جي زهر جي ملاوت وارو شراب پيتو آهي اهو سرور انهيءَ جو آهي. موڪيءَ پوءِ متارن کي پوري ماجرا ٻڌائي ته ان وقت شراب ۽ زهر جو اثر انهن تي چڙهي چڪو هو ۽ ائين اهي هميشه لاءِ ختم ٿي ويا. خبر ناهي ته انهن کي نانگ جي زهر ماريو يا موڪيءَ جي مهڻن؟ اها خبر صرف متارن کي ئي هوندي پر لطيف سائين چيو آهي ته:

**سَري ڪين ڪيون، ويڻ موڪيءَ جي ماريا!**
**ڪو جو سخن ڪلال جو، پتي تي پيون!**
**تهان پوءِ ٿيون، مرڻ متارن کي.**

(شاهه)

**موڪي چوڪي نه ٿئي، اصل اوچي ذات،**
**وٽيون ڏيئي وات، متارا تنهن، ماريا.**

(شاهه)

ڪجهه روايتون هن ريت آهن ته، انهيءَ پيري متارا هليا ويا، ڇهن مهينن تائين نه آيا. موڪيءَ سمجهيو ته متارا مري ويا هوندا. سال ڪانپوءِ متارا وري آيا. ٻارنهن مهيني پڄاڻان انهن پروڪو شراب گهريو. موڪيءَ گهڻو ٽاريو پر متارن ٻيو شراب وٺڻ کان انڪار ڪيو. آخر موڪيءَ ڪين چيو ته اوهان اصل شيءِ جا پارکو نه آهيو. پروڪو نانگ جي زهر جي ملاوت وارو شراب هو. ان ڳالهه ٻڌڻ ڪانپوءِ متارا مري ويا. انهن ٻنهي روايتن ۾ پهرين روايت ۾ وڌيڪ وزن آهي. ڇو جو زهر

وارو ماڻهو هڪ سال تائين جيئرو رهي نه سگهندو. سگهڙن جيڪا شاعري ۾ اهڙو ڪو به اشارو نه ڏنو آهي ۽ عقل به پوئين روايت کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهي. هيٺ ڪنهن نامعلوم شاعر جو بيت ڏجي ٿو. هن ۾ بي روايت واري ڳالهه آهي.

**جو پر پيتو هو، سو هو سپ سندو سار،**
**جي واسينگ وتن ويرئين، سي نه وهيٽا مان،**
**انهيءَ لڄ مران، جيئن اڻ هوند ائين گهرو.**

انهيءَ واقعي کان پوءِ موکيءَ جي مئخاني جون رونقون ختم ٿي ويون. هن واقعي موکي جي دل تي ايترو اثر ڪيو، جو هن مئخانو بند ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ پنهنجي نالي جيڪا زمين مليل هيس، انهي تي گمنامي واري زندگي ۾ مري ويئي.

**متارا مري ويا، موکي! تون پي مر،**
**تنهنجو ڏوس ڏمر، ڪونَ سهندو ان ري.**

(شاهه)

موکي جي ان واقعي کانپوءِ واري زندگي جو ڪو احوال نٿو ملي. شايد تاريخ کي به موکي جي ويڻن چپ ڪرايو آهي. موکي جي بين پينرن جن جي نالن تي اڄ جيڪي ديهون آهن انهن جو به بعد جي تاريخ ۾ ڪو ذڪر ڪونهي. هيبت جو ذڪر روايتن ۾ موکي يا ناتر سان شادي جي سلسلي ۾ اچي ٿو. هن جي به ڪا خبر نه آهي. البت اڄ به ديهه موکيءَ ۾ هيبت خاصخيلي نالي پراڻو ڳوٺ آهي پر اهو ڳوٺ به گهٽو پوءِ آباد ٿيو آهي. تاريخ ۾ جنهن هيبت جو ذڪر آهي. اهو هي نه آهي. انهيءَ هيبت جو پڙ ڏاڏو يا تڙ ڏاڏو تي سگهي ٿو چاڪاڻ ته سنڌ ۾ شروع کان وٺي وڏڙن جي نالي رکڻ جو رواج آهي. شروع ۾ ديهه موکي ۾ فقط اهو ئي هڪ ڳوٺ هو باقي ڳوٺ ويجهڙائي ۾ اچي آباد ٿيا آهن. اهو ڳوٺ موکي جي قبر کان به ميل اولهه پاسي اهي. موکي شراب وڪڻندي هئي ۽ موجوده معاشري ۾ ان کي سنو نٿو سمجهيو وڃي انهي ڪري موکي سان هر ڪنهن پنهنجو رشتو ٽوڙي ڇڏيو آهي.

شاهه لطيف سنڌ جي سفر دوران هن علائقي ۾ به آيو. هن داستان بابت شاهه کي جيڪا ڄاڻ ملي. هن اها اهڃاڻ طور پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪري بين لاءِ راهه ناهي. لطيف سائين پنهنجي شاعري ۾ سنڌ جي انهن ڪردارن کي ڳايو آهي. جن جو وجود هن معاشري ۾ موجود هو. اهڙي طرح موکي ۽ متارا به هن معاشري جا ڪردار هئا، جن کي لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني.

پٽائي جي هتي اڄڻ جا آثار موجود آهن. گڏاپ کان 12 ڪلوميٽر اتر اولهه ڏانهن موکي ڪار روڊ تي هڪ جوءِ آهي، جنهن کي پٽائي جو تڪيو ڪري چيو وڃي ٿو. هاڻي اتي جاءِ نهرائي ويئي آهي.

ان جاءِ ۾ هڪ قبر جو واڌارو بہ ڪيو ويو آهي. پهرين هتي ڪا بہ قبر نہ هئي. اها جاءِ اڄ بہ پٺائي جي نالي سان مشهور آهي.

پٺائي ڪانسواءِ ٻين شاعرن بہ هن داستان کي ڳايو آهي. ڪوهستان ڏريجي جو شاعر دوس محمد، جنهن جو مختصر احوال ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ ۾ ملي ٿو.

**موڪي منڊ پري، شيشا رک شراب جا،**

**ساهن سر سنپاهيا، سرڪي ڪاڻ سري،**

**دهرا دنگ، دوست محمد چوءِ، قاتل آڻ ڪري،**

**ايندا توڳر سسيون ڏيندا سٽ ۾.**

مشهور سگهڙ دلاور، مهر علي ٽالپر ڳوٺ واري ناتر جو بہ ذڪر ڪيو آهي. بيت هن ريت آهي.

**موڪي نالي منڊ هئي، ناري ۾ هڪ نار،**

**ٻيئي ”ناتر ناهر“ جي وينگس هئي وينجهار،**

**سرس سهڻي سونهن ۾، سرتين ڪان سو وار،**

**تنهن ڪوليو دڪاندنگ جو، خمير خوشبودار،**

**موهت ٿيا، مئي اتي، سري جا سردار،**

**موڪي ڏنو متارن، ڪو جو ڪيپ خمار،**

**پي پيالو پر ٿيا، متارا مئيخوار،**

**سي مانجهي چون موڪيءَ کي پروڪو پيار،**

**موڪي درماندي ٿي، ڪيائين وهہ سندو وستار،**

**موڪيءَ جي ميار، متارا ماري وڌا.**

سنڌ جي گهڻن صوفي فقيرن، سگهڙن هن داستان تي شاعري ڪئي ۽ ان کي پڻ ڳايو آهي. هاڻوڪي دور جي شاعرن ۾ شيخ اياز، استاد بخاري، تاجل بيوس، منشي ابراهيم، ج.ع. منگهاڻي ۽ ٻين پڻ هن داستان متعلق شاعري ڪئي آهي. تاجل بيوس جو هڪ شعر آهي.

**موڪي جي مجاز، هنڌين ماڳين هل،**

**جوت پريائين جو، هيري اکين ۾ املهہ،**

**ڪري جي ڪهل، تہ پريائي پر ڪري.**

**منشي ابراهيم چيو آهي:**

**ماڳ متارن ڇڏيا، اُبن ٻنين جوءِ،**

**هڙي ڇڏي هوءِ، مرندا پاسي مٽن جي.**

**داستان جو دور:**

اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته سگهڙن ڪان جيڪا شاعري ملي ٿي ۽ هتان جي جهونن جي سيني به سيني جيڪا ڳالهه هلندي اچي ٿي ان ۾ ناتر ڪي موڪيءَ جي ماءُ ڄاڻايو ويو آهي. ناتر مومل جي ٻانهي هئي ۽ مومل راڻي جو قصو سومرن جي آخري حڪمران همير جي دور ۾ ٿيو. سومرن جي پهرئين ۽ آخري حڪمرانن جي سنن تي اسان جا تاريخدان يا تاريخ لکندڙ ڪنهن به هڪ سن تي متفق نه آهن. اسان جي تاريخ سان اهو وڏو الميو آهي ته ماضي جو ڪو به تصديق ٿيل مواد اسان وٽ ڪونهي ۽ نه ئي اسان ان سلسلي ۾ سنجيدگيءَ سان ڪوشش ڪئي اهي. اسان وٽ جيڪو ڪجهه آهي اهو عربي ۽ فارسي ڪتابن جي حوالن سان آهي. سومرن جي پهرئين حڪمران وانگر آخري حڪمران همير سومري جي حڪومت متعلق مختلف سن ڏنل آهن. ڪجهه ڪتابن ۾ آيل آهي ته همير 1400ع کان 1440ع تائين حڪومت ڪئي. (ڪتاب دودو چنيسر، مقدمو، محرم خان عبدالغني عبد جي ”تاريخ سنڌ“ ياڳي ٿئين جي مطابق سومرن 1300ع کان 1439ع تائين (700 ھ کان 843ھ) حڪومت ڪئي. جنت السند مطابق سومرن 1051ع کان 1351ع تائين حڪومت ڪئي. اهڙي طرح سومرن 300 ورهيه حڪومت ڪئي. (سنن ۾ واضح فرق اوهان پاڻ محسوس ڪري سگهو ٿا.) گهڻن ڪتابن ۾ سومرن جي حڪومت 1351ع تائين، گهڻن 1440ع ۽ گهڻن 1421ع تائين ڄاڻائي آهي. مومل راڻي جو قصو به سومرن جي آخري حڪمران همير سومري جي دور ۾ ٿي گذريو آهي. راڻي ميندري سميت ڏونر پٽي، سنهڙو ڏماچاڻي، (سگهڙ حفيظ پنهنجن بيتن ۾ سنهڙو ڏماچاڻي جو نالو ”شينهڙو ڏماچاڻي ڄاڻايو آهي.)

شرڪجي اٿيو، شينهڙو، ڪٽي خان خنجر

تاريخ جي گهڻن ڪتابن ۾ ”سنهڙو“ لکيل آهي ته سندس وزير هئو.

مومل واري واقعي ڪانپوءِ ناتر اهو علائقو ڇڏي اچي گڏاپ واري علائقي ۾ شادي ڪري هتي ئي رهائش اختيار ڪئي. شادي ۽ موڪيءَ جي پيدا ٿيڻ ۽ پوءِ موڪي ڪي مئخاني کولڻ وارو واقعو گهٽ ۾ گهٽ 20 کان 25 سالن جو هوندو. اهڙي طرح متارن جو واقعو جيڪڏهن 1351ع ۾ سومرن جي حڪمراني جو آخري سال هو ته پوءِ اهو واقعو 1380ع جي لڳ ڀڳ ٿيو هوندو ۽ جيڪڏهن سومرن جي حڪمراني جو آخري سال 1440ع آهي ته پوءِ اهو واقعو 1470ع جي لڳ ڀڳ ٿيو هوندو. سومرن جي حڪمراني جي آخري دور جو سن 1351ع وڌيڪ وزندار لڳي ٿو. هن حساب سان 1380ع ۾ سنڌ تي ڄام ٻابينه بن ڄام انڙ جي حڪومت هئي. ياد رهي ته مخدوم بلاول سمون، ڄام ٻابينه جو پڙ پوٽو هو. بلاول جي پيدائش تاريخ 16 جون 1451ع (856 هجري) ۾ ٿي. هي سمن جي پڇاڙي ۽ ارغونن جي فتح وارو دور هو.

ڄام بابينه 1368ع کان 1383ع تائين حڪومت ڪئي. 1383ع کانپوءِ ڄام خيرالدين بن ڄام تماچي تخت تي ويٺو. متارن جو واقعو ڄام بابينه يا ڄام خيرالدين جي دور جو آهي.

متارا ڪير هئا؟

موڪي جي باري ۾ پوءِ تاريخ ۾ ڪجھ نه ڪجھ احوال ملي ٿو پر متارن جي باري ۾ اڃا تائين ڪا تصديق ٿيل ڄاڻ ملي نه سگھي آهي ته اهي ڪير هئا؟ انهن تي متارا نالو ڪيئن پيو؟ اهي ۽ اهڙا ئي بيا سوال جن جي تهه تائين پهچڻ ضروري آهي. متارا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ صحت مند پهلوان لاءِ استعمال ٿيندو آهي. سومرن ۽ سمن جي دور ۾ سنڌ جي حفاظت ڪندڙن کي به متارا چيو ويندو هو. جيڪي باقاعده سرڪاري عهدن تي مقرر ٿيندا هئا. هن قصي ۾ متارن لاءِ سگھڙن پنهنجي شاعري ۾ سردار، ڏاتار ۽ سري جا سردار وغيره جهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن جنهن مان معلوم ٿيندو ته اهي حڪومت جي خاص منصب جا مالڪ هئا يا سردار هئا.

**موهت ٿيا مئي تي، سري جا سردار،**

**ماريا ڪيف ڪلال جي، مانجهي مٽيادار.**

سري جو علائقو اڄ به ٿاڻي بولاخان لڳ ڪوهستان ۾ موجود آهي. سري ڪوهستان ۾ ديهه پڻ آهي. جنهن سيوهاڻي رستي تي موڪي جو مئخانو هو، سري به سيوهڻ ويندڙ ان قديم رستي تي آهي. مٿين بيت ۾ شاعر متارن کي انهي علائقي سري جا سردار ڪري ڪوٺيو آهي. گھڻن ليڪڪن سري کي اتر جي معنيٰ ۾ لکيو آهي. اهڙي طرح انهن سري جا سردار مان اها معنيٰ ڪڍي آهي ته اتر جا سردار پر ائين ڪونهي. سنڌي لغات ۾ ڪٿي به سري کي اتر جي معنيٰ ۾ ڪونه ڄاڻايو آهي. حقيقت اها آهي ته سري علائقي جي ڪري انهن کي سري جا سردار ڪري ڪوٺيو ويو آهي. جيڪڏهن سري کي اتر جي معنيٰ ۾ سمجھجي ته پوءِ به سري ڪوهستان وارو علائقو به مئخاني کان اتر اوڀر پاسي آهي. ان کانسواءِ سري شراب کي به چيو ويندو آهي. سري جا سردار معنيٰ شراب جا سردار مطلب ته وڏا پياڪ.

ديهه سريءَ جي آس پاس ڏاڍائي، چڱائي توڙي منائي، اڱرائي، توڙي ارهه زورائي جي حوالي سان پالاري قبيلو صدين کان وٽي حاوي رهندو اچي. ان کانسواءِ نارا ٽر جبل جي پاسي ”موتي پالاريءَ جي رومي“ آهي جيڪو ڪنهن جنگ ۾ مارجي ويو. ان سلسلي ۾ دوست رخمان گل پالاري سان ڪچهري ٿي. جنهن موتي پالاري جي رومي جي تصديق ڪئي ۽ وڌيڪ چيو ته، ”متارا پلي نه هجون باقي سيوهاڻي تان سات لنيندڙ جا مهندار ضرور هونداسين.“

اها ڳالهه ڌيان طلب آهي هن تي تحقيق ٿيڻ گھرجي ته متارا پالاري قبيلي جا ته نه هئا.؟

هڪ ٻئي سگهڙ جو بيت هيٺ ڏجي ٿو جنهن ۾ هن متارن جو تعداد اٺ ڄاڻايو آهي. جنهن مان ڇه سما، ڇه سومرا، ڇه چنا ۽ ڇه چوهاڻ آهن.

**موڪي وٽ مهمان، ايندا هئا اٺ ڄڻا،**

**ڇه سما ڇه سومرا، ڇه چنا ڇه چوهاڻ،**

هن ڳالهه کي ان ڪري وزن ڪونهي ڇاڪاڻ ته گهڻن ڪتابن ۽ سگهڙن انهن جو تعداد ڇهه ڄاڻايو آهي ديوار اندر جيڪي پنج قبرون آهن ۽ انهن تي جيڪي نالا لکيل آهن، حالار حاجي، اسماعيل حاجي، اسحاق حاجي، اسحاق يا اسحبق اسمعيل ۽ آدم روستم، چوديواري اندر ڇهين قبر تي ڪوبه نالو لکيل نه آهي ۽ ٻاهر پنج گهاڙي قبرون آهن. انهن تي ڪو به نالو لکيل ڪونهي، لکيل نالن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته انهن مان ٽي حاجي جا پٽ هئا. چوٿون اسحاق جيڪو اسماعيل جو پٽ آهي اسماعيل جي قبر به انهيءَ چوديواريءَ ۾ آهي جنهن جي نالي سان حاجي لکيل آهي. ائين ٿو لڳي ته اهي هڪ ئي خاندان سان تعلق رکن ٿا. جيڪڏهن هي متارن جون قبرون آهن ته پوءِ انهن جو تعلق هڪ ئي خاندان سان هوندو ۽ اهي حاجي جا پٽ هوندا. هن وقت سنڌ ۾ حاجي پوٽا ذات پڻ آهي يا اهي حج پڙهي حاجي ٿيا هوندا پر ان دور جا حاجي گهٽ ۾ گهٽ مئخاني جو رخ نه ڪندا هئا يا انهن دوستن جو تخلص حاجي هجي. پر ان ڳالهه کي رد ڪري سگهجي ٿو ته هڪ تخلص صرف هڪ ئي دوست رکي سگهي ٿو.

سيني ڳالهه مان هن ڳالهه ۾ وڌيڪ وزن آهي ته متارا سري جا سردار هئا ۽ انهن جو تعلق هڪ ئي خاندان سان هو ۽ جيڪڏهن ڪجهه وقت لاءِ هيءَ ڳالهه رد ڪريون ته پوءِ نارا ٿر جي موجود اهي قبرون متارن جون ٿي نٿيون سگهن، جيستائين انهن کي هتي پنهنجي علائقي کان پري دفن ڪرڻ جو سوال آهي ته زهر جي اثر ڪري انهن کي ايترو پري ڪٽي وڃڻ ممڪن نه هجي ان ڪري انهن کي هتي ئي دفن ڪيو ويو هجي. جيڪڏهن اهي متارن جون قبرون آهن ته پوءِ انهن قبرن جي تعمير مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي مالدار يا سردار هئا جو انهن جي مرڻ ڪانپوءِ مائٽن انهن جي قبرن کي پڪو ڪري چوديواري ڏياري آهي. اها ان زماني ۾ ڪنهن غريب جي وس جي ڳالهه نه هئي ڪجهه روايتن ۾ متارن کي بحري قذاق ڄاڻايو ويو آهي، جيڪي بندر تي ڦرون ڪرڻ ايندا هئا، ۽ رات موڪيءَ جي مئخاني ۾ گذاريندا هئا. نارا ٿر تي موجود قبرون جن لاءِ اها ڳالهه مشهور آهي ته اهي متارن جون آهن انهن تي تحقيق جي ضرورت آهي. متارن جي قبرن کي انهن ڪانسواءِ ٻئي پاسي به ڳولڻ گهرجي.

ڪجهه جهونا چون ٿا ته اڳي هر سال ڪوهستان کان ڪجهه ماڻهو ايندا هئا ۽ انهن قبرن تي دعا گهري، اگر بتين جو واس ڏيئي گل چاڙهي ويندا هئا. ان ڳالهه جي تصديق موڪي ۽ شاهه مريد جي

خدمتگار مرحوم ابراهيم خاصخيلي پڻ ڪئي هئي. هن متارن ڪي ڪوهستان جا سردار ڄاڻايو ۽ چيو ته اهي واپار سانگي بندر تي ايندا هئا ۽ رات موڪي جي مئخاني ۾ گذاريندا هئا.

**موڪيءَ جو مئخانو:**

موڪي جي مئخاني جي باري ۾ خبر نٿي پوي ته اهو ڪٿي هو. نارا ٿر جبل جنهن تي متارن جون قبرون آهن انهن کان ڏکڻ اوير پاسي هڪ ڪلوميٽرن تي سهراب فقير ڳوٺ لڳ پراڻن ۽ ڊنل ڊٺل چئن وڏين جاين جا نشان آهن. مقامي ماڻهو انهن کي ڪافرن جا گهر چون ٿا. هتان جي بزرگن جو چوڻ آهي ته اسان پنهنجن وڏن کان ٻڌندا اچون ٿا ته اهي ڪافرن جا گهر آهن. انهن ڳالهين مان هن جاءِ جي قدامت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته جنهن جاءِ يا آثارن متعلق ڪا ڄاڻ نه هجي ۽ اهو قديم هجي ته ماڻهو ان جاءِ يا آثار کي ڪافرن سان منسوب ڪن ٿا ۽ انهن ڊنل جاين جي باري ۾ به ائين ئي آهي.

انهن پراڻين جاين ۽ آسپاس جي ماحول مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهو موڪي جو مئخانو هو. ڪجهه وقت اڳ هتي ڪوٽائي دوران (گهڻا ماڻهو خزاني جي تلاش ۾ کوٽائي ڪندا رهن ٿا) هڪ مٽ ۾ چند پراڻا زيور ۽ سڪا مليا آهن جيڪي اڄ به فقير سهراب وٽ موجود آهن. انهيءَ مٽ ۽ زيورن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي تمام پراڻا آهن. انهن تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. مٽ مان دور جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. وڌيڪ کوٽائي سان ممڪن آهي ته موڪي جي شراب جا مٽ به ملي پون. ٻي ڳالهه اها ته اهي پراڻيون جايون جنهن کي ڪافرن جا گهر چون ٿا متارن جي قبرن جي ويجهو آهن ۽ پراڻي سيوهاڻي ۽ بلوچستان ويندڙ رستي جي سنگم تي آهن. سسئيءَ لاءِ به چيو وڃي ٿو ته انهيءَ رستي تان اها پنهونءَ جي ڳولا ۾ پبّ ڏانهن ويئي هئي. اهي جايون ٿڏي نئين جي چاڙ ڪونڪر نالي جي ڪپ تي آهن ۽ نارا ٿر جبل مان ڪنهن زماني ۾ وهندڙ چشمو به انهن جاين وٽان وهي ويندو هو. موڪي جي قبر کان ڏکڻ اوير پاسي ماڻهو جنهن موڪي جي تڙ جو ذڪر ڪن ٿا ممڪن هجي ته انهي وهندڙ چشمي جو پاڻي به هتان ئي وهي ويندو هجي. موڪي جي تڙ جي باري ۾ قبر جي هاٺوڪي مجاور حاجي خاصيلي ٻڌايو ته اهو تڙ موڪيءَ جي قبر کان اڌ ڪلوميٽر ڏکڻ اوير پاسي هو ۽ هن ۾ صاف ۽ شفاف پاڻي وهندو هو. گهاٽن وڻن جي وچ ۾ هن تڙ ۾ واڳو به هوندا هئا. اها جاءِ اڄ به ”موڪي جي تڙ“ جي نالي سان مشهور آهي. موڪي جي تڙ واري جاءِ لٽ ڪرمتياڻي نئين جي ڪپ تي هوندو هو. وقت ٻين وانگر موڪيءَ جي مئخاني ۽ تڙ کي به ڳڙڪائي ويو آهي. سيوهاڻي رستي ۽ پبّ ويندڙ رستي جي پراڻن نشانن کي ڳولهڻ سان به هن داستان متعلق وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. متارن متعلق وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي ته نارا ٿر تي موجود اهي قبرون متارن جون آهن يا

ٻين جون؟ انهن سان ڳنڍ جيڪي ٻيون قبرون آهن اهي ڪنهن جون آهن؟ هن داستان متعلق سگهڙن جيڪي بيت چيا آهن انهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ سان ئي اسان ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهون ٿا.

سال 2005ع جي مارچ مهيني ۾ جڏهن پنهور ۽ ڏاهيجي سسئيءَ جي واٽ جي ڳولا لاءِ ويس ته هتي موکيءَ جي ميخاني جي باري نئين ڳالهه معلوم ٿي. هتي تاريخ سان واسطو رکندڙ دوستن ٻڌايو ته موکيءَ جو ميخانو پنهور لڳ ڪِلڻ ۽ ڪٺلڙيءَ واري علائقي ۾ هو. پوپٽ لنگهي جي بيت مان به اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته موکيءَ جو ميخانو ڪلڻ ۽ ڪٺلڙي واري علائقي ۾ هو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب "جنگ ناما" ۾ "پنهور وٽ مقابلو ۽ مڙسن جون ماهيون"، ۾ به اهو بيت ڏنو آهي، بيت هينئن ريت آهي.

**ڪِلڻ ڪٺلڙي تي، اچي موکي اپنيا مَٽ،**
**پوءِ برين مان اُيري تنهن کي ڪُل ڪتوري چٽ،**
**اگڻ متي مير جي تا پکين رچن پَٽ.**

راڄ ملڪ ويجهو پراٽي ڦٽي ڦاٽ لڳ "چِٽي پير" سهٽي واري جو مقام آهي. انهي پوري علائقي کي ڪنهن وقت چِٽي پير وارو علائقو چوندا هئا. هاڻي سوال تو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن موکيءَ جو ميخانو پنهور لڳ هو ته پوءِ متارن سان واقعو به هتي ٿيو هوندو ۽ جيڪڏهن نارا ٽر بني تي جيڪي قبرون آهن جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته متارن جون آهن ۽ موکيءَ جو ميخانو جيڪڏهن پنهور ۾ هو ته پوءِ متارن کي به هتي ڳولڻ گهرجي اها نئين تحقيق آهي محققن کي ڪلڻ ۽ ڪٺلڙي واري مئخاني ڏانهن به ڌيان ڏيڻ گهرجي. ٻيو ته موکي سندس پيڻ پٽيان ديهن جا نالا سپ نارا ٽر جي پاسي ڳڏاپ ۾ آهن ۽ موکي جي قبر به هتي آهي ۽ ميخانو ايڏو پري ڇو هو؟ ائين ته ناهي جو موکيءَ جو ميخانو پنهور لڳ ڪلڻ ۽ ڪٺلڙي واري علائقي ۾ هو. متارن جي واقعي ڪانپوءِ اها ڳڏاپ ۾ اچي رهي جتي اڳ ۾ سندس پيٽون پرٽيل هيون.

هن وقت جنهن ڳالهه جي ضرورت آهي سا اها آهي ته انهن آثارن کي تباهي کان ڪيئن بچائجي؟ ان لاءِ ضروري آهي ته قديم آثارن جي کاتي، سٽي گورنمينٽ، ڳڏاپ ٽائون ۽ يونين ڪائونسل سونگل جي عملدارن کي گهرجي ته موکي، متارن جي قبرن، مئخاني ۽ موکي جي ٽڙ جي حفاظت لاءِ خاردار تارن سان ديوار ڏيارن ۽ انهن جي حفاظت لاءِ چوڪيدار مقرر ڪيا وڃن. سپر هاءِ وي کان انهن جاين تي اچڻ لاءِ بورڊ لڳايا وڃن ته جيئن ماڻهو آساني سان هتي پهچي سگهي. نارا ٽر جبل تان غير قانوني پٿرن جي کوٽائي بند ڪئي وڃي ته جيئن هن جو فطري حسن متاثر نه ٿئي. اميد ته انهن ڳالهين پاسي سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏنو ويندو.

دوس پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو ساعيو،
ڏينهن پڄاڻون آٽي اسان کي، مولٰي محب ملايو
ويو وڇوڙ ٿيو ميلاپ واحد ورايو،
هو جنهين جو ڏس ڏوراڏو، اوڏو اڄ سو آيو،
عبداللطيف چئي، اڇي عجيبن پاڻ فضل فرمايو.

(شاهہ)

# جمهوريت پسند، قوم پرست ۽
# انقلابي تحريڪن جي سرواڻ وسندي لياري

ڪراچي شهر جي وچان گذرندڙ لياري نئين جيڪا برساتي نئين آهي. گڏاپ جي علائقي ڪيڙ لڪ جي جابلو علائقي (حب ڊيم جي ڏکڻ اولهه پاسي) ۽ اوپڪاڻي جي ٽڪرين مان وهي اچي سهراب گوٺ وٽان گذري هاڪوڪي آگرا تاج ڪالوني جتي ورهاڱي کان اڳ هندوئن جو مساڻ هو لنگهي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. لياري نئين جي ڪري ڪراچي جي هن قديم علائقي جو نالو لياري پيو.
پاڻي زندگيءَ جو اهم جز هجڻ ڪري تهذيبن جا مرڪز به اهي ڪنارا رهيا آهن. زرعي معاشري جي شروعات ٿي ته، ماڻهن رولو زندگي ڪي الله واهي ڇڏي، دريائن، ندين، واهڙن ۽ ڍنڍن ۽ سمنڊ جي ڪناري پنهنجا اجها اڏيا. ذرعي معاشري لاءِ پاڻي اهم ضرورت آهي. تهذيبن جي وجود ۾ اچڻ کان به اڳ ندين، دريائن، ڍنڍن انساني آباديون قائم ٿيون ۽ ائين دنيا جي اهم تهذيبن جنم ورتو. ميسوپوٽاميا (سميري تهذيب) مصر، سنڌ ۽ چين جون تهذيبون دريائن ڪري وجود ۾ آيون.
ڪراچي جي ترقي ۾ سمنڊ، لياري، ملير ۽ حب ندين اهم ڪردار ادا ڪيو. ائين چئجي ته ڪراچي انهن جو گڏيل تحفو آهي ته وڌاءُ نه ٿيندو. تاريخي طور تي ڪراچي جا علائقا لياري، منگهوپير، اورنگي، ملير، گڏاپ، مهير، گسري، ريڙهي مياڻ ۽ حب پراڻن تهذيبن جا مرڪز رهيا آهن.
قبل مسيح جي هڪ پراڻي آثار جنهن جو تعلق سنڌو تهذيب سان چيو وڃي ٿو ان جي آثارن جو سراغ لياري ۾ لڳايو ويو آهي. آثار قديما جي ماهرن جو اندازو آهي ته اها تهذيب لياري ندي جي آس پاس کان منگهو پير، اورنگي ۽ حب ندي تائين ڦهليل هئي. ان تهذيب جي ماڻهن لياري ندي کان حب ندي تائين زرعي زمين کي آباد ڪيو. گمان اهو آهي ته اها خوبصورت وادي 4500 سال ق.م ۾ آباد هئي. سنڌ جي عظيم الشان تهذيب هماليا جي پهاڙن کان وٺي عربي سمنڊ تائين وڏي علائقي ۾ ڦهليل هئي. ملير ۾ آثارن جو ذڪر ملير وادي واري باب ۾ ڪيل آهي. ڪراچي جي بين قديم آثارن بابت تفصيلي ذڪر ڪراچي جي تاريخ بابت مضمون ۾ ڏيئي چڪو آهيان.
اهي پراڻيون آباديون ڪيئن تباهه ٿيون؟ تاريخ خاموش آهي چاڪاڻ ته ڪراچي شهر جي وڌڻ ڪري انهن آثارن جي ڪوتائي هاڻي ممڪن ناهي. تحقيق نه هئڻ ڪري اسان انهن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل نه ڪري سگهيا آهيون. لڳي ٿو ته اهي وسنديون ٻوڏن، ڏڪار يا حملو ڪندڙن ڪري تباهه ٿي ويون. بعد ۾ ايندڙ ماڻهن انهن قديم آثارن متان نيون آباديون قائم ڪيون ۽ اهو سلسلو ائين هلندو پيو اچي.

لياري جي لفظي معنيٰ ڇا آهي؟ ان نئين تي اهو نالو ڪئين پيو؟

لياري نالي ۾ برساتي نديون موجود آهن. هڪ اها نئين جنهن جو ذڪر ڪري رهيا آهيون. ٻي ندي/ نئين بلوچستان جي ضلعي لسٻيلي ۾ گوادر ويندڙ ڪوسٽل هاءِ وي تي هنگلول ندي کان اڳ آهي. انهيءَ جابلو نئين ڪري هن علائقي کي به لياري چيو ويندو آهي. انهن ٻنهي لياري نئين ۽ علائقي جي پاڻ ۾ تعلق کي ڳولڻ جي به ضرورت آهي.

لياري جي نالي هڪ نهر، هڪ ڍنڍ ۽ هڪ تلاءُ به آهي. لياري جي نالي سان سنڌ ۾ ڏکڙي تعلقي، ڏيپلي تعلقي، کپري تعلقي، ساماري تعلقي، سمجهوري تعلقي، ڪوٽڏجي تعلقي ۽ ميرپور بٺوري تعلقي، شاهبندر تعلقي ۾ ديهن جا نالا ۾ آهن. ليار جاگير حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو، ليارو تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو ۽ ليار نالي سان ٽن ڳوٺن ۽ هڪ قلعي جو به ذڪر ملي ٿو. لئي وارو، پڳي نوڙهي کان مليرڙي نئين کان اولهه طرف هڪ جبل جو نالو به آهي ۽ لئي واري تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو به نالو آهي. لُئاري سنڌي ڊڳي جي کير پياڪ مادي ڦر/ گابي کي به چئبو آهي.

لياري ۽ لئار وڻ جو قسم آهي. جنهن ۾ ليسدار ميوو ٿيندو آهي جيڪو انتهائي لذيذ هوندو آهي. اهو وڻ ڪوهستان کان وٺي ڳڏاپ ۽ لياري نئين تائين به جهجهي تعداد ۾ موجود آهي، جنهن کي بلوچي ۾ ”ليوار“ چيو وڃي ٿو، انهيءَ نئين ۽ علائقي ۾ ليار جهجهي تعداد ۾ هئڻ ڪري هن کي ”ليار“ يا ليوار“ چيو ويو هجي. جيڪو بعد ۾ بگڙجي ”ليار“ يا ”ليوار“ مان لياري ٿيو هجي. سنڌ ۾ ليار ماٺهو جو نالو به رکيو ويندو آهي. لئي (ٿاري/ ٿالي) جو وڻ به آهي. جنهن کي بلوچي ۾ گز، اردو ۾ جهاؤ ۽ انگريزي ۾ Tamarisk چيو ويندو آهي. هي وڻ گهڻو ڪري ساحلي علائقي، واريءَ واري ۽ ڪلر واري علائقي ۾ ٿئي ٿو. نئين، دريائن ۽ ندين جي ڪناري به گهڻي تعداد ۾ ٿئي ٿو. ايران جي علائقي بندر عباس کان وٺي سنڌ جي صحرا واري علائقي تائين موجود آهي. ايران، بلوچستان سنڌ ڪانسواءِ ننڍي کنڊ ۾ ان وڻ جي ٽارين مان ککاوان گهر ۽ ٽوڪريون پڻ ناهيون وينديون آهن.

اهو وڻ لياري جي نئين ۾ ڪنهن زماني ۾ گهڻو هوندو هو ان وقت به سهراب ڳوٺ کان مٿي جتان اها ندي وهي ايندي آهي اهو وڻ جهجهي تعداد ۾ لياري ندي ۽ ان جي آس پاس ڪنارن تي موجود آهي. لياري نئين ۾ لئي جو وڻ گهڻي تعداد ۾ هئڻ ڪري ان کي ”لئي واري نئين“ چيو ويندو هو. جيڪو بعد ۾ بگڙجي لئي واري مان لياري مشهور ٿي پيو. انهيءَ نئين جي چوڙ واري علائقي کي نالي جي نسبت سان لياري چيو ويو ۽ اهو علائقو اڄ تائين لياري جي نالي سان مشهور آهي.




**لئي جو وڻ**

سنڌي ٻولي ۾ هيڊي مائل ڳاڙهي رنگ کي لئاري چوندا آهن ائين ته نه آهي جو ڪنهن دور ۾ ان رنگ جي مٽي هن جي ڪناري تي هوندي هئي جنهن جي ڪري ان جو نالو لئاري/لياري پيو هجي.)

هندي/ سنسڪرت ٻولي ۾ لياري معنيٰ بگهڙ آهي بگهڙ تيز رفتاري، طاقت ۽ دهشت جو اهڃاڻ آهي. لياري به هڪ جابلو نئين آهي. جابلو ندين ۾ به پاڻي انتهائي تيز رفتاري سان وهندو آهي. جابلو ندين جي تيز رفتار پاڻي ۾ به دهشت هوندي آهي. ان جو پاڻي گجگوڙ سان پنهنجي سامهون ايندڙ هر شيءِ کي نيست نابود ڪري ڇڏيندو آهي. ائين ته نه آهي جو لياري نئين جي تيز رفتار فطرت ۽ پنهنجي سامهون ايندڙ هر شيءِ (جيڪا گذريل وقتن جي ڳالهه آهي) کي تباهه ڪرڻ جي ڪري ان کي لئاري يعني بگهڙ چيو ويو هجي. جيڪو بعد ۾ بگڙجي لياري ٿيو هجي.

لئر (Luir) سامونڊي ۽ مني پاڻي جي مڇي جي هڪ قسم کي به چئبو آهي. لهاري هڪ نانگ جي قسم کي به چئبو آهي. لئي ويران، برباد ۽ ڊنل جاءِ کي به چئبو آهي. لاهي هڪ ٻوٽي جو به نالو آهي. سنڌي ۾ لاهي هينين علائقي کي به چئبو آهي.

بلوچي ٻولي ۾ ”ليوار“ گرم هوا يا ”لو“ کي به چئبو آهي. اهي گرم هوائون مئي جون ۾ هلنديون آهن. لياري جيئن ته جابلو نئين آهي ۽ ساحل سان گڏ هئڻ ڪري به هتي اهي گرم هوائون هلنديون آهن. تنهن ڪري لياري واسين مان گهڻن وٽ اهو خيال موجود آهي ته انهيءَ گرم هوائن ”ليوار“ ڪري ان علائقي تي اهو نالو پيو آهي جيڪو بعد ۾ ”ليوار“ مان بگڙجي ليواري ۽ بعد ۾ لياري ٿيو آهي. لياري تي اهو نالو مٿي بيان ڪيل ڪنهن به هڪ ڳالهه جي ڪري پيو آهي، پر انهن سيني مان ”لئي“ وڻ جي هن ۾ جهجهي تعداد ۾ هئڻ ڪري هن کي ”لئي واري نئين“ جيڪا بعد ۾ ”لئي واري“ ۽ آخر ۾ مختصر تي لياري ٿي آهي جي ڪري اهو نالو پيو ۽ لياري نئين ڪري انهيءَ علائقي جو نالو به اهو پيو ۽ ٻين ڳالهين جي ڏيڻ جو مقصد پڙهندڙ ۽ محقق جي ڄاڻ ۾ واڌاري ۽ وڌيڪ تحقيق لاءِ ڏنو ويو آهي.

لياري نئين جي قديم رخ ڌوٻي گهاٽ ڪان الڳ ٿي حسن لشڪري ڳوٺ، غريب آباد، پراڻي حاجي ڪئمپ، اسپنسر آءِ اسپتال، (جنهن کي اڄ به نئين واري اسپتال ۽ بلوچ ۾ هن ”ڪور والا“ اسپتال ”ڪور“ بلوچي ۾ نئين کي چوندا آهن چيو ويندو آهي چاڪاڻ ته اها اسپتال لياري نئين جي انهيءَ قديم شاخ تي جوڙي وئي آهي. اڳ ۾ اها ڊسپينسري هئي جيڪا مسواڙ جي جاءِ تي ماهوار 500 روپيه جي حساب سان شروع ڪئي ويئي. بعد ۾ 28 نومبر 1938ع تي ان وقت جي ڪراچي جي ميئر حاتم علي علوي ان کي ڪشادي ڪرڻ جي منصوبي جي پيڙهه جو پٿر رکيو ۽ 14 مارچ 1940ع تي ان وقت جي ڪراچي جي ميئر آر. ڪي سڌوا ان جو افتتاح ڪيو. ڊاڪٽر انڪل سريا ان جو پهريون ميڊيڪل، سپريڊنٽ مقرر ٿيو.)

اڳتي هلي لياري نئين لي مارڪيٽ جي اتر پاسي شيدي وليج جي ڪناري کان ٿيندي ڪڏي تائين وهي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي. 1729ع ۾ پوجو مل ۽ سندس ساٿين پاران جوڙايل ڪراچي ڪوٽ جو منو در لياري پاسي کلندو هو چاڪاڻ ته تن ڏينهن هتي صاف ۽ شفاف پاڻي وهندو هو ۽ پيئڻ جي پاڻي لاءِ کوهه هئا. جنهن جي ڪري هن در جو نالو منو در رکيو ويو هو. ڪوٽ نهڻ کانپوءِ لياري ندي انهيءَ ديوار جي ڪنارن کان وهي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي. انگريزن جي قبضي کانپوءِ ٻوڏن جي بچاءُ لاءِ لياري جو رخ موڙي هاڪوڪي وهنڊڙ لياري شاخ ڏانهن ڪيو ويو.

قديم شاخ اڄ به گٽر نالي جي صورت ۾ موجود آهي. لي مارڪيٽ کان ڪڏي ڏانهن ويندي ڪکري ميدان کان اڳ ساڄي هٿ تي هڪ پراڻي بئنڪ آهي جنهن تي لکيل آهي Embakment برانچ Embakment ڪناري کي چيو ويندو آهي اها تمام پراڻي بئنڪ آهي. لياري ندي جي ڪناري قائم هئڻ ڪري ان کي Embakment معنيٰ ڪناري وارو برانچ نالو ڏنو ويو. بئنڪ اڄ به انهيءَ برانچ جي نالي سان قائم آهي.



**لياري ندي ۾ وهندڙ گندو پاڻي اهو پورو گند سمنڊ ۾ داخل ٿي رهيو آهي**

منو در شهر جي اتر اولهه پاسي هاڪوڪي ريور روڊ ۽ ڳاڱ گهٽي جي ملڻ واري جاءِ تي هوندو هو. لياري ڪراچي جي سڀ کان پراڻي آبادي آهي بندر کان وٺي کارو در، ڪڏو، منو در جيڪي ڪوٽ اندر هئا. ڪوٽ کان ٻاهر ڪجهه وسنديون هيون.

1809ع ۾ اينڊز انگريز سياح هنري پوٽنجر پنهنجي ڪتاب ”سنڌ بلوچستان جو سير ۽ سفر“ ۾ لکي ٿو ته (هي ڪتاب 1816ع ۾ ڇپيو هو.)
”سنڌ ۾ ميرن جي حڪم تي 1813ع ۾ ڳڻپ ڪرائي ويئي جنهن مطابق ڪوٽ اندر ڪل 3250 گهر هئا ان ڪانسواءِ قلعي جي ٻاهر جهوپڙيون هيون جيڪي ان ڳڻپ ۾ شامل نه هيون.“
ڪمانڊر ڪارليس 1838ع ۾ ڪراچي جو دورو ڪيو هن به ڪوٽ جي ٻاهرين پاسن کان ڪکاون وسندين جو ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته، ”ڪوٽ جي اندر جي آ بادي جو گهڻو تعداد ماهي گيرن تي ٻڌل آهي. ڪراچي جا پراڻا رهواسي جيڪي ڪراچو قبيلي سان تعلق رکن ٿا. ڪوٽ کان ٻاهر رهن ٿا. انهن جي دعويٰ آهي ته ڪراچي انهن جي بزرگن آباد ڪئي آهي.“
اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب Karachi past Present and future ۾ لکي ٿو ته ”ڪوٽ جي ٻاهر وسندين ۾ ڪراچي جون صنعتون قائم هيون.“
انهن رپورٽن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪوٽ کان ٻاهر به وسنديون هيون جتي چمڙي رنڱڻ، تيل ناهڻ ۽ رنگن جي تياري جا ڪارخانا هئا ۽ انهن ڪارخانن جي پر ۾ غريب مزدور ماڻهن جون وسنديون هيون. چمڙي رنڱڻ جا اهي ڪارخانا هاٽوڪي چاڪيواڙي ۽ رانگي واڙي واري علائقي ۾ هئا. اها ڳالهه ثابت ٿي ته اهي وسنديون گهڻيون پراڻيون وسنديون آهن. انهن آبادين ڪانسواءِ ڪوٽ کان ٻاهر بندر تي ۽ سمنڊ اندر ٻيٽن تي ماهيگير رهندا هئا. شمس، بابا ٻيٽ، ابراهيم حيدري، گسري ۽ ريڙهي مياڻ جون ساحلي وسنديون پراڻي ڪراچي کان گهڻو پري هيون انهن جي الڳ دنيا هئي. حب، اورنگي، منگهوپير، گڏاپ، گهگهر، گابو پٽ، ملير ان وقت ڪراچي جو حصو نه هئا. هتي ڳوٺ موجود هئا اهي ماڻهو مالوند ۽ زراعت جي پيشي سان واڳيل هئا. لياري جو مٿيون پاسو لالو کيٽ، ڳجهڙو ۽ صفوران سونگل وارن علائقن ۾ ڳوٺ آباد هئا.
هاٽوڪي لياري ۾ (لياري ٽائون نه چاڪاڻ ته ٽائون ناهڻ وقت لياري جي آمدني وارن علائقن کي جيڪي صدين کان لياري جو حصو هئا ڪٽي صدر ۽ ٻين ٽائونن ۾ شامل ڪيا ويا) گارڊن، حسن اوليا وليج، حسن لشڪري وليج، غريب آباد، عثمان آباد، پراڻو گوليمار، ميوا شاهه، گٽر باغيچو، سيفي نگر، پراڻو حاجي ڪئمپ، لي مارڪيٽ، ڪکري ميدان، منو در، ڪارو در، ڪڏو، ڪلري، چاڪيواڙو، رانگي واڙو، ميران ناڪو، بغدادي، آگرا تاج ڪالوني، نارو لين، شاهه بيگ لين، گل محمد لين، ريڪسر لين، غريب شاهه، ڪنيار واڙو، سيفي لين، نوان لين، ٻڪرا پڙي، ڪلاڪوٽ، نوا آباد، دريا آباد، باوا پٽ، بهار ڪالوني ڪانسواءِ شير شاهه ۽ گل ٻائي وارا علائقا اچن ٿا.

ڊيلٽا جي ويجهي وارا علائقا سمنڊ جي سطح کان پنج فٽ مٿي ۽ گارڊن ۽ عثمان آباد وارا علائقا سمنڊ جي سطح کان 20 فٽ مٿي آهن.

مگر مان تي آفريقي ناچ، ليوا، گڏهه گاڏين جي ريس، فٽ بال، مڇي جي بار بي ڪيو، ناشتي ۾ قابلي ۽ بانڪ لينڪ ڪائڻ وارا، ويڙهه ۾ مٿي سان ٽڪر هڻي دشمن کي زخمي ڪرڻ. اهي سڀ سڃاڻپ جون نشانيون آهن لياري جون، جنهن کي شروعاتي ڪراچي سڏجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

1729ع ۾ حب جي ڇوڙ لڳ ڪڙڪ بندر ختم ٿيڻ ڪري گهڻن واپارين پوجومل جي اڳواڻي ۾ ڪراچي جي بندر جنهن کي ان وقت ڏڙبو چيو ويندو هو ۽ لياري جي ڇوڙ واري جاءِ تي تاريخي ڪن ”ڪلاچي جو ڪن“ هو، ان ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي ته ڪلاچي جو ننڍڙو مهاڻن جو ڳوٺڙو ترقي جي سفر تي گامزن ٿيو ته مختلف علائقن مان ماڻهو لڏپلاڻ ڪري ڪراچي ۾ آباد ٿيا. ان سيني اچڻ وارن ڪراچي ڪوٽ جي آس پاس لياري ندي جي ڪناري تي پنهنجا اجها اڏيا. ڪڇ کان ڪڇي، ڪاٺيواڙ ۽ گجرات کان ميمڻ ۽ گجراتي، لس کان لاسي، ايراني بلوچستان ۽ مڪران کان بلوچن به ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ انهن سيني جو رخ لياري واري علائقي پاسي هو . اڄ به اهي ماڻهو گهڻي تعداد ۾ لياري ۾ آباد ملن ٿا. پر سيني کان گهڻي تعداد ۾ بلوچ هتي آيا، لياري ۾ بلوچن جو سلسلو 1725ع کان به اڳ شروع ٿيو ان وقت اهي تمام ٿوري تعداد ۾ چاڪيواڙي ۽ بغدادي واري علائقي ۾ اچي آباد ٿيا ۽ چمڙي رنگڻ ۽ رنگن ملائڻ واري صنعت جي شروعات ڪئي ڪجهه ماهيگر هئا انهن بندر جو رخ ڪيو. جڏهن پوجومل هتي آيو ۽ جتي ڪوٽ اڏيو هن جي اندر ۽ ٻاهر وسنديون موجود هيون. جيڪو ”ڪلاچي جي ڪن“ (ڪڏو) ۽ لياري وارو علائقو هو. ڏڙبو بندر هتان ٻه ميل ڏکڻ پاسي هو.

ياد رهي ته لياري يا بندر ڪانسواءِ هاڻوڪي ڪراچي جي پسگردائي حب، منگهوپير، ملير، گڏاپ، گابو پٽ، گهگهر، لانڍي ۾ بلوچن جي اچڻ جو سلسلو محمد بن قاسم کان به اڳ ۾ هو جڏهن سنڌ تي راءِ ۽ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت هئي ۽ سنڌ جون سرحدون مڪران تائين هيون. خيال آهي ته انهيءَ دور ۾ مڪران (ايراني ۽ پاڪستاني) کان ماڻهو سنڌ خاص ڪري هاڻوڪي ڪراچي ۽ ٺٽي جي ساحلي علائقن ۾ آباد ٿيا.

علي احمد بروهي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته: ”عباسي دور ۾ عراق، ايران ۽ ٻين علائقن مان جڏهن قرامطا تحريڪ کي ڪچليو ويو ته انهن مڪران ۽ سنڌ جي ساحلن جو رخ ڪيو. مڪران جي علائقي ۾ انهن پنهنجو هيڊ ڪوارٽر ناهيو اهو علائقو بعد ۾ انهن جي ڪري ”ڪلمت“ سڏائڻ لڳو. 883ع ۾ قرامطي مذهبي اڳواڻن سنڌ ۽ ملتان تائين علائقن جو دورو ڪيو. ڏهين صديءَ جي آخر ۽ يارهين صدي جي شروع ۾ قرامطي مذهبي اڳواڻن سنڌ ۽ ملتان تائين

علائقن جو دورو ڪيو ڏهين صديءَ جي آخر ۽ يارهين صدي جي شروع ۾ قرامطي وڏي تعداد ۾ سنڌ ۾ آيا.“

تاريخ ۾ سن 1665ع ۾ واڳون ڏر ويجهو ڪلمتين، ڏاراجا ۽ نگامڙا قبيلي جي وچ ۾ مقابلي جو ذڪر ملي ٿو. هن پندرنهن ۽ سورنهن سئو عيسوي ۾ به جوڪين ۽ ڪلمتين جي وچ ۾ 17 لڙاين جو ذڪر ملي ٿو. انهيءَ عرصي ۾ جوڪين، برفتن، جاڪرن جي وچ ۾ لڙاين جو به ذڪر ملي ٿو. ان ڳالهه مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڏهين صديءَ عيسوي ۾ بلوچ قبيلن مان ڪلمتي، گبول ۽ لاشاري هتي موجود هئا. انهن ماڻهن هتي ملير، حب، منگهو پير، گڏاپ ۽ ساڪري تائين زراعت جي پيشي کي اختيار ڪيو هي مالوند ماڻهو به هئا. انهن قبيلن جون مغلن، ترڪن ۽ ارغونن سان جنگيون پڻ لڳيون. بعد ۾ مغلن انهن قبيلن کي فوج ۾ شامل ڪيو ۽ ساحلي ۽ خشڪيءَ جي رستي تي حفاظت لاءِ پڻ مقرر ڪيو.

ڪلهوڙا حڪمران ميان عبدالنبي جي دور ۾ هڪ جنگ ۾ قلات جي والي مير نصير خان سنڌ جي حاڪمن جي مدد ڪئي ان جنگ ۾ مير نصير خان جو پيٽيويو مارجي ويو ته مغلن خون جي بدلي ۾ ضلع ڪوره (ڪراچي) کي والي قلات جي حوالي ڪيو. ٽالپرن بن ناڪام حملن ڪانپوءِ ڪراچي بيهر حاصل ڪري سنڌ ۾ شامل ڪيو انهي دوران گهڻي تعداد ۾ قلات مان ماڻهو ڪراچي اچي رهيا انهن کي قلاتي چيو ويندو هو. ميرن جي دور ۾ به مڪران جي ساحل ۽ ايراني بلوچستان کان بلوچ روزگار جي سلسلي لياري ۾ اچي آباد ٿيا چاڪاڻ ته ان دور ۾ ايراني بلوچستان ۾ سخت ڏڪار آيو هو. ذڪري ۽ نمازي مذهبي جهيڙي ۾ انگريز دور ۾ ذگري/ذڪري لياري ۾ اچي ڪلري واري علائقي ۾ رهڻ لڳا. لسبيلي ۽ ڪوهستان مان به ماڻهو ڏڪار جي صورت ۾ لياري جي مختلف علائقن ۾ اچي رهيا. انگريزن جي فتح ڪانپوءِ جڏهن بندر تي ڪم وڌيو. شهر ۾ روڊ ۽ جايون ٺهڻ شروع ٿيون ته هتي رهندڙ بلوچن پنهنجن علائقن مان ماڻهن کي هتي روزگار جي سلسلي ۾ گهرايو. لياري ۾ گهڻا بلوچ 1850ع ڪانپوءِ هتي آيا ۽ اهو سلسلو 1900ع تائين جاري رهيو ۽ وقفي وقفي سان اڄان جاري آهي لياري ۾ پاڪستان جي هر حصي، هر خطي جا ماڻهو رهن ٿا. اهي سڀ مزدور ماڻهو روزگار جي ڳولا ۾ هتي آيا ۽ پوءِ هميشه لاءِ هتي جا ٿي ويا. اهو ٻڌائيندو هلان ته لياري جي پسگردائي ۾ جتي زراعت ڪئي ويندي هئي اتي باغن ۾ ميرن ڪراچي تي حملي وقت پڙاءُ به ڪيو هو. اهي بلوچ عربن جي دور ۾ هتي اچي آباد ٿيا.

لياري ۾ رهندڙن مان آفريقي نسل جي شيدين جو ذڪر نه ڪرڻ لياري سان ناانصافي ٿيندي. چاڪاڻ ته لياري جيڪا مشهوري ماڻي ان ۾ انهن شيدين جو وڏو هٿ آهي. فٽبال، باڪسنگ،

علم، ادب، صحافت، جمهوري جدوجهد، بلوچ قومپرستي، افغان ثور انقلاب جي دفاع سيني ۾ اهي ماڻهو پيش پيش رهيا آهن. سنڌ ۾ انهن کي ڏاڏا، شيدي، گدو چيو ويو، بلوچ سماج ۾ انهن کي ٽيهه، درزادگ، بلوچي ۾ در معنيٰ ٻاهريون زادگ معنيٰ ذات وارو يعني ٻاهرين ذات وارو ۽ ”سُر“ چيو ويو.

سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن لياري ۾ رهندڙ شيدين کي مڪراني چيو پر مڪران مان ته لياري ۾ رهندڙ سيئي بلوچ آيا آهن. پوءِ فقط آفريقي نسل جي ماڻهن کي مڪراني چو چيو ويو. اها ڳالهه مون سميت هر بلوچ جي سمجهه کان ٻاهر آهي. سنڌ جي سماج جي پيٽ ۾ لياري ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ اهي آفريقي نسل جا ماڻهو بلوچي ثقافت ۾ جلدي ضم ٿي ويا ۽ بلوچ ڪلچر جو حصو بڻجي ويا. لياري ۾ جاگيرداراڻو نظام نه هو مڪران جي ساحلن ۾ اهو پيچ ڏاهه جو شڪار هو هتي سي روزگار جي ڳولا ۾ آيا ان ڪري اجا ۽ غلام جو تصور جلدي مٽجي ويو. واجا بلوچي ۾ وڏي ماڻهو کي چيو ويندو آهي يا جيئن سنڌي ۾ ڪنهن کي عزت ڏيڻ لاءِ سائين چوندا آهيون ائين بلوچي ۾ سائين جي جاءِ تي واجا چيو ويندو آهي.

اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ته آفريقي نسل جا اهي ماڻهو اسان جي ساحلي علائقن ۾ ڪيئن آيا؟ ان لاءِ اسان کي پنهنجي تاريخ جي انتهائي ڪريل، شرمناڪ ۽ انسانيت سوز باب کي بي نقاب ڪرڻو پوندو.

لفظ شيدي آفريقي زبان (سمري) جي بگڙيل صورت آهي جيڪا حقيقت ۾ عربي جي لفظ شيدي جي هڪ شڪل آهي. جنهن جي معنيٰ آقا يا مالڪ. پر هتي ته شيدي آقا جي ابتڙ غلام آهن. شيدي ايران، بلوچستان، سنڌ جي ساحلن سميت پوري ننڍي کنڊ جي ساحلن تي آباد آهن. پر انهن جو گهڻو تعداد سنڌ جي ساحلن تي آباد آهي. جنهن جو وڏو سبب ڪراچي بندر آهي. انهن سيني علائقن ۾ آفريقا جي علائقن مان پهريان پهچندڙ ننڍا ٻار هئا جن کي اڳيئن زماني ۾ عرب ۽ يورپي واپاري آفريقا جي اندرئين علائقن مان اغوا ڪري مختلف ملڪن ۾ جانورن جيان وڪرو ڪيو. آفريقا جي ايرندي ساحلن تي انسانن جي انهيءَ وڪري تي دنيا جي ادب ۾ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. جتان هزارين انسانن کي اغوا ڪري يورپي نين ڪالونين ۾ وڪيو ويو ۽ انهن جو اولاد اڄ تائين ڏکڻ آمريڪا کان وٺي اتر آمريڪا جي ملڪن ۽ خاص طور تي ايرندي عرب الهندي ۾ ملي ٿو.

انسانن جو اهو خطرناڪ واپار ايڏي ته وڏي پئماني ۾ ڪيو ويو. جو اڄ تائين اهي ڪنارا جتي غلامن جي تجارت ٿيندي هئي. غلامن جي ساحل (Slav Coast) جي نالي سان مشهور آهن. آفريقا جي ساحلن تي مڪمل طور عرب واپارين جو قبضو هو. ان علائقي ۾ زنجيبار جيڪو هاڻي

تنزانيا جو حصو آهي ۽ مسقط وٽ آفريقي غلامن جون وڏيون منڊيون هونديون هيون. انهن ساحلن تان عرب واپاري انهن کي هندستان ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ وڏي تعداد ۾ وڪري لاءِ موڪليندا هئا. سنڌ ۽ هند ۾ غلامن جا گهڻا خريدار نواب، راجا، رئيس، وڏيرا، سلطان، مير، پير ۽ ٻيا متئين طبقي جا ماڻهو هوندا هئا.

ڪراچي ان زماني ۾ ڏڄبو جي نالي سان مهاڻن جي ننڍڙي وسندي هئي. اهڙي طرح ممبئي ان زماني ۾ ”ڪولابہ“ جي نالي سان ڪولهي مهاڻن جي ساحلي وسندي هئي. سنڌ ۾ غلام عمان ۽ مسقط بندر تان ڪراچي بندر آندا ويندا هئا، ڪجهه غلام ايران ۽ بلوچستان جي گوادر بندر تان بہ آندا ويندا هئا.



لياري ڪواٽرز-1874ع ۾ لياري 1959ع ۾

اهي غلام گهڻو ڪري هاڻوڪي آفريڪي ملڪن ڪينيا ۽ تنزانيا جا اصل رهواسي آهن. هڪ اندازي موجب 19 صدي جي وچ داري ڏهه هزار کان 20 هزار غلامن جي خريداري ٿي هئي. آفريڪا جي اندرين علائقن مان غلام حاصل ڪرڻ لاءِ ظالماڻو طريقو استعمال ڪيو ويندو هو. هڪڙو طريقو هي هو تہ آفريڪي قبائلي لڙائين ۾ پڪڙيل ماڻهن کي عرب واپاري هيرن، جواهرن، ڪپڙن ۽ ٻين قيمتي شين جي بدلي خريد ڪندا هئا ۽ پوءِ انهن ڪنارن تي ٻيٺل ٻيڙين ۾ج سوار ڪري مختلف غلام منڊين ڏانهن رخ ڪندا هئا. هڪ ٻيو طريقو آفريڪي علائقن مان ٻارن کي ورغلائي اغوا ڪرڻ جو بہ رواج هو. اولهہ جي گهڻن ساحلن تي غلامن کي عرب واپاري ۽ پناڻ خرڪار اغوا ڪري پوري هندستان ۾ پهچائيندا هئا. اهي ماڻهو ٻارن کي ورغلائڻ لاءِ ګڙ، منائي ۽ ٻيون شيون ڏيندا هئا. ٻارن سان ائين دوستي جو ڍونگ رچائي انهن جون همدرديون حاصل ڪري انهن کي ساحل تي لنگر ٿيل جهازن ۾ سوار ڪرائي عالمي منڊي ۾ انهن کي وڪرو ڪيو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اهي وحشي واپاري هٿيارن جي زور تي رات جي اوندهہ ۾ آفريڪا جي وسندين تي حملو ڪري انهن کي باهہ ڏيندا هئا ۽ پوءِ پناهہ جي ڳولا ۾ پٽڪيل مردن، عورتن ۽ ٻارن کي اغوا ڪري وٺندا هئا. اهو واپارين جو محبوب مشغلو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن قبيلائي دشمني جو فائدو وٺي اهي واپاري هڪ قبيلي کي هٿيار ڏيئي، ٻئي قبيلي تي حملي لاءِ چوندا هئا. قبيلائي جهيڙي ۾ گرفتار ٿيل قيدين کي انهن هٿيارن جي عيوض واپاري حاصل ڪندا هئا. ان ڪانسواءِ آفريڪي غلامن جي واپار ۾ هتان جي سردارن ۽ قبيلائي بادشاهن جو بہ وڏو هٿ هوندو هو. اهي بہ قيمتي سوکڙين جي بدلي پنهنجن ماڻهن کي انهن واپارين جي حوالي ڪندا هئا.

غلام گهڻو ڪري وچ آفريڪا سان تعلق رکندا هئا. جن ۾ ايٿوپيا، سوڊان، ڪينيا، ڪانگو، تنزانيا، انگولا، گهانا، يوگنڊا ۽ موزمبيق جا دريائي، ڪچا ۽ جابلو علائقا شامل هوندا هئا. زنجيبار صدين تائين دنيا جي ان خطي ۾ غلامن جي وڏي منڊي طور سڃاتو ويندو هو.

عرب تاجرن (البرٽ موروايا مطابق) هتان پڪڙجڻ ڪانپوءِ اهي غلام هڪ ڊگهي ۽ ٿڪائيندڙ سفر مان گذرندا هئا جنهن ۾ انهن کي جانورن جيان ٻڌي قطارن ۾ هڪليو ويندو هو پر جڏهن اهي منڊي پهچايا ويندا هئا تہ انهن کي سينگاريو ويندو هو. خوشبودار تيل لڳايو ويندو هو ۽ پوءِ اهي سيئي غلام پنهنجن مالڪن پويان قطار ۾ هلندا هئا. شهر وچان لنگهندي مالڪ وڏي واڪ پنهنجي مال جي تعريف ڪندا هئا. گراهڪ غلام جي هڪ هڪ عضوي جي جاچ ڪانپوءِ ان کي خريد ڪندو هو. ان جو جائزو بلڪل هڪ جانور وانگر ورتو ويندو هو. خريد ڪرڻ ڪانپوءِ نئون مالڪ غلام کي زنجيرن سان ٻڌي ماريندو ڪٽيندو پاڻ سان گڏ ڪٽي ويندو هو. ائين جيئن هڪ

جانور کي خريد ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ گهر کان ٻئي گهر نيو ويندو آهي. واپار ڪانپوءِ پراڻو مالڪ سينگار جو سمورو سامان لاهي وٺندو هو.

سمنڊ رستي سفر دوران جيڪڏهن ڪو غلام بيمار ٿي پوندو هو ته انتهائي بيدردي سان ان کي سمنڊ ۾ اڇلايو ويندو هو . تنزانيا جي مشهور شهر "تبوره" ۾ اڄ به هڪ پراڻي لانڍي جا ڪنڊر موجود آهن جتي غلامن کي ترسايو ويندو هو. بيگو مايو جي ساحل تي چون ٿا ته اڄ به هڪ جهونو قداور ۽ گهاٽو وڻ موجود آهي. جنهن جي ٿڙ ۽ ٽارين ۾ لوهه جا ڪڙا جهولي غلامي جي دور جي ياد تازو ڪندا آهن. انهن زنجيرن ۽ ڪڙن سان غلامن کي قابو ڪيو ويندو هو ته جيئن هو ڀڄي نه سگهن.

هڪ انگريز سياح ڪيپٽن هارٽ (Captain S.V.W Hart) 1838ع ۾ شايع ٿيندڙ پنهنجي هڪ ڳجهي رپورٽ Town Port of kurrahee ۾ لکي ٿو ته:

"ڪراچي ۾ وڏي تعداد ۾ آفريقي غلام مسقط کان گهرايا وڃن ٿا. ان وقت ڪراچي ۾ اوسطا ساليانو 650 غلام گهرايا وڃن ٿا. جن ۾ ٽيون حصو ڇوڪرين جو هوندو آهي. غلامن جي واپار تي حڪومت کي ساڍا پنج روپيه في غلام جي حساب سان ٽيڪس ملي ٿو. ڪراچي جي منڊي ۾ مرد غلامن جي قيمت عورتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. غلام عورتن کي گهرن ۾ مختلف ڪمن لاءِ خريد ڪيو ويندو آهي. سنڌ ۾ مرد غلامن کي محافظ ۽ خانگي ملازم طور رکيو ويندو آهي."

1837ع ۾ ڪمانڊر ڪارليس جي بيان مطابق، "پندرنهن سئو غلام مسقط ۽ آفريقي ساحلن مان ڪراچي پهچايا ويا."

سنڌ ۾ شيدين جي اچڻ جا دستاويزي ثبوت 711ع کانپوءِ ملن ٿا. جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي. تاريخ ۾ شجاع نالي حبشي جو ذڪر ملي ٿو. جيڪو ويڙهاڪ هو. جنهن کي محمد بن قاسم راجا ڏاهر سان جنگ لاءِ استعمال ڪيو. سنڌ تي عرب ٽي سئو سال قابض رهيا. انهيءَ عرصي دوران به گهڻا عرب واپاري پاڻ سان گڏ آفريقي سپاهي ۽ نوڪر ڪٺي آيا. اهڙي طرح ارڙهين صدي ۾ تاريخ جي ورقن ۾ سنڌ سميت هندستان ۾ آفريقي نسل جي "شيدين" جو ذڪر ملي ٿو.

عربن جي حملي ۾ سنڌ جي اڳئين تاريخ کي تباهه ڪيو ويو. سنڌ ۾ راجا ڏاهر ۽ ان کان اڳ به مختلف ملڪن سان واپار هلندڙ هو. سنڌ جي ساحلن تان خليج فارس جي رياستن جي ساحلن تائين وٽج واپار هلندو هو. واپاري قافلا مختلف خشڪي ۽ سامونڊي رستن تان سنڌ جي بندرن ڏانهن ايندا هئا جنهن جي ڪري ڇهين ۽ ستين عيسوي صديءَ ۾ آفريقي ماڻهن جي موجودگي جا به آثار سنڌ ۾ ملن ٿا. اسلام اچڻ کان اڳ ۽ پوءِ به پوري عرب رياستن ۾ وڏي تعداد ۾ آفريقي غلامن ۽

مختلف جنگين ۾ قيدي بڻايل غلامن جو ذڪر ملي ٿو. محمد بن قاسم سنڌ مان حملي ڪانپوءِ هزارين مردن، عورتن ۽ ٻارن کي ٻاندي بڻائي بغداد ۽ مصر جي بازارن ۾ وڪري لاءِ موڪليو.

هندستان جي تاريخ ۾ غلامن اهم ڪردار ڪيو آهي. تاريخ ۾ تعصب پرستي ۽ نسل پرستي جي رواج ڪري اها اهم تاريخ پوئتي رهجي وئي. اياز جو آقا محمود خود هڪ ترڪ غلام جو پٽ هو. علائو الدين خلجي جو ڪمانڊر ڪافور جنهن جي مضبوط جسم ۽ بهادري تي رضيا سلطانه موهجي ويئي هئي ۽ احمد نگر رياست جو وڏو وزير عنبر سپ شيدي هئا. گجرات ڪاٺياواڙ ۾ ”ساچين“، ممبئيءَ ويجهو ”زنجير“ شيدي غلامن جي ٻن خودمختيار رياستن جو ذڪر ويجهي تاريخ ۾ ملي ٿو. ورهاڱي تائين اهي رياستون قائم هيون. مرهٽن هندستان جي گهڻي ڀاڱي تي قبضو ڪيو. مرهٽا 150 سالن تائين انهن شيدي رياستن کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهيا.

جڏهن ڪلهوڙن جي آخري حڪمران کي ٽالپرن معزول ڪيو ته ان وقت ميان عبدالنبي ڪلهوڙي سان آفريقي غلام به گڏ هئا. سنڌ ۾ شيدي نسل جو گهڻو تعداد ٽالپرن جي دور ۾ هتي وڪري لاءِ آندو ويو. انهن سنڌ کي پنهنجو وطن قبول ڪيو ۽ هميشه لاءِ پنهنجن پيارن سان ملڻ جي اوسيئڙي کي ختم ڪري ڌرتيءَ جي وجود جو حصو بڻجي ويا. معاشري ۾ پوءِ به انهن کي گهٽ درجو ڏنو ويو. انهن کي ”ڏاڏا“ ۽ ”گدو“ چئي ڌڪاريو ويو. آمريڪي نژاد شيدين جيئن نيگرو جي لفظ جي پاسي ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ پنهنجين صلاحيتن جي آڌار تي معاشري ۾ پنهنجي محنت سان هڪ مقام پيدا ڪيو. ائين سنڌ ۾ به پڙهيل لکيل شيدين انهن لفظن ڏانهن ڌيان نه ڏنو ۽ مختلف فيلڊن ۾ پنهنجي محنت سان نالو ڪمايو جنهن ۾ شهيد هوشو شيدي، محمد صديق مسافر، بلاول بلجيم، طاهر منو (ڳائڻو)، مختيار شيدي، ملهه پهلواني ۾ شير سنڌ بڪر شيدي مرحوم، انب شيدي مرحوم، شير شيدي مرحوم، پهلوان ڪريم بخش مرحوم، رحيم بخش شيدي، متارو شيدي، موسيٰ شيدي، عبدالله شيدي، غلام حسين ۽ ٻيا شامل آهن. سنڌ ۾ جڏهن ايم آر ڊي تحريڪ ڪانپوءِ ڏاڙيل فيڪٽر کي هٿي ڏني وئي ته محب شيدي به پوئتي نه رهيو. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود سنڌ جي معاشري ۾ اڃا به انهن سان سماجي اڻ برابري وارو سلوڪ روا رکيو وڃي ٿو. شيدي نسل جا گهڻا ماڻهو اڄ به غلامي واري دور مان گذري رهيا آهن. انهن کي ڏاڏا ۽ گدو چئي اڇوتن وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو. وڏيرن، جاگيردارن، پيرن ۽ ميرن جي گهرن ۾ اڄ به اهي جڻ پئسن تي ورتل غلام هجن. گهريلو شيدي ملازم جا ٻار به غلام سمجهيا وڃن ٿا. هڪ واقعي جو ذڪر ڪرڻ هتي ضروري سمجهان ٿو. 2002ع ۾ ڪنهن اداري پاران ميمڻ ڳوٺ ڪراچي ۾ آل سنڌ ملاڪڙي جو بندوبست ڪيو ويو هو. ٽين جوڙ جو هڪ شيدي پهلوان جو

مقابلو ٿئي جي هڪ سيد پهلوان سان ٿيڻو هو. شيدي پهلوان اهو چئي مقابلي تان هٿ ڪڍي ويو ته ”سيد سان ملهه وڙهي آئون پنهنجي قيامت ڪاري نه ڪندس.“

بئي پاسي بلوچستان جي ساحلن آفريقي نسل جا اهي ماڻهو عمان مسقط جي بندر تان بلوچستان جي ساحلن تي گوادر، اورماڙو، پسني ۽ ايراني بلوچستان جي بندر چا بهار ۾ وڪري لاءِ آندا ويندا هئا. انهن سيني بندرن ۾ گوادر ۽ اورماڙو اهم بندر هئا. اڄ به شيدين جو وڏو انهن بندرن تي رهي ٿو.

شيدي غلامن کي بلوچستان خاص طور تي مڪران ۾ سپاهي طور ۽ ڪجين جي باغن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ خريد ڪيو ويندو هو. 1782ع ۾ قلات جي حاڪم جنهن گوادر ۽ ان سان گڏيل علائقا سلطنت عمان جي حوالي ڪيا ته عمان جي بادشاهه ايراني بلوچستان جي ساحلي بندر عباس تائين ڪنٽرول حاصل ڪيو. انهيءَ دور ۾ به وڏي تعداد ۾ آفريقي غلام گوادر ۽ مڪران جي ٻين علائقن ۾ وڪري لاءِ عمان کان آندا ويا. انهن شيدين جي اچڻ سان بلوچ معاشري ۾ واجا ۽ غلام جو لفظ وڌيڪ پاپولر ٿيو. غلام شيدي پنهنجي آقا/مالڪ کي واجا چوندو هو/آهي.

مڪران جنهن ۾ بلوچستان جا ساحلي علائقا اچي وڃن ٿا هتي ميري، پيري، سرداري ايتري مضبوط نه هئي قبيلائي نظام مڪران ۾ نه هئڻ جي برابر هو ۽ اهو جيڪڏهن ڪنهن شڪل ۾ موجود هو ته پيچ ڏاهه جو شڪار هو. ايران کان وني اورماڙي تائين ڏڪار، خطرناڪ بيماري، ساحلي بندرن تي پورچو گيزن جي حملن ۽ مذهبي جهيڙن ڪري، مڪران مان وڏي تعداد ۾ ماڻهن لڏپلاڻ ڪئي ۽ انهن حب، سون مياڻي ۽ ڪراچيءَ سميت سنڌ جي سرسبز علائقن جو رخ ڪيو. انهن سان گڏ گهڻا آفريقي شيدين به پنهنجي آقائن سان ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ اهي سڀ لياري جتي اڳ ۾ بلوچ قبيلا آباد هئا اچي آباد ٿيا. جيئن ته منهنجي مضمون جو موضوع لياري آهي ته گهڻو ذڪر به هتي رهندڙ قبيلن جو ڪندس.

لياري ۾ جيئن ته جاگيرداراڻو سماج نه هو سڀ مزدور طبقي جا ماڻهو رهندڙ هئا. جيڪي ماڻهو ايراني بلوچستان ۽ مڪران کان هتي آيا ته انهن ماڻهن جو لڏپلاڻ، ڏڪار ڪري سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويو. اهي ماڻهو پنهنجي سنن ڏينهن جون سڀ روايتون پوئتي ڇڏي آيا هئا. هتي سڀ مزدور هئا. هتي انهن ماڻهن بندر تي مزدوري، ماهيگيري، جاين ناهڻ واري صنعت، ماڙيپور علائقي ۾ لوڻ ناهڻ وارن ڪارخانن ۾ مزدوري ڪانسواءِ بلوچستان جي ساحلي علائقن ۾ رهندڙ گهڻا ماڻهو ٻيڙين/هوڙن ناهڻ جي فن سان وابسطا هئا انهن ماڻهن به ڪراچي لياري ۾ انهيءَ ڌنڌي کي جاري رکيو. بندر تي گڏهه گاڏين وسيلي مال ڍوئڻ جو ڪم به انهن ماڻهن شروع ڪيو. انهن ڌنڌن ۾ لياري ۾ رهندڙ شيدين ۽ مڪران مان آيل ماڻهن، ڪڇ کان آيل ڪڇين، لس کان آيل لاسين حصو

ورتو. هتي اچڻ ڪانپوءِ سڀ مزدور رهيا. آقا ۽ غلام جو فرق آهستي آهستي ختم ٿيندو ويو. واجا ۽ غلام جو تصور وقت سان گڏ ختم ٿي ويو.

گهٽي تعداد ۾ اچڻ ڪري ۽ هڪ جاءِ تي رهڻ ڪري انهن جي ٻوليءَ، ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻي تي ڪو فرق نه پيو ۽ ٻاهران آيل آفريقي نسل جا شيدي ٻه جلدي انهيءَ بلوچ ڪلچر جو حصو ٻڻجي ويا.

ناچ، ڳانو، سازن وڄائڻ جا شوقين بلوچي ڪلچر جو حصو ٻڻجي ويا. مگر مان تي ناچ ۽ ”گواتي“ (گواتي هڪ مخصوص ساز تي مست ٿي جن ڪيڻ واري ڪي چئبو آهي)، اهي آفريقي ڪلچر جو حصو هئا پر هاڻي اهي بلوچي ڪلچر ۾ ضم ٿي ويا آهن. پوري مڪران جي ساحل تي اڄ ٻه ”گواتي“ جن ڪيڻ ۾ مشغول آهن. انهي مخصوص ڪلچر ۾ لفظ ”شيدي بادشاهه“ جي اصلاح ڪي ٻه جنم ڏنو جيڪو Happy go Lucky Negro وانگر اسٽريو ٽائيپ آهي.

لياري ۾ رهندڙ آفريقي نسل جي انهن ماڻهن لاءِ مشهور هو ته اهي سينيما تي گيٽ ڪيپري، گڏهه گاڏي هڪلڻ ۽ بدمعاشي ڪانسواءِ انهن ڪي ٻيو ڪجهه نه نٿو اچي. پر انهن ماڻهن غربت، بک، بيروزگاري ۽ سهولتن جي اڻ هوند جي باوجود ٻه ادب، سياست، صحافت، فنون لطيفه، راندين ۾ وڏو نالو ڪمايو. لياري مان اٿندڙ گهڻن سياسي ۽ سماجي تحريڪن جي سرواڻي ٻه انهيءَ نسل جي ماڻهن ڪئي. ان جو وڏو سبب اهو آهي ته لياري ۾ سرداري ۽ جاگيرداراڻو نظام نه هو ۽ اهي ماڻهو انهيءَ جي ڪري جلدي بلوچ ڪلچر جو حصو ٻڻجي ويا. بنا ڪنهن نسلي فرق جي هڪ ٻئي سان شاديون ڪرڻ، رشتا ڏيڻ ڪري هڪ نئون سماج وجود ۾ آيو.

غربت ۽ مزدور طبقي جي ماڻهن جي بي ترتيب زندگيءَ جي بنيادي سهولتن کان وانجهيل انهن آبادين ڪي ٻوليءَ پاڻ ۾ متحد ڪيو. مزدوري ڪانپوءِ مختلف سماجي، سياسي ۽ ثقافتي ڪمن ۾ انهن گڏجي پيرو ورتو. بلوچستان ۾ قبائلي ماحول ڪري اهڙو ماحول سازگار نه هو جنهن جي ڪري لياري سامراج مخالف تحريڪ، قوم پرستي، مارڪسزم جي حمايت، سرداري نظام خلاف تحريڪن جو ڳڙهه ٻڻجي ويو. هڪ ته بلوچستان ۾ تعليم جون سهولتون نه هئڻ ڪري شاگردن تعليم لاءِ ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ هڪ ئي ٻولي ۽ ثقافت هئڻ ڪري پنهنجائپ جي ماحول ۾ اهي ماڻهو لياري ۾ رهيا ۽ هر تحريڪ ۾ سرگرم رهيا.

بلوچي ادب، بلوچ قوم پرست سياست، صحافت جي واڌ ويجهه ٿيڻ انهن سڀني سرگرمين جو هڪ پهلو اهم هو جنهن تي سڀ گڏ ٿيا اها فقط ٻولي هئي. لياري ۾ رهندڙ سيئي بلوچ (جنهن ۾ آفريقي نسل جا ماڻهو ٻه اچي وڃن ٿا) جيڪو ڪنهن نسل ۽ رنگ سان تعلق رکندڙ هجي ٻولي جي بنياد تي گڏ ٿيو.

بلوچستان ۾ هلندڙ سيني سياسي، سامراج جدوجهد جو محور لياري رهيو. لياري هميشه پوري سنڌ سميت بلوچستان، ايران تائين سياسي ڪارڪنن جو پناهگاهه به رهيو آهي. هاڻي اها پناهه گاهه ڏوهارين جي هٿن ۾ آهي.

جڏهن بلوچ نشاط ثانيه جو اهو ثمر ۽ شعور جي روشني لياري مان بلوچستان منتقل ٿي ۽ بلوچستان جي هر روشن خيال تحريڪ کي لياري مان مڪمل حمايت ملي. بلوچستان ۾ جڏهن سياسي شعور وڌيو ۽ بلوچستان جي هر روشن خيال تحريڪ کي لياري مان مڪمل حمايت ملي. بلوچستان ۾ جڏهن سياسي شعور وڌيو ۽ بلوچستان جو معاشرو قبيلائي، نيم قبيلائي کان جاگيرداراڻي نظام کان قوم پرستي ڏانهن وڌڻ لڳو ته هتان جي پڙهيل لکيل طبقي لياري واسين کي جُڙڪ، پان خور، گڏهه گاڏي هڪلڻ وارن خطابن سان نوازيو.

ورهاڱي کان اڳ ڪڏو ۽ لياري جا ٻيا حصا بلوچي سان گڏ سنڌي ادب، صحافت ۽ سياست جو مرڪز پڻ رهيا آهن.

## ورهاڱي کان اڳ لياري ۾ تعليم، سياست، ادب ۽ صحافت:

لياري ۾ مختلف علائقن مان لڏپلاڻ ڪري ايندڙ ماڻهن جيڪي مختلف قبيلن ۽ علائقن جا رهواسي هئا. هر قبيلي ۽ علائقي جو ڌار ڪلچر هوندو هو. ان لڏپلاڻ ڪري قبيلن جي معاشي ۽ سماجي ٻيچ ڊاهه هڪ نئين ڪلچر کي جنم ڏنو. غربت ۽ بنا ڪنهن اجهي جي جڏهن اهي ماڻهو هتي پهتا ته انهن ٻيهر نئين سر پنهنجي زندگي ۽ سماجي ٻيهڪ لاءِ ڪوششون ڪيون. ساحلي علائقن کان لڏي ايندڙن هتي رهندڙ قديم باشندن جنهن جو ڪم ماهيگيري هو، سان ملي انهيءَ ڌنڌي ۾ حصو ورتو. ايران ۽ مڪران کان ايندڙ بلوچ آفريڪي نژاد شيدين، لس کان ايندڙ لاسين سميت ۽ ڪوهستان کان ايندڙ ڏاتين بندر تي ۽ عمارت سازي ۾ مزدوري ۾ حصو ورتو. ڪڇ، ٻيج ۽ گجرات کان ايندڙ ڪڇي ۽ ميمڻ، واپار ۽ دوڪانداري ۾ هتان رهندڙ هندن جو ساٿ ڏنو ته هندوئن جي ورهاڱي وقت وڃڻ ڪانپوءِ اهو مڪمل ڪاروبار هتان جي ڪڇي ۽ ميمڻ، جي حوالي ٿيو ۽ اهي قديم شهر جي علائقن ڪارودر، منو در، جونا مارڪيٽ، ليمارڪيٽ ۽ ڪڏي واري علائقي ۾ رهندا هئا ۽ اهو ئي لياري ۽ ڪراچي جو معاشي زون هو. ميمڻ کي حاجي عبدالله هارون جهڙو ليڊر ملي ويو. جنهن انهن کي گڏ ڪيو. ميمڻ جي اڪثريت انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ ڪراچي ۾ آئي ۽ اولڊ ٽائون جي علائقي ۾ رهائش اختيار ڪئي. ان کان اڳ ميمڻ ٺورائي ۾ هتي موجود هئا. جن جون لانچون به هيون.

لياري جي ٻين علائقن ۾ جيڪي مزدور طبقي جا ماڻهو هئا. مزدوري ڪانپوءِ هتان جا ماڻهو معاشي طور تي بهتر ٿيا ته مختلف وسندين ۾ رهندڙ ماڻهن جي وچ ۾ سماجي ڳانڍاپو ٿيو. اوطاق ۽ رات جو سردين ۾ ٻاهه جي ڪناري ويهي قصا، ڪهاڻيون ۽ لوڪ شاعرن (پهلوان شاعرن) جي شاعري قصي چوندڙن انهن ماڻهن کي ٻيهر انهن شين ڏانهن اتساهه ڏياريو. ائين لياري واسين جو ادب، شاعري ۽ سماجي ڪمن سان رابطو لڏپلاڻ ڪري ٽٽي چڪو هو، ٻيهر جڙي ويو.

اسڪول گهٽ هئا مسجدن، مدرسن، پرائيويٽ مڪتبن ۽ مندرن ۾ ٻارڙن کي پڙهائڻ جو رواج هوندو هو. انهن جي ڪري ٿورو گهڻو پڙهيل لکيل طبقو اڀري سامهون آيو.

ميرن جي وقت ۾ سرڪاري زبان فارسي هئي. جنهن جي ڪري پڙهيل لکيل ماڻهن جو رجحان فارسي ڏانهن گهڻو هو. هتان جي شاعرن بلوچي ۽ سنڌي سان گڏ فارسي ۽ اردو ۾ به شاعري ڪئي ۽ جيڪي اخبارون شايع ٿيون اهي گهڻو ڪري فارسي ۾ هونديون هيون. برادرين ۾ انجمن سازي جي شروعات ٿي ته انهن انجمن جي پليٽ فارم تان سماجي ڪمن سان گڏ ادب، صحافت، سياست پاسي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. انگريزن جي مڪمل قبضي ڪانپوءِ ڪراچي ۾ اسڪول کوليا پر اهي گهڻو ڪري ڇانوڻي واري علائقن ۾ انگريزن ۽ رئيسن جي ٻارن لاءِ هئا.

کاري در ۽ مني در ۾ رهندڙ هندوئن، کچي ۽ ميمڻ انجمن سازي ڏانهن سڀ کان اڳ توجهه ڏنو. ڪاروباري علائقي ۽ ڪاروبار تي انهن ماڻهن جي ڪنٽرول هئڻ ڪري اهي ماڻهو باقي لياري واسين کان معاشي طور پاڻيرا هئا. ڪراچي ۾ گهڻا سماجي ڀلائي جا ادارا به انهن ميمڻن قائم ڪيا. کاري در ۾ گهڻو ڪري اوکائي ميمڻ رهندا هئا. کچي ليمارڪيٽ، گهاس منڊي ۽ ٻيم پوري ۾ رهندا هئا. 1852ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽي جي پهرئين مينيجنگ ڪميٽي ۾ جيڪي ٽي مسلمان شامل هئا، انهن مان هڪ ميمڻ سيٺ صالح محمد عمر ڊوسل هو. ڪراچي ۾ انگريزن جي قبضي وقت هندو گهڻائي ۾ هئا. انهن پاران سماجي ڀلائي جا ادارا قائم هئا. هندو هاٽوڪي لياري واري علائقي ڪڏي، رانگواڙي، کاري در، مني در، شاهه بيگ لائين، (لين) شيدي وليج، شڪارپوري محلو، لي مارڪيٽ، شير شاهه، پراڻو گوليمار، گارڊن واري علائقي ۾ رهندا هئا.

ڪڏي ۽ باقي لياري ۾ غريب طبقو آباد هو تنهنڪري هو ميونسپل جا ميمبر ۽ ووٽر نه ٿي سگهندا هئا. ڇاڪاڻ ته 1930ع کان اڳ ميمبر ۽ ووٽر لاءِ حڪومت جو ٽيڪس پريندڙ هجڻ لازمي هوندو هو. جنهن جي ڪري لياري جي علائقي مان به ميمڻ، خوجا يا لياري کان ٻاهر جا نمائندا چوندجي ويندا هئا اهو سلسلو ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان 2006ع تائين به جاري آهي.

تعليم جي سلسلي لياري ۾ شروع ۾ ڪجھ پرائيويٽ اسڪول هئا. هتي چئن مدرسن تعليم جي سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اڄ تعليم جي سلسلي ۾ جيڪا ٿوري گھڻي روشني نظر اچي ٿي. ان ۾ انهن پرائيويٽ اسڪولن ۽ انهيءَ چئني مدرسن ۽ ڪجھ عالمن اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جو مختصر ذڪر هتي ڪرڻ ضروري آهي انهن مدرسن نہ فقط تعليم پر سياست ۽ سماجي ڪمن ۾ڀرپور حصو ورتو. هتان فارغ ٿيندڙ شاگردن هر سياسي ۽ سماجي جدوجھد ۾ حصو ورتو.

مدرسو عربيا مظهر العلوم کڏو:

نئي جي علائقي شاهبندر ڪان لڏي اچي ڪراچي جي علائقي کڏي ۾ رهندڙ مولوي عبدالڪريم ميمڻ جي پٽ مولانا عبدالله ميمڻ جيڪو جنوري 1851ع ۾ کڏي ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي والد پاران ناهيل مسجد فردوس سان گڏ 1884ع 1302ھ ۾ مدرسو عربيا مظهر العلوم جو بنياد رکيو. مدرسي جو مقصد هتي رهندڙ مهاڻن جي ٻارن کي مفت تعليم ڏيڻ هو ڇاڪاڻ تہ هتي انهن غريب مهاڻن ۽ مزدور طبقي جي ماڻهن جي ٻارن لاءِ تعليم جو ڪو بندوبست نہ هو. ان مدرسي سان کڏو، ڪارودر، ليار ي ۽ ساحلي علائقي جي غريب ٻارن کي تعليم جو وسيلو مليو. مولانا عبدالله 25 فيبروري 1914ع ۾ وفات ڪري ويو. ڪراچي جي پراڻي قبرستان مورڙو قبرستان ۾ دفن آهي. وفات کانپوءِ سندس پٽ مولانا محمد صادق مدرسي مظهر العلوم جو انتظام سنڀاليو. مولانا محمد صادق دارالعلوم ديوبند مان تعليم حاصل ڪري چڪو هو. نظرياتي طور هي مدرسو جميعت علماءِ هند جي شاخ طور ڪم ڪري رهيو هو. مولانا محمد صادق 5 مارچ 1874ع ۾ کڏي ۾ ڄائو هو مولوي محمد سليمان، حسين ميمڻ، حاجي مهراڻ، مولانا احمد الدين چڪوالي مدرسي جي باڻين مان آهن.

مولانا محمد صادق کڏي واري خلافت تحريڪ، ريشمي رومال تحريڪ ۽ بمبئيءَ کان علحيدگي ۾ڀرپور حصو ورتو. ان مدرسي ڪراچي سميت پوري سنڌ ۾ تعليم، سياست ۽ ديني تعليم لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. مدرسي ۾ ڇوڪرين لاءِ الڳ مدرسو هوندو هو. هي مدرسو عقيدي ۾ اهل سنت و جماعت ۽ حنفي فرقي جو پابند آهي ۽ دارالعلوم ديوبند جي مسلڪ تي هلي ٿو.

هن وقت مدرسي جو انتظام مولانا محمد صادق جي پٽ حافظ حاجي محمد اسماعيل ميمڻ جي حوالي آهي. جتان هو ”الصادق“ رسالو بہ جاري ڪري رهيو آهي. مدرسي جو ڪردار ڪنهن يونيورسٽي کان گھٽ نہ آهي. ان مدرسي ڪراچي ۾ تعليم جي لاءِ اهو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪو جامع ازهر مصر ۾ ادا ڪيو.

مدرسو احرار السلام:

جنهن بئي مدرسي لياري ۾ تعليم، سياست ۽ سماج جي تبديلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، اهو ريڪسر بازار (هاٽي ريڪسرلين) ۾ قائم مولوي محمد عثمان بلوچ جو مدرسو ”احرار السلام“ آهي. هتي مولوي محمد عثمان بلوچ جي پيءُ مولانا عبدالڪريم بلوچ 1910ع ۾ مسجد ۾ پيش امام مقرر ٿيو. ان وقت مولوي محمد عثمان ڪڏي جي مدرسي مظهرالعلوم ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو.

مولوي محمد عثمان بلوچ پهرئين مئي 1893ع ۾ لياري ۾ پيدا ٿيو. تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي پيءُ جي جاءِ تي ريڪسر واري مسجد ۾ پيش امام ۽ خطيب مقرر ٿيو. مسجد سان مدرسو به قائم ڪيائين. اڳ ۾ مسجد ۾ ٻارن کي ديني تعليم ڏني ويندي هئي. تعليم جي سلسلي ۾ ان مدرسي لياري جي مختلف ڳوٺن، محلن ۾ هڪ انقلاب برپا ڪيو. مدرسي ۾ فارسي، عربي سان گڏ سنڌي ۾ به تعليم جو بندوبست ٿيل هو. اسڪولن کان وانجهيل علائقن جي ٻارن انهيءَ مدرسي جو رخ ڪيو. مدرسي ۾ مفت تعليم، مفت ڪتاب ۽ وردي جو بندوبست ٿيل هو. هي مدرسو به جمعيت علماءِ هند جي شاخ طور ڪم ڪري رهيو هو. خلافت تحريڪ ۽ ٻين سياسي جدوجهد ۾ مدرسي اهم ڪردار ادا ڪيو. هي مدرسو لياري جي پياسي ڌرتي تي پاڻي جو پهريون ڦڙو هو. مولوي محمد عثمان بلوچ 1930ع ۾ انهيءَ مدرسي جي نگراني ۾ ”انجمن احرارلاسلام“ جو بنياد رکيو. جنهن جي پليٽ فارم تان لياري جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون، لياري جي بي ترتيب ڳوٺن ۽ محلن ۾ پاڻي، رستا گندي پاڻي جي نيڪالي سميت ڪا بنيادي سهولت نه هئي، انهيءَ سال لياري ۾ ڪراچي ميونسپلٽي لاءِ مولوي محمد عثمان بلوچ حڪومت پاران ميمبر نامزد ڪيو ويو. مولوي صاحب انهيءَ حلقي مان چار ڀيرا بلدياتي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ ڪامياب رهيو. مولوي محمد عثمان لياري جي عوام ۾ سياسي ۽ سماجي شعور جي بيداري لاءِ ”البلوچ“ اخبار جاري ڪئي. جنهن جو ايڊيٽر عبدالصمد سربازي هو. اخبار ۾ حڪومت خلاف مضمون شايع ٿيڻ جي ڏوهه ۾ اخبار تي پابندي لڳائي ويئي. بعد ۾ مولوي صاحب هڪ ٻي اخبار ”ترجمان بلوچ“ جاري ڪئي. انهن ٻنهي اخبارن لياري جي مسئلن ڪانسواءِ بلوچ قوم پرستي کي هٿي ڏني. 1944ع ۾ قلات جي والي، مولوي محمد عثمان کي قلات جو خزاني جو وزير مقرر ڪيو. اهو عهدو مولوي محمد عثمان سان گڏ ڪراچي وارن لاءِ فخر لائق هو. جنهن جي ڪري ان وقت جي ڪراچي جي ميئر لالا شميو ناٿ جنوري 1944ع ۾ مولوي محمد عثمان بلوچ جي اعزاز ۾ بلديا جو اجلاس گهرائي مولوي محمد عثمان کي خراج تحسين پيش ڪيو. مولوي صاحب جي وفات ڪانپوءِ سندس پٽ مولوي محمد عمر بلوچ مدرسي جو انتظام سنڀاليو. جڏهن مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا شوڪت علي

ڪراچي خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ آيا تہ هو مولوي محمد عثمان جي مدرسي ڏسڻ لاءِ لياري آيا ۽ ان ڏينهن ڪانپوءِ مولوي محمد عثمان مدرسي جو نالو "مدرسو احرار اسلام" رکيو.

**مدرسو انجمن معاونين اهل سنت و جماعت:**

ٽيون مدرسو جيڪو انهن ٻنهي مدرسن کان پراڻو هو. پراڻي ڪنيار واڙي ۾ مولانا عبدالله درس قائم ڪيو هو هن سان گڏ مدرسي ڪانسواءِ هڪ يتيم خانو بہ هوندو هو. مدرسي جو نالو "مدرسو انجمن معاونين اهل سنت و جماعت لياري" هو. مدرسي ۾ مفت تعليم، ڪتاب، قائده، قلم ويندي مس ۽ تختين تائين مفت مهيا ڪيا ويندا هئا.

هتي عربي تعليم جو معيار جامعہ ازهر مصر، لبنان ۽ شام جي مدرسن جي برابر هو. هتي عربي، فارسي، سنڌي ڪانسواءِ گجراتي ۽ اردو ۾ تعليم ڏني ويندي هئي. هتي ديني تعليم سان گڏ پرائمري کان سيڪنڊري تائين مفت تعليم ڏني ويندي هئي.

اهو مدرسو مولانا عبدالله درس قائم ڪيو. جيڪو ٺٽي ضلعي جي ڏانڌاري تعلقي ڳاڙهي واري علائقي مان ڪڏي ڪراچي ۾ 1860ع ۾ آيو ۽ سڀ کان پهرئين 1872ع ۾ صدر جي علائقي ۾ "مدرسو مجدديہ درسيا" جو بنياد رکيو. هي ڪراچي جو پهريون ديني تعليم جو باقاعده مدرسو هو. بعد ۾ لياري ۾ مٿيون مدرسو بہ مولانا عبدالله درس کوليو هو. مولانا عبدالله درس 113 ورهين ۾ 13 ربيع الثاني 1333هہ ۾ وفات ڪري ويو ۽ سنڌس قبر پراڻي ڌوٻي گهاٽ جي قبرستان ۾ واقع آهي. بعد ۾ ٻنهي مدرسن جو انتظام سنڌس پٽ علامہ عبدالڪريم درس سنڀاليو. علامہ صاحب 1280هہ ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. علامہ صاحب جي شاگردن ۾ مولانا عبدالرحمان قنبراڻي. حافظ محمد حسين ٺٽوي ۽ مولانا غلام رسول قادري ڪلاچوي شامل آهن.

مولانا عبدالڪريم درس ڪجهہ وقت لاءِ ڪراچي شهر جو وقتي قاضي بہ رهيو ۽ خان آف قلات سنڌس ڪمن کان متاثر ٿي مفتي اعظم بلوچستان مقرر ڪيو. پاڻ سنڌي، فارسي ۽ اردو ۾ شاعري بہ ڪندا هئا. ڪربلا جي واقع تي چيل / لکيل مرثين کي سنڌس پٽ علامہ ظهور الحسن درس هڪ رسالي جي شڪل ۾ شايع ڪرايو. 1333هہ ۾ مولانا عبدالڪريم درس جي غزلن جو مجموعو "بياسِ درس" شايع ٿيو. سنڌس مشن کي بعد ۾ سنڌس پٽ علامہ ظهور الحسن درس اڳتي وڌايو. مولانا عبدالڪريم درس مارچ 1926ع ۾ ۽ علامہ ظهورالحسن درس 1392هہ ۾ وفات ڪيو ۽ ٻنهي جا مزار مولانا عبدالله درس جي پير ۾ پراڻي ڌوٻي گهاٽ جي قبرستان ۾ آهن.

**مدرسو جامعہ اسلاميا:**

چوٿون مدرسو 1927ع ۾ ڪڏي ۾ قائم ڪيل حاجي عبدالله هارون جو "مدرسو جامعہ اسلاميا" آهي. جنهن بہ تعليم جي سلسلي ۾ اهو ڪردار ادا ڪيو. عبدالله هارون جو اسڪول اڳتي هلي

عبدالله هارون ڪاليج ۾ تبديل ٿيو، پر مدرسو، پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول اجا بہ ڪڏي ۾ قائم آهن. هن سان گڏ عبدالله هارون 1927ع ۾ هتي غريب ۽ يتيم ٻارن لاءِ يتيم خانو قائم ڪيو. جتي ٻارن کي مفت رهڻ ڪانسواءِ کاڌو خوراڪ، ڪپڙا ۽ ڪتاب ڏنا ويندا هئا ۽ اهي ٻار مدرسي ۾ تعليم بہ حاصل ڪندا هئا. اهو مدرسو ۽ يتيم خانو اڄ بہ قائم آهن. عبدالله هارون ڪڏي سميت پوري لياري ڪراچي ۾ سماجي خدمتن وسيلي ڪراچي واسين خاص ڪري لياري جي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪيو. مالي مدد بہ ڪئي. ڪاليج ۽ مدرسن ڪانسواءِ شاگردن لاءِ هاسٽل بہ ٺهرايو ۽ لياري ۾ مسجدون ٺهرايون.

لياري ۽ ڪڏي جي غريب وسندين ۾ جڏهن بہ سماجي ڪمن، تعليمي شعور جو ذڪر ٿيندو تہ حاجي عبدالله هارون جو نالو سيني کان اڳيرو هوندو. عبدالله هارون 27 اپريل 1942ع ۾ وفات ڪري ويو. جنهن جو خاندان اڄ بہ پنهنجي وڏن جي روايتن کي سنڀاليندو اچي. لياري ۾ هارون فيملي لازم ملزوم آهن.

لياري کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ ڪلهوڙن جي دور کان انگريزن جي دور تائين ڪراچي جي قاضي ٿيڻ جو شرف لياري کي حاصل رهيو. ڪراچي جو آخري قاضي، قاضي عبدالعزيز هو ان کان اڳ سندس پيءُ نور محمد ڪراچي جو قاضي هو. آڪٽوبر 1939ع قاضي عبدالعزيز کي جسٽس آف پيس ۽ مجسٽريٽ اول مقرر ڪيو ويو. "سي" بئنچ جي انهيءَ عدالت جا ڪل ڇهہ ميمبر هئا. جنهن مان هڪ فقير محمد درا خان جو تعلق بہ لياري سان هو. ٻين ميمبرن ۾ مردان جي بمبوٽ والا، هشارام چيلا رام، خان بهادر اير ڪلب والا ۽ مسز مينوئل مسيڪويڊ هئا. عبدالعزيز قاضي جنوري 1942ع ۾ وفات ڪئي. سندس اباڻي قبرستان عيدگاهہ چاڪيواڙي ۾ جيڪو سندس بزرگن ناهيو هو هتي دفن ڪيو ويو. ورهاڱي کان اڳ نئين ڪنيار واڙي ۾ قائم ملان اسڪول جيڪو هاڻي اسلاميا گورنمينٽ لوئر سيڪينڊري اسڪول نئون ڪنيار واڙو آهي. پرائمري اسڪول ڪياماڙي، ايس ايم اسڪول لياري، تعليم ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. انهن مسجدن، مدرسن ۽ پرائيويٽ مڪتبن ۾ ٻارن کي پڙهائڻ جو رواج شروع ٿيو تہ لياري ۾ پڙهيل لکيل طبقو اڀري سامهون آيو. ميرن جي وقت ۾ سرڪاري ٻولي فارسي هئي جنهن جي ڪري پڙهيل لکيل طبقي سنڌي، بلوچي، اردو گجراتي سان گڏ فارسي پاسي گهڻو ڌيان ڏنو. سنڌي، بلوچي، گجراتي سان گڏ فارسي ۾ شاعري ڪئي ۽ اخبارون شايع ڪيون. برادرين ۾ انجمن سازي جي شروعات ٿي انهن انجمنن جي پليٽ فارم تان سياسي، سماجي ڪمن سان گڏ ادب ۽ صحافت پاسي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو.

ان دور ۾ ديني عالم، اديب ۽ صحافي، سياست ۽ سماجي ڪمن ۾ حصو وٺندا هئا. هر شخص پنهنجي اندر ۾ انجمن هو ائين ڪٿي چئجي ته اهي تاريخ ساز ماڻهو هر فن مولا هئا. انهيءَ ڪري ان دور جي سياست، ادب، صحافت، ديني تعليم، سماجي انجمن سازي کي يا انهن شخصيتن کي ڪنهن هڪ فريم ۾ فٽ ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ ڪري ورهاڱي کان اڳ لياري ۾ به صحافت، ادب، سياست، سماجيات ۽ ديني تعليم کي ڌار ڌار نٿو ڪري سگهجي. جنهن جي ڪري ورهاڱي تائين انهن جو ذڪر گڏيل هوندو. هتي فقط انهن اديبن، شاعرن، سياست دانن، سماجي ڪارڪنن ۽ ديني عالمن جو ذڪر ڪندس جن جو تعلق ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان لياري سان هو. 27-1926ع ۾ لياري جي علائقي گل محمد بازار (هاڻي گل محمد لين) ۾ هڪ سوشل تنظيم ”انجمن اصلاح قوم“ جو بنياد وڌو ويو. جيڪا لياري ۾ رهندڙ بلوچن جي پهرئين سماجي تنظيم هئي. گل محمد لين ۽ ريڪسرلين، ڪڏو لياري ۾ علم، ادب، سياست، صحافت، ديني علم ۽ فنون لطيف جا مرڪز هئا.



غوث بخش بزنجو چوڪ

انهيءَ سلسلي ۾ مون ريڪسر جي پراڻي سياسي ڪارڪن غوث بخش بزنجو جي ساٿي لالا گل محمد هوت، گل محمد لين ۾ رهندڙ جهوني بلوچ دانشور محمد يوسف نسقندي ۽ لال بخش رند سان ڪچهريون ڪيون. انهن ڪانسواءِ لياري جي هر وسندي ۾ رهندڙ سماجي، سياسي ڪارڪنن، شاعرن، اديبن ۽ صحافين ڪانسواءِ جهونن سان ڪچهريون ڪيون هن مضمون ۾ اهي ڳالهيون نظر انداز ڪيون جن جو ذڪر هن کان اڳ ڪٿي به نه ٿيو آهي. چاڪاڻ ته هميشه لياري جو ذڪر مٿاڇري طور ڪيو ويو آهي.

گل محمد لين ۾ 1929ع ۾ غلام محمد نور دين جنهن جو تعلق ايراني بلوچستان جي ضلعي ”ايران شهر“ سان هو. ”بلوچ ليگ“ جو بنياد رکيو. مير غوث بزنجو پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته ”بلوچ ليگ“ کي پهرئين بلوچ سياسي پارٽي هجڻ جو اعزاز حاصل آهي ۽ اهو سهرو به لياري جي سر آهي جو انهن پاران پهرئين بلوچي سياسي پارٽي جو بنياد وڌو ويو.

بلوچستان جي تاريخ ۾ مير عبدالعزيز ڪرد جي اڳواڻي ۾ 1930ع ۾ مستونگ ۾ ”انجمن اتحاد بلوچان“ نالي هڪ ڳجهي سياسي تنظيم نهڻ جو ذڪر ملي ٿو. گل خان نصير پنهنجي ڪتاب ”بلوچستان قديم اور جديد ڪي روشني مين“ ”انجمن اتحاد بلوچان“ کي بلوچستان جي پهرئين سياسي تنظيم لکيو آهي. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي.

مير يوسف عزيز مگسي بلوچستان ۽ بلوچ سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم انقلابي اڳواڻ رهيو آهي. ان جي ذڪر ڪانسواءِ لياري جي سياسي تاريخ اڌوري آهي. يوسف مگسي نواب قيصر خان مگسي جو پٽ هو. 1923ع کان 1929ع تائين پنهنجي پيءُ سان گڏ ملتان ۾ جلاوطني جي زندگي گذاري رهيو هو. هتان جي انقلابي تحريڪن خاص ڪري انڊين نيشنل ڪانگريس کان متاثر ٿي هن سياست ۾ پير پاتو. 17 نومبر 1929ع ۾ لاهور جي هڪ هفتيوار اخبار ۾ ”فرياد بلوچستان“ جي نالي سان يوسف مگسي جو مضمون ڇپيو. مضمون حڪومتي ايوانن ۾ ٿرٿلو مچائي ڇڏيو. وزيراعظم قلات سر شمس شاهه هن جي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. يوسف مگسي کي ملتان مان گرفتار ڪري مستونگ آڻي اسپيشل جرڳي جي سامهون پيش ڪيو ويو. جرڳي يوسف مگسي کي ملتان مان گرفتار ڪري ”گٽ زهري“ ۾ سردار رسول بخش زرڪزئي جي نگراني ۾ هڪ سال لاءِ نظربندي جا حڪم جاري ڪيا ۽ يوسف مگسي کي ٻارنهن هزار نو سئو رپين جي ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ويئي. اهو جرڳو 30 جولاءِ 1930ع ۾ قلات ۾ منعقد ٿيو هو.

بلوچستان ۾ يوسف مگسي کي ڪا سياسي سپورٽ نه ملي ته سنڌ جي شهر ڪراچي جي علائقي لياري ۾ بلوچ ليگ متحرڪ سياسي تنظيم هئي، جنهن يوسف عزيز مگسي جي گرفتاري ۽ سزا خلاف لياري ۾ مظاهرو ڪيو ۽ واجا عمر جي اڳواڻي ۾ ٻن ڏينهن جي ڪانفرنس ڪوٺائي، بلوچستان مان لطيف مگسي جي اڳواڻي ۾ پڻ چئن ڄڻن واري وفد به شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي پڄاڻي ۾ هڪ نهراءُ وسيلي حڪومت کان گهر ڪئي ويئي ته جيڪڏهن يوسف مگسي کي هڪ هفتي اندر آزاد نه ڪيو ويو ته ڪراچي جا 60 هزار بلوچ مستونگ ڏانهن لانگ مارچ ڪندا. ان موقعي تي مير عبدالعزيز ڪرد جي ”انجمن اتحاد بلوچان“ جو تاريخ ۾ ذڪر نٿو ملي. لڳي ٿو يوسف عزيز جي گرفتاري ۽ سزا ڪانپوءِ اها تنظيم ناهي ويئي هئي. پوري بلوچستان ۾ ڪٿي به هن گرفتاري ۽ سزا خلاف ڪا تحريڪ نظر نٿي اچي سواءِ لياري جي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. لياري سياسي طور متحرڪ هيو.

جولاءِ 1931ع ۾ يوسف مگسي آزادي ڪانپوءِ ڪوئيٽا ويو ۽ انجمن اتحاد بلوچان جو ميمبر ٿي بلوچستان ۾ سياسي تحريڪن ۾ سرگرم ٿيو. لياري ۾ منعقد ٿيندڙ ڪانفرنس ڪانپوءِ بلوچستان جي سياسي ماڻهن جا ڪراچي ۾ رهندڙ بلوچن سان رابطا ٿيڻ ٿا.

1932ع ۾ جيڪب آباد ۾ آل انڊيا بلوچ ڪانفرنس جو انعقاد ڪيو ويو. جنهن جي صدارت خيرپور جي هزهائينس مير علي نواز ڪي ڪرڻي هئي پر بيماري جي ڪري شريڪ نہ ٿي سگهيو ۽ ڪانفرنس جي صدارت عبدالصمد اچڪزئي ڪئي. اها ڪانفرنس 27،28 ۽ 29 ڊسمبر 1932ع تائين جاري رهي.

ڪراچي مان بلوچ ليگ جا چار اڳواڻ عبدالصمد سربازي جي اڳواڻي هيٺ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. بعد ۾ لياري جي عبدالصمد سربازي کي قلات جو قاضي ۽ مولوي محمد عثمان بلوچ کي مفتي ۽ خزاني جو وزير مقرر ڪيو ويو. لياري لاءِ اهي ڪنهن اعزاز کان گهٽ نہ آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ لياري ۾ پڙهيل لکيل ماڻهو هئا بلوچستان ۾ جنهن جي گهٽتائي هئي.

پوري لياري ۾ جنهن ۾ گل محمد لين، ريڪسر لين، شاهہ بيگ لين، ڪلري، ڪڏي، بغدادي، ڪلاڪوٽ، چاڪيواڙو، ڊارو لين، نوان لين ۽ ٻين علائقن ۾ بلوچ ليگ کي منظم ڪيو ويو. ان کان علاوه غلام محمد نور دين، پير بخش شهداد، ماسٽر يوسف ذڪري ۽ ٻيا سرگرم هئا.

بلوچستان ۾ ڇپائي جو ڪو سلسلو نہ هو اها ذميداري بہ لياري نڀائي، پهرئين يوسف مگسي لاهور مان روزاني اخبار "آزاد" جاري ڪئي. مير عبدالعزيز ڪرد اخبار جو نائب ايڊيٽر هو. هن کان اڳ عبدالعزيز ڪرد ۽ لياري واسي نسيم تلوي جنهن جو اصل نالو پير بخش بلوچ هو. 1927ع ۾ دهلي مان "بلوچستان" نالي هفتيوار اخبار جاري ڪئي. پر ٻن اشاعتن کانپوءِ ان تي بندش وڌي ويئي. بعد ۾ نسيم تلوي (پير بخش بلوچ) "بلوچستان جديد" جي نالي هڪ اخبار لياري مان جاري ڪئي. لاهور جي آزاد اخبار ۾ بلوچستان جي سياسي مسئلن، سرداري نظام، انگريزن خلاف مضمون ۽ خبرون ڇپجنديون هيون، انهن مضمونن جي ڪري مير عبدالعزيز ڪرد کي گرفتار ڪري جنوري 1933ع ۾ سبي ۾ شاهي جرڳي جي سامهون پيش ڪيو ويو. گرفتاري جا حڪم قلات جي پوليٽيڪل سيڪريٽري جاري ڪيا هئا. جرڳي ان کي ٽن سالن جي سزا ٻڌائي ۽ مچ جيل موڪليو.

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر لياري ۾ سياسي سرگرميون نظر اچن ٿيون. ان واقعي خلاف لياري ۾ هڪ جلسو منعقد ڪيو ويو. جلسي ۾ خطاب ڪرڻ جي جرم ۾ عبدالصمد اچڪزئي (جيڪو هاڻوڪي پشتون ليڊر ۽ پشتون خواهہ ملي عوامي پارٽي جي اڳواڻ محمود خان اچڪزئي جو والد هو. ڀٽي جي حڪومت واري دور ۾ ڪوئيٽا ۾ بم ڌماڪي ۾ شهيد ٿي ويو) کي گرفتار ڪري پنجن سالن جي سزا ٻڌائي، مچ جيل ۾ موڪليو. لياري سميت پوري بلوچستان ۾ سياسي

ڪارڪنن خلاف وٺ پڪڙ شروع ٿي ته نسيم تلوي (صحافي)، محمد حسن نظامي، محمد اسلم اڇڪزئي جيڪي سياست ۾ سرگرم هئا، بچي نه سگهيا.

انهيءَ دور ۾ لياري سياسي طور تي مڪمل سرگرم هو هڪ پاسي بلوچ قوم پرست جنهن ۾ بلوچ ليگ ۽ آل انڊيا بلوچ ڪانفرنس، ٻئي پاسي ترقي پسند مذهبي اڳواڻ جن ۾ محمد صادق ڪڏي وارو ۽ مولوي محمد عثمان بلوچ ريڪسر وارو ۽ مسلم نظرئي جا پرچارڪ سياست دان حاجي عبدالله هارون، بهادر الله بخش گبول سرگرم هئا. لياري جا ماڻهو ورهاڱي کان اڳ غربت، مفلسي، بي روزگاري جهڙن مسئلن سان مهاڏو اٽڪائيندي پنهنجو سياسي ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. يوسف مگسي سياست ۾ مثبت سوچ کي هٿي ڏني. لياري جا قومي ڪارڪن بلوچ ليگ جي پليٽ فارم تان ۽ اخبارن وسيلي سياسي تحريڪن ۽ ڪارڪنن جي حوصلہ افزائي ڪري رهيا هئا.

اپريل 1934ع ۾ خان آف قلات جي سازش جو شڪار ٿي يوسف مگسي لنڊن هليو ويو. يوسف مگسي جي ڊرامائي انداز ۾ بلوچستان ڇڏڻ ڪري ڪارڪنن ۾ ڪجھ عرصي لاءِ مايوسي ڦهلجي ويئي. مير عبدالعزيز ڪرد ۽ عبدالصمد اڇڪزئي جيل ۾ هئا. محمد حسين عنقا (صفائي)،نسيم تلوي (صحافي) ۽ محمد اسلم اڇڪزئي لياري ۾ تحريڪ کي اڳتي وڌايو. بلوچستان سرداري، قبيلائي نظام ڪري قوم پرست، سوشلسٽ ۽ ترقي پسند تحريڪن لاءِ رستو هموار نه هو جنهن جي ڪري انڌ ۾ رهندڙ بلوچن انهيءَ تحريڪ کي اڳتي وڌايو.

ڏهن مهينن ڪانپوءِ 31 جنوري 1935ع تي يوسف عزيز مگسي لنڊن مان ڪراچي پهتو. لياري ۾ ڪارڪنن سان ملاقات ڪانپوءِ ڪوئيٽا روانو ٿيو. جتي 31 مئي 1935ع واري زلزلي ۾ شهيد ٿيو. شهادت وقت سندس عمر فقط 27 سال هئي. يوسف مگسي ٿوري عرصي ۾ بلوچستان جي سياست تي ڇانئجي ويو. اهو سڀ ڪجھ هن ڪري ممڪن ٿيو جو هن کي لياري مان مڪمل حمايت حاصل هئي.

جون 1936ع ۾ ڏيڍ سال قيد ڪاٽڻ ڪانپوءِ مير عبدالعزيز ڪرد جي باقي سزا معاف ڪري ان کي آزاد ڪيو ويو. عبدالصمد اڇڪزئي اجا جيل ۾ هو. عبدالعزيز ڪرد آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ مستونگ ۾ مير محمد فاضل خان محمد حسني جي صدارت ۾ بلوچستان جي نوجوانن جي هڪ اجلاس ۾ اعلان ڪيو ته، ”بلوچستان اينڊ آل انڊيا بلوچ ڪانگريس جيڪا هڪ مڪمل سياسي تنظيم آهي. انگريز سرڪار هن کي برداشت نٿي ڪري جنهن لاءِ اسان اڄ هڪ غير سياسي جماعت ”انجمن اسلاميا رياست قلات“ نالي جو اعلان ڪريون ٿا.“

عبدالصمد اڇڪزئي به 1936ع ۾ آزاد ٿيو. آزادي ڪانپوءِ پنهنجن ساٿين محمد امين کوسي، محمد حسين عنقا، محمد حسن نظامي ۽ ٻين سان گڏجي ”انجمن وطن“ جو بنياد رکيو. جنهن لاءِ مشهور

هو ته انجمن وطن بلوچستان ۽ سنڌ ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جي شاخ آهي. جنهن جي ڪري عبدالصمد اچڪزئي کي بلوچستان جو گانڌي به سڏيو ويندو هو.

يوسف عزيز مگسي جي شهادت کانپوءِ مير غوث بخش بزنجو عليڳڙهه وڌيڪ پڙهڻ لاءِ هليو ويو. هتان واپس اچڻ کانپوءِ لياري ۾ غلام محمد نور دين جي اڳواڻي ۾ سياست ۾ داخل ٿيو ۽ بلوچ ليگ جي پليٽ فارم تان سياست جي شروعات ڪيائين. لياري کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته هن بلوچستان سميت پوري ملڪ کي مير غوث بخش بزنجو جهڙو سياستدان ڏنو جنهن پنهنجي پوري زندگي اصولن جي سياست ۾ گذاري.

5 فيبروري 1937ع ۾ مير عبدالعزيز ڪرد جي اڳواڻي ۾ سياسي ڪارڪنن گڏجي قلات اسٽيٽ نيشنل پارٽي جو بنياد وڌو. جيڪا قوم پرست سياسي جماعت هئي. مير عبدالعزيز ڪرد صدر، مير گل خان نصير نائب صدر چونڊيا ويا. ان تنظيم کي 1939ع ۾ نهيل انجمن اتحاد بلوچان جو بيو وجود قرار ڏنو ويو. اها پهرئين قوم پرست پارٽي هئي جنهن بلوچستان لاءِ الڳ وطن جو تصور پيش ڪيو.

لياري ۾ يوسف مگسي، عبدالعزيز ڪرد ۽ عبدالصد اچڪزئي ۽ ٻين ليڊرن جي وڃڻ کانپوءِ هڪ خال پيدا ٿيو.

غوث بخش بزنجو سياست ۾ نئون هو. ٻئي پاسي حاجي عبدالله هارون ۽ الله بخش گبول وٽ پئسو جام هو. سنڌ جي بمبئي کان ڌار ڪرڻ واري تحريڪ ۾ مسلمان ليڊرن اهم رول ادا ڪيو. جنهن جا اثر لياري جي سياست تي به پيا. ٻئي پاسي قلات ۽ ڪوئيٽا ۾ قوم پرست سياست لاءِ حالتون سازگار هيون. انهن سڀني ڳالهين ڪري لياري ۾ قوم پرست سياست کي ڌڪو لڳو

5 ۽ 6 جولاءِ 1939ع ۾ مستونگ ۾ انجمن اتحاد بلوچان جي ساليانى ڪنوينشن ۾ شرڪت لاءِ لياري مان بلوچ ليگ جي وفد مير غوث بخش بزنجي جي اڳواڻي ۾ شرڪت ڪئي. حڪومتي ماڻهن هنگامو ڪيو ۽ ڪانفرنس کي سبوتاز ڪيو. حڪومت پاران ڪانفرنس کان پوءِ گهڻن ليڊرن کي رياست بدر ڪيو ويو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر گهڻن ليڊرن لياري جو رخ ڪيو ۽ جتان سياسي سرگرميون جاري رکيون ۽ واقعي کانپوءِ مير غوث بخش بزنجو قلات نيشنل پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ بعد ۾ بلوچ ليگ جو سياست ۾ ڪو رول نه رهيو. ورهاڱي کان اڳ لياري ۾ سياست، ادب ۽ صحافت ۾ ٽي مڪتبہ فڪر چانيل هئا. هڪ قوم پرست، ٻيا جمعيت علماءِ هند جا ترقي پسند مذهبي اڳواڻ جيڪي ڪانگريس جا حمائتي هئا ۽ ٽيان مسلم مذهب پرستي جا پرچارڪ جن اڳتي هلي مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي. ريشمي رومال تحريڪ ۽ خلافت تحريڪ جو ڳڙهه لياري جو علائقو رهيو. ان ڪانسواءِ سنڌ جي بمبئي کان علحيدگي جي

تحريڪ ۾ ريڪسر ۽ ڪڏ واهر مرڪز رهيا آهن. سنڌ جي الڳ صوبي بنجڻ کان پوءِ سنڌ ۾ 1935ع جي ايڪٽ تحت پارلياماني نظام قائم ٿيو ۽ صوبي ۾ سياسي سرگرمين جي اجازت ڏني ويئي سي کان پهرئين سنڌ سطح تي 1936ع ۾ سرشاهنواز ڀٽي جي اڳواٽي ۾ سنڌ اتحاد پارٽي (سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي) وجود ۾ آئي. مسلم پوليٽيڪل پارٽي جنهن جو اڳواڻ سر غلام حسين هدايت الله هو جيڪا هڪ فرقيواريت پارٽي هئي اڳتي هلي ان کي مسلم ليگ ۾ ضم ڪيو ويو. الله بخش گبول جي ڪري اها پارٽي لياري ۾ سرگرم هئي. سنڌ آزاد پارٽي جو ليڊر شيخ عبدالمجيد سنڌي هو. ٻين پارٽين ۾ آزاد هند پارٽي، سنڌ پيپلز پارٽي، جمعيت علماءِ هند، آل انڊيا نيشنل ڪانگريس انهن پارٽين جا دفتر ڪراچي ۾ اڳ ۾ ئي قائم ٿي چڪا هئا. بعد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ، خاڪسار پارٽي، سنڌ مسلم جماعت جا دفتر به 1936ع ڪانپوءِ ڪراچي ۾ قائم ٿيا.

7 فيبروري 1937ع ۾ پوري سنڌ ۾ صوبائي اسيمبلي جون چونڊون ٿيون. اپريل 1935ع ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحيدگي ڪانپوءِ هي پهريون چونڊون هيون. ڪراچي جي 13 سيٽن ۾ هڪ سيٽ لياري تڪ نمبر 5 ڪراچي اتر به هو. هن سيٽ تي سنڌ اتحاد پارٽي جي حاجي عبدالله هارون جو مقابلو غلام حسين هدايت الله جي مسلم پوليٽيڪل پارٽي جيڪا اصل ۾ مسلم ليگ جي شاخ هئي. مسلم ليگ جيئن ته غيرفعال هئي جنهن لاءِ ان پليٽ فارم کي استعمال ڪيو ويو. خان بهادر الله بخش گبول مسلم پوليٽيڪل پارٽي جي ٽڪيٽ تان حاجي عبدالله هارون جو مقابلو ڪيو. حاجي عبدالله هارون کي شڪست ٿي پر ان جي پارٽي کي پوري سنڌ ۾ وڌيڪ سيٽون مليون. الله بخش گبول گجهڙو ڪراچي ڀهراڙي ۾ رهندو هو. الله بخش گبول جي والد جي زمين لياري ۾ هجڻ ڪري هن اهو تڪ چونڊ لاءِ منتخب ڪيو.

لياري ۾ ترقي پسند، قوم پرست ۽ جمعيت علماءِ هند ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس جا ڪارڪن ۽ اڳواڻ وڌيڪ سرگرم هئا اهي سڀ وچولي ۽ هيٺين طبقي سان تعلق رکندا هئا. چونڊن واري سياست ۾ نظريو گهٽ پئسو وڌيڪ هلندو آهي. جيڪا هتان جي غريب ڪارڪن جي وس جي ڳالهه نه هئي. بلوچ قوم پرستن ۽ ڪڏي جي مدرسي جي عالمن جو جهڪاءُ انڊين نيشنل ڪانگريس ڏانهن هو.

سنڌ اسيمبلي جي ان پهرئين چونڊ ۾ لياري واري تڪ ۾ ٻين عنصرن سان گڏ هڪ عنصر بلوچ ۽ سنڌي جو به شامل هو. ڪڏي ۾ اڪثريت ميمڻ جي ۽ باقي لياري ۾ بلوچ گهٽائي ۾ هئا ۽ انهن جا روٽ گهٽا هئا. اليڪشن ۾ بلوچن جا ووٽ الله بخش گبول کي ۽ ميمڻ ۽ ماهيگيرن جا ووٽ حاجي عبدالله هارون کي مليا. ٻين ذاتين جا ووٽ به اڪثر الله بخش گبول کي مليا.

ڪراچي جي مڪمل سياسي جدوجهد، پارٽين، سياسي ڪارڪنن، صحافت ۽ ادب لاءِ ڪتاب ۾ الڳ باب طور شامل ڪيو ويو آهي. هن مضمون ۾ فقط لياري سان واسطو رکندڙ سياسي پارٽين، ڪارڪنن، اديبن، سماجي ڪارڪنن، صحافين ۽ ميونسپلٽي تي چونڊيل ميمبرن جو ذڪر ٿيل آهي.

1937ع وارين چونڊن ۾ سنڌ سميت پوري هندستان ۾ مسلم ليگ کي شڪست ٿي. عبدالله هارون، جي.ايم سيد جي سنڌ اتحاد پارٽي کي ڇڏي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. بعد ۾ سائين جي ايم سيد به مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. ڪراچي ۾ مسلم ليگ کي فعال ڪيائون. عبدالله هارون مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو. سنڌ ۾ مذهبي جهيڙا ڪرائي مسلم ليگ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ڪراچي ۾ به هڪ اهڙو واقعو ٿيو جنهن جو مرڪز لياري رهيو.

1933ع ۾ آريا سماج جي سيڪريٽري نٿو رام حضور اڪرمﷺ جي شان ۾ گستاخي ڪندي هڪ ڪتاب ”تاريخ اسلام“ جي نالي شايع ڪيو. مسلمانن هن تي سخت رد عمل ڏيکاريو. عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين مسلم اڳواڻن ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو. حيدرآباد جي عدالت چوپڙي جون ڪاپيون ضبط ڪري نٿو رام کي هڪ سال سخت پورهئي جي سزا ٻڌائي. نٿو رام ڪراچي جي جوڊيشنل ڪورٽ ۾ سزا خلاف اپيل دائر ڪئي. مارچ 1934ع ۾ ڪورٽ اپيل جي ٻڌڻي جا حڪم جاري ڪيا.

ٻڌڻي دوران هندوئن ۽ مسلمانن جو وڏو انگ ان وقت ڪورٽ ۾ موجود هو. عدالت شروع ٿيڻ ۾ اڃا ڪجهه وقت هو ته عبدالقيوم نالي هڪ شخص ڀريل عدالت ۾ خنجر جا وار ڪري نٿو رام جو قتل ڪيو. عبدالقيوم کي گرفتار ڪيو ويو. عبدالقيوم اصل هزاري جو رهندڙ هو. روزگار جي ڳولا ۾ ڪراچي آيو هو ۽ رامسوامي واري علائقي ۾ ٽانگو هلائي روزگار ڪندو ۽ هتي ئي رهندو هو.

گرفتاري ڪانپوءِ عبدالقيوم کي جيل موڪليو ويو. ڪراچي جي مشهور بيريسٽر محمد اسلم ان جي وڪيل طور ڪيس وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. ڪراچي جي جوڊيشنل ڪمشنري جا ٻئي جج مسٽر اوسالون ۽ مسٽر فيرسن قتل جا اکين ڏٺا شاهد هئا. جنهن تي بيرسٽر محمد اسلم اعتراض ڪيو. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ مقدمو سيشن جج ڪراچي جي عدالت ۾ آندو ويو جتي نو ڄڻن تي ٻڌل جيوري قائم ڪئي ويئي. اکين ڏٺا شاهد به جج هئا ۽ عبدالقيوم خود پنهنجي بيان ۾ اقرار ڪري چڪو هو ته، ”هڪ ڏينهن جونا مسجد ۾ جمعي نماز پڙهڻ ويو ته مولوي صاحب جي زباني نٿو رام جي چوپڙي ۽ عدالتي ڪارروائي بابت معلومات ملي. مولوي صاحب تمام مسلمانن کي غيرت ڏياري تنهن تي بازار مان خنجر وٺي عدالت ۾ اچي مون نٿو رام کي قتل ڪيو.“

عدالت عبدالقيوم کي موت جي سزا ٻڌائي. بيرسٽر محمد اسلم، عبدالقيوم کي بچائڻ جي پوري ڪشش ڪئي ته موت جي سزا کي عمر قيد ۾ تبديل ڪيو وڃي. بيرسٽر هڪ وفد علامه اقبال ڏانهن به موڪليو. گورنر ڏانهن رحم جي اپيل به موڪلي ويئي. هتان جواب اچڻ کان اڳ سزا جي ٿئين ڏينهن عبدالقيوم کي ڪراچي جيل ۾ ڦاهي ڏني ويئي. مولانا غلام رسول قادري جيل ۾ جنازي نماز پڙهائي. جنازي نماز کانپوءِ جڏهن پوليس گاڏي ميت کي لياري واري علائقي ۾ قائم قبرستان ميوا شاهه آندو ويو ته اها خبر شهر ۾ جهنگ جي باهه جيان پکڙجي ويئي. هزارين ماڻهو قبرستان پهچي لاش کڻائي شهر ڏانهن روانا ٿيا. ڪڪري ميدان کان جلوس ٻيهر ميوا شاهه قبرستان ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن رجب علي ڪمپائونڊ جي ويجهو جنگيان هوٽل جي سامهون لياري جي ريڪسر واري علائقي ۾ پهتو ته جلوس تي فائرنگ ٿي جنهن جي نتيجي ۾ 64 ماڻهو مارجي ويا. شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين اڳواڻن مارجي ويلن جو انگ 120 کان مٿي ٻڌايو هو. عبدالقيوم کي ”غازي“ جو لقب ڏنو ويو. جي ايم سيد پنهنجي ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ هن واقعي جي باري ۾لکي ٿو ته:

”1933ع غازي عبدالقيوم پناڻ کي چيف ڪورٽ ۾ هڪ هندو نٿورام جي قتل ڪرڻ جي سبب ڦاسيءَ جي سزا ملي ۽ سرڪار ان کي ميوا شاهه قبرستان ۾ دفن ڪرايو . جيئن ته ان هندوءَ رسول مقبول صہ جي خلاف ڪتاب لکي گستاخانه الفاظ ڪتب آندا هئا. تنهن ڪري مسلمانن ان جي قاتل کي شهيد سمجهيو جنازو ڪڍي شهر ۾ گشت ڪرڻ شروع ڪيو. هندو مسلم فساد جي ڊپ کان حڪومت سرگس کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن تي ماڻهن جي نه روڪجڻ ڪري گوليبازي ٿي. جنهن لاءِ چوبول هليو ته جن مجسٽريٽن ۽ ٻين طرفان پوليس کي گوليبازي ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو هو. انهن مان هڪ خان بهادر الله بخش گبول به هڪ هو. ان گوليبازي ۾ 64 ماڻهو شهيد ٿيا ان وقت سندس (گبول) خلاف لياري ڪوارٽر جي مسلمانن ۾ ايترو اشتعال ڦهليل هو جو ڪيس لڏي شهر جي ٻين ڪوارٽرن ۾ رهڻو پيو. ليڪن هن جو بخت ايترو زور هو. جو انهيءَ ساڳئي ڪوارٽر (لياري) طرفان مسلمانن ووٽرن ٿورو ئي پوءِ حاجي عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي جي مقابلي ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ڪيس ميمبر چونڊيو. ان مان پتو پئجي سگهي ٿو ته عوام جو حافظو ڪمزور به آهي ۽ منجهن عام طور سياسي شعور جي به ڪمي رهي آهي.“

ان واقعي ڪري ڪراچي ۾ ڪشيدگي پيدا ٿي پر عام ماڻهن جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان هئا. متحد ٿي هندو مسلم جهيڙي کي ٽاريو. شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ محمد هاشم گذدر ان واقعي جي ڪري بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي تان استيعفائون ڏنيون. اهو واقعو 19 مارچ 1935ع آچر ڏينهن پيش آيو جيئن ته فائرنگ جو واقعو لياري جي علائقي ۾ ٿيو پر پوءِ به لياري هندو مسلم جهيڙن کي هٿي

نہ ملي جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هتي قومپرست ۽ سيڪيولر مذهبي اڳواڻن جي اثر موجود هو. انهي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ جلوس لاءِ لياري کي منتخب ڪيو ويو هو. عبدالقيوم جي قبر ميوا شاهہ قبرستان ۾، ميوا شاهہ جتي دفن ٿيل آهي. انهيءَ چوديواريءَ ۾ ٻين قبرن جي قطار ۾ ميوا شاهہ جي پيرانديءَ ۾ آهي.

1884ع ۾ حڪومت اهو فيصلو ڪيو تہ ڪراچي ميونسپلٽي لاءِ اڌ ميمبر سڌو عوام جي ووٽن وسيلي چونڊيا ويندا جنهن لاءِ ميونسپلٽي جي قانون ۾ ترميم ڪئي ويئي. ميمبرن جو انگ 32 مقرر ڪيو ويو. جنهن مان سورنهن ٽاڦيل جنهن مان اٺ يورپين هوندا ۽ سورنهن ميمبر سڌي عوام جي ووٽ وسيلي چونڊيا ويندا. انهن لاءِ اهو شرط هو تہ بيهڻ وارا اميدوار ۽ ووٽ ڏيڻ وارا ٽيڪس ڏيندڙ، راءِ بهادر، خانبهادر يا 15 سئو رپيا ماهوار پينشن حاصل ڪندڙ ريٽائرڊ سرڪاري ملازم هوندا. لياري جيئن تہ غريب ماڻهن جي وسندي هئي. هتي ڪو بہ راءِ بهادر، خان بهادر، ٽيڪس ڏيندڙ (واپاري) يا ريٽائرڊ ملازم نہ هئا. جنهن جي ڪري 1884ع کان 1933ع تائين ميونسپلٽي لاءِ لياري مان عوام جي سڌي ووٽن وسيلي لياري جو ڪوبہ اصلي رهاڪو ميمبر نہ ٿي سگهيو. سياست خاص ڪري چونڊن واري سياست ۾ دولت جو هجڻ لازمي آهي ۽ لياري وارن وٽ خلوص، پيار، محبت، قومي ڪارڪن، جدوجهد سڀ ڪجهہ هو پر پئسو نہ هو.

1935ع ۾ ميونسپل ايڪٽ جي ترميم ڪانپوءِ 1936ع ۾ ميونسپلٽي ۾ جيڪو پهريون لياري جو ماڻهو چونڊجي آيو اهو محراب خان عيسيٰ خان بلوچ هو. ان کان اڳ واري ٽرم ۾ مولوي محمد عثمان بلوچ ٽاڦيل ميمبر رهيو.

لياري ۾ گبول ۽ هارون فيملي جو سياست ۾ وڏو رول رهيو آهي. الله بخش ولد خداداد گبول جيڪو گبولن جي آڪواڻي قبيلي مان هو. الله بخش گبول پهرئين ضلعي ڪائونسل ڪراچي جو ميمبر ۽ 1935ع ۾ ضلعي ڪائونسل جو صدر رهيو. بعد ۾ هن لياريءَ کي سياست جو مرڪز بنايو ۽ هارون فيملي جي حاجي عبدالله هارون بہ لياري ڪڏي مان سماجي ڪمن جي شروعات ڪئي. پوءِ سياست ۾ حصو ورتو. عبدالله هارون ڪڏي ۾ هڪ يتيم خانو، مدرسو ۽ ڪاليج قائم ڪيو.

حاجي عبدالله هارون جيڪو نيپئر روڊ واري علائقي ۾ رهندو هو. پر ڪڏي ۾ رهندڙ ميمڻ برادريءَ ۾ سماجي ڪمن جي حوالي سان مقبول هو. هو ڪڏي ۽ باقي لياري ۾ سياست سان گڏ سماجي ڪم بہ سرانجام ڏيندو هو. 1 مئي 1913ع کان 1916ع ۽ 1921ع کان 1934ع تائين ڪراچي ميونسپلٽي جو ميمبر رهيو. هن جي سياست جو محور ڪڏو رهيو. سندس ڪوشش سان سنڌ ۾ مسلم ليگ جي پهرئين شاخ 1918ع ۾ ڪراچي ۾ قائم ٿي پر اها سرگرم نہ هئي. عبدالله هارون

ڪي وفات ڪانپوءِ پنهنجي جوڙايل يتيم خاني جي چوديواري ۾ دفن ڪيو ويو. سماجي ڪمن جي حوالي سان حاجي عبدالله هارون لياري ۾ هڪ ڏار سجاڳپ آهي. عبدالله هارون سياست کان وڌ سماجي ڪمن جي حوالي سان مقبول رهيو آهي.

ميونسپلٽي جي ميمبر طور ڪاري در جي رهواسي ڊاڪٽر حاجي ولد غلام حسين خواجو لياري جي وڏي خدمت ڪئي. جيڪو اديب ۽ شاعر به هو. 1918ع ڪانپوءِ چار ڀيرا ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي وارڊ نمبر 5 لياري مان ميمبر چونڊجي آيو. ڊاڪٽر حاجي، مسٽر هوشنگ ڊنشا جي مدد سان لياري ڪوارٽر لاءِ ميونسپلٽي طرفان هڪ پلاٽ الاٽ ڪرايو جتي غريبن کي گهر ٺاهڻ لاءِ عارضي پلاٽ ڏنا، جڏهن ڊاڪٽر حاجي ميونسپلٽي جي صحت ڪاميٽي جو ميمبر هو ته نئين ڪنيار واڙي جي علائقي ۾ هڪ اسپتال ۽ ان ۾ ميٽرنٽي هوم ٺهرايو. بغدادي اسپتال ۾ اکين جو شعبو قائم ڪيائين. 1927ع ڪانپوءِ ٻيهر لياري وارڊ 5 تان ڪراچي ميونسپلٽي تي ميمبر چونڊجي آيو. ورهاڱي تائين ميمبر رهيو. 1933ع ڪانپوءِ ميونسپل ڪارپوريشن جي علائقي کي انن وارڊن ۾ ورهايو ويو. لياري جو ڪجهه حصو وارڊ نمبر هڪ ۾ ڪجهه حصو وارڊ نمبر پنج ۾ شامل هو.

ورهاڱي کان اڳ 40 واري ڏهاڪي ۾ پوري سنڌ وانگر لياري ۾ به مسلم ليگ زورن تي هئي. غريب آباد ڪلاڪوٽ مسلم ليگ شاخ جو صدر خان بهادر الله بخش گبول ۽ جنرل سيڪريٽري محراب خان عيسيٰ خان هو.

اها هئي مختصر ڪٿا ورهاڱي کان اڳ سياست ۽ تعليم جي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته لياري سياست جو مرڪز رهيو پر گهڻو ڪري بلوچ قوم پرستي جو محور رهيو. مڇي مياڻ ۽ کڏو سنڌ جي سياست جو مرڪز رهيو ۽ کهڙي طرح ٻاهر جا ماڻهو هتي آيا ۽ لياري جي سياست ۾ ڇانئجي ويا ۽ پوءِ هو هميشه لياري جا ٿي ويا.

ورهاڱي کان اڳ لياري ۾ ادب ۽ صحافت:

1843ع ۾ جڏهن انگريزن ڪراچي تي قبضو ڪري هتي فوجي ڇانوڻي ناهي. ان دور ۾ به لياري ۾ علمي، ادبي ۽ ثقافتي ترقي جا دستاويز موجود آهن. ماضي ۾ لياري واسين ادب ۽ صحافت ۾ بي مثال خدمتون انجام ڏنيون. هتي فارسي، بلوچي وانگر سنڌي ادب بي مثال ترقي ڪئي. ڪلاچي جي ڪن ۾ مورڙي ميربحر جي ڀائرن کي جنهن شارڪ مڇي ڳڙڪايو هو اها جاءِ لياري ۾ آهي ۽ لوڪ شاعرن ان ڪهاڻي کي شاعري ۾ پيش ڪيو. سسئي پنهون جي داستان جيڪو ڪراچي ويجهو ڀنڀور ۾ جنم ورتو ته ڪهاڻي بلوچي ۽ سنڌي لوڪ ادب شاعري تي محبت ۽

وچوڙي جا بي مثال اثر ڇڏيا ۽ ان داستان ڪي سنڌي ۽ بلوچي ادب ۾ اهم مقام حاصل رهيو آهي ۽ لياري جي لوڪ شاعرن به هن داستان کي پنهنجي شاعري ۾ جاءِ ڏني.

ڪالهه جي لياري برطانوي دور جي پوري ڪراچي هئي. هن دور ۾ صحافت، ادب ۽ سياست کي الڳ الڳ ڪري نٿو سگهجي جيڪي ماڻهو سياست ۾ مقبول هئا اهي صحافت ۽ ادب ۾ به سرگرم هئا. سنڌي ۽ بلوچي ادب ۽ صحافت ۾ وڏا نالا سياست ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا. اهي سچا ۽ کرا ماڻهو هئا. اصولن تي ڪڏهن به سوديبازي نه ڪيائون. پر هن دور ۾ به ڪجهه اهڙا ماڻهو هئا جن سياست ۽ صحافت کي پيشي طور اختيار ڪيو ۽ پئسي جي زور تي سياست، صحافت ۽ ادب کي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ دور ۾ پارٽي ترجمان اخبار به مشهور ٿيا.

حڪيم عبدالخالق خليق مورائي جي ايڊيٽري ۾ 1925ع ۾ سنڌي زبان ۾ ماهوار رسالو ”ترقي“ جاري ٿيو. شروع ۾ ان جو دفتر لياري جي علائقي رانگي واڙي ۾ هو. بعد ۾ مني در لياري ۽ آخر ۾ بمبئي بازار منتقل ٿيو. ٺارولين مان صحافي پير بخش شهداد ۽ ماسٽر يوسف ذڪري سياست سان گڏ صحافت ۾ به سرگرم هئا. پير بخش شهداد بلوچ لياري ۾ ”ينگ بلوچ“ اخبار جاري ڪئي پهرئين بلوچي اخبار هجڻ جو شرف ”اخبار البلوچ“ کي حاصل آهي. جنهن جو پبلشر ۽ ايڊيٽر خليفو اسماعيل دهاني بلوچ هو. عبدالصمد سربازي به ڪجهه وقت لاءِ ان جو ايڊيٽر هو. جيڪو نج بلوچي مسئلن جو ترجمان هو. اخبار ۾ فارسي ۽ بلوچي زبانن ۾ مضمون ۽ خبرون شايع ٿينديون هيون. ”البلوچ“ بعد ۾ مولوي محمد عثمان جي نگراني ۾ شايع ٿيڻ لڳي. اخبار البلوچ جي شروعات 1930ع ۾ ٿي انهيءَ سال لياري مان ”نظام“ ۽ ”ڪاروان“ به شايع ٿيڻ لڳيون. 1933ع ۾ صحافي ۽ تجزيه نگار، سياسي ڪارڪن، پير بخش بلوچ عرف نسيم تلوي اخبار ”بلوچستان جديد“ لياري مان جاري ڪئي. جيڪا 1955ع تائين جاري رهي. نسيم تلوي جي باري ۾ پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب ”اهي ڏينهن اُهي شينهن“ ۾ لکي ٿو ته:

”سدا ملوڪ، سدا ڇيرو، پڇاڙي تائين منهن مان عمر ڪانه لکايائين. سياست جي سَپ جو سُنگهيل هو. صحافت جو پيشو اختيار ڪيائين، پر پيشي طور استعمال نه ڪيائين. اخبار جو نالو هوس ”بلوچستان جديد“ آزادي جو عاشق هو عزت نفس بنا جيئڻ جنجال پائيندو هو. غريب هو پر غيرت وارو. سنڌ ۽ بلوچستان جي آزادي ۽ سربلندي جي رستي ۾ جو روڙو ڏٺائين ان کي پٽي پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين.“

ورهاڱي کان اڳ لياري بلوچي سان گڏ سنڌي، اردو ۽ فارسي صحافت ۽ ادب جو مرڪز رهيو. مٿي ذڪر هيٺ آيلن ڪانسواءِ بلوچي دانشورن ۽ صحافين ۾ غلام محمد نور دين، عبدالخالق، غلام محمد هيت (هيت سرباز ايران ۾ هڪ جاءِ جو نالو آهي). قاضي عبدالرحيم بلوچ مختلف

اخبارن ۾ لکندا هئا. انهن جي مضمون ۾ تجزين جو محور بلوچ قومپرستي، بلوچن جا سماجي ۽ سياسي مسئلا ۽ لياري جا مسئلا هئا. انهن مان ڪجھ سنڌي ۾ بہ لکندا هئا.

1937ع ۾ لياري مان هڪ ٻئي پويان ”ينگ بلوچستان“، ”ڪلمہ حق“، ”آفتاب“، ”نجات“، ”حقيقت“،”بلوچستان“ ۽ ”بولان“ نالي اخبارون ۽ رسالا جاري ٿيا. جنهن جي ڪري لياري ۾ هڪ وڏو حلقو صحافين، اديبن ۽ قومي ڪارڪنن جو پيدا ٿيو. انهن قومي ڪارڪنن جي تربيت انهن اخبارن وسيلي ٿي. ادب ۾ نوان موضوع شامل ٿيڻ لڳا. اڳتي هلي انهن جي ڪوشش ۽ ڪاوشن جي نتيجي ۾ بلوچي ادب اسريو. لياري ۾ بلوچي ادب ۽ صحافت جا مرڪز ريڪسرلين، گل محمد لين ۽ نارو لين هئا. گل محمد لين اهم مرڪز هوندو هو.

انهن رسالن ۽ اخبارن بلوچ مسئلن سان گڏ، ملڪي، سياسي تحريڪن، ريشمي رومال تحريڪ، خلافت تحريڪ، سنڌ جي بمبئي کان ڌار ڪرڻ وارين تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو. 95 سيڪڙو اخبارن ۽ صحافين ۽ قومي ڪارڪنن جو جهڪائو نيشنلزم، انڊين نيشنل ڪانگريس، جمعيت علماءِ هند ڏانهن هو. لياري ۾ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ ۾ خان بهادر الله بخش گبول پيش پيش هو. بعد ۾ عبدالله هارون بہ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ ۾ مصروف رهيو.

1938ع ۾ لياري مان اردو هفتيوار اخبار ”استقلال“ عزيز پريس مان جاري ٿي. اهو ليٿو پريس يوسف عزيز مگسي 1934ع ۾ خريد ڪيو هو. ان پريس مان مختلف اخبارون ڇپجنديون هيون. استقلال ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي سياسي مسئلن، اقتصادي مسئلن ۽ ثقافتي مسئلن تي تبصرا ڇپجندا هئا. 17 آگسٽ 1950ع ۾ اها اخبار بند ٿي ويئي.

ورهاڱي کان اڳ لياري جنهن ۾ ڪڏو بہ شامل آهي. بلوچي، فارسي، اردو سان گڏ سنڌي ادب ۽ صحافت جو مرڪز پڻ رهيو آهي. چاڪاڻ تہ مدرسو مظهرالعلوم هڪ اهم مرڪز هو. پوري سنڌ مان ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن ڪڏي جو رخ ڪيو.

مولانا خير محمد نظاماڻي جيڪو اصل حيدرآباد جو هو ڪڏي جي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪيائين. 1930ع ۾ هتان ماهوار ”طالب العلم“ ۽ هفتيوار ”بيداري“ جاري ڪيائين. هي ڪجھ وقت مهراڻ جو بہ ايڊيٽر رهيو. شيخ عبدالله عبد 1910ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو ۽ 1973ع م وفات ڪيائين. انجمن روح ادب ۽ سنڌ سڌار سوسائٽي قائم ڪيائين. ڪڏي ۾ مشاعري جو رواج بہ شيخ عبدالله وڌو هو.

محمد دائود ڪڇي (مسڪين سرشاري) 1915ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. محفل ادب جو خزانچي ۽ بزم سرشار جو صدر هو. سٺو شاعر هو. مولانا عبدالغفور ڪڏي جي مدرسي ۾ معلم هو. قرآن مجيد جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين. بعد ۾ هتي معلم ٿيو. سنڌي ۽ اردو ۾ مقالا لکندو هو.

سيد بچل شاهه راز نتي ڪان لڏي لياري جي چاڪيواڙي واري علائقي ۾ رهيو ۽ وفات تائين هتي ئي رهيو. اردو، سنڌي ۽ فارسي جو شاعر هو. ڌرم داس سباڻي چاڪيواڙي هاءِ اسڪول ۾ استاد هو. 1898ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مرڻ ڪانپوءِ 1911ع ۾ سندس شاعري جو مجموعو ”آتم داس“ شايع ٿيو. ڪراچي جي قديم سنڌي شاعرن مان هڪ هو.

حافظ نياز احمد اوڀر پنجاب مان لڏي ڪراچي آيو. بانگي لين مسجد ۾ پيش امام هو. رنڇوڙ لين ميونسپل اسڪول ۾ استاد هو. اردو ۽ فارسي ۾ شاعري ڪندو هو. انهن ڪانسواءِ سيٺ عبدالرحيم ميمڻ، منشي عبدالستار ڪليم، علامه ظهور الحسن درس، علامه عبدالڪريم درس، مولانا عبدالڪريم چشتي، احمد غلام علي چاڳلا، محمد صادق ڪڏي وارو، الله بخش راز، وفا آڏواڻي، محمد هارون مير، شيخ مراد علي ڪاظم، حاجي محمود خادم، غلام احمد نظامي، سليمان سوالي، روچيرام گنگا رام، ڊاڪٽر حاجي غلام حسين خواجو، مولوي هدايت الله، محمد خان سارنگ، غلام احمد بيدم، امير بخش قريشي، مسرور ڪيفي (صالح محمد)، نور محمد شيخ ۽ علي محمد مجروع جيڪي سنڌي اردو ۽ فارسي جا شاعر ۽ اديب هئا انهن جو تعلق لياري سان هو.

1932ع ۾ ارشاد حسين صابري پنهنجي ڪتاب ”دريا سخن“ ۾ ڪراچي ۾ رهندڙ پنجاهه شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي. ڪراچي ۾ قائم ادبي سوسائٽين، علمي ادبي ثقافتي تنظيمن، ڪلبن جو تعلق گهڻو ڪري صدر بازار، نيپئر، سرائي ڪوارٽرز، ريلوي ڪواٽرز، رام باغ پريڊي، ڪوئينس روڊ سان هو. انهن سوسائٽين ۾ به لياري جا اديب ۽ شاعر حصو وٺندا هئا. پر انهن جو محور پنهنجو علائقو لياري هو. انهن اخبارن ۽ رسالن جو سياسي بيداري ۾ وڏو هٿ رهيو..



لياري ريلوي اسٽيشن

**ورهاڱي ڪانپوءِ سماجي تنظيمن ۽ سياست جو ذڪر:**

لياري واري علائقي ۾ سڀ کان پهرئين انجمن ناهڻ جو رواج هندوئن پاران شروع ڪيو ويو. جنهن جي پليٽ فارم تي هو مختلف سماجي ڪم ڪندا هئا. انگريزن جي دور ۾ گهڻي تعداد ۾ ميمڻ، ڪڇين، سلاوٽي، گجراتين ۽ مارواڙين جي اچڻ ڪري به مختلف سماجي تنظيمون

جوڙيون ويون. جنهن جي پليٽ فارم تي سماجي ڪمن ڪانسواءِ سياست ۾ به انهن اهم ڪردار ادا ڪيو. انهن ۾ سلاوٽا جماعت جيسليمري جيڪا جيسليمري بلوچن جي جماعت هئي ۽ بابا مير محمد بلوچ جونا مارڪيٽ جي بلوچ لنگي هائوس وارو انهن مان هو جيڪو ميونسپلٽي ۽ بمبئي ليجسليٽيو ڪائونسل جو ميمبر رهي چڪو هو. مسلم مارواڙي جماعت، مسلم ترڪ ڪڇي جماعت، هالاري ميمڻ جماعت، اوڪائي ميمڻ جماعت، خوجا سنت جماعت، سنڌي مسلم جماعت ۽ ٻيا سرگرم هئا انهن جماعتن مان گهڻن جو بنياد 1840ع کان 1850ع ۾ وڌو ويو.

هندوئن پاران لياري واري علائقي ۾ نصرپوري پنجائت، شڪارپوري هندو ٽرسٽ ۽ پنجائت، ڪراچي پنجرا پور ايسوسيئيشن، کتري پنجائت، ڪراچي ڀاٽيا ڪميونٽي، گجرات هندو ايجوڪيشن سوسائٽي، راج ڪوٽ ڪڇي ڪميونٽي، پنجائت گئو شالا سوسائٽي، پنجابي دکني ڪميونٽي ٽرسٽ – آسو مل ٽرسٽ، برهما کتريا ٽرسٽ، ڪانياواڙي هرجن جماعت لياري ۽ ٻيون تنظيمون سرگرم هيون. ڌرم شالائن جو لياري ۾ وڏو نيٽ ورڪ هوندو هو.

هتان رهندڙن بلوچن جي پهرئين سوشل تنظيم ”انجمن اصلاع قوم“ آهي. جيڪا 1927ع ۾ گل محمد لين ۾ وجود ۾ آئي.

ورهاڱي کانپوءِ به اها تنظيم قائم هئي. ڪلري ڪڏي ۾ 1950ع ۾ آل پاڪستان مسلم ذڪري انجمن قئم تي جنهن پاران تعليم جي سلسلي ۾ اسڪول قائم ڪيو ويو. جيڪو پرائمري کان شروع ٿي سيڪنڊري تائين هليو بعد ۾ حڪومت اسڪول کي پنهنجي هٿ هيٺ ڪيو. جنهن جو نالو ذڪري گورنمينٽ سيڪنڊري اسڪول آهي. ڪلري ۾ 1953ع ۾ بلوچ سوشل ويلفيئر قائم ڪئي ويئي. هن وقت لياري ۾ رجسٽرڊ سماجي تنظيمن جو انگ 200 کان مٿي آهي. انهن سماجي تنظيمن لياري ۾ سياست، ادب ۽ تعليم جي سلسلي ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي. خاص ڪري تعليم جي سلسلي ۾ ڪيترائي پرائيويٽ اسڪول قائم ڪيا. جن مان گهڻا اڄ به هلي رهيا آهن.

ورهاڱي کانپوءِ پوري لياري ۾ سياست سان گڏ انهن سماجي ۽ برادرين جي انجمنن هتان جي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ انهن جي مسئلن جي حل لاءِ جدجهد ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. لياري جي ماڻهن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم لاءِ شعوري آگاهي ڏيڻ ۾ انهن سماجي تنظيمن پنهنجو ڪردار ڀرپور نموني ادا ڪيو.

ورهاڱي کان 1970ع تائين لياري ۾ قوم پرست ۽ ترقي پسند سياست جو رجحان گهڻو هو. نعپ ۽ ٻيون قوم پرست ڌريون هتي مقبول هيون. ڪڏي، ڪاري در ۽ ٻين علائقن ۾ رهندڙ ميمڻن جو تعلق حاجي عبدالله هارون ۽ يوسف هارون ڪري مسلم ليگ ڏانهن هو. ورهاڱي کانپوءِ مسلم ليگ جي سياست اختلافن ۽ فرقيواريت جي ور چڙهي ويئي ته هتان جي ميمڻن، ڪڇين ۽

گجراتين پنهنجي ڪاروبار پاسي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. ڪڏي ۾ مولانا محمد صادق جي مدرسي جي ڪري جمعيت علماءُ سنڌ مقبول هئي. پر هتان جي سياست ۾ ڪو مضبوط ڪردار ادا نہ ڪرڻ جي ڪري هتان جي ماهيگيرن ۽ ٻين قبيلن بہ سياست کان لاتعلقي ڏيکاري.

بلوچ اڪثريتي علائقن ۾ غوث بخش برنجو ڪري نعپ مقبول پارٽي هئي. نعپ ۾ لال بخش رند، حيدر قوم، يار محمد يار ۽ لالا گل محمد هوت لياري ۾ گهڻو ڪم ڪيو. 1962ع ۾ جڏهن ايوب خان سرمائيدارن کي لياري جي زمين گودامن ۽ فيڪٽرين لاءِ الاٽ ڪئي ۽ لياري وارن کي هتان اٿاري نارٿ ناظم وسائڻ جو پروگرام جوڙيو. جنهن کي اسڪيم نمبر 17 جو نالو ڏنو ويو. جنهن جي نتيجي لياري جي ماڻهن "لياري ايڪشن ڪاميٽي برائي آبادگاري" جوڙي ۽ هن جي پليٽ فارم تي جدوجهد جي شروعات ڪئي. جلسا ڪيا، جلوس ڪڍيا ويا. هن ڪاميٽي جو اڳواڻ قادر بخش مطائر هو. سيني سماجي، ادبي ۽ سياسي جماعتن جا ماڻهو هن پليٽ فارم تي گڏ هئا. جنهن جي نتيجي ۾ ايوب خان کي پنهنجو فيصلو واپس وٺڻو پيو. انهيءَ جدوجهد جي نتيجي ۾ لياري کي ليز ڪرڻ جو پروگرام جوڙيو ويو ۽ ترقياتي ڪمن جي شروعات ٿي. هن کان اڳ لياري وارن لاءِ پڪا گهر اڏڻ تي پابندي هئي. ورهاڱي کانپوءِ اها پهرئين منظم جدوجهد هئي.

هن کان اڳ جڏهن ايراني بلوچستان ۾ آزادي لاءِ جدوجهد ڪندڙ داد شاهه بلوچ پنهنجي 24 ساٿين سان چاهه بهادر ۾ هڪ حملي ۾ پنجن آمريڪي فوجي آفيسرن کي قتل ڪيو تہ ايران جي شاهه ايراني بلوچستان ۾ تشدد جو بازار گرم ڪيو. داد شاهه کي ڪميونسٽن جو ايجنٽ قرار ڏيئي هن جي موت جا وارنٽ جاري ڪيا ۽ ان واقعي ۾ ڏهن مهينن کانپوءِ داد شاهه ايراني فوج هٿان بندر عباس ۽ چاهه بهادر جي وچ ۾ هڪ مقابلي ۾ شهيد ٿيو تہ داد شاهه جو ڪٽنب سندس ياءُ احمد شاهه جي اڳواڻي ۾ لياري ۾ اچي رهيو ۽ ڪورٽ ۾ سياسي پناهه جي درخواست ڪئي. جيڪا منظور نہ ڪئي ويئي. پاڪستان حڪومت سينٽو معاهدي جو بهانو بنائي احمد شاهه ۽ سندس ڪٽنب کي نڪرڻ جو حڪم ڏنو. پاڪستان حڪومت احمد شاهه ۽ سندس ڪٽنب کي بارڊر تي ايراني فوج جي حوالي ڪيو. هتي ايراني فوج احمد شاهه سميت ٻارن، عورتن ۽ پوڙهن کي گولين سان پروڻ ڪيو ويو. خاندان مان فقط داد شاهه جو پٽ ڪمال جيڪو دبئي ۾ هو بچي ويو. انهيءَ واقعي خلاف لياري ۾ زبردست مظاهرا ٿيا. جلسا ڪيا ويا ۽ جلوس ڪڍيا ويا.

1970ع کانپوءِ لياري پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڳڙهه بنجي ويو. ۽ اڄ تائين هن قلعي کي ٻي ڪا جماعت سر نہ ڪري سگهي. نعپ تي پابندي کانپوءِ هتان وڏي پئماني تي ترقي پسند ۽ قوم پرستن کي گرفتار ڪيو ويو. گهڻا وڃي بلوچستان ۾ روپوش ٿيا. پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڳڙهه هوندي بہ هتي بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن، عوامي تحريڪ ۽ ٻين قومپرستن پنهنجو وجود

برقرار رکيو. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ هلندڙ هر جمهوري ۽ قوم پرست تحريڪ کي لياري مان مڪمل سپورٽ ملندي رهي آهي.

ايراني بلوچستان ۾ ماڻهن تي ظلم هجي يا پاڪستاني بلوچستان تي فوجي ڪارروائي هجي. افغانستان جي ثور انقلاب جي حمايت هجي يا 1972ع ۾ هاري بغاوت هجي، نعپ جي خاتمي خلاف اٿندڙ تحريڪ هجي يا ڀٽي جي ڦاهي خلاف احتجاج هجي، ڪالا باغ ڊيم خلاف هلندڙ تحريڪ هجي يا ايم آر ڊي جي تحريڪ هجي. حميد بلوچ، نذير عباسي، ٽوڙهي ڦاٽڪ، مرتضيٰ ڀٽو، عبدالله مراد يا اڪبر بگٽي جي شهادت جي تحريڪ هجي. لياري جي ماڻهن هر تحريڪ، هر جدوجهد ۾ سرواٽي جو ڪردار ادا ڪيو. گوليون، ڦٽڪا، ڦاهيون ڪاڏيون پر وقت جي حڪمرانن جي ڏاڍ خلاف ڪڏهن به نه جهڪيا. جنهن جي ڪري هر مخالف حڪومت لياري سان ماٽيجي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو. جمهوري تحريڪن ۽ قومپرست تحريڪن جي سرواڻ وسندي ڪي بدلي ۾ فقط بک، بيروزگاري، ذلت، هيروئن، چرس ۽ گينگ وار جو تحفو ڏنو ويو. انهن سيني ڏکن ۽ تڪليفن جي باوجود لياري اڄ به جدوجهد ۾ مصروف آهي. بدلي ۾ ڪجهه فائدي ملڻ جي پرواهه انهن کي ڪونهي. هو فقط پنهنجو فرض پورو ڪري رهيا آهن. هن فرض جو قرض اسان سيني کي لاهڻو آهي.

**ورهاڱي کانپوءِ ادب ۽ صحافت:**

ورهاڱي کان اڳ لياري سان گهڻن سنڌي اديبن ۽ صحافين جو واسطو هو. هتان ئي بلوچي صحافت جي شروعات ٿي. ورهاڱي کانپوءِ هندوئن جي وڃڻ کانپوءِ ته سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ خال پيدا ٿيو. ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري وفاق سان ڳنڍيو ويو ته سنڌي ادب ۽ صحافت جو مرڪز ڪراچي کان حيدرآباد منتقل ٿيو. ڪڏي مان سنڌي فارسي ۽ عربي ڪورس جي بين اسلامي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو جاري رهيو. هتان 1984ع ۾ ”الصادق“ سنڌي رسالو جاري ڪيو ويو جيڪو اڄ تائين شايع ٿي رهيو آهي. لياري کي اهو به اعزاز حاصل آهي. سنڌي جي پهرئين ڪمپيوٽر تي نڪرندڙ مڪمل اخبار ”عوامي آواز“ لياري مان جاري ٿي. ان ڪانسواءِ ڪجهه پبليڪيشنون سنڌي ۾ جاري ٿيون پر اهي هلي نه سگهيون. 90 واري ڏهاڪي ۾ حسن لشڪري ڳوٺ وارن اردو ۾ هفتيوار ”لشڪر“ شروع ڪيو پر اهو به هلي نه سگهيو.

بلوچي ٻولي جي پهرئين اخبار ”البلوچ“ جاري ٿي ته لياري بلوچي ادب ۽ صحافت جو اڳتي هلي مرڪز بڻيو. هتي ورهاڱي کانپوءِ ڪيترين ئي ادبي سوسائٽيون وجود ۾ آيون جن پاران ڪتابن جي ڇپائي ۽ رسالن جي جاري ڪرڻ سان لياري مان نالي وار بلوچي اديب پيدا ٿيا اهو سلسلو اڄ به جاري آهي. پوري بلوچستان کان وڌ بلوچي ٻولي جي خدمت لياري ۾ ٿي رهي آهي. بي سرو

ساماني، حڪومت جي امداد ۽ مدد ڪانسواءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت لياري جي اديبن، صحافين ۽ فنڪارن بلوچي ادب جي خدمت ۾ مشغول آهن. هتي مختصر انهن جو ذڪر ڪندس.

عبدالصمد سربازي پهريون پيرو قرآن شريف جو بلوچي ۾ ترجمو ڪيو ۽ ائين اهو اعزاز بہ لياري کي مليو.

ورهاڱي کانپوءِ 1948ع ۾ مولانا خير محمد ندوي "بلوچ ايجوڪيشنل سوسائٽي" جو بنياد وڌو جنهن جو سرپرست حسن لشڪري هو. تنظيم پاران حڪومت جي اجازت سان لياري ۾ ريڊيو اسٽيشن قائم ڪري بلوچي پروگرامن جي شروعات ڪئي ويئي. جنهن کي بعد ۾ ريڊيو پاڪستان سان ڳنڍيو ويو. سوسائٽي پاران ڌوبي گهاٽ، چاڪيواڙي، نوان لين ۽ گوليمار ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا. انهيءَ سوسائٽي جي هٿ هيٺ فيبروري 1951ع ۾ بلوچي رسالو "اومان" لياري مان جاري ڪيو ويو. اڳتي هلي مولانا صاحب سيپٽمبر 1978ع ۾ بلوچي رسالو "سوغات" بہ جاري ڪيو. مولانا خير محمد مڪتبہ سوغات قائم ڪيو جنهن جي هٿ هيٺ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا.

لياري ۾ آزادي جمالديني اڪيڊمي کي سڀ کان وڌيڪ بلوچي ڪتاب شايع ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي. لال بخش رند ۽ ٻين پاران قائم ڪيل "عوامي ادبي انجمن" بلوچي ادب جي ترقي ۾ سٺو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪو اڄ بہ موجود آهي.

"بلوچي ادبي اڪيڊمي" جنهن جو هاڻي نالو بدلائي "عباس علي زيمي اڪيڊمي" رکيو ويو آهي جنهن جا سرواڻ قيوم فنا، ڪريم رضا، ع. رگمنام، واجا جبار دلپاڪ، منظور دلجم، حيدر ناز، غلام رسول مگسي، اصغر علي آزاگ ۽ غني نقش آهن. جيڪي اڄ بہ سرگرم آهن.

ظفر ڪريم، حسن علي حسن، بابو بدر ۽ الله بخش ڪردار گوليمار ادبي مجلس جي پليٽ فارم تان ادب جي خدمت ۾ مصروف آهن.

بلوچي ڪلچرل ليٽريري فورم کي هلائڻ وارا علي عيسيٰ، مجيد بارڪزئي ۽ زاهد بارڪزئي آهن.

انهن ڪانسواءِ بلوچي ادبي ديوان، بلوچي ادبي بورڊ، بلوچي لبزانڪي ديوان، بلوچي ادبي سوسائٽي، سيد هاشمي اڪيڊمي ۽ دو در بيدگي پٽۂ پولي انجمن بہ بلوچي ادب جي خدمت ۾ مصروف آهن. گهڻن انجمنن ۽ سوسائٽين پاران رسالا بہ جاري ڪيا وڃن ٿا. ادبي مشاعره ۽ ڪتابن جي ڇپائي جو ڪم بہ جاري آهي. سيد ظهور شاهه هاشمي جيڪو بلوچي جو ناليوارو شاعر اديب ۽ تاريخ دان آهي. جنهن لياري مان ئي بلوچي ڊڪشنري "سيد گنج" شايع ڪري بلوچي ٻولي تي هڪ احسان ڪيو.

مولوي محمد حسين عاجز، حڪيم احمد دلوش، مولوي محمد عمر، محمد اسحاق، عبدالحڪيم حق گو، عبدالڪريم سورش امن ۽ ماسٽر عيسيٰ مشهور بلوچي شاعر ۽ اديب هئا. انهن ڪانسواءِ بلوچي شاعري جو نالو مراد ساحر جنهن جا ”پاهار“ سميت ٽي شاعري جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. بانل دشتياري (جيڪا صحافي نادر شاهه عادل ۽ زينت بلوچ جي ماءُ هئي)، مرحوم احمد جگر جيڪو بلوچي عشقيہ شاعري ڪري مشهور هو. مرحوم احمد ظهير مراد آواراني بلوچي جا سنا شاعر ۽ اديب ٿي گذريا آهن. انهن سڀني جو تعلق لياري سان هو.

هن وقت جيڪي شاعر ۽ اديب لياري مان بلوچي ادب جي خدمت ۾ مصروف آهن. انهن مان پروفيسر صبا دشتياري جنهن جا چار شاعري جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. صدارتي ايوارڊ يافتہ آهي. پر 2006ع ۾ بلوچستان تي فوجي ڪارروائي ۽ نواب اڪبر بگٽي جي شهادت ڪانپوءِ اهو ايوارڊ واپس ڪيائين. صبا دشتياري جي ڪوشش سان ملير ۾ دهقان گارڊن ۾ هڪ ريسرچ لائبريري ”سيد هاشمي ريفرنس ڪتاب جاهہ“ قائم ڪيو ويو آهي. جيڪو علمن جي اڃ اجهائيندڙن لاءِ هڪ بهترين پناهہ گاهہ آهي.

جي. آر ملا، عابد آسڪاني، غني نقش (گوليمار)، ڪامريڊ عبدالواحد، مير احمد دهياني (مزاحيہ شاعر)، قيوم سربازي، ظفر علي ظفر اديب، نور محمد شيخ، علي محمد طاهر ميار، نادر شاهه عادل، بيگ محمد بيگل، رحيم بخش آزاد، يار محمد يار، تاج محمد طاهر، ايوب بلوچ، امان الله بلوچ، غلام فاروق بلوچ، عبدالحميد جمشيد زئي، زينت بلوچ (جيڪا سٽي گورنمينٽ ۾ ميڊيا منجمينٽ آفيسر آهي) ۽ ٻيا سرگرم آهن.

جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ بلوچي ادب جي ترقي جو جيترو ڪم لياري ۾ ٿي رهيو آهي شايد ڪٿي ٿيندو هجي. ورهاڱي ڪانپوءِ لياري مان نڪرندڙ ڪجهہ مشهور رسالن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| نمبر | رسالي جو نالو | شايع ڪندڙ جو نالو ۽ ادارو | سال |
| --- | --- | --- | --- |
| 1 | اومان | مولانا خير محمد ندوي- بلوچ ايجوڪيشنل سوسائٽي | 1951ع |
| 2 | سرچمگ | آزاد جمالديني ۽ ظهور شاهہ هاشمي | 1956ع |
| 3 | گچين | بلوچي ادبي ديوان | 1965ع |
| 4 | صدائي بلوچ | قاضي عبدالرحيم صابر- بلوچي ادبي بورڊ | 1971ع |
| 5 | لبزانڪ | بلوچي لبزانڪي ديوان (بلد) | 1976ع |
| 6 | سوغات | مولانا خير محمد ندوي- مڪتبہ سوغات | 1978ع |
| 7 | ساچان | چلتن پبليڪيشنز | 1979ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 8 | مئي بلوچستان | مولوي محمد حسين عاجز- عبدالحميد جمشيد زئي | 1980ع |
| 9 | برمش | سيد هاشمي اڪيڊمي- احمد زهير | 1983ع |
| 10 | سنج | سيد هاشمي اڪيڊمي | 1985ع |
| 11 | برانز | ايلم پبليڪيشن- يار محمد يار | 1986ع |
| 12 | بنديگ | يار محمد يار | 1986ع |
| 13 | بامسار | بلوچي ادبي سوسائٽي- طائر ميار ۽ تاج محمد طائر | 1988ع |
| 14 | ميتاپ | اصغر علي آزاگ | 1988ع |
| 15 | تپتان | ڪامريڊ عبدالواحد-قيوم سربازي | 1989ع |
| 16 | چاگرد | ايوب بلوچ- امان الله بلوچ | 1989ع |
| 17 | رُڙن | يار محمد يار | 1989ع |
| 18 | بلوچي | لبزانڪ (ٻيهر) غلام فاروق بلوچ ۽ ڪامريڊ عبدالواحد | 1990ع |
| 19 | مستاگ (روتاڪ) | بلوچي لبزانڪي- ديوان ڪامريڊ عبدالواحد | 1993ع |

جن مان هاڻي گهڻا بند ٿي چڪا آهن ۽ ڪجهه اڃا بہ شايع ٿي رهيا آهن. اهي سڀ هفتيوار ۽ ماهوار رسالا آهن.

**ليارِي جا مشهور ڳائڻا:**

لياري کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ سنڌي ۽ بلوچي جي مشهور ڳائڻن ۽ موسيقارن جو تعلق بہ لياري سان رهيو آهي. بلوچي ٻولي جي مشهور ڳائڻن ۾ فيض محمد بلوچ، استاد بلوچ، استاد شفيع محمد بلوچ، جاڙڪ، قادر بخش قادڪ، عبدالعزيز بلوچ (سنڌي ۽ بلوچي- صدارتي ايوارڊ حاصل ڪندڙ)، ولي محمد بلوچ (بلوچي، سنڌي ۽ بنگالي) غلام جان، نور محمد نورل، قاسم اَمين، ساجد ولي، مسلمان ولي، اسماعيل بلوچ، غلام محمد بلوچ، حفيظ بلوچ، حسن سربازي، باسط بلوچ، استاد رشيد بلوچ، شوڪت مراد، غلام حسين، قادر لاسي (سنڌي- بلوچي)، امام بخش مستانہ، ماسٽر اياز (بلوچي، سنڌي ۽ اردو) رحمت الله، ابراهيم ڏاڏا، اختر بلوچ، طفيل سنجراڻي (بلوچي، سنڌي ۽ اردو) آمنا طوطي، نسيما شاهين ۽ ثمينا ڪنول (بلوچي- سنڌي)

لياري ۾ ڪيترائي ميوزيڪل ڪلب به آهن. سنڌ جي مشهور فنڪار سليمان شاهه پاران به شاهه بيگ لين ۾ هڪ ميوزيڪل ڪلب قائم ڪيو ويو هو. سنڌي فنڪارن ۾ محمد ابراهيم، استاد عبدالله پنهور عبدالله ڪچي، موسيٰ حسين سمون، سيد سليمان شاهه، احمد ابراهيم، ڪارو شيخ، مولا بخش لاسي، غلام علي ڪچي ۽ موسيقار بلاول بيلجم جو تعلق به لياري سان هو. مصورن ۾ گل محمد کتري، نظر محمد ڪلمتي، سلطان بلوچ ۽ شڪرالله جو تعلق لياري سان آهي. گل محمد کتري وفات ڪري چڪو آهي. جنهن پٺائي جي شاعري کي، پهريون ڀيرو مصوري ۾ پيش ڪيو هو.

لياري ۾ بلوچي ڪانسواءِ ڪڏي ۽ ڪاري در ۾ گجراتي ۽ ميمڻي ڊراما اسٽيج ڪيا وجن ٿا. اسٽيج ڊرامن ڪري لياري پوري ڪراچي ۾ مشهور آهي. لياري ۾ پهريون اسٽيج ڊرامو بلوچي ۾ ”شهناز“ نالي سان 1930ع ۾ ڪيو ويو. جيڪو آغا حشر جي ڊرامي نيڪ پروين جو ترجمو هو.

لياري ۾ هن وقت جيڪي اسٽيج جا فنڪار مشهور آهن انهن ۾ وقار بلوچ، دانش بلوچ، زبير ناڪر ۽ باسط بلوچ آهن. باسط بلوچ پاران لياري ۾ ريڪارڊنگ، فلم ميڪنگ جو هڪ بهترين اسٽوڊيو پڻ آهن.

لياري سان تعلق رکندڙ مختلف صحافي جن ۾ نادر شاهه عادل، رفيق بلوچ، اسلم جنگيان، لطيف بلوچ، صديق بلوچ، اسحاق بلوچ، سعيد سربازي، عزيز سنگهور ۽ ٻيا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

**<u>فٽ بال ۽ لياري:</u>**

لياري ۽ فٽبال لازم ملزوم آهن فٽبال ڪانسواءِ لياري جو ذڪر اڻ پورو آهي. ورهاڱي کان اڳ 1975ع تائين لياري ۾ فٽبال پنهنجي عروج تي هو.لياري مان نڪرندڙ فٽبالرن پوري دنيا ۾ نالو ڪمايو. ورهاڱي کان اڳ نندي ڪنڊ ۾ لياري جي فٽبالرن پنهنجو پاڻ کي مڃايو ۽ اهي فٽبال جا ديو مالائي ڪردار بڻجي ويا.

انگريزن جي دور ۾ هتي بجلي فٽبال ڪلب، لسبيلو فٽبال ڪلب، YMCA فٽبال ڪلب، رائل ايئر فورس فٽبال ڪلب، رائل اسڪاچ فٽبال ڪلب، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ فٽبال ڪلب ۽ پوليس فٽبال ڪلب مشهور هئا. انهن ڪلبن جي رانديگرن ۾ گهڻن جو تعلق لياري سان هو. شروع وارن ڏينهن ۾ واجا صديق، رمضان لاسي، نبي بخش، رحيم بلوچ، سارجنٽ مرفي ۽ يوچانگ مشهور فٽبال هئا. اڳتي هلي محمد عمر بلوچ ۽ حسين ڪلر نندي ڪنڊ جي فٽبال تي ڇائنجي ويا. انهن رانديگرن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا هجوم گڏ ٿيندا هئا. حسين ڪلر موهن ياڳٽ فٽبال

ڪلب ۽ محمد عمر بلوچ محمدن اسپورٽس ڪلب جو ڪپتان هو. ان وقت جو پارٽي صدر راڄن انهن جو مداح هو ۽ اڪثر انهن سان ملندو به هو.

اهي به ڏينهن هئا جڏهن چوڪريون پرس ۾ انهن فٽبالرن جا فوٽو رکڻ ۾ فخر محسوس ڪنديون هيون. هندستان ۾ هڪ اسٽوڊيو ۾ ڪنهن فلم جي شوٽنگ ڏسڻ لاءِ اهي بئي فٽبالر پهتا ته شوٽنگ روڪي ويئي. دليپ ڪمار جيڪو محمد اسپورٽس ڪلب جو لائيو ميمبر هو، پرٿوي راڄ ۽ مڌو بالا انهن سان ملڻ آيا. مڌو بالا ڊائريڪٽر کي چيئي ڏنو ته انهن وڏن ماڻهن جي اچڻ ڪري آئون هاڻي گاني تي ناچ نٿي ڪري سگهان.

ورهاڱي کانپوءِ به لياري جي ٻنهي فٽبالرن، فٽبال ۾ نالو ڪمايو. پر انهن جو قدر نه ڪيو ويو. انهن جي صلاحيتن مان فائدو حاصل نه ڪيو ويو. پرائڊ آف پرفارمينس صدارتي ايوارڊ حاصل ڪندڙ رانديگر محمد عمر جڏهن چيلهه جي هڏي ٽٽڻ ڪري اسپتال ۾ داخل ٿيو ته هن وٽ علاج لاءِ پئسو نه هو ۽ ڪنهن اداري ان قومي فٽبالر جي سار نه لڌي ۽ هو بنا ڪنهن سرڪاري سار سنڀال جي گذاري ويو.

1975ع کانپوءِ پاڪستان ۾ فٽبال جي زوال جي ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي پر پوءِ ڪجهه وقت لاءِ محڪمن پاران رانديگرن جي حوصلا افزائي ڪري هن راند کي جيئرو رکيو. جنهن ۾ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۽ پي. آئي. اي (PIA) وڏو ڪردار ادا ڪيو. رانديگرن جي روزگار جو مسئلو حل ڪيو هو ته انهن راند پاسي وڌيڪ ڌيان ڏنو.

پاڪستان ۾ 32 محڪمن پاران فٽبال جون ٽيمون هيون جنهن ۾ اڌ يعني 16 جو تعلق ڪراچي سان هو جنهن ۾ 98% سيڪڙو رانديگر لياري جا هوندا هئا، ۽ جڏهن محڪمن پاران فٽبال ڪلبن کي بند ڪيو ويو ته رانديگر بي روزگار ٿيندا ويا ۽ فٽبال جون نرسريون بند ٿيون ته وڌيڪ رانديگر به سامهون اچي نه سگهيا. چاڪاڻ ته هي غريب رانديگر روزگار جي ڪن يا فٽبال کي وقت ڏين.

ورهاڱي کانپوءِ 1975ع تائين ڪراچي لياري جي ڪري فٽبال جو مرڪز هو. اڄ عالمي ڪپ کيڏندڙ ٽيمون جن ۾ ترڪي، سعودي عرب، ايران، جاپان، ڪوريا، چين، روس ۽ ٻين ملڪن جون ٽيمون جڏهن ڪراچي ۾ کيڏڻ اينديون هيون ته ڪراچي ڊويزن فٽبال ٽيم انهن ٽيمن کي 12،12 گولن تان شڪست ڏيندي هئي. حيرت جي ڳالهه اها هئي ته انهن مان گهڻن ملڪن جي ٽيمن قومي فٽبال ٽيم کي شڪست ڏيندا هئا پر ڪراچي ڊويزن ٽيم جي سامهون انهن جي هڪ به نه هلندي هئي. انهيءَ اقرا پروري فٽبال کي تباهه ڪيو. ڪراچي ڊويزن ٽيم ۾ مڪمل طور رانديگر لياري جا هوندا هئا.

جڏهن اجا تعصب ۽ ڪوٽا جو ٻج قومي فٽبال ٽيم ۾ داخل نه ٿيو هو ته اوير ۽ اولهه پاڪستان تي ٻڌل قومي ٽيم جي 16 رانديگرن مان 12 کان 13 رانديگر لياري مان سليڪٽ ٿيندا هئا. اوير پاڪستان جڏهن بنگلاديش نه هو ته فٽبال جي ترقي ۾ اوير پاڪستان سنو ڪردار ادا ڪيو هو. لياري جا گهڻا فٽبالر اوير پاڪستان جي ڪلبن ۾ پيشاوراڻي رانديگر طور کيڏندا هئا. جنهن ڪانپوءِ لياري جي فٽبالرن جي ترقي ۽ روزگار جو وسيلو ختم ٿي ويو.

ماضي ۾ محمد عمر، حسين ڪلر ڪانسواءِ جن رانديگرن فٽبال ۾ نالو ڪمايو ۽ دنيا ۾ ملڪ جو نالو روشن ڪيو. انهن ۾ احمد جان، حسن بلوچ، عباس بلوچ، علي نواز، مجيد، غلام حسين، محمد قاسم، غلام حسين پٺو، حسين بخش بلوچ مولا بخش گوٺائو، عبدالجبار، ڪلري جو قاسم سومار جيڪو هن وقت به KPT۾ ڪوچ آهي.

عباس بلوچ ۽ احمد جان انٽرنيشنل فيفا ريفري رهي چڪا آهن. مٿيان سيئي رانديگر جن جو واسطو لياري سان رهي چڪو آهي. انهن مان ڪيترن فٽبالرن بين القوامي طور پاڪستان جي نمائندگي ڪئي.

علي نواز بلوچ جيڪو بهترين فٽبالر آهي. هن ڪوچنگ لاءِ تربيت انگلينڊ مان حاصل ڪئي. پاڪستان جو هي انٽرنيشنل رانديگر PIA پاران کيڏندو هو. پر اسان اڄ تائين ان جي صلاحيتن مان فائدو حاصل نه ڪيو آهي. ڪوچنگ لاءِ اهڙن ڪي اڳيان آندو وڃي ته بهتر نتيجا نڪري سگهن ٿا.

فٽبال جي تباهي ۾ ٻين سببن ڪانسواءِ راند جي تباهي ۾ پاڪستان فيڊريشن وڏو ڪردار ادا ڪيو. فيڊريشن جا عهديدار اهڙا آهن. جيڪي فٽبال جي ابجد کان به واقف نه آهن. ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ ٻين راندين ۾ ته ڪوٽا جي ڳالهه نٿي ٿئي ۽ جڏهن فٽبال جي ڳالهه ٿئي ٿي ته ڪوٽا جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن صلاحيتن جي آڌار تي رانديگر چونڊيا ويا ته 60% سيڪڙو رانديگر لياري مان چونڊجي ايندا. جيڪا ڳالهه فٽبال جي ناليءَ تي سهولتون حاصل ڪندڙن کي نٿي وڻي.

گذريل پنجن سالن ۾ ”فيفا“ غريب ملڪن ۾ فٽبال جي ترقي لاءِ خاص ڪري ايشيا ريجن جي مدد لاءِ ”گول پراجيڪٽ“ نالي فٽبال جي ترقي لاءِ هڪ اسڪيم شروع ڪئي آهي. پهرئين قسط طور ڏهه لک ڊالر جي امداد به ڏني ويئي، پئسن اچڻ سان فٽبال فيڊريشن ۾ گروپنگ شروع ٿي. انهن پئسن مان چئني صوبن ۾ فٽبال هائوس اڏڻ جو پروگرام هو. پر فٽبال جي اهم مرڪز سنڌ جي شهر ڪراچي کي نظر انداز ڪري پهريون فٽبال هائوس لاهور ۾ ناهيو ويو ۽ اجا تائين ڪراچي ۾ اهڙو ڪو به اسٽيڊيم نه جوڙيو ويو آهي ۽ نه ئي اهڙا ڪي امڪان نظر اچن ٿا.

ڪراچي ۾ فٽبال جا فقط ٻه اسٽيڊيم آهن جن مان هڪ ڪي. ايم. سي اسٽيڊيم ۽ ٻيو پيپلز فٽبال اسٽيڊيم آهن. 2006ع تائين پيپلز فٽبال اسٽيڊيم رينجرز جي حوالي هو. اهي ٻئي اسٽيڊيم فٽبال اسٽيڊيم آهن. ڪراچي جي فٽبال زون لياري جي مرڪز ڪان ٻه پري آهن. ”فيفا“ گراس روٽ ليول تي فٽبال جي ترقي لاءِ يوٿ ڊيولپمينٽ پروگرام تحت پنج ڪروڙ روپيا جاري ڪيا ويا. پر هن کي پنجاب تائين محدود ڪيو ويو. جڏهن ٻين علائقن مان فٽبالرن ۽ ڪلبن احتجاج ڪيو ته محدود پيماني تي ٻين صوبن ۾ اهو پروگرام شروع ڪيو ويو. پر ڪوچ اهڙا رکيا ويا جن جو فٽبال سان اهڙو ڪو گهرو تعلق نه آهي. مشهور فٽبالرن کي هن پروگرام کان پري رکيو ويو آهي.

فٽبال جي ترقي لاءِ ضروري ته لياري جيڪو پاڪستان جي فٽبال جو اهم مرڪز آهي. هتان ئي گراس روٽ تي فٽبال جي ترقي لاءِ ڪوششون ونٽيون پونديون. ڪوٽا ڪانسواءِ صلاحيتن جي آڌار تي رانديگرن جي چونڊ ڪئي وڃي. پاڪستان فٽبال فيڊريشن کي ٽوڙي هن جي آئين ۾ تبديليون ڪيون وڃن ۽ يونين ڪائونسل جي سطح تي فيڊريشن کي منظم ڪيو وڃي. فيڊريشن کي مليل پئسن، گهوٻين ۽ اقربا پرورين جي جاچ ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ محڪمن کي ٻيهر فٽبال پاسي ڌيان ڏيڻ گهرجي. چاڪاڻ ته سڀ کان اهم مسئلو رانديگرن جي روزگار جو آهي. فٽبال جا رانديگر غريب ۽ مزدور پيشي سان تعلق رکن ٿا.

لياري ڪانسواءِ ملير ٻه فٽبال جو اهم مرڪز آهي. جتان ٻه گهڻن رانديگرن ملڪي سطح تي نالو پيدا ڪيو.

فٽبال ڪانسواءِ باڪسنگ لياري ۾ گهڻو مقبول آهي. لياري جي حسين شاهه ۽ ٻين بين الاقوامي مقابلن ۾ مجتا حاصل ڪئي آهي. پر فٽبال وانگر هن راند کي ٻه حڪومت جي ڪا سرپرستي لياري ۾ حاصل نه آهي، جتي باڪسر پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪلب جوڙي محنت ڪري رهيا آهن جنهن لاءِ ضروري آهي ته لياري ۾ باڪسنگ ڪلبن کي ترقي ڏياري رانديگرن کي مختلف ادارن ۾ نوڪريون ڏنيون وڃن ته جيئن هو مڪمل توجهه راند پاسي ڏين.

**لياري جي پراڻين وسندين جو احوال:**

هاڻوڪي لياري ٽائون ۾ ٻارنهن يونين ڪائونسلون آهن. جن ۾ (1) آگرا تاج ڪالوني (2) دريا آباد (3) نئون آباد (4) ڪڌو ميمڻ سوسائٽي (5) بغدادي (6) شاهه بيگ لين (لائين) (7) بهار ڪالوني (8) رانگي واڙو (9) سنگولين (10) چاڪيواڙو (11) علامه اقبال ڪالوني آهن. هاڻوڪي بلدياتي نظام کان اڳ لياري زونل ميونسپل ڪاميٽي ڏکڻ جو حصو هو. لياري جا گهڻا ٽيڪسن ڏيڻ وارا

علائقا ڪٽي صدر ٽائون ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ٽرانس لياري ڪي بہ سائيٽ ۾ ۽ ڪجھ حصي کي ڪياماڙي ٽائون ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

هاڻوڪي بلدياتي نظام کان اڳ جيڪو لياري جو حصو هو اهو 1800 ايڪڙ ايريا تي ٻڌل هو. جنهن جي آبادي سورنهن لک ڏھ هزار ست هئي، 8,712,600اسڪوائر والن تي ٻڌل هن علائقي ۾ 70 سيڪڙو علائقو رهائشي، 20 سيڪڙو انڊسٽريل ۽ واپاري علائقو، 10 سيڪڙو هيلٿ، تعليم، قبرستان ۽ رستن تي ٻڌل هو. انهيءَ علائقن ۾ سرڪاري ۽ پرائيويٽ 28 لائبرريون، 12 پارڪ ۽ يارنهن راندين جا ننڍا ميدان هئا. چار پوليس اسٽيشن، 28 ڪميونٽي سينٽر، هڪ جنرل پوسٽ آفيس، هڪ ٽيليفون ايڪسچينج ۽ هڪ ڪراچي اليڪٽرڪ سپلائي جي آفيس، ٽي ڊگري ڪاليج، هڪ ڇوڪرين لاءِ ۽ ٻہ ڇوڪرن لاءِ هئا. هڪ هائير سيڪنڊري اسڪول (انٽرميڊيٽ) ڇوڪرين لاءِ هو.

هڪ جنرل اسپتال ۽ چار ميٽرنٽي هوم ڪي.ايم.سي پاران هئا. هاڻوڪي لياري ٽائون ۾ لياري ڊگري ڪاليج سميت گھٽا ترقياتي ۽ تعليمي ادارا ٻين ٽائونن ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

لياري ۾ ٻہ قومي اسيمبلي جا تڪ اين. اي 189 ۽ اين. اي 190 آهن. ٽي صوبائي اسيمبلي جا تڪ پي.ايس 85 پي. ايس 86 ۽ پي.ايس 88 آهن. ٽائون ٺهڻ کان اڳ ڪي.ايم.سي جا 20 وارڊ لياري ۾ هوندا هئا.

**ڪلري:**

هي لياري جي پراڻي آبادي آهي. لياري نئين جي ڇوڙ جي ساڄي هٿ کان مڇي مياڻ ٽائين هي علائقو ٻئي پاسي سرڪلر ريلوي لائين سان لڳي ٿو. جنهن جي پار سمنڊ لڳ ڪياماڙي ٽائون جو حصو آهي. لياري ندي جي پراڻي چاڙ ڪڏي ۾ جمع ٿيڻ ڪانپوءِ ڪلري واري علائقي مان گذري سمنڊ ڇوڙ ڪندي هئي. ڪلراٺي زمين ڪري هن کي ڪلري چيو ويو. ڪڏي کان اڳتي سمنڊ ٽائين جهنگ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سمنڊ جو پاڻي چڙهي ايندو هو. ڪلري جي هڪ حصي کي هاڻي علي محمد محلو بہ چون ٿا.

انگريزن جي اچڻ وقت هي علائقو ڪراچي کان ٻاهر هو جتي ڪچيون جھوپڙيون هونديون هيون. هتان جي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ ڪلري کي آباد ڪرڻ وارو شمبو محمد دوست محمد حسني آهي جيڪو جڏهن پنهنجي ڪٽنب سميت ڪولانچ کان لڏي هتي آيو تہ هن وسندي ترقي شروع ڪئي. هتي ماهيگير رهندا هئا ۽ محمد دوست جو ڪٽنب بہ بلوچستان جي ساحل تي انهيءَ ڌنڌي سان واڳيل هو ۽ هتي اچي انهن بہ اهو ڌنڌو اختيار ڪيو.

نيو ڪلري بعد ۾ آباد ٿيو. جتي ڪڇي ۽ ميانوالي رهن ٿا. ميانوالين بہ فشري تي ڪم شروع ڪيو. هن وقت لياري ٽائون جو ناظم بہ ميانوالي آهي. هتان جي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ مورڙو قبرستان، پراڻو قبرستان آهي. جتي هو پنهنجا مردا دفن ڪندا هئا ۽ هاڻي بہ هتي دفن ڪندا آهن. هتان جي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ لياري نئين جي ڪناري جتي هاڻي بهار ڪالوني ۽ آگرا تاج ڪالوني آهن هتي هندوئن جو مساڻ، ڳئو شالا ۽ پراڻو مندر هوندو هو. گهڻي تعداد ۾ هندو رهندا هئا. انهن ٻڌايو تہ اسين پنهنجن وڏن کان ٻڌندا ٿا اچون تہ هتي گدامڙي ۽ ڪڇين جي وٽن جي جهڳٽي ۾ تيرٿ آستان بہ هوندو هو.

هتي چٽن شاهہ ۽ سيد علي شاهہ جون درگاهون آهن. هتي جيڪي بلوچ آباد آهن اُهي ذڪري فرقي سان تعلق رکن ٿا. جيڪي ڪولانچ، ڪولوه، ڪيچ، پسني ۽ اورماڙا کان هتي اچي آباد ٿيا آهن. ڪڇي ۽ ميمڻ بعد ۾ آيا پر هن وقت انهن جي آبادي گهڻي آهي. بلوچن جي اچڻ کان اڳ هتي ماهيگير (ڍورائي ماهيگير) ۽ هندو رهندا هئا.

**عيدولين:**

عيدولين جيڪا بہ پراڻي آبادي آهي ۽ جمعدار عيدو (عيد محمد) جڏهن ايران کان پنهنجي ڪٽنب سان هتي اچي آباد ٿيو تہ ڪلري جي هن حصي کي عيدو بازار ۽ بعد ۾ انگريزن لائين قرار ڏنو ۽ اهي سيئي لائين هاڻي "لين" مشهور آهن. عيدو پورٽ تي جمعدار هوندو هو. جنهن ڪري هن کي جمعدار عيدو چيو ويندو هو.

**کڏو:**

لياري جي پراڻي آبادي آهي. هتي وڏو کڏو هوندو هو. تنهن ڪري هن علائقي کي کڏو چيو ويندو هو ۽ اڄ تائين کڏو مشهور آهي. ڪنهن دور ۾ مسلماني جذبي ۾ اچي هن جو نالو "اسلام آباد" رکيو ويو. جيڪو هلي نہ سگهيو. لياري جي پراڻي وهڪري جو پاڻي انهيءَ کڏ ۾ جمع ٿيڻ ڪانپوءِ سمنڊ ڏانهن ويندو هو. گهڻن پراڻن رهندڙن جو چوڻ آهي تہ "ڪلاچي جو ڪن" هتي هو ۽ اهو کڏو بہ انهيءَ ڪن جو هو. جڏهن لياري جي پراڻي وهڪري کي بند ڪيو ويو تہ هتي پاڻي سڪي ويو ۽ آبادي ڪري سمنڊ بہ پنتي هٽي ويو.

**شيدي وليج:**

لي مارڪيٽ جي اولهہ پاسي وارو علائقو شيدي وليج آهي. جيڪا لياري جي پراڻي آبادي آهي. مسقط کان ميرن جي دور ۾ جيڪي شيدي سٽو سنئون ڪراچي بندر تي آيا اهي انهيءَ علائقي ۾ اچي آباد ٿيا ۽ انهن شيدين جي ڪري اهو شيدي ڳوٺ بعد ۾ شيدي وليج مشهور هو. هتان جي

ماڻهن جو چوڻ آهي ته هوشو شيدي به انهن مان ئي هو جنهن جا وڏا پوءِ ميرن جي ڪري حيدرآباد لڏي آيا.

**گل محمد لين:**

اٺ (هشت) چوڪ لڳ ناگمان مسجد ڪانپوءِ وارو علائقو گل محمد لين ڪري مشهور آهي. جيڪو به پورٽ تي جمعدار هو. ميرن جي قبضي ڪانپوءِ گل محمد ملازئي ايران جي علائقي نسقند کان هتي اچي وينو ۽ هي گل محمد بازار وارو علائقو مشهور ٿيو. نسقند ايراني بلوچستان جي ايران شهر جو مشهور علائقو آهي. پورٽ تي جمعدار هئڻ ڪري گل محمد به جمعدار گل محمد مشهور ٿيو. گل محمد لين لياري جي ادب، صحافت، سياست ۽ ثقافت جو اهم مرڪز آهي. بلوچي دانشور، اديب، تاريخ جو ڄاڻو ۽ سياستدان يوسف نسقندي هتان جو هو. جيڪو سياسي طور رسول بخش پليجي جي عوامي تحريڪ کي ويجهو هو. جنهن لياري ۾ سنڌي ماڻهن کي منظم ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

**بغدادي:**

چاڪيواڙو ۽ ڪلاڪوٽ به لياري جون پراڻيون آباديون آهن. بغدادي وارن جو چوڻ آهي ته ميرن جي قبضي ڪانپوءِ بغداد کان جيڪي ماڻهو واپار جي سلسلي ۾ هتي بندر تي آيا ۽ پوءِ هميشه هتي رهي پيا ۽ بغداد کان ايندڙ انهن ماڻهن ڪري هي علائقو بغدادي مشهور ٿيو.

**ڪلاڪوٽ:**

ڪلاڪوٽ واري علائقي ۾ چيو وڃي ٿو ته پراڻو ڪوٽ هو جيڪو ”ڪلا“ نالي ڪنهن عورت اڏايو هو جنهن ڪري هن کي ڪلاڪوٽ چيو ويو ۽ اڄ تائين اهو علائقو ڪلاڪوٽ جي ڪري مشهور آهي. جيئن ڪراچي جي نالي واري باب ۾ لکي آيو آهيان ته ”ڪلاچي جو ڪن“ انهيءَ عورت ”ڪلا“ جو ڪن ته نه هو. ڇاڪاڻ ته ڪلاچي مان واضح طور اها ڳالهه ٿئي ٿي ته ڪلاچي معني ”ڪلا“ وارو معنيٰ ڪلا وارو ڪن.

**چاڪي واڙو ۽ رانگي واڙو:**

چاڪين جي رهڻ ڪري چاڪيواڙي وارو علائقو انهن ڪري چاڪيواڙو مشهور ٿيو.

ڪراچي جي ڪورٽ جي ٻاهران ميرن جي وقت ۾ چمڙي رنگڻ جا ڪارخانا هئا. انهن مزدورن جي وسندي کي رانگي معنيٰ رنگ وارو واڙو. اڪثر رهڻ واري جاءِ يا محلي کي واڙو چيو ويندو آهي ۽ رنگ ڪرڻ وارا مزدور جيڪي هندو هئا. رنگن وارن ڪري هن علائقي کي رانگي واڙو چيو ويو جيڪو اڄ تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي. اڄ به هينئين ذات جا هندو هتي رهن ٿا.

**ميران ناڪو:**

لياري جي هڪ پراڻي آبادي ميران ناڪو آهي جيڪو ڪنهن دور ۾ ميران آباد مشهور هو. لياري نئين ڪناري شهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جيڪي قافلا، مڪران، ايران ۽ افغانستان کان خشڪي رستي ايندا هئا ته شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت هتي ميرن پاران ناڪو لڳل هوندو هو. جتي چنگي (شيرني) وصول ڪرڻ کانپوءِ قافلن کي شهر ڏانهن اچڻ جي اجازت ملندي هئي انهيءَ ميرن واري ناڪي ڪري اهو علائقو ميران ناڪو مشهور ٿيو.

**سيفي، سنگو، شاهه بيگ ۽ نوڪي لين:**

سيفي لين، سنگولين، شاهه بيگ لين اهي آباديون انهن ماڻهن آباد ڪيون ۽ پوءِ انهن جي نالي سان مشهور ٿيون. سنگولين ۾ اڪثريت لس جي ماڻهن جي آهي. سيفي، شاهه بيگ ۽ سنگو به انگريزن جي وقت ۾ پورٽ تي مزدورن جا جمعدار هئا ۽ انهن پنهنجن پنهنجن علائقن جا ماڻهو گهرائي پورٽ تي مزدوري لاءِ لڳايا ۽ انهن کي هتي آباد ڪيو ۽ اهي علائقا انهن جي نالن سان مشهور ٿيا. سيفي لين ۾ اڪثريت افريقي نسل جي شيدين جي آهي. شاهه بيگ لين ۾ بلوچن کانسواءِ هتي هينين ذات جي هندوئن جي وڏي آبادي رهي ٿي. عيسائي به هتي رهن ٿا. نوڪي لين (نوان لين) سڀ کان آخر ۾ آباد ٿيو هو ۽ جنهن ڪري هن کي نوڪي (نئو) لين چيو ويو. پر هاڻي اهو نوان لين جي نالي سان مشهور آهي.

گارڊن ۽ لياري جي وچ ۾ لياري نئين جي ڪابي ڪپ تي حسن لشڪري ڳوٺ ۽ ساهو باغ ميرن جي وقت کان به اڳ هتي موجود هئا. لياري جو پراڻو وهڪرو حسن لشڪري ڳوٺ وٽان وهندو هو.

لياري جا اهي سيئي علائقا ڪوٽ کان ٻاهر لياري نئين جي ڪپ تي هئا. منو در، ڪارو در ۽ ميچي مياڻ جڻ ته شهري علائقو هوندو هو. اهي علائقا ڪلهوڙن جي دور ۾ ترقي ۾ شامل ٿيا ۽ پوءِ بندر جو حصو بڻجي ويا. ڪلهوڙن کان اڳ هتي ننڍا ڳوٺ، ميچي مياڻ هوندا هئا.

آگرا تاج ۽ بهار ڪالوني وارا علائقا 1946ع ۾ آباد ٿيا. اهي ماڻهو هندستان ۾ هندو مسلمان جهيڙن ڪري سڀ کان اڳ اترپرديش ۽ بهار مان لڏي هتي آيا ۽ هتي هندوئن جي مسڻ تي قبضو ڪري پنهنجا گهر اڏيا.

**ريڪسر بازار:**

ريڪسر بلوچي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي واري وارو ڪنارو. لياري نئين جي پراڻي وهڪري جي ساڄي ڪپ تي واريءَ جون ٽِٻون هيون. ايراني بلوچستان کان ڪجهه ماڻهو روزگار لاءِ ميرن جي وقت ۾ هتي اچي آباد ٿيا. لياري نئين جي واري /ريتلي ڪناري ڪري انهن کي

ريڪسري چيو ويو جيڪو بعد ۾ ريڪسر مشهور ٿيو. انگريزن سروي ڪانپوءِ ريڪسر بازار (بازار بلوچي ۾ ڳوٺ کي چيو ويندو آهي کي) ريسڪر لائين نالو ڏنو. هاڻي هي ريڪسر لين آهي. گل محمد لين ڪانپوءِ ريڪسر به علم، ادب ۽ صحافت جو مرڪز رهيو آهي. غريب شاهه وارو علائقو به هتي آهي.

**ڪنيار واڙو:**

ڪنيارن جي رهائش ڪري هن علائقي کي ڪنيار واڙو چيو ويو جيڪي چڪ تي مٽي جا ٿانهه، دلا ۽ ڳُگيون ناهيندا هئا ۽ اهي ماڻهو ٺٺل هڏين کي جوڙن جو به ڪم ڪندا هئا. هڏين جوڙڻ وارو ڪم اڄ به ڪنهن نه ڪنهن طرح هي ماڻهو سنڀاليندا اچن.

لياري جون اهي پراڻيون آباديون لياري نئين جي پراڻي وهڪري ۽ نئين وهڪري جي وچ ۾ آهن ۽ جوڙ ٿائين آهن. ٽرانس لياري ۾ پراڻو گوليمار جتي ڇهه ڳوٺ آهن، ڪانسواءِ حسن اوليا وليج ۽ ٻيا علائقا اچي وڃن ٿا.

**ڊڪيت ڪلچر، لياري جو هڪ بدصورت روپ:**

لياري ڪيترن ئي مسئلن جو شڪار آهي. جنهن ۾ اهم مسئلو امن امان جو آهي. مضمون جي هن حصي ۾ لياري ۾ ڏوهن جي تاريخ تي نظر وجهنداسين، لياري جا رهواسي شروع کان ئي امن پسند رهيا آهن. سياسي شعور رکندڙ هتان جي ماڻهن سياسي تحريڪن ۾ جدوجهد جي سرواڻي ڪئي ۽ مظلوم ۽ محڪوم قومن جي حمايت ۾ اٿندڙ هر تحريڪ ۾ هي ماڻهو هميشه اڳڀرا رهيا آهن. لياري جي اها ڳالهه گهٽن سامراجي ذهن رکندڙ ٽولن کي پسند نه آئي ۽ انهن لياري ۾ ڏوهن جي آبياري ڪئي ۽ اهي ڏوهاري ماڻهو ايترا طاقتور بڻجي ويا جو سياسي پارٽين کي انهن جي ضرورت محسوس ٿي. هن معاملي ۾ پوليس اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ڏوهارين جي پنيرائي انهن جي ضرورت بڻجي ويئي.

لياري غريبن ۽ مزدورن جي وسندي آهي. هتي ڪو به جاگيردار ۽ سرمائيدار نه آهي. جاگيرداراڻي ۽ سرمائيداراڻي سوچ رکندڙ سياستدانن لاءِ هي زرخيز علائقو نظر آيو، ورهاڱي کان اڳ هتي گبول فيملي جيڪي جاگيردار هئا ۽ هارون فيملي جيڪي سرمائيدارن جا نمائندا هئا، سياست لاءِ لياري کي پنهنجو هيڊ ڪوارٽر بنايو. پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪرڻ لاءِ انهن ماڻهن سماجي ڪمن جي شروعات ڪئي. هارون فيملي ڪڏي ۾ مدرسو، ڪاليج، ۽ يتيم خانو نهرايو ۽ اليڪشن لاءِ پنهنجو حلقو جوڙيو.

لياري ۾ رهندڙ اڳواڻن جن لياري کي سياسي شعور ۽ رستو ڏنو اهي غريب هئا پر پنهنجي مقصد سان سچا هئا، انهن ۾ محمد يوسف نسقندي، لالا گل محمد هوت، لالا لال بخش رند، غلام

محمد نوردين، مولوي محمد عثمان، مولوي محمد صادق ڪڏي وارو، غوث بخش بزنجو، عبدالصمد سربازي، پير بخش شهداد، ماسٽر يوسف ذڪري ۽ ٻيا شامل هئا. لياري ۾ جيڪو سياسي شعور اڄ نظر اچي رهيو آهي اُهو انهن اڳواڻن جي ڪري آهي.

جاگيردار ۽ سرمائيدار گروپ لياري ۾ پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪرڻ لاءِ ڌوهارين جي سرپرستي ڪئي. هُن وقت لياري ۾ فقط گهٽيءَ جا چور ۽ گهرن جا چور هئا ۽ خاص هٿيار خنجر ۽ گراڙي (چڪري) وارو چاقو هوندو هو. جڏهن حڪومت، پوليس ۽ سياسي ماڻهن جي سرپرستي انهن کي حاصل ٿي ته انهن لياري ۾ چرس ۽ ڪچي شراب جو ڌنڌو شروع ڪيو.




**لال محمد عرف لالو لاشاري　　نور محمد بابا حسين ايراني**

**اقبال عرف بابو ڊڪيت　　ارشد پپو　　رحمان ڊڪيت**

ورهاڱي وقت ڌوهن جي دنيا ۾ لياري ۾ جنهن ماڻهو مشهوري ماڻي، اهو پهريون ماڻهو نبي بخش عرف نبو هو جنهن ”ڪالا ناگ“ جي نالي سان مشهوري حاصل ڪئي. ”ڪالا ناگ“ اسمگلنگ ۽ ڪچي شراب جي سپلائي ڪري مشهور هو. لياري ۾ جمن شاهه پلاٽ، ريڪسر، چاڪيواڙو، پراڻي حاجي ڪئمپ وارا علائقا ”ڪالا ناگ“ جي اثر هيٺ هئا. ان کي ڪراچي جي

وڏن سينين جو سهڪار حاصل هو. ”ڪالا ناگ“ جا ٽي پٽ، الله بخش، مجيد ۽ ناصر به لياري ۾ منشيات فروشي ڪري مشهور ٿيا.

”ڪالا ناگ“ جي مرڻ ڪانپوءِ لياري ۾ دادل (داد محمد) ۽ شيرل (شير محمد) جيڪي ڀئي ڀائر هئا. ڏوهن جي دنيا جا بي تاج بادشاهه بڻيا. دادل لياري ۾ انڊر ورلڊ جو پهريون ڊان بڻيو. لياري ڪان وٺي ايران تائين ڏوهن جي دنيا ۾ ٻنهي ڀائرن جو راڄ هو. دادل ۽ شيرل جا ٻيا به ڀائر بيگل (بيگ محمد) ۽ تاجل (تاج محمد) به انهن سان شامل هئا، ياد رهي ته دادل مشهور ڏوهاري رحمان ڏڪيت جو پيءُ هو ۽ جنهن بلڊنگ ۾ (افشان گلي) ۾ رحمان ۽ سندس ڪٽنب رهندڙ آهي، دادل بلڊنگ جي نالي سان مشهور آهي، ڪو به واقعو ڪرڻ ڪانپوءِ اهي ماڻهو مڪران يا ايران فرار ٿي ويندا هئا ۽ جڏهن علائقي ۾ سڪون ٿيندو هو ته اهي واپس ايندا هئا.

ايوب خان جي دور ۾ 60 جي ڏهاڪي ۾ انهن کي حڪومت جي سرپرستي حاصل هئي. هر دور ۾ انهن ڏوهارين کي حڪومت ۽ پوليس جي حمايت حاصل رهي آهي، ايوب خان ڪانپوءِ هارون فيملي جو انهن تي هٿ رهيو. 1970ع ۾ جڏهن پيپلز پارٽي لياري ۾ مقبول ٿي ته گبول فيملي جي آشيرواد سان اهي ماڻهو پيپلز پارٽي جي ڇانوري ۾ هليا ويا.

سياسي ماڻهن جي پناهه ۾ اچڻ ڪانپوءِ انهن ڏوهارين جو ڪم وڌي ويو. سياسي اڳواڻ پنهنجي مخالفن کي هيسائڻ، اليڪشن ۾ مخالفن جي جلسن تي حملا ڪرڻ، پولنگ اسٽيشنن تي ڏهڪاءُ ڦهلائڻ، مخالفن کي اغوا ڪرڻ ۾ انهن کي استعمال ڪيو ويندو هو. چوڻ وارا چون ٿا ته جڏهن پٽي صاحب جا جي. اي رحيم سان اختلاف ٿيا ته ان کي اغوا ڪري تشدد جو نشانو بڻائڻ وارا اهي ڀئي ڀائر دادل ۽ شيرل هئا.

بيگ محمد عرف بيگل ۽ تاج محمد عرف تاجل پنهنجي گروهه جي ماڻهن هٿان مارجي ويا. دادل ضياالحق جي دور ۾ گرفتار ٿيو. ضياالحق واري دور ۾ ئي ڪراچي جي جيل ۾ دل ٻيهڻ ڪري گذاري ويو. دادل جي ڀاءُ شيرل کي انهن جي مخالف گروپ جي اڳواڻ محمد اقبال بلوچ عرف بابو ڏڪيت خنجر جا وار ڪري ختم ڪيو ۽ جيل هليو ويو.

دنيا ڇڏڻ کان اڳ انهن ماڻهن ڪراچي خاص ڪري لياري کان وٺي ايران تائين منشيات وڪڻڻ ۽ ايراني شين جي اسمگلنگ جو مضبوط نيٽ ورڪ ناهي ورتو هو. رحمان جيئن ته ننڍو هو ته ان گروهه ۾ ڪم ڪندڙ حاجي لال محمد عرف لالو لاشاري پنهنجو الڳ گروپ ناهي ڪم شروع ڪيو. دادل ۽ شيرل ڪانپوءِ اهو سمجهيو ويو ته لياري وارا سک جو ساهه کڻندا، پر ائين نه ٿيو. خاص ڪري پوليس کي اهڙن ماڻهن جي ضرورت هوندي آهي. انهن ڏوهارين کي پوليس جي مڪمل سرپرستي حاصل هوندي آهي، چاڪاڻ ته انهيءَ ڌنڌي ۾ پوليس کي لکين روپيا ماهوار

ملن ٿا، لياري جا ٻہ ٽاٽا ڪلاڪوٽ ۽ بغدادي ان سلسلي ۾ مشهور آهن. هتي پوسٽنگ لاءِ اچ بہ ٻولي لڳندي آهي.

دادل ۽ شيرل ڪانپوءِ جنهن لياري ۾ ڏوهن جي دنيا ۾ نالو پيدا ڪيو اهو بابو ڊڪيت هو. بابو جو اصل نالو محمد اقبال بلوچ هو. هو ايم. اي اردو هو ۽ پنهنجي دور جو سٺو فٽ بالر هو. پي. آءِ اي ڪلب پاران کيڏندو هو. بابو جو پيءُ محمد عيسيٰ پوليس ۾ هيڊ ڪانسٽيبل هو. بابو جي منشيات فروش بڻجڻ کان اڳ ان ريٽائرمينٽ ورتي هئي ۽ 90 واري ڏهاڪي ۾ گذاري ويو. دادل ڪانپوءِ لياري ۾ بابو انڊر ورلڊ جو ٻيو ڊان بڻجي اڀري سامهون آيو. بابو ڊڪيت جا ٻہ پٽ سعيد ۽ اعظم بہ انهيءَ ڌنڌي سان واڳيل هئا ۽ 80 واري ڏهاڪي ۾ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا.

بابو ڊڪيت پنهنجي انٽرويو ۾ چيو هو تہ، ”هو ننڍڙو چور هو گهٽين ۾ چاقو ڏيکاري ڦرون ڪندو هو. هن وقت ڪلاڪوٽ ٿاڻي جي ايس. ايچ. او جيڪو بعد ۾ لياري ٽائون جو ٽائون پوليس آفيسر (ٽي. پي. او) بہ ٿيو. جنهن منهنجي پٽ حنيف بلوچ کي گهران ماڻهن جي سامهون گرفتار ڪيو، بعد ۾ پوليس مقابلو ڏيکاري قتل ڪري ڇڏيو تہ آئون اقبال فٽبالر مان ڦِري بابو ڊڪيت بڻجي ويس.“

هي 1995ع جو واقعو آهي. ڪنهن دور ۾ بابو ڊڪيت لياري جي ڏوهن جي دنيا جو بي تاج بادشاهہ هو. بابو چرس، هيروئن، شراب سان گڏ، هٿيارن جي سپلائي جو ڌنڌو ڪندو هو. هو اغوا برائي تاوان جهڙن ڏوهن ۾ بہ ملوث رهيو هو. پنهنجي دور جا مشهور ڏوهاري ڪشمير خان ۽ صادق گڊاڻي، بابو جا دوست هئا. بابو ڪراچي کان ايران تائين منشيات جي سپلائي جو ڌنڌو ڪندو هو.

بابو ڊڪيت جو هڪ ساٿي ايران ۾ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو.

بابو جي جيل وڃڻ ڪانپوءِ لياري ۾ ڏوهن جي دنيا جو هڪ اهم ڪردار حاجي لالو (لال محمد لاشاري) اسڪرين تي ظاهر ٿئي ٿو. عبدالرحمان بلوچ، رحمان ڊڪيت جو نالو اختيار ڪري پنهنجي پيءُ ۽ چاچي جي گروهہ جو اڳواڻ بڻجي ٿو. رحمان سان گڏ سندس ٻہ ڀائر ۽ سوٽ ۽ ٻيا اهم ڏوهاري گڏجي ڏوهن جي دنيا ۾ راڄ ڪرڻ لڳن ٿا.

بابو سان گڏ سندس گروهہ ۾ اهم ماڻهن ۾ حسين ايراني جيڪو ڪنهن دور ۾ ايران جي ڳجهي ايجنسي ۾ ڪم ڪندو هو. بابو سان گڏجي ڪراچي ۾ ڏوهن جي دنيا ۾ پير پائي ٿو. حسين ڪانسواءِ علي ايراني ۽ مجيد اسپيڊ بہ بابو جا اهم ماڻهو هئا. مجيد اسپيڊ بابو ڊڪيت جو ساڄو هٿ هو.

بابو جي گرفتاري ڪانپوءِ حسين، علي ۽ مجيد اسپيڊ حاجي لالو ڏانهن دوستي جو هٿ وڌايو پر اندر ۾ هو پنهنجي گروهہ کي مضبوط ڪرڻ لڳا هئا. حاجي لالو جيئن تہ رحمان جي پيءُ ۽ چاچي

جي چانوري ۾ ڏوهن جي دنيا ۾ قدم رکيو هو تنهن جي ڪري رحمان ڊڪيت ۽ حاجي لالو ۾ ڪي به اختلاف نه هئا. اهي ٻئي پنهنجي پنهنجي ورهايل علائقن ۾ ڪم ڪندا هئا. حاجي لالو ميوا شاهه قبرستان ويجهو جهان آباد (پاڪ ڪالوني) جتي ان جو گهر آهي پنهنجو هيڊ ڪوارٽر قائم ڪيو ۽ ٽرانس لياري جو علائقو ان جي اثر هيٺ آهي.

هڪ سوناري جي اغوا ڪان پوءِ تاوان جي رقم تان رحمان ۽ حاجي لالو ۾ اختلاف ٿيا. حاجي لالو، رحمان جي ٻي گهرواريءَ جنهن جو نالو شهناز آهي جيڪا سيٺ يوسف جي ڌيءَ آهي اها شادي حاجي لالو ڪرائي هئي. شهناز جي هڪ ڀيڻ حاجي لالو جي پٽ عرفات بلوچ جي گهرواري آهي. انهيءَ مٽي مائيٽي جي باوجود اغوا برائي تاوان جي رقم جي ورهاست تان شروع ٿيندڙ جهيڙي خطرناڪ رخ اختيار ڪيو ته رحمان پنهنجي استاد جو جاني دشمن ٿي ويو.

حاجي لالو 2004ع ۾ گرفتار ٿيو ۽ هن وقت جيل ۾ آهي. ان ڪان اڳ به حاجي لالو گرفتار ٿي چڪو آهي. حاجي لالو جي گرفتار ڪانپوءِ سندس پٽ ارشد پپو پنهنجي پيءُ جي گروهه جو اڳواڻ ٿيو. حاجي لالو لاءِ مشهور آهي. ته هو بيواهن، يتيمن ۽ سياسي ڪارڪنن جي واهر ڪندو آهي ۽ راڄن جا فيصلا به ڪندو آهي. چور هوندي به لياري وارن جو چونڊ آهي ته هو مسيحا به آهي. حاجي لالو ۽ بابو جيل ۾ هئا. ارشد هن دنيا ۾ نئون هو. ارشد جو مقابلو لياري ۾ ڏهن جي دنيا جي انڊر ورلڊ جي ڊان عبدالرحمان بلوچ عرف رحمان ڊڪيت عرف ريمبو عرف خان  بابا سان هو. ياد رهي ته رحمان پنهنجي حلقي ۾ خان بابا جي نالي سان مشهور آهي ۽ ارشد پپو سردار دودا خان جي نالي سان مشهور آهي اهي ٻنهي جا ڪوڊ ورڊ آهن.

رحمان ڊڪيت پاڻ ڪي عوام ۾ مقبول ڪرڻ لاءِ سياست ۾ به حصو ورتو. سياست ۾ لياري جو ڪنگ ميڪر بڻجي ويو. لياري ٽائون ۾ چونڊيل 25 سيڪڙو ڪائونسلرن ڪي رحمان جي حمايت حاصل آهي ۽ ٻن يونين ڪائونسلن جا ناظم به رحمان جا ماڻهو چيا وڃن ٿا.

ٻئي پاسي ارشد پپو ڪي سنڌ حڪومت ۾ مضبوط پوزيشن رکندڙ هڪ لساني سياسي تنظيم جو مڪمل سهڪار حاصل آهي انهيءَ سهڪار ڪري هو ٽرانس لياري مان نڪري پوري لياري ۾ پنهنجا اڏا قائم ڪيا ۽ رحمان ڊڪيت جي گهڻن اڏن ڪي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. ٽرانسپورٽرن ۽ دڪاندارن ڪان رحمان جي علائقي ۾ ڀتو ونڻ شروع ڪيو ته ٻنهي ۾ جهيڙا شروع ٿيا.

بابو جي جيل وڃڻ ڪانپوءِ مجيد اسپيڊ، ارشد پپو جو ساٿ ڏنو. جڏهن ته حسين ايراني ۽ علي ايراني جون همدرديون رحمان ڊڪيت سان هيون. رحمان ۽ ارشد پپو ڪانپوءِ هن وقت مجيد اسپيڊ ۽ حسين ايراني لياري ۾ ڏوهن جي دنيا ۾ اهم ماڻهو آهن، انهن پنهنجي الڳ شناخت قائم ڪري

ورتي آهي، مجيد ۽ حسين اجا تائين گرفتار نہ ٿيا آهن گهڻا پيرا پوليس مجيد اسپيڊ جي مارڻ جي دعويٰ بہ ڪئي پر بعد ۾ اهي خبرون ڪوڙيون ثابت ٿيون.

رحمان ڊڪيت جو حب ۾ وائيٽ هائوس نالي مضبوط هيڊ ڪوارٽر آهي، 2006ع جي شروع ۾ پوليس حب ۾ وائيٽ هائوس تي حملو ڪيو تہ 1992ع ۾ ايم. ڪيو. ايم خلاف آپريشن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ پوليس آفيسر حيات سميت ٽي سپاهي مارجي ويا. رحمن ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان جا ڪجهہ ساٿي مارجي ويا ۽ 20 کان مٿي گرفتار ٿيا. چوڻ وارا چون ٿا تہ اهو ڇاپو ارشد پپو جي ڏس تي لڳايو ويو هو.

ارشد پپو ميوا شاهہ قبرستان ۾ دفن رحمان ڊڪيت پيءُ جي دادل ۽ چاچي شيرل جي قبرن کي ڊاهڻ ڪانسواءِ لياري جي مشهور ٽرانسپورٽر جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ رحمان جو ماڻهو هو، فيض محمد عرف ماما فيضو کي قتل ڪيو تہ ان جو پٽ عبدالعزيز پنهنجي پيءُ جي بدلي وٺڻ لاءِ رحمان جي گروهہ ۾ شامل ٿيو. فيض محمد جون 35 کان مٿي بسون هيون، گينگ وار جي نتيجي ۾ اهي بند ٿي ويون. جنهن جي ڪري 200 کان مٿي ماڻهو بيروزگار ٿي ويا. مڪران ڏانهن ويندڙ پوري ٽرانسپورٽ تي مڪمل بلوچن جو ڪنٽرول هو. گينگ وار جي نتيجي ۾ پٺتا ڪلچر ڪري اهو ڪاروبار تباهہ ٿي ويو آهي. هاڻي ميانوالي مڪران روٽ تي قابض ٿي رهيا آهن.

رحمان ڊڪيت کي ڏسندي ارشد پپو بلوچستان جي علائقي ساڪران ۾ پنهنجو اڏو قائم ڪيو. حب جو وائيٽ هائوس ۽ ساڪران جو لاشاري هائوس، افشان گلي، ڪلاڪوٽ جو دادل بلڊنگ ۽ جهان آباد ۾ قائم لال محمد بلڊنگ وارا علائقا عام ماڻهن لاءِ نو گو ايريا آهن، هتي گهٽين ۾ لڳل جديد ڪيمرائن سان هر چرپر تي نظر رکي ويندي اهي. گهٽين ۽ گهرن ۾ سرنگون موجود آهن ڪنهن خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ 40 کان 50 هٿياربند جديد هٿيارن سان هر وقت موجود هوندا آهن.

بابو ڊڪيت آخري ڀيرو 1998ع ۾ جيل ويو. جتي ان تي فالج جو حملو بہ ٿيو. ضمانت تي آزاد ٿيڻ کانپوءِ ڪجهہ عرصو خاموش رهيو. چاڪاڻ تہ هاڻي لياري ۾ ڏوهن جو تاج ٻين جي مٿي تي هو. بنا تاج جي هو ڪجهہ بہ نہ هو.

ڏوهن جي دنيا جي مهرن کي هلائڻ وارن ڏٺو تہ بابو ڊڪيت ۽ رحمان ڊڪيت جي هڪٻئي جي مخالفت ڪري انهن جي ڪاروبار تي اثر پئجي رهيو آهي تہ انهن وچ ۾ پئي ٻنهي ۾ صلح ڪرائي رحمان ان شرط تي راضي ٿيو تہ بابو جو پٽ نعيم جيڪو ارشد پپو سان گڏ هو. لياري جو رخ نہ ڪندو. اهو شرط بابو قبول ڪيو ۽ پهريون ڀيرو ان کي احساس ٿيو تہ هاڻي هو ڪجهہ بہ نہ آهي. نعيم مئي 2004ع ۾ پنهنجي هڪ دوست جي شادي تي جڏهن لياري آيو تہ رحمان جي

ماڻهو شاهنواز شاني نعيم کي قتل ڪيو. معاهدو ختم ٿي ويو. نعيم جي تدفين جڏهن ميوا شاهه ۾ ٿي رهي هئي تہ هتي بابو ڏڪيت، حاجي لالو جي پٽ ارشد پپو ڏانهن دوستي جو هٿ وڌايو. انهيءَ دوستيءَ جي نتيجي ۾ 15 ڏينهن اندر جڏهن بابو ڏڪيت ڪورٽ مان رڪشا وسيلي پنهنجي گهر چاڪيواڙي وٽ پهتو تہ هٿياربند لياري ۾ ڏوهن جي دنيا ۾ راڄ ڪندڙ اقبال عرف بابو ڏڪيت کي اربع 23 جون 2004ع تي هميشہ لاءِ خاموش ڪيو ۽ ان جو انجام اهو ٿيو جو فالج ۾ ورتل هي شخص پنهنجي شاگرد جي گروهه جي ماڻهن هٿان مارجي ويو. ان واقعي ڪانپوءِ پوري لياري ۾ گينگ وار ۾ واڌارو ٿيو. ارشد پپو، مجيد اسپيڊ هڪ پاسي رحمان ڏڪيت جا ماڻهو ٻئي پاسي مسلسل فائرنگ ڪندا رهيا جنهن ۾ ڪيترا ماڻهو مارجي ويا. لياري ڪانسواءِ ملير ۾ بہ انهن ٻنهي گروپن جي ماڻهن ۾ فائرنگ ٿيندي رهي.

ارشد پپو کي سنڌ حڪومت ۾ وينل هڪ مضبوط تنظيم جي حمايت حاصل هئڻ ڪري بہ پيرا رحمان ڏڪيت جي اڏي تي چاپو لڳو. رحمان جا بہ اهم ماڻهو شاهنواز شاني ۽ عثمان ڪيڪڙو پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا. ارشد پپو لاءِ مشهور آهي تہ هو انتهائي بي رحم ماڻهو آهي. سنڌ جا گهٽا ڏوهاري خاص ڪري اغوا برائي تاوان جا مشهور ڏوهاري ارشد پپو جي گينگ ۾ شامل آهن. ڪراچي شهر ۽ خاص ڪري ڀهراڙيءَ ۾ اغوا جي وارداتن ۾ اهي ماڻهو ملوث آهن.

رحمان ڏڪيت جو معاملو ڪجهہ مختلف آهي. هو ڏوهن جي دنيا جو بي تاج بادشاهہ هوندي بہ پنهنجي ڏوهن کي همدردي ۾ بدلائڻ جي فن کان واقف آهي. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ 1990ع ۾ سنڌي مهاجر جهيڙا ٿيا تہ بلوچ ۽ سنڌي ڳوٺن جي حفاظت لاءِ رحمان ڏڪيت پنهنجا هٿياربند ماڻهو موڪليا هئا. جڏهن بلوچستان ۾ فوجي آپريشن شروع ڪيو ويو تہ رحمان پنهنجي ڏوهن کي لڪائڻ لاءِ اندر اندر بلوچ قومپرست تحريڪ جي حمايت ڪئي. چيو وڃي ٿو تہ ڪراچي ۾ بلوچ قوم پرستن جي نهيل تنظيم ”بلوچ الائنس“ کي رحمان ڏڪيت جي مڪمل حمايت حاصل آهي. رحمان جا گهٽا شاگرد اندروني طور تي مختلف قوم پرست پارٽين ۾ ميمبر آهن ۽ گهٽا مختلف يونٽن جا عهديدار بہ آهن. بلوچ قومپرست جماعتن ڪانسواءِ لياري ۽ ملير ۾ ڪم ڪندڙ هڪ وفاقي جمهوري پارٽي ۽ سنڌي قوم پرست جماعتن ۾ بہ رحمان جا ماڻهو موجود آهن.

اخباري رپورٽن موجب ڏوهن جي دنيا جو اهو ديو مالائي ڪردار 18 جون 2005ع تي ڪوئيٽا مان بنا ڪنهن گولي هلڻ جي پنهنجي گهر واري شهناز ۽ ٻارن سميت گرفتار ٿيو ۽ اهو بہ هڪ سوال آهي تہ 50 کان مٿي محافظ رکندڙ هي ماڻهو بنا فائرنگ جي ڪيئن گرفتار ٿيو؟ ٻارن کي ۽ گهر واريءَ کي آزاد ڪيو ويو آهي. رحمان ان کان اڳ 1990ع ۾ جيل مان فرار بہ ٿيو هو. ڪجهہ حلقن جو چوڻ آهي تہ رحمان کي بلوچستان ۾ قوم پرست تحريڪ جي حمايت ڪرڻ تي ارشد پپو جي

ڏس تي گرفتار ڪيو ويو آهي. وچ ۾ اخبارن ۾ اهي خبرون شايع ٿيون ته رحمان ڊڪيت جيل مان ڀڄي ويو. پوليس اجان تائين (2007ع) ۾ هن کي ظاهر نه ڪيو آهي. جنهن جي ڪري گهڻن ماڻهن جو خيال آهي ته اهو پوليس جي مدد سان جيل مان ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي ۽ هن وقت ايران ۾ آهي.

رحمان ڊڪيت عرف خان بابا ۽ ارشد پپو عرف سردار دودا خان ڏوهن ۾ خاص ڪري منشيات جي سپلاءِ ۾ لياري ۽ ملير ۾ عورت کي استعمال ڪيو. رحمان ڊڪيت جا ماڻهو هن وقت لياري ڪانسواءِ بلوچستان جي ساحل کان ايران جي ساحل تائين، پنجاب جي ضلعي ميانوالي، دبئي ۽ ڏکڻ آفريڪا تائين ڦهليل آهن. رحمان ڊڪيت، ارشد پپو، مجيد اسپيڊ ۽ حسين ايراني جا گروهه چرس، هيروئن، شراب، هٿيارن جي سپلاءِ ۽ اغوا برائي تاوان جهڙن ڏوهن کان وٺي پتا خوري ۾ ملوث آهن.

رحمان ڊڪيت جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ لياري ۾ هڪ نئون ۽ خوفناڪ گينگ شروع ٿيو هو ته انڊر ورلڊ جو نئون ڊان ڪير ٿئي؟ مختلف ڏوهاري گروپن جي ماڻهن هڪ ٻئي سان رابطا شروع ڪيا هئا. رحمان ڊڪيت جي گروهه جي اڳواٽي ڪير ڪري اهو فيصلو اجا نه ٿي سگهيو. چاڪاڻ ته اهو فيصلو رحمان ڪندو. جنهن کي گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ ڪٿي رکيو ويو آهي ان جي اجا خبر ڪنهن کي به ناهي. پر خيال آهي، احمد شاهه بخاري روڊ لياري جو رهائشي نور محمد عرف بابا جيڪو رحمان جو خاص ماڻهو آهي ان کي ڪجهه وقت لاءِ وقتي طور گروهه جو اڳواڻ مقرر ڪيو هو. گروهه جي اڳواٽيءَ لاءِ نور محمد ڪانسواءِ سنگولين ۾ رهڻ وارو ٽرانسپورٽر ماما فيضو جو پٽ عزيز، رحمان سان گڏ هڪ ئي بلڊنگ ۾ رهندڙ ساجد ٽيڊي ۽ سربازي محلي جو رهڻ وارو رزاق زهري به اميدوار هئا. جڏهن انڊر ورلڊ جي ڊان لاءِ مضبوط اميدوار حسين ايراني به هو. ان ڊوڙ ۾ ارشد پپو، مجيد اسپيڊ، يونس بلوچ ۽ رحمان جو ماڻهو نور محمد بابا به شامل هئا. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڀيرو وري لياري ۾ هٿيارن جي خوفناڪ راند شروع ٿي هئي. پر رحمان جي گرفتاري ظاهر نه ڪرڻ سان اها ڳالهه واضح ٿي آهي ته هو هن وقت پوليس تحويل ۾ نه آهي ۽ ٻاهر آهي. تنهن ڪري هن وقت به هو پنهنجي گروهه جي اڳواٽي خود ڪري رهيو آهي ۽ سنڌ جي گهرو کاتي جي ايم ڪيو ايم جي وزير رئوف صديقي کي هٽائي هن جي جاءِ تي ايم ڪيو ايم جي وسيم اختر کي گهرو کاتي جو مشير مقرر ڪيو ويو ته هڪ هفتي اندر ارشد پپو کي گرفتار ڪيو ويو. چوڻ وارن جو چوڻ آهي ته جيل ان لاءِ محفوظ پناهه گاهه آهي. لالا لال بخش رند سميت گهڻن سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته ”ڳالهه ايتري حد تائين نه آهي جيترو اخبارن ۾ هن کي ظاهر ڪيو وڃي ٿو. اخباري مهم انهن ڏوهارين کي مشهور ڪيو آهي ته جيئن لياري کي

دنيا ۾ بدنام ڪيو وڃي. جنهن ۾ خود حڪومت بہ ملوث آهي.“ انهن جو چوڻ آهي، تہ ”سياسي ۽ جمهوري تحريڪن کي بندوق جي زور تي ختم ڪرڻ، دٻائڻ ۾ تہ حڪومت اڳتي آهي، پر لياري جا بہ ڏوهاري هن جي قابو ۾ نہ آهن.“

اهي سڀ ڏوهاري ماڻهو لياري جا رهندڙ آهن. جن لياري جو امن ۽ سڪون برباد ڪيو آهي. ماڻهن جو روزگار تباهہ ڪيو. ڪتابن جي بجاءِ نوجوانن جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوف، ٺري جي بوتل، هيروئن جي پڙي، چرس جو راڄ ۽ بي روزگاري جهڙو زهر ڏنو آهي.

لياري جنهن هميشہ جمهوريت پسند، قوم پرست ۽ سرخ انقلاب جي تحريڪن جي سرواڻي ڪئي ان کي مڪمل طور تباهہ ڪيو ويو. ان ۾ ٻين سببن ڪانسواءِ اهم سبب ڏوهارين پاران شروع ڪيل گينگ وار آهي. جيڪي حڪومت وقت ۽ پوليس جا چاڙتا ٻڌجي پنهنجن ماڻهن کي قتل ڪري رهيا آهن. انهن جو روزگار تباهہ ڪري رهيا آهن. انهن ڏوهارين خلاف ڪنهن کي ڳالهائڻ جي اجازت نہ آهي ۽ جيڪڏهن ڪو همت ڪري ٿو تہ هن جو حشر انور ڀائي جان جهڙو ٿئي ٿو. انهن ڏوهاري ماڻهن پاران ايراني ڳجهي تنظيم ”ساواڪ“ وانگر پوري لياري، ملير ۽ بلوچستان ۾ مخبري جو مضبوط نيٽ ورڪ موجود آهي. تارچر سيل ۽ اڏا موجود آهن.

هن گينگ وار جي نتيجي ۾ لياري جي سماجي، ثقافتي ۽ سياسي زندگي تي اثر پيو آهي. لياري جون رونقون ختم ٿي ويون آهن لياري لاءِ مشهور آهي تہ هتان جا ماڻهو رات جو اٺين وڳي جاڳن ٿا. خوشي جون اهي راتيون انهن کان کسيون ويون. شادي جي راتين ۾ پوري رات جاڳڻ ۽ ليوا تي نچڻ ختم ٿي ويو. سانجهي ٿيندي ئي پوري لياري ۾ خوف ڇانئجي ويندو آهي. ماڻهن رات جو نڪرڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. هن گينگ وار ڪري لياري ۾ ترقياتي ڪم متاثر ٿيا آهن.

لياري جيڪو قومپرست، جمهوريت پسند، سوشلسٽ ۽ مزدور تحريڪن جو محور ۽ مرڪز هو، هتي هاڻي هڪ نئون ڪلچر جنم وٺي رهيو آهي. تبليغي جماعتن ۽ جهادي تنظيمن لياري جو رخ ڪيو آهي ۽ نوجوان نسل تيزي سان انهن جي اثر هيٺ اچي رهيو آهي. جيڪو لياري جي جمهوريت پسند، قوم پرست ۽ سوشلسٽ ذهن رکندڙ ماڻهن لاءِ ڳڻتيءَ جو مقام آهي.

گذريل سال لياري جي ٻن خودڪش بمبار ڀيڻن جو چرچو عام هو. جيڪي 2006ع جي شروع ۾ سوات ۾ گرفتار ٿيون، جن هتي هڪ جهادي تنظيم جي ٻن اهم ماڻهن سان شادي بہ ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ ڪيس ۾ انهن جو مامو گل حسن بلوچ جيل ۾ آهي. گرفتاريءَ ڪانپوءِ اڃا تائين ٻنهي ڀيڻن جي باري ۾ ڪا معلومات نہ آهي.

لياري جو اهو هڪ نئون روپ سامهون اچي رهيو آهي. لياري جي ڏوهارين جي مارجڻ يا گرفتار ٿيڻ بعد بہ اهو سلسلو ختم نہ ٿيندو. سياسي پارٽيون ڪو ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر آهن جنهن

جي ڪري مذهبي انتهاپسندي وڌي رهي آهي. لياري جي ماڻهن ٻه خاموشي سان پاڻ کي نئين طوفان جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. انهن جو چوڻ آهي ته نئون نسل ڏوهن جي دنيا ۾ پروان چڙهڻ کان بهتر آهي، ته مذهب ڏانهن وڃي.

# منگهو پير ۾ شيدين جي نرالي عقيدت

سانجهي جي نماز ختم ٿي چڪي هئي. درگاهه لڳ مسجد مان نمازي آهستي آهستي ٻاهر اچي رهيا هئا، مان ٻين سان گڏ درگاهه جي اتر پاسي نهيل ميدان (جنهن کي آمري پٽ گڏامڙي وارو ميدان چوندا آهن) ۾ مختلف شيدي برادري جي دوستن ۽ انهن جي ڪميونٽي جي اڳواڻن سان ڪچهري ۾ مصروف هيس. ڪجھ نمازين جو رخ ميدان ڏانهن هو جيڪي شيدي قبيلي جا ماڻهو هئا. ڏارين ۾ رڳو آئون اڪيلو هوس. صبح جو نو وڳي کان شروع ٿيندڙ رسمن جي سلسلي ۾ پڄاڻي واري رسم ادا ڪرڻ لاءِ وقتي جڳهين جي گهرن مان مرد، عورتون ۽ ٻار سپ دائري جي شڪل ۾ وينل هئا. اڄ ٻيلارا (ٻيلي وارا) شيدين جي رسمن ادا ڪرڻ جو ڏينهن هو جنهن ڪري انتظام به انهن جي حوالي هو. ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ مخصوص ساز جنهن کي "ميداني" چون ٿا وڄائڻ شروع ڪيو ويو. ساز جي آواز سيني تي وجد طاري ڪري ڇڏيو. اکيون بند ڪرڻ تي ماڻهو ڄڻ ته آفريڪا جي ڪنهن ڳوٺ ۾ پاڻ کي محسوس ڪندو هجي. انهيءَ دوران ثناءُ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو ويو. ثنا ۾ رسول صلعم، اولياءُ اڪرام ڪانسواءِ ڪربلا، ڪراچي ۽ لسٻيلي ڪي دعائن ۾ ياد ڪيو ويو. اهي رسمون ٻن ڪلاڪن تائين هليون. ان ڪانپوءِ خيرات جي ماني "نياز" جنهن ۾ پٽ، زردو، بادامي ۽ حبشي حلوو شامل هو، سيني کي ڪارايو ويو. آخر ۾ مخصوص دهل "موگرمان" تي ڌمال ٿي. ڌمال آفريقي شيدين جي موت ناچ وانگر هئي. "موگرمان" شيدين جو مقدس دهل آهي. جنهن کي زمين تي اپو ڪري ٻيٺي هڪ پاسي کان وڄايو ويندو آهي. ڌمال ڪندڙن ۾ عورتون ۽ مرد بنا ڪنهن حجاب جي شامل هوندا آهن. گهٽڻ جي هٿن ۾ ٻن ڪان چئن فٽن تائين ڊگهيون ڏنديون هيون. "موگرمان" کي خوب سينگاريو ويندو آهي ۽ وڄائڻ وقت هن کي مور پنک سان پکو هنيو ويندو آهي. موگرمان ليوا جي دهل وانگر آهي پر هن کان مختلف آهي. موگرمان چار فٽ ڊگهو آهي. چوندا آهن ته، "دهل وڄي ۽ دوست نه نچي." دوستن جي فرمائش تي آئون به ڌمال ۾ شامل ٿيس.

ڌمال ڪانپوءِ جيڪو ڏينهن جو آخري ڌمال هوندو آهي هر قبيلي وارا پنهنجي ڪئمپ ڏانهن ويندا آهن. هر قبيلي جي ڪئمپ جي سامهون الڳ الڳ موگرمان رکيل هوندو آهي ۽ جنهن جي دل ڏينهن جي آخري ڌمال مان نٽي پرجي ته پوءِ پنهنجي ڪئمپ جي سامهون رکيل موگرمان تي ڌمال ڪري پنهنجي بدن جو ٿڪ لائي سگهي ٿو.

ڪراچي جي قديم وسندي منگهوپير جي درگاهه تي لڳندڙ قديم شيدي ميلي يا لال شاهه واڱونءَ جو ميلو هر سال لڳندو آهي. سال 2006ع مئي جي مهيني جي گرميءَ ۾ آئون به دوستن جي دعوت

۾، ميلي شروع ٿيڻ ڪانپوءِ چوٿين ڏينهن صبح جو پهتس تہ رسمون شروع ٿي چڪيون هيون. آئون سال، ٻئي سال هن ميلي ۾ شرڪت لاءِ ايندو آهيان. اهو سلسلو 1997ع کان جاري آهي. ميلي جو چوٿون ڏينهن هو. اهو ڏينهن ٻيلارن شيدين جي رسمن ادا ڪرڻ جو ڏينهن هو.

هي تاريخي ميلو ان وقت کان لڳڻ شروع ٿيو آهي جڏهن کان هتي واڳون ظاهر ٿيا ۽ اهو سلسلو اڄا تائين جاري آهي. هن ميلي جي ڪا تاريخ مقرر نہ آهي. بهار جي موسم شروع ٿيندي ئي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ شيدي برادري منگهي پير تي شيدي ميلي جي تيارين ۾ مصروف ٿي ويندا آهن. شيدين جا ٻيڙا، جوان، عورتون ۽ ٻار عيد لاءِ بہ ايتري تياري نہ ڪندا آهن جيتري هن ميلي لاءِ ڪندا آهن. هي ميلو هفتي تائين جاري رهندو آهي. ڪو زمانو هو جو هي ميلو ڏهن کان ويهن ڏينهن تائين جاري رهندو هو پر بيروزگاري ۽ معاشي بدحالي شيدين جي خوشين کي بہ محدود ڪري ڇڏيو آهي. هي ميلو منگهي پير جي درگاهہ تي لڳايو ويندو آهي. ميلي جا مرڪزي ڪردار درگاهہ لڳ گدلي پاڙيءَ جي تلاءُ ۾ رهندڙ واڳون آهن. هن ميلي کي لال شاهہ واڳونءَ جو ميلو بہ چيو ويندو آهي. ميلي جو انتظام آل پاڪستان شيدي ڪميونٽيز جي هٿن ۾ هوندو آهي. ميلي لاءِ تاريخ آل پاڪستان شيدي ڪميونٽي جي گڏجاڻيءَ ۾ طئہ ڪئي ويندي آهي. ميلي کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪميونٽي پاران درگاهہ لڳ پٽريلي جاءِ تي وقتي جهگين جو ڳوٺ اڏيو ويندو آهي. جيئن ميلي تي ايندڙ ياترين کي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جي ڏکيائي نہ ٿئي. هن ميلي جي اهم رسم ”ٽڪو“ آهي. ٽڪو رسم ۽ ڌمال چئن، ڏينهن تائين جاري رهندي اهي. هن ميلي ۾ شيدين جا چار وڏا قبيلا ڪارادري (ڪراچي وارا)، لاسي، حيدرآبادي ۽ ٻيلارا (ٻيلي وارا) شريڪ ٿيندا آهن. هر قبيلي لاءِ ٽڪو رسم ادا ڪرڻ لاءِ الڳ ڏينهن هوندو آهي. پهريون ڏينهن وڏي قبيلي ڪارادري وارن لاءِ هوندو آهي.

جڏهن آئون ميلي ۾ پهتو هوس تہ ٻيلارن جي ٽڪي رسم جو ڏينهن هو. صبح جو نائين وڳي کان رسمون شروع ٿي چڪيون هيون، ”ميداني“ ساز جي آواز سان شروع ٿيندڙ رسم ڪانپوءِ اهو رسم رفاعي سلسلو يعني مريدن کي پيالي پيارڻ جو انتظام ڪيو ويندو آهي. هن عمل کي صد ذڪري معنيٰ سئو ذڪر وارو چئبو آهي. ٽڪي رسم لاءِ جنهن قبيلي جي ”ٽڪي“ ادا ڪرڻ جو ڏينهن هوندو آهي. گڏيل طور تي بنا عيب ڪارو ٻڪرو وٺي ان کي ذبح ڪيو ويندو آهي. ذبح ڪرڻ وقت وهندڙ رت ڪشڪول (پيالي) ۾ وڌو ويندو آهي ۽ اهو خون ”موگرمان“ تي بہ لڳايو ويندو آهي. ٻڪري جي ڪنڌ جو گوشت هڪ وڏي پليٽ ۾ رکي اڇي ڪپڙي سان ڍڪيو ويندو آهي. پيالي بابت اهو چيو ويندو آهي تہ هي غوث اعظم جو پيالو آهي. پيالو پيئڻ وقت مريد گول دائري ۾ ويهندا آهن ۽ هٿ ۾ ٻن کان چار فٽ جو ڏنڊو پڪڙي پيالو نوش ڪندا آهن. پيالي پيئڻ

ڪانپوءِ ڪوپري جو ٽڪرو وات ۾ وڌو ويندو آهي. هر مريد جي واري اچڻ تي ڏندو هن جي هٿ ۾ ڏنو ويندو آهي. اهڙي طرح سڀ مريد پيالو پي ڪري رسم پوري ڪندا آهن. مون به پيالو نوش ڪيو.

مريدن جي پيالي پيئڻ واري رسم ڪانپوءِ هڪ پيرو بيهر سازن جي آوازن سان گڏ ورد ۽ ثنا جا عجيب غريب آواز به فضا ۾ گونجڻ لڳا. جنهن ۾ سنڌي، بلوچي، اردو ۽ آفريقي زبان جا گڏيل لفظ هئا. جيڪي اصل ۾ هڪ گڏيل دعا آهي. دعا پڙهندي سڀ وقتي جڳهين جي ڪئمپ مان تلاءَ ڏانهن روانا ٿيندا آهن. ٻارڙين جي مٿي تي رکيل ٿاڪين ۾ جن مان هڪ قربان ڪيل ٻڪري جي ڪنڌ جو گوشت، ٻئي ۾ حلوو، ٽئين ۾ سندور (رنگ) ۽ چوٿين ۾ گلاب جا گل ۽ هار هوندا آهن. اهي سيئي ٽڪو رسم لاءِ هوندا آهن. وقتي جڳهين ڪان تلاءُ تائين رستو پنجن منٽن جو آهي پر اهو ٽن ڪلاڪن ۾ پورو ٿيو. ڪشتي (تلاءُ) لڳ پڙ ٺهيل آهي جتي سڀ پيرين اگهاڙا گڏ تي ڌمال ڪندا آهن. ڌمال آفريقي شيدين جي موت ناچ وانگر هوندا آهي. انهيءَ دوران شيدين جو اهو عقيدو آهي ته ڌمالين تي جڏهن وجد طاري ٿي ويندو آهي ته ان وقت تلاءُ مان سردار واڳون جنهن کي هو ”مور“ واڳون يا لال شاهه واڳون چون ٿا غار مان نڪري ڪناري تي ايندو آهي پوءِ خليفو جنهن جي هٿ ۾ به ڏنڊا هوندا آهن. ان ”مور“ واڳونءَ جو وات کوليندو آهي ۽ ٻڪري جي ڪنڌ جو گوشت واڳون جي وات ۾ وڌو ويندو آهي ۽ انهيءَ ٻڪري کي ذبح ڪرڻ وقت گڏ ڪيل رت ۽ آنڊل سندور سان واڳون جي مٿي تي تلڪ لڳايو ويندو آهي ۽ مٿائنس گلن جي ورڪا ڪئي ويندي آهي. هن رسم کي ”ٽڪو“ چيو ويندو آهي. جيڪا انتهائي اهم آهي. مور واڳون کي ”حاجي“ ڪري به پڪاريندا آهن. گوشت کائڻ ڪانپوءِ هر پاسي ”مبارڪ مبارڪ“ جا آواز ايندا آهن. اهو خوشي جو اظهار آهي ته مور واڳون قرباني قبول ڪئي آهي ۽ گوشت نه کائڻ جي صورت ۾ شيدين ۾ مايوسي ڇانئجي ويندي آهي. جيڪڏهن مور واڳون نذرانو قبول نه ڪيو ته اهي منگهي پير ۽ جليل شاهه جي درگاهه تي سلام پرڻ نه ويندا آهن واپس ميدان ڏانهن ايندا آهن. پلي هن ۾ ڪيترا به ڏينهن لڳن، ٽڪي رسم پوري ڪري پوءِ شيدي ٻيون رسمون ادا ڪندا آهن. ان ڏينهن به شديد گرمي ۾ ڌمال سان گهڻن شيدين تي وجد طاري ٿيو ته مشڪل سان مور واڳون غار مان ٻاهر آيو ۽ اهي رسمون ادا ڪيون ويون. مور واڳون ”تلاءُ“ جي هڪ ڪنڌ ۾ ٺهيل قدرتي غار ۾ ئي رهندو آهي. جڏهن ”مور“ يا ”حاجي“ واڳون وصال ڪري ويندو آهي ته پوءِ سڀ واڳو گڏجي تلاءُ مان سڀ کان وڏي عمر جي واڳون کي انهيءَ غار ۾ وني ويندا آهن ۽ پوءِ اهو ئي ”مور“ واڳو سڏائيندو آهي. اهو سلسلو صدين ڪان ائين هلندو اچي.

ٽڪي رسم ڪانپوءِ ٻيهر ڌمال شروع ٿي. ڌمال ۾ موگرمان سان گڏ ميداني ساز به وڄايو ويندو آهي ڌمال دوران ڏنڊا ئي مريد ۽ مريدياڻيون جڏهن وجد ۾ ايندا آهن ته انهن کي گلن جا هار پهرايا ويندا آهن. وجد ۾ ايندڙ شخص کي ڌپ (لوبان) سنگهايو ويندو آهي. ڌمال کي هر حالت ۾ وڃين (عصر) جي وقت ختم ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ منگهي پير جي درگاهه تي سلام پري ٽولين جي شڪل ۾ گرم چشمي ڏانهن، جيڪو درگاهه کان هڪ ڪلوميٽر پري منگهو پير جي پراڻي قبرستان لڳ آهي جنهن کي انگريزن جي اچڻ ڪانپوءِ ماما پارسي وهنجڻ لاءِ جايون ٺهرايون ته ان کي "ماماباٿ" جو به نالو ڏنو ويو. جنهن جي ويجهو جليل شاهه جاني جي درگاهه تي ايندا آهن. هتي پهچي سڀ اهو نعرو لڳائيندا آهن. "جليل شاهه جاني ڏيندو مکڻ ماني." گرم چشمي کي "گرم آب" جيڪو بلوچي جو لفظ آهي به چوندا آهن.

سانجهي نماز ڪانپوءِ سڀ وقتي ڄڳهين جي ٺهيل ڳوٺ جي ميدان آمري پٽ تي اچي گڏ ٿيا. انهيءَ دوران جنهن به قبيلي جي رسم ادا ڪرڻ جو ڏينهن هوندو ان جا چگّا مڙس آل پاڪستان شيدي ڪميونٽي جي صدر سان گڏجي ڪشڪول کڻي در در تي نياز لاءِ چندو گڏ ڪندا آهن. نياز ۾ اڳ به بيان ڪري آيو آهيان ته پٽ (برياني) زردو، بادامي ۽ حبشي حلوو شامل هوندو آهي. مکڻ ماني جي آسري ۾ انهن سيني رسمن ۾ مئي جي شديد گرمي ۾ پورو ڏينهن آئون به ڏنڊا کڻي شريڪ رهيس.

چئني برادرين ڪارادري، حيدرآبادي، لاسي ۽ ٻيلارا چئن ڏينهن تائين پنهنجي ڏينهن جون رسمون پوريون ڪندا آهن. پنجين ڏينهن ٻنپهرن جي نماز ڪانپوءِ منگهوپير جي مزار تي چادر چاڙهڻ جي رسم ادا ڪندا آهن ۽ ڇهين ڏينهن ٻنپهرن جي نماز ڪانپوءِ نانا سرڪار جي مزار جيڪو ڪئمپ جي سامهون واري قبرستان ۾ آهي چادر چاڙهڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. چادر کڻي وقتي جهڳين جي ڳوٺ مان جلوس جي شڪل ۾ ميداني ساز جي آواز سان گڏ نچندا درگاهه تائين پهچندا آهن. هر رسم ۾ ڌمال ۽ ناچ ضروري عنصر آهي.

ستين ڏينهن گرم چشمي تي حضرت قلندر لال شهباز سان منسوب ڪشتي تي ۽ جليل شاهه جي درگاهه تي چادر چاڙهڻ جي رسم ادا ڪرڻ سان ميلو پنهنجي پڄاڻي تي پهچندو آهي. هي ميلو شيدين جي چوڻ مطابق، بابا غور جي تسلسل جو حصو آهي. حضرت بابا غور جنهن جو نالو حضرت شيخ نوبي مبارڪ هو، جنهن جي مزار رتن پور گجرات انڊيا ۾ آهي. چيو وڃي ٿو ته بابا غور حضرت شيخ احمد ڪبير رفاعي جو مريد هو. منگهو پير جي ميلي ڪ منعقد ڪري "رفائيان" سلسلي کي برقرار رکيو ويو آهي. شيخ احمد ڪبير رفاعي جو مزار دمشق ۾ آهي. بابا غور ۽ شيخ احمد ڪبير جو واسطو منگهو پير جي ميلي سان آهي. شيدي ميلي سان اها وابستگي

منگهي پير جي ڪري ٿي آهي. شيدين جو ميلو صدين کان ائين هلندو اچي. منگهي پير جو عرس ۽ ميلو نائين ذوالحج تي ملهايو ويندو آهي. جيڪو هڪ ڏينهن جو هوندو آهي.

هن ميلي جو ذڪر هڪ انگريز عملدار ڪيو آهي جيڪو 1839ع ۾ ڪراچي آيو جنهن ڪراچي تي قبضي جو احوال پنهنجي ذاتي ڊائري ۾ لکيو آهي. جيڪا 1851ع ۾ لنڊن ۾ هڪ اشاعتي اداري شائع ڪئي، جنهن ۾ هن فوجي عملدار جو نالو ظاهر نه ڪيو آهي. هن ۾ منگهي پير درگاهه ڪانسواءِ شيدين جي ميلي جو به ذڪر ڪيل آهي. هو لکي ٿو، "ميلي ختم ٿيڻ کان اڳ شيدي ناچ ٿئي ٿو. هڪ دائري ۾ ڳاڙهن، ساون ۽ نيرن رنگن جا ڪيترائي جهنڊا کوڙيا وڃن ٿا. سگرين ۾ واس ۽ لوبان ساڙيو وڃي ٿو. دهل وڃن ٿا. ڪيترائي مرد ۽ عورتون اڌ گولائي جي دائري ۾ نچڻ شروع ڪن ٿا. حاضرين "قل قل" جا اپ ڦاڙيندڙ نعرا هڻن ٿا. نچندڙ مرد ڦرندي گهرندي ڳائين ٿا. عورتون مست ٿي پنهنجون چيلهون لوڏين ٿيون. ڪلها هڻن ٿيون ۽ عقيدت طور ٻانهون ڊگهيون ڪري ڪڏهن ڪرن ٿيون ته ڪڏهن ويهن ٿيون ۽ ڪڏهن گوڏن ڀر جهڪي زمين تي متا هڻن ٿيون ۽ انهن جي چمڪندڙ ۽ آبنوسي بدن تي پگهر جا ڦڙا عجيب بهاريءَ جو ڏيک ڏين ٿا."

انگريز عملدار جي ان ڳالهه کي 166 سالن کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي پر هر سال جڏهن آئون هن ميلي ۾ شريڪ ٿيندو آهيان ته سڀ ڪجهه ائين هوندو آهي جيئن 166 سال اڳ هو. ناچ ۾ ڪا به تبديلي ڪانه آئي آهي. تبديلي آئي ته اها، جو هڪ انگريز جي جاءِ تي هڪ سنڌي اهو نظارو ڪري رهيو هوندو آهي.

ڪئپٽن اي. بي ايسٽوڪ (E.BEastwick) پنهنجي ڪتاب، نئين مصر جا پراڻا ورق ( Dry leaves from young Egypt) ۾ واڳن جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي. "ڪراچي پهچڻ ڪانپوءِ مگر تلاءُ" ڏٺم، جنهن کي واڳن جي ڍنڍ سڏجي ٿو. اها عجب جهڙي جاءِ ڪراچي کان اٺ ميل پري آهي ۽ اهڙي خلق لاءِ جن کي بيبدولين شين يا راڪاسن ڏسڻ ۾ مزو ايندو آهي. ڏاڍي دلچسپ جاءِ آهي. واريا سو ۽ اجاڙ رستو جنهن تي ڪٿي ڪٿي گهاٽو جهنگ به آهي، آٽيو ماڻهن کي گدامڙيءَ جي وڻن جي جهڳٽي وٽ چڏين. جنهن جي وچ ۾ انهن راڪاسن جو هيبت ناڪ تلاءُ آهي ۽ نئين ماڻهو کي مشڪل سان خبر پئجي سگهندي ته انهي ساوڪ جي هينيان ننڍڙي ڪڏ ۾ اهڙا خوفائتا جانور لڪل آهن.

"هيءَ آهي اها ڪڏ؟، مون ڏڪار وچان رستي جي سونهين کي هڪل ڪري چيو. "پر ڪٿي آهي منجهس واڳون؟"

ان وقت آءٌ اوچي ڳاٽ سان ۽ وڏي مغروري ۾ پسار ڪري رهيو هوس ۽ سڄي قصي کي چٽڪ مسخري پئي سمجهيم ته اوچتو منهنجي پير ۾ هڪ گهٽيل رڙ يا گوڙ جو آواز ٿيو ۽ مون هوا ۾ غير معمولي ٽپ ڏنو. جاڻ جو منهنجو پير هڪ ننڍڙي واڳونءَ جي مٿان اچي ويو هو. جيڪو

هو تہ تن فتن جو پر ان هوندي بہ سندس چڪ تي منهنجي سڄي خوشي زهر ڪري وجهي ها. ايتري ۾ پوڙهو مجاور فقير هڪ جادوگر جي شڪل ۾ اچي پهتو. مون کان جوڙو رپين جو وٺي پنهنجي جادوءَ جي ڏنڊي ڪٽي ايپي ڪيائين. جڻ مئل روحن کي سڏڻ لڳو. ”آءُ آءُ“ يعني تہ ”اچ اچ“. هن بہ ٽي دفعا زور سان رڙ ڪئي. جنهن تي انهيءَ تلاءُ جو پاڻي انهن راڪاسن سان جيئرو ٿي ويو. ان تلاءُ ۾ 9 واڳون تمام وڏا هئا انهن جو قد پندرنهن فٽ هو. سي ڪناري تائين وڌي آيا. اهو نظارو ڏسي مون کي پراڻيون ڏند ڪٿائون ياد اچي ويون. وڻن جي جهڳٽي ۾ تلاءُ ۽ ان ۾ واڳون، تنهن ڪانپوءِ ٽڪريءَ جي پهاڙ ۾ ڊاڙيلن جهڙي ڏيک ڏيندڙ هڪ ڍگهو ۽ ڏبرو بروچ فقير نظر آيو. سچ تہ عجيب منظر هو. ان سان گڏ عجب جهڙي ڳالهہ هيءَ هئي جو انهيءَ مداريءَ جو پنهنجن شينهن تي پورو پورو ضابطو هو. لٺ جي اشاري سان هو بيهي ٿي رهيا. جڏهن هن چيو ويهو تڏهن اهي سندس حڪم جي تعميل ۾ پنهنجي ڪليل ۽ جهٽيندڙ ڄاڙين سان پيٽ پر ويهي ٿي رهيا. گوشت جا وڏا ٽڪرا ڏانهن اڇلايا ويا. جنهن تي اهي هڪ ٻئي کي اٿلائڻ پٿلائڻ جي ڪشمڪش ۽ جهيڙي ۾ لڳي ويا ۽ گوشت جي ٽڪرن کي ذريون ذريون ڪري ڇڏيائون. ننڍن واڳن جو وڏن واڳن لاءِ ادب مون کي ڏاڍو مزو ڏنو. انهن مان هڪ وڏي واڳونءَ جنهن جو قد ڏهہ فٽ ڪن هو پاڻ کان بہ وڏي واڳونءَ کي پنيان ايندي ڏٺو تہ انهيءَ ڊپ وچان تہ متان اهو وڏو واڳون ڪائي نہ وجهي، پاسو ڏئي پري پيچي ويو.

واڳن واري تلاءُ کان ٿوري پنڌ تي (اڌ ميل ڪن فاصلي تي) هڪ ٻيو تلاءُ ڏيکاريو ويو جنهن ۾ پاڻي ايڏو گرم هو جو ماڻهو منجهس مس گهڙي سگهي پر ان هوندي بہ مون انهيءَ ۾ ننڍڙا واڳون ڏٺا. فقير مون کي ٻڌايو تہ اهي جانور بي نديءَ ۾ گهڻا آهن. جيڪا پندرنهن يا ويهن ميلن جي پنڌ تي هئي. انهيءَ تلاءُ ۾ بادشاهہ واڳون بہ هو جنهن تي فقير ”مور صاحب“ جو نالو رکيو هو. اهو ڪڏهن بہ سڏ تي ڪونہ ايندو هو. جيئن تہ آءٌ انهيءَ تلاءُ جي چوڌاري ڦري رهيو هوس، تنهن ڪري مون کي اها جاءِ ڏيکاري ويئي جتي اهو پيو هو. سندس مٿو پاڻيءَ کان ٻاهر هو ۽ اهڙي طرح بيجان پيو هو جهڙو ڪاٺ جو بند جيڪڏهن سندس چمڪدار ۽ خونخوار اکيون ڏسڻ ۾ نہ اچن ها تہ آءُ انهيءَ کي ڪاٺ جو بند ئي سمجهان ها.“



منگهوپير واڳو تلاءُ 1920ع ۾

ايسٽوڪ اها ڳالهہ 166سال اڳ ڪئي. هاڻي اهو تلاءُ ڪراچي کان اٿ يا نو ميل پري نہ پر ڪراچي شهر جي وچ ۾ اچي ويو آهي. رستو هاڻي واريءَ سو ۽ اجاڙ نہ آهي پر رستي جي ٻنهي پاسن کان اڻ ڳڻيون آباديون آهن ۽ لڳو لڳ جاويدان سيمينٽ فيڪٽري آهي. گهاٽا وڻ ۽ سرسبز آباديون ختم ٿي ويون آهن هر پاسي ڪالونيون، ڪچيون آباديون ۽ سوسائٽيون نهي رهيون آهن.

شيدين جي ميلي جي ميدان جي باري ۾ هتان جا ماڻهو ٻڌائن ٿا تہ وڏو شاهي ميدان هو جنهن ۾ گدامڙيءَ جا شاهي وڻ هوندا هئا پر لينڊ مافيا جي ڪري اهو ميدان هاڻي سوڙهو ٿيندو پيو وڃي ۽ لاپرواهي، بي حسي ۽ اسان جي اڻ ڄاڻائي ڪري صدين جي هڪ پوري رنگين تاريخ ختم ٿي رهي آهي.

منگهي پير جي واڳون ميلي تي ايندڙ جهونن شيدين سان جڏهن ڪچهري ٿي تہ انهن ٻڌايو. ”هن جو نالو منگهارام هو. هن کي منگهو چوندا هئا. هو هتان ايندڙ ويندڙ قافلن کي ڦريندو هو. هڪ دفعي فريد گنج شڪر حج جي نيت سان هتان لانگهائو ٿيو ۽ رات جو هتي رهي پيو. فريد گنج وٽ هڪ گودڙي هئي. رات جو منگهي چوري جي نيت سان اها گودڙي کنئي ۽ پوري رات ڀٽڪندو رهيو پر جيئن ئي صبح ٿيو تہ هن پاڻ کي فريد گنج وٽ ڏٺو. منگهي کي ڏسي فريد گنج چيو. ”هن گودڙي ۾ ڪجھ ڪونهي. فقط جون (ٽولر) آهن.“ جيئن هن گودڙيءَ کي ٽڪريءَ تان هيٺ چنڊيو تہ هيٺ جيڪو پاڻيءَ جو تلاءُ هو اهي ٽولر ان پاڻيءَ ۾ ڪري واڳن ۾ بدلجي ويا. هن واقعي ڪانپوءِ منگهو، فريد شڪر گنج کان معافي گهري ۽ فريد شڪر گنج جو مريد ٿيو ۽ خواجا حسن اولياءُ سخي سلطان جو لقب حاصل ڪيائين.“

عقيدي طور منگهي پير جي درگاهہ ۾ داخل ٿيندڙ هڪ دروازي جو نالو ”باب فريد“ رکيو ويو آهي. شيدي تلاءُ تي سلام پرڻ ۽ ٽڪي جي رسم ادا ڪرڻ ڪانپوءِ انهيءَ دروازي مان درگاهہ جي اندر ايندا آهن.

محمد عثمان دموهي جي ڪتاب، ”ڪراچي تاريخ کي آئينلآ مين“ منگهو پير متعلق ڄاڻايل آهي تہ، ”سندس نالو حضرت حافظ حاجي حسن آهي. عربي نسل سان تعلق اٿس. سندس ٻڻ ٻڻياد جو سلسلو حضرت علي رضہ سان ملي ٿو. پاڻ ماءُ جي طرفان حضرت امام حسن رضہ ۽ والد طرفان حضرت امام حسين رضہ جي اولاد مان چيو وڃي ٿو. پاڻ حسني ۽ حسيني هجڻ ڪانسواءِ بابا فريد گنج شڪر جي خليفي هجڻ جي نسبت سان چشتي سڏجي ٿو. حاجي حسن تيرنهن صدي عيسوي يعني اڄ کان اندازن ست سئو سال پهرئين حجاز کان لڏپلاڻ ڪري ننڌي کند ۾ آيو. هي زمانو هو جڏهن پورو عربستان تاتاري حملن جي لپيٽ ۾ هو. تاتارين پاران سندس وطن تي حملي جي صورت ۾ هن تاتارين خلاف لڙاين ۾ بهرو ورتو. ان ڪانپوءِ حج ادا ڪرڻ لاءِ جڏهن مديني شريف

۾ قيام ڪيائون ته خواب ۾ حضرت رسول مقبولﷺ جي زيارت جو شرف حاصل ڪيائون. رسالت ماب صلعم هن کي هندستان جي علائقي اجوڌن (جنهن کي هاڻي پاڪ پتن شريف چوندا آهن) ڏانهن وڃڻ ۽ حضرت بابا فريد گنج شڪر سان ملاقات ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهو حڪم ٻڌي هو اجوڌن پهچي حضرت بابا فريد گنج جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ ان جي مريدي قبول ڪيائين. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ فريد ان کي پنهنجو خليفو مقرر ڪري منگهي پير واري جاءِ تي تبليغ لاءِ موڪليو. هتي پهچي ان تبليغ جو ڪم شروع ڪيو. حضرت بابا فريد گنج، حضرت لعل شهباز قلندر ۽ حضرت جلال الدين بخاري منگهو پير سان بيحد محبت ڪندا هئا ۽ اڪثر منگهو پير وٽ ايندا هئا. حضرت بابا فريد گنج شڪر 1175ع کان 1265ع تائين جيئرو هيو. خيال ڪيو وڃي ٿو ته حضرت بابا فريد پنهنجي زندگيءَ جا آخري سورنهن يا ويهه سال پاڪ پتن ۾ رهيا ۽ انهيءَ دوران حضرت منگهو پير سان مليا هئا.“

مرزا علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي ڪتاب، ”تحفته الڪرام“ ۾ منگهو پير کي ذڪريا ملتاني جو سهيوڳي (همعصر) لکيو آهي ۽ تحفته الڪرام مطابق چار يار مان مراد حضرت منگهو پير، حضرت مخدوم جلال جهانيان، حضرت عثمان مروندي (لعل شهباز) ۽ شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتاني آهه. منگهو پير ۽ منگهو پير جي جاءِ جي باري ۾ هو لکي ٿو. ”هي منگهو پير جو مقام آهي. حاجي منگها نالي هڪ اهل الله بزرگ شيخ بهاؤالدين ملتاني جو همعصر هتي دفن آهي. هي جاءِ بزرگن ۽ صاحب توفيق ماڻهن جي لاءِ دعائن جي قبوليت جي جاءِ آهي. هي جابلو علائقو طوق منگها جي نالي مشهور آهي. جبلن جي ڪڇ ۾ هڪ چشمو آهي. هن ۾ ”مور“ نالي واڳون رهندو آهي. هڪ جي مرڻ ڪانپوءِ ٻيو ان جي جاءِ وٺندو آهي ۽ ساڳي لقب سان پڪاريو ويندو آهي. عقيدت مند هتي اچي رڍون ۽ ٻڪريون آڻي قرباني ڪندا آهن ۽ گوشت سڀ کان پهرئين ”مور“ واڳون کي کارايو ويندو آهي. جيڪڏهن ان کاڌو ته نذرانو قبول سمجهيو ويندو آهي نه کائڻ جي صورت ۾ ان کي سنو سوڻ نه سمجهيو ويندو آهي. ”تحفته الڪرام“ ۾ وڌيڪ لکيل آهي ته، ”انهيءَ تلاءُ جي برابر ۾ هڪ چشمو به آهي. ٻنهي چشمن جو پاڻي هڪ تلاءُ ۾ جمع ٿئي ٿو جتي هزارين واڳون رهن ٿا. انهن جي ٻنهي پاسن کان باغ آهن. انهن چشمن جي ويجهو هڪ پٿر جو ڪوهه آهي. ان جو پاڻي ٻنهي چشمن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ٿڌو ۽ مٺو آهي. هن ڪوهه ۾ به هڪ واڳون رهندو آهي. جنهن کي ”هنج“ چوندا آهن. هن ڪوهه کي حاجي منگهي جو ڪوهه به ڪري چوندا آهن. حاجي منگها جبل ۾ لعل شهباز جي ڪنڌڙي نالي هڪ نهر آهي جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي سرسبز باغ ۽ درويشن جا تڪيا آهن.“

علي احمد بروهي پنهنجي ڪتاب History of Tombs stons of Baluchistan ۾ لکي ٿو. ”چيو وڃي ٿو ته حضرت منگهو پير تيرنهين صدي عيسوي ۾ خراسان مان لڏي هتي آيو. هن جو اصل نالو ڪمال الدين آهي. حضرت بهاؤالدين ذڪريا ملتاني جي همعصرن مان هو. لوڪ ڪهاڻين موجب حضرت لعل شهباز قلندر ۽ حضرت بهاؤالدين ذڪريا ملتاني جي ڪرشمن جي ڪري هي ويران ۽ بيابان جاءِ رهڻ جي قابل ٿي. انهن ٻئي بزرگن هتي جبلن مان ٿڌي ۽ گرم پاڻيءَ جا چشما جاري ڪيا.“ ڪتاب ۾ وڌيڪ لکيل آهي ته، ”منگهو پير جي جاءِ مسلم دور کان اڳ هندوئن جي مقدس جاءِ هئي. جتي هو زيارت لاءِ ايندا هئا ۽ هو به هتان جي واڳوئن کي لالا جسراج جو اوتار سمجهي انهن جي پوڄا ڪندا آهن. آثار قديمه جي ماهرن ان جاءِ کي 2000 — 1700 قبل مسيح کان وڌيڪ پراڻو قرار ڏنو آهي. ان وقت سنڌ جي تهذيب پنهنجي عروج تي هئي.“

1927ع جي سنڌ گزيٽيئر ۾ منگهو پير جو ذڪر هن طرح ڪيل آهي، ”حاجي منگهو عرب آهي، چيو وڃي ٿو ته پاڻ تيرنهين صدي عيسوي جي وچ ڌاري ان جاءِ کي اچي آباد ڪيو. ان وٽ چار يار ايندا هئا. انهن چئن يارن ۾ قلندر لعل شهباز جو نالو نمايان آهي. انهن بزرگن جي ڪرامتن سان هتي جبلن مان هڪ گرم پاڻي جو چشمو ڦٽو ۽ کجيءَ جا وڻ موريا. جڏهن منگهو پير وفات ڪري ويو ته کيس اتي ئي دفنايو ويو. ان وقت کان وٺي اها جاءِ مسلمانن ۽ هندوئن لاءِ مقدس آهي. هندو ان کي لالا جسراج جي نالي سان سڏين ٿا.“

مرزا ڪاظم بيگ روزنامه جنگ تاريخ 3 جولاءِ 1987ع واري شماري ۾ لکي ٿو، ”ڪنهن زماني ۾ منگهو پير جي جاءِ تي شهر آباد هو. پراڻن وقتن ۾ سنڌ ۾ جيڪي مرڪزي شهر آباد هئا ۽ پوءِ حادثن جو شڪار ٿي ختم ٿي ويا ايستائين جو انهن جو نالو نشان به نه رهيو. انهن شهرن مان هڪ منگهو پير به آهي. منگهو پير سلاطين دهلي جي دور ۾ هتي آيو. ماڻهن جي عقيدي مطابق منگهو پير جي اچڻ کان اڳ هتي هڪ بزرگ جو مقبرو هو، جنهن جي مشهوري ڪري ماڻهو هتي اچي نذرنا ڏيندا هئا. جڏهن منگهو پير هتي آيو ته مزار تي موجود درويشن ان تي ٺٺوليون ڪيون. سردي کان بچڻ لاءِ منگهو پير باهه ٻارڻ لاءِ ڪانيون ۽ گاهه گڏ ڪيو ته انهن ماڻهن اجازت نه ڏني. تنهن تي هن بددعا ڏني ۽ انهن جون شڪليون تبديل ٿي ويون ۽ اهي سڀ واڳون جي شڪل جا ٿي ويا.“

هڪ روايت موجب منگهو پير کي حضرت بهاؤالدين ذڪريا ملتاني ۽ حضرت لعل شهباز جو سهيوڳي (همعصر) چيو وڃي ٿو. قلندر بادشاهه هتي پاڻ آيو ۽ پهاڙيءَ جي دامن ۾ ڪنڌڙي هڻي ويهي رهيو ته ان مان پاڻي جو چشمو جاري ٿيو. جيڪو اڄ تائين قلندر جي ڪشتيءَ جي نالي سان مشهور آهي. قلندر شهباز، منگهي پير سان ملاقات ڪانپوءِ ”مور“ نالي واڳونءَ کي پنهنجي

سواري ٻڌائي چشمي جو سير ڪيو. لعل شهباز جون قلندرانه صفتون ڏسي منگهو پير قلندر جو مريد ٿيو ۽ وڌائنس روحاني مارگ جي سکيا حاصل ڪئي.

هڪ ٻي روايت آهي ته، ”منگهو پير هندو نه پر مسلمان هو ۽ هن جي پيءُ جو نالو يوسف سانگ هو. هو سهروردي طريقي سان واڳيل هو. انهيءَ چشمي وٽ هن جو آستانو هو جنهن ۾ ان وقت به واڳون هئا. وڏو، ”مور“ نالي سان مشهور آهي. جيڪي ماڻهو پير صاحب وٽ دعا لاءِ ايندا هئا ۽ انهن جي مراد پوري ٿيندي هئي ته اهي ”مور“ کي نذراني طور گوشت کارائيندا هئا.

هڪ روايت موجب جنهن جو ذڪر ان انگريز عملدار به ڪيو آهي. جيڪو 1839ع ۾ هتي آيو، جنهن جي ذاتي ڊائري 1851ع ۾ لنڊن مان شائع ٿي (جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان) لکي ٿو. ”هيءَ جاءِ ڪراچيءَ کان اٽڪل 9 ملين جي پنڌ تي آهي. هي ميلو حاجي منگهي جي ياد ۾ لڳندو آهي. ڪنهن وقت حاجي پير ۽ سندس ٽي يائر هت اچي رهيا، جن ايندي ئي هتي ڪيترين ئي ڪرامتون ڏيکاريون. هڪ ياءُ هڪ آڱر سان گرم پاڻيءَ جو چشمو ڪوٽيو. ان پاڻيءَ جي گرميءَ جو پد 90 ڊگريون آهي. ٻئي ياءُ آڱر سان هڪ ٻيو چشمو جاري ڪيو. جنهن پاڻي جي گرميءَ جو پد 120 ڊگريون آهي. ٽئين ياءُ ڪجهه گلن کي مانگرن ۾ ڦيرائي انهيءَ تلاءُ ۾ ڇڏيو. انهن مان هڪ ياءُ ڏندڻ کي زمين ۾ کوڙي کجيءَ جو وڻ پيدا ڪيو. هڪ وڏي عرصو کان پوءِ وڏو ياءُ گذاري ويو ته ان کي هتي دفن ڪيو ويو، جيڪو حاجي منگهي جي نالي سان مشهور ٿيو.“

الفت نسيم پنهنجي هڪ مضمون ”ڪراچي کي تاريخ: بلوچ پس منظر مين“ جيڪو مختلف اخبارن ۾ ڇپيو هو منگهي پير جي باري ۾ لکي ٿو ته ”دڙبو“ کان نون ڏهه ميل اتر ۾ پير ڪمال الدين جي درگاهه آهي. جيڪو منگهاپير جي نالي سان مشهور آهي. هتي هڪ قديم مندر ”لالا جيسراج مندر“ هوندو هو. پير ڪمال جي زيارت جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته هي تيرنهن صدي کان قائم آهي. هي جاءِ منگها پير ڪري مشهور آهي جو منگها نالي هڪ ڪلمتي بلوچ جيڪو پير ڪمال الدين جي درگاهه جو عقيدت مند ۽ پنهنجي حال ۾ مست رهندڙ خليفو هو جنهن کي مرڻ کانپوءِ درگاهه ۾ دفن ڪيو ويو. جيڪو پوءِ انهيءَ بلوچ بزرگ ڪري مشهور ٿيو.“

اهي سيئي روايتون منگهي پير سان لاڳاپيل آهن. هتي ڪجهه جايون قلندر ۽ فريد شڪر گنج جي چلي جي نالي سان به مشهور آهن. جيڪي گرم چشمي تي آهن. گرم چشمو درگاهه کان هڪ ڪلوميٽر اوير پاسي آهي. هڪ ميل پري مناري وارو جبل آهي. جيڪو اتر اولهه پاسي حب نديءَ پاسي آهي. اتي هڪ جاءِ تي ڪجهه نشان آهن. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته منگهي مسلمان ٿيڻ کانپوءِ پهرين نماز هتي ادا ڪئي هئي. انهن نشانن جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته هن جي سجدن جا نشان آهن.

منگهي پير جي پيدائش جو سال 567ھ مطابق 1162ع وفات 657ھ مطابق 1252ع ڄاڻايل ۽ قلندر جي پيدائش جا مختلف سن ڄاڻايا وڃن ٿا. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي ڪتاب ”قلندر نامي“ مطابق قلندر جي پيدائش 538ھ ۽ وفات 650ھ آهي.

اسان وٽ اها روايت رهي آهي ته هر صوفي يا بزرگ کي سيد ڪري عربن سان ملايو ويندو آهي. اهو سڀ ڪجهه عقيدي جي تبديلي جي ڪري ٿيو آهي. ساڳي وارتا منگهو پير سان به آهي، جو ڪيس هرويرو وڃي عربن سان ملايو ويو. جتي ڳالهين، شين، روايتن، رواجن جي ڇنڊڇاڻ نه ٿي ٿئي ۽ تحقيق نه هجڻ ڪري ائين ٿيندو آهي. گهڙيون ڳالهيون ان سان ڳنڍيون وڃن ٿيون ۽ جنهن جي ڪري اسان ڪنهن نتيجي تي نه ٿا پهچي سگهون. ڇا منگهو نالو عربن ۾ آهي؟ جيڪڏهن نه ته پوءِ ڇو اسان ان کي عربن سان ملايون ٿا. سيني ڳالهين کانپوءِ اسان منگهي پير بابت ڪنهن نتيجي تي پهچون ٿا ته اهو هڪ ته هندو هو يا مسلمان پر هتان جو ئي مقامي ماڻهو هو. جنهن جو نالو منگهو يا منگهارام هو ۽ هندو هن کي پيار مان لالا جسراج به چون ٿا. منگهو پير پهرين چور هو. هتي ايندڙ ويندڙ قافلن کي ڦريندو هو ۽ بعد ۾ بابا فريد شڪرگنج جي ڪرامتن کان متاثر ٿي سڀ ڌنڌا ڇڏي صوفي ازم ڏانهن مائل ٿيو يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته پوءِ مسلمان ٿيو هجي ۽ سندس نالو خواجا حسن سلطان اولياءَ رکيو ويو هجي پر هو مشهور منگهي پير سان ٿيو. مسلمان واري ڳالهه اڃا تحقيق طلب آهي. هتي موجود واڳوئن ڪري به ان کي مگر پير معنيٰ واڳوئن جو پير چيو وڃي ٿو. اها ڳالهه طئي آهي ته منگهو پير جو واسطو انهيءَ ڌرتيءَ سان آهي.

واڳون جيڪي درگاهه لڳ تلاءَ ۾ رهن ٿا ۽ منگهي پير سان منسوب ڪيا وڃن ٿا. انهن واڳن جي باري ۾ جيڪي روايتون آهن. هڪ ته اهي منگهي پير پاران تلاءَ ۾ اڇلايل گلن مان ڦري واڳون ٿيا ۽ ٻي روايت آهي ته هي بابا فريد شڪر گنج جي گودڙي جا جون (ٽولر) آهن، هن ان گودڙيءَ کي پاسي واري تلاءَ ۾ ڇنڊيو ته اهي ”جون“ پاڻيءَ ۾ ڪرندي ئي واڳن ۾ تبديل ٿي ويون ۽ شيدي برادري انهن کي بابا فريد گنج شڪر جون ”جون“ سمجهي انهن کي بزرگ ڪري مڃين ٿا ۽ هر سال ميلو مڃائين ٿا.

واڳونءَ جي پوڄا سنڌ ڌرتيءَ ۾ موئن جي دڙي واري دور کان وٺي جاري هئي. موئن جي دڙي جي کوٽائي وقت ڪجهه شين تي واڳون اڪريل آهن. اها پوڄا ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اڄ به جاري آهي. ڪراچيءَ ۾ واڳو ڏر ۽ منگهو پير هن سلسلي جا مرڪز هئا.

شيدين جي ميلي ۾ ”ٽڪي“ رسم جي لاءِ ٻي عيب ڪاري ٻڪري جي قرباني ۽ پوءِ هن جي رت کي ڪشڪول ۾ وجهي واڳون جي مٿي تي تلڪ لڳائڻ ۽ خون جا ڇنڊا پنهنجن ڪپڙن ۽ موگرمان تي هڻڻ، واڳن کي بزرگ ڪري مڃڻ، هن جو نالو موريا لال شاهه بادشاهه رکڻ، پاڻي تي

گلن جي ورڪا وغيره. هتي موجد پير جي وڻ کي مقدس ڪري مڃڻ هي سڀ قديم هندو رسمون آهن. جيڪي اڃا جاري آهن. انهن رسمن جو عربن سان ڪو واسطو ناهي. هندو اڄ به جل پوڄا ڪن ٿا ۽ اهي لعل سائين جا پنجڙا ڳائيندي پاڻي تي گلن جي ورڪا ڪندا آهن ۽ اهي پنجڙا هاڻي هڪ عجيب ٻولي ۾ جيڪا خود شيدين کي گهٽ سمجهه ۾ اچي ٿي ۽ انهيءَ ۾ سنڌي، بلوچي ۽ آفريقي زبان جا مليل جليل لفظ آهن. جيڪي اصل ۾ هڪ ڳڏيل دعا آهي. چاڪاڻ ته شيدين جي ڪراچيءَ ۾ اچڻ، ڪلهوڙن جو آخري دور ۽ ٽالپرن جو شروعاتي دور آهي. هي ميلو هتي گهٽ ٿو اڳ کان هلندو اچي ٿو.



**منگهي پير جي گهاڙي قبرن جو هڪ منظر — 1930ع ۾**

واڳن جو هتي هجڻ ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته حب ندي جيڪا هاڻي 5 يا 6 ڪلوميٽر پري آهي هتان وهندي هئي يا حب جي ڪا شاخ هتي وهي ايندي هئي. هي زرعي علائقو هو ۽ حب مان ڪسيون ڪڍي زراعت ڪئي ويندي هئي ۽ اهي واڳون ائين هتي پهتا. حب ۾ ڪنهن دور ۾ واڳون جام هوندا هئا، ندي جي هٽڻ يا پاڻي گهٽجي وڃڻ ڪري واڳون فقط هن چشمي جي پاڻيءَ تائين محدود آهن. اڄ به حب ندي جي ڪوٻن ۾ واڳون ملن ٿا.

جهونيون سيپيتائون ندين جي ڪنارن تي مليون آهن. منگهو پير به هڪ جهوني سيپيتا جو مرڪز رهيو آهي. منگهي پير کان ٻه ڪلوميٽر پري اولهه پاسي جن اورنگي (اورانگهي) واري جاءِ تي هڪ قديم ماڳ جا آثار مليا آهن ۽ هاڻي هڪ ديهه جو نالو به آهي. جيڪو ڪنهن وقت منگهو پير يونين ڪائونسل ۾ شامل هو. پر هاڻوڪي مڪاني ادارن جي سرشتي ۾ ان ديهه کي اورنگي ٽائون ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

”اورانگهي“/اورنگي جي تاريخي ماڳ جي باري ۾ مجمدار لکي ٿو ته، ”ماڳ تي هر هنڌ ٺڪريون پکڙيل آهن. ٿي سگهي ٿو ته هي ماڳ تاريخ کان اڳ جو هجي. تاريخ کان اڳ وارن چقمقي پٿڻ جا ڏارڏار پرزا پڻ مليا آهن. بهرحال کوٽائي جي ضرورت آهي ۽ اهو به ممڪن آهي ته هي ماڳ ان دور جو هجي جڏهن هن علائقي جا پرسيا (ايران) سان ڳانڍاپا هئا.“ انهن آثارن کي هاڻي کوٽڻ جي ضرورت نه آهي. حڪومت پاڪستان پاران انهيءَ تاريخي ماڳ تي بنگلاديش کان گهرايل بهارين

ڪي ويھاريو ويو آهي جن پوري ماڳ تي قبضو ڪري ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڪچي آبادي جوڙي ورتي آهي.



**1851ع ۾ منگهي پير جي اسڪيچ ڪيل تصوير جيڪا برٽش لائبريري ۾ موجود آهي. درگاھ جي پاسي خوبصورت وٽڪاري ۽ گهاڙي قبرون نظر اچي رهيون آهن، ٻئي پاسي منگهي پير درگاھ جي 2007ع جي هڪ تصوير**

منگهو پير درگاھ لڳ چوندي طرز اڏاوت تي گهاڙي مقبرا پڻ آهن. جن مان درگاھ جي سامهون قبرن لاءِ چيو ٿو وڃي تہ هي برفتن جا آهن جن مان هڪ تي 913ھ لکيل آهي. جيڪو سمن جو دور آهي. اهي بہ هاٽي سنپال نہ لهڻ ڪري ختم ٿي رهيا آهن. منگهي پير جي درگاھ ۽ ان جي قبر جي آس اپس بيشمار چوکنڊي طرز جون چٽسالي واريون قبرون هيون. ڪجھ قبرون درگاھ ڪي وسيع ڪرڻ ڪري ختم ڪيون ويون. گهٽيون قبرون درگاھ لڳ رستي ڪري ختم ٿي ويون. ڪجھ گهاڙي قبرن کي ختم ڪري دوڪان ۽ گهر ناهيا ويا آهن. رستي جي ڪري قبرستان ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. ڪنهن دور ۾ درگاھ کان وٺي قبرستان تائين گهاڙي قبرون هيون.
درگاھ کان هڪ ڪلوميٽر پري گرم چشمي لڳ منگهو پير جنرل اسپتال جي ديوار سان ڏرم شالي ۽ مندر جون پٽيون اڃا سلامت آهن. اها اسپتال ساڌو هيرانند ڪوڙھ جي مريضن لاءِ جوڙائي هئي. ورهاڱي کان اڳ ان جو نالو ”ساڌو هيرانند ڪوڙھ/جذام اسپتال“ هو. هاڻي هن جو نالو منگهو پير جنرل اسپتال ۽ ميٽرنٽي هوم آهي. هي اسپتال هيرانند ٽرسٽ حيدرآباد وارن جوڙائي هئي ۽ ميونسپلٽي ۽ لوڪل گورنمينٽ کان ڪڏهن ڪڏهن امداد جي مهرباني ٿيندي هئي. اسپتال جي ويجهو گرم چشمن لڳ آسومل حلوائي جو ڌرم شالو هوندو هو. جتي هنڌ بسترا ۽ ٿانهن ملندا هئا. هتي ساڌو هيرانند ٽرسٽ پاران ”مڪتي آشرم“ ۽ پوڄا لاءِ مندر بہ هوندو هو. اهي جايون ڪنهن ڪنهن صورت ۾ موجود آهن پر انهن تي قبضو ڪري گهر ناهيا ويا آهن. اسپتال موجود آهي ۽ شهري حڪومت جي حوالي آهي.

انهن سيني ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو تہ هي اوائلي سپيتا جي مرڪزن مان هڪ مرڪز آهي. هي آستانو لاهوت لامڪان ۽ هنگلاج ويندڙ رستي تي آهي. ان ڪانسواءِ جيئن تہ سنڌ ۾ جابلو تهذيبن پهرين جنم ورتو. پهاڙ، پاٽي جي چشمن ۽ ٻيلن کي اهميت ملي چاڪاڻ تہ اهي گڏجي پراسرارت کي جنم ڏين ٿا. سڪون لاءِ جوڳين، صوفين ۽ سنتن اهڙين جاين جي چونڊ ڪئي ۽ اهڙي جاين تي پنهنجي من کي اجاريو ۽ علم کي پڪيڙيو. منگهي پير وارو آستانو بہ اهڙي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. ڪنهن دور ۾ هي علائقو جبلن ۽ ٻيلن ڪري پراسرار جاءِ هئي پوءِ آهستي آهستي انساني آبادي وڌڻ ڪري هن جي پراسراريت ختم ٿيندي وئي. هتي پهاڙ، ٻيلا ۽ چشما موجود هئا. جيڪي هوريان هوريان متجي رهيا آهن.

منگهو پير پهاڙي جيڪو کيرتر کان مول، مهير جبل واري سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هيٺ هلي اهو سلسلو سمنڊ ۾ هليو وڃي ٿو. انهن پهاڙن ۾ اڄ بہ ڪٿي ڪٿي چشما موجود آهن.

باقي جيڪي ڳالهيون منگهي پير جي مسلمان ٿيڻ بابت آهن. اهي تي سڱهي ٿو تہ عقيدي جي تبديليءَ جو نتيجو هجن. ان ڪانسواءِ قلندر لعل شهباز، بهاؤالدين ذڪريا، بابا فريد شڪر گنج جي هتي اچڻ واري ڳالهہ ائين آهي جيئن بدر ابڙي پنهنجي ڪتاب "هنگلاج ۽ لاهوت" ۾ لکيو آهي تہ، "پٿائي، قلندر يا ٻين صوفين ۽ سنتن سنڌ ۾ اهڙا ڪيئي ماڳ چونديا جيڪي گهڻو ڪري اهي ئي آهن جن سان اڄ تائين ڪونہ ڪو ديو مالائي قصو ڳانڍاپيل آهي. نئنگ (نهنگ)، گنجو ڏونگر، اروڙ، ڪديجي، جهمپير، لکي ۽ ٻيا ڪيئي ماڳ ان سلسلي جون ڪڙيون آهن. دلچسپ حقيقت وري اها آهي تہ قديم آثارن جا ماهر انهن مان اڪثر هنڌن کي پٿر جي دور وارن انسانن جي استعمال هيٺ آيل بہ ڄاڻائين ٿا. ان ريت سنڌ واسين جو انهن ماڳن سان ڏورانهين ماضيءَ ۾ وڏو گهرو رشتو رهيو آهي. اصل ۾ انسان لاشعوري طور تي هر ان ماڳ کي مقدس ڏٺو آهي جنهن سان انسان جي ڏورانهين ماضيءَ ۾ سندس وڏڙن جو تعلق رهيو هجي."

منگهو پير بہ انهن ماڳن مان هڪ آهي، جنهن جو تعلق بہ ڏورانهين ماضيءَ سان ۽ اسان جي وڏن سان رهيو آهي. "اورانگهي" (اورنگي) جو قديم ماڳ ان ڳالهہ جي نشاني آهي تہ هي ماڳ بہ پٿر واري دور جي ماڻهن جي استعمال هيٺ رهيو آهي. منگهي پير جو آستانو بہ هندوئن توڙي مسلمانن ۾ لاهوت، هنگلاج، قلندر، اڏيرو لعل ۽ ٻين ماڳن وانگر هڪ جيترو مقدس آهي. هي اسان جو گڏيل ورثو آهي. جيئن قلندر جي باري ۾ مشهور آهي تہ هندو هن کي راجا ڀرت راءِ جو ناٺُ ڏين ٿا. اڏيرو لعل مسلمانن وٽ شيخ طاهر آهي جيڪو گڏيل ورثو آهي. انسان جي مذهبي عقيدي جي تبديلي سان گڏ هن آساني سان لاڳاپيل ڏند ڪٿائون ۽ ڪردار بہ تبديل ٿيا. پر هتي ميلي ۾ ادا ٿيندڙ رسمون، طور طريقا توري قير قار سان اڄ بہ جاري ۽ موجود آهن. اڄ منگهو

پير هندوئن وٽ لالا جسراج ۽ مسلمانن وٽ خواجا سلطان حسن اولياءَ آهي. پر سيڪيولر ۽ صوفي سنڌي ماڻهن وٽ هي منگهو پير آهي. هڪ ٻي ڳالهه تہ گهڻو اڳ شيدين جو ميلو لال بادشاهه جي ميلي جي نالي سان مشهور هو. اڄ بہ گهڻا هن ميلي کي لال بادشاهه جو ميلو، شيدي ميلو، مور واڳون جيڪو واڳن جو سردار چئبو آهي. هن کي لال بادشاهه جو نالو ڏنو ويو آهي. بين ماڳن جهڙوڪ لاهوت، هنگلاج ۽ ڪوهه مراد (تربت) وانگر هتي ڪير وهڻ جي ڳالهه مشهور آهي. درگاهه کان ڪجهه فاصلي تي موجود جبل مان ڳئون جي ٿڻ وانگر جاءِ مان ڪير وهڻ جي ۽ ڪي وري خشڪ تيل چشمي مان ڪير وهڻ جو ذڪر ڪن ٿا ۽ بين ماڳن وانگر هتي بہ اها ڳالهه مشهور آهي تہ ماڻهن ڪير وڪڻڻ شروع ڪيو تنهن ڪانپوءِ اهو ڪير وهڻ بند ٿي ويو. هن آستاني جي باري ۾ اڃان بہ گهڻيون ڳالهيون تحقيق طلب آهن. جنهن ۾ مناري واري چوٽيءَ تي سجدي جا نشان، قلندر جي ڪشتي، حب ندي جو هتان وهڻ انهن ڳالهين جي تہ تائين پهچڻ بہ ضروري آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ صدين جي هن راويت کي بچائڻ لاءِ زندگيءَ سان تعلق رکندڙ سيني پرتن کي اڳتي اچڻ گهرجي.

تلاءُ جي مجاور جنهن کي خليفو بہ چون ٿا جنهن جو نالو سجاد آهي ان کان اڳ سجاد جو والد خير محمد تلاءُ جو خليفو هو. هن ٻڌايو تہ منگهي پير جي درگاهہ ۽ تلاءُ جنهن ۾ واڳون آهن ۽ اهي اوقاف کاتي جي حوالي آهن. واقف کاتي وارا واڳوئن جي کاڌ خوراڪ لاءِ ڪجهہ بہ نٿا ڏين هو سڀ ڪجهہ پاڻ ڪري رهيا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ واڳوئن جي قبرستان تي قبضو ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو تہ 100 کان مٿي واڳون تلاءُ ۾ موجود آهن. مور واڳون جي عمر 150 سال آهي. جيڪڏهن ڪو واڳون مري ويندو آهي تہ پوءِ هن کي غسل ڏيئي واڳوئن جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويندو آهي. واڳوئن جون قبرون واڳون ڏر واري جاءِ تي ريڙهي مياڻ تي بہ موجود آهن. ڏر زمين يا جبل ۾ ڪنهن غار يا سوراخ کي چيو ويجي ٿو. واڳو ڏر واري غار لاءِ مشهور آهي تہ هي غار منگهي پير تائين وڃي ٿو. پراڻن نقشن ۾ هڪ رستو واڳو ڏر کان منگهي پير تائين موجود آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ ماضيءَ ۾ بنهي ماڳن جو پاڻ ۾ گهرو تعلق رهيو آهي. واڳون گرمي جي موسم ۾ آنا لاهيندا آهن جن کي تلاءَ لڳ واريءَ ۾ پوريو ويندو آهي. جيستائين بارش نہ پوندي آهي تہ آنن مان ٻچا نہ نڪرندا آهن جنهن لاءِ بارش ضروري آهي. ٻچن نڪرڻ ڪانپوءِ تلاءُ ۾ واڳن جي سار سنڀال تي مقرر مجاور "خليفو" انهن کي پنهنجي گهر ڪٽي ويندو آهي ٽن سالن ڪانپوءِ انهن کي تلاءُ ۾ ڇڏيو ويندو آهي.

رات گهڻي ٿي چڪي هئي. وقتي جهڳين جي ميدان ۾ موگرمان ۽ ميداني جي ساز تي ڌمال — ناچ جاري هو. عورتون ۽ مرد نچي رهيا هئا. انهن کي ڄڻ پنهنجو هوش نہ هو. آئون سيني کان

موڪلائي روانو ٿيس. سامهون درگاهه مان ٽلين ۽ گهنڊن جا آواز گونجي رهيا هئا. ائين محسوس ٿي رهيو هو ته اهي آواز موئن جي دڙي جي مندر مان گونجي رهيا هجن. موئن جي دڙي جي وڏي پوڄا گهر جي اڳڻ ۾ اهو ناچ جاري آهي ۽ پڄاوان ڪان اها پراتنا آهي ته هميشه جاري رهي.

# منهنجو ملڪ ملير

ملير جيڪو ڪنهن زماني ۾ پنهنجي سرسبز کيتن ۽ خوبصورت باغن ڪري مشهور هو. اڄ به هن جي گهٽي پاڱي تي جتي پاٽي موجود آهي اهو پورو علائقو جنت جو ڏيک ڏيندو آهي. ملير جي گهٽائي واري علائقي جي تباهي جي باوجود ڪراچي شهر کي تازيون ڀاڄيون ۽ ميوو ملير مان فراهم ڪيو ويندو آهي. ملير وادي سرسبز کيتن ۽ خوبصورت باغن ڪانسواءِ ڪٿي ڪٿي گهاٽن ٻيلن ۽ جهنگ ڪري به خوبصورتي ۽ ساوڪ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هر پاسي وٽڪاري هتان جي خوبصورتي ۾ واڌارو ڪندو آهي. ٻئي پاسي ابراهيم حيدري ڳوٺ کان گهگهر تائين خوبصورت ساحلي علائقو به ملير جو حصو آهي.

ملير ماتري ۾ هاٽوڪي بن قاسم ٽائون جو پورو علائقو، گڏاپ ٽائون جي ميمڻ ڳوٺ يونين ڪائونسل، گڏاپ يونين ڪائونسل، درساٽو چنو يونين ڪائونسل، سونگل يونين ڪائونسل، ڳجهڙو يونين ڪائونسل، هاٽوڪو ملير ٽائون، شاه فيصل ٽائون، لانڍي ٽائون ۽ ڪورنگي ٽائون ۽ ملير ڪئنٽ جا علائقا ملير وادي ۾ شامل هئا. شهر جي وڌڻ ڪري اهي سڀ علائقا ملير کان ڇجندا ويا.

ملير تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

اڪثر خيال اهو آهي ته ملير ندي جي ڪري هن پوري علائقي جو اهو نالو پيو هجي. ملير ندي ڄام شوري ضلعي جي شهر مول کان به 15 — 10 ڪلوميٽر مٿي جبلن مان وهي ملير کي سيراب ڪندي ڪورنگي ڦاٽ وٽ سمند ۾ چوڙ ڪري ٿي. اها ندي جڏهن ملير جي علائقي ۾ داخل ٿئي ٿي ته ان جو نالو مول نئين آهي. مول واري علائقي مان وهي اچڻ ڪري ان جو نالو مول پيو آهي. ملير ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ ان کي ملير چيو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ هڪ چوٽي مشهور آهي ته:

”ملير تڏهن مرڪي جڏهن ماٿس مول پرچي.“

جنهن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته ملير نئين تي اهو نالو ملير علائقي جي ڪري پيو آهي. ملير برساتي نئين آهي. جڏهن هي ملير جي علائقي ۾ داخل ٿئي ٿي ته ان جاءِ تي ڪديجي نئين به اچي ملير نئين ۾ ملي ٿي. ٻيو برساتي نديون جن ۾ ٿڏو، جرندو، لنگهيجي ۽ سکڻ اهي ملير نئين جون ڏن پرون برساتي نديون آهن. انهن ڪانسواءِ ڪونڪر، ٻاڪراڻ، گهگهر، پپري، وٽيجي، ڪار، ڪنڊ، سان، نر، مهير، موئيداڻ، ميلو، ٻاڙو (ٻولهاڙي)، ڪُرڪني، لٽ ڪرمتياٽي، نيون ۽ ڍورا به ملير ۾ آهن. گهڻا ڍورا جن ۾ سونگل، مهادل، چاڪر ڦاهي، چڪرو، ڳهجڙو، موڪي، شوري،

صفوران، آمري، کهيري وارو ڊورو، ٽوٽڪرين وارو ڊورو، ڳانگيارو، ٿهير ٻيا ڊورا ۽ نيون به ملير جي علائقي ۾ هيون جيڪي هاڻي گٽر نالين ۾ تبديل ٿي ويون آهن.

ملير، ٿڏو ۽ لياري نئين کي ندي ان ڪري چيو ويندو آهي جو گذريل دورن ۾ پورو سال انهن ندين مان حب ندي وانگر صاف ۽ شفاف پاڻي وهندو هو. هتان جا رهواسي انهن مان ڪسيون کڊي واهي چاهي ڪندا هئا.ڪنهن دور ۾ هتي نار ۽ کوش جي وسيلي به زراعت ڪئي ويندي هئي. اڄ به ڪديجي، لنگهيجي، ٿڏو، مول، ڪنڊ ۽ مهير ڊوري ۾ ڪٿي ڪٿي صاف ۽ شفاف پاڻي وهي ٿو.

انهن ندين جي اپريل طاسن تي ماڻهن پنهنجا ڳوٺ آباد ڪيا پنهنجي معاش لاءِ انهن ندين مان ۽ انهن جي پر ۾ کوهه کوٽي زراعت ڪئي. جنهن جي ڪري هي پورو خطو سرسبز شاداب هو ۽ انهيءَ سرسبزي ۽ شادابي ڪري متس "ملير" نالو پيو. سنڌي ۽ بلوچي ٻولي ۾ ملير جي معنيٰ "ساوڪ پريو" ۽ زرخيز آهي. اڄ به جڏهن ڪٽي به خوبصورت وٽڪار وارو علائقو ڏسبو ته بي اختيار منهن مان نڪرندو. .ملڪ ته ملير لڳو پيو آهي." ملير کي ڪنهن دور ۾ ڪشمير سان پڻ ڀيٽيو ويندو هو. اڄ به جڏهن وسڪارو ٿيندو آهي. کوهن ۾ پاڻي پرجي ويندو آهي ۽ هن خطي يا گهڻا حصا ڪشمير ڪان ساوڪ ۾ گهٽ نه آهن.



**ملير ندي جو ڪاٺوڙ لڳ خوبصورت منظر**

ملير مني پاڻيءَ ۾ ٿيندڙ مڇيءَ جي هڪ قسم کي به چيو ويندو آهي. هي مڇي ٻنا چلر جي ٿن ڪان پنجن انچن تائين قد جي ٿئي ٿي. ان کي چار پَر ۽ وات وڏو هوندو آهي. ملير ۽ ٻين ندين ۾ پاڻي جام هوندو هو. انهن ندين ۾ ڪُنن، ڪڏن ۽ کوٻن ۾ اها مڇي جام ٿيندي هئي. اڄ به مول (ملير) ۽ ٿڏي نئين جي انهن حصن ۾ جتي پورو سال پاڻي هوندو آهي اها مڇي ٿيندي آهي. هن ڪري به ان علائقي جو نالو ملير پيو هجي يا ملير علائقي ۾ اها مڇي گهڻي تعداد ۾ هئڻ ڪري ان مڇي جو نالو ملير پيو هجي.

اجرڪ جهڙي رنگيل ڪپڙي کي جيڪو اڪثر مرد پنهنجي ڪلهن تي اوڍين ٿا ان کي ملير چئبو آهي. مليرو يا مليرا ان ڏاند کي به چئبو آهي جنهن جو رنگ ڳاڙهو پر ڪوڙي اڇي هجي ٿي.

ملير ڳاڙهي ڳئون (Malir Redcow) اڄ به پوري دنيا ۾ مشهور آهي. آسٽريليا ۾ ان جي افزائش جا الڳ فارم آهن. جتي به ان جو نالو ملير ڳاڙهي ڳئون (Malir Redcow) آهي. هي ڳئون گهڻو ڪري ملير جي ساحلي پٽي ۾ هوندو آهي. ڳانگيارو، جوريجي، لانڍي، ٻاڪراڻ، پيپري، گهگهر ۽ ڪاٺتو وارن ديهن ۾ ٻاڳين وٺ ڪنهن دور ۾ جهجهي تعداد ۾ هوندو هو. تمر جا پن ان جو خاص خوراڪ آهي.

مليرو ٻاجهي طور ڪم ايندڙ برساتي ٻوٽيءَ جو به نالو آهي. جيڪو جابلو علائقي ۾ ٿئي ٿو. برساتن ڪانپوءِ پوري ملير جي علائقي ۾ ويندي ڪوهستان تائين اهو خودرو ٻوٽو جام ٿئي ٿو.

ملير ماڻهو جو به نالو آهي. گڏاپ جي علائقي ۾ پٻ ملير نالي هڪ ڳوٺ به موجود آهي. جيڪو ٻن پائرن پٻ ۽ ملير جي نالي سان مشهور آهي، اهي ذات جا جوکيا هئا. ملير نالي هڪ ٻيو همراهه جيڪو ذات جو گوندر هو، 20 سال اڳ فوت ٿي ويو. جيڪو پڻ گڏاپ ۾ رهندو هو. گهگهر ڦاٽڪ (هاڙي سسئي پل) ڪانپوءِ هڪ رستو ڏکڻ اولهه پاسي وڃي ٿو جتي هاڙي انڊسٽريل زون ناهيو ويو آهي هتي حسن شاهه درگاهه کان اڳ سمنڊ ڪناري ڪجهه گهاڙي طرز اڏاوت جون قبرون آهن جيڪي گبولن ۽ خاصخيلي قبيلي جون آهن. هتي ڪنهن ڳالهه تان خاصخيلين ۽ گبولن جي جنگ لڳي هئي. خاصخيلي قبيلي جي سربراهي ملير نالي همراهه ڪري رهيو هو جيڪو هن لڙائي ۾ مارجي ويو. ان جي قبر به اتي موجود آهي. اهي ماڻهو گهڻا پوءِ جا آهن. ائين به ٿي سگهي ٿو آڳاٽي زماني ملير نالي ڪنهن شخص هتي ڳوٺ اڏيو هوندو ۽ پوءِ هن جي نالي پويان هن علائقي جو نالو ملير پئجي ويو هوندو.

ملير نالي ٻه ٻيا ماڳ به هن وقت سنڌ ۾ موجود آهن. هڪ ٿر ۾ مارئي واري ملير ۽ ٻيو مارڏ ملير جاتي ضلع بدين ۾ ديهه ٻهدمي کان 4 ميل ڏکڻ اوڀر پاسي آهي. بلوچستان ضلعي لسٻيلي ۾ هنگول ندي لڳ خوبصورت جبلن ۾ ”ڪُنڊ ملير“ نالي خوبصورت علائقو آهي. جيڪا گهمڻ جي جاءِ آهي. ان کان پهرئين لياري وارو علائقو به هتي آهي. انهن ڪانسواءِ ماليرڪوٽلا نالي علائقو هريانا پارٽ ۾ به موجود آهي. ماليرڪوٽلا جيڪو راجستان ۽ هريانا جي دنگ تي ضلعي هريانا ۾ آهي. مرزا غالب جي سهري مرزا الاهي بخش مغلن جي آخري بادشاهه شهنشاهه بهادر شاهه ظفر جي پيٽ ۾ انگريزن جو ساٿ ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ ماليرڪوٽلا جي جاگير هن کي ڏني ويئي. اردو جو مشهور جميل الدين عالي ۽ پٽنو ڦاهي ڪيس ۾ مشهوري ماڻيندڙ احمد رضا قصوري ماليرڪوٽلا جي مرزا الاهي بخش جي خاندان مان آهي.

سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٿر واري ملير ڪانسواءِ سر حسيني جي بيت ستين ۾ ڪراچي واري ملير جو به ذڪر ڪيو آهي:

**اڍيون ڪا ايندي؟ ڇپر مون سڳ ٿيو،**

**لاٺيندس لڱن ڪي، مليران ميندي،**

**ونڊر آئون ويندي آري ڄام آڇو ڪري.**

پنيور ڪان ڪيترائي پراڻا رستا نڪرن ٿا. جن مان هڪ رستو سمنڊ ڪناري ڪوڪري، گهگهوٽ، وٽيجي، پيري، ٻاڪراڻ، ڪاٺو، لانڍي ڪانپوءِ ڪونڪر ۽ گڏاپ ۾ موڪي جي مسافر خاني ڪان ٿيندو سون مياٽي ۽ مڪران ڏانهن ويندو آهي، جڏهن ته ٻيو رستو/پيچرو جنهن ڪي مومتاٽي واٽ چيو وڃي ٿو اهو ديهه جوريجي، ديهه ڏاندو، ديهه ڪانوڙ، للو پٽ ڪان گڏاپ ۾ اچي لانڍي ڪان ايندڙ گس سان ملندو آهي. سسئيءَ ڪيچ وڃڻ لاءِ وٽيجي وارو پيچرو استعمال ڪيو هو ۽ پنهون جو قافلو به انهيءَ واٽن مان ڪنهن واٽ تان پنيور آيو هو. جنهن ميندي جي وڻ/ٻوٽي جو ذڪر شاهه لطيف ڪيو آهي، اهو اڄ به خودرو بنيادن تي ملير جي جابلو علائقي ۾ جهجهي تعداد ۾ ٿئي ٿو. انهن ٻنهي گسن جي آس پاس اهي ٻوٽون اڄ به موجود آهن. اها ميندي پنهنجي رنگ ۽ خوشبو ڪري مشهور آهي.

انهن سيني ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهه ڪري ان علائقي تي نالو ملير پيو آهي. جنهن تي تحقيق جي ضرورت آهي. پر گهڻو ڪري خيال آهي ته سرسبز ۽ شادابي جي ڪري ان ماٿري ڪي ملير چيو ويو ۽ ائين ان علائقي تي ملير نالو پيو جيڪا ڳالهه وڌيڪ وزندار ۽ عام به آهي.

ملير جي قدامت جو اندازو هتان جي آثارن مان لڳائي سگهجي ٿو. ميمڻ ڳوٺ ڪان ڊملوٽي ويندي، بازار نئين جنهن ڪي لنگهيجي نئين به چيو ويندو آهي جي ڪاٻي هٿ تي الهڏني جا آثار آهن. انهن آثارن لڳ ڪنهن دور ۾ الهڏني جوکئي جو ڳوٺ هوندو هو جنهن ڪري انهن آثارن ڪي الهڏنو آثار جو نالو ڏنو ويو. هن ماڳ جي ڪوٽائي ۾ Unicorn جون مهرون به مليون آهن. سورخ دار نڪري ۽ هڪ سڱ واري ڍڳي جون مهرون به مليون آهن. هتان مٽيءَ جا رانديڪا ۽ ٿانو به مليا آهن. هي ماڳ ڪراچي شهر ڪان 23 ڪلوميٽر اتر اوڀر پاسي آهي. هن ماڳ تان ٽن دورن جا آثار مليا آهن. پٿين ۾ پٿرن سان گڏوگڏ ڪچيون سرون به استعمال ڪيل آهن. هتي 1973ع ۽ 1974ع ۾ ڪوٽائي به ڪئي وئي آهي.



**ديهه بازار ۾ الله ڏني جا تاريخي آثار**

ماهرن جي تحقيق مطابق هتان دريافت ٿيل گهڻن مهرن تي هڙپا مان مليل مهرن جي جانورن جون تصويرون اُڪريل آهن ۽ پراڻي رسم الخط به ڪجهه مهرن تي اڪريل آهن. جيڪا لڪائي اجا تائين پڙهي نه ويئي آهي ۽ نه ئي انهن رسم الخط تي کوجنا جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هڪ مهر تي هاٿي جي تصوير پڻ اڪريل آهي. هتان ڪجهه اهڙا نشان به مليا آهن جنهن مان پتو پئجي ٿو ته هتي ووٽن جي پوک به ٿيندي هئي. جيڪا اڄ تائين هن علائقي ۾ ٿئي ٿي. انساني مجسمن جي بجاءِ هتي ڪتن، ٻڪرين ۽ ڪجهه ريگنڻ وارن جانورن واريون مهرون ۽ مجسما به مليا آهن. سار سنڀال نه لهڻ ڪري آثار تباهه ٿي رهيا آهن. آثارن جي هڪ حصي تي پرپاسي جي زميندار ڪيڙي پوکون ڪيون آهن ۽ ڪجهه ماڻهن آثار جي هڪ حصي تي گهر اڏيا آهن. انهن گهرن جا ماڻهو ۽ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو آثارن کي ڪاڪوس طور استعمال ڪري رهيا آهن. هن کان وڌيڪ ٻي حسي ٻي ڪهڙي هوندي؟

ملير وادي جي تاريخي قدامت قديم پٿر جي شروعاتي وچين ۽ آخري دور سان ٿئي ٿو. هتي هر دور جا آثار موجود آهن. هن علائقي لاءِ اها اهم ڳالهه آهي ته قديم زماني کان وٺي اڄ تائين آباد رهيو آهي. سمنڊ ۽ سنڌو درياهه جي ويجهو ۽ قديم گذرگاهن تي آباد هئڻ ڪري ان علائقي ۾ روزگار جا وسيلا موجود رهندا اچن ٿا ۽ قديم وقتن کان هي علائقو اولهه، اتر اولهه ۽ ڏکڻ اوڀر جي علائقن جي وچ ۾ پل جو ڪم ڏيندي رهي آهي.

جڏهن سڪندر اعظم افغانستان کان ٿيندو پنجاب ۽ سنڌ جو رخ ڪيو هو هاٺوڪي ڪراچي واري علائقي کان گذري ايران ڏانهن ويو هو. ڊاڪٽر وليم پنهنجي ڪتاب The Commerce of Ancients in the Indian Ocean ۾ لکي ٿو ته، ”سڪندر اعظم جو مشهور جرنيل نيارڪس نندي ڪند تي ڪامياب فوج ڪشيءَ ڪانپوءِ وطن ورندي پنهنجي فوج سان گڏ 8 آڪٽوبر 326 ق.م ۾ ڪراچي جي پسگردائي ۾ قيام ڪيو هو. ان وقت هن علائقي کي ڪرو ڪالا چيو ويندو هو. ڪروڪالا جو مطلب واڱون واري جاءِ آهي.“

اولهه جي هڪ مورخ ۽ محقق ڪارٽر موجب نيارڪس جنهن جاءِ تي قيام ڪيو هو ۽ اهو جزيرو انتهائي پرڪشش هو تہ نيارڪس متاثر ٿي انهيءَ جو نالو ”سڪندري جنت“ رکيو ۽ ڪارٽر موجب سڪندري جنت ڪياماڙي بجاءِ ”واڱو ڏر“ وارو علائقو آهي. واڱون ڏر ملير جو حصو آهي ۽ ڪارٽر جي ڳالهہ ۾ وزن بہ آهي تہ سڪندري جنت واڱون ڏر آهي.

هن ڪان اڳ بيان ڪري آيو آهيان جرنيل نيارڪس ڪراچي جي پسگردائيءَ ڪي ڪارو ڪالا جو نالو ڏنو جنهن جي معنيٰ ”واڱون واري جاءِ“ واڱون ڏر ۾ اڄ بہ واڱون موجود آهن ۽ هتي واڱوئن جون قبرون بہ موجود آهن جن ڪي بزرگ واڱون چيو ويندو آهي. واڱون ڏر وارو علائقو ڪنهن دور ۾ سنڌو جي هڪ چوڙ واري چاڙ ۽ ملير ندي جي وچ ۾ هئڻ ڪري جزيري جو ڏيک ڏيندو هو.

ايرين پنهنجي ڪتاب The learning of Alxander ۾ لکي ٿو تہ، ”آربيس ندي (حب ندي) ڏانهن ويندي هو درياهہ اڪريو جيڪو درياهہ بدران واهڙ هو. هو باڪ ڦتي ڏاري هڪ آباد علائقي ۾ آيا. هن (سڪندر) پنهنجي پياري فوج جي صف ٻڌي ڪئي آرام لاءِ هڪ نديءَ پرسان ٿورو ترسيا هئا.“

آربيس (حب ندي) ڏانهن ويندي سڪندر جي فوجن جنهن درياهہ جهڙي واهڙ ڪي پار ڪيو. اهو درياهہ جهڙو واهڙ ملير نئين ۽ جنهن ندي پرسان ٿورو ترسيا هئا . اها ندي بنا ڪنهن شڪ جي لياري ندي آهي. ملير کي درياهہ ان ڪري چيو ويو هو جو هن ۾ پاڻي موجود هو.

ايرين اهو بہ لکي ٿو تہ ”ان علائقي ۾ جتان پيادل فوج گذري هئي هتي پيئڻ جي پاڻي لاءِ کوهہ کوٽيا ويا هئا“. انهن ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو تہ سڪندر اعظم جون فوجون ملير جي آباد علائقي مان گذري حب ندي ويون هيون. ملير اڄ بہ کوهن ڪري مشهور آهي.

سفر دوران نيارڪس جن ٻن علائقن سارنگ ۽ ساڪل جو ذڪر ڪيو آهي. ايچ ٽي لمبرڪ پنهنجي ڪتاب Sind a General Introduction ۾ انهن جاين کي ترتيبوار وٺيجي ۽ ابراهيم حيدري ڄاڻائي ٿو. گذري ڪاري جا ملير نديءَ جي چوڙ Estuary آهي. سا بہ ڪنهن زماني ۾ هتي اچي ان ڪاريءَ سان ملندي هئي ۽ هاڻي هترادو طور ملير نئين جي چوڙ واري علائقي کي تبديل ڪيو ويو آهي. ڊملوٽي جو علائقو قديم ملير جو مرڪز رهيو آهي. هتي الهڏني آثار ڪانسواءِ حيات جوکيو ڳوٺ هڪ پراڻي آثار جي ڊير تي آباد آهي. انهن آثارن لڳ هڪ پراڻي پٽر جي ڪوٽ جا آثار بہ آهن. جنهن کي نٿالي جو ڪوٽ ۽ نٿالي جا آثار بہ چون ٿا. چاڪاڻ تہ پٽر جو اهو ڪوٽ نٿالي جي ڳوٺ لڳ هو. نٿالو پٽ سائينداد جيڪو جوکين جي سردار جام بجار پهرئين جو چاچو هو.

ملير ۾ جرندو نئين جي گڏجڻ واري علائقي، جيڪو ڪراچي شهر کان 35 ڪلوميٽر اتر اولهه پاسي سپر هاءِ وي لڳ ديهه اميلاٽو ۾ آهي ته هڪ پراڻو ماڳ آهي. فليم مطابق هتان ملندڙ آثار ٻڌائن ٿا ته هي ماڳ مڪمل هڙپا دور سان تعلق رکندڙ آهي. لانڊي ۾ ٻاڪراڻ وارا ماڳ جيڪي لانڊي ۾ سڪڻ نئين جي ڪابي ڪپ تي واقع آهن هتي هڪ ٿانو ۾ ٻڪر جي اڳين ڄاڙي جو هڏو مليو آهي. مجمدار موجب ماڳ ڪافي وسيع آهي ۾ هتان نڪرندڙ ٿانو آمريءَ واري دور سان تعلق رکن ٿا.

ڪديجي جي جابلو ماٿريءَ ۾ جتي پٿر جي دور جون غارون مليون آهن هتي ئي هڪ ٻٽي ”ڪوٺاري بني“ جيڪا نيو ليٿڪ دور سان تعلق رکي ٿي جنهن جي پاسي ۾ سنڌو تهذيب جا نشان پڻ موجود آهن. ڪديجي جهرڻي لڳ ۾ ڪانوڙ ۾ گوهربان تي پڻ قديم آثارن وارا ماڳ موجود آهن. پر هاڻي اهو پورو علائقو ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي وارن ڪي ڏنو پيو وڃي ۾ انهن آثارن تي بنگلا اڏي انهن آثارن ۾ اهڃاڻن ڪي هميشه لاءِ ختم ڪيو ويندو.

ڊملوٽي تي ڀرئين هڪ ڪوهه هو جنهن لڳ پير جو وڻ هو ۾ وڻ لڳ هڪ قديم غار ته هوندي هئي. هي هندوئن جو تيرٿ آستان هو. غار ۾ شيو ۾ لڪشمي ديوي جي پوڄا ٿيندي هئي. هاڻي غار ڪي پٿرن سان بند ڪيو ويو آهي. انهن غارن ڪانسواءِ ملير ۾ واڱو ڏر ته آهي. ڏر معنيٰ ڪڏ آهي. اها ته هڪ قدم غار آهي. موئيداڻ جي علائقي مهير جبل جي ڏاٽ ٻاٻرين وٽ لاهوت اتڙي ته قديم غار آهي. مهير جبل تي ٻاٻرين جا آثار آهن جتي هڪ پراڻي پٿر جو قلعو آهي جيڪو شروعاتي پٿر جي دور جو قلعو آهي جتي پٿر جا اوزار ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. آثار لڳ گبربند جا نشان موجود آهن. مهير جبل تي ۾ مهير کان هيٺ ڪنڊ ڏانهن ويندي ڳوٺ گل محمد ڪانڙي ديهه تراڙي لڳ رستي جي ساڄي هٿ تي پراڻن قبرن جا آثار آهن جيڪي فقط ته ڪان تي فٽ ڊگها، ڏيڍ فٽ ويڪر جا آهن. انهن قبرن جي ڪناري تي پٿر رکيل آهن ۾ هڪ پٿر مٿان رکيل آهي. برساتن ۾ طوفان ڪري انهن قبرن مان هاڻي هڏا ته نظر اچي رهيا آهن. مقامي ماڻهو انهن ڪي ڪافرن جون قبرون چون ٿا.

موئيداڻ جي مهير جبل جي ڏاٽ ٻاٻرين تي، گوهر بان ڪانوڙو، ڪديجي، اميلاٽو، ٻاڪراڻ ۾ ڊملوٽي ۾ چمڪيلي، پٿرن جا اوزار ۾ هٿيار مليا آهن. ٽامي جي دور سان هڪجهڙائي رکندڙ ٻن پاسن وارا پٿر جا چاقو ۾ پاڪي ملڻ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هتان جا هنرمند فني اعتبار کان پنهنجي همعصر تهذيبن ۾ هنرمندن تي فوقيت رکندا هئا. موئيداڻ جي ڪنڊ جي علائقي ليداڻي ڊوري جي پار بلوچستان واري علائقي ۾ گهاڙي قبرستان لڳ گول لسا پٿر وڏي علائقي تي پکڙيل آهن جيڪي مختلف سائيزن جا آهن اهي اهڙا پٿر آهن جيڪي منجنيقن ۾ استعمال

ٺيندا هئا. خيال آهي تہ هتي منجنيقن جي پٿرن ناهڻ جا ڪاريگر رهندا هئا. اها فيڪٽري جي جاءِ هئي. جن جي ڪاريگري ڪمال جي آهي.
ڪاريگري تہ گهاڙي طرز جي قبرن جنهن کي عام طور روميون ۽ چوڪنديون چئبو آهي بہ ڪمال جي آهي. اهي بيشمار گهاڙي اڏاوت جون قبرون ملير ۾ حب کان وٺي گهگهر تائين ڦهليل آهن. جنهن تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. انهن جي خوبصورتي صدين تائين لکڻ وارن ۽ محققن کي هرڪائيندي رهندي، شرط اهو آهي تہ اهي قائم رهن. چوڪندي جي نالي تي بہ بحث هلندڙ آهي. نيشنل هاءِ وي تي جوکين جي ڄامن جي چوڪندي ۽ ميمڻ ڳوٺ لڳ ٿڏي نئين جي ڪپ تي ڪلمتي قبيلي جي راڄن ملڪن جون روميون جنهن کي بلوچ تومبس بہ چيو وڃي ٿو هتي گهاڙي طرز جون 130 قبرون آهن. انهن قبرن تي خوبصورت چٽسالي ڪانسواءِ انجنيئرنگ ۽ جياميٽري جي ڪمال جي ڪاريگري استعمال ٿيل آهي. اهڙيون ٻيون قبرون يا قبرستان اسٽيل مل اندر شيخ محمد قبرستان، ديهہ ٻاڪراڻ ۾ محمود شاهہ قبرستان نيشنل هاءِ وي لڳ پير ڪوهي درگاہ لڳ سازين قبرستان، مشين ٽول فيڪٽري جمع حماتي ڳوٺ لڳ ديهہ شرابي ۾، ميمڻ ڳوٺ لڳ پولٽري اسٽيٽ – 2 ۾، جامعہ مليہ، ملير ڪاليج ملير لڳ قبرستان ۾، شاهہ حسن لڳ انڊسٽريل زون ۾ ڪاري واري ڊوري لڳ ملير ڳڏي جي چوڪندي پير مجنون قبرستان گهگهر، پاڪ لينڊ سيمينٽ فيڪٽري لڳ، لانڌي جيل جي اولهہ پاسي، سپر هاءِ وي تي ناگوري سوسائٽي لڳ، پپري، ڊملوٽي، ديهہ لنگهيجي ۾ ٿڏي نئين جي ڪپ تي ڪلمتين جون روميون، ملير جي ڊنگ تي مور مرادين قبرستان، شورينگ ۾ امام بخش ڳوٺ قبرستان، ڪنڊ، حب جي ڪناري ڳوٺ ڏٽي بخش ۽ شير محمد بنديچي لڳ، واڻ ڪنڊ ۾ شاهہ محمد قبرستان، ڪانسواءِ پراڻي ڪراچي ۽ گهاري واري رستي تي جيڪو وٺيجي ڪان هاٽوڪي اسٽيل مل وٽان گذري ڪاٺي ڪانپوءِ ملير ڏانهن ويندو هو اسٽيل مل واري جاءِ تي روڊ جي ڪناري واري جي پٽن ۾ اڻ ڳڻيون گهاڙي ۽ خوبصورت چٽسالي واريون قبرون قبرستان ملير ۾ آهن. اهي قبرون گهڻو ڪري جوکين، ڪلمتين ۽ برفت قبيلي جون آهن. گهاڙي طرز جون اهي قبرون ايران جي علائقي باهو ڪان وٺي نٽي تائين پوري ساحلي علائقي ڪانسواءِ ڄامشوري ضلعي ۽ دادو ضلعي جي ڪوهستان ۽ ڪاڇي ۾ بہ آهن. پر انهن جو گهڻو تعداد لسٻيلي، ملير ۽ ٺٽي ۾ آهي. تاريخ جي لکندڙن جو خيال آهي تہ انهن قبرن جا مستري/رازا روم جا هئا جيڪي فن پوءِ ايران کان ڪلمتي بلوچ پاڻ سان گڏ بلوچستان ۽ سنڌ ۾ ڪٺي آيا. اهي قبرون 11 کان 16 صدي تائين واري دور جون آهن. اهي گهاڙي قبرون ملير جي تاريخ ۽ عظمت جا اهڃاڻ آهن. انهن تي چٽيل چٽسالي ملير جي خوبصورتي ۾ واڌارو ڪيو آهي.

ملير جي علائقي موئيداڻ ۾ گڏاپ ۾ پٿر واري آخري دور جون قبرون موجود آهن ۾ گهٽين جاين تي هندوئن جون قبرون به آهن. موئيداڻ (ڪوستان) ۾ جڳهه جڳهه تي ”هديرا“ (پٿر جا وڏا پلر بيهاري ان جاءِ کي مقدس ڪيو ويندو آهي يا ڪا پراڻي بي نام اڪيلي قبر واري جاءِ) آهن. هتي ڪجهه جاين تي پنج کان ست فٽ گول دائري ۾ رکيل پٿر ۾ هڪ پاسي اچڻ وڃڻ لاءِ لنگهه ڏنل هوندو آهي اهي به ملير جي علائقي ۾ موجود آهن. انهن کي مقامي ماڻهو ”ڪوٽڙو“ چوندا آهن. انهن تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. ايڇ ٽي لمبرڪ پنهنجي ڪتاب Sind a General Introduction ۾ لکي ٿو ته، ”ٽاڪرو تر جا هاٽوڪا رهاڪو پنهنجي قديم وڏن جي جاين ۽ اهڃاڻن کي ”ڪوٽڙو“ سڏيندا آهن.“

ڪنهن زماني ۾ سنڌو درياهه جو هڪ وهڪرو پنيور کان ٿيندو ابراهيم حيدري لڳ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو جنهن کي پنيور لڳ گهارو نئين/گهارو ڦاٽ چيو ويندو هو. ان جي ڪپ تي ابراهيم حيدري ڳوٺ، ريڙهي ڳوٺ (ريڙهي مياڻ) ديبل، پنيور، رتوڪوٽ ۽ ٻيا ڳوٺ آباد هئا. غلام شاهه ڪلهوڙي 1756-72ع جي دور ۾ ٺٽي جي نواب شڪر الله کي حڪم ڏنو ته راڻي ارجن کي مارائي ان جي علائقي تي قبضو ڪيو وڃي. جنهن اهو ڪم بجار جوکئي تي رکيو جنهن تي هڪ سگهڙ هينئيون بيت چيو هو:

**شڪر الله بجار کي ٿو ڪوٺيو سڏائي**

**ته اڻ سسي ارجن جي يا پنهنجي تون ڏي.**

بجار اسي ماڻهو ساڻ ڪري لاڙي بندر (لاهري بندر) کان رتو ڪوٽ پهتو. جتي راڻو ارجن پنهنجن ماڻهن سان شڪار لاءِ لٿل هو. بجار جوکئي اوچتي حملي انهن کي مقابل جي مهلت نه ڏني ۽ راڻو ارجن مارجي ويو. ان واقعي کانپوءِ غلام شاهه بجار جوکئي کي ڄام جو لقب ڏيئي جوکين جو سردار مقرر ڪيو. سرداري جي پڳ پهرئين مريداڻي جوکين تي هئي.

رتوڪوٽ ڪراچي جي مرڪز کان 27 کان 30 ڪلوميٽر پري ريڙهي مياڻ لڳ مجق ٻيٽ ۾ آهي. مجق ٻيٽ، ڦٽي ڪاري/ڦاٽ ۽ ڇن ڪاري جي وچ واري ٻيٽ جي اوير واري چيڙي تي آهي. هتان سنڌو جي شاخ وهندي هئي. گهارو ندي انهيءَ شاخ ۾ چوڙ ڪندي هئي تنهن ڪري ان کي گهارو ندي به سڏيو ويندو هو. پورٽ قاسم به انهيءَ ڪريڪ تي آهي. رتوڪوٽ جي ڇن ڪنڌرن مان هڏاون پڃرا مليا آهن. هتي هڪ قبرستان ۽ ٻيا پراڻا آثار به آهن. انهن آثارن مان ڪاشي، چيني ۽ ٺڪر جا ٿانو مليا آهن. ڪنهن دور ۾ هي آباد بندر هو.

مقامي ماڻهو ڪوٽ کي رتوڪوٽ جي نالي سان انهيءَ ڪري سڏيندا آهن جو ڪوٽ جي ڪنڌرن ۾ سرن جو رنگ ۽ خود ڪنڌر به ڳاڙهي رنگ جا آهن. گهٽا ڀيرا حملو ڪندڙن ڪري هتي خون جي

هولي ڪيڏي ويئي جنهن جي ڪري شايد انهن بي گناهه ماڻهن جي رت جي لالاڻ ڪري ڪوٽ ۽ زمين جو رنگ ڳاڙهو ٿي پيو هجي ۽ انهيءَ ڪري ان کي رتوڪوٽ چيو ويندو هجي. انهن آثارن جي ياترا تي آئون گهڻا ڀيرا وڃي چڪو آهيان. هتي هڪ قبر مٿان چوکنڊي طرز جي ڇٽي نهيل آهي. ڪجهه گهاڙي قبرون بہ آهن. ڪوٽ جي پٿين جي ويڪر هن وقت ڪٿي چار ۽ ڪٿي پنج فٽ آهي. ڪوٽ جي چئني ڪنڊن ۽ شاهي دروازي تي برج نهيل آهن. دروازي جي اولهہ پاسي شهري آبادي جا نشان موجود آهن. ڪوٽ جي اولهہ ڏکڻ ۽ اتر اولهہ پاسي قبرستان آهي. شهر ۾ گهرن جي بنياد جا نشان موجود آهن ۽ ڪوٽ ڪان شهر ڏانهن ويندڙ رستي جا نشان بہ موجود آهن. هڪ روايت اها بہ آهي تہ هي راجا دلو راءِ جو ڪوٽ آهي. هي هن جي حڪومت جي گادي جو هنڌ هو. مورڙو ميربحر پنهنجي ڀاڄاين جي مهڻن کان بيزار ٿي هتي اچي راجا دلو راءِ وٽ رهيو هو. ٻي روايت اها آهي تہ ڪوٽ راڻن جو نهرايل آهي جيڪو رتو ڪوٽ راڻن جو مشهور آهي. راڻا هن علائقي جا حڪمران هئا ۽ ٺٽي جي حاڪمن سان ڪونہ نهندا هئا. سمنڊ جون لهرون آثارن کي ختم ڪري رهيون آهن. ان ڪانسواءِ سمنڊ ڪناري ريشن بيچ (شاهه حسن درگاهه) لڳ سمنڊ ۾ هڪ پراڻي شهر جا آثار موجود آهن.

افسوس تہ اهو آهي تہ ايتري پراڻي تهذيب جا آثار، ماڳ ۽ مڪان بنا ڪنهن سار سنڀال جي تباهہ ٿي رهيا آهن. حڪومتي ادارن جي لاپرواهي ۽ اسان جي بي حسي ڪري هڪ پوري تاريخ، ماضي جي هڪ پوري تهذيب جڪنهن تي اسان فخر ڪري سگهون ٿا تباهہ ٿي رهيا آهن. انهن ماڳن، مڪانن، آثارن جو ڪو بہ والي وارث ڪونهي.

هاڻوڪي رهندڙ قبيلن مان سڀ کان اڳ کهڙي قبيلي ملير کي اچي وسايو جنهن جي باري ۾ اجا ڪا پڪي ثابتي نہ ملي آهي. ڪنهن دور ۾ هتي جاڙيجا، پنهور، پڙچ، راڻا، لاشاري ۽ جاکرا بہ رهندا هئا. ڪلمتي، جوکيا، برفت، گبول، خاصخيلي ۽ ڇتا قبيلا تہ صدين کان هتي آباد آهن. جن ۾ ڪلمتي ۽ برفت، آڳاٽا قبيلا آهن. جوکيا 15هين صديءَ ۾ راجستان کان هتي آيا. جيڪي عربن جي آخري دور ۾ ملير، حب، منگهو پير، ۽ ساڪري ۾ اچي آباد ٿيا. علي احمد بروهي پنهنجي ڪتاب ”هسٽري آف ٽومب اسٽونز“ ۾ لکي ٿو تہ، ”چوکنڊي قبرستان جي الهندي حصي ۾ اعليٰ ڪشادي طرز جي نموني تي قبرون آهن جيڪي گهڻو آڳاٽي زماني سان تعلق رکن ٿيون. مقامي ڏند ڪٿائن موجب اهو حصو ڪلمتي قبيلي جو هو جيڪو دراصل اتر پاسي قبرستان ۾ پنهنجن مردن کي دفن ڪندا هئا. سورهين صديءَ جي آخر ۾ فقط بہ قبيلا ملير جي علائقي ۾ غالب هئا. ڪلمتي ۽ برفت، جوکيا قبيلا جيڪي هاڻي قبرستان کي پنهنجو سڏين ٿا، بعد ۾ ڪوهستان کان هجرت ڪري هتي آيا.“ (حوالو: تاريخ جوکيا، مرتب علي محمد جوکيو).

ملير جو علائقو زرعي علائقو رهيو آهي. هن وقت بہ گهڻي حصي ۾ زراعت ڪئي ويندي آهي. ڪنهن دور ۾ هتان جي ماڻهن جو سئو سيڪڙو روزگار جو وسيلو زراعت ۽ مال ڌارڻ تي هوندو هو.

ورهاڱي کان اڳ ملير ساوڪ ڀريل گلستان وانگر هئي. ميون، ڀاڄين ۽ اَن ۾ ڀاڻ ڀري هئي. جنهن سبب هتي جي ماڻهن کي روزگار نصيب ٿيندو هو. ملير جا پڪا پوڙها اڄ بہ ان دور کي ياد ڪندي چون ٿا. "ابول! پراڻن وقتن ۾ اسان جي ملير ڪيڏي نہ خوبصورت ۽ زرخيز هئي."

ڪو وقت هو جو هي تر زرخيز هو. هتي، پٽاٽا، زيتون، انب، ڪيلو ۽ ٻيا ميوا ۽ ڀاڄيون اپائيندا هئا. دم ۽ ٽي بي جي مريضن کي ڊاڪٽر آبهوا جي تبديلي لاءِ ملير جي تازي هوا خوري جو مشورو ڏيندا هئا. اهو ڏک بہ سمجهڻ جوڳو آهي. گهڻو ڪري ان ڪري بہ جو ملير هڪ اهڙي سرزمين هئي جتي ماڻهن جي گذران لاءِ اڪيچار شيون موجود هيون. هتي جا ماڻهو امن ۽ سڪون سان رهندا هئا ۽ ڏوهہ تہ ٿيندو نہ هو. ان ڪانسواءِ ملير ڪراچي لاءِ ڪاڌ خوراڪ جو پورائو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي هئي ان ڪري هتان جا رهواسي سکيا ستابا هئا. پر وقت سان ڪراچي ۾ ٿيندڙ نئين گهڻي اڏاوت ۽ ٻاهران آيل ماڻهن جي وار ملير کي وڏو ڌڪ رسايو. 60 واري ڏهاڪي ۾ ديهہ ڊگهہ، ديهہ ٽاڻو، ديهہ شرافي (شرابي) آباد علائقا هوندا. حڪومت پاران اهي ويڪنٽ لينڊ ڄاڻائي وڏي تعداد ۾ هندستان مان آيل پناهہ گيرن کي انهن زرعي زمينن تي آباد ڪيو ويو. باقي ملير، درساڻو ڇنو، ڪانوڙ ۽ ڳڏاپ وارا علائقا ملير ۽ ٻين برساتي ندين مان ريتي بجري ڍوئجڻ ڪري برباد ٿيندا ويا. ٿيون سبب بارش جو گهٽ پوڻ ۽ وڏيڪ زمين آباد ڪرڻ جي جنون ۾ زير زمين پاڻي جو ختم ٿيڻ آهي.

ملير جي علائقي آسو ڳوٺ ۾ قائم مولرام ڪمپائونڊ جي باري ۾ لوڪ رام ڏوڏيجا لکي ٿو تہ "هي سرسبز علائقو هو جتي شاهوڪارن جا باغ ۽ انهن ۾ بنگلا هئا پر گهڻو موج مليو مولرام جي ڪمپائونڊ تي لڳندو هو جتي هر آچار تي لنگر جو انتظام هوندو هو. سوامي مولرام گلابداسي پنٿ جا هئا."

هاڻي هتي هندستان کان آيل پناهہ گيرن جو قبضو آهي سرسبز علائقو برباد ٿي چڪو آهي.

ملير جي مٽي جي خوبي اها آهي تہ هتي هر قسم جو فروٽ ۽ ڀاڄيون ٿين ٿيون. هتي بئراج سسٽم نہ آهي ڪوهہ کوٽي ٽيوب ويل وسيلي زراعت لاءِ پاڻي حاصل ڪيو ويندو آهي. جر جو پاڻي هيٺ وڃڻ ڪري هاڻي گهڻن علائقن ۾ 400 کان 500 فٽ ڊيپ ڊرلنگ بور ڪري سمبر سيبل پمپ وسيلي پاڻي حاصل ڪيو ويندو آهي. جيڪو گهڻو مهانگو آهي. بارشن جي نہ پوڻ ۽ ريتي بجري جي چوري ڪري پاڻي جي ڪوالٽي ۾ بہ فرق پيو آهي ۽ زير زمين پاڻي ۾ لوڻيات جو

تعداد وڌي ويو آهي. جيڪو 1000 کان 18000 پي پي ايم تائين آهي جنهن جي ڪري پيداوار ۾ گهٽتائي سان گڏوگڏ زمينون ڪلراٺي ٿي ويون آهن. اهو پاڻي انساني حياتي لاءِ به هاڃيڪار آهي جنهن جي واپرائڻ جي نتيجي ۾ ڊاڪٽرن جي رپورٽ موجب پوري ملڪ کان ملير جي ماڻهن ۾ هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جو ريشو وڌيڪ آهي.

ڪراچي يونيورسٽي جي جاگرافي ڊپارٽمينٽ پاران ڪيل سروي موجب، جڏهن ندين جو پاڻي ميدانن ۾ داخل ٿيندو آهي ته ندي جي ڪنارن وٽ چپن جي موجودگي ۽ سوڙهي لنگهه ڪري پاڻي جو وهڪرو هلڪو ٿي ويندو آهي. تنهن هوندي جر جو پاڻي گهمندي ڦرندي زمين ۾ جذب ٿيندو رهندو آهي. جنهن مان پوکي کي خاص فائدو رسندو آهي ۽ ٻني ٻاري جي ڪمن ڪارين کي وڌائڻ ۾ مدد ملندي آهي. اهڙي زمين جي هيٺ جر جي پاڻي کي ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

انهن سڀني رپورٽن، مطالعن حڪومتي ايوانن ۽ ريتي بجري مافيا جو ڪجهه به نه بگاڙيو. سيڪشن 144 ۽ سنڌ اسيمبلي مان بندش واري آرڊيننس پاس ٿيڻ جي باوجود ملير ۽ ٻين ندين ۾ هر مهيني لکين ٽن ريتي بجري چوري ٿي رهي آهي. ڪراچي جي ميگا سٽي جي اڏاوت لاءِ ريتي بجري حاصل ڪرڻ جا پنج اهم وسيلا ملير ندي، ٿڏو ندي، سڪڻ ندي، حب ندي ۽ لياري ندي ڪانسواءِ جرندو، لنگهيجي، ڪونڪر ۽ ڪار نديون آهن. لياري ندي ڀرجڻ برباد ٿي پنهنجو وجود مٽائي چڪي آهي. ملير، ٿڏو، حب ۽ سڪڻ به هوريان هوريان خاتمي ڏانهن وڌي رهيون آهن. اهو سڀ فقط انتظاميا جي ڪوتاهه نظر پاليسين سبب يا ضرورت آهر ترقياتي ڪمن جي پاليسي نه هئڻ ڪري ٿيو آهي. اهو الميو فقط ندين جي پيٽ مان ريتي بجري ڪڍڻ نه آهي. گڏوگڏ پوکي وارين زمينن مٿان مٽي ڪڍڻ سبب هتان جون اڻ ملهه زمينون برباد ٿي ويون. نامياتي مادا، معدنيات جا بهترين ذرا جيڪي زمين کي سرسبز ۽ پوکي لائق ڪندا هئا. اهو ختم ٿي ويو. ان عمل ڪري لکين ايڪڙ زمين بنجر ٿي پئي ۽ هزارين خاندان بي روزگار ٿي لڏپلاڻ تي مجبور ٿيا يا پنهنجي اباڻي ڪرت کي ڇڏي انهن ٻيا ڌنڌا اختيار ڪيا جتي هو مس فٽ رهيا. ملير وادي جيڪا اڏاوتن جي زد کان بچيل هئي انهن ۾ ميمڻ ڳوٺ، درساڻو چنو، ديهه لانڍي، ڪانوڙ، گڏاپ، ڪونڪر ۽ شاهي چپ وارا علائقا جتي گهٽي تعداد ۾ زراعت ٿيندي هئي تنهن جي شڪل هاڻي بدلجي رهي آهي ۽ هن وادي جي سرسبز، خوشحال ۽ زرخيز زمين ريگستان وانگر ٿي وئي آهي.

انهن علائقن ۾ هاڻي فقط 20 فيصد زمينون آباد ٿين ٿيون. اهو به بجلي جي ڳري خرچ سان. جتي اڳ اندازن ساڍا پنج لک ايڪڙ زمين آباد ٿيندي هئي. هاڻي فقط 10 کان 12 هزار ايڪڙ زمين تي زراعت ڪئي پئي وڃي. ورهاڱي کانپوءِ فقط ملير جون 15 ديهون شهري علائقي ۾ ضم ٿي وڏين عمارتن ۽ سوسائٽين ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن. 70 هزار کان مٿي ايڪڙ زرعي زمين تي

اهي سوسائيٽيون نهيون آهن ۽ تيزي سان باقي علائقا ويران ٿي، شهري علائقي ۾ شامل ٿيندا پيا وڃن.

هتي بچيل زراعت جو اهو الميو آهي هتي ٽيوب ويل ۽ سمر سيبل پمپ بجلي تي هلن ٿا ۽ 30 کان 25 ڪلو واٽ جي موٽر هڪ منٽ ۾ 375 گيلن پاڻي لفٽ ڪري سگهي ٿي. پاڻي جيئن ته گهٽو هيٺ آهي جنهن جي ڪري 20 کان 25 گيلن پاڻي لفٽ ڪري سگهي ٿي. هن ڪانسواءِ K.E.S.C جي پنهنجي رپورٽ مطابق چاليهه ڏينهن جي هڪ فصل کي ڇهه پيرا پاڻي ڏيڻ لاءِ ڪي اي ايس سي K.E.S.C جي انرجي چارجز جي مد ۾ پئسا 18500 رپيا ٿين ٿا جڏهن ملير جي ويجهي علائقي نٿي ۾ هڪ سال ۾ في ايڪڙ واٽر چارجز جي مد ۾ فقط 200 رپيا وصول ڪيا وڃن ٿا. ملير ۾ انرجي چارجز کان Flate Rateوڌيڪ آهن ۽ في يونٽ تقريباً 10 رپيا وصول ڪيو وڃي ٿو. جيڪو غريب آبادگارن جي وس کان ٻاهر آهي. جنهن جي نتيجي ۾ گهڻن ماڻهن پنهنجا ٽيوب ويل بند ڪري ڇڏيا آهن. هڪ پاسي ريتي بجري مافيا، ٻئي پاسي بارشن جو گهٽ پوڻ ۽ ٽئين پاسي بجلي جي ڳرن بلن رهيل ڪسر پوري ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ هتان جي آبادگارن حڪومت کي مختلف تجويزون موڪليون آهن. انهن تجويزن تي عمل ڪري هن جنت کي بچائي سگهجي ٿو، پر حڪومت پاران مسلسل خاموشي جي ڪري هتان جا آبادگار ذهني مونجهاري جو شڪار آهن.

ملير وادي ۾ جيڪا تبديلي آئي آهي سا گهٽي قدر انسانن هٿان آئي آهي. جيڪا هنن ٽڙ تڪڙ ۾ ڪئي آهي. اٽڪل 25 سال اڳ هن علائقي ۾ پاڻي جو ذخيرو 30 فٽن کان وڌيڪ هيٺ نه هو ۽ زمين ڏاڍي زرخيز هئي. وڏي پئماني تي پابندي هوندي به ريتي بجري جي کڻڻ سبب مٽي جو مٿيون تهه خراب ٿيو آهي ۽ پاڻيءَ جو ذخيرو به متاثر ٿيو. مطالعي موجب هتي ڪوٽائي ايڏي ٿي جو هاڻي ريتي ۽ بجري جو ملڻ مشڪل ٿي ويو آهي. روزانو اٽڪل هڪ هزار ٽرڪون ملير ۽ ٻين ندين جي 100 کان مٿي ڏکن مان ٽي ڪيوبڪ فٽ ريتي بجري ڪٽي وڃن ٿيون. 800 رپيا في ٽرڪ پوليس وارن کي ملي ٿي. ان عمل سان ملير ندي جي ماحولياتي نظام کي جيڪو نقصان رسيو آهي، سو انتهائي مهانگو آهي جنهن جو هاڻي ازالو ممڪن ناهي. پروفيسر محمد رضا مهدي موجب ”جيتري ريتي هن علائقي مان ڪنئين وئي آهي تنهن کي ڀيهر پرڻ لاءِ هزارين سال کپن تڏهن وڃي هتان جو قدرتي ۽ ماحولياتي نظام توازن ۾ ايندو.“

اڳ ملير ۾ ٽيوب ويل ڏينهن رات ۾ چوويهه ڪلاڪ هلندا هئا پر پاڻيءَ جي سطح ۾ گهٽتائي اچڻ سبب هاڻي گهڻا ته بند ٿي چڪا آهن ۽ جيڪي هلن ٿا اُهي به مشڪل سان روزانو، ڇئن کان پنج ڪلاڪ هلن ٿا ۽ پاڻي جو پريشر به گهٽ ٿيو آهي. پهريان ملير ۾ پاڻي جي سطح 40 کان 50 فٽن

ڪان وڌيڪ گهٽ نہ هوندي هئي پر هينئر اها ٽن سئون ڪان 600 فٽ هيٺ گهٽجي ويئي آهي. جنهن جي ڪري زمينون بنجر ٿينديون پيون وڃن. ماڻهن ڪان جياپي جو سامان کسجي ويو آهي ۽ انهيءَ ۾ وڏي ۾ وڏو ڏوهاري ريتي بجري مافيا ۽ انتظاميا آهي. انهن سڀني هاڃن جي باوجود ملير وادي جي زمين اڃا بہ تناسب جي لحاظ کان سنڌ جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اپت ڏئي ٿي ۽ في ايڪڙ هڪ لک رپين جو ناڻو ڪمائي ڏئي ٿي جڏهن تہ سنڌ جا ٻيا علائقا في ايڪڙ جي حساب سان 35 هزار رپيا ناڻو ڪمائين ٿا.

ماهرن جو چوڻ آهي تہ ملير ۽ ٻين ندين مان اڃا تائين 61 بلين ڪيوبڪ فٽ ريتي بجري ڪنئي وئي آهي اهو ڪو ننڍو انگ نہ آهي. ان عمل جي ڪري ملير ۾ مختلف سطحن تي معاشي تباهيون سهٽيون پيون آهن. هتان جو هر جيوت انسان سميت متاثر ٿيندو رهيو آهي. جيڪڏهن پاڻي ٻيهر پيدا نٿو ڪري سگهجي تہ رڻ پٽ کي خوشحال نٿو ڪري سگهجي. گذريل 45 سالن کان ملير واديءَ جي قيمت تي ڪراچي شهر جي اڏاوتن ۽ آبادي قانون جون ڌجيون اڏائي ڇڏيون آهن. صورتحال جي پيچيدگي جو اندازو ان حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ قدرتي طور زراعت لاءِ پاڃيون پيدا ڪرڻ جي لاءِ سڪل علائقن جي متاثهين تهہ جو فقط هڪ سينٽي ميٽر ٻيهر بحال ڪرڻ لاءِ 100 کان 400 سال ڪپن.

تباهي تي پهتل لاٽ جو سلسلو برقرار رهيو ۽ زمين ۽ پوک کي متوازن نہ ڪيو ويو تہ پوءِ ملير ۾ ايندڙ تباهي جو وڏو سلسلو شروع ٿي ويندو. جڏهن زمين اپت ڏيڻ بند ڪيو تہ ماڻهن ٻيلن کي وڍڻ شروع ڪيو ڇاڪاڻ تہ ٻيو ڪو بہ روزگار نہ رهيو هو. ندين جي اندر ڪنارن تي گهاٽن ٻيلن کي ريتي بجري مافيا جي بلڊوزرن ختم ڪيو جنهن سان ماحول تي خطرناڪ اثر مرتب ٿيڻ لڳا. جنگلي جيوت بہ هن تباهي جو شڪار ٿيو. گوڙ جي گدلاڻ جنهن جو وڏو ڪارڻ ريتي بجري مافيا آهي جنهن سبب علائقي جي زرخيز زمينن ۾ هر هنڌ کڏون کوٽيون پيون آهن ۽ جڏهن انهن جون مشينون انهن کڏن کوٽڻ لاءِ هلنديون آهن ۽ ڊمپر هلڻ لڳندا آهن تہ ڏاڍو گوڙ ٿيندو آهي جنهن کي اڄ جي سائنس گوڙ جي گدلاڻ Rxise Pollution طور ڄاڻايو آهي.

انهن سببن مان پيدا ٿيندڙ بيروزگاري نوجوانن اندر نہ فقط فرسٽريشن پيدا ڪئي پر انهن نشو واپرائڻ ۽ چوريون ڪرڻ ۽ ڏوهارين جو ساٿ ڏيڻ شروع ڪيو آهي ۽ هتان جي عورتن جي سماجي ۽ معاشي ماحول تي بہ اهي شيون اثر انداز ٿيون آهن. اهي ٻني تي مزدوري ۽ هارپو ڪري گذارو ڪنديون هيون ۽ فالتو وقت ۾ انهن ٻنين ۾ ٻينل گاهہ کي مال جي چاري لاءِ استعمال ڪنديون هيون جنهن سان گهر ۾ جهجهي مقدار ۾ کير موجود هوندو هو. پر جڏهن سڀ ڪجهہ تباهہ ٿيو تہ مردن مزدوري لاءِ ٻاهر جو رخ ڪيو پر عورتن لاءِ اهي سهولتون نہ هجڻ ڪري

اهي گهر ۾ رهيون. ڪي ٿوريون عورتون جيڪي مزدور طبقي جي خاندان سان تعلق رکنديون هيون وڏن بنگلن ۾ صفائي ۽ پوچي جو ڪم شروع ڪيو. گهرن ۾ پلجندڙ مال به گاهه ۽ چارو نه هئڻ ڪري مجبورن وڪڻڻو پين.

1980-85ع تائين ملير وادي علائقي ۾ زڪوات وٺڻ جو ڪو رواج نه هو پر هن کي عيب سمجهيو ويندو هو. هاڻي 25 فيصد عورتون ۽ 20 فيصد مرد زڪوات جي اوسيئڙي ۾ گذارين ٿا ۽ اڳين سالن ۾ ان جي تناسب ۾ واڌ جا امڪان آهن. گهڻن علائقن ۾ زرعي زمينون ختم ٿي ويون ۽ ڪي ختم ڪيون ويون. هتي صنعتي زون وڌي رهيا آهن. جتي مزدور طبقو ٻاهران گهرايو وڃي ٿو. ملير جو ماڻهو انهن صنعتن ۾ اتي ۾ لوڻ مثل به نه آهي ۽ هتي ٻاهران آيل مزدورن جون آباديون ٺهن پيون. لينڊ مافيا ٻچيل زمينن تي انتظاميا سان ملي انهن غير قانوني آبادين کي هٿي ڏيئي رهي آهي. جنهن جي ڪري ڪجهه سالن کانپوءِ هتي آبادي جو توازن بگڙجي ويندو جنهن سان امن امان جي صورتحال پيدا ٿي ويندي. جيئن لانڌي ۽ سائيٽ، ڊالميا سيمينٽ فيڪٽري ۽ جاويدان فيڪٽري وارن علائقن ۾ ٿيو ۽ اهو سڀ ڪجهه هاڻي ملير واري علائقي ۾ ٿي رهيو آهي. جيڪو بن قاسم ٽائون واري علائقي ۾ گهٽو آهي. گلشن حديد، اسٽيل ٽائون شپ، جوريجي، ڪاٺتو، ديهه لانڊي، پپري ۽ گهگهر انهن جا مثال آهن. گڏاپ ٽائون ۾ انهن زرعي زمينن تي سوسائيٽيون ناهي ٻاهرين آبادي جي لوڏ کي آباد ڪيو پيو وڃي.

زراعت کانسواءِ ملير جي ساحلي پٽي جنهن ۾ ابراهيم حيدري، ريڙهي مياڻ، لٺ بستي ۽ گهگهر تائين علائقو اچي وڃي ٿو. هتي ابراهيم حيدري جهڙو گدلو سامونڊي ڪنارو ۽ شاهه حسن (بيچ) جهڙو خوبصورت ڪنارو به آهي. ابراهيم حيدري کان جيڪو ملير جي ڏکڻ اولهه پاسي آهي. اتر پاسي آخري ڳوٺ محمد گنجو نمن واري ڊوري تائين فضائي حد 95 ميل آهي. ساحلي علائقي جو گذر بسر مڇي مارڻ تي آهي ۽ ساليانو ڪروڙين رپين جو پرڏيهي ناڻو پيدا ڪري ڏيڻ وارا اهي وڏجارا هر بنيادي سهولت کان محروم آهن. بنيادي ضرورتون جن ۾ پاڻي، صحت ۽ صفائي ڪا به شئي نظر ٿي اچي. هر پاسي ڪچري جا ڍير نظر ايندا ۽ رستن تي گٽر جو پاڻي جمع هوندو آهي. ابراهيم حيدري هن سان لڳ ساحلي علائقن ۾ وڃڻ سان ائين محسوس ٿيندو ڄڻ ته اوهان سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ نه پر بنگلاديش جي ڪنهن سامونڊي وسنديءَ ۾ هجو. سستي مزدوري ڪري مڇي جي ڪاروبار تي بنگالي ۽ فش هاربر وانگر هاڻي هتي به پناڻ ڇانئجي رهيا آهن. مقامي ماڻهو تيزي سان بيروزگار ٿيندو پيو وڃي. جنهن جي ڪري ساحلي علائقن ۾ نشي جو ڪاروبار عروج تي آهي. چرس، شراب، نرو، هيروئن، گانجو، راڪيٽ ۽ گٽڪي جهڙي لعنت ۾ هتان جو ماڻهو پنهنجو سڪون ڳولي ٿو. بنگالي هاڻي ايترا طاقتور ٿي چڪا آهن جو هو مقامي ماڻهن سان

روز جهيڙا ڪندا رهن ٿا. ان پرسڪون علائقي ۾ انهن جي اچڻ ڪري چورين، قتل ۽ ڦرن جون وارداتون وڌي رهيون آهن. هاڻي بنگالي مقامي اليڪشن کان وٺي صوبائي اليڪشن تائين مقابلي جي پوزيشن ۾ آهن. ڪو وقت ايندو جو مقامي ماڻهن جا فيصلا به اهي بنگالي ۽ پناڻ ڪندا ۽ پوءِ اسان جي تقديرن جا فيصلا به انهن جي هٿن ۾ هوندا. انهن ڪي هتي آڻڻ وارو به هتان جو مقامي ماڻهو آهي.

ابراهيم حيدري ڳوٺ تي اهو نالو بن بزرگن ابراهيم شاهه ۽ حيدر شاهه ڪري پيو جن جون مزارون انهيءَ علائقي ۾ آهن. اڳ هي ڳوٺ ڦٽي ڪريڪ جي ڏاڪڻي پاسي مٺي پاڻي جي هڪ چاڙ تي آباد هو. اهو سنڌو ندي جو هڪ وهڪرو هو جنهن ۾ گهارو، گهگهر، ملير ۽ ٻين جابلو ندين جو پاڻي ۾ به چوڙ ڪندو هو. جنهن تي رتو ڪوٽ ۽ ٻيا شهر آباد هئا. هاڻي اهو پورو علائقو سمنڊ جو حصو بڻجي ويو آهي.

سمنڊ گهٽو وڌي چڪو آهي. رتوڪوٽ، جاکي بندر ۽ ٻيا ڪيترائي ماڳ وچ سمنڊ ۾ اچي چڪا آهن. هن وقت ابراهيم حيدري ڪورنگي ڦاٽڪ (ڪريڪ) تي آباد آهي. احمد ناکئو جيڪو هاڻي گذاري چڪو آهي هن علائقي جي پوري تاريخ جي ڄاڻ رکندو هو. هلنڊڙ ڦرنڊڙ ان تاريخ سان جڏهن ڪچهري ڪئي ته هن ٻڌايو ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کان وٺي بدر ابڙي تائين سڀ ان سان ڪچهري ڪري چڪا آهن. هن ان شام سمنڊ ڪناري ڇولين جي شور ۾ جيڪا ڳالهه ٻڌائي اهو اوهان کي ٻڌائڻ تو چاهيان. ان ٻڌايو ته، ”مورڙي ميربحر جي پائرن ڪي مانگر مڇ نه پر سمنڊ ۾ هڪ وڏي شارڪ ٿئي ٿي، جنهن کي هتان جا ماڻهو شاهي ڪچون به چون ٿا ڳڙڪايو هو ۽ مورڙي انهيءَ ڪچون کي ماريو هو. هاڻي هن قسم جا ڪچون سمنڊ مان ختم ٿي چڪا آهن. اهي تمام وڏا هوندا هئا، ماڻهن کي ڳڙڪائي ويندا هئا ۽ ٽوني سان وڏي ٻيڙي کي به اونڌي ڪري ڇڏيندا هئا. جنهن کي اسان سنڌي منگر چوندا آهيون. شارڪ کي به اسان منگر چوندا آهيون. اهو ڪچون شارڪ جي هڪڙي قسم آهي.“ هن وڌيڪ ٻڌايو ته، ”انڌي منگر جو فقط جگر ڪيندا آهيون. هن جي تيل جو ٻيڙيءَ کي مک ڏيندا آهيون ته جيئن ڪاٺ خراب نه ٿئي.“

مون گوادر جي ساحل باطل جبل لڳ اهڙا سائي رنگ جا ڪچو ڏٺا هئا جن جي جسامت ايتري وڏي نه هئي پر پوءِ به اهي تمام وڏي سائيز جا هئا.

ملير جي ساحل تي آباد مڇي جي ڪرت سان واڳيل مختلف ذاتين جو پنهنجو هڪ الڳ سماج آهي. ريتون، رواج ۽ رسمون آهن. ٿوري تي صبر شڪر ڪرڻ وارا هي ماڻهو سمنڊ جو سينو چيري ڪروڙين رپيا حڪومت کي ڪمائي ڏين ٿا پر اڪثر پنهنجو چُلهه ٻاري نٿا سگهن. انهن ساحلن تي سنڌي ٻولي نهايت شاهوڪار آهي. اهڙا لفظ جيڪي سنڌي لغات ۾ ناپد آهن اهي هتي

عام جام ملن ٿا. تنهن ڪري ٻولي جي ماهرن کي انهن لفظن جي ذخيري کي جمع ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي. هتي ٻيڙي جا گهڻا نالا آهن. لانچ، هوڙهو، ڪليسي، ٻاد، ڏنگي، ٻتيلو وغيره. سوهڻ جنهن کي شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آندو آهي. هي هڪ ننڍي ڪلي وانگر ڪاٺ کي چئبو آهي جيڪو ٻيڙيءَ جي ٻن پاٽن کي جوڙڻ جو ڪم ڏيندي آهي. پاپليٽ مڇيءَ کي پٽون چئبو آهي. ٻار کي ”ڳيرُ“ چوندا آهن.

ابراهيم حيدري ۽ ريڙهي ۾ ساڍن ستن هزارن کان مٿي ننڍيا وڏا مڇي مارڻ جا هوڙا آهن. هتي هر هوڙي تي ملاح يا خلاصي پنهنجي نفسيات مطابق نالا رکندا آهن. رڇ کي سمنڊ ۾ شڪار لاءِ وڇائڻ کي رڇ پوڪڻ چئبو آهي. سمنڊ جو پاڻي هفتو لهندو آهي ۽ هفتو چڙهندو آهي. جوار کي هتي ٻانگ به چئبو آهي. دريا ۾ ٽي لهرون ٽين ٽيون (ياد رهي ته ڪناري کان وڏي سمنڊ تائين علائقي کي دريا چون ٿا. اهو لفظ بلوچستان جي ساحلن ۾ به استعمال ڪيو وڃي ٿو.) اوسانپ، ورم ۽ موجو ٿئي ڪنڌيءَ تي اينديون آهن ۽ واپس ويندون آهن. رڇ جو هڪ قسم ڪترو به آهي. رڇا جا ٽي نمونا هوندا آهن. وڏي رڇ کي ڊِڪ، وچولي کي لاڙو ۽ ننڍي رڇ کي سامار بندي چئبو آهي. ٻولو، گجو ۽ ڪترو رڇ انهن ساحلن تي تباهي آڻي ڇڏي آهي. انهن جي ڪري مڇي جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي. وڏن ماڻهن جو اهڙي شڪار تي مڪمل ڪنٽرول آهي. جنهن لاءِ هتي وڏيون تحريڪون به هليون آهن جهيڙا ۽ خون به ٿيا آهن. ٻيو اهم مسئلو فشنگ پاليسي جو آهي. پاليسي ساز ادارن ۾ مهاڻن جي نه هجڻ ڪري اهڙا قانون ناهيا وڃن ٿا جيڪي هتان جي سماجي، معاشي ۽ سياسي بيهڪ ۾ ٽڪراءُ واري پوزيشن پيدا ڪن ٿا. اسلام آباد جي ايئر ڪنڊيشن ڪمرن ۾ وينل پاليسي ساز ادارن جي ميمبرن جن جو سمنڊ سان ڪو واسطو نه هوندو آهي اهڙا ڪارا قانون جوڙيندا آهن جنهن سان هتان جي ماهيگيرن جو معاشي قتل ٿئي ٿو. سمنڊ جنهن کي هو صدين کان پنهنجو سمجهن ٿا. انهن ڪارن قانونن ڪري اهي ماڻهو جيڪي صدين کان انهيءَ ڪرت سان وابسطا آهن. بيدخل ٿي رهيا آهن. حڪومت کي هن پاسي ڌيان ڏيڻ گهرجي. پاليسي ساز ادارن ۾ عام ماهگيرن جي نمائندن کي شامل ڪرڻ گهرجي.



**ساحلي علائقي ۾ هوڙن ناهڻ ۽ رڇ اُڻڻ ۾ مصروف پورهيت**

ٽيون اهم مسئلو غير ملڪي ٽرالرن کي مڇي مارڻ لاءِ لائسنس ڏيڻ جو آهي. جنهن جي ڪري جديد اوزارن سان هو پوري مڇي ٻهاري ويندا آهن جنهن ۾ ننڍي مڇي به مري ويندي آهي. جنهن سان مڇي جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي. جنهن لاءِ سنڌ فشريز آرڊيننس 1980ع ۾ تبديلي جي ضرورت آهي. ان جو بهتر حل اهو آهي ته خاص زون (ڪناري کان ٻه سئو ميلن تائين) جي علائقي ۾ هر قسم جي وڏن جهازن ۽ ٽرالرن کي شڪار ڪرڻ کان روڪيو وڃي. جون ۽ جولاءِ ۾ گانگٽن تي شڪار تي لڳل پابندي کي به يقيني بڻايو وڃي. جون ۽ جولاءِ ۾ سمنڊ ۾ مڇي جي شڪار جي پابندي کي يقيني نه بڻايو ويو ته پاڪستان ۾ مڇي ناياب ٿي ويندي. پوري دنيا جا ماهيگير حڪومتي اجازت سان روزانو پاڪستان جي حدن ۾ لکين مڻ مڇي ماري رهيا آهن جنهن سان مڇي جي نسل کي ختم ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو آهي.



**ريڙهي مياڻ ۾ سمنڊ ۾ پيڙياتن جي گهرن جو هڪ ڏيک**

سنڌ ۾ فشريز کي ٽئن شعبن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ شعبو مهرين فشريز ڊپارٽمينٽ جيڪا وفاقي حڪومت ۽ نيوي جي ڪنٽرول ۾ آهي. باقي ٽي شعبا سنڌ فشريز ڊپارٽمينٽ، ڪراچي فشريز ڊپارٽمينٽ ۽ اٿارٽي ۽ فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي حڪومت سنڌ جي ڪنٽرول ۾ آهن.

سچي دل سان پاڪستان تحفظ ماحوليات ايڪٽ 1997ع کي لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي. خاص زون ائڪٽ 1975ع ۾ ميري ٽائيم زون ائٽڪ 1976ع تي عمل ڪري به اونهي سمنڊ ۾ مڇي جي شڪار تي مڪمل پابندي لڳائي سگهجي ٿي. هن پابندي کي پاڪستان ماحوليات ائيڪٽ 1997ع هيٺ مڪمل قانوني تحفظ حاصل آهي ته ان قسم جي پابندي هٽي سگهجي ٿي. سمنڊ اندر ناهيل قانون، ماحوليات وارا انتظام ۽ سڌارا ان وقت تائين ڪارگر ۽ مفيد ثابت ٿي نه ٿا سگهن

جيستائين ماهيگيرن جي سڌارن ڪي موثر بنائڻ لاءِ ڪين هر سطح تي شامل نہ ڪيو ويو. ماهيگيرن جي پنهنجن پئدا ڪيل مسئلن ڪي پاڻ ئي انهن ڪي شعور ڏيئي بنا ڪنهن خرچ جي حل ڪري سگهن ٿا. ماهگيري برادري ڪي هر سطح تي نهنڊڙ پاليسين، قانونن ۾ شموليت ڪانسواءِ اهڙن قانونن، پاليسين ۽ ضابطن ڪي جيئن جو تيئن لاڳو ڪري انهن جي روشني ۾ حل ڪري نہ ٿو سگهجي. پر ماهيگيرن ڪي شامل ڪرڻ انهن ڪي شعور ڏيڻ سان اهي ماهيگير خود احتسابي طريقي سان بين ڪي قائل ڪري ۽ سماجي پابنديون لڳائي انهن ڪي پاڻ ئي حل ڪري سگهن ٿا. پر ضروري آهي تہ خود احتسابي عمل ۾ غريب ماهيگير ڪان وٺي شاهوڪار ماهيگير ۽ ليڊر ماهيگير شامل هجي. جنهن لاءِ ساحل تي وسندڙ ۽ ماهيگيري ڪرت سان لاڳاپيل ڇڳن مڙسن ڪي پنهنجون انائون ڇڏڻيون پونديون. انهن ڪي ڪجھ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجھ ڇڏڻ جي پاليسي تي عمل ڪرڻو پوندو. ماهيگير برادري ڪي انتظامي معاملن ۾ بہ شريڪ ڪرڻ ضروري آهي. انهن ڪي لائسنس جاري ڪرڻ، ڪوٽا سسٽم، ماحوليات واري ڪاتي، قومي ماهيگير بورڊ ۽ بين انتظامن ۾ شامل ڪيو وجي. ڪيترا وفاقي، صوبائي ادارا، خودمختيار ادارا ماهيگيرن جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. بدقسمتي اها آهي تہ انهن ادارن ۾، قانون ۽ پاليسي جوڙڻ وقت ماهيگيرن سان صلاح مشورو نٿو ڪيو وجي. ڪراچي فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي تي وفاقي حڪومت جو ڪنٽرول آهي اها عملي طور ماهيگيرن جي مفادن خلاف ڪم ڪري رهي آهي. ماهيگيرن جو طرفدار ٿيڻ بدران ٻاهرين ملٽي نيشنل تجارتي مفادن ڪي وڌائڻ جو ڪم ڪري رهي آهي.

وڏجارن جي پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي الڳ سماجي بيهڪ آهي. هفتن جا هفتا سمنڊ جي لهرن جو مقابلو ڪندڙ انهن ماهيگيرن جي زندگي ڏاڍي ڏکي آهي پر پوءِ بہ اهي خوش آهن. ايندڙ وقتن ۾ بين خطرن سان گڏوگڏ جيڪو خطرو تيزي سان انهن جي سماجي، ثقافتي ۽ معاشي زندگي ۾ طوفان آڻي ڇڏيندو. ان ڪان اهي ماڻهو بي خبر آهن. اها آهي سامونڊي گدلاڻ ۽ مٺي پاڻي جو سمنڊ ۾ گهٽ اچڻ. سامونڊي گدلاڻ جنهن تيزيءَ سان اسان جي سمنڊ ڪي گدلو ڪري رهي آهي. ايندڙ وقتن ۾ سامونڊي حياتيات جنهن ۾ مڇي، سانا (جهينگا) ۽ پڪي بہ شامل آهن. اهي اٽلي تي ويندا. روزانو ڪروڙين گيلن گندو پاڻي لياري، ملير ۽ بين گندن نالين وسيلي سمنڊ ۾ داخل ٿي رهيو آهي. پوري شهر جو ۽ لانڍي، بن قاسم ۽ سائيٽ جي فيڪٽرين جو زهريلو مادو سمنڊ ۾ ڇڏيو پيو وجي. لانچن مان نڪرندڙ تيل، جهازن جو ٽنڻ، خراب ٿيڻ سان هزارين ٽن تيل سمنڊ ۾ ڇڏيو وجي ٿو. جنهن سان آبي حيات ۽ خاص ڪري تمر جي وڻ ڪي نقصان پهچي رهيو آهي. تمر جو وڻ هڪ تہ گندي پاڻي جي ڪري، ٻيو سنڌو درياهه جو مٺو پاڻي

سمنڊ ۾ نه اڇڻ ڪري ٿيون وڌيڪ زمين حاصل ڪرڻ ۽ سمنڊ اندر پيٽن ۾ رهائشي منصوبا اڏڻ ۽ چوڌون ساحلي علائقن ۾ سوئي گيس نه هئڻ ڪري ان کي ڪٽي ٻارڻ لاءِ ۽ انن جي چاري طور استعمال ڪرڻ ڪري ختم ٿي رهيو آهي. پاڪستان ۾ ماحوليات جو ٺهيل قانون هتي بي اثر آهي ان کي اثرائتي بنائڻ جي ضرورت آهي (ماحولياتي گدلاڻ تي ڌار باب ڪتاب ۾ ڏنل آهن.)

ابراهيم حيدري ۽ ريڙهي هن وقت به ڌار يونين ڪائونسلون آهن جيڪي بن قاسم ٽائون ۾ آهن. ابراهيم حيدري يونين ڪائونسل جيڪا ديهه ابراهيم حيدري تي ٻڌل آهي ان جي آبادي 1998ع جي آدمشماري موجب 43583 آهي. ديهه ريڙهي ۽ ديهه ڳانگيارو تي ٻڌل ريڙهي يونين ڪائونسل آهي. جنهن جي آبادي 1998 جي آدمشماري موجب 31506 آهي، جڏهن ته پورٽ قاسم ۽ اسٽيل مل وارا علائقا، يونين ڪائونسل گلشن حديد ۽ ساحل جا ڪجهه علائقا يونين ڪائونسل گهگهر ۾ به شامل آهن.

ملير جو ٽيون حصو جابلو آهي جيڪو ديهه پپري، ديهه ٻاڪراڻ، يونين ڪائونسل گهگهر واري ساحلي ڪناري کان شروع ٿي حب جي چوڙ واري علائقي تائين وڃي ٿو. ملير جي ڪوهستان واري هن علائقي ۾ مٿين علائقن ڪانسواءِ يونين ڪائونسل لانڍي، يونين ڪائونسل گلشن حديد، گڏاپ ٽائون جو پورو علائقو، ديهه اورنگي ۽ يونين ڪائونسل گابو پٽ جا علائقا اچي وڃن ٿا. هتان جي ماڻهن جو گذر بسر باراني طريقي سان ۽ کوهن وسيلي پاڻي حاصل ڪري زراعت ڪرڻ آهي ۽ اهي سڀ مالوند ماڻهو به آهن. هن جديد ۽ ڪمپيوٽر واري دور ۾ به اهي ماڻهو ڄڻ پٿر جي دور ۾ رهي رهيا آهن. زندگي جي هر بنيادي سهولتن کان وانجهيل اهي ماڻهو ٿوري تي صبر ۽ شڪر ڪرڻ وارا ماڻهو آهن. گذريل ڪيترن سالن ۾ مينهن نه وسڻ ڪري مال جو چارو تباهه ٿي ويو آهي. ڪيٺ سڪي ويا آهن. پيو ڪو متبادل روزگار نه هئڻ ڪري هتان جو ماڻهو گهاٽن ٻيلن کي وڍي ڪاٺ وڪڻي روزگار ڪري رهيو آهي. گذريل سال (2006ع) کان قدرت مهرباني ڪئي آهي. وسڪاري ڪري زندگي ٻيهر موٽي آئي آهي. ٻئي پاسي انهن ماڻهن کي بيروزگار ڏسي ريتي بجري مافيا انهن علائقن مان ريتي بجري جي کوٽائي جاري ڪري ڇڏي آهي. وائيلڊ لائيف ۽ ماحوليات جو قانون ريتي بجري مافيا ۽ تر جي وڏيرن جي ٻانهي ٻڻجي ويئي آهي ۽ هي خوبصورت ڪوهستان وارو علائقو تباهي ڏانهن وڌي رهيو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هتي ماحوليات ۽ وائيلڊ لائيف جي ضابطن کي رد عمل ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي ۽ جيستائين بارشون نٿيون پون ان وقت تائين انهن ماڻهن کي متبادل روزگار جي ضرورت آهي. انهن لاءِ متبادل روزگار جو بندوبست ڪيو ويو ته پوءِ ان خوبصورت علائقي کي بچائي سگهجي ٿو. (وڌيڪ تفصيل مضموب ”گولاڙا ۽ ڳُگريون اوچڻ اباڻا“ واري باب ۾ ڏنل آهن.)

ملير جو چوٿين علائقي ۾ شهري علائقا جن ۾ ديھ ڦيائي، ديھ شرابي (شرافي)، ديھ ڊيھ، ديھ ڏڱھ، ديھ ڊرگ روڊ، ديھ ٺاٺي جو اڌ حصو، ديھ مهراڻ، ديھ ڪانٽو، ديھ گانگيارو، ديھ لانڍي جو ڪجھ حصو، ديھ جوريجي، ديھ ٻاڪراڻ، ديھ پيپري ۽ ديھ گهگهر جو ڪجھ حصو شامل آهي. ورهاڱي کان اڳ ۽ 60 واري ڏهاڪي ۾ انهن مان اڪثر علائقن ۾ زراعت ڪئي ويندي هئي. هڪ پاسي هندستان مان آيل پناهگيرن کي هتي وسايو ويو. ٻئي پاسي لانڍي صنعتي زون ۾ سرحد ۽ پنجاب مزدور گهرائي انهن کي شرافي ۽ لانڍي واري علائقي ۾ ويهاريو ويو. ديھ گانگياري ۾ پينسن ڪالوني جوڙي پنجاب مان مالوند ماڻهن کي هتي آباد ڪيو ويو. اسٽيل مل ۽ پورٽ قاسم جي ٺهڻ سان هزارين مزدورن انهن علائقن ڏانهن رخ ڪيو انهن ماڻهن کي اسٽيل ٽائون شپ، ديھ جوريجي ۾ گلشن حديد ٽائون اسڪيم ۽ پپري چانورن واري گدام جي آس پاس آباد ڪيو ويو. هاڻي وري بن قاسم پاران گهگهر ٽائين پوري ساحلي پٽي تي انڊسٽريل زون جوڙيو ويو آهي. مزدور ٻاهريان گهرايا پيا وڃن انهن کي انهن زمينن تي آباد ڪيو پيو وڃي. جيڪي 1975ع کان اڳ مقامي ماڻهن جون هيون. قومي ترقي جي نالي سان انهن کي هتان اٿاريو ويو. انهن مالوند ۽ زراعت جي ڌنڌي سان لاڳاپيل ماڻهن کي دربدر ڪيو ويو. نهيل فيڪٽرين ۾ اهي اتي ۾ لوڻ برابر آهن. انهن جي زمينن کي پورٽ قاسم اٿارٽي وڏن سرمائيدارن سان وڪڻي ناڻو ڪمائي رهي آهي. انهن جي نهيل زمينن تي فيڪٽرين ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جون ڪالونيون ناهيون پيون وڃن. قومي ترقي جي نالي ۾ هتان جي واڳ ڌڻين کي اٿاريو ويو ۽ انهن زمين تي ٻيهر قومي ترقي جي نالي ڌارين کي آباد ڪيو پيو وڃي. هاڻي شايد قومي ترقي انهن کان وسري ويئي آهي يا انهن کي اهو سڀ ڪجھ ڪرڻو هو. ملير جي انهن علائقن ۾ ماڻهن جي روزگار جو وسيلو مزدوري تي آهي. ٻه فيصد ماڻهو سرڪاري نوڪرين ۾ آهن. 50% سيڪڙو ماڻهو پنهنجو ننڍو وڏو ڪاروبار ڪري گذر بسر ڪري رهيو آهي. ٻاهران آيل ماڻهو هتان جي ثقافت ۾ ضم ٿيڻ بجاءِ پنهنجي الڳ شناخت کي برقرار رکيو وينو آهي، جنهن جي ڪري هتان جي مقامي ماڻهن ۾ آيلن جي وچ ۾ هڪ خال پيدا ٿيو. آيل ماڻهن جي ڪري انهن علائقن ۾ سنڌي ٻولي ۾ تعليم کي وڏو ڌڪ رسيو. 1970ع کانپوءِ آهستي آهستي انهن علائقن مان سنڌي ميڊيم اسڪول بند ٿي رهيا آهن. مقامي ماڻهو ان يلغار ۾ پنهنجي ٻولي، رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافت کي بچائڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻي رهيو آهي. انهن علائقن ۾ اوهان کي چار مختلف ڪلچر نظر ايندا هر آيل ماڻهو پنهنجي طور طريقي سان رهي ٿو. هو پاڻ کي حاڪم ۽ مقامي ماڻهن کي محڪوم سمجهن ٿا ان سوچ جي ڪري مقامي ماڻهن ۾ احساس ڪمتري جنم ورتو آهي. ڪا مضبوط سياسي قيادت نه هئڻ ڪري اهي پاڻ کي وائڙا ۽ ويڳاڻا ۽ اڪيلا محسوس ڪري رهيا آهن. چاڪاڻ ته انهن کان

روزگار، زمين ۽ ٻولي سڀ ڪجهه ڦريو ويو آهي. هتان جا رهندڙ اردو ڳالهائڻ وارا بجاءِ مقامي ماڻهن سان سماجي تعلقات جوڙڻ جي انهن شهر ۾ رهندڙ پنهنجي ٻولي ڳالهائيندڙن سان تعلقات جوڙيا آهن. ان دوري ڪري هتي اڪثر جهيڙا به ٿيندا آهن. ملير جي انهن علائقن ۾ رهندڙ اردو، پنجابي ۽ پشتو ڳالهائڻ وارا پنهنجي ڌار ڌار سڃاڻپ رکندا اچن. زرعي معاشري سان انهن جو تعلق نه هجڻ ڪري مقامي ماڻهو جيڪو زرعي معاشري جي پيداوار آهي انهن کان پري رهيا جنهن جي ڪري هو زرعي ڪلچر ۾ ضم نه ٿي سگهيا ۽ انهن پنهنجو تعلق فيڪٽرين ۽ سرڪاري ادارن ۾ نوڪرين سان جوڙيو جنهن جي ڪري مقامي ۽ غير مقامي جو محاورو عام ٿيو. هتي اصلي رهندڙ پاڻ کي زرعي معاشري کان ڌار نه ڪيو جنهن جي ڪري ملير جي شهري علائقن ۾ زرعي ۽ غير زرعي معاشري جو ٽڪراءُ موجود آهي ۽ انهن علائقن ۾ آيل ماڻهن کي ڪنهن پلاننگ سان نه ورهايو ويو آهي سواءِ چند علائقن جي باقي علائقن ۾ بلڊوزر مافيا، قبضا مافيا، ۽ حڪومتي مشنري انهن کي زمينن تي قبضو ڪري پئسا وٺي ماڻهن کي ويهاريندا ويا آهن. جنهن جي ڪري هتي ڪچين آبادين جو هڪ بي ترتيب جهنگ آهي. جتي زندگي جي ڪا به سهولت نه آهي. قدرتي ڊرينيج سسٽم ندين ۽ ڍورن تي قبضا ڪري گهر ٺاهيا ويا آهن جنهن جي ڪري بارش جي پاڻي جو ڪوبه نيڪال نه هئڻ ڪري هتي اڪثر ٻوڏن واري صورتحال رهي ٿي. انهي صورتحال جي ڪري هتان جي ماڻهن مان سهپ ۽ بردباري موڪلائي ويئي آهي. ذهني مونجهاري بيروزگاري ڪري اهي علائقا منشيات فروشن لاءِ جنت کان گهٽ نه آهن.

**<u>ڪجهه ملير ضلعي جي باري ۾:</u>**

شروع کان ملير ضلعو هتان جي مخصوص طبقي جي اک ۾ ڪندو هو. جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ پهرئين ڏينهن کان ڪوششون شروع ڪيون ويون. نيٺ 14 آگسٽ 2001ع جو نئين بلدياتي نظام جو بهانو بڻائي ملير سميت ڪراچي جي پنجن ضلعن کي ختم ڪري ڏيڍ ڪروڙ جي آبادي تي هڪ ضلعو ڪراچي بنايو ويو. جتي شهري حڪومت جوڙي شهر جو انتظام شهري حڪومت جي حوالي ڪيو ويو ۽ حڪومت سنڌ جو سڌو سنئون تعلق ختم ڪيو ويو. هتي 12 ڪاتا جوڙيا ويا. هر محڪمي لاءِ الڳ اي. ڊي. او (EDO) رکيو ويو جنهن جي حيثيت صوبائي سيڪريٽري جيتري آهي. ڪراچي لاءِ الڳ پوليس، سٽي ڪيپيٽل پوليس جوڙي ويئي. جيڪڏهن هتي ضلعن کي برقرار رکيو وڃي ته سڀ کان وڌيڪ ضلعي ملير کي هجي ها. ڇاڪاڻ ته پوري ضلعي جو انتظامي ۽ سياسي واڳون مقامي ماڻهن جي هٿن ۾ هجن ها. پورٽ قاسم ۽ اسٽيل مل ڪري وڏ کان وڌ ڪمائڻ وارو ضلعو بنجي وڃي ها. ٻي ڳالهه ڪراچي ۾ 70 سيڪڙو زمين ملير ضلعي ۾ هئي. هاڻي تيزي انهن زمين تي سٽي حڪومت هائوسنگ اسڪيمون، انڊسٽريل زون جوڙي

ڪراچي جي وڌندڙ آبادي کي ملير ۾ آباد ڪيو ويو آهي ۽ جواز اهو ڄاڻايو ويو ته ضلعن جي آبادي وڌڻ ڪري انهن کي ٽوڙڻ ضروري هو. بئي پاسي ڪراچي جي پنجن ضلعن کي ختم ڪري هڪ ضلعو بنائڻ واري ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي. ٽنڊو محمد خان ۽ مٽياري ضلعن جي آبادي کان وڌيڪ آبادي وارا ڪراچي ۾ ٽائون موجود آهن. اهو سڀ ڪجهه هتان جي مقامي ماڻهن خلاف هڪ سازش آهي. حڪمران هتان جي رهندڙن کي ويڙهائي پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ گهرن ٿا.

شهيد ٽيل ملير ضلعو لينڊ روينيو ايڪٽ 1967ع جي پاڳي ڇهين مطابق نوٽيفڪيشن No. 1/18.93 Rev- (v)- 1434 Hyd dated 25th sep: 1993 سيڪريٽري روينيو ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ عبد سليم خان جي صحيح سان جاري ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ هڪ ٻئي آرڊر تحت جنهن ۾ نوٽيفڪيشن ۾ ڪجهه نالن جي درستي، ڪجهه علائقن کي ملير ۾ شامل ڪرڻ ۽ ڪجهه علائقن کي الڳ ڪرڻ هڪ ٻيو ترميمي نوٽيفڪيشن نمبر No-1/18/93 Rev-(v)-393 Hyd: dated 21th March 1994 جاري ڪيو ويو. جنهن مطابق انتظامي طور ملير ضلعو ٽن سب ڊويزنن ۽ هيٺين علائقن تي مشتمل هوندو.

(1) ڳڏاپ سب ڊويزن: تپو ڳڏاپ، تپو موئيداڻ، تپو واڻ ڪند، تپو ڪونڪر، تپو درساڻو ڇنو، تپو ڪانوڙ، ديهه سنهڙو جا سڪڻ نئين جي اتر وارا علائقا، ديهه ٽاٽو، ديهه لانڍي، ڪي ايم سي يونٽ نمبر 93، 94، 95 ۽ 98، صاحبداد ڳوٺ ڪي ايم سي يونٽ 102، ملت ولاز يونٽ 100، ملير سٽي اسٽاپ 15 ٽائين جا علائقا هن سب ڊويزن ۾ شامل هئا. ملير ضلع جو 75% سيڪڙو علائقو ڳڏاپ سب ڊويزن ۾ شامل هو.

2. ائير پورٽ سب ڊويزن: جنهن ۾ ديهه سونگل، ديهه ٻٽي آمري، ديهه ٺومينگ، ديهه دوزان، ديهه صفوران سوائي، ڪي. ڊي. اي اسڪيم 36، ڪي ڊي اي اسڪيم 33 مان سيڪٽر 1، 12 113، ديهه ڳجهڙو، شانتي نگر، ملير ڪينٽ، ڪي ايم سي يونٽ 104، ديهه مهراڻ سوائي ڪي ايم سي يونٽ 198 جي.

3. بن قاسم سب ڊويزن: تپو جوريجي، تپو ابراهيم حيدري هڪ ۽ ٻه، ديهه ڳانگيارو، ديهه ڪاٺئو، ديهه سنهڙو سڪڻ نئين جي ڏکڻ وارو پاسو، ديهه ڀاڪراڻ، ديهه پيري، ڪي ايم سي يونٽ 76، 78، 79، 80، 88، 89، 90، 91، 92 ۽ 93. پير بخش ڳوٺ، ڪي ايم سي يونٽ 73 (سوائي شريف ڪالوني)، برمي ڪالوني، ليبر ڪالوني، عوامي ڪالوني ۽ صنعتي علائقو ملير نئين سان لڳ ڪي ايم سي يونٽ 93 ٽائين ۽ ڪورنگي ڪريڪ ڪنٽونمينٽ.

ملير ضلعي جو پهريون ڊپٽي ڪمشنر محمد اسحاق لاشاري هو. ضلعو 2268 اسڪوائر ڪلوميٽرن تي ڦهليل هو. جنهن ۾ ٻهراڙي ۽ شهري علائقا شامل هئا. ملير ۾ اسٽيل مل، پورٽ قاسم، مشين

ٽول فيڪٽري، ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون، پاڪ لينڊ سيمينٽ فيڪٽري، ڪراچي انٽرنيشنل ايئرپورٽ، ڪراچي يونيورسٽي، اين اي ڊي انجنيئرنگ يونيورسٽي، بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي، ڪمپيوٽر انفارميشن ٽيڪنالوجي (Fast)، پاڪستان سويڊش انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالوجي، ۽ بقائي ڪيڊٽ ڪاليج سميت 12 ڊگري ڪاليج ۽ 5 هائير سيڪنڊري اسڪول، 24 سيڪنڊري، 320 پرائمري اسڪول، 35 کان مٿي ڪمپيوٽر سينٽر ۽ ٻيا تعليمي ادارا شامل هئا.

ڪراچي جي ان وقت جي ڏهن يونين ڪائونسل مان ست يونين ڪائونسلون ابراهيم حيدري، لانڍي، درساڻو چنو، ٽاڻو، ڪونڪر، گڏاپ ۽ موئيداڻ ملير ضلعي ۾ شامل هئا. ملير ضلعي ۾ هڪ پاسي سامونڊي علائقو ٻئي پاسي ڪوهستان وارو جابلو علائقو، وچ ۾ زرعي علائقا شامل هئا. ملير ضلعي جون اترين حصو هن وقت ضلعي دادو (هاڻي ڄامشورو) جي کيرٿر پهاڙي سلسلي سان لڳندو هو. ڏاکڻي پاسي عربي سمنڊ هو. اوڀر اتر پاسي بلوچستان صوبي جي لسٻيلي ضلعي جون حدون ملنديون هيون.

سهراب ڳوٺ پل لڳ ان جون حدون ضلعي ڪراچي سينٽرل سان جڏهن ته ابراهيم حيدري لڳ ضلعي ڏکڻ سان به ملير ضلعي جون حدون ملنديون هيون. ملير جو علائقو سمنڊ جي سطح کان 550 ميٽر مٿي آهي.

ملير ضلعي ۾ 445 ڳوٺ هئا جن مان 70 ننڍا وڏا ڳوٺ شهري حدن ۾ 375 ڳوٺ ٻهراڙي ۾ هئا.

1998ع جي ڳڻپ موجب ملير ضلعي جي آبادي 9 لک 81 هزار 412 هئي جنهن مان 3 لک 21 هزار ماڻهو ٻهراڙي ۾، 6 لک 60 هزار 412 شهري علائقن ۾ رهندا هئا. ملير ضلعي جي انهيءَ آبادي ۾ 5 لک 48 هزار 645 مرد ۽ 4 لک 32 هزار 767 عورتن جو انگ هو. ايريا جي حساب سان في اسڪوائر ڪلوميٽر ۾ 32.7 ماڻهو رهن ٿا.

ملير ضلعي ۾ 1998ع جي ڳڻپ مطابق مادري ٻولين جو ريشو هيٺين ريت هو.

سنڌي ڳالهائڻ وارا 25.08 سيڪڙو

اردو ڳالهائڻ وارا 15.87 سيڪڙو

پشتو ڳالهائڻ وارا 20.67 سيڪڙو

پنجابي ڳالهائڻ وارا 17.46 سيڪڙو

بلوچي ڳالهائڻ وارا 08.51 سيڪڙو

سرائڪي ڳالهائڻ وارا 02.36 سيڪڙو

بروهي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائڻ وارا 10.06 سيڪڙو

1988ع جي ڳڻپ موجب ملير ضلعي ۾ پڙهيلن جو ريشو هيٺين ريت هو.

پڙهيل لڪيل جو ريشو پوري ضلعي ۾ 53.56 سيڪڙو

مردن جو ريشو 61.41 سيڪڙو

عورتن جو ريشو 42.87 سيڪڙو

ٻهراڙي وارن علائقن ۾ پڙهيلن جو ريشو 49.16 سيڪڙو

مردن جو ريشو 58.57 سيڪڙو

عورتن جو ريشو 38.05 سيڪڙو

شهري علائقن ۾ پڙهيلن جو ريشو 55.65 سيڪڙو

مردن جو ريشو 62.69 سيڪڙو

عورتن جو ريشو 45.43 سيڪڙو

ملير ضلعي لاءِ الڳ ڪورٽون قائم ڪيون ويون. جنهن سان مقامي وڪيلن ۽ عام ماڻهن کي فائدو رسيو. ڪورٽن ۽ مختلف آفيسن جي نهڻ سان مقامي ماڻهن کي روزگار جا وسيلا ميسر ٿيا.

14 آگسٽ 2001ع تي پوري ملڪ ۾ نئون بلدياتي نظام نافذ ڪرڻ سان گڏ ڪراچي ڊويزن جي پنجن ضلعن ملير، ڪراچي اولهه، ڪراچي اوڀر، ڪراچي ڏکڻ ۽ ڪراچي سينٽرل ضلعن کي ختم ڪيو ويو ۽ پوري ڪراچي کي هڪ ضلعو بڻائي ان کي سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ جو نالو ڏنو ويو. ڪراچي ٻهراڙيءَ جا علائقا ختم ڪيا ويا. ڊوميسائيل ۽ پي. آر .سي تي لکيل ٻهراڙي وارو لفظ ختم ڪيو ويو. پوري ڪراچي کي شهري علائقو قرار ڏيئي 18 ٽائونن ۽ 178 يونين ڪائونسلن ۾ ورهايو ويو.

ملير ضلعي کي ٻاڱا ڪري مختلف ٽائونن ۾ شامل ڪيو ويو. ملير ضلعي جا حصا گڏاپ، بن قاسم، ملير، گلشن اقبال، لانڍي ۽ ڪورنگي ٽائون ۾ شامل ڪيا ويا. ڪراچي جي سيني ڇانوٽين کي ڪنهن به ٽائون ۽ سٽي گورنمينٽ ۾ شامل نه ڪيو ويو ۽ نه ئي اجا ٽائين هتي اليڪشن ڪرائي ويئي آهي. اهي علائقا شهري حڪومت جي دائري اختيار ۾ 464،44 آهي ۽ ڪورنگي ڪريڪ ڇانوٽي جي آبادي 34،117 آهي. ڪراچي جا پنجئي ضلعا ختم ڪيا ويا آهن. پر اجا ٽائين نادرا جي شناختي ڪارڊ آفيس، پاڪستان اليڪشن ڪمشنر وٽ في الحال ملير ضلعو ۽ ٻيا ضلعا بحال آهن. 2002ع جون صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جون چونڊون ضلعن جي حساب سان ٿيون. پوري ڪراچي ۾ عدالتي نظام اجا ٽائين ضلعن جي حساب سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ائين ملير ڪورٽ اجا موجود آهي.

مهدي جونپوري، آغا خان اول، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، محمد علي جناح ۽ سسئي ملير ۾:

ذڪري فرقي جا هزارين بلوچ ڪراچي ۾ لياري، ڪلري، هاڪس بي ۽ ملير ۾ ڪوهي ڳوٺ ديهه شرابي (شرافي) ۾ رهن ٿا. نيشنل هاءِ وي تي پير ڪوهي زيارت بہ انهيءَ فرقي جو آهي. هي سيد محمد مهدي جونپوري جا پوئلڳ آهن. ۽ ان کي امام مهدي تسليم ڪن ٿا فرقي بابت وڌيڪ تفصيل ڪتاب جي باب ”ڪجهہ رهجي ويل منظر“ ۾ پڙهندا.

جڏهن ميران محمد شاهہ جونپوري سنڌ ۾ آيو تہ هتي ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڍي جي حڪومت هئي. سنڌ جا گهڻا ماڻهو ان تحريڪ ۾ شامل ٿيا. هو ڪراچي بندر تي لهي هتان ننڍي ويو. ڪوهي ڳوٺ لانڍي جيڪو سڪڻ نئين جي ساڄي ڪپ تي آهي. نيشنل هاءِ وي تي آل ون فيڪٽري کان هڪ رستو ڪابي پاسي ڳوٺن ڏانهن نڪري ٿو انهيءَ رستي تي پهريون ڳوٺ پير ڪوهي آهي. جتي ذڪري فرقي جا ماڻهو رهن ٿا. هتي هڪ ڪمرو نهيل آهي جيڪو سيد محمد جونپوري جو آستان آهي. جنهن لاءِ مشهور آهي تہ سيد محمد جونپوري ننڍي ويندي هتي ترسيو هو ۽ انهيءَ جاءِ تي اهو ڪمرو اڏيو ويو آهي.

ميرن جي دور ۾ جڏهن آغا خان اول حسن علي ڪراچي آيو تہ هن کي ڪراچي جي ڪوٽ اندر وڃڻ کان روڪيو ويو. آغا خان پوءِ لياري نئين جي ڪناري خيما کوڙيا. اها جاءِ لي مارڪيٽ کان اڳ اسپنسر آءِ اسپتال جي پويان ٽمبر مارڪيٽ ۽ جمن شاهہ پلاٽ لڳ آهي لياري عيد گاهہ ويجهو جتي اڄ بہ آغا خانين جون قبرون آهن. اجازت نہ ملڻ ڪانپوءِ آغا خان جهرڪن لاءِ روانو ٿيو ۽ ڪجهہ وقت ملير جي علائقي ڪوهي ڳوٺ لڳ آغا خاني وٽ ترسيو. جتي هن هڪ بنگلو ٺهرايو جيڪو اڄا بہ موجود آهي.



ميمڻ ڳوٺ لڳ انسپڪشن بنگلو

هتي اڄان بہ ايراني رهن ٿا. پاڪستان جو پلوڙ اداڪار ڪمال ايراني انهي خاندان مان هو جيڪو بہ هتي رهندو هو. انهن مان هڪ پروفيسر سليمان صفوي بہ هتي رهندو هو. جيڪو 1930ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۽ سنڌ مدرسي ۾ فارسي جو استاد هو ۽ ملير جو پهريون صاحب ڪتاب پڻ آهي. اهو ڪتاب فارسي ادب تي هو. سليمان صفوي اداڪار ڪمال ايراني جو ڏاڏو هو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو هڪ تڪيو ڳڏاپ ۾ آهي ان تڪئي ۾ ڪجهه سالن کان هڪ قبر جو واڌارو به ڪيو ويو. شاهه لطيف ڳڏاپ واري علائقي ۾ موڪي ۽ متارن ۽ سسئيءَ کي پنهنجي شاعري ۾ امر ڪيو. لطيف به ملير جي گسن تان وندر ۽ هنگلاج تائين ويو ۽ ان اهو سفر ملير جي علائقي کان ڳڏاپ ۽ هنگلاج تائين ڪيو. سسئي به پنيور ڪانپوءِ ملير مان ٿيندي اڪري ڀنڀوٽي جو لڪ لنگهي سنگهر تائين ويئي هئي.

پاڪستان جو باني محمد علي جناح اڪثر هوا خوري لاءِ ملير جي باغن ۾ ايندو هو. واٽر بورڊ جو ڊملوٽي انسپيڪشن بنگلو جنهن کي عام طور ملير بنگلو چيو وڃي ٿو. جيڪو ميمڻ ڳوٺ پويان ڊملوٽي جي علائقي ۾ ملير نئين جي ڪپ تي واٽر سپلاءِ کوهه نمبر هڪ لڳ آهي. 1945ع ۾ محمد علي جناح انهيءَ بنگلي ۾ ترسيل هو ته، ان وقت سر غلام حسين هدايت الله سنڌ جو وڏو وزير هو. هاري ڪاميٽي جو هڪ وفد ڪامريڊ عبدالقادر ميوا خان جي اڳواڻي ۾ محمد علي جناح سان ملاقات ڪئي. هاري ڪميٽي جي وفد ۾ عبدالله شهبازي ٺٽي وارو به ڳڏ هو. هاري ڪميٽي جي اندر ان وقت هڪ ڏڙو مسلم ليگ سان قربت وڏائڻ جو به حامي هو. ان وفد ملير بنگلي ۾ محمد علي جناح سان ملاقات ڪئي. ان ڳالهه تي به ڏينهن اهو بحث هليو ته جنوري 1946ع ۾ ٿيندڙ سنڌ جي چونڊن ۾ هيٺين طبقي ۽ هارين کي ٽڪيٽون ڏنيون وڃن. محمد علي جناح انهيءَ تي راضي ٿيو پر مسلم ليگي اڳواڻ ۽ هاري ڪاميٽي وارا ان ڳالهه تي اتفاق نه ڪري سگهيا. ته کهڙي پليٽ فارم تي اليڪشن وڙهجي. مسلم ليگي اڳواڻ ۽ محمد علي جناح جو موقف هو ته 60% ٽڪيٽون هاري ڪميٽي کي ڏنيون وينديون، پر اهي مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان چونڊ ۾ حصو وٺندا. جيڪا ڳالهه هاري ڪاميٽي وارن قبول نه ڪئي انهن جو موقف هو ته اسان هاري ڪاميٽي جي پليٽ فارم کي چونڊن ۾ استعمال ڪنداسين جيڪا ڳالهه مسلم ليگ وارن قبول نه ڪئي ۽ ائين اهي ڳالهيون بنا ڪنهن نتيجي جي ختم ٿي ويون.

ان کان اڳ محمد علي جناح 28 آگسٽ 1945ع تي ملير ۾ ديهه ڏگهه واري علائقي جتي هاٽي بابا ولايت علي شاهه جي درگاهه آهي جي لڳ ملير نئين جي ڪپ تي قائم خان آف قلات جي بنگلي ۾ ترسيو هو. محمد علي جناح خان آف قلات کي پائيندا هئا، پر جڏهن 1947ع ۾ قلات جي جرڳي ۾ بلوچستان کي پاڪستان ۾ شموليت نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته خان آف قلات محمد علي جناح کي تار موڪلي بنگلو خالي ڪرڻ لاءِ چيو. جنهن ڪانپوءِ خان آف قلات جي بنگلي ويجهو بهاولپور رياست جي نواب پنهنجو بنگلو ”القمر“ محمد علي جناح کي رهڻ لاءِ ڏنو. چاڪاڻ ته نواب آف بهاولپور جا محمد علي جناح سان سٺا تعلقات هئا. اهي ٻئي بنگلا اڄ به موجود آهن.

خان آف قلات جو بنگلو 1950ع ڪانپوءِ ڀوپال جي راڻي بيگم عابده سلطانه خريد ڪيو ۽ قلات هائوس جو نالو بدلائي ڀوپال هائوس رکيو.

واجا نور الدين بلوچ، جنهن جي نالي تي ڳوٺ ملير ريلوي ڦاٽڪ پار جامعه مليه ڏانهن ويندي ڪاٻي هٿ تي اڄ به قائم آهي، انهن ڳوٺاڻن کي گهٽا ڀيرا غير قانوني چئي اٿارٽ جي به ڪوشش ڪئي ويئي. انهي واجا نورالدين پاران ورهاڱي وقت محمد علي جناح جي مان ۾ ملير محمدن فٽبال گرائونڊ ۾ آجياڻو ڏنو ويو. جنهن ۾ ملير جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

انهن تاريخي واقعن کانسواءِ سڪندر اعظم ۽ ان جون فوجون ملير مان گذري اڳتي ويون هيون. محمد بن قاسم به سنڌ تي حملي لاءِ پنهنجي لشڪر سميت حب پار ڪري منگهي پير واري علائقي ڪانپوءِ ملير مان گذري ديبل بندر تي حملو ڪيو هو.

ملير جيئن نندي ڪنڌ، باقي سنڌ ۽ پنجاب وڃڻ واري قدم گذر گاهه تي آهي. جنهن جي ڪري يونانين ڪان وني هاٽوڪي دور تائين اهو قافلن لاءِ سراءِ جي حيثيت رکي ٿو. مڪران ۽ ايران ڏانهن ويندڙ قديم گذر گاهه، گڏاپ ڪان شال ڪوٽ (ڪوئيٽا)، قنڌار ويندڙ قديم رستو، گڏاپ ڪان سيوهڻ، گڏاپ ڪان مول، گڏاپ ڪان ئي باقي رستا لانڊي ڪان ديبل، لاڙي، ٺٽي جي بندرن ۽ ڪراچي جي بندرن ڏانهن رستا نڪرندا هئا. هتان ايندڙ قافلا انهن کي استعمال ڪندا هئا. اهي گس ڪنهن نه ڪنهن طور تي اڄ به استعمال ٿي رهيا آهن.

**ملير جو سياسي وايو منڊل:**

لياري وانگر 1970ع ڪان وني ملير به سياسي طور تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڳڙهه رهيو آهي هتان قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ پيپلز پارٽي جا نمائندا اڪثريت سان ڪامياب ٿيندا رهيا آهن. پيپلز پارٽي کانسواءِ متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) جي نهڻ ڪانپوءِ شهري علائقا ان جي هٿ هيٺ آهن. ايم ڪيو ايم ڪان اڳ شهري علائقن ۾ جماعت اسلامي جو وڏو اثر رهيو آهي. هن وقت به جماعت اسلامي شهري علائقن ۾ مقابلي جي پوزيشن ۾ آهي. ڀهراڙي جي ڪجهه علائقن ۾ ان جو اثر به آهي. ايم ڪيو ايم حقيقي بنجڻ ڪانپوءِ لانڊي، ملير ۽ سعود آباد جي علائقن ۾ حقيقي مضبوط پوزيشن ۾ آهي. مولانا فضل الرحمان پناڻن جي علائقي ۾ سني پوزيشن ۾ موجود آهي. سهراب ڳوٺ ۽ لانڊي جي پناڻ آبادين ۾ نيشنل عوامي پارٽي ۽ پشتون خواهه ملي عوامي پارٽي جو به اثر موجود آهي. سنڌي قوم پرست پارٽين ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ، عوامي تحريڪ، سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ نيشنل فرنٽ جا يونٽ به هتي موجود آهن. ملير ۽ ڪراچي جي ڳوٺاڻن جي مسئلن تي اهي پيش پيش آهن پر اهي اليڪشن کٽڻ جي پوزيشن ۾ نه آهن. بلوچ علائقن ۾ پيپلز پارٽي ۽ بين تنظيمن کانسواءِ بلوچ قوم پرست تنظيمن جنهن ۾ بي.

اين. ايم مينگل ۽ نيشنل پارٽي جو چڱو اثر آهي. بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جا ملير جي تعليمي ادارن ۾ مضبوط يونٽ رهندا آيا آهن. بي. ايس. او هڪ فعال تنظيم طور موجود رهي آهي.

بي. ايس. او هتي تعليمي سرگرمين کان سواءِ سنڌ ۽ بلوچستان جي هر سياسي جدوجهد ۾ پيش پيش رهي آهي. انهن سياسي پارٽين کانسواءِ مولانا شاهه احمد نوراني جي جمعيت علماءَ پاڪستان ۽ مسلم ليگ (ن)، پاڪستان ورڪرز پارٽي به ڪجهه علائقن ۾ موجود آهي.

مغلن کان وٺي ٽالپرن تائين هتان جي راڄن جا سردار ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان حڪومتي انتظام ۾ رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ انهن کي منگهو پير کان وٺي ساڪري تائين جاگيرون عطا ڪيون ويون هيون. انگريزن جي فتح وقت انهن خلاف آزادي جي تحريڪن ۾ به هتان جا ماڻهو اڳرا رهيا آهن. انگريزن جي فتح کان وٺي 1900ع تائين هي علائقا ڪراچي جي سياسي پس منظر کان ڪٽيل رهيا. جاڪاڻ ته ميونسپل ڪارپوريشن جي حدن ۾ نه هئڻ ڪري هي چوندڙ واري عمل کان به پاسيرا رهيا آهن ۽ علائقا جيڪي ڪراچي ضلعي (ڪراچي ڀراڙي) ۾ شامل هئا. ڪراچي ضلعي ۾ هاٽوڪي ڪراچي جي ڀراڙين کانسواءِ هاٽوڪو ضلعو ٺٽو، بدين جو جاتي تعلقو، دادو ۽ جام شورو ضلعا به شامل هئا. آگسٽ 1901ع ۾ ڪراچي ضلعي جي تعلقن دادو، جوهي ۽ سيوهڻ کي پاڻ ۾ ملائي، نئون ضلعو لاڙڪاڻو ناهيو ويو. تعلقو ڪوٽڙي بدستور ڪراچي ضلعي ۾ رهيو. 1932ع ۾ جڏهن دادو ضلعو جوڙيو ويو ته ڪوٽڙي تعلقو هن ۾ شامل ڪيو ويو. ضلعي لوڪلبورڊ ۾ ٺٽي، بدين ۽ ڪوٽڙي تعلقي جي شموليت ڪري بورڊ مان نامزد ۽ چوندڙيل ميمبر انهن علائقن مان ايندا هئا ۽ ملير کي ڪا خاص نمائندگي مليل نه هئي. ملير جي پير محفوظ خاندان ۽ جام آف ملير جو ڪجهه اثر سياست ۾ انهي دور ۾ رهيو. اهو به نه ڳڻڻ جهڙو. ياد رهي ته پاڪستان سپريم ڪورٽ جو ريٽائر چيف جسٽس سيد سجاد علي شاهه به پير محفوظ جي خاندان جو فرد آهي. اڄ صدي تائين ملير جا ماڻهو اليڪشني سياست کان ڌار رهيا آهن. جنهن جا به اثر هتان جي سياسي وايو منڊل تي ورهاڱي کان پوءِ به موجود آهن.

سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگي کانپوءِ پوري سنڌ ۾ اسيمبلي جون چوندون ٿيون. ڪراچي جي 13 سيٽن مان ڪراچي ڀراڙي اتر لاءِ هڪ سيٽ، ڪراچي ڀراڙي جي ڏکڻ لاءِ هڪ سيٽ، ڪراچي ڀراڙي اوڀر لاءِ هڪ سيٽ مسلمانن لاءِ هيون، جڏهن ته پوري ضلعي ڪراچي لاءِ شهر کانسواءِ هندوئن جي هڪ سيٽ مخصوص ٿيل هئي. ملير جو گهڻو حصو ڪراچي ڀراڙي اوڀر واري تڪ ۾ شامل هو، جتان پير غلام حيدر شاهه بلڙي وارو جيڪو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو اميدوار هو، 5219 ووٽ کڻي ڪامياب ٿيو. پير غلام حيدر شاهه، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو جو پندرهن هون

نمبر گادي نشين هو. 1926ع ۾ بمبئي ڪائونسل ۾ ميمبر چونڊيو ويو. هي سنڌ جو پهريون گادي نشين هو جيڪو اسيمبليءَ تائين پهتو ان کي ڏسي بعد ۾ ڪيترن گادي نشينن کي اسيمبلي ۾ گهڙڻ جو شوق پيدا ٿيو. پير غلام حيدر جو مقابلو ملير جي مهر علي شاهه آزاد اميدوار طور ڪيو، جنهن 4707 ووٽ حاصل ڪيا. پنجل داس ديوان چتومل وزيراڻي آزاد اميدوار طور هندوئن جي سيٽ حاصل ڪئي. هي صاحب نٽي شهر جي مشهور وزيراڻي عالمن جي ڪٽنب مان هو، سر غلام حسين جي وزارت ۾ هي فقط ميمبر هو. 1938ع ۾ جڏهن خان بهادر الله بخش جي وزارت ٺهي ته هي وزير به ٿيو.

1932ع ۾ جڏهن دادو ضلعو ٺهيو ڪوٽڙي تعلقو هن ۾ شامل ڪيو ويو ته خانبهادر الله بخش گبول جنهن جو واسطو ملير سان به هو ضلعي لوڪلبورڊ جو صدر ٿيو. 1937ع ۾ سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ ڪانپوءِ به هي لوڪلبورڊ جو نامزد صدر ٿيو. 1946ع ۾ سنڌ ۾ بيهر چونڊون ٿيون. هن پيري به ملير جو ڪو به ماڻهو اليڪشن ۾ ڪامياب نه ٿيو. اهڙي طرح ورهاڱي تائين سواءِ الله بخش گبول جي ڪو ملير جو نمائندو ضلعي لوڪل بورڊ جي صدارت ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ نه هو. جڏهن ڪراچي ۾ مسلم ليگ کي فعال ڪيو ويو ته 1947ع تائين هتان جا وڏيرا ۽ جاگيردار جيڪي مسلم ليگ جا حامي هئا پر انهن جو پارٽيءَ ۾ ڪو خاص ڪردار نه هو. 1947ع ڪانپوءِ جڏهن مسلم ليگ جا يونٽ کوليا ويا ته ملير ۾ مسلم ليگ جو يونٽ قائم ڪيو ويو. انهيءَ دوران الله بخش گبول ملير کي چڏي لياري کي وسائي چڪو هو. ملير مسلم ليگ جو پهريون صدر پير غلام مرتضيٰ سرهندي هو ۽ ميمبرن ۾ مظهر علي شاهه، پير عبدالفتاح، وڏيرو مير محمد، عبدالڪريم، وڏيرو در محمد، وڏيرو نظام الدين، پير عبداللطيف، پير حزب الله ۽ الله ورايو جمعدار هئا.

ورهاڱي وقت ملير، آسو ڳوٺ، شانتي نگر، صفوران، شرافي ۽ لانڍي مان به وڏي تعداد ۾ هندو لڏپلاڻ ڪري هندستان هليا ويا. هندوئن جي ڪري ملير جي انهن علائقن ۾ ڪانگريس جو اثر موجود هو. شانتي نگر ۾ جواهر لعل نهرو وڏي جلسي کي خطاب ڪيو هو تنهن ڪري هتي هڪ گيٽ جو نالو نهرو دروازو رکيو ويو جيڪو اجا به انهي نالي سان قائم آهي.

جڏهن 1948ع ۾ نئو ضلعو جوڙيو ويو ته ڪراچي 92 ديهن مان 38 ديهون نئي ۾ شامل ڪيون ويون اهڙي طرح ورهاڱي کان وٺي 1963ع تائين ڪراچي جا ٻهراڙي وارا علائقا انتظامي طور ڪراچي کان الڳ هئا. انهن کي ووٽ جو حق نه هو. 1963ع ۾ ايوب خان جي بنيادي جمهوريتن واري نظام هيٺ هتان جي ماڻهن "ٻهراڙي اتحاد" جي پليٽ فارم تان مسلم ليگين جو مقابلو ڪيو، جماعت اسلامي اتحاد جي حمايت ڪئي. ملير جي ماڻهن چونڊن ۾ ڀرپور حصو ورتو.

يونين ڪائونسلن ۽ ضلعي ڪائونسل ۾ پنهنجا نمائندا موڪليا. ملير جو زميندار حاجي داد رحيم بلوچ جيڪو اتحاد جو اميدوار هو. ضلع ڪائونسل ڪراچي جو پهريون چونڊيل وائيس چيئرمين منتخب ٿيو. هن دور ۾ چيئرمين حڪومت جو نمائندو هو ڊپٽي ڪمشنر هوندو هو. بنيادي جمهوريتن وارو نظام 1960ع ۾ لاڳو ڪيو ويو پر ڪراچي ڀهراڙيءَ ۾ اهو نظام 1963ع ۾ شروع ڪيو ويو.

مقامي ماڻهن ۾ تن ڏينهن ۾ سياست ۾ واجا نورالدين بلوچ، ماسٽر سومار جدگال، پروفيسر شير محمد بلوچ، واجا مراد علي ملا عيسيٰ ڳوٺ وارو ملا عيسيٰ جو پٽ، ولي محمد جاموٽ ابراهيم حيدري وارو، حاجي ايوب ميمڻ، وڏيرو يار محمد جوکيو، سهراب خان گبول، حاجي رسول بخش بلوچ، حاجي آچار گبول، ميراڻ بلوچ، وڏيرو غلام نبي، نور محمد بلوچ، نظر علي خواجو، حاجي شير محمد جو پٽ غلام رسول بلوچ، پير محفوظ ۽ اردو ڳالهائيندڙ ۾ ڊاڪٽر انصار علي ۽ بمبئي وارو سيٺ ضمير احمد سرگرم هئا. ملير يونين ڪائونسل لاءِ ٻئي ٽرم ۾ ٻه مهاجر ميمبر نامزد ڪيا ويا. جڏهن ته ٽيئن ٽرم (1966ع) ۾ ڇهه مهاجر ميمبر چونڊجي آيا. هن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ملير جي شهري علائقن ۾ تيزي سان مهاجرن جي آبادڪاري ٿي رهي هئي. لوڪل سياست ۾ جماعت اسلامي جو اثر ملير ۾ ان وقت ڪان موجود هو. ضلع ڪائونسل جي ان دور ۾ فنانس ڪاميٽي جو ميمبر ذاڪر علي جماعت اسلامي جو ميمبر هو. مسلم ليگ جي هارون فيملي ٻه ملير ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي ڪامياب نه ويا.

1973ع واري چونڊن ۾ پوري ڀهراڙي تي قومي اسيمبلي لاءِ هڪ سيٽ هئي. جتان پاڪستان پيپلز پارٽي جو عبدالحفيظ پيرزادو ۽ صوبائي اسيمبلي لاءِ حاجي شفيع محمد جاموٽ جو پيءُ ولي محمد جاموٽ ڪامياب ٿيا. ملير جي جام پي پي پي جي پرپور حمايت ڪئي هئي. 1977ع واري اليڪشن ۾ قومي اسيمبلي لاءِ ٻيهر عبدالحفيظ پيرزادو جماعت اسلامي جي مولانا ذڪريا کي شڪست ڏئي ڪامياب ٿيو. صوبائي اسيمبليءَ لاءِ عبدالقيوم جوکيو ماڊل ڪالوني جي رحيم خان جوکئي ڳوٺ وارو پي پي پي جي ٽڪيٽ تي ڪامياب ٿيو. پر هن اسيمبلي کي هلڻ نه ڏنو ويو. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت کي ختم ڪري جنرل ضياء الحق پوري ملڪ ۾ مارشل لاءِ لڳائي ڇڏي.

1979ع ۾ نئين لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979ع موجب پوري ملڪ ۾ بلدياتي چونڊون ڪرايون ويون. جنهن جي نتيجي ۾ ملير سميت ڪراچي جي ڀهراڙين تي ٻڌل ضلعي ڪائونسل تان پي پي پي جو حمايتي حاجي شفيع محمد جاموٽ پهريون چونڊيل چيئرمين ۽ غلام جان بروهي وائيس چيئرمين چونڊجي آيا. ايم. آر. ڊي تحريڪ جي ڪري حاجي شفيع محمد جاموٽ 1982ع ۾

استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي. 1983ع واري ٽرم ۾ عبدالحڪيم بلوچ چيئرمين ۽ غلام جان بروهي وائيس چيئرمين جڏهن ته 1987ع واري ٽرم ۾ حاجي شفيع محمد جاموٽ ٻيهر چيئرمين ۽ محمد عمر مينگل وائيس چيئرمين چونڊيا ويا.

جنرل ضياءَ الحق 1985ع ۾ غير جماعت بنيادن تي پوري ملڪ ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جون چونڊون ڪرايون. ملير جي قومي اسيمبلي ڪي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. ابراهيم حيدري ۽ لانڍي تي ٻڌل تڪ اين اي 195 تان زين نوراني ۽ ملير ڀهراڙي ۽ شهري علائقن ڪي ملائي قومي اسيمبلي لاءِ تڪ 196 ڏار ڪيو ويو. جنهن تي مصطفيٰ الازهري ڪامياب ٿيو. صوبائي اسيمبلي جي ٻن سيٽن تان نصيرالدين ۽ حافظ محمد بخش ڪامياب ٿيا. پاڪستان پيپلز پارٽي انهن چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو هو.

1988ع ۾ اين. اي 195 تان ايم ڪيو ايم جي حمايتي محمود حسين ۽ اين. اي 196 تي ايم ڪيو ايم جي حمايتي وسيم احمد ڪاميابي حاصل ڪئي. صوبائي اسيمبلي لاءِ پي ايس 97 ملير لاءِ پي پي پي جي خواجا محمد اعوان، پي. ايس 98 ملير تان پي پي پي جي عبدالحڪيم بلوچ، ڀهراڙي جي اولهه واري سيٽ پي. ايس 73 تان پي پي پي جي محمد بخش لاشاري ڪاميابي حاصل ڪئي. سواءِ عبدالحڪيم بلوچ جي باقي ٻيا ميمبر ڀهراڙيءَ جا اصلي رهاڪو نه هئا.

1990ع وارين چونڊن ۾ اين. اي 195 تان ايم ڪيو ايم جي حق پرست گروپ جي ريحان عمر فاروق، اين. اي 198 تان ايم ڪيو ايم جي وسيم احمد ٻيهر ڪاميابي حاصل ڪئي. جڏهن ته صوبائي تڪ پي. ايس 97 تان پي پي پي جي خواجا محمد اعوان ۽ پي. ايس 98 ملير تان عبدالحڪيم بلوچ ٻيهر چونڊجي آيا. ڀهراڙي جي هڪ ٻئي تڪ ڪراچي اولهه جي پي. ايس 73 تان پي پي پي جو لال بخش پٽو چونڊجي آيو.

1993ع وارين چونڊن ۾ ايم ڪيو ايم قومي اسيمبلي جي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ته اين. اي 195 جي قومي اسيمبلي جي سيٽ پي پي پي جي پروفيسر اين. ڊي خان ۽ اين. اي 196 جي سيٽ پي پي پي جي شير محمد بلوچ ڪاميابي حاصل ڪئي. صوبائي سيٽ پي. ايس 97 تان ٽيون ڀيرو پي پي پي جو خواجا محمد اعوان ۽ پي. ايس 98 تان پي پي پي جو ٽيون ڀيرو عبدالحڪيم بلوچ چونڊجي آيا. ڪراچي ڀهراڙي جي پي. ايس 73 تان پي پي پي جو لعل بخش پٽو ٻيهر صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي آيو.

1996ع وارين چونڊن ۾ 1993ع ۾ قائم ٿيل ملير ضلعي جي ڪري نيون تڪ بنديون نه ڪيون ويون. چونڊون پراڻن تڪن جي حساب سان ٿيون. اين. اي 195 ۽ اين. اي 196 تي ايم ڪيو ايم ڪاميابي حاصل ڪئي. صوبائي تڪ 97 تان پي پي پي جي عمر جت ڪي شڪست ٿي.

پي. ايس 98 تان هن پيري حڪيم بلوچ خاموش رهيو. پي پي پي ٽڪيٽ شير محمد بلوچ کي ڏني. مقابلي ۾ آزاد اميدوار جام آف ملير جو پٽ جام عبدالحفيظ هو. پي پي پي جي شير محمد اها سيٽ آساني سان حاصل ڪئي. ڀهراڙي جي هڪ ٻئي تڪ پي. ايس 73 ۾ پي پي پي جو مقابلو ايم ڪيو ايم سان ٿيو. اها سيٽ پي پي پي کٽي ورتي.

2002ع ۾ ملير ضلعو ختم ٿي چڪو هو. صوبائي اسيمبلي جون سيٽون وڌايون ويون ساحلي علائقن تي ٻڌل پي ايس 129، ملير سٽي ۽ ميمڻ گوٺ، درساڻو چنو تي ٻڌل پي ايس 127 باقي ملير ڀهراڙيءَ تي پي. ايس 130 ۾ شامل هو. منگهو پير کان ابراهيم حيدري تائين قومي اسيمبلي جي هڪ سيٽ ڪئي ويئي. گلشن اقبال ۾ صفوران کي الڳ ڪري قومي اسيمبلي صوبائي اسيمبلي لاءِ الڳ تڪ ڪيا ويا.

قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 198 لاءِ، پي پي پي کان ناراض ڏڙي عبدالحڪيم بلوچ جي اڳواٽي ۾ راڄوٽي اتحاد ٺاهيو. جنهن ۾ حاجي شفيع محمد ڄاموٽ، جام آف ملير جام ٻڄار خان ۽ مهر الله مينگل شامل هئا. پي پي پي جي شير محمد جو مقابلو ڪيو. اها سيٽ پي پي پي جي شير محمد بلوچ حاصل ڪئي. راڄوٽي اتحاد جي اميدوار محمود عالم ڄاموٽ پي ايس 129 تان پي پي پي جي عمر جت کي شڪست ڏيئي صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو ۽ بعد ۾ هو مسلم ليگ(ق) ۾ شامل ٿيو. پي پي پي 130 پي. ايس تان محمد ساجد جوکيو جيڪو ڦهريون پيرو پي پي پي ۾ شامل ٿيو ۽ پنهنجي مقابلي ۾ راڄوٽي اتحاد جي اميدوار شعيب جوکئي کي شڪست ڏيئي ڪامياب ٿيو. پي. ايس 127 تي عبدالله مراد بلوچ ۽ ايم ڪيو ايم جي اميدوار جو سخت مقابلو ٿيو هن سيٽ تي شهري علائقو وڌيڪ شامل هو پر عبدالله مراد بلوچ جنهن لاءِ هي مشڪل سيٽ هئي پنهنجي ڪامياب حڪمت عملي سان ايم ڪيو ايم جي اميدوار کي ستن هزار ووٽن تان شڪست ڏيئي حاصل ڪئي ۽ اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو. پي. ايس 73 ڪراچي اولهه واري تڪ تي جيڪا هميشه پي پي پي حاصل ڪندي اچي راڄوٽي اتحاد نهڻ ڪري ووٽ ورهائجي ويا جنهن جي ڪري اها سيٽ 300 ووٽن تان ايم ڪيو ايم جي محمد حسين، پي پي پي عبدالخالق کي شڪست ڏئي حاصل ڪئي. گلشن اقبال واري قومي اسيمبلي جي تڪ تان متحده مجلس عمل جو مولانا اسدالله ڀٽو ۽ صوبائي تڪ تان متحده مجلس عمل جو يونس بارائي ڪامياب ٿيو. لانڍي مان هڪ قومي اسيمبلي جي تڪ ۽ هڪ صوبائي اسيمبلي جي تڪ ايم ڪيو ايم حقيقي حاصل ڪئي. باقي ملير جون سيٽون ايم ڪيو ايم حاصل ڪيون. حڪومت جي حمايت جي باوجود ايم ڪيو ايم 2002ع جي اليڪشن ۾ ملير مان خاطر خواه ڪاميابي حاصل نه ڪئي. جڏهن لانڍي واري تڪ حقيقي جي قومي اسيمبلي جي ميمبر جي مرڻ ڪانپوءِ خالي ٿي ۽

پي ايس 127 تي عبدالله مراد جي شهادت جي نتيجي ۾ خالي ٿيل سيٽن تان ننديون چونڊون ٿيون ته قومي اسيمبلي جي سيٽ فاروق ستار ۽ صوبائي اسيمبلي پي ايس 127 واري سيٽ ايم ڪيو ايم جي يوسف منير شيخ کٽي ورتيون. اليڪشن ڪميشن پاران ريڪارڊ ڏانڌلين جي نتيجي ۾ ڪراچي جي ٻين سيٽن وانگر انهن جا به نتيجا روڪيا ويا ۽ ٻيهر چونڊن جو اعلان ڪيو ويو. ايم ڪيو ايم عدالت جو در کڙڪايو. عدالت انهن ميمبرن کي ڪامياب قرار ڏنو.

2001ع جي بلدياتي اليڪشن ۾ ملير جي اڪثريتي علائقن تي قائم بن قاسم ٽائون ۽ گڏاپ ٽائون ۾ پي پي پي جي حمايتي ناظم عاشق علي جاموٽ ۽ غلام مرتضيٰ بلوچ ڪامياب ٿيا، جڏهن ته گلشن اقبال، ملير ٽائون، شاهه فيصل، لانڍي ۽ ڪورنگي ۾ جماعت اسلامي جي حمايت وارا ناظم ڪامياب ٿيا. ياد رهي ته ايم ڪيو ايم 2001ع جي بلدياتي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو هو. 2005ع واري اليڪشن ۾ گڏاپ ٽائون لاءِ ٻيهر پي پي پي جو غلام مرتضيٰ بلوچ ۽ بن قاسم ٽائون لاءِ عمر جت ڪامياب ٿيا. ملير جي شهري علائقن ۾ قائم ٽائونن تي ايم ڪيو ايم جي حمايت وارا ناظم ڪامياب ٿيا. انهن ڇهني شهري ٽائونن ۾ پنج يونين ڪائونسلن تي پي پي پي جا ناظم پڻ ڪامياب ٿيا.

ملير جي علائقن تي ٻڌل انهن علائقن تي باوجود نون تڪ بندين، ٽائونن جي قيام، ٻاهرين آبادين جي آبادڪاري، ووٽن لسٽن جي غلط اندراج، شهري علائقن ۾ هڪ بجاءِ ڪيترن حلقن ۾ ووٽ داخل هئڻ جي باوجود پي پي پي جي اميدوارن ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. خود پي پي پي جي غلط پلاننگ، اقرباپروري، صحيح امدوارن کي ٽڪيٽ نه ڏيڻ جي ڪري به پي پي پي کي گهٽو نقصان ٿيو آهي. 1988ع کان پوءِ هتي يم ڪيو ايم جي ووٽ بئنڪ ۾40% گهٽتائي آئي آهي. جنهن جي ڪري حڪومت جي مڪمل حمايت جي باوجود ايم ڪيو ايم شهري علائقن مان به قومي ۽ ٽي صوبائي سيٽون وڃايون آهن. 2002ع جي ملير مان صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جي چونڊن ۾ متحده مجلس عمل ٽين ۽ مضبوط پوزيشن طور سامهون آئي آهي. حڪمران مسلم ليگ(ق) کي ملير مان عبرتناڪ شڪست ملي. پاڪستان پيپلز پارٽي جيڪڏهن صحيح پلاننگ ڪري ۽ اقرباپروري جي بجاءِ مخلص ماڻهن کي ٽڪيٽون ڏيئي ته هو ملير شهري علائقي مان به ڪاميابي حاصل ڪري سگهڻ جي پوزيشن ۾ هوندي.

**<u>ملير جي ادب جو احوال:</u>**

ملير ادبي حوالي سان زرخيز خطو رهيو آهي. ماضي ۾ خاص ڪري ڏور، بيت ۽ هنر جا سگهڙ هتي موجود رهيا آهن ۽ هن وقت به ساحلي پٽي ۽ ڪوهستان ۾ سگهڙن جو چڱو تعداد رهي ٿو. شهري علائقي کان ڏور هئڻ ڪري، ڇپائي ۽ اخبارن جو رواج نه هئڻ ڪري انهن غريب علم

دوستن جو علم منظر عام تي اچي نہ سگھيو آهي. علمي، ادبي، ثقافتي مرڪزن کان پري رهندڙ سان اهو ڏک هميشہ رهي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي مرتب ڪيل ڪتابن ”جنگ نامہ“ ۽ ”واقعاتي بيت“ ۾ هتان جي ڪجھ شاعرن ۽ سگھڙن جي شاعري ۽ بيتن کي محفوظ ڪيو آهي. هتي وڏو علمي ذخيرو بيتن جي صورت ۾ موجود آهي پر ان کي هڪ جاءِ گڏ ڪري شايع ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ماضي ۾ ابراهيم حيدري کان وٺي حب تائين اڻ ڳڻيا سگھڙ ۽ شاعر موجود هوندا هئا. ڪجھ بيت قلمي نسخن جي صورت ۾ انهن جي مائٽن وٽ موجود آهن. هو اهي قلمي نسخا ڪنهن کي ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن. هن وقت بہ ڪجھ سگھڙ موجود آهن. هاڻوڪي دور ۾ ملير ۾ شاعرن ۽ اديبن جو سنو حلقو ڀراڙي ۽ شهري علائقن ۾ آهي. هتي آئون ڀهرئين ماضي جي ڪجھ سگھڙن جا نالا، جيڪي مون کي ملي سگھيا آهن ڏيئي رهيو آهيان.

پراڻن وقتن ۾ سگھڙ گھڻو ڪري مختلف قبيلن جا منگڻهار، لنگا ۽ گدا هوندا هئا. هنرمند، محنتي ۽ ادب دوست هي قبيلا اڄ بہ موجود آهن. قدر ڪندڙن جي کوٽ ۽ غربت ۽ ترقي جي ڪري انهن سگھڙ واري ڪرت سان گڏ پاڻ کي انهن ذاتين جي نالي سان سڏائڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. پر شاندار ماضي وانگر انهن جو نالو تاريخ ۾ محفوظ آهي. انهن پنهنجن قبيلن جي سردارن، سورهين ۽ هتان ٿيندڙ مشهور واقعن جو ذڪر پنهنجن بيتن ۾ ڪري هڪ دور جي تاريخ کي محفوظ ڪيو آهي.

انهن ڪانسواءِ هتان جي قبيلن جا سردار ۽ عام ماڻهو بہ بهترين سگھڙ ۽ شاعر هئا. جن ۾ موڪين جو سردار جام بجار خان اول هنر جو بهترين سگھڙ هوندو هو ڪچهري ۾ ڪو بہ سگھڙ جام صاحب جو مقابلو نہ ڪري سگھندو هو. هو اڪثر سوالن جا جواب شاعري ۾ ڏيندو هو.

هتان رهندڙ مذهبي اڳواڻ، مسجدن جا پيش امام بہ سنا شاعر هوندا هئا. ويجهي ماضي ۾ ملير واري علائقي ۾ مذهبي ڪتاب وڏي تعداد ۾ ڇپجي رهيا آهن. شائع ٿيندڙ ڪتابن ۾ مذهبي ڪتابن جو انگ ڀهرئين نمبر تي آهي. جنهن ۾ ملير جو مشهور عالم دين حضرت مولانا مفتي محمد شفيع نعيمي جيڪو صاحب داد ڳوٺ جو جدگال هو. ديني ڪتابن جو وڏو ذخيرو هن لکيو آهي جيڪو هن جي قائم ڪيل مدرسي ”دارالعلوم“ جي لائبريري ۾ موجود آهي. ملير جي ٻين عالمن ۾ مفتي غلام ياسين امجدي، مولانا ظفر احمد انصاري، مفتي محمد رفيق عثماني، مولانا ڊاڪٽر عبدالحئي، مولانا محمد ذڪريا، مولانا محمد جان نعيمي ۽ ٻين جا قرآن جي تفسير، حمد ۽ ثنا ۽ نعتيہ مجموعا موجود آهن.

ماضي جي سگهڙن ۾ آسو لنگهو، گلاب لنگهو، صفر لنگهو، ابراهيم لنگهو گهنداري جيڪو برفتن جو لنگهو هو. سُنگر لنگهو، محراب لنگهو، الله بخش پالاري، ملهه پالاري، ملهوغ ڪلمتي پيري، حاجي ڪرمي ڪلمتي وٺيجي وارو، ڪيان خان (وفات 1963ع)، سگهڙ ڪارو، سگهڙ عبدالله جوڪيو، حمزو جوڪيو، شاعر ۽ سگهڙ علي اڪبر جوڪيو گڏاپ، نٿو فقير بنديچو جوڪيو (جنهن لاشارين ۽ پرجن جي جنگ جو احوال شاعري ۾ بيان ڪيو آهي سگهڙ لال بکر پنڌ فقير جوڪيو، سگهڙ نظر محمد چڪري وارو، ٿوهر گدو پيري وارو (جنهن ڪلهوڙن جي لشڪر جڏهن ملير تي ڪلمتين تي چڙهائي ڪئي تہ بيت چيا هئا.) جعفر خان گبول، هاشم گدرو، حاميد رند، سگهڙ پرئو خان گبول چڪري وارو، مولوي شير علي گبول، ضامن جوڪيو، پانڌي گبول گڏاپ، قادر بخش ڪلمتي گهگهر وارو، محسن خاصخيلي گڏاپ، لونگ فقير، عمر شاهه رزاق آباد ۽ بيا مشهور هئا. مولوي شير علي ۽ ضامن جوڪئي جا بيت ۽ مضمون الوحيد اخبار ۾ بہ ڇپجندا هئا.

هن وقت جيڪي سگهڙ حيات آهن انهن ۾ حاجي علي ڪلمتي پوو، نظام الدين ڪلمتي گهگهر، عبدالرزاق ڪلمتي گهگهر، عمر گبول پيري، عبدالرحمان گبول پيري ۽ بيا آهن. هن وقت بہ ملير ۾ شاعرن جو هڪ وڏو حلقو موجود آهي. جنهن ۾ نئين ٿهي جا سٺا شاعر پيدا ٿي رهيا آهن. علي اڪبر جوڪئي کان وٺي امر گل تائين اهو سلسلو جاري آهي جنهن ۾ جيڪو شاعر سڀ کان پهرئين صاحب ڪتاب ٿيو اهو شفيع محمد ميمڻ هو. جنهن ”مومن مليرائي“ جي نالي سان شهرت حاصل ڪئي آهي. هي 1906ع ۾ ميمڻ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. 1933ع ۾ ادبي دنيا ۾ شامل ٿيو. بزم نظامي، بزم طالب المولىٰ، بزم اسير جو سرگرم ميمبر رهيو. سائين جي ايم سيد کي پنهنجو مرشد مڃيندو هو. سندس ڪلامن جو مجموعو 1976ع ۾ ”عشق جو آواز“ سان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

ملير جي محمد حسين پروانو بلوچ جا بہ شاعري جا مجموعات ”پرواز پروانا“ شائع ٿي چڪا آهن. گڏاپ جي انور ٻروچ جي شاعري جي چوپڙي ”سڄڻ ۽ ساٿيهہ“، سندس ننڍي ڀاءُ امر گل جي شاعريءَ جو مجموعو ”سپني جو سپنو“ شائع ٿي چڪا آهن.

رزاق آباد محمود شاهه ڳوٺ جي سلطان شاهه ”ساقي“ جيڪو شاعري سان گڏ صحافت ۽ ادب ۾ بہ نالو پيدا ڪيو آهي. شاهه لطيف جي ٻوليءَ تي ان جو سٺو ڪم ڪيل آهي. جنهن تي هو گهڻو ڪجهه لکي چڪو آهي. ڇپائي لاءِ ڪنهن اداري جي انتظار ۾ آهي. تازو هنن سٽن جي لکڻ تائين سندس شاعريءَ جو مجموعو ”ڏونگر مون مَ ڏکوءِ“ شائع ٿي چڪو آهي.

رزاق آباد جي هڪ ٻئي شاعر ”غفور شاهه“ جي شاعريءَ جو مجموعو ”اَچا اولا عاج جا“ بہ پڌرو ٿي چڪو آهي.

اردو شاعريءَ ۾ اولڊ ٽاﺋﻴ ملير جي رهندڙ ناهيد عمر گورگيج بلوچ جي شاعريءَ جا ٻہ مجموعا ”من ڪا مندر“ ۽ ”آس پاس“ ڇپجي چڪا آهن. اها ملير جي شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي اڪيلي خاتون شاعره آهي جنهن جا ڪتاب منظر عام تي آيا آهن. ان ڪانسواءِ ملير جي اردو ڳالهائيندڙن ۾ محمود غزنوي جيڪو يونيورسٽي ۾ منهنجو ڪلاس فيلو هو. هن وقت ڪراچي يونيورسٽي جي ماس ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر آهي جنهن جي شاعريءَ جو مجموعو ”خوابون ڪي دهليز“ شائع ٿي چڪو آهي. ٻين ۾ ”شوقين فتح پوري، بيتاب نظيري، موسيٰ جي ديپڪ جنهن اردو سان گڏ گجراتي ۾ شاعري ڪئي آهي. نفيس فريدي، ضاءُ الحق ضيا، ضيغم حميدي، تنوير احمد ڦول جا شاعري جا مجموعا شائع ٿي چڪا آهن.

انهن شاعرن ڪانسواءِ ملير ۾ سنڌي شاعري جي حوالي سان ميمڻ ڳوٺ جو ٻيڪس بروهي (بابو سليمان) جيڪو هن وقت سنڌ جي ڊائريڪٽر آڊٽ جي اهم پوسٽ تي آهي سنو شاعر آهي. حاجي عالم شير گبول رزاق آباد، شاهه محمد شاهه رزاق آباد، اصغر مهرائي ملير، عبدالحڪيم جوکيو گڏاپ ۾ ٻيا شاعري ڪري رهيا آهن پر انهن جو ڪو مجموعو اڃا شايع نہ ٿي سگهيو آهي.

بلوچي ادب جي حوالي سان بہ ملير ناميارا اديب، شاعر ۽ فنڪار پيدا ڪيا آهن. ڪراچي ۾ بلوچي ادب جا ٽي مرڪز رهيا آهن. ملير، لياري ۽ پراڻو گوليمار ملير ۾ ماسٽر امام بخش بلوچ مرحوم صديق ڳوٺ واري ادبي حوالي سان سنو ڪم ڪيو آهي. هي عوامي تحريڪ ۾ بہ سرگرم رهيو هو. هن وقت ان جي ياد ۾ ماسٽر امام بخش ميموريل لائبريري صديق ڳوٺ ۾ موجود آهي. جتان ڪنهن دور ۾ بلوچي ۾ هڪ رسالو ”ياڳي“ شائع ٿيندو هو.

تازو رودين ڪلمتي جي بلوچي شاعري تي ٻڌل ڪتاب ”رشنو“ شائع ٿيو آهي. گل محمد گل مليري جيڪو بلوچي جو سنو شاعر آهي. هن شاهه جي رسالي جي ڪجهه سرن جو بلوچي ۾ ترجمو ڪيو آهي. نرگس بلوچ جنهن جو تعلق ڪوهي گوٺه جي ايراني محلي سان آهي. جيڪا صحافي پڻ آهي. انتخاب ڪراچي جي ايڊيٽر بہ آهي. تازو هن جو ڪتاب اڪبر بگٽي تي شائع ٿيو آهي.

انهن صاحب ڪتاب بلوچي اديبن ۽ شاعرن ڪانسواءِ مرحوم ملا فقير محمد ”فقير“، حدا داد مرحوم شاعر مراد جعفر ڳوٺ، حدا داد شاعر صديق ڳوٺ، رحمت الله ڪلمتي شاعر، مولا موسيٰ مليري شاعر، ملا غلام محمد ڪلمتي شاعر، حنيف دلمراد، پروفيسر شير محمد سيرگ شاعر، عبدالعزيز، استاد لعل جان فنا، حنيف اميت، حيدرياد، اشرف سربازي (جيڪو هن وقت ايران ۾ آهي) صالح محمد سوالي مرحوم جيڪو شاعر ۽ فنڪار هو. پي. پي. پي جي ايم. اين. اي شير محمد بلوچ جو چاچو هو. ڊاڪٽر عبدالخالق بلوچ، عبدالخالق خالد شفيع ڳوٺ وارو جنهن مرزا

قليچ بيگ جي ڪتاب ”گلن جي ٽوڪري“ جو بلوچي ترجمو ”پھلاني ٽوڪري“ نالي سان ڪيو آهي. عظيم دهقان، بشير واحد، غلام رسول ڪلمتي اديب شاعر، امام بخش مليري مرحوم فنڪار، اقبال هاشمي شاعر، واجا فقير محمد بلوچ شرافي ڳوٺ، عبدالملڪ مجيد مصور ۽ ظريف بلوچ مصور شامل آهن. ان ڪانسواءِ بلوچي اسٽيج ڊرامي جي حوالي سان صديق ڳوٺ ۽ بلوچي وڊيو فلم جي حوالي سان شرافي مشهور آهن.

سنڌي شاعري ۽ ڪمپوزنگ ۾ عبدالله بيتي جو نالو بہ هميشہ ياد رهندو، ابراهيم حيدري جو رهندڙ هي ادب دوست ماڻهو تازو اسان کان وڇڙي ويو ۽ پويان علم ۽ ادب جو وڏو ذخيرو ڇڏي ويو آهي. جنهن کي سهيڙڻ ۽ شائع ڪرڻ جي ضرورت آهي. عبدالله بي متيو بهترين ڪمپوزر بہ هو. هن ڪيترن سنڌي فلمن جي موسيقي ڪمپوز ڪئي. مهراڻ وائيز گروپ پاران هو مختلف ثقافتي پروگرامن ۾ ميوزڪ پروگرام ڪانسواءِ اسٽيج ڊراما بہ پيش ڪندو هو. گھٽا اسٽيج ڊراما ان جا پنهنجا لکيل هوندا هئا. ابراهيم حيدري جي چاچا احمد ناڪئي وٽ تاريخ جو وڏو ذخيرو محفوظ هو. هاڻي ان جي مرڻ پڄاڻان هن قلمي ذخيري جو خبر ناهي ڪھڙو حشر ٿيو هوندو.

شاعري ڪانسواءِ ادب جي ٻين صنفن ۾ جن اديبن جا ڪتاب شايع ٿيا آهن انهن ۾ هڪ ملير جي ادبي دنيا جو جنهن سنڌ جي ادبي دنيا ۾ نالو پيدا ڪيو اهو الله بچايو يار محمد سمون هو. جيڪو 1912ع ۾ ملير ۾ ڄائو. سنڌي زبان جو مشهور نثر نويس ٿي گذريو آهي. الله بچايو سمون سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري ٽريننگ ڪاليج ۾ ٽريننگ پوري ڪري پرائمري جو استاد مقرر ٿيو. هن فقط بہ ڪتاب لکيا. 1942ع ۾ ”سير ڪوهستان“ ۽ 1971ع ۾ ”لاڙ جو سير“ ڇپجي پڌرو ٿيو. اهي ٻئي ڪتاب سنڌي ادب جا شهپارا آهن. الله بچايو سمون 9 ڊسمبر 1958ع ۾ گذاري ويو. پھريون صاحب ڪتاب جو اعزاز ملير ۾ جنهن کي حاصل آهي اهو ڪوهي ڳوٺ لڳ ايراني محلي جو رهندڙ سليمان صفوي آهي جيڪو اداڪار ڪمال ايراني جو ڏاڏو ۽ سنڌ مدرسي اسڪول ۾ فارسي جو استاد هو. 1932ع ۾ هن جو فارسي ادب تي ڪورس جو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي. پروفيسر عبدالستار بلوچ جو بہ ڪورس لاءِ هڪ ڪتاب ”اصول شهرت“ سنڌي ۾ ڇپجي چڪو آهي. راقم (گل حسن ڪلمتي) جا ٽي ڪتاب (1) هڪ رنل شهر جي ڪهاڻي (ڪراچي جي تاريخ) (2) سنڌو جي سفر ڪهاڻي (ترجمو) شير دريا رضا علي عابدي ۽ (3) برف جو دوزخ (سفرنامو) ڇپجي چڪا آهن. سائين بشير احمد جوڪئي ڪانوڙ واري جو گرامر تي سنڌي ڪتاب ”نور سنڌي گرامر“ ڇپجي چڪو آهي. پير حامد الله سرهندي جو ڪتاب ”سونهاري سنڌ جو سونهارو تارو“ بہ ڇپجي چڪو آهي.

اردو ۾ ملير تي لکيل مضمونن کي هڪ جاءِ تي سهيڙي وادي ملير جي نالي سان شايع ڪندڙ حميد ناضر جا ڪتاب اچي چڪا آهن. وادي ملير ڪانسواءِ (وادي لياري)، برصغير مين سرائڪي تهذيب، ابن حسن قيصر پر تحقيق کي نتائج ۽ ملير گزيٽيئر حصو پهريون انگريزي ۾ ڇپجي چڪو آهي. حميد ناضر جيڪو ڇڻائي گرائونڊ ملير ۾ رهي ٿو جنهن کي ملير ۽ لياري تي سڀ کان پهرئين لکڻ جو اعزاز حاصل آهي. گڏاپ جي ملڪ عبدالغني اصغر جو ڪشمير تي اردو ۾ هڪ ڪتاب ڇپجي چڪو آهي.

صاحب ڪتابن ڪانسواءِ ملير ۾ جيڪي اديب لکڻ ۾ سرگرم آهن انهن ۾ سائين خدا ڏنو شاهه، محمد زمان جوکيو، عبدالعزيز خاصخيلي، رحمان گل پالاري، پروفيسر محمد رحيم راولاڻي، حمزو پنهور، نصرالله ناصر، عبدالعزيز بلوچ، حنيف دلمراد، ملا غلام رسول ڪلمتي رئيس قادر بخش ڪلمتي، زبيده برواڻي، غلام مصطفيٰ بلوچ، ممتاز خاصخيلي، حسين ساگر، محمد علي شاهه، يونس خاصخيلي ريڙهي مياڻ، عبدالغني جوکيو ناز، ايوب شان، لطيف راولاڻي ۽ ٻيا ملير ۾ مختلف تحقيقي مضمونن جي حوالي سان لکي رهيا آهن.

ملير ۾ سنڌي ادبي سنگت جون ٻه شاخون گلشن حديد شاخ ۽ ملير شاخ سرگرم آهن. مرحوم انور پيرزادو جيڪو گلشن حديد ۾ وقتي طور رهائش پذير هو ملير تي انور جو ستو ڪم ٿيل آهي. ان ڪانسواءِ زاهد شيخ، اياز جاني، چندر ڪيسواڻي، امداد سولنگي، حيدر شيخ، سڪندر سرواڻ، محمد علي ماجد، ڪامريڊ نذير چنا ۽ ٻيا سنڌ جا ناليوارا اديب ۽ شاعر وقتي طور تي ملير ۾ رهي سنڌي ادب جي خدمت ۾ مصروف آهن.

**گولاڙا ۽ گگريون اوڇڻ اباڻا**

هڪ پاسي ڏور حب ڊيم جو نيرو پاڻي سج جي ڪرڻن ڪري چمڪي رهيو هو. ڪار نئين جي ويڪري پاٽ جي ڪنڌيءَ تي امام بخش ڳوٺ جا ڪکاوان ۽ پڪا گهر نظر اچي رهيا هئا. اتر پاسي لينڊ اسڪيپ ۾ جدا جدا وڻ ۽ ٻورا، حب جي ڪنڌيءَ تائين ڦهليل هئا. اوير ڪان جبلن جو هڪ سلسلو هو جنهن کي اوير ڏکڻ کان اينڊڙ ڪار نئين ٻه اڌ ڪري انهن جي وچان لنگهي حب ۾ چوڙ ڪري ٿي. جبلن جي انهيءَ ٻه اڌ ٿيل سلسلي ۾ ڪار نئين جي هڪ پاسي هڪ اوچو جبل ۽ ٻئي پاسي هڪ ٻيو موڪرو جبل ڳاٽ اوچو ڪري هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ بيٺا هئا. جنهن مان هڪ کي ”مري“، ٻئي کي ”مگتر“ چيو وڃي ٿو. جتان آئون انهن جو نظارو ڪري رهيو هيس. اهو هڪ ٽڪري تي قائم ڪيرٿر نيشنل پارڪ جو ڪار سينٽر هو. جتي ريسٽ هائوس ۽ مختلف جانورن جن ۾ مور ۽ ٻيا پکي شامل آهن انهن جا پنجرا ٺهيل هئا. نظارو انتهائي خوبصورت هو.

تازين برساتن ڪري هر پاسي ساوڪ ٿي ساوڪ هئي. مري ۽ مگٿر جو ذڪر بعد ۾، پهرئين هن علائقي جي باري ۾. هي علائقو ڪراچي ۾ شامل آهي. ڪنهن وقت ملير ضلعي جو حصو هو. ملير ضلعي جي شهيد ٽيڻ ڪانپوءِ هاڻي هي علائقو گڏاپ ٽائون ۾ شامل آهي ۽ کيرٿر نيشنل پارڪ جو به حصو آهي.

گڏاپ سميت 1962ع تائين هي علائقو ٺٽي ضلعي ۾ شامل هو. 1963ع ۾ موئيداڻ يونين ڪائونسل بنايو ويو ته هي علائقو ان ۾ شامل ڪيو ويو. پر ڪار نئين جي پار وارو علائقو ديهه شورينگ/سورينگ گڏاپ يونين ڪائونسل ۾ شامل هو. مري گڏاپ ۾، ۽ مگٿر جبل موئيداڻ ۾ آهي. جابلو سلسلو اڳتي هلي ڪبڙ لڪ ڪانپوءِ منگهي پير تائين وڃي ٿو. ڪبڙ لڪ انهيءَ علائقي شاهه نوراني ۽ ڏريجي وڃڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. هڪ رستو گڏاپ جنهي جبل ڪان ڪار نئين جي وچان گذري امام بخش ڳوٺ لڳ ڪنڊ ويندڙ رستي سان ملي ٿو ۽ رستي تي چڙهڻ ڪانپوءِ ڪنڊ ڏانهن ويندي ڪار نئين پار ڪرڻ ڪانپوءِ ساڄي هٿ تي ڪچو رستو ڪار سينٽر جي ريسٽ هائوس تائين اچي ٿو. هي علائقو ديهه ڪار ۾ شامل آهي. مري جبل جي پير ۾ گڏاپ ڪان ايندڙ ڪچي رستي جي لڳ قديمي قبرستان به آهي جتي ڪجهه گهاڙي قبرون به آهن. قبرستان جي بلڪل سامهون مگٿر جبل جي ڪڇ ۾ ڳوٺ رازق ڏنو آهي.

ڪبڙ لڪ ڪانپوءِ وارو علائقو ڪنهن دور ۾ ضلعي ڪراچي اولهه ۾ شامل هو. ڪبڙ لڪ وارو جابلو علائقو ملير ضلعي ۾ هوندو هو. جنهن مان مختلف ٽڪرين مان وهندڙ ڍورا نڪرن ٿا جيڪي مراد بروهي ۽ عثمان ٽڪري ڳوٺ ڪانپوءِ لياري نئين ۾ تبديل ٿين ٿا. ديهه ماندڙو، ديهه مهيو، ديهه لوهارڪو لنگ، ديهه جام جو چڪرو، ديهه منگهو پير، ديهه حب، حلڪاٽي، ديهه مائي ڳاڙهي، ديهه بند مراد خان، ديهه مناڻ ۽ گابو پٽ انهيءَ جابلو سلسلي ۾ آهن. گابي پٽ ڪان وني مهير، موئيداڻ ۽ گڏاپ وارو جابلو سلسلو ڪوهستان ۾ شامل آهي.

کيرٿر نيشنل پارڪ به ڪوهستان واري علائقي ۾ آهي. کيرٿر نيشنل پارڪ سنڌ جي ڏکڻ اولهه ۾ کيرٿر جابلو سلسلي ۾ 11992 اسڪوائر ميلن تي پکڙيل آهي. پارڪ جو 1 ڀاڱي 3 حصو ڪراچي جي اترئين پاسي ۽ 2 ڀاڱي 3 حصو جام شوري ۽ دادو ضلعي تي ٻڌل آهي. پارڪ جي ڏکڻ اوير ۾ ٺٽو ضلعو ۽ اوير ۾ حيدرآباد ضلعو اچي ٿو. کيرٿر نيشنل پارڪ پاڪستان جو اڪيلو نيشنل پارڪ آهي جيڪو سڀ ڪان وڏو ۽ سڀ ڪان پهرئين 1975ع ۾ گڏيل قومن جي نيشنل پارڪن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو. هي نيشنل پارڪ سمنڊ جي سطح ڪان 1230 فٽ اوچائي تي N-1025، N-5,26 ويڪرائي ڦاڪ ۽E-10,67 ۽ E-55,67 ڊگهائي ڦاڪ جي وچ ۾ آهي. کيرٿر نيشنل پارڪ جي ٽوٽل ايراضي اٽڪل 308733 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. پارڪ ۾ 432 ميل ڪچا رستا

۽ پيچرا اچي وڃن ٿا. هن نيشنل پارڪ جي خصوصيت اها آهي ته هن پارڪ ۾ دنيا ۾ اٽلپ قسم جا ٻه جانور، سنڌ آئيبيڪس (سرهه – جابلو ٻڪر) ۽ گڊ (جابلو رڍ – اڙيال) هزارن جي تعداد ۾ ملن ٿا. هن وقت وائيلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ موجب سنڌ آئيبيڪس جو انگ 5 هزار کن ۽ گڊ ٽن کان چئن هزارن تائين آهي. هي قيمتي ۽ اٽلپ جانور کيرٿر نيشنل پارڪ ڪانسواءِ ڪٿي به نٿا ملن. انهن جانورن ڪري کيرٿر نيشنل پارڪ کي جڳ مشهوري ملي آهي. پر بدقسمتي اها آهي جو اڻ ڄاڻائي ۽ شوق جي ڪري انهن اٽلپ جانورن جي اهميت کي نه سمجهي سگهيا آهيون ۽ روز انهن قيمتي ۽ اٽلپ جانورن جو شڪار هتان جي بااثر ماڻهن ۽ وائلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ جي اهلڪارن جي سرپرستي ۾ ٿيندو رهي ٿو. پوري نيسنل پارڪ ۾ غير قانوني شڪار روڪڻ لاءِ چيڪ پوسٽن جو ڄار وڇايو ويو آهي پر پوءِ به اهو سلسلو جاري آهي. جنهن لاءِ حڪومت کي گهرجي ته اڻ لڀ نسل جي جانورن جي بقاءَ لاءِ جوڳا اپاءَ وٺي.

کيرٿر نيشنل پارڪ سنڌ حڪومت جي نوٽيفڪيشن نمبر WLRFT(SO-I-DCF-993)/74 مطابق جاري ڪيو ويو. 1972ع ۾ سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس 1972ع تحت هن کي سينڪچوري قرار ڏنو ويو هو. بعد ۾ 1974ع ۾ مٿين نوٽيفڪيشن تحت نيشنل پارڪ ۾ تبديل ڪيو ويو.

1987ع ۾ جانورن خاص ڪري سرهه ۽ گڊ جي نسل کي وڏنڊڙ خطري کي نظر ۾ رکي قانوني طور شڪار جون پرمٽون پڻ بند ڪيون ويون آهن. هاڻي نيشنل پارڪ ۾ شڪار تي مڪمل طور پابندي آهي. نيسنل پارڪ ۾ ٻه، ڪرچات ۽ حب وائلڊ لائيف سينڪچوري (Sanctuary) آهن. پوري پاڪستان ۾ 14 نيشنل پارڪ، 82 وائلڊ لائيف سينڪچوري، 83 گيم ريزرو آهن.

نيشنل پارڪ جو درجو ڏيڻ ڪانپوءِ ڪار سينٽر ڪراچي ۾ 11 ڪارا هرڻ آمريڪا مان آندا ويا ۽ وائلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ جي رپورٽ موجب هاڻي انهن جو انگ 80 کان مٿي آهي ۽ ڳاڙهي هرڻ (چنڪارا) جو انگ 15 آهي. ڪار سينٽر ۾ 26 قسم جا جانور موجود آهن. وائلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ موجب 1980ع تائين ست ليپرڊس (Leapards) پارڪ ۾ موجود هئا. پر هاڻي هڪ به نه آهي. ڪوهستان واري علائقي ۾ چيتو، لومڙ، جهنگلي ٻلا، چراغ، پينگولين، تتر، باز، تلور، چڪور، هاتار، گدڙ، بگهڙ، ڳوريٽ، سيڙها، واڳون، سها، نانگ، نور، هڻ ڪڻ، پيئڻ ٻلا ۽ ڪپر جام آهن.

ڪنڊ ڏانهن ويندڙ رستي جي ساڄي هٿ تي وڏي علائقي تي هترادو لوهي ڄار جو واڙو ناهيو ويو آهي جيئن اٽلپ ۽ قيمتي جانورن ۽ پکين جي نسل ۾ واڌارو ڪري سگهجي. ڪار سينٽر جي انهيءَ لوهي ڄار جي واڙي جو چوڪيدار پنهنجي مخصوص آواز سان هتي موجود گڊ کي سڏيندو آهي، جيڪڏهن ويجهو ڪٿي آهي ته پهچندو ۽ آيل ماڻهو هن جو ديدار ڪندا آهن. هتي هڪ گول هترادو تلاءُ ۾ واڳون به آهن جيڪي بدبودار پاڻي ۾ وقت پيا گذارين. حب ڊيم ويجهو هوندي به

پاڙي جو ڪو بندوبست ڪونهي. لائينون ته وڇايل آهن پر انهن مان به ڪڍهن ڪڍهن قسمت سان پاڙي تلاءُ تائين پهچايو ويندو آهي. ڪار سينٽر جي جانورن لاءِ گاهه لي مارڪيٽ پراڻي ڪراچي شهر مان ايندو آهي. هتي پلي زمين، پاڻي ۽ نوڪرن جي فوج هئڻ جي باوجود اهو گاهه ايڏو پري ڪان گهرايو پيو وڃي، جيڪو هتي به پوکي سگهجي ٿو. ڪراچي ضلعي جون 16 ديهون نيشنل پارڪ ۾ شامل آهن. جنهن ۾ اڳوڻو پورو يونين ڪائونسل موئيداڻ، جنهن جون 12 ديهون هيون، نيشنل پارڪ ۾ شامل آهي. هتي وڻ وڍڻ ۽ ريتي بجري ڪڍڻ تي مڪمل پابندي آهي پر پوءِ به علائقي جي وڻن کي وڍيو پيو وڃي ۽ جهنگ تيزي سان تباهه ٿي رهيو آهي. ڪجهه سال اڳ جڏهن آئون ديهه موئيداڻ ويس ته حب جي ڪناري ڳوٺ غلام قادر بنديچي کان وٺي حسين علي بکڪ تائين رستي جي ڪناري ۽ ڪيٽن ۾ شاهي وڻ هئا، پر هاڻي هتي ڪجهه به نه آهي. سيني وڻن کي بيدردي سان وڍيو ويو آهي. پوري 16 ديهن ۾ اهو سلسلو جاري آهي. انهيءَ غير قانوني ڪم ۾ ملوث ماڻهن کي ڪو به چوڻ وارو ڪونهي. ريتي بجري ڪڍڻ تي هون به پوري ملير ۾ پابندي آهي. نيشنل پارڪ ۾ خود وائلڊ لائيف آرڊيننس موجب ان جي ڪڍڻ تي سختي آهي. پر پوءِ منرل ڊپارٽمينٽ وارا غير قانوني طور ڪار نئين، موئيداڻ ڊوري ۽ ٻين ڊورن مان ريتي بجري ڪڍڻ واسطي ليز ڏيئي حڪومت پاران ناهيل پنهنجي قانون جي پيچڪڙي ڪري رهيا آهن. ملڪ ۾ ماحوليات جو قانون به نهيل آهي پر ڪراچي جي ٻهراڙي جا اهي علائقا جن ۾ ڪوهستان جو علائقو به شامل آهي جڻ ته هن قانون جي حدن کان ٻاهر آهن.

ديهه ڪار جنهن ۾ ڪار سينٽر قائم آهي، جيئن اڳتي ڪنڌ ڏانهن وڃبو ته هڪ پاسي جابلو سلسلو ۽ ٻئي پاسي ڪجهه فاصلي تي حب ندي آهي ۽ رستي ۾ ايندڙ ڪار ۽ ٻا ڊورا ۽ ڊوريون آهن. ڪار ۾ زمين ڪتي ڪلراٺي آهي جنهن جي ڪري هن علائقي کي ڪار چيو ويندو آهي. ڳوٺ معين بکڪ جي آس پاس حب ندي تائين زراعت ڪئي ويندي آهي. ڳوٺ ملا فيض محمد بکڪ تائين هي علائقو 2006ع ۾ جڏهن آئون هتي ويو هوس ته علائقو سرسبز هو. ڳوٺ ملا فيض محمد بکڪ ديهه موئيداڻ ۾ آهي. موئيداڻ يونين ڪائونسل جو نالو به انهيءَ ديهه جي نالي ڪري رکيو ويو آهي. هتان ڪنڌ لاءِ ٻه رستا نڪرن ٿا هڪ سڌو سنئون، جڏهن ته ٻيو ڳوٺ موئيداڻ پراڻي نقشي ۾ اهو ڳوٺ موئيداڻ ڊوري جي ڪپ تي ڏنل آهي. حاجي وريل، حاجي صوفن، ملا شير محمد بنديچي کان ٿيندو غلام قادر بنديچو، يار محمد بنديچو، محمد بخش باريچو، رضا محمد بنديچو، حسين علي بکڪ ديهه شوڙ ڪنڌ کان "سان" ڊوري لڳ ملا فيض محمد بکڪ کان ايندڙ رستي سان ملي ٿو. هي پورو علائقو ملا شير محمد ڳوٺ کان وٺي حب ندي جي ڪنڌي سان لڳولڳ خوبصورت علائقو آهي. انهن جبلن ۾ غلام قادر ڳوٺ جي سامهون هڪ جبل جي

چوٽي تي جبل ائين ڪٽيل آهي جو پري کان ائين محسوس ٿئي ٿو ته ٻيڙي هجي ۽ مون ان جو نالو نوح جي ٻيڙي رکيو آهي. جيڪو ملا فيض محمد بکڪ واري ڳوٺ کان ڪنڌ ڏانهن ايندي ڪاٻي پاسي به نظر اچي ٿو. انتهائي ڏکي چاڙهي آهي پر پوءِ به هتان جا ماڻهو هن تي چڙهي عقيدت طور سڪا هتي رکي اچن ٿا. هن جو مقامي نالو ڳچڙي آهي.

سان ڍورو: سان ڍورو جيڪو مهير جبل مان وهي ديهه موئيداڻ ۽ ديهه شوڙ ڪنڌ کي ڏار ڪري حب نديءَ ۾ چوڙ ڪري ٿو. جتي اهي ٻئي ڪچا رستا ملن ٿا هتي ٽڪري تان هيٺ ڪرڻ ڪري اتي هڪ اونهو ڪن ٺهي پيو آهي. جيڪو تازين برساتن ڪانپوءِ ٽمٽار هو ۽ ڪن کان اڳتي صاف ۽ شفاف پاڻي وهي رهيو هو. آس پاس جي ٽڪرين تي جهُور ۽ ٿوهر جا گل خوبصورت نظارو پيش ڪري رهيا هئا. فطرت جا پوڄاري انهيءَ جاءِ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هوندا پر مسافرن کي به هلڻو آهي.

هتي هڪ روايت آهي انهيءَ ڍوري تي ”سان“ نالو ائين پيو ته، ڪجهه رونشي باز ماڻهن هڪ ”سان“ کي اکين تي پٽ ٻڌي ان کي ان جي ماءُ تي ڇڏيو. پٽي لهڻ ڪانپوءِ جڏهن هن ڏٺو ته سندس ماءُ سامهون بيٺي آهي ۽ اکين مان وهندڙ لڙڪن جو بوجهه نه سهي هن ڪُن ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ کي هميشه لاءِ ختم ڪيو. ان ڏينهن ڪانپوءِ انهيءَ ڪن جو نالو ”سان“ ڪن ۽ ڍوري جو نالو ”سان“ ڍورو مشهور ٿيو.

سان ڍوري کان اڳتي ڪنڌ ڏانهن وڃبو ته رستي جي ڪپ تي ڪجهه قبرون ملنديون. جتي هڪ چني جي هينيان بزرگ جي قبر آهي. انهيءَ قبرستان کان ٿورو اڳتي ڪاٻي پاسي ٻني تي جڏهن چڙهبو ته حب ندي جو نظارو ڏسڻ وٽان آهي.

هڪ پاسي مهير جبل، ٻئي پاسي حب جي پراڙ بلوچستان جو جابلو سلسلو، سامهون مول وارو جابلو سلسلو انهيءَ سيني جي وچ ۾ ننڍين ٻنين، ٽڪرين ۽ انهن مان وهي ايندڙ برساتي ڍورن وارو علائقو ڪنڌ ۽ جهنگ ڪنڌ.

ڪنڌ ويندي ٻکر خاصخيلي ڳوٺ لڳ مهير کان وهي ايندڙ ڍوري ۾ سدائين ڪوٻن ۾ پاڻي بيٺل هوندو آهي. رستي ويندي ڪنڌ تائين اهي نظارا ڏسڻ ۾ ايندا. ڳوٺ الله ڏني بکڪ وٽ پهچبو ته سامهون وشال لينڊ اسڪيپ ڏسي ائين محسوس ٿيندو جڻ ماڻهو ملير جي ڪنهن سرسبز وادي ۾ پهچي ويو هجي. هتي زمين تمام پلي آهي ۽ زير زمين منو پاڻي هئڻ ڪري ڪنڌ ۾ زراعت ڪئي ويندي آهي. ڪنڌ جي اسٽاپ پهچڻ تي هر پاسي زيتونن (جن کي اسان ڪوهستان ۽ ملير جا ماڻهو جام چئون ٿا). انبن، ليمن ۽ ڪروندن جا وڻ نظر ايندا. هتي موسم جون سڀ پاڇيون ۽ ميوو ٿئي ٿو.

شايد ريتي بجري مافيا کي ڪنڊ نئين جي ريتي جي اجا خبر نہ آهي؟ يا هتي پهچڻ جو رستو اڙانگهو آهي. تنهن ڪري هي علائقو آباد آهي. ڪنڊ ڪانسواءِ ٻين ديهن جن ۾ موئيداڻ، جهنگ ڪنڊ، واڻ ڪنڊ، تراڙي، سوندي ۽ جهونجهار ۾ بہ زمين تمام پلي آهي پر پاڻي نہ هئڻ ڪري هتي جا ماڻهو باراني طريقي سان واهي چاهي ڪندا آهن. جتي پاڻي آهي تہ غريب ماڻهو وٽ ايترو پئسو ڪونهي جو کوهہ کوٽي، مشين لڳائي زراعت ڪن ۽ حڪومت پاران انهن کي ڪا اهڙي سهولت مليل نہ آهي. نيشنل پارڪ ۾ هئڻ ڪري بہ هتان جي ماڻهن تي پابنديون آهن. خود حڪومت نيشنل پارڪ جي مرڪزي جاءِ تي غير ملڪي تيل ڪمپنين کي گهرائي تيل ڪيڻ لاءِ ڊرلنگ، بلاسٽنگ ۽ ٻين صوبن کان ماڻهن کي گهرائي کيرٿر نيشنل پارڪ جي علائقي ۾ آباد ڪري پارڪ لاءِ جوڙيل پنهنجن قانونن ۽ ماحوليات جي بين الاقوامي قائدن، قانونن ۽ اصولن کي پائمال ڪري رهي آهي ۽ هتان جا غريب ماڻهو ڪنهن نئين يا ڊوري تي پاڻي ذخيري لاءِ ڪو ويئر ناهين ٺا تہ اهو غير قانوني آهي. ڇاڪاڻ تہ هتي ڪڏهن ڪڏهن سالن جا سال برسات نہ پوڻ ڪري ڏڪار منهن ڪيندو آهي. تنهن لاءِ هي ماڻهو تلاءُ ناهي ڪجهہ وقت لاءِ پنهنجي ۽ مال جي پيئڻ لاءِ پاڻي گڏ ڪندا آهن.

سنڌ ڪوهستان جي آبادي 20 لکن کان متي آهي. جنهن ۾ دادو، ڄام شورو، ٺٽو، لاڙڪاڻو ۽ ڪراچي ضلعن جا جابلو علائقا اچي وڃن ٿا. ڪراچي ڪوهستان ۾ هاڻوڪو گڏاپ ٽائون ۽ بن قاسم ٽائون مڪمل، ڪياماڙي ٽائون يونين ڪائونسل گابو پٽ وارا علائقا اچي وڃن ٿا. ڪوهستان ڪراچي جو اڌ حصو هاڻي شهر ۾ اچي چڪو آهي. جنهن ۾ ديهہ اڪيواڙي، ديهہ ڳجهڙو، ديهہ صفوران، ديهہ دوزان، ديهہ مهراڻ، ديهہ ڪاري لڪي، ديهہ اورنگي، ديهہ ميٺاڻ، ديهہ لال بکر، ديهہ ٽاٽو ۽ ٻيا علائقا هاڻ مڪمل شهر ۾ اچي چڪا آهن. هتي موجود ٽڪريون ختم ڪيون ويون آهن.

لسٻيلي وارو پورو علائقو هنگول تائين ڪوهستان ۾ شمار ٿئي ٿو. ڪنڊ کان وني حب جي چوڙ تائين ٻنهي پاسي رهندڙ ماڻهن جون پاڙ ۾ متيون مائٽيون آهن. ٻنهي پاسي انهن جون زمينون آهن. اهي حدون فقط حڪومتن جي ڪاڳرن ۾ آهن. ٻنهي پاسي رهندڙ ماڻهو انهن حدن کان بي نياز آهن. کيرٿر، لاڪاڻ، پب، ارڏي، ايري، سورجاٽي، تائيسر، سنبڪ، اٺ پلاڻ، ملير، مهير، مري، مگٿر، هاڙهو، هوتياري، پاچراڻ، ڪاري، ڪانيو، پبٽي، سنگهر، لاڪاڻ، لسر، ناراٿر، مهيو، للو پڙهہ، ملير حب، ٿدو، پورالي، لس، لنگهيجي، سڪڻ، باڪراڻ، پيري، مول، گنڏاڪو، بارڻ، ٻولهاڙي، من، اٿل، لاکهڙو، وندر، گداٽي ۽ ٻيا جبل، نديون، ڊورا، ڊوريون سڀ انهن جو گڏيل

تاريخي ورثو آهن. اهي پٽ – پٿر، ڇپر انهن جي ساهه ۾ سانديل آهي. اهي انهن لاءِ مذهب وانگر مقدس آهن.

**ڇنڻ تان نه پيو هي سگ نه ڇنڻ جهڙو**

سنڌ ڪوهستان جي ايراضي 45 هزار چورس ميلن کان به مٿي آهي. سرڪاري انگن اکرن مطابق هڪ ميل جي علائقي ۾ ست ماڻهو رهن ٿا. ڪوهستان ۽ سنڌونديءَ جي ڪڇ وارو علائقو ”ڪاڇو“ سڏبو آهي. ڪوهستان جي ماڻهن جي زندگيءَ جو دارومدار برسات پوڻ تي آهي. ڪوهستاني ماڻهو پٿريلن زمينن جو سينو چيري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذران ڪندا آهن. ڪوهستان جون عورتون به زندگيءَ جي انهيءَ ڏکئي پنڌ ۾ مردن سان گڏ هونديون آهن. انهن جو گهڻو وقت انساني زندگيءَ جي بنيادي ضرورت پاڻيءَ جي ڳولا ۾ گذري ويندو آهي. برساتن ۾ جڏهن نيون، ڍورا، تر، ترايون، ڪڏون، ڪوٻا ۽ ڪيٽ پرجي ويندا آهن ته هو سک جو ساهه کڻنديون آهن. پر ڏڪار ۾ ميلن جا ميل پنڌ ڪري پاڻي حاصل ڪنديون آهن. اوچين چوٽين، خوبصورت ماترين جي اها ڌرتي برسات کانپوءِ اترئين علائقن جو ڏيک ڏيندي آهي.

برسات نه پوڻ ڪري هتي زندگي ڏکي ٿي پوندي آهي. پوءِ هي خوبصورت علائقو بک، بدحالي، ڏڪر جو ڏيهه بڻجي ويندو آهي. جنهن جو اثر مال تي گهڻو پوندو آهي. هتي گهڻو ڪري مالوند ماڻهو آهن. انهن جو گذر بسر به مال ڌارڻ تي آهي. ڏڪر ڪري مجبور ٿي هي پنهنجو مال وڪڻڻ لڳندا آهن. پر گهڻا لطيف مرشد جي نصيحت تي عمل ڪري صبر ڪندا آهن.

**ڪانڌ مَ وِڪُڻ ڪنديون، ڌڻ سيوئي ڌار،**
**اڀَريون سَيريون پانهنجون سيون سپ سنيار،**
**ٻن ڇڏي ڇن پئي، وجي ولهارن وار،**
**ته اڃي اڳٽان بهار، سرلا ڪندي سڏڙا.**

اهو ئي هتان جي ماڻهن جي روزگار جو وسيلو آهي. هن جديد دور ۾ به ڏڪار جڏهن منهن ڪيندو آهي ته هتان جا ماڻهو اڄ، بک ۽ بيماري وگهي تڙپي تڙپي مرن ٿا. هي ڇپر جهڙا سگهارا ماڻهو به ڏڪر سامهون هيٺا ۽ بي وس ٿي ويندا آهن. ڏڪر ڪري ڪاڏ خوراڪ، پيئڻ جو پاڻي ۽ مال جو چارو سڪي ويندو آهي. هزارين چوپايو مال ۽ ٻيو جهنگلي جيوت ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڏئي ٿو. موتمار ڏڪر ڪري هتان جي ماڻهن سماجي زندگي تي خراب اثر وجهي ڇڏيا آهن. لڏپلاڻ ڪري انهن جي سماجي زندگي جو تاڃو پيٽو سخت متاثر ٿئي ٿو ۽ ڏڪر ڪري شهرن ۽ ٻئراج واري علائقي جو رخ ڪن ٿا. جتي نوجوان جي گهڻائي سماجي برائين خاص ڪري نشي ۽ چوري ۾ ملوث ٿي رهي آهي. ڏڪر ڪري پنهنجي ابن ڏاڏن جي ڪکاون گهرن کي ڇڏڻ جو پوائنٽو تصور

هر دردمند دل رکندڙ انسان کي ڏک جا ڳوڙها روئاري ٿو. ڏڪر ۾ ويراني، موت جهڙي خاموشي ڇانيل هوندي آهي. اوطاقون ويران ٿي وينديون آهن ۽ اوچا پهاڙ اداس ٿي ويندا آهن.

ڏڪر جي باوجود هي ماڻهو پنهنجي ديس سان ڪيترو پيار ٿا ڪن اهو هتي وڃڻ ڪانپوءِ معلوم ٿيندو. هتي ماڻهو غربت جي بين الاقوامي حد کان به هيٺ غريباڻي زندگي گذارين ٿا پر پوءِ به خوش آهن.

هن پيري جڏهن ڪراچي ڪوهستان ۾ هوس ته پلر پالوت ڪري چڏيا هئا. هر پاسي ساوڪ ئي ساوڪ هئي. ڪنڌ نئين ۽ ٻين ڍورن ۾ ”سن“ جو صاف ۽ شفاف پاڻي وهي رهيو هو. ساوڻي ڪانپوءِ هتي محفلون متل هونديون آهن، جتي زندگيءَ جا آثار ڏسڻ ۾ ايندا آهن. زندگي مست هرڻي وانگر ڇالون ڏيندي نظر ايندي آهي. جتي عورتون خوشي جا ڳيچ جهونگارينديون آهن. ڪوهستان جي فطري حسن سگهڙن ۽ شاعرن جي خوبصورت بيتن ۽ واين کي جنم ڏنو. برسات جي مند ڪانپوءِ انهن ماترين ۾ نڙ بيت جون سريليون شامون، وايون ۽ ڌراڙن جي بورينڊي جا سريلا سر گونجندا آهن. باهه جي مچ تي پروليون سليندي سگهڙ نظر ايندا آهن ۽ ڪچهري جا ڪوڏيا گڏ ٿيندا آهن. چنگ، ٻين ۽ نڙ تي بيت جو مقابلو ڪندا آهن. هتان جون ڪچهريون ۽ مارڪا نئين جهان ڏانهن ونيو وڃن.



**جڳهي اسان جي ڪکن پنن جي**

**جنهن تي به نظر آ دشمنن جي**

ساوڻي بعد گسن تي گاهه ڦٽندا آهن. پٽون، ”بنيون، پورا سپ ساوڪ سان ستجي ويندا آهن. پلر جي پالوت سان ٽويا، ترايون، ڇاڇرجي ڇلي پونديون آهن جنهن کان به هي مالوند ماڻهو جي منهن جي مرڪ موٽي ايندي آهي. چوپايو مال گهٽي انداز ۾ هئڻ سبب ڇيلن، رڍن ۽ ٻڪرين جو واپار به گهٽو ٿئي ٿو. گگر پڻ جام پيدا ٿئي ٿو. ڪيٽن ۾ ”وٽ“ (اڏ) تي تر، گوار، والور، جوئر، مگ، ٻاجهري، هيرڻ، گدرو، ٽماٽو، ٽنڊس (مهيا) پوکي خوش ٿيندا آهن. مال سکيو ستابو ٿيو ته ”ڏاس“

۽ ”اُن“ به چڱي انداز ۾ پيدا ٿيندو ۽ هٿ جي پرت جو ڪم، موتين جي پوچ جو ڪم به ڪوهستان ۾ گهٽو ٿئي ٿو. ڪوهستان جون رليون، گهگهو ۽ ٻيو پرت خوبصورتي جي ڪري گهڻو مقبول آهن. پر اهي سڀ معاشي ضرورتون برسات سان واڳيل آهن. هٿ هنر جا سينٽر ٺاهي انهن کي مناسب اجورو ڏنو وڃي ته ڪنهن حد تائين ڪوهستان جو معاشي مسئلو حل ٿي سگهي ٿو.



**مالوند مال جي ڏوهائي ڪندي**

موئيداڻ ديهه واري پاسي کان ايندي ڪنڊ جي بازار ڏانهن وڃڻ کان اڳ ڪُنڊ نئين پار ڪبي ته هتي مول جبل (گُري) مان وهي ايندڙ ٻوهه وارو ڏورو اچي ڪنڊ ۾ شامل ٿئي ٿو. ان پوري علائقي ۾ انهيءَ ڏوري ۾ ٻوهه جام ٿئي ٿو. جنهن جي ڪري ان ڏوري کي ”ٻوهه وارو“ چيو ويندو آهي. اتر پاسي هڪ ڪچو پيچرو نڪري ٿو. ٽن ۽ چئن ڪلوميٽرن ڪانپوءِ مول واري شاهي جبل جي پيٽ ۾ ڪراچي ضلعي جو آخري ڳوٺ محمد ڳنجو آهي. هر سهولت کان محروم چار جي وٽن جي وچ ۾ ٺهيل هي ڳوٺ منهنجي لاءِ ان ڪري اهميت رکي ٿو جو ٻين ڳوٺن وانگر هي به تاريخي ڳوٺ آهي. ورهين کان هتي آهي. ڳوٺ جو چڱو مڙس ۽ مسجد جو پيش امام محمد صديق ڳنجو چٽو ڪچهري جو ڪوڏيو ۽ ڪوهستاني زندگيءَ جو هڪ بي مثال ڪردار اوهان جي آڌرياءُ لاءِ هميشه موجود هوندو. اتر پاسي نمن واري ڏوري آهي. جيڪا مول جبل جي هزارين فٽن جي بلندي کان وهي حب ۾ چوڙ ڪري ٿي. انگريزن جڏهن انهيءَ علائقي جو سروي ڪيو ۽ نقشا ٺاهيا ته ان وقت به ان ڏوريءَ جو نالو نمن واري ڏوري ڄاڻايو ويو آهي. ڄاڪاڻ ته هي ڏوري مول جبل، جتان هي وهي اچي ٿي هتان چوڙ تائين نمن جا وڏا وڻ اڄ به موجود آهن. ڳوٺ جي اولهه پاسي ٻولڙي ۽ ڊڪڙي ٻنيون آهن ۽ ڳوٺ انهن جي اوٽ ۾ آهي.



ڪوهستان ڪراچي ڪنڊ ۽ ڪنڊ جهنگ ۾ حب جي ڪناري
مليل منجنيقن ۾ استعمال ٿيندڙ پٿر

## ڪوهستان ڪراچي ڪنڊ ۽ جهنگ ۾ حب جي ڪناري مليل منجنيقن ۾ استعمال ٿيندڙ پٿر

اولهه پاسي ٻولڙي ۽ ڏڪڙي ٻنين ڪانسواءِ ٿنگ جبل ڪانپوءِ بلوچستان جون حدون شروع ٿين ٿيون. ان جبل کي ٿنگ ان ڪري چيو ويندو آهي جو هي پڪيءَ جي ٿنگ وانگر آهي. ان پاسي وڃڻ ڪانپوءِ لنڊاٽي واري ڏوري جي پار بلوچستان جي ليويز جو چيڪ پوسٽ ۽ ڪئمپ به آهن. ڪجهه اڳتي ڳهاڙي قبرن جو هڪ خوبصورت قبرستان آهي. خوبصورت ان ڪري جو قبرستان جي چنسالي وارا پٿر اڃا تائين صحيح سلامت آهن. هتي هڪ ڪمري ۾ پنج ڳهاڙي قبرون جيڪي ڇهه فٽ اوچيون آهن. خوبصورت چنسالي وارو هي قبرستان لوهي جاري ۾ محفوظ ۽ صاف سٿرو آهي. قبرستان ۾ ٽن ڪان ڇهن فٽن جا ڊگها ۽ گول پٿر به ڪتل آهن ۽ ان ڪانسواءِ گول پٿر جيڪي ان علائقي ڪان وني ديهه شوڙ ڪنڊ ۾ حب جي ڪناري تائين ڦهليل آهن. اهي پٿر لڳي ٿو ته ڪنهن مشين سان گول ڪيا ويا هجن. مختلف سائزن جا اهي پٿر اهڙا آهن جيڪي عربن ديبل جي ديوار کي ٽوڙڻ لاءِ منجنيقن ۾ استعمال ڪيا هئا. خيال آهي ته هتي انهن پٿرن ناهڻ جي ان وقت ڪا فيڪٽري هئي. انهن پٿرن ۽ گول ڊگهن پلرن تي اڃا به تحقيق جي ضرورت آهي. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهي گول پٿر فقط انهيءَ علائقي ۾ پکيڙيل آهن. جتان جا ڪه پٿر مون وٽ رکيل آهن.

انهيءَ پاسي حب جي ٻنهي ڪپن تي ڪٽي ڪٽي ڳهاڙي قبرون آهن ۽ حب ڊيم جي اندر به پاڻي ۾ اهڙو ئي هڪ قبرستان آهي. ڊئم نهڻ ڪانپوءِ اهو قبرستان پاڻي ۾ اچي ويو آهي ۽ جڏهن ڊيم جو پاڻي گهٽجي ويندو آهي ته قبرون ظاهر ٿين ٿيون. ڪوهستان جو پورو علائقو قديم آثارن ۽ ماڳن جو مڪان آهي. هي ماضي ۾ تهذيبن جو اهم مرڪز رهيو آهي. هر دور جا آثار هتي موجود آهن.

ڳوٺ محمد گنجي ڪانپوءِ ڪنڊ ڏانهن وڃبو ته ڪنڊ نئين جي ڪابي ڪپ تي ڳوٺ پير بخش چٽي ڪانپوءِ هڪ ڳهاڙي قبرستان آهي. انهيءَ پاسي مول جبل تائين ربو، اسماعيل، پير بخش چٽو، بلوچ خان چٽو، معين، فيض محمد ۽ ٻيا ڳوٺ آهن. ڪنڊ بازار ڪانپوءِ جان محمد احمداڻي ڳوٺ

جيڪو اهم مرڪز آهي، جتي لوئر سيڪنڊري اسڪول به آهي اسپتال به آهي. پر اسپتال جي جاءِ چوڪيدار جي حوالي آهي. ڊاڪٽر لاءِ ڪوارٽر به ٺهيل آهي پر ڊاڪٽر سالن کان غائب آهي. سامهون ڏکڻ پاسي مهير جبل جڻ هتي اچي يڪدم کٽي ويو هجي. خوبصورت باغن کان ٿيندا ڳوٺ احمد احمداڻي، پانڌي شودي ڪانپوءِ ڪنڊ نئين پار ڪري تراڙي ڏانهن وڃبو ته ڪابي هٿ تي مهير جو جابلو سلسلو ۽ ڪابي پاسي مول جبل جو سلسلو ۽ وچ ۾ وسيع لينڊ اسڪيپ ۾ ور وڪڙ ڪائيندڙ ڪنڊ نئين، جنهن جي ڪنارن ۽ پوري ڪوهستان جي ميدانن ۾ جار، جهنگلي، ٻير، لوئيڙو (روهيڙو)، ٻبر، ڪرڙ، ڪنڊو، نم، تُوهر ۽ مينڌي جا وڻ جام ٿين ٿا. خودرو جهنگلي گلن ڪانسواءِ لوئيڙي جا گل، (جيڪي پيلا، ڳاڙها ۽ سونهري هوندا آهن)، تُوهر جا گل، ٻوهه جا گل، جهُور جا گل، اڪ جا گل، جار، نانگ ڦڻ، ڪنڊي ۽ ٻبر جا گل فطرت جي پوڄارين کي پاڻ ڏانهن هرڪائيندا رهن ٿا.

**ڏکي توءِ ڏکار، توڙي وسن مينهڙا،**
**صاحب هٿ سڪار، تو وس آهن هتڙا.**

ساوٽي ڪانپوءِ پورو ڪوهستان سائو رئو ڏيکيندو آهي. ڪيترائي اڻ پوکيل قدرتي خودرو گاهه، ٻوٽا، وليون، ايري پوندا آهن. وڻن ٽڻن ۾ ساهه پئجي ويندو آهي. پيرون، سگريون، ڏونرا، ڪٽاليون، ڪوڏير، منڊيري، ڳانگيون، منگها، چٻڙ، سنگهراٽيون، ليار، مليرو، گولاڙا، ڪنييون، ڊامڻ، ڇهيو، جل، ڊپ، ڪنب، للر، مانڌاٽو، توهه، لاٽي، جهنگلي ڪريلو، گدرو ۽ مهيا (ٽنڊس) جام ٿين ٿا.

اڪ، تُوهر، گگر، ٻير، ڪنڊي، ٻبر، ڪور، نانگ ڦڻ، پٽ ڪنوار ۽ ٻين وڻن ۽ ٻوٽن ۾ جڻ ساهه پئجي ويندو آهي. نانگ ڦڻ جنهن جو گل خوبصورت ٿئي ٿو ۽ پچڻ ڪانپوءِ ان جو ميوو به سوادي ٿئي ٿو ٿوهٽينگ جي ٻوٽي ريتيلي جاءِ تي جام ٿئي ٿي جنهن جي پاڙ کي سڪائي، پسائي اچو سوهيرو ناهيو ويندو آهي. گهٽا ماٽهو پاڙ مٽان ڪل لاهي سرمي داني وانگر اکين ۾ ڦيرائيندا آهن. پهرئين ان جو جر ستين آسمان تائين پهچايو چڙي ۽ ڳوڙهن نڪرڻ ڪانپوءِ اکين ۾ ٿڌاڻ لهي ايندي آهي. جهُور هتي گهڻو ٿئي ٿو جنهن جو گل ته خوبصورت آهي پر پاڻ ته اهڙو قاتل زهر آهي جو اٺ جهڙو جانور به ان کان پاسو ڪري. اٺ کي "جهُور" کان پري رکڻ لاءِ ننڊي هوندي ئي هن جي پنن جو واس ڏيندا آهن. جيئن ننڍائي کان ئي هن جي زهر جو ڏپ سندس دماغ تي چانئجي وڃي ته وڏو ٿي هن کي ويجهو نه وڃي. ڪار واري علائقي ۾ جتي زمين ڪلراٺي آهي هتي لاٽا ۽ لاٽيون ٿين ٿيون.

هتي گهڻو ڪري زراعت باراني طريقي سان ٿئي ٿي. ڪيٿ جڏهن بارشن ۾ پرجي ويندا آهن ته سڪڻ ڪانپوءِ هر ڏيئي آڏ (وٽ) تي پوک ڪندا آهن. جتي پاڻي هر وقت موجود آهي هتي ڪوهن ۾ ڊيزل انجڻن وسيلي آبادي ڪئي ويندي آهي. هن ڪانسواءِ گوگري گگر ڪي چٽي گگر حاصل ڪري گذران ڪندا آهن. اهو ڪم گهڻو ڪري ماڇي ذات وارا ڪندا آهن. پر هاڻي بک ۾ ڏڪار ۾ سڀ ذاتين وارا گوگري تي پيا آهن. مال جي ان ۾ ڏاس مان به گهر ويني مرد توڙي عورتون قيمتي شيون جوڙيون ٿا.

ڪوهستان ۾ پيش جام ٿئي جنهن جان پن ڪجي وانگر ٿين ٿا. جنهن مان چٽر ۾ رسا ناهين ٿا. برساتن ڪانپوءِ جهنگلي گاهه، گل بوٽا جام ٿين ٿا. جن مان هي ماڻهو گذر بسر جو وسيلو ڪيئي وٺندا آهن. اوئي (ڪلي) ۾ ايزک مان پاڻي ۾ ڪير پيئڻ وارا هي ماڻهو سخت محنتي ۾ محبت ڪرڻ وارا آهن.

**ڪنڌ نئين:**

ڪنڌ نئين جي اها خاصيت آهي جو اها ٻين نئين کان مختلف ۾ نرالي آهي. هي شايد پاڪستان جي اڪيلي نئين آهي جيڪا اولهه کان اوڀر ۾ پوءِ اوپر کان اتر پاسي وهي ٿي. هي مهير جبل جي پنيلڊي ۾ بکر ڳوٺن لڳ مهير جي اتر کان وهي مهير ڳوٺ ۾ منو ڪانڙي وٽان هک ڊوري جي شڪل ۾ پهرئين (مهير جبل تان وهي اچڻ ڪري هتي هن کي مهير ڊورو چيو وڃي ٿو.) اتر کان اولهه ۾ ڏاٽ ٻاٻرين ڪانپوءِ ڏکڻ پاسي وهي اچي ٿو. ڳوٺ توهر ڪانڙي لڳ وڏو چڪر ڪاٽي اوپر پاسي وهڻ لڳندو آهي. ڳوٺ پنهون ڪانڙي ۾ عبدالله ڪانڙي ڪانپوءِ هي اتر پاسي وهڻ لڳندو آهي. 20 ڪلوميٽر وهڻ ڪانپوءِ ڪنڌ بازار ڪانپوءِ بيهر اولهه پاسي وهي حب نديءَ ۾ چوڙ ڪري ٿو. ڏاٽ، ٻاٻرين، انڙ جا لوهه ۾ لاهوت اتڙي لڳ هي جهرڻي وانگر جبل کان هيٺ وهي ٿو. برساتن وقت هتي هن جي وهڻ ۾ جبلن تان ڪرڻ جو منظر انتهائي خوبصورت هوندو آهي. ڪمزور دل جا ماڻهو هن جو شور برداشت نه ڪري سگهندا. مهير ۾ مول جلبن جي وچ واري ليند اسڪيپ مان هن جي وهڻ جو منظر به ڏسڻ وٽان آهي. هن نئين ۾ برساتن ڪانپوءِ ڇهن مهينن تائين صاف ۾ شفاف پاڻي وهندو رهي ٿو. جنهن ڪري "ڪنڌ" ۾ "جهنگ ڪنڌ" وارو علائقو زراعت ڪري آباد آهي. ان نئين جي اها تبديلي ڪنهن وڏي زلزلي ڪانپوءِ ٿي هوندي. هن نئين سان لڳ ڪنڌ کان تراڙيءَ ڏانهن ايندي اهڙيون جابلو ٽڪريون نظر ايندين جن کي ڏسڻ سان ائين لڳي ٿو ته اهي سڌيون نه پر اونڌيون هجن ۾ زمين مان اچانڪ اُبري آيون هجن. اهو سلسلو ڪراچي جي آخري ڏنگ ڦنگ جبل تائين آهي. ان ڪانسواءِ انهيءَ علائقي جي ٻي وڏي نئين، ڪار نئين آهي. جيڪا پوپٽ بڪک ڳوٺ، بابو ڳوٺ ۾ پناڻ ڳوٺ لڳ پهاڙن مان وهي اتر کان ڏکڻ پاسي وهي ٿو. ديهه

ياد جي حدن ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجو رخ پهرئين اولهه پاسي ۽ پوءِ ڪجهه ڪلوميٽر اتر پاسي وهي مري ۽ مگٽر ڪي جدائي جا ڏني ڏيئي، ڪار سينٽر ۽ امام بخش بري ۽ روح خاصخيلي ڳوٺ وٽان لنگهي حب نديءَ ۾ چوڙ ڪري ٿي. انهن نئين ڪانسواءِ ڪار، موئيداڻ، سان، ٻوهه، نمن واري، مهير، تراڙي، ڪانيگ ۽ ٻيا ڪيترا ڊورا آهن جن مان ڪيترا انهن ٻنهي نئين جو حصو ٿي پنهنجو وجود وڃائين ٿا.




**ڪنڊ جهنگ ۾ خوبصورت باغ**

**مهير جبل:**

مهير جبل ڪراچي ڪوهستان جي ديهن مان هڪ آهي. مهير جبل گڏاپ ڪانپوءِ جڏهن ڪوهستان جي انهيءَ علائقي ڏانهن وجبو ته پوري علائقي ڪي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو ۽ ڪنڊ واري علائقي ۾ ختم ٿئي ٿو. ٻئي پاسي اهو سلسو ديهه شورينگ جي ڪيڙ لڪ ڪانپوءِ منگهي پير گابي پٽ ڪان سمنڊ تائين وڃي ٿو. مهير جي ائين الڳ سجاڻپ ٿئي ٿي. مهير تي چڙهڻ لاءِ اڳ ۾ فقط هڪ خطرناڪ لڪ هوندو هو. جيڪو عبدالله ڪانڙي، الياس ڪانڙي، شيدو بروهي ڳوٺ ڪانپوءِ ڪجهه پنڌ تي هڪ پيچرو ڪابي هٿ ڏانهن لڙي ٿو جتان سامهون مهير جبل ڪر ڪنيو بينو هوندو آهي. جڏهن پيچرو وني هن جي ڪڇ تي پهچبو ته ”پائتي لڪ“ ڪي ڏسي نئون ماٺهو واپس وڃڻ لاءِ سوچيندو. انهيءَ لڪ ڪي ڳوناٽا انن تي يا پنڌ چڙهي پار ڪندا آهن. پائتي عورت جو نالو آهي. جيڪا لڪ ڪي پار ڪندي پهاڙ جي چوٽيءَ تان انهيءَ ڪڏ ۾ ڪري الله ڪي پياري ٿي هئي. هن ڏينهن ڪانپوءِ هن لڪ ڪي ”پائتي لڪ“ چون ٿا. پنج پيرا پنڌ ۽ هڪ پيرو جيپ وسيلي مون هن لڪ ڪي پار ڪري مهير جو درشن ڪيو آهي. جيپ استاد عثمان سان گڏ متي چاڙهي وياسين. جيڪا انهيءَ لڪ تان اڪيلي جيپ هئي جيڪا پار ڪئي سين. جيڪو اسان جو هڪ خطرناڪ فيصلو هو. ان ڏينهن ڪجهه ٻه تي سگهيو ٿي. لڪ تان پنڌ چڙهڻ ۽ لهڻ خطرناڪ آهي. جيپ پري جي ڳالهه آهي. پر جواني جي جوش ۾ اها ٻاراڻي حرڪت ڪئيسين. جنهن ڪي ياد ڪري اڄ ٻه لڱ ڪاندارجي وڃن ٿا. رستي ۾ ور وڪڙ ۽ ڪاهيون ايتريون آهن جو ٿوري غلطي اسان ڪي موت جي منهن ۾ وني وڃي سگهي پئي.

مهير تي چڙهڻ لاءِ ڪجهه سال اڳ هتان جي ڳوناٽن استاد يعقوب ڪانڙي جي اڳواٽي ۾ پنهنجي مدد پاڻ وسيلي گاڏين لاءِ رستو ڪراچي کان ايندي ڳوٺ عبدالله ڪانڙي کان اڳ ڪنڊ نئين پار ڪندي اولهه پاسي ڏاٽ ٻاہرين ڏانهن ويندڙ رستي وٽان هڪ ور وڪڙ ڪائيندڙ رستو ناهيو آهي. جيڪو آهي ته گهٽو پري، پر ڳوناٽن لاءِ سامان کڻي وڃڻ لاءِ گاڏين جو رستو ته آهي. اهو رستو برساتن ڪانپوءِ گهٽو ڪري استعمال جي قابل نہ رهندو آهي ۽ هر ڀيري ڳوناٽن جي ناهڻ جي وس کان مٿي آهي. حڪومت ڪي ۽ ٽائون ڪي هن پاسي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

مهير جبل 20 ميل ڊگهو ۽ 15 ميل ويڪرو آهي. هن جي مٿان ست ڳوٺ آهن جن ۾ مهير ڪانڙو، بکر ڪانڙو، پنليڏو ڪانڙو، ڏاتو، غلام محمد ڪانڙو، منو ڪانڙو ۽ جبل ڪانڙو ڳوٺ آهن. تي هزار فٽ مٿي هن جبل تي هڪ الڳ دنيا آباد آهي. جبل جي خاصيت هيءَ آهي تہ هتي ميلن تائين پڪڙيل ميدان ۽ چوٽيون آهن. ڪٽي ڪٽي گهاٽا وڻ ۽ ڪيٺ آهن. ڪيٽن ۾ واهي چاهي ڪري هتي جا ماڻهو گذر بسر ڪن ٿا. هتي جبلن وچان وهندڙ مهير جو خوبصورت ڊورو بہ آهي. جيڪو اڳتي هلي ڪنڊ نئين ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. پائتي لڪ کان چوٽي تي چڙهڻ ۾ 45 منٽ لڳي وڃن ٿا. جتان پهرئين ڳوٺ منو ڪانڙو تائين پهچڻ ۾ وڌيڪ اڌ ڪلاڪ لڳي ٿو. مهير جبل تي قائم ڳوٺ هڪ ٻئي کان هڪ کان چار ڪلوميٽر پري آهن. اڳين انهن ڳوٺن ۾ اسان جي دوست يعقوب ڪانڙي جي هنڊا سيونٽي (70) هلندي هئي پر خانداني جهيڙي ڪري يعقوب مهير جبل کان هيٺ ڪنڊ ڪراچي روڊ تي پنهنجو ڳوٺ وسائي وينو آهي.

مهير ڊوري تي مهير ڳوٺ لڳ انگريزن جي دور جو تلاءُ نهيل آهي. انگريز جڏهن هن علائقي جي سروي لاءِ آيا تہ هتي ڪئمپ هڻي وينا هئا ۽ انهن پنهنجي جانورن جي پيئڻ جي پاڻي لاءِ اهو تلاءُ جوڙيو هو. هتي هڪ کونهري بہ آهي. برساتن ڪانپوءِ جڏهن ڊورو پرجي ايندو آهي تہ تلاءُ ۾ پاڻي پرجي ويندو آهي جنهن کي ڳوناٽا ۽ سندس مال پيئڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. هاٽي هتي گڏاپ ٽائون پاران بہ هينڊ پمپ بہ لڳل آهن. ڏڪار ۾ کونهري ۽ هينڊ پمپن جو پاڻي ختم ٿي ويندو آهي تہ ڳوٺن جون عورتون هتان بہ ڪلوميٽر پري مهير جي لاهي ۾ پائتي لڪ جي پاسي هڪ ننڍو چشمو آهي هتان پاڻي پرڻ وينديون آهن.

انهن ڳوٺن ۾ سڀ کان وڏ تڪليف رستي، پيئڻ جي پاڻي ۽ علاج جو آهي. ڳوناٽا جن وٽ ڪا گاڏي ڪانهي تنهن ڪري گاڏين وارو ڳوناٽن جو ناهيل رستو پنڌ وارن لاءِ گهٽو ڊگهو آهي ۽ بيمار ٿيڻ جي صورت ۾ ضرورت جون شيون آڻڻ لاءِ انهيءَ پائتي لڪ تان هيٺ ايندا آهن جتان پوءِ ٻن ڪلاڪن جو رستو طئي ڪري مول ڪراچي روڊ تي ايندا آهن ۽ ڪنهن سواري جو انتظار ڪندا آهن. انهن جي زندگي تمام ڏکي آهي جنهن جو اسان تصور بہ نٿا ڪري سگهون.

مهير تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

ڳوناڻن جو چوڻ آهي ته مهير تي ڪنهن دور ۾ مهيري قبيلي جا ماڻهو رهندا هئا جنهن جي ڪري هن تي مهير نالو پيو. پر ائين نه آهي. مهيري جيڪي جت آهن ۽ ڪلمتي قبيلي جي شاخ آهي. اهي جڏهن مڪران کان سخت ڏڪار ڪانپوءِ لڏپلاڻ ڪري مهير تي اچي رهيا ۽ پوءِ هتان ڪانپوءِ وري ڏڪر ڪري بئراج واري علائقي خاص ڪري بدين ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا. انهن کي ”مهير جبل تي رهڻ ڪري ”مهيري، يعني ميهر وارا چيو ويو. ائين مهيري ڪري انهن کي مهيري چيو ويندو آهي. مهير جو نالو انهن قبيلن جي اچڻ کان گهڻو اڳ هلندو پيو اچي. مهيري تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو به نالو آهي. مهره قبيلي جي نپايل اٺ يا اٺ جي هڪ قسم کي به ”مهيري“ چيو ويندو آهي. مِهرُ معنيٰ ڏينهن جو ديوتا به آهي ۽ هي جابلو سلسلو به ڪنهن ديوتا سما آهي. ڪوهستان شاهوڪار تهذيب جو مالڪ ۽ شاندار علائقو رهيو آهي. ماضي ۾ هي ڪافي اهم مذهبي مرڪز رهيو آهي. مذهبي علامتون هتي ماضي ۾ ٻڌمت، جوڳ پنٿين ۽ زرتشتين کي ثابت ڪن ٿيون. ان ۾ ڪو به شڪ نٿو رهي ته هي علائقو قديم ٻڌن جي حدن اندر آهي ۽ مهير به هڪ اهڙو ئي مذهبي مرڪز رهيو آهي. مِهرُ مهير ۾ ڪو فرق به ته نه آهي. هتي موجود آثار هن جي شاهدي ڏين ٿا ته مهير قديم مذهبي مرڪز رهيو آهي.

مهير جبل جي ڳوٺ مهير کان ڏکڻ اولهه پاسي جبلن ۽ چوٽين جو هڪ سلسلو آهي. جابلو چوٽين سان گڏ مهير تي چراگاهه به آهن. ڳوٺ غلام محمد ڪانڙي ڪانپوءِ مهير ڊوري جي ڪاٻي ڪناري تي ڍهه ڪان متي قبرون آهن جيڪي ڊيگهه ۾ فقط به ڪان ٽي فٽ ۽ ويڪر ۾ هڪ ڪان ٻه فٽ آهن. انهن جي چئني پاسن کان چار پٿر اڌ زمين ۾ کتل ايا ڪري بيهاريل آهن ۽ انهن مٿان هڪ وڏو پٿر به ڪن قبرن تي رکيل آهي. ائين چار پٿر ڪنارن کان ۽ پنجون پٿر متي ڍڪ طور استعمال ٿيل آهي. متيون رکيل پٿر گهڻو ڪري قبرن کان هيٺ ڪريل هو ۽ سيني قبرن مان هڏا ظاهر هئا. اهڙو ئي هڪ قبرستان مهير جبل جي هيٺ ڪنڊ گڏاپ روڊ جي ڪناري ڳوٺ گل محمد ڪانڙي ويجهو هڪ بني تي به موجود آهي. هن قبرستان ۾ 50 کان متي اهڙيون قبرون آهن. سيني مان هاڻي برسانن ۽ تيز هوائن ڪري متي هٽڻ ڪري هڏا ظاهر ٿي پيا آهن. مقامي ماڻهن وٽ انهن بابت ڪا ڄاڻ نه آهي تنهن ڪري هو انهن کي ”ڪافرن جون قبرون“ چون ٿا. پوري ڪوهستان ۾ لس کان وني مول، نتي تائين اهڙيون قبرون موجود آهن ۽ اهي گهڻو ڪري ميدانن جي بجاءِ جابلو چوٽين ۽ بنين تي آهن.

ڊملوٽي واري علائقي ۾ به اهڙو ئي هڪ قبرستان ملير نئين جي ڪنڌي تي آهي. جنهن جي کوٽائي 1975ع ۾ آثار قديمه جي محڪمي ڪئي هئي. ڊملوٽي ۾ سئو کان متي اهڙيون قبرون

موجود آهن. ڪوٽائي ڪانپوءِ ماهرن جو خيال آهي ته هي قبرون شڪل ۽ صورت ۾ ڏکڻ هندوستان ۾ دکن ۽ ميسور رياستن مان ملندڙ قبرن سان ملن ٿيون. ڏکڻ هندستان جي اهڙن قبرن ۾ انساني هڏن ڪانسواءِ ٽانءُ، لوهه جا ناهيل هٿيار ۽ قيمتي پٿر ۽ سون جا مڻڪا مليا آهن.



**مهير جبل تي ڪافرن جون قبرون**

ڊملوٽي جي قبرن جي جيڪا ڪوٽائي ڪئي ويئي هئي اها ڏيڍ فٽ تائين هئي. هر قبر جي تهه ۾ وچ ۾ گول دائري ۾ هڪ ڪڏو مليو آهي. جنهن جي قطر اٺ ڪان ويهه انچ آهي. ۽ اونهائي ٽن ڪان اٺ انچ تائين هئي. ڪوٽيل سيني قبرن مان سڙيل هڏا ۽ انهن جا ٽڪرا مليا آهن. ڪجهه قبرن مان گهٽ قيمتي پٿر ۽ مڻڪا به مليا آهن. اهڙيون قبرون ضلعي لسبيلي جي جابلو سلسلي ڪانسواءِ مهير، ديهه بازار، ديهه ڪانٽو ڪراچي، مول، ٽاٽو بولا خان ۽ ٻين جاين تي موجود آهن. هن ڳالهه تي تحقيق جي ضرورت آهي ته مرديءَ کي ساڙڻ ڪانپوءِ ان جي سڙيل خاڪ ۽ بچيل هڏنن کي دفنايو ويندو هو يا مردن کي ڪنهن اونهي کڏ ۾ سڙو رکڻ جي بجاءِ ويهاري پوءِ دفنايو ويو هجي. چاڪاڻ ته گهڻن قبرن مان ظاهر ٿيل هڏا سلامت آهن ۽ سڙڻ جا آثار به ڏسڻ ۾ نٿا اچن.

اهڙيون قبرون مون ايران جي ساحلي ڳوٺ "پشت" ويجهو هڪ ٽڪري تي ڏٺيون هيون. جتي انهن جو ڳاڻيٽو 20 ڪان 30 هو. پشت ايراني بلوچستان جو هڪ ساحلي ڳوٺ آهي. انهيءَ پوري ساحلي علائقي جو واسطو صدين ڪان سنڌ جي ساحلي علائقن سان واپار ۽ اچ وڃ ڪري رهيو آهي ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. هي علائقو هميشه ڪنهن هڪ مذهب ۽ تهذيب سان واڳيل رهيو آهي.

موهن جي دڙي جي دريافت ڪانپوءِ اها ڳالهه سامهون آئي ته ايران جي ساحل ڪان وٺي گنگا ۽ جمنا تائين ڪڇ ۽ راجستان ڪان اسڪردو تائين ۽ ڪراچي ڪان مهرڳڙهه تائين وارو علائقو "سنڌو ماتري جي تهذيب" وارو علائقو هو. ان پوري علائقي ۾ 1500 وسنديون ظاهر ٿيون آهن جيڪي 1900 ق.م ڪان 2500 ق.م. تائين جا آهن. هن پوري ڳولا ۾ ڪوهستان جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان تائين ڦهليل آهي. اجا رهيل آهي جتي سوين اهڙا ماڳ، مڪان آثار موجود آهن جن کي ظاهر ڪرڻ ۽ انهن تي تحقيق جي ضرورت آهي. مهير ڊوري لڳ جتي اهي قبرون آهن. هتي ئي مهير ڊوري

۾ ڪندين ۽ جهُورن جي جهنگ ۾ هڪ ڪونهري ۾ مٺو پاڻي موجود آهي. جنهن مان پاسي وارا ڳوٺاڻا، ٻڪرار ۽ ڌنار پاڻي پيئڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. هن ڪان ٿورو اڳتي "ستين جو آستان" آهي. جتي ڪندين جي جهنگ ۾ خودرو پيدا ٿيل ڪجي جا وڻ بہ هئا. هتي پراسرار علائقي ۾ سانت هو ۽ فطرت جي حسن جا خوبصورت چٽ، هن علائقي ۾ چٽيل هئا.

**ٻاٻرين جا آثار:**

ٻابرين/ٻاٻرو جا اهي آثار مهير جبل جي هڪ چيڙي تي مهير ڏوري اندر ۽ ان جي پاسي اوچين چوٽين تي آهن. هتي پهچڻ لاءِ گڏاپ ڪان ڪنڊ ويندي ڳوٺ گل محمد ڪانڙي ڪانپوءِ مهير ڏورو جڏهن پار ڪبو تہ عبدالله ڪانڙي ڳوٺ ڏانهن وڃڻ بجاءِ اولهہ پاسي هڪ پيچرو نڪري ٿو. ان تي هلڻ ڪانپوءِ مهير جي ڪڇ تي قبرستان آهي جتان هاڻي مهير تي چڙهڻ لاءِ رستو ناهيو ويو آهي. اهو رستو مٽي ٽڪرين ڏانهن وڃي ٿو ۽ ٻاٻرين لاءِ سڌو مهير ڏوري ڏانهن وڃٿو پوي ٿو. ان ڪان اڳيان گاڏين جو رستو ڪونهي. اڳتي وڃڻ لاءِ فقط پيچرو آهي ۽ پورو سفر جيڪو ٽن ڪلوميٽرن ڪان وڌيڪ آهي. اهو پورو مهير ڏوري جي تري ۾ آهي. هتي وڃڻ لاءِ هڪ ٻيو رستو ٿوهر ڪانڙي ڳوٺ ڪان بہ نڪري ٿو. تراڙي ڏوري ڪان پهرئين گڏاپ ڪان ڪنڊ ايندي هڪ رستو اتر اولهہ پاسي ٿوهر ڪانڙي ڳوٺ تائين اچي ٿو. جتي مهير ڏوري لڳ گاڏي جو رستو آهي. ان ڪانپوءِ پورو پنڌ مهير ڏوري جي تري مان وڃي ٿو. ٿوهر ڪانڙي ڳوٺ لڳ مهير ڏورو، مهير جي اوچين چوٽين تان هيٺ لهي وڏو چڪر ڪاٽي اوير پاسي وهڻ لڳي ٿو. هتي ڏوري جو پيٽ وسيع آهي ۽ هتي هڪ غار ۽ پپر جو وڻ بہ آهي جيڪو هندوئن جو قديم آستان آهي. هندو هتي پوڄا پاٺ لاءِ ايندا آهن. ڏوري جي ڪناري کوهہ موجود آهي جنهن مان ڊيزل انجڻ وسيلي پاڻي حاصل ڪري زراعت ڪئي ويندي آهي.

مهير ڏورو اڳتي هلي سوڙهو ٿيندو ويندو ۽ جنهن جي ٻنهي پاسي مهير جون سانتيڪيون چوٽيون آهن. مهير ڏوري ۾ انهيءَ جاءِ تي ٻارهو پاڻي موجود هجي ٿو. جنهن جي ڪري هتي ڪندي، ٻير، ٻبر ۽ ڪور جا گهاٽا وڻ موجود آهن پر مقامي ماڻهو انهن کي تيزي سان وڍي وڪڻي رهيا آهن. روزانو ڪاٺ ڪا ٽرڪ ڪاٺيون ڀري ڪراچي شهر ڏانهن وڃي ٿي جنهن جي ڪري مهير ڏوري جو اهو حصو ڪجهہ سالن ڪانپوءِ ڀڙڀانگ ٿي ويندو.

مهير جي هن حصي کي ڏاٽ چيو وڃي ٿو. جتي تاريخ ڪان اڳ جا آثار موجود آهن. مهير ڏوري جي تري تان ويندي پهرئين هڪ تلاءُ ايندو جنهن کي "ڪاري اتڙي" يا "ميرڪي اتڙي" چيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪاري اتڙي جي (ويندي مهل) ڪاٻي هٿ تي هڪ ڏکي چوٽي تي ڪوٽ جا آثار آهن. هتان چڙهڻ لاءِ ڪو گس ڪونهي. پٿرن تي هٿ رکي چوٽي تائين پهچبو. جتي پهچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ

لڳي وڃي ٿو. جڏهن مٿي چوٽي تي پهچبو ته هر پاسي اوچيون چوٽيون ڪر ڪنيو بيٺيون آهن. ڏاٽ جي جنهن چوٽي تي پٿر جي ڪوٽ جا آثار آهن هن چوٽي جو نالو ٻاٻريون آهي. تنهن ڪري انهن آثارن کي ٻاٻرين جا آثار چوندا آهن. هتي هر پاسي پوري رنگ جا پهاڙ آهن. اهو جابلو سلسلو حب جي لڳ منگهي پير کان سمنڊ تائين وڃي ٿو. اهو ڪوٽ پٿر جو آهي جيڪو هاڻي ڍهي چڪو آهي. ڪٿي ڪٿي ٻن کان پنجن فٽن تائين پٿر جي ديوار موجود آهي. انهن آثارن کي ڏسڻ کانپوءِ اهو اندازو ٿئي ٿو ته اهي آثار تاريخ جي دور کان به اڳ جا آهن. انهن جي ڪوٺائي ٿيل هئي. اها ڪوٺائي آثار قديم وارن نه، پر هتان جي ماڻهن دولت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي هئي. ٻاٻرين ڪوٽ بابت چوندا آهن ته هتي آباد لوڪ هن اوچائي جو فائدو وٺي دشمن جي حملي کان بچڻ لاءِ مورچابند ڪري انهن تي نظر رکندا هوندا. انهيءَ ڪوٽ سان لڳ تاريخ جي دور کان به اڳ جي هڪ تلاءُ جا نشان موجود آهن. ممڪن آهي ته هتي رهندڙ آبادي پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ اهو تلاءُ ٺهرايو هجي. انهن آثارن کي سروي ڪري تاريخي ماڳ مڪانن واري لسٽ ۾ شامل ڪرڻ جي جاکوڙ ڪانپوءِ ثقافت کاتي پاران انور پيرزادي، محمد علي قادري ۽ بدر ابڙي تي ٻڌل ٽيم کي هتي ڪٺي ويس. جنهن جي فوٽو گرافي به ڪئي ويئي ۽ وڊيو ۾ به ان کي محفوظ ڪيو ويو. ڳالهه سروي کان اڳتي وڌي نه سگهي ۽ بدر ابڙي جي تحقيق موجب ته هي آثار آمري دور جا آهن. انور پيرزادو جيڪو 2007ع جي جنوري جي ستين تاريخ تي اسان کان هميشه لاءِ ڏُور هليو ويو پر ڪوهستان جي گسن، پيچرن ۽ چوٽين تي هن جي پيرن جا نشان اڄ به موجود آهن.

اوائلي سنڌو ثقافت جنهن کي اوائلي اندس ڪلچر چيو وڃي ٿو جيڪو ٻن دورن تي ٻڌل آهي. هڪ آمري دور واري ثقافت ۽ ٻي ڪوٽڏيجي واري دور جي ثقافت، آمري دور سان تعلق رکندڙ ماڳ سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪوهستان واري علائقي ڪانسواءِ ڪاڇي، بلوچستان جي علائقي ڪلي ميهي، ڪوئيٽا لڳ ڊمب سادات، پنجاب ۾ سري ڪوهلا وٽ آثار ملن ٿا. هي ماڻهو قيمتي پٿرن کي وڍڻ، انهن کي تراشڻ واري فن کان واقف هئا. آمري دور جي شروع وارن تهن مان چقمقي پٿڻ جا ڪارخانا به مليا آهن. هي ماڻهو چقمقي پٿر ڳاري انهن منجهان تيز ڌار وارا اوزار ناهيندا هئا. هي مالوند ۽ شڪاري ماڻهو هئا. پوک به ڪندا هئا. جنهن لاءِ هي ماڻهو نئين ۽ ڍورن تي بند يا تلاءُ ٻڌندا هئا. انهيءَ دور جا ٿانو چڪ جي بجاءِ هٿ سان ٺهيل آهن. ٻاٻرين جي ماڳ تي به اهڙا ٿانو، پاڪيءَ جهڙا تيز اوزار، هڏا ۽ هڪ تلاءُ ۽ پٿر جي ڪوٽ جا آثار موجود آهن. هن ٽڪريءَ تي جڳهه جڳهه تي اهي شيون وکريل آهن. مهير ڍوري کان مٿي انهيءَ چوٽيءَ جي اوچائي اندازاً هڪ هزار فٽ آهي. مهير ڍوري جي ميرڪي اتڙي جي بلڪل پر ۾ اوچي ٻاٻري چوٽي تي اهي آثار آهن. مهير ڍوري ۾ موجود ڪوبي ۾ بيبنل تلاءُ کي ميرڪي اتڙي ان ڪري چوندا آهن جو هن جو

پاڻي ميرانجهڙو (ميرو) آهي. ٻاهري ٽڪري جي آس پاس جيڪي ٽڪريون آهن تن جا نالا هن ريت آهن. ڏکڻ اوڀر پاسي ڏامبڙو ٽڪري، هي موڪرو آهي جنهن جي ڪري ان کي ڏامبڙو چيو ويو. اولهه پاسي نوڙو، اتر پاسي من ۽ ڪٽولي، اتر اولهه پاسي چورو ٽڪري آهن. چورو ان ڪري چيو ويندو آهي ڇاڪاڻ ته هي اڪيلو آهي. پاسي ۾ ٻيون ٽڪريون هن کان پري آهن ۽ هي چورو جنو معنيٰ اڪيلو آهي. مقامي ماڻهن وٽ انهن آثارن متعلق جيڪا ڏند ڪٿا هتي مشهور آهي اها هن ريت آهي ته، ڪافرن جي زماني ۾ اتر کان ڪي ڌاڙيل هتي آيا ۽ حملي کان بچاءَ لاءِ انهن اهو ڪوٽ اڏيو. انهن ڌاڙيلن مقامي ماڻهن کي گهڻو تنگ ڪيو هو. جيڪو مال مقامي ماڻهن وٽ هو هنن ان تي زوري قبضو ڪيو. پوءِ هڪ مقابلي ۾ انهن ڌاڙيلن کي ڀڄايو ويو. انهن ڪافرن جي باري ۾ اهو به چيو وڃي ٿو ته اهي آدم خور هئا روز هڪ مقامي ماڻهو کي ماري کائيندا هئا. انهن جي حڪم تي هتان جا ماڻهو انهن کي رڌون، ٻڪريون ۽ ٻيا ڍور پهچائيندا هئا.

هن ٽڪريءَ تي ٺڪر جي ٿانون ۽ ٻين اوزارن مان اهو پتو پئي ٿو ته هتي تاريخ جي دور کان اڳ جو هڪ ڳوٺ آباد هو. پتر جي انهيءَ ڪوٽ لڳ ڏکڻ اولهه پاسي هڪ قديم گبربند/گربند جا آثار به آهن.

انهن آثارن کان اڳتي مهير ڊوري اندر ميرڪي اتڙي کان اڳيان وڃبو ته مهير ڊورو اوچائي ڏانهن وڃي ٿو. مهير ڊوري ۾ هڪ هنڌ پاڻي جو وڏو ڪن آهي. جتي ڪجي، پپر ۽ ٿاليءَ جا وڻ آهن. ٻنهي پاسي ڀوري رنگ جا پٿريلا پهاڙ آهن. هن تلاءُ/ڪن کي لاهوت واري اتڙي يا ٿالي واري اتڙي چون ٿا. ڇاڪاڻ ته ڪن جبل ۾ غار وانگر اڳتي وڃي ٿو جيڪو لاهوت جي غار وانگر آهي پر اونهي پاڻي ڪري اندر وڃڻ ڏکيو آهي ۽ پاڻي ۾ واڳون به آهن. انهي غار ڪري هن کي لاهوت واري اتڙي ۽ ٿالي جي وڻ ڪري ان کي ٿالي واري اتڙي به چوندا آهن. هي جاءِ هندوئن لاءِ مقدس مذهبي آستان آهي. هندو هتي اچن ٿا پوڄا پاٺ ڪن ٿا ۽ خيرات به ڪن ٿا. ڇاڪاڻ ته هندوئن جي هر مقدس آستان جو تعلق پاڻي، غار، واڳون ۽ پپر جي وڻ سان هوندو آهي. ”جتي پاڻي آهي هتي هو پاڻ آهي.“ هي سنڌ جي هندو ۽ مسلمانن جو عقيدو آهي. لاهوت اتڙي سان لڳ مهير ڊوري ۾ هڪ ديوار وانگر رستو بند آهي ۽ مهير جو پاڻي انهيءَ جابلو ديوار تان تيزي سان هيٺ ڪرڻ ڪري هتي اهو ڪن/تلاءُ ٺهي ويو آهي. هتان اڳتي وڌڻ لاءِ ڏکيو گس آهي. متي چڙهڻ ڪانپوءِ هتي مهير ڊورو سخت پٿرن تي وهي هيٺ وڃي ٿو. هتي سخت پٿرن ۾ ڊوري جي پيٽ ۾ ڇهه ست اونها کوه آهن. جيڪي سڀ پاڻي سان ٽمٽار هئا ۽ واڌو پاڻي هيٺ لاهوت اتڙي کي پرڻ ڪانپوءِ اڳتي وهي رهيو هو. جيڪو صاف ۽ شفاف هو. انهيءَ کوهن واري علائقي کي ”انڙ جا لوهه“ چون ٿا. هر پاسي لسا ۽ سخت پٿر هئا. اهي کوهه قدرتي آهن يا کنهن جا کوٽيل آهن ان تي

تحقيق ٿيڻ گهرجي. ڪوهن لاءِ مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته انهن جي اونهائي 100 فٽ ڪان به مٿي آهي. لاهوت اتڙي لڳ به سخت پٿر جي فرش ڪي ڪوٽي هڪ نالي ناهي ويئي آهي جيڪا ڏيڍ فٽ اونهي ۽ 15 فٽ ڊگهي آهي. هن نالي يا نيساري مان ائين ٿو لڳي ته لاهوت جي اتڙي مان پاڻيءَ ڪي هن نيساري وسيلي هيٺ تائين ڪٽي وڃڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. سخت پٿر تي چيٽي جهڙي اوزار جا نشان به هئا. ان جي ڪوٽائي هن جديد دور ۾ به مشڪل آهي. هتان جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهي شيون، آثار، ڪوهه انهن جي ابن ڏاڏن جي دور ڪان گهڻو اڳ جا آهن انهن ڪوهن واري علائقي ڪانپوءِ مهير جي چوٽي وارو علائقو شروع ٿئي ٿو. هن ڪان به اڳتي مهير ڏوري ۾ ستين جو آستان آهي. جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. واپس وڃڻ لاءِ اهو رستو آهي مهير ڏوري جي پيٽ وارو رستو يا پاسي وارن جبلن جي چاڙهين ۾ لاهين تان هلي ٿوهر ڪانڙي ڳوٺ يا عبدالله ڪانڙي ڳوٺ ڏانهن وڃي ڳڏاپ ۾ ڪنڊ واري رستي تي پهچبو. هتي ڪافرن جي قبرن، پٿر جي ڪوٽ، نڪريون، پٿر جا اوزار، گبربند، هٿرادو نيساري، قدرتي ڪوهه، لاهوت ۾ ميرڪي/ڪاري اتڙي ان ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿا ته هي ماڳ ڪنهن دور ۾ آباد هو ۽ هتي آبپاشي جو بهترين نظام موجود هوندو هو.

مهير جبل جي پائٽي لڪ ڪانپوءِ ڪنڊ واري رستي تي ڳڏاپ ڏانهن ويندي شيدو بروهي ڳوٺ لڳ ڪنڊ نئين جي ڪناري پٿر جو هڪ گول ننڍو ڪوٽ آهي جنهن کي هڪ پاسي اچڻ وڃڻ لاءِ جاءِ ڇڏيل آهي. معنيٰ در آهي اهو ڪوٽ چوڪنڊو نه پر گول آهي. پٿرن جي ديوار ٽن ڪان چئن فٽن تائين اوچي آهي ۽ ڪجهه مفاصلي تي پٿرن جو هڪ ڍير به آهي. مقامي ماڻهو هن کي ”ڪوٽڙو“ يا ”ڪوٽيڙو“ چون ٿا. اهڙا ”ڪوٽڙو“ مهير، موئيداڻ ۾ ڳڏاپ، درساٽي چني، ڏاٻيجي سميت پوري ڪوهستان ۾ موجود آهن. ايچ ٽي لمبرڪ پنهنجي ڪتاب Sind, A General Introduction V-1 ۾ لکي ٿو ته ”ٽاڪرو تر جا هاٽوڪا رهاڪو پنهنجن قديم وڏن جي جاين ۽ اهڃاڻن کي ”ڪوٽڙو“ سڏيندا آهن.“

مهير جبل سان ڳنڍوڳنڍ عبدالله ڪانڙي ڳوٺ جي اسٽاپ لڳ هڪ پراڻو قبرستان آهي. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هتي جوکين ۽ برفتن جي جنگ لڳي هئي ۽ اها جنگ تاريخ ۾ ”لوٽي واري جنگ“ طور مشهور آهي. هن جنگ ۾ جيڪي مارجي ويا انهن کي هتي دفن ڪيو ويو. جنگ جي باري ۾ مقامي روايت اها آهي ته جوکين جا ڪجهه ماڻهو گهوڙن تي هتان لانگهائو ٿيا. ڳوٺ ڏسي انهن پيئڻ لاءِ پاڻي گهريو. گس تي ڳوٺ ۾ ڪو مرد موجود نه هو جڏهن ڳوٺ جي عورتن انهن کي پاڻي ڏنو ته پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ جوکيا پاڻي جون وٽيون (لوٽا) پاڻ سان گڏ کڻي، جيئن روانا ٿيا ته برفتن جا مرد به پهچي ويا. گهر وارن سان حال احوال ڪانپوءِ عورتن ٻڌاين ته جوکيا پاڻي پيئڻ

ڪانپوءِ پاٽي جون وٿيون پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا آهن. برفتن لاءِ اها ڳالهه مهٽي ڪان گهٽ نہ هئي اهي گهوڙا ڊوڙائيندا هتي اچي جوڪين ڪي پهتا. جنهن تي بنهي قبيلن جي ماڻهن ۾ لڙائي لڳي ۽ گهڻا ماڻهو مارجي ويا. جن ڪي هتي دفن ڪيو ويو.

ڪنڌ نئين (مهير ڊوري) پار ڪرڻ ڪانپوءِ ديهہ تراڙيءَ جو علائقو شروع ٿئي ٿو. تراڙي ڊوري ڪانپوءِ هڪ رستو مهير پاسي ٿوهر ڪانڙي ڏانهن وڃي ٿو.. اڳتي هڪ رستو ”مول“ ڏانهن وڃي ٿو. مول واري رستي تي درگاهہ آهي جنهن جي سامهون رستي جي ڪابي پاسي پريئي ڪانڙي جو ڳوٺ آهي ۽ سامهون تراڙي جبل جنهن مان وهي ايندڙ ڊوري ڪي تراڙي ڊورو چيو وڃي ٿو. جيڪو اڳتي هلي ڪنڌ نئين سان ملي ٿو. رستي تي گل محمد (گلڪو) ڪانڙو ڳوٺ لڳ بني تي بن ڪان ٽن فٽن واري قبرن وارو قبرستان آهي جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. مول ۽ تراڙي جي دنگ تي ڳوٺ ليمون مينهن وسايو لڳ ”ڪانيگ“ ڊوري تہ سرڪار پاران تلاءُ ٻڌل آهي. جيڪو پاٽي سان پريل هو. نيرو پاٽي ميلن تائين خوبصورت نظارو پيش ڪري رهيو هو. مارين ڪان بي نياز ”آڙي“ ۽ ٻيو پکي هن وشال پاٽي تي تري رهيو هو. تراڙي جهڙي تراڪڙي پٿرن واري ڏيهہ ۾ ”ڪانيگ“ جو منظر دل ڪي وٽندڙ لڳو. تراڙي جبل جي سلسلي جي هڪ حصي ۾ سليڪا مٽي جا ذخيرا آهن. جن جي ڪوٽائي تي رهي آهي. مول واري رستي جدا ٿيڻ ڪانپوءِ پناڻ ڳوٺ پاسي وڃڻ واري رستي تي هڪ قبر آهي جنهن تي هڪ مجاور بہ وينو آهي. اها قبر 2000ع ڪان پوءِ هتي ظاهر ٿي هئي ان ڪان اڳ هتي موجود نہ هئي. مجاور جو چوڻ آهي تہ اهو بزرگ هن ڪي خواب ۾ آيو هو. اهو مجاور ۽ سندس سئوٽ پهرئين مول روڊ تي موجود درگاهہ تي مجاور هئا ڪنهن ڳالهہ تان يا مليل نذراني تان جهيڙو ٿي پيو. هڪ سئوٽ زوراور هو، هن ٻئي کي پچائي ڪڍيو. مجاور جي مفت واري نذراني ڪري هي ٻيو ڪو بہ ڌنڌو نٽي ڪري سگهيو تنهن ڪري انهيءَ ڪاروبار کي جاري رکڻ لاءِ هن نئين بزرگ جو واڌارو ٿيو.

تراڙي ڪانپوءِ ديهہ جهونجهار جو علائقو شروع ٿئي ٿو. جتي برفت قبيلي جي شاخ برن جي هاٽوڪي وڏيري عالم خان (الم خان) جو ڳوٺ پناڻ برو آهي. جيڪو انهن ٻارنهن ديهن جو جڻ اسلام آباد آهي. بيشمار سرڪاري جايون، ڳوٺ ڪان ڪار نئين تائين نهندڙ پڪو رستو، V.H.F ٽاور ٽيليفون، واٽر سپلاءِ اسڪيم، انڊسٽريل هوم، ڊسپينسري ۽ سيڪينڊري اسڪول سڀ بنيادي سهولتون موجود آهن. دل مان دعا نڪتي تہ شل ڪوهستان جا سڀ ڳوٺ اهي سهولتون ماڻين.

پناڻ ڳوٺ ڪراچي ۽ گڏاپ ڪان مول ۽ ڪنڌ ڏانهن ويندڙ بسن ۽ لارين جو اسٽاپ بہ آهي.

برِي قبيلي جو پهريون وڏيرو جنهن تي پڳ رکي وئي هئي اهو موتيو خان هو. ان ڪانپوءِ صفر خان، سرماڻ خان، جهونجهار خان، روڏو خان، پناڻ خان ۽ ستون هاٽوڪو وڏيرو عالم خان آهي.

پناڻ خان ايوب خان واري بنيادي جمهوريت واري سرشتي ۾ يونين ڪائونسل گڏاپ جو ميمبر ۽ بعد ۾ نهنڊڙ يونين ڪائونسل موئيداڻ جو چيئرمين به رهيو هو. عالم خان به يونين ڪائونسل موئيداڻ جو به پيرا چيئرمين ۽ ضلعي ڪائونسل ڪراچي جو ميمبر رهيو آهي. ديهه جو نالو ٻرن جي چوٽين پڳدار جهونجهار خان جي نالي پويان جهونجهار آهي. پوري ديهه ۾ فقط به ڳوٺ پناڻ ۽ وريام آهن.

پناڻ ڳوٺ سان لڳ ۽ ديهه سوندي جي جبلن مان مختلف ڍورا ۽ ڍوريون نڪري ڪار نئين جي شڪل ۾ اڳتي وڌن ٿيون. ڪار نئين ديهه سوندي ۽ ديهه ياڊ کي الڳ حب ۾ چوڙ ڪري ٿو. ڪرمتياڻي ۽ ياڊ ديهن وٽ ان مان ريتي بجري ڪڍڻ ڪري ڪار نئين فطري حسن کي تباهه ڪيو ويو آهي. هن نئين جي اڳتي اسڪوپ ۽ ڪسان ڪاميٽي پاران هڪ هترادو بند به ٻڌل آهي. انهي بند لڳ جتان ڪار نئين ٽڪرين ڪان هيٺ لهي ٿو. ٽڪرين ۾ هن جي تيز وهڪري ڪري جبل ۾ جيڪي نشان ۽ ڪڏون، کوبا ٺيا آهن. اهي ڏسڻ وٽان آهن. جيڪي صدين ڪانپوءِ وهندڙ پاڻي جي زوردار ٽڪر ڪري ٺهيا آهن.

ديهه سوندي ۾ ڳوٺ پوپٽ بڪڪ به آهي جنهن کي هاڻي ولي محمد بڪڪ چيو وڃي ٿو. پوپٽ بڪڪ جو نالو اڄ به چپر جا ماڻهو فخر سان ونن سان. چاڪاڻ ته مهير جبل ۾ جڏهن هڪ چٽي (چيتي) هتان جي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. مالوند ماڻهن جو مال شڪار ڪرڻ هن چيتي جو مشغلو هوندو هو. ڪنهن کي همت نه ٿيندي هئي ته هو چيتي کي ماري، هن جي آزار مان ماڻهن کي آزاد ڪري. اهو ڪم پوپٽ بڪڪ انجام ڏنو. جنهن چٽو ماري هتان جي ماڻهن کي آزار مان آجو ڪيو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب واقعاتي بيت ۾ ”پوپٽ بڪڪ جو مهير جبل ۾ چيتو مارڻ“ جي عنوان سان سگهڙ ڪاري جو بيت ڏنل آهي جنهن ۾ واقعي جا تمام تفصيل شامل آهن.

گڏاپ ڏانهن ايندي ”شم“ واري علائقي ڪانپوءِ ياڊ ۽ ڪرمتياڻي جي دنگ تي هڪ چوٽي کي ڪنوارڪي ٻٽي چيو وڃي ٿو.




**ڪنوارڪي ٻٽي**

مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هن بني تان بن ڪنوارين ڇوڪرين پنهنجي مرضي خلاف شادي ڏيڻ واري مائٽن جي فيصلي تي احتجاج ڪندي پاڻ کي چوٽي تان هيٺ اڇلائي پنهنجو انت آندو. ڪنهن چيو تہ هن بني جي بيهڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جي ارهہ وانگر آهي جنهن جي ڪري هن کي ڪنوارڪي بني چيو ويندو آهي.

انهيءَ بني تي ميراڻ جمالي ماهي بہ آهي. ميراڻ جمالي اصل ۾ سرڪيل پاڙو "لوهي" لسبيلي جو رهندڙ هو. لسبيلي جي ليوي پوليس ۾ سپاهي هو. نوڪري ڇڏي ڌاڙيل بڻيو. گڏاپ وارو ڌاڙو سندس پهريون ڌاڙو هو. گڏاپ جي مرڪز ميجڻ ۾ اهو ڌاڙو 1926ع ۾ ميراڻ جمالي جي اڳواڻي ۾ لڳو هو. ميراڻ سان گڏ جمالي، مري ۽ بروهي ذاتين جا ٻيا بہ ڌاڙيل هئا. اهي سيئي ڌاڙيل پوليس وردي ۾ هئا. ڌاڙي وقت گڏاپ ٿاڻي جا سيئي ڪامورا ڪنهن سرڪاري تقريب ۾ شرڪت لاءِ مل يرويل هئا. سرڪاري پڳي (پيري) غلام محمد پڻ هتي موجود نہ هو.

ڌاڙيل گڏاپ جي سيٺ چيتن مل جي دڪان تي ڪاهي آيا. پهرئين دڪاندار انهن کي پوليس وارو سمجهيو هو پر جڏهن اها ڳالهہ ظاهر ٿي تہ اهي ڌاڙيل آهن تہ دڪان تي وينل همراهہ "ڏمن مل" ڪسڪي وڃي ماڻهو گڏ ڪيا. ميجڻ (گڏاپ شهر) لڳ رهندڙ مريداڻي جوڪيا واهر لاءِ اچي گڏ ٿيا. ٻئي پاسي هندو بہ اچي گڏ ٿيا. اهي سڀ بنا هٿيارن جي هٿين خالي هئا. جڪري جوڪئي ۽ چتي ڌاڙيلن سان مقابلو ڪيو ۽ ڌاڙيلن ٻنهي کي ماري ڇڏيو. ماڻهو هٿين خالي هئا. ڌاڙيل هٿيارن جو فائدو وٺي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا ۽ انهيءَ ڪنوارڪي بني وٽ پوليس بہ اچي پهتي. ڌاڙيل هتي ساهي پٽڻ لاءِ وينا هئا. مقابلو ٿيو پر ڌاڙيل ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا. هتي نهيل "ماهيون" انهيءَ مقابلي جي نشاني آهي. هن واقعي کي علي اڪبر جوڪئي رهندڙ ڳوٺ الله بندو جوڪيو (هاڻي غلام محمد جوڪيو پراڻي نقشي ۾ اهو ڳوٺ بلوچ خان جوڪئي جي نالي سان آهي) ۽ عمر بيت ڇيا آهن. جيڪي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب "واقعاتي بيت" ۾ ڏنل آهن. ڪنوارڪي بني، ديهہ ياڊ ۽ ڪرمتياڻي ديهہ جي ڏنگ تي آهي. ديهہ ياڊ ضلعي ڄامشوري ۽ ڪراچي کي الڳ ڪري ٿو. ديهہ ياڊ ۾ مينجاري وارو جبل بہ آهي جڏهن انگريزن هن علائقي جو سروي شروع ڪيو تہ مينجارو خان ٽپيدار هو. انهيءَ بني تي مينجاري خان ڪئمپ هنئي ۽ علائقي جو سروي ڪيو ان ڏينهن کان پوءِ هن جبل جو نالو مينجاري وارو جبل مشهور ٿيو.

ڪنوارڪي بني ڪانپوءِ هاڻي رستو پڪو آهي اڳتي پناڻ ڳوٺ تائين پڪو رستو ٺهي رهيو آهي. جيڪو موڪي ڪار نئين روڊ سان ملي ٿو. هتان ڪانپوءِ گڏاپ ۽ شاهي ڄڀ ڏانهن رستو وڃي ٿو انهي علائقي کي "جنهي" چيو وڃي ٿو. "جنهي جبل" ڪري علائقي کي جنهي چيو وڃي ٿو.

ذڪر مري ۽ مگّتر جو:

ڪار سينٽر وٽ مون جن ٻن موڪرن پهاڙن مري ۽ مگّتر جو ذڪر ڪيو جيڪي ٻن عاشق جي نالي آهن. مگّتر ديهه لسر ۾ ۽ مري ديهه سورينگ/شورينگ ۾ آهي. ٻنهي جي وچان ڪار نئين وهي ٿي. مري ۽ مگّتر ڪوهستان جي هن حصي جو مشهور عشقيه قصو آهي. انهيءَ عشق جي آڪاٽي انهن جبلن جي ڪڇ ۾ جنم ورتو. هن داستان ڪي سيني سان لڳائي هلندڙ پوڙها پڪا چون ٿا ته، مگّتر جي مرڻ ڪانپوءِ ”مري“ پنهنجي گناهن جو بوجهه هلڪو ڪرڻ لاءِ منگهي پير جي آستان تي وڃي رهڻ لڳي. منگهو ان وقت جيئرو هو. جنهن سندس خدمتن ڪي ڏسي پيار مان نالو ”بودلي“ رکيو. منگهي پير جي پيدائش جو سال 567هه مطابق 1160ع ۽ وفات 657هه مطابق 1250ع آهي. جيڪو سومرن جي حاڪميت جي شروع وارو زمانو آهي. انهيءَ حساب سان هي قصو سومرن جي دور جو ٿي سگهي ٿو. تر جي جهونن جو چوڻ آهي ته اهي ٻئي ذات جا برا هئا (برا برفت قبيلي جي هڪ شاخ آهي) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب ۾ سگهڙ سومار خان گبول جي روايت موجب ٻه مري ۽ مگّتر برفت هئا لکيو آهي ۽ مگّتر جي ماءُ جو نالو شئين ۽ پيءُ جو نالو شتڪ بولاٽي ڄاڻايو آهي. مگّتر جي پيءُ ۽ ماءُ جي انهن نالن سان تر جا ماڻهو اختلاف ڪن ٿا.

قصو ڪجهه هن ريت آهي ته مگّتر مالوند ماڻهو هو. پر اڙٻنگ ۽ هنيلو، پنهنجي ڳالهه جو عاشق ۽ جيڪو چوندو هو تنهن ڪي پورو ڪندو هو. جڏهن هن مريءَ ڪي حب مان پاڻي پريندي پنهنجي ساهيڙين سان ڏٺو ته هن تي موهت ٿي پيو. هڪ روايت اها آهي ته سگّ گهرڻ ڪانپوءِ جڏهن مري جي مائٽن انڪار ڪيو ته هن مريءَ ڪي زوري ڪٽي لسر واري جبل جي هڪ چوٽي تي هڪ غار ۾ بند ڪيو. ٻي روايت جيڪا حقيقت ڪي ويجهو ٻه آهي اها آهي ته سگّ گهرڻ ڪانپوءِ ٻنهي جي شادي ٿي. مگّتر جيئن ته مالوند ماڻهو هو. هن جو ڪو مستقل نڪاڻو نه هو. جبل سندس ٿاڪ ۽ صحرا هن جا ستر هئا. لسر جبل تي قدرتي غار هن جو گهر هو ۽ شاديءَ ڪان پوءِ ٻئي هتي جبل جي چوٽيءَ تي انهيءَ غار ۾ رهڻ لڳا. جبل جي ڪڇ ۾ هڪ ڪوهه مگّتر کوٽيو هو جنهن ۾ پيئڻ جو پاڻي حاصل ڪندا هئا. ڪنهن ڳالهه تان جڏهن اهي ناراض ٿيا ته مري ڪار نئين پار هڪ ٻئي جبل تي وڃي رهي، جنهن جي ڪري هن جو نالو مري ۽ مگّتر پنهنجي پراڻي جاءِ تي جبل واري چوٽي تي رهندو هو هن جو نالو مگّتر ٿيو.

هڪ ٻيو ٻڪرار جيڪو مگّتر جو دوست هو. جنهن جو نالو ”ڪوراٿ“ هو ٻنهي ڪي پرچايو ۽ ائين وڏن وارن ۽ خوبصورت بانسريءَ وڄائيندڙ ڪوراٿ آهستي آهستي مريءَ جي دل ۾ جاءِ ڪري ورتي. ڪوراٿ جي وڏن وارن ۽ بانسريءَ جي ڌم مگّتر جي پهلواني ڪٽي گم ٿي ويئي ۽ مگّتر

جي شڪار تي وڃڻ ڪانپوءِ ٻنهي جي ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿيو. مگٽر جي عشق جي انتها اها هئي جڏهن هڪ ڀيرو هن کي شڪار نه مليو ته چون ٿا ته پنهنجي ران جو گوشت ڪپي پچاءِ ”مريءَ“ کي کارايائين. جنهن جي خبر مريءَ کي تڏهن پئي جڏهن مگٽر انهيءَ زخم ڪري ٻري (پت) ۾ ونجي ويو. ڪوراڻ مگٽر جي عشق جي انهيءَ معراج کي ڏسي مريءَ جي زندگيءَ مان نڪرڻ چاهيو پر مريءَ جي ايلازن پاڻ مارڻ جي ڌمڪين تي هن اهو شرط رکيو ته مگٽر جيئرو آهي ته پوءِ توسان شادي جو سوال پيدا نٿو ٿئي. مگٽر جي مرڻ ڪانپوءِ سوچيندس. هاڻي ”مري“ لاءِ ڪوراڻ اهم ۽ مگٽر غير اهم ٿي ويو هو. مگٽر جهڙي پهلوان کي مارڻ ڪنهن جي به وس جي ڳالهه نه هئي. پر هڪ ڀيري پنهنجي پهلواني جا قصا ٻڌائيندي مگٽر، مري کي چيو هو ته ”هڪڙي ڀيري مون ٻڪرين جي واڙي مان تنهنجي لاءِ آئي (ٻڪري)، جو ڦر ڪٽي جهڙو ٻاهر نڪتس ته ڦرن جو تندو پير ۾ ڦاسي پيو، مون واڙي مان ٻاهر ٽپو ڏنو ته سموار ڦر، تندي سميت اڇلجي ٻاهر آيا ۽ تندو ڪونه ڇنو، چاڪاڻ ته اهو رسو نندي آئٽ جي ڏاس جو ٺهيل هو. بس هن ڏينهن کان پوءِ اهو وهم ٿي ويو آهي ته جيڪڏهن ڪو مون کي انهيءَ رسي سان ٻڌي وجهي ته پاڻ ڇڏائي نه سگهندس.“ مري کي جڏهن اها ڳالهه ياد آئي ته هن ڪوراڻ کي اهڙو رسو ناهڻ لاءِ چيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪوراڻ اهڙو رسو ناهي مري کي ڏنو ۽ هڪ ڏينهن مگٽر اهو رسو گهر ۾ ڏنو ته مري کان پڇيائين ته ”هي رسو ڪنهن جو آهي.“

مري چاڳ ڪندي چيو ته توکي ٻڌڻ لاءِ، ته جيئن تنهنجي پهلواني جي به خبر پوي، چاڪاڻ ته تو پاڻ ذڪر ڪيو هو ته، ”ڪير مون کي نندي ائٽ جي ڏاس جي وٽيل رسي سان ٻڌي وجهي ته آئون ڇڏائي نه سگهندس.“ مگٽر جنهن کي مريءَ جي انهيءَ انداز تي پيار آيو ۽ چيو ته پوءِ ”يا بسم الله اچ ئي ٿا آزمايون.“ مري ته انهيءَ ڏينهن لاءِ تيار هئي.

جبل جي ڪناري هڪ پٽر تي مريءَ مضبوطيءَ سان مگٽر جي هٿن ۽ پيرن کي رسي سان قابو ڪيو. مگٽر جيئن ئي رسي مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ زور لڳايو، تيئن ئي سڄو رسو اندر ماس ۾ گهڙندو هڏن تائين پهتو. پوري بدن مان رت وهڻ لڳو. مري سامهون هڪ پٽر تي مگٽر کي جوش ڏياريندي رهي. نيٺ مگٽر عشق جي امتحان ۾ پاس ٿيو ۽ زندگيءَ تان هٿ ڌوئي وينو. مري جڏهن ڏٺو ته مگٽر هاڻي چرڻ جهڙو نه آهي ته هن کي ڌڪو ڏيئي مگٽر کي هيٺ ڪيرايو ۽ سوڳوار فضا ۾ ”مري“ جا ٽهڪ گونجندا رهيا ۽ هو ڪوراڻ کي ڏسي رهي هئي. ”ڪوراڻ“ کي اهو يقين نه هو ته مري ائين به ڪندي. هن کي مگٽر جو مريءَ لاءِ اڻ مهيو پيار، شڪار نه ملڻ ڪري پنهنجو گوشت ڪپي مري کي کارائڻ واريون سڀ ڳالهيون ياد آيون. ڪوراڻ کي خبر هئي ته مري هن جي ڊگهن وارن ۽ بانسري جي آواز تي عاشق آهي ۽ جيڪڏهن سيان اهي نه رهيا ته چا هن جو

حشر ٿ مگٽر جهڙو ٿيندو؟ اهو سوچي پنهنجا وار پاڪي سان لائي، بانسريءَ کي پيچي پورا ڪري مري وٺ آيو. جيڪا خوش هئي پر هن جي خوشي ڪوراڻ کي ڏسي ختم ٿي ويئي. ڪوراڻ پنهنجا مٿي جا لايل وار ۽ ٽٽل بانسري ڏيندي چيو تہ، ”تون انهن تي عاشق هُئين سي هاڻي تون پاڻ وٽ رک. تو جڏهن هڪ پيار ڪرڻ واري مڙس جو قدر نہ ڪيو منهنجي حيثيت هن سامهون ڪجهہ نہ آهي.“

مري پنهنجا هوش حواس وڃائي ويني ۽ هتان پيرين پنڌ منگهي پير جي آستاني پهتي ۽ زندگيءَ جا باقي ڏينهن هتي گذاريائين. مگٽر کي ڪوراڻ ۽ بين ”مگٽر جبل“ جي ڪڇ ۾ سندس ڪوٽيل ڪوهہ لڳ ڪنديءَ جي وڻ هينان دفن ڪيو. هتان جا ماڻهو ڳالهہ ڪن ٿا تہ ڪنهن وقت مائي راڻيءَ نالي عورت مريدياڻي ٿي ويني. ايندڙ ويندڙ مسافرن ۽ شڪارين لاءِ هتي پاڻي جا مٽ پريندي هئي ۽ قبر کي بهاري ڏيندي هئي. اها جوءِ اڄ بہ راڻيءَ واري ڪنديءَ جي نالي سان مشهور آهي. هاڻي اها جاءِ ڪيرٿر نيشنل پارڪ ۾ آهي قبر ۽ ڪنديءَ جي وڻ جي باري ۾ هاڻي ڪا خبر نہ آهي. هڪ روايت اها بہ آهي تہ هن واقعي ڪانپوءِ مري ”حب“ ۾ ٽپو ڏيئي پنهنجو انت آندو.

گڏاپ ڏانهن ايندي ڪوهستان جي علائقي جو نالو لٺ ڪرمتياڻي بہ آهي لٺ نئين جي ڪري هن جو نالو لٺ پيو. ڪرمتين (ڪلمتين) جي اچڻ ڪري هن علائقي جو نالو لٺ ڪرمتياڻي مشهور ٿيو. لٺ نئين ياڊ واري جابلو سلسلي مان وهي اچي ٿو ۽ هاڙوڪي نئين سبزي مٽڊي انهيءَ نئين جي پيٽ ۾ نهيل آهي. ڪرمتين جو هتي پراڻو قبرستان بہ آهي جتي گهاڙي قبرون بہ آهن. ملير ۾ جيڪي ”لنيگ ڪلمتي“ رهن ٿا. انهيءَ لٺ واري نئين جي ڪپ تي رهڻ ڪري انهن کي ”لنيگ“ معنيٰ ”لٺ وارا“ چيو وڃي ٿو. گنڌارڪي جي جبلن کان وهي ايندڙ مينياري ڍورو ديهہ ڪرمتياڻي ۽ ديهہ گڏاپ کي الڳ ڪري اڳتي لٺ ڪرمتياڻي نئين جو حصو ٿئي ٿو لوهي وارو جبل ڪراچي ۽ جام شوري ضلعي جي دنگ تي ڪراچي ۾ آهي. جنهي جبل بہ ديهہ گڏاپ ۾ آهي. ديهہ گڏاپ، ديهہ شاهي چپ بہ ڪوهستان ۾ شامل آهن. جتي زراعت ڪئي وڃي ٿي. گڏاپ ڪراچي شهر ڏانهن ايندي لٺ ڪرمتياڻي نئين ڪانپوءِ ديهہ حد رواهہ ڪابي هٿ تي آهي. هتي حدر جوڪئي پاران ٽڏي نئين مان واهہ (ڪسي) ڪڍي پنهنجا کيٽ آباد ڪندو هو. جنهن ڪري هن جو نالو حدر واهہ پيو. اهو پورو جابلو علائقو آهي. ٽڏي نئين تي نهيل ڊيم بہ انهيءَ علائقي ۾ آهي. اڳتي ديهہ بولهاڙي آهي. جيڪو ڪراچي ۽ جام شوري جي دنگ تي آهي ۽ هن پاسي ڪراچي ضلعي جو آخري ڳوٺ پارپيو گوندر، روزي گوندر ۽ حيات گوندر آهن.

ڳوٺ پارپيو وٽان لنگهندڙ ”اڪين واري ڍوري“ جيڪي من جبل کان وهي اچي ٽڏي نئين ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. انهن ڍوري جي پار جام شوري ضلعي جي يونين ڪائونسل مول جو علائقو آهي. هتي

ئي ٿڏي نئين جي ڪپ تي ”مور مرادين“ وارو تاريخي قبرستان آهي. جنهن ۾ 30 ڪان مٿي گهاڙي قبرون آهن پر چوڪنڊي جي قبرن وانگر انهن تي چٽسالي ٿيل نہ آهي. ”مور ۽ مرادين“ ٻئي زال مڙس هئا ۽ انهن جي زمين هئي، مرڻ ڪانپوءِ انهن کي هتي دفن ڪيو ويو تہ پوءِ هن قبرستان جو نالو مور مرادين مشهور ٿيو. جيڪي ٻئي ذات جا گوندر هئا (گوندر بہ برفت قبيلي جي هڪ شاخ آهي) پر جڏهن 2006ع واري ساوڻي ڪانپوءِ آئون هتي ويس تہ هڪ ننڍو بورڊ روڊ تي لڳل هو جنهن تي لکيل هو ”قبرستان مور مراد شاهہ“ هتي جيڪو گوندر، ٻرا ۽ قريشي فقير هئا، انهن کي چيم، ”مار ڪا پوي، چو ٿا پنهنجي تاريخ سان ظلم ڪيو سڀ ڪجهہ خبر هوندي بہ اهڙو ظلم؟ تنهن تي انهن چيو تہ، ”پاسي ۾ رهندڙ فقيرن اهو بورڊ هڻي ڇڏيو آهي.“ تاريخ سان واقف هوندي بہ فقيرن سان ڪير بحث ڪري. چاڪاڻ تہ هتان جا مسڪين ماڻهو فقيرن جي پٺن ۽ پاراتن ڪان پري ٿا ڀڄن. مور مرادين جي سامهون ”ٽي ماهوٽي“ واري ٻني جي ڪڇ ۾ ”جاڪري وارو قبرستان“ بہ تاريخي آهي، جتي بہ گهاڙي قبرون آهن. جنهن سان لڳ ”گنڊا ڪي“ وارو ڍورو آهي. انهيءَ ڍوري ڪري اهو علائقو گنڊاڪو سڏجي ٿو. ٻني جي ٻئي پاسي ”ڪهيري وارو ڍورو“ آهي، جيڪو خرمريون واري ٻني مان وهي ٿڏي ۾ چوڙ ڪري ٿو. هي علائقو جيڪو ڪراچي جي دنگ تي جام شوري ضلعي ۾ آهي ۽ خوبصورت علائقو آهي. هن خوبصورت علائقي کي پڙيانگ ڪرڻ لاءِ ريتي بجري ڪٽڻ واري مافيا پهچي ويئي آهي. پناڻن جا وڏا وڏا ڊمپر تيزي سان ريتي بجري ڪٽي علائقي کي ويران ڪري رهيا آهن. جنهن جي ڪري ٿڏي نئين جي ڪناري وڻن کي ڪٽيو پيو وڃي. ٿڏي ۽ هن جاءِ تي ميلن تائين صاف پاڻي ساوڻي جي برساتن ڪان پوءِ وهندو آهي ۽ ڪن جاين تي ڪنن ۽ ڪڏن ۾ ٻارنهن مهينا پاڻي موجود هوندو آهي. هتي ٿڏي نئين ۾ ”گنڊاڪي وارو ڪن“، ڪراچي جي حدن ۾ حيات گوندر ڳوٺ ڪانپوءِ ”ٻتڪي وارو ڪن“ ۽ جامڙي وارو ڪن“ مشهور آهن.

ٻولهاڙي واري ڍوري ڪانپوءِ ديهہ ٻولهاڙي وارو علائقو شروع ٿئي ٿو جيڪو بہ جام شوري ضلعي جي دنگ کي ڪراچي ڪان جدا ڪري ٿو. اڳتي هلي انهن جبلن مان ڪرڪٽي واري ڪن مان وهي ايندي ڪرڪٽي ڍوري ڪانپوءِ لنگهيجي ديهہ وارو علائقو شروع ٿئي ٿو. جيڪو بہ جابلو علائقو آهي ۽ ٿڏي نئين جي ڪپ تي زراعت بہ ٿئي ٿي.

انهيءَ ڪرڪٽي ڍوري جي چوڙ لڳ ٿڏي نئين جي ٻئي ڪپ تي منهنجو ڳوٺ آهي. ڪوهستان ۽ انهن جابلو سلسلن سان اڻ ڪٽ محبتن جو هڪ سلسلو اهو بہ آهي تہ آئون پاڻ انهيءَ علائقي جو حصو آهيان. هي سڀ جبل، چوٽيون، ٻنيون، نيون، ڍورا ۽ ڍوريون منهنجي وجود جو حصو آهن. جن ڪان ٻنا آئون هڪ پل بہ رهي نٿو سگهان. جڏهن ڪراچي جي هل ۽ هنگامن ڪان بيزار ٿيندو

آهيان ته پهاڙن ڏانهن منهن ڪري سڪون جون ڪجھ گهڙيون حاصل ڪندو آهيان. ڇپر جا رهندڙ ماڻهو گهڻي حد تائين هن رولاڪ ڪان واقف آهن. هتي پهچڻ ڪانپوءِ انهن مسڪين ماڻهن جي بي لوث محبتن جي ڏاوڻ ۾ ٻڌجي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ ڪي به وساري ويهندو آهيان.

لنگهيجي نئين ڪانپوءِ اوپر پاسي وجبو ته ڪانوڙ جو علائقو شروع ٿئي ٿو. ڪانوڙ، ديهه ٻائل، ديهه ڪديجي جيڪي سپ ڪراچي ۾ ڄام شوري ضلعي جي دنگ تي ڪراچي ۾ آهن. اهي سپ جابلو علائقا آهن. هتي رهندڙن جي سڪون ڪي برباد ڪرڻ ۾ صدين ڪان زندگيءَ جي هر سهولت ڪان محروم، پر پوءِ به پنهنجي ڌيهه سان محبت ڪندڙ انهن ٿنهي ديهن جي ماڻهن ڪي سندن اباڻن پٽن تان بيدخل ڪرڻ جون تياريون شروع ٿي چڪيون آهن. ڊفينس هائوسنگ فيز-2 لاءِ ڪديجي ۾ ٻائل ۾ 10 هزار ايڪڙ زمين ڏني ويئي آهي. ديهه ڪانوڙ ۾ مول نئين جي خوبصورت ڪپ تي بحريه ٽائون ناهڻ لاءِ سروي جو ڪم (ڊسمبر 2006ع) هنن اکرن لکڻ تائين جاري آهي. جتي 5000 هزار ايڪڙ زمين حاصل ڪري فوجين ڪي رهايو ويندو. ڪديجي جي خوبصورت جهرڻي ۾ تاريخي ماڳ تي اڳ ۾ فوجي ٽريننگ جي نالي تي حاصل ڪيو ويو آهي ۾ رهيل ڪسر انهن هائوسنگ اسڪيمن وسيلي پوري ڪئي ويندي. مالوند ماڻهن جي خوبصورت چراگاهن، تاريخي ماڳن، اوچين چوٽين تي انهن جي مالڪي جو حق ختم ڪيو پيو وڃي.

ديهه ڪانوڙ ۾ "گوهربان" تاريخي ماڳ آهي. جيڪا "گوهر جتڻي" جي نالي سان آهي. "بان" بلوچي ۾ ڪچي مٽي جي گهر ڪي چيو وڃي ٿو. گوهر جتڻي جي ڳالهه تان بلوچستان ۾ رندن ۽ لاشارين ۾ 30 سال جنگ لڳي، سوين ماڻهو مارجي ويا. گوهر پوءِ هتان لڏي اچي هتي رهڻ لڳي. "گوهربان" جبل جي چوٽي تي هڪ قبر به آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها گوهر جي آهي. مول نئين به هتان گذري جڏهن ملير ۾ داخل ٿئي ٿو ته ان ڪي ملير چيو وڃي ٿو. مول جو اهو حصو اوچين پهاڙن، وهندڙ صاف ۽ شفاف پاڻي ڪري دل ڪي وٽندڙ آهي. ديهه لنگهيجي ۾ ٿڌي نئين جي ڪپ تي گهاڙي قبرستان آهي جنهن ڪي "روميون" ۽ ڪلمتين جون قبرون چيو وڃي ٿو. ڪانوڙ تائين انهن جبلن ۾ اهي گهاڙي نقش نگار واريون قبرون موجود آهن. انهن جبلن مان اهو پٿر حاصل ڪري انهن تي چٽسالي ڪري قبرن لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. ٻه اهڙيون جايون جتان اهو پٿر حاصل ڪيو ويو آهي ديهه لنگهيجي ۾ انهن جا اهڃاڻ موجود آهن. ڪڏاپ ڪان ڪانوڙ ويندي "للو پڙهه" جي ويجهو هڪ جاءِ وٽ سخت پٿر تي ماڻهو جي پيرن جا نشان صاف ۽ چٽا اُڪريل آهن. ديهه لنگهيجي سان لڳ سپر هاءِ وي تائين ڪونڪر جو علائقو به انهيءَ جابلو سلسلي جو حصو آهي. جتي به آدم ڳبول ڳوٺ لڳ ٿڌي نئين جي ڪناري تاريخي ماڳ جا نشان آهن. پر هاڻي ڪونڪر جو اهو حصو فوجين جي حوالي ڪيو ويو آهي. ممتاز

پٽو جڏهن 1996ع ۾ سنڌ جو وقتي وڏو وزير هو ته اهو پورو علائقو جنهن ۾ مختلف ڳبولن جا ڳوٺ به آهن فوجين جي حوالي ڪيا هئا. جيڪي هاٽي ٽريننگ جي بهاني ماڻهن لاءِ آزار بڻيل آهن.

ڪراچي ڪوهستان ۾ اڳتي سپر هاءِ وي جي حيدرآباد ڏانهن ويندي ساڄي هٿ تي ڪوٽيرڙو، ڏاندو، چوهڙ، گهگهر، ۽ ڏابيجي، آبدار، درساڻو چنو، ڪرڪرو، ملهه، ٽاٽو، لانڍي، سنهڙو، ڪاتنو، ڪاڪڙ، ڱانگيارو، ٻاڪراڻ، جوريجي ۽ پيري شامل آهن. اهو پورو علائقو تاريخي لحاظ کان انتهائي اهم آهي جتي تاريخي آثار موجود آهن. جن جي سروي جي ضرورت آهي. گهگهر واري علائقي ۾ سکڻ نئين کان پار وارو علائقو ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي پاران هائوسنگ اسڪيم لاءِ ۽ اڌ حصو فوجين کي الاٽ ڪيو ويو آهي. جتي تيزي سان آبادڪاري ٿي رهي آهي. سمنڊري بابا جي درگاهه، پاڪ لينڊ سيمينٽ فيڪٽري ۽ لڪي سيمينٽ فيڪٽري به انهيءَ علائقن ۾ آهن. ٻنهي سيمينٽ فيڪٽرين ۾ ڌارين جون ڪالونيون ناهيون ويون آهن. جن کي هتي نوڪري ڏيئي رهائش لاءِ ڪوارٽر به ڏنا ويا آهن.

ڪوهستان، قدرتي نعمتن سان مالامال شاهوڪار تهذيب جو مالڪ ۽ شاندار علائقو آهي. هتي پهاڙي سلسلا، دل وٺندڙ ماڳ ۽ منظر آهن. انهن خوبصورت منظرن ۾ بک بدحالي هتان جي ماڻهن جي اکين مان جهلڪندي نظر اچي ٿي. جنهن کي هو مهمانن کان لڪائڻ جي فن کان واقف آهن. ڪوهستان جي پنهنجي هڪ الڳ شناخت آهي هتي جي جبلن، چوٽين، ندين، ڊورن، گسن، پنڌن، پيچرن ۽ لڪن جي پنهنجي هڪ الڳ تاريخ آهي. هتي قبائلي نظام پنهنجي پوري عروج تي آهي. هتان جا ماڻهو ترقياتي ڪمن لاءِ انهن سردارن ڏانهن واجهائين ٿا. چاڪاڻ ته هتان جي چونڊيل نمائندن کي انهن جو آشيرواد حاصل هوندو آهي. تعليم ئي قومن جي مقدر کي بدلائي ڇڏيندي آهي. چاڪاڻ ته اڻ پڙهيل سماج جاگيرداري ۽ سرداري نظام جي رسمن جو باغي نٿو ٿي سگهي. پڙهيل سماج ئي انهن ٻنڌڻن کان آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري سگهي ٿو. اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي اچڻ ڪري هتي جي سماجي قدرن ۾ تبديلي اچي رهي آهي. هو پنهنجي سيني ڳڻ ۽ اوڳڻ سان ڪوهستان جي سماج ۾ موجودگيءَ جو احساس ڏياري رهيا آهن. بين الاقوامي فنڊ حاصل ڪندڙ تنظيمن ۽ ميڊيا جي اچڻ ڪري هتان جون گهڻيون سنيون روايتون به ختم ٿي رهيون آهن.

سڄو جو ساٿيهه ته به ونهيان ئي وترو،
گهوريو سو پرڏيهه، توڙي ڦلن ڇانئيون.

* * *

# روح جي پرستش ڪان توحيد تائين سفر

**مندر، مساڻ، ڌرم شالا ۽ گرد وارا:**

انسان فطري طور مذهبي رهيو آهي. جنهن جي ڪري انسان ڪنهن نه زماني ۾ مذهب ڪان لاتعلق نه رهيو آهي. پٿر جي دور ڪان وٺي پوڄا جو تصور موجود رهيو آهي. سمجهه ۾ نه ايندڙ ۽ پراسرار شين جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. ڇاڪاڻ ته انهن شين جي خوف انسان کي انهن جي پوڄا ڪرڻ تي مجبور ڪيو ته جيئن اهي ناراض ٿي نقصان نه پهچائين. انهيءَ پوڄا سان مذهبي رسمون نهنديون ويون ۽ ائين هڪ جهڙين رسمن ۽ عقيدن جا ماڻهو ۽ گروهه پاڻ ۾ گڏ ٿيندا ويا. انهن هڪ جهڙين رسمن ۽ عقيدن هڪ گروهه کي ٻئي ڪان الڳ ڪيو ۽ مذهبن جو بنياد پيو. هي ماڻهو فطرت جا پوڄاري هوندا هئا. جنهن ۾ وڻ، جانور ۽ دريا اهم هوندا هئا. موهن جي دڙي ۽ ان جي همعصر آثارن جيڪي سنڌو تهذيب جي روپ ۾ موجود آهن. اهڙيون مهرون مليون آهن جن تي وڻن ۽ جانورن جون تصويرون اُڪريل آهن. مذهبي عقيدت مختلف دور ۾ مختلف روپ اختيار ڪيا ۽ انساني زندگي جي ٻين شعبن وانگر مذهبن به ارتقائي منزلون طئي ڪيون. جن ۾ تبديليون ايندين رهيون پر پوڄا جو تصور ختم نه ٿيو. جنهن ۾ هن ڪائنات جي خالق جي پوڄا اهم رهندي پئي اچي. هر مذهب جو ماڻهو ڌرتيءَ جي انسانن کي خلقيندڙ جي پوڄا/عبادت ڏانهن دعوت ڏيندو رهيو آهي. انسان اڻ ڄاڻ مدت ڪان هن ڌرتيءَ جو باسي آهي ۽ مذهب به انسانيت وانگر قديم آهي. هر مذهب ڪنهن نه روپ ۾ هجي براين ڪان پري، سٺن ڪمن ۽ خلقيندڙ جي پوڄا/عبادت ڏانهن دعوت ڏيندو رهيو آهي. هن جو روپ ۽ طريقو پلي مختلف رهيو هجي/آهي. مذهب پنهنجي عام تصور ۾ انسانيت جو بنيادي عنصر آهي. روح جي پرستش ڪان وٺي توحيد تائين جو سفر، مذهب جو عقيدو مختلف مذهبن/قومن/گروهن ۾ مختلف رهيو آهي.

هندستان ۾ آريائن جي اچڻ وقت انهن پنهنجي مذهبي ڪتابن ويدن ۾ مذهب ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي. جيڪا پهرئين ويد لکي وئي سا ”رگ ويد“ آهي. ويدن جي زماني کي ”ويدڪ“ چيو وڃي ٿو. ويد، سنسڪرت ٻولي ۾ لکيا ويا هئا. انهن جي اشلوڪن کي ”سوڪت“ چيو وڃي ٿو. هي اشلوڪ رشين ۽ فلاسفرن لکيون هيون. رگ ويد کانسواءِ سام ويد، يجر ويد ۽ اٿر ويد به آهن. جن ۾ گهڻو ڪري مذهبي رسمن جي باري ۾ اشلوڪ ۽ ڀڄن آهن. انهن اشلوڪ کي سمجهائڻ وارن جو هڪ طبقو جڏهن پيدا ٿيو جيڪو پوڄارين جو طبقو هو، جنهن کي برهمڻ چيو ويو. حڪومت ڪندڙ راجائن کي ”ڪشتري“ ۽ زراعت ڪرڻ وارا ”ويش“ ۽ عام مزدوري ڪندڙ ”شودر“ جا طبقا پيدا ٿيا. اڳتي هلي هندو مت ۾ ”آرن يڪ“، ”پراڻ“،

”مهاڀارت“ ۽ ”رامائڻ“ ۾ لکيا ويا. آرن يڪ برهمڻن جو لکيل آهي. جنهن ۾ ويدن ۾ موجود اشلوڪن جي تفسير بيان ڪيل آهي. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان ڪي صرف جهنگ ۽ ٻيانن ۾ خاموشي ۽ اڪيلائي ۾ پڙهڻ گهرجي. ”پراڻ“ قديم مذهبي گيتن جو مجموعو آهي. جيڪو ماهرن موجب 5 صدي ق. م ۾ لکيو ويو آهي. مهاڀارت ۾ پانڊئون ۽ ڪوروئن جي جنگ جو احوال آهي، هن جي تاريخ 1000 کان 700 ق.م جي وچ ۾ آهي. ”رامائڻ“، رام ۽ سيتا جي ڪهاڻي آهي. هي به سنسڪرت ۾ لکيل آهي. رام ايوڌيا ڪو بادشاهه ”دشترٿ“ جو وڏو پٽ هو. هن کي تخت جو وارث بڻايو ويو. هي پنهنجي رعيت ۾ مقبول حڪمران هو پر وقت هن تي نامهربان ٿيو. جڏهن راجا جي ننڍي گهر واري پنهنجي پٽ ”ڀارت“ کي جانشين ڪيو ۽ رام کي 14 سالن جو بن واس ڪرڻو پيو. رام سان گڏ انهيءَ جلاوطني ۾ سندس گهر واري سيتا ۽ ڀاءُ لڪشمڻ به گڏ هئا. ساڌو بڻجي هو جهنگلن ۽ ٻيانن ۾ رلندو رهيو. انهيءَ عرصي دوران ڀارت تخت تي نه وينو پر هن رام جو جوتو نشاني طور تخت تي رکيو ۽ حڪومت ڪندو رهيو.

بنواس جي ڪنهن موڙ تي لنڪا جي راجا راوڻ، سيتا کي اغوا ڪيو. هن وقت بندرن جي سردار ”هڙمان“ (هنومان) رام جو ساٿ ڏنو. جنگ ۾ راوڻ مارجي ويو ۽ سيتا واپس رام وٽ آئي. چيو وڃي ٿو ته رام کي پنهنجي سيتا تي شڪ ٿي پيو جنهن لاءِ سيتا دُعا گهري ته هن جي عزت بچائڻ لاءِ ديوتا هن جي مدد ڪن. دعا سان زمين ڦاٽي پئي ۽ سيتا هن ۾ سمائجي وئي. ان ڪانپوءِ هندو سماج ۾ سيتا کي ديوي جو درجو ڏنو ويو.

انهيءَ بنواس تِيرٿايُگ دوران رام، سيتا ۽ لڪشمڻ هنگلاج ويندي ڪراچي واري علائقي مان گذري ويا هئا. انهن هتي هڪ وڏي ميدان ۾ چشمي تي جتي وٽن جو گهاٽو ٻيلو هو بسيرو ڪيو ۽ ان ڏينهن کان وٺي انهيءَ باغ جو نالو ”رام باغ“ مشهور ٿيو. رام جي ڪري هي تيرٿ آستان ٿيو ۽ مقدس جاين ۾ هن جو شمار ٿيڻ لڳو. هن مقدس تيرٿ آستان کي اسان ”آرام“ جو نالو ڏيئي هميشه لاءِ آرام ڪرائي ڇڏيو آهي. ڪلفٽن ۽ منهوڙي وچ ۾ سمنڊ ۾ ”رام جهروڪا“ نالي جبل آهي. جيڪو اڳ ۾ ڪلفٽن ۽ منهوڙي کي ڳنڍيندو هو. پر ڏهين صدي ۾ اينڊڙ زلزلي ڪري ٻنهي پاسي ڪنارن وارا سلسلا سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا. هاڻي هڪ چوٽي ڪلفٽن ۽ منهوڙي جي وچ ۾ موجود آهي. جتي ٻيڙي وسيلي وڃي سگهجي ٿو. موڪل وارن ڏينهن ۾ هتي رش رهي ٿي. هنگلاج وڃڻ کان پهرئين منزل طور رام، سيتا ۽ لڪشمڻ انهيءَ جابلو چوٽي تي رهيا هئا جتي هاڻي هڪ قبر ٺهيل آهي. ان ڏينهن ڪانپوءِ هن پهاڙ کي ”رام جهروڪا“ جو نالو ڏنو ويو. انگريزن هن جو نالو بدلائي ”آئسٽر راڪ“ رکيو پر مشهور اڄ به رام جهروڪا جي نالي سان آهي. رام، سيتا ۽ لڪشمڻ هن ياترا دوران ڪلفٽن واري شيو مندر ۾ به پوڄا لاءِ ويا هئا ۽ منگهو پير روڊ

تي پراڻي گوليمار لڳ جيڪو هندن جو مساڻ ۽ هنگلاج ديوي جو مندر آهي. اهو مندر به ان وقت کان موجود آهي. تنهنڪري هنگلاج وڃڻ وارا ياتري ڪلفٽن ۽ هنگلاج مندر منگهو پير روڊ تي پوڄا ڪانپوءِ هنگلاج لاءِ ويندا آهن.

ڪراچي وارو علائقو به شروع کان وٺي مختلف مذهبن جو آماجگاهه رهيو پر هندو مذهب جو هتي اثر گهڻو رهيو آهي. هيءُ گذرگاهه هئڻ ڪري به هي علائقو اهم رهيو آهي. ڪراچي ۽ ان جي آسپاس اڃ به جبلن، پهاڙن ۽ ٻيلن ۾ اهڙا آثار موجود آهن. جيڪي پوڄا جا مرڪز رهيا هئا، جن ۾ ريڙهي مياڻ لڳ واڱو ڍر، ڊملوٽي بازار نئين جا ڪنارا، اميلاڻو، ڪديجي، پيري، گڏاپ، مهير جبل، منگهو پير وارا علائقا شامل آهن. جتي هندو مذهب جا مقدس عبادتگاهه، تيرٿ آستان ۽ ٻيا آثار موجود آهن جن جو ذڪر ڪتاب جي مختلف بابن ۾ ڪيل آهي. هتي ڪراچي جي قديمي مندرن، مساڻن جو ذڪر ڪيو ويندو جيڪي ويجهي ماضيءَ ۾ موجود رهيا آهن. جن مان ڪجهه آهن ۽ گهڻا ختم ٿي ويا آهن.

هي هڪ لازمي تاريخي عمل آهي ته جيڪڏهن ڪنهن عقيدي جا ماڻهو ڪنهن ڌرتي تان لڏپلاڻ ڪري وڃن تا ته هن عقيدي ۽ انهيءَ عقيدي جي احترام لائق جايون فقط عام جاين ۾ تبديل ٿي وينديون آهن. پوءِ هن جو دارومدار نئين عقيدي اچڻ وارن ماڻهن جي مٿان هوندو آهي ته هو انهن جاين سان ڇا ٿا ڪن. انهن جاين کي پنهنجي عقيدي جي جاين ۾ تبديل ڪيو ڇڏين جيڪو هڪ نامناسب ۽ غلط عمل آهي ته هر مذهب، مذهبي جاين جي تقدس کي برقرار رکڻ جو درس ڏنو آهي. ڇاڪاڻ ته اهي جايون، انهن جي اڏاوت، انهن جو تقدس جو تعلق تاريخ سان آهي. جنهن مان تاريخ جي اڏاوتي فن ۽ مذهبن جي تاريخ جي ڄاڻ ملي ٿي. انهن جي مٽجڻ سان تاريخ جون سچيون شاهديون مٽجي وينديون. دنيا ۾ اهڙا اڻ ڳڻيا شهر آهن جيڪي فقط پنهنجي شاندار تاريخ ۽ قديم جاين ۽ مقدس مذهبي جاين جي سهاري ساهه کڻي رهيا آهن ۽ ڪراچي به انهن شهرن مان هڪ آهي، پر هتي اسان تاريخ سان جيڪو جبر ڪيو آهي اها هڪ الڳ تاريخ آهي.

مذهبي جنون، قبضاگيري ۽ ڌرتيءَ سان ڳانڍاپو نه هئڻ ڪري ڪراچي ۾ آيل ماڻهن هن شهر جي تاريخ، تاريخي جاين ۽ مذهبي جاين سان جيڪو "بلاتڪار" ڪيو آهي اهو معافي جوڳو نه آهي. هن گڏيل "ريپ" ۾ هتان جا ڪجهه مقامي ماڻهو به برابر جا شريڪ آهن. انهن جي بدصورت ارادن انهن جي چهري وانگر هن شهر جي حسن کي بدصورت بڻائي ڇڏيو.

1838ع ۾ ڪئپٽن هارٽ ميرن جي دور ۾ جڏهن ڪراچي جو دورو ڪيو ته هن لکيو ته "ڪراچي شهر ۾ هندوئن جي مندرن جو ڳاڻيٽو 34 آهي."

ڪراچي ۾ گهڻو ڪري وڏن مندرن سان گڏ ڌرم شالائون به هونديون هيون. ڪراچي ۾ موجود سيني پراڻن مندرن، ڌرم شالائن ۽ مسافرن جو منهنجو اهو دورو پياري دوست پپو پريم چند، جيڪو دوستن ۾ ڪامريڊ جي نالي سان مشهور آهي ممڪن ٿي سگهيو. پپو پريم چند سنڌ مندر بچايو ڪاميٽي جو صدر ۽ پنجرا پور ٽرسٽ ڪراچي جو چيئرمين به آهي. جنهن ڪراچي جي مندرن ۽ پنجرا پور ٽرسٽ جي جاين لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي آهي ۽ انهيءَ جدوجهد جي نتيجي ۾ گهڻن مندرن تان قبضا به ڇڏرايا آهن. هر مندر ۾ وينل پوڄاري هتان جا ماڻهو پريم چند کي اکين ۾ ويهارين ٿا. جيڪڏهن پريم نه هجي ها ته مندرن جي گهڻي انگ تائين مون جهڙي ماڻهو جو پهچڻ، فوٽوگرافي ڪرڻ ۽ معلومات وٺڻ ڏکيو هو. ورهاڱي کان اڳ جيڪي مندر هئا. انهن مان هاڻي وجي 50 کن بچيا آهن. جن مان اڌ کان مٿي مندرن تي قبضا آهن ۽ جيڪي بچيل آهن قبضاگير هڪ ٻئي بابري مسجد جي واقعي جي انتظار ۾ آهن. جيڪي مندر بچيل آهن انهن جي گهڻن حصن ۽ مندر سان ڳنڍيل ڌرم شالا وارين جاين تي قبضا ڪيا ويا آهن. منهنجو هي دورو جنوري 2007ع ۾ ٿيو ۽ هيٺ ڏنل مندرن بابت معلومات انهيءَ دوري دوران ملي سگهي. ورهاڱي کانپوءِ هندو آبادين ۾ نوان مندر ۽ گرد وارا به قائم ٿيا انهن مان به گهڻن جو دورو ڪيو ويو. انهن جو احوال هتي ڏجي ٿو.

**شيو مندر ڪلفٽن:**

جنهن کي پاتال رتنيشور مهاديو جو مندر به چيو وجي ٿو. هي ڪراچي جو سڀ کان قديمي مندر آهي. شيو جي هن مندر تي متان ڪا اڏاوت نه آهي. چاڪاڻ ته هي مندر هڪ غار ۾ آهي. اهو مندر ڪنهن دور ۾ سمنڊ جي سطح کان چاليهه فٽ هيٺ جابلو غار ۾ هو. جتي سويم ڀو مهاديو جو لنگ هو. هي مندر ڪلفٽن تي جهانگير ڪوناري پريڊ جي پارڪ واري گيٽ سان لڳ آهي ۽ هن ۾ اندر وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ نهيل آهي. قديم غار کي هاڻي پڪو ڪيو ويو آهي. هن جي آس پاس جيڪي ٽڪريون ۽ پٿون هيون انهن کي به ختم ڪري هاڻي ابن قاسم پارڪ ناهيو ويو آهي. هتي جيڪو مٺي پاڻي جو چشمو وهي ويندو هو هاڻي جيئن ته اڳيان وڃڻ جو رستو بند آهي. غار پڪو ڪيو ويو آهي تنهنڪري چشمي جو پاڻي موٽر وسيلي ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو ته جيئن اهو پاڻي غار جي اندر نه وڃي. پهاڙ ۽ پٿر جو هڪ حصو اڄ به خوبصورت ڏيک ڏئي ٿو. جنهن جي هيٺ اهو غار آهي. جتي سويم ڀو مهاديو جو لنگ موجود آهي. جنهن کي هاڻي شيشي ۾ بند ڪيو ويو آهي. ڪالي ديوي سميت مختلف مورتيون هتي رکيل آهن. غار جي اندر اگربتين ۽ لوبان جي دونهن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڇت سان پائيپ لڳل آهي. مهاديو جو اهو غار جيڪو شيو مندر نالي

مشهور آهي جنهن جو ذڪر رامائڻ ۾ آهي. هي مندر روايت موجب ٻن هزار سالن کان هتي موجود آهي. راجا ڏاهر جي وقت ۾ هي هڪ اهم مندر هو جنهن تي سنڌ وطن جو جهنڊو هميشه لهرائيندو هو. هن کي راجا ڏاهر جو مندر به چيو ويندو هو. چاڪاڻ ته راجا ڏاهر هر چنڊ رات تي هتي پوڄا لاءِ ايندو هو.

شيو ۽ ماتا جا مندر گهڻو ڪري جبلن، غارن ۽ جهنگ ۾ فطرت جي ويجهو هوندا آهن. شيو جي پوڄا اصل ۾ لنگ جي پوڄا آهي. هندو مذهب ۾ وشنو ۽ شيو اهم ديوتا سمجهيا وڃن ٿا. وشنو جيڪو رحم جو ديوتا آهي. محبت جو درس وشنو ئي ڏنو آهي. هن جي اثر ۾ گهڻا ديوتا شامل آهن. انهن سڀني کي وشنو جو اوتار چيو وڃي ٿو. جنهن مان نو (9) اچي چڪا. مهدي ۽ حضرت عيسيٰ وانگر ڏهين جو اچڻ اڃان باقي آهي. نرسنگهه، رام چندر ۽ ڪرشن اهم اوتار آهن.

شيو جيڪو ويدن جي زماني ۾ تباهه ڪارين جو ديوتا هو. پر هاڻي ائين نه آهي. هندومت ۾ هي مهربان ۽ نيڪ ديوتا آهي. جنهن ۾ سڀ خاصيتون موجود آهن. ان کي مهاديو (وڏو خدا) ديوا ديو (خدائن جو خدا)، تريشولم (ترشول کڻڻ وارو)، ٽريڪ ساءَ (ٽن اکين وارو) ۽ اماپتي به چيو وڃي ٿو. شيو جيئن ته پهاڙن تي رهندڙ آهي. تنهنڪري ڪيلاش پربت ان جو مسڪن آهي. جتي هو ڌيان ۾ مصروف آهي. ان جي محبوب سواري ڍڳو آهي. جنهن کي "ننڌي" چيو وڃي ٿو. شيو جي هر مندر ۾ اندر يا ٻاهر ڍڳي جي پٿر جي نهيل مورتي ضرور هوندي آهي. شيو جي زال پاربتي جنهن کي هماليه جي ڌي جو نالو ڏنو ويو آهي. اها هڪ رحم دل ماءُ آهي، هن ديوي جا مختلف روپ آهن. جن ۾ "اوما"، "درگاهه" ۽ "ڪالي" مشهور آهن. وشنو وانگر شيو جا به گهڻا فرقا ٺي ويا آهن. ڪارشڪي ۽ گڻيش شيو جا اولاد آهن. لڪشمي، گڻيش جي گهرواري آهي. برهما، وشنو ۽ شيو هندوئن جا وڏا ديوتا آهن. انهن جي حيثيت جو تعين ڪرڻ ڏکيو هو. تنهنڪري انهن کي هڪ جاءِ تي ديوتا ڪيو ويو جنهن جا ٽي صورت آهن. جنهن کي "تري مورتي" جو نالو ڏنو ويو آهي.

ڪلفٽن واري شيو مندر جي ويجهو هڪ ٽڪري تي عبدالله شاهه غازي جو مقبرو آهي. هي به قديم مزار آهي. اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته رام ۽ سيتا بن واس دوران هنگلاج ويندي انهيءَ مندر ۾ ٽڪيا ٽيڪي، پراڻا ڪانپوءِ اڳتي ويا هئا.

**لڇمي نارائڻ مندر ڪياماڙي:**

لڇمي نارائڻ مندر نيٽي جيٽي پل جي ويجهو آهي. مائي ڪلاچي باءِ پاس ٺهڻ ڪانپوءِ هاڻي هي مندر هن کان هيٺ نظر اچي ٿو. جنهن ڏانهن وڃڻ لاءِ پل تان ڏاڪڻ به آهي ۽ گاڏين لاءِ بيچ لگزري هوٽل واري رستي کان KPT بلڊنگ وٽان مائي ڪلاچي باءِ پاس هيٺان رستو مندر تائين وڃي ٿو.

هن مندر کي ورن ديوتا جو مندر، اڏيرو لعل جو مندر به چيو ويندو آهي. هتي ورهاڱي کان اڳ عورتن ۽ مردن لاءِ ڌار ڌار اشنان گهاٽ هوندا هئا. عورتن واري اشنان گهاٽ تي هاڻي پوڄارين گهر ٺاهي ڇڏيا آهن. مندر جي هڪ پاسي هڙمان (هنومان) لاءِ به جاءِ ٺاهي ويئي آهي. هڪ پاسي ورن ديوتا جو مندر ۽ ٻئي پاسي ان سان گڏ هڙمان (هنومان) جو مندر آهي ۽ سامهون ڪريڪ جنهن جو صاف سٿرو پاڻي ڪنهن زماني ۾ مندر جي ڏاڪڻن سان لڳندو هو. جيڪو اڄ به لڳي ٿو پر پاڻي هاڻي بندرگاهه ڪري گدلو ٿي ويو آهي. نيٽي جيٽي جو پل هندوئن ڪانسواءِ نوروز ۽ حسين جي چاليهه ڪري تازيانا آٽڻ ڪري به مشهور آهي. جتي نوروز وارن ڏينهن ۾ به رش هوندي آهي. جتي پارسي، هندو ۽ اسماعيلي خوجا پنهنجي من جون مرادون هڪ پني تي لکي ڳوهيل اٽي ۾ وجهي سمنڊ جي نظر ڪندا آهن ۽ شيعا حسين جي تازئين کي هتي ئي سمنڊ جي نظر ڪندا آهن. ڪنهن دور ۾ ڪياماڙي جي گودي انهيءَ جاءِ کان اڌائي ميل پري هئي پر هاڻي مندر گودي جي وچ ۾ آهي.

ڪيپٽن هارٽ ميرن جي وقت ۾ جڏهن ڪراچي جو دورو ڪيو ته هن مندر بابت لکي ٿو ته ”ڪراچي جي بندرگاهه ويجهو هن مندر ۾ مورتيون نه آهن. هتي هڪ ڏيئو مسلسل ٻرندو رهي ٿو. ٽالپر انتظاميا پاران ماهوار ساڍا ست سير تيل هن مندر لاءِ ڏنو ويندو آهي.“

پراڻن زمانن ۾ هندوئن ۽ مسلمانن جا ٻيڙا جڏهن سمنڊ ۾ سفر لاءِ روانا ٿيندا هئا ته هن مندر تي نذرانو پيش ڪري پوءِ سفر تي روانا ٿيندا هئا. مندر ۾ پوڄا پاٺ جو سلسلو هلندڙ هو. مندر جي پراڻي جاءِ اڄ به دل کي وڻندڙ لڳي ٿي پاسي ۾ وڏن پپرن جي وڻن واري جاءِ کي هاڻي ”ڪي پي ٽي“ جي حوالي ڪيو آهي. جيڪو ڪنهن دور ۾ مندر جو حصو هو. جتي هاڻي فوڊ اسٽريٽ ٺاهڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي.

**دريا شاهه مندر منهوڙو:**

هي به ڪراچي جو قديمي مندر آهي. هڪ رايو اهو به آهي ته ديبل بندر انهيءَ جاءِ تي هو جيڪو سمنڊ ۾ اڃي ويو آهي ۽ هي مندر ان سان لڳ هڪ پهاڙي چوٽي تي هوندو هو ۽ ديبل جو سڀ کان وڏو مندر هوندو هو. محمد بن قاسم جي حملي وقت هن مندر کي تباهه ڪيو ويو ۽ پوءِ هندوئن انهيءَ جاءِ تي ٻيهر اهو مندر اڏيو. انگريزن جي دور ۾ هتي هر آتوار تي ميلو لڳندو هو. وڏو ميلو بسنت جو لڳندو هو. ٻيٽ ۾ چئني پاسي کارو پاڻي آهي ۽ مندر جي کوهه ۾ مٺو پاڻي موجود هوندو هو. ميرن جي دور ۾ هتي مسجد ۽ انگريزن جي دور ۾ گرجا گهر تعمير ڪيا ويا. هتي ميرن پاران لائيٽ هائوس ۽ انگريزن پاران واٽر بريڪ جيڪو پٿرن جي ديوار سان ٺهيل آهي، ٺاهيا ويا. واٽر بريڪ جو منظر انتهائي خوبصورت هوندو هو. هن مندر ۾ به ڏيئو مسلسل

ٻرندو رهندو هو. ميرن جي سرڪار پاران هن مندر لاءِ ٻه تيل ڏنو ويندو هو. مندر تي هاڻي مسلمانن جو قبضو آهي ۽ هن تاريخي مندر کي تباهه ڪيو پيو وڃي. مندر تي پناڻن جو قبضو آهي. هن جي هڪ حصي کي هو ڪاڪوس طور استعمال ڪري رهيا آهن. مقدس جاين جي هن ڪان مٿي بي حرمتي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

دريا پنٿين جي مندر ۾ گهڙو ڪري پاڻي وارين جاين تي هوندا آهن. هر نئين چنڊ تي جل پوڄا لاءِ سمنڊ/درياهه/واهه چشمي/ ڍنڍ جي پاڻي تي چانورن، مٺائين، ڪاڏي جي شين، ميون جي پرسات ورهائڻ ڪانسواءِ ڏيئن ٻارڻ سان پوڄا ڪئي ويندي آهي. انهن جي مندر ۾ دائمي ڏيئو ٻرندو رهي ٿو.

**<u>جهولي لال/ هڙمان مندر ڪارو در:</u>**

سيٺ نائون مل لکي ٿو ته ”1793-94ع ۾ جڏهن مُلا شفيع علي خان ڪراچي ۾ قلات جي خان پاران نواب هو. هو هڪ ڪٽر مسلمان هو. هڪ ڀيري ڪنهن ڳالهه تان هن ”دريا ٿان“ نالي هندوئن جي مندر تي حملو ڪيو، مندر ۽ اسان جي گهرن جي وچ ۾ مسجد اڏي ورتي جنهن تي هندوئن ۽ مسلمانن جو جهيڙو ٿيو“.


ڪاري در ۾ موجود جهولي لال (دريا ٿان) مندر جنهن جي گهڻي حصي تي قبضو ٿي چڪو آهي

**ڪاري در ۾ موجود جهولي لال (دريا ٿان) مندر جنهن جي گهڻي حصي تي قبضو ٿي چڪو آهي.**

ڪاري در لڳ ميري ويدن ٽاور ڪان هيرس روڊ (آغا خان روڊ) تي ٽرڪ اسٽينڊ لڳ هڪ مندر آهي. بابري مسجد تي حملي ڪان پوءِ گڊز ٽرانسپورٽ جي ڪالا خان نيازي ۽ هڪ هندو بابو مهاراج ملي ڪري مندر تي حملو ڪيو ۽ مندر جي وڏي حصي تي قبضو ڪيو. هاڻي مندر جي هڪ پاسي گڊز ٽرانسپورٽ جي آفيس ٻئي پاسي دوڪان ۽ هڪ چانهه جي هوٽل آهي. مندر جي ڪمري کي ڇڏيو ويو آهي جنهن ۾ هڪ هندو فيملي رهي ٿي. مندر جي اولهه پاسي واري جاءِ اڃان خالي آهي هتان جا مسلمان هڪ ٻئي بابري مسجد جي حملي جي انتظار ۾ آهن ته جيئن باقي حصي تي قبضو ڪيو وڃي. جنهن ۾ بابو مهاراج جو ساٿ انهن کي هوندو. هي اهو مندر آهي. جنهن تي

مُلا شفيع 1794ع تي حملو ڪيو هو ۽ اها مسجد جيڪا هتي ٺهرائي ويئي هئي. اُها قياس آهي تہ هتي موجود ناخدا مسجد آهي چاڪاڻ تہ اها ڪراچي جي پراڻي مسجد آهي. هن مندر جي سامهون ٽاور ڏانهن ڪڙڪ اينڊ ڪو جي هيڊي بلڊنگ سامهون اولهہ پاسي پاڪڙا هوٽل واري پوئين گلي ۾ ناخدا مسجد موجود آهي جنهن سان لڳ قديم مساڻ آهي. جنهن کي تالو لڳل هو. مساڻ سان لڳ وڏي شيشي واري جاءِ بہ مساڻ جو حصو هو پر اوقاف کاتي ۽ بلڊرز مافيا وسيلي قبضو ڪري ان کي وڪرو ڪيو ويو آهي.

**ڪالي ماتا مندر ڪارو در:**

هي بہ قديمي مندر آهي ۽ ڪاري در جي بولٽن مارڪيٽ روڊ تي اچي قبر (سيد نور شاهہ) جي درگاهہ سامهون آهي. خوبصورت مندر جي وڏي حصي تي قبضو ڪيو ويو آهي. هتي هڪ ڌرم شالو بہ هو. جنهن تي قبضو ڪري رهائشي جايون ناهيون ويون آهن. ڌرم شالي جي باغ وارو حصو موجود آهي. پراڻي پٿر جي ديوار ۾ ٻڙ، پپر، نم ۽ کجور جا شاهي وڻ موجود آهن. مندر آباد آهي. هتي بولٽن مارڪيٽ روڊ تي سيٺ شيورام رکيامل چيريٽيبل وديشي ڊسپينسري جي پراڻي ۽ خوبصورت بلڊنگ موجود آهي اها ڊسپينسري انهيءَ مندر جي ڌرم شالا سان گڏ هئي. اڄ بہ موجود آهي، جنهن جي نالي جي هيٺيان ڪنهن حڪيم محمد حفيظ الله خان لکنو واري جي مطب جو بورڊ لڳل آهي. مندر جي ويجهو بمبئي ڪلاٿ مارڪيٽ موجود آهي. جيون داس بلڊنگ، راڌا مينشن، گلاب چند ميرواڻي پليس، منو رام جنڪشن ۽ ساڌ رام جي شفاخاني تي قبضا ٿي چڪا آهن.



**ڪالي ديوي مندر موسيٰ لين جنهن تي قبضو ڪيو ويو آهي**

**پاڳناري (پاڳناڙي) مندر مٺو در:**

ڪکري گرائونڊ ۽ دادا مينشن جي سامهون هڪ وڏي علائقي تي پاڳناڙي مندر هوندو هو. جيڪو هاڻي محدود ٿي ويو آهي. جتي ڌرم شالو بہ هوندو هو. هي ڪراچي جو قديمي مندر آهي. ايمبنڪمينٽ روڊ (نواب مهابت خانجي روڊ) تي هي مندر آباد آهي ۽ ينگ هندو ويلفيئر جي هٿ

هيٺ آهي. ڌرم شالي ۾ مندر جي گهڻي حصي تي قبضو ڪري دوڪان ۽ گهر ناهيا ويا آهن. هڪ حصي تي پاڪ انٽرنيشنل ٽرانسپورٽ جي آفيس آهي. فقط مندر واري جاءِ ڇڏيل آهي. باقي خوبصورت جاءِ تي قبضو ڪري هن کي بدصورت ڪيو ويو آهي. مندر جي اندر جو ماحول صاف سٿرو ۽ وڻندڙ آهي.

**شيو جڳديش مندر ۽ شيلي واوڙي گهاٽ:**

منني در واري علائقي ۾ شاهه عبداللطيف روڊ (آتما رام داس روڊ) تي ڪلري ڏانهن ويندي آغا خان وومين اسپتال ڪانپوءِ گٽر نالي لڳ هيڏي پٿر جي قديم جاءِ آهي. جيڪا هاڻي پنهنجي عمر پوري ڪري چڪي آهي هن کي شيلي واوڙي گهاٽ چيو ويندو هو. هاڻي هن کي شيلي واوڙي ڪمپائونڊ چيو وڃي ٿو جتي هندو رهن ٿا. جيڪو گٽر نالو آهي اها لياري نئين آهي. لياري نئين اڳ هتان وهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي ۽ اهو اشنان گهاٽ لياري ندي جي ڪپ تي هو جنهن سان لڳ شيو مندر هو. آگسٽ 1999ع پي پي اڳواڻ عزيز ميمڻ، هڪ هندو جنهن جو ذڪر پهرئين ڀ ڪيل آهي بابو مهراج، ڪرشن ۽ حبيب نيڪيدار، ايويڪيو پراپرٽي ٽرسٽ جي ملي ڀڳت سان شيو مندر تي قبضو ڪري هتي هڪ پلازه اڏي ڇڏي آهي.

**شيو جڳديش مندر**

هي مندر ڪي. ايم سي جيLy 733 واري پلاٽ تي هو. جنهن تي پنجرا پور ٽرسٽ جي چيئرمين پيو پريم چند جيڪو سنڌ مندر بچايو ڪاميٽي جو صدر ڀ آهي. آل هندو شيوادري ايسوسيئيشن جي صدر اشوڪ جيٺ ملاڻي پريس ڪانفرنس ۾ احتجاج ڪيا پر انهن احتجاجن جو ڪجهه ڀ نه ٿيو. چاڪاڻ تہ پراڻي ڪراچي ۾ 800 کان مٿي هندوئن جي سماجي ۽ مذهبي ڪمن وارن جاين جنهن ۾ ٽرسٽن، مندرن، ڌرم شالائن، اسپتالن، مساڻن جون جايون آهن جيڪي ايڪيو پراپرٽي ٽرسٽ بورڊ آف پاڪستان جي حوالي آهن ۽ 9 آگسٽ 1963ع ۾ دي گزيٽ آف پاڪستان ۾ انهن جا تفصيل ڀ ڏنل آهن. اهي اربن جي ملڪيت ۾ آهن. جنهن تي قبضي ۾ وڏي ليول تي انتظاميا، ايجنسيون ۽ بلڊرز مافيا ملوث آهي ۽ آهستي آهستي انهن ايجنسين پاران فقط هڪ ڌمڪي تي "جيڪڏهن "را" جو ايجنٽ ٿي توکي مرڻو نہ آهي تہ چپ ٿي." جنهن جي ڪري احتجاج ڪندڙ هندو ۽ انهن مندرن ۽ جاين ۾ رهندڙ آگرين تي ڳڻ جيترا هندو هيسيل آهن ۽ هندوئن جا چونڊيل نمائندا خود هن خير جي ڪم ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن. 1947ع ڪانپوءِ جن جاين تي قبضو ڪيو ويو. جن مندرن کي ناهيو ويو. جن ڌرم شالائن ۽ شمشان گهاٽن کي ختم ڪيو. اهي انهيءَ 800 واري لسٽ ۾ شامل نہ آهن.

**ڪالي ديوي مندر موسيٰ لين مٺو در:**

هي مندر به قبضو ڪيل جڳديش شيوا مندر جي سامهون هوندو هو ۽ لياري نئين جي اصلوڪي شاخ لڳ هوندو هو. پر هاڻي ختم ڪيل شيو مندر ۽ ڪالي مندر تي قبضو ڪيو ويو آهي. جڏهن اسين هتي پهتاسين ته هڪ پناڻ سبزي وارو هتي موجود هو ۽ جنهن جو ريڙهو مندر جي ٿَلهِ در سامهون لڳ هو ۽ اندر خالي سبزي جا ڪوڪا ۽ پناڻ جي سمهڻ واري کٽ رکيل هئي. پناڻ جو چوڻ هو ته مونکي سيٺ هتي ويهاريو آهي. پر سيٺ جو نالو پناڻ سميت واڙي وارا وٺڻ لاءِ تيار نه هئا. مندر سان گڏ پوئين پاسي ڪنهن شيدي بابا جو مزار آهي. جنهن جي ديوار وڌائي مندر جو ڪجهه حصو ان ۾ شامل ڪيو ويو آهي مندر جون قديمي ديوارون ڊهي رهيون هيون. پپو پريم جيڪو هن مندر جي ياترا ۾ منهنجو جو سونهون هو تنهن ٻڌايو ته احتجاج ڪانپوءِ ان کي انهيءَ حالت ۾ ڇڏيو ويو آهي. اجان به وقت آهي جو هن قديم مندر جي بچيل حصي کي بچائي مرمت ڪري محفوظ ڪيو وڃي.

**ست نارائڻ مندر ڪاغذي بازار مٺو در:**

هي مندر به 1999ع ۾ ايويڪيو پراپرٽي پاران هڪ ٺيڪيدار حبيب کي 30 سالن جي ليز تي ڏنو ويو آهي. جنهن تي به اقليتي ماڻهن احتجاج ڪيو. مندر جو گهڻو حصو بلڊرز مافيا تباهه ڪيو آهي. هي مندر به ڪنهن وقت رات جي پيٽ ۾ ڊهي ڪنهن پلازه ۾ تبديل ٿي ويندو. چاڪاڻ ته مندر مان مورتيون هٽايون ويون آهن ۽ سنياليندڙ پوڄاري کي ڀڄايو ويو آهي. هي مندر ڪجور بازار واري مندر جي نالي سان مشهور آهي.

**شري رام ديو جي پير مندر سلاٽر هائوس شاهه بيگ لائين لياري:**

هي به تمام پراڻو مندر آ هي ۽ آس پاس ۾ هندوئن جي گهڻائي ڪري آباد آهي. ڪاٺياواڙي هريجن جماعت لياري جي حوالي آهي ۽ سني حالت ۾ آهي جتي سرڪاري ڪوارٽرن ۾ جيڪي انگريزن جي دور ۾ ناهيا ويا هئا. هتي مائسري (مهيشوري) ۽ عيسائي گڏ رهن ٿا. جتي تمام گهڻي گندگي هئي. ماڻهن جي شڪايت هئي ته مندر جي سار سنڀال لاءِ حڪومت ڪجهه به نه ٿي ڪري.

گروباپو مندر:

هي مندر به انهيءَ پاڙي ۾ آهي ۽ هي به پراڻو مندر آهي ۽ آباد آهي. هي مندر به ڪانياواڙي هريجن جماعت لياري جي سنڀال هيٺ آهي.
ورهاڱي کان اڳ ڪارو در، منو در، ليمارڪيٽ ڪانسواءِ پيم پورو، رنڇوڙ لائين ۽ رامسوامي وارو علائقو، گارڊن ۽ سولجر بازار تائين هندو اڪثريتي وارو علائقو هو. جتي به گهڻا مندر ۽ ڌرم شالا هوندا هئا. جنهن به شڪل ۾ موجود آهن انهن جو احوال هن ريت آهي.

## اڪال پونگو مندر پيم پورو:

هي پراڻو مندر آهي ۽ اسپينسر اکين واري اسپتال جي سامهون سيتل ڪمپائونڊ ۾ آهي. هن پوري علائقي کي ڪنهن وقت اڪال پونگو چيو ويندو هو. هي وڏو مندر هو پر خود هتان جي رهندڙ هندوئن جيڪي سيتل ڪمپائونڊ ۾ وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. مندر کي ڊاهي هتي گهر اڏيا آهن ۽ مندر کي محدود ڪري هڪڙي ڪمري تائين ڪيو ويو آهي. هن مندر تائين پهچڻ ۾ سوڙهين گهٽين مان گذري وڃڻو پوي ٿو ۽ گهٽي علائقي تائين گهٽين جي فرش تي اجا مندر جا خوبصورت ٽائلز لڳل آهن. هي مندر پنهنجي اڏاوت ڪري لي مارڪيٽ ۽ رنڇوڙ لائين کان نظر ايندو هو. سيتل پاڙي ۾ به ننڍا مندر جيڪي ورهاڱي کانپوءِ ناهيا ويا آهن انهن ۾ هڪ گڻيش ۽ ٻيو هڙمان (هنومان) مندر آهن.

## شيو مندر ۽ ديوي مندر پيم پورو:

لي مارڪيٽ جي پوئين پاسي نوراني بس اسٽاپ جي سامهون اوپر پاسي مندر جا منارا نظر اچن ٿا. هي مندر خوبصورت اڏاوت ڪري سنو لڳي ٿو. قديم دروازي کان اندر داخل ٿبو ته ٻه ڪمرا مندر لاءِ مخصوص آهن. هتي سار سنڀال لاءِ هڪ هندو فيملي رهي ٿي. مندر سان لڳ هڪ ٻئي ڪمپائونڊ ۾ ديوي جي مندر به آهي ٻئي مندر آباد آهن. پر انهن جي مرمت ضروري آهي نه ته ٻين جاين وانگر هي قيمتي اثاثو به ختم ٿي ويندو.

## نانگ ناٿ مندر پيم پورو:

پيم پوري جي شيو مندر سان گڏ هڪ سوڙهي گهٽي ۾ اتر پاسي نانگ ناٿ مندر آهي جنهن تي قبضو ٿيل هو مندر واري ڪمري اندر به ماڻهو ٻوهارا ناهي رهيا هئا. مسجد تي نهيل گنبذ لي مارڪيٽ کان رنڇوڙ لائين ويندي رستي تان به نظر ايندو آهي. مندر سان گڏ خالي ڪمپائونڊ به

آهي. جيڪو مندر جو حصو آهي. هن تي اجا قبضي جون تياريون ٿي رهيون آهن. چاڪاڻ ته انهن ۾ مزدورن ڪانسواءِ ٻيو هتي ڪجهه به نه هو.

**سيتلا ماتا مندر پيم پورو:**

نانگ ناٿ مندر جي پويان سيتل ڪمپائونڊ ڏانهن اوپر اتر پاسي سيتلا ماتا جو پراڻو مندر آهي جنهن جي ڪجھ حصي تي قبضو ڪيل هو مندر ڪي هڪ هندو فيملي آباد ڪري ويٺي هئي. نوراني بس اسٽاپ جي سامهون پيم پوري جي پوري علائقي ۾ نيپئر روڊ تائين ۽ ٻئي پاسي هاٽوڪي رسالا پوليس ٿاڻي کان بندر روڊ تائين هندو رهندا هئا. پيم پوري جي بچيل انهن مندرن جي اڏاوت انتهائي خوبصورت آهي. وقت گذرڻ ڪانپوءِ به اڏاوت جو حسن موجود آهي.

**شيو مندر جاپاني روڊ پيم پورو:**

راڪسي سينيما کان هڪ رستو نيپئر ڏانهن وڃي ٿو ڪمار سينيما ۽ نيپئر روڊ سان ملي ٿو جنهن کي جاپاني چيو وڃي ٿو. هي علائقو ڳائڻين، بلبل هزار داستان وارن ڪري مشهور آهي. پراڻن جاين وارو هي علائقو تيزي سان ڊهي رهيو آهي. انهيءَ روڊ تي راڪسي سينيما سامهون هڪ پڙيانگ جاءِ ۾ هڪ مندر آهي جنهن تي قبضو ٿيل هو. وسيع ڪمپائونڊ ۾ ڪجھ مزدور رنگ ۽ ڪاغذ جي گتن کي بنڊلن کي جمع ڪري رهيا هئا. ٽن منزلن واري انهيءَ جاءِ ۾ مندر سان گڏ ڌرم شالو هو جنهن جو مٿيون حصو ختم ٿي چڪو هو. هيٺ رهائشي ڪمرا اڃا سلامت هئا. روڊ جي پاسي مندر واري بلڊنگ جي هڪ حصي تي آل محمد امام واڙو ناهيو ويو آهي.

**شيوالا (سيتلا) ماتا مندر:**

نيپئر روڊ کان نڪرنڊڙ رنڇوڙ لائين ڏانهن ويندڙ لارنس روڊ تي رسالا پوليس جي سامهون پراڻي بلڊنگ ۾ اهو مندر آهي. مندر آباد هو ۽ صاف سٿرو هو، آسپاس بلڊنگ جي حالت خراب هئي. هتي به مندر سان گڏ ڌرم شالو هو جيڪو ختم ٿي چڪو آهي. مندر جي آس پاس جاين تي جيڪي مندر جا حصا هئا قبضا ٿي چڪا آهن. سنڀال لاءِ هڪ هندو فيملي رهي ٿي. هي مندر به بابري مسجد واري علائقي ڪانپوءِ ٻين وانگر بند ٿيو پر ٽرسٽ جي جدوجهد سان ان کي ٻيهر کوليو ويو آهي. هن جي سامهون نانڪ واڙي جو علائقو آهي. پيم پوري واري علائقي ۾ اهي مندر بچيل آهن. جن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان.

رنڇوڙ لائين ۾ ڪي. ايم. سي ورڪشاپ سان گڏ نارائڻ پوري جو علائقو آهي. جيڪو ڪي. ايم. سي اسپورٽس ڪامپليڪس جي سامهون نڪرنڊڙ روڊ هيرا لال گنتا جي هڪ هٽ تي هندوئن، عيسائين ۽ سکن جي آبادي آهي. هتي جيڪي مندر بچيل آهن انهن جو احوال هن ريت آهي.

**<u>راما پير مندر، جوگ مايا مندر، نول صاحب گرو مندر نارائڻ پورا:</u>**

راما پير جا هتي ٻه پراڻا مندر آهن ۽ هندوئن جي آبادي ڪري آباد آهن. انهيءَ آبادي ۾ جوگ مايا مندر ۽ نول صاحب گرو مندر آهي جيڪي چارئي پراڻا مندر آهن ۽ سٺي حالت ۾ آهن. هتي 1910ع جو ٺهيل هڪ گرد وارو "گروگرنات صاحب" ٻه آهي. جنهن جي سار سنڀال سک سيا جي حوالي آهي. سٺي حالت ۾ آهي. گرد واري سان گڏ ڀندال هال ٻه آهي. گرد واري جي سامهون هڪ ننڍو گرجا گهر ٻه آهي. نارائڻ پوري ۾ ورهاڱي کانپوءِ ٽي ٻيا مندر ناهيا ويا آهن. جيڪي هڪ جاءِ تي نارائڻ پورا جي مرڪزي گيٽ جي ڪاٻي هٽ تي الڳ الڳ ٽن ننڍن ڪمرن تي ٻڌل آهن. جن مان هڪ ڪالي ماتا مندر، ٻيو هڙمان جي بجرنگ بلي مندر ۽ ٽيون جڳت جوڳئي ماتا مندر آهن. نارائڻ پورو ڪنهن وقت صاف سٿرو ۽ ڪجهه گهرن تي ٻڌل علائقو هو. هاڻي سوڙهين گهٽين، تنگ گهرن وارو گندو علائقو آهي.



**نارائڻ پورا ۾ 1910ع جو ٺهيل گروگرنات صاحب گرد وارو**

**<u>سوامي نارائڻ مندر:</u>**

مندر جي هاٽوڪي جاءِ 1885ع ۾ اڏي ويئي آهي. ماضي وانگر هن وقت ٻه ڪراچي جو اهم مندر آهي. هي مندر بندر روڊ تي ڪي. ايم. سي بلڊنگ جي سامهون آهي. جتي اڄ ٻه هندو رهن ٿا ۽ هي اهم مرڪز ٻه آهي. جتي هندو مذهب جا سڀ مذهبي ڏڻ انتهائي جوش خروش سان ملهايا وڃن ٿا. 1947ع ۾ هندستان وڃڻ لاءِ هندوئن جي پناهه ۽ وڃڻ جي انتظامن ۾ هن مندر جو وڏو حصو رهيو آهي.

هن سان لڳ گاڏي ڪاتي ۾ ڪنهن دور ۾ سکن جو گرد وارو هو جيڪو ختم ڪيو ويو. جيڪو رام باغ گاڏي ڪاتي واري گرد واري طور مشهور هو. رام باغ ۾ سيوا ڪنج هاسٽل جي سامهون واري گهٽي ۾ جتي هاٽي فرنيچر مارڪيٽ آهي ۽ آرام باغ مسجد آهي. انهيءَ گهٽي ۾ درٻار ماتا جو مندر آهي. هاٽي بند پيو آهي. هن جي هڪ حصي ۾ ايجوڪيشن آفيس ناهي ويئي هئي ۽ گهٽي حصي تي قبضو ڪري دڪان ۽ گهر ناهيا ويا آهن.

**اڪال پونگو مندر رتن تلاءُ:**

رتن تلاءُ وارو علائقو جيڪو ٻه هندو اڪثريتي وارو علائقو هو ۽ رام باغ سان لڳ اين. جي. وي هاءِ اسڪول جي سامهون وارو علائقو آهي. جيڪو 6 جنوري 1947ع وارن وڳوڙن ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر علائقو هو. جتي ٻين مندرن ڪانسواءِ اڪال پونگو مندر ٻه هو جتي 2 سک ان ڏينهن ماريا ويا. سماجي ڪارڪن سنتوش ڪمار جو چوڻ آهي ته پريڊي ٽاٽي واري گهٽي ۾ مين روڊ تي پريڊي ٽاٽي جي سامهون جيڪو مندر بند پيل آهي اهو اڪال پونگو مندر آهي. مندر جي پٿرن واري خوبصورت عمارت موجود آهي. هن جي آسپاس ٻين جاين تي قبضا ڪيا ويا آهن. ڪورٽ ۾ سکن ۽ هندوئن جي جهيڙي ڪري مندر بند آهي.

**شيو مندر رتن تلاءُ:**

پريڊي ٽاٽي واري رستي تي اڪال پونگي مندر جي سامهون هڪ رستو سعيد منزل بندر روڊ ڏانهن وڃي ٿو انهيءَ جي ساڄي هٿ تي هڪ پراڻي جاءِ ۾ مندر موجود آهي. پر بند پيو آهي. ان جي آسپاس قبضا ٿي چڪا آهن. مندر سان گڏ خالي پلاٽ تي ٻه موٽر سائيڪلين جي ورڪشاپ جو سامان پيل آهي. اها ٿي منزلن واري جاءِ آهي.

**سيتلا ماتا مندر رتن تلاءُ:**

فريئر روڊ برنس روڊ ڏانهن ويندي ساڄي هٿ تي هڙمان جي مندر لڳ سوڙهي گهٽي ۾ اهو مندر موجود آهي. پر دروازي تي لکيل آهي. ”مائي جنت ڪا تازيا“. مندر جي پسگردائي ۾ مندر جي زمين تي دڪان ٺهي ويا آهن مندر جو ڪمرو بچيل آهي جنهن ۾ ٽي سماڌيون هيون. مندر جي هڪ ڪنڌ تي مائي جنت جي تازئي جو الم رکيل هو ۽ ڪجھ مزدور مندر ۾ رنگ جو سامان رکي وينا هئا. مائي ٻه هتي مندر اندر رهي ٿي. اهو مندر ڪنهن ٻه وقت امام واڙي ۾ تبديل ٿي ويندو.

**گروپنج مکي هڙمان مندر سولجر بازار:**

سولجر بازار واري علائقي ۾ سيوڪ ورسيا ڪميونٽي مندر، پرساد وارو مندر ۽ ڪالي ديوي مندر ختم ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي فقط گرو پنج مکي هڙمان (هنومان) جي مندر موجود آهي. جيڪو گرومندر جي نالي سان مشهور آهي. (سولجر بازار وارو گرو پنج مکي هڙمان مندر ديوان ڀڳوان سنگهه بسنت سنگهه جوڙيو هو.) مندر اڳ ۾ بند پيل هو پر اقليتي ڪميونٽي جي احتجاج ڪانپوءِ هن کي کوليو ويو آهي. مندر صاف سٿرو آباد هو پوڄاري مهاراج هتي موجود هو. هندو يائر پوڄا ۾ مصروف هئا. هي قديم مندر، اڏاوت جي ڪري خوبصورت مند آهي. هن مندر جي ڪري گرو مندر وارو علائقو اڄ به انهيءَ نالي سان سڏجي ٿو. هي واحد مندر آهي. جنهن جا سيئي حصا بچيا آهن آس پاس هندوئن جي گهرن تي قبضا ٿي چڪا آهن. هتي هڪ پاڻي جو حوض خوبصورت ٽائلز سان ورهاڱي ڪانپوءِ به 70 واري ڏهاڪي تائين موجود هو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي.

**شيو مندر اسلاميه ڪاليج:**

اسلاميه ڪاليج ڪان جيل ڏانهن ويندي ڪاٻي پاسي پهرئين گهٽي ۾ مندر آهي. روڊ جي پاسي مندر جي پلاٽ تي قبضو ڪري هڪ ميمڻ سيٺ شو روم اڏي رهيو آهي. اها جنوري 2007ع جي ڳالهه آهي. بچيل مندر سٺي حالت ۾ آهي. هتي هڪ پوڄاري پنهنجي خاندان سان رهي ٿو. هن تي به قبضي لاءِ گهڻا حملا ٿيا پر اقليتن جي سخت احتجاج ڪري رهيل حصي کي ڇڏيو ويو. انهيءَ مندر جي ٽرسٽ جا ورهاڱي ڪان اڳ هتي 14 بنگلا هئا انهن تي قبضو ٿي چڪو آهي. مندر لڳ کوهه به موجود آهي.

ماڙيپور ڪراچي جي پراڻي آبادي آهي هتي هندو هريجن جي وڏي آبادي رهي ٿي روڊ جي ٻنهي پاسي انهن جون آباديون آهن. انهن ڪانسواءِ هتي سنڌي ۽ بلوچن جو وڏو انگ رهي ٿو. جيڪي سڀ انگريزن جي دور ۾ ماڙيپور لڳ لوڻ جي ڪارخانن ۾ مزدوري ڪندا هئا. هتي چار پراڻا مندر ۽ ٻه نوان مندر آهن. جن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

**پولي ناٿ شوي شنڪر مندر ۽ واڄرو مندر ماڙيپور:**

هي مندر ماڙيپور ۾ ٻلهيجي (هاڪس بي) ڏانهن ويندي ساڄي هٿ تي روڊ سان آهن. هن مندر جي هاڻوڪي جاءِ 1884ع جي تعمير ڪيل آهي. مندر سادو صاف سٿرو آهي. جيڪو پاڪ مائيسري

پنجائت جي حوالي آهي. انهيءَ مندر جي اتر پاسي فٽبال ميدان جي سامهون هڪ پراڻو مندر ”واڇرو مندر“ موجود آهي. هن ٿوري فاصلي تي راما پير مندر آهي جيڪو 1955ع جو ٺهيل آهي.

**راما پير مندر ۽ هڙمان جي مندر ماڙيپور:**

رستي جي ڪاٻي هٿ تي مائيسرين (مهيشورين) جي آبادي ۾ راما پير مندر ۽ هڙمان جي مندر پراڻا مندر آهن. مندر جي آسپاس خود هتان جي ماڻهن قبضا ڪري گهر ٺاهيا آهن ۽ مندرن کي هڪ ڪمري تائين محدود ڪيو ويو آهي. سوڙهين گهٽين ۾ رهندڙ انهن غريب ماڻهن جا مندر به مونکي غريب لڳا. انهن تي ڪا به خوبصورت عمارت اڏيل نه هئي مندر به غريبن جي گهرن وانگر هئا.

ماڙيپور روڊ تي گريس موسيٰ محلو جيڪو ماڙيپور ڪان اڳ وارو علائقو آهي هتي تازو راما پير جو مندر ٺاهيو ويو آهي. جنهن سان گڏ مندر واري چارديواري ۾ هڪ سوڙهي ڪمري ۾ هڙمان جي به قيد هو. اهي ٻئي مندر ويجهڙ ۾ ٺاهيا ويا آهن.

گانڌي گارڊن جي سامهون لارنس روڊ (نشتر روڊ) تي هڪ ساڌو جي سماڌي آهي. هي ساڌو ڪولهار پور جي راجا جو ننڍو ڀاءُ هو. جيڪو 1878ع ۾ ڪراچي ۾ ديهانت ڪري ويو ته ان جي آشرم ۾ اها سماڌي ناهي ويئي آهي.

**هنگلاج ديوي مندر منگهو پير روڊ ميوا شاهه:**

پراڻي گوليمار ۾ حسن اوليا وليج لڳ منگهو پير روڊ تي هندوئن جو پراڻو مساڻ ۽ هنگلاج ديوي جو مندر موجود آهن جنهن سان لڳ ميوا شاهه قبرستان آهي. مساڻ جو گهڻو حصو قبرستان ۽ رهائشي جاين ۾ تبديل ٿي ويو آهي. جيڪو بچيل آهي اهو استعمال ۾ آهي. ان مساڻ ۾ ڪنهن دور ۾ چار وڏا پٿر جا ٿنڀا هئا جن تي سنسڪرت ٻولي ۾ ڪراچي جي هڪ راجا رام ديو ۽ قلات جي خان جي وچ ۾ لڳل جنگ جو احوال لکيل هوندو هو. هنگلاج ديوي نالي ڪراچي ۾ اهو واحد مندر آهي، هنگلاج ياتري هنگلاج ويا هئا ۽ هنگلاج ياتري اڄ به اها نيائيندا اچن.

منگهي پير ۾ هيرانند ڪوڙهه واري اسپتال جيڪا هاڻي سٽي حڪومت جي حوالي آهي هن جي لڳ آسو مل حلوائي جو ڌرم شالو آهي جيڪو قبضي ۾ آهي. ڌرم شالي جون ديوارون ۽ ڪمرا اڄ به موجود آهن. هتي به شيو جو مندر آهي جو گهڻو حصو قبضي وارن جي هٿ هيٺ اچي چڪو آهي. اهو مندر گرم چشمي جي ويجهو هو جنهن جي عمارت اڃا به موجود آهي. گرم چشمي سامهون هڪ وسيع باغ هوندو هو. جيڪو 2000ع تائين موجود هو ڪجي، گدامڙين، انبن، نمن ۽

پپرن جا گهٽا وڻ موجود هوندا هئا. اهو خوبصورت علائقو ڪليم ۾ هندستان کان آيل هڪ مهاجر کي ڏنو ويو. چاڪاڻ ته اها جاءِ هڪ هندو جي ملڪيت هئي هندستان وڃڻ کان اڳ اها پوري جاءِ انهيءَ هندو باغ سنياليندڙ هتان جي هڪ بلوچ جي حوالي ڪيو. ڪورٽ ۾ ڪيس هليو فيصلو ڪليم واري جي حق ۾ ٿيو ته هن پوري خوبصورت باغ هتي موجود کوهه ۽ مندر کي ختم ڪيو ويو ۽ هاڻي هتي (2007ع) ۾ هائوسنگ اسڪيم جوڙي پئي وڃي.

منگهي پير شيو واري مندر ڪانسواءِ راما پير ۽ جهولي لال مندر هئا. راما پير ۽ جهولي لال مندر ختم ٿي چڪا آهن. شيو واري مندر جو فقط ڪمرو بچيل آهي.

## شيو مندر منگهو پير:

شيو جو اهو مندر گرم چشمي واري مندر طور مشهور آهي. هتي به هندو فيملي رهي ٿي. مندر بابو لال جي سنيال هيٺ آهي. هي مندر ميرن جي وقت کان اڳ هتي موجود هو. منگهو پير هندو مذهب جو هڪ قديم آستان آهي ۽ هي ڪلفٽن واري شيو مندر، رام باغ، منگهو پير روڊ جي هنگلاج ياترين جي گس تي هوندو هو ۽ اڄ به موجود آهي. هن ڪانسواءِ هن تيرٿ آستان جو واسطو واڳو ڏر جي قديم ماڳ سان به آهي. اهي ٻئي جايون پوڄا جا پراڻا قديمي مرڪز آهن. پر اهي قديمي آستان هتي نهيل مقدس جايون ختم ٿي رهيون آهن. حڪومت جيڪڏهن چاهي ته اڄ به اهي تاريخي جايون بچي سگهن ٿيون.

منگهي پير جي ويجهو ديهه سورجاٽي ۽ نانگڻ ۾ پنجرا پور ٽرسٽ جون زمينون موجود آهن. سورجاٽي ۾ هڪ پراڻو مندر ۽ کوهه موجود هوندو هو پر هن تي قبضو ڪري هن کي ختم ڪيو ويو آهي.

## ماتا ديوي مندر گڏاپ:

گڏاپ مرڪز جنهن کي ميجڻ به چيو ويندو آهي. هندوئن جي آبادي ڪلهوڙن واري دور کان رهندي اچي ٿي. هتي چار مندر آهن. جن ۾ ماتا ديوي مندر، ست گرومندر، جهولي لال مندر ۽ اڏيرو لال مندر موجود آهن جنهن ۾ ماتا ديوي مندر قديمي مندر آهي اهي چارئي مندر آباد آهن.

آدم ڳوٺ جي هندو آبادي ۾ ”شير مندر“ آهي جنهن جو پوجاري ڀڳوان داس آهي. هي مندر هاڻوڪي مندرن مان آهي. نيشنل هاءِ وي تي جوڳي موڙ اسٽاپ آهي. جتي نتي ويندي ڪابي هت تي جوڳي جي آبادي آهي جتي پنج مندر آهن جن مان ٽي پڪا ۽ به جڳهين ۾ اندر قائم آهن، جن

۾ ۽ راما پير جا مندر، شيو شنڪر مندر، هڙمان جي مندر ۽ شيو ماتا مندر آهن. ڪوڪڙين جوڳين جا اهي مندر ورهاڱي کانپوءِ جا آهن.

**شيو مندر ملير:**

قديم مندرن ۾ شيو جو هڪ مندر ملير جي علائقي ۾ نيشنل هاءِ وي تي ملير ڪورٽ کان اڳ ويندي کابي هٿ تي آهي اهو اسٽاپ ملير مندر نالي مشهور آهي. عاليشان عمارت ۽ خوبصورت مندر جي جاءِ موجود آهي. پر هن تي هندستان کان آيلن قبضو ڪيو آهي. اندر کوهه به هو جيڪو ختم ٿي چڪو آهي. هتي ڌرم شالو به هو جنهن تي به قبضو ٿي چڪو آهي. بابري مسجد جي واقعي کانپوءِ هن ۾ به ڀڃ ڊاهه ڪئي وئي. ملير مندر جي اڏاوت انتهائي خوبصورت آهي. ٽي منزل واري اها وسيع جاءِ آهي ۽ هاڻي اندر هڪ مسجد به جوڙي ويئي آهي. مندر جو منارو ۽ خوبصورت چٽسالي ڏسڻ وٽان آهن. ملير جو اهو علائقو ڪنهن دور ۾ خوبصورت باغن ڪري خوبصورت هو. ملير 15 اسٽاپ کان ملير مندر تائين نيشنل هاءِ وي جي کابي هٿ تي اجا به هندوئن جون پنج خوبصورت پٿر جي اڏاوت جون جايون موجود آهن ملير جو اهو علائقو اڄ به آسو مل جي نالي سان آسو ڳوٺ مشهور آهي. ورهاڱي وقت هتي آسو مل جا خوبصورت باغ هوندا هئا.

ڪراچي ۾ سکن جا هن وقت ٻه گرد وارا آباد آهن هڪ نارائڻ پوري ۾ جتي سکن جي آبادي به رهي ٿي. هتي 1910ع جو ٺهيل ”گرو گرناٿ صاحب“ آهي ۽ ٻيو نئين سبزي منڊي جي پوئين پاسي نارو مينگل ڳوٺ لڳ آدم ڳوٺ ۾ سکن ۽ هندوئن جي آبادي آهي. هتي ”گرو نانڪ صاحب“ مندر جيڪو سک سيا جي حوالي آهي. جيڪو 1980ع کانپوءِ ٺاهيو آهي. جيڪو سردار ڏوني سنگ جي حوالي آهي هندو جيڪي سنڌي ڳالهائڻ وارا آهن جيڪي گرو نانڪ جا پوئلڳ آهن انهن مان هڪ مندر گڏاپ شهر ۾ ست گرو مندر آهي ياڳڙي جيڪي به گرو نانڪ جا پوئلڳ آهن. هن جي ڪچي آبادين ۾ ننڍا گرد وار آهن، جن جو انگ 5 آهي.

**ختم ٿيل مندرن، ڌرم شالائن، مساڻن ۽ گرد وارن جو ذڪر:**

انهن کانسواءِ جيڪي مندر ۽ ڌرم شالا هئا هاڻي انهن جو وجود ڪونهي انهن مان ڪن جا اهڃاڻ اجا موجود آهن. انهن ۾ غلام حسين قاسم ڪوارٽرز هيرس روڊ تي لڪشمي نارائڻ مندر، ڪيم چند ٽانور داس جو مندر، نصرپوري پنچائت جي هٽ هيٺ مندر، منگر هيم داس هوتچند مندر، کاري در واري علائقي ۾ آريا سماج مندر، راجا رام ديومندر، ٺٺائي ڪمپائونڊ لياري ڪوارٽرز ۾

ديوي ماتا جا چار مندر، گوگا نات مندر لياري ڪوارٽرز اسپينسر اکين جي اسپتال لڳ، لکو مل وارو مندر لياري ڪوارٽرز، پلرام پوري چيلا رام وارو مندر، ناٿجي ڌرم داس وارو مندر، ٽناٽي ڪمپائونڊ ۾ شيوارام ديوان مل وارو ديوي مندر. گرو رام دربار اولڊ ٽائون ڪواٽرز، جگن نات مندر ڪارو در، چيدن ڪاشي مندر سرائي ڪواٽرز، گرونانڪ مندر نانڪ واڙو، شاردا مندر رام سوامي، ڀائي ويسي رام جو مندر رام سوامي، رام باغ گاڏي ڪاتي وارو چينمل گرد وارو، هت ڪيش ديول مندر جوڙيا بازار اولڊ ٽائون، هي ناگري هندوئن جو مندر هو. اولڊ ٽائون ۾ سرسوتي برهمڻ جو مندر، رنڇوڙ لائين ۾ جينيو جو مندر، شڪارپوري شيان سندر شيواڪ مندر شڪارپوري محلو، راميشور مندر منو در، مهاديو جو مندر، اولڊ ٽائون، سکن جو گرد وارو ڪارو در ۽ ٻيا مشهور مندر هئا.

ان ڪانسواءِ دي پاڪستان گزٽ 9 آگسٽ 1963ع ۾ جن ڌرم شالائن جا نالا آهن. انهن مان ڪجھ جو ذڪر مندرن سان ڪيل آهي. ڪجھ جا نالا هن ريت ڏنل آهي. جن مان گھڻا ختم ٿي ويا آهن ڪجھ بچيل آهن. اهي به تباهه ٿي رهيا آهن. پريتم داس ڌرم شالو غلام حسين قاسم ڪوارٽرز، خوشي راج ڌرم شالو غلام حسين قاسم ڪواٽرز، شڪارپوري ڌرم شالو غلام حسين قاسم ڪواٽرز بندر روڊ جنهن ۾ ورهاڱي کانپوءِ آفيسون ناهيون ويون آهن. بابا چيتن پرڪاش آشرم ڪارو در، پالاج داس ڌرم شالو لياري ڪوارٽرز شاهه بيگ لائين، گوهامل واڌو مل ڌرم شالو منو در، سوامي گوالا نند پريم پرڪاش آشرم جمشيد ڪوارٽرز، شڪاپوري ڌرم شالو شڪارپوري محلو، مارواڙي ڌرم شالو سرائي ڪوارٽرز، چيلا رام ڌرم شالو، گجراتي ڌرم شالو گاڏي ڪاتو، ڀاٽيا ڌرم شالو نانڪ وارو، لوهاڻو ڌرم شالو بندر روڊ، مهاراشٽر ڌرم شالو ڪاغذي بازار، سنڌ گرامي ڌرم شالو نيپئر روڊ، آسو مل حلوائي جو ڌرم شالو منگھو پير، سوامي مولرام آشرم آسو ڳوٺ ملير جيڪو اڄ به مولرام ڪمپائونڊ جي نالي سان مشهور آهي. جتي شيعا وڏي اڪثريت سان رهن ٿا. انهن ان جو نالو مولا رام رکيو آهي.

لياري ندي جي ڪناري ڪلري ۽ بغدادي جي ويجهو جتي هاٽي آگرا تاج ڪالوني آهي هتي هندوئن جو وڏو مساڻ هو ان شمشان گهاٽ ۾ ڪراچي جا سيئي هندو پنهنجن مردن کي ڪريا ڪرم لاءِ آڻيندا هئا. انهيءَ شمشان گهاٽ کان اڌ ميل پري سمنڊ جي ويجهو هڪ تلاءُ جي ڪناري گدامڙيءَ جا گهاٽا وڻ هوندا هئا. انهيءَ جاءِ کي ”گوب آمري“ چوندا هئا. جتي گرو گروک نات يوگ ساڌنا ڪئي. انگريزن جي دور ۾ به هتي يوگي راڄ رهندا هئا. 1946ع ۾ هندستان ۾ هندو مسلم وڳوڙن جي نتيجي ۾ جيڪي مهاجر سپ کان پهرئين ڪراچي ۾ آيا انهن کي انهيءَ مساڻ واري جاءِ تي آباد ڪيو ويو. اهي ميوا تي مسلمان آگري کان لڏپلاڻ ڪري هتي آيا هئا. آگري ۽ تاج محل

ڪري انهن پنهنجي بستي جو نالو آگرا تاج ڪالوني رکيو. انهيءَ مساڻ سان گڏ بغدادي پوليس استيشن ۽ شاهه بيگ لائين ويجهو لياري ندي تي مساڻ آهي جنهن جو بچيل حصو اڄ به استعمال هيٺ آهي. منگهي پير روڊ تي ميوا شاهه قبرستان لڳ هنگلاج مندر لڳ مساڻ جو بچيل حصو اڄ به استعمال هيٺ آهي جتي هاٽي بلاول هائوس آهي هن پوري علائقي ۾ انگريزن جي دور ۾ هتي مساڻ هو. ڪرچي سٽي ريلوي استيشن کان هڪ روڊ انهيءَ مساڻ ۽ ڪلفٽن واري مندر تي ايندو هو جنهن جو نالو مساڻ روڊ هوندو هو. انهيءَ مساڻ کي ختم ڪيو ويو هتي ڪجهه ڀيلن ۽ ڪولهين جا گهر هئا انهن کي هتان اٿاريو ويو.

بوٽ بيسن کان عبدالله شاهه غازي ڏانهن ويندي بلاول هائوس کان اڳ چوراهي کان هڪ رستو شيرين جناح ڪالوني ڏانهن وڃي ٿو. اڳتي ساڄي هٿ تي گهاٽي جهنگ ۾ روڊ لڳ ڪولهين ۽ ڀيلن جو پراڻو قبرستان، ”هنومهاراج قبرستان“ آهي. جنهن تي سن 1904ع لکيل آهي. ان کان اڳتي ڪياماڙي ويجهو مساڻ هو جيڪو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي ۽ جنهن تي شيرين جناح ڪالوني ٺهيل آهي. ملير ۾ بابا ولايت شاهه کان اڳتي جمعا ڳوٺ لڳ ملير ندي جي ڪناري مساڻ هوندو هو جيڪو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. ان ڪانسواءِ ڪراچي ۾ 100 کان مٿي هندوئن جا هڪ ماڙ کان پنجن ماڙن تائين ٽرسٽ جون بلڊنگون هيون. جن جو ذڪر به پاڪستان گزيٽ 9 آگسٽ 1963ع واري لسٽ ۾ نالي وار شامل آهن. جن مان گهٽيون قبضي هيٺ اچي ختم ٿي چڪيون آهن. ڪراچي جي پسگردائي ۾ ڳئون شالا هئا جن مان ڪجهه موجود آهن جن مان هڪ سچل ڳوٺ لڳ ديهه سونگل ۾ ۽ ديهه سورجاٽي ۾ اڃا موجود آهن. گهڻا ڳئون شالا بلڊرز مافيا جي ور چڙهي ڪچي آبادين ۾ تبديل ٿي ويا آهن. نيپا لڳ سنڌ باد ۾ الله دين پارڪ به اهڙا ڳئون شالا جيڪي پنجرا پور ٽرسٽ جي ملڪيت هئا تي ٺهيل آهن. هتي اڃا به 170 ايڪڙ ٽرسٽ جي زمين تي سٽي حڪومت جو قبضو آهي، انهيءَ قبضي جي نتيجي ۾ نيپا لڳ پنجرا پور ٽرسٽ جي آفيس، مندر ۽ چند هندوئن جي گهرن تي 2002ع ۾ شهري حڪومت پاران بلڊوز ڪيو ويو. ڪورٽ پنجرا پور جي حق ۾ فيصلو ڏئي چڪي آهي پر شهري حڪومت قبضو ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي.

مٿي ذڪر ڪيل مندر جيڪي ورهاڱي کان اڳ ڪراچي ۾ هئا جن مان گهڻن جو وجود به ختم ٿي چڪو آهي ۽ انهن جو ڪو به ريڪارڊ ڪونهي ورهاڱي ڪانپوءِ جتي هندو ڪميونٽي رهي ٿي. 25 مندر ناهيا ويا آهن پر انهن جي اڏاوت ۾ اها خوبصورتي ڪونهي جيڪا پراڻن مندر جي اڏاوت ۾ آهي.

دوري دوران مون محسوس ڪيو ته مندرن جي حفاظت لاءِ وينل پوڄاري ۽ هتان جا هندو هيسيل ۽ ڊنل آهن. ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهن انهن کي ڊيڄاريو ويو آهي. انهن جو چوڻ آهي ته ورهاڱي کانپوءِ جيڪي مندر ۽ جايون بچي ويون آهن انهن جي حڪومت لسٽ به ناهي هئي. ورهاڱي کانپوءِ گهڻن مندرن ۽ ٽرسٽ جي زمينن تي بابري مسجد واري واقعي کانپوءِ قبضو ڪيو آهي.

ايويڪيو پراپرٽي هن سلسلي ۾ خود قبضا گيرن، بلڊرز مافيا سان مليل آهي. هن ڏنڌي ۾ مٿين ليول جا عملدار، چونديل نمائندا ۽ انڊر ورلڊ جا ماڻهو ملوث آهن. هن ڪاروبار ۾ ايجنسيون به شامل آهن انهن سڀني جو مضبوط نيٽ ورڪ آهي. جنهن کي هندو ڪميونٽي جي ڪجهه چونڊيل ميمبرن ۽ مذهبي اڳواڻن جو آشيرواد به حاصل آهي.

سنڌ جي انهن تاريخي جاين، ماڳن ۽ مڪانن کي جڪي سنڌ جي دل ڪراچي جي سونهن آهن. تن کي بچائڻ لاءِ سڀني سياسي، ثقافتي، سماجي، انساني حقن ۽ ادبي تنظيمن جي پليٽ فارم تان گڏيل جدوجهد جي ضرورت آهي. انهن تاريخي ورثن کي بچائڻ سان پوري تاريخ کي محفوظ ڪري سگهنداسين. بچائڻ سان گڏ انهن جي مرمت ۽ محفوظ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

**پراڻيون مسجدون:**

اهو طئي ڪرڻ تمام ڏکيو آهي ته هاڻوڪي ڪراچي جي پراڻي مسجد ڪهڙي آهي ڇاڪاڻ ته جڏهن هن خطي ۾ اسلام جو ظهور ٿيو ته مسجدن جي اڏڻ جو تصور به انهيءَ ڏينهن کان شروع ٿيو. هن پاڪ ۽ مقدس جاءِ لاءِ هر ڳوٺ، واهڻ، وستي ۽ شهر جي پاڙن ۾ ڌار جاءِ ناهي ويندي آهي. جتي آس پاس جا سڀ ماڻهو عبادت لاءِ ايندا آهن. ننڍن ڳوٺن ۾ ڳوٺ وارا پنهنجي سهولت مطابق ڳوٺ جي سطح تي پنهنجي وس آهر مسجد ناهي عبادت ڪندا هئا/ آهن. ڪروت (ننڍي چار ديواري واري مسجد) کان وٺي ڪکائين واري جهوپڙي مسجد کان پڪي پٽرن، بلاڪ واري مسجد تائين هر ڳوٺ ۽ پاڙي وارا پنهنجي پهچ آهر ان جي اڏاوت ڪندا آهن. جيئن جيئن آبادي ۾ واڌارو ٿيندو ويو. معاشي طور ماڻهو پاڻ پرا ٿيڻ لڳا تيئن انهن ننڍين ۽ ڪکائين مسجدن جي جاءِ تي پڪيون خوبصورت مسجدون ٺهنديون ويون ۽ خوبصورتي جو اهو سفر جاري آهي آبادي جي واڌاري سان گڏ مسجدن جي تعداد ۾ واڌارو ٿيندو رهيو.

ڳوٺن ۽ شهرن جي مختلف پاڙن ۾ جمعي نماز وڏي مسجدن ۾ پڙهڻ جو تصور شروع کان وٺي هلندو اچي ٿو. اهي مسجدون گهڻو ڪري وڏين آبادين وارن ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ قائم هونديون هيون. اهو سلسلو اڄ به جاري آهي.

1838ع ۾ ڪئپٽن هارٽ ٽالپرن جي دور ۾ 21 مسجدن جو ذڪر ڪيو هو ۽ 2007ع ۾ ڪراچي ۾ مختلف فرقن جون 6000 ڪان مٿي مسجدون آهن. هر فرقي پاران مسجدن ناهڻ جي جنون پوري شهر کي متاثر ڪيو آهي. مسجدن ناهڻ وقت انهن کي وڏائڻ وقت ڪا به پلاننگ نه ٿي ڪئي وڃي، جنهن جي ڪري گهٽيون مسجدون سرڪاري زمينن، قبضو ڪيل ڪچين آبادين، پراڻن ماڳن، مساڻن، قبرستانن تي انهن کي اڏيو وڃي ٿو. تنهن ڪانسواءِ رستن ۽ گهٽين ۾ قائم مسجدن کي وڏائي رستن ۽ گهٽين کي سوڙهو ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪانپوءِ نه رستو وڏي سگهي ۽ نه گهٽي وڏائي سگهجي ٿي. مسجد کي ڊاهڻ سان انتها پسندن ۽ مذهبي جنونين پاران هنگامه ڪرائي عام ماڻهو جي جذبن کي ڀڙڪايو وڃي ٿو. گهڻن مسجدن جي چارديواري سان رستن جي پاسن کان دڪان ناهيا ويا آهن جنهن جي ڪري به رستا سوڙها ٿي ويا آهن ۽ مسجدن جي خوبصورتي متاثر ٿي آهي. هر خالي جاءِ کي مسجد ۾ تبديل ڪرڻ جڻ هڪ اهم اسلامي فرض ۾ وڃي رهيو آهي. ڪچين آبادين وارا ڪنهن به زمين تي قبضي ڪرڻ وقت اڳ ۾ مسجد ۽ امام بارگاهه ناهن تا ته جيئن انهن جي ڊاهڻ سان وڏو هنگامو ڪري سگهجي. هي شهر مقدس جاين جي اڏڻ ۾ به بي ترتيب رهيو آهي. اسان وٽ هاڻي مسجد به ڪاروبار ۾ شامل ٿي وئي آهي. سرهندي وارن ماڻهن ڪانسواءِ عام چندو وصول ڪرڻ ۽ مسجد جي زمين سان گڏ دوڪان يا فليٽ ناهي مسجد جي نالي تي پئسا وٺڻ هڪ منظم ڪاروبار جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي.

هاڻوڪي ڪراچي جي پراڻين مسجدن ۾ هڪ مسجد منگهو پير جي مزار واري مسجد آهي. جيڪا هتي پير منگهي جي اچڻ وقت قائم ڪئي وئي هئي. منگهو پير جي پيدائش جو سال 1162ع آهي. منگهي پير وارو مقام اهم تاريخي ماڳ آهي. هتي اها پڪي مسجد جيڪا اڳ ۾ پٿرن جي هئي، 1200ع واري پهرئين ڏهاڪي ۾ نهي هئي. اهو سومرن جو دور هو. منگهي پير جي انهيءَ مسجد جي آسپاس جا ڳوناٽا نماز لاءِ ايندا هئا ۽ هر جمعي تي خطبو ٿيندو هو ته وڏي تعداد ۾ پري پري جا ڳوناٽا هتي ايندا هئا.

ڪمانڊر ڪارليس 1838ع جڏهن بندرگاهه جي سروي لاءِ ڪراچي پهتو ۽ پنهنجي رپورٽ "Memoris on the Bay Harbour Trade of Kurrachee" ۾ ڪراچي جي ٽن قديم مسجدن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن ۾ هڪ منگهي پير واري مسجد آهي جنهن جي باري ۾ هو لکي ٿو ته هيءَ مسجد هڪ پهاڙي تي اڏيل آهي. اڇي رنگ جي هن مسجد جي مٿان هڪ گنبذ ۽ ڪنڊن تي چار مينار آهن.

ڪراچي جي پراڻين مسجدن مان هڪ مسجد محل چبوتري جي اڏاوت وقت ناهيو ويو هو. محل چبوترو جيڪو ميرن جو ڪسٽم هائوس هوندو هو جيڪو خان آف قلات 1698ع ۾ جڏهن ڪراچي

جي قلات خان جي حوالي هو ٺهرايو ۽ اها مسجد ان وقت محل چبوتري جي اهلڪارن ۽ هتي موجود واپارين ۽ وڻجارن لاءِ ناهي وئي هئي.
ڪراچي جي پراڻين مسجدن مان هڪ مسجد منهوڙي جي قلعي لڳ ميرن جوڙائي هئي. ڪراچي حوالي ڪرڻ کانپوءِ ميرن بندر جي حفاظت لاءِ منهوڙي تي هڪ لائيٽ هائوس قلعو اڏيو هو، جنهن سان گڏ هڪ مسجد به ناهي ويئي. قلعي جي اڏاوت 1797ع ۾ مڪمل ٿي. جيڪو انگريزن جي قبضي کانپوءِ ختم ڪئي ويئي.
عبدالله شاهه غازي جي باري ۾ شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائود پوٽو تاريخ معصومي ۾ لکي ٿو ته ”ڪلفٽن تي موجود جيڪو عبدالله شاهه غازي جو مقبرو آهي. عوام ۾ مشهور آهي ته هي حضرت عبدالله بن نبهان رحه جو مقبرو آهي جنهن کي حجاج بن يوسف بديل بن طهفه کان اڳ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو.“
انهيءَ پهاڙي سلسلي تي عبدالله شاهه جي مزار جي ويجهو هڪ مسجد آهي امڪان آهي مغلن جي دور ۾ اها مسجد ناهي ويئي هئي. هن پراڻيءَ مسجد جي جاءِ تي هاڻي عبدالله شاهه غازي جي مزار لڳ نئين مسجد ناهي ويئي آهي.
ڪراچي ڪوٽ اندر ڪنهن دور ۾ ٽي مسجدون هونديون هيون. جن مان ٻن جو ذڪر سيٺ نائون مل جي يادگيرين ۾ به آهي 1793-94ع ۾ هڪ واقعي جو ذڪر ڪندي هن لکيو آهي ته ”ملا شفيع علي خان ڪراچي تي خان آف قلات پاران نواب مقرر ٿيل هو. هو هڪ ڪٽر مسلمان هو هڪ ڀيري هن دريا ٿان مندر تي حملو ڪري مندر ۽ نائون مل وارن جي گهرن جي وچ ۾ هڪ مسجد اڏي ڇڏي هندن جي احتجاج تي نواب کي هٽايو ويو. هي مسجد انهيءَ جاءِ تي هئي جتي هاڻي ناخدا مسجد آهي.
ٻيو واقعو 1831ع جو آهي جنهن سنڌ جي سياست ۽ ثقافت جو رخ تبديل ڪري ڇڏيو. جنهن جو ذڪر نائون مل پنهنجي يادگيرين ۾ ڪيو آهي انهيءَ واقعي جي نتيجي ۾ سيٺ نائون مل جي پيءُ کي اغوا ڪيو ويو. جنهن جا اثر نائون مل جي دل ۽ دماغ ۾ ايترو وهجي ويا جو هن پنهنجي ۽ پنهنجي ذات وارن جي بچاءَ لاءِ انگريزن جو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ انهيءَ ساٿ جي نتيجي ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. 1831ع ۾ ڪراچي ۾ رهندڙ نصرپور سان تعلق رکندڙ هڪ هندو جو پنهنجي استاد جي مار موچڙي کان بچي اچي مسجد جي در وٽ پهتو ته ڪجهه مسلمان هن کي اندر وٺي ويا انهيءَ ڳالهه تان هندن ۽ مسلمانن ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي. هڪ مذهبي اڳواڻ (جيڪي هميشه اهڙن موقعن جي تاڙ ۾ رهن ٿا) نورل شاهه ڳالهه مان ڳالهوڙو ناهي سيٺ جي پيءُ کي اغوا ڪرايو. نائون مل لکي ٿو ته، ”اها مسجد اتي هئي جتي هاڻي ڌوبي رهن ٿا. هي

مسجد مني در واري علائقي ۾ لياري نئين واري پاسي مني در سان لڳ هئي. هتي قائم ڪنهن نه ڪنهن مسجد جي جاءِ تي اها مسجد هئي. ڪوٽ اندر ٽين مسجد انهيءَ جاءِ تي هئي جتي هاٽي چوتاٽي مسجد آهي. جيڪا کاري در واري علائقي ۾ آهي. مسجد جي هاٽوڪي جاءِ 1895ع جي ٺهيل آهي.

اچي قبر کاري در واري علائقي ۾ جيڪو بزرگ دفن آهي. هن جو نالو سيد نور/ نورل شاهه آهي، جيڪو بولٽن مارڪيٽ روڊ تي ڪراچي جي هڪ پراڻي مندر ڪالي ماتا ديوي مندر جي سامهون آهي. تحقيق مان اها ڳالهه ظاهر ٿي آهي ته هي اهو نورل شاهه آهي. جنهن ڪراچيءَ ۾ هڪ ننڍي واقعي مان سياسي فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ سيٺ نائون مل جي پيءُ کي اغوا ڪرايو ۽ پوري سنڌ ۾ مسلمانن کي هندوئن خلاف ڀڙڪايو هو.

گسري بندر تي جتي بعد ۾ انگريزن ٽي بي جي مريضن لاءِ سنيٽوريم جوڙيو هو. ان سان لڳ پٿر جي هڪ پراڻي مسجد هوندي هئي. جنهن کي آسپاس جا ماهيگير ۽ بخشڻ وليج جا ماڻهو عبادت لاءِ استعمال ڪندا هئا. شير شاهه مورڙو ڳوٺ واري مسجد به پراڻي مسجد واري جاءِ تي ٺهيل آهي.

ڪراچي جي هڪ پراڻي مسجد گهگهر ڦاٽڪ لڳ آهي جتي هاڻي ڪا آبادي نه آهي پٿر جي مسجد جا آثار موجود آهن. ڪراچي جي دنگ تي وٽيجي واري باغ ۾ جتي مسافرن جو اهم پڙاءُ هوندو هو هڪ مسجد موجود هئي جنهن جو ذڪر رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب سنڌ ڊڪويل ماٽري ۾ جيڪو 1851ع ۾ ڇپيو هو ڪيو هو. وٽيجي ۾ هڪ پراڻي مسجد جو ذڪر به ڪيو آهي. برٽن مسجد جي خوبصورتي جو به ذڪر ڪيو آهي.




**ميوا شاهه ۾ 1840ع ۾ ٺهيل سلاوٽ مسجد**

ڪڏي واري مدرسي مظهرالعلوم ڪان اڳ هتي عبدالڪريم ميمڻ هڪ مسجد فردوس اڏي. بعد ۾ عبدالڪريم جي پٽ عبدالله ميمڻ، (محمد صادق ڪڏي واري جو پيءُ هو.) اها مسجد ميرن جي دور ۾ هتي اڏي ويئي هئي. ميوا شاهه جي قبرستان ۾ ڌوبي گهاٽ واري پل ڪان حسن اوليا وليج

ڏانهن ويندي ڪاٻي هٿ تي سلاوٽ قبرستان جي چار ديواري ۾ هڪ مسجد سلاوٽ مسجد آهي. جنهن تي قائم ٿيڻ جي تاريخ 1840ع لکيل آهي. اها به پراڻي مسجد آهي.

ڪراچي جي ٻين پراڻين مسجدن ۾ سليمان ڳوٺ مسجد، بانگي مسجد رنڇوڙ لائين، ناگمان مسجد (چٽائي مسجد) گل محمد لين لياري، مدرسو احرار سان گڏ نهيل مسجد ريڪسر لائين لياري، پراڻي ڪنيار واڙي ۾ مدرسو انجمن معاونين اهل سنت والجماعت لياري لڳ مسجد مدرسو درسيا مجدديه صدر بازار لڳ مسجد، جيڪو 1870ع ۾ علامه عبدالله درس نهرايو هو. مدرسو عربيه مظهرالعلوم کڏي واري مسجد 1885ع. انگريزن جي دور ۾ جيڪا پهرئين مسجد شهر ۾ نهرائي وئي اها ميمڻ مسجد گاڏي کاتي بندر روڊ واري آهي جيڪا 1839ع ۾ ناهي وئي هئي. جونا مارڪيٽ (کجور بازار) واري ترڪ مسجد (1860ع)، ڪياماڙي جي پير غائب شاهه جي لڳ مسجد (1874ع)، ميمڻ مسجد صدر بازار جيڪا به ماڙ آهي 1893ع ۾ ناهي وئي هئي. صدر ۾ مسجد قصابان جيڪا 1879ع ۾ ناهي وئي. حسن لشڪر وليج جامعه مسجد ان مسجد جي جاءِ تي هڪ پراڻي مسجد هئي جيڪا 1831ع ۾ پڪي جاءِ ۾ موجود هئي. کاري در واري امام بارگاهه لڳ مسجد اثناءِ عشري شيعن خوجن جي مسجد به پراڻي آهي.

ميران پير واري علائقي ۾ جيڪا مسجد ميران ماءُ جي مزار لڳي آهي اها پراڻي مسجد آهي. پراڻي مسجد جيڪا پٿرن جي هئي ان جي جاءِ تي نئين مسجد اڏي ويئي آهي.

سنڌ مدرسي جي چار ديواري اندر شاگردن لاءِ ٻه مسجدون آهن، جيڪي يورپي طرز تي اڏيل ڳاڙهن پٿرن جون نهيل آهن. هڪ مسجد جيڪا سني شاگردن لاءِ 1893ع ۾ ناهي ويئي هئي. ٻي مسجد شيعا شاگردن لاءِ 1894ع ۾ نواب خيرپور فيض محمد تالپر نهرائي هئي. هڪ مسجد مدرسي جي ڪاٻي پاسي ۽ ٻي مسجد ساڄي پاسي آهي.

لياري ڪوارٽرز ۾ نهيل مسجد، ماڙيپور ڳوٺ واري مسجد، موتي مسجد ڊينسو هال، کتري مسجد لي مارڪيٽ، هري مسجد پيم پورو، آدم مسجد سٽي ڪورٽ (جنهن جو افتتاح 16 آڪٽوبر 1913ع ۾ بوهرين جي مذهبي اڳواڻ سيدنا طاهر سيف الدين ڪيو هو.) قادري مسجد سولجر بازار جيڪا روحاني بزرگ مولانا غلام رسول شاهه قادري 1936ع اڏي هئي. هاٽوڪي ڪراچي جيل جي جاءِ جيڪا 1906ع ۾ مڪمل تي. جيل اندر به مسجد انهيءَ سال مڪمل تي. هن کان اڳ بندر روڊ تي 1847ع ۾ جيڪو جيل هو هتي به قيدين لاءِ مسجد نهيل هئي. جيڪا هاڻي سٽي ڪورٽ ۾ آهي. 1929ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي بلڊنگ مڪمل تي 1940ع ۾ هتي مسجد ناهي وئي. جيڪا اڄ به موجود آهي. سنڌ اسيمبلي جي بلڊنگ 4 مارچ 1942ع ۾ مڪمل تي هن ۾ به هڪ مسجد ناهي وئي جيڪا اڄ به موجود آهي. ورهاڱي وقت هاٽوڪي ڪراچي شهري علائقن

۾ 162 پڪيون مسجدون موجود هيون. ڀرپاسي وارن علائقن ۾ جيڪي ضلعي ڪراچي ۾ شامل هئا. گڏاپ ۾ بڪراٽي مسجد جيڪا 1929ع ۾ ٺاهي وئي آهي. ڪونڪر ۾ مولوي عبدالرحمان جوکئي واري مسجد جيڪا 1930ع ۾ پڪن پٿرن سان ٺاهي ويئي هئي جيڪا اڄ به استعمال هيٺ آهن. ابراهيم حيدري کان وٺي ڪنڊ تائين، گڏاپ کان گابي پٽ تائين گهگهر کان وٺي گسري تائين سيني ڳوٺن ۾ پراڻيون مسجدون هيون. جن مان گهڻن کي وسيع ڪري وڌايو ويو آهي.

**قبرستان:**

ڪراچي ۽ ڀرپاسي وارا علائقا پراڻي ماضي کان وٺي آباد آهن ۽ هي هندستان، فارس ۽ خليج ڏانهن وڃڻ جي گذرگاهه هئڻ ڪري مختلف قومن ۽ مذهبن جي ماڻهن جو مسڪن رهيو آهي. ڪراچي جي پسگردائي ۾ آڳاٽا قبرستان موجود آهن جيڪي بنا ڪنهن نالي ۽ نشان جي آهن انهن مان گهڻن کي ڪافرن جون قبرون چون ٿا انهن تي تحقيق جي ضرورت آهي ۽ ان ڪانپوءِ چوکنڊي طرز تعمير جون گهاڙي قبرون جيڪي 10 صدي کان 17 صدي جون آهن اهي به گهڻي تعداد ۾ موجود آهن. جن جو ذڪر ڪتاب جي ملير، ڪوهستان ۽ منگهو پير جي گرم چشمي ۽ منگهي پير جي درگاهه سامهون وارا قبرستان به آڳاٽا آهن. مزار لڳ برفتن جي سردار سردار خان ۽ ٻين جون گهاڙي قبرون موجود آهن.

سردار خان جي قبر تي سن 913هه درج آهي. جيڪو 1596ع ٿئي ٿو. گرم چشمي واري قبرستان جو گهڻو حصو ختم ڪري ان تي رهڻ لاءِ جايون ٺاهيون ويون آهن. ڪنهن دور ۾ پسگردائي ڪانسواءِ سونگل، لالو کيٽ، صفوران، ڳجهڙي، گابو پٽ، گڏاپ ۽ ٻين علائقن جا ماڻهو پنهنجي مردن کي هتي دفن ڪندا هئا. منگهي پير واري پراڻي قبرستان ۾ 20 کان مٿي گهاڙي قبرستان آهن. اهو قبرستان درگاهه جي سامهون اوير پاسي آهي. روڊ سان لڳ قبرستان جي هڪ حصي تي پلاٽنگ ڪئي ويئي آهي. گهڻين قبرن کي ڊاهي هتي گهر اڏيا ويا آهن ۽ باقي ڪجهه حصو قبرستان کي الاٽ ڪيو ويو آهي. نانا سرڪار ۽ بابا غور جون قبرون ۽ ڪجهه گهاڙي قبرون انهيءَ پلاٽنگ ۾ اچي ويون آهن. اها پلاٽنگ قبضي مافيا پاران ڪيل آهي. اها اپريل 2007ع جي ڳالهه آهي جڏهن مون منگهي پير جي نائب ناظم علي اڪبر ڪاڇيلي گڏاپ يونين ڪائونسل جو نائب ناظم محمد اسماعيل بلوچ انهيءَ قبرستان جو دورو ڪيو. ماڻهن شڪايت جا ڍير لاهي ڏنا ته قبضا مافيا جو رخ هاڻي قديمي قبرستان ڏانهن آهي حڪومت کي گهرجي ته انهن خلاف سخت قدم کڻي ته جيئن اڳتي ڪنهن کي تاريخي قبرن ۽ قبرستان تي قبضي ڪرڻ جي همت نه ٿئي.

منگهي پير ۾ هڪ چار ديواري ۾ ميرن جون قبرون آهن. جن مان گهڻيون گهاڙي قبرون آهن. اهو قبرستان ميرن جي دور جو آهي.

ڪراچي ۾ هڪ پراڻو قبرستان ”مورڙو قبرستان“ آهي جيڪو سومرن جي دور کان به اڳ جو آهي. انگريزن جي وقت تائين لياري، شير شاهه ۽ ٻين علائقن جا ماڻهو پنهنجا مردا هتي دفن ڪندا هئا. قبرستان اڄ به استعمال هيٺ آهن.

بندر روڊ تي بولٽن مارڪيٽ ويجهو نيو ميمڻ مسجد به هڪ پراڻي قبرستان تي اڏيل آهي جنهن جو نالو شاهه عقيق قبرستان هو. جيڪو ڪراچي جي ڪوٽ کان ٻاهر هو. نيو ميمڻ مسجد ورهاڱي کانپوءِ جي ٺهيل آهي. جيڪڏهن هن قبرستان کي جيئن جو تيئن ڇڏيو وڃي ها ته هن پراڻي قبرستان جي ڪتبن خطبي تي تاريخ جي ڪا ڪڙي ضرور ملي ها. مسجد ڪي ڪتي به ٺاهي پئي سگهيا. هونءَ به هن علائقي ۾ الله جي فضل سان مسجدن جي ڪوٽ نه آهي.

بولٽن مارڪيٽ جي پٺيان سليمان اسٽريٽ ۾ هڪ ڪمپائونڊ ۾ قبرستان موجود آهي. هي قبرستان هتان جي محلي وارن لاءِ هو. ٻين جڏهن هتي پنهنجي مردن کي دفن ڪرڻ شروع ڪيو ته سنڌ اسلاميا هوٽل بولٽن مارڪيٽ جي مالڪ حاجي محمد صديق ميمڻ 1917ع ۾ قبرستان کي چارديواري ڏياري. جنهن تي شڪرئي جو خطبو اڄ به لڳل آهي. هن قبرستان جي گهڻي ڀاڱي تي قبضا ڪري بلڊنگون اڏيون ويون آهن. هتي حضرت پير بالا شاهه بخاري رحه جي مزار به آهي.

ڪراچي جي پراڻي علائقي منا در ۽ لي مارڪيٽ جي وچ ۾ شڪارپوري محلي لڳ ميران پير قبرستان آهي جيڪو ميران امان بيبي جي مزار لڳ لي مارڪيٽ کان اڳتي شيدي وليج جي ويجهو آهي. باقي قبرستان جي گهڻي حصي تي گهر اڏيا ويا آهن.

ميوا شاهه لياري قبرستان جيڪو ڪراچي جو پراڻو قبرستان آهي جيڪو لياري نئين جي ساڄي ڪپ تي آهي. هاڻي ان ۾ گنجائش گهٽ آهي پر پوءِ به پراڻين قبرن کي ختم ڪري انهن تي نيون قبرون نهي رهيون آهن. قبرستان جي گهڻي حصي تي قبضا ڪري گهر ٺاهيا ويا آهن. انگريزن جي دور ۾ ڪراچي جيل ۾ ڦاهي ڪائيندڙ انگريز سرڪار خلاف ڪڇ ڪانياواڙ ۾ بغاوت ڪندڙ قادو مڪراني عرف قادر بخش بلوچ جي قبر به هتي آهي. نٿو رام کي ڪورٽ اندر قتل ڪندڙ عبدالقيوم جنهن کي ڦاهي ڏني ويئي هئي ان جي قبر به هتي آهي. ڪامريڊ نذير عباسي جي قبر ميوا شاهه ۾ آهي. نذير عباسي 9 آگسٽ 1984ع ۾ قيد دوران ضيا جي آمريت واري دور ۾ تشدد ڪري شهيد ڪيو ويو هو. جڏهن ميوا شاهه جيڪو افغانستان کان هتي آيو ۽ 1865ع ۾ ڪراچي ۾ وفات ڪيائين ان کي انهيءَ قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو ان کانپوءِ هن قبرستان جو نالو ميوا شاهه قبرستان مشهور ٿيو. هن ۾ مختلف برادرين جا قبرستان چارديواري ۾ آهن. بوهري خوجا سنت جماعت سلاوٽي قبرستان 1840ع، مسلم مارواڙي جيسلميري مسلم ترڪ ڪڇي، سنڌي مسلم جماعت 1934ع، حسيني قبرستان، خوجا سنت جماعت، هالاري ميمڻ، چاڪيواڙو بلوچ،

داودي بوهره، جهونا ڳڙهه ميمڻ جماعت، اوڪائي ميمڻ جماعت، ملبار مسلم، دلي سوداگران، هندو يهودي ۽ بهائين جا قبرستان آهن.
پراڻي حاجي ڪيمپ ۾ مائي گنجي بلوچ قبرستان موجود هو ۽ اڄ به استعمال هيٺ آهي. قبرستان جو هي پلاٽ مائي گنجي قبرستان لاءِ وقف ڪيو ۽ مائي گنجي جي مرڻ کانپوءِ ان کي هتي دفن ڪيو ويو جنهن ڪري ان جو نالو مائي گنجي قبرستان آهي.
ريڪسر لائين واري جاءِ تي به هڪ پراڻو قبرستان هو پر هاڻي هتي گهر ٺهي چڪا آهن ۽ قبرستان جو ڪو نالو نشان ڪونهي.
نيپئر روڊ کان لارنس روڊ ڏانهن ويندي نگار سينيما جي سامهون ڪابي هٿ تي پراڻو امام واڙو آهي جتي اڳ پراڻو قبرستان هو. جنهن کي ٻارنهن امام قبرستان چيو ويندو هو. هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. ڪجهه قبرون اجان باقي آهن هتي بلڊنگون ٺهي چڪيون آهن. نيپئر ٿاڻي جي پويان لي مارڪيٽ لڳ منا آواڙي قبرستان آهي. جنهن کي چار ديواري ڏنل آهي. هي ڪترين جي هڪ مخصوص ذات وارن جي آهي جتي هو ڪنهن ٻئي جي مردي کي دفن ڪرڻ نه ڏيندا آهن.
لياري عيدگاهه ويجهو خوجا اثناءَ عشري جماعت وارن جو حسين باغ قبرستان آهي. جيڪو فقط اثناءَ عشري خوجن لاءِ مخصوص آهي. ان سان گڏ شيعا اثناءَ عشري جماعت جو پراڻو قبرستان ”علي باغ قبرستان“ موجود آهي جيڪو فقط شيعا فرقي وارن لاءِ مخصوص آهي. علي باغ قبرستان سان گڏ پراڻي حاجي ڪئمپ ويجهو دائودي بوهرن جو قبرستان ”دائودي بوهره باغ قبرستان“ جيڪو فقط دائودي بوهرن لاءِ مخصوص آهي. هي قبرستان رنڇوڙ لائين کان نوان لين ويندي چيل چوڪ کان اڳ ۾ ڪابي هٿ تي آهي جنهن کي وڏو ڪوٽ ڏنل آهي.
”بوستان صديق ڪڇي قبرستان“ جيڪو استعمال ۾ آهي. ڪڇي جماعت وارن جو آهي. شهر جي لاوارث ماڻهن کي دفن ڪرڻ لاءِ انجمن سودگران پنجاب وارن جو هڪ قبرستان هو. جتي شهر جي لاوارث ماڻهن کي دفن ڪيو ويندو هو. هاڻي اهو ختم ٿي چڪو آهي. ملير ۾ جامعه ملير ڪاليج لڳ هڪ پراڻو قبرستان آهي جيڪو اڄ به استعمال هيٺ آهي جنهن ۾ ڪجهه گهاڙي قبرون به آهي.
دلبود قبرستان ملير جي پراڻن قبرستانن مان هڪ آهي هي غازي ٽائون جي پوئين پاسي آهي. دلبود بلوچ هتي مدفون آهي جنهن جي ڪري هن کي دلبود قبرستان چيو وڃي ٿو. دلبود جو ڳوٺ به هتي آهي جيڪو هاڻي ميراڻ بلوچ ڳوٺ جي نالي سان آهي. اڳ ۾ هي فقط بلوچن جو قبرستان هو. گڏاپ، ملير ۽ لانڍي جا بلوچ پنهنجن مردن کي هتي دفن ڪرڻ لاءِ آڻيندا هئا. ورهاڱي کانپوءِ گهڻي تعداد ۾ مهاجرن جي اچڻ سان انهن پنهنجن مردن کي هتي دفن ڪرڻ

شروع ڪيو. قبرستان ۾ گنجائش نه هئڻ ڪري پراڻن قبرن جي جاءِ تي نيون قبرون ٺهي ويون آهن. قبرستان جي ڪجھ حصي تي قبضو ڪري گهر ٺاهيا ويا آهن منهنجو ڏاڏو گلشير ۽ ڏاڏي به انهيءَ قبرستان دفن آهن. مليرجو شهيد عبدالله مراد به انهيءَ قبرستان ۾ دفن آهي.

ٻملوٽي 8 لڳ ملير نئين جي ڪپ تي به هڪ پراڻو قبرستان آهي. ان ڪانسواءِ يوسف شاهه قبرستان درساڻو چنو، مائي موکي قبرستان ديهه موکي، ڪونڪر ڳوٺ قبرستان گڏاپ روڊ، تائيسر قبرستان عبدالله گبول ڳوٺ، نارا ٿر وارو قبرستان جتي به قبرستان آهن ۽ هتي جي هڪ ٽڪري تي مٿارن جون قبرون به آهن. مائي ڳاڙهي قبرستان، گوند پاس قبرستان، حاجي پير ڪوهي شاهه درگاهه قبرستان نيشنل هاءِ وي، ماڊل ڪالوني قبرستان ايئر پورٽ، شاهه حسن قبرستان رشين بيچ پيري، محمود شاهه ڳوٺ قبرستان پپري، ابراهيم حيدري وارو قبرستان، ريڙهي مياڻ وارو قبرستان، ڪالوني گيٽ قبرستان، حاجي شاهه علي ڳوٺ قبرستان شرافي، واڻ ڪنڊ وارو قبرستان، عثمان شاهه قبرستان گڏاپ روڊ، عثمان شاهه قبرستان معين بڪڪ ڳوٺ موئيداڻ، امام بخش ٻري ڳوٺ وارو قبرستان، عثمان بلوچ باغ ميلي ڊوري لڳ وارو قديمي قبرستان، ٻاڙي ڊوري جي ڪپ وارو قبرستان، ميمڻ ڳوٺ وارو قبرستان، سومار اسماعيل ڪنڊاٽي وارو قبرستان، مهر علي شاهه مست بخاري قبرستان اولڊ ٽاٽو، ڪورنگي وارو قبرستان، صفوران ۾ گبولن وارو قبرستان، حاجي مريد ڳوٺ وارو قبرستان، پاپوش قبرستان، سخي قبرستان، لالو کيٽ پراڻا قبرستان آهن تنهن کان سواءِ گهڻا نوان قبرستان به شهر ۽ ٻهراڙي ۾ موجود آهن. ڪراچي جي ڏيڍ ڪروڙ واري آبادي ۾ قبرستانن جي گنجائش تمام گهٽ آهي. شهري رٿابندي وارا ادارا نيون اسڪيمون ته شروع ڪن ٿا پر انهن ۾ ڪٿي به قبرستان لاءِ جاءِ نٿا رکن جنهن ڪري شهري سخت تڪليف ۾ آهن. ڪراچي شهر ۾ قبرستانن جي نه هئڻ ڪري جيئڻ کان وڌيڪ مرڻ مهانگو ٿي پيو آهي. هاڻي گهڻن فرقن/ ذات وارن پنهنجي لاءِ الڳ زمينون حاصل ڪري قبرستان ٺاهيا آهن. جنهن جو مثال حب روڊ تي مواچ لڳ قبرستان آهن. شيعن پنهنجن مردن لاءِ هڪ جديد قبرستان ”باغ حسين“ سپر هاءِ وي تي دنبا ڳوٺ لڳ ٺاهيو آهي. جنهن جي هر قبر انٽرنيٽ تي موجود آهي.

**عيدگاهه:**

اڳ ۾ شهرن ٻهراڙين ۾ ميدانن ۾ جنازي نماز ۽ عيد نمازون پڙهيون وينديون هيون. ڪراچي شهر ۾ ميرن جي وقت ۾ هاٽوڪي ڪوڙي باغيچي واري جاءِ تي عيد نماز ادا ڪئي ويندي هئي. ڪراچي ڪوٽ ۾ رهندڙ سڀ مسلمان انهيءَ جاءِ تي عيد نماز پڙهڻ لاءِ ايندا هئا. انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ بندر روڊ تي 1879ع ۾ عيدگاهه ٺاهي ويئي جيڪو اڄ به عيدگاهه طور استعمال ڪيو ويندو آهي. جنهن جو پهريون پيش امام جنهن عيد نماز پڙهائي اهو مولانا محمد بشير رانا

پوري هو. هن عيد گاهه ۾ خلاف تحريڪ، انگريزن کان آزادي ۽ آخر ۾ پاڪستان جي آزاديءَ جي تحريڪن جا وڏا جلسا ٿيندا هئا. ورهاڱي کانپوءِ انهيءَ عيدگاهه جي ميدان ۾ محمد علي جناح عيد نماز مولانا ظهور الحسن درس جي امامت ۾ ادا ڪئي. هتي انهن ٻنهي عيدگاهن کان پراڻي عيدگاهه فقير محمد دارا خان روڊ لياري ۾ آهي. هي عيدگاهه پراڻي حاجي ڪئمپ، جمن شاهه پلاٽ، چاڪيواڙي ۽ پراڻي ڪنيار واڙي ۾ گهريل آهي. هن عيد گاهه جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته هي 250 سال پراڻي آهي ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ قائم ٿي هئي. ميرن جي حملي وقت به هي ميدان موجود هو ۽ جڏهن خوجن جو امام حسين علي ايران کان هتي آيو ته هن به ان عيدگاهه ويجهو ڪئمپ هڻئي هئي ۽ ميرن هن کي شهر ۾ اچڻ جي اجازت نه ڏني هئي. ان عيدگاهه ۾ گهڻن سياسي اڳواڻن جن ۾ سر حاجي عبدالله هارون، مولوي محمد عثمان بلوچ، غلام حسين خالق ڏني. غلام حسين هدايت الله، محمد ايوب کهڙي، مير غوث بخش بزنجي ۽ جي ايم سيد به عيد جي نماز پڙهي هئي. هن تاريخي عيد گاهه کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سرڪاري ادارا ۽ قبضا گروپ سرگرم آهن. چاڪاڻ ته پراڻي شهر ۾ هئڻ ڪري ان جي ملڪيت اربن ۾ آهي. 1963ع کان عيدگاهه محلي جي ڪميٽي جي حوالي هئي. پوءِ اوقاف کاتي پنهنجي حوالي ڪيو. ڪراچي جي آخري قاضي جي پٽ عدالت وسيلي 1993ع ۾ عيدگاهه جو انتظام سنڀاليو، اصل ۾ هو به هن کي وڪڻي گودام ناهڻ جي چڪر ۾ هو. انهن سيني چڪرن جي باوجود تاريخي عيدگاهه سخت عوامي احتجاج ڪري اڃا بچيل آهي.

ان کانسواءِ ڪڏي جي مدرسي ۾ جامع مسجد عيدگاهه، شير شاهه واري عيدگاهه، سولجر بازار عيدگاهه (جيڪو نشتر پارڪ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. جتي اڄ به عيد نماز ادا ڪئي وڃي ٿي) منگهي پير ۾ موجود عيدگاهه، ماڙيپور، چار ڳوٺ ملير، دلبود عيدگاهه، ابراهيم حيدري، بابا پٽ، شمس پير، ريڙهي مياڻ، پير سرهندي ڳوٺ، حاجي شيدي ڳوٺ، عثمان شاهه درگاهه ڳڏاپ، سيد يوسف شاهه درگاهه درساڻو چنو ڳڏاپ مرڪز علي شاهه عيدگاهه ڳڏاپ ۽ ٻين علائقن ۾ پراڻا عيدگاهه موجود آهن.

عيدگاهن لاءِ مخصوص ڪيل جاين کانسواءِ مختلف پارڪن، ميدانن ۾ عيد نماز ادا ڪئي ويندي آهي.

**امام بارگاهه:**

ڪراچي جي سڀ کان پراڻي امام بارگاهه کاري در واري علائقي ۾ آهي جيڪو اثنا عشري شيعن جو آهي. 1878ع ۾ پراڻي امام بارگاهه جي جاءِ تي هاٽوڪي بلڊنگ ناهي وئي. جيڪا هڪ ماڙ

هئي. 1965ع ۾ هن تي بي ماڙ به اڏي ويئي. امام بارگاهه سان گڏ هڪ پراڻي ۽ عاليشان مسجد به آهي.

خوجن جي ڪراچي ۾ سني اڪثريت آهي. جيڪي پاڻ کي اسماعيلي سڏائين ٿا. انهن مان گهڻا پنهنجا روايتي فرقي کي ڇڏي اثناء عشري فرقي ۾ شامل ٿي شيعا ٿي چڪا آهن ۽ ڪاري در وارو امام بارگاهه انهن جو هيڊ ڪوارٽر آهي. آغا خاني خوجا پرنس ڪريم آغا خان کي پنهنجو مذهبي اڳواڻ مڃين ٿا ۽ ان جا پيروڪار آهن. ڪاري در ۾ آغا خان روڊ تي آغا خاني خوجن جو جماعت خانو آهي. جيڪو پراڻو جماعت خانو آهي. گارڊن ايسٽ واري علائقي ۾ گانڌي گارڊن جي اوپر پاسي جماعت خانو، ڪريم آباد واري علائقي ۽ ملير ۾ به جماعت خانا آهن. ملير وارو جماعت خانو پراڻو آهي. ورهاڱي وقت ڪراچي ۾ ٽي جماعت خانا ۽ به امام بارگاهه هئا. ٻيو امام بارگاهه لارنس روڊ تي نگار سينيما جي سامهون ڪاٻي هٿ تي آهي. جيڪو قديمي اثنا عشرين جو امام بارگاهه آهي.

**عيسائين جا گرجا گهر:**

اليگزينڊر ايف. بيلي پنهنجي ڪتاب "Kurrachee past present and future" ۾ ڪراچي جي چرچن جي باري ۾ لکيو آهي. بيلي 1890ع ۾ ڪراچي جو دورو ڪيو هو. هن ڪراچي ۾ ٻن وڏن چرچن هڪ سينٽ پيٽرڪ چرچ ۽ ٻيو ڪياماڙي واري چرچ جو ذڪر ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ ڇئن ننڍن چرچن جيڪي منهوڙي ۾ آهن جنهن ۾ هڪ سينٽ پال چرچ آهي جو ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته "ڪراچي جي سيني چرچن ۾ هن وقت 2500 ماڻهن جي عبادت لاءِ سيٽون موجود آهن. ڪراچي جي عيسائين جي گهڻائي چرچ آف روم سان وابستا آهي. شهر ۾ رومن ڪيٿولڪ مشن مصروف آهي. جنهن تحت ڪراچي جا مشهور سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ۽ سينٽ جوزف ڪانونيٽ اسڪول انهيءَ مشن سان ڳنڍيل آهن. هي ٻئي اسڪول ڪيمپ بازار (صدر) ۾ آهن."

**سينٽ پيٽرڪ ڪيٿولڪ چرچ:**

هاڻوڪي عراق روڊ جي اوپر واري چيڙي تي صدر جي پوئين پاسي سينٽ پيٽرڪ اسڪول جي سامهون هي چرچ ڪراچي سميت سنڌ ۾ نهنڌڙ پهريون باقاعده چرچ آهي. ان کان اڳ هتي موجود عيسائي پنهنجن گهرن ۾ هڪ حصي کي عبادت طور استعمال ڪندا هئا. هي چرچ صدر جيڪو ان وقت فوجي ڇانوڻي هيو، انهن ۾ يورپين فوجين لاءِ 1845ع ۾ جوڙيو ويو. ان وقت هن جي اڏاوت تي ڇهه هزار رپيا خرچ آيا. پهرئين هي ننڍو چرچ هو. هاڻوڪي خوبصورت جاءِ 1878ع ۾ ٺاهي وئي آهي. پراڻي بلڊنگ کي اسڪول ۾ تبديل ڪيو ويو هو پر 1885ع ۾ ڪراچي ۾ اينڌڙ طوفان ڪري تباهه ٿي ويو. هن چرچ جو هال 170 فٽ ڊگهو ۽ 75 فٽ ويڪرو آهي. هن ۾ 1500

ماڻهو هڪ ئي وقت عبادت ڪري سگهن ٿا. هي چرچ ڪيٿولڪ عيسائين سان تعلق رکي ٿو. سينٽ جوزف اسڪول ۽ سينٽ جوزف چرچ به ان سان گڏ آهن.

**هولي ٽرنٽي چرچ:**

هي ڪراچي ۾ اڏجندڙ پروٽسٽنٽن جو پهريون چرچ آهي. هي وڪٽوريا روڊ (عبدالله هارون روڊ) تي پراڻي ڪمشنر ۽ پاسپورٽ آفيس جي سامهون خوبصورت پارڪ ۾ آهي. هن جي ڏکڻ پاسي هوٽل ميٽرو پول ۽ اوبر پاسي آواري هوٽل آهي. هي پنهنجي گوٿڪ طرز اڏاوت ۽ ڊگهي ٽاور ڪري انتهائي خوبصورت آهي. شروع ۾ هي شهر جي اوچي عمارت هئي. هن جو ٽاور ڇهه ماڙ هو، جيڪو 150 فٽ ڊگهو هو. جيڪو صدر ڪراچي، ڪينٽ ۽ ڪياماڙي کان نظر ايندو هو. ڪراچي ۾ 1885ع ۽ 1902ع وارن طوفانن ڪانپوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته ٽاور جي مٿين ٻن ماڙن کي ختم ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته 1902ع واري طوفان ۾ چارلس نيپئر سان منسوب ڪيل دري تباهه ٿي هئي. جنهن جي ڪري 1904ع ۾ لاهور ۾ بشپ جي هدايت تي ٽاور جا مٿيان ٻئي ماڙ ختم ڪيا ويا. چرچ جي پيڙهه جو پٿر هڪ شاندار تقريب ۾ سربارٽلي فريئر 9 سيپٽمبر 1852ع ۾ رکيو هو. مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ بمبئي جي بشپ مارچ 1855ع ۾ چرچ جي بلڊنگ جو افتتاح ڪيو. جاءِ جي اڏاوت تي 53554 رپيا خرچ آيو. چرچ جي فرنيچر تي 10780 ۽ گهنڊ تي 1550 رپيا خرچ آيو. چرچ جو ڊيزائين بمبئي جي انجنيئر ڪيپٽن جان هل تيار ڪيو هو. چرچ ۾ چارلس نيپئر ۽ مسٽر ايف. ڊي ميلويلي نالي سان منسوب ٻه دريون به آهن.



**مشن چرچ- مشن روڊ**

**ڪرائسٽ چرچ:**

هي رومن چرچ مشن روڊ ۽ لارنس روڊ (نشتر روڊ) جي ميلاپ واري هنڌ ڏکڻ پاسي آهي هي چرچ مشن سوسائٽي 1856ع ۾ اڏيو ويو هو جيڪو ڪراچي جي مشهور اسڪولن مان هڪ آهي. پيمر پوري نانڪ واڙي ۽ رنچوڙ لائين جي وچ ۾ قائم گوٿڪ اڏاوتي طرز جي هي خوبصورت چرچ اڄ به صحيح حالت ۾ عيسائين جي عبادت هيٺ آهي. پاسي ۾ هڪ خالي ميدان به چرچ جي ملڪيت آهي.

**سينٽ پال چرچ:**

منهوڙي جي لائيٽ هائوس پرسان 1865ع ۾ سرچارلس نيپئر جي ياد ۾ هي چرچج قائم ڪيو ويو هو جيڪو اڄ به موجود آهي. هن چرچ ۾ 50 سيٽن جي گنجائش آهي.

**مٿيوڊسٽ هال چرچ:**

ڪيٿولڪ عيسائين جو هي چرچ 1875ع ۾ اڏيو ويو هو. هي بروڪسر چرچ جي نالي سان به سڃاتو وڃي ٿو. گارڊن تي هي چرچ هاٽوڪي اليڪٽرونڪ مارڪيٽ جي سامهون آهي. هي ڳاڙهن سرن ۽ پٿرن جي نهيل خوبصورت جاءِ آهي.

**سينٽ اينڊريوز چرچ:**

هي چرچ به گارڊن روڊ ڏانهن ويندي ڪابي هٽ تي صدر ۾ آهي. چرچ جي سامهون جهانگير پارڪ آهي. هي گوٿڪ اڏاوت جي انتهائي خوبصورت جاءِ آهي. هن جي پيڙهه جو پٿر 6 فيبروري 1867ع ۾ بمبئيءَ جي فوج جي ڪمانڊر انچيف سر رابرٽ نيپئر رکيو هو. هن جو افتتاح 31 ڊسمبر 1869ع ۾ ٿيو. چرچ جي بلڊنگ ڪي سنڌ ريلوي جي انجنيئر مسٽر نيو نهم ڊيزائين ڪيو هو. هن جي ٽاور جي اوچائي 56 فٽ آهي. هال 180 فٽ ڊگهو ۽ 56 فٽ ويڪرو آهي. چرچ ۾ 400 ماڻهن جي عبادت جي گنجائش آهي. خوبصورتي وڃائي رهيو آهي. هن کي اسڪونش چرچ به چيو وڃي ٿو.

**سينٽ جوزف چرچ:**

هي چرچ به صدر ۾ آهي. هن جي اڏاوت 1878ع ۾ ٿي هئي. سينٽ جوزف اسڪول ۽ سينٽ پيٽرڪ چرچ ان سان گڏ آهن. هي به گوٿڪ طرز جي خوبصورت جاءِ آهي.

1921ع ۾ ڊرگ روڊ تي رائل ايئر فورس جوڙيو ويو ته هتي مرمت وارو يونٽ قائم ڪيو ويو ۽ هتي ڊرگ روڊ ريلوي اسٽيشن تي هڪ گرجا گهر اڏيو ويو جيڪو اڄ به موجود آهي.

ڪيٿولڪ سينٽ پيٽر چرچ گرم چشمو منگهو پير به پراڻو چرچ آهي جنهن کي هاٽي کي. ايم سي چرچ گرم چشمو چيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته اهو چرچ ڪي. ايم. سي جي فليٽن ۾ قائم آهي. منگهي پير جي علائقي سلطان آباد ۾ ٽيئارڪو چرچ موجود آهي. ورهاڱي کان اڳ ماڙيپور، ملير ڪينٽ ۽ س. او. ڊي (ڊرگ واري علائقي) ۾ ننڍا گرجا گهر قائم هئا. جيڪي اڄ به موجود آهن ۽ اهي علائقا هن وقت به فوج جي حوالي آهن. ماڙيپور گريڪس وارو گرجا گهر هتي رهندڙ عيسائين جي حوالي آهي.

انگريزن جي وقت ڪليسائن جي انتظام لاءِ الڳ ڪاتو هوندو هو. سنڌ جا سيئي عيسائي مذهب جا چرچ لاهور واري بشپ جي لاٽ پادري جي حدن ۾ ايندا هئا.

انهن چرچن ڪانسواءِ هن وقت تمام عيسائي آبادين ۾ ننڍا چرچ موجود آهن جن ۾ پراڻي وقت جي چرچن جي خوبصورتي ته نه آهي. پر انهن ۾ غريب محنت ڪش ماڻهن جي پگهر جو پورهيو شامل آهي. انهن مان به چرچ سلاٽر هائوس شاهه بيگ لائين لياري ۾ آهن جن ۾ هڪ پيڪٽسٽ ڪرائيسٽ پنڊيڪاسٽل چرچ آف پاڪستان جنهن جو پادري فادر يونس آهي ۽ بيو سينٽ سيلس چرچ جيڪو ورهاڱي کان اڳ جو آهي، موجود آهن. نارائڻ پوري رنڇوڙ لائين ۾ بيت ايل هنتڪت پنجاب چرچ موجود آهي. ان کان سواءِ عيسيٰ نگري، چنيسر ڳوٺ، ڪيٿولڪ ڪالوني، سولجر بازار، شانتي نگر، نارٿ ناظم آباد، بلوچ ڳوٺ منگهو پير روڊ، اورنگي ۽ پنجاب ڪالوني جي عيسائي آبادين ۾ عبادت لاءِ چرچ موجود آهن. اهي گهڻو ڪري پنجابي آهن ۽ شهر جي صفائي جو ڪم انهن جي حوالي آهي. ناصري ڪالوني يوسف ڳوٺ ۾ اي آر پي سينٽ مائيڪل، ڪيٿولڪ چرچ، چرچ آف پاڪستان، ري بيس پيٽ، روسل ڪليميا، عوامي چرچ سيفل ڳوٺ سورجاڻي، ڪيٿولڪ چرچ لياري ايڪسپريس وي متاثر ڪالوني سونگل ۽ سينٽ جان ميري چرچ نور محمد ڳوٺ ڳجهڙو ۾ آهن.

**عيسائين جا قديم قبرستان:**

1839ع ۾ ڪراچي جي قبضي ڪانپوءِ پهريون بندر روڊ 1839ع ۾ ئي قائم ڪيو ويو. انهيءَ قبرستان ۾ چاڪر خان جي هٿان 1839ع ۾ قتل ٿيندڙ سيڪنڊ گرينڊئر رجمنٽ جي ڪئپٽن هينڊ جي قبر آهي. هن ۾ انهن انگريز فوجين جون قبرون آهن جيڪي ڪراچي ۾ ڪالرا وگهي فوت ٿيا هئا.

1843ع ۾ ڪراچي مسيحي قبرستان جيڪو گورا قبرستان جي نالي سان مشهور آهي. هي ڊرگهه روڊ عائشه پواني اسڪول جي لڳ آهي قائم ڪيو ويو. هن قبرستان ۾ سڀ کان پهرئين ڪرنل ڪارٽن جي ڌيءَ ماريا ڪارٽن کي 13 آڪٽوبر 1843ع ۾ دفن ڪيو ويو. ڪرنل ڪارٽن چارلس نيپئر جو مائٽ هو ۽ سنڌ جي قبضي وقت انگريز فوج ۾ هو. هن قبرستان جو انتظام ڪراچي ڪرسچن بورڊ جي هٿ هيٺ آهي. هن صاف ستري قبرستان ۾ هر قبر کي نمبر الاٽ ڪيل آهي. هن قبرستان ۾ پاولپور جي نواب جي گهر واري جيڪا عيسائي هئي. مريم ڊورٿي عيسائي جي به قبر آهي. جيڪا 27 مئي 1927ع ۾ ڪراچي ۾ گذاري ويئي هئي. ان خاتون جي قبر تي هڪ پاسي الله اڪبر ۽ ٻئي پاسي صليب جو نشان نهيل آهي. قبرستان ۾ پولينڊ جي 58 فوجين جي گڏيل قبر آهي. جيڪي 1945ع ۾ ٻئي مهاڀاري لڙائي جي خاتمي تي ڪراچي کان پولينڊ ويندي هوائي حادثي جو شڪار ٿيا هئا.

اسٽيڊيم روڊ تي فوجي علائقي ۾ مين روڊ تي اسٽيڊيم ڏانهن ويندي ڪابي هٿ تي عيسائين جو خوبصورت قبرستان آهي. هن ۾ پٿر جون ٺهيل 57 قبرون آهن. اهي فوجي ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ مارجي ويا هئا. ان کي نيوي قبرستان به چيو وڃي ٿو. پر قبرستان جو اصل نالو ڪراچي وار سيميٽري آهي.

صدر ڪانوينٽ اسڪول جي ڏکڻ پاسي ۾ عيسائين جو قبرستان آهي. هن ۾ سول ۽ فوجين جون قبرون آهن. هن قبرستان ۾ چارلس نيپئر جي پائيٽي ڪيپٽن جان مور ۽ هن جي پٽ جون قبرون به آهن جيڪو نيپئر جو ملٽري اسسٽنٽ به هو. جنهن جو تعلق 62 اين رجمنٽ سان هو. 1846ع واري ڪالرا جي بيماري ۾ هي مري ويو. جنهن تي نيپئر ڪراچي ۾ صفائي لاءِ ڪنزروينسي بورڊ جو بنياد وڌو. هن قبرستان ۾ فرسٽ بٽالين جي 50 اين ريفلر جي 685 فوجين جون قبرون آهن. جيڪي ڪراچي جي سخت موسم ڪري فوت ٿيا هئا. هتي جولاءِ 1846ع ۾ ڪالرا جي وڳهي فوت ٿيندڙ 261 ماڻهن ڪانسواءِ 86 اين شاهي رجمنٽ جي 23 سارجنٽن جي به هڪ گڏيل يادگار آهي.

انهن قبرستانن جو استعمال هاڻي بند آهي ڪراچي ۾ موجود عيسائي جيڪي يورپين نه آهن انهن جي آبادين ۾ الڳ الڳ قبرستان موجود آهن. هن وقت ڪراچي ۾ عيسائين جا چار مختلف مشن ڪم ڪري رهيا آهن.

**<u>ٻين مذهبن جون عبادت واريون جايون ۽ قبرستان:</u>**

ڪراچي ۾ پارسين جا ٻه عبادت جا مرڪز آهن جن کي آتش ڪده (مقدس باهه واري جاءِ) ۽ اگياري به چيو وڃي ٿو. اهڙو پهريون عبادت گاهه صدر جي بوهري بازار ۾ جهانگير ريسٽورنٽ واري گهٽي ۾ آهي. هي عبادت گاهه هڪ پارسي هير جي پائي پنهنجي رهائش واري جاءِ جي هڪ حصي ۾ ٺهرائي هئي. جيڪو 1845ع ۾ جوڙيو ويو. ڪئمپ بازار (صدر بازار) ۾ هئڻ ڪري هن کي ڪئمپ مقدس باهه واري جاءِ به چيو ويندو هو. پر پارسين وٽ هي "هير جي وارو دار مهر" مشهور آهي. 1875ع ۾ هاٽوڪي جاءِ ناهي ويئي آهي. 1918ع ۾ هن کي ٻه ماڙ ڪيو ويو. هتي مذهبي گڏجاڻين لاءِ هڪ هال به آهي. مقدس باهه انڊيا مان هتي آندي ويئي هئي. جيڪا ڪڏهن به وسامندي نه آهي.

پارسين جو هڪ ٻيو "دار مهر" (عبادت گاهه) گاڏي کاتي واري علائقي ۾ ڊي. جي ڪاليج لڳ آهي. هي مقدس باهه واري جاءِ 1875ع ۾ ڊوسا مهر وانبي واڊيا اڏيو هو. بعد ۾ سر جهانگير ڪوٺاري جنهن جي نالي سان صدر ۾ جهانگير پارڪ ۽ ڪلفٽن ۾ جهانگير ڪوٺاري پريڊي آهي.

جيڪي ان ڪراچي وارن جي تفريح لاءِ ناهيا هئا ۽ سرڪائوس جي ڪڙڪ جيڪو ڪراچي جو

ميئر رهي چڪو آهي، هاٽوڪي جاءِ نهرائي آهي. پارسين جي هتان لڏپلاڻ ڪري ان عبادت گاهه ۾ هاٽي گهٽ پارسي اچن ٿا.

پارسين جي مردن کي نيڪاٽي لڳائڻ وارن جاين جن کي هو ”دخما“ چون ٿا، تي هئا. جن مان هڪ اجا به موجود آهي. جڏهن ته ٻه ختم ٿي چڪا آهن. بچيل ”دخمو“ چنيسر ڳوٺ جي ويجهو 1915ع ۾ ناهيو ويو آهي. هي علائقو ان وقت غير آباد هو هتي فقط چنيسر ڳوٺ ۽ چنيسر هالٽ ريلوي اسٽيشن ڪانسواءِ پهاڙي علائقو هو. هتي وڏي ڪوهه تي هڪ ٽاور ٺهيل آهي ۽ پوري علائقي کي چار ديواري ۾ بند ڪيو ويو آهي. انهيءَ ٽاور کي ”ٽاور آف سائيلنس“ چيو ويندو آهي. هن جي مٿان لوهي جاري تي مردن کي رکيو ويندو آهي. جنهن جو ماس جانور ۽ پکي کائيندا آهن. انهن جو عقيدو آهي ته گناهه گار جي لاش جي ويجهو پکي ۽ جانور نه ايندا آهن.

ان کان اڳ پهريون باقاعده دخمو رتن تلاءَ واري علائقي ۾ هو جتي هڪ ڪوهه جي مٿان جاري رکيل هئي. هو مردن کي ان تي ڇڏي ويندا هئا. شهر جي وڌڻ ڪري ان کي ختم ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ڪلفٽن ۾ دخمو نهرايو ويو. ان کي به شهر جي وڌڻ ڪري ختم ڪيو ويو. چنيسر ڳوٺ واري ٽاور آف سائيلنس شهر وڌڻ کان پوءِ به برقرار آهي ۽ ان جو حل اهو ڪڍيو ويو جو ان کي چار ديواري ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي.

**يهودي جا عبادتگاهه ۽ قبرستان:**

ڪراچي ۾ يهودين جا ٻه قبرستان آهن. جن مان هڪ حاجي ڪئمپ ۾ جيڪو بني اسرائيل قبرستان جي نالي سان مشهور هو. جيڪو پراڻي حاجي ڪئمپ جي ڏکڻ اولهه پاسي هو. جتي يهودين جون 100 قبرون هيون. 1907ع واري سنڌ گزيٽيئر ۾ 1901ع واري ڳڻپ موجب ڪراچي ۾ 428 يهودي هئا. يهودين جو ٻيو قبرستان ميوا شاهه ۾ هڪ الڳ چار ديواري ۾ موجود آهي. جتي هڪ قبر مسٽر سلومون ڊيوڊ جي گهر واري شيلو جي آهي. سلومون ڊيوڊ ڪراچي ۾ ميونسپل سرويئر ۽ يهودي ڪميونٽي جو صدر هو. ان قبر تي تاريخ وفات 27 اپريل 1903ع ۽ عمر 56 سال لکيل آهي. هن چار ديواري ۾ سڀ کان پراڻي قبر 1901ع واري تاريخ جي آهي هن کان اڳ مري ويندڙ يهودين کي پراڻي حاجي ڪئمپ واري بني اسرائيل قبرستان ۾ دفن ڪيو ويندو هو. هتي يهودين جي هڪ مذهبي اڳواڻ سلومون اوومر ڊاڪر Slolmon Omer Daker (1861-1930) جي قبر به آهي.

ڪراچي ۾ يهودي گهڻو ڪري لارينس ڪوارٽر ۾ رهندا هئا ۽ هتي جوبلي مارڪيٽ ۽ هوتي مارڪيٽ ويجهو يهودين جي عبادت واري جاءِ سيناگاگ(Synagogue)هئي جتي هاڻي رهائشي پلازا ناهيل آهي.

بهائين جو قبرستان گلستان جاويد به هڪ چار ديواري ۾ ميوا شاهه قبرستان ۾ آهي ۽ بهائين جي عبادت واري جاءِ گرو مندر تي لسبيلي روڊ تي نور ڪاليج واري گهٽي ۾ ڪاليج جي سامهون بهائي ڪميونٽي مرڪز ۾ آهي. هي مرڪزي عبادت گاهه آهي. باقي بهائي پنهنجي گهر ۾ عبادت ڪندا آهن. بهائين جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ ڪجهه رهجي ويل منظر واري باب ۾ پڙهندا.



ميوا شاهه قبرستان ۾ يهودين جي قبرستان جو هڪ منظر

ميوا شاهه قبرستان ۾ يهودين جي قبرستان جو هڪ منظر

**واڳوئن جون قبرون:**

ڪراچي کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته هتي واڳوئن جا به قبرستان آهن. هڪ واڳو ڏر جي ٽڪري تي جتي ٽي سئو کان مٿي واڳوئن جون قبرون آهن. انهن مان تازو ڪجهه قبرن کي پڪو ڪري بزرگن جا نالا ڏنا ويا آهن. ٻيو قبرستان منگهي پير ۾ هو جنهن تي قبضو ڪري هن کي ختم ڪيو ويو. هاڻي واڳوئن کي مرڻ ڪانپوءِ واڳوئن جي تلاءُ جي چار ديواري ۾ دفن ڪيو وڃي ٿو.

**پيرن ۽ بزرگن جا درگاهه ۽ تڪيا:**

ڪئپٽن هارٽ 1838ع ۾ جڏهن ٽالپرن جي دور ۾ ڪراچي جو دورو ڪيو هو ته پنهنجي رپورٽ ۾ هن ڪراچي شهر ۾ 13 پيرن ۽ بزرگن جي درگاهن جو ذڪر ڪيو هو. پر هاڻي ڪراچي ۾ انهن جو انگ 150 کي ويجهو آهي. انهن مان ڪجهه بزرگ 1947ع جي ورهاڱي جي پيداوار آهن. انهن مان اڪثريتي درگاهن جو ديدار مون پاڻ ڪيو آهي. ڪجهه معلومات ڪتابن مان به حاصل ڪئي وئي آهي. گهڻن بزرگن خواب ۾ اچي بشارت ڏني هئي ته هو ان هنڌ پوريل آهي، هن کي ظاهر ڪيو وڃي. گهڻن بزرگن جي باري ۾ هتي وينل متولين کي به ڄاڻ نه آهي. انهن بزرگن جي

مزارن تي هفتيوار هزارين عقيدت مند سلام لاءِ ايندا آهن. گهڻن مزارن تي لنگر جو انتظام هوندو آهي. جيڪي سرهندي وارن ماڻهن پاران ڪيو ويندو آهي. هزارين ماڻهن جو روزگار انهن درگاهن سان ڳنڍيل هوندو آهي ۽ هزارين فقيرن، موالين ۽ بيروزگار ماڻهن جي ڪاڏي جو بندوبست انهن درگاهن تي آهي. معذرت سان لکڻو ٿو پوي ته گهڻن درگاهن تي منشيات جو ڪاروبار عروج تي آهي. جنهن ۾ متولي ۽ سنياليندڙڪان وني وڏا سرڪاري عملدار ملوث آهن. گهڻا درگاهه اوقاف کاتي جي حوالي آهن پر انهن درگاهن جي پيتين ۾ پوندڙ لکين رپين جو ڪو حساب ڪتاب ڪونهي. جنهن ۾ متولي، اوقاف کاتو ۽ پوليس جا عملدار حساب ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن. انهن درگاهن جا گادي نشين انتهائي طاقتور آهن انهن جي طاقت جو سرچشمو پوليس اهلڪار ۽ منشيات جي ڌنڌي ۾ ملوث مضبوط ماڻهو آهن. جنهن جي ڪري انهن جي هڪ هٽي ۽ بدمعاشي کي روڪڻ عوام ۽ عام ماڻهو جي وس جي ڳالهه نه آهي. انهن درگاهن تي ايندڙ عورتن سان ٿيندڙ ڏاڍ جا داستان ڪڏهن ڪڏهن اخبارن جون زينت بڻجندا آهن. پر وڏن ماڻهن جي وچ ۾ پوڻ ڪري ڳالهه ختم ٿي ويندي آهي. غريب، پورهيت طبقي ۽ عقيدت مندن جي عقيدت جو فائدو انهن چند گادي نشينن ۽ سرڪاري اهلڪارن کي حاصل هوندو آهي.

هر درگاهه تي بزرگ جي ڪرامتن کي وڌائي پيش ڪرڻ جو ڄڻ ته مقابلو لڳو پيو آهي. انهن ڏند ڪتائن ۽ من گهڙت ڪهاڻين تي ٻڌل بزرگن جي باري ۾ لکيل ڪتاب به انهن درگاهن ۾ موجود آهن. وڏي پيماني تي هن پروپئگنده ۾ سچ ڪٿي گم ٿي ويو آهي. جنهن جي ڳولڻ واري تي ڪفر جي فتويٰ جاري ڪري هن کي واجب القتل قرار ڏنو ويندو آهي. هڪ واقعو بيان ٿو ڪريان جنهن جو تعلق ويجهي ماضي سان آهي.

منهنجو هڪ مائٽ جيڪو شرافي جي ڳوٺ حاجي شاهه علي ۾ مسجد جو پيش امام هو جنهن جو اصل نالو ملا محمد هو پر هو ملا لاغر جي نالي سان مشهور هو. ڪل پوڳ وارو هي زنده دل ماڻهو پيش امام هوندي به هر ماڻهو سان رلي ملي ويندو هو. هن ٻڌايو ته 14 سالن جي عمر ۾ هو ايئر پورٽ لڳ ڊرگ روڊ واري قبرستان تي جيڪو روڊ سان لڳ آهي. هو هڪ قبر تي ويهي رهيو. ملير ۽ شرافي کان ايندڙ ماڻهو گهڻو ڪري سبزي ڊوئيندڙ اٺ گاڏين وارا هن جي ويهڻ ڪانپوءِ هتي پئسو رکي ويندا هئا ۽ انهن پئسن مان هو فلمون ڏسندو هو. ڪجهه سالن ڪان پوءِ هڪ پناڻ اها قبر ان کان 150 سئو رپين ۾ خريد ڪئي ۽ هاڻي هتي وڏي درگاهه آهي ۽ هو پناڻ جيڪو پنڊ آيو هو. هاڻي ڪراچي جو وڏو ٽرانسپورٽر آهي ۽ هاڻي درگاهه هن جي اولاد جي حوالي آهي ۽ مون وارو مائٽ مفلسي ۾ گذاري ويو. هن واقعي جا اکين ڏٺا شاهد اڄ به موجود آهن.

ميوا شاهه جي باري ۾ عجيب غريب ڪهاڻيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. جنهن جي پويان ڪراچي جو مشهور ميوا شاهه قبرستان آهي. جنهن جي باري ۾ لياري جي مشهور دانشور مرحوم يوسف نسقندي مون سان ڪچهري ڪندي ٻڌايو ته، ”هن جا وڏا چوندا هئا ته ميوا شاهه جنهن جو نالو ڪبير شاهه هو. لياري ۾ تعويذ ڏيڻ، ڦيٽي ڪرڻ وارو ڪم ڪندو هو چاڪاڻ ته مزدوري جو ڪم ڪرڻ ان لاءِ ڏکيو هو. اهڙا ماڻهو هميشه اهڙن پورهيت ماڻهن جي وسندين جو رخ ڪندا آهن جتي زندگي جي ڪا سهولت نه هوندي آهي. هن پنهنجو هڪ حلقو ناهيو هو جيڪي هر مرحلي ۾ وڃي ان جي ڪرامت جي تعريف ڪندا هئا. گهڻن الزامن ڪانپوءِ انگريزن هن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو. چاڪاڻ ته طاقتور ٿيڻ ڪانپوءِ ان جا ماڻهو بدمعاشي ڪندا هئا.“

پر جڏهن هن جي قبر تي وڃبو ته ٻي ڪهاڻي اوهانجي انتظار ۾ هوندي آهي ته، ”هن جو اصل نالو سيد عبدالڪبير ولد سيد عباس آهي ۽ هي 1715ع ۾ افغانستان جي ڪنڙ صوبي ۾ پيدا ٿيو. بخاري سيد آهن ۽ سندس خاندان جو تعلق حضرت علي سان ملي ٿو ۽ افغانستان ۾ فوج ۾ جرنيل جي عهدي تي فائز هو ۽ خانداني ميون جا باغ هئا. باغ جي ملڪيت تان جهيڙي سبب هڪ مٽي جي ديوار تي چڙهي ڪراچي آيو.“ اها ديوار بقول قبر تي وينل مجاور جي چاڪياڙي ۾ اجا به موجود آهي جنهن جي مٽي سان ماڻهو صحتياب ٿين ٿا. ڪراچي ۾ رهڻ دوران سفيد جبي ۾ ملوث هوندو هو ۽ هر وقت بندوق ڪلهي تي لٽڪيل رهندي هيس. وڌندڙ شهرت ڪري برطانيا حڪومت ڪيس گرفتار ڪري جيل موڪليو. جيل ۾ بند هوندي به ماڻهن هن کي ٻاهر هلندي ڦرندي ڏٺو. برطانيا جي سرڪار هن کي ڪاري پاڻي جي سزا ڏني. جڏهن پاڻي جي جهاز ۾ هن کي اوڏانهن وٺي وڃي رهيا هئا ته نماز جي وقت پاڻي جي جهاز ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت نه ملڻ ڪري پاڻ مصلو کڻي جهاز کان ٻاهر سمنڊ جي سطح تي مصلو وڇائي نماز پڙهيائون. نماز مان فارغ ٿي هڪ وڏي مڇي تي سوار ٿي ڪراچي واپس آيا. انهيءَ مڇي جا ڪنڊا مزار جي ديوار اندر موجود آهن. ڊولفن مڇي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ميوا شاهه سمنڊ مان هن تي سواري ڪري واپس لياري آيو. هن جا هڏا هڪ شيشي جي الماري ۾ قبرستان واري چار ديواري ۾ رکيل آهن. 1865ع ۾ وفات ڪيائين ته لياري ندي جي ڪناري واري قبرستان ۾ دفن ڪيائون ان ڏينهن ڪانپوءِ ان قبرستان جو نالو ميوا شاهه قبرستان آهي.“ ميوا شاهه جي قبر تي درگاهه نه آهي. چار ديواري ۾ ٻين قبرن سان گڏ جتي ان جي مائٽن جون قبرون آهن ۽ غازي عبدالقيوم جي قبر سندس پيراندي تي آهي. ميوا شاهه هتي بلوچن ۾ شادي ڪئي. جنهن جي پونئرن مان گهڻا مشهور اديب، شاعر، ڳائڻا ۽ صحافي گذريا آهن. جن بلوچي ادب جي وڏي خدمت ڪئي. اسان سيني جو پيارو دوست نادر شاهه عادل صحافي، بلوچي ٻولي جي مشهور شاعره بانل دشتياري،

مشهور بلوچي شاعر حضرت شاھ ٻين جو تعلق ميوا شاھ جي خاندان سان آهي. اها چار ديواري جتي ميوا شاھ دفن آهي هتي خاندان وارا دفن آهن.



**ميوا شاھ قبرستان ۾ موجود ميوا شاھ جي قبر**

لي مارڪيٽ کان چاڪيواڙي ڏانهن ويندي هشت چوڪ کان اڳ ساڄي هٿ تي ميوا شاھ جي حويلي اڄ بہ موجود آهي.

هي ۽ ان جهڙيون گهڻيون ڪهاڻيون انهن درگاهن بابت مشهور آهن. جن تي لکڻ لاءِ هڪ پوري ڪتاب جي ضرورت آهي. انهيءَ جي باوجود گهڻا خدا جا نيڪ ٻانها ۽ بزرگ بہ آهن. جن جي محبت، علم ۽ تقويٰ لکين انسانن کي پنهنجو گرويد بڻايو ۽ علم ۽ عمل جي روشني سان ماڻهن کي فيضياب ڪيو. قديم تاريخ کان وٺي سنڌ اوليائن، پيرن فقيرن ۽ صوفين جو مسڪن رهي آهي. سنڌ جي خوبصورت سرزمين بهادر سپوتن ڪانسواءِ صوفين، پيرن ۽ فقيرن جي سرزمين بہ آهي. جن مان گهڻن سنڌ ۾ ماڻهن کي مذهبي ڪٽرپڻي کان هميشہ پاسيرو رکيو.

پر هن ڪاروباري زماني ۾ انهن جي پرک مشڪل آهي.

هيٺ ڪراچي جي بزرگن، پيرن، فقيرن ۽ صوفين جي مزارن ۽ درگاهن جي لسٽ ڏجي ٿي. جن ۾ گهڻن تي روزانو سوين ماڻهو سلام پرڻ لاءِ ايندا آهن ۽ ڪن جون درگاهون ميلن وقت آباد ٿينديون آهن. ڪوشش اها آهي تہ سيني درگاهن جي لسٽ هتي ڏجي. پر پوءِ بہ ممڪن آهي تہ ڪجھ نالا رهجي بہ ويا هجن.

| نمبر | نالو | هنڌ |
|---|---|---|
| 1 | حضرت عبدالله شاھ غازي | ڪلفٽن: پيدائش 98ھ مدينو شريف- وفات 151ھ ڪراچي |
| 2 | حضرت سخي سلطان پير منگهو | منگهو پير |
| 3 | حضرت سيد قطب عالم شاھ | عيدگاھ بندر روڊ- دريافت 1849ع |

| | | |
|---|---|---|
| | بخاري (وڏو پير) | |
| 4 | حضرت اسماعيل شاھ | عيدگاھ بندر روڊ: پيدائش 1819ع ڪارو در- وفات 1929ع |
| 5 | حضرت قاتل شاھ (مير محمد احمد صديق) | عيدگاھ بندر روڊ |
| 6 | حضرت ميوا شاھ (سيد عبدالڪبير) | ميوا شاھ قبرستان: پيدائش 1715ع افغانستان- وفات 1865ع ڪراچي |
| 7 | بچل شاھ بخاري (مستان شاھ) | گاڏي ڪاتو بندر روڊ |
| 8 | حضرت سيد عبدالرحمان شاھ | بندر روڊ |
| 9 | حضرت سيد يوسف شاھ | منهوڙو |
| 10 | سيد پير غائب شاھ | ڪياماڙي پٽا وليج |
| 11 | نور شاھ غازي (اڇي قبر) | بمبئي بازار ڪارودر |
| 12 | سيد چٽن شاھ غازي | آغا خان روڊ ڪارو در |
| 13 | سيد محمد شاھ سبزواري | آغا خان روڊ ڪارو در |
| 14 | معصوم شاھ بخاري | ڪارو در |
| 15 | سيد قادر شاھ | ڪارو در |
| 16 | سيد جمال شاھ | ڪارو در |
| 17 | پير حسن شاھ | جوڙيا بازار ڪارو در |
| 18 | سيد ابراهيم شاھ | وزير مينشن ڪارو در |
| 19 | حضرت سيد زنده شاھ (ظاهر شاھ) | ڪارو در |
| 20 | حضرت مسڪين شاھ بخاري | جوڙيا بازار پهول چوڪ |
| 21 | مصلح الدين شاھ | ڪوڙي باغيچو بولٽن مارڪيٽ |
| 22 | شيدي بابا | موسيٰ لين منو در لياري |
| 23 | غريب شاھ | ڪنيار واڙو لياري |
| 24 | بيبي ميران ماءُ | شيدي وليج روڊ مارڪيٽ |

| | | |
|---|---|---|
| 25 | عمر شاهه ولي | ڪتري مسجد لي مارڪيٽ |
| 26 | سيد احمد شاهه مشهدي | نانڪ واڙو |
| 27 | سيد امام شاهه بخاري | نانڪ واڙو |
| 28 | سيد حاجي پير | پيم پورو |
| 29 | سيد قطب ظهور شاهه | پيم پورو |
| 30 | حضرت سيد محمد ابراهيم شاهه | پيم پورو |
| 31 | حضرت سيد امام شاهه بخاري غازي | پيم پورو |
| 32 | سيد قرار شاهه | پهول چوڪ کجهور بازار |
| 33 | حضرت جمن شاهه | لارنس روڊ گارڊن |
| 34 | حضرت محمد عمر نعيمي | ناظم آباد |
| 35 | سيد محمد نظم برخيا | نارٿ ناظم آباد |
| 36 | سيد طاهر اشرف | حاجي مريد گوٺ لالو کيٽ |
| 37 | حضرت مهتاب شاهه بخاري | سولجر بازار: پيدائش 1835ع وفات 1914ع |
| 38 | سيد علي مست | ماڙيپور روڊ لياري ندي چوڙ لڳ |
| 39 | سيد شير شاهه | شير شاهه وليج مورڙو قبرستان |
| 40 | سيد صالح شاهه | شير شاهه وليج مورڙو قبرستان |
| 41 | سيد حيدر شاهه | ڪورنگي ڪنٽونمينٽ ابراهيم حيدري |
| 42 | ابراهيم شاهه | چڪرو گوٺ ابراهيم حيدري روڊ |
| 43 | سيد قاسم شاهه | ابراهيم حيدري |
| 44 | سيد جمن شاهه | ابراهيم حيدري |
| 45 | سائين پيرو شاهه | ريڙهي مياڻ |
| 46 | ابراهيم شاهه | ريڙهي مياڻ |
| 47 | سائين عنايت | چشما گوٺ |
| 48 | سائين اسماعيل شاهه مست بخاري | ابراهيم حيدري |

| | | |
|---|---|---|
| 49 | علي اڪبر شاھ | علي اڪبر شاھ ڳوٺ ابراهيم حيدري |
| 50 | حضرت خواجا سيد محمد حسن شاھ | قائد آباد لانڌي |
| 51 | الحاج عبدالواحد صابري | ڪورنگي-1 قبرستان |
| 52 | ڪندو شاھ بابا | ڪورنگي-5 قبرستان |
| 53 | عبدالحفيظ قادري | شاھ فيصل ڪالوني عظيم پورو |
| 54 | سيد نور علي شاھ بخاري | حاجي گل محمد ڪلمتي ڳوٺ شرافي لانڌي |
| 55 | نوگزو بابا | حاجي گل محمد ڪلمتي ڳوٺ شرافي لانڌي |
| 56 | سيد هاشم شاھ | حاجي شاھ علي بلوچ ڳوٺ شرافي لانڌي |
| 57 | ممتاز احمد رحماني چشتي قادري قلندري | ممتاز نگر ملير ڪالوني پيدائش 1927ع دهلي، وفات 1403ھ ڪراچي |
| 58 | حافظ محمد يوسف علي سليماني (1959ع ۾ پاڪستان آيو) | پيدائش 1889ع راجستان- وفات 1975ع ڪراچي |
| 59 | حضرت مير محمد عمر شاھ صديق چشتي نظامي | قائدآباد لانڌي<br>پيدائش 1901ع دهلي-1947ع ۾ ڪراچي ۾ آيو.<br>وفات 1971ع |
| 60 | محبت شاھ وارثي احرام پوش | محبت نگر ملير نيشنل هاءِ وي- پيدائش 1867ع يو- پي يارت. 1947ع ۾ ڪراچي ۾ آيو. وفات 1967ع |
| 61 | سيد عبدالله شاھ نوراني | ڪورنگي-1 لڳ چڪرو ڳوٺ |
| 62 | سيد عبدالرحيم باز محمد قتلاني قادري | غازي بروهي ڳوٺ ملير سٽي- وفات 1959ع |
| 63 | حضرت باون شاھ | ميمڻ ڳوٺ روڊ شفيع ولیج ملير |
| 64 | حضرت سائين بابا ولايت شاھ | لڳ بهاول پور هائوس ملير- 1947ع ۾ پاڪستان آيو، پيدائش 1842ع پاني پت ڪرنال- وفات 1957ع |
| 65 | سائين مهر علي شاھ مست | اولڊ ٺاٽو ملير، وفات 1379ھ |

| | | |
|---|---|---|
| | بخاري | |
| 66 | سيد حاجي شاھ | نيشنل ھاءِ وي ويجھو جوڳي موڙ لانڍي |
| 67 | حضرت ابراھيم شاھ | ٿڌي نئين جي ڪناري سومار اسماعيل ڳوٺ لڳ |
| 68 | الحاج سيد غلام جھانيان شاھ | اسماعيل ڪنڌاڻي ڳوٺ ملير |
| 69 | حضرت پير بالا شاھ | مٺو در قبرستان |
| 70 | سيد در محمد شاھ | پنھور محلو ميمڻ ڳوٺ |
| 71 | سيد محمد علي شاھ بخاري | ميمڻ ڳوٺ |
| 72 | بيبي مايون | ملير ندي ڪناري ميمڻ ڳوٺ |
| 73 | سيد سونھارو شاھ | ڊملوٽي روڊ ملير ڪينٽ ٿڌي نئين لڳ |
| 74 | سيد يوسف شاھ | رضا محمد ڳوٺ درساڻو چنو |
| 75 | سيد حسن شاھ | رشين بيچ بيلو، پيري بن قاسم ٽائون |
| 76 | سمندري بابا | لنڪ روڊ ديھ ڏانڊو گھگھر |
| 77 | پير ضيا احمد سرھندي | پير ڳوٺ لانڍي |
| 78 | شھيد احمد شاھ جيلاني | شاھ فيصل ڪالوني، ملير شبانہ سينيما ويجھو |
| 79 | مصري شاھ بخاري | صديق ڳوٺ ڊرگھ ملير |
| 80 | بابا محمد فيض رسان | دلبود ڳوٺ، دلبود قبرستان ملير |
| 81 | سائين چتن شاھ | درساڻو چنو |
| 82 | سيد عنايت شاھ | جامعہ مليہ |
| 83 | علاءُ الدين قادري طرطوسي | ملير سٽي |
| 84 | بابا عبدالرحمان شاھ لڏيانوي | سعود آباد ملير |
| 85 | سيد يعقوب شاھ | ملير ھالٽ |
| 86 | شاھ محمد سليمان رضا | ڪالوني گيٽ قبرستان ڊرگ روڊ ايئرپورٽ جي سامھون |
| 87 | سيد شمسار شاھ بخاري | ڪالوني گيٽ قبرستان |
| 88 | بي بي مريم بخاري | ڪراچي ايئر پورٽ لڳ |
| 89 | خواجا سراج الدين نظامي | قائد آباد لانڍي |

| | | |
|---|---|---|
| 90 | معصوم شاهه بخاري | ڊرگ روڊ اسٽيشن لڳ |
| 91 | حاجي حافظ احمد حسين نقشبندي | ڊرگ روڊ اسٽيشن لڳ |
| 92 | حضرت خواجا سيد محمد حسن شاهه | قائدآباد لانڍي |
| 93 | سيد احمد علي شاهه | عمار ياسر سوسائٽي ملير |
| 94 | سيد عثمان شاهه | گڏاپ روڊ ديهه ڪونڪر |
| 95 | حضرت علم علي شاهه جيلاني قادري قلندري | گڏاپ سٽي گڏاپ- وفات 2004ع |
| 96 | حضرت بابا خدن شاهه | گڏاپ سٽي گڏاپ |
| 97 | حضرت علي شاهه | نيو ڪونڪر گڏاپ روڊ |
| 98 | شاهه مريد | موڪي ڪارو روڊ ديهه شاهه مريد |
| 99 | سيد ابراهيم شاهه | موڪي ڪارو روڊ ديهه شاهه مريد |
| 100 | نور شاهه | موڪي روڊ ويجهو شاهه مريد درگاهه |
| 101 | سيد عبدالڪريم شاهه | ٺارو مينگل ڳوٺ سونگل |
| 102 | سيد عثمان شاهه | معين بڪڪ ڳوٺ موئيداڻ |
| 103 | سلطان محمد شاهه | واڻ ڪند قبرستان ديهه واڻ ڪند گڏاپ |
| 104 | مائي ڳاڙهي | ديهه مائي ڳاڙهي عبدالله رند ڳوٺ حب ندي منگهو پير |
| 105 | سيد جليل شاهه جاني | گرم چشمو منگهو پير |
| 106 | سيد قاسم شاهه | مواچ |
| 107 | حضرت عنايت شاهه | بولٽن مارڪيٽ ڪارو در |
| 108 | مصري شاهه | ڪديجي سپر هاءِ وي |
| 109 | قلندر بو | پنهور محلو ميمڻ ڳوٺ |
| 110 | سيد اسماعيل شاهه | ويجهو گوري فارم ميمڻ ڳوٺ |
| 111 | سيد جمن شاهه | سپر هاءِ وي ويجهو ناگوري سوسائٽي |
| 112 | سيد حاجي پير مجنون | حاجي پير مجنون قبرستان گهگهر |

| | | |
|---|---|---|
| 113 | سيد ڪمال شاھ | لِگ ڳانگيارو ڍورو وسند ڳوٺ |
| 114 | حضرت بابا شمس الدين اوليا | ميوا شاھ حسن اوليا وليج |
| 115 | حضرت سيد مولانا محمد علي شاھ جيلاني | ميوا شاھ حسن اوليا وليج |
| 116 | حضرت بابا اجميري شاھ | ميوا شاھ ويجهو گٽر باغيچو |
| 117 | سيد معصوم علي شاھ | ميوا شاھ قبرستان |
| 118 | سيد مشتاق احمد چشتي قلندري | ميوا شاھ قبرستان |
| 119 | سيد محمود علي شاھ نقشبندي | ميوا شاھ قبرستان |
| 120 | سيد مقبول شاھ بخاري پاني پت والي | ميوا شاھ قبرستان |
| 121 | حضرت سيد ٻُهلي شاھ پير ڪوڙهيا | ميوا شاھ قبرستان |
| 122 | بابا سلطان شاھ | ميوا شاھ قبرستان |
| 123 | سيد شيخ جمال الدين المعروف سيد جمن شاھ | سومار ڪنڊاٽي ڳوٺ ملير |
| 124 | مائي خديجا بي بي | ڪراچي ايئر پورٽ پي ايم ٽي لِگ |
| 125 | حضرت سيد خواجا نواب احمد | منو ڳوٺ گلشن اقبال |
| 126 | سيد وجاھت علي شاھ مست بخاري | ميوا شاھ قبرستان |
| 127 | سيد معصوم شاھ | ميوا شاھ قبرستان |
| 128 | سيد ماٽڪ شاھ | ميوا شاھ قبرستان |
| 129 | سيد هاشم شاھ بخاري | سليمان ڳوٺ پي آءِ پي ڪالوني |
| 130 | بابا محمد شاھ | دائود ڳوٺ ملير |
| 131 | حضرت نانا سرڪار | منگهو پير قبرستان |
| 132 | بابا عبدالمالڪ سرهندي | ابراهيم حيدري قبرستان |

| | | |
|---|---|---|
| 133 | مائي ستيون | منگهو پير قبرستان |
| 134 | مائي منگينلڌي درويشياڻي بنت در محمد باريچو | منگهو پير قبرستان |
| 135 | سائين محمد صادق فقير | منگهو پير قبرستان |
| 136 | بابا رحيم الله حميدي | ماڊل ڪالوني قبرستان |
| 137 | سيد آصف شاهه | واڱو ڏر- ريڙهي مياڻ (وفات 18 شوال 1200هه) |
| 138 | سيد اڪبر بابا | واڱو ڏر- ريڙهي مياڻ |
| 139 | سيد رستم شاهه | واڱو ڏر- ريڙهي مياڻ |
| 140 | سيد شهنشاهه | واڱو ڏر- ريڙهي مياڻ |
| 141 | بابا بوري سيد نور محمد شاهه | نيشنل هاءِ وي گهگهر |
| 142 | جيلاني بابا | گلستان جوهر |
| 143 | سخي حسن | سخي حسن قبرستان ناظم آباد |
| 144 | حضرت نصير الدين لاهوتي شاهه | پاپوش نگر قبرستان ناظم آباد |
| 145 | حضرت جهانگير علي شاهه جلالي | پاپوش نگر قبرستان ناظم آباد |
| 146 | حضرت واحد علي شاهه | مين روڊ نارٿ ناظم آباد |

تڪيا/ آستان

1) شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو تڪيو — گڏاپ
2) سيد عثمان شاهه غازيءَ جو تڪيو — ذڪريا ڳوٺ ٽول پلازه سپر هاءِ وي
3) حضرت شاهه محمد جو تڪيو — پاڪستان هوٽل سامهون ويجهو سمو بلوچ ڳوٺ ميمڻ ڳوٺ روڊ ملير
4) سيد بابا حاجي پير شاهه جو تڪيو — ڪوهي ڳوٺ لانڊي ملير
5) آستانو غريب نواز — دائو ڳوٺ ملير

# ڪراچي جي ديھن جي دنيا

1843ع ۾ قبضي ڪانپوءِ انگريز حڪومت ڪراچي سميت پوري سنڌ زمين جي سروي جو ڪم شروع ڪيو. سنڌ ۾ زمين کي ديھن، تپن، تعلقن، محالن ۾ ورهايو ويو. ان ڪم لاءِ الڳ ادارو ”روينيو ڪاتو“ جوڙيو ويو. جيڪو اڄ بہ قائم آهي. هن ڪاتي جو هيڊ ڪواٽر حيدرآباد ۾ آهي. هر ديھ لاءِ الڳ نقشو جوڙيو ويو، جنهن ۾ ڳوٺن، جبلن، ندين، نئين، ڍورن، گسن، پيچرن، لڪن، ڍنڍن، پراڻن ماڳن جي نشاندهي ڪئي ويئي. سروي ۾ سرڪاري زمينن جو الڳ ريڪارڊ جوڙيو ويو. هن ڪم لاءِ انگريز آفيسرن، سروي جي ماهر، تپيدارن، ڪوڙارن ۽ مقامي ماڻھن جون خدمتون حاصل ڪيون. ان ڪم ۾ ڪيترا سال لڳي ويا. مختلف علائقن ۾ ڪئمپون لڳائي هي ڏکيو ڪم مڪمل ڪيو ويو. ڏکئي ڪم جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ انگريزن ڪانپوءِ هن جديد دور ۾ بہ رهيل علائقن جي سروي جو ڪم نہ ڪيو ويو آهي.

اها پوري تاريخ آهي جنهن لاءِ هڪ الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. ايڏي وڏي ڏکئي ڪم ڪانپوءِ اسان ان جي ريڪارڊ کي سنڀالي نہ سگھياسين. 2006ع وارن برساتن ۾ حيدرآباد جي روينيو سروي آفيس ۾ رکيل ريڪارڊ واري ڪمري جي ڇت ڪرڻ سبب پورو ريڪارڊ جنهن ۾ نقشا، ان وقت جي عملدارن جون لکيل ڊائريون ۽ ٻيو ريڪارڊ موجود هو ضايع ٿي ويو. بچيل ريڪارڊ کي اڃا بہ بچائي هن تاريخ کي محفوظ ڪرڻ گهرجي. پر اهو ڪم ڪير ڪري؟ ايڏي وڏي ريڪارڊ جي ضايع ٿيڻ جي ذميداري ڪنهن جي آهي؟ حڪومتي ادارن سميت ڪنهن وٽ بہ ان جو جواب ڪونهي. جنهن جو وڏو سبب اسان کي پنهنجي تاريخ سان دلچسپي گھٽ هئڻ آهي.

ڪراچيءَ ۾ سروي جو ڪم 1880ع ۾ شروع ڪيو ويو. ان ڪم لاءِ ٻين عملدارن ڪانسواءِ ڪامريڊ نذير چنا جو ڏاڏو خان محمد چنا بہ شامل هو. جيڪو هن ڪم دوران آگسٽ 1899ع ۾ ڪراچي ۾ طاعون (مها مري) جي وبا جي ڪري گذاري ويو. ڪراچي ۾ سروي جو ڪم 1927ع تائين مڪمل ڪيو ويو. هاڻوڪي ڪراچي ۾ 92 ديھون ۽ 10 تپا آهن ۽ تعلقو فقط هڪ ”ڪراچي“ آهي. تپن جو تعداد پهرئين گھٽ هو پوءِ آهستي آهستي گهرج مطابق انهن ۾ واڌارو ڪيو ويو.

ڪراچي جي سروي آفيس ۾ ريڪارڊ جي اڻ هوند، پراڻن نقشن جي نہ ملڻ ڪري بہ ڏکيائي ٿيندي رهي. انهن ديھن مان گھڻن جي اصل ڪاپي نہ هئڻ ڪري. گھڻن نقشن کي روينيو ڪاتي پاران ٽريسنگ ڪري انهن ۾ هاڻوڪي حساب سان قيرقار ڪيو ويو آهي. پر پوءِ بہ غنيمت آهي. سروي ۽ روينيو ڪاتي مان ريڪارڊ حاصل ڪرڻ، نقشا حاصل ڪرڻ ٻېرن ڪان ٻير گهرڻ جي برابر آهي. اها خبر انهن کي هوندي جنهن جو واسطو روينيو ڪاتي سان پيو هوندو.

انهن نقشن، ڪڇرين ۽ جهونن ڪان ورتل معلومات ڪانپوءِ انهن 92 ديهن متعلق معلومات ڏيڻ جي مون ڪوشش ڪئي آهي. هن بابت مواد ته تمام گهٽو آهي پر هتي انهن جو مختصر ذڪر ڪندس. ٽوٽل ديهون 92 آهن. ديهه لال بکر کي بعد ۾ ٻن حصن ۾ ورهائي لال بکر ديهه چڪ نمبر هڪ ۽ لال بکر ديهه چڪ ٻه ڪيو ويو آهي انهن مان گهٽيون ديهون ڪراچي شهر ۾ اچي پنهنجي نالي سميت گمنامي ۾ هليون ويون آهن. انهن نقشن ۾ هاٽوڪي شهر ۾ وڏي تبديلي نظر اچي ٿي. ديهون جيڪي ٻهراڙيءَ تي ٻڌل آهن. ڪراچي جي ٻهراڙي تيزي سان مختلف رهائشي ۽ ٻين حڪومتي اسڪيمن ۾ اچڻ ڪري پنهنجو وجود وڃائي رهي آهي. پهرئين انهن ديهن جو احوال ڏجي ٿو جيڪي شهر ۾ اچي چڪيون آهن ۽ جيڪي شهر ۾ گم ٿي رهيون آهن. انگريزن سروي ڪانپوءِ ٻهراڙي ۽ ميونسپلٽي کي الڳ ڪيو ويو. ترقياتي ڪمن لاءِ ميونسپلٽي جي حدن ۾ ”ڪراچي ميونسپلٽي“ ۽ ٻهراڙيءَ ۾ ”ڪراچي لوڪل بورڊ“ هوندو هو.




ڪراچي جون مشهور نديون ۽ ڍورا

ڪراچي ڀرواڙيءَ وارو ماڻوڪو علائقو تعلقي ڪراچي ۾ هوندو هو. ڪراچي ضلعي ۾ ماڻوڪو نئون ضلعو، بدين ضلعي جو جاتي تعلقو، جام شورو ضلعو ۽ شروع ۾ دادو ضلعو شامل هئا.آگسٽ 1901ع ۾ ڪراچي ضلعي جي تعلقن دادو، جوهي، سيوهڻ ۽ شڪارپور جي سنن تعلقن کي ملائي نئون ضلعو لاڙڪاڻو ناهيو ويو. نون ضلعن جي ٺهڻ سان انهن جون حدون الڳ ٿينديون ويون. 1948ع ۾ نئون ضلعو ناهيو ويو ته ڪراچيءَ جون 37 ديهون نئين ۾ شامل ڪيون ويون. باقي 55 ديهون ڪراچي سميت وفاقي حڪومت جي حوالي ڪيون ويون. 1963ع ۾ ٻيهر 37 ديهون ڪراچي ضلعي ۾ شامل ڪيون ويون. ون يونٽ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اهي ديهون ڪراچي ڀرواڙيءَ ۾ شامل ڪري ضلعي ڪائونسل ڪراچي (ڪراچي لوڪل بورڊ) کي ٻيهر منظم ڪيو ويو.

ڪراچي ميونسپلٽي جون حدون ڪراچيءَ ڏانهن گهاري نئين روڊ کان ايندي، ماڻوڪي ڪارساز کانپوءِ ملير / نئون ناڪو هوندو هو. خيام سينيما سان لڳ لسرڙي لکي واري علائقي کانپوءِ، ملير نئين جيڪا گسري وٽان سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي. اهو دنگ هوندو هو اهڙي نموني گورا قبرستان کانپوءِ وارو علائقو ميونسپلٽي ۾ شامل هو. ٻئي پاسي ٽي هٽي پل کانپوءِ ميوه شاهه، پراڻو گوليمار، گٽر باغيچو، شير شاهه تائين ميونسپلٽي ۾ شامل هئا باقي حسن اسڪوائر لڳ ملڪ پلانٽ ۽ منو گوٺ ۽ پراڻي سبزي کانپوءِ ميونسپلٽي جون حدون شروع ٿينديون هيون. ميونسپلٽي وارو علائقو ڪوارٽرس ۾ ورهايل هو جڏهن ته ڪراچي تعلقو ديهن ۾ تپن تي ٻڌل هو انهن ديهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو. پهرئين انهن ديهن جو ذڪر جيڪي شهري علائقي ۾ اچي چڪيون آهن.

**ديهه ڪاري لکي:**

ورهاڱي کان اڳ لالو کيٽ کان منگهو پير جي جابلو سلسلي جي دنگ تائين پوري علائقي جو نالو ڪارڙي لکي/ ڪاري لکي هو. جنهن جي ڪري 1915ع ۾ جڏهن هن علائقي جو سروي مڪمل ڪيو ويو ته هن علائقي کي ديهه ڪاري لکي جو نالو ڏنو ويو. منگهي پير کان ڪراچي شهر ڏانهن ايندي سامهون هڪڙو جابلو سلسلو آهي جيڪو اورنگي کان اچي منگهي پير کان اڳيان سورجاڻي ڏانهن وڃي ٿو. جاويدان سيمنٽ فيڪٽري جي سامهون درگاهه کان ايندڙ رستي سان ملي ٿو. انهيءَ رستي تي جاويدان ڏانهن ويندي ڊاڊڪس فيڪٽري جيڪا ڪاٻي هٿ آهي. انهيءَ پاسي جابلو سلسلي ۾ هڪ پراڻو لڪ آهي. جنهن کي ”ڪاري لکي“ چيو ويندو آهي. انهيءَ ڪاري لکي جي ڪري ديهه جو نالو به ڪاري لکي رکيو ويو آهي. هتي هڪ ڪاري پاڻي جو چشمو هوندو هو جنهن جي ڪري آس پاس جي پوري مٽي به ڪاري ٿي ويئي هئي. شروع کان وٺي اها

روايت آهي تہ جزام يا خارش جا مريض جيڪي منگهي پير جي مختلف نڪرندڙ قدرتي گرم پاڻي جي چشمن تي جڏهن وينجهڻ لاءِ ايندا هئا. تہ انهيءَ لڪ واري چشمي لڳ ڪاري مٽي ڪٺي پنهنجي جسم تي لڳائي پوءِ منگهي پير تي گندرف وارن گرم چشمن تي وينجهڻ لاءِ ايندا هئا. گرم پاڻي ۾ گندرف جو مقدار گهڻو هوندو آهي. خارش ۽ جزام جا مريض چڱا ڀلا ٿيندا آهن. مقامي ماڻهو اڄ بہ اها روايت جاري رکندا اچن. اهو لڪ هاڻي بند ٿي چڪو آهي پر ان جا نشان موجود آهن. ڪاري چشمي واري کوهن ۾ اڄ بہ پاڻي بيتل هوندو آهي. هاڻي انهيءَ جابلو سلسلي ڪان اڳتي جتي نصرت ڀٽو ڪالوني آهي اهو رستو استعمال ڪيو وڃي ٿو. هاٽوڪو رستو اصل ۾ هڪ برساتي ڏورو هو جنهن جو پاڻي بہ ڪاري لڪي ڪان ايندڙ ڪارڙي ڏوري ۾ ويندو هو. هاڻي جبلن کي ڪٽي ويڪرو ڪري رستو ناهيو ويو آهي.

ڪاري لڪي منگهي پير ڪان گجهڙي، صفوران، ملير، ابراهيم حيدري، واڳو ڏر، ريڙهي ۽ لانڍي ڏانهن ويندڙ پراڻو لڪ آهي ۽ اهو گس قديمي گس آهي. اورنگي ڪان وني هن پوري جبل کي ڪٽي گهر ۽ فيڪٽريون ناهيون پيون وڃن. اورنگي، منگهو پير ۽ هلڪاڻي وارا علائقا جابلو علائقا آهن. گهٽا جبل جاويدان سيمينٽ فيڪٽري جي سيمينٽ ناهڻ جي نظر ٿي ويا. انهيءَ لڪ وٽان ڪارڙي ڏورو جيڪو ديهہ ڪاري لڪي جي نقشي ۾ موجود آهي. هاڻي هن کي سوڙهو ڪري گٽر لائين ۾ بدلايو ويو آهي. اهو ڏورو نقشي مطابق موسي گدي جي ڳوٺ وٽ اچي گجهڙي ڏوري ۾ چوڙ ڪندو هو. نقشي ۾ موسو گدو ڳوٺ ڪانسواءِ ڪندو ڳوٺ، خواستي بروهي ڳوٺن ۽ انهن جي پاسي ۾ کوهن جا نشان بہ ڏنل آهن. انهن کوهن مان ڳوناٺا پاڻي حاصل ڪري زراعت ۽ پيئڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. اهي سڀ مالوند ماڻهو هئا.

ديهہ ڪاري لڪي جون حدون هڪ پاسي انهيءَ جابلو سلسلي تائين هيون. ٻئي پاسي گجهڙو ڏورو ديهہ جو دنگ هو. جيڪو اوير پاسي هو. ڏوري ڪانپوءِ ديهہ گجهڙي جون حدون شروع ٿين ٿيون. اتر پاسي ديهہ ٻبراٽو، اولهہ پاسي اورنگي ۽ ڏکڻ پاسي ميونسپلٽي جون حدون هيون.

ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان مان آيل مهاجرن کي هتي وسايو ويو. لياقت علي خان 100 ڪوارٽر نالي رهائشي اسڪيم شروع ڪئي. جيڪا اڄ بہ انهيءَ نالي سان آهي ۽ ائين ڪاري لڪي، ناظم آباد، نارٿ ناظم آباد ۽ ٻين علائقن ۾ تبديل ٿي ويو. ديهہ ڪاري لڪي جيڪو ٽپي منگهي پير ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي هاڻي فقط روينيو جي ريڪارڊ ۾ ۽ چند جهونن جي دلين ۾ وڃي بچيو آهي.

**(2) ديھ ڀيراڻو:**

هي ديھ تپي منگهي پير تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هاڻوڪي نيو ڪراچي وارو پورو علائقو ۽ نارٿ ڪراچي جو ڪجھ حصو ڪنهن دور ۾ ڀيراڻو نالي مشهور هو. ڳجهڙي ڊوري ڪانپوءِ لياري نئين جي ڪپ تي سورجاڻي تائين هن پٽ ۾ ڀير جو وڻ گهڻو هوندو هو. جنهن جي ڪري هن علائقي کي ڀيراڻو معنيٰ ”ڀيرن وارو“ چيو ويندو هو. انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو ۽ پوءِ انهيءَ نالي سان ديھ جو نالو ڏنو ويو. ڳجهڙي جي ڪپ تي هي علائقو سورجاڻي، مهيو، گڏاپ شورينگ، موئيداڻ، ڪنڊ ۽ ڌريجي کان اينڊڙ مالوند ماڻهن جو گس هوندو هو. خميسو بروهي ڳوٺ بہ انهيءَ ديھ ۾ آهي. ڀير هڪ ذات جو بہ نالو آهي. ڀير ماڻهو جو بہ نالو آهي. پکي جو هڪ قسم جيڪو پنهنجو آکيرو مرلي جي شڪل جهڙو ٺاهيندو آهي. هن کي بہ ڀَيَرُ چئبو آهي. پر هن ديھ تي نالو ڀير وڻ جي جهجهي تعداد هئڻ ڪري رکيو ويو.

**(3) اڪيواري/ اڪيواڙي:**

هاڻوڪي حسن اسڪوائر، نيشنل اسٽيڊيم، شانتي نگر، محمد علي سوسائٽي ۽ طارق روڊ واري علائقي ۾ اڪ جام هوندا هئا. جنهن جي ڪري هي پورو علائقو اڪين واري، معنيٰ ”اڪن وارو پٽ“ مشهور هو. جيڪو بعد ۾ بگڙجي اڪيواري ۽ اڪيواڙي ٿيو.

هن ديھ جون حدون پراڻي سبزي منڊي جي سامهون هاڻوڪي الهلال هائوسنگ سوسائٽي، آغا خان اسپتال، محمد علي سوسائٽي کان ريلوي لائين تائين ٻئي پاسي هاڻوڪي يونيورسٽي روڊ جيڪو هن وقت گڏاپ ۽ ٽاڻي بولا خان روڊ جي نالي سان مشهور هو. انگريزن هن رستي جو نالو ڪنٽري ڪلب روڊ رکيو ۽ ورهاڱي ڪانپوءِ انهيءَ رستي جو نالو يونيورسٽي روڊ رکيو ويو. شهر ڏانهن ويندي هن جي ڪاٻي پاسي، مدو ڳوٺ، سفاري پارڪ لڳ مولڙي جبل کان آمري ڊوري تائين ۽ اڳتي هلي ناٿا خان پل جي وچ تائين هن ديھ جون حدون آهن. سي او ڊي وارو فوجي علائقو، ڊالميا سيمينٽ فيڪٽري، عزيز ڀٽي پارڪ، شانتي نگر، گلشن اقبال جو يونيورسٽي روڊ جي شهر ڏانهن ويندي ڪاٻي پاسي وارو علائقو، اردو يونيورسٽي، نيپا، نيشنل اسٽيڊيم لڳ فوجي علائقي ۾ مشهور چاڪر ڦاهي جبل ۽ ان مان نڪرندڙ چاڪر ڦاهي ڊورو بہ هن ديھ آهن. جتي هڪ وطن پرست چاڪر خان کي 1839ع تي ڦاهي تي چاڙهيو ويو جنهن جا تفصيل ڪتاب جي بابا ”ملڪ مڙوئي منصور....“ ۾ ڏنل آهن. سرڪلر ريلوي لائين، ڊرگھ روڊ اسٽيشن ڪانپوءِ انهيءَ ديھ مان گذري اردو يونيورسٽي ڪانپوءِ ديھ ڳجهڙي جي حدن ۾ داخل ٿئي ٿو.

هي جابلو علائقو هو جنهن ۾ اڄ بہ ڪٿي ڪٿي ٽڪريون نظر اچن ٿيون. الهلال هائوسنگ سوسائٽي کان نيپا تائين هي علائقو ڪنهن دور ۾ زرعي علائقو هو. اڄ بہ عزيز ڀٽي پارڪ ۽ شانتي نگر جي پر

۾ ڪجھ حصن تي زراعت ڪئي ويندي آهي. جابلو علائقي جي هيٺ ڪري هتي ڏالميا سيمينٽ فيڪٽري لڳائي ويئي. جيڪا هاڪوڪي پاڪستان واري علائقي ۾ لڳجندڙ پھرئين سيمينٽ فيڪٽري هئي. جنهن لاءِ ملڪ جي ۽ پنجگور مان مزدوري لاءِ ماڻهو هتي آيا ۽ هميشه لاءِ هتي رهي پيا. مسڪان پاڙو ۽ بشير ڳوٺ انهن مزدورن جون آباديون آهن. ڏالميا وٽ ڳوٺ شعبان باغ (مجيد پاڙو) آهي جنهن جا ماڻهو اڄ به زراعت جي پيشي سان وابسطا آهن. شانتي نگر، مجيد پاڙو پراڻيون آباديون آهن. ڏالميا سيمينٽ فيڪٽري ڪان اڳ ۾ هتي اهي ڳوٺ ۽ شانتي نگر وارو علائقو هو باقي آبادي سيمينٽ فيڪٽري لڳڻ ڪانپوءِ اچي هتي آباد ٿي. هتي نهرو گيٽ به آهي جتي نهرو خطاب ڪيو هو ۽ انهيءَ ڪانپوءِ گيٽ کي نهرو گيٽ چيو ويو. ڏالميا سيمينٽ فيڪٽري کي ختم ڪري هتي رهائش لاءِ بنگلا اڏيا ويا آهن ۽ نهرو گيٽ کي نهرو ڳوٺ ۾ تبديل ڪيو آهي. ڪراچي جي پهرئين اوپن ۽ جديد سينيما ڊرائيوان به انهيءَ علائقي ۾ هئي جنهن ٽڪري تي اها سينيما هئي ان کي ختم ڪري مارڪيٽ ۽ رهائشي اسڪيمن ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. نقشي ۾ ٻين ڳوٺن ڪانسواءِ ناٿا خان پل لڳ آمري ڊوري جي ڪپ تي پنهورن جا به ڳوٺ ساجن ۽ سبحان ڏيڪاريل آهن پر ورهاڱي ڪانپوءِ اهي ترقي جي رستي ۾ رڪاوٽ هئا. تنهن ڪري ٻنهي ڳوٺن کي اٿاريو ويو. جتي هاڻي علاؤالدين پارڪ ۽ سنڌ باد آهن اهي هندوئن جي ملڪيت "پنجرا پور ٽرسٽ" جا هئا. هتي ڳئون شالا به هو جن کي ختم ڪري اهي ناهيا ويا آهن.

ديھ اڪيواري مان ٽي قديم رستا گذرن ٿا. جيڪي نقشي ۾ ڏنل آهن جنهن مان به رستا هاڪوڪي يونيورسٽي روڊ (گس ٽاٽو بولا خان) ڊرگھ روڊ (گھاري وارو گس) ٽيون رستو هاڪوڪو اسٽيڊيم روڊ جيڪو شانتي نگر وٽان ڊرائيوان سينيما لڳ ناٿا خان ڪان ايندڙ رستي سان ملي ٿو. اڳتي آمري ڊوري ڪانپوءِ ايئر پورٽ جي پويان ميمڻ ڳوٺ ٽائين ويندو هو. ڊرائيوان ڪان اڳتي اهو رستو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. هڪ ٻيو رستو ناٿا خان جي ڳوٺ ڪانپوءِ هاڪوڪي فوجي سينٽر ۽ آغا خان اسپتال جي پويان ڪان ٿيندو جيل واري جاءِ تي ڳڏاپ ٽاٽي بولا خان واري رستي سان ملندو هو. ڪوٺ واري جبل ڪان هڪ رستو الڳ ٿي محمد علي سوسائٽي، هاڪوڪي ڪي سيم سي ڪمپليڪس ڪان قائداعظم جي مزار واري ٽڪري ڪان شهر ڏانهن ويندو هو. ڪنهن دور ۾ هي علائقو يونين ڪائونسل ڳجهڙي ۾ شامل هوندو هو ۽ ضلعي ڪائونسل جو حصو به هو. پر هاڻي نئين بلدياتي سيٽ اپ ۾ هي علائقو گلشن اقبال ٽائون ۾ شامل آهي. انگريزن جي دور ۾ هن ديھ جي اولھ پاسي ميونسپلٽي جون حدون، اوڀر پاسي ديھ صفوران، اتر اولھ پاسي ديھ ڳجهڙو ۽ ڏکڻ پاسي ديھ ڊرگھ روڊ جون حدون هيون. هي ديھ تپي سونگل ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي.

**(4) ديهه ڳجهڙو:**

ڳجهڙي جي نالي اڄ به يونين ڪائونسل موجود آهي. جيڪا گڏاپ ٽائون ۾ آهي 10 سيڪٽرو علائقو هن ديهه جو گڏاپ ٽائون ۾ آهي. 55 سيڪٽرو گلشن اقبال ٽائون ۾، 20 سيڪٽرو گلبرگ ٽائون ۾ آهي. 15 سيڪٽرو علائقو لياقت آباد ٽائون ۾ آهي. ڳجهڙو ڍورو جيڪو ٻهراڙي (نيو ڪراچي) کان وهي اچي لسٻيلي پل کان اڳ لياري ۾ چوڙ ڪري ٿو. انهيءَ جي دنگ ٽائين ۾ ٻئي پاسي پراڻي سبزي منڊي منو ڳوٺ، عيسيٰ نگري کان يونيورسٽي روڊ ٽائين ويندي ڪراچي يونيورسٽي ٽائين جو علائقو ديهه ڳجهڙي ۾ اچي ٿو. سپر هاءِ وي زيرو پوائنٽ سهراب ڳوٺ کان مادل واري ڍوري لاسي ڳوٺ ٽائين علائقو ڳجهڙي ۾ آهي. ڪراچي يونيورسٽي اين.اِي.ڊي يونيورسٽي سهراب ڳوٺ، گبول ٽائون، واٽر پمپ، عزيز آباد، حسن اسڪوائر،الله دادا پانگريا ڳوٺ، سوئي گيس ٽرانسميشن، گيلاني ريلوي اسٽيشن، سنڌي هوٽل، غريب آباد، انچولي، عائشہ منزل، گلشن چورنگي ۽ گلشن اقبال جو يونيورسٽي روڊ جي شهر ڏانهن ويندي ساڄي پاسي وارو علائقو انهيءَ ديهه ۾ اچي ٿو.

ڳجهڙي ڍوري جي ڪري هن علائقي جو نالو ڳجهڙو پيو. گهاري، ملير، ٿاڏو بولا خان، گڏاپ، درساٽي چني، موئيداڻ، ڏريجي، شورينگ، ڪنڊ، سورجاٽي، مهيو کان بندر ڏانهن ايندڙ گسن جي مرڪز ۾ هئڻ ڪري هميشہ اهميت وارو علائقو رهيو آهي. لياري ندي جو گهڻو حصو ان ندي جي پاسي جتي بلوچن جو ڳوٺ آهي اڄ به کوهه ۽ ڪنڊي (حوض) موجود آهن. اهو علائقو 1990ع ڪانپوءِ به آباد هو. سهراب ڳوٺ ۽ مادل ڍوري وارو علائقو مال ۽ کير پڙي ڪري مشهور هو.

ڳجهڙي جي لفظي معنيٰ لڪل، ڳجهو، دل ۾ ڳالهه سانديندڙ ۽ پئسا لڪائي رکندڙ آهي. برسات ۾ ڳجهڙو ڍورو جيئن ته ويجهي کان وهي ايندو هو. برسات پوندي ئي هي ماٺ ميٺ ۾ وهڻ شروع ڪندو هو. جنهن جي ڪري ڳجهي نموني ڪنهن کي به خبر نه هئڻ ڪري هي ڍورو پاٽي ڪٽي ايندو هو. ان جي انهيءَ صفت ڪري هن کي ڳجهڙو معنيٰ ڳجهو چيو ويو. جنهن جي ڪري ديهه جو نالو به ڳجهڙو رکيو ويو.

ديهه ڳجهڙي سهراب خان گبول سميت گبولن جا ڳوٺ شروع کان وٺي گهڻا آهن. سهراب خان گبول جنهن جي نالي سان سهراب ڳوٺ وارو علائقو مشهور آهي. ايوب جي بنيادي جمهوريتن واري نظام ۾ يونين ڪائونسل جو چيئرمين به رهي چڪو آهي. پراڻي نقشي ۾ جيڪو 1915ع ۾ ناهيو ويو ان ۾ ليمون گبول ڳوٺ، عظيم خان گبول ڳوٺ، بکر گبول ڳوٺ، محبت گبول ڳوٺ، احمد گبول ڳوٺ، الله داد پانگريو ڳوٺ، پانگريا ڳوٺ، حسن اسڪوائر لڳ ملڪ پلانٽ ويجهو ڳوٺ گڊن جو ڏيڪاريل آهي. جيڪو منو ڳوٺ آهي. ملڪ پلانٽ به انگريزن جي وقت ۾ هتي

لڳايو ويو مٿي ذڪر ڪيل تمام ديهن جا ماڻهو مالوند ۽ مائڙ هئا ۽ اهي انگريزن جي انهيءَ ملڪ پلانٽ کي کير پهچائيندا هئا. ميان ڳوٺ سواءِ احمد خان گبول جي سڀ موجود آهن. احمد خان گبول ڳوٺ سهراب ڳوٺ کان ابوالحسن اصفاني روڊ کان ايندي پهرئين سونگل ڍورو اچي ٿو هن کانپوءِ اڳتي ٻيو ڍورو اچي ٿو. انهيءَ جي ساڄي هٿ تي ڍوري جي ڪپ تي هوندو هو. انهيءَ ڍوري کي ڙهي وارو ڍورو چيو وڃي ٿو جيڪو هاڻي گٽر جو نالو آهي. ڪي. ڊي. اي جي پهرئين اسڪيم 16 ۽ 24 ۽ پاڪ پي.ڪ ڊبليو ڪواٽرس به هن ديهه ۾ آهن. ديهه ڳجهڙو تپي سونگل تعلقي ڪراچي ۾ آهي. سنڌ ۾ ڳجهڙي نالي تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو ۽ ڳجهڙي نالي تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو به آهي.

**(5) ديهه سونگل:**

موکيءَ جي پيٽ سونگل جي نالي سان قائم ديهه مڪمل طور تي شهري علائقي ۾ اچي چڪي آهي. گڏاپ ٽائون ۾ سونگل نالي يونين ڪائونسل به آهي پر هن ديهه جو فقط ڪجهه حصو گڏاپ ٽائون ۾ آهي. باقي پوري ديهه گلشن اقبال ٽائون ۾ آهي سپر هاءِ وي کان حيدرآباد ويندي هوميو اسپتال کان نئين سبزي منڊي ٽائين وارو علائقو انهي ديهه ۾ اچي ٿو. ڪراچي يونيورسٽي کان پوءِ اينڊڙ اسلامڪ سينٽر، اوجها سينٽوريم (ٽي. بي اسپتال)، جوهر ڪمپليڪس، پاڪستان ڪائونسل آف سائينٽيفڪ ريسرچ، سيٽانگر، سچل ڳوٺ، مارويڙا ۽ ٻيا ڳوٺ به هن ديهه ۾ آهن. ديهه سونگل تپي سونگل تعلقي ڪراچي ۾ آهي.

سونگل نالي هڪ ڍورو به انهيءَ ديهه مان گذري سهراب ڳوٺ بکر گبول وٽان گذري لياري ۾ چوڙ ڪري ٿو. هاڻي مختلف رهائشي اسڪيمن کي الاٽ ڪري هن ڍوري جي وجود کي ختم ڪيو پيو وڃي. سهراب ڳوٺ کان ابو الحسن اصفاني روڊ تي جيڪو پهريون ڍورو اچي ٿو اهو ئي سونگل ڍورو آهي. جنهن جي پيٽ ۾ ڪاٻي هٿ تي ابوبڪر شيخاڻي ميمڻ باڙا مارڪيٽ اڏي رهيو آهي. هن کان اڳتي هڪ ٻيو ڍورو جيڪو هاڻي گٽر نالو آهي جيڪو به سونگل واري علائقي مان اچي ليمون گبول وٽ لياري ۾ چوڙ ڪري ٿو. ديهه سونگل جي اوير پاسي ديهه ٿومينگ، ڏکڻ پاسي ديهه دوزان، اتر پاسي ٻني آمري ۽ اولهه پاسي ديهه ڳجهڙي جون حدون لڳن ٿيون ديهه جي نقشي ۾ هندوئن جو ڳئون شالا، پنجراپور، ڳوٺ گوهر خان ۽ ڳوٺ عبدالڪريم گبول به ڏيکاريل آهن.

(6) ديهه صفوران:

موکي جي هڪ ٻئي پيٽ صفوران نالي قائم هن ديهه ۾ ڳجهڙي وانگر قديم ڳوٺ گهٽا آهن. مولڙي جبل (ڪراچي يونيورسٽي جي سامهون سفاري پارڪ ٽائين) جي ڏکڻ پاسي کان جتي

هاڻي گلستان جوهر وارو علائقو آهي ڪان وٺي ڪراچي ايئرپورٽ ڪان اڳتي ريلوي لائين تائين وارو علائقو انهيءَ ديهه ۾ اچي ٿو. اوپر پاسي ريس ڪورس ڪان ماڊل ڪالوني ۽ اولهه ۾ نئين آمري جيڪو ناٿا خان پل هينان وهي ملير ۾ چوڙ ڪري ٿو، جي ڊنگ تائين وارو علائقو انهيءَ ديهه ۾ اچن ٿا. مولڙي جابلو سلسلي مان ڪيهر وارو ڏورو، ڪسي وارو ڏورو، ٽوٽڪرين وارو ڏورو جيڪي سڀ گلستان جوهر ۾ آهن، وهي اڳتي وڃي آمري واري نئين ۾ شامل ٿين ٿا. آمري نئين ايئرپورٽ پويان پهلوان ڳوٺ وٽان هاڻي گٽر نالي جي شڪل ۾ اڄ بہ موجود آهي. پهلوان ڳوٺ ڪان اڳتي انهيءَ نئين ۾ آمري نئين ايئرپورٽ پويان پهلوان ڳوٺ وٽان هاڻي گٽر نالي جي شڪل ۾ اڄ بہ موجود آهي. پهلوان ڳوٺ ڪان اڳتي انهيءَ نئين ۾ آمري (گدامڙي) جا شاهي وڻ موجود هوندا هئا جنهن جي ڪري هن نئين کي آمري نئين چيو وڃي ٿو.

ديهه جي پراڻي نقشي ۾ ڏسبو تہ رستو ايئرپورٽ وٽان آسو ڳوٺ ملير ڪان منگهي پير ڏانهن وڃي ٿو. جيڪو تمام پراڻو گس هو جيڪو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. هڪ ٻيو رستو صفوران ڳوٺ ڪان ملير ڪينٽ ڪان ٿاڻي بولا خان ۽ ڪڏاپ ڏانهن وڃي ٿو. جيڪو موجود آهي پر ملير ڪينٽ جي ڪري ڪينٽ واري حصي مان هن کي بند ڪيو ويو آهي. پراڻي نقشي ۾ گهاري واري روڊ لڳ ايئر پورٽ ملير ڏانهن ويندي وائرليس ڪالوني ڪان اڳ ڳوٺ موريو خان بروهي ۽ ان سان لڳ ڳوٺن جا نالا تہ نہ آهن پر لکيل آهي برن ۽ گڏن جو ڳوٺ. هي ڳوٺ عيسيٰ بروهي ۽ گل محمد گدو هئا. جن کي 1949ع ۾ هتان اٿاريو ويو جيڪي پوءِ لالو کيٽ ۾ حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ جي لڳ وڃي وينا هئا. هتي اڄ بہ ديوي جي وٽن ۾ پراڻي مسجد موجود آهي. انهن ڳوٺن سان لڳ بلوچن جي آبادي ڪاغذي بازار بہ هيو. ان کي بہ لڏايو ويو. ايئرپورٽ جو پورو علائقو نبيل گبول جي ڏاڏي جي ملڪيت ۾ شامل هو. صفوران نئين جيڪو صفوران ڳوٺ ريس ڪورس وٽان وهي پهلوان ڳوٺ ڪانپوءِ آمري ڏوري ۾ چوڙ ڪري ٿي انهيءَ جي ٻنهي ڪپن تي نقشي ۾ جيڪي ڳوٺ ڏيکاريل آهن. انهن ۾ ڳوٺ شاهي گبول، ڳوٺ علي گبول، ڳوٺ بخش علي گبول، ڳوٺ علو گبول، ڳوٺ خان محمد گبول، ڳوٺ بنگو گبول انهيءَ ڳوٺ جي پر ۾ گبولن جو پراڻو مقام بہ نقشي ۾ ڏيکاريل آهي. ڳوٺ پير گدو، قاسم گبول ، ڳوٺ اسماعيل -1، اسماعيل-2، ونگريون جو ڳوٺ ۽ بہ ذڪرين جا ڳوٺ ڏيکاريل آهن. جن جا نالا ڏنل نہ آهن. ذڪرين جو هڪ ڳوٺ رستم ۽ ٻيو جمع اڄ بہ موجود آهن. انهن مان گهڻا ڳوٺ موجود آهن. پر بلڊرز مافيا وارا روز انهن تي چڙهايون ڪري انهن کي اٿارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن. ڪجهه ڳوٺ تہ انهيءَ مافيا جو شڪار ٿي ويا آهن جن کي ختم ڪرڻ ۾ بلڊرز مافيا سان گڏ ڳوٺ وارن جو بہ

هت آهي. نقشي ۾ صفوران ڳوٺ کان اڳتي ٽاٽو بولا خان روڊ (ملير ڪينٽ روڊ) تي اڪاڙي جا نشان به ڏيکاريل آهن.

ديھ صفوران تپي ڊرگھ روڊ ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. ديھ جي ڏکڻ پاسي ريلوي لائين (ڪراچي ڪوٽڙي)، ديھ ڊرگھ روڊ جي اوير پاسي ديھ ٽاٽو ۽ ديھ مهراڻ، اتر پاسي ديھ دوزان، اتر اولھ پاسي ديھ ڳجهڙو ۽ اولھ پاسي ديھ اڪيواري (اڪيواڙي) جون حدون ملن ٿيون.

**(7) ديھ دوزان:**

هي ديھ بہ موکي جي ستين پيڻ مان هڪ پيڻ دوزان جي نالي سان آهي. هي تپي سونگل تعلقي ڪراچي ۾ آهي. صفوران، سونگل، مهراڻ (ملير ڪينٽ) ٺوڙ، ٿڏي ديهن جي وچ ۾ هي ديھ بہ هائوسنگ اسڪيمن جي چار ۾ آهي. پوري ديھ جي زمين مختلف هائوسنگ اسڪيمن کي ڏني وئي آهي بچيل علائقي تي ڪينٽومينٽ بورڊ ملير جي اک آهي. هن ديھ جون حدون نئين سبزي منڊي سپر هاءِ وي تائين اڳتي هلي سچل رينجرز هيڊ ڪواٽر ۽ ملير ڪينٽ تائين لڳن ٿيون. ڳوٺ يار محمد جوکئي لڳ هن ديھ ۾ هڪ پراڻو ايئربيس بہ آهي جنهن کي انگريزن ٻي مهاڀاري لڙائي دوران استعمال ڪيو هو. انهيءَ پراڻي ايئر بيس ڪري ڪينٽومينٽ بورڊ ملير هن پوري ديھ تي دعويدار آهي. هي علائقو ديھ صفوران ۽ پرپاسي وارن ڳوٺاڻن جي مال لاءِ بهترين چراهہ گاهہ هوندو هو. ديھ جي گهڻي زمين ساتلاڻي جوکين جي ملڪيت آهي. جتي انهن جو پراڻو ڳوٺ وڏيرو يار محمد جوکيو موجود آهي. وڏيرو يار محمد جوکيو ورهاڱي کان اڳ ضلعي لوڪل بورڊ جو ميمبر رهيو هو. ڳڏاپ جي ديھ لٺ ڪرمتياڻي کان وهي ايندڙ لٺ نئين ۾ چوڙ ڪانپوءِ آمري نئين جي نالي سڏيو ويندو آهي. اڳتي وڃي ناٿا خان پنهور ڳوٺ وٽان گذري ملير ندي ۾ چوڙ ڪندي آهي، پر نئين سبزي منڊي ۽ بين هائوسنگ اسڪيمن ڪري ديھ دوزان ۾ هن جو رستو بند ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي برساتن ۾ نئين جو سمورو پاڻي نئين سبزي منڊي جي آس پاس گڏ ٿئي ٿو.

**(8) ديھ مهراڻ/ ميراڻ:**

ملير ڪينٽ جو مڪمل علائقو ان ديھ ۾ اچي ٿو. هن ديھ ۾ بہ گهڻيون زمينون ساتلاڻي جوکين جون هيون. 1941ع ۾ ملير ڪينٽ نهڻ ڪانپوءِ انهن کي هڪ معاهدي تحت اجورو ڏنو ويندو هو. جيڪو هاڻي بند ڪيو ويو آهي. هن ديھ ۾ جوکين جا ڳوٺ هوندا هئا. اوير پاسي ان ديھ جون حدون ديھ ٿڏو، اتر پاسي ديھ ٺوڙ، اتر اولھ پاسي ديھ ٺومينگ، ڏکڻ پاسي صفوران ۽ اولھ پاسي ديھ دوزان سان ملن ٿيون. مهراڻ/ميراڻ ماٺهو جو نالو هو جنهن جي پويان هن ديھ جو نالو

اهو پيو آهي.. ملير ڪينٽ جو فوجي علائقو تيزي سان رهائشي اسڪيمن ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. ديهه مهراڻ تپي ملير تعلقي ڪراچي ۾ آهي.

مهراڻ سنسڪرت ۾ مها ساگر وڏي سمنڊ کي چيو وڃي ٿو. سنڌونديءَ جو هڪ قديم نالو به مهراڻ آهي. سنڌو کي اهو نالو آرين ڏنو ۽ عربن مشهور ڪيو.

**(9) ديهه ڊرگهه روڊ:**

ڊرگهه روڊ جو پراڻو نالو گهاري وارو گس هو ۽ هاڻوڪو نالو شاهراهه فيصل آهي. هن ديهه جون حدون ناٿا خان پنهور ڳوٺ کان شروع ٿي ريلوي لائين جي ڪناري هلندي گسري تائين وڃن ٿيون. ٻئي پاسي هن جون حدون ملير نئين جي ساڄي ڪپ کان جناح اسپتال ويجهو گورا قبرستان لڳ تائين آهن. ملير نئين جي چوڙ وارو هڪ حصو جيڪو گسري لڳ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. هن کي بند ڪري ڊفينس هائوسنگ اسڪيم جي حوالي ڪيو ويو آهي. اڳتي هلي ملير نئين جو رخ وڏيڪ ڪورنگي ڪريڪ ڏانهن ڪيو ويو آهي. ملير نئين جو رخ تبديل ڪرڻ کان پوءِ هن جي خالي ٿيل پيٽ ۾ مٽي ڀري هتي بنگلا اڏيا ويا آهن. ناٿا خان ڳوٺ کان وٺي گسري لڳ سمنڊ تائين هن ديهه جون حدون آهن. پهرئين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ هن علائقي کي فوجي علائقي ۾ تبديل ڪيو ويو. 1940ع تي هتي قائم ڳوٺن کي اٿاريو ويو. ناٿا خان ڳوٺ ڊرگهه روڊ ريلوي اسٽيشن لڳ نقشي ۾ هڪ چرچ، ويم گهر ۽ پوليس لائين ڏيکاريل آهن. جيڪي اڄ به موجود آهن. هڪ فوجي آفيسر "ڊرگهه" جي پويان ديهه جو نالو "ڊرگهه روڊ" رکيو ويو آهي.

**(10) ديهه ڊهه:**

جتي گهٽي واري هجي هن هنڌ کي "ڊهه" چيو وڃي ٿو. سمنڊ جي ڪناري ۽ ملير نئين سان لڳ هئڻ ڪري هتي واريءَ جون ڀٽون اڄ به آهن جنهن جي ڪري هن علائقي کي ڊهه چيو ويو ۽ جنهن جي ڪري پوري ديهه جو نالو "ڊهه" رکيو ويو.

هاڻوڪي قيوم آباد چورنگي کان وٺي ڪورنگي ڪريڪ ملير نئين جي چوڙ تائين وارو علائقو هن ديهه ۾ آهي. 1915ع واري نقشي ۾ چڪرو ڳوٺ ۽ ڀنيا خان ڪرمتي (ڪلمتي) ڳوٺ ڏيکاريل آهن. چڪري ڍوري جي ڪري هن ڳوٺ جو نالو چڪرو رکيو ويو. ابراهيم حيدري ڳوٺ ۾ داخل ٿيڻ وقت جيڪو ٻورو سمنڊ تائين وڃي ٿو. هن ٻوري تائين ديهه ڊهه جون حدون اچن ٿيون. آئل ريفائنري، ٻيون فيڪٽريون، ڀٽائي ڪالوني ۽ بنگالين جون ڪچيون آباديون جيڪي چڪري ڳوٺ سان آهن. اهي به هن ديهه ۾ آهن.

**(11) ديھ ڏگھ:**

ملير نئين جي ڪپ تي مٽي جي ڏگهن (ڍيرن) ڪري هن جو نالو ”ڏگھ“ پيو. هي ديھ ملير نئين تي ٺهيل ريلوي پل وٽان شروع ٿي ريلوي لائين (ڪراچي ڪوٽڙي ريلوي لائين) ۽ ملير نئين جي ساڄي ڪپ تائين وڃ وارو علائقو ناٿا خان پل تائين وڃي ٿو. ڪنهن دور ۾ هي ملير جو سرسبز ۽ شاداب علائقو هوندو هو. ملير نئين جي ڪنڌيءَ تي هيٺ ڪري هتي کوهن ۾ پاٽي جهجهو هوندو هو. ملير جي هن علائقي کي ڪنهن وقت گروڪل چيو ويندو هو. اڄ بہ جهونا ماڻهو جامعہ ملير واري علائقي کي گروڪل چوندا آهن. جامعہ ملير ڪاليج جتي ورهاڱي کان اڳ گوڪل داس پرائمري اسڪول هوندو هو. انهيءَ جو نالو تبديل ڪري جامعہ ملير اسڪول رکيو ويو. مشهور گرانڊ هوٽل بہ انهيءَ ديھ ۾ هوندو هو جنهن کي ختم ڪري رهائشي اسڪيم ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هوٽل جي هڪ ديوار 2006ع تائين قائم هئي.

انهيءَ علائقي ۾ قائداعظم رهڻ لاءِ زمين هاصل ڪئي هئي. نواب بهاولپور جو قمر هائوس، خان آف قلات جو قلات هائوس، جيڪو هاڻي بهوپال هائوس ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. بابا ولايت شاھ درگاھ، شهيد عبدالله مراد جو ڳوٺ صديق بلوچ، نور دين بلوچ ڳوٺ، بلباس بلوچ ڳوٺ، داد رحيم جدگال ڳوٺ، جمع بلوچ ڳوٺ، غلام محمد بلوچ، ملير ريلوي اسٽيشن، ملير هالٽ ريلوي اسٽيشن انهيءَ ديھ ۾ آهن. هن ديھ ۾ جامعہ ملير لڳ تاريخي قبرستان جنهن ۾ چوڪنڊي طرز اڏاوت تي گهاڙي قبرون موجود آهن. ورهاڱي کانپوءِ پوري زرعي ايراضي ۽ خالي زمين ڄاڻائي ويئي. ڄاڪاڻ تہ گهڻي زمين هندوئن جي هئي. انهن تي هندستان کان آيل مهاجرن کي ويهاريو ويو ۽ ائين سرسبز علائقو ختم ڪري ان علائقي کي بہ ”ڊرگھ“ لکن ٿا جيڪو درست نہ آهي. هي علائقو ”ڏگھ“ آهي.

**(12) ديھ ٿهائي:**

هن جون حدون هڪ پاسي ابراهيم حيدري، ديھ ريڙهي ۽ اوپر طرف ديھ شرابي (شرافي) سان ملن ٿيون. ڪورنگي انڊسٽريل زون جو ڪجھ حصو هن ديھ ۾ آهي. ورهاڱي کان اڳ هتي گبولن، پنهورن ۽ ڪلمتين جا ڳوٺ هوندا هئا. هاڻي بہ حاجي عمر بلوچ ڳوٺ، محبت خان، خدا داد گبول ڳوٺ ۽ ٻيا ڳوٺ موجود آهن. هي پورو علائقو ملير نئين جي برساتي پاڻي هيٺ اچڻ ڪري چراگاھ هوندو هو ۽ گهڻي زمين خانبهادر الله بخش گبول جي پيءُ خداداد گبول جي آهي. جنهن جي نالي پويان قائداعظم جي مزار لڳ خداداد ڪالوني آهي. هي پورو علائقو هندستان مان آيل مهاجرن جي آباديءَ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. هن وقت ڪورنگي ٽائون ۾ آهي. چراگاهون ختم

ٽيون ته مالوند ماڻهن هي علائقو ڇڏي ڏنو. مائي ڦهائي جو نالو سيني کان وسري ويو. ياد رهجي ويا آهن فقط ڪورنگيءَ جا مختلف نمبر جن ۾ رهن ٿا هندستان کان آيل مهاجر.

**(13) ديهه شرابي (شرافي):**

شرابي ديهه کي عام طور تي شرافي چيو وڃي ٿو. روينيو ريڪارڊ ۾ هن جو نالو شرابي آهي. هن ديهه ۾ به خداداد گبول جون زمينون گهڻيون هيون. هي پورو زرعي علائقو هو. اڄ به ملير نئين جي ڪناري زراعت ڪئي ويندي آهي. مختلف ڳوٺن ۾ رهائشي اسڪيمن وچ ۾ ڪجين، نمن، پپر، گدامڙي جا شاهي وڻ هن علائقي جي شادابي جي گواهي ڏين ٿا.

لانڍي کان ايندي ملير ريلوي پل کان ٿورو اڳتي ڪابي هٿ تي ملير نئين جي ڪناري کان ديهه ريڙهي تائين جو علائقو ان ديهه ۾ آهي. هن ديهه ۾ شرافي ڳوٺ لڳ ڪلمتي قبيلي جو هڪ پراڻو چوڪنڊي طرز تي قبرستان آهي جنهن ۾ خوبصورت چٽسالي واريون ڳهاڙي قبرون آهن. هن ديهه ۾ 35 کان مٿي گبولن، پنهورن، ڪلمتين، جوکين ۽ بلوچن جا ڳوٺ آهن. هن وقت هي ديهه لانڍي ٽائون ۾ شامل آهي. ڪورنگي صنعتي زون جو گهڻو ڀاڱو هن ديهه ۾ هجڻ ڪري هتي مزدوري لاءِ آيل پناهن ۽ پنجابين جون ڪچيون آباديون به آهن. دائود چورنگي وارو علائقو جيڪو پناڻ اڪثريتي علائقو آهي اهو به انهيءَ ديهه ۾ آهي.

خدا دادا گبول لاءِ اها ڳالهه مشهور آهي ته جڏهن انگريزن جي دور ۾ زمين جي نيڪالي لاءِ نيلام ٿيندو هو ته هي سيني کان وڌيڪ بولي ڏيئي زمين حاصل ڪري وٺندو هو. اڪواٽي گبولن جي پاڙي سان تعلق رکندڙ خدا داد گبول وٽ پئسو جام هو. ايئر پورٽ ، ڳجهڙو، شرافي، ڦهائي، صفوران ۽ لياريءَ ۾ هن جون زمينون اڄ به آهن. اڳتي هلي انگريز سرڪار خدا داد گبول تي بولي ۾ حصو وٺڻ تي پابندي لڳائي ڇڏي. خداداد گبول ديهه شرابي/ شرافي ۽ الله ڦهائي ۾ ملير نئين مان ڪسي ڪڍي کيٽ آباد ڪندو هو. گهڻي علائقي ۾ مڪئي ۽ لوسڻ پوکيندو هو. چاڪاڻ ته انگريز سرڪار جي پوليس، فوج، روينيو ۽ ٻين کاتن ۾ استعمال ٿيندڙ گهوڙن، اٺن ۽ ڳڌهن کي گاهه پهچائڻ جو نيڪو خداداد گبول وٽ هوندو هو. هي گهڻو ڪري شرابي واري علائقي ۾ رهندو هو ۽ هتي سندس مائٽن هن کي قتل ڪيو. هتان جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته، ”خداداد خان هميشه شراب جي نشي ۾ رهڻ ڪري ماڻهن هن علائقي کي جيڪا هن جي ملڪيت هئي. شرابي وارو علائقو چوڻ ڪري هي علائقو شرابي مشهور ٿيو.“ ديهه شرابي ٽپي لانڍي تعلقي ڪراچي ۾ آهي.

ديهه شرابي جي پراڻي نقشي ۾ هڪ ونگي ڏنل آهي جيڪا ملير نئين مان پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ايندي هئي اها ونگي شرابي ديهه ڪانپوءِ ڦهائي مان ٿي ابراهيم حيدري ۽ علي اڪبر شاهه

ڳوٺ وٽ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي. هن جو هڪ حصو چڪري ڪانپوءِ ديهه ڊھ مان گذري سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. جنهن تي ڪور ونگي جو نالو پيو. ڪور بلوچي ۾ نئين کي چوندا آهن ۽ ونگي، ڪسي کي چئبو آهي. معنيٰ نئين مان ڪڍيل/نڪتل/ نڪتل ونگي/ ڪسي. جيڪا بعد ۾ بگڙجي ڪور ونگي مان ڪورنگي ٿي ويو اهو علائقو اڄ به انهيءَ نالي سان مشهور آهي ۽ سمنڊ جي ڪاڙين ۾ ڪورنگي ڪريڪ به مشهور آهي. ڪورنگي نالي ڪراچي ۾ ٽائون به آهي. ڪورنگي ٽائون، ڪورنگي ڪريڪ، ڪورنگي ٿرمل پاور، ڪورنگي انڊسٽريل زون مشهور آهن.

ڪورنگي سنڌي لغات موجب ننڍي ڦوٽي (ايلاچي) کي به چيو ويندو آهي. ڪنهن زماني ۾ هتي ايلاچي جي پوک ڪئي ويندي هئي تنهنڪري انهيءَ نسبت سان هن جو نالو ڪورنگي رکيو ويو هجي. پر ڪورنگي (نئين واري ونگي) واري ڳالهه ۾ وڌيڪ وزن آهي ۽ حقيقت به اها ئي آهي.

**(14) ديهه ميٺاڻ:**

هي ديهه ٽپي منگهي پير تعلقي ڪراچي ۾ آهي، جڏهن ڪراچي جا پنج ضلعا هئا ته هي ديهه ڪراچي اولهه ضلعي ۾ هو. هن ديهه جي ايراضي ايتري نه آهي. ڏکڻ ۾ اورنگي، اوير اتر ۾ ديهه هلڪاٽي ۽ اولهه ۾ ديهه مائي ڳاڙهي جا علائقا اچن ٿا. ديهه مواچ جو ڪجهه حصو ڏکڻ پاسي هن سان ملي ٿو. ڪنهن وقت هن ديهه ۾ بروهين ۽ برفتن جا گهڻا ڳوٺ هوندا هئا. هاڻي ڪجهه وڃي بچيا آهن. پوري ديهه ۾ ڪچي آبادين جو جار وڇايل آهي. جنهن جي ڪري ديهه ۾ موجود ٽڪرين کي ختم ڪري ماڻهو زمين کي رهڻ لاءِ استعمال ڪن پيا. هتان جي مقامي ماڻهن ڪجهه پئسن جي لالچ ۾ ڪجهه ڌارين جي ڏونس ۾ اچي زمينون پگڙن مٽ ڏيئي ڇڏيون. هڪ جابلو سلسلو ديهه هلڪاٽي ۽ ديهه اورنگي کان هن کي الڳ ڪري ٿو. اهو جبل ميٺ رنگو، ميٽوڙي آهي. جنهن ۾ ميٺ جا تهه به آهن. انهن مان وهي ايندڙ ميٺاڻ ڍوري جي ڪري هن ديهه جو نالو ميٺاڻ رکيو ويو آهي. برساتن ۾ جڏهن ٽڪري جو پاڻي انهيءَ ڍوري ۾ وهندو آهي ته هن جو رنگ به ميٽوڙي (ميٺ جي رنگ جهڙو) هوندو آهي. اهو ڍورو بين ڍورن سان ملي مائي ڳاڙي درگاهه لڳ حب ندي ۾ چوڙ ڪري ٿو. اهو ڍورو لينڊ مافيا جي ڪري ختم ٿي رهيو آهي.

انهيءَ جابلو سلسلي جي ڪڇ مان هڪ قديم رستو ڪراچي کان لسٻيلي ڏانهن ويندو هو. اهو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اڄ به موجود آهي. هلڪاٽي ديهه ڪانپوءِ مائي ڳاڙهي درگاهه وٽان حب اُڪري اهو رستو لس ڏانهن وڃي ٿو. قديم پيچري جا نشان ديهه جي نقشي ۾ موجود آهن.

**(15) ديهه اورنگهي/ اورنگي:**

هي جابلو علائقو هو. جنهن جا ڪجهه جبل اڃا به بچيل آهن. بين جبلن ۽ ٽڪرين کي ختم ڪري رهائشي ڪالونيون ناهيون ويون آهن ۽ ڪجهه ٽڪرين تي گهر ناهي انهن جي خوبصورتي کي

ختم ڪيو ويو. اهو جابلو سلسلو ديهه ڪاري لڪي، ديهه هلڪاٽي، ديهه منگهو پير ۽ ميٺاڻ کي هڪٻئي کان الڳ ڪري ٿو. اورنگي قديم ماڳ واري وسندي آهي. اورنگي جي ڪچي آبادي ايشيا جي سڀ کان وڏي ڪچي آبادي آهي. انهيءَ ڪچيءَ آبادي جي ڪري هتي وينل گهٽا ڳوناٽا لڏي ويا. هي علائقو ڪراچي کان لسٻيلي ڏانهن ويندڙ پراڻي لنگهه تي هوندو هو. هڪ قديم رستو مائي ڳاڙهي ۽ ٻيو بند مراد خان وٽان هلڪاٽي واري جابلو سلسلي جي ڪڇ مان ٿيندو، اورنگهي (اورنگي) جابلو سلسلي وٽان اچي ڳوٺ ٺوراڙ وٽ پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي اورنگي نئين پار ڪري اڳتي رڙب واري بني پار ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ رستو لالو ڪيٺ ۽ ڳجهڙي ڏانهن ويندو هو. جڏهن ته ٻيو رستو لياري ندي پار ڪري بندر ڏانهن ويندو هو. هڪ ٻيو گس مائي ڳاڙهي کان رڙب بني جي ساڄي ڪپ کان ٿيندو گٽر باغيچي پراڻي گوليمار لڳ منگهي پير واري رستي سان ملندو هو. اورنگي نئين رڙب واري بني مان وهي نڪري ٿي جنهن ۾ ٻيا ننڍا ڍورا شامل ٿين ٿا. هڪ رستو هاٽوڪي نارٿ ناظم آباد (ڪاري لڪي) وٽان اورنگي نئين  پار ڪري منگهي پير ۽ اورنگي واري جابلو سلسلي کان (انٽر بورڊ آفيس واري علائقي کان) لوهارڪو لنگهه پار ڪري حب نئين ڏانهن ويندڙ ٻين رستن سان ملندو هو. انهن تمام گسن جا نشان / اهڃاڻ اورنگي ديهه جي پراڻي نقشي ۾ موجود آهن. اورنگي نئين برسات ۾ لياري، حب ۽ ملير نئين وانگر گهڻا ڏينهن وهڻ ڪري انهن گسن کان ايندڙ ماڻهو ٺوراڙ وٽان هن برساتي نئين کي اورانگهي (پار ڪري) ڪراچي بندر/دڙبو ڏانهن ايندا هئا. انهيءَ اورنگهڻ واري جاءِ ڪري هن نئين جو نالو اورانگهي پيو جيڪو بعد ۾ بگڙجي اورنگهي ۽ اورنگي ٿي ويو. اورانگهه معنيٰ اورانگهڻ ۽ برهانگ آهي. اورانگهه معنيٰ برهانگ وک يا ورانگهه آهي ۽ اورانگهه "هه" مٿان پيش آهي جي معنيٰ اچ وچ جي جاءِ، لنگهڻ جو هنڌ لنگهه آهي ۽ اورانگهڻ ڪري هن جو نالو اورنگهي پيو ۽ هاٽي بگڙجي اورنگي ٿيو آهي. نقشي ۾ ڏنل ڳوٺ ٺوراڙ گبو، بلوچ ڳوٺ کان اڳ بنارس چورنگي کان اورنگي ڪچي آبادي ڏانهن ويندي اورنگي نئين جي ڪپ تي اورنگي واري جبل جي ڪڇ ۾ هوندو هو. نارٿ ناظم آباد جو ڪجهه حصو، انٽر ميڊيئٽ بورڊ آفيس، پاپوش وارا علائقا هن ديهه ۾ آهن. سورجاٽي ۽ لوهارڪي لنگهه کان شهر ڏانهن ايندڙ گس تي هاٽوڪي عثمانيه ڪالوني ۽ نئين گوليمار جي وچ ۾ "لانڊي" به هئي جتي ايندڙ مسافر ۽ قافلا ترسندا هئا.

اورنگي راڳ جي ٿيويهن آوازن مان هڪ آواز کي به چيو ويندو آهي. ڪجهه بلوچ دانشورن جو چوڻ آهي ته "اورنگي" تي اهو نالو هور ونگي (مينهن/ برسات واري ونگي/ ڪسي) ڪري پيو. هو بلوچي ۾ برسات کي چيو وڃي ٿو. انهيءَ نئين جو نالو هور ونگي (برساتي ونگي/ ڪسي) هو. جيڪو بعد ۾ بگڙجي هور ونگي کان اورنگي ٿيو آهي."

انهن سيني ڳالهين مان اورانگهي واري ڳالهه ۾ وڌيڪ وزن آهي هور ونگي ۽ اورانگهڻ بڻهي جو واسطو برسات ۽ پاڻي سان آهي. اورانگهڻ مان اورانگهي ۽ اورنگي ٿيڻ واري ڳالهه هتي جهونن وت گهڻو مشهور آهي ۽ هن ديهه تي نالو بہ انهيءَ ڪري پيو آهي. اورنگهي واري علائقي ۾ گهٽا برساتي ڊورا هوندا هئا جن مان هاڻي گهٽا بند ٿي چڪا آهن. جن تي گهر اڏي انهن کي هميشہ لاءِ بند ڪيو ويو آهي ۽ ڪجهہ گٽر نالين ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. انهن مان گهٽا ڊورا اورنگي نئين ۾ چوڙ ڪندا هئا ۽ ڪجهہ ديهہ مواچ ۽ شير شاهہ ڪانپوءِ سمنڊ ۾، ۽ لياري نئين ۾ چوڙ ڪن ٿا.

ديهہ اورنگي ٽپي منگهو پير تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هاڻي هي پورو علائقو اورنگي ٽائون ۾ شامل اهي. اڳ ۾ هي ضلعي ڪائونسل ڪراچي ۽ ضلعي ڪراچي اولهہ ۾ شامل هوندو هو. بلوچ ڳوٺ، سميت ڪيترائي قديم ڳوٺ هن ديهہ ۾ شامل آهن.

**(16) ديهہ گوند پاس:**

هي ديهہ ڪياماڙي ٽائون ۾ آهي ۽ گابو پٽ يونين ڪائونسل ۾ آهي. اڳ هي ديهہ ضلعي ڪائونسل ڪراچي ۽ ڪراچي ضلعي اولهہ ۾ هوندو هو. ديهہ گوند پاسي ٽپي گابي پٽ ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هن جون حدون شير شاهہ ڪان شروع ٿي حب نديءَ تائين وڃن ٿيون. هن جو ڪجهہ حصو بلديا ٽائون ۾ بہ آهي. جتي هاڻي بس ٽرمينل ٺاهيو ويو آهي. ديهہ مائي ڳاڙهي ۽ ديهہ مواچ واري دنگ تي جيڪا بني آهي هن ڪان اڳتي هڪ ٽڪري آهي. پراڻي نقشي ۾ هن ٽڪري تي ”مقام گوند پاس“ لکيل آهي. مون اها ٽڪري 1998ع ۾ وزٽ ڪئي هئي. هتان جي جهونن جو چوڻ آهي تہ اهو پراڻو قبرستان آهي. مائي ڳاڙهي ۽ گوند پاس جي دنگ تان جيڪو رستو حب پار ڪري وڃي ٿو انهيءَ گس لڳ پاڻي جو چڪرو گوند پاس نالي هو جيڪو نقشي ۾ بہ موجود آهي. پر سرزمين تي ختم ٿي چڪو آهي. گوند پاس معنيٰ گوند وارو لک بہ ٿي سگهي ٿو. پاس انگريزي ۾ لک کي چيو وڃي ٿو. پراڻي نقشي ۾ موچڪو مان هڪ رستو گوند پاس جي جبلن مان مائي ڳاڙهي ڏانهن وڃي ٿو. انهيءَ رستي تي لکيل آهي ”سروي روڊ ملٽري لاءِ.“ پهرئين مهاڀاري لڙائي وقت هتي فوجي ٽريننگ لاءِ بہ ايندا هئا. نادرن باءِ پاس هن ديهہ مان گذري وڃڻ ڪري هتي زمين جي قيمت وڌي وئي آهي. جنهن جي ڪري قديمي رهڻ وارا ماڻهو تيزي سان زمينون وڪڻي رهيا آهن. ڪجهہ زمينون حڪومت خالي ڪرائي رهي آهي. هن ديهہ ۾ ڏارين جون اڻ ڳڻيون ڪچيون آباديون آهن. هتان جي ماڻهن جو چوڻ آهي ”گوند“ واري جبل ۽ ”لک“ ڪري هن کي گوند واري بني ۽ گوند وارو لک بہ چيو ويندو آهي. جنهن جي ڪري ان تي اهو نالو پيو. گوند هندوئن جي هڪ ذات جو بہ نالو آهي.

**(17) ديھ مواچ:**

لياريءَ جي ميران ناڪي کان نڪرندڙ حب ندي روڊ انھيءَ ديھ جي وچان گذري وڃي ٿو. سڄڻ ۽ حسن خاصخيلي ڳوٺن، مواچ ڳوٺ، قاسم شاھ درگاھ، مرشد ھاسپيٽل جي حوالي سان مشھور ”مواچ“ اصل ۾ ماڙيپور جي لوڻ ڪاڻ جي لڳ ميدان جو نالو آھي. انھيءَ ميدان جنھن جو نالو مواچ/ مياچ آھي. جنھن جي ڪري پورو علائقو انھيءَ نالي سان مشھور ٿيو. ديھ مواچ/ مياچ ٽپي گابو پٽ ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آھي. ھي ديھ يونين ڪائونسل گابو پٽ ڪياماڙي ٽائون ۾ آھي.

انگريزن جڏھن سنڌ تي قبضو ڪيو تہ شھر جا واپاري خوجا ۽ ميمڻ ڳوٺ جا ميمڻ، گبولن سان گڏجي پناھ لاءِ حب مياچ واري ميدان وٽ پھتا تہ بري قبيلي جي ڪجھ ماڻھن رستي تي قافلي تي ڦر لاءِ حملو ڪيو. ان لڙائي ۾ ٻہ گبول جيڪي قافلي جا سرواڻ ھئا مارجي ويا. لياري (لسٻيلي) جي وينل شاعر جعفر نوتاڻي گبول ھن واقعي تي بيت چيا. انھن مان ٻہ بيت ھيٺ ڏجن ٿا جنھن ۾ مواچ کي مياچ جو نالو ڏنل آھي.

ڪيا سون پيڙا ڪراچي تي، خوجا ميمڻ واپاري،
تن کي ڏناسين لاڪيٽا لانچائي، ٻئي شير شڪاري،
قضا ڪلتاري، جو اڇي ماريا مڙس مياچ ۾.

ôô

ماريا مڙس مياچ ۾ نرمل نوتائي
جڙ جنگ جعفر چئي، ڪو سنگتي نہ ھئن ساٿي،
نہ تہ ٻرين ۾ ٻروچ چوءِ، ھوند گھوٽين وڌي گھاٽي،
اھا ھُين اُھجاٽي، ”ھڻ ھڻ“ وائي وات ۾.

**(18-19) ديھ لال بکر 1 ۽ 2:**

ھي ديھ روينيو ريڪارڊ ۾ حصن چڪ نمبر ھڪ ۽ چڪ نمبر ٻہ ورھايل آھي. سينڊس پٽ ۽ ٻلھيجي وارو سامونڊي علائقو ھن ديھ ۾ آھن. لال بکر پنڊ فقير جوکئي جي نالي سان واڳيل ھي ديھ ماڙي پور ڪانپوءِ شروع ٿي سمنڊ ڪناري ھلندي من جبل تائين وڃي ٿي. ٻلھيجي (ھاڪس بي) جو سامونڊي ڪنارو ھتي موجود ھڪ، اک ڦاٽو (پيرا ڊائيز پوائنٽ) ٻہ ديھ لال بکر ۾ آھن. ڦاٽل اک وانگر جبل ۾ اھو سوراخ جيڪو پيرا ڊائيز پوائنٽ طور مشھور آھي. ڪراچي جي سڃاڻ آھي. سياحتي ڪتابچن ۾ اھو فوٽو گھڻن سياحن کي انھيءَ ڪناري اچڻ لاءِ ھرڪائيندو آھي. پر ھاڻي جڏھن ڪو اڻ واقف سياح ھتي پھچندو تہ ٽيل سوراخ کي ڏسي ضرور مايوس ٿيندو. چاڪاڻ تہ سار سنڀال نہ ٿيڻ ڪري جبل ۾ اھو سوراخ سمنڊ جي تيز لھرن ڪري، ھن جو مٿيون

حصو ختم ٿي ويو آهي. ڍهڻ واري اها ڳالهه 2001ع تي ٿي ۽ وڳي 50 منٽن جي آهي. هاڻي اڳ جي بجاءِ اهي ڏندن جا ۽ ڏاٿ لڳن ٿا. ديهه لال بکر ۾ بلهيجي ڪانپوءِ من تائين ديهه لال بکر چڪ جون حدون شروع ٿين ٿيون. ديهه من ۾ لال بکر کي ڏار ڪندڙ من جبل جيڪو سمنڊ جي اندر تائين هليو وڃي ٿو. اهو علائقو هر خوبصورت علائقي وانگر فوج جي حوالي آهي. هن جبل تائين ڪنهن کي وڃڻ جي اجازت نه آهي. لال بکر پند فقير جي قبر منگهي پير واري پراڻي قبرستان ۾ آهي. هي ديهه تپي گابي پٽ ۾ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. اڳ هي ضلعي ڪراچي اولهه ۾ ضلعي ڪائونسل ڪراچي ۾ هو. ميندياري ۾ لال بکر ديهن جي دنگ تي اوچي ٽڪري تي منارو ٺهيل آهي جنهن کي لال بکر جو منارو چوندا آهن. پراڻي نقشي ۾ به اهو موجود آهي. انهيءَ ٽڪريءَ مان نئين لال بکر وهي اچي نئين ”سون ڪي“ سان ملي اک ڦاٽي وٽ، سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. بيا به ڪيترائي ڍورا هن ديهه ۾ آهن. هي جابلو علائقو آهي ۽ ڪوهستان جو حصو آهي.

(20) ديهه من:

سامونڊي ڪناري ڊگهي ۽ اوچي خوبصورت جابلو سلسلي جي هڪ چوٽي من ڪري هن ديهه جو نالو ”من“ رکيو ويو آهي. حب نديءَ به 240 ميلن جو سفر طئي ڪري انهيءَ ديهه ۾ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري پنهنجو وجود وڃائي ٿي. مبارڪ ڳوٺ، منجهار، ٻٽ ڪوڙي وارا سامونڊي ڳوٺ هن ديهه ۾ آهن. هن ديهه جي ماڻهن جو گذر بسر مڇي مارڻ تي آهي. هي علائقو انتهائي خوبصورت ۽ ڏسڻ وٽان آهي. جتي سمنڊ صاف ۽ شفاف آهي. هاڻي فوجي هن علائقي کي حاصل ڪرڻ لاءِ نشان ۽ رستي تي هر اچڻ وڃڻ واري جي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ زنجير لڳائي ڇڏي آهي. ٻنهي پاسي جبل ۽ وچ ۾ سامونڊي ڪنارو هاڻي لڳي ٿو ته اسان جهڙن رولاڪن لاءِ بند ٿي ويندو. جتي هر ماڻهو جي دل ڪجهه گهڙيون گذارڻ لاءِ چوندي آهي. هاڻي هن دل کي سمجهائڻو پوندو ته علائقي تي بندوقن ۽ لانگ بوٽن جا پهرا لڳڻ وارا آهن. من جبل لڳ حب جي چوڙ وارو هنڌ به آهي. جتي ڪڙڪ بندر هوندو هو. ڪڙڪ بندر جا اهڃاڻ هن وقت بلوچستان جي حدن ۾ آهن. سامهون سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ تي خوبصورت ٽڪري آهي. جتي ڪجهه قبرون به آهن. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته سورهيه بادشاهه پير پاڳارو هتي دفن ٿيل آهي. جنهن لاءِ تحقيق جي ضرورت آهي.

**(21) ديهه چتارا:**

هن ديهه جو نالو هميشه مونکي منجهائي وجهندو هو. ديهه ۾ منهنجي مائٽن جا به ڳوٺ آهن. ماهيگيري سان واسطو رکندڙ مائٽن جو هڪ ڳوٺ ديهه لال بکر ۾ به آهي. حب جي ڪناري هي ديهه به جابلو علائقي تي ٻڌل آهي. برساتي ڍورا وهي وڃي حب ۾ چوڙ ڪن ٿا. مالوند ۽ ماهيگيري سان تعلق رکندڙ هي ماڻهو زندگي جي هر سهولت کان محروم آهن. ويندي پيئڻ جي

پاڙي تائين هن ديهه ۾ پنج وڏا ڳوٺ آهن. ديهه جي نالي تي مون گهڻو غور ڪيو. هتان جي ماڻهن حب ڪناري جبل ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو ته هن جبل جو نالو چتارا آهي. جنهن جي ڪري هن ديهه جو نالو ”چتارا“ رکيو ويو آهي.

چٽ پالي جهڙي هڪ اوزار کي چئبو آهي جنهن سان ماهيگير مڇي ماريندا آهن. ڏڱهي ڪانيءَ ۾ لڳل ڪنڊيدار سوئو مڇي ڪانسواءِ ٻئي شڪار ۾ پالي وانگر ڪم اچي ٿو.

انهيءَ جبل جي پر ۾ وينل ماڻهو انهيءَ اوزار جي شڪار جا ماهر هئا جيڪي حب ۽ سمنڊ ويجهو هئڻ ڪري انهيءَ اوزار سان مڇي ۽ ٻيو شڪار ڪندا هئا. اهو فن گهڻو ڪري انهن وٽ هو جنهن ڪري انهن کي چٽ وارا معنيٰ چٽ جي اوزار وارا چيو ويو. جيڪو پوءِ چتارا مشهور ٿيو. چتا چڙائڻ معنيٰ مڇي جا وار چڙائڻ کي به چيو ويندو آهي. چتا مڇي جي وارن کي به چئبو آهي.

**(22) ديهه الله بنو:**

جوکين ۽ برفتن جي وچ ۾ هتي ئي حب جي ڪپ تي جنگ لڳي. برفتن وڏو حملو ڪيو. چار بجار جوکئي چيو ته ”هڪ پاسي بني ٻئي پاسي حب درياهه ۽ هي الله جو بنو“. بنو معنيٰ دنگ آهي. خاص ڪري زمين جي ورهاست مهل بنو ناهي دنگ الڳ ڪيو ويندو آهي. ٻئي قبيلا انهيءَ بني کان پنهنجي پنهنجي پاسي هوندا. ان ڏينهن کانپوءِ هن علائقي جو نالو الله بنو مشهور ٿيو ۽ ديهه جو نالو به الله بنو رکيو ويو. انهيءَ جنگ کي ”الله بني واري جنگ“ ۽ ”جهل واري جنگ“ به چئبو آهي. چاڪاڻ ته جنگ ۾ جوکين جو ٽمر ۽ سامان ختم ٿي ويو. ٽمر ۽ سامان اچڻ تائين انهن جهل جو ٻج ڏٿ طور کائي گذران ڪيو. تنهنڪري تاريخ ۾ هن کي ”جهل واري جنگ“ به چيو ويندو آهي. الله بنو ديهه جون حدون به حب ندي سان ملن ٿيون. هي ديهه تپي گابي پٽ، تعلقي ڪراچي ۽ ڪياماڙي ٿاڻي ۾ آهي.

**(23) ديهه گابو پٽ:**

ڪنهن ڳالهه تان جوکين ۽ ڪلمتين جي جنگ حب ندي جي ڪپ تي لڳي. پهرئين حملي ۾ گهڻا جوکيا مارجي ويا. باقي پندرنهن مڙس وڃي بچيا جيڪي پنهنجي بزرگ لال بکر پند فقير وٽ آيا جيڪو درويش هو جنهن جو ذڪر لال بکر ديهه ۾ ڪيل آهي. لال بکر گهڻو تپايو ته مون کي ڇڏيو آءٌ پاڻ دنيا کان پري ٿي وينو آهيان، پر جوکين ڪيس مدد لاءِ زور پريو، تڏهن چيائين ته ”سياڻي ڏئونرو (اچو) گابو اچي بروچن جي لشڪر ۾ پوندو، جي ان کي جهليائون ته سوڀ سندن، پر جي گابو حب اُڪري پيجي ويو ته فتح اوهانجي ٿيندي. ٻئي ڏينهن ڏئونرو گابو ازغيبي اچي بروچن جي لشڪر ۾ پيو بروچ ان کي جهلي نه سگهيا. گابو حب اُڪري پار هليو ويو. جنگ لڳي ته بروچن کي شڪست ٿي. انهي ڏئونري گابي ۽ جنگ ڪري علائقي کي گابو پٽ معنيٰ گابي

وارو ميدان چيو وڃي ٿو. تاريخ ۾ اها لڙائي ”گابي پٽ واري لڙائي“ طور مشهور آهي. ديهه جون حدون حب ندي تائين ملن ٿيون. گابو پٽ يونين ڪائونسل آهي ۽ تپو گابو پٽ به آهي.

**(24) ديهه ميندياري:**

هي ديهه الله ٻني سان گڏ حب ندي جي ڪناري آهي. هي ديهه به تپي گابي پٽ، تعلقي ڪراچي ۾ آهي. حب جي ڪناري هڪ جبل ۽ ان مان نڪرندڙ ڊوري کي ميندياري جبل ۽ ميندياري ڊورو چيو وڃي ٿو ۽ ديهه جو نالو به انهيءَ نسبت سان رکيو ويو آهي. هن ڊوري ۽ جبل تي خودرو بنيادن تي ٿيندڙ ميندي جا ٻوٽا موجود آهن جنهن جي ڪري هن کي ميندي واري چيو ويو. ميندياري معنيٰ به ميندي واري آهي. هي به جابلو علائقو آهي.

ميند هڪ ذات جو نالو به آهي ۽ ميند وهٽ جي ڳچيءَ ۾ سونهن لاءِ ٻڌل رنگا رنگي رسي کي به چئبو آهي. پر ميند ذات ۽ رسي جو واسطو هن ديهه سان نه آهي. هن ديهه جو واسطو خوشبو پکڙيندڙ ”ميندي“ سان آهي. جنهن جي رنگ جا چِٽ اڄ به هتان جي ماڻهن ۾ پسي سگهجن ٿا.

**(25) ديهه موچڪو:**

هي ديهه به حب ندي جي ڪناري تي آهي. حب ندي روڊ مواچ ڪانپوءِ انهيءَ ديهه مان گذري حب ندي پار ڪري بلوچستان جي حدن ۾ داخل ٿئي ٿو. ڪراچي جي دنگ تي آخري چيڪ پوسٽ موچڪو چيڪ پوسٽ به هتي آهي. موچڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ چمڙ رکندڙ ۽ چمڙي جي ڪم ڪندڙ ڌنڌي واري کي چئبو آهي. انهيءَ ڪم ڪندڙ کي موچي چيو ويندو آهي. لڳي ائين ٿو ته ڪنهن دور ۾ هتي چمڙي رڱڻ جو ڪم گهڻو ٿيندو هو تنهنڪري انهيءَ ڌنڌي جي نسبت سان هن علائقي کي موچڪو چيو ويو هجي. ڪوهستان ۾ گهگهر جو ٻوٽو گهڻو ٿئي ٿو ۽ هتي گهگهر چنڻ جو ڪم گهڻو ڪري ماڇي ذات وارا ڪندا آهن هتي جبلن تي گهگهر جو ٻوٽو جهجهي تعداد ۾ ٿئي ٿو ماڇين جو هتي اچڻ ۽ هتي ٽڪري تي ديرو ڄمائڻ ڪري ان کي موچڪو معنيٰ ”ماڇين جو“ چيو ويو ماڇي مڇي شڪار ڪندڙن کي به چئبو آهي مڇي شڪار ڪندڙ قبيلا به صدين کان هتي رهن ٿا. جيڪو بعد ۾ بگڙجي ماڇڪي مان موچڪو ٿيو آهي. ”ڪو“ بلوچي ۾ جبل کي چيو وڃي ٿو. هتي رهندڙ بروهين جو چوڻ آهي ته موچ جبل جي ڪري هن کي موچ ڪو (موچ وارو جبل) چيو ويندو هو جيڪو اڄ به انهيءَ نالي سان مشهور آهي. جنهن جي ڪري هن علائقي جو نالو موچڪو آهي.

انهن ٽنهي ڳالهين مان مونکي ماچڪو ۽ ماڇين واري ڳالهه وڌيڪ ويجهي لڳي ٿي. بلوچي ۾ موچ ڪو (موچ جبل) واري ڳالهه به انهيءَ تصديق لاءِ ڪافي آهي. ماچ ڪو (ماڇين وارو جبل) به انهيءَ جي بگڙيل صورت آهي.

ديھ گوند پاس ڪان وني موچڪو تائين جن ديهن جو ذڪر ڪيو آهي هي سيئي ديهون تپي گابي پٽ، تعلقي ڪراچي، يونين ڪائونسل گابو پٽ ڪياماڙي ٽائون ۾ آهن. هن يونين ڪائونسل جي هڪ پاسي سمنڊ ٻئي پاسي حب ندي آهي. هاڻوڪي نظام ڪان اڳ هي علائقو ضلعي ڪراچي اولهہ ۾ هوندو هو. هي مڪمل جابلو علائقو آهي ۽ ڪوهستان جو حصو آهي. جتي باراڻي طريقي سان پوک ڪئي ويجي ٿي. حب ڊيم نہ هئڻ ڪري جڏهن حب ۾ ٻارهو پاڻي وهندو هو تہ هتي جر ۾ منو پاڻي هوندو هو. گاهہ بہ جام هوندو هو. هتان جا ماڻهو گهڻو ڪري مالوند ماڻهو آهن. حب ڊيم اڏجڻ ڪانپوءِ ندي ۾ پاڻي بند ٿي ويو تہ سمنڊ اڳتي وڌي آيو تہ جر جو پاڻي ڪارو ٿي ويو گاهہ سڪي ويو تہ مالوند ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ٿيا. فطرت سان هٿ چراند جا نتيجا هميشہ اهڙائي نڪرن ٿا.

هتان جي ماڻهن کي لڏائڻ، انهن جي زمينن تي قبضو ڪرڻ ۽ اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هاڪس بي هائوسنگ اسڪيم جو منصوبو شروع ڪيو ويو آهي. ڳوٺن کي چار ديوارين ۾ قيد ڪيو ويو آهي. هاڻوڪي سرڪار هن اسڪيم ۾ ٻين اسڪيمن وانگر گهڻي دلچسپي ڏيکاري رهي آهي. لڳي ٿو هن خوبصورت جابلو علائقي جو انت بہ ڪراچي جي ٻين علائقن وانگر ٿي ويندو.

**(26) <u>ديھ مائي ڳاڙهي:</u>**

نادرن باءِ پاس ڪان ويندي هلڪاڻي ڪان پوءِ حب جي ڪناري هڪ درگاهہ نظر ايندي. اها درگاهہ بزرگ خاتون مائي ڳاڙهي جي آهي. جنهن تي هر سال هتان جا رند ميلو لڳائيندا آهن. هتي هڪ پراڻو قبرستان بہ آهي. مائي ڳاڙهي جي درگاهہ ڪري هن ديھ جو نالو بہ مائي ڳاڙهي رکيو ويو. ان ديھ ۾ گهڻو ڪري بروهين، برفتن ۽ رند بلوچن جا ڳوٺ آهن. هن ديھ جو الميو بہ نادرن باءِ پاس ڪري ٻين ويجهڙ وارن ديهن جهڙو آهي. قديمي ماڻهو تيزي سان زمينون وڪڻي رهيا آهن. جيڪي سنيالي وينا آهن انهن کي لينڊ مافيا حڪومت جا ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن بهاني اٿارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. هي ديھ تپي منگهي پير، تعلقي ڪراچي، يونين ڪائونسل منگهي پير، گڏاپ ٽائون ۾ آهي.

**(27) <u>ديھ هلڪاڻي:</u>**

هن ديھ جون حدون حب جي ڪپ ڪان شروع ٿي ديھ اورنگي جي جابلو سلسلي تائين اچن ٿيون. منگهي پير، اورنگي ۽ ديھ ميٺاڻ کي مختلف ٽڪريون هن ديھ کي ڌار ڪن ٿيون. ديھ ۾ 20 ڳوٺ آهن. ”مدينتہ الحڪمت همدرد يونيورسٽي“ انهي ديھ ۾ آهي. ڳوٺ رمضان بروهي ۽ زوبو بروهي جي سامهون جبلن مان هلڪاڻي ڍورو وهي حب ۾ چوڙ ڪري ٿو. ڪنهن دور ۾ ديھ جي گهڻي حصي تي حب مان پاڻي ڪٽي زراعت ڪئي ويندي هئي. اهو پاڻي بند مراد خان مان ڪنيو

ويندو هو. لس ڏانهن ويندڙ هڪ پراڻو گس هتان ويندو آهي. حب ڊيم ٺهڻ سان ٻين علائقن وانگر هلڪاٽي بک ۽ بدحالي جو شڪار ٿي ويئي. ڪراچي شهر ۾ زمين جي ڪوٽ، نادرن باءِ پاس ڪري هتان جي زمين سون ٿي پئي. لڪشمي ديوي هتان جي ماڻهن تي مهربان ٿي آهي. پر هن لڪشمي ديوي جي مهربانيءَ سان ڌرتي پيرن هيٺان نڪرندي وڃي ٿي.

**(28) ديهه منگهو پير :**

منگهو پير مزار جي ڪري هن ديهه جو نالو منگهو پير رکيو ويو. هي قديم آستان ۽ پراڻو ماڳ آهي. جنهن جو تفصيل سانج ذڪر ڪتاب جي منگهي پير واري مضمون ۾ ڪيل آهي. منگهي پير جو قبرستان تاريخي قبرستان آهي اڳ ۾ اڪيواڙي، ڳجهڙي ۽ گابي پٽ ڪان وني سيني ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجا مردا هتي اچي دفن ڪندا هئا. هتي برفتن، ميرن، ڪلمتين ۽ جوکين جون گهاڙي قبرون بهترين چٽساليءَ سان موجود آهن. پراڻي قبرستان جي گهڻي حصي تي قبضا ڪري گهر اڏيا ويا آهن. هندن جي تاريخ مندر، ڳئونشالا تي قبضو ڪيو ويو. منگهي پير جو ٿاڻو ڪراچي جي قديم ٿاڻن مان هڪ ٿاڻو آهي. منگهو پير لس، مڪران، حب ڌريجي، هنگول ۽ ٻين علائقن جو قديم مرڪز آهي.

**(29) ديهه بند مراد خان:**

مراد خان جيڪو دراني پناڻ هو ننڍپڻ ۾ هتي بروهين وٽ اچي رهيو ۽ هتي بروهين مان شادي ڪري هتي وفات ڪيائين. جنهن حب تي بند ٻڌو. جيڪو بند مراد خان نالي مشهور آهي. هڪ شخص جي محنت جو اهو شاهڪار ڏسڻ وٽان آهي. سار سنڀال نہ لهڻ جي باوجود اڄ بہ صحيح حالت ۾ موجود آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر ڪتاب جي پاڻي واري باب ۾ ڪيل آهي مراد خان جو خاندان اڄ بہ صحيح حالت ۾ موجود آهي. جنهن جو ذڪر ڪتاب جي پاڻي واري باب ۾ ڪيل آهي مراد خان جو خاندان اڄ بہ هتي رهي ٿو ۽ پاڻ کي هاڻي هو بروهي سڏائين ٿا. هي بہ زرعي علائقو هو. جتي اڄ بہ زراعت ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ ديهه ۾ انگريز دور جو اڏيل هڪ ريسٽ هائوس آهي. جيڪو ضلعي لوڪلبورڊ ان وقت اڏيو هو. جڏهن سائين جي ايم سيد (1928) تي لوڪل بورڊ جو چيئرمين هو. اهو سائين جي. ايم سيد جي ڪوشش سان اڏيو ويو. مراد خان جو پوٽو انهيءَ ريسٽ هائوس جو چوڪيدار آهي. هن ديهه جون حدون بہ حب ندي سان لڳن ٿيون. منگهي پير ۽ هلڪاٽي ڪان اينڊڙ قديم رستا بند مراد خان وٽان پار ڪري بلوچستان ڏانهن ويندا هئا. اهي رستا اڄ بہ موجود آهن. بند مراد خان جي پار حب جي ڪپ تي پوليس چوڪي بہ آهي جيڪا انگريز دور کان هتي آهي. رئيس ڳوٺ لڳ حب جي ڪناري ”جنگل بني“ آهي جتي ڪنهن زماني جوکين جو ديرو هو. هاڻي هن تي ”رندي قلات“ (رندن جو قلعو) نالو رکيو ويو آهي.

**(30) ديهه حب:**

هي ديهه هلڪاڻي ۽ ديهه بند مراد خان جي وچ تي حب جي ڪناري آهي جنهن جي ايراضي ڪراچيءَ جي ديهن ۾ سيني کان گهڻ آهي. حب ندي جي ڪناري ڪراچي جي 16 ديهن جون حدون لڳن ٿيون ۽ حب جو نالو هن خوشنصيب ايراضي کي مليو. هي زرعي علائقو آهي. حب مان پاڻي ڪڍي هن کي آباد ڪيو ويجي ٿو.

**(31) ديهه چام جو چڪرو:**

سورجاڻي جبل جي اولهه لڳ جيڪو جابلو سلسلو آهي هتي پاڻي جو چڪرو هوندو هو جيڪو جوکين جي چام جي ملڪيت هئڻ ڪري هن کي چام جو چڪرو چوندا هئا. جنهن جي ڪري ديهه جو نالو به چام جو چڪرو رکيو ويو. ڪراچي جي ڪچري ۽ گند گڏ ڪرڻ جو لينڊ فل سائيڊ به انهيءَ ديهه ۾ آهي. نادرن باءِ پاس هن ديهه جي وچان گذري وڃي ٿو ۽ جنهن جي ڪري هن جابلو سلسلي ۾ انڊسٽريل زون لاءِ زمين الاٽ ڪئي ويئي آهي.

**(32) ديهه لوهارڪو لنگهه:**

ميرن جي وقت ڪراچي جي مال آڻڻ ۽ نيڻ (امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ) جو ٺيڪو الله رکئي لوهار وٽ هوندو هو. جنهن جو اصل ڳوٺ حب جي ڪناري تي هو. جيڪو ڪبڙلڪ، مهيو کان اينڊڙ قافلن جو حب پار ڪرڻ جي هڪ لنگهه جي ويجهو هو. اڄ به ڪبڙلڪ ۽ گڏاپ کان اينڊڙ ماڻهو شاهه نوراني وڃڻ لاءِ هتان ئي حب اُڪري ويندا آهن. جيڪو لوهارن جي خاص ڪري الله رکئي لوهار جي ڳوٺ جي ويجهو هئڻ ڪري لوهارڪو لنگهه مشهور ٿيو ۽ ديهه به انهيءَ نالي سان آهي. پورو ديهه هڪ چيپات وانگر حب جي ڪناري تي آهي. جڏهن 1839ع ۾ انگريزن ڪراچي تي قبضو ڪيو ته ميرن پاران چار ايجنٽ هر مير جو ڌار ايجنٽ مقرر هو. جنهن مان نصير خان جو ايجنٽ حاجي الله رکيو هو. اهو ٺيڪيدار الله رکيو لوهار هو. جنهن جي پگهار 25 روپيا هئي. ميرن پاران حب تي جتي هن جو ڳوٺ هو جاگير ڏني ويئي. لوهارڪو لنگهه ديهه وارو علائقو انهيءَ جاگير ۾ هو.

**(33) ديهه منان گهر:**

لوهارڪو لنگهه ديهه جو سامهون جابلو سلسلو ديهه منان گهر ۾ آهي. منان موڪيءَ جي ستن پيڻن مان هڪ پيڻ هئي. جبل جي هڪ ٽڪري تي هن جي گهر هئڻ ڪري انهيءَ چوٽيءَ کي منان گهر چيو ويو ۽ ائين منان جي گهر جي ڪري اهو علائقو منان گهر مشهور ٿيو ۽ ديهه جو نالو به اهو ئي رکيو ويو. انهي جابلو سلسلي مان هڪ ڍورو وهي حب ندي ۾ چوڙ ڪري ٿو جنهن کي منان وارو ڍورو چيو وڃي ٿو. مائي ڳاڙهي کان منان گهر تائين جن انن ديهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو

آهيان اُهي هن وقت تپي منگهي پير، تعلقي ڪراچي، يونين ڪائونسل منگهي پير ۽ گڏاپ ٽائون ۾ آهن. هن کان اڳ هي ضلعي ڪراچي اولهه ۾ ضلعي ڪائونسل ڪراچي ۾ هئا ۽ هُن وقت يونين ڪائونسل منگهو پير ۾ ديهه اورنگي ۽ ديهه سورجاٽي به شامل هئا. ايوب خان واري بنيادي جمهوريتن واري نظام هيٺ ديهه ڪاري لڪي ۽ ديهه ٻبراٽو به منگهو پير يونين ڪائونسل ۾ شامل هئا.

**(34) ديهه سورجاٽي:**

کيڙلڪ ۽ شورينگ کان ايندڙ جابلو سلسلي جي هڪ چوٽي جو نالو سورجاٽي آهي. انهيءَ جابلو سلسلي کي پار ڪرڻ لاءِ جيڪو لڪ آهي جتي هاٽي نادرن باءِ پاس ناهيو ويو آهي. انهيءَ لڪ کي به سورجاٽي لڪ چيو ويندو آهي. انهيءَ چوٽي ۽ لڪ جي ڪري ديهه جو نالو سورجاٽي رکيو ويو آهي. تعلقي ٺٽي محمد خان ۽ تعلقي سجاول ۾ به هڪ ديهه جو نالو سورجاٽي آهي. سورجاٽي جي ٻوٽي ۽ ان جا گل پسارڪي وکر ۾ ڪم اچي ٿو. هن ٽڪري تي سورجاڻ جي ٻوٽي وڏي تعداد ۾ هئڻ ڪري هن جبل جو نالو سورجاٽي رکيو ويو. ديهه سورجاٽي هاٽوڪي بلدياتي نظام کان اڳ منگهو پير يونين ڪائونسل ۾ شامل هو. هن ديهه جي آبادي جيڪا 1990ع ۾ فقط 10 هزار هئي ۽ هتي برفتن جو هڪ ۽ بروهين جا پنج ڳوٺ هوندا هئا فقط 16 سالن ۾ سورجاٽي ٽائون اسڪيم 45 ڪري ان ديهه جي آبادي 75 هزار کان مٿي ٿي ويئي آهي. ديهه کي ٻن يونين ڪائونسلن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ يوسف ڳوٺ ٻيو معمار آباد. معمار آباد يونين ڪائونسل کي. ڊي. اي. جي سورجاٽي اسڪيم نمبر 45 تي ٻڌل آهي. جتي فقط ٻه ڳوٺ صيفل ۽ بابو پٺائي بروهي آهن.

يوسف ڳوٺ يونين ڪائونسل جنهن تي يوسف بروهي ڳوٺ جي ڪري اهو نالو رکيو ويو آهي. پنجن ڳوٺن ڪانسواءِ مڪمل ڪچي آبادي آهي. 1984ع ۾ فقط هتي اهي ڳوٺ ۽ واڙا هوندا هئا. ڳوناٽن ڳوٺن جي زمين ڌارين کي وڪٽي ڇڏي جنهن جي ڪري هاٽي هو ٿورائي ۾ ٿي ويا آهن ۽ يونين ڪائونسل ناظمي به نٽا ڪٽي سگهن. هي ديهه لياري نئين جي ڪپ تي آهي. هن سان لڳ نيو ڪراچي (ٻبراٽو) جو علائقو آهي. ديهه ۾ پنجراپور جي زمين به آهي. جنهن سان لڳل هڪ قتل جاءِ جا آثار ۽ هڪ کوهه به هو جيڪي هاٽي ختم ٿي چڪا آهن. هي ديهه تپي منگهي پير ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. ديهه جون ٻئي يونين ڪائونسلون گڏاپ ٽائون ۾ آهن.

**(35) ديهه نانگڻ:**

ديهه سورجاٽي سان لياري نئين لڳ ڪراچي شهر ڏانهن ايندي ڪابي ڪپ تي هي ديهه آهي. نانگڻ ڊورو جيڪو ديهه موکي ۽ ٽائيسر کان وهي اچي هتي لياري نئين ۾ چوڙ ڪري ٿو. جهونن جو

چوڻ آهي تہ انهيءَ ڊوري ۽ پاسي واري جبل تي نانگ گهڻا هوندا هئا. جنهن جي ڪري هن علائقي جو نالو نانگن وارو علائقو مشهور ٿيو.



**سورجاڻي جبل**

نانگ جي مادي کي بہ نانگڻ چيو ويندو آهي. تعلقي ٺل ۾ بہ هڪ ديهہ جو نالو نانگڻ آهي. ديهہ ٻيراڻي ۽ سورجاڻي لياري جي ساڄي ڪپ تي آهن ٻيراڻي کان هڪ پراڻو رستو ديهہ نانگڻ مان گذري وڃي ٿو، جڏهن نيو ڪراچي ۽ سورجاڻي اسڪيمون شروع ڪيون ويون تہ هتي هڪ چورنگي جو نالو نانگڻ رکيو ويو. تسنيم صديقي ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي جو ڊائريڪٽر ٿيو تہ هتي هن ڌارين کي آباد ڪرڻ لاءِ حيدرآباد وانگر ”خدا ڪي بستي“ جو بنياد وڌو. جيڪا اڄ سيني سهولتن کان مالا مال وسندي آهي. پاسي وارن ڳوٺن ۾ پيئڻ لاءِ پاڻي نٿو ملي. انهيءَ دور ۾ تسنيم صديقي سورجاڻي ٽائون اسڪيم شروع ڪئي ۽ گلشن معمار لاءِ هڪ پرائيويٽ بلڊرز کي ٽائيسر ديهہ ۾ زمين الاٽ ڪئي هئي. جتي اڄ سپر هاءِ وي لڳ خوبصورت بنگلن ۽ فليٽن وارو علائقو آهي. هن ۾ موجود ڳوٺن کي چار ديواري ڏيئي بند ڪيو ويو آهي. تازو لياري ايڪسپريس جي ڪري لياري نئين مان اٿاريل بنگالين ۽ مهاجرن کي هتي وسايو ويو آهي. ٿوري عرصي ۾ هتي 12 هزار گهر ناهي انهن کي اسڪول، صحت، پاڻي، روڊ، گيس، بجلي ۽ ٽرانسپورٽ جي سهولت ڏني ويئي آهي. انهن ٻنهي اسڪيمن ويجهو 15 کان مٿي ڳوٺ جيڪي گذريل ٽن سئو سالن کان هتي آباد آهن. انهن کي ڪا سهولت مليل نہ آهي. لياري ايڪسپريس وي جي اٿارين جي وچ ۾ بہ قديم ڳوٺ عرض محمد ۽ نيڪ محمد ڏسڻ وٽان آهن. هر پاسي بجلي، روڊ، گيس ۽ پاڻي آهي. اسڪيمن جي وچ ۾ هوندي انهن ڳوٺن ۾ ڪا بہ سهولت نہ آهي. جنهن لاءِ مشهور ڪيو ويو تہ اهي قبضا آهن ۽ انهن کي اٿاريو وڃي. ڪجهہ اوٺايون اسان جون پنهنجون بہ آهن. انهن ماڻهن کي رستو ڏيکارڻ اسان جو پنهنجو ڪم آهي. سنڌي ۾ هڪ چوڻي آهي جيڪا ديهہ نانگڻ سان ٺهڪي اچي ٿي تہ،

”نانگ ڪٽي گهر ۾ وڃڻ“

ديهه نانگڻ ٽپي سونگل ۾ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. يونين ڪائونسل سونگل گڏاپ ٽائون ۾ آهي. اڳ هي ضلعي ڪراچي اولهه ۾ هو.

**(36) ديهه تائيسر:**

موکي جي پيڻ جي نالي سان لاڳاپيل هي ديهه ڪي. ڊي. اي جي هائوسنگ اسڪيمن ۾ اچي ويئي آهي. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ هتي گلشن معمار هائوسنگ اسڪيم شروع ڪئي ويئي ته تائيسر ٽائون جو اعلان ڪيو ويو. گلشن معمار اسڪيم جيڪا پرائيويٽ بلڊرز کي الاٽ ڪيل هئي اها مڪمل ٿي آهي. تائيسر اسڪيم سرد خاني ۾ هلي ويئي، جنهن سان هتان جي مقامي ماڻهن سک جو ساهه کنيو ته هاڻي گهٽ ۾ گهٽ انهن جا ڳوٺ ۽ اباڻا پڊ بچي پوندا. پر هاڻوڪي حڪومت پاران اسڪيم جي تمام جلدي هئي. قانوني گهرجون هڪ پاسي ڪري گورنر ۽ سٽي ناظم کي اختيار ڏئي، اسڪيم تي ڪم شروع ڪيو ويو. نادرن باءِ پاس جي ڀرسان هن جي ملهه ۾ واڌارو ٿيو. هن جو ڪم تيزي سان جاري آهي. ڏهن ڳوٺن کي نوٽيس ڏنا ويا آهن. ليارِي نئين ٽائين پوري ديهه ۾ سرڪار ڪانسواءِ بلڊرز کي مختلف رهائشي اسڪيمن لاءِ زمينون الاٽ ڪيون ويون آهن. اسڪيم کي هاڻي ديهه موکي، الله ڦهائي، ٽومينگ ۽ نانگڻ ٽائين وڌايو ويو آهي.



**موکي جي پيڻ تائيسر جي نالي سان مشهور تائيسر**
**جبل جيڪو هاڻي ختم ٿي رهيو آهي.**

ايجوڪيشن سٽي، انڊسٽريل زون ۽ ڪراچي جي تمام اليڪٽرانڪ ۽ ٻين شين جون هول سيل مارڪيٽون، شو رومز سيني کي سپر هاءِ وي کان نادرن باءِ پاس جي ڀرسان پاسي ڪٽي اچڻ جو پروگرام آهي. سپر هاءِ وي کان حب ڊيم ۽ حب ريور روڊ ٽائين هڪ نئين ڪراچي اڏڻ جو پروگرام رٿيو ويو آهي. جنهن تي تيزي سان ڪم ٿي رهيو آهي. ان نئين ڪراچي ۾ اسين ڪٿي هونداسين؟ جيڪو حشر پراڻي ڪراچي ۾ قديمي ماڻهن سان ڪيو ويو. اهو سڀ ڪجهه هتي ورجايو ويندو/ ورجايو پيو وڃي. زمين تيزي سان اسان جي پيرن هيٺان نڪري رهي آهي.

حيدرآباد ۽ ڪراچي ، ڪراچي ۽ ٺٽي کي ملائڻ لاءِ سپر هاءِ وي ۽ نيشنل هاءِ وي تي هائوسنگ اسڪيمون ۽ ٻيون رٿائون شروع ڪيون ويون آهن. هي فقط ٻن ٻيٽن ڏنگي ۽ ڀنڊار تي نئين شهر اڏڻ جو منصوبو ڪونهي، هي تہ پوري ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٺٽي سميت سنڌ ڳڙڪائڻ جو منصوبو آهي. اهڙا ڪيترائي ٻيا منصوبا شروع ڪيا ويا آهن جنهن جو ذڪر اوهان کي ايندڙ ڏيهن جي حوالن ۾ ملندو.

ڪي. ڊي. اي جي اسڪيم ۾ هن ديهہ جو نالو تيسر ڏنو پيو وڃي پر ديهہ جو صحيح نالو تائيسر آهي. هون بہ تيسر سنڌي ۾ ضدي ۽ هوڏي کي چئبو آهي. شايد موکيءَ جي اها پيڻ ضدي ۽ هوڏي هئي. ديهہ جو اصل نالو تائيسر ئي آهي. موکي نئين ديهہ تائيسر جي علائقي ۾ گذرڻ ڪانپوءِ هن نئين ۾ "شوري" نئين بہ ملي ٿو. "شوري" انهيءَ ديهہ مان گذري تائيسر جبل لڳ لياري ندي ۾ چوڙ ڪري ٿي. لياري ايڪسپريس وي جا اتاريل انهيءَ نئين جي ڪپ تي آهن. شوري نئين ديهہ تائيسر ۽ ديهہ نانگڻ ڪري جدا ڪري ٿي. تائيسر جبل جي چوٽي تي هڪ قبر لاءِ مشهور آهي تہ اها ڪنهن اصحابي جي آهي. جبل جي ويجهو هڪ پراڻو قبرستان بہ آهي. علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي تائيسر جي قبر بہ هتي آهي ۽ تائيسر جي ڪري هن جبل جو نالو تائيسر مشهور ٿيو. جبل مان مٽي جي کوٽائي جو ڪم تيزي سان جاري آهي جبل جو هڪ حصو هائوسنگ اسڪيم وارن کي الاٽ ڪيو ويو آهي. ڪجهہ سالن ڪانپوءِ هن تاريخي جبل جو ڪو نالو نشان نہ هوندو، تائيسر جابلو سلسلي تي ڳوٺ عبدالله گبول بہ آهي.

پاڪستان جو خوبصورت تفريح گاهہ "ڊريم ورلڊ" انهيءَ ديهہ جي هڪ جابلو چوٽي راءِ پٽ جبل تي ناهيو ويو آهي. انهيءَ ديهہ ۾ هڪ چوٽي "ليلوقر" بہ آهي. جنهن جي وچان نادرن باءِ پاس گذري وڃي ٿو جنهن جي ڪابي پاسي چوٽي جي هينان "عباس بروهي" ڳوٺ ۽ ٻئي پاسي اوير پاسي افغانين جي ڪئمپ جو علائقو شروع ٿئي ٿو. راءِ /راهبنو واٽئي جي نالي تي جنهن چوٽي تي "ڊريم ورلڊ" جوڙيو ويو آهي انهيءَ هندو جي گهوڙيءَ جو نالو ليلو هو ۽ انهيءَ گهوڙي پاسي واري چوٽي تي قر چڙهيو تہ هن جو نالو "ليلو قر" رکيو ويو ۽ پوءِ اها چوٽي انهيءَ نالي سان مشهور ٿي.

ديهہ تائيسر تپي سونگل تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هي يونين ڪائونسل سونگل ۽ گڏاپ ٽائون ۾ آهي.

<u>**(37) ديهہ موکي:**</u>

موکيءَ ۽ متارن جي لازوال تمثيلي داستان جو هي ڪردار جنهن کي ڀٽائي ڳائي امر ڪري ڇڏيو ۽ موکيءَ سميت ستن ئي پيڻن موکي، تائيسر، الله ڦهائي، منان، صفوران، دوزان ۽ سونگل جا

نالا اڄ بہ وقت گذرڻ سان موجود آهن. ستن پيٽڻ جي نالي سان ديهون موجود آهن. داستان جو تفصيلي ذڪر ڪتاب جي مضمون ”موڪيءَ مٽ اپٽيا“ ۾ موجود آهي. ديهہ موڪيءَ ۾ موڪيءَ جي قبر موجود آهي. هتي آس پاس جي ڳوناٽن جو قبرستان بہ آهي. تائيسر اسڪيم جا بلڊوزر بہ پيرا هن قبر ۽ قبرستان کي ختم ڪرڻ لاءِ آيا پر ڳوناٽن همت ڪري انهن کي پڇائي ڪڍيو. جيڪڏهن اسڪيمون ناهيون وڃن ٿيون تہ پوري ديهن جي سروي ڪانسواءِ پلان ڪيو وڃي ٿو پلاننگ ڪرڻ وارن جي نظر ۾ سيئي ڳوٺ، تاريخي جايون، قبرستان، ماڳ مڪان، جبل، ڍورا، نديون غير قانوني آهن. 1947ع کان تہ اهو ئي ٿيندو پيو اچي. موڪي نئين انهيءَ ديهہ مان وهي لياري ۾ چوڙ ڪري ٿي. موڪي نئين ۾ ديهہ تائيسر ڪانپوءِ ”شوري“ نئين شامل ٿي لياري ۾ چوڙ ڪري ٿي. ديهہ ۾ موڪيءَ جو تڙ بہ هو پر اهو هاڻي ختم ڪيو ويو آهي.

**(38) ديهہ الله ڦهائي:**

نادرن باءِ پاس سان لڳ حب ڏانهن ويندي لياري ندي کان اڳ ساڄي هٿ تي هن ديهہ جون حدون شروع ٿين ٿيون. هن جون حدون لياري ندي تائين آهن ۽ کار، کٻڙ لڪ ڏانهن ويندي مراد بروهي ڳوٺ تائين هن ديهہ جون حدون آهن. نانگڻ، تائيسر ۽ موڪي سان گڏ هئڻ ڪري تائيسر اسڪيم کي هن ديهہ تائين وڌائڻ جو پروگرام آهي. جنهن لاءِ ڳوناٽن کي نوٽيس ڏنا ويا آهن. اهي مالوند ماڻهو آهن. زراعت سان بہ انهن جو تعلق آهي پاڻي گهٽ هئڻ ڪري هتي باراڻي طريقي سان واهي چاهي ڪئي ويندي آهي. هن ديهہ جو نالو موڪيءَ جي پيڻ ”الله ڦهائي“ جي نالي پويان رکيل آهي.

**(39) ديهہ مهيو:**

نادرن باءِ پاس کان حب ڏانهن ويندي لياري ندي جي پار ساڄي هٿ تي ديهہ مهيو جون حدون ۽ کابي هٿ تي ديهہ سورجاڻي جون حدون لڳن ٿيون. هي جابلو علائقو آهي. لياري ندي الله ڦهائي ۽ مهيو کي الڳ ڪري ٿي. مهيو جبل مان گهٽا برساتي ڍورا وهي لياري ۾ ڪرن ٿا. ديهہ جي اولهہ پاسي ديهہ لوهارڪو لنگهہ. اتر پاسي ديهہ ماندڙو، ڏکڻ پاسي سورجاڻي، اوير پاسي ڦهائي ۽ نانگڻ ديهون آهن. مهيو جبل جي ڪري هن علائقي جو نالو اهو پيو، جيڪو مهير ۽ ڪيرٿر ڏانهن وڃي ٿو. ڏکڻ اولهہ پاسي اهو سلسلو منگهي پير ڪانپوءِ سمنڊ ڏانهن وڃي ٿو. گهٽا هن کي ميهئي بہ چون ٿا.

**(40) ديهہ ماندڙو:**

ماندڙو هڪ ذات جو نالو آهي. جيڪي لسٻيلي ۾ گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا. هتي ماندڙن جي رهڻ ڪري هن علائقي جو نالو ماندڙو پيو. هاڻي هتي ماندڙن جا فقط چند گهر بچيا آهن. هن ديهہ

جون حدون حب ڊيم تائين وڃن ٿيون. ٻئي پاسي حب ندي تائين آهن. پاڪستان جي پهرئين سيٽلائيٽ اسٽيشن هتي آهي. حب ڊيم ۽ سيٽلائيٽ نهڻ ڪري هاٽي ماڻهو حب، وندر، شاهه نوراني لاءِ اهو رستو وٺي وڃن ٿا. حب ڊيم مان نڪتل پاٽي جو چينل انهيءَ ديهه مان گذري وڃي ٿو هي به جابلو سلسلو آهي انهي جابلو سلسلي مان ليارى نئين جي شروعات ٿئي ٿي. ماضي جي ملير ضلعي جون حدون انهي سلسلي تائين هيون. ديهه مانڊڙو ضلعي ڪراچي اولهه ۾ هوندو هو.

**(41) ديهه شاهه مريد:**

موڪيءَ جي قبر جي اتر پاسي شاهه مريد جي درگاهه آهي. انهيءَ بزرگ ڪري هن ديهه جو نالو شاهه مريد رکيو ويو آهي. درگاهه جي مجاور ابراهيم خاصخيلي جي قبر به هتي آهي. بزرگ لاءِ مشهور آهي ته اولاد کان محروم ڪو ماڻهو هتي سلام ڀري. هتي موجود پينگهڙي کي لوڏو ڏيندو ته بزرگ جي دعا سان هن کي اولاد نصيب ٿيندو.

بلوچي رزميه داستان حاني ۽ شاهه مريد جو قصو گهڻو مشهور آهي. چاڪر اعظم (چاڪر رند) حاني تي عاشق هو. تنهن ڪري سردار حاني کي حاصل ڪرڻ لاءِ منصوبو جوڙيو. تمام ننڍن قبيلن جي سردارن کي پنهنجي محل ۾ گهرايائين. سيني پنهنجن ڪمزورين ۽ شوق کان چاڪر کي آگاهه ڪيو. شاهه مريد چيو ته خميس ڏينهن ڪو فقير صبح جو سوير سڀ کان اڳ ۾ منهنجي سامهون ڪا به صدا هڻندو ته آئون پورو ڪندس. قصو مختصر چاڪر خميس ڏينهن شاهه مريد وٽ پهچي حاني جيڪا شاهه مريد جي منگ هئي، حاني ڏيڻ جي صدا هنئي، بلوچي قول پاڙيندي شاهه مريد حاني کي چاڪر جي حوالي ڪيو. پاڻ هميشه لاءِ ڪيڏانهن گم ٿي ويو. گهڻن جو خيال آهي ته شاهه مريد کي چاڪر مارائي ڇڏيو. پر مونکي لڳي ٿو ته هي اهو ئي شاهه مريد آهي. جيڪو حاني جي وڃڻ ڪانپوءِ هتي اچي رهيو. درگاهه پنيور، لانڍي، ڪونڪر ۽ گڏاپ کان مڪران ۽ لس ويندڙ پراڻي رستي تي آهي. درگاهه جي سامهون هڪ ٻئي بزرگ ابراهيم شاهه جي درگاهه ۽ اڌ ڪلو ميٽر ڏکڻ پاسي "موڪي" جي قبر ۽ پراڻو قبرستان آهي. درگاهه جي سامهون هڪ ٻئي بزرگ "نور شاهه" جو مقبرو آهي. هي زرعي علائقو آهي. پاڪستان ٽيليويزن جو شاهه مريد بوسٽر هتي لڳل آهي. سپر هاءِ وي کان ڪار ويندڙ رستو به هتان گذري وڃي ٿو. ڪوزي واٽر پارڪ، سيمزو ۽ ٻيا انيڪ پڪنڪ پوائنٽ هن ديهه ۾ آهن. هن ديهه جون حدون موڪي، الله ڦهائي، شاهي ڇپ، نارا ٿر ۽ ٻجار جي ٻني سان ملن ٿيون.

**(42) ديهه ٻجار جي ٻني:**

ڄام ٻجار خان جوکئي پهرئين جي نالي سان هتي ٻني آهي جنهن جي نالي پويان هن جو نالو ٻجار جي ٻني رکيو ويو آهي. ڄام ٻجار خان همت وارو مڙس هو جنهن مختلف قبيلن جي وچ ۾

مقابلي ۾ پنهنجي قبيلي جي سرواڻي ڪئي. هي سنو سگهڙ به هو. ديهه جام جو چڪرو به انهيءَ جي نالي پويان آهي. لاڪڙي ضلعي لسٻيلي ۾ لياري لڳ ”جام ٻجار جو مامرو“ اڄ به موجود آهي. جيڪو جام ٻجار جي جاگير هئي. راهيجي واري جنگ ۾ جڏهن ٻجار جو پٽ چاڪر خان جيڪو به بهادر ۽ همت وارو هو. حيدرآباد کان سندس ماءُ چاڪر کي ساڻ ڪري پوٽاٽين ۾ ڪيس پرٽائڻ لاءِ وٺي ٿي ويئي. ته راهيجي واري جاءِ بارڻ ۾ اٺ پلاڻ وٺ برفتن پنهنجي پلاند وٺڻ لاءِ قافلي تي حملو ڪيو. چاڪر مارجي ويو. جتي چوڪنديون به آهن. چاڪر جي مارجڻ بعد جام ٻجار هٽيو تي لاڪڙي ۾ لياري لڳ جام ٻجار واري مامري ۾ وڃي رهيو.

ديهه ٻجار جي ٻني گڏاپ ۽ موکي روڊ جي وچ تي آهي. سيٺ نائون مل پنهنجي ”يادگيرين“ ۾ هن کي جهارا ٻني لکيو آهي. جيڪو غلط آهي.

**(43) ديهه نارا ٿر/ ناڙا ٿر:**

نارا ٿر ٻني جي ڪري هن ديهه جو نالو نارا ٿر رکيو ويو آهي جنهن کي ناڙا ٿر به چوندا آهن. گڏاپ روڊ کان گڏاپ ڏانهن ويندي برساتي نئين کونکر کي پار ڪرڻ کانپوءِ کابي هٿ تي روڊ سان لڳ اها اڪيلي ٻني نظر ايندي. انهيءَ ٻني جي آخري ڇيڙي تي متارن جون قبرون آهن ۽ ٻني جي ڪڇ تي سهراب فقير جي زمين ۾ ڪجهه آثارن جا نشان آهن جن کي ڪافرن جو ڪوٽ چيو وڃي ٿو. پر اهي موکي جي ميخاني جا آثار آهن. تفصيلي ڪتاب جي مضمون ”موکي مٽ اپٽيا ۾“ ڏنل آهن. ٻني جي ساڄي هٿ تي جوکين جو تاريخي قبرستان آهي. هتي برفتن ۽ جاکرن جي وچ ۾ جنگ لڳي هئي. ڪلهوڙن جي دور ۾ ٽيل جنگ کي تاريخ ۾ ”نارا ٿر جي جنگ“ چيو وڃي ٿو. جنهن جا تفصيل سگهڙن جي بيتن سميت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب ”جنگناما“ ۾ ڏنل آهي. برفتن ڪنهن جهيڙي ۾ آري جاکري کي ماري وڌو. جنهن تي قلات جي خان برفتن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ جام ٻجار کي حڪم ڪيو. جام ٻجار پنهنجي پاسي ڪلمتين، جوکين، جتن ۽ نومڙين جو لشڪر تيار ڪيو. برفتن جي اڳواڻي عزت خان ڪري رهيو هو. ٻودا قبيلي جا ماڻهو تنهن سان گڏ هئا. جاکرن جا راڄ جيڪي جدا پدا وينا هئا تن تي حملا ڪيائون. پوءِ سڌو ”ڏڙٻي“ (ڪراچي) ڏانهن رخ ڪيائون. جيڪو جاکرن سندن خرفدارن جو مرڪز هو. نارا ٿر جي جُوءِ ۾ ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا. جاکرن کي شڪست ٿي. ابراهيم لنگهي جو بيت هيٺ ڏجي ٿو. جنهن ۾ ڏڙٻي ۽ ڊگاريءَ جو ذڪر آهي ڏڙٻو ڪراچي بندر جو پراڻو نالو آهي. ڊگاريءَ وارو علائقو نارا ٿر جي لڳ آهي.

هاڻي راڄن لڏون واريون وٺو ڏڙٻي جو ديدار،
ڊائي آهيئون ڊگاريءَ جي، بيگن لاٿو بار.

**(44) ديهه ڪونڪر:**

هي ديهه تپي ڪونڪر تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هاڻوڪي بلدياتي نظام کان اڳ ڪونڪر الڳ يونين ڪائونسل هو ۽ هي ديهه بہ هن ۾ شامل هو ۽ ضلعي ملير ۾ هو. هاڻي هن ديهه کي يونين ڪائونسل سونگل ۾ شامل ڪيو ويو آهي. پراڻي يونين ڪائونسل سونگل ۾ هن هڪ ديهه جو واڌارو ڪيو ويو آهي. هن ديهه جون حدون ڏُنبا ڳوٺ جي سامهون کان شروع تي ناگوري سوسائٽي کان اڳيان لنگهيجي ڊوري تائين حيدرآباد ويندي سپر هاءِ وي جي ڪابي هٿ سان شروع ٿين ٿيون. ٻئي پاسي گڏاپ روڊ تي گڏاپ ڏانهن ويندي عثمان شاهہ درگاهہ کان اڳ وارو علائقو، ڪونڪر اسٽاپ کان ڪونڪر نئين جي ساڄي پاسي (گڏاپ ڏانهن ويندي) ڪونڪر نئين تائين آهن. هي مڪمل جابلو علائقو آهي ۽ ڪوهستان جو حصو آهي. ٿڌو ۽ ڪونڪر نئيون هن ديهه مان گذري، انهيءَ ديهه ۾ ڏُنبا ڳوٺ کان اڳ پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڪونڪر نئين جي ڪري هن جو نالو ڪونڪر رکيو ويو. ڪونڪر نالي لاءِ بہ روايتون موجود آهن. هڪ رايو اهو آهي تہ ڪونڪر ماڇهو جو نالو آهي جيڪو ذات جو جوکيو هو ۽ سروي وقت انگريزن جي مدد ڪيائين جنهن لاءِ ديهه جو نالو سندس پويان ڪونڪر رکيو ويو.

ٻيو رايو اهو آهي تہ ڪونڪر نئين جيڪا ديهه ٻولهاڙي کان ٿڌي کان ڏار ٿي هن علائقي مان گذري 10 ڪلو ميٽرن جو مفاصلو طئي ڪري ٻيهر ٿڌي نئين سان ملي ٿي. جيڪو تمام پراڻو ڇاڙ (شاخ) آهي. تنهنڪري بلوچي ۾ ان کي ڪونِ ڪور چيو ويندو آهي. جنهن جي معنيٰ پراڻي نئين آهي. ملان شير علي گبول مرحوم جيڪو هتان جو مشهور سگهڙ ٿي گذريو هن جي هڪ بيت ۾ بہ ڪون ڪور (پراڻي نئين) استعمال ڪيل آهي. مرحوم فقير محمد بلوچ جيڪو شرافي جو رهندڙ هو. تاريخ جو ڄاڻو هو تنهن بہ هن ڳالهہ جي تصديق ڪئي هئي تہ ڪون ڪور اڳواڻن بلوچي سگهڙن جي بيتن ۾ پراڻي نئين، ڪونِ ڪور استعمال ڪيل آهي. جيڪو بعد ۾ بگڙجي ڪون ڪور مان ڪونڪر ٿيو آهي.

بهرحال جوکين ۽ بلوچن وٽ ڪونڪر جي نالي سان مضبوط دليل آهن. ڪونڪر ۾ آدم گبول ڳوٺ لڳ ٿڌي نئين جي ڪپ تي تاريخ کان اڳ جو ماڳ موجود آهي. هي جابلو سان گڏ زرعي علائقو بہ آهي. هن جي گهڻي ڀاڱي ٿڌي ۽ ڪونڪر نئين جي ڪناري کوهن وسيلي زراعت ڪئي ويندي آهي پهرئين هتي موجود جاين تي ”ڪوشن“ سان پاڻي حاصل ڪري زراعت ڪئي ويندي هئي. آمو (احمد) رند جو ڪوش اڄ بہ هتي چوٽي طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. دنبا ڳوٺ جي سامهون وارو علائقو ممتاز ڀٽي جي نگران وڏي وزير جي دور ۾ آرمي کي ڏنو ويو جيڪو هاڻي فوج جي حوالي آهي.

نارا تر موڪيءَ جي ميخاني کان هڪ پراڻو رستو هن ديهه ۽ ديهه لنگهيجي کي ڌار ڪري گذري درساڻي چني، گهاري، پنيور ڏانهن وڃي ٿو اهو تاريخي رستو اڄ به ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود آهي. ڪونڪر هاءِ اسڪول، ڪونڪر هائير سيڪينڊري اسڪول ۽ ڪونڪر ڊگري ڪاليج ان ديهه ۾ گڏاپ روڊ تي آهن. هن ديهه ۾ جوڪين، واڍيلن، رندن، گبولن جا ڳوٺ آهن. ماڇي ۽ زرگرن جا به ڳوٺ هن ديهه ۾ آهن. ديهه لنگهيجي واري جبلن مان درساڻي چني ڏانهن ويندي جيڪي ڊورا هن ديهه مان وهي ٿڏي ندي ۾ چوڙ ڪن ٿا. انهن مان ڪونڪر ڳوٺ ڪانپوءِ جڏهن ٿڏي نئين کي پار ڪبو ته پهرئين جيڪا ڊوري ايندي ان جو نالو ”ڪبڙ واري“ آهي. ڳوٺ حمزه گبول کان اڳ ۾ جيڪا ڊوري اچي ٿي هن کي ”ڪڏي واري“ ۽ ڪٽو گبول ڳوٺ کان اڳ ۾ ايندڙ ڊوري جو نالو ”مجرچاڏ“ آهي. ڪٽو گبول کان پوءِ آدم ۽ آچار گبول کان اڳ جيڪا ڊوري اچي ٿي ان جو نالو ”ڊوري ڪلر واري“ آهي. آچار گبول ڳوٺ سان لڳ جيڪو ڊورو وهي ٿڏي نئين ۾ شامل ٿئي ٿو ان جو نالو ”رڪ ڊورو“ آهي. مال جي رڪ ڪري هن ڊوري جو نالو رڪ ڊورو رکيو ويو آهي. ”ڪلر وارو ڊورو“ واري پٽ تان وهي اچي ٿو جنهن جي ڪري هن کي ڪلر وارو ڊورو چيو ويو آهي. هتي ”ڪلر ڪيٽ“ به مشهور آهي.

ديهه ڪونڪر ڪانسواءِ ديهه نانگڻ، ٿائيسر، موڪي، الله ڦهائي، مهيو، مانڊڙو، شاهه مريد، بجار جي بني ۽ نارا تر ديهون جنهن جو ذڪر ڪري آيو آهيان. اهي ٽپي سونگل تعلقي ڪراچي ۾ آهن. اهي سيئي ديهون يونين ڪائونسل سونگل ۽ گڏاپ ٽائون ۾ آهن. هاڻوڪي بلدياتي نظام کان اڳ به سونگل يونين ڪائونسل موجود هو جيڪو ضلعي ڪائونسل ڪراچي ۽ ڪراچي ضلعي اولهه ۾ هو. شروع کان وٺي ديهه سونگل يونين ڪائونسل سونگل ۾ شامل نه هو. ضلعي ڪائونسل واري دور ۾ ديهه سونگل يونين ڪائونسل ڳڇڙي ۽ ضلعي ملير ۾ هو. هن وقت ديهه سونگل يونين ڪائونسل صفوران گلشن ٽائون ۾ آهي.

<u>(45) ديهه ڀٽي آمري:</u>

سهراب ڳوٺ ال آصف اسڪوائر ۽ جنت گل ٽائون جيڪي ديهه ڳڇڙي ۾ آهن. هن ڪانپوءِ ديهه ڀٽي آمري جون حدون شروع ٿين ٿيون. لاسي ڳوٺ وٽان وهندڙ ڊورو جيڪو هاڻي گٽر نالو آهي. وهي اچي لياري ۾ چوڙ ڪري ٿو انهيءَ ڊوري جو نالو ڀٽي آمري آهي جنهن جي ڪري ان ديهه جو نالو ڀٽي آمري رکيو ويو. انهيءَ ڊوري ۾ به ٻتا (جاڙا) آمري (گدامڙي) جا وڻ هئا. جن جي ڪري هي علائقو ڀٽي آمري ڪري مشهور ٿيو. هن ديهه ۾ گبولن، بروهين، برفتن، ڪانڙن ۽ ڇتن جا ڳوٺ آهن. ديهه جي هڪ حصي ۾ فيڪٽريون به آهن. لياري نئين جي ڪپ ۽ شهر کي ويجهو هئڻ ڪري هتي ڪچيون آباديون گهڻيون آهن جن ۾ واڌارو ٿيندو پيو وڃي. هتي پناڻن،

افغانين ۽ بنگالين جو وڏو انگ رهي ٿو. ديهه ٻتي آمري ٽپي سونگل تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هن وقت يونين ڪائونسل ڳجهڙي گڏاپ ٽائون ۾ آهي.

**(46) ديهه ٽومينگ/ ٿمينگ:**

هي ديهه ٽپي سونگل ڪراچي تعلقي ۾ آهي ۽ هاڻوڪي بلدياتي نظام تحت يونين ڪائونسل ڳجهڙي گڏاپ ٽائون ۾ آهي. اڳ ۾ هي ضلعي ملير جو حصو هو. سپر هاءِ وي تي نهنڌڙ نئين سبزي منڊي به انهيءَ ديهه ۾ آهي. سپر هاءِ وي کان گلشن معمار ٽائين هن جون حدون لڳن ٿيون. معمار ۾ جان محمد بروهي ڳوٺ انهيءَ ديهه ۾ آهي. هي ديهه به سپر هاءِ وي جي ڪناري هئڻ ڪري مختلف هائوسنگ اسڪيمن، لينڊ مافيا ۽ ڪچي آبادين جي وڪڙ ۾ آهي. نئين سبزي منڊي ڪري هتي مزدورن جون اڻ ڳڻيون ڪچيون آباديون ٺهي رهيون آهن. سبزي منڊي جي سامهون وارو علائقو جتي هائوسنگ اسڪيمون ٺهي رهيون آهن هن ديهه ۾ آهن.

هن ديهه تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ هر جهوني لاءِ ڏکيو سوال هو. منهنجي خيال ۾ ٿُمينگ آهي جيڪو بعد ۾ بگڙجي ٽومينگ ٿيو آهي ”ٿُم“ ”ٿمينگ“ هن جاءِ کي چئبو آهي جتي گهاٽا وڻ يا وٽن جو جهڳٽو هجي. ڳجهي يا لڪڻ جي جاءِ هجي. مرن جي لڪڻ جي جاءِ، چورن جي ٿاڪ، گهوڙن ٻڌڻ واري جاءِ کي ”ٿم“ چئبو آهي. اجهي ۽ پناهه واري جاءِ کي به ٿم چيو ويندو آهي. هي به هڪ اهڙو ماڳ هو. جنهن کي ”ٿُمينگ“، معنيٰ اها جاءِ جتي مال، ماڻهو يا چوري جي سامان کي ”ٿمي“ سگهجي.

**(47) ديهه شاهي چٻ:**

چٻ پاڻي جي چَرَ يا پاٽي وارو ميدان يا کڏ يا ڪچي کي چيو ويندو آهي. هتي به هڪ وڏو شاهي پاٽي وارو ميدان هوندو هو. جنهن جي ڪري هن علائقي کي شاهي چٻ چيو ويو. هي علائقو شورينگ ۽ جنهي واري جابلو سلسلي سان لڳ آهي انهن سلسلن ۾ پاڻي جا تلاءُ ۽ ڪڏون آهن. جيڪي برسات ڪانپوءِ واٽي سان پرجيو وجن. ديهه شاهي چٻ ٽپي گڏاپ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هي زرعي علائقو آهي. ڪوهن وسيلي پاڻي حاصل ڪري زراعت ڪئي ويندي آهي. گڏاپ کان ڪپڙلڪ، ڪار ۽ حب ڊيم ڏانهن رستا انهيءَ ديهه مان گذري وڃن ٿا. هن مان ”چٻ وارو ڍورو“ هاڪو بروهي ۽ ڪلو بروهي ڳوٺڻ وٽان وهي لياري نئين ۾ چوڙ ڪري ٿو.

**(48) ديهه شورينگ/ سورينگ:**

حب ڊيم وارو علائقو انهيءَ ديهه ۾ آهي. گهاري ۽ ٽاٽي بولا خان کان پنج پراٽا رستا نڪرن ٿا. جيڪي لس ۽ مڪران ڏانهن وڃن ٿا. انهن مان هڪ رستو گهاري، پنيور، ملير ۽ آسو ڳوٺ ڪانپوءِ ديهه صفوران کان ڳجهڙي ۽ لياري کي پار ڪري منگهو پير کان ٽيندو بند مراد خان وٽان

حب اُڪري، حسن پير جيڪو ڏاسول واري ڏهه ۾ آهي. پبوٽي جبل تائين وڃي ٿو. گھڻن محققن جو خيال آهي سسئي انهيءَ واٽ تان وندر ويئي هئي. هڪ ٻيو رستو گھاري، پنيور، گھگھر، درساٽي چني، گرگري، لنگھيجي، نارا تر بني وٽان جتي موڪيءَ جو ميخانو هو، گڏاپ ڪانپوءِ مهيو وارو جبل اُڪري لوهارڪي لنگھه وٽان حب پار ڪري هڪ رستو حسڻ پير ڏانهن ۽ ٻيو رستو شاهه نوراني ڏانهن وڃي ٿو. حسن پير جي ميلي تي پنڌ وڃڻ وارا اهو رستو استعمال ڪندا آهن. گڏاپ کان هڪ رستو ڪار نئين وٽان بربلاٽي لڪ پار ڪري مري جبل وٽان امام بخش ڳوٺ لڳ شورينگ لڪ ڪانپوءِ جتان هاٽي حب ڊيم ۾ ٻڏل آهي. هتان کان لوهارڪي لنگھه واري گس سان ملندو آهي. هڪ ٻيو رستو جنهن لاءِ به چيو وڃي ٿو ته سسئي انهيءَ گس تان وندر ويئي هئي اهو پنيور، وٿيجي، لانڍي، ڪونڪر ڪانپوءِ نارا تر لڳ ٻين گسن، مومتاٽي واٽ، سيوهاٽي وٽ سان ملي پوءِ اڳتي هڪ رستو شورينگ ڏانهن ٻيو مهيو ۽ لوهارڪو لنگھه کان حب ڏانهن وڃي ٿو. هڪ رستو سيوهاٽي واٽ آهي. جيڪو سيوهڻ کان نئينگ شريف ٽاٽو بولا خان کان گڏاپ وٽ نارا تر جاءِ تي انهن گسن سان ملندو آهي جن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان.

هڪ ٻيو رستو جنهن کي مومتاٽي واٽ چيو وڃي ٿو اهو به ٽاٽي بولا خان ڪانپوءِ اٺ پلاڻ، ڪاٺوڙ، لنگھيجي کان ٿيندو گڏاپ ايندو آهي. هن ڪانسواءِ ٻيا به ننڍا وڏا پيچرا گڏاپ وٽ اچي حب ۽ لس ۽ مڪران ڏانهن ويندا هئا. نارا تر ۽ گڏاپ وٽان به ڳجھڙي منگھي پير تائين به ايندا هئا. انهن گسن جي ذڪر ڪرڻ جو مقصد هي هو ته ديهه شورينگ ديهه شاهي چپ انهن گسن تي آهن. امام بخش بري ڳوٺ لڳ مري جبل کان ٿورو اڳتي جبل جي ڪڇ کي نانگڻ چڪري چيو وڃي ٿو. جتي هڪ ٽوپي ۾ پاڻي موجود آهي. چون ٿا ته ڪنهن زماني ۾ هن چڪري ۾ نانگ گھڻا هوندا هئا تنهن ڪري هن کي نانگڻ چڪري چيو وڃي ٿو.

ديهه شورينگ يا سورينگ لاءِ چيو وڃي ٿو ته هي ماڻهو جو نالو آهي جنهن جي اولاد مان نظر محمد انگريزن جي دور ۾ چڪري ديهه ڏهه ۾ رهندو هو ۽ 90 ورهيه جي عمر ۾ گذاري ويو. سگھڙ ٿوهر گدي جي هينئين بيت ۾ ”سورينگ“ جو ذڪر آهي.

اهي راءِ رهاڻيون، اهي تا مير مارڪا ڪن،
”سورينگ“ پٺهين پيءُ ٿئي، برڪت وليئڙن.

سورينگھه هڪ گاهه جي قسم کي چئبو آهي. جيڪو برساتن ۾ جابلو ۽ وارياسي پٽن ۾ ڦٽندو آهي. هن ديهه کي سورينگ ۽ شورينگ به چوندا آهن. مري ۽ مگٽر جي عشقيه ڪهاڻي جي هڪ ڪردار مري نالي جبل به انهيءَ ديهه ۾ آهي. ڪار نئين ديهه ڪار، ديهه لسر ۽ شورينگ ديهن کي ڌار ڪري ٿي. هي ديهه ٽپي تعلقي ڪراچي ۾ آهي ۽ شروع کان يونين ڪائونسل گڏاپ ۾ آهي.

**(49) ديهه ڪار:**

ڪار سميت اڳوڻي يونين ڪائونسل موئيداڻ جون 12 ديهون هيون جنهن کي هاڻوڪي بلدياتي نظام ۾ گڏاپ يونين ڪائونسل ۾ شامل ڪيو ويون آهي. انهن ديهن جو ڪجهه ذڪر مضمون ”گولاڙا ۽ گگريون اوچڻ اباڻا“ ۾ ڪيل آهي، تنهن ڪري هتي مختصر ذڪر ڪندس. ديهه شورينگ ڪانپوءِ ڪنڌ ڏانهن ويندي نئين ڪار ڪانپوءِ ديهه ڪار جو علائقو شروع ٿئي ٿو. وائيلڊ لائيف ڪار سينٽر ۽ مگٽر جبل به هن ديهه ۾ آهي. مهير جبل تائين هڪ جابلو سلسلو انهيءَ علائقي کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو. ڪار جي هڪ پاسي اهو جابلو سلسلو ۽ ٻئي پاسي حب ندي آهي. ڳوٺ معين بڪڪ کان اڳ عثمان شاهه جي درگاهه آهي. ڳوٺ وٽان ڪار ڊورو پاسي واري جبل مان وهي حب ۾ چوڙ ڪري ٿو. هن ۾ برساتن ڪانپوءِ گهڻي وقت تائين سن جو پاڻي وهندو آهي پر اهو ٻاڙو (ڪارو) هوندو آهي، انهيءَ جي ڪري هن ديهه جو نالو ڪار رکيو ويو آهي. هتي جر جو پاڻي به گهڻو ڪري لوڻياٺو آهي. ڪجهه علائقن ۾ حب مان پاڻي حاصل ڪري زراعت به ڪئي ويندي آهي. معين بڪڪ، روح خاصخيلي ۽ جان محمد ورسيو ڳوٺ هن ديهه ۾ آهن. ديهه مان ٻيا به ننڍا وڏا ڊورا نڪرن ٿا.

**(50) ديهه موئيداڻ:**

موئيداڻ ماڻهو جو نالو آهي. بڪڪن جو چوڻ آهي ته ذات جو بڪڪ هو. پر چاچو الله بخش بنديچو چوي ٿو ته موئيداڻ ذات جو بنديچو هو ۽ هن جو ڏاڏو هو. موئيداڻ ۽ هنيداڻ ڪنهن دور ۾ هتي قائم بڪڪن جي رياست ۾ هئا ۽ موئيداڻ به انهن مان هو.

نالي يا علائقي پويان دان يا داڻ جو سلسلو مون کي ايران کان وٺي ڪراچي تائين نظر آيو. ايران ۾ هڪ علائقو جيڪو چابهار ضلعي ۾ آهي ”زين دان“ جنهن جي معنيٰ ان واري جاءِ. دان بلوچي ۾ جاءِ کي چيو وڃي ٿو. چابهار ضلعي جو هڪ ٻيو علائقو ”ريم دان“ گاهه واري جاءِ. ريم بلوچي ۾ گاهه کي چيو وڃي ٿو. ”ڪل دان“ ڪکن واري جاءِ. ڪل بلوچي ۾ ڪکن واري جاءِ کي چيو ويندو آهي. ڪل دان پاڪستاني بلوچستان ۾ گوادر کان اڳتي دشت نئين جي ڪنڌي تي آهي. ”گوڪ دان“ ڳئون واري جاءِ. ”گوڪ“ بلوچي ۾ ڳئون کي چيو ويندو آهي. گوڪدان تربت ڪيچ ۾ يونين ڪائونسل آهي. هنيداڻ ۽ موئيداڻ به انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون ته نه آهن. هنيداڻ ضلعي لس ٻيلي بلوچستان ۾ آهي. موئيداڻ ڪراچي سنڌ ۾ آهي. هنيداڻ ۽ موئيداڻ سنڌ جي بارڊر تي هجڻ ڪري انهن ۾ ”ن“ جي جاءِ تي ”ڻ“ استعمال ٿيندو آهي. چاڪاڻ ته سنڌ جا ماڻهو مڪران کي ”مڪراڻ“ چون ٿا. تحقيق ڪندڙ ان پاسي به ڌيان ڏين.

موئيداڻ ۾ موئيداڻ ڊوري ڪانسواءِ فيض محمد بڪڪ ڳوٺ وٽان وهي ايندڙ ڊورو جيڪو الله بخش ڳوٺ وٽان وهي شير محمد بنديچي لڳ حب ۾ چوڙ ڪري ٿو هن جو نالو ڪلڪئين وارو ڊورو آهي. حاجي دودي بڪڪ جو ڳوٺ جيڪو مهير جي ڪڇ تي آهي. هتان ونگن وارو ڊورو ۽ گينگلي وارو ڊورو نڪرن ٿا. انهن ڪانسواءِ ٽونڪري وارو ڊورو، سان ڊورو به ديهه موئيداڻ ۾ آهن. اهي سڀ حب ۾ چوڙ ڪن ٿا. ديهه جي هڪ پاسي مهير جبل جون اوچيون ۽ سانتڪيون چوٽيون ۽ ٻئي پاسي حب ندي آهي.

**(51) ديهه شوڙ ڪنڌ:**

ڪنڌ معنيٰ ننڍن ڪنڌيءَ جي وٽن جو گهاٽو جهنگ. ڪانڌيري جي ٻوٽن جو جهڳٽو ۽ ڪنڌيءَ جو ننڍو وڻ، جهنگل. "ڌ" تي زبر سان (ڪنڌ) معنيٰ ٻن پاسن جي ميلاپ وارو هنڌ يا پاسو آهي. بلوچي ۾ ڪنڌ جابلو لڪ کي چئبو آهي. جيڪو ڪوهستان ۾ به استعمال ٿئي ٿو. هن ديهه ۾ شوڙ استعمال ٿيل آهي. شوڙ چيڪي مٽي کي چئبو آهي. جنهن جو رنگ ميٽ جهڙو هوندو آهي. بارش پوڻ سان اها گپ يا ڏٻڻ ٿئي ٿي. هي علائقو گهٽي پاڳي ائين آهي. ان ڪانسواءِ هڪ ٻئي سان ملندڙ ديهن جهنگ ڪنڌ، ڪنڌ ۽ واڻ ڪنڌ جابلو لڪن ڪري انهن تي اهي نالا رکيا ويا آهن سان ڊوري ڪانپوءِ هن ديهه جون حدون شروع ٿين ٿيون. مهير ڪان حب نئين تائين هن ديهه ۾ اڻ ڳڻيون چوٽيون آهن. هي پورو جابلو علائقو آهي. ڪٿي ڪٿي ڪيٽ ناهي بارش جو پاڻي گڏ ڪري باراڻي طريقي سان پوک ڪئي وڃي ٿي. هتي حب نئين جو ڏيک انتهائي خوبصورت آهي. جابلو چوٽين ور وڪڙ ڪندڙ انهن چوٽين وچان وهندڙ برساتي ڊورن جو هي علائقو دل کي وٽندڙ لڳي ٿو.

**(52) ديهه جهنگ ڪنڌ:**

ڪنڌ ڏانهن ويندي بکر خاصخيلي ڳوٺ وٽان لنگهندڙ ڊوري ڪانپوءِ ڪنڌ نئين تائين هن جون حدون آهن. هن جون حدون به مهير جبل ڪان حب نئين تائين وڃن ٿيون. هي به جابلو علائقو آهي پر ڪنڌ نئين جي ڪناري زراعت ڪئي ويندي آهي. هي علائقو ڄڻ ٻيو ملير هجي. هتي کوهن وسيلي پاڻي حاصل ڪري زراعت ڪئي ويندي آهي. هتي هر قسم جي ڀاڄي ۽ ميوو ٿئي ٿو. بصر ۽ ڦٽين جو فصل هتي تمام پلو ٿئي ٿو. گڏاپ ڪان پناڻ ڳوٺ، تراڙي ۽ واڻ ڪنڌ ڪان ايندڙ رستو ۽ حب ڊيم، ڪار ۽ موئيداڻ ڪان ايندڙ رستو هتي پاڻ ۾ ملن ٿا ۽ وچ ۾ مهير ٻنهي کي ملڻ جي وچ ۾ چين جي ديوار وانگر آهي. هتان هڪ رستو ڏريجي ڏانهن وڃي ٿو.

**(53) ڏيهه ڪنڊ:**

ڪنڊ نئين جي پراڻ مول جابلو سلسلي تائين ۽ ٻئي پاسي نمن واري ڊوري تائين جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان جي آخري ڏنگ تي آهي هن ڏيهه جو علائقو آهي. مگيم وارو ڪس به انهيءَ ڏيهه ۾ آخري ڏنگ تي آهي. هي ڏيهه مول واري گري جي ڪڇ ۾ آهي. مول جون اوچيون چوٽيون جتي هن چوٽي کي ”من“ چون، ڪنهن شاهي ڪوٽ وانگر بيٺو آهي. هن نمن واري ڊوري، مگيم واري ڪس، ٻوهه ڊوري ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي ڊورا وهي اچي ڪنڊ نئين جو حصو ٿين ٿا.

**(54) واڻ ڪنڊ:**

ڪنڊ کان نڪرندي گڏاپ ڏانهن ويندي رستي ۾ هڪ قبرستان محمد سلطان قبرستان اچي ٿو. هن ڪانپوءِ هن ڏيهه جون حدون شروع ٿين ٿيون. مول جابلو سلسلي ۽ مهير جي وچ ۾ هي ڏيهه مونکي انتهائي مسڪين لڳي هتي پاڻي جو ڪو نشان ڪونهي سواءِ بارشن جي ڏينهن ۾ جڏهن ڪنڊ ۾ ڪجهه وقت لاءِ ڪڏن، ڪوبن ۾ پاڻ بيهندو آهي. هن ڏيهه ۾ مول وڃڻ لاءِ هڪ پراڻو گس ڪنڊ نئين ڪانپوءِ خير محمد ڪانڙي ڳوٺ وٽان مول جبل ۾ ”ڪُپولڪ“ پار ڪري مول ڏانهن وڃي ٿو.

واڻ نندي ڳوٺ يا وسندي کي چيو ويندو آهي. واڻ، پيش (فيش) مان وٽيل نوڙي، ورت، تند، مُڄ جي نوڙي کي چئبو آهي ۽ کٽ جو واڻ به آهي. انهن سيني ڏيهن ۾ پيش جي ٻوٽي جام ٿئي ٿي. هي قدرتي طور جابلو علائقي ۾ گهڻو ٿئي ٿو. هن جي ڦڙهن کي سڄي رات پاڻي ۾ رکيو ويندو آهي. نرم ٿيڻ ڪانپوءِ انهن کي ڪٽي سٽي ان مان چتر، تڏا، ٻهارا، رسا، واڻ، ورت جوڙيا ويندا آهن. ڪنهن زماني ۾ هن علائقي ۾ اهو ڪم گهڻو هئڻ ڪري هن پٽ کي ”واڻ ڪنڊ“ چيو ويو هجي. پر هتي واڻ نندي وسندي يا ڳوٺ واري ڳالهه هن ڏيهه لاءِ وڌيڪ وزنائتي آهي. ڪنڊ نئين هن ڏيهه کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. هن ڏيهه ۾ گهڻو ڪري ڪانڙن جا ڳوٺ آهن. ڪانڙا برفت قبيلي جي هڪ شاخ آهي. مهير تي چڙهڻ لاءِ پائتي لڪ به انهيءَ ڏيهه ۾ آهي. هن ڏيهه ۾ ڪنڊ ۽ ڏريجي ڏانهن ويندي ڪجهه وقت لاءِ ساهي پٽڻ لاءِ عبدالله ڪانڙو ڳوٺ جو اسٽاپ موجود آهي. جتي بيسڪ هيلٿ يونٽ به آهي.

**(55) ڏيهه تراڙي:**

هي مڪمل جابلو علائقو آهي. گڏاپ کان اينڊز رستو هن ڏيهه ۾ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو هڪ رستو انهيءَ ڏيهه مان گذري درگاهه شاهه کان ٿيندو مول وڃي ٿو. ٻيو رستو مهير ۽ ڪنڊ ڏانهن وڃي ٿو. تراڙي ۽ ڪانيگ ڊورا هن ڏيهه مان وهي ڪنڊ نئين ۾ چوڙ ڪن ٿا. ڳوٺ مينهن وسايو ڪانڙو (ليمون ڪانڙو) لگ ڪانيگ تي بند ٻڌي پاڻي جمع ڪيو ويو آهي. جنهن سان هڪ

خوبصورت ڍنڍ نهي پئي آهي. جنهن جو پاڻي ڳوناٺا مال لاءِ استعمال ڪن ٿا. ڍنڍ جو نيرو پاڻي وڏي علائقي تي پکڙيل آهي.




**ديهه تراڙي ۾ خوبصورت ڪانيگ ڍنڍ**

سخت تراڪڙي پٿر واري علائقي ڪري هن تي تراڙي نالو پيو. تراڙ، سخت تراڪڙي پٿر واري علائقي کي چئبو آهي. هن ديهه ۾ سپ ڳوٺ ڪانڙن جا آهن. مهير جي ڏاٺ ٻاہري واري علائقي تائين وڃڻ لاءِ هڪ رستو انهيءَ ديهه مان ٿوهر ڪانڙي ڳوٺ وٽان گذري ويندو آهي. جتي ڪنڊ نئين جي ڪناري هڪ تيرٿ آستان به آهي.

**(56) ديهه مهير:**

مهير تي اهو نالو ڪيئن پيو ۽ مهير بابت تفصيل ڪتاب جي مضمون ”گولاڙا ۽ گگريون اوڇڻ اباڻا“ ۾ ڏنل آهي. مهير جابلو سلسلي ۾ مختلف چوٽيون آهن جن تي الڳ الڳ نالا آهن. جن مان ڪجهه هتي ڏجن ٿا. حاجي دودو بڪڪ ڳوٺ ويجهو گينگلو ڍوري جي لڳ چوٽي تي هڪ قبر موجود آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هي ڪنهن اصحابيءَ جي آهي جنهن جي ڪري هن ٽڪري کي اصحابيءَ وارو جبل چيو وڃي ٿو. ان ڪانسواءِ ڪيري، مگٿر، لسر، ڏاٺ، ٻاہري، ڪتولو، ڊامبڙو، چورو، ٿوڙو، من ۽ ٻيا جبل به مهير واري سلسلي ۾ آهن.

**(57) ديهه جهونجهار:**

جهونجهار ماڻهو جو نالو آهي. ٻري قبيلي جو چوٽون پڳدار جهونجهار خان هو. جنهن هن علائقي ۾ اچي پنهنجو ڳوٺ ٻڌو جنهن ڳوٺ جو هاڻي نالو پناڻ خان ڳوٺ آهي. جيڪو جهونجهار جو پوٽو هو. جهونجهار سنڌي ۾ جوڌي ۽ پهلوان کي چيو وڃي ٿو. ڪار نئين انهيءَ ديهه مان نڪري جهونجهار، ياڏ ۽ لسر کي ڏار ڪري اڳتي ديهه ڪار ۽ شورينگ جي دنگن مان گذري حب ۾ چوڙ ڪري ٿي. ديهه مان نڪري جهونجهار ۾ ابوڙي وارو جبل، عيسب وارو جبل، اوياڻي وارو جبل ۽ موسيٰ وارو جبل مشهور آهن، اهي سپ ماڻهن جا نالا آهن. انهن جبلن تي انهن مالوند ماڻهن جي رهڻ ڪري اهي انهن سان منسوب ٿيل آهن.

**(58) ديهه ياڌ:**

هن ديهه جون حدون هڪ پاسي ڪار نئين تائين ۽ ٻئي پاسي ضلعي ڄامشوري جي گنڊاڪو جبل تائين آهن. هن ديهه ۾ مجاري وارو جبل به آهي. جڏهن انگريزن هن علائقي جو سروي ڪيو. ان ڏينهن کان هن جبل جو نالو منجاري وارو جبل مشهور ٿيو. هن ۾ فقط ٻه ڳوٺ ٻچل ٻرو ۽ نوندو ٻرو آهن. ياڌ وڏي ۽ ويڪري ڪڏ، ڦٽل يا ڊٺل ڪوهه جي ڪڏ، يا اونهي ڪڏ کي چئبو آهي. هن ديهه ۾ به ٻاڙي (ڪاري) پاٽيءَ جا ڪوهه موجود هئا. جيڪي هاڻي ڊهي خراب ٿي چڪا آهن ۽ ياڌون ٿي چڪيون آهن انهيءَ ڦٽل کوهن جي ڪري هن علائقي کي ياڌ چيو وڃي ٿو.

**(59) ديهه لسر:**

هن جون حدون هڪ پاسي ديهه ڪار، ديهه سوندي، ديهه جهونجهار، ديهه ياڌ، ديهه ڪرمتياڻي ۽ ديهه شورينگ سان ملن ٿيون. ڪار نئين انهن ديهن جي دنگن کي ڌار ڪري ٿي. لسر جبل جي ڪري هن علائقي جو نالو لسر رکيو ويو. لسر جي چوٽي لسو ۽ تراڙ آهي. جتي ڪو به گاهه، ٻوٽو نه ڦٽندو آهي جنهن جي ڪري هن جبل کي لسر چيو وڃي ٿو. لسر ۽ مگٽر جبل گڏ آهن. هن ديهه ۾ ٽي ڳوٺ، سناسي ٻرو، خميسو خاصخيلي ۽ متارو ٻرو آهي. ڳوٺ سناسي کان هڪ جابلو پيچرو ڪار ڏانهن وڃي ٿو. جتي پاٽي جو ٽوپو به آهي. ڳوٺ سناسي ڪانپوءِ گڏاپ ڏانهن ڪنوارڪي ٻني تائين واري علائقي کي ”شمر“ چون ٿا. ديهه لسر ۾ منگهي وارو جبل به مشهور آهي. هن جبل تي برساتن ڪانپوءِ منگها جام ٿين ٿا جنهن جي ڪري هن جبل کي مُنگهي وارو جبل چيو وڃي ٿو.

**(60) ديهه سوندي:**

ديهه سوندي مهير واري جابلو سلسلي ۾ آهي. جنهن جي پار ڪار ديهه آهي. ديهه جي هڪ پاسي ڪار نئين آهي. هتان جي هڪ روايت مشهور آهي ته سوندي سگهڙ مائي ۽ دائي هئي. اها عورت پئسن تي ڪک ڪاني ۽ ٻيو پسارڪو وکر وڪڻندي هئي. انهيءَ ”سُونگ ونڻ“ ڪري هن مائي کي سوندي چوندا هئا. سوند معنيٰ سوکڙيون ۽ سوندي معنيٰ سوکڙين ڏيڻ واري عورت به آهي. هي جابلو علائقو آهي. ماڻهن جو گذر مال ڌارڻ ئي آهي پر هاڻي پولٽري فارمنگ به ڪئي وڃي ٿي. ڳوٺ نور محمد ٻرو، ڀائي خان ٻرو، ٻابو ٻرو ۽ پوپٽ ٻڪڪ هن ديهه ۾ آهن. ديهه ۾ هڪ جبل جو نالو ٽوپي وارو جبل مشهور آهي. جيڪو مگٽر جبل جو حصو آهي. هتي پاٽي جو ٽوپو آهي جنهن جي ڪري هن جبل کي ٽوپي وارو جبل چيو وڃي ٿو. هڪ ٻي روايت اها آهي ته هتي هڪ هندو ٽوپو مل جڏهن واپار سانگي مال جو پشم ڌاس ۽ ٻيون شيون ونڻ ايندو هو. هن جو ديرو انهيءَ جبل تي هوندو هو، ان ڪري جبل تي ٽوپي وارو جبل چيو وڃي ٿو.

اڳوڻي يونين ڪائونسل موئيداڻ جي انهن ٻارنهن ديهن جو احوال پورو ٿئي ٿو، جيڪي هاڻي يونين ڪائونسل گڏاپ ۽ گڏاپ ٽائون ۾ آهن. پهرئين هي ضلعي ملير جو علائقو هو. انهن مان ديهه ڪار، موئيداڻ، شوڙ ڪنڌ، ڪنڌ، جهنگ ڪنڌ، ٽپي موئيداڻ ڪراچي تعلقي ۾ آهن. ديهه مهير، واڻ ڪنڌ، تراڙي، لسر سوندي، ڀاڏ ۽ جهونجهار، ٽپي واڻ ڪنڌ تعلقي ڪراچي ۾ آهن. هي پورو علائقو ڪيرٿر نيشنل پارڪ ۾ آهي.

**(61) ديهه ڪرمتياڻي لٽ:**

ڪرمتي (ڪلمتي) قبيلي جي ماڻهن هتي رهڻ ڪري هن ديهه جو نالو ڪرمتياڻي پيو. هن پوري علائقي ۾ واري (لٽ) اڏامندي رهندي آهي. جنهن جي ڪري هن کي لٽ به چئبو آهي. هتي ڪلمتي قبيلي جو پراڻو قبرستان به موجود آهن. جن مان گهٽيون گهاڙي قبرون آهن. ملير واري علائقي ۾ جيڪي ڪلمتي رهن ٿا. انهن مان گهڻا ”لنيگ“ آهن. انهيءَ لٽ واري نئين جي ڪنڌي تي رهڻ ڪري انهن کي ”لنيگ“ معنيٰ لٽ وارا چيو ويندو آهي. هاڻي هتي ڪلمتي جو ڪوبه ڳوٺ ڪونهي. فقط حاجي جوکئي ڳوٺ جا ڪجهه گهر هن ديهه ۾ اچن ٿا. هي علائقو پراڻن زمانن کان مال جي چراهه گاهه طور استعمال ٿيندو اچي. لٽ ڪرمتياڻي نئين انهيءَ ديهه مان گذري اڳتي وڃي ٿو. ديهه گڏاپ ۽ ديهه ڪرمتياڻيءَ کي الڳ ڪندڙ ميندياري نئين اڳتي هلي ڪرمتياڻي نئين سان ملي ٿي. هن ديهه جون حدون هڪ پاسي ضلعي ڄامشوري سان ٻئي پاسي ديهه گڏاپ، ديهه ڀاڊ ۽ حدر واهه سان ملن ٿيون.

**(62) ديهه گڏاپ:**

گڏاپ پراڻو علائقو آهي. ڏريجي، لس، مڪران، حب ڪانسواءِ بلوچستان کان ايندڙ مختلف رستن ۽ ٽاڻو بولا خان ۽ مول کان ايندڙ رستن جو مرڪز آهي. هتان پوءِ مختلف پراڻا گس دڙٻي (ڪراچي)، منگهي پير، ٻجهڙي، ملير، ابراهيم حيدري، ريڙهي، لانڌي، گهاري، ٺٽي ۽ سيوهڻ ڏانهن ويندا آهن، پراڻن گذر گاهن ڪري هي ڪوهستان جو اهم تاريخي حيثيت وارو علائقو رهندو اچي. گڏاپ ٽپو 1900ع کان موجود آهي. ورهاڱي کانپوءِ هن کي ٺٽي ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو ۽ 1963ع ۾ ٻيهر ڪراچي ۾ شامل ڪيو. هن کي شروع کان يونين ڪائونسل جو درجو حاصل آهي. گڏاپ ٽائون تي نالو به هن علائقي جي ڪري ڏنو ويو آهي. انگريزن جڏهن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ ٽاڻن جو رواج وڌو ته انهن شروعاتي ٽاڻن مان هڪ گڏاپ ٽاڻو به آهي. بغدادي، ملير، گڏاپ، منگهو پير ۽ اولڊ ٽاڻو ڪراچي جا پراڻا ٽاڻا آهن. هي زرعي علائقو آهي. ڪوهه ڪوٽي زراعت لاءِ پاڻي حاصل ڪيو وڃي ٿو. پٽائي سرڪار هنگلاج وڃڻ لاءِ گڏاپ وارو رستو استعمال ڪيو هو. هتي پٽائي جو تڪيو به موجود آهي. جتي هاڻي هڪ قبر جو واڙو ڪيو ويو آهي.

جهنگلي رڍ جي هڪ قسم کي بلوچي ۾ ”گڏ“ چيو وڃي ٿو. جيڪو ڪوهستان ۾ خاص ڪري کيرٿر نيشنل پارڪ ۽ ڪار سينٽر واري علائقي ۾ گهڻو آهي. هتي انهن جي پيئڻ جي پاڻي جي جاءِ هوندي هئي. جنهن جي ڪري هن جوءِ کي گڏ+آب بلوچي ۽ فارسي ۾ پاڻيءَ کي چيو وڃي ٿو. گڏ ڇبر پاڻي جي پيدا ٿيندڙ هڪ چاري، گاهه جي قسم کي به چئبو آهي.

**(63) ديهه حدر واهه:**

ديهه حدر واهه تپي گڏاپ تعلقي ڪراچي، يونين ڪائونسل گڏاپ ۽ گڏاپ ٽائون ۾ آهي. ٿڏي نئين مان زمين کي آباد ڪرڻ حدر نالي همراهه جيڪو جوکين جي ايسپاٽي پاڙي مان هو. واهه کوٽيو ۽ جنهن جي ڪري هي علائقو ”حدر واهه“ معنيٰ حدر وارو واهه“ ڪري مشهور ٿيو. هي زرعي علائقو آهي ٿڏي نئين تي ڊيم انهيءَ ديهه ۾ ٻڌل آهي.

ڄامشوري ضلعي جي مول واري علائقي کان وهي ايندڙ ”ٿڏو نئين“ گنداڪي ڪانپوءِ ”ديهه حدر واهه“ جي حدن مان ڪراچي ضلعي ۾ داخل ٿئي ٿي. انهيءَ ديهه مان ڊيم ڪانپوءِ ٿڏي نئين مان هڪ ڇاڙ (شاخ) ڪونڪر نالي سان الڳ ٿي. ڏُنبا ڳوٺ کان اڳ ۾ ٻيهر نئين سان ملي ٿڏي جو حصو بڻجي ٿو وڃي.

**(64) ديهه ٻولهاڙي:**

ٻولهاڙي ڊورو جي ڪري ان ديهه جو نالو ٻولهاڙي رکيو ويو. ٻولهاڙي ڊوري جڏهن ٿڏي نئين ۾ ڇوڙ ڪري ٿو ته هن کي ”ٻاڙو ڊورو“ چيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته وهڻ ڪانپوءِ جڏهن، هن ۾ سن جو پاڻي وهندو آهي ۽ ڪڏن ڪوٻن ۾ بينل پاڻي ٻاڙو (ڪارو) هوندو آهي.

ٻاڙو پئي نه بيڙي، منو منهن لڱوس (شاهه)

هن جون حدون هڪ پاسي کان ضلعي ڄامشوري سان ملن ٿيو. هي به جابلو علائقو آهي. هتي جبلن جي ڪڇ ۾ ڪيت ناهي باراٽي طريقي سان آبادي ڪئي وڃي ٿي. هي ديهه تپي گڏاپ ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي.

**(66) ديهه ڪاٺوڙ:**

ڪاٺوڙ پهرئين يونين ڪائونسل درساڻي چني ۾ هو، هاڻوڪي بلدياتي نظام ۾ هن کي گڏاپ يونين ڪائونسل ۾ شامل ڪيو ويو آهي. لنگهيجي ڊوري کان وٺي ملير نئين ٽائين ٻنهي پاسي سپر هاءِ وي ٽائين هن ديهه جون حدون آهن. ملير ندي انهيءَ ديهه ۾ ڄامشورو ضلعي ڪانپوءِ ڪراچي جي حدن ۾ داخل ٿئي ٿي. هتان هڪ پراڻو رستو ٽاٽو ٻولا خان ڏانهن ۽ ٻيو رستو گهاري ڏانهن وڃي ٿو. جنهن کي مومتاڻي واٽ چيو ويندو آهي. ملير ڪانسواءِ جرندو ندي به انهيءَ ديهه مان گذري ملير ندي ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هي به جابلو علائقو آهي. ملير ۽ جرندو نئين جرندو نئين

جي ڪري هتي ڪوهن وسيلي زراعت ڪئي ويندي آهي. هي زرعي علائقو آهي. هن خوبصورت علائقي کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي آهي. هتي ٽي هزار ايڪڙ زمين نيوي وارن کي هائوسنگ اسڪيم لاءِ الاٽ ڪرڻ لاءِ سروي جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. جيڪو ملير نئين جي ڪناري تي آهي ۽ هتي ملير مان بارنهن مهينا صاف ۽ شفاف پاڻي وهي ٿو جنهن ڪري ۽ هن خوبصورت علائقي کي انهيءَ هائوسنگ اسڪيم سان گڏلو ڪيو ويندو.

ڪانوڙ پوک واري خشڪ زمين، هني يا پاڪڙي، پلاڻ جي ڪاٺ واري فريم کي چئبو آهي. هن علائقي جو نالو پوک واري خشڪ زمين ڪري "ڪانوڙ" پيو آهي. بعد ۾ پورو علائقو انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو. لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ، شاهه بندر، ديري محبت خان ۽ ڳوني تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو بہ ڪانوڙ آهي. ڪانوڙ تپي درساڻي چني ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي.

**(67) ديهه ٻائل:**

هي ديهه اڳ ۾ يونين ڪائونسل درساڻي چني ۾ هو پر هاڻي ان کي ڳڏاپ يونين ڪائونسل ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ديهه تپي درساڻي چني ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. ڪديجي نئين ملير ۾ چوڙ وارو هنڌ انهيءَ ديهه ۾ آهي. هي جابلو علائقو آهي. هن ديهه جي هڪ پاسي ملير ندي، ٻئي پاسي ڪديجي نئين، اتر پاسي ضلعو ڄامشورو لڳي ٿو.

ٻائل، اسونهين، اڻ واقف، ٻائڙي ۽ اپونئين کي چيو ويندو آهي. هي علائقو ڏکين جابلو پهاڙن هئڻ ڪري اپونئين (اڻ واقف) هئڻ ڪري هن کي "ٻائل" چيو ويو. جيڪو پوءِ انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو.

**(68) ديهه ڪديجي يا ڪديري:**

اَن لُٽي هڪ هنڌ ڳڏ ڪرڻ جي جاءِ کي "ڪدا"چئبو آهي. ڪديجي بہ انهيءَ لفظ مان نڪتل آهي. معنيٰ ان لٽي معنيٰ "ڪڏ واري". هتي هڪ خوبصورت جهرڻو بہ آهي. شايد هن جي اونهيءَ ڪڏ ڪري هن کي ڪڏيجي چيو ويو هجي جيڪو بعد ۾ ڪڏيجي ۽ ڪديجي مشهور ٿيو. ڪديجي نئين ڄامشورو ضلعي مان وهي اچي هن علائقي ۾ خوبصورت جهرڻو ناهي اڳتي ملير ۾ "ڪانوڙ پل" لڳ چوڙ ڪري ٿي. هاڻي جهرڻي وارو علائقو فوجين جي حوالي آهي ۽ هتي 5000 هزار ايڪڙ (معنيٰ پوري ديهه) ڊفينس هائوسنگ اسڪيم کي الاٽ ڪيو ويو آهي. هي تاريخي ماڳ آهي. ڪديجي جهرڻي لڳ اهي آثار هڪ ٽڪري تي ڦهليل آهن. انگريزن جي دور ۾ ڪراچي کي پاڻي ڏيڻ جو هڪ منصوبو "گيسي" واري هنڌ وٽ بند ٻڌي ڪراچي کي پهچائڻ لاءِ جبلن جي ٻنهي پاسي بورنگ ڪئي وئي هئي. پنجن سالن ڪانپوءِ انجنيئرن اها رپورٽ ڏني تہ هي اسڪيم عمل جوڳي نہ آهي. هي ديهه سپر هاءِ وي جي ٻنهي پاسي هلي ٿو گهڻو حصو حيدرآباد ويندي سپر هاءِ

وي جي ساڄي هٿ تي آهي. نون اڏيل لڪي سيمينٽ فيڪٽري به انهيءَ ديهه ۾ آهي. هي جابلو علائقو آهي. حيدرآباد ويندي هي ڪراچي جي آخري ڏنگ تي آهي. ان ڪانپوءِ ضلعي ڄامشوري جون حدون شروع ٿين ٿيون. هي ديهه تپي درساڻي چني تعلقي ڪراچي ۽ يونين ڪائونسل درساڻي چني گڏاپ ٽائون ۾ آهي.

**(69) ديهه ٺوڙهه/ ٺوڙ:**

ڪنهن زماني ۾ مشهور هو ته هتي پکي به اُڃ مرندا هئا، هتي نه پاڻي ۽ نه گاهه، ڪوڙيل مٽي وانگر لسو ٺوڙهو هئڻ ڪري هن پٽ کي ٺوڙهه چيو ويو جيڪو بعد ۾ فقط ٺوڙ رهجي ويو. ٺر ۾ ٺوڙ جاءِ يا هنڌ کي به چئبو آهي. ٺوڙ مٽي جي ڍڙن کي به چئبو آهي. هڪ ڳالهه اها به مشهور آهي ته هتي واريءَ جا ڍڙا هئڻ ڪري هن کي "ٺوڙ" چيو ويو ۽ پوءِ هن جو نالو اهو پيو. پر هن جو اصل نالو "ٺوڙهه" آهي. هن کي "ٺوڙهه پٽ" معنيٰ ٺوڙهو/ لسو پٽ چئبو آهي. هاڻي هي علائقو سيني کان قيمتي علائقو ٿي پيو آهي. سپر هاءِ وي جي سجاد ريسٽورينٽ کان ٻنهي پاسن کان دُنبا ڳوٺ ٿڏي ڳوٺ جو گهٽو ياڱو، شيدو ذڪريا ڳوٺ ٿول پلازه ڪراچي ۽ ٿول پلازه ڪانپوءِ مولوين جو اجتماع گاهه (صحراءِ مدينه) پناڻن جي آبادي ڪوچي ڪئمپ (جيڪي سهراب ڳوٺ مان اٿاريا ويا هئا) اسلامڪ يونيورسٽي، شيعن جو جديد قبرستان "باغ حسين"، فوجي فائرنگ رينج، عورتن وارو مدرسو، بقائي ڪيڊٽ ڪاليج سڀ انهيءَ ديهه ۾ آهن. هي ديهه تپي ڪونڪر تعلقي ڪراچي يونين ڪائونسل درساڻي چني گڏاپ ٽائون ۾ آهي. هاڻوڪي بلدياتي نظام کان اڳ هي اڳوڻي يونين ڪائونسل ڪونڪر ۾ هو جنهن کي هاڻي ختم ڪيو ويو آهي.

**(70) ديهه ٿڏو:**

ٿڏي نئين جي ڪري هن ديهه جو نالو ٿڏو رکيو ويو آهي. دُنبا ڳوٺ جو ڪجهه حصو هن ديهه ۾ اچي ٿو ملير ڪئنٽ (ديهه مهراڻ) ٽائين ٿڏي نئين جي ڪناري ملير ڪوڪرو پار ٽائين هن جون حدون وڃن ٿيون. هي ڪنهن دور ۾ زرعي علائقو هو. هي ديهه تپي ڪونڪر تعلقي ڪراچي يونين ڪائونسل درساڻي چني ۾ آهي.

**(71) ديهه ڪرڪُرو:**

دُنبا ڳوٺ ۽ ٿڏي نئين ڪانپوءِ حيدرآباد ويندي سپر هاءِ وي تي ٻنهي پاسي لنڪ روڊ پل ٽائين هن ديهه جون حدون لڳن ٿيون. ڪرڪُرو ڍورو جيڪو دُنبا ڳوٺ کان ميمڻ ڳوٺ ويندي پولٽري اسٽيٽ کان پهرئين اچي ٿو ۽ ٿڏي نئين ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. هي پٽ جيڪو ڪريري برش وانگر پٽريلو آهي. هي علائقو ائين پٽريلو هئڻ ڪري هن کي ڪرڪُرو چيو ويندو آهي. هن ديهه ۾ ڪجهه علائقن ۾ زراعت به ڪئي ويندي آهي. ٿڏي نئين جي ڪپ تي تاريخي "راڌن ملڪن" وارو قبرستان ناگوري

ڊيري فارم لڳ گهاڙي قبرن وارو قبرستان، ڊملوٽي کوهه نمبر 9،8 ۽ سيد جمن شاهه درگاهه هن ديهه ۾ آهن. هي ديهه تپي ڪونڪر تعلقي ڪراچي يونين ڪائونسل درساڻي چني ۾ آهي.

**(72) ديهه بازار:**

هي ديهه تاريخي ماڳن مڪانن جي ڪري مشهور آهي. الله ڏني جا آثار، نتالي وارو ڪوٽ، ڪافرن جون قبرون، ڊملوٽي جا ست کوهه انهيءَ ديهه ۾ آهن. جن جا تفصيل ڪتاب جي مختلف بابن ۾ ڏنل آهن. ملير نئين جي ڪناري تي هئڻ ڪري هي زراعت لاءِ اڄ به مشهور علائقو آهي. لنگهيجي نئين جڏهن هن ديهه جي علائقي ۾ داخل ٿئي ٿي ته هن کي بازار نئين چيو وڃي ٿو. بازار بلوچي جي ڳوٺ کي چيو وڃي ٿو. هي علائقو گهاري، نتي، درساڻي چني، حب، گڏاپ، لس ڏانهن ويندڙ پراڻن گسن جي گذر گاهه ۽ منزل طور مشهور هو. صدين کان هي حملا آورن، قافلن ۽ مسافرن جي منزل هئڻ واري جاءِ هئڻ ڪري تاريخي حيثيت رکي ٿي. هن جي ويجهو ديهه اميلاٽو به اهڙو ئي هڪ تاريخي ماڳ آهي. هي ديهه تپي درساڻي چني تعلقي ڪراچي ۽ يونين ڪائونسل درساڻي چني ۾ آهي.

**(73) ديهه اميلاٽو:**

سپر هاءِ وي کان لنڪ روڊ جي شروع کان ملير نئين ۽ سپر هاءِ وي جي حيدرآباد ڏانهن ساڄي هٿ تي ملير نئين جي ڪاٺوڙ پل تائين هن ديهه جون حدون لڳن ٿيون. هتي به تاريخي ماڳ پولٽري فارمن لاءِ الاٽ ڪري هن کي تباهه ڪيو ويو آهي. زرعي علائقو آهي. مدينا ۽ جده هوٽل به انهيءَ ديهه ۾ آهي. ڪاش "اميلاٽو" نالي به ڪا هوٽل هتي قائم ٿئي.

جامع سنڌي لغات موجب لاٽي يا لاٽو، ٻوٽي جو هڪ قسم آهي هن جا ست قسم ٿيندا آهن. آوت لاٽي يا اُشڪ لاٽي، مِني لاٽي يا گهرو لاٽي، ڪاري لاٽي، ڪونتي لاٽي، پٽ لاٽي يا گڏهه لاٽي، چوٽي لاٽي يا ڦسر لاٽي هن کي ساڙي ڪار ناهين تا ۽ ياجيءَ طور به ڪم اچي ٿو.

لاٽو ڪلراٺي زمين ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ گاهه جو قسم آهي جيڪو اڪثر اٺ چاري طور استعمال ٿئي ٿو. اميلاٽي جو لاڳاپو به انهيءَ ٻوٽي/گاهه سان آهي. جنهن جي ڪري هن علائقي جو نالو اميلاٽو مشهور ٿيو آهي يا ته هي اميراٽو معنيٰ شاهاٽو، اميرن وارو علائقو رهيو هجي. جيڪو بعد ۾ "ر" ۽ "ل" ۾ بدلجڻ ڪري اميراٽو مان اميلاٽو ٿيو هجي.

هي ديهه تپي درساڻي چني، تعلقي ڪراچي، يونين ڪائونسل درساڻي چني ۽ گڏاپ ٽائون ۾ آهي.

**(74) ديهه چوهڙ:**

لنڪ روڊ کان اسٽيل مل ڏانهن ويندي ملير نئين کان سکڻ نئين تائين ٻنهي پاسي هن ديهه جون حدون آهن. هي زرعي علائقو آهي پر هاڻي هتي هيلٿ سٽي قائم ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون

آهن. هتان جي زميندارن ۽ ڳوناٺن کي لڏائڻ جا نوٽيس ڏنا ويا آهن. نيسلي ملڪ پلانٽ لنڪ روڊ تي انهيءَ ديهه ۾ هو. جنهن کي ڪورٽ جي نوٽيس وسيلي بند ڪيو ويو آهي. سنڌ مدرسا بورڊ جو قائداعظم پبلڪ اسڪول ۽ ڪاليج به انهيءَ ديهه ۾ آهن.

چوهڙ ماڇهو جو نالو آهي جنهن جي نالي پويان هن ديهه جو نالو ”چوهڙ“ رکيو ويو آهي. هي ديهه تپي درساڻي چني تعلقي ڪراچي، يونين ڪائونسل درساڻي چني گڏاپ ٽائون ۾ آهي.

هن ديهه مان ڳوٺ حسين بلوچ کان اڳيان ملير نئين مان هڪ ڪسي درساڻي چني، ڪاڪڙ ۾ زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪوٽي ويئي هئي. جيڪا ”ڪسي ڪيم چند واري“ جي نالي مشهور آهي. ڪيم چند اها ڪسي ڪوٽائي هئي. پراڻي ديهه واري نقشي ۾ اها ڪسي موجود آهي. هن ديهه جون حدون سڪڻ نئين تائين آهن. گهاري، ڏاٻيجي، آبدار کان هڪ پراڻو رستو هن ديهه مان گذري ڪاٺوڙ ۽ گڏاپ ڏانهن وڃي ٿو. جيڪو به ديهه جي نقشي ۾ موجود آهي. ڳوٺ رضا محمد جوکيو ۽ نواز علي جوکيو تائين هن ديهه جون حدون لڳن ٿيون. اوپر پاسي آبدار واري ڊوري، ديهه آبدار هن ديهه کي الڳ ڪن ٿا. اها ڊوري آبدار جي جبلن مان وهي سڪڻ نئين ۾ چوڙ ڪري ٿي. هن ديهه ۾ گهاڙي قبرون به آهن جيڪي نقشي ۾ به ڏيکاريل آهن.

(75) **ديهه آبدار:**

آب+دار معنيٰ پاڻي روڪڻ يا جهلڻ واري جاءِ. هتي ڪنهن دور ۾ جبلن کان لهي ايندڙ پاڻي کي روڪي تلاءُ يا ڪيٽ ناهيا ويا هئا. انهيءَ پاڻي روڪڻ ۽ جمع ٿيڻ کي بلوچي ۽ فارسي ۾ آبدار چيو ويندو آهي. جنهن جي ڪري ديهه جو نالو آبدار رکيو ويو آهي. سڪڻ نئين جيڪا ديهه آبدار ۽ ڏاندبو ديهه واري دنگ جي جبلن تان وهي اچي ٿي. جيڪو ٻنهي ديهن جو دنگ به آهي. ۽ اهو دنگ بن قاسم ۽ گڏاپ ٽائون ۾ آهي. هن ديهه جون حدون اوپر پاسي ٺٽي ضلعي سان ملن ٿيون. هن ديهه ۾ آبدار ڊوري ڪانسواءِ اُپائي وارو ڊورو، ڪٽي وارو ڊورو به وهي اچي آبدار سان ملن ٿا.

(76) **ديهه درساڻو چنو:**

هي به هڪ پراڻو ماڳ آهي. هتي درس ڏيڻ وارن جا چنا (جهوپڙا) هوندا هئا. تنهنڪري هن کي درساڻو چنو معنيٰ درس ڏيڻ وارن جو چنو چيو ويندو هو. جنهن جي ڪري هن ديهه جو نالو به اهو ئي رکيو ويو. آهي درس ڏيڻ وارا اڄ به درس سڏائين ٿا ۽ هتي رهن ٿا. هتي سيد يوسف شاهه جي درگاهه لڳ جوکين ۽ بروچن جو قديمي قبرستان موجود آهي. پهرئين هي ديهه يونين ڪائونسل ڪونڪر جو حصو هو. هاڻوڪي نظام ۾ هن کي درساڻي چني يونين ڪائونسل ۾ شامل ڪيو ويو آهي. درساڻو چنو تپو به آهي جيڪو تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هي ديهه اتر اولهه پاسي ملير

نئين سان، اولهه ڏکڻ پاسي سکڻ نئين سان ملي ٿو. انهن ٻنهي نئين جي وچ ۾ هيٺ ڪري هتي زراعت ڪئي ويندي آهي. زراعت لاءِ پاڻي کوهن وسيلي حاصل ڪيو ويندو آهي.

**(77) ديهه ملهه:**

ميمڻ ڳوٺ وارو پورو علائقو انهيءَ ديهه ۾ آهي هن ديهه جون حدون اوڀر پاسي ملير نئين سان ۽ اولهه پاسي ٿڏي نئين سان ملن ٿيون. ڏکڻ پاسي ديهه ٽاٽو، اتر پاسي ديهه ڳرڳري جون حدون ملن ٿيون. ملهه ڪوهستاني واري علائقي ۾ ملهه پهلوان ڪانسواءِ، پاڻي ڪٽي وڃڻ واري هٽراڏو نندي واهه کي به ”ملهه“ چيو وڃي ٿو. ڀهراڙيءَ جو اهم واپاري مرڪز ”ميمڻ ڳوٺ“ هن ديهه ۾ آهي. هي ديهه يونين ڪائونسل ”مراد ميمڻ“ گڏاپ ٽائون ۾ آهي. ديهه تپي ڪونڪر ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. گڏاپ ٽائون جي آفيس، ڪراچي ڀهراڙيءَ جي پهرئين ڊگري ڪاليج مراد ميمڻ“ گڏاپ ٽائون ۾ آهي. ديهه تپي ڪونڪر ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. گڏاپ ٽائون جي آفيس، ڪراچي ڀهراڙيءَ جي پهرئين ڊگري ڪاليج مراد ميمڻ ڊگري سائنس ۽ ڪامرس ڪاليج، سيڪنڊري اسڪول مراد ميمڻ (جتان مون ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هو) سڳا پاران ٺهنڊڙ انڊسٽريل زون، گڏاپ ٽاٽو (هاڻي ميمڻ ڳوٺ ٽاٽو) ٽيليفون ايڪسچينج هن ديهه ۾ آهن. ڪراچي جي ڀهراڙي ۽ ٺٽي لاءِ هتان گاڏيون نڪرن ٿيون. جام آف ملير جام مراد علي خان جو ڳوٺ به انهيءَ ديهه ۾ آهي. جام مراد علي جوکين جو سردار آهي جنهن جو گهر به هتي آهي.

**(78) ديهه ٽاٽو:**

انگريزن جي دور جي پراڻي ٽاڻي (اولڊ ٽاٽو) ڪري هن ديهه جو نالو ٽاٽو رکيو ويو. هن کي ”حشر پڙهه“ بلوچي ۾ ”داسيرو پڙهه“ به چيو ويندو آهي. مهر علي شاهه مست بخاري جو مزار به هتي آهي. جنهن جي پاسي ۾ عاشوري ۾ گڏ ٿي، پنڻ واري هنڌ کي ”حشر پڙ“ چيو وڃي ٿو. هن ديهه جون حدون ڪراچي ايئر پورٽ ٽائين وڃن ٿيون. ملير ٽائون پورو انهيءَ ديهه ۾ آهي. 1975ع ڪانپوءِ ٿڏي نئين جي ساڄي ڪپ وارو علائقو ماڊل ڪالوني ٺئين ٻئي پاسي ڪراچي ڪوٺڙي دائود ڳوٺ، دلبود ڳوٺ، ٻچل ڳوٺ، غريب آباد، مولرام ڪمپائونڊ، ملير مندر، باون شاهه، دلبود جو تاريخي قبرستان، ماڊل ڪالوني سڀ هن ديهه ۾ آهن. جيڪو پورو زرعي علائقو هو پر هتي ورهاڱي ڪانپوءِ ايندڙ مهاجرن جي وڏي تعداد کي آباد ڪيو ويو. هاڻوڪي بلدياتي نظام ۾ ملير ٽائون مڪمل انهيءَ جي هڪ حصي تي قائم ڪيو ويو آهي. ٿڏيءَ نئين جي ڪاٻي ڪنڌي وارو حصو ڀهراڙيءَ ۾ شامل ڪري اولڊ ٽاٽو يونين ڪائونسل جوڙيو ويو هو ۽ 2001 واري نئين بلدياتي نظام ۾ اولڊ ٽاٽي يونين ڪائونسل کي ختم ڪري نئين ٺهنڊڙ يونين ڪائونسل مراد ميمڻ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هي ڀهراڙيءَ جي سياست جو اهم مرڪز آهي. بلوچستان جي قوم

پرست پارٽين کان وٺي سنڌ جي قوم پرست پارٽين، وفاق پرست پارٽين، اسلامي پارٽين جا يونٽ هتي موجود آهن. هن ڪي ڀهراڙيءَ جو ”پينٽاگان“ چيو وڃي ٿو. هي ڪنهن دور ۾ مڪمل زرعي علائقو هو پر ريتي بجري مافيا هن علائقي کي تباهه ڪيو. اجان به ٿوري گهڻي زراعت ٿيندي آهي. ملير ۽ ٿڏي جي ڪناري هئڻ ڪري اصل ملير هي علائقو آهي. جتي جا شاهي باغ مشهور هئا جتي واندڪائي نه هئي ڪم ڪار گهڻو هو ته سياست به نه هئي. جڏهن سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو ته واندڪائي ٿي جنهن سياست کي جنم ڏنو. هي ديهه تپي ملير، تعلقي ڪراچي ۾ آهي. ملير نئين تي نهندڙ هٽراڏو ڍنڍ انهيءَ ديهه ۾ آهي.

**(79) ديهه ڪوٽيرڙو:**

هن ديهه ڪانپوءِ جن به ديهن جو احوال ايندو اهي سڀ هاٽوڪي بلدياتي نظام هيٺ بن قاسم ٽائون ۾ آهن. 14 آگسٽ 2001ع کان اڳ ۾ اهي ديهون ضلعي ڪائونسل ڪراچي ضلعي ملير ۾ هيون. گهگهر ڦاٽڪ ويندي لنڪ روڊ تي سڪڻ نئين ڪانپوءِ ٻنهي پاسي ديهه ڪوٽيرڙي جون حدون لڳن ٿيون. هتي جابلو ۽ ميداني علائقا آهن. واٽر ۽ سيوريج بورڊ جو فلٽر پلانٽ ۽ ڪالوني هن ديهه ۾ آهن.

اڳ ۾ ڪتاب جي ڪوهستان واري باب ۾ لکي آيو آهيان ته جابلو تر جا رهاڪو پنهنجن قديم جاين، ماڳن ۽ اهڃاڻن کي جيڪي ڪنهن سڃاڻپ ۾ نه اچن انهن کي ”ڪوٽيرڙو“ يا ”ڪوٽيڙو“ سڏيندا آهن. هي ماڳ به ماضي ۾ اهڙن اهڃاڻن ڪري مشهور هو تنهنڪري هن کي به ڪوٽيرڙو چيو ويو ۽ پوءِ ديهه جو نالو به انهيءَ لاڳاپي سان رکيو ويو. هي ديهه تپي درساڻي چني تعلقي ڪراچي ۾ آهي.

**(80) ديهه جوريجي:**

گلشن حديد ۽ اسٽيل ٽائون وارا علائقا انهيءَ ديهه ۾ اچن ٿا. گلشن حديد بن قاسم ٽائون ۾ يونين ڪائونسل به آهي. هن گلشن جو نالو جيڪڏهن جوريجي هجي ها ته قيامت نه اچي ها. حديد واري اوپري نالي کان جوريجي ۾ ڪيتري نه پنهنجائپ آهي. پر منصوبا سازن کي خبر هئي ته هتي اوپرا ماڻهو ايندا، انهن کي جوريجي وارو نالو هضم ٿئي يا نه ٿئي. جنهن جي ڪري اڳ ۾ انهن ان جو نالو گلشن حديد رکيو. پر يونين ڪائونسل جو نالو ته جوريجي هجڻ گهرجي ها جنهن مان قدامت جو اندازو ٿئي ٿو.


ديھ ڪاڪڙ ۾ هڪ خوبصورت باغ

**جهور جو وڻ**

گهاري ڏانهن ويندي ڪابي هٽ تي لنڪ روڊ ڪان اڳتي ملير ڊيولپمينٽ جي نيو ملير هائوسنگ اسڪيم جو گهڻو حصو به هن ديھ ۾ اچي ٿو. ڏکڻ پاسي ڪراچي ڪوٽڙي ريلوي لائين جي ڏنگ تائين هن جون حدون آهن. هن علائقي ۾ جهور جو وڻ گهڻي تعداد ۾ ٿيندو هو. جنهن جي ڪري هن علائقي جو نالو جهوريجي معنيٰ جهورن جي، جهورن واري پيو. جيڪو بعد ۾ بگڙجي جهوريجي مان جوريجي ٿيو. جهورن جي هن علائقي سان جتي هتان جي مالوند ماڻهو جا مال چرندا هئا، انن جا وڳ هلندا هئا هاٽي ته جَورُ (ظلم- انڌير) ڪيو ويو آهي. هي علائقو قديمي ماڻهن ڪان ڪسجي ڦرجي چڪو آهي.

**(81) ديھ ڪاڪڙ:**

هي ديھ تپي لانڍي تعلقي ڪراچي ۽ يونين ڪائونسل لانڍي بن قاسم ٽائون ۾ آهي. درساڻي چني ڪانپوءِ ملير نئين ۽ سکڻ نئين وارو علائقو هن ديھ ۾ آهي. هي زرعي علائقو آهي. ڪاڪڙ نالي تعلقي بدين ۾ هڪ ديھ ۽ ڳوٺ جو به نالو آهي. ڪاڪڙ ”ڙ“ تي پيش سان جامع سنڌي لغات ۾ معنيٰ تيل ۾ تريل وڏو گول ٿيل پاپڙ يا ڪينچو ڏنل آهي. هتان جي جهونن جو چوڻ آهي هي علائقو ملير ۽ سکڻ جو پيٽ ۾ هو جيڪو پوءِ ٻنهي ندين جي هٽڻ ڪري ظاهر ٿيو. انهيءَ ظاهر ٿيل زمين کي ”ڪاڪڙ“ چيو وڃي ٿو. جنهن جي ڪري ديھ جو نالو به ”ڪاڪڙ“ رکيو ويو.

**(82) ديھ ڪاتنو:**

هي ديھ به تپي لانڍي، تعلقي لانڍي ۽ يونين ڪائونسل لانڍي بن قاسم ٽائون ۾ آهي. هن ديھ ۾ وڏين آبادين وارا ڳوٺ آهن. ڪنهن وقت ۾ هي زرعي علائقو هو پر هاڻي فيڪٽرين ۽ ننڍن مارڪيٽن ۾ تبديل ٿيندو پيو وڃي. هتي رهائشي اسڪيمون ۽ ڪچيون آباديون ٺهي رهيون آهن. نيشنل هاءِ وي جي لانڍي ڪانپوءِ ٻنهي پاسي اسٽيل ٽائون شپ ڪان پهرئين ٽائين وارو علائقو هن ديھ ۾ اچي ٿو. ڪراچي ڪان ڪوٽڙي ڏانهن ويندڙ ريلوي لائين تي ٿيهر واري موري ديھ ٻاڪراڻ ۽ ديھ ڪاتنو جي ڏنگ تي آهي. ٿيهر ڍورو، ٻاڪراڻ ۽ ديھ ڳانگياري کي ڏار ڪري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. اهو ڍورو جوريجي مان وهي وڃي ٿو. ڪاتني ديھ جو ڪجھ حصو ريلوي لائين جي پار

ﺑﻪ آهي. جيڪو بن قاسم ٽائون جي نئين نهندڙ يونين ڪائونسل ڪيٽل ڪالوني ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ڪانٽي واري ڪسي جي ڪري هن ديهه جو نالو ڪانٽو رکيو ويو آهي. سڪڻ مان نڪتل اها ڪسي ڪانٽي ۽ لانڊي ٽائين پاٽي کٽي وڃڻ ۽ زراعت لاءِ ڪم ايندي هئي. ڪانٽو، ڪسي، بند، ڊوري، کڏ يا کوہي کي چيو ويندو آهي. زمين کي ڪانٽي ڪرڻ، چيرڻ، ڪسي ڪيڻ، واهه ڪيڻ وارن لفظن ۾ استعمال ٿئي ٿو.

ضلعي لسٻيلي ۾ ڪانٽو ۽ پورالي نئين گڏجي ٽتياڻ جو ڊورو ٿين ٿا. جيڪا اٿل ۽ لياري جي وچ تي آهي. هن ڪانسواءِ ڪانٽو نالي ديهه تعلقي جاتي ۾ ﺑﻪ آهي. بدين ضلعي جي انهيءَ ديهه تي اهو نالو هڪ ڪاري ڊنڊ جي ڪري پيو آهي. هتي وڏي کڏ هوندو هئي جنهن کي ڪانٽو چيو ويندو آهي. سمنڊ جي ڪاري پاٽي جي پرجڻ سان هتي ڊنڊ نهي پيو جنهن جي ڪري هن کي ”ڪانٽو ڊنڊ“ ۽ علائقي کي ديهه ڪانٽو چيو ويندو آهي.

بن قاسم ٽائون، پوليس ٽريننگ سينٽر، رزاق آباد، شاهه لطيف ٽائون، ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون، نيشنل هاءِ وي تي تاريخي چوکنڊي قبرستان، ملير ضلعي جيل، ٻارن جو جيل، درگاهه پير ڪوهي هن ديهه ۾ آهن.

**(83) ديهه سنهڙو:**

هي ديهه ٽپي لانڊي تعلقي ڪراچي يونين ڪائونسل لانڊي ۾ آهي. هي زرعي علائقو آهي ملير ۽ سڪڻ نئين جي ڪناري تي آهي حاجي شيدي ڳوٺ، جام ڪنڊو هن ديهه ۾ شامل آهي. سڪڻ نئين جو ڪاٻو پاسو لاشاري ڳوٺ ڪان، موسيٰ جوکيو ڳوٺ ٽائين وارو علائقو هن ديهه ۾ اچي ٿو. سنهي ليڪ وانگر هئڻ ڪري هن ديهه تي ”سنهڙو“ نالو رکيو ويو. تعلقي ميرپور خاص، تعلقي سانگهڙ ۽ تعلقي گهوٽڪي ۾ ﺑﻪ انهيءَ نالي سان ديهه موجود آهن.

**(84) ديهه لانڊي:**

لانڊي ٽپو ﺑﻪ آهي جيڪو ڪراچي تعلقي ۾ آهي. يونين ڪائونسل لانڊي جنهن ۾ ديهه لانڊي جو گهٽو حصو شامل آهي. بن قاسم ٽائون ۾ آهي. لانڊي نالي سان ٽائون ﺑﻪ آهي. لانڊي ديهه جون حدون گهاري ڏانهن ويندي ملير ريلوي پل جي ساڄي هٿ ٽائين ملير نئين جي ڪاٻي ڪپ جو ڪجهه علائقو دائود چورنگي ٽائين هن ديهه ۾ شامل آهي.

ريلوي لائين کان ڏکڻ پاسي وارو علائقو لانڊي ٽائون ۾ شامل آهي. قائدآباد، عمر ماروي ڳوٺ، لانڊي ريلوي اسٽيشن ﺑﻪ هن ديهه ۾ شامل آهي. پر اهي علائقا بن قاسم جي نئين نهندڙ يونين ڪائونسل قائدآباد ۾ شامل آهن. هتي گلستان سينيما ڪانسواءِ اداڪار ڪمال ايراني جي پيڻ پاران

ناهيل سينيما مهر، جيڪا هاڻي بند آهي ڪانسواءِ نرگس ۽ لالا زار سينيما به انهيءَ ديهه ۾ آهن. هن وقت نيشنل هاءِ وي جو ڪاڀو پاسو سڪڻ تائين خالي هو فقط هتي ونگي تي به ڳوٺ هئا. آل ون فيڪٽري وٽان جيڪو رستو سڪڻ نئين تي پل پار ڪري لانڍي جي ڳوٺن ڏانهن وڃي ٿو. نظر محمد صالح محمد، فقير محمد، ڪلري بيا ڪيترائي ڳوٺ هن ديهه ۾ شامل آهن. ڪلري ۽ ٻيلي وارو علائقو زراعت ڪري ۽ خوبصورت باغن ڪري اڄ به مشهور آهي. هاڻي سڪڻ نئين جي ٻنهي ڪنارن تي پير سرهندي ڳوٺ تائين غير قانوني قائم ٽينڊڙ فيڪٽريون لڳي رهيون آهن. هتي ڪچين آبادين ڪانسواءِ قديم ڳوٺ به آهن. پاڪستان جو مشهور فلم اداڪار ڪمال ايراني مرحوم به انهيءَ ديهه ۾ رهندو هو. جتي ان جو خاندان اڄ به رهائش پذير آهي.

گهاري ڏانهن ويندي ڪلهوڙن جي دور کان بعد ۾ انگريزن جي دور تائين هتي جمعدار جي لانڍي هئي. جنهن جو احوال رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب ”سنڌ ڏکويل ماٿري“ جنهن جو ترجمو عطا محمد ڀنڀري ڪيو آهي. جنهن جو ذڪر هن ريت ڏنو آهي.

”هي جمعدار جي لانڍي آهي. ڏکڻ سنڌ ۾ هي مثالي ڳوٺ آهي، هتي پاڻي لاءِ کوهه موجود آهن. ڪاڏي پيتي ۽ ٻين شين جي گهرج آهر پورائي لاءِ به چار هٽ آهن. به ٽي لانڍيون آهن. جن مٿان چانو جي مقصد لاءِ تڏا توئنريون وڇايون ويون آهن. هتي اناج، منايون، سايون پاجيون ۽ گيهه جام ملي ٿو. ان ڪانپوءِ ڪچن گهرن جي هڪ وڏي قطار آهي. جن مٿان ڪک پن، تڏا ۽ توئنريون رکي مڙئي متي چانو ڪئي وئي آهي.“

هي سفر رچرڊ برٽن 1843ع يا 1844ع ۾ ڪيو هو. جمعدار جي لانڍي سڪڻ نئين جي ڪنڌي تي ملير ڊسٽرڪٽ جيل کان ٿورو پهرئين هاٽوڪي الله ڏني پنهور جي ڳوٺ جي ويجهو هئي. هيءَ ڪراچي (ڏڙبو) ۽ هن کان اڳتي فارس، عراق ۽ مصر ڏانهن ۽ هتان هندستان، پنجاب وڃڻ وارن لاءِ ڪجهه ساهي پٽڻ، رات گذارڻ جي جاءِ هئي. گهاري، ننڍي ۽ بدين کان به ماڻهو ڏڙبي بندر وڃڻ لاءِ هتي ڪجهه وقت آرام ڪري پوءِ اڳتي ويندا هئا.

يونين ڪائونسل لانڍي ۾ پوري ديهه ڪونهي 70% سيڪڙو حصو لانڍي يونين ڪائونسل ۾ آهي. باقي شهري علائقي ۾ شامل آهي.

قائدآباد جي پوئين پاسي ملير نئين مان هڪ ونگي رئيس ٻچل خان جي هئي. جنهن سان ملير نئين جي ڪناري وارو علائقو ديهه شرابي (شرافي) تائين آباد ڪندو هو. مقامي ماڻهن وٽ اهو علائقو اڄ به ونگي وارو علائقو مشهور آهي. هاڻي اهو گٽر نالي ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. دائود مل جيڪا پهرئين مل هتي لڳائي وئي ته سرحد جا پناڻ مزدوري لاءِ هتي آيا ۽ هي پورو علائقو انهن جي اڪثريتي علائقي ۾ تبديل ٿي ويو.

**(85) ديهه ڏاندبو:**

هي جابلو علائقو آهي سکڻ جي ساجي ڪناري تي قائم آهي. هن ديهه جي اوپر پاسي ٺٽي ضلعي جون حدون ملن ٿيون. سمندري بابا جي درگاهه ۽ پاڪ لينڊ سيمينٽ فريڪٽري هن ديهه ۾ آهن. هن ديهه جو ڪجهه حصو لنڪ روڊ سان فوجين ڪي الاٽ ڪيو ويو آهي جتي ٽريننگ سينٽر قائم ڪيو ويو آهي. اهي زمينون هتان جي ڳوناٽن جون هيون. هتي گهٽو ڪري سالار جوڪين جا ڳوٺ ۽ انهن جون زمينون آهن. سکڻ نئين واري ڪناري زراعت ڪئي ويندي آهي. هي ديهه يونين ڪائونسل گهگهر، بن قاسم ٽائون ۾ آهي، تپي درساٽي چني ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي.

ڏاندبو لاڙ ۽ ڪوهستان ۾ جهُڪيل، پوڙهي ۽ ڪمزور ڍور ڪي چوندا آهن. پڳل دلي ۽ پاندي کي به ڏاندبو چيو ويندو آهي. هتي ٽڪرين ۽ جبل ۾ پاندا (قتل غار) گهڻا هوندا هئا تنهنڪري هن علائقي کي ڏاندبو چيو ويو، پوءِ انهيءَ نالي سان مشهور ٿيو.

**(86) ديهه گهگهر:**

هن ديهه جون حدون پاڪ لينڊ سيمينٽ فيڪٽري ڪان شروع تي سمنڊ تائين وڃن ٿيون. گهگهر نئين ديهه گهگهر ۽ ڏابيجي جي ڊنگ تان وهي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. سسئي پل ڪانپوءِ ٺٽي ڏانهن ويندي پهرئين جيڪا نئين اچي ٿي اها گهگهر نئين آهي. گهگهر نئين ”ڳوٺ مورند“ لڳ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿي. هڪ حصي جو نالو وٺيجي نئين ۽ ٻئي حصي جو نالو گهگهر نئين آهي. وٺيجي لڳ ٻيهر هڪ ٿي سمنڊ ۾ چوڙ ڪن ٿيون. هن ڪان پوءِ ٺٽي ضلعي جون حدون شروع ٿين ٿيون. هن ديهه ۾ پووا جيڪا ڪرمتي قبيلي جي شاخ آهي ۽ گبول گهٽا رهن ٿا. هتان جون زمينون پورٽ قاسم جي نالي تي حاصل ڪري مقامي ماڻهن ڪي هتان بيدخل ڪيو ويو ۽ هاٽي پورٽ قاسم پاران اهي زمينون ڳري اگهه تي فيڪٽري وارن کي الاٽ ڪيون پيون وڃن. جنهن سان هتان جا ماڻهو جيڪي انهن زمينن تي ٻني بارو ڪري، مال ڌاري گذر سفر ڪندا هئا بيروزگار ٿي ويا آهن. هي جابلو علائقو آهي. گهُگهُر جهجي تعداد ۾ هئڻ ڪري هن علائقي کي گهُگهُر چيو ويو جيڪو بعد ۾ بگڙجي گهَگهَر ٿي ويو. گهگهر يونين ڪائونسل به آهي ۽ بن قاسم ٽائون ۾ آهي. هي تپي درساٽي چني تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هاٽوڪي بلدياتي نظام ڪان اڳ هي درساٽي چني يونين ڪائونسل ۾ شامل هو.

**(87) ديهه ڏابيجي:**

ڏابيجي يونين ڪائونسل ٺٽي ۾ آهي. پر ديهه ڏابيجي کي 1963ع ڪانپوءِ ڪراچي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ٺٽي ضلعي نهڻ ڪان اڳ هيءَ ڪراچي تعلقي ۾ هئي. هي جابلو علائقو آهي. گهگهر ڪانپوءِ ڏابيجي شهر ڪان ٿورو اڳتي تائين ريلوي لائين جي ڪابي پاسي وارو علائقو هن ديهه ۾

شامل آهي. ديهه جي اوير اتر پاسي ٺٽي ضلعي جون حدون لڳن ٿيون. اولهه پاسي ديهه گهگهر آهي. هي ديهه يونين ڪائونسل گهگهر، بن قاسم ٽائون، ٽپي درساڻي تعلقي ڪراچي ۾ آهي. ڏاڀ لاڙ ۽ ڪوهستان ۾ ڦتل ڪڍ ۽ ڪوهه کي چيو ويندو آهي. ڏاڀ جي معنيٰ ڦتل ڪوهه يا ڦتل ڪڍ واري جاءِ آهي. ڏاڀو ڪرڻ، منزل ڪرڻ ۽ ساهي ڪٽڻ کي به چيو ويندو آهي. ڏاڀو ڏيڻ، دٻاءُ وجهڻ ۽ دڙڪو ڏيڻ کي به چيو ويندو آهي پر هن جاءِ تي اهو نالو "ڏاڀ" ڦتل ڪڍ، ڪوهه جي ڪري پيو آهي.

**(88) ديهه پپري:**

هن ديهه جو گهڻو حصو پورٽ قاسم ۾ هليو ويو آهي. جنهن جي ڪري هتان ڳوٺاڻن کي اٿاريو ويو آهي. هي ديهه يونين ڪائونسل گهگهر، بن قاسم ٽائون، ٽپي درساڻي چني ۽ تعلقي ڪراچي ۾ آهي. ريلوي لائين کان سمنڊ ڪناري ٽائين هن جون حدون آهن. پپري جي نالي جي حوالي سان به روايتون مشهور آهن. جن مان هڪ اهو ته پپري ڍوري ۾ پپر جي وڻن جي گهڻي تعداد ۾ هئڻ ڪري هن کي پپري چيو ويو. هن جو پراڻو نالو تاريخ ۾ پپر آهي. جيڪو بعد ۾ بگڙجي پپري ٿيو آهي.

ٻي روايت هي ته پپر خان گبول جي ڪري هن تي نالو پپري پيو آهي. هن پپر خان گبول جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب جنگ ناما ۾ به آيل آهي. ڪلهوڙن جي لشڪر جڏهن ڪلمتين تي چڙهائي ڪئي ته ڪلمتين سان سندس پائر راڄ گبول ۽ ٻيا گڏ هئا. ڪلهوڙن پاران ڪلمتين جي ملڪ تي ساليانو ٽيهه گورا ڀڏا ته اُهي ڏين. بعد ۾ جڏهن غلام شاهه حڪمران ٿيو ته هن پنجاهه روپيا گوري جي حساب سان گهريا. اُن وقت گوري جو ملهه ڏهه روپيا هو، سو ڪلمتين قبول نه ڪيو ۽ ٻنا ماني ڪائڻ جي ڪلهوڙن جي ڪچهريءَ مان اُٿي آيا. انهيءَ تي ڪلهوڙن لسٻيلي جي حاڪم ملڪ پاهڙ خان ڏانهن مصلحت لاءِ لکيو. پاهڙ خان چيو ته "انهن تي ڪٽڪ چاڙهي ختم ڪريو." پوءِ خداآباد مان 18 هزار جو ڪٽڪ چڙهيو. انهن ملير تي چڙهائي ڪئي. ان وقت ملير ڪلمتين جو مرڪز هو. هن جنگ ۾ ملير جي ٻين قومن به ڪلمتين جو ساٿ ڏنو. شاعر ٿوهر گدي همٿ وڌائڻ لاءِ بيت چيا، هن جنگ ۾ پپر نالي هڪ گبول به حصو ورتو. جيڪو تازو پرڻيل هو. جيڪو جنگ ۾ مارجي ويو. هن جنگ ۾ ٻروچن جا گهڻا مڙس مارجي ويا پر ڪلهوڙن جي آڻ نه مڃيائون. شاعر ٿوهر گدي هن واقعي تي بيت چيا انهن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا جن ۾ پپر جو نالو آيل آهي ڪلهوڙن جي لشڪر جو اڳواڻ جمالين جو سردار عالم خان هو ۽ ملير ۾ ڪلمتين جو سردار حيدر خان هو.

**آئي ملهه ملير تان، ڪا گهل وڏي گهوڙن**
**سو "حيدر" نه چري توڙي لک مڙن**

**آئي پوئجي پڇڻا، اسين پڻ طعنا ڏيون ڪي تن**
**عهدي ”عالم خان“ سان، ڪئي جُلهه جمالين.**
**”پپر“ پرچائي ڪڍيو، اڳاٽو عهدين**
**تنهن گهوٽيي اوڇيا گهر مان، ٽا وڳا وير چون،**
**ٻاڳ، ٻچيڙو، ٻانڊاٽو، ڀهڪو ڪيو ڀيڙن.**

اها ڪمزور راويت آهي ڇاڪاڻ تہ هن لڙائي وقت ۾ هن ڪان گهڻو اڳ هن علائقي جو نالو ”پپر“ يا پيپري هو. پپري تي اهو نالو پپر جي وڻ جي جهجهي تعداد هئڻ ڪري پيو. پپري معنىٰ پپر وارو علائقو پپري ڍورو ۾ ڪاري وارو ڍورو، ڪاري ڍهي وارو پٽ بہ انهي ديهه ۾ آهن، جتي هوڙن بيهارڻ جو ميدان هو. هن ديهه ۾ بہ جبل ۾ ٽڪريون آهن. هن جي ڏکڻ پاسي سامونڊي علائقو آهي. جتي شاهه حسن جي درگاهه سمنڊ ڪناري آهي. جنهن لڳ اسٽيل مل جي رشين (روسين) جي اچڻ ڪري رشين بيچ چيو ويو. هتي هاٽي فيڪٽريون ٺهي ويون آهن. شاهه حسن لڳ ڪاري واري ڍوري تي چوکنڊي طرز جو قديمي قبرستان آهي جنهن تي خوبصورت چٽسالي ٿيل آهي. پر فيڪٽرين جي وچ ۾ اچڻ ڪري ڪنهن بہ وقت ان کي ختم ڪيو ويندو انهن ماڻهن وٽ تاريخ ڪان وڌيڪ زمين جي قيمت آهي. ڇاڪاڻ تہ تاريخ انهن ماڻهن جي ڪانهي ۽ بدقسمتي سان اها تاريخ اسان جي آهي. انهيءَ چوکنڊي جي باري ۾ چيو وڃي ٿو تہ مباڪاٽي گبولن جو وڏو حاجي نالي هو انهن جو گبرو (گبو) ملير نالي سو بہ ڏاڍو مڙس هو. ڪنهن ڳالهه تان انهن ۾ جهيڙو ٿي پيو. گبول ملير جون مينهون ڪڍي ڪاهي ويا. ملير ست مڙس چونڊ ڪري واهر لاءِ پويان نڪتو. ڪاري واري ڍوري لڳ شاهه حسن درگاهه جي سامهون ڪاري جو ڍورو ۾ ڪاري واريون پٽون آهن. هتي گبولن تي ڪڙ ڪيا. ملير ۾ حاجي سميت ٻنهي پاسن جا 10 مڙس مارجي ويا. اهي قبرون انهن جون آهن. جنهن تي هاشم گبري جيڪي بيت چيا انهن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا.

**وڃيو مير ملير مان، حاجي مينهون ڪاهي**
**جن مينهن مان منگهيو. ڏُڏيون، تن ساريون ٿي سعيي**
**پيئڻ پر وجو پير تي چُريا گبرا رند رمائي**
**پٽ ندو پيءُ ملير، ڳائوني ڳالهائي.**

**ôô**

**ملير ميهي سانهه جئن آيو هاٽنگ حاجيءَ ڏي**

**سانهن سڱ اڙائيا، وڙهن واري تي**
**مانجهي ملير، مهڻيو وڏئين ڳبرو راهه ڪري.**

**(89) ديهه ٻاڪراڻ:**

هي ديهه مڪمل طور اسٽيل مل ۾ اچي ويو آهي. هتان 12 ڳوٺ جيڪي ڀئون (ڪلمتين جو پاڙو)، ڳبولن ۽ سيدن جا هئا اٿاريا ويا. هتي ته شيخ محمد نالي تاريخي قبرستان هو. جنهن ۾ گهاڙي قبرون هيون چوڪنڊي طرز تي انهن تي خوبصورت چٽسالي ٿيل هئي. انهن کي بلڊوز ڪيو ويو. ٻاڪراڻ جون حدون هڪ پاسي سمنڊ ساں ٻئي پاسي پراڻو رستو هن ديهه جي وچان نڪري پپري ڏانهن ويندو هو. ٻاڪراڻ نئين ديهه پپري ۽ ٻاڪراڻ کي الڳ ڪري ٿو. اڄ به سمنڊ لڳ تمرجا ٻچيل وڻ خوبصورت ڏيک ڏئي رهيا آهن. ٻاڪراڻ تي اهو نالو ٻاڪري مال جي هتي جهجهي تعداد ۾ هئڻ ڪري پيو. سنن ڏينهن ۾ هتي ماڻهن وٽ ٻاڪرو، ڳئو مال جام هوندو هو. ڪوهستان ۽ جابلو علائقي ۽ ٻئي پاسي سمنڊ جي ڪناري هئڻ ڪري چارو گهڻو هوندو هو. ملير ڳاڙهي ڳئون به اصل انهيءَ علائقي جي پيداوار آهي. اڄ به هتان جي ماڻهن وٽ مال خاص ڪري ٻاڪرو مال گهڻو آهي. انهيءَ ٻاڪري مال جي گهڻي تعداد هئڻ ڪري هن علائقي جو نالو "ٻاڪراڻ" پيو.
ٻاڪراڻ ٻيڙا تن جي اصطلاع موجب اتر ايرندي جي ڪنڌ ڪان لڳنڊڙ واءُ کي به چيو وڃي ٿو. هي ديهه ٽپي درساڻي چني، تعلقي ڪراچي ۽ بن قاسم ٽائون ۾ آهي.

**(90) ديهه ڳانگيارو:**

ملير ڊسٽرڪٽ جيل ڪانپوءِ ساڄي هٿ تي ڪراچي ڪوٽڙي ريلوي لائين جي ساڄي پاسي کان سمنڊ تائين هن ديهه جون حدون لڳن ٿيون. پيپنس ڪالوني وارو پورو علائقو انهيءَ ديهه ۾ آهي، مشين ٽول فيڪٽري ۽ جمع حمائتي ڳوٺ ان ديهه ۾ آهن. هي ديهه ٽپي لانڍي، تعلقي ڪراچي، يونين ڪائونسل ريڙهي بن قاسم ٽائون ۾ آهي. 14 آگسٽ 2001ع کان اڳ هي لانڍي يونين ڪائونسل ضلعي ملير ۾ هو. ڳانگياري ڊوري جي ڪري هن علائقي کي ڳانگيارو چيو ويو آهي. اهو ڊورو رزاق آباد ڪانپوءِ ٽيهر ڊوري کان پهرين اچي ٿو ۽ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. پيپنس ڪالوني ڏانهن ويندي ريلوي ڦاٽڪ کي اڳ ۾ حمائتين جا در چيو ويندو هو. ماهيگيري سان واسطو رکندڙ جت بلوچن جو ڳوٺ لٺ بستي جيڪو سمنڊ ڪناري آهي. ديهه ريڙهي ۾ آهي. هن ديهه جي ڊنگ تي آهي. ديهه جي نقشي ۾ لٺ بستي ڳوٺ کان سمنڊ ڪناري ٻاڪراڻ ڏانهن ويندي پورو ڏنل آهي. ڳانگياري ڊوري جي ويجهو هڪ ٽڪري به ڏنل آهي. گهاري جو پراڻو رستو،

جمعدار جي لانڍي ڪانپوءِ حمائتي جي در ۽ جمع حمائتي ڳوٺ جي ڪاٻي پاسي کان نقشي ۾ موجود آهي جيڪو ڳانگيارو ۽ ٽيهر ڍورو پار ڪري ٻاڪراڻ ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ هاٽوڪي اسٽيل مل، پورٽ قاسم کان سمنڊ جي ڪناري وڃي ٿو. ٽيهر وارو ڍورو جوريجي مان وهي اچي اسٽيل مل پار ڪري پورٽ قاسم لڳ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. هاٽوڪو رستو ريلوي لائين جي ڪاٻي هٿ تي آهي. آلون فيڪٽري جي سامهون جيڪو رستو ريڙهي ڏانهن وڃي ٿو اهو به نقشي ۾ ڏيکاريل آهي. انهيءَ رستي هڪ گٽر نالي کي پار ڪبو جيڪو ”اپراٽي ڪمل واري ڍوري“ هئي.
پينس ڪالوني ۽ مختلف فيڪٽرين ڪري هتي ڏارين جون ڪچيون آباديون گهٽيون نهي ويون.
هن ديهه جو ڪجهه حصو جنهن ۾ پينس ڪالوني، مشين ٽول فيڪٽري، ليبر اسوائر کان دائود چورنگي تائين ريلوي لائين جي ڏکڻ پاسي يونين ڪائونسل ڪيٽل ڪالوني ۾ شامل ڪيو آهي. ڪيٽل ڪالوني يونين ڪائونسل به بن قاسم ٽائون ۾ شامل آهي.
غوث علي شاهه جڏهن سنڌ جو وڏو وزير هو ته ڳانگياري ۾ آفيسرن، ريٽائر فوجين ۽ ڪامورن کي پولٽري ۽ ڊيري لاءِ زمينون پگڙن مٽ تي الاٽ ڪيون ويون. هن علائقي ۾ اڄ به لينڊ مافيا زمين تي قبضو ڪرڻ وڏن پارٽين سان وڪڻڻ ۾ مصروف آهي. ريلوي جي زمين کان وٺي سمنڊ تائين پوري زمين انهن جي لپيٽ ۾ آهي.
ڳانگيارو تي اهو نالو ڳانگي جي ٻوٽي جي ڪري پيو. ڳانگيارو ڍوري ۾ ڳانگي ڍوري ۾ ڳانگي جو ٻوٽو گهڻي تعداد ۾ هئڻ ڪري هن کي ڳانگيارو چيو ويو معنيٰ ڳانگي وارو. جنهن جي ڪري هي پورو علائقو ڳانگيارو مشهور ٿيو. ڳانگي ۾ هيڊي رنگ جون ڳانگيون ٿين ٿيون جيڪي سوادي هجن ٿيون.
فيبروري 2007ع ۾ مون جڏهن سائين سلطان شاهه ساقي ڳانگياري ڍوري جو دورو ڪيو ته باقي هن جو ڪجهه حصو بچيل هو جنهن مان فيڪٽرين جي گٽر جو پاڻي وهي رهيو هو. اهو ڍورو جيڪو چوڪنڊي قبرستان واري ٽڪري تان وهي اچي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. هن جو گهڻو حصو بند ڪري مٽي پرائي هن تي اڏاوتون شروع ڪيون ويون آهن. باقي سمنڊ پاسي ڪجهه حصو بچيل آهي. ڳانگياري ديهه ۾ هڪ ٻيو ڍورو ”ليڙين وارو“ به آهي. هن کي ليڙين وارو هن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هنگلاڄ ويندي جڏهن ياتري هتان گهاري ڪراچي واري پراڻي گس تان ويندا هئا ته انهيءَ ڍوري لڳ وڏن لئي ۽ پپر جي وڻن جي ڇانو هيٺ آرام ڪري اڳتي وڌندا هئا ۽ هتي وڻن تي مرادن پوري ٿيڻ لاءِ ڪپڙي جون ليڙون ٻڌندا هئا ۽ انهن ليڙن (ڪپڙن جي ٽڪرن) ڪري هن ڍوري جو نالو ليڙين وارو ڍورو مشهور ٿيو.

سمنڊ لڳ جتي ڳانگيارو ڍورو سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو ڪاٻي هٿ تي لئي جي وڻن جي جهڳٽي ۾ بابا ڪمال شاهه جي درگاهه آهي. جنهن جو مجاور واحد بخش بلوچ آهي. سمنڊ جو اهو حصو ڪناري ۾ جابلو سلسلي ۽ مٽي جي پٽن ڪري خوبصورت آهي. سمنڊ جي ڪاري پاڻي لڳ درگاهه جي ڪوهه ۾ پاڻي مٺو هو.

(91) ديهه ريڙهي:

هي ديهه ٽپي لانڍي تعلقي ڪراچي ۾ آهي ۽ يونين ڪائونسل به آهي. جيڪو بن قاسم ٽائون ۾ آهي. هن يونين ڪائونسل ۾ ديهه ريڙهي جو ڪجهه حصو ۽ ديهه ڳانگياري جو ڪجهه حصو شامل ڪيو ويو آهي. ريڙهي سمنڊ ڪناري ماهيگيري جي قديمي وسندي آهي. هتي مڇي مياڻ به آهي. هي ديهه سمنڊ جي ڪناري ابراهيم حيدري تائين آهي. هن ديهه سان اوير پاسي ديهه ڳانگيارو، اولهه پاسي ديهه شرابي (شرافي) جون حدون ملن ٿيون دائود چورنگي ڪان سڌو رستو جيڪو سمنڊ ڏانهن وڃي ٿو. هتي رستي تي لانڍي واري علائقي ڪانپوءِ ساڄي هٿ تي جيڪو فوجي علائقو ۽ ڳانگياري جو ڪجهه علائقو ملائي يونين ڪائونسل مظفرآباد ناهي هن کي لانڍي ٽائون ۾ شامل ڪيو ويو آهي. اڳتي علي بروهي ڳوٺ يونين ڪائونسل ريڙهي ۾ آهي.



**ديهه/ريڙهي مياڻ ڳوٺ جو هڪ منظر**

دائود چورنگي ڪان ريڙهي ڏانهن ويندي علي بروهي ڳوٺ ڪان پهرئين هڪ ګٽر نالو اچي ٿو. اهو ګٽر نالو نور محمد جي ڪسي آهي. جيڪا 1915ع واري ديهه ريڙهي جي نقشي ۾ به ڏنل آهي. انهيءَ ڪسي وسيلي نور محمد ۽ پڊو فارسي هتي زراعت ڪندا هئا ۽ ڪسي جو پاڻي اڳتي هلي ابراهيم حيدري ڳوٺ لڳ ڍوري ۾ ڪرندو هو. اڄ به انهيءَ ڪسي مان وهندڙ ګٽر جي پاڻي تي زراعت ڪئي وڃي ٿي. سمنڊ ڪناري ڪان مٽي ٽڪري تي ديهه ريڙهي جي پوري علائقي ۾ هاڻي ڪچيون آباديون نهي ويون آهن. ڪجهه علائقي تي فيڪٽريون نهي ويون آهن.

سمنڊ جي ڪناري واري ڳوٺن کي پورٽ قاسم اٿارٽي لاءِ نوٽيس ڏنا آهن. پورٽ قاسم جي اها دعويٰ آهي ته ابراهيم حيدري ڳوٺ ڪان گهگهر تائين سامونڊي ڪنارو هن جي ملڪيت آهي. ريڙهي ۾

تاريخي مقام واڳو ڏر موجود آهي. واڳو ڏر ۽ ريڙهي جي پاسي جبلن مان اڄ به پاڻي جا چشما وهن ٿا. اڳ ۾ جڏهن هي علائقو صاف سٿرو هو، ملير مان نڪرندڙ ڪسيون/ ونگيون هن جي ويجهو وهي وينديون هيون ته انهن چشمن جو پاڻي صاف ۽ صحت بخش هو. هاڻي انهن ڍورن ۽ ڪسين ۾ گٽر جو پاڻي وهي ٿو ته انهن چشمن جو پاڻي صحت لاءِ هاڃيڪار ٿي ويو آهي. پر ڳوناٺا مجبور ٿي اهو استعمال ڪن ٿا. سلاٽر هائوس، سنڌ الڪيز، رتو ڪوٽ هن ديهه ۾ آهن. ريڙهي رتو ڪوٽ ۽ واڳو ڏر تي تفصيل ڪتاب جي ملير ۽ ڪراچي جي تاريخ وارن بابن ۾ ڏنل آهي. ريڙهي تي اهو نالو ڪيئن پيو. اها تحقيق طلب ڳالهه آهي. تاريخ ۾ ريڙهي بندر جو ذڪر ملي ٿو ۽ خيال اهو آهي ته اهو ئي ريڙهي مياڻ/ بندر ئي ريڙهي مياڻ آهي. جامع سنڌي لغات ۾ ريڙهي معنيٰ بانبڙو، سرڪو، گسرو ”ننڍي ٻار جو“، سرٽو، هڪ بيماري جو قسم ڏنل آهي. انهن لفظن سان ريڙهي مياڻ جو ڪو تعلق نظر نٿو اچي. البت ڪنهن به شيءِ جي ڪناري کي ”ريڙهه“ چئبو آهي. فروٽ جي سنهي قار کي به ”ريڙهه“ چئبو آهي. زمين جي پٽي، ڪپڙي جي لينگهه کي به ”ريڙهه“ چئبو آهي. هي به سمنڊ ڪناري ٻوري جي ڪڇ تي ريڙهي مياڻ کان هڪ پراڻو رستو جيڪو واڳو ڏر کان ديهه ڦهائي، ديهه ڊرگهه، ڳجهڙي، ڪاري لڪي کان ٺيندو، منگهي پير تائين وڃي ٿو. جن ديهه مان اهو رستو گذري ٿو سيني ديهن جي پراڻي نقشي ۾ اهو ڏنل آهي. منگهو پير جي واڳو واري آستان جو ريڙهي جي واڳو ڏر سان پراڻو تعلق رهيو آهي. اها وات هن جي نشاني آهي.

<u>(92) ديهه ابراهيم حيدري:</u>

ديهه ابراهيم حيدري ٽپي لانڍي، تعلقي ڪراچي ۾ آهي. هي يونين ڪائونسل به آهي ۽ بن قاسم ٽائون ۾ شامل آهي. اها ڪراچي جي ماهيگيرن جي سڀ کان وڏي وسندي آهي. بن بزرگن ابراهيم شاهه ۽ حيدر شاهه جي ڪري هن ڳوٺ جو نالو ابراهيم حيدري پيو آهي. ابراهيم حيدري جو پراڻو ڳوٺ سنڌو جي چاڙ (ڪريڪ) تي آباد هو. سمنڊ ۾ اچڻ ڪري اها جاءِ ختم ٿي ويئي آهي. ديهه ڊهه ۽ ابراهيم حيدري کي نقشي ۾ جبل ابراهيم حيدري الڳ ڪري ٿو. پر هاڻي هن جبل جو وڏو حصو هتان جي بااثر ماڻهن ڪٽي، مٽي ڪٽائي هتي پلاٽنگ ڪري ماڻهن کي آباد ڪيو آهي. اسي واري ڏهاڪي ۾ ڳوٺ جي آس پاس خاص ڪري علي اڪبر شاهه ڳوٺ ۾ بنگالين کي ويهاريو ويو . جنهن جا نتيجا هاڻي ڳوٺ وارا ڀوڳي رهيا آهن. سمنڊ تي آهستي آهستي انهن جو ۽ افغانين جو ڪنٽرول ٿيندو پيو وڃي. جن کي جيءُ ۾ جاءِ ڏيڻ، پئسا وٺي پلاٽ ڏيڻ وارا اسان جا پنهنجا ماڻهو هئا. هي ديهه ساموندي ڪناري تي آهي. اتر پاسي ديهه ڦهائي، ديهه شرابي، اولهه پاسي ديهه ڊهه، اوڀر اتر پاسي ديهه ريڙهي جون حدون ملن ٿيون. ديهه جي هڪ حصي تي ڪورنگي ڪريڪ ڪنٽونمينٽ قائم آهي. حيدر شاهه جو مقبرو انهيءَ فوجي علائقي ۾ آهي.

اها آهي مختصر ڪٿا ڪراچي جي 92 ديهن جي، جن مان گهٽيون ديهون شهر ۾ اچي پنهنجو وجود وڃائي چڪيون آهن ۽ ٻيون تيزي سان شهري علائقن، ڪچين آبادين، فيڪٽرين، مختلف رهائشي، ترقياتي اسڪيمن ڪان سواءِ چانوٽين ۾ تبديل ٿي رهيون آهن. ڪو وقت ايندو جو ديهن جو وجود ختم ٿي ويندو. چاڪاڻ ته ديهون ڪراچي جي ٻهراڙي ۾ هيون ۽ ٻهراڙي جا اهڃاڻ آهن. ڪراچي ٻهراڙي ختم ڪري هڪ ضلعو ڪراچي ٺاهي انهن ديهن جي اهميت کي ختم ڪيو ويو آهي. انگريزن جي دور ڪان ڪراچي تعلقو جيڪو ديهن تي ٻڌل هو ٻهراڙي جو علائقو هو. جڏهن ته شهري علائقو جيڪو ميونسپلٽي ۽ چانوٽين تي ٻڌل هو هتي ڪوارٽرز هئا.

# ڪراچي ۾ ماحولياتي گدلاڻ

ڪراچي جيڪو ورهاڱي کان اڳ دنيا جي صاف سترن شهرن ۾ شامل هوندو هو. جمشيد نسروانجي مهتا جڏهن ڪراچي جو ميئر هو، تہ ان جا رستا روزانو پاڻي سان ڌوپجندا هئا. جڏهن بجلي نہ هئي تہ رستي تي لڳل روشني لاءِ فانوسن ۾ ناريل جو تيل استعمال ڪيو ويندو هو تہ جيئن ماحول ۾ دونهون نہ ٿئي. ڪراچي جي آبهوا ۽ ماحول ماضي ۾ انساني زندگيءَ لاءِ انتهائي فائديمند ۽ صحت لاءِ بهتر هو. جنهن جو وڏي ۾ وڏو سبب هي هو تہ هي شهر ماحولياتي گدلاڻ کان پاڪ هوندو هو. ملير، لياري نديون ۽ ٻيا برساتي ڍورا اجا گٽر نالن ۾ تبديل نہ ٿي چڪا هئا. انهن ۾ ساف ۽ شفاف پاڻي وهندو هو. شهر جا ماڻهو پيئڻ لاءِ اهو پاڻي استعمال ڪندا هئا ۽ آس پاس جي جابلو سلسلن ۾ گهاٽا جهنگ هوندا هئا. برساتي نئين جي ڪنارن تي زراعت ڪئي ويندي هئي جنهن جي ڪري هتي خوبصورت باغ هوندا هئا. ماڻهو تفريح لاءِ انهن جابلو ٽڪرين ۽ باغن جو رخ ڪندا هئا. جتي هاڻي قائداعظم جو مقبرو آهي. انهيءَ ٽڪري تي موڪل واري ڏينهن ۾ ميلو لڳو پيو هوندو هو.

بندرگاهہ وارو شهر هجڻ جي باوجود هي شهر خوبصورت هوندو هو. ورهاڱي ڪانپوءِ جڏهن لڏپلاڻ جي نالي ماڻهن جي لوڏ هن شهر جو رخ ڪيو تہ ڏسندي ئي ڏسندي سنڌ جي گادي وارو هي شهر سياسي، سماجي ۽ ثقافتي طور گدلو ٿي، تبديل ٿي ويو. آباديءَ جو غير فطري واڌ، بي ترتيب ڪچين آبادين، بنا ڪنهن پلاننگ جي نهنڊڙ صنعتي علائقن، زرعي زمينن ۽ ٽڪرين تي بي ترتيب گهرن جي ٺهڻ سان هن شهر جي بدقسمتي شروع ٿي.

ٻين انيڪ مسئلن ۽ خطرن سان گڏ هي شهر سڀ کان وڌيڪ جنهن مسئلي ۽ خطري جو شڪار آهي اهو ماحولياتي گدلاڻ جو خطرو آهي. هر قسم جي ماحولياتي گدلاڻ جو جنم هن شهر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نموني موجود آهي. ماحولياتي گدلاڻ جو اجگر هن شهر جي سونهن، ثقافت، قدرن ۽ انسانن کي ڳڙڪائي رهيو آهي. حڪومتي ادارا خود ان گناهہ ۾ برابر جا شريڪ آهن. قانون، آرڊيننس، آرڊر سڀ خوبصورت فائلن ۾ بند آهن. اهڙو ڪو بہ قانون هن شهر ۾ ڪٿي بہ نظر نٿو اچي. هڪ ئي شهر ۾ 36 کان مٿي حڪومتي ادارا هڪ ٻئي کان لاتعلق ۽ هن شهر کي ناهڻ ۽ سنوارڻ بجاءِ هن کي لتي، بدصورت بنائي رهيا آهن.

دنيا جو هي ارڙهون نمبر وڏو شهر شديد ترين ماحولياتي گدلاڻ جي گهيري ۾ آهي. سنڌ جي گادي وارو هي شهر اقتصادي ۽ صنعتي سرگرمين ڪري وچ ايشيا، عرب ملڪن جو ڪنهن قدر اقتصادي انحصار هن شهر تي آهي.

ماحول ۾ انسان، جانور، آبي حيات، آبهوا، زمين، پکي پکڻ، جيت جيوڙڻ، وڻ ٽڻ، سمنڊ، دريا، جبل سڀ اچي وڃن ٿا. ماحولياتي سائنس مطابق روشنيءَ جو مقدار، گرمي پد، هوا جو دٻاءُ، پاڻي جا بخار، ڪشش ثقل ۽ زمين جي جسم ۾ موجود قدرتي عنصرن جي موجودگي ۽ سمنڊ جي فطري رواني، دريائن جي قدرتي وهڪرن ۽ سرگرمين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيفيت کي ماحول چئبو آهي. ماهرن موجب ڪنهن به هڪ عنصر جي مناسب مقدار ۾ هير ڦير ۽ گهٽ وڌائي سبب ٿيندڙ ڪيفيت کي ماحول چئبو آهي. ماهرن موجب ڪنهن به هڪ عنصر جي مناسب مقدار ۾ هير ڦير ۽ گهٽ وڌائي سبب ماحول ۾ بگاڙ پيدا ٿئي ٿو ۽ ماحولياتي گدلاڻ انهيءَ بگاڙ جو سبب بنجي رهيو آهي. هر شئي جو قدرت هڪ ٻئي تي ڏارومدار رکيو آهي. انسان سميت سمورا جاندار، وڻ ٽڻ جيئن ته ماحول سان جڙيل آهن تنهن ڪري ماحول ۾ ايندڙ ننڍي ۾ ننڍي تبديلي سڌو سنئون يا اڻ سڌو انهن تي اثر انداز ٿئي ٿو. ان جي بقا جو دارو مدار ”توازن“ ۾ رکيو ويو آهي.

ورهاڱي وقت ڪراچي شهر جي آبادي چار لک هئي. جيڪا هن وقت هڪ ڪروڙ 60 لک آهي ۽ هن ۾ هر سال غير فطري طور ڇهه سيڪڙو واڌ ٿي رهي آهي. ڪراچي شهر ملڪ جي معاشي ترقي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪرڻ ڪري سڄي ملڪ ۽ ٻاهر کان آيل غير قانوني ماڻهو روزگار جي سلسلي ۾ ڪراچي جو رخ ڪري رهيا آهن. ٻئي پاسي ڪجهه گروهه ڪراچي جي سياست ۽ هن جي زمين تي مالڪيءَ جي حق جتائڻ لاءِ به غير قانوني آيل بنگالين، بهارين، برمين، افغانين ۽ ڪشميرين کي قانوني تحفظ ڏيئي انهن کي مختلف ڪچين آبادين ۾ بي ترتيب طريقي سان وسائي هن شهر جي قدرتي حسن ۽ ثقافتي ورثي کي تباهه ڪري رهيا آهن.

گذريل اڌ صدي کان اسانجي اها ذرتي ماحولياتي اثرن جي زد ۾ آهي. قدرتي وسيلن جي حد کان وڌيڪ استعمال اسان جي قدرتي ماحولياتي نظام کي تباهي جي ڪناري تي پهچايو آهي. وڌيڪ آبادي سبب کان پوکيئين زمين ۽ ٻيلن تي بوجهه وڌو. وڌيڪ خوراڪ ۽ گهرن ۽ فيڪٽرين لاءِ زمين ٻيلن جي ڪٽائي ۽ جابلو سلسلن کي ختم ڪرڻ جا سبب بڻيا. جنهن جي ڪري جهنگلي جيوت، پکي پکڻ ۽ جانور در بدر ٿي جلاوطن ٿي ويا. وڌيڪ اپت جي لالچ زهريلي دوائن ۽ هٽراڏو پاڻ جي استعمال کي شروع ڪيو ته زمين مرده ٿي ويئي ۽ انهن جي استعمال سان اسان پنهنجي صحت کي به داءُ تي لڳائي ڇڏيو. هوس جي بي لغام گهوڙي بي لغام صنعتي ترقي جون منزلون طئي ڪيون ته صنعتن مان نڪرندڙ زهريلي ڪيميائي مادي ۽ گيسن نه فقط فضا کي گدلو ڪيو پر فضا ۾ $CO_2$ جي مقدار ۾ واڌارو ڪيو. ٻئي پاسي صنعتن جي قيام ڪري ٻين علائقن جي مزدورن انهن علائقن جو رخ ڪيو ۽ رهائش اختيار ڪئي ته ثقافتن جي ٽڪراءُ ڪري ثقافتي ۽

سياسي گدلاڻ ۾ واڌو ٿيو. انهن سيني اثرن موسمن کي بي ترتيب ڪري ڇڏيو. خطرناڪ هٿيارن جي ڊوڙ. سمنڊ ۾ ميزائل ۽ بين هٿيارن جي تجرن گرمي پد ۾ واڌارو آندو، جنهن سان ڪٿي طوفان، ڪٿي سونامي، ڪٿي قطرينا، ڪٿي ٻوڏن، ڪٿي زلزلن، ته ڪٿي ڏڪر انسانيت جو مقدر بڻجي ويو اڄ انسانيت پنهنجي هٿان پنهنجي بربادي جي نئين ڪهاڻي لکي رهيو آهي.

ماحول انساني زندگي تي گهرو اثر ڇڏيندو آهي. هوا، پاڻي زمين ان ماحول جا لازمي جزا آهن. صاف سٿري ماحول ۾ پيدا ٿيندڙ هن دنيا تي انسانن پنهنجن هٿن سان پنهنجن مقصدن خاطر گدلو ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن فطرت سان هٿ چراند جو اهو سلسلو جاري رهيو ته ايندڙ وقت ۾ وڏيون تباهيون اينديون ۽ هي دنيا رهڻ جي قابل نه رهندي. اسلامي ميٿالوجي ۾ قيامت جو اچڻ به ته انهيءَ جو سبب آهي. اهي خطرا خود هن ڌرتي لاءِ جديد سائنس جي ترقي پيدا ڪيا آهن. ماحولياتي توازن زمين تي انسانن ۽ حيوانن جي بقا ۽ زندگي جي ضمانت آهي. ڪراچي شهر جيڪو وڏين، جاين، بي پناهه ٽرئفڪ، بن بندرگاهن، ڪراچي پورٽ، بن قاسم پورٽ ۽ بي ترتيب ڪچين آبادين ڪري شديد گدلاڻ جو شڪار آهي. ڪراچي شهر جي هڪ خوش قسمتي اها به آهي ته هن کي سامونڊي ڪنارو نصيب آهي جيڪو پوري شهر جي زهر کي گند جي صورت ۾ پاڻ ۾ اوتي رهيو آهي ۽ خود تباهه ٿي رهيو آهي. ڪراچي جي ساحلي ڪناري تي تمر جي ٻيلن جو هجڻ به ڪراچي لاءِ خوش قسمتي جي علامت آهي. چينا ڪريڪ ڪنهن وقت تمر جي ٻيلن جو مرڪز هو. 10 ڪلوميٽر تي ٻڌل اهو علائقو هاڻي تمر جي ٻيلن سان تيزيءَ سان خالي ٿي رهيو آهي.

ڪراچي پاڪستان جي سامونڊي ڪناري تي گهٽيل آبادي وارو شهر آهي. ڪراچي جو ساحل ڪنهن دور ۾ پنهنجي خوبصورتي، آبي جيوت، تمر جي ٻيلن ڪري نهايت دل کي وڻندڙ هو. پر ترقياتي منصوبن جي نالي اسان جي سامونڊي ڪنارن کي تباهه ڪيو ويو. ڪراچي جي ساحل انهيءَ ترقي جي نالي جيڪا رهائشي ترقي، ساحلي تفريح ترقي، صنعتي ترقي جي صورت ۾ جاري آهي. هن ترقي ۾ ماحوليات جي ڪنهن اصول کي مدنظر رکيو وجي. جنهن جي ڪري ماحولياتي گدلاڻ ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي.

**صنعتي گدلاڻ:**

صنعتي عمل جنهن جي شروعات ارڙهين صدي ۾ ٿي. صنعتي عمل ڌرتيءَ جي هوا، پاڻي ۽ قدرتي جوڙجڪ کي ايترو ته گدلو ڪري ڇڏيو آهي جو هاڻوڪن ڏينهن ۾ هر سال سوين جانور، جيتن ۽ ٻوٽن جا قسم، پاڻي جو جيوت ختم ٿي رهيو آهي، جڏهن ته هزارين تعداد ۾ جاندار اڻ لپ ٿي رهيا آهن.

صنعتن مان نڪرندڙ بيڪار ۽ زهريلو مادو ايترو ته زهريلو آهي جو سمنڊ ۽ دريائن ۾ ڪرڻ ڪري مڇين سميت تمام سامونڊي جيوت موت جو شڪار پيو ٿئي. مڇي ۽ ٻيو سي فوڊ کائڻ سان اهو زهر انسان جي اندر وڃي رهيو آهي. جنهن سان بيمارين ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. ٻئي پاسي فيڪٽرين جي دونهين ڪري فضا ۾ گدلاڻ ڦهلجي رهي آهي جنهن سان ساهه کڻڻ وارو صاف هوا گدلو ٿئي ٿو اهو زهر اسين ساهه وسيلي پنهنجي جسم ۾ پري رهيا آهيون.

ڪراچي شهر انيڪ مسئلن ۾ وڪوڙيل آهي سڀ کان اهم مسئلو ماحولياتي گدلاڻ جو آهي. جنهن جي خطري کان اسان بي خبر آهيون. صنعتي ترقي جو پاڳل پڻو اسان کي تباهي ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي. فيڪٽرين مان نڪرندڙ ڪيميائي مادي ڪراچي جي ساحل کي خطرناڪ حد تائين گدلو ڪري ڇڏي آهي. سڄي ملڪ جون 35 سيڪڙو اهم صنعتون ڪراچي شهر ۾ آهن.

ڪراچي ۾ نون ٿرمل پاورن ڪانسواءِ پنجن وڏن صنعتي علائقن ۾ هزارين ڪارخانا آهن. جنهن ۾ گهڻا ڪارخانا سامونڊي ڪناري کي ويجهو آهن انهن ۾ لانڍي، ڪورنگي، سائيٽ، سنڌ الڪليز، پاڪستان اسٽيل مل، پورٽ قاسم فيڪٽري زون جي فيڪٽرين جو گدلو مادو ۽ زهريلو پاڻي ملير، لياري ۽ ٻين برساتي نئين وسيلي سمنڊ ۾ داخل ٿي رهيو آهي. فقط ڪورنگي ۾ 2500 ڪارخانا آهن. جنهن ۾ 35 چمڙي جا ڪارخانا موجود آهن. ڪراچي ايڪسپورٽ سڌو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ڪنهن به فيڪٽري ۾ ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳل نه آهي.

ملير پل هيٺيان پرائيويٽ طور هلندڙ چمڙي جي ڪارخانن ڪانسواءِ پير ڳوٺ کان ڪاٺتي تائين سڪڻ نئين جي ٻنهي ڪنارن تي غير قانوني فيڪٽرين جو هڪ جار وڇايو پيو وڃي. جنهن ۾ 20 سيڪڙو ڪارخانا هلي رهيا آهن. قبضي مافيا پاران سرڪاري زمينون وڪرو ڪري هتي حڪومت جي اجازت ڪانسواءِ بنا ڪنهن رٿا بندي جي فيڪٽريون لڳايون پيون وڃن. جنهن جي آس پاس زرعي زمينون، پيئڻ جي پاڻي جا کوهه ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهو متاثر ٿي رهيا آهن. اهو گدلو ۽ زهريلو پاڻي سڪڻ نئين ڪانپوءِ ملير ۾ داخل ٿي سمنڊ ۾ داخل ٿي رهيو آهي. ملير پل کان وني شرافي ڳوٺ تائين زرعي علائقو تباهه ٿي ويو آهي ۽ هاڻ پير ڳوٺ کان ملير پل تائين بچيل زرعي علائقو هن زهر ڪري تباهه ٿي ويندو ۽ هزارين ڳوناٽا بي روزگاري سان گڏ مختلف بيمارين ۾ وڪوڙجي ويندا. ڇاڪاڻ ته فيڪٽرين جو اهو زهريلو پاڻي نئين مان فلٽر ٿي نئين جي ڪناري کوٽيل کوهن ۾ هليو وڃي ٿو جيڪو پاڻي هتان جا ماڻهو پيئڻ ۽ زراعت لاءِ استعمال ڪن پيا. اهي علائقا جيڪي ڪراچي کي تازيون ڀاڄيون ۽ ميوا فراهم ڪن ٿا. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي نباتات شعبي جي رپورٽ موجب انهن ڀاڄين ۽ ميووي جي استعمال سبب ماڻهن جي رت ۾ شيهي جي مقدار ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿي ويندو آهي.

ماحولياتي تحفظ متعلق حڪومتي اداري (SEPA) جي رپورٽ موجب ڪراچي شهر ۾ جيڪي پاڃيون انهن گٽر سان پريل ندين جي ڪناري پوک ڪانپوءِ فراهم ڪيون وڃن ٿيون. اهي صنعتن مان نڪرندڙ زهريلن ڪيميائي مادن ۽ گٽر جي گندي پاڻيءَ جي ڪري صحت لاءِ انتهائي هاڃيڪار آهن. ٻئي پاسي سپر هاءِ وي تي نهيل ناگوري ڪوآپريٽو سوسائٽي جي مينهن جي واڙي جو گدلو پاڻي بازار نئين ۾ ڇڏيو وڃي ٿو. جتان هو ملير نئين ۾ داخل ٿي آس پاس جي کوهن جي پاڻيءَ کي زهريلو ڪري رهيو آهي.



ملير ندي جو هڪ ڏيک جنهن جو هي حصو هاڻي گٽر نالي ۾ تبديل ٿي چڪو آهي

**ملير ندي جو هڪ ڏيک جنهن جو هي حصو هاڻي گٽر نالي ۾ تبديل ٿي چڪو آهي**

ڏهه ڪلوميٽرن جو پورو علائقو جيڪو خوبصورت باغن جي ڪري مشهور آهي. جتي 25 کان متي ڳوٺ آهن ۽ ڳوناٽا انهن کوهن جو پاڻي پيئڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا ۽ انهيءَ پاڻيءَ مان پاڃيون ۽ ميوا اپايا وڃن ٿا. ڊملوٽي جا کوهه به انهيءَ علائقي ۾ آهن. ناگوري سوسائٽي جي گدلي پاڻي ڪري انهن کوهن جو پاڻي، جنهن مان پيدا ٿيندڙ پاڃيون ۽ ميوو به صحت لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿي رهيو آهي.

لياري ندي سائيٽ جي صنعتي علائقن، شير شاهه ۾ قائم فيڪٽرين، سهراب ڳوٺ لڳ صنعتي علائقي ۽ خميسو بروهي ڳوٺ کان سهراب ڳوٺ زيرو پوائنٽ تائين سوين غير قانوني فيڪٽريون گهرن ۾ قائم آهن انهن سڀني جو گدلو ۽ زهريلي پاڻي ڪانسواءِ رهائشي علائقن جي گٽر جو پاڻي، ڳجهڙو، مهادل، سونگل، اورنگي، ڪاري لڪي برساتي ڍورن ۽ گٽر نالن وسيلي لياري ندي ۾ داخل ٿي سمنڊ ۾ وڃي رهيو آهي.

تحفظ ماحوليات لياري ڪراچي فورم جي رپورٽ موجب لياري نديءَ ۾ روزانو 40 ٽن ڪان وڌيڪ گدلاڻ سمنڊ ۾ وڃي رهيو آهي. ملير، لياري ۽ ٻين ڊورن ۽ نالن جي انهيءَ زهريلي پاڻي ۾ گهٽي مقدار ۾ سلفيٽ، ڪيلشيم، المونيم، سنڪيو، ميگنيشيم. لوٽيات، لوهي آڪسائيڊ ۽ ٻيو زهريلو معدنيات، ٽولوئن ڪلورائيڊ ۽ الڪي شامل آهي. اهو سڀ ڪچهه سمنڊ ۾ وڃي رهيو آهي. هڪ اندازي مطابق ڪراچي مان روزانو 2 ڪروڙ 80 لک گيلن گدلو پاڻي ۽ گند مختلف چينلن ڪان سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو. (280 ملين گيلن خام سيوريج) جنهن ۾ بنا ٽريٽمينٽ ٽيل صنعتي مادو، گهريلو گند، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ۽ ٻيو گند شامل آهي. پاڪستان اسٽيل مان نڪرندڙ ڪلورين سمنڊ جي هڪ حصي کي ريڊ زون ۾ تبديل ڪري چڪو آهي.

**پاور پلانٽن وارو گدلاڻ:**

ڪراچي ۾ هن وقت 9 بجلي پيدا ڪندڙ ٿرمل پاور پلانٽ آهن ۽ ٻه بلوچستان واري ساحل حب ۽ گڊاڻي ۾ لڳل آهن. حب واري پاور پلانٽ مان هزارين ٽن زهريلو گيس روزانو خارج ٿي رهيو آهي. جنهن مان فقط سلفر ڊائي آڪسائيڊ جو مقدار ساڍا ٽي هزار ٽن آهي. ماحوليات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته اهو پاور پلانٽ ڪراچي جي ويجهو هئڻ ڪري ڪراچي جو هر شهري 300 گرام زهريلو گيس ساهه وسيلي جسم ۾ داخل ڪري ٿو. چاڪاڻ ته پاور پلانٽس مان نڪرندڙ گيس جو رخ ڪراچي جي ساموندي پٽي ۽ ڳوٺن ڏانهن آهي. هاڪس بي، مواچ ۽ گابي پٽ جا علائقا وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن. ڪراچي ۾ پهرئين صنعتي ۽ گهريلو گند جو وڏو مقدار سمنڊ ۾ داخل ٿي گدلاڻ ۾ واڌارو ڪري رهيو آهي. جنهن جو مقدار 280 ملين گيلن ڪان وڌيڪ آهي. انهن بجلي جي ٿرمل پاور پلانٽس مان نڪرندڙ زهريلو مادو ۽ گرم پاڻي الڳ آهي. اهي پلانٽس پاڻ کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ روزانو هزارين ٽن سمنڊ جو پاڻي حاصل ڪن ٿا. جيڪو گرم ٿيڻ ڪانپوءِ واپس سمنڊ ۾ ڇڏيو وڃي ٿو جيڪو سمنڊ جي گرمي ۾ واڌارو ڪري رهيو آهي. جنهن سان سمنڊ جي پاڻي واري جيوت ۽ تمر جي وڻن کي سخت خطرو آهي.

گرم پاڻي ۽ گيس ڪانسواءِ انهن پلانٽس مان زهريلو گدلاڻ به سمنڊ ۾ وڃي رهيو آهي. هڪ اطلاع موجب گهڻا اهڙا پلانٽس لڳايا ويا آهن جيڪي تمام پراڻا آهن ۽ انهن ملڪن ڪان حاصل ڪيا ويا آهن. جن ملڪن ماحولياتي خطري جي ڪري انهن تي پابندي لڳائي هئي. اهي حاصل ڪري ڪراچي ۾ لڳا ويا آهن. پورٽ قاسم ۾ لڳل پلانٽ فلپائن ۾ آمريڪي فوجي اڏي تي لڳل هو. فوجي اڏي کي ختم ڪيو ويو ته هي فالتو پلانٽ پاڪستان حاصل ڪيو. هن پلانٽ جا 160 يونٽ آهن ۽ هر يونٽ 5 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري ٿو. هي پلانٽ تمر جي ٻيلي کي صاف ڪري لڳايو ويو آهي. انهيءَ پلانٽ جي لڳڻ سان آس پاس بچيل تمر جي ٻيلي کي پلانٽ مان نڪرندڙ

گرم پاڻي، زهريلي مادي ۽ گيس ڪري سخت خطرو آهي. هتي موجود تمر جي وڻن جو رنگ به تبديل ٿي رهيو آهي.

منهوڙي وارو پاور پلانٽ ٿي لک 30 هزار چورس گز اڏيو ويو آهي. هي تيل تي نه پر مائع گيس پلانٽ آهي. مائع گيس آڻيندڙ وڏا جهاز وڏي پاڻي ۾ بيهندا آهن جتان پوءِ ننڍن جهازن رستي هن ڪي پلانٽ تي آڻي اسٽور ۾ رکيو ويندو آهي. هن مان هڪ ته سامونڊي ٽرئفڪ تي بوجهه ڪري به ماحولياتي گدلاڻ ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. هن مان نڪرندڙ گيس منهوڙي ۽ آس پاس جا ماڻهو متاثر ٿي رهيا آهن جنهن سان انهن آبادين ۾ بيمارين ۾ واڌارو ٿيو آهي. پاور پلانٽس جي هاءِ ٽينشن تارن جو گذر آبادين مٿان ٿئي ٿو انهن مان تابڪاري خارج ٿيڻ سان جلد جي ڪينسر ۽ ٻين بيمارين ۾ ماڻهو وڪوڙجي رهيا آهن. مائع گيس ۽ تيل جو هڪ وڏو اسٽور هتي موجود آهي جيڪو انتهائي خطرناڪ آهي چاڪاڻ ته ڪنهن به حملي، تخريب ڪاري يا ڪنهن حادثي ڪري جيڪڏهن گيس ڪي باهه لڳي وڃي ته هن مان ٿيندڙ نقصان جو تصور نٿو ڪري سگهجي. ڪياماڙي آئل اسٽور، آئل ٽئنڪر، پورٽ ۾ موجود ڪپهه، بينل تيل آڻيندڙ جهاز ۽ ٻيو سامان جنهن ڪي باهه جلد وڪوڙي ويندي آهي هتي موجود آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته هي علائقو اهڙي زون ۾ آهي جتي زمين اندر تبديلي جا امڪان موجود آهن. جيڪي وقفي وقفي سان ظاهر به ٿيا آهن. جيڪڏهن اهڙو ڪو حادثو ٿي ويو ته ايڏي وڏي تباهي ٿيندي جنهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي.

انهن پاور پلانٽس جي سخت شور ڪري به آس پاس جا رهواسي سخت پريشان آهن انهن مان ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ ڪانسواءِ ڪاربن مونو آڪسائيڊ، سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ، نائيٽروجن آڪسائيڊ جهڙا زهريلا گيس به خارج ٿين ٿا. هن گيس جي دونهن ۾ ڪوهيڙي ڪري ماهيگير متاثر ٿي رهيا آهن. ڪوهيڙي ڪري سمنڊ ۾ ڪنهن به ايڪسيڊنٽ جو خطرو به موجود آهي. منهوڙي جي پاور پلانٽس ڪي ٿڌي ڪرڻ لاءِ روزانو هزارين ٽن پاڻي سمنڊ مان حاصل ڪيو ويندو آهي. اهو پاڻي گرم ٿيڻ ڪانپوءِ ٻيهر سمنڊ ۾ ڇڏيو وڃي ٿو. جنهن سان سامونڊي حيات، تمر جي ٻيلن ڪي خطرو درپيش آهي ۽ اهي متاثر ٿي رهيا آهن.

بجلي پيدا ڪندڙ پاور پلانٽس جو تفصيل هيٺين ريت آهي. جن مان ٻه بلوچستان ۾ آهن پر ڪراچي ڪي ويجهو هوندي انهن جي هر قسم جي گدلاڻ مان ڪراچي جا ماڻهو ۽ سامونڊي ڪنارا متاثر ٿي رهيا آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| پورٽ قاسم | پيداواري گنجائش | 800 | ميگاوات |
| ڪورنگي ڪريڪ | پيداواري گنجائش | 300 | ميگاوات |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪورنگي ٽائون | پيداواري گنجائش | 125 | ميگاواٽ |
| گسري | پيداواري گنجائش | 200 | ميگاواٽ |
| منهوڙو | پيداواري گنجائش | 463 | ميگاواٽ |
| ويسٽ وهارف | پيداواري گنجائش | 460 | ميگاواٽ |
| ماڙيپور | پيداواري گنجائش | 110 | ميگاواٽ |
| هاڪس بي | پيداواري گنجائش | 117 | ميگاواٽ |
| حب ندي لڳ گابو پٽ | پيداواري گنجائش | 700 | ميگاواٽ |
| حب بلوچستان | پيداواري گنجائش | 1295 | ميگاواٽ |
| گڊاڻي بلوچستان | پيداواري گنجائش | 196 | ميگاواٽ |

**دونهين ۽ شور جو گدلاڻ:**

ڪراچي شهر دونهين ۽ شور جي گدلاڻ ۾ به اڳيرو آهي. فيڪٽرين مان نڪرندڙ دونهون ۽ ڪيميڪل، گاڏين مان خارج ٿيندڙ دونهيون ڪراچي جي فضا کي گدلو ڪري ڇڏيو آهي. اڳ ۾ جن صنعتي علائقن، فيڪٽرين ۽ پاور پلانٽس جو ذڪر ڪري آيو آهيان جن مان نڪرندڙ دونهون ۽ گيس ڪراچي جا ماڻهو ساهه وسيلي پنهنجي اندر اوتي رهيا آهن. ان ڪانسواءِ سياري جي موسم ۾ ڪراچي ۾ ڪوهيڙي ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي.

ٽرئفڪ انجنيئرنگ بيورو ۽ اين اي ڊي انجنيئرنگ يونيورسٽي جي رپورٽ موجب هن وقت ڪراچي جي رستن تي 30 لکن ڪان مٿي گاڏيون هلي رهيون آهن ۽ انهن ۾ هر سال 15 سيڪڙو جي حساب سان واڌارو ٿي رهيو آهي. جنهن جو وڏو سبب مختلف بئنڪن ۽ ادارن پاران آسان قسطن تي گاڏيون ڏيڻ آهي. ڪراچي جي روڊن تي فقط گاڏين مان ساليانو 250000 ٽن ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ، 25070 ٽن نائٽروجن آڪسائيڊ، 2600 ٽن هائڊروجن ڪاربن ۽ 450 ٽن شيهو فضا ۾ خارج ٿيندو آهي. جيڪو ڪراچي جا ماڻهو ساهه وسيلي جسم ۾ داخل ڪري رهيا آهن، جنهن سان فضا ۾ آڪسيجن ۾ گهٽتائي ٿي رهي آهي جنهن جي ڪري ساهه جون ڪيترين بيمارين ڪانسواءِ ڪراچي جو 75 سيڪڙو ماڻهو هاءِ بلڊپريشر، ڇاتي، ڳلي جي ڪينسر، ققڙن، اکين، نڪ جي بيمارين جو شڪار آهي. رپورٽ موجب ڪراچيءَ ۾ صدر، ڪارودر، لي مارڪيٽ، بندر روڊ، گارڊن، گرومندر، لالو کيت، شير شاهه، منو در وارن علائقن ۾ رهندڙ هر هڪ ماڻهو فقط هڪ منٽ ۾ هڪ گرام ڪان به وڌيڪ اهو دونهون ساهه وسيلي پنهنجي جسم ۾ داخل ڪري رهيو آهي. فيڪٽرين جو دونهون هن ڪانسواءِ آهي. ماهرن جي رپورٽ موجب ڪراچي شهر جي فضا ۾ 2600 ٽن سلفر موجود آهي. جنهن سان ڪراچي جي گرمي ۾ ڏهه سينٽي گريڊ تائين واڌارو ٿي ويندو.

جنهن سان ڪراچي جي موسم تي تبديلي جا اثر ظاهر ٿي رهيا آهن. سردي ۾ به هتي گرمي محسوس ٿيندي آهي ۽ اتر جون هوائون جيڪي گهڻن بيمارين کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار آهن. انهن اثرن ڪري اهي هوائون گهٽ ٿيون آهن جنهن سان ڊينگي ۽ ڪانگو وائرس جهڙن مرضن ۾ واڌارو ٿيو آهي.

ڪراچي جي ڀرواڙي واري علائقن ۾ قائم سيمينٽ فيڪٽري جنهن ۾ جاويدان منگهو پير جيڪا هاڻي ڳتيل آبادي ۾ آهي پاڪ ليند گهگهر، لڪي سيمنٽ فيڪٽري ڪانوڙ سپر هاءِ وي تي قائم آهن. جن مان هزارين ٽن مٽي جو دز نڪري پير وارن علائقن کي متاثر ڪري رهيو آهي. جنهن سان هتان جي ماڻهن ۾ ٽي بي جهڙي مرض ۾ واڌارو ٿيو آهي. هن دز ڪري فصلن ڪانسواءِ آس پاس جا وڻ به متاثر ٿيا آهن ۽ انهن وڻن تي آڪيرو ڪنڌڙ پڪي به هي علائقو ڇڏي چڪو آهي. برساتن ڪانپوءِ ڦٽندڙ گاهه جيڪو هتان جا مالوند ماڻهو مال جي چاري طور استعمال ڪن ٿا. دز ڪري اهو به خراب ٿي ويو آهي ۽ مال جو چارو ختم ٿي ويو آهي.

ڪراچي جي ٽرئفڪ ۾ بي پناهه واڌاري ڪري آواز جي گدلاڻ ۾ به واڌارو ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ گاڏين جو شور، انهن ۾ لڳل پريشر هارنن جو شور ۽ ڪارخانن جو شور، چاڪاڻ ته ڪراچي ۾ قائم ڪارخانا رهائشي اسڪيمن ۾ قائم آهن. ڊاڪٽرن جي رپورٽ موجب آواز جي گدلاڻ ڪري ماڻهن جي روئي ۾ تبديلي اچي رهي آهي، جنهن ۾ ڪاوڙ، بيزاري، چڙ، ٿڪاوٽ، ذهني بيمارين، ڪنن جي بيمارين، خاص ڪري ٻوڙاڻ ۽ بيقراري جون شڪايتون عام ٿي ويون آهن. جنهن جي ڪري ڪراچي جا شهري سڪون لاءِ ننڊ جي گورين جو استعمال گهٽي مقدار ۾ ڪري رهيا آهن جيڪو پنهنجي جاءِ تي هڪ خطرناڪ رجحان آهي.

ان ڪانسواءِ سامونڊي جيوت لاءِ هڪ ٻيو خطرو پيپلس ڪالوني ۾ قائم 2000 هزار ايڪڙن تي قائم مينهن جا واڙا آهن. انهن جي سيوريج جو پاڻي ۽ ٻيو گدلو مادو، ليڙين واري ڍوري ۾ ٻين ڍورن وسيلي لٺ ٻستي ڳوٺ لڳ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. هن ڪانسواءِ لانڍي ۾ قائم ڪوس گهر ۾ جانورن جي ڪسجڻ ڪانپوءِ تمام گند، رت وڏي مقدار ۾ سمنڊ ۾ ڇڏيو وڃي ٿو. اهو تمام گند سامونڊي حياتي جنهن ۾ تمر جا ٻيلا به اچي وڃن ٿا زهر بنجي رهيو آهي.

**بندر وارن علائقن ۾ ڇڏيل تيل وارو گدلاڻ:**

ڪراچي جا ٻئي بندرگاهه ڪراچي پورٽ ۽ بن قاسم پورٽ به شديد گدلاڻ ڪي جنم ڏيئي رهيا آهن. تباهه ڪن سامونڊي گدلاڻ جو هڪ سبب تيل جو سمنڊ ۾ ڇڏڻ آهي. جيڪو فوري طور نقصان جو سبب بڻجي ٿو. تيل جي سمنڊ جي مٿاڇري تي ڦهلجڻ کي روڪڻ تمام ڏکيو آهي. آئل ٽنئڪرن، فيشنگ ٻوٽس، وڏن ٽرالرن، جهازن مان نڪرندڙ تيل، گڏاڻي جي ساحل تي جهازن کي ٽوڙڻ

واري ڪارخاني مان جهازن اندر بچيل گندو مواد، تيل، موبل آئل ۽ ٻيو گند به سمنڊ ۾ اڇلايو وڃي ٿو. ان جا اثر به ڪراچي جي ڪنارن تي ظاهر ٿي رهيا آهن.

پورٽ قاسم ۽ ڪراچي پورٽ تي لنگر انداز ٿيندڙ سامونڊي جهاز اڪثر پنهنجو هزارين گيلن فالتو تيل سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيندا آهن. ان ڪانسواءِ انجڻ آئل تبديل ڪرڻ ڪانپوءِ خراب موبل آئل ۽ آئل فلٽر به سمنڊ ۾ اڇلايا وڃن ٿا. اهو هزارين گلين موبل آئل، سڙيل تيل انتهائي ڪارو هوندو آهي، جنهن جي ڪري به سمنڊ جي گدلان ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو آهي.

تيل وارن جهازن لاءِ ڪراچي بندرگاهه تي ٽي ۽ پورٽ قاسم ۾ ٻه گوديون ٺهيل آهن. ڪراچي بندر جي انهن گودين ۾ ساليانو 400 تيل ڪٽي ايندڙ جهاز لنگر ڪن ٿا. هڪ اندازي موجب هڪ جهاز 50 هزار ٽن خام تيل ڊسچارج ڪندو آهي. حفاظتي انتظام نه هئڻ جي برابر آهن، ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻنهي بندرن تي ڪو به بندوبست نه هجڻ ڪري وڏن حادثن جي صورت ۾ ڪجهه نٿو ڪري سگهجي. جنهن جو هڪ مثال تسمان اسپرٽ جي ٽٽڻ وارو حادثو آهي. هي جهاز 27 جولاءِ 2003ع هڪ وڳي جيڪو پاڪستان نيشنل شپنگ ڪارپورريشن چارٽر ڪيو هو جنهن ۾ 67500 ٽن تيل موجود هو. ڪراچي بندرگاهه کان 1.4 نائيٽڪل ميلن جي فاصلي تي بين الاقوامي چينل ۾ ڦاسي وڃڻ ڪري، 235 ميٽر ڊگهو تسمان اسپرٽ ٻه ٽڪرا ٿي ويو. جنهن جي ڪري 20 هزار ٽن کان وڌيڪ تيل سمنڊ ۾ وهي ويو. جنهن جي ڪري هزارين جي تعداد ۾ پاڻي جو جيوت مري ڪنارن سان اچي لڳو. تمر جي وڻن کي شديد نقصان پهتو. نوان ڦٽندڙ تمر جا ننڍا ٻوٽا ختم ٿي ويا. ڪراچي جي سامونڊي ڪناري کي تفريح لاءِ اچڻ وارن لاءِ هڪ مهيني تائين پابندي لڳائي ويئي ۽ ڪناري تي وسندڙ ڳوٺن، رهائشي اسڪيمن ۾ ماڻهن کي ساهه کڻڻ ۾ شديد تڪليف ڪيترن مهينن تائين موجود رهي.

اهو ڪو پهريون واقعو نه هو. هن کان اڳ 14 آگسٽ 2002ع تي ”گولڊن گيٽ“ نالي تيل ڪٽي ايندڙ جهاز کي حادثو پيش آيو ته هزارين ٽن تيل سمنڊ ۾ وهي ويو. 15 سيپٽمبر 2002ع تي ”اٽلس“ نالي تيل ڪٽي ايندڙ جهاز ڌٻڻ ۾ ڦاسڻ ڪري پنهنجو هزارين ٽن تيل سمنڊ ۾ وهائي ڇڏيو. 21 آڪٽوبر 1998ع ۾ مالٽا جو هڪ تيل ڪٽي ايندڙ جهاز ”سن مرسيٽ“ پاڪستان نيوي جي هڪ آئل ٽئنڪر ”پي. اين نصر“ سان ٽڪرائجي ويو جنهن جي ڪري ٻنهي مان هزارين ٽن تيل سمنڊ ۾ وهي ويو. 2 ڊسمبر 1999ع تي هڪ پرڏيهي جهاز ملڪ واپس ورندي لکين گيلن ڪارو تيل ۽ ڪيميائي مادو ڦٽي ڪريڪ ۾ اڇلايو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪاري تيل جي تهه سان 120 چورس ڪلوميٽرن تي ڦهليل سامونڊي مٽاچرو ڪاري تيل سان ڍڪجي ويو. انهن سيني حادثي ڪري ڪراچي پورٽ کان قاسم بندر واري علائقي تائين وارو سمورو علائقو گدلو ٿي چڪو آهي. سمنڊ جي ڪناري

ڪان 40 ڪلوميٽر اندر تائين تيل جو هڪ ٿلهو تهه ڄمي چڪو آهي. ساموندي ڪناري ۾ حڪومت ۽ مختلف اين. جي. اوز پاران لڳايل 800 ڪان متي ايڪڙن تي پوکيل تمر جي ٻوٽن کي سخت نقصان پهتو. گهڻي حد تائين اهي ختم ٿي ويا آهن.

ان ڪانسواءِ ساحل تي تفريح لاءِ ايندڙ ماڻهن جي ڪاڏ خوراڪ، بوتلن، دٻن، پلاسٽڪ جي ٿيلهين جي ڪري گندگيءَ جا ڍير موجود آهن، جيڪي لهرن سان سمنڊ ۾ وڃي گدلاڻ ۾ واڌارو ڪري رهيا آهن. پورٽ قاسم اٿارٽي ۽ ڪراچي پورٽ جي انتظاميا کي هن پاسي ڌيان ڏيڻ گهرجي. جهازن مان رسندڙ تيل، آئل ٽئنڪر جيڪي شيرين جناح ڪالوني ۾ ٽرمينل ۾ موجود آهن. هتان ٻه هزارين گيلن تيل سمنڊ ۾ وڃي ٿو جنهن لاءِ مثالي آئل ٽرمينل جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

**ڪچري وارو گدلاڻ:**

ڪراچي ۾ گدلي پاڻي، گيس مليل زهريلي پاڻي، زهريلي مواد ڪانسواءِ روزانو 9000 ٽن ڪچرو پيدا ٿئي ٿو. ڪراچي ۾ ڪچري لاءِ ٻه ليند فل سائيٽ آهن. جنهن مان روزانو 2000 ڪان 2500 ٽن جام چڪرو ليند فل جيڪو ديهه جام جو چڪرو منگهو پير ۾ قائم آهي، پهچايو وڃي ٿو. گوند پاس جيڪو حب ريور روڊ تي آهي، هتي روزانو 1500 ڪان 2000 ٽن ڪچرو پهچي ٿو. ان ڪانسواءِ پاڪستان مشين ٽول فيڪٽري ۽ لانڍي پاسي ٻه غير سرڪاري ليند فل سائيٽ آهن جتي 500 ٽن روزانو ڪچرو پهچي ٿو. اهڙي طرح انهن ليند فل سائيٽن ڏانهن 9000 هزار ٽن مان فقط 4000 ڪان 5000 هزار ٽن ڪچرو پهچي ٿو. باقي پورو ڪچرو شهر ۾ موجود رهي ٿو. انهن سيني ليند فل سائٽس ۾ ماحولياتي سسٽم جي حوالي سان ڪو مناسب بندوبست ڪيل نه آهي. انهن ليند فل سائٽس جا آس پاس ڳوٺ، ڪچري کي ساڙڻ ڪانپوءِ شديد دونهي ۽ ڌپ جو شڪار آهن. ڪراچي ۾ ري سائيڪلنگ انڊسٽري جي پاسي ڪو خاص ڌيان نه ڏنو ويو آهي. اڄ ڪان ڏهه ٻارنهن سال پهرئين جام چڪرو سائيٽ ۾ ڪاربيج ٽرانسفر اسٽيشن لڳائڻ جو منصوبو هو پر اهو اڄا تائين نه لڳايو ويو آهي. هتي ڪچري کي ڇاڻتي ڪرڻ جو ٻه منصوبو هو. انهن ليند فل سائٽس ڏانهن ويندڙ ڪچري گاڏين تي حفاظت جو ڪو مناسب بندوبست نه هئڻ ڪري اڌ ڪچرو گاڏين مان رهائشي علائقن ۾ ڪري وڃي ٿو. انهن سائٽس تي پهچڻ سان دونهون، ڪوهيڙو ۽ شديد ڌپ، هر پاسي ڦهليل ڪچرو، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ماڻهن جي آڌر ياءُ لاءِ تيار آهن. جتي هڪ منٽ بيهڻ مسئلو آهي. اندازو لڳايو ته آس پاس جي ڳوٺاڻن جو ڪهڙو حشر هوندو.

جيڪڏهن هن کي ري سائيڪل ڪيو وڃي ته هن مان ڪروڙين رپيا حڪومت کي آمدني ٿي سگهي ٿي. پرائيويٽ طور هڪ اين. جي. او "گل ٻهاؤ" 1994ع ڪان گهٽ پئماني تي ري سائيڪل جو ڪم ڪري رهي آهي. هن ڪانسواءِ اڻ سيڪڙو ڪچرو افغاني ٻارن ۽ ٻين خاندان جي ڪري

چانتي ڪانپوءِ ري سائيڪل ٿئي ٿو. جنهن ڪري غير سرڪاري طور 50 هزار ماڻهن جو روزگار ان سان ڳنڍيل آهي. ڪچرو ڪٺ ڻ ۽ ري سائيڪل ڪرڻ وارن انهن ماڻهن کي حڪومتي جي سرپرستي حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ خود حڪومت ري سائيڪل صنعت کي هٿي ڏسڻ سان هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن کي روزگار ملندو. ڪراچي کي گدلي ٿيڻ کان ڪنهن حد تائين محفوظ ڪري سگهجي ٿو.

متي ذڪر ڪيل گدلاڻ ڪري اسانجو سمنڊ گدلو ٿي رهيو آهي. ڪالهه وارو صاف ۽ شفاف سمنڊ اڄ ڪنهن گدلي پاڻي جو منظر پيش ڪري رهيو آهي. اسان جي لاپرواهي ۽ غفلت جي ڪري سامونڊي وسيلن ۽ لکين ماهيگيرن جي روايتي رزق کي شديد خطرو آهي. هڪ هزار کان متي پاڪستان جي سامونڊي پٽي مان 40 ڪلوميٽر ڪراچي جو ساحل وڌيڪ متاثر ٿيو آهي. انهن سببن ڪري سامونڊي ڪناري ۾ پاڻي جي جيوت جي هوالي سان ڪافي تبديليون رونما ٿي رهيون آهن. گذريل 30 سالن ۾ وڏي پئماني تي مختلف اسپس (Species) غائب ٿي چڪا آهن. بابا ڀٽ جي ٻيٽ ۾ 40 ڪروڙ سال پراڻو هڪ آبي جيوت Linguilaهوندو هو. هن جي خصوصيت اها هئي ته هن ۾ شروع کان وٺي اڄ تائين ڪا به ارتقائي تبديلي رونما نه ٿي هئي. پر هن ٻيٽ تي ٻيڙين جي وڌندڙ تعداد، سامونڊي گدلاڻ هن جانور جي خاتمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هي جانور سامونڊي گپ واري متي ۾ هوندو هو. انهن ٻيٽن ۾ تيل جي جميل تهن دلدل کي زهريلو ڪيو ته هي جانور به ختم ٿي ڪروڙين سالن جي موسمي تبديلين، طوفانن ۾ به هي جانور جيڪو رهيو، پر تيل واري زهريلي گدلاڻ هن جو خاتمو آندو. اجا به ممڪن آهي ته سمنڊ اندر ٻيٽن ۾ جتي انهيءَ گدلاڻ جو ايترو اثر نه ٿيو آهي هتي اهو موجود هجي. جنهن لاءِ حيوانيات جي ماهرن کي تحقيق ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪٿي اهو موجود هجي ته ان جي نسل کي بچائي سگهجي.

هي فقط هڪ جانور جو ذڪ ڪونهي اڄ کان 50 سال اڳ هتي جيڪي جانور، پکي ۽ ساوا ڪچون نظر ايندا هئا هاڻي انهن مان گهڻا ختم ٿي چڪا آهن. هڪ غير سرڪاري تنظيم اجا محنت ڪري ساون ڪچون جي نسل کي بچائڻ ۾ مشغول آهي. ڪورنگي ڪريڪ جي سامونڊي گپ، ٻلهيجي ۽ منهوڙي ۾ موجود پاڻي جي جيوت ابراهيم حيدري ۽ ريڙهي جي ڪنارن ۾ دنيا جو بهترين سپ وڏي تعداد ۾ موجود هوندو هو. هاڻي اهو سپ ڪجهه ختم ٿي ويو آهي.

35 سال اڳ هتي ڪيڪڙن جا ڪيترائي قسم هوندا هئا، ڪائڻ وارن ڪيڪڙن جي قسمن جي تعداد ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي. سامونڊي گدلاڻ سان گڏ حد کان وڌيڪ شڪار به ان جي نسل کي تباهي ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي. سامونڊي گدلاڻ ڪري ڊي. ڊي. ٽي جهڙي قاتل زهر ڪري انسان ۽ انهن مڇين، ڪيڪڙن، پکين ۾ بيماري ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. جنهن جي

ڪري Shore ۽ Seagulls ڪراچي جي سامونڊي ڪنارن کي الله واهي ڇوڙڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن. 60 ڪان مٿي پکين جو قسم تمر جي وڻن ۾ موجود هوندو هو. انهن جي ڪٽائي، سامونڊي گدلاڻ جي ڪري انهن جي واڌ ويجهه ۾ فرق اچڻ ڪري ۽ ختم ٿيڻ سان انهن پکين جي نسل ۾ به گهٽتائي اچي رهي آهي ۽ ڪو وقت ايندو ته اهي پکي اٽلپ ٿي ويندا.

روسي، جرمن ۽ آمريڪي سائنسدانن تحقيق بعد هڪ اهڙي بيڪٽريا جو انڪشاف ڪيو آهي جنهن جي تباهي سان ماحولياتي گدلاڻ ۾ واڌارو ٿي وجي ٿو. سائنسدانن موجب ان ماحول دوست بيڪٽريا جي تباهيءَ لاءِ صنعتي گدلاڻ ۽ صنعتن جو دونهون ۽ ٽرئفڪ جو دونهون ذميوار آهن. جڏهن ته نائٽريٽ ۽ سائنسن جي گدلاڻ به اهڙي ماحول دوست بيڪٽريا جي موت لاءِ ذميوار آهن. پاڻي ۾ آڪسيجن جي سطح مان گدلاڻ جو درست اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پاڻي ۾ آڪسيجن جي سطح کي گهٽ ڪرڻ وارا جزا گهڻو ڪري شهري آبادين ۾ ٿيندا آهن. آڪسيجن جي گهٽتائي سان مڇيون، ٻوٽا ۽ ٻيا پاڻي وارا جاندار مرڻ لڳندا آهن. اهي خطرا اسان جي آس پاس موجود آهن. جيڪي وڏي تيزي سان وڌي رهيا آهن. ڌرتيءَ جو ماحول جيئن پوءِ تيئن گدلو ۽ زهريلو ٿيندو پيو وجي. سمنڊ انسان جي وفادار دوستن مان هڪ دوست آهي. پر اسان هن وفادار دوست کي بدلي ۾ ڇا ڏيئي رهيا آهيون. جنهن سان اسان جو هي وفادار دوست تيزي سان گدلو ٿي رهيو آهي. هن زهريلي پاڻي جي ڪري سامونڊي حيات تباهه ٿي رهيو آهي. اهو زهر سامونڊي ڪاڏي وسيلي اسان جي کاڌ خوراڪ جو حصو بڻجي رهيو آهي. گڏيل قومن جي ”گلوبل واٽر ڪوالٽي مانٽرنگ پروگرام“ تحت پاڪستان ۾ پاڻي ۾ آڪسيجن جي سطح تي گدلاڻ جو درست اندازو لڳائڻ جا پنج مانيٽرنگ اسٽيشن قائم آهن، پر گهٽ ۾ گهٽ ڪراچي ۾ موجود اسٽيشن جي ڪارڪردگي بڙي آهي.

**تمر جي تباهي:**

سامونڊي پاڻي واري جيوت سان گڏ تمر جا ٻيلا به انهيءَ گدلاڻ ڪري تباهه ٿي رهيا آهن. پاڻي واري گدلاڻ مان مراد پاڻي جا ذخيرا، جن ۾ دريا، نديون، ڍنڍون ۽ سمنڊ جي گدلاڻ شامل آهي. سنڌو نديءَ کي قوم جي حياتي تصور ڪيو ويندو آهي. جنهن جو پاڻي نه فقط زراعت، صنعت، پر انساني استعمال ۾ به اچي ٿو. گڏوگڏ هماليه ڪان وٺي انڊس ڊيلٽا تائين حيواني ۽ نباتاتي زندگي جي ضمانت آهي. انهيءَ دريا جي ڪري سنڌو ماتريءَ جي تهذيب جنم ورتو. جابلو علائقي کان وٺي ميداني علائقن، ٻيلن کا وٺي سمنڊ تائين ڊيلٽا علائقا ۽ سرسبز چراگاهه، هر هنڌ زندگيءَ جو توازن هن دريا تي ٻڌل آهي. اترئين علائقن کان وٺي ڊيلٽا تائين هن پاسي قائم سيني شهرن، ڳوٺن جو گندو پاڻي فيڪٽرين جو زهريلو مادو، زراعت جي استعمال ڪانپوءِ هٽرادو پاڻ ۽ ڪيميائي دوائن وارو زهريلو سم وارو پاڻي هن ۾ شامل ڪري هن کي گدلو ڪيو ويو آهي ۽

تمام پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو، ۽ دريا جي ڪناري ڳوٺ ۽ شهر پيئڻ لاءِ اهو پاڻي استعمال ڪندا آهن. جنهن سان خاص ڪري حيدرآباد، ٺٽو، بدين، ٽنڊو محمد خان جيڪي پڇاڙ تي آهن هتان جا ماڻهو وڏيڪ متاثر ٿي رهيا آهن.

هڪ پاسي ڪراچي شهر جو پورو گند ٻئي پاسي اترئين علائقن پنجاب ۽ خود سنڌ جو زهريلو پاڻي سنڌو دريا، LBDO ۽ RBDO وسيلي سمنڊ ۾ ڪرڻ ڪري هتي موجود پاڻيءَ جي جيوت ۽ تمر (Mangroves) کي نقصان پهچائي رهيو آهي. اڳ پاڻي گهٽ هوندو هو ته زهريلي پاڻي جو مقدار هن ۾ نه هئڻ جي برابر هو پر هاڻي سنڌو ۾ پاڻي نه هجڻ جي برابر آهي. ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ دريا ۾ حيدرآباد شهر جو گدلو پاڻي سال ۾ اڪثر ڳڙ ٿيندو رهندو آهي. جنهن جو وڏو سبب سنڌو دريا تي ڊيم اڏڻ ۽ ڪئنال ڪڍڻ آهي. ٻئي پاسي شهرن جي وڏن، فيڪٽرين جي وڏڻ ڪري سنڌو ۾ زهريلي پاڻيءَ جو واڌارو ٿي رهيو آهي. جنهن سان ڊيلٽا مري رهيو آهي. سمنڊ اڳيان وڌي زرعي زمينون ۽ ڳوٺن کي ڳڙڪائي رهيو آهي.



**بوٽ بيسن لڳ تمر جا وڻ جيڪي تيزي سان تباهه ٿي رهيا آهن**

فطرت جي ڪا شيءِ بي مقصد نه آهي. ساحل تي موجود ساموندي ٻيلا جن کي تمر چيو وڃي ٿو مڇي، سانن (گهانگهٽن) ۽ ٻين گهٽن پاڻي جي جيوت لاءِ نرسريون ۽ پلجڻ واريون جايون آهن. ساموندي طوفانن کي روڪڻ جو وسيلو آهن. تمر جا اهي ٻيلا نه فقط طوفانن جي زور کي گهٽ ڪن ٿا ٻئي پاسي ساموندي ڪٽائو کان به روڪين ٿا. سونامي جي طوفانن جي جائزي ڪانپوءِ اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته جتي به تمر جا وڻ/ ٻيلا هئا، هتي تباهي گهٽ ٿي آهي. جتي ساموندي ڪناري تمر جي ٻيلن کي صاف ڪيو ويو هتي گهڻي تباهي ٿي آهي. 26 ڊسمبر 2004ع تي جڏهن هندستان جي رياست تامل ناڊو تي ساموندي طوفان حملو ڪيو ته هتي تمر جي گهاٽن ٻيلن طوفاني لهرن جو رستو روڪيو ته گهٽ نقصان ٿيو. جيڪڏهن بنگلاديش جي بدترين ٻوڏن جي سببن تي نظر وجهبي ته هتي خاص ڪري ڪلنا ۽ سندربن جي ڪنارن تي موجود تمر جي ٻيلن کي صاف ڪري چانور پوکڻ شروع ڪيو ويو. جنهن سان قدرتي ماحولياتي نظام کي بگاڙيو ويو ته هتي ٻوڏن تباهي مچائي ڇڏي. هن تباهي ڪانپوءِ فيبروري 1998ع کان عالمي بئنڪ بنگلاديش ۾

تمر جي پوک تي لکين ڊالر خرچ ڪري رهي آهي. تمر جا ٻيلا خطرناڪ لهرن جي طاقت کي گهٽ ٿا ڪن ۽ طوفاني هوائن جي زور کي به روڪين ٿا. آڪٽوبر 1999ع ۾ اڙيسا جتي سامونڊي ڪناري ايندڙ خطرناڪ سائيڪلون جي زور کي به تمر جي ٻيلن گهٽ ڪيو پوءِ به 10 هزار ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا ۽ 75 ماڻهو بي گهر ٿيا. تمر جا ٻيلا نه هجن ته اهو نقصان چوڻون ٿئي ها.

1999ع ۾ سنڌ جي ساموندي ڪنارن سان ٽڪرائجندڙ طوفان A2 سيني کي ياد هوندو. جنهن بدين ۽ ٺٽي جي ساموندي ڪنارن ۾ تباهي مچائي ڇڏي هئي. هن طوفان ۾ اُهي علائقا وڌيڪ متاثر ٿيا جتي تمر جا ٻيلا موجود نه هئا.

ڪراچي به اهڙن طوفانن جي مرڪز تي آهي. ڪنهن زماني ۾ ڪياماڙي کان گهگهر تائين ساموندي ڪريڪس ۾ تمر جا گهاٽا ٻيلا موجود هئا. مٿئين بيان ڪيل سببن ڪري تمر جا ٻيلا ڪراچي واري ساموندي پٽي تان گهٽ ٿيندا وڃن. انهن جي گهٽتائي جا ڪهڙا سبب آهن پر ڪراچي جي ساموندي پٽي ۾ ترقي جي نالي ۾ ڪراچي جي شهر ۽ بندر جي گدلاڻ ڪري ۽ بنا ڪنهن سار سنڀال جي اهي ٻيلا تباھ ٿي رهيا آهن. وڏو سبب سنڌو دريا ۾ پاڻي جي گهٽتائي ڪري به تمر جا ٻيلا ختم ٿي رهيا آهن. اڳ سنڌو گسري وٽان به هڪ شاخ وسيلي چوڙ ڪندي هئي. چينا ڪريڪ کان وٺي سير ڪريڪ تائين 17 ڪريڪن ۾ مٺي پاڻي جي موجودگي ڪري تمر جو وڻ آهي. هڪ اٺ جي خوراڪ ۾ 40 ڪلوگرام تمر جو چارو شامل هوندو آهي. متبادل بندوبست نه هئڻ ڪري مقامي ماڻهو هر مهيني اوسطا 183 ڪلوگرام تمر جو ڪاٺ ٻارڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو. هاڻي ڪراچي جي ساحل تي وڏي انگ ۾ افغاني تمر جي وڻ کي ڪٽي وڪڻي رهيا آهن.

سنڌو درياھ جي چوڙ واري ڊيلٽائي علائقي ۾ چئن قسمن جا تمر جا وڻ ٿين ٿا.

Rizo phoraceae

Avi cenniaceae

Myrsinaceae

Sonneratiaceae

Myrsinaceae جو هڪ قسم Cornisulatum Ceras Aegi سڀ کان اڳ ختم ٿي ويو. هتي موجود 99% سيڪڙو Avicennia Marina تمر جي آهي. هن جي بچڻ جو وڏو سبب هي آهي اها جنس ڏکين ماحولياتي حالتن جو مقابلو ڪري سگهي ٿي. ڊيلٽا 17 ڪريڪس تي ٻڌل سنڌ جو هي وسيع علائقو جنهن جي پکيڙ ڪراچي کان رڻ ڪڇ سير ڪريڪ تائين 52،800 چورس ڪلوميٽرن تي آهي. هي دنيا جو ستون وڏي ۾ وڏو ڊيلٽا آهي. ڊيلٽا جي علائقي ۾ 32 لک ماڻهو رهن ٿا. جنهن

جو گذر بسر ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان سمنڊ سان واڳيل آهي. تمر جي تباهي سنڌو ۾ پاڻي گهٽجڻ ڪري مڇي گهٽ مري رهي آهي. جنهن جي ڪري اهي ماڻهو وڏي تعداد ۾ بيروزگار ٿي رهيا آهن. ماهيگيرن جي وڏي آبادي ڪراچي جي ساموندي ڪناري تي رهي ٿي.
انساني سرگرمين انهن علائقن کي متاثر ڪرڻ شروع ڪيو آهي. تمر جي ٻيلن جي تباهي هتي رهائشي اسڪيمون ناهڻ، جاين ۽ گهمڻ وارين جاين ۽ هوٽلن جي اڏاوت فطري ماحول ۾ دخل اندازي آهي. 1982ع ۾ اوير ايشيا جو علائقو 20% سيڪڙو ٻيلن سان ڍڪيل هو ۽ هن ۾ هڪ اندازي موجب 6% گهٽتائي اچي وئي آهي. تمر جي ٻيلن جي حوالي سان سنڌ جا ساموندي ڪنارا مالا مال آهن. سنڌو درياهہ ڪري هزارين سالن جي محنت سان ڊيلٽا ٺهيو جيڪو تمر جي ٻيلن سان ڍڪيل هو.



**ريڙهي مياڻ لڳ سمنڊ ۾ تمر جي وڻن جو ٻيلو جنهن جي ڪٽائي ڪري ٻيلي کي تباهہ ڪيو پيو وڃي.**

تمر لاءِ کارو ۽ مٺو پاڻي ضروري آهي. گهڻا ساموندي جيوت انهن ٻيلن ۾ پرورش وٺن ٿا هتي آنا لاهيندا آهن هتي واڌ ويجهہ ڪري پوءِ اونهي سمنڊ ڏانهن وڃن ٿا. گهانگهٽن ۽ ٻين ساموندي حيات مان پاڪستان فقط ايڪسپورٽ جي مدد ۾ ساليانو 100 ملين آمريڪي ڊالرز ڪمائي ٿو. پنهنجي ملڪ ۾ هن جو استعمال ڏار آهي. ٻين سببن سان گڏ تمر جي ٻيلن جي گهٽتائي ڪري اهو پئسو گهٽجي رهيو آهي ۽ مقامي ماهيگير سخت متاثر ٿي رهيو آهي. هڪ تحقيق موجب 99% سيڪڙو سانا ۽ مڇيون پنهنجي زندگيءَ جو ڪجهہ نہ ڪجهہ حصو ضرور انهن تمر جي ٻيلن ۾ گذارين ٿا. سنڌ جي ساحل مان 70% سيڪڙو ۽ بلوچستان جي ساحل مان (جيڪو سنڌ جي ساحل کان ٻيڻو آهي) 30% سيڪڙو مڇي ۽ سانا حاصل ٿين ٿا. سنڌ جي ساحل جو وڏي ۾ وڏو مرڪز ڪراچي آهي. ڪراچي جو ساحل بہ ڊيلٽا جي 17 ڪريڪن مان انهن ڪريڪس تي آهي. جتي بہ ڪنهن دور ۾ تمر جا گهاٽا ٻيلا موجود هئا. پر ماحولياتي گدلاڻ جنهن ۾ ڪراچي شهر جو گدلو پاڻي، صنعتن جو زهريلو مادو ۽ گيس، پاور پلانٽس جو زهريلو گيس، پورٽ وارن علائقن

۾ تيل وارو گند سمنڊ ۾ اڇڻ ڪري، ٻئي پاسي سنڌو ۾ پاڻي گھٽجڻ ۽ متبادل وسيلو نہ هجڻ ڪري انن جي چاري، ٻارڻ لاءِ ڪاٺ حاصل ڪرڻ، وڏيڪ رهائشي علائقن لاءِ سمنڊ مان زمين حاصل ڪرڻ جي حوص تمر جي ٻيلن کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. چيو وڃي ٿو تہ انڊس ڊيلٽا ۾ موجود تمر جا ٻيلا دنيا جي ڇهين نمبر وڏي ٻيلن مان هڪ آهي. اڄ کان 50 سال اڳ هتي تمر جا 8 قسم موجود هئا ۽ هاڻي وڃي 4 بچيا آهن ۽ ڏنو وڃي تہ فقط هڪ قسم ايوي سينا مرينا موجود آهي. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ سرڪاري انگن اکرن موجب انڊس ڊيلٽا ۾ هڪ اندازي موجب 3 لک 63 هزار هيڪٽر (12 لک ايڪڙ) تي تمر جا گھاٽا ٻيلا موجود هئا. 1978ع جي هڪ سروي موجب هي ٻيلا فقط ہہ لک 63 هزار هيڪٽرن تي بچيا هئا. حالتون خراب ٿينديون ويون 1990ع ۾ ڪيل سروي موجب هي ٻيلا فقط هڪ لک 58 هزار 500 هيڪٽرن تي رهجي ويا آهن. انهن ٻيلن جي ساليانی گھٽتائي جو سيڪڙو 1.2% آهي. جنهن ۾ هر سال واڌارو ٿي رهيو آهي. 60 واري ڏهاڪي ۾ 15 کان 17 سيڪڙو علائقو خالي هو. 1979ع ۾ سيٽلائيٽ جي وسيلي حاصل ڪيل تصوير موجب خالي علائقو 24 سيڪڙو ٿي ويو. 80 واري ڏهاڪي ۾ اهو رقبو 35 سيڪڙو ۽ 2006ع مطابق خالي ٿيل علائقو 47 سيڪڙو ٿي ويو آهي.

ڪوسٽل ايڪو سسٽم جي بقا جو دارومدار تمر جي ٻيلن تي آهي جيڪڏهن تمر جي ٻيلن کي نہ بچايو ويو تہ موجود ايڪوسسٽم درهم برهم ٿي ويندو. جنهن سان پاڻي وارو جيوت ۽ سامونڊي ڪنارا سخت متاثر ٿيندا. تمر جا وڻ فقط مڇين ۽ ٻين پاڻي واري جيوت جي پرورش نٿا ڪن پر اهي خوبصورت پکين ۽ ماڪيءَ جي مکين جا بہ پناهہ گاهہ آهن. آس پاس جي زمين کي آڪسيجن فراهم ڪن ٿا. فضا ۾ موجود سلفر جي سطح کي بہ گھٽ ڪن ٿا ۽ زرخيز زمين جي مٽي کي سمنڊ ۾ ڪرڻ کان روڪين ٿا.

ماحوليات جي ماهرن موجب سمنڊ جي وڌندڙ پاڻي Sea Water Intrusion کي زمين ڏانهن اچڻ کان روڪڻ لاءِ گھٽ ۾ گھٽ 27 ملين ايڪڙ فٽ M.A.F پاڻي سمنڊ ۾ ڇڏڻ گھرجي. انهيءَ حساب ڪتاب کان گھٽ پاڻي اچڻ جي صورت ۾ تمر جي ٻيلن ۾ ڪاراڻ جي مقدار وڌڻ ڪري اهو ختم ٿي سگھي ٿو ۽ ختم ٿي رهيو آهي. انهيءَ جي حفاظت لاءِ اڄ بہ ڪو قدم نہ کنيو ويو تہ اهو خزانو وڃائي ويهنداسين. انهيءَ سان جيڪو نہ پرجڻ جوڳو نقصان سنڌ جي سامونڊي ڪناري وارن علائقن کي پهچندو ان جو ازالو شايد ڪڏهن بہ نہ ٿي سگھي. هڪ جاپاني چوڻي آهي تہ، ”زمين تي وڻ نہ رهندو تہ سمنڊ ۾ ڪا بہ مڇي نہ رهندي.“

ماحولياتي مسئلن جي شڪار لاءِ ڪراچي کي وڌ ۾ وڌ تمر جي وڻن جي ضرورت آهي. هي عام وڻن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آڪسيجن فراهم ڪن ٿا. ماهر انهن کي ڪراچي جا ڦڦڙ بہ چون ٿا.

ڪراچي ماحولياتي گدلاڻ ڪانسواءِ تمر جي ختم ٿيڻ جو وڏو سبب سمنڊ مان زمين حاصل ڪرڻ جو جنون به آهي. سمنڊ جون ڪاريونCreeks فطري ماحولياتي نظام جو حصو آهن. ڪراچي ۾ چينا ڪريڪ کي ته انگريزن به هٿ نه لاتو. پر اسان هن سان ڇا ڪيو هڪ پاسي مائي ڪلاچي باءِ پاس ٺاهي، هتي موجود تمر جي وڻن کي ختم ڪيو ۽ هاڻي هن جو منهن بند ڪري هن ڪريڪ کي رهائشي اسڪيمن جي استعمال جي تياري ڪئي پئي وڃي. چينا ڪريڪ مائي ڪلاچي بائي پاس کان بوٽ بيسن تائين ڦهليل آهي. جنهن جي مالڪيءَ جو حق K.P.T وٽ آهي، جتي هو رهائشي منصوبي بندي ۾ مصروف آهن. انهيءَ عمل سان بچيل تمر جو وڻ به ختم ٿي ويندو. ڪراچي بندرگاهه جيDesilting جو قدرتي عمل به متاثر ٿيندو. چينا ڪريڪ جي منهن بند ڪرڻ سان اهو عمل پهرئين متاثر ٿي ويو آهي. سمنڊ جو واڌو پاڻي هن ڪريڪ ۾ اچي ٿو، جنهن جي هڇڻ ڪري Silt به آٽيندو آهي ۽ بندرگاهه جي صفائي به ٿيندي هئي. اها قدرتي Desilting جو عمل صدين کان جاري آهي پر هاڻي هن ڪري ڪراچي جي پهرئين ناظر نعمت الله خان هتي ڪجهه حصي تي پارڪ ٺاهي بلڊرز مافيا جي قبضي کان ڪجهه علائقو بچايو آهي.

ڪراچي ۾ اجان تائين 360 ايڪڙ زمين سمنڊ مان حاصل ڪري هتي رهائشي اسڪيمون بنايون ويون آهن. باٿ آءِ لينڊ، ڊيفنس هائوسنگ جو فيز 8 به سمنڊ مان حاصل ڪيل زمين تي بنايا ويا آهن. ڪريڪ سٽي ۽ ٻيا، منصوبا به انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون آهن. جنهن جي ڪري ڪورنگي ڪريڪ جي علائقي ۾ فطري حياتيات جو خاتمو ٿي ويندو.

ڪياماڙي کان بوٽ بيسن ۽ گسري کان ملير نئين جي چوڙ تائين تمر جا گهاٽا ٻيلا هئا جيڪي آهسته آهسته مختلف رهائشي ۽ ترقياتي اسڪيمن جي زد ۾ اچي ختم ٿي ويا آهن. سمنڊ جي ٻينل پاڻي ۾ مٽي پرائي زمين حاصل ڪرڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي. جنهن سان هڪ نئون خطرو پيدا ٿي رهيو آهي. مولوي تميزالدين روڊ جتان مائي ڪلاچي باءِ پاس شروع ٿئي ٿو، 22 ايڪڙ زمين آمريڪي قونصل خاني جي اڏاوت لاءِ ڏني وئي آهي جيڪڏهن اهو منصوبو شروع ڪيو ويو ته حفاظتي انتظام جي پيش نظر هتي موجود تمر جا وڻ ختم ڪيا ويندا.

هاڻوڪي برساتن ۾ ڪلفٽن، باٿ آئي لينڊ، صدر، آءِ آءِ چندريگر روڊ تي ٻوڏ واري صورتحال ٿي ويئي هئي جنهن جو وڏو ڪارڻ چينا ڪريڪ کي بند ڪرڻ، هتي رهائش لاءِ زمين حاصل ڪرڻ آهي. ڇاڪاڻ ته جيل وٽان هڪ برساتي ڊورو جيڪو سولجر بازار، بلديا جي پراڻي دفتر، حبيب اسڪول، شاهين ڪمپليڪس، ڪچي آبادي اٿارٽي آفيس، سلطان آباد ۽ هجرت ڪالوني کان ٿي چينا ڪريڪ کان سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو ۽ واڌو پاڻي پاسي ۾ ٻينل تمر جي ٻيلي ۾ وڃي ٿو. رهائشي اسڪيمن لاءِ زمين حاصل ڪرڻ وقت انهيءَ ۽ ڊوري جو منهن سوڙهو ڪيو ويو. جنهن

جي نتيجي ۾ پاٽيءَ جو نيڪال بند ٿي ويو ۽ پورو علائقو ٻوڏ جي نظر ٿي ويو. تمر جي وڻن واري انهيءَ تلاءُ ۾ ستي اسٽيشن کان اينڊڙ گٽر نالو به ڪري ٿو. جيڪڏهن اهو ختم ڪيو ويو ته ستي اسٽيشن ڪارو در، نيو چالي وارو علائقو برساتن ۾ ٻڏي ويندو. ڪلفٽن ۾ بوٽ بيسن جي علائقي ۾ خيابان فردوس ۽ خيابان غالب به اهڙي نموني زمين حاصل ڪري بنگلا اڏيا ويا آهن.

تازو ٻن ٻيٽن ڏنگي ۽ ٻُنڊار تي به نون شهرن اڏڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي. جنهن سان وڏي ماحولياتي تباهي ايندي. آس پاس تمر جا ٻيلا ختم ڪيا ويندا ۽ هتي رهندڙ ماهي گير بيروزگار ٿيندا ۽ ٻنهي شهرن جو گند سمنڊ ۾ ڇڏي ويندو. جنهن سان هتان جو ماحولياتي نظام Eco System وڏيڪ تباهه ٿي ويندو.

International Convention For Lievlihood جي تحت اها پابندي آهي ته سمنڊ مان زمين حاصل ڪرڻ کان اڳ ڏٺو وڃي ته هن عمل جي نتيجي ۾ ماڻهن جي روزگار تي ڪو اثر ته نٿو پوي. Bio Diversity جو عالمي ڪنوينشن ۾ ڪنهن ٻوٽي يا حيوان جي قدرتي جاءِ پيدائش ۽ جاءِ متعلق عالمي ڪنوينشن International Habitat Convention به اهو ئي چوي ٿو. پاڪستان ان سيني ڪنوينشنن تي صحيحون ڪيون آهن. تنهنڪري اسان تي به اهي پابنديون لاڳو ٿين ٿيون. پر پاڪستان ۾ انهن قانونن، خود پنهنجي ناهيل قانونن جو ڪو احترام ڪونهي. هڪ حيوان ۽ ٻوٽي جي پيدائش واري جاءِ متاثر ٿيڻ تي پنهنجي جاءِ تي هتي ته ڳوٺن جا ڳوٺ لڏايا ويا ۽ ختم ڪيا ويا آهن. ٻيلن کي پنهنجي مفاد لاءِ ختم ڪيو وڃي ٿو.

Law Of The Ocean Coastal Nations جو معاهدو موجود آهي، پر هن تي عمل ڪير ڪرائي؟ ساحلي علائقن ۾ زمينون گهٽو اڳ مقامي ماڻهن کان ڦري حڪومت پنهنجي حوالي ڪيون آهن. ملڪي ۽ بين الاقوامي قانون جي پاسداري لاءِ ته عوام کي چيو وڃي ٿو پر خود حڪومتي ادارا هن ڏوهه جا ڏوهاري آهن. انهن سيني ماحولياتي گدلاڻ وارن مسئلن سان گڏوگڏ هڪ مسئلو ڊيپ سي فشنگ پاليسي به آهي. جنهن جي ڪري به خطرناڪ رجن ۽ معمولي فيس جي ڪري وڏن ٽرالرن کي اجازت ڏيڻ سان ساموندي ڪاڌو جنهن ۾ مڇي ۽ سانا شامل آهن وڏي تعداد ۾ مارڻ سان اسان جا وسيلا بي رحمي سان تباهه ٿي رهيا آهن ۽ اسان جو ماهيگير تيزي سان بيروزگار ٿي رهيو آهي.

پاڪستان ۾ فشنگ ٽرالرز جي اچڻ جي شروعات 80 واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿي. هن کان اڳ اهي لڪي اسان جي ساموندي حدن مان شڪار ڪري ويندا هئا. انهن جي مڇي مارڻ جو طريقو اهو آهي ته ٽنن جي حساب سان ننڍي وڏي مڇي ماري، ايڪسپورٽ ڪوالٽي ڪٽي باقي سيئي مئل مڇيون جيڪو 90%سيڪڙو هوندو آهي، سمنڊ ۾ اڇلايو ويندو آهي هن حرڪت ڪري مڇي جي

نسل ڪشي سان گڏوگڏ ساموندي گدلاڻ ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. ٻاٽم ٽرالر سمنڊ جي اونهائي ۾ وڃي سيني پاڻي جي جيوت کي متي ڪٽي ٿو اچي جنهن ۾ مڇي ۽ ٻين پاڻي جي جيوت جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي. 14 ٽرالرن کي ٽيونالانگ لائينس ڏنا ويا آن. ربن فش جيڪي جاپاني ٽرالر 45 سينٽ في ڪلوگرام جي حساب سان وڪرو ڪري پئسو ڪمائي رهيا آهن ۽ اسانجو ماهيگير حسرت سان فقط اهي ڳالهيون ٻڌي ٿو. جنهن حساب سان ربن فش جو شڪار ٿي رهيو آهي ايندڙ ڪجهه سالن ۾ هي بلڪل ختم ٿي ويندو.

چين، ڪوريا، جاپان، تائيوان جا ٽرالر پاڪستاني ڪمپنين کي پاڻ سان شامل ڪري ڪاغذن ۾ جوائنٽ وينچر جي شڪل اختيار ڪري رهيا آهن. انهيءَ جوائنٽ وينچر جي نالي تي اسان جي قدرتي دولت کي تباهه ڪيو پيو وڃي. جيڪڏهن حڪومت هن پاسي ڌيان نه ڏنو ته سمنڊ خالي ٿي ويندو.

بولو، ڳچو ۽ قطرو رڇ وارو مسئلو تمام پراڻو آهي. 2.5 سينٽي ميٽر سوراخ واري رڇ ۾ مڇيءَ جو ٻچو به مري وڃي ٿو. جيڪو آبي حيات لاءِ خطرناڪ آهي جنهن سان به مڇي جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي. ڪراچي جي ساموندي پٽي ۾ بنگالين ۽ پناڻن جي اچڻ ڪري انهن رڇن جو استعمال وڌي ويو آهي. انهن کي ڏسي هتان جو مقامي ماهيگير به وڌ ڪان وڌ مڇي مارڻ جي لالچ ۾ انهن رڇن کي استعمال ڪري رهيو آهي. هاڻي ته واٽرنيٽ جو استعمال وڌي رهيو آهي جيڪو سيني رڇن کان خطرناڪ آهي. هي هڪ سنهي جاري آهي جنهن مان فقط پاڻي گذري سگهي ٿو. چاندي وانگر چمڪندڙ هي جاري به آبي حيات لاءِ وڏو خطرو آهي.

**<u>خوبصورت فائلين ۾ بند قانون ۽ آرڊيننس:</u>**

انهن سيني غير قانوني طريقن کي روڪڻ لاءِ قانون موجود آهن. ماحولياتي گدلاڻ کي ڪنٽرول لاءِ هتي پاڪستان ۾ صوبائي ۽ وفاقي سطح تي ماحوليات جو ادارو ۽ هن جا هينيان ادارا موجود آهن. سنڌ انوائر مينٽل پروٽيڪٽ ايجنسي (SEPA) جيڪو حڪومت سنڌ جي هائوسنگ ٽائون پلاننگ ۽ ماحوليات کاتي سان ڳنڍيل هڪ ذيلي ادارو آهي. هي ادارو 1989ع ۾ قائم ڪيو ويو. هيءَ هڪ مانيٽرنگ ايجنسي آهي. 1993ع ۾ نوٽيفڪيشن ۾ ماحولياتي تحفظ جي حوالي سان صنعتن لاءِ جيڪو معيار مقرر ڪيو ويو آهي، SEPA ان جي نگراني ڪندو آهي. هن آرڊينينس موجب پهرئين جولاءِ 1994ع کان لڳندڙ سيني ڪارخانن لاءِ اهو لازم هوندو ته هو ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳائن ۽ قانون جي پاسداري ڪن. پهرين جولاءِ کان اڳ ۾ قائم سيني ڪارخانن لاءِ اهو لازمي قرار ڏنو ويو هو ته اهي جولاءِ 1996ع تائين ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳائن. هن قانون تحت جيڪڏهن ڪو يونٽ قانون جي خلاف ورزي ڪندو ته ان تي هڪ لک رپيا ڏنڊ وڌو ويندو ۽ مالڪ کي ٻن سالن

تائين قيد جي سزا ڏني ويندي ۽ جيڪڏهن ڪو مسلسل خلاف ورزي ڪري ٿو ته 10 هزار رپيا روزاني جي حساب سان وڌيڪ ڏنڊ ورتو ويندو.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته هن قانون تي ڪيتري حد تائين عمل ڪيو ويو آهي. قانون تي عمل ڪير ڪرائيندو؟ هن قانون جي پڄاڙي سرڪاري شعبي پاران قائم ڪارخانا وڌيڪ ٿا ڪن. ڪراچي ۾ مڇي مارڻ لاءِ سمنڊ ۾ قانون جي پاسداري ڪرائڻ لاءِ ڪيترائي ادارا ۽ قانون موجود آهن.

Laws And Regulations

Exclusive Fishery Zone (Regulation of Fishing) Act 1975, Government of Pakistan.

Exclusive fishery zone (Regulation Fishing Rules, 1990, Government of Pakistan.

Territorial Waters and Maritime zones Act 1976, Government of Pakistan.

Ordinance to amend the karachi port Turst Act 1886, 13 july 1994, Government of Pakistan.

Environment protection Act 1997, Government of Pakistan.

Coastal Development Authority Act 1994, Government of Sindh.

Korangi Fisheries Harbour Authority Ordinance 1982, Government of Pakistan.

Karachi Fisheries Harbour Authority Ordinance 1984, Government of Sindh.

Deep Sea Fishing Policy 1995, Government of Pakistan.

Sindh Fisheries Ordinance 1980, Government of Sindh.

Sindh Fisheries Rules 1983, Government of Sindh.

**ادارا:**

(1) سنڌ انوائر مينٽل پروٽيڪٽ ايجنسي SEPA

(2) ميرين پولوشن بورڊ MPB

(3) ڪوسٽل ڊيولپمينٽ اٿارٽي سنڌ

(4) فشرمين ڪو آپريٽو سوسائٽي

(5) زراعت، لائيو اسٽاڪ، فشريز کاتو حڪومت سنڌ

ايترن ادارن، قانون، آرڊيننسن جي موجودگي جي باوجود قانون جون ڌجيون اڏايون وڃن ٿيون. انهن ادارن تي روزانو لکين روپيا خرچ ڪيا وڃن ٿا. پر انهن مان ڪو ڪڻ تيل نہ نڪتو آهي. هن سلسلي ۾ غير سرڪاري تنظيمن جنهن ۾ ڊبليو ڊبليو ايف W.W.F آءِ يو. سي. اين I.U.C.N اسڪوپ scope، شرڪت گاهہ Shirkat gah، پاڪستان فشر فوڪ فورم ۽ PNRDP ڪنهن حد تائين مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي. عوام ۾ انهيءَ متعلق شعور جي ڄاڻ بہ مهيا ڪئي آهي. انهيءَ تمام ادارن سان ملي ڪري هڪ مضبوط بورڊ جوڙي اسان پنهنجي سمنڊ هن جي جيوت ۽ ڪراچي شهر کي ماحولياتي گدلاڻ کان بچائي سگهون ٿا. پر هن ۾ خلوص ۽ نيتن جو عمل دخل نهايت ضروري آهي.

انسان کي پنهنجي سموري گند ڪچري جي ڍيرن، زهريلي پاڻي تي ڳري لاڳت ڪرڻي پوندي. جيڪا ڌرتيءَ جي مٽي، فضا، زمين جي مٿاڇري، سمنڊ ۽ زمين جي هيٺ پاڻي جي گدلاڻ جو سرگرم وسيلو بڻيل آهي. ماحوليات جي تحفظ لاءِ پوري دنيا ۾ انقلابي ۽ اثرائتا اپاءُ نہ ورتا ويا تہ پوءِ زمين ۽ سمنڊ تان حياتيءَ جومڪمل تباهي جو هڪ نہ ڪٽنڌڙ سلسلو شروع ٿي ويندو. جنهن کي ڪير بہ روڪي نہ سگهندو. پاڪستان ۾ اهو خطرو ٻين اُسريل ملڪن جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي. جنهن ۾ سنڌ جو ساموندي ڪنارو ڪراچي کان بدين تائين وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي. خاص ڪري ڪراچي ماحولياتي گدلاڻ جي هر قسم واري گدلاڻ جي شديد لپيٽ ۾ آهي.

اسان جيڪي ڪجهہ ڪري رهيا آهيون اهو ايندڙ نسل جي تباهي جو ڪارڻ هوندو ايندڙ نسل فقط پري کان ماسڪ پائي گدلي سمنڊ جو نظارو ڪندو. هو ساموندي جيوت ۽ تمر جي وڻ جا فقط فوٽو ڪمپيوٽر ۽ ڪتابن ۾ ڏسي سگهندا. هو بارش ۾ وهنجڻ جو تصور بہ نہ ڪري سگهندا. زهريلين بارشن کان بچاءُ لاءِ هو گهرن ۾ بند رهندا ۽ انهن بارشن کان بچاءُ لاءِ هو ڏٽي در دعائون گهرندا. ڪيڏو فرق هوندو اسان ۾، ۽ انهن ۾. اسان بارشن لاءِ دعائون ٿا گهرون پر اسانجو ايندڙ نسل بارش نہ ٿيڻ لاءِ دعائون گهرندو.

# ٻاڪراڻ ڪان ٻلهيجي تائين تاريخي اهڃاڻن جي تباهي جو داستان

پنجين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس، گرمين جي موڪلن ڪري اسڪول بند هيو، سو پنهنجي ماروٽ سان گڏ ملير ۾ انهن جي ڳوٺ بلباس موڪلون گذارڻ ويس. اهو ڳوٺ ملير سٽي ريلوي اسٽيشن پرسان هو. ڳوٺاڻن جو گذر سفر زراعت تي هو. اسٽيشن وارو پاسو گرانڊ هوٽل ۽ جامعه مليه ڪاليج تائين آباد هو. گرانڊ هوٽل انگريز دور ۾ هڪ پارسي نهرائي هئي جيڪا ڪراچي جي مشهور هوٽلن مان هڪ هئي. هوٽل کي ختم ڪري رهائشي جاين ۾ تبديل ڪيو ويو. 2007ع تائين هوٽل جي ديوار اجا بچيل هئي. ڳوٺ ۾ منهنجي مامي ڪانسواءِ ٻه ماسيون ٻه رهنديون هيون. ڳوٺ جي آس پاس ٻيرن ۽ بادامن جا وڏا وڻ هئا. ريلوي لائين لڳ ٽيوب ويل لڳل هو، سڄو ڏينهن انهن وڻن تي چڙهڻ، ٽيوب ويل جي ڪنڍي (حوض) ۾ وهنجڻ ۽ شام جو ريلوي لائين پار ڪري ملير سٽيءَ ۾ پڪوڙا کائڻ ۾ وقت گذري ويندو هو. مون زندگي ۾ پهريون ڀيرو ريل ڏٺي هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي اينڊز ريل گاڏين کي ڏسندو هوس. بلباس ڳوٺ جي اولهه طرف قديم ڳوٺ ۽ نور الدين ڳوٺ هئا (اڄ ٻه اهي ڳوٺ موجود آهن) ڏکڻ طرف جامعه ملير ڪاليج، داد رحيم ڳوٺ، غلام محمد ڳوٺ ۽ جمعا ڳوٺ هئا جيڪي اڄ ٻه آهن. انهن ڪانسواءِ ٻي ڪا ٻه آبادي نه هئي. ريلوي لائين ڪان ملير نئين تائين پورو علائقو زراعت ڪري سرسبز ۽ دل کي وڻندڙ هو. ملير نئين تائين پورو علائقو آباد هو. نئين جي پاسي ڪجين جا ڍڳها وڻ ۽ انهن هينيان وهندڙ ٽيوب ويل جو پاڻي ڪنهن نخلستان جو ڏيک ڏيندا هئا. انهن گهاٽن وڻن ۾ نواب آف بهاولپور جو ”القمر هائوس“ ۽ خان آف قلات جو ”قلات هائوس“ جنهن جو نالو هاٽي يوپال هائوس آهي. موجود هئا. جيڪي اڄ ٻه آهن.

موڪلن جي آخري ڏينهن، رات جي ماني کائي مائٽن ڪان اجازت وٺي شاهين سينيما (هاڻي سنگيت سينيما) تي آيا هياسين، چت نه هئڻ ڪري ٻه شو ٽيندا هئا. اسان آخري شو تي آيا هئاسين. وحيد مراد جي فلم ”هيرا اور پتر“ لڳل هئي. فلم جي شوٽنگ ملير جي خوبصورت باغن ۾ تي هئي. ان ڪري شو شروع ٿيڻ ڪان پهرين ٽڪيٽون ختم ٿي ويون. گهڻي منٿ ڪئيسين، پر ناڪام ٿياسين. فلم جي ٽڪيٽ نه ملڻ ڪري مون روئي ڏنو هو، چاڪاڻ ته ڳوٺ ۾ رهڻ ڪري ۽ شهر ڪان پري هئڻ ڪري وري خبر ناهي ڪڏهن فلم نصيب ٿئي ۽ پوءِ ٿيو ٻه ائين. جو مون پهرين فلم مئٽرڪ ۾ ڏٺي. اها پهرين فلم لانڍي جي گلستان سينيما ۾ پنجابي فلم ”ڌي راڻي“ هئي جنهن جو هيرو اقبال حسن ۽ هيروئن عاليه هئي.

موڪلون ختم ٿي ويون آئون ڳوٺ هليو آيس. ڪجھ سالن ڪانپوءِ مامون ۽ ماسيون هتان لڏي ڳڏاپ آيا. پوءِ بلباس ڳوٺ وڃڻ نہ ٿيو. ڏهن ٻارهن سالن ڪانپوءِ جڏهن اتي وڃڻ ٿيو تہ نہ هتي بلباس ڳوٺ هو ۽ نہ ئي اهو سر سبز علائقو، نہ ٻيرن جا وڻ ۽ نہ ئي ٽيوب ويل. ڪنهن کان پڇيم، تہ بلباس ڳوٺ ڪيڏانهن ويو؟ جواب مليو، تہ زمين جي مالڪ زمين ڏارين کي وڪڻي ڇڏي، جتي سوسائٽيون ٺهي ويون. انهن ڳوٺاڻن جو گذارو انهي زمين تي هو، اهو ئي نہ رهيو تہ هو لڏي ويا، ڪجھ گهر آهن پر ڏارين هن جو نالو تبديل ڪري هاڻي "مدينا ڪالوني" رکيو آهي ۽ جيڪا مسجد بلباس ڳوٺ وارن ناهي هئي هاڻي اتي بيت القرآن پبلڪ اسڪول قائم ٿي چڪو آهي ۽ ان پراڻي کوھ جا نشان اڄ بہ موجود آهن.

بلباس، جيڪو منهنجو پڙنانو هو، الائجي ڪهڙي دور ۾ اچي هي ڳوٺ آباد ڪيو هئائين ۽ پوءِ زماني جي گردش اهڙو ڦيرو ڪاڏو جو بلباس ڳوٺ کي مسلمان ڪري مدينا ڪالونيءَ ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ اهڙي ريت پوري تاريخ ختم ٿي ويئي. اها تاريخ چند پوڙهن جي دلين ۾ محفوظ آهي، اهي بہ زماني جي گردش ڪري ڪنهن خزان جي ڇٽيل پن وانگر هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا آهن. خبر ناهي تہ اهي ڪٿي هوندا؟ مون کي اهو سڀ ڪجھ خواب لڳو ۽ ملير سٽي ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي هن ڳوٺ جي انهن مزدور ماڻهن جي ياد ۾ ڪجھ لڙڪن جو نذرانو ڏيئي آئون اتان ٿو ۽ سوچيان ٿو، هي هڪڙي بلباس ڳوٺ جو الميو نہ آهي. هي ڪراچيءَ سميت پوري سنڌ جو الميو آهي. ترقيءَ جي نالي تي انسان نہ مڃڻ جي الميي کي بہ سمجھڻ گهرجي. سنڌ جي تهذيب کي گڏھ چارڻ ۽ اٺ هڪلڻ وارن جي تهذيب چئي، هن کان هميشہ نفرت ڪئي وئي، اهي ماڻهو ڪيئن اسانجي ، تاريخي جاين ۽ ماڳن مڪانن جي وجود کي برداشت ڪندا؟ ڪنهن قوم جي وجود لاءِ اهو ضروري آهي تہ ملڪ جي منڊيءَ تي انهيءَ ٻولي جو ڪنٽرول هجي. جيڪڏهن منڊيءَ تان ڪنٽرول ختم ٿي ويو، تہ پوءِ ان قوم جو وجود بچائڻ بہ ڏکيو ٿي پوندو آهي. ڪراچيءَ جيڪا سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ بين الاقوامي منڊي آهي، اتي هر شيءِ جي خريداري ۽ ڏي وٺ جي لاءِ اسان کي بہ مجبورن اردو ڳالهائڻي پوي ٿي ۽ ٻاهران ايندڙ ماڻهن لاءِ اهو تاثر قائم ٿي ويو آهي تہ هتي سنڌين جو وجود ئي ڪونهي، جڏهن آئون رولاڪي لاءِ پنجاب، اترئين علائقن ۽ سرحد ويندو آهيان تہ اهي ماڻهو اعتبار نہ پيا ڪن تہ ڪو ڪراچي ۾ بہ سنڌي وڏي تعداد ۾ رهن ٿا.

ڪراچي ۾ موجود قديم جاين ۽ تاريخي ماڳن مڪانن کي لاوارث سمجهي انهن جي وجود کان انڪار ڪري گهٽين عمارتن جا نالا تبديل ڪيا ويا. ڳوٺن ۽ علائقن جا نالا تبديل ڪري اوپرا نالا رکيا ويا تہ جيئن ڪراچيءَ تي مقامي ماڻهن جي مالڪي کي مڪمل طور ختم ڪري سگهجي.

مشهور تاريخدان ڊاڪٽر مبارڪ علي هڪ هنڌ چيو هو تہ، ”تاريخي ماڳ مڪان ۽ جايون اسان جا تاريخي ورثا آهن. هڪ تہ آهي لکيل تاريخ ۽ ٻي آهي عمارتن ۽ جاين جي تاريخ، جايون جيڪي تاريخ بيان ڪنديون آهن، اهي وڌيڪ سچيون ۽ موثر هونديون آهن، ان لاءِ جو جايون ڪوڙ نہ ڳالهائينديون آهن.“

ڪراچي جا اهي علائقا، جايون، نديون، ڍوريون، جبل ۽ ڳوٺ هن علائقي جا تاريخي اهڃاڻ آهن، انهن جا نالا تبديل ڪري تاريخي سچائي ۽ اهڃاڻن کي بہ مٽايو پيو وڃي.

هن مضمون ۾ بہ آئون ڪجهہ اهڙن علائقن ۽ ڳوٺن جو ذڪر ڪندس، جن جا نالا تبديل ڪري انهن کي مسلمان ڪيو ويو آهي. اهڙا ڪوڙ سارا علائقا آهن. جن تي تحقيق ۽ جاکوڙ جي ضرورت آهي. ان لاءِ هن مضمون کي ابتدائي مضمون سمجهي پڙهڻ گهرجي انگريزن جي دور ۾ اهڙين تبديلين جو رڪارڊ رکڻ جو رواج هو. وقفي وقفي سان هڪ گزيٽيئر شايع ڪري شهرن بابت ڄاڻ محفوظ ڪئي ويندي هئي پر هاڻي اهو رواج ڪونهي، ان ڪري هي مضمون جهونن سان ٿيل ڪچهرين مان مليل معلومات جي بنياد تي ڏئي رهيو آهيان.

سڀ کان پهرين لالو کيٺ جو نالو تبديل ڪري لياقت آباد رکيو ويو جيڪو علائقو لالو جي کيٽن جي ڪري مشهور هو. ڪنهن زماني ۾ لياري ندي جا ٻئي پاسا ٿي هٽي جنهن کي هاڻي تين هٽي ڪيو ويو آهي کان هاٿوڪي گارڊن تائين آباد هئا ۽ کوهن جي پاڻيءَ وسيلي هتي زراعت ڪئي ويندي هئي. لال محمد عرف لالو خوجي جي کيٽن وارو علائقو لالو کيٺ هضم نہ ٿي سگهيو ان کي لياقت آباد ڪيو ويو، ڪندو ڳوٺ، موسو ڳوٺ، خواستي بروهي ڳوٺ ۽ ٻيا ڳوٺ جيڪي ديهہ ڪاري لکي ۾ هئا. ڪاري لکي ديهہ کي نارٿ ڪراچي ۽ ناظم آباد ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ ڪندو ڳوٺ، خواستي بروهي ڳوٺ ۽ موسيٰ ڳوٺ اڄ سوڙها ٿي چند گهرن تائين رهجي ويا آهن ۽ اهي نارٿ ناظم آباد جي بنگلن جي وچ ۾ قائم آهن. جن تي وڳوڙن دوران دهشتگردن پاران زبردست فائرنگ ڪري ڳوناٽن کي اڌارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ڪنڊ ڳوٺ وارن جو چوڻ آهي تہ ورهاڱي وقت لياري جو هي پاسو خالي هو، چار پنج ڳوٺ هئا ۽ هنن جو گذر سفر زراعت ۽ مال چارڻ تي هوندو هو. پوءِ انهن زمينن تي ڏسندي ئي بلڊنگون نهي ويون. روزگار ختم ٿيڻ ڪري مالوند ماڻهو ۽ هاري لڏپلاڻ تي مجبور ٿي پيا. اهڙي طرح هاڻي اهي چند گهر بچيا آهن، جن کي بہ اهي ماڻهو برداشت نہ ٿا ڪن اهو ئي حشر پانگريا ڳوٺ سان ڪيو ويو، جتي عزيزآباد جوڙيو ويو. هاڻي ڳوٺ الله داد پانگريا ۽ پانگرين جي هڪ ٻئي ڳوٺ کي سوڙهو ڪيو ويو آهي ۽ ڏاريا ماڻهو ان حصي کي بہ عزيزآباد سڏين ٿا. ڳوٺ پهچڻ لاءِ عزيزآباد جا ماڻهو ڏس ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن.

پير الهيٰ بخش (PIB) ڪالوني واري جاءِ تي اڳ ۾ سليمان ڳوٺ ۽ ٻيا ڳوٺ هئا اهو زرعي

علائقو جتي اڄ بہ هڪ حصي تي باغ موجود آهي. سليمان ڳوٺ ۽ ٻين ڳوٺن کي پي. آءِ. بي ڪالوني ۾ تبديل ڪيو ويو. جتي اڄ بہ هڪ حصي تي باغ موجود آهن. هتي لياقت علي خان ورهاڱي ڪانپوءِ لياقت بستي ناهي مقامي ماڻهن جي زرعي زمينن تي مهاجرن کي ويهاريو هو، پر 1960ع ۾ مقامي ماڻهن انهن کي هتان اٿاريو ۽ لياقت بستي ختم ٿي.

يونيورسٽي روڊ تي مٺو ڳوٺ لڳ شاهي هوٽل جو اسٽاپ مشهور هو. شاهي گبول جو هي هوٽل آس پاس گبولن، جوکين، پالارين ۽ بلوچن جي ڳوٺن جي مزدورن ۽ مالوند ماڻهن جي ويهڪ هو، جتي هو ويهي ڪچهريون ڪندا هئا.

مطلب تہ شاهي هوٽل سگهڙن لاءِ هڪ ادارو هو. ان ڪانسواءِ ميمڻ ڳوٺ، درساڻي چني ۽ گڏاپ کان اينڊڙ بسون ۽ شهر ڏانهن سبزي آڻيندڙ اٺ گاڏين جو بہ هي اسٽاپ هو جتي مسافر چانهہ پي ڪجهہ دير آرام ڪري پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيندا هئا. شاهي هوٽل لڳ مولڙي ٽڪري، جيڪا اڄ بہ روينيو جي نقشي ۾ موجود آهي جي ڪچ ۾ هو، شاهي هوٽل کي ڊاهي پٽ ڪري فليٽ ناهيا ويا ۽ شاهي هوٽل اسٽاپ جو نالو بدلائي سوئي گيس اسٽاپ ۽ گلستان جوهر سفاري پارڪ جي گيٽ ويجهو (يونيورسٽي روڊ تي ڪريسنٽ اپارٽمينٽ ڪانپوءِ جو اسٽاپ) تي ويو ۽ مولڙي، سفاري پارڪ ۾ تبديل ٿي ويو. جهونا ماڻهو اڄ بہ هن علائي کي مولڙي چون ٿا. (گهڻن لکندڙن ان کي مرلي لکيو آهي پر صحيح لفظ مولڙي آهي.)

سپر هاءِ وي زيرو پوائنٽ تي سهراب ڳوٺ جي سامهون عبدالله پالاري ۽ بکر ڳوٺ پهرين شهر جي اندر هئا، جتان ترقي جي نالي تي انهن کي لڏائي هتي آباد ڪيو ويو. جڏهن ڳوٺ ليز ڪيو پئي ويو تہ ان ڳوٺ جو اڏ هتان جي بااثر چونڊيل نمائندي ڌارين کي وڪڻي ڇڏيو. ليز وارن ڪاغذن ۾ تہ اهو بکر ڳوٺ آهي پر بکر ڳوٺ انهن ڌارين کان هضم نہ ٿيو ۽ پنهنجي اڏ جو نالو عباس ٽائون رکيائون. عباس ٽائون هوندي جڏهن ماضي ۾ هي علائقو ڀهراڙي ۾ هو تہ ڀهراڙيءَ جي ڪوٽا تي نوڪريون وٺڻ، ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ڊوميسائل ۾ بکر ڳوٺ لکرائيندا هئا.

سهراب خان گبول ڳوٺ جي پويان وارو علائقو موکيءَ جي ياءُ مادل جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هتي هڪ ڊورو بہ مادل جي نالي سان آهي. هن جو نالو تبديل ڪري حسن آباد رکيو ويو. 1985ع ۾ جڏهن هتان پناڻن کي لڏايو ويو تہ ان وقت جي وڏي وزير غوث علي شاهہ هڪ جلسي ۾ سهراب ڳوٺ جو نالو ”اسلام ڳوٺ“ رکڻ جو اعلان ڪيو هو پر اهو نالو هلي نہ سگهيو. ان سلسلي ۾ ڪي. ڊي. اي سڀ کان اڳتي هئي. هڪ پاسي هن ڳوٺن کي ڊاهي ڪري نيون آباديون جوڙيون تہ ٻئي طرف انهن اسڪيمن تي انهن علائقن جي پراڻن نالن رکڻ بجاءِ اوپرا نالا رکيا

ويا. سپر هاءِ وي تي جتي خوبصورت بنگلن وارو علائقو گلشن معمار ناهيو ويو آهي. اتي تائيسر ۾ ٽومينگ وارا علائقا آهن. ديهه صفوران ڪي گلزار هجري ۾ ديهه اوڪيواڙي ۾ ديهه ڳجهڙو ڪي گلشن اقبال، عائشه منزل، انچولي ۾ مختلف علائقن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. جڏهن ماڻهن ڪي.ڊي. اي خلاف پرپور آواز اٿاريو ۾ ڪي.ڊي.اي ٽوڙڻ جو مطالبو ڪيو ته انهن ڪي خوش ڪرڻ لاءِ نين اسڪيمن تي مقامي نالا رکيا ويا. جن ۾ سورجاڻي اسڪيم، تائيسر ۾ هلڪاڻي آهن. تائيسر ٽائون جو نالو غلط تيسر لکيو پيو وڃي اهو اصل ۾ تائيسر آهي ۾ سورجاڻي ڪي سرجاڻي لکيو ۾ چيو پيو وڃي جيڪو پڻ سراسر غلط آهي.

اسلاميا ڪاليج جي سامهون دائود انجنيئرنگ ڪاليج جو پوين علائقو خدا داد جي نالي سان مشهور هو ۾ اڄ به بئنڪن جي برانچن تي اهو نالو لکيل آهي پر هن جو نالو بدلائي مسلم آباد رکيو ويو. (ياد رهي ته اها پوري زمين نبيل گبول جي ڏاڏي خان بهادر الله بخش گبول جي والد خداداد گبول هندستان کان آيل مهاجرن کي مفت ڏني هئي) گرومندر کي بابري چوڪ ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. جنهن لاءِ بورڊ به لڳايا ويا آهن ۾ بسن ۾ ويگنن ۾ ان جي پروپئگنڊا لاءِ اسٽيڪر پڻ لڳايا ويا آهن.

ابراهيم حيدري ڏانهن ويندڙ ملير نديءَ لڳ جيڪي ڪچيون آباديون قيوم آباد ۾ اختر ڪالوني قائم ڪيون ويون آهن اهو علائقو اڄ به مقامي ماڻهن وٽ ڊگڙي جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ابراهيم حيدري لڳ چڪرا ڳوٺ ۾ پنيا خان ڪلمتي ڳوٺ آهن. ڳوٺ وارو علائقو اڄ ناصر ڪالوني ۾ بدلايو ويو آهي جتي گهڻي تعداد ۾ غير قانوني طور آيل بنگالي رهن ٿا ۾ ڪجهه حصو ڪورنگي نمبر هڪ ۾ به تي ٻڌل آهي. پنيا جو نالو ختم ٿي چڪو آهي.

چڪرا ۾ پنيا ڳوٺ جي سامهون وارو علائقو جنهن کي راڻڪيون چيو وڃي ٿو. اهو راڻي ڪُنيو جي بگڙيل صورت آهي. هتي راڻي نالي ڪنهن شخص پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ کوهه کُنيا (کوٽيا) هئا انڪري اهو علائقو راڻي ڪُنيو جي نالي سان مشهور ٿيو ۾ بعد ۾ بگڙي راڻڪيون ٿي ويو پر هاڻي هن کي ڪورنگي جي مختلف نمبرن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۾ هتي آئل ريفائنري پڻ آهي.

اڄ جتي پي.اي.سي.ايچ.ايس، محمد علي سوسائٽي، اسٽيڊيم ۾ طارق روڊ جا علائقا آهن انهن علائقن کي اڪين واري يا اڪن واري جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هتي هڪ برساتي ڊورو وهندو هو، ان پوري علائقي ۾ اڪ جام هئا ۾ اهڙي طرح اهو پورو علائقو اڪين وارو مشهور ٿيو. مقامي جهونن وٽ اڄ به اهو علائقو انهيءَ نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن سوسائٽي جو نالو اڪن واري سوسائٽي رکيو وڃي ها ته ڪهڙي قيامت اچي ها. تبديل جي ان جبري عمل راجا جي ٽڪريءَ کي به متاثر ڪيو ۾ راجا جي ٽڪري تبديل ٿي محمد علي سوسائٽي

۾ آغا خان اسپتال ٺهي ويئي. راجا وانگر، راجا جي ٽڪري به ماڻهن کان وسري وئي. جيڪو هتي راڄ ڪندو هو. هي ڪنهن ملڪ جو راجا نه، پر هتي قائم مالوند ماڻهن جي چند ڪچن گهرن ۾ جهوپڙين جو راجا هو.

نيشنل هاءِ وي تي ملير هالٽ اسٽاپ تي حبيب بئنڪ جي بورڊ تي مهراڻ برانچ لکيل نظر ايندو. ملير ڪئينٽ ڊيهه مهراڻ تي ٺهيل آهي ماڊل ڪالوني جو ڪجهه حصو به هن ديهه ۾ اچي ٿو. ديهه مهراڻ هاڻي فقط روينيو رڪارڊ ۾ آهي. هالٽ جي ڏکڻ وارو علائقو ديهه ڏگهه ۾ ڊرگ ڪالوني کي بدلائي شاهه فيصل ڪالوني ڪيو ويو آهي. ملير سٽي جي اولهندي حصي جو نالو دولت رام نگر هو، جيڪو دولترام بلڊنگ جي ڪري مشهور ٿي ويو، اهو هاڻ مسلم آباد ٿي ويو آهي ۽ ملير مندر جو علائقو مسرت ڪالوني ۾ تبديل ٿي ويو آهي. جتي نيشنل هاءِ وي تي اڃ به هن مندر جا نشان آهن ۽ اهو علائقو اڃ به ملير مندر جي نالي سان مشهور آهي.

ملير مندر سان آسو ڳوٺ آهي جتي آسومل جا باغ هئا. هن جي سامهون سيٺ مولرام جو ڪمپائونڊ هو. جنهن کي جعفر طيار ۾ بدلايو ويو آهي. مقامي ماڻهو هن کي اڃ به مولرام ڪمپائونڊ چوندا آهن. سوامي مولرام جيڪو گلابداسي پنٿ جا هئا مرڻ کانپوءِ هن وصيت ڪئي ته هن کي ساڙڻ بجاءِ انهيءَ ڪمپائونڊ ۾ دفنايو وڃي. تنهنڪري وصيت موجب سوامي مولرام ۽ آسومل کي دفن ڪيو ويو. هنن جون قبرون اڃ به (2007ع) ۾ انهيءَ ڪمپائونڊ ۾ موجود آهن. جاءِ جو نالو هاڻي مهاجر آهي. بس دعا ڪريو اهي نشانيون بچن. قبرن جا فوٽو مون وٽ محفوظ آهن.

ملير کان لانڍي ويندي ملير پل کانپوءِ ڪابي پاسي وارو علائقو جنهن کي ونگي چيو ويندو هو ان کي بدلائي خلد آباد رکيو ويو ۽ ونگي صرف پراڻن ماڻهن جي دلين ۾ وڃي بچيو آهي. ملير نئين مان رئيس بچل خان جي زراعت لاءِ نڪتل (ڪسي) ونگي هاڻي گٽر نالي ۾ بدلجي وئي آهي. جيڪڏهن ڪنهن کان جمعي حمايتي ڳوٺ جو ڏس پڇيو وڃي ته هو منجهي ويندو، پر جيڪڏهن ڪانئس پڇيو وڃي ته پينس ڪالوني ڪٿي آهي؟ ته ان جو يڪدم ڏس ڏيندو. ان ڪري جمعي حمايتي ڳوٺ کي پينس ڪالوني ۾ مشهور ڪيو ويو. جمع نالي ريلوي اسٽيشن به آهي.

انگريزن جي دور ۾ هڪ فوجي آفيسر مسٽر هاڪس جي گهر واري بيمار ٿي پئي ته هو ان کي بلهيجي جي سامونڊي علائقي ڏانهن هوا خوري لاءِ ڪٺائي ويو. بلهيجي جو علائقو مسٽر هاڪس کي اهڙو وڻي ويو جو بلهيجي کي هاڪس بي ۾ تبديل ڪيو ويو، جيڪو اڄ تائين هاڪس بي آهي.

هاڪس بي جي اڳيان سمنڊ ڪناري ٽڪريءَ ۾ اک وانگر هڪ سوراخ هوندو هو. جيڪو اک ڦاٽو هو، پر اهو اک ڦاٽو مان ڦري پيرا ڊائيز پوائنٽ ٿي ويو آهي. اک وانگر سوراخ سمنڊ جي تيز ڇولين ۾ ختم ٿي ويو آهي.

لسبيلي چوڪ تي بارڻ ڳوٺ جي سامهون اڄ بہ بسن وارا هن اسٽاپ کي ٻيلا اسٽاپ چون ۽ انهيءَ ٻيلا هائوس جي ڪري اهو علائقو لسبيلو ٿيو. ٻيلا هائوس لسٻيلي جي ڄام محمد ايوب جو گهر هوندو هو. هاڻي ان کي ڊاهي ۽ مارڪيٽ ٺاهي ان تي بابر مارڪيٽ نالو رکيو ويو آهي. لي مارڪيٽ جي آءِ اسپينسر هاسپيٽل کي نئين واري هاسپيٽل (بلوچ ڪور والا اسپتال چون ٿا. ڪور نئين کي چيو وڃي ٿو.) چو تہ ڪنهن زماني ۾ هتان لياري ندي جي اصلي ڇاڙ وهي ويندي هئي. نئين وارو علائقو جناح آباد ٿي ويو.

گهڻن علائقن جا نالا جيڪي سنڌيءَ ۾ آهن. اردو ڳالهائڻ وارن کان صحيح نہ اچارڻ ڪري انهن نالن جي شڪل ئي بدلجي وئي آهي. خالق ڏنو هال هاڻي خالق دينا هال، منودر، ميناد‍ر، پانگريا کي پنگوريا، ڪياماڙي کي ڪماڙي، سورجاڻي کي سرجاڻي، ديھ ٿوڙ کي تور ۽ ڳجهڙي کي گجرو چيو پيو وڃي ۽ سرڪار جي ڪاغذن ۾ اهي غلط اچار وارا لفظ شامل ڪيا ويا آهن. محمد علي جناح جي ماءُ مٺي بائي جو نالو بدلائي شيرين رکيو ويو جنهن جي نالي سان ڪياماڙي ۾ شيرين جناح ڪالوني ڪچي آبادي موجود آهي.

هن مضمون کي وڌيڪ لاڀائتو بنائڻ لاءِ فيبروري 2007ع ۾ پياري فقراءُ دوست، شاعر ۽ صحافي سائين سلطان شاهہ "ساقي"، جنهن جي شاعريءَ جو ڪتاب "ڏونگر مون مَ ڏکيوءَ" تن ڏينهن ۾ ڇپائي هيٺ هو، سان ڳانگياري کان وتيجي گهگهر تائين تاريخي ماڳن مڪانن ڏسڻ جو پروگرام جوڙيو. انهن مان گهڻا تاريخي ماڳ پورٽ قاسم ۽ اسٽيل مل جي ترقي جي نظر ٿي ويا. جيڪڏهن ڏنو وڃي تہ انهن کي بچائي سگهيا پئي پر اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي واڻي ڪيو ويو. هزارين ايڪڙ زمين خالي هوندي بہ فيڪٽرين ۽ ٻين ڪمن لاءِ زمينون تاريخي ماڳن، قبرستانن ۽ ڳوٺن جون الاٽ ڪيون وڃن ٿيون.

ديھ ڳانگيارو، ديھ ٻاڪراڻ، ديھ پيپري، ديھ گهگهر، وتيجي، گهارو ۽ ڪراچي پراڻي گس واري هنڌ اسٽيل مل ۽ پورٽ قاسم جتي نهيل آهن. جنهن سان قديمي ۽ تاريخي ماڳن کي تباهہ ڪيو ويو هو انهن کي ڏسڻ ۽ قلمبند ڪرڻ لاءِ سائين سلطان شاهہ "ساقي" رزاق آباد وارو "سونهو" هو. سائين سلطان شاهہ بہ اسٽيل مل جي متاثرن ۾ شامل آهي.

پيپري جي علائقي ۾ نئون بندر ناهيو ويو. جنهن جو نالو "پورٽ بن قاسم" رکيو ويو آهي. ٽيڻ ائين ڪيپي ها جو ان جو نالو ديبل بندر يا پيپري بندر رکيو وڃي ها. ائين ڪرڻ سان شايد اسان جي

مسلماني کي خطرو ٿئي ها. پوري ديهه ٻاڪراڻ کي اسٽيل مل ۾ تبديل ڪيو ويو. بن قاسم ۾ اسٽيل مل واري علائقي مان 50 ڳوٺن کي لڏايو ويو جنهن جا تفصيل ڪتاب جي باب ”ڪجهه رهجي ويل منظر“ ۾ ڏنل آهن. اسان ترقي تي ارها نہ آهيون. پر ترقي جي بدلي ملندڙ ذلت، بيروزگاري، بک، تاريخي اهڃاڻن ۽ قديمي قبرستانن کي ختم ڪرڻ جا مخالف آهيون. نيشنل هاءِ وي کان هڪ رستو پورٽ قاسم ڏانهن وڃي ٿو. انهيءَ رستي تي ريلوي لائين تي ٺهندڙ پل جي کابي هٿ ڏانهن هڪ ديوار پاسي اشارو ڪندي سلطان شاهہ ٻڌايو تہ هي اسٽيل يارڊ آهي. ديوار اندر ”آدم واري روهي“ آهي. جيڪو هتان جي پووي قبيلي جي ماڻهن لاءِ مقدس پٿر آهي. پير آدم سونمياڻي واري سان لاڳاپيل هن پٿر تي پير آدم جي نالي نذراني طور خيرات ڪيل ٻڪري يا ٻيئي ڍور جو رت لڳايو ويندو آهي. آدم پير جا خليفا ميرپور ساڪري جا ٻگهياڙ ڪلمتي آهن. آدم پير تي هر سال ميلو لڳندو آهي. زمانن کان هي پٿر هتي موجود آهي. روهي اجا موجود آهي. پر ديوار اندر هئڻ ڪري مقدس مذهبي رسمون ادا نٿيون ڪيون وڃن. اهو علائقو ديهه ڳانگياري ۾ آهي. ڳانگيارو ڊورو بہ هاڻي قبضا مافيا جي ور چڙهي تباهہ ٿي رهيو آهي.

تباهہ ٿيندڙ تاريخي ڳانگيارو ڊورو
صفحي 576 واري تصوير

اسٽيل يارڊ سان لڳ اوير پاسي ٿيهر وارو ڊورو، ٻاڪراڻ ۽ ڳانگياري جي دنگ تي آهي. ٿيهر ۽ ٻاڪراڻ ڊورا جوريجي جي جبلن مان وهي، اسٽيل مل پار ڪري پورٽ قاسم لڳ سمنڊ ۾ چوڙ ڪن ٿا. چوڙ واري هنڌ، سمنڊ ۾ تمر جا وڻ ۽ گهٽي علائقي تي تمر ڪانسواءِ جهنگ موجود آهي. سلطان شاهہ ٻڌايو تہ ”ڪنهن دور ۾ هتي سوئر جام هوندا هئا. جن کي ماريو ويو ۽ اجا بہ ايڪڙ ٻيڪڙ جهنگ ۾ موجود آهن.“
اسٽيل مل جي مرڪزي دروازي کان هڪ رستو گهگهر ڏانهن وڃي ٿو. انهيءَ رستي جي شروع ۾ هڪ ٻُني اجا بہ بچيل آهي جنهن جو نالو ”مني واري پٽ“ آهي. رستي جي ساڄي پاسي جتي هيڊ آفيس ۽ پاڻي جي ٽنڪي ناهي وئي آهي. هتي بہ جاڙيون پٿون هيون. جنهن کي ”ڪتي ڏار واري پٽ“ چيو ويندو هو. گهاري، پنيور کان ڪراچي ويندڙ پراڻو رستو بہ هتان هوندو هو. ڪنهن زماني ۾ انهيءَ پٽ تي رهندڙ ڪتي گهڻن مسافرن کي ڏاڙهي وڌو. جنهن ڪانپوءِ ان پٽ جو نالو ”ڪتي ڏار“ رکيو ويو.

جتي اسٽيل مل جو ٿرمل پاور آهي. هن کي ”ڪنڊورائي وارو پٽ، ۽ ميدان کي جتي ڪنڊي جو وڻ جهجهي تعداد ۾ هوندو هو. ”ڪنڊورائي پٽ“ چيو ويندو هو. جتي بقول سلطان شاهه جي هو ٻڪريون چاريندو هو. هاڻي نه پٽ آهي نه پٽ. نه ئي ڪنڊي جا وڻ ۽ نه ئي سلطان شاهه جون ٻڪريون. رهجي ويون آهن فقط يادون. گهگهر ڦاٽڪ کان ويندي پپري ڊوري لڳ جيڪو ديهه ٻاکراڻ ۽ ديهه پپري جي دنگ تي آهي. جي لڳ محمود شاهه جو ڳوٺ هو جيڪو لڏايو ويو. هتي پراڻو قبرستان موجود آهي. پپري ڊوري جي چوڙ لڳ سمنڊ ڪناري ”ڪاري ڍهي وارو پٽ“ آهي. جتي هتان جي ماڻهن جي هوڙن ٻيهارڻ جي جاءِ ۽ مڇي مياڻ هوندو هو. پپري ڊوري جي پار وڃبو ته پرائيويٽ فيڪٽرين جو علائقو شروع ٿيندو. رستي جي کاٻي هٿ تي ڪرنڊ واري ڊوري جي ڪپ تي پي.وي.سي فيڪٽري آهي. هن جي مرڪزي دروازي لڳ جيڪو سيڪيورٽي لاءِ ڪمرو ٺهيل آهي. انهيءَ پٽ تي ملهوغ جي ٻه ماڙ قبر ٻه هئي. ملهوغ ڪلمتي نالي قبرستان هو جتي ڇهه کن گهاڙي قبرون خوبصورت چٽسالي سان هيون. جن مان هڪ ملهوغ جوکين ۽ ڪلميتن جي وچ ۾ لڳندڙ ”سڪڻ واري جنگ“ ۾ ڪلمتين جي جنهن اڳواڻي ڪئي هئي. مقامي ماڻهن جي احتجاج جي باوجود قبرستان کي ڊاهي ختم ڪري هتي سيڪيورٽي لاءِ ڪمرو ٺاهيو ويو. ايڏي وڏي فيڪٽري ۾ سيڪيورٽي لاءِ جاءِ ڪٿي ٻه ناهي سگهيا ته قبرستان فيڪٽري جي ڪناري سان هو. جنهن کي چاهين ته بچائي ٻه سگهيا ٿي پر ائين نه ڪيو ويو.

قبرستان ڊاهي پٽ ڪري قيمتي پٿر ٻه پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا ۽ هڏن کي سمنڊ ۾ اڇلايو ويو. اهو قبرستان گهاري ڪراچي روڊ جي ڪپ تي هو. هن ڪانسواءِ انهيءَ رستي جي ڪناري ٻيون ٻه گهاڙي قبرون هيون جن تي چٽسالي جو بهترين ڪم ٿيل هو سيني کي ختم ڪيو ويو.

رستي جي ساڄي هٿ تي سمنڊ جو خوبصورت ڪنارو اڃا بچيل آهي. پپري ۽ ڪاري واري ڊوري جي وچ ۾ هڪ ٻني ”هاٿار ڏر“ جي نالي سان آهي. انهيءَ ٻني تي وهندڙ برساتي ڊوري کي ”هاٿار ڊورو“ چيو ويجي ٿو. انهيءَ ٻني تي هاٿارن جا ڏر (ڪڏ) هئا ۽ هاٿارن ۽ انهن جي ڏرن ڪري هن کي ”هاٿار ڏر“ جو نالو ڏنو ويو آهي.

هاٿار ڏر ٻنُي جي سامهون پي. ٽي. اي فيڪٽري آهي. انهيءَ فيڪٽري واري جاءِ تي ”اڪن وارو ٻورو“ هوندو هو. ٻوري تي اڪ جام هوندا هئا جن جي ڪري ان کي اڪن وارو ٻورو چيو ويندو هو. ٻورو اڪن سميت ختم ٿي ويو. اڳتي رستي جي ساڄي هٿ تي ڪاري واري ڊوري لڳ ملير گڏي جي چوڪندي آهي جتي ست کن گهاڙي قبرون آهن جن جا پٿر ڍهي چڪا آهن. سامهون ٺهيل فيڪٽري جو ڪچرو انهيءَ قبرستان ۾ اڇلايو ويجي ٿو. منع ڪرڻ تي ڳوٺاڻن کي سرڪاري ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ جي الزام ۾ لاڪپ ڪيو ويجي ٿو.

قبرستان جي اوپر پاسي ”جهڪي وارو ڊورو“ آهي. اڳتي چيلاتي وارو پٽ ۽ ڊورو آهي. چيلاتي ڊوري جي ڪپ تي سمنڊ ڪناري ”هنور واري بني“ تي شاهه حسن جي درگاهه آهي. هن خوبصورت علائقي جو نالو بدلائي ”ريش بيچ“ رکيو ويو آهي. هنور، شاهه حسن يا چيلاتي بيچ رکڻ سان قيامت ته نه اچي ها. شاهه حسن درگاهه واري پوري علائقي کي بيلو به چوندا هئا. ڪنهن دور ۾ گهارو ڪريڪ سنڌو نديءَ جي هڪ ڇاڙ طور هتان وهندي هئي جنهن جي ڪري هي پورو علائقو وٿيجي تائين آباد هو جتي گهاٽا ٻيلا هوندا هئا.

اڳتي اسان جو سفر ڪچي رستي سان هو چيلاتي کان پوءِ وٿيجي جون پٽون شروع ٿين ٿيون. جيڪو ڪراچي ۽ ٺٽي ضلعي جو دنگ آهي. پٽن ڪانپوءِ وٿيجي واري باغ جنهن کي سسئي وارو باغ به چيو وڃي ٿو حدون شروع ٿين ٿيون. پٽن ڪانپوءِ ڪار جو رستو نه هو ته اسان پنڌ ويران باغ جي نظاري لاءِ روانا ٿياسين. باغ جنهن لاءِ چون ٿا ته زمين تي جنت جو ٽڪرو هو. هڪ پاسي سمنڊ، ٻئي پاسي ٻُنيون ۽ باغ جي وچان وهندڙ گهگهر نئين جنهن کي وٿيجي نئين به چيو وڃي ٿو. هاڻي هر پاسي ڪڏون ۽ ڪوٻا هئا. جتي ديوي ۽ لئي جا وڻ ٻيئنل هئا. سمنڊ ۾ گهگهر نئين ڪري هتي ڊنڊ واري صورتحال آهي. جتي ماڻهو پکين جي شڪار لاءِ ايندا هئا.





**وٿيجي باغ (سسئي باغ) ۾ موجود هڪ پراڻو کوھ**

**وٿيجي جي باغ (سسئي باغ) جو تباهه ٿيل نظارو**

وٿيجي جي ماڳ جي باري ۾ رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب ”سنڌ ڏڪويل ماٿريءَ“ ۾ لکي ٿو ته، ”اسان جو قافلو هاڻي وٿيجي ڏانهن پيو وڌي. ڪراچيءَ کان خشڪي واري سفر جي هڪ ٻي منزل آهي. وچ تي جابلو نئين جا پنج گهارا آهن. ٻين جي ڀيٽ ۾ وٿيجي ۾ ڪجهه وڌيڪ سهولتون موجود آهن. هتي هڪ پراڻي مسجد ۽ ڪاروان سراءِ به آهي. جتي اچي قافلا ترسندا آهن.“

رچرڊ برٽن ٻي منزل جو ذڪر ڪيو آهي. ڪراچي کان گهاري ويندي تن ڏينهن ۾ پهرئين منزل جمعدار جي لانڍي هئي ۽ جن پنج جابلو نئين جو ذڪر ڪيو آهي. اهي ڱانگيارو، ٽيهر، ٻاڪراڻ، پيري ۽ گهگهر آهن.

پنڌ هلندا اسان هن ويراني ۾ هڪ قتل ڪوهه تي آياسين. سلطان شاهه ٻڌايو ته اهڙن پنج ڪوهن جا آثار اجا موجود آهن. جن مان ”ڪوش“ وسيلي پاڻي ڪڍي زراعت ڪئي ويندي هئي.

وٿيجي جو علائقو ڪراچي ۽ ٺٽي ضلعي جي سرحد تي آهي. هن علائقي جو گهڻو واسطو ڪراچي سان آهي، پر انتظامي لحاظ کان هي ضلعي ٺٽي ۾ شامل آهي. وٿيجي نئين ڪري هن ڪي وٿيجي چيو وڃي ٿو. هن جي سمنڊ ۾ چوڙ واري جاءِ تي هڪ خوبصورت باغ هوندو هو. جنهن ۾ ٻڙ، گدامڙي، پپر، نمن، ڪجين، انبن ۽ ٻين ميون جا وڻ هئا. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ گنگارام نالي هڪ هندو هو. هن باغ جي سار سنڀال لهندو هو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ به گنگارام جي ڪوٺي جا آثار موجود هئا. آخري وقتن ۾ حاجي ڪرمي بلوچ هن جي سار سنڀال لهندو هو. ان ادب دوست شخص ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي وٿيجي گهرائي هتان جي لوڪ ادب کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪچهريون ڪرايون. ان باغ جي اتر اولهه طرف حاجي ڪرمي ڳوٺ ضلعي ملير ۾ اڄ به موجود آهي. ڪنهن زماني ۾ گهاري ويندڙ ميل پٿر تي وٿيجي جو فاصلو سنڌي ۽ انگريزي ۾ لکيل هوندو هو. هي تاريخي ماڳ هو جتي گهاري ۽ ٺٽي کان ايندڙ قافلا منزل ڪندا هئا. روايت اها به آهي ته محمد بن قاسم ديبل قبضي ڪرڻ وقت انهيءَ هنڌ ۾ خيما کوڙيا ۽ منزل ڪري اڳتي وڌيو. انهيءَ مان ان باغ جي قدامت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هتي مٺي پاڻيءَ جا ڪوهه موجود هوندا هئا، ان تي اهو نالو ڪيئن پيو ان لاءِ مقامي ماڻهو چون ٿا ته هن باغ جي آبادي لاءِ باقاعده ڪو نار نه هوندو هو. هتي مٺو پاڻي چند فٽن تي هوندو هو. پاسي مان وهندڙ نئين جي ڪري هي سرسبز ۽ شاداب هو. زمين وٿائين (آڏ واري) تي نالو وٿيجي پيو. وٿ واري زمين کي پاڻي ڏيڻ جي ضرورت نه هوندي آهي. باراني طريقي سان به وٿ (آڏ) واري زمين تي پوک ڪئي ويندي آهي. هونءَ به اڄ تائين ٻهراڙيءَ ۾ جتي به نئين يا ڍورن ۾ صاف ۽ شفاف پاڻي وهندڙ هجي ان جاءِ کي به وٿن واري چيو وڃي ٿو. جڏهن سسئي پنهور چڏي پنهونءَ لاءِ ڪيچ ڏانهن پنڌ نڪري پئي ته هن به پهرئين منزل ان باغ ۾ ڪئي ان ڪري هن باغ کي سسئي جو باغ چيو ويندو هو. قادر بخش ڪلمتي سسئي جون جيڪي منزلون ساريون تن ۾ وٿيجي تان لنگهي ضرور آهي پر منزل جو ذڪر ناهي. هي باغ گهاري ۾ ڪراچي واري پراڻي رستي تي آهي. جيڪو ڪراچي، لاهور ۽ ٻين بندرن ڏانهن ايندڙ تجارتي قافلن ۽ مسافرن جي منزل گاهه هو. هي باغ 1989ع تائين موجود هو، جنهن کانپوءِ هن تاريخي باغ کي ختم ڪيو ويو. هن جي تباهي ۾ پنهنجن جو هٿ آهي. سڀ کان پهرين ڪوسٽ گارڊ وارن هن باغ ۾ ڪئمپ قائم ڪري صدين کان قائم وڻن کي وڍڻ شروع ڪيو. هي باغ لوڪل بورڊ جي حوالي هئڻ ڪري ان جي سار سنڀال ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي حوالي ڪئي. پر ان جي سار سنڀال جي بجاءِ باقي بچيل وڻ به وڍرايا ويا. رهيل ڪسر

وري ريتي بجري ڪٽنڌڙ مافيا پوري ڪئي. قلم 144 جي باوجود به پوليس جي نگراني ۾ هتان ريتي بجري چوري ڪري هن تاريخي باغ کي کنڊرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اهو سمنڊ جي پاسي هئڻ ڪري اتي هڪ بهترين تفريح گاهه قائم ڪرڻ سان حڪومت کي چڱي آمدني ٿئي ها ته ان سان گڏ هي تاريخي باغ به بچي پوي ها، پر هاڻي اسان هن باغ کي ياد ڪري فقط ڳوڙها ئي ڳاڙي سگهون ٿا، وڌيڪ ڪجهه به نٿا ڪري سگهون.



فيبروري 1853ع ۾ چترڪار پاران ٺهيل وٺيجي جي پڙاءُ جو منظر

چيلاٽي واري علائقي کان اڳ ديهه پيپري ڪراچي واري علائقي ۾ هڪ جاءِ تي ڇهه فٽ ڊگهو ۽ ٽي فٽ ويڪرو پٿر آهي جنهن کي سڪئي واري روهي چيو ويندو آهي. اها روهي پٿر هاڻي اسٽيل سليگ ڊيم جي اندر اچي ويئي آهي. جتي لوهه جو ڪچرو جمع ڪيو وڃي ٿو. سلطان شاهه ٻڌايو ته روهي اجان موجود آهي. پر اوڏانهن وڃڻ لاءِ انتظاميا کان اجازت وٺڻي پوي ٿي. ان لاءِ مشهور آهي ته سسئي پنهور کان نڪري ساهيڙين کان موڪلائيو ساهيڙين وڃڻ کان منع ڪئي پر رواني ٿي ته مائي سسئيءَ جي تمام ويجهي سهيلي سڪئي ڪيس وڃڻ لاءِ همٿايو. سڪئي جو ذڪر ٿئي جي عامل پرسومل جي سگهڙ پٽ جنهن جو نالو موريو فقير هو. هن سگهڙ مائي سسئي کي جمڻ کان وني زمين ۾ اندر گهڙڻ تائين ڳايو آهي. سندس 113 بيت آهن. جنهن جو هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو.

سسئي چيو ته سڪئي کي ادي الله توهار
ڪنيم سور سکا ڪري ڏنا جي ڏاتار

گھوري، ٽيندس گھوٽ جي الله جي آڌار
هئي هئي هل هنبا ڪري، روئان زارو زار
جيڪس هيٽي ذات ڏسي جت چڙي وئين يار،
ڏيان باهه پنيور کي دوست توهان ڌار.

مسجد ۽ ڌرم شالي جا آثار بہ موجود آهن. گھگھر وارو ڏورو جيڪو مورند ڳوٺ لڳ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو. جنهن جي هڪ ڇاڙ جو نالو وٽيجي ۽ ٻئي جو نالو گھگھر ڏورو آهي. پير مجني واري قبرستان کان ٿورو پهرئين وٽيجي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ٻئي حصا پاڻ ۾ ملي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. هتي هن جو نالو وٽيجي ڏورو آهي.

گھاري ڪراچي واري پراڻي گس تي جيڪو سمنڊ ڪناري آهي ۽ درگاهہ شاهہ حسن ڪانپوءِ پنيور ۽ گھاري تائين مقامي ماڻهن جي استعمال هيٺ اهو حصو اجا موجود آهي. انهيءَ واٽ تي ڏابيجي يونين ڪائونسل واري علائقي ۾ سسئيءَ جي نالي سان بہ روهيون موجود آهن. اسان کي انهن تائين پهچڻو هو. پراڻي رستي جو وٽيجي وارو ٽڪرو خراب هو. تنهنڪري اسان گھگھر کان قري نيشنل هاءِ وي کان ڏابيجي وڃڻ لاءِ روانا ٿياسين.



ڏابيجي لڳ سمنڊ ڪناري سسئي جي روهي ۽ واٽ

چيلاٽي ڪانپوءِ ڪنيين واري ويران پٽ ۾ هڪ پراڻو ڊنل پٽر جو گھر هو جيڪو ديهہ گھگھر ۾ آهي. سلطان شاهہ ٻڌايو هتي جبلي پووي جو ڳوٺ هو ۽ انهن جون ٻنيون بہ هيون. پورٽ قاسم اٿارٽي انهن کي لڏايو آهي. اهو علائقو پورٽ قاسم هاڻي پرائيويٽ فيڪٽرين جي مالڪن کي وڪرو ڪري رهي آهي. جتي هاڻي ڪنٽري ڪلب آهي ان جي اتر پاسي واٽئي وارو ترا (تلاءُ) اڄ بہ موجود آهي جيڪو برساتن ۾ پرجي ويندو آهي. ساڪري جا گبول برساتن ڪانپوءِ مال ڪاهي لڏي اچي انهيءَ تلاءُ ۾ اجها اڏيندا آهن، جتي انهن جا ”رڪ“ آهن. چاڪاڻ تہ هتي برسانن ڪانپوءِ مال جي چاري لاءِ گاهہ جام ٿئي ٿو. هي علائقو هاڻي اسٽيل مل ۾ اچي ويو آهي.

گهگهر ڦاٽڪ تي نهيل سسئي پل جي ساڄي هٿ تي جيڪو رستو اسٽيل مل ۽ پورٽ قاسم ڏانهن وڃي ٿو. جنهن رستي کي اسان اسٽيل مل کان وٺيجي ڏانهن اچڻ لاءِ استعمال ڪيو اسان ٻيهر انهيءَ رستي تان علي خان پووي واري ترا (تلاءُ)، ڪندورائي واري ڪسي کان ٿيندا پير مجني (مزني) واري قبرستان تائين آياسين. اهو قديمي قبرستان گهگهر وارن پوون (ڪلمتين جو قبيلو) جو آهي. قبرستان ۾ ڪجهه گهاڙي قبرون آهن. هتي اسان کي هن علائقي جي تاريخ جو ڄاڻو ۽ سگهڙ پير بخش قيصراڻي پوو مليو. جنهن ٻڌايو ته ”قبرستان جي زمين قبضي لاءِ پورٽ قاسم اٿارٽي جا بلڊوزر فيڪٽري مالڪن جي اڳواٽي ۾ اسان کي گهڻو تنگ ڪيو آهي. قديم قبرستان جيڪو انگريزن جي دور ۾ سروي واري نقشي تي به چڙهيل آهي پر پوءِ به پورٽ قاسم اٿارٽي وارا مڃڻ لاءِ تيار نه آهن.“

الميو ئي ڄاڻي واڻي نه سمجهڻ جو آهي. خدا ڪري ائين نه ٿئي جو ڪڏهن اخبار ۾ اها خبر ڇپجي ته گهگهر ۾ پير مجني (مزني) واري تاريخي قبرستان کي پورٽ قاسم انتظاميه ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيو.

سسئيءَ واري روهي لاءِ رستو ڏاٻيجي اسٽاپ کان اڳ ساڄي پاسي نڪري ٿو. هڪ روهي ”گهگهوٽ واري ڍوري“ جي ڪپ تي آهي. جڏهن ته ٻي روهي سسئيءَ واري ڍوريءَ جي ڪناري تي آهي. جتي پهچڻ لاءِ اسان رستو پلجي ريتي بجري ڪٽنڊڙ ڊمپرن ۾ وڃي ياسين جيڪي بيدرديءَ سان زمين مان مٽي ڪٽي پوري علائقي کي ڀڙڀانگ ڪري رهيا هئا. آئون، سلطان شاهه ۽ ڊرائيور عظيم عرف پنڇهي، سسئيءَ وانگر ويراني ۾ ڀٽڪي رهياهئاسين ته هڪ جهونو مليو حال احوال ڪانپوءِ جهوني اسان کي ٻنهي روهين جو ڏس ڏنو. سچ لهڻ تي هو. ڪنهن به هڪ روهي تائين پهچڻ ممڪن هو تنهن ڪري اسان گهاري پاسي لڳل سسئيءَ واري ڍوريءَ جي ڪپ تي لڳل ”روهي“ ڏانهن پنڌ روانا ٿياسين. انهيءَ قديم رستي جو اهو حصو سلامت هو. انهيءَ رستي تان سسئيءَ سميت ڪيترائي قافلا گذريا هوندا. سمنڊ ڪناري خوبصورت علائقو برساتي ڍورن، وڻن ۽ سمنڊ ڪنارو تمر جي وڻن ڪري وڌيڪ خوبصورت لڳي رهيو هو. هر پاسي خاموشي هئي. اسان سسئيءَ واري ڍوري پار ڪري مٿي چڙهياسين ته اسان کان اڳ ڊرائيور ۽ هتان جو هڪ ڳوناٺو وڏو چڪر ڪاٽي ڳاڏين واري رستي هتي پهچي چڪا هئا. پيچري جي ڪناري صدين کان لڳل پٿر جنهن تي چنسالي به هئي. جيڪو صدين کان ”سسئي واري روهي“ نالي مشهور آهي. جنهن جي حفاظت اڃا تائين ڳوناٺا ڪندا اچن. اها پارت انهن کي وڏن کان ڪيل آهي.

روهي لاءِ مشهور آهي ته پنيور کان نڪرڻ وقت سسئي جون ساهيڙيون سسئيءَ سان گڏ نڪتيون، ڪجهه ساهيڙيون هتان واپس ٿيون ۽ نشاني طور اها ”روهي“ هتي لڳائي واپس ٿيون. پنيور هتان ست ميل اوير پاسي آهي. ڪجهه ساهيڙيون گهگهوٽ واري ڏوري تان واپس ٿيون ۽ انهن به نشاني طور هتي هڪ پٿر رکيو. جيڪا هن روهي کان ٻه ڪلوميٽر اولهه پاسي آهي. سسئيءَ جي خاص ساهيڙي سڪئي ۽ ٻيون وتيجي ڪانپوءِ چيلاٽي واري ڏوري کان پار واپس ٿيون ۽ سڪئي هتي نشاني طور روهي لڳائي. جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. هن کان اڳتي سسئي اڪيلي رواني ٿي. سڪئي واري روهي کان پنيور 12 ميل پري آهي.

سچ ٻه ٽڪجي لهڻ تي هو ۽ اسان به واپس ورڻ جي ڪئي.انهيءَ دعا سان ته اهي بچيل نشانيون سلامت رهن.

اهي روهيون اسان جي تاريخي ورثن ۾ شامل آهن. انهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته سسئي کهڙي رستي سان پنيور کان وندر ڏانهن ويئي هوندي. انهن ورثن جي حفاظت ضروري آهي نه ته ترقيءَ جي نالي ۾ انهن جو حشر به وتيجي جي تاريخي باغ، ٻين تاريخي يادگارن جهڙو ٿي ويندو. هينئر جتي اسٽيل مل آهي، اهو ديهه ٻاڪراڻ جو علائقو آهي. هن وقت جتي اسٽيل مل جو مين پلانٽ آهي، اتي چوڪندي طرز اڏاوت تي شيخ محمد جي نالي سان هڪ وڏو قبرستان هو. هن پوري قبرستان کي بلڊوزرن سان ختم ڪيو ويو. فقط ڪجهه قبرون بچي ويون آهن. جن کي اڃا تائين شيخ محمد قبرستان جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هي تاريخي قبرستان ڪراچي، گهاري پراڻي رستي تي 21 ميلن تي هو. ياد رهي ته ٻاڪراڻ، پپري، جوريجي برساتي ڏورن جا نالا آهن ۽ صدين کان انهن دريائن، نئين ۽ ڏورن جي ڪناري ڳوٺ آباد ٿيندا رهيا آهن. انهن ڏورن جي ڪناري تي به هر هنڌ پٿر جي دور يا ان کان اڳ واري دور جا آثار موجود آهن. آثار قديم جا ماهر ٻاڪراڻ ۽ سڪڻ جي ڪناري تان مليل ٿانون لاءِ چون ٿا ته اهي آمري جي اوائلي ٿهن مان نڪرندڙ ٿانون جهڙا آهن. ان لاءِ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي نه ته اهي به اسٽيل مل واري قبرستان ۽ اورانگهي (اورنگي) واري ماڳ وانگر ختم ٿي ويندا، جتان آثار قديم جي ماهرن ٺڪريون به هٿ ڪيون هيون، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته، اهو تاريخ کان اڳ جو ماڳ آهي. ٻاڪراڻ ۽ سڪڻ وارا ماڳ به ائين تباهه ٿي ويندا، جيئن ٻيا ماڳ تباهه ٿيا آهن.

لانڍي کان ملير ڏانهن اينڊي ملير پل، جتي ٿڏو ۽ سڪڻ نئين، ملير نئين ۾ شامل ٿي سمنڊ ڏانهن وڃن ٿيون. جي اولهه پاسي گدڙ ڪالونيءَ جو علائقو آهي. اهو علائقو تپي لانڍي ۾ آهي. گدڙ ڪالونيءَ واري علائقي کي شيخ واري چيو ويندو هو، جتي پوءِ هندستان کان پناهه گيرن جا ڪٽڪ اچي لٿا، هن علائقي ۾ جهنگ هجڻ ڪري اتي گدڙ جام هوندا هئا ان ڪري هن علائقي

ڪي گدڙ ڪالوني چوڻ شروع ڪيو ويو. هينئر ان جو سرڪاري نالو مظفرآباد آهي. جيئن شيخ واريءَ ڪي ماڻهن وساري ڇڏيو. هاڻي گدڙ به شينهن ٿي ويا آهن ۽ ايندڙ نسل ڪي فقط مظفرآباد ياد رهندو.

مشين ٽول فيڪٽري لڳ ريلوي ڦاٽڪ آهي. هن ڦاٽڪ کي حمات جا در چيو ويندو هو، چاڪاڻ ته هتي ريلوي ڦاٽڪ تي در هوندا هئا، جمع حمائتي پراڻو ڳوٺ هو، ان نسبت سان اهي حمايتي در مشهور هئا.

لانڍي ملير ايريا جو پورو علائقو ريڙهي ۽ واڳون ڌر تائين ٻڍي فارسي واري پٽ جي نالي سان مشهور هو، هي علائقو ٻڍي فارسي جو هو ۽ اڄ هن کي مختلف نالن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ اڄ اهو ٻڍو فارسي ۽ رئيس بچل خان، جنهن جو هتي ڳوٺ هوندو هو، سيني کان وسري ويا آهن ۽ جيڪڏهن ياد به آهن ته به فقط جهونن کي، جن هتي رئيس بچل خان ۽ ٻڍي فارسي وٽ مزدوري ڪئي ۽ ڪچهريون ڪيون هيون.

جامعه ملير ڪراچي جي جاءِ تي گوڪل داس اسڪول هوندو هو. جتي آسپاس جي ڳوٺن جا ماڻهو اچي تعليم حاصل ڪندا هئا ۽ پوءِ گوڪل  داس کي جامعه ملير ۾ تبديل ڪري پنهنجي مسلمان هئڻ جو فرض پورو ڪيو ويو.

ملير کان ايئرپورٽ ڏانهن وائرليس گيٽ جي سامهون هن وقت چوٽاگيٽ جو اسٽاپ آهي. ڪنهن زماني ۾ هن کي موريو ڳوٺ اسٽاپ چيو ويندو هو. شايد موريو ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ هو، جيڪو هضم نه ٿي سگهيو ۽ اهو موريو مان تبديل ٿي چوٽاگيٽ ٿي ويو. اتي موريو خاندان جا ڪجهه گهر اڃا به موجود آهن، جيڪي ڪراچيءَ ۾ هلندڙ دهشتگردي ۽ بلڊرز مافيا جي تيز هوائن جو مقابلو ڪري رهيا آهن پر ڪيستائين؟ ڪراچي ايئرپورٽ سامهون نيشنل هاءِ وي تي ڪراچي شهر ڏانهن ويندي ساڄي هٿ تي ديوي جي وڻن جي جهنگ ۾ اڄ به هڪ مسجد قائم آهي هتي ڪاغذي بازار (بازار بلوچي ۾ ڳوٺ کي چئبو آهي) هوندو هو. ڪاغذي بازار لڳ وڏيري احمد ٻاپڙي ۽ عيسيٰ بري جا ڳوٺ به هتي هئا. انهن تنهي ڳوٺن کي 1950ع ۾ هتان اٿاريو ويو. وڏيري احمد ۽ عيسيٰ کي حاجي مريد بڪڪ وارن لالو ڪيٽ ۾ پنهنجي پاسي ۾ رهڻ لاءِ پٽ ڏنو. ڪاغذي بازار جا بلوچ ڪڪ پن ٿي ويا. انهن کي هتان سيڪيورٽي رسڪ ڪري اٿاريو ويو. حاڪمن جي سامهون اسان سنڌين جا ڳوٺ سڀ سيڪيورٽي رسڪ آهن.

ناٿاخان پل جي ڏکڻ پاسي وارو پورو علائقو ناٿاخان جو هو ۽ اتي ناٿا خان پنهور جو ڳوٺ هوندو هو. ناٿا خان پاڻ به مالوند ماڻهو هو. ڳوٺ وارا  پنهنجي زندگين مان مطئمن هئا. چاڪاڻ ته هتي بهترين چراگاهه هوندو هو، جتي انهن جو مال چرندو هو. ناٿا خان ميندي لڳل ڏاڙهيءَ سان ڏاڃ

گاڏي ۾ چڙهي ڪير جي حساب ڪتاب لاءِ لي مارڪيٽ جي پڙي ڏانهن ايندو ويندو هو، پرپاسي ملير ندي مان صاف ۽ شفاف پاڻي وهندو هو. ڳوٺ جون ناريون پيئڻ لاءِ پاڻي پرڻ ملير نئين تي وينديون هيون، پوءِ ڏسندي ڏسندي سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. چراگاهن وٽ فليٽ ۽ ڪوارٽر ٺهي ويا. ملير ندي جو صاف ۽ شفاف پاڻي گدلو ٿي ويو. ناتاخان ڳوٺ ڏارين جي حوالي ٿي ويو، هن ڏوهه ۾ اسان به برابر جا شريڪ آهيون. ان ڳوٺ وارا هن وقت الاجي ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهن؟ هتي اجان شايد چند گهر هجن، باقي ٻين جي ڪا خبر ڪانهي.

ٿي هتي وارو علائقو جتي خواجن جا ٽي دڪان هئا، جن مان هڪ منائيءَ جو، ٻيو ڪٽ بوسي جو ۽ ٽيون پرچون جو دڪان هيو، انهن ٽن دڪانن جي ڪري ئي اهو ٽي هٽ جي نالي سان مشهور هو. هٽ دڪان کي چيو ويندو آهي. بعد ۾ انهن ڪانسواءِ خاصخيلين جو به هڪ دڪان ٺهيو ۽ نومڙين پاران به هتي هڪ هوٽل کولي ويئي. لانديءَ، ملير ۽ آسپاس جا ماڻهو اٺ گاڏين ۽ گڏهن تي ڪير، گاهه ۽ سبزي کڻي لي مارڪيٽ جي ڪير ۽ سبزي مارڪيٽ ڏانهن ايندي ويندي هتي اسٽاپ ڪندا هئا. چانهه پي ضرورت جو سامان وٺي پنهنجي منزل ڏانهن راهي ٿيندا هئا. ٽي هٽيءَ جي سامهون خواجن جا گهر ۽ پٽيل پاڙو هوندو هو، لياري ندي جي ڪناري هاٽوڪي ٽي هٽي پل کان لالو کيٽ ويندي ساڄي هٽ تي خاصخيلين جو ڳوٺ هوندو جنهن کي لياقت علي واري دور ۾ زوري اٿاري هتي هندستان مان آيل ماڻهن کي ويهاريو ويو. حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ، جان محمد بنديچو ڳوٺ جنهن جو پراڻو نالو ڏتو بنديچو هو. مستري الله ورائي جو ڳوٺ، عيسيٰ ڳوٺ، يعقوب جوکيو ڳوٺ ۽ بلوچن جا ڳوٺ الياس ڳوٺ، ناگمان ڳوٺ اڄ به موجود آهن. ٽي هٽي هاڻي تين هٽي ۾ تبديل ٿي چڪي آهي.

ٽالپرن جي دور ۾ 1799ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي پنهنجي فيڪٽري جتي قائم هئي انهيءَ جاءِ تي 1840ع ۾ هڪ باغ قائم ڪيو ويو. 1860ع ۾ ڪراچي ميونسپلٽي هن کي عوامي باغ ۾ تبديل ڪيو ۽ ان جو نالو وڪٽوريه گارڊن رکيو ويو. جولاءِ 1934ع ۾ مهاتما گانڌي ڪراچي جي دوري دوران ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن گانڌي جي مان ۾ هتي دعوت ڪئي انهيءَ تقريب ۾ ان باغ جو نالو وڪٽوريه گارڊن مان تبديل ڪري گانڌي گارڊن رکيو. اڄڪلهه گانڌي گارڊن چڙيا گهر ۾ تبديل ٿي ويو آهي. جتي حسن لشڪري جو باغ هو حسن لشڪري ڳوٺ ۽ ساهو باغ اڄان موجود آهن پر سرسبز باغن جي بجاءِ وڏيون عمارتون ٺهي ويون آهن. گانڌي گارڊن جي سامهون وڏي ڪوٺ وانگر بلڊنگ نظر ايندي، جنهن تي لکيل آهي ”سيفي بلڊنگ 1930ع“ سيفي خواجي جي ڪري فاطمه گرلز ڪاليج ڪانپوءِ وارو علائقو رنچوڙ لائين تائين سيفي نگر هو، پر هاڻي سيفي نگر. اسلام پورا ۾ تبديل ٿي ويو آهي. اسلام پورا جا وڏا وڏا بورڊ لڳايا ويا آهن ۽ فقط

هڪ يا ٻن ٻئنڪن جي بورڊن تي سيفي نگر برانچ لکيل نظر اچي ٿو. رنڇوڙ لائين ڪانپوءِ گاهه منڊيءَ جو علائقو اچي ٿو. هن جو نالو درمسي واڙو هوندو هو، هتي هڪ وڏو واڙو ۽ پاڻيءَ جو حوض هوندو هو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ به گهڻي عرصي تائين اهو علائقو درمسي واڙو هوندو هو پر هاڻي اهو گهاس منڊيءَ ۾ تبديل ٿي ويو آهي. درمسي جي واڙي ۾ گاهه وڪڻڻ جي پڙي به هوندي هئي. لي مارڪيٽ بس اسٽاپ لڳ نيپئر پوليس ٿاڻي جي سامهون پاڻيءَ جي لاءِ هڪ حوض هوندو هو، اتي هاڻي پيٽرول پمپ آهي. نيپئر پوليس ٿاڻي واري علائقي ۾ به مال جي پڙي هوندي هئي.

لي مارڪيٽ کان سٽي ڪورٽ ڏانهن ويندي نگار سينيما کان پوءِ نانڪ واڙو آهي، پر هن علائقي کي بعد ۾ اينڊڙ ماڻهن هري مسجد جو نالو ڏيئي مسلمان ڪيو. سول اسپتال جي پوئين پاسي راجا مينشن جو علائقو آهي جتي راجا مينشن بلڊنگ ۾ پوليس ٿاڻو به انهيءَ نالي سان هوندو هو پر هن علائقي جو نالو تبديل ڪري عيد گاهه رکيو ويو ۽ پوليس ٿاڻو، جيڪو راجا مينشن پوليس ٿاڻو هوندو هو ان جو نالو به عيدگاهه پوليس اسٽيشن رکيو ويو آهي.

اها ان دور جي ڳالهه آهي. جڏهن بندر روڊ تي مٽي اڏامندي هئي، اين جي وي اسڪول ڪانپوءِ موليڏنو مسافر خانو هوندو هو. جيڪو 1887ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. ان ڪانپوءِ غلام حسين خالق ڏنو هال، جيڪو 14 جولاءِ 1906ع ۾ ٺهيو، موليڏنو مسافر خانو ختم ڪري ان تي قبضو ڪري رهائش لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. گهڻي عرصي تائين اهو مسافر خانو بس اسٽاپ جي طور تي مشهور هو پر هاڻي مسافر خاني جو نالو به موليڏني وانگر ماڻهن جي دلين تان ميسارجي ويو يا ميساريو ويو آهي. ان جي سامهون ريڊيو پاڪستان کان وٺي اردو بازار ۽ هاٽوڪي رتن تلاءُ وارو پورو علائقو رتن تلاءُ هو، پر هن جي اڌ حصي کي اردو بازار ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ رتن تلاءُ هڪ ننڍي علائقي تائين سوڙو ٿي ويو آهي.

رام باغ جو علائقو جتي ڪنهن زماني ۾ تيرٿ آستان ۽ باغ هوندو هو. رتن تلاءُ وانگر انگريزن جي اچڻ کان اڳ هتي هڪ پاڻي جو چشمو ۽ تلاءُ هوندو هو، جنهن مان هن پوري علائقي جا ماڻهو پيئڻ جو پاڻي حاصل ڪندا هئا ۽ ڍور ڍڳن لاءِ به پاڻي استعمال ڪندا هئا. هن علائقي لاءِ اهو به چيو وڃي ٿو ته لنڪا کان هنگلاج ويندي رام، سيتا ۽ رام جو ڀاءُ لڪشمڻ هتي ترسيا هئا، جنهن جي ڪري اهو علائقو رام باغ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. رام جو نالو اسان جي مسلمان ڀائرن کي پسند نه آيو، انهن رام کي آرام ڪرائي هن علائقي جو نالو آرام باغ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ تاريخي باغ جو حشر به اسان ٻرو ڪري ڇڏيو آهي.

1850ع ۾ مسٽر بارٽل فريئر ڪمشنر مقرر ٿيو. هن جي نالي سان ميٽروپول هوٽل جي سامهون هڪ باغ جنهن ۾ فريئر هال ۽ لائبريري ٺهرائي وئي، ان هال جو نالو بدلائي صادقين گيلري ۽ لائبريري جو نالو لياقت لائبريري رکيو ويو آهي. ان باغ جو نالو بدلائي باغ جناح رکيو ويو آهي.
بندر روڊ جي آخري ڇيڙي تي بولٽن مارڪيٽ آهي. ان زماني ۾ اهو ميونسپل جي صدر مسٽر بولٽن جي نالي تي ٺاهيو ويو. 87-1886ع ۾ هن کي وڌايو ويو. ورهاڱي کان اڳ لڪشمي ڪمپني جو مالڪ لالا لڇپت راءِ هو. هن جي اڏاوت ڪانپوءِ 24 ڊسمبر 1938ع ۾ ننڍي ڪنڊ جي مشهور سياسي شخصيت مسز سروجني نائيڊو ان جو افتتاح ڪيو هو. جاءِ جي چوٽي تي لڪشمي ديوي جو مجسمو لڳل هو. ڪراچي جي ٻين مجسمن وانگر ورهاڱي ڪانپوءِ هن کي به هٽايو ويو. سونارو بازار صرافا بازار ۾ بدلجي ويو.
ڪلفٽن ۾ عبدالله شاهه غازي جي مزار جي سامهون واري گهٽي ۾ ڪلفٽن جي مرڪزي روڊ تي موهٽا پيلس آهي. هن اجڙيل جاءِ جي نئين سر مرمت ڪري هن کي خوبصورت بڻايو ويو آهي. گلابي رنگ جي اها خوبصورت جاءِ جنهن جي چئني ڪنڊن ۽ مرڪزي دروازي جي ٻنهي پاسن کان ڇت تي چار گنبذن وارا مينار ۽ ڇت تي به خوبصورت ڇٽي جهڙا گنبذ آهن جنهن جي ڪري جاءِ نهايت خوبصورت ڏيک ڏيئي ٿي. هي آگري جو لال قلعي وانگر آهي. هن کي هڪ هندو شيو رام موهٽا 1933ع ۾ اڏيو هو. جنهن جو مقصد ائين هو ته موهٽا جي گهر واري اڪثر بيمار رهندي هئي. حڪيمن موهٽا کي چيو ته هن کي صبح کان شام تائين يعني هر وقت سمنڊ کان ايندڙ هوائن جي ضرورت آهي. جنهن لاءِ موهٽا پنهنجي بيمار گهر واريءَ لاءِ سمنڊ ڪناري اهو محل اڏيو. موهٽا پيلس جو نقشو آغا احمد حسين تيار ڪيو هو. انهيءَ شخص ڪراچي چيمبر آف ڪامرس ۽ هندو جيم خاني جي جاين جا نقشا به تيار ڪيا هئا پر موهٽا پيلس انهن کان وڌيڪ خوبصورت آهي. ان جاءِ ۾ موهٽا پاران اڪثر دعوتون به ٿينديون هيون جنهن ۾ شهر جا معزز ۽ معتبر ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا. موهٽا انهيءَ جاءِ ۾ سر آغا خان سلطان محمد شاهه جي دعوت ڪئي هئي. هن جاءِ تي اندر تهه خاني مان هڪ غار به ٻاهر سمنڊ ڏانهن ويندي هئي جيڪا هاڻي بند ٿي چڪي آهي. انهيءَ غار لاءِ محبوبن ۽ معشوقن جي ملڻ جا پراڻا قصا به لاڳاپيل آهن. هن جاءِ کي جيڪا موهٽا پيلس طور مشهور آهي. ان جو نالو بدلائي ”قصر فاطمه“ رکيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته ورهاڱي ڪانپوءِ اها جاءِ فاطمه جناح کي الاٽ ڪئي وئي هئي. شيوارام جو تعلق بيڪانير سان هو. هن جو پيءُ گورڌن داس شهر جو امير ترين ماڻهو هو. کاري دري واري علائقي ۾ ڪپڙي جي مشهور مارڪيٽ گورڌن داس ڪلاٿ مارڪيٽ انهيءَ جوڙائي هئي. جنهن جو نالو تبديل ڪري اقبال ڪلاٿ مارڪيٽ رکيو ويو آهي.

جتي هينئر آگرا تاج ڪالوني ۽ بهار ڪالوني لياري ندي ڪناري آهن. هن پاسي هندوئن جو پراڻو مساڻ (شمشان گهاٽ) هيون. هندستان جي علائقي آگرا يو پي ۾ آيل پناهگيرن کي هتي وسايو ويو. تاج محل جيئن تہ آگرا ۾ آهي انهيءَ ڪري انهيءَ جو نالو آگرا تاج ڪالوني رکيو ويو.

ورهاڱي کان اڳ ۾ گهڻين جاين تي انگريز، پارسي ۽ هندوئن جي اهم سماجي ۽ سياسي اڳواڻن جا مجسما لڳل هئا. ڪياماڙي لڳ انهيءَ جاءِ تي جتي پهرئين ڊسمبر 1847ع تي ڪراچي جي ماڻهن چارلس نيپئر کي الوداع ڪيو. هتي چارلس نيپئر جو پٿر جو مجسمو 1853ع ۾ يادگار طور لڳايو ويو. فريئر هال ۾ راڻي وڪٽوريا ۽ شاهہ ايڊورڊ ستين جا مجسما لڳل هئا. اڇي سنگ مرمر جا اهي انتهائي خوبصورت مجسما هئا. راڻي جو مجسمو 1906ع ۾، جڏهن تہ بادشاهہ جو مجسمو 1916ع ۾ لڳايو ويو. وڪٽوريا روڊ (هاڻوڪي عبدالله هارون روڊ) ۽ اسٽريچن روڊ جي ميلاپ تي ڪراچي جي مشهور سماجي ڪارڪن ايڊلجي ڊنشا جو مجسمو لڳل هو جنهن ۾ ان کي روايتي پارسي روپ ۾ ڏيکاريو ويو هو. مجسمو ڪراچي جي شهرين ان جي ياد ۾ ٺهرايو هو. ايڊلجي ڊنشا جي پٽ نادر شاهہ ڊنشا جو مجسمو 1933ع ۾ فليگ اسٽاپ هائوس جي سامهون لڳايو ويو. جنهن جي پردي هٽائڻ واري تقريب 4 مارچ 1933ع ۾ ٿي. لڪشمي بلڊنگ تي لڳل لڪشمي جي ديوي جو مجسمو اسان جي ترقي ۽ مسلماني رستي ۾ رڪاوٽ هو. انهن کي هٽائي مسلمان ٿيڻ جو فرض پورو ڪيو ويو. مهاتما گانڌيءَ جو مجسمو ڪورٽ روڊ (ڪنگس روڊ) تي هاءِ ڪورٽ جي سامهون لڳل هو. اهو مجسمو انڊين مرچينٽس ايسوسيئيشن پاران لڳايو ويو هو. ڪنجي جو اهو مجسمو، مجسما سازي جي فن جو شاهڪار هو جنهن ۾ گانڌي کي هڪ صوفي طور پيش ڪيو ويو هو جنهن جي هيٺيان لکيل هو. ”مهاتما گانڌي – آزادي، سچائي ۽ اهنسا جو اشتهار.“



منگهي پير ۾ قبضو ڪيل ساڌو هيرانند ڌرم شالو

ڪراچي پارسي انسٽيٽيوٽ جي مرڪزي گيٽ تي جواهر لال نهرو جو پٽر جو نهيل هڪ مجسمو لڳل هو. اهي سيئي مجسما جيڪي خوبصورت شاهڪار هئا. ورهاڱي ڪانپوءِ انهن ڪي اسلامي جذبي تحت هٽايو ويو.
لنڊا بازار ۾ لائيٽ هائوس سيمينا جي سامهون وارو علائقو گاڏي کاتي جي نالي سان مشهور آهي. ڪنهن دور ۾ ٽرامن کي به گهوڙا ڇڪيندا هئا، اتي گهوڙن جا وٿاڻ ۽ انهن جي پيئڻ جي پاڻي جا حوض هوندا هئا. گاڏي کاتي وارو علائقو دلي مسلم هوٽل ۽ پيپر مارڪيٽ سان مشهور ٿي ويو آهي. جنهن وقت سيلي وسلن سنڌ جو گورنر هو ته ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌين پنهنجي ڪوشش سان چندو گڏ ڪري جيڪو لک رپيا ٿيو هو، ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي نوجوانن لاءِ هاسٽل ٺهرائي جنهن جو افتتاح سيلي ولسن ڪيو هو جنهن کي بعد ۾ سيلي ولسن مسلم هاسٽل به چيو ويو. ان هاسٽل جو نالو تبديل ڪري جناح ڪورٽس هاسٽل رکيو ويو آهي.
منگهوپير جي علائقي ۾ 1896ع ۾ گرم چشمي جي ويجهو 100 بسترن تي ٻڌل ساڌو هيرانند جي نالي سان ڪوڙهه جي علاج لاءِ اسپتال قائم ڪيو ويو، جيڪو ساڌو هيرانند ٽرسٽ قائم ڪيو هو. اسپتال سان گڏ ڌرم شالو ۽ مندر به هو. اسپتال اڄ به موجود آهي. هن جو نالو هاڻي منگهو پير جذام اسپتال رکيو ويو آهي. ساڌو هيرانند جو نالو ختم ڪيو ويو آهي. مندر ۽ ڌرم شالي تي قبضو ڪري گهر اڏيا ويا آهن.
ريڙهي لڳ سينهار تلاءَ جا نشان اڄ به موجود آهن. هن تلاءَ جي اندر ٽن کوهن جا نشان به آهن. ان ڪانسواءِ تلاءَ کان ٻاهر ستن کوهن جا نشان به آهن، جيڪي ڳاڙهين پڪين سرن سان ٻڌل آهن. اهي کوهه ۽ تلاءَ پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ استعما ڪيا ويندا هئا. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ تلائن کي پڪو ڪيو ويو. تاريخي کوهه ۽ تلاءُ مسلسل مٽي ڪٽڻ جي ڪري تباهه ٿي ويا آهن. ريڙهي ۾ وڏي پئماني تي سماجي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. پر انهن به تاريخي کوهن جي سار سنڀال لاءِ ڪجهه به نه ڪيو آهي. اسان کي ان وقت خيال ايندو آهي جڏهن اهي مڪمل طور تباهه ٿي ويندا.
هاڪس بي (ٻلهيجي) ۾ اک ڦاٽو (پيرا ڊائيز پوائنٽ) جو ذڪر ڪري آيو آهيان، هتي فرينچ بيچ پڪنڪ پوائنٽ آهي، جيڪو اصل ۾ حاجي عبدالله ڳوٺ آهي. چاڪاڻ ته هن ڳوٺ لڳ انهن ڳوناٺن پاران اها پوائنٽ ناهي وئي آهي. جتي هٽ به آهن پر هن پوائنٽ کي حڪومت پاران سياحن لاءِ ڪتابچي ۾ فرينچ بيچ ۽ ڏنگيءَ ۾ عبدالله ڳوٺ لکيو ويو آهي.
ڪورنگي نمبر ڇهه ۾ هندستان کان لڏپلاڻ ڪري آيلن جي وڏي آبادي ۾ جمع ڳوٺ، علي اڪبر شاهه ڳوٺ، چشما ۽ ٻيا ڳوٺ اڃن تا. جتي جمع ڳوٺ آهي ان پوري علائقي کي ڪاريون به چيو

ويندو آهي پر هاڻي هن ڪي نمبر ڇهه چيو وڃي ٿو. علي اڪبر شاهه ڳوٺ جتي سنڌين جي وڏي آبادي رهندي هئي. ڪجهه سالن ۾ اهو پورو ڳوٺ بهارين ۽ بنگالين، جيڪي غير قانوني طور هتي آيا جي قبضي هيٺ اچي ويو آهي، انهن ڪي هتي رهائش لاءِ شناختي ڪارڊ ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون ويون آهن ۽ هاڻي علي اڪبر شاهه ڳوٺ ڪي بنگالي ڪالوني چيو وڃي ٿو.

انهن ڪانسواءِ هيٺين رستن ۽ جاين جا نالا تبديل ڪيا ويا آهن. جيڪي رڪارڊ طور هيٺ ڏجن ٿا:

| پراڻو نالو | نئون نالو |
|---|---|
| بندر روڊ (مهاتما گانڌي روڊ) | ايم اي جناح روڊ |
| برنس روڊ | محمد بن قاسم روڊ |
| هيولاڪ روڊ | ايوان صدر روڊ |
| انگل روڊ | سرور شهيد روڊ |
| ڪچهري روڊ | ڊاڪٽر ضياءُ الدين روڊ |
| فريئر روڊ | شاهراهِ لياقت |
| نيو هام روڊ | فخري ماتري روڊ |
| رام پارٽ روڊ | آدمجي دائود روڊ |
| مشن روڊ | باباءِ اردو روڊ |
| لارينس روڊ | نشتر روڊ |
| ڊرگ روڊ | شارع فيصل |
| وڪٽوريا روڊ | عبدالله هارون روڊ |
| مينسيلڊ روڊ | سيدنا برهان الدين روڊ |
| ڪلارڪ روڊ | شاهراهِ عراق |
| ٽيلرام ڪيمچند روڊ | جي الانا روڊ |
| رام باغ روڊ | آرام باغ روڊ |
| هيرس روڊ | آغا خان روڊ |
| ميڪلوڊ روڊ | آءِ. آءِ چندريگر روڊ |
| وشوانات پٽيل روڊ | اسلم روڊ |
| امبئنڪمينٽ روڊ منو ڊر، لي مارڪيٽ | نواب مهابت خان روڊ |
| پريم پٽلي لين | غازي سليمان اسٽريٽ |

| | |
|---|---|
| چندن لين | رابعا بصري لين |
| فريئر اسٽريٽ | ڊاڪٽر دائود پوٽو روڊ |
| پرنس اسٽريٽ | چاند بيبي اسٽريٽ |
| رامچندر اسٽريٽ | بابر اسٽريٽ |
| وڪٽوريا ميوزيم | اولڊ اسٽيٽ بئنڪ بلڊنگ |
| سيتا رام بلڊنگ | جي. ايم. بي. گرلس اسڪول برنس روڊ |
| ليڪراج بلڊنگ<br>لال سنگهه گرون مل بلڊنگ (برنس روڊ) | حسن علي آفندي بلڊنگ<br>پنجائت هال |
| رچمنڊ ڪرافورڊ ڊسپينسري بندر روڊ | گورنمينٽ وٽنري هاسپيٽل |
| سيٺ شيوا رام ڪرڪيا مل چيري ٽيبل ڊسپينسري ڪارو در | شفائي مطب |
| امرت ڪوٽ وال بلڊنگ مشن روڊ | سرڪار مدرسه عوام |
| ڪنهيا مهاوديالا پاٺ شالا فريئر روڊ ايس سي (صاحب سنگ چندا سنگ) لا ڪاليج | گورنمينٽ هوم اڪنامڪس ڪاليج فار وومين<br>سنڌ مسلم لا ڪاليج |
| يونين جيڪ ڪلب | سروسز ڪلب |
| نيپئرس بيرڪس | لياقت بيرڪس |
| ڪنگس وي روڊ | ڪورٽ سنڌ |
| هوپ لاج بلڊنگ | سنڌ وائيلڊ لائيف بلڊنگ |
| نيپئر روڊ | مير ڪرم علي ٽالپر روڊ |
| ولڀ ڀائي پٽيل روڊ | نواب اسماعيل خان روڊ |
| واڌو مل اوڌا رام روڊ | طاهر يوسف الدين روڊ |
| نيو ڪوئنز روڊ | مولوي تميز الدين روڊ |
| انور ائٽري روڊ | آر. ڪياني روڊ |
| سمرٽ اسٽريٽ | راجا غضنفر علي خان روڊ |
| ساوٽ نيپئر روڊ | الطاف حسين روڊ |

| | |
|---|---|
| بارنيس اسٽريٽ | جميل اسٽريٽ |
| ديب چند اوجها روڊ | زيب النساءِ اسٽريٽ |
| موتي لال نهرو روڊ | جگر مراد آبادي روڊ |
| شاستري روڊ | ايس. ايم سيد روڊ |
| ڪنات روڊ | چوڌري محمد علي روڊ |
| گرانن روڊ | حسرت موهاني روڊ |
| هر چندراڻي روڊ | صديق وهاب روڊ |
| وڊ اسٽريٽ | ٽالپر روڊ |
| ڪنٽري ڪلب روڊ | يونيورسٽي روڊ |
| گارڊن روڊ | هز هائنس سر آغا خان-3 روڊ |
| اسيڪينڊل پوائنٽ روڊ | ڪلب روڊ |
| هردام رام روڊ | محمد علي بوگره روڊ |
| آتما داس پريتم داس روڊ | شاهه عبداللطيف روڊ |
| چيلو مل تلڪو رام روڊ (ڪلري) | شاهه ولي الله روڊ |
| پيريڊي پارڪ | علامه درس اسٽريٽ |
| پيٽل پارڪ | نشتر پارڪ |
| ٽڪنڊو پارڪ | عالمگير پارڪ |

اجان به گهڻا علائقا آهن، جن جا نالا تبديل ڪيا ويا آهن، گهڻن عمارتن جا نالا بدلايا ويا آهن. هتي قائم مسائن، ڌرم شالائن، آشرمن ۽ مندرن کي تباهه ڪيو ويو انهن جو ڪو رڪارڊ ڪونهي.

هي چند مثال مون اوهان جي اڳيان پيش ڪيا آهن ڪجهه علائقن ۽ ديهن جي نالن جي تبديلي جو ذڪر ڪتاب جي ديهن ۽ ٽپن واري باب ۾ ڏنل آهي. مندرن جو ذڪر مندرن واري باب ۾ ڏنل آهي ۽ جيڪڏهن پوري ڪراچي جي سروي ڪئي وڃي ته اهڙن تبديل ٿيل سوين علائقن، ڳوٺن ۽ رستن جا نالا ملندا پر اسان ڪنهن به دور ۾ ان جو رڪارڊ رکي نه سگهياسين. اجا دير نه ٿي آهي گهڻا جهونا اجان به حيات آهن جن ڪراچي کي نهندي ڏٺو. انهن سان ڪچهري ڪري گذريل سئو سالن جي تبديليءَ جو رڪارڊ رکي سگهون ٿا ۽ انهن جي يادن جي آڌار تي پراڻي ڪراچي جي علائقن جا نقشا به جوڙي سگهون ٿا.

اسان هن معاملي ۾ هميشه رومانيت پسند رهيا آهيون. اسان ڪلاچي ۾ مورڙي جي بهادري جا قصا ور ور پيا ورجائيندا آهيون، پر ڪراچي اسانجي هٿن مان نڪتي وڃي ٿي ۽ نڪري به چڪي

آهي پوءِ به اگهور ننڍ ۾ آهيون. پوءِ اسان هاءِ گهوڙا ڪنداسين، پر ان وقت گهٽي دير تي چڪي هوندي ۽ وقت اسان جي هٿان نڪري چڪو هوندو.

انهن علائقن ۽ جاين جي مون وٽ ان ڪري اهميت آهي جو اهي نالا تاريخ جي صفحن تي انهن نخلستانن وانگر آهن جن ڪي ڏسندي جديد تهذيب ۾ بگڙيل انسان جي اکين ۾ ٺڏاڻ جا جهرٽا لهي اچن ٿا. پر ظلم اهو آهي ته اسان انهن جاين ۽ علائقن جي حفاظت ڪري نه سگهيا آهيون، انهن جي بقا ضروري آهي. ائين نه ٿئي جو جڏهن ايندڙ نسل ڪتابن ۾ پڙهي انهي نخلستان تائين پهچي ته اهي نخلستان انهن لاءِ سراب نڪرن، چاهتون منتشر ٿي وڃن. اچو ته ايندڙ نسل جي چاهتن کي منتشر ٿيڻ کان بچايون، انهن نخلستانن کي سراب بنجڻ نه ڏيون.

پنهنجي وجود سان گڏ پنهنجي مالڪي جي تاريخي اهڃاڻ کي بچايون. انهن قديم نالن وارن علائقن کي ٻيهر جياريون.

# ڪجھ رهجي ويل منظر

**بهائيت (امر بهائي):**

بهائيت کي سمجهڻ لاءِ اڳ ۾ ”باب“ ۽ بابيت کي سمجهڻ ضروري آهي. بابيت کان بهائيت جو اهو سفر 163 سال اڳ ايران کان شروع ٿيو. 1843ع ۾ جڏهن انگريز مڪمل طور تي سنڌ قبضو ڪري چڪا هئا. ايران ۾ انهيءَ سال شيخي فرقي جو اڳواڻ ڪاظم رشتي وفات ڪري چڪو هو ته شيخي فرقي جو هڪ اهم اڳواڻ ملا حسين بشروئي امام غائب جي ڳولا ۾ نڪري شيراز پهچي ٿو.

شيخيا فرقو ايران جو هڪ مذهبي فرقو هو. جڏهن اٺيهين صدي جي ٽيهن واري ڏهاڪي ۾ ايران ۾ وڳوڙ وارو ماحول هو. سامراجي قوتون ايران تي حملي ۽ ان جي ڪجھ حصن تي قبضو ڪري پنهنجا پير جمائي چڪيون هيون، انهن ڏينهن ۾ انهيءَ وڳوڙي وايو منڊل ۾ شيعن ۾ هڪ فرقو شيخيان نالي ظاهر ٿيو. جنهن اهو پرچار شروع ڪيو ته امام مهدي جلد ظاهر ٿيڻ وارو آهي. جيڪو ايران ۾ موجود وڳوڙي وايو منڊل کي ختم ڪري هتي مڪمل اسلامي حڪومت قائم ڪندو. انهيءَ فرقي جو باني شيخ احمد حسائي هو. جنهن جي مرڻ ڪانپوءِ سيد ڪاظم رشتي کي اڳواڻ بنايو ويو. هن فرقي پنهنجو مرڪز ڪربلا ۽ نجف شريف کي قرار ڏنو هو.

ڪاظم رشتي جي وفات ڪانپوءِ فرقي جو اهم اڳواڻ ملا حسين بشروئي جڏهن امام غائب جي ڳولا ۾ شيراز پهتو، ته هن جي ملاقات هتي هڪ عجيب غريب شخص سان ٿي، جنهن جو نالو سيد محمد علي هو. هي شخص چلو ڪڍڻ، وظيفو ڪرڻ، ڪنهن مسئلي کي بيان ڪرڻ جو ماهر هو. ملا حسين بشروئي کي انهيءَ شخص ۾ اهو سڀ ڪجھ نظر آيو جنهن جي ڳولا ۾ هو نڪتل هو. وڏي بحث ڪانپوءِ 23 مئي 1844ع جي هڪ رات سيد محمد علي پنهنجي لاءِ ”باب“ جو اعلان ڪيو. ”باب“ معنيٰ امام مهدي تائين پهچڻ جو دروازو/ رستو ۽ هن جي مڄيندڙن کي ”بابي“چيو ويندو هو. جيڪو شيخي فرقي جو بيو جنم هو. محمد علي جهڙي ماڻهو کي جڏهن ايتري مقبوليت ملي ته هن پنهنجو رتبو پيغمبرن سان ملايو. جنهن ڪانپوءِ بابين (باب جي مڄيندڙن) بانگ ۾ باب جو نالو شامل ڪيو، ته ”باب“ (سيد محمد علي) پاڻ کي امام مهدي کان به مٿي هجڻ جي دعويٰ ڪئي. گهڻا شيعا عالم هن جي ڳالهين ۾ اچي بابي ٿيندا ويا. بابين جو هيڊ ڪواٽر شيراز هو. باب جي انهيءَ وڌندڙ مقبوليت تي شيراز ۽ هن جي آسپاس جا گهڻا عالم ۽ عام ماڻهو پريشان ٿيا ته انهن بابين خلاف مظاهرا شروع ڪيا. سخت احتجاجن کي بابي منهن نه ڏئي سگهيا ته ”باب“ (سيد محمد علي) اصفهان پڄي ويو. ايران جي عالمن ”باب“ لاءِ ڪفر جي فتويٰ

جاري ڪئي. جنهن تي ايران جي حڪومت اپريل 1847ع تي ”باب“ کي گرفتار ڪري ”ڪومين“ ۾ قيد ڪيو.

روس جيڪو خود سامراج جي وڏنڊڙ اثرن ۾ پيش قدمين ڪري پريشان هو تنهن سامراجين کي روڪڻ لاءِ ”بابين“ تي هٿ رکيو ۽ هن فرقي جي خوب مالي مدد ڪئي. انهيءَ سرپرستي ۽ مالي مدد جي ڪري ايران جي مختلف شهرن ۾ ايران حڪومت خلاف مظاهرا شروع ٿيا. مازندان، قلع، شيخ طهري، زنجان ۽ ٻين علائقن ۾ مظاهري ڪندڙن فوج تي حملا شروع ڪيا. ايراني حڪومت هن بغاوت کي طاقت سان ختم ڪيو. ايران جي بادشاهه ”باب“ کي اها صلاح ڏني ته هو ايران جي شيعا عالمن سان پنهنجي فرقي بابت مناظرو ڪري يا انهن کي قائل ڪري يا پاڻ قائل ٿئي. پر ”باب“ مناظري جي بجاءِ چون ٿا ته، توبه تائب ٿيو ۽ پنهنجي هٿن سان معافي نامو لکي ڏنو. ان جي باوجود 9 جولاءِ 1850ع ۾ ”باب“ کي تبريز ۾ گولين سان اڏايو ويو.




**ڪرمل اسرائيل ۾ باب سيد محمد علي جي مزار جو منظر**

آخري ڏينهن ۾ ”باب“ چهريق“ جي قلعي ۾ قيد هو. ”باب“ جي موت بابين کي حوصلو ڏنو ۽ بابين ڪنهن طريقي سان تبريز مان ”باب“ جي لاش کي ڪڍائي 50 سالن تائين ايران جي مختلف علائقن ۾ لاش لڪائيندا رهيا. نيٺ جنوري 1899ع ۾ باب (سيد محمد علي) جي لاش واري تابوت کي ”ڪرمل“ فلسطين ۾ دفن ڪيو ويو. جيڪو علائقو هن وقت اسرائيل ۾ آهي. جيڪو هاڻي بهائين جي هڪ اهم زيارت آهي. زيارت وقت هن جا ست ڦيرا ڏيندا آهن. باب کي قائم آل محمد، مهدي موعود ۽ بشر جمال مبارڪ معنيٰ بهاءَ الله جي نالي سان پڪارين ٿا.

باب جي مرڻ ڪانپوءِ اهو سمجهيو ويو ته اها تحريڪ ختم ٿي وئي. جنهن جو عرصو شيخيا فرقي سان ملائي ڪري فقط 12 سال هو ۽ بابين وارو عرصو فقط 9 سال هو.

باب (سيد محمد علي) کي جڏهن گولين سان اڏايو ويو ته ان کان اڳ پنهنجي گرفتاري دوران هُن ”صبح ازل“ کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو. پر بابين کي جنهن شخص تي اعتماد هو اهو صبح ازل جو ويڳي ڀاءُ مرزا حسين علي نوري هو. اهو به فرقي جي اڳواڻي جو اميدوار هو. جنهن

ڪانپوءِ مرزا حسين علي نوري اندر اندر پنهنجي رستي ناهڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهيو. جنهن لاءِ هن سياسي اثر رسوخ به حاصل ڪيو ۽ اندر اندر ۾ بابين کي منظم به ڪرڻ لڳو. جنهن جي ڪري گهڻا بابي هن جا حامي ٿي پيا ته هن (مرزا حسين علي نوري) 21 اپريل 1863ع ۾ نجيب پاشا جي باغ ۾ رهڻ دوران ”من يظهره الله“ هجڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ پنهنجي لاءِ بهاءُ الله جو لقب اختيار ڪيو. چاڪاڻ ته ”باب“ پنهنجي مرڻ ڪانپوءِ هڪ هزار سال بعد ”من يظره الله“ جي اچڻ/ ظهور ٿيڻ جي بشارت ڪئي هئي. پر باب جي مرڻ جي فقط تيرنهن سالن ۾ مرزا حسين علي نوري ”من يظهره الله هجڻ جي دعويٰ ڪئي. جنهن جي جواب ۾ هن اهو موقف اختيار ڪيو ته ”هي الله جون ڳجهيون ڳالهيون آهن جيڪي انسان جي سمجهه کان مٿانهون آهن.“ هن شخص جو تعلق ايران جي صوبي مازندان سان هو. هن جي پوري خاندان جو واسطو روس سان هو ۽ هن کي سياسي طور روس جي حمايت حاصل هئي ۽ اهو ئي بهائي مذهب جو باني به آهي. ۽ ائين بهائيت، بابيت جي ڪک مان جنم ورتو. ترڪي جي حڪومت آگسٽ 1868ع ۾ بهاءِ الله (مرزا حسين علي نوري) کي فلسطين جي شهر عڪا ڏانهن جلا وطن ڪيو. هتي ترڪستان ۽ ڪرمل جبل جي ماٿريءَ ۾ عطا جي قلعي جي جيل خاني ۾ بند ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ان کي حيفا ڏانهن موڪليو ويو. عڪا ۾ نظربندي دوران هن پنهنجي هڪ لوح ۾ جنهن کي بهائي ”لوح ڪرمل“ جو نالو ڏين ٿا. ڪرمل، ”باب“ سيد محمد علي جي قبر جي جاءِ آهي. هن لوح ۾ بهاءُ الله پنهنجي دين لاءِ ڪيترين بشارتون ڏنيون جنهن جي ڪري يهودي به ان لوح کي مقدس سمجهن ٿا. بهاءُ الله 1892ع تائين حيفا ۾ رهيو ۽ بهائيت هاڻي مڪمل دين جي صورت ۾ اڀري سامهون آيو. باب کان شروع ٿيندڙ بابيت هاڻي بهائيت نالي مذهب جي صورت ۾ دنيا ۾ پنهنجو ڪم شروع ڪيو. روس جي مڪمل پنيرائي هن فرقي کي حاصل رهي. مسلمانن جو خيال آهي ته، ”هڪ وقت ۾ سنين ۾ قادياني فرقو ۽ شيعن ۾ بهائيت فرقو ٻئي هڪ ئي مقصد لاءِ ناهيا ويا آهن ٻنهي ۾ گهٽي حد تائين هڪجهڙائي به آهي.“

28 مئي 1892ع ۾ بهاءُ الله 75 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. ته بهاءُ الله جي وڏي پٽ عباس آفندي کي 1892ع ۾ بهاءُ الله جو پهريون جانشين مقرر ڪيو ويو. اها جانشيني به چڪتاڻ واري رهي. چاڪاڻ ته بهاءُالله پنهنجي وصيت واري ڪتاب ”عهدي“ ۾ پنهنجو جانشين مرڪز ميثاق کي مقرر ڪيو هو. عباس آفندي جنهن عبدالبهاد (بهاءُ الله جو غلام) جو لقب اختيار ڪيو ۽ هن جو دور 1892ع کان 1921ع تائين رهيو. جنهن بهائيت کي وڏيڪ منظم ڪيو. عباس آفندي (عبدالبهاد) جو ڪو پٽ نه هو، تنهنڪري ”باب“ (سيد محمد علي) جي هڪ مائٽ مرزا هادي افغان جي پٽ شوقي آفندي کي جانشين مقرر ڪيو ويو. جيڪو عبدالبهاد عباس آفندي جو ڏوهٽ هو.

هن جو دور 1921ع کان 1957ع تائين رهيو. شوقي آفندي 4 نومبر 1957ع ۾ لنڊن ۾ وفات ڪري ويو. شوقي پنهنجو ڪو وارث مقرر نہ ڪيو. ڪجهہ بهائي جماعت جي مذهبي اڳواڻن ملي ڪري اها ذميواري نڀائي. جن کي بهائي تاريخ ۾ ”ايادي امرالله“ چيو وڃي ٿو. اهو سلسلو 1963ع تائين جاري رهيو. انهن جو تعداد 21 هو، جنهن مان 22 مرد ۽ 5 عورتون هيون.

21 اپريل 1963ع تي اسرائيل ۾ هڪ اهم اجلاس ۾ ”بيت العدل اعظم الاهي“ جو بنياد وڌو ويو. هي پوري امر بهائي جي معاملن کي هلائڻ لاءِ هڪ اعليٰ قانون ساز ادارو آهي. اداري کي هلائڻ لاءِ هر پنجين سالن ۾ لڪل چونڊ وسيلي نون ميمبرن جي چونڊ ڪئي ويندي آهي. اها چونڊ اسرائيل ۾ قائم بهائي جي هيڊ ڪواٽر ۾ هڪ مذهبي اجتماع ۾ ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ ڪنهن عورت کي چونڊ ۾ ويهڻ جي اجازت نہ هوندي آهي. ان جي باوجود بهائي مذهب ۾ قرة العين طاهره جو وڏو مقام آهي. قزوين جي هن خوبصورت حسينا جو نالو زرين تاج هو. جنهن جي ذڪر ۽ قرباني ڪانسواءِ بابي تحريڪ ۽ بهائيت اڻپوري آهي. اها پڙهيل لکيل خاتون بهترين شاعرا، قرآن ۽ حديث جي عالمہ 1817ع ۾ قزوين ۾ ڄائي ۽ 13 سالن جي عمر ۾ هن جي شادي ملا محمد سان ٿي. اهو دور شيخيا فرقي جي اسرڻ جو دور هو ۽ زرين تاج جو پيءُ هن فرقي جو سخت مخالف هو، پر زرين تاج 23 سالن جي عمر ۾ شيخيا فرقي جي ڪاظم رشتي سان رابطو ڪيو ۽ تحريڪ مان متاثر ٿي شيخيا عقيدي جي حق ۾ هڪ ڪتاب ”دراثبات تعليم شيخ“ لکيو. جنهن تي ڪاظم رشتي هن کي قرة العين جو لقب ڏنو. گهر ۾ مخالفت ڪري زرين تاج جيڪا قرت العين بڻجي چڪي هئي. پنهنجي مڙس ۽ ٽن ٻارن کي ڇڏي بهاءُ الله جي دعوت تي تهران پهچي، بهاءُ الله سان ملاقات ڪئي. ملاقات ڪانپوءِ بدشت ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. انهي شدت ڪانفرنس ۾ اسلامي شريعت جي ختم ٿيڻ جو اعلان ڪيو ويو. قرة العين خوبصورت لباس پائي نقاب اوڍي 81 بابين سان گڏجي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ پهتي. جڏهن اسٽيج تي پهچي نقاب لاٿائين چيائين تہ، ”اها غلامي جي نشاني آهي.“ نقاب لائڻ تي هن جي حسن کي ڏسي بن بابين پنهنجو ڳلو ڪپي ڇڏيو. هن جي حسن جي تجلي کي هو برداشت نہ ڪري سگهيا. ان جي آزاد پسندي ۽ بي باڪي کي گهڻن ماڻهن پسند نہ ڪيو.

گهڻا ”بابي“ جيڪي امام مهدي جي ظاهر ٿيڻ جي آس ۾ ”باب“ سان گڏجي ”بابيت“ جي فرقي ۽ تحريڪ ۾ شامل ٿيا هئا انهن کي مايوسي ٿي. زرين تاج قرة العين جي انهيءَ آزاد پسندي ۽ بي باڪي تي بهاءُ الله، ان کي ”طاهره“ جو لقب ڏنو ۽ ائين قزوين جي زين تاج، قرة العين طاهره ٿي ويئي.

ڪانفرنس ڪانپوءِ طاهره، قدوس بابي جيڪو بابين جو اهم اڳواڻ هو. سان گڏجي هڪ ئي اٺ تي سوار ٿي مارزّندان ڏانهن رواني ٿي. براڻون پنهنجي ڪتاب A year Among persain جي صفي 523 تي لکي ٿو ته، ”رستي ۾ ”هزار جريب“ ڳوٺ لڳ قافلو رڪيو ته قدوس بابي ۽ طاهره ٻئي ڳوٺ جي پاسي واري تلاءُ ۾ گڏجي وهنجڻ لاءِ ويا ته طاهره جي هن بي حجابي تي ڳوٺ وارن اعتراض ڪيو. ڳوٺ وارن انهن تي حملو ڪيو. انهن جي سامان کي لٽيو ويو. اهي سڀ پنهنجيون جانيون بچائي ڪنهن نه ڪنهن طرح مارزّندان پهچي ويا. بابي ۽ بهائي جن بي حجاني جو اهو سبب ٻڌائين ٿا ته، ”اسلامي شريعت جيئن ته ختم ٿي چڪي هئي. جنهن جو اعلان بدشت ڪانفرنس ۾ ڪيو ويو هو. نئين شريعت جي اچڻ ۾ اجان ڪجهه عرصو هو تنهن ڪري عبوري دور ۾ اهو ميلاپ جائز هو.“

مارزّندان ڪانپوءِ جڏهن طاهره بهاءُ الله سان ملڻ لاءِ تهران وڃي رهي هئي ته هن کي تهران ويجهو گرفتار ڪري تهران جي ان وقت جي ميئر محمود خان جي گهر ۾ نظر بند ڪيو ويو. طاهره کي گرفتاري دوران جڏهن ناصر الدين شاهه جي سامهون پيش ڪيو ويو ته هو طاهره جي حسن کان متاثر ٿيو ۽ چئي ڏنائين ته، ”هن خوبصورت عورت کي ڪجهه به نه چئو آئون ان کي مڃائي وٺندس.“ تنهن تي شاهه طاهره کي خط لکيو ته جيڪڏهن هوءَ بابي عقيدي کان توبا ڪري ته ان کي معاف ڪيو ويندو. پر طاهره پنهنجي عقيدي تي اٽل رهي ۽ معافي کان موت کي ترجيح ڏني. ٻن مولوين حاجي ڪلا ڪني ۽ حاجي ملا اندر ماني فتويٰ جاري ڪئي ته اها عورت واجب القتل آهي. انهيءَ فتويٰ سان 32 سالن جي طاهره کي گلي ۾ رومال جو ڦاهو ڏيئي قتل ڪري ان جو لاش هڪ ڦٽل کوهه ۾ اڇلايو ويو ۽ جنهن کي مٽي ۽ پٿرن سان پريو ويو. طاهره ريشمي رومال هميشه پاڻ سان گڏ رکندي هئي. امر بهائي جي اها پهرئين عورت هئي جنهن کي شهيد ڪيو ويو. طاهره جي انهيءَ قرباني ڪري اڄ به اها بهائيت ۾ مقدس عورت آهي. جنهن کي هو عورتن جي حقن جي علمبردار ۽ ترقي پسند عورت طور پيش ڪن ٿا. بهائي مذهب ۾ طاهره جو نالو احترام سان ورتو وڃي ٿو. بهاءُ الله ان کي بي بي مريم ۽ سيده فاطمہ الزهرا جي نالي سان منسوب ڪيو.

بهائي مذهب ۾ وحدت عالم انساني، لازمي تعليم، گڏيل پاڻي، هڪ عالمي ٻولي، هڪ عالمي رسم الخط جي ضرورت، هڪ عالمي عدالت جي قيام لاءِ ڪوشش ۽ ضرورت تي ڏيڻ، انساني حق، هڪ جهڙو معاشي نظام، نسلي ۽ مذهبي ڪٽرپڻي کان پاڪ نظريو پيش ڪن ٿا.

بهائي ”حيفا“ اسرائيل جتي انهن جو قبلو بهائي ٽيمبل آهي ان ڏانهن رخ ڪري نماز ادا ڪندا آهن. ٽن نمازن مان ڪابه هڪ پڙهي سگهن ٿا. هڪ وڏي نماز جيڪا ڏينهن ۽ رات ۾ ڪنهن به وقت ادا ڪري سگهجي ٿي. ٻي وچين نماز جيڪا صبح کان وٺي شام تائين پڙهي سگهجي ٿي.

ٽين نندي نماز جيڪا فقط ڏينهن جي زوال وقت (سج لهڻ کان ڪجهه وقت اڳ ۾) پڙهي ويندي آهي. جيئن تہ جماعت سان نماز پڙهڻ بهاءُ الله پاران منسوخ ڪيو ويو آهي تنهنڪري بهائي اڪيلي نماز ادا ڪندا آهن. جنازي نماز جماعت سان ادا ڪئي ويندي آهي. مردي کي ڪاٺ جي صندوق ۾ بند ڪري دفن ڪيو ويندو آهي. بهائين جو ڌار قبرستان هوندو آهي جنهن کي هو ”گلستان جاويد“ جو نالو ڏين ٿا. جنت ۽ دوزخ، قيامت ۽ پلصراط جي قراني تصورن کان انڪاري آهن. جنهن لاءِ انهن وٽ عجيب و غريب مفهوم بيان ڪيل آهن.

بهائي ڪليندر ۾ اڻيهون مهينو روزن جو مهينو آهي. روزا بهائي مذهب ۾ لازمي آهن پر ستر سالن جي ڄمار کانپوءِ اهي روزا معاف آهن. موسيقي جائز آهي ۽ نشي واريون سڀئي شيون حرام آهن.

بهائي مذهب ۾ طلاق جو تصور ائين آهي تہ جيڪڏهن زال ۽ مڙس هڪ سال تائين ڌار رهيا تہ طلاق پنهنجو پاڻ ٿي ويندي. جيستائين زال ٻي شادي نہ ٿي ڪري ۽ هن کان اڳ ۾ پيهر ساڳيو مڙس هن کي پنهنجي نڪاح ۾ آڻي سگهي ٿو. بهائي مذهب جي سال ۾ 19 مهينا آهن ۽ هر مهيني جا 19 ڏينهن هوندا آهن ۽ ائين سال ۾ 361 ڏينهن هوندا آهن شمسي سال ۾ جن چئن ۽ پنجن ڏينهن جو جيڪو فرق اچي ٿو ان کي بهائي ”هاءُ“ طور ملهائيندا آهن. جنهن ۾ هو دعوتون ڪندا آهن. بهائي سال جي شروعات بہ پارسين جي 21 مارچ نوروز سان شروع ٿئي ٿو. بهائي مهينن جا نالا هن ريت آهن. بهاءُ، جمال، عظمت، نور، رحمت، علمات، ڪمال، الاسماءُ، عزت، مشيت، علم، قدرت، قول، مسائل، شرف، سلطان، ملڪ ۽ علا، بهائي ڏينهن جا نالا هن ريت آهن. يوم الجلال (ڇنڇر)، جمال (آچر) ڪمال (سومر) افضال (اڱارو)، علال (اربع) استجلال (خميس) ۽ استقلال (جمعو). ڪتاب ”اقدس“ بهائين جو سڀ کان مقدس ڪتاب آهي. جنهن مان ڪجهه ڳالهيون هن ريت آهن:

”حيفا“ اسرائيل ڏانهن رخ ڪري نمازن مان ڪا بہ هڪ نماز پڙهي وڃي.

جماعت سان نماز کي ختم ڪيو ويو آهي.

صاحب استطاعت مرد شيراز ۾، ”باب“ جي گهر جو زيارت ڪرڻ افضل آهي.

چري ۽ ڪانٽي سان ڪاڌو ڪائجي.

هر 18 سالن کانپوءِ گهر جو فرنيچر بدلايو وڃي.

جهاد کي ختم ڪيو ويو آهي.

مذهبي لڙايون ختم ڪيون ويون آهن.

سيني قومن ۽ مذهبي فرقن سان تعلقات رکيا وڃن.

وارن ۽ لباس ۾ پنهنجو پسند اختيار ڪيو وڃي. جوا، شراب ۽ ٻيو نشي واريون شيون منع آهن. پيءُ جي گهر واري سان نڪاح حرام آهي.

شادي ڪرڻ ضروري آهي. ٻه شاديون ڪري سگهجن ٿيون.

بيت اعظم (جيڪو اسرائيل ۾ آهي) حج واري جاءِ آهي.

بهائي عبادت گاهه ڪي ”مشرق الاذڪار“ چيو وڃي ٿو. هي هڪ نوڪندن واري جاءِ آهي. جنهن تي هڪ گنبذ آهي. بهائي تاريخ ۾ پهرئين عبادت گاهه اشڪ آباد روس ۾ نهي. ٻي عبادت گاهه آمريڪا ۾ ويلمنٽ شڪاگو ۾ نهي. هندستان جي شهر نئين دهلي ۾ لوٽس ٽيمبل موجود آهي.

بهائي مذهب ۾ مقدس ۽ متبرڪ ڏينهن 9 آهن. جن مان ست عيد جا ڏينهن آهن. انهن ڏينهن ۾ ڪم ڪي حرام قرار ڏنو ويو آهي. اهي نو ڏينهن هينيان آهن.

بهائي سال جو پهريون ڏينهن 21 مارچ نوروز ۽ عيد صيام.

عيد رضوان جو پهريون ڏينهن 21 اپريل.

عيد رضوان جو نائون ڏينهن 29 اپريل.

عيد رضوان جو ٻارنهون ڏينهن 2 مئي.

رب اعليٰ (باب جي دعويٰ جو ڏينهن) 23 مئي.

عيد ميلاد بهاءُ الله 12 نومبر.

وفات بهاءُ الله 29 مئي.

وفات ”باب“، 9 جولاءِ.

بهائي مذهب جي هر عبادت گاهه/ٽيمبل سان گڏ هال، فلاحي ادارا، اسڪول، اسپتال قائم ڪيا ويندا آهن. بهاءُ الله پنهنجي زندگي ۾ اها دعويٰ ڪئي ته هو عيسيٰ آهي، هو امام مهدي آهي، هو ٻڌن جو ٻڌا گوتم ٻڌ ۽ اهو ئي ڪرشنا جو اوتار آهي ۽ اهو ئي سيني پيغمبرن جو مجموعو ۽ مظهر ظهور اعليٰ يعني انساني شڪل ۾ خدا آهي.

گڏيل هندستان ۾ پارسين جنهن جو تعلق ايران سان هو هن مذهب ۾ شموليت اختيار ڪئي. گڏيل هندستان ۾ بهائيت ڪي ترقي ونرائڻ ۾ ملا بهرام اختر خواري جو وڏو هٿ هو. بهائيت ڪان اڳ بابيت جا به آثار گڏيل هندستان ۾ ملن ٿا. بهائي مورخ محمدي زرندي مطابق ”باب“ جو هڪ اهم شاگرد شيخ سعيد هندي هو. سعيد جو نالو به ”باب“ جي شروع وارن ارڙنهن مبلغن جي حرف ”ح“ ۾ ملي ٿو. هي شيعو هو ۽ ملتان جو رهواسي هو. تهران ۾ جڏهن ملڪ دشمن سرگرمين جي الزام ۾ جن سٺن بابين ڪي قتل ڪيو ويو انهن مان هڪ هي به هو. گڏيل هندستان ۾ پارسين ڪان سواءِ شيعا به بابيت جي پرچار ۾ اڳتي هئا. انهن مان هڪ ”درويش“ نالي به هو. جيڪو، باب

جو ويجهو ساٿي هو. باب ان کي ”قاهر الله“ جو لقب ڏنو. ٽيون هندستاني هڪ انڌو سيد بصير هو. باب جي قتل ڪانپوءِ هن به پاڻ کي ”باب“ جي جانشين طور ”موعود“ چوائڻ شروع ڪيو. پر گهڻن بابين سان گڏ هي به پنهنجي مذهب جي ماڻهن جيڪي بهاءُ الله جا مڄيندڙ هئا جن کي ايران جي صوبي ”لورستان“ ۾ قتل ڪيو ويو. 1850ع ۾ بمبئي ۾، باب جي هڪ مائٽ افنان هڪ ٽريڊ سينٽر قائم ڪيو. بهاءُ الله جي دور ۾ 1872ع ۾ بهائيت پنهنجا پير هندستان ۾ پختا ڪيا. هن کان اڳ بابيت جا فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مڄيندڙ هئا. جيڪي ايران کان واپار جي بهاني تبليغ لاءِ ايندا هئا. 1872ع ۾ بهاءُ الله، جمال آفندي کي پنهنجو سفير ڪري هندستان موڪليو. جنهن جو اصل نالو سليمان خان تنوڪاباني هو. هي صوفي منش ماڻهو هو. هي فارسي ۽ عربي ادب جو ڄاڻو هو. جمال آفندي سنڌ ۾ ڪراچي ۽ پنجاب ۾ ملتان جو به دورو ڪيو. جمال آفندي 1878ع ۾ هليو ويو ته ڳڏيل هندستان ۾ حسن پور جي رفيع الدين خان، رام پور جي حاجي رمضان ۽ سيد مصطفيٰ رومي بهائيت لاءِ وڏو ڪم ڪيو. 1908ع تائين بمبئي، ڪلڪتي، علي ڳڙهه ۽ لاهور ۾ بهائي ڪميونٽي هال قائم ٿي چڪا هئا. بمبئي ۾ بهائين جو پهريون قبرستان ”گلستان جاويد“ قائم ڪيو ويو.

ڪراچي ۾ بهائيت:

سنڌ جي صورتحال بابيت لاءِ موزون نه هئي ڇاڪاڻ ته صوفي ماڻهن جي هن سرزمين تي ڪنهن به مذهبي فرقي جو قائم ٿيڻ، وڌڻ ۽ ويجهڻ ناممڪن هو. تنهنڪري بهاءُ الله جي سفير جمال آفندي جڏهن ڪراچي جو دورو ڪيو ته فقط چند پارسين هن کي موٽ ڏني ۽ اهي پارسي اڳتي هلي ڪراچي ۾ بهائيت جو بنياد وجهندڙن ۾ هئا.

گرومندر کان لسبيلي ڏانهن ويندي نور ٽيڪنيڪل ڪاليج واري گهٽيءَ ۾ ڪاليج جي دروازي جي بلڪل سامهون هڪ دروازي تي وڏن انگريزن اکرن سان .بهائي“ لکيل آهي. جيڪو ڪراچي ۾ بهائي مذهب جو مرڪز ۽ هي سنڌ ۾ رهندڙ سڀني بهائين جو هيڊ ڪوارٽر آهي. هتي اداري پاران هڪ اسڪول ”نيوڊي سيڪنڊري اسڪول“ به هلندڙ آهي. اسڪول ۾ ٻين مذهبن جا شاگرد تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا. گرومندر گارڊن ايسٽ جو اهو هال 1932ع ۾ تبليغ لاءِ قائم ڪيو ويو. پهريون پيرو ڪامريڊ نذير چنا ۽ پيو پريم چند سان گهڻن سوچن ۽ وسوسن ڪانپوءِ جڏهن گيٽ مان اندر داخل ٿياسين ته هتي موجود سڀني آذرياءُ ڪيو پر اسان وانگر هو به شڪي هئا ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ بهائين جي سرگرمين تي ايجنسي جو مڪمل ڪنٽرول آهي. اسرائيل ۾ هيڊ ڪوارٽر ۽ مقدس جاءِ هئڻ ڪري انهن جي هر چرپر تي نظر رکي ويندي آهي. تنهن ڪري ملاقات ڪرڻ وارو ۽ جنهن سان ملاقات ڪئي وڃي ٿي ٻئي شڪ ۾ هوندا آهن. بهرحال سنڌي

هوندي اسان جو آڏرياءُ وڏيڪ جوش سان ڪيو ويو. هتي موجود مرڪز جو انچارج شيرازي جيڪو 25 سالن کان هتي آهي. ڪنهن ميٽنگ ۾ مصروف هو ته هتان جي ايڊمنسٽريٽر انچارج جيڪو ٺٽي جو سنڌي خوجو هو. اسان سان حال احوال ڪيا. پوري مرڪز جنهن ۾ هال لائبريري ۽ مقدس باڑھ جو دورو ڪرايو، انهيءَ هال ۾ هڪ پراسرار جاءِ به آهي گهٽ ۾ گهٽ مون کي اها جاءِ ۽ هتان جو پورو ماحول پراسرار ۽ صدين کان جڻ هڪ هنڌ بيٺل لڳو. جاءِ ۾ داخل ٿيندي لڳي ٿو ته اوهان پراڻي زماني ۾ آيا هجو. آئون بهائيت بابت سرسري ڄاڻ پڙهي هتي پهتو هوس ته مون کي هر پاسي قرت العين طاهره ۽ بين جا روح گڏ هلندي محسوس ٿيا. ڪراچي ۾ هئڻ ڪري هتي اچڻ واري هر پنهنجي ماڻهو ۽ ڌارئي کي هو سجاڳي ونن ٿا. هال سان گڏ پراڻي جاءِ کي هو خطيرت القدس (مقدس باڑھ) جو نالو ڏين ٿا. انهن پنهنجو پورو لٽريچر اسان کي پيش ڪيو. جيڪو انگريزي اردو ۽ سنڌي ۾ آهي. سنڌي جو اهو لٽريچر سنڌين لاءِ هوندو آهي. هتي بهائي تبليغي ادارو ”دارالتبليغ بين الملي“ جي نالي سان قائم آهي. بين مذهبن، مذهبي فرقن وانگر بهائي مذهب پاران به تبليغ لاءِ مختلف جماعت تشڪيل ڏنا ويندا آهن. اهي جماعت ڪراچي جي گرومندر ۾ قائم هيڊ ڪوارٽر مان نڪرندا آهن ۽ هر مهيني رپورٽ ڪندا آهن. بهائين ۾ تبليغ جو ٻيو ادارو محفل روحاني آهي. جنهن به شهر، ڳوٺ ۽ واهڻ ۾ نو بهائي هوندا ته هتي محفل روحاني ملي جوڙي ويندي آهي. جنهن جي چونڊ 21 اپريل تي عيد رضوان جي پهرئين ڏينهن ڪئي ويندي آهي. هن ڪميٽي جو اهو ڪم هوندو آهي ته پنهنجي پاڙي، علائقي ۾ علمي ۽ فڪري ويهڪن جو بندوبست ڪرڻ ۽ مجلس منعقد ڪرڻ آهي. خطيرت القدس (مقدس باڑھ) جو ڪنٽرول به محفل روحاني ملي جي حوالي هوندو آهي. بهائيت ۾ سياست ۾ حصي وٺڻ جي منع ٿيل آهي پر پوءِ به هن اداري جي وسيلي ملڪ، صوبي، شهرن، ڳوٺن جي سياست، ملڪي سياسي صورتحال جي باري ۾ رپورٽون جمع ڪيون وڃن ٿيون. پاڪستان ۾ خطيرت القدس فقط ڪراچي ۾ آهي. بهائين پاران نيشنل بهائي انسٽيٽيوٽ پاڪستان جنهن کي هو انساني وسيلن جي ترقي جو ادارو ڪوٺين ٿا، ڪانسواءِ بهائي پبلشنگ ٽرسٽ پاڪستان، محفل مقدس روحاني ملي بهائيان پاڪستان موجود آهن. انهن ادارن جو مرڪز ڪراچي آهي. بهائين جي هڪ ڪتاب جو ترجمو 1916ع ”ست واديون ۽ چار واديون“ جي نالي سان مرزا قليچ بيگ ڪيو هو. جيڪو بهائي پبلشنگ ٽرسٽ ڇاپيو هو. مرڪز تي ويندڙ هر سنڌي کي هن ڪتاب ڪانسواءِ، 1946ع ۾ سوپراج نرملداس جو ترجمو ڪيل ڪتاب ”ڳجها وچن“، قلندر بخش بروهي جو لکيل ڪتاب ”نئين ڏينهن جي پريات“ ۽ ٻيو مواد ضرور ڏنو ويندو آهي. بنيادي ڪورس جا ڪتاب ”انسان جي روحاني فطرت“ به هر نئين ايندڙ ماڻهو کي ڏنو ويندو آهي. بهائيت جو گهڻو مواد سنڌي ۾ موجود آهي.

محفل مقدس ملي بهائيان پاڪستان پاران هڪ اردو ماهوار رسالو ”نفحات“ به شائع ڪيو ويندو آهي. ڪراچي کانسواءِ لاهور ۽ پشاور بهائيت جا وڏا مرڪز آهن. محفل روحاني، اورنگي، صدر جي مختلف علائقن، ڪلري، ٽرانس لياري ۽ شير شاهه ۾ آهن. هن وقت پاڪستان ۾ بهائي بلوچستان جي ذڪري فرقي وارن علائقن ۾ سنڌ جي ٿر واري علائقي ۾ وڌيڪ سرگرم آهن.

1979ع ۾ ايراني انقلاب کانپوءِ گهڻن بهائين مڪران ۽ ڪراچي جو رخ ڪيو. ڪراچي ۾ بهائيت جون سرگرميون 1880ع کانپوءِ باقائده شروع ڪيون ويون. هتي موجود پارسي جيڪي بمبئيءَ کان هتي آيا انهن بهائيت لاءِ ڪراچي ۾ ڪم ڪيو. ڪراچي ۾ گلستان جاويد (بهائيت جو قبرستان) ميوا شاهه لياري ۾ آهي. جيڪو هڪ چار ديواري ۾ آهي. جنهن تي گلستان جاويد بهائيان (Bahai Centery) لکيل آهي.

بهائين جي دعويٰ آهي ته هو پوري دنيا ۾ 60 لکن ڪان مٿي آهن. بهائين جا ٽي منتخب ادارا جن ۾ (1) محفل روحاني مقامي Local Spiritual Assembly (2)محفل روحاني ملي ( National Spirtural Assembly) ۽ (3) بيت العدل اعظم Universal House of Justice کان سواءِ به ٽاقيل ادارا (1) ولي امر الله Guaddian ۽ (2) ايادي امر الله Handds of Cause of Godآهن.

ڪراچي ۾ بهائين جو وڏو ڪم اورنگي ڪچي آبادي ۾ آهي. گهٽا بهاري هن مذهب ۾ شامل آهن ۽ مارا ماري جو ڪم به بهارين کان ورتو وڃي ٿو. هڪ اندازي موجب سنڌ ۾ بهائي مذهب جا ماڻهو هڪ لک کان مٿي آهن. حڪومت جي ادارن جي وڏن عهدن تي به ڪجهه بهائي مذهب جا ماڻهو آهن. ڪراچي جي مخصوص حالتن ۽ اسرائيل ۾ انهن جي هيڊ ڪوارٽر هئڻ ڪري هي ماڻهو گهٽو هيسيل آهن ۽ پاهر انهن مان گهڻا ماڻهو پاڻ کي پارسي سڏائين ٿا. ڪراچي جي بهائي مرڪز ۾ هر جمعي تي فڪري ويهڪ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ بهائين کانسواءِ ٻيا به شريڪ ٿي سگهن ٿا. پر جڏهن مختلف ڪاميٽين پاران رپورٽ ڏيڻ شروع ڪيو ويندو ته باقائده اعلان ڪندا ته هاڻي جيڪي بهائي نه آهن اُهي هليا وڃن. ٽاڻي بولاخان جا ڏهه، پندرنهن پئسي وارا واڻيا جيڪي بهائي نه آهن. ڪراچي واري مرڪز ۾ هر جمعي تي ايندا رهندا آهن. حيدرآباد ۾ بهائي هال سول لائين ۾ موجود آهي. سنڌي ڪتابن جي ڇپائي به حيدرآباد مان ٿئي ٿي. حيدرآباد کانسواءِ گهاري ۽ سکر ۾ به بهائي هال موجود آهن. گهاري وارو هال هاڻ بند ڪيو ويو آهي. انهن جو گهٽو ڪم هاڻي ٿر ۾ ٿئي ٿو، جتي مينگهواڙ، ڀيل ۽ ڪولهي جن جو تعلق هندو مذهب سان آهي بهائي مشنري انهن تي ڪم ڪري رهي رهي آهي. مجموعي طور تي اردو ڳالهائڻ وارا بهائين ۾ گهڻي تعداد ۾ آهن. جنهن ۾ اردو جا وڏا اديب ۽ دانشور به شامل آهن.

**ذڪري/ذگري:**

هي فرقو فقط بلوچن ۾ موجود آهي. هن ۾ فقط بلوچ ئي آهن. اهي به ايران کان وٺي پاڪستان جي ساحلي علائقن ۾ رهندڙ بلوچ قبيلن ۾ موجود آهن.

مسلمانن جي هڪ گروهه ۾ گهڻي وقت کان اهو عقيدو رهندو پيو اچي ته آخري زماني ۾ امام مهدي پيدا ٿيڻ وارو آهي. جيڪو ساري دنيا جي مسلمانن کي گڏ ڪري پوري دنيا تي اسلامي جهنڊو لهرائيندو. اهو عقيدو مٿي ذڪر ڪيل بابيت کان بهائيت واري مذهب/فرقي ۾ به موجود هو. بهاءُ الله، پاڻ کي امام مهدي طور ظاهر ڪيو. اهو نه فقط مسلمانن ۾ پر هر عالمگير مذهب جي ڪن گروهن ۾ گهڻي عرصي کان اهو عقيدو ويٺل آهي ته منجهان ڪو ماڻهو پيدا ٿيندو ۽ انهي مذهب کي پوري دنيا ۾ رائج ڪندو. جيئن هندن ۾ ڪن جو خيال آهي ته وشنو مهاراج جي نئين سر اوتار تي اچڻ بعد دنيا تي تسلط سندن مذهب جو هوندو. اهڙي طرح حضرت عيسيٰ جي وري پيدا ٿي دنيا کي دين مسيحي تي آڻڻ جو عقيدو به عيسائيت ۾ ويٺل آهي.

مصر ۾ مهدوي حاڪمن جي تحريڪ، شيعن، جي هڪ گروهه ۾ ٻارهين امام جي گم ٿي وري آخري زماني ۾ امام مهدي جي نالي سان ظاهر ٿيڻ. ان اميد جي ڪري مهدي پيدا ٿيندا رهيا آهن. مهدي سوڊاني جي تحريڪ ۽ شيخ سنوسي جي تحريڪ، سڀ انهيءَ تخيل جي پيداوار آهن. جنهن جي پرچار ننڍي کنڊ ۾ سيد محمد ميران شاهه جونپوري ڪئي هئي. ذڪري فرقي وارن جو چوڻ آهي. مهدي جو ظهور تي چڪو آهي. بلوچستان ۾ تربت ڪيچ ۾ ڪوهه مراد (جبل مراد) گوادر ۾ ڪوهه امام (جبل امام) هن جي ذڪر جي جاءِ ڪري مقدس آهن. انهن ڪلمي ۾ به مهدي جو واڌارو ڪري ڇڏيو آهي. ذڪرين مطابق نور پاڪ امام مهدي پوري ڪائنات ۾ خدا جو نمائندو ۽ تمام نبين جو وارث آهي.

سيد محمد ميران شاهه 847هه ۾ هندستان جي شهر جونپور ۾ پيدا ٿيو. علم حاصل ڪري وڏي لياقت جي درجي تي پهتو ۽ پوءِ روزا، نمازون، زهد و تقويٰ ۽ وضائف جي وسيلي صاحب ڪمال ٿيو. سيد محمد ميران شاهه، حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضہ جي ٻارهين پيڙهي مان هو ۽ چئن واسطن سان خواجا نظام الدين دهلويءَ جي خليفن مان هو ۽ شيخ دانيال جونپوريءَ جو مريد هو. سندس معتقدن جو چوڻ آهي ته هڪ ڀيري معمول مطابق پنهنجي ورد ۾ مشغول هو ته ڪيس اهو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ته ”تون مهدي آهين.“ اهو آواز مسلسل ٻڌڻ بعد هن کي پنهنجي مهدي هجڻ جو يقين ٿي ويو.

نائين صدي هجري وارو زمانو هندستان ۾ بدامني ۽ طوائف الملوڪي جو دور هو. پيران طريقت جي بدعملن ڪري مسلمانن ۾ سيد جي نئين تحريڪ ۽ پيغام چڱو اثر پيدا ڪيو. ٿوري وقت

اندر هزارين ماڻهو سندس اثر هيٺ اچڻ لڳا. جنهن تي کين جلاوطن ڪيو ويو. انهيءَ تحريڪ جا مکيه اصول هيٺ ڏجن ٿا.

هجرت ڪرڻ: سندس چوڻ هو ته جيستائين ماڻهو ڌرتيءَ جي قيد کان آزاد ٿي گهر ٻار جو سانگو لاهي، لڳ، لاڳاپا ڇڏي مهدي تحريڪ ۾ شريڪ نه ٿو ٿئي، ان وقت تائين انسان جي اندر ڪا تبديلي اچڻ جي اميد اجائي آهي.

ڌن ۽ دولت ڇڏڻ: سندس رايو هو ته اسلام جي رستي ۾ ٻي جيڪا رنڊڪ آهي سا شخصي مال ۽ ملڪيت جي محبت آهي ان ڪري تحريڪ جي پوئلڳن لاءِ ڌن ۽ دولت ڇڏڻ ضروري آهي.

جهاد: ٽيون شرط ان تحريڪ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اهو هو ته ان جا پوئلڳ بديءَ جي خلاف جنگ لاءِ تيار ٿين. جيئن بديءَ کي ختم ڪري نيڪي آڻجي.

جڏهن ميران محمد شاهه جونپوري سنڌ ۾ آيو ته هتي جام نظام الدين عرف جام نندي جي حڪومت هئي. سنڌ جا گهڻا ماڻهو ان تحريڪ ۾ شامل ٿيا. سيد ٺٽي بندر تي لهڻ کان پوءِ ٺٽي ۾ جام نظام الدين سان ملاقات ڪري کيس تحريڪ جي مقصدن کان آگاهه ڪيو. پر ان وقت وزيراعظم نواب دريا خان، جام صاحب کي تحريڪ ۾ وجڻ کان روڪيو. سيد ميران محمد شاهه، جام صاحب کان موڪلائي ٻيڙين جي قافلي وسيلي درياءَ رستي سنڌ ۾ تحريڪ جي تبليغ ڪندو سکر پاسي ويو. مخدوم بلاول، جيڪو نواب صاحب جو دوست هو. ان سنڌ ۾ هن تحريڪ کي سنڌ جي مفادن لاءِ نقصانڪار سمجهي ان جي مخالفت ڪئي ۽ سيد محمد ميران شاهه جونپوريءَ جون ٻيڙيون سندس خليفي سيد حيدر سنائي هٿان ٻوڙائي سنڌ ۾ ان نظرئي جي وڌيڪ پرچار کي روڪي ڇڏيو. سيد ميران محمد شاهه ان ڪانپوءِ افغانستان وڃڻ تي مجبور ٿي. قنڌار ۾ مرزا شاهه بيگ ارغون اتان جي عالمن سان سندس بحث ڪرايو.

مڪران جي ذڪرين جو چوڻ آهي، قنڌار ڪانپوءِ سيد مڪران جو سير ڪيو ۽ گوادر ۾ ڪوهه امام (جبل امام) تي پنهنجو جلوو ڏيکاريو. مڪران ڪانپوءِ ايران ويندي فرح ۾ 911هه ۾ وفات ڪيائين. مڪران ۾ سندس مريدن مان امير ابو سعيد بليدي مڪران ۾ مهدوي (ذڪري) فرقي جو شيهه مقرر ٿيو. جنهن جي تعليم جي ڪري هتان جا بلوچ مهدي تحريڪ ۾ شامل ٿيا. چاڪاڻ ته ان وقت پوري مڪران، ڪرمان، سيستان ۾ رهندڙ بلوچن جي اڪثريت سني فرقي سان لاڳاپيل هئي. ان کان اڳ شيخ سنوسي، مهدي سوڊاني ۽ منصور حلاج جي پرچار هتي پهتل هئي. منصور حلاج مڪران جي رستي سنڌ ڏانهن آيو هو. هن فرقي ۾ بلند آواز ۾ ذڪر ڪرڻ جو رواج آهي. جنهن تي انهن کي ذڪري ذڪر ڪرڻ وارا چيو ويو. ذڪر کي بلوچي ۾ ”ذگر“ چيو وڃي ٿو. جنهن جي

ڪري انهن کي بلوچي ۾ ذڳري معنيٰ ذڳر ڪرڻ وارا چيو وڃي ٿو. اهڙي طرح مهدوي مان اهي ذڪري مشهور ٿيا.

ڪلمي شريف ۽ محمد صلعم ڪانپوءِ انهن ”نورپاڪ مهدي“ جو واڌارو ڪيو ۽ هن وقت مسلمانن جي هڪ فرقي طور سڃاتا وڃن ٿا. ابو سعيد بليدي جيڪو هن فرقي جو شيهه مقرر ٿيو. اهو بليدين پاران مڪران جو پهريون حڪمران پڻ هو. مڪران جي حڪومت بليدين، هوتن کان حاصل ڪئي هئي. جنهن جا 9 حڪمران رهيا. ابو سعيد کان پوءِ شهه شڪر الله، شهه قاسم، شهه زهري، شهه حسن، شهه احمد، شهه عبدالله، شهه قاسم ثاني ۽ آخري حڪمران شهه بلار هو. ذڪري فرقي جا جيڪي سيد آهن انهن کي ملائي به چيو وڃي ٿو. سيد اهلبيت مان نه آهن پر شيخ آهن. اهي شيخ به نه جيڪي هندن مان مسلمان ٿيا. پر بلوچستان ۾ مذهبي اڳواڻ يا وڏي کي به شيخ چيو ويندو آهي. اهو لفظ عربي مان هتي آيو جڏهن مڪران تي عربن جو قبضو هو ته هتي مذهبي اڳواڻن ۽ عربن پاران مقرر ڪيل حڪمرانن کي شيخ جو لقب ڏنو ويو. جيڪي به مذهبي اڳواڻ هوندا هئا ۽ هڪ طرح سان ڳوٺ جا سردار به اهي هوندا هئا. بلوچيءِ ۾ جيئن خاص ڪري ساموندي پٽي وارن علائقن ۾ ”خ“ کي ”ح“ اچاريو ويندو آهي ان ڪري شيخ جو لفظ شيح ٿي ويو. جيڪو شيخ/شهه لکيو پڙهيو وڃي ٿو. اهڙي طرح ساموندي علائقن وارا بلوچ ”خدا کي ”حدا“ خير کي ”حير“ ۽ خبر کي ”حبر“ چون ٿا. شيخ به ائين تلفظ ڪري شيح ۽ شهه ٿيو. اهي شهه بلوچستان ۾ اڄ به موجود آهن. گوادر جڏهن پاڪستان ۾ شامل ٿيو ته پهرين تحصليدار شهه عمر کي مقرر ڪيو ويو. هاڻي پڙهيل طبقو جيڪو انهن شيخن جو اولاد آهي جن کي شهه چيو ويندو هو ۽ انهن شهه کي شاهه لکڻ شروع ڪيو. سيد احسان شاهه بلوچ، سيد ظهور شاهه بلوچ، سيد شير جان بلوچ انهن مان آهن. اهو سلسلو ذڪري ۽ سني ٻنهي فرقن ۾ آهي. ٻنهي فرقن ۾ شيخ مقرر ڪيا ويندا هئا. هاڻي ٻنهي فرقن جا شيخ، مان شهه ۽ شاهه ٿي ويا آهن.

1840ع ۾ گچڪين، بليدين کي شڪست ڏيئي مڪران تي قبضو ڪيو. شهه بلار ذڪري فرقي جو مخالف هو ان ڪري مڪران جي ذڪري جيڪي ان فرقي ۾ شامل هئا. گچڪين جو ساٺ ڏنو ۽ ملڪ دينار گچڪي مڪران جو حاڪم مقرر ٿيو.

مڪران ۾ ڪوهه مراد ذڪري جي مقدس جاءِ آهي. جتي هر سال 27 رمضان المبارڪ تي. ايران، بلوچستان ۽ سنڌ جا ذڪري ڳڏ ٿيندا آهن. اڳ ۾ اهو جبل تربت شهر کان پري هو پر شهر وڌڻ ڪري هاڻي هي شهر سان لڳ ٿي ويو آهي. پرڪور (پرنئين) لڳ انهيءَ جبل تي وڃڻ جي ذڪرين سواءِ ٻين تي پابندي آهي. گهڻا پيرا ملن پاران زيارت تي حملي ڪانپوءِ احتياط طور اهو ڪيو ويو آهي پر جيڪڏهن ڪو اوهانجو ذڪري دوست آهي ته اوهان اهو علائقو ڏسي سگهو ٿا. آئون به

پيرا هن خوبصورت ۽ مقدس علائقي ڏانهن وجي چڪو آهيان. هن پوري جبل کي ڪوٽ ڏنو ويو آهي جيڪو رني ڪوٽ ڪانپوءِ ٻي نمبر ديوار آهي. اندر وڃڻ وقت شاهي دروازي جي ٻاهر چپلون، سگريٽ ۽ نشي واريون شيون رکي پوءِ اندر وڃبو آهي. گيٽ کان مرڪزي زيارت واري جاءِ اڌ ميل آهي. هي فاصلو تيز ۽ نوڪدار پٿرن تي پيرن اگهاڙو طئي ڪرڻو آهي. هن جبل تي ٻيون ٻه انيڪ وڻ ٽڻ کان خالي چوٽيون آهن. انهن چوٽين جي وچ ۾ هڪ وڏو ميدان آهي. زيارت تي اچڻ وارا هن چوٽيءَ جي ڏکين رستن تان ست ڦيرا ڏيئي وچ ۾ موجود ذڪر گاهه تي ذڪر ڪندا آهن. هتي هڪ پٿر تي ڪلمو شريف لکيل آهي. انهيءَ جابلو سلسلي ۾ زيارت ويجهو هڪ وڏي ڪڏ ۾ چشمي جو صاف ۽ شفاف منو پاڻي موجود آهي، اها حيرت جهڙي ڳالهه آهي. زيارت تي اچڻ وارا هتي پاڻي ضرور پيئندا آهن. 27 رمضان تي زيارت وقت هزارين عقيدت مند هتي پاڻي پيئندا آهن، پر پوءِ به هن جو پاڻي ختم نٿو ٿئي. زيارت جو سلسلو ٽن ڏينهن تائين جاري رهي ٿو. هتي مولوين پاران اها پروپيگنڊا مشهور ڪئي ويئي آهي ته هي ذڪر فرقي جو حج جو بيت الله آهي ۽ ذڪري حج پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. جنهن پٿر تي ڪلمو لکيل آهي. ان کي حجر اسود ۽ چشمي جي پاڻي کي آب زم زم سان ڀيٽين ٿا. پر ذڪرين جو چوڻ آهي ته هي جاءِ فقط مهدي جي اچڻ ڪري مقدس زيارت آهي. انهن جو عقيدو آهي ته امام مهدي هتي آيو ۽ هتي ذڪر الاهي ۾ مشغول رهيو. جنهن جي ڪري انهن وٽ هي جاءِ زيارت جي حيثيت رکي ٿي. هن جو نالو ڪوهه مراد ان ڪري رکيو ويو آهي ته بقول انهن جي هتي اچڻ سان ماڻهن جون مرادون پوريون ٿين ٿيون. زيارت وقت هزارين ماڻهن جو انتظام ذڪري فرقي جا نوجوان سنڀالين ٿا. هتي زيارتين جي رهڻ جو بندوبست آهي. پاسي واري نديءَ ۾ هر وقت صاف ۽ شفاف پاڻي وهندو رهندو آهي هتي هڪ ڳوٺ به آهي. ڳوٺ ۾ آبادي هوندي به اها جاءِ سڪون واري آهي هتي ڄڻ ته ازلي خاموشي آهي. هڪ عجيب ۽ پرسرار ماحول جو هتي بسيرو آهي. گهڻا اڻ پڙهيل ذڪري به ان زيارت کي حج چون ٿا. زيارت وقت عورتن ۽ مردن لاءِ ڌار ڌار وقت رکيل آهي. گيٽ کان زيارت جي مرڪزي جاءِ تائين ذڪري قطار جي شڪل ۾ باوضو سيني تي هٿ ٻڌي بلند آواز ۾ ذڪر ڪندا ويندا آهن. هن ذڪر کي ”شيرين دوڪرم“ چون ٿا.

حسبي ربي جلاالله

معافي قلبي غيرالله

جا الله جلا الله مالڪ انار جي دائم محب حق، الله هو، الله هو.

هن ڪانسواءِ پيرن سان ڻاهيل هڪ گول دائري ۾ ”چوگان“ (اهو ذڪر جو قسم آهي) ڪندا آهن. اهو گهڻو ڏگهو آهي ان جو ڪجهه سيٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

**هادي مهدي تو رحم ڪان**

**ذگر حدا قسمت ڪان**

**الله اڪبر، الله اڪبر**

**يا محمد رسول الله نور پاڪ نور مهدي رسول الله**

ذڪرين جي مسجد ۾ محراب نہ هوندو آهي. قرآن مجيد اهو ساڳيو آهي. جيڪو مسلمانن جي ٻين سيني فرقن ۾ آهي. جنهن ۾ ڪو قيرقار نہ آهي ۽ حج لاءِ بہ ذڪري بيت الله ڏانهن ٻين مسلمانن وانگر ويندا آهن. مڪران جا ذڪري سيني ڪان وڌيڪ پڙهيل ۽ هر فيلڊ ۾ ڇانيل آهن. مڪران ڊويزن ۾ تربت انهن جو هيڊ ڪواٽر آهي. بليدا، نهال، هوشاب، خاران، پسني، گوادر، ڪلگ، ڪولانچ، ڪپر بندر، سربند، پنجگور، ڪلمت، ڪولوا، اور ماڙا، آواران، جيوڻي ۾ هر ذات جي ماڻهن ۾ ذڪرين جو وڏو تعداد رهي ٿو. ذڪري پنهنجن مردن کي بہ مسلمانن جي ٻين فرقن وانگر دفن ڪندا آهن. ڪراچي ۾ ڪلري، گوليمار، لياري، هاڪس بي، گابو پٽ، صفوران ڪانسواءِ ملير ۾ ڪوهي ڳوٺ، جمع ڳوٺ، شرافي، لانڍي ۾ ذڪري وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. ڪوهي ڳوٺ ”پير ڪوهي“ (جبل وارو پير) جي درگاهہ مشهور آهي. هتي آستانو بہ آهي جنهن لاءِ هو چون ٿا تہ سيد ميران محمد شاهہ جونپوري ننڍي ڪانپوءِ ننڍي ڪانپوءِ ڪراچي انهيءَ جاءِ تي آيو هو. نيشنل هاءِ وي تي پير ڪوهي جو درگاهہ آهي. جنهن لاءِ مشهور آهي بيمار ٻار هتي آڻڻ، سلام پرڻ ۽ خاڪ لڳائڻ تي صحتمند ٿيندا آهن. انهيءَ زيارت تي ذڪرين ڪانسواءِ بيا بہ بلوچ ويندا آهن. ڪلريءَ ڪڏي ۾ انهن جي هڪ بزرگ جو مزار آهي. هتي ذڪرين جو هڪ مضبوط سماجي تنظيم پاران قائم ڪيل ذڪري پرائمري سنڌي اسڪول اڄ بہ موجود آهي پر هاڻي هي حڪومت جي حوالي آهي ۽ هاڻي تعليم سنڌي جي بجاءِ اردو ۾ ڏني وڃي ٿي. ڪراچي ۾ تعصب نہ هئڻ ڪري انهن ڳوٺن، محلن ۽ علائقن ۾ ذڪري ۽ نمازي (هو پاڻ ڪانسواءِ ٻين کي نمازي چون ٿا چاڪاڻ انهن وٽ نماز جو نہ پر ذڪر جو تصور وڌيڪ آهي.) بلوچ گڏجي رهن ٿا. انهن پاڻ ۾ ڪو اهڙو متيبد پيدا نہ ڪيو آهي. اهي سپ بولي، ڪلچر ۽ قوميت جي بنياد تي گڏ آهن. هتي ماهيگيري، زراعت ڪانسواءِ گهڻا مزدوري سان بہ تعلق رکن ٿا. ڪلري جي هر گهر مان هڪ ماڻهو عرب امارات مزدوريءَ لاءِ وڃڻ ڪري هتي خوشحالي آئي آهي. ذڪرين جو چوڻ آهي تہ اسان کي مولوين جي سخت مخالفت باقي رکيو آهي. نہ تہ اسين ڪڏهن جا ختم ٿي وڃن. چاڪاڻ تہ ذڪرين ۾ فرقي لاءِ تبليغ جو ڪو رواج ڪونهي. بلوچ قوم پرستي جي ڪري انهن ۾ مذهبي تعصب شروع ڪيو هو. جيڪو ايران ڪانپوءِ مڪران جو ساحلن تائين ڦهليو ۽ ملا اتڪي ڪانپوءِ جڏهن ميران محمد شاهہ جونپوري مڪران آيو تہ هن لاءِ فرقي ۾ ڪم ڪرڻ ۽ پاڻ کي مهدي ظاهر

ڪرڻ آسان ٿيو. هن فرقي ۾ گهڻو ڪري گچڪي، رند، ڪلمتي، لاشاري، سربازي، دشتياري، هوت، بليدي، رئيس، ميد ۽ ٻين قبيلن جا بلوچ شامل آهن. ڪراچي ۾ ميرن جي وقت ۾ ٻين بلوچن سان گڏ هن فرقي جا ماڻهو به آيا ۽ گهڻا ماڻهو انگريزن جي شروع واري دور ۾ ڪراچي ۾ آيا. جن ڪراچي جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هاڻي ته شيعن جون گهڻيون تنظيمون انهن کي شيعا ڪرڻ ۽ قائل ڪرڻ ۾ مصروف آهن. پر ذڪرين جو چوڻ آهي ته اسان کي ذڪري ئي رهڻ ڏيو ته بهتر رهندو.

**پارسي:**

جديد ڪراچي جي ترقي ۾ پارسين جو وڏو هٿ آهي. ڪراچي جو پهريون ميئر جمشيد مهتا، نادر شاهه ايدلجي ڊنشا، انڪل سريا، جهانگير ڪوٺاري، ڪي. بي ارد شير ماما ۽ ويرجي سپاري والا مشهور هئا. انهن ترقياتي ڪمن ڪانسواءِ فلاحي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتو. ڪميونٽي هال قائم ڪرڻ، اسپتالون، لائبريري، ڪوهه کوٽائڻ، حوض ٺهرائڻ ۾، پارسي اڳتي هوندا هئا. ڪراچي ۾ پارسي انگريزن سان گڏ هندستان مان واپار سانگي آيا ۽ هميشه لاءِ هتي رهي پيا. هوٽلن واري ڪاروبار، دڪان ڪانسواءِ ملير ۾ گهڻا زميندار پارسي هئا. دائود ڳوٺ جي سامهون ملير سعود آباد جتي هاڻي ڪوارٽر ٺهي رهيا آهن ۽ انهن ڪوارٽرن جي وچ ۾ وڏا گدامڙي، ڄمون ۽ کجور جا شاهي وڻ اڄ به هن علائقي جي زرخيري جي گواهي ڏئي رهيا آهن. اهو باغ ٻڌي پارسي جو هو. ملير جو مشهور ۽ ڪراچي جو ٻيو هوٽل گرانڊ جيڪو جامعه ملعيہ، ملير روڊ تي قائم هو پارسين جو هو. آسو ڳوٺ ۾ لاٺو پارسي (اصل نالو ٻيو ڪوهو) جو باغ هو. ورهاڱي ڪانپوءِ گهڻا پارسي ملڪي حالتن جي صحيح نه هئڻ ڪري ٻين ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيا. ڪراچي ۾ اڄ به سولجر بازار لڳ پارسي ڪالوني جيڪا پارسين جي ڪراچي ۾ وڏي آبادي آهي. چنيسر ڳوٺ، بمبينو سينيما جي سامهون ڪليڪٽر باغ، هولي فيملي سامهونج جمشيد باغ، صدر، سولجر بازار ۽ ٻين علائقن ۾ به پارسي رهن ٿا. ڪراچي م رهندڙ پارسين جو انگ هڪ اندازي موجب اٺ هزار کان مٿي آهي. ڪراچي ۾ پارسين جو "فائر ٽيمپل" مقدس باهه واري جاءِ بوهري بازار ۽ جهانگير رسٽورينٽ لڳ آهي. جنهن کي هو "آگياري" چون ٿا. جيڪو 1849ع ۾ ٺاهيو ويو آهي. اها مقدس باهه ڪڏهن به نه وسامندي آهي. هزارين سالن کان روشن آهي. ڪراچي ۾ ٽيمپل ٺهڻ ڪانپوءِ "مقدس باهه" کي هندستان مان آندو ويو. گاڏي کاتي واري علائقي رام باغ ۾ مس جي ڪج پورانا جي بلڊنگ ۾ به پارسين جو فائر آهي. هندستان ۾ اها باهه ايران کان پارسي پاڻ سان گڏ کڻي ويا.

1901ع واري ڳڻپ ۾ ڪراچي ۾ پارسي ٻه هزار هئا. پارسين جو تعلق زرتشي مذهب سان آهي. زرتشت ايران ۾ پيدا ٿيو ۽ رستي تان پٿڪيل ماڻهن کي سنئين واٽ تي آڻڻ لاءِ هڪ نئون مذهبي فلسفو پيش ڪيو. جيڪو اڳتي هلي زرتشي مذهب جي نالي سان مشهور ٿيو. زرتشت جي دور جي باري مورخن ۾ اختلاف موجود آهن. فارسي روايتن ۾ هن جو دور ڇهين صدي ق.م ٻڌايو وڃي ٿو. يونان جي قديم لکڻين ۾ زرتشت جو نالو حضرت عيسيٰ کان ڇهه هزار سال پهرئين لکيل آهي. زرتشت آذر بائيجان ۾ پيدا ٿيو. هن جي پيءُ جو نالو پورشاسب استيما ۽ ماءُ جو نالو وگدو اورسان هو. وقت جي حاڪم زرتشت کي مارڻ جون گهڻيون ڪوششون ڪيون، پر هر ڀيري معجزاتي طور هو بچي ويندو هو. هن تمام ٿوري وقت ۾ سڀني علمن تي عبور حاصل ڪيو. هن ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڀرپور ڪم ڪيو. ماڻهن کي مصيبتن مان ڇوٽڪاري لاءِ هن گهر ۽ ٻارن کي الله واهي ڇڏي، سيالان جي جبلن ۾ گيان حاصل ڪرڻ لاءِ سڪونت اختيار ڪئي. آخرڪار هو هن نتيجي تي پهتو ته نيڪي ۽ بدي، اوندهه ۽ روشن اٽل آهن. اهڙي نموني نيڪي جو خدا الڳ ۽ بدي جو خدا الڳ آهي جيڪي ٻئي پنهنجي ڪوشش ۾ مصروف آهن. هن ٻن خدائن جو تصور پيش ڪيو. نيڪي ۽ خير جي خدا کي هن ”اهو رامارُوا“، بدي ۽ شر جي خدا کي هن ”اهنگر امينو“ جو نالو ڏنو. هن پنهنجي پيش ڪيل مذهب لاءِ وڏي ٽڪائيندڙ محنت ڪئي. ڏهن سالن ۾ فقط هڪ ماڻهو کي هو قائل ڪري سگهيو. عوام کان مايوس ٿي ان بادشاهن سامهون پنهنجي ڳالهه رکي. بادشاهه جي محل ۾ ٽن ڏينهن ٽن راتين جي بحث ڪانپوءِ بادشاهه جا درباري عالم ان جي مذهب ۾ شامل ٿيا ته بادشاهه هن کي جادوگر قرار ڏيئي قيد ڪيو. جڏهن بادشاهه جو گهوڙو بيمار ٿي پيو، گهڻي علاج ڪانپوءِ به گهوڙو تندرست نه ٿيو. زرتشت جڏهن بيمار گهوڙي کي چڱو ڀلو ڪيو ته بادشاهه ۽ ان جي راڄ مان گهڻا ماڻهو زرتشت جي نئين مذهب ۾ شامل ٿيندا ويا. ايران ۽ توران جي جنگ دوران زرتشت کي هڪ توراني قتل ڪري ڇڏيو.

”گاٿا“ پارسين جو مذهبي ڪتاب آهي.

عبادت ”باهه“ جي ڪئي وڃي ٿي. جيڪو اوندهه جو دشمن ۽ روشني جو پيغامبر آهي. مقدس باهه صندل جي ڪاٺين مان حاصل ڪئي ويندي آهي.

پارسي جيڪي زرتشي مذهب جا پوڄاري آهن. پارسي مردي کي ناپاڪ سمجهن ٿا. هو مردي کي دفن نٿا ڪن انهن جي عقيدي موجب ڌرتي ناپاڪ ٿي ويندي ۽ نه ئي ان کي ساڙيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته هن سان باهه جي بي حرمتي ٿئي ٿي ۽ نه ئي ان کي پاڻي ۾ اڇلايو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته پاڻي به مقدس آهي. جنهن لاءِ هي مردي کي وڏن مينارن ۾ جيڪي کوهه وانگر آهن ان مٿان ٿهيل

جاري تي رکي ڇڏيندا ته جيئن پکي ۽ ٻيا گوشت کائڻ وارا جانور ان کي کائن. انهن مينارن کي ”دخمر“ چوندا آهن. مرڻ کانپوءِ مسلمانن جي عقيدي ۾ جيئن ته پل صراط پار ڪرڻو پوندو آهي. پارسين ۾ ان سان ملندڙ قسمت جو پل Bridge of Division پار ڪرڻو آهي. قسمت جي پل پار ڪرڻ لاءِ هڪ خوبصورت ڇوڪري ”سرواڻ“ هوندي آهي. اها فقط نيڪ عملن وارن لاءِ ”سرواڻ “ هوندي آهي. باقي گناهگارن لاءِ بدشڪل پوڙهي آذر ياءُ لاءِ هوندي آهي پر گناهگار اهو پل پار نه ڪري سگهندو. پارسين ۾ آخرت ۾ عدالت جو تصور آهي. جيڪو مسلمانن جي ميزان سان ملندڙ جلندڙ آهي. پارسين وٽ جنت جا ڪيترا درجا آهن. جنهن ماڻهو ڪڏهن به عبادت نه ڪئي، نه ئي ”گاٿا“ پڙهيو پر هن انسانيت جي خدمت ڪئي ته هو به ڪنهن نه ڪنهن نندي ڪلاس واري جنت ۾ ضرور ويندو.

پارسين ۾ مال ڌارڻ ۽ زراعت مذهبي طور مقدس ڄڻا آهن. پارسي دنيا تياڳڻ ۽ رهبانيت جي خلاف آهن ۽ نه هي مذهب ۾ آڻڻ لاءِ تبليغ ڪندا آهن. جيڪو پيدائشي پارسي آهي انهن جي نظر ۾ فقط اهو ئي اصلي پارسي آهي. هو هرويرو ڪنهن سان ميل ميلاپ نه رکندا آهن. ٻين مذهب وانگر زرتشي مذهب ۾ به تبديليون ڪيون ويون آهن. زرتشي مذهب، ديوتائن جي تصور کان پاڪ هو. پر هاڻي ڪجهه ديوتا به اچي چڪا آهن. انهن ۾ ڪجهه ايران جا قديم ديوتا به آهن جنهن جو مثال ”ميٿرو“ آهي. ڪجهه ديوتا حملي ڪندڙن وسيلي به مذهب ۾ داخل ٿيا آهن. مثال طور سائرس ۽ ان جي جانشينن جي ڪري ”اناهيا ديوي“ ڪي ايرانين پنهنجو ڪيو. باھ کي هاڻي هو رامارِّوا جو پٽ قرار ڏين ٿا.

ايران ۾ جڏهن مسلمانن جي قبضي ۾ آيو ته انهن تي ظلم ڪيو ويو ته گهڻن پارسين وطن ڇڏي هندستان ۽ ٻين ملڪن جو رخ ڪيو. هندستان ۾ هندو مذهب جي ڪجهه رسمن کي به قبول ڪيو.

**سک، پاڳڙي، ڪولهي ۽ ڀيل:**

ڪراچي ۾ سک 1920ع کانپوءِ گهڻي تعداد ۾ روزگار جي ڳولا ۾ آيا. لوهارڪو، بجلي ۽ واڊڪي جو ڪم گهڻو سک ڪندا هئا. گهڻا هندو واڻيا به گرونانڪ جي پوئلڳ هئڻ ڪري سک فرقي سان تعلق رکندڙ آهن. رام باغ مندر ويجهو رتن تلاءُ وٽ سکن جو پهريون گرد وارو قائم ڪيو ويو. سکن جو ڪراچي ۾ هڪ ٻيو گرد وارو گاڏي کاتي بندر روڊ تي ”چينمل گرد وارو“ هوندو هو. 1947ع کانپوءِ ڪراچي ۾ رهندڙ تمام سک هليا ويا. هن وقت سکن جو ڪراچي ۾ تعداد مشڪل سان ٽي هزار آهي. جنهن ۾ پاڳڙي ۽ واڻيا شامل نه آهن. نئين سبزي منڊي پويان آدم بروهي ڳوٺ جيڪو سکن، بروهين کان خريد ڪيو. سکن جي وڏي آبادي هتي موجود آهي هتي

گرد وارو بہ آهي. هن ڪانسواڙ نارائڻ پورا ۾ بہ سک رهن ٿا جتي هڪ خوبصورت گرد وارو ”گرو گرنٿ صاحب“ آهي. جيڪو 1910ع ۾ ٺاهيو ويو آهي.

پاگڙي جيڪي ڪراچي ۾ ڦيري لڳائي ٿانهه وغيره وڪڻندا آهن. ٻهراڙيءَ ۾ سهيڙي ۽ ڳوهه جو شڪار ڪندا آهن ڪراچي ۾ رهندڙ پاڳڙين جو تعلق سک فرقي سان آهي انهن جو وڏو انگ ڪراچي ۾ موجود آهي.

هندوئن، عاملن ڪانسواڙ ڪراچي ۾ ڪولهي بہ تمام پراڻا رهائشي رکندڙ آهن اهي پاڳڙين وانگر انتهائي غريب ۽ مفلسي واري زندگي گذارين ٿا. معاشي ۽ مذهبي طور پيڙهيل هي هنر مند ماڻهو آهن.

1901ع واري ڳڻپ موجب سنڌ ۾ 32126 ڪولهي رهندڙ هئا. ڪولهي جيڪو ڪراچي ۾ رهي ٿو. هن جو واسطو زراعت سان گڏوگڏ پکي ۽ ڳوهه ڦاسائي وڪڻڻ سان بہ آهي. جنهن ڪي ماري چوندا آهن ۽ جُهورَ جون تازيون سنهيون ڪانيون وڍي وڪڻندا آهن. زراعت ۾ گهٽو ڪري برساتي ندين جي پيٽ ۾ وهندڙ سن جي پاٽي ۽ وٽ (آڏ) تي گدرا پوکيندا آهن. هيڊي رنگ جو اهو گدرو ڪراچي ۾ ڪولهي گدرو مشهور آهي. گلشن اقبال ۾ لياري نئين جي ڪناري، پانگريا ڳوٺ، صفوران، لياري، شيرشاهہ، لانڍي ملير ۽ گڏاپ ۾ انهن جون آباديون آهن.

پيل جيڪو هن وقت ڪراچي ۾ رهي ٿو گهٽن جو واسطو ٿر سان آهي. ٿر ۾ ڏڪار ڪري گهٽا پيل لڏي ڪراچي جي پسگردائي ۾ زرعي زمينن تي هارپي لاءِ آيا. جنهن مان گهٽا هتي رهجي ويا پر اڪثريت پنهنجو تعلق ٿر سان ختم نہ ڪيو. پيلن جي وڏي آبادي گڏاپ ۾ مختلف زرعي ٻنين تي ٻاري ٻچي جهوپڙيون ٺاهي رهن ٿا. ڪنهن زميندار ڪي هارپي ۽ مزدوري لاءِ جيڪڏهن پيلن جي ضرورت هوندي تہ هو هتي موجود پيلن جي مذهبي اڳواڻن ۽ انهن جي ڪنهن وڏي سان رابطو ڪندا آهن. معاملو طئي ٿيڻ ڪان پوءِ ۽ گهٽو ڪري اهي ڪٽنب جي حساب سان پنهنجو پورو لڏو ڪٽي ايندا آهن. گڏاپ ۾ مختلف زرعي فارمن تي پيلن جا پنج گهرن ڪان 50 گهرن وارا ڳوٺ 30 ڪان متي آهن ۽ هتي گهٽا پيل خوشحال تي ويا آهن. گڏاپ ڪانسواڙ ڪانوڙ، درساٽي چني ۽ لانڍي ۾ پيل زراعت سان واڳيل آهن. پيلن جو ڪراچي جي ٻهراڙي ۾ انهيءَ سلسلي ۾ اچڻ 1990ع ڪانپوءِ گهٽي تعداد ۾ ٿيو آهي. ڪراچي شهر ۾ پيل نہ هجڻ جي برابر آهن. انهن جا مذهبي اڳواڻ هتي ڏاڳي، ڦيٽي ۽ جن لاهڻ ۾ بہ مشهور آهن. اهي گهٽو ڪري راما پير جا مڃيندڙ آهن.

**جوڳي:**

ميمڻ ڳوٺ ڏانهن ويندي ٿڏي نئين جي ڪپ تي مشهور تاريخي قبرستان ”بلوچ ٽومبس“ جي پر ۾ هڪ ڳوٺ رمضان شيخ جوڳي ڳوٺ آهي. جتي هاڻي بنوري ٽائون واري مسجد بہ ٺاهي آهي اهو

ڳوٺ انهيءَ تاريخي قبرستان جي زمين تي اڏيل آهي. انهن جو وڏو رمضان هاٽي جوڳ جو ڪم ڇڏي حڪمت جو ڪم ڪري ٿو ۽ نانگن قاسائڻ بجاءِ بيمار ماڻهو قاسائيندو آهي. مسلمان ٽيڻ ڪانپوءِ پوري ڳوٺ، جيڪي پاڻ کي جوڳي به سڏيندا آهن پر انهن جوڳين وارو ڏنتو ڇڏي ڏنو آهي. نيشنل هاءِ وي تي "جوڳي موڙ" مشهور آهي. اهي ڪوڪڙي جوڳي آهن جيڪي نانگ قاسائڻ ۽ مرلي وڄائڻ جو ڪم نه ڪندا آهن. ٻارن جا رانديڪا ناهي وڪڻي گذران ڪن ٿا. انهن جو چڱو مڙس مهاراج شام داس آهي هتي پنج ننڍا مندر به آهن. اهي انتهائي غريب ۽ جهڳين ۾ رهن ٿا. لينڊ مافيا ۽ حڪومتي ماڻهو انهن غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن کي لڏائڻ لاءِ آتا آهن.
اهي جوڳي 1970ع کان هتي رهندڙ آهن. انهن جي ڳوٺ جي ڳهٽي حصي تي فيڪٽريون ۽ رهائشي اسڪيمون ٺهي ويون آهن. ڳوٺ جي هڪ حصي تي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج قائد آباد ٺهيل آهي. ڪاليج جي ٻئي پاسي انهن ڪوڪڙي جوڳين جا مائٽ رهن ٿا جيڪي مسلمان ٿي چڪا آهن جيڪي لونگ فقير جوڳي محلو الله ڏنو پنهور ڳوٺ ۾ رهن ٿا جن کي شيخ جوڳي چيو وڃي ٿو.
هيٺائي، ٻي وسي ۽ مذهبي ڏاڍائي جو اندازو اوهان مهاراج شام داس جي هن هڪڙي جملي مان لڳائي سگهو ٿا جيڪو هن پنهنجي ڪٽنب جي مسلمان جوڳين ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته، "هي اسان کي ڇڏي ويا آهن ۽ مڙس ماڻهو ٿي ويا آهن" هن جي چوڻ جو مقصد اهو هو ته انهن کي هاٽي ڪير تنگ نٿو ڪري، پاٽي سميت ٻيون سهولتون به انهن کي مليل آهن.
جوڳي مسلمان ۽ هندو ٻنهي مذهبن ۾ آهن.
نيپا سفاري پارڪ لڳ جوڳين جي پراڻي وسندي آهي پر اها جاءِ به بلڊرز مافيا ۽ لينڊ مافيا جي ڪري سڪڙجندي وڃي. چند ڪکاوان گهر وڃي بچيا آهن. گهڻا جوڳي هي علائقو ڇڏي ٻين علائقن خاص ڪري مواچ ڳوٺ ۽ ڪانوڙ ڏانهن هليا ويا آهن. بيروزگاري ڪري جوڳين به پنهنجو اباڻو ڏنتو ڇڏي ٻين ڌنڌن ۾ وڃي پناهه ورتي آهي. ميمڻ ڳوٺ ڳڏاپ ۽ شيدي ڳوٺ ملير ۾ به جوڳين جا ڳوٺ آهن. جڏهن آئون ميمڻ ڳوٺ ۾ رهندڙ جوڳين جي چڱي مڙس جوڳي وٽ ڪچهري لاءِ پهتس ته هن ٻئي هٿ ٻڌي آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ گهڻا جوڳي جيڪي انتظار ۾ هئا سڪ سان اچي مليا ذلت ماريل انهن ماڻهن جا انيڪ مسئلا آهن سڀ کان اهم مسئلو بيروزگاري ۽ ڳوٺن جي مستقل / پڪي ڪرڻ جو آهي. قوٽو جوڳي پنهنجي مخصوص انداز سان ٻڌايو ته جوڳي صدين کان ڪراچي واري علائقن ۾ رهن ٿا پر انهن جو ڪو به پڪو ڳوٺ ڪونهي. قوٽو جوڳي ۽ ٻين سان جيڪا ڪچهري ٿي هن مطابق ڪراچي ۾ رهندڙ جوڳي "تفن سري" جوڳي آهن. تفن سري شهرن ڳوٺن ۾ مرلي وڄائي روزگار ڪري پيٽسو حاصل ڪرڻ ۽ پنڻ وارن جوڳين کي چئبو

آهي. تفن سري ڪانسواءِ جوڳين جا ٻه قسم بنواسي ۽ سنياسي آهن. بنواسي هميشه سفر ۾ رهي ٿو. هي گهٽو ڪري جهنگ ۾ سفر ڪري نانگ پڪڙي روزگار ڪندو آهي. سنياسي جوڳي جڙي ٻوٽيون حاصل ڪري حڪمت وارو ڌنڌو ڪندو آهي. حسين هزارا ڳوٺ ۾ وينل جوڳي پهرئين مرلي وڄائي روزگار حاصل ڪندا هئا انهن مان گهڻا هاڻي حڪمت جو ڪم ڪن ٿا.

ڪراچي جا جوڳي اصل ۾ ٺٽائي جوڳي آهن. انهن جو مرڪزي نڪاٽو ٺٽي شهر ويجهو جنگشاهي آهي. جنگشاهي ڪانسواءِ امر ڪوٽ ۽ روهڙي ۾ جوڳين جا قديم مرڪز آهن. امرڪوٽ جا جوڳي گرناري جوڳي آهن. سنڌ ۾ رهندڙ تمام جوڳين جو تعلق ڪنهن نه ڪنهن طرح انهن ٽنهي مرڪزن سان آهي. جوڳي هميشه سفر ۾ رهن ٿا. راما پير جو مندر ٻه امرڪوٽ (عمرڪوٽ) ۾ جوڳين جي مرڪز لڳ آهي. گرناري جوڳي نانگ وڪڻڻ کي پاپ سمجهن ٿا. انهن جوڳين وٽ نانگ جو درجو ماءُ برابر آهي. هنگلاج ۽ گرنار جوڳين جي علم جا وڏا مرڪز آهن. جتي هو چلو ڪيندا آهن جنهن کي هو ”جوڳ ڪيي بچڻ“ چوندا آهن. انهن مرڪزن تي هو چاليهه ڏينهن تائين مختلف علم ۽ هنر حاصل ڪندا آهن. هنگلاچ جو مرڪز هاڻي فقط زيارت طور استعمال ٿئي ٿو. لاهوت، قلات، شال (ڪوئيٽا) ٻه ڪنهن دور ۾ علم ڌيان گيان جا مرڪز هئا. هاڻي فقط علم لاءِ هڪ مرڪز ”گرنار“ آهي. ڪراچي جا جوڳي اڃان ٻه هنگلاچ، لاهوت ۽ قلات ۾ عبادت لاءِ چلو ڪيڻ لاءِ ويندا آهن. شال (شال ڪوٽ، ڪوئيٽا) وارو پراڻو مرڪز هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. قلات ۾ ڪالي ديوي، مستونگ ۾ مهاديو ۽ شال ۾ سماديو جوڳي مشهور هئا. قلات جو هڪ پراڻو نالو سيوا ٻه آهي.

انهن مرڪزن بابت جيڪي هاڻي بلوچستان ۾ آهن. هنديءَ ۾ هڪ مشهور شعر آهي ته:

**ڪالي وسي قلات ۾، مهاديو مستونگ.**

**ٻيڙا جوڳي شال ۾، پاڻي ناٿ بلونت.**

هنگلاچ ۽ قلات ۾ اڃان ٻه ميلو لڳندو آهي. هر جوڳين جي وسندي ۾ ڪو استاد هوندو آهي. ننڍپڻ ۾ جوڳين کي تربيت لاءِ استاد وٽ موڪليو ويندو آهي. هن جي تربيت ڪئي ويندي آهي. شاگردي دوران شاگرد گهٽو ڪري استاد سان گڏ رهي ٿو بقول قوتو جوڳي جي ”هاڻي استاد ويچارا شاگردن کي فقط پنڻ جاگر سيکارين ٿا.“

جوڳي اصل نانگ جي قرباني ٻه ڪندا آهن. جنهن لاءِ ڪو ڏينهن مقرر ڪونهي. قربان ٿيل نانگ جو وڏو حصو استاد پاڻ وٽ رکندو آهي. باقي گوشت ورهايو ويندو آهي. قربان ٿيندڙ نانگ جي ڪنڊن کي استاد يا سردار مالها ناهي ڳچي ۾ پائيندا آهن. معصوم ٻار ۽ بيمار کي ٻه نانگ جي ڪنڊن جو هار پارائيندا آهن. جنهن لاءِ جوڳين جو چوڻ آهي ته ننڍو ٻار نظر ۽ ٻين بيمارين کان

محفوظ رهي ٿو. ڪاريھر جي گوشت ۽ ڪنڌن ڪي سڪائي انهن کي پيسائي ”سفوف“ ناهي دبلي ۾ رکندا آهن. جڏهن جوڳي جي گهر ۾ ٻار پيدا ٿيندو آهي ته، اهو ”سفوف“ ٻار جي منهن ۽ ناسن ۾ وڌو ويندو آهي. جوڳين جو چوڻ آهي ته هن دوا سان جوڳي هميشه نانگ جي ڏنگ کي محسوس ڪندو آهي. اها صلاحيت نانگ پڪڙڻ واري جوڳي لاءِ ضروري آهي ۽ جنهن ۾ اها صلاحيت نه هوندي آهي اهو اصلي جوڳي نه هوندو.

جوڳين جو چوڻ آهي ته نانگ ڪنهن گهر يا ڪمري ۾ ايندو هجي ان کي گهر کان پري رکڻ لاءِ لوڻ تي جوڳي ڪالڪان ديوي جو منتر پڙهي گهر کي چوڌاري پڙهيل لوڻ سان”رک“ ڪيو ويندو آهي. جيستائين اهو لوڻ هتي موجود آهي نانگ ان گهر ڏانهن نه ويندو. انهن جو عقيدو آهي ته ڪالڪان ديوي هميشه شير تي سوار رهندي آهي ۽ جوڳين جي حفاظت ڪندي آهي. شايد اڄ ڪلهه ڪالڪان ديوي ڪراچي جي جوڳين سان ناراض آهي، جو هو دربدر آهن.

گورک ناٿ گوگو چوهاڻ جيڪو نانگ پوڄا جو هڪ ديومالائي اوتار آهي. جيڪو نانگن جو بادشاهه هو، نانگ پڪڙڻ وقت جوڳي کي ڪالڪان ديوي جي منتر پڙهڻ سان گڏ گوگو چوهاڻ جو قسم به ڏيندا آهن. گوگو چوهاڻ جو پيءُ ڪونهي حضرت عيسيٰ وانگر هن جي پيدائش به بنا پيءُ جي ٿي هئي. جوڳين جو چوڻ آهي ته گوگو جي ماءُ ”واڇڻ راڻي“ جڏهن هڪ آسماني گل کاڌو ۽ انهي گل جي ڪري گوگو چوهاڻ ان جي بطن ۾ آيو ۽ پيدا ٿيو. انهيءَ واقعي ڪانپوءِ جونا ڳڙهه جي راجائن ”واڇڻ“ کي جونا ڳڙهه مان نيڪالي ڏني ته هو گرنار هلي آئي. جنهن جي ڪري ”گرنار“ جوڳين جو مرڪز ٿيو.

اڳئين زمانن ۾ شادي وقت ڏياج ۾ جوڳي پنهنجي ڌيءُ کي نانگ جو مڻ ڏيندا هئا جيڪو ڪاريھر نانگ جو هوندو آهي. ان ڪانسواءِ ڪپڙا، زيور به ڏيندا آهن. سنڌ جي ٻين قبيلن وانگر جوڳڻ عورت شادي ڪانپوءِ پوري عمر پنهنجي مڙش جو نالو نه وٺندي آهي. شادي ڪانپوءِ ڪنوار ستن ڏينهن تائين سس کان پردو ڪندي آهي. ستين ڏينهن سس ڪنوار کي ناريل جو پاٽي پياري ۽ کوپرو ڪارائي پردو ختم ڪندي آهي. شهر ۾ رهندڙ جوڳين ۾ اهي رسمون آهسته آهسته ختم ٿي رهيون آهن.

جوڳي مرلي ڪدو مان ناهيندو آهي. جيڪي هو پنهنجي گهرن ۾ يا جتي ٻني ٻارو ڪندا آهن پنهنجي لاءِ پوک ڪندا آهن. عام بازار ۾ اهو ڪدو گهٽ ملندو آهي.

ڪراچي ۾ ڪنهن دور ۾ صفوران، سونگل، ڳجهڙي، منگهي پير، ملير، لانڍي، ميمڻ ڳوٺ ۾ وڏي تعداد ۾ جوڳي رهندا هئا. مرلي جي قدردانن ۽ نانگن جي تعداد ۾ گهٽتائي اچڻ ڪري گهڻا جوڳي ٻين ڌنڌن سان لڳي رهيا. ڪي پنڻ تي مجبور ٿيا ته ڪن حڪمت جو ڌنڌو اختيار ڪيو.

جيڪي اهو سڀ ڪجهه ڪري نہ سگهيا اهي لڏپلاڻ تي مجبور ٿيا. ويهارو سال اڳ ڪراچي شهر جي گهٽين روڊن ۽ رستن تي جوڳي پنهنجي گوڏڙي، پٽاري، مخصوص لباس جيڪو گهٽو ڪري گيڙو هوندو هو. پٽڪي ۽ ڪنن ۾ وڏن والن سان گهٽي تعداد ۾ نظر ايندا هئا. جيڪي مرلي وڄائي نانگ جو تماشو ڏيکاري، ڀاري سان قسمت جو حال ٻڌائي روزگار ڪندا هئا. جڏهن مصروف ڪراچي انهن پاسي ڌيان نہ ڏنو تہ انهن بہ انهن رستن کي خداحافظ چيو.

جوڳي فطرت جا پوڄاري آهن جنهن جي ڪري هو شهرن کان پري صحرائن، جبلن ۽ جهنگن ۾ رهن ٿا.

جوڳي، ڀيل، باگڙي ۽ ڪولهي سنڌ جا اصلي رهاڪو آهن هي دراوڙن جي ان نسل مان آهن جن حملو ڪندڙ آريائن جي آڻ نہ مڃي. جبلن، صحرائن ۽ جهنگلن جو رخ ڪيو ۽ روپوش ٿيا تہ جيئن پاڻ کي مضبوط ڪري دشمن سان مقابلو ڪري ان کي ڀڄائي ڪڍجي. پر طاقت ور دشمن هميشہ لاءِ حاوي ٿي ويو. انهن جي سچائي ۽ ڌرتيءَ سان محبت جو اهو لا حاصل سفر اڃ بہ جاري آهي.

جوڳين جي ڳوٺ مان نڪرڻ وقت دل مان اها دعا نڪتي تہ، ڪو تہ هجي جيڪو انهن لاءِ ڪجهہ ڪري، ڪا سماجي آرگنائزيشن، ڪا انساني حقن جي تنظيم يا ڪو اڪيلو ماڻهو.

**خوجا ۽ بورهي:**

ٻي صدي جي وچ ڌاري شيعا ٻن وڏن فرقن ۾ ورهائجي ويا. ڇهين امام جعفر صادق جي وفات ڪانپوءِ هڪ فرقو ان جي پٽ اسمعيل کي امام ڪرڻ جي حق ۾ هو جيڪو اڳتي هلي اسماعيلي ٿيا. ٻين امام جعفر صادق جي ٻئي پٽ موسيٰ کي امام مقرر ڪيو ۽ امامت کي ٻارنهن امامن تائين پهچايو جيڪي اثنا عشري جي نالي سان مشهور ٿيا ۽ اڄ بہ اهي اڪثريت سان آهن. اثنا عشرين جو چوڻ آهي تہ اسمعيل جيئن تہ پنهنجي پيءُ کان اڳ گذاري ويو تنهن ڪري امامت جو حق ٻئي پٽ جو هو.

سر آغا خان جي پڙ ڏاڏي آغا حسن علي کي جڏهن ايران جي حڪومت ملڪ ڇڏڻ جو حڪم ڏنو تہ سنڌ ۾ قرامطين جي ٻچيل ماڻهن هن کي سنڌ اچڻ جي دعوت ڏني. سنڌ ۾ خوجن جا ڪيترائي مرڪز آهن. ڪراچي ۾ 1839ع تي خوجن جو پهريون جماعت خانو قائم ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ ملير ۾ خوجن جو هڪ جماعت خانو بنايو ويو. انگريز جي وقت لياري نئين جي ٻنهي ڪپن تي هاٽوڪي گانڌي گارڊن کان جيل تائين خوجن جون زمينون هيون ۽ لالوکيٽ جيڪو مشهور آهي. لالو بہ خوجو هو. ڪراچي ۾ خوجا وڏي اڪثريت سان آهن. سولجر بازار، گارڊن ايسٽ، حسين آباد، ڪريم آباد، کاري در، منني در ۽ ملير ۾ وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. ملير جي اولڊ ٿاٽي ۾ اڄ بہ خوجن جون زمينون آهن. اهي پرنس ڪريم آغا خان جا مجيندڙ آهن. جيڪو انهن جو هاٽوڪو

جيئرو امام آهي. ننڍي ۾ ميرپور ساڪرو ۽ جهرڪ خوجن جا اهم مرڪز آهن. جتي به قرامطي تحريڪ جو اثر رهيو. انهن علائقن ۾ خوجا موجود آهن. ڪراچيءَ ۾ سيٺ قاسم همير، ڪراچيءَ جي خوجي قبيلي جو مکي هو. اجان تائين ڪراچي جي منا در واري علائقي ۾ مکي همير جي گهٽي موجود آهي. هي وڏو واپاري ۽ ڪيترن جڳهين جو مالڪ هو. سيٺ قاسم همير ڪراچيءَ جي انهيءَ پهرئين خوجن جي سماج سڌارڪ گروهه مان هو. جن آغا خان جو فرقو، سيٺ لالڻ شهيد سان گڏ ڇڏيو هو. سيٺ لالڻ ان گروهه جو ليڊر هو. انهيءَ گروهه ۾ ٻيا مکيه ۽ مشهور ماڻهو سيٺ غلام حسين چاڳلا، سيٺ حاجي تانور تا نهريا ۽ سيٺ عبدالله جاڳڻ هئا. سيٺ قاسم ڪراچيءَ ۾ پهريون امام واڙو نهرايو جتي نئين گروهه جون مجلسون ٿينديون هيون. سيٺ خالق ڏنو به بعد ۾ انهن سان شامل ٿيو. جنهن جي پٽ جي نالي سان غلام حسين خالق ڏنو هال بندر روڊ تي موجود آهي. قاسم همير جو پٽ پهريون مسلمان ميمبر هو جو ڪراچي شهر طرفان 1921ع ۾ بمبئي قانون ساز ڪائونسل ۾ چونڊجي ويو هو. هن نئين گروهه کي پڙائي خواجا به چوندا هئا. جن پڙائي خواجا جماعت به ناهي هئي.

خوجا حضرت عليءَ تي ڏهين امام طور ايمان آڻين ٿا. خوجا شيعا مسلمان آهن. هي واپاري ماڻهو آهن. ڪراچي جي سبزي منڊي ۾ خوجن جا گهڻا دوڪان آهن. اهي پير صدر الدين جي احڪامن ۽ ان ياران لڪيل ڪتاب کي مقدس ڪتاب مڃين ٿا اڳتي هلي انهن ۾ به فرقا پيدا ٿيا. اهو فرقو محرم ۾ تابوت ناهڻ واري رسم جو حامي هو. آغا خان ان رسم خلاف فيصلو ڏنو. پر ٻئي فرقي ان کي نه مڃيو. جن کي پيراڻو يا پنجا پائي چيو وڃي ٿو. جيڪي ڪراچي ڪانسواءِ ننڍي جهرڪن ۾ تمام ٿوري اقليت طور موجود آهن.

ٻارهين صديءَ ۾ بمبئيءَ ۾ لهندي اسماعيلي مذهبي عالمن گجرات جي انهن واپارين ۽ برهمڻن کي مسلمان ڪيو. جن جي اولاد کي هاڻي ”بوهري“ يا ”بوري“ سڏين ٿا. مصر ۾ فاطمي خلافت جي وراثت بابت ٿيل تڪرار ۾ اسماعيلي ٻن فرقن، مستعلين ۽ نظارين ۾ ورهائجي ويا. بوهرين مستعلين جو پاسو ڪنيو ۽ خوجا نظارين ٿيا. 1588ع ۾ ئي گجراتي بوهرين جي مکيه گروهه پنهنجا اسماعيلي برادريءَ سان ناتا ٽوڙي ڇڏيا ۽ پنهنجي هڪ مذهبي شخص دائود کي مذهبي پيشوا مقرر ڪيو. جنهن جي نالي پويان اهي هاڻي دائودي بوهرا سڏجن ٿا. ڪراچي ۾ رهندڙ بوهرا دائودي آهن. انهن وٽ امامن جو سلسلو ختم ٿي ويو آهي. بوهري مذهبي فرض ۾ سخت آهن. ڪراچي ۾ بوهري انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ ڪڇ، گجرات، بمبئي ۽ ڪاٺياواڙ مان آيا. هي ٺيڪيدار ۽ واپاري ماڻهو آهن. دائودين ڪانسواءِ بوهرين ۾ ٻيا به فرقا سليماني ۽ لوٽيا آهن جيڪي سني فرقي سان واسطو رکن ٿا. هي ماڻهو سيدنا طاهر سيف الدين جا مڃيندڙ آهن. بوهري

جي لفظي معنيٰ ”ساهوڪار“ ۽ ”واپاري“ آهي. ڪراچي ۾ بوهري بازار انهن جي نالي پويان آهي. صدر ۾ ڪاروبار تي بوهري ڇانيل آهن. دائودي بوهرين جو هاٽوڪو مذهبي اڳواڻ برهان الدين آهي. محرم ۾ ماتم ڪندا آهن. پر ظاهر نہ ڪندا آهن. مسجد ۾ عورتون بہ پوين صفن ۾ ويهي مردن سان باجماعت نماز پڙهنديون آهن. عبدالله يوسف علي بوهري قرآن جو تفسير انگريزي ۾ لکيو. جيڪو سڀ کان وڌيڪ پڙهيو وڃي ٿو. عبدالله يوسف علي وفات ڪانپوءِ لنڊن ۾ دفن ٿيل آهي.

## مسافر خانا ۽ ڌرم شالا:

مسافرن جي رهڻ لاءِ ناهيل جاين جن کي عام طور مسافر خانو، سرائي يا لانڍي چيو وڃي ٿو. هندوئن پاران ڌرم شالائن جو تصور تمام پراڻو آهي. وڏن واپاري ۽ سفري رستن تي مسافري رستن تي مسافرن لاءِ رهائش جون جايون ناهيون وينديون هيون. جن ۾ رهائش سان گڏ کاڌ خوراڪ پاڻي ۽ عبادت جو بندوبست هوندو ۽ انن گهوڙن ۽ خچرن لاءِ الڳ بندوبست هوندو هو. انهن کي قافلا سرائي بہ چيو ويندو هو. ڪراچي ۾ هاٽوڪي سنڌ مدرسي اسڪول واري جاءِ تي هڪ اهڙو ئي پراڻو قافلا سرائي هوندو هو. جيڪو انگريزن جي شروعاتي دور تائين بہ قائم هو. بعد ۾ شهر وڌڻ ۽ هوٽلن، مسافرن ۽ ڌرم شالائن ڪري ان جي ضرورت ختم ٿي تہ ان کي ختم ڪيو ويو. لانڍي وارو علائقو بہ اهڙيئي قافلا سراءِ/ لانڍي ڪري مشهور هو. جتي جمعدار جي لانڍي هئي. اڄ بہ اهو علائقو لانڍي جي نالي سان مشهور آهي.

ڪراچي ۾ بندر روڊ تي مولوي موليڏنو جو مسافرخانو مشهور هو. جيڪو مولوي موليڏنو 1887ع ۾ قائم ڪيو. پهرئين هي ڌرم شالو هو جنهن کي بعد ۾ مسافرخاني جو نالو ڏنو ويو. ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان کان آيل مهاجرن هن تاريخي مسافرخاني تي قبضو ڪري هن کي رهائش لاءِ استعمال ڪيو. روڊ سان لڳ هن مسافرخاني جا ٻارنهن پڪا ڇپرا هوندا هئا ۽ اندرئين پاسي ڪمرا نهيل هوندا هئا. جيڪي بہ منزل هئا. انهن ڪمرن جي قطار جي آخر ۾ غسل خانا ۽ ليٽرين هوندا هئا. وقتي رهائشي ماڻهو جيڪي فقط هڪ رات لاءِ رهندا هئا، اهي اڪثر ڇپرن ۾ رات گذاري ويندا هئا. اڄا بہ مولوي مسافرخاني جو مرڪزي دروازو موجود آهي. 1893ع ۾ هي مسافرخانو ميونسپلٽي پنهنجي حوالي ڪيو هو.

1896ع ۾ نهيل رام مسافرخانو جوڙيو ويو جنهن جو انتظام بہ ڪراچي ميونسپلٽي جي حوالي هوندو هو. اهو مسافرخانو بہ ورهاڱي وقت بند ٿي ختم ٿي ويو. ورهاڱي وقت ڪراچي ۾ ميمڻ حسيني مسافرخانو، اثنا عشري مسافرخانو ۽ لياري ڪاليج جي پويان پراڻي حاجي ڪئمپ ۾ حاجين لاءِ بہ هڪ مسافرخانو هوندو هو. اهو مسافر خانو اثنا عشري مسافرخاني ۽ حاجي ڪئمپ

جي ويجهو هوندو هو. منگهوپير، لي مارڪيٽ، نيو چالي ۾ به مسافر خانا هوندا هئا. جتي مسافر اچي رهائش اختيار ڪندا هئا. لي مارڪيٽ مسافرخانن ۾ مڪران ۽ بلوچستان جي علائقن ڪان ايندڙ ماڻهو رهائش اختيار ڪندا هئا. اهي گهڻو ڪري هشت چوڪ (اٺ چوڪ) شيدي وليج لياري واري علائقي ۾ هوندا هئا. هاڻي انهن جي جاين تي اڻ ڳڻيون هوٽلون نهي ويون آهن. ڪراچي ڪئنٽ نهڻ ڪانپوءِ هتي به ڪجهه پرائيويٽ مسافرخانا اڏيا ويا. جيڪي گهڻا ورهاڱي ڪانپوءِ 70ع واري ڏهاڪي تائين قائم هئا. اڄ به ماڙي پور ٽرڪ اسٽينڊ، سهراب ڳوٺ ۽ ڪئنٽ اسٽيشن ۽ لانڍي جي پناڻ علائقن ۾ مسافرخانا موجود آهن. جيڪي اڪثر ٽرڪ ڊرائيور جي حوالي آهن.

ورهاڱي کان اڳ ڪراچي ۾ هندوئن پاران ڌرم شالا موجود هوندا هئا. جن ۾ شڪارپوري محلو ڌرم شالو، گجراتي ڌرم شالو ليمارڪيٽ، ڀاٽيا ڌرم شالو بندر روڊ، لوهاڻو ڌرم شالو بندر روڊ، ياگناڙي ڌرم شالو رام سوامي، مهاراشٽر ڌرم شالو، سنڌي گرامي ڌرم شالو پيم پورو، سادو هيرانند ڌرم شالو منگهوپير، مارواڙي ڌرم شالو ڪارودر، سيٺ شيو رام ڪرڪيا مل ڌرم شالو ڪارودر، چيلا رام ڌرم شالو بغدادي لياري مشهور هئا. ديوان ڏيارام چيلا رام مرچنداڻي پي. ڊبليو. ڊي ۾ انجنيئر هو.

ورهاڱي بين شين سان گڏ مسافرخانن ۽ ڌرم شالائن جي ثقافت کي به ڳڙڪائي ڇڏيو. انهن جو هاڻي ڪو نالو نشان اهڃاڻ به باقي نه بچيو آهي.

**<u>جوبلي:</u>**

اين جي وي هاءِ اسڪول جو پويون حصو جنهن کي جوبلي وارو علائقو چيو وڃي ٿو. ورهاڱي کان اڳ صاف سٿرو ۽ خوبصورت علائقو هوندو هو. سعيد منزل سان لڳ بارنيس اسٽريٽ کان جوبلي طرف وڃبو ته اڳتي مارسٽن روڊ آهي. ان کي ڪراس ڪري اڳتي جوبلي آهي. جتي جوبلي سينيما هئي. جنهن کي ڊسمبر 2006ع ۾ ڊاهي ختم ڪيو ويو. سامهون لسي جا دڪان ۽ رسٽورينٽ آهن. جوبلي واري چوڪ تان هڪ رستو رنڇوڙ لائين پاسي، هڪ گارڊن روڊ پوليس لائين ڏانهن، هڪ رستو سول اسپتال ڏانهن وڃي ٿو. ٻيون به ڪيتريون ئي سوڙهيون گهٽيون هتان نڪرن ٿيون. رنڇوڙ لائين ۽ رام سوامي تائين اهو اهم واپاري مرڪز آهي. شير شاهه ڪانپوءِ ٻيو ڪباڙي مارڪيٽ رام سوامي ۾ موجود آهي. جتي گهڻو ڪري موٽر سائيڪلن ۽ اسڪوٽرن جا پارٽس ملن ٿا. انگريز دور ۾ هي علائقو سوامي ڪوارٽرز ۾ شامل هوندو هو. جيل روڊ واري جابلو علائقي مان ڪنهن دور ۾ هتان هڪ ڍورو وهي سول اسپتال لڳ ٿيندو سمنڊ ڏانهن ويندو هو. جوبلي وٽ اهو ڪليل گٽر نالي جي صورت ۾ موجود آهي، پر هاڻي ان کي سوڙهو ڪري هن جي مٿان گهر ناهيا ويا آهن. جوبلي چوڪ کان شام لي روڊ تي مهارشٽر منڊلي

جي عمارت هوندي هئي. اڄ بہ ڪنڊرن جي صورت ۾ موجود آهي. ان ڪان اڳتي هوتي مارڪيٽ بلڊنگ آهي. هوتي مارڪيٽ اڄ بہ آهي. هوتي مارڪيٽ کان اڳتي يهودين جي آبادي هئي. 1901ع جي ڳڻپ موجب ڪراچي ۾ 482 يهودي هئا. ٽائيٽس پاران يروشلم جي تباهيءَ کانپوءِ گهڻا يهودي جن جو تعلق بني اسرائيل فرقي سان هو. هندستان آيا ۽ انهن مان ڪجهہ يهودي انگريزن جي دور ۾ ڪراچيءَ جي انهيءَ علائقي ۾ اچي آباد ٿيا.بندر روڊ تي انهن جا دڪان بہ هوندا هئا. جتي هاڻي گل پلازه آهي. جتي ٽرامن جو اڏو هوندو هو. هن جي سامهون يهودين جي بيڪري هوندي هئي جيڪا پوري ڪراچيءَ ۾ مشهور هئي ۽ انهيءَ جاءِ تي يهودين ڪراچي ۾ پهرين آئس ڪريم جا دڪان بہ کوليا هئا.

جوبلي واري علائقي ۾ انگريزن جي دور ۾ ننڍا پر خوبصورت پارڪ هوندا هئا هي علائقو خوبصورت بلڊنگن ڪري مشهور هو. هتي سيناگاگ ڪانسواءِ هندوئن جو مندر ۽ ڌرم شالو هوندو پر اهي سڀ ختم ٿي ويا. خوبصورت ويڪرن روڊن ۽ پارڪن جو علائقو گندگي جو ڍير ٿي ويو آهي. ويڪرن روڊن ۽ پارڪن جو علائقو سوڙهين گهٽين ۽ بدصورت ڪيترن منزلن واري عمارت ۾ تبديل ٿي ويو آهي. ورهاڱي کانپوءِ پهرين سينيما جوبلي هتي ناهي ويئي ڪراچي ۾ ڪنهن مسلمان پاران جوڙيل اها پهرئين سينيما هئي.

**<u>رابندر ناٿ ٽئگور آرٽ اسڪول:</u>**

رام باغ روڊ تي رام باغ وٽ، آرام باغ مسجد جي بلڪل سامهون ڳاڙهن پٿرن جي هڪ جاءِ نظر ايندي ڪنڊرن ۾ تبديل ٿيڻ جي باوجود جاءِ دل کي وڻندڙ لڳي اهڙي وڻندڙ جو تاريخ سان دلچسپي رکندڙ ماڻهو ڪجهہ وقت لاءِ بيهي هن جاءِ ڏانهن ضرور ڏسندا ۽ پوءِ هن جي بربادي تي ڳوڙها ڳاڙي اڳتي وڌندا. اهو شيوا ڪنج هاسٽل آهي. جيڪو انگريزن جي دور ۾ اڏيو ويو هو ۽ ڊي. جي ڪاليج جو هاسٽل هوندو هو. هن جي سامهون رابندر ناٿ ٽئگور آرٽ اسڪول جي جاءِ آهي. اها جاءِ جنهن کي ”سرٽاگتي منزل“ چيو ويندو هو. جيڪو ختم ٿي رهيو آهي. شيوا ڪنج ۽ سرٽاگتي مينا رام شهاڻي ۽ ديوان ڏيارام گدومل جيڪي ڀائر هئا انهن جي ذاتي پلاٽ تي ٺهيل آهن.

بنگال جي ڀيائي ٽئگور ڪولڪتي (ڪلڪتي) جي بولپور جي علائقي بنگال ۾ شانتي نڪيتن جو بنياد وڌو.



**بنگال جو عظيم شاعر رابندر ناٿ ٽئگور**

هن عظيم درسگاهہ جنهن کي وشو ڀارتي يونيورسٽي بہ چيو ويندو آهي هن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪوي ٽئگور چندي گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف ملڪن جو دورو ڪيو. جتي ناٽڪ منڊلين ۾ روڊ رستن تي ناٽڪ ۽ گيتن وسيلي چندو گڏ ڪيو ويندو هو. 1920ع ۾ ٽئگور کي شاعري جي ڪتاب ”گيتا نجلي“ تي نوبل انعام مليو. هتان مليل انعام بہ ٽئگور شانتي نڪيتن جي قائم ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيو. ٽئگور کي سنڌ ياترا دوران حيدرآباد مان 90 هزار رپيا ”شانتي نڪيتن“ جي لاءِ مليا. هن ڪم لاءِ جيٺمل پرسرام گلراجاڻي اڳتي هو. 1923ع ۾ ٽئگور سنڌ ياترا دوران رابندر ناٿ ٽئگور ناٽڪ منڊلي جي مهورت پنهنجن هٿن سان ڪئي. هن ناٽڪ منڊلي جي قيام ۾ منگهارام ملڪاڻي، جيٺمل پرسرام، سادو هيرانند، لعل چند امر ڏنو مل ۽ خان چند درياڻي پيش پيش هئا. ڪراچي جي ڊي. جي نيشنل ڪاليج ۾ نرمل جيوتاڻي ”ٽئگور ڪلاڀاري“ جو بنياد وڌو. جنهن تحت ناٽڪ، گيت سنگيت جا پروگرام ٿيندا هئا.



**سرٽا گتي منزل رام باغ (پاڪستان چوڪ)**

سنڌ جي دوري دوران هتان جي اديبن، شاعرن، نثرنگارن ۽ فلاسفرن ٽئگور جو ڀرپور ساٿ ڏنو. رابندر ناٿ ٽئگور جي مهاوديالا شانتي نڪيتن مان علم حاصل ڪري نڪتل ودريارٿين جو وڏو حلقو پوري دنيا ۾ پکڙيو پيو آهي. ڪراچي جي رام باغ واري علائقي جي سرٽا گتي منزل ۾ رابندر ناٿ ٽئگور آرٽ اسڪول بہ ڪولڪتي جي شانتي نڪيتن جو برانچ هو. ”ٽئگور ڪلاڀاري“

جيڪو نرمل جيوتاڻي جوڙيو هو هن ڪي ئي هتي آندو ويو. هتي آرٽ جا پوڄاري، رنگن جا پڄاري، مٽي جي مورتي ناهڻ، مجسما ناهيندڙ، شاعر ايندا هئا. ۽ ڪلاڪاريءَ جي پٽني ۾ پڄي ڪندن ٿيندا هئا. ڪراچي جي اها شانتي نڪيتن جيڪو ٽئگور سان گڏ هتان جي حق، سچ جي ڳولائو ڪندڙن جو مهاوديالا بہ هاڻي ختم ٿي رهيو آهي. تاريخ سان ويساهہ گهاتين جي هڪ ڏکهي ڪهاڻي آهي ڇا لکي ڇا لکجي.

**باغي شاعر نذير السلام ڪراچي ۾:**

1919ع پهرئين مهاڀاري لڙائي جي ڏينهن ۾ نذر السلام انگريز فوج ۾ سپاهي هو تہ ڪراچي ۾ رهندي هن مشهور نظم ”باغي“ لکي هئي. نذر السلام گهڻو عرصو ڊرگ روڊ جي هاٽوڪي عائشہ منزل جي پر وارو علائقو جناح اسپتال جي سامهون پوئين پاسي تائين وارو علائقو بزرٽا لائين (Brzerta) جي نالي سان مشهور هوندو هو. بزرٽا آفريقا ۾ هڪ جزيري جو نالو آهي. هتي فوجي علائقي ۾ رهندو هو. بعد ۾ نذر السلام اي. بي سينا لائين جي هڪ جاءِ تي رهڻ لڳو. اها جاءِ اڄ بہ موجود آهي. ڪراچي ۾ رهڻ دوران نذر السلام کي ڪورٽ مارشل ڪيو ويو. نذر السلام نظم ”باغي“ ڪراچي جي ساحل تي سمنڊ جي مست ڇولين کي ڏسي لکيو هو. ياد رهي تہ ڪجھ وقت لاءِ هن گهوڙا ٻاري ۾ بہ ڊيوٽي ڪئي هئي.

حيدر منزل:

سنڌ جي سياست ۾ حيدر منزل کي وڏي اهميت حاصل آهي.



**حيدر منزل**

ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ سن جي سائين جي. ايم سيد ڪري حيدر منزل جمهوريت پسندن، هارين، مزدورن، شاگردن جي سياست جو محور ۽ مرڪز رهيو. 70ع واري ڏهاڪي ڪانپوءِ حيدر منزل قوم پرستن لاءِ مقدس جاءِ طور مشهوري ماڻي. انهيءَ حيدر منزل ۾ سائين جي. ايم سيد نظربندي جا ڪيترا ئي سال گذاريا. جڏهن سيد هتي رهندو هو تہ قومپرستن، جمهوريت پسندن ۽ سنڌ جي اديبن جا ميلا متل هوندا هئا.

حيدر منزل سولجر بازار عيدگاهه (نشترپارڪ) جي اوپر پاسي واري رستي سان لڳ آهي. لان مان نشتر پارڪ جو نظارو ڪري سگهجي ٿو.

حيدر منزل مسلم هائوسنگ سوسائٽي ۾ آهي. اها سوسائٽي 1932ع ۾ سيٺ طيب علي قائم ڪئي هئي. جتي سنڌ جي رهاڪن خاص ڪري مسلمانن کي پنهنجن بنگلن ٺهرائڻ جو موقعو مليو. طيب علي بنگلن اڏڻ لاءِ بئنڪ مان قرض به ونائي ڏنو. هتي سر شاهنواز خان ڀٽي، خان بهادر محمد ايوب کهڙي به بنگلا ٺهرايا هئا. ڪجهه سنڌي آفيسرن به بنگلا ٺهرايا. سر شاهنواز ۽ خان بهادر ايوب کهڙي پنهنجا بنگلا وڪڻي ڇڏيا ۽ سائين جي ايم سيد پنهنجي بنگلي کي ”حيدر منزل“ جو نالو ڏيئي سنڌ جي سياست جو مرڪز بنايو ۽ حيدر منزل ۾ ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ سنڌ جا مشهور سياستدان، اديب ۽ دانشور ايندا رهندا هئا. حيدر منزل واري حيثيت ڪنهن مقدس جاءِ کان گهٽ نہ هئي.

سائين جي. ايم سيد جنهن جي محبتن جو مرڪز فقط سنڌ هو. هر قومي سياست کان اڳ ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ جو ميمبر، نائب صدر ۽ 1928ع ۾ صدر رهيو ڇاڪاڻ تہ تن ڏينهن ۾ ڪوٽڙي تعلقو ڪراچي ضلعي ۾ شامل هو. بندر روڊ تي هاٽوڪي ريڊيو پاڪستان جي بلڊنگ، منگهوپير ۽ آسو ڳوٺ ۾ ناهيل ريسٽ هائوس سائين جي. ايم سيد پنهنجي صدارت دوران ٺهرايا هئا. جڏهن سيد حيات هو تہ منهنجو بہ پين دوستن سان گڏ حيدر منزل گهٽو اچڻ وڃڻ هوندو هو.

سائين جو دستر خوان هميشه وسيع هوندو هو . پورو ڏينهن سياست ڪانسواءِ سائين سان پوڳ چرچا هلندا هئا. گڏاپ وارن سان سائين جي خاص نسبت هوندي هئي جتي هن پنهنجي لوڪل بورڊ جي صدارت دوران اسڪول بہ ٺهرايو هو. انهيءَ جاءِ تي هاڻي يونين ڪائونسل پاران مارڪيٽ ٺهيل آهي. گڏاپ وارن قومپرست ڪارڪنن جي فرمائش تي 1988ع ۾ سيد اسڪول واري جاءِ بہ ڏٺي. اهو ڏينهن اسان سيني لاءِ يادگار ڏينهن هو. سائين سان گڏ حيدر منزل کان ٺٽي جو نجي دور بہ يادگار دورو هو. جتي رات جو ڪينجهر جي رسٽ هائوس تي صوفياٽي راڳ جي محفل مچائي ويئي هئي.

26 اپريل 1995ع ۾ حيدر منزل جون رونقون ويران ٿي ويون جڏهن سنڌ جي عاشق جو مڙهه صبح جو سوير حيدر منزل کان سن لاءِ روانو ٿيو. سائين جي وڃڻ ڪانپوءِ ”حيدر منزل“ جيڪو سنڌ جي قومپرستن لاءِ چير چانو هو ختم ٿي ويو. هاڻي الائجي حيدر منزل جا ڪهڙا حال آهن. سائين ڪانپوءِ اسان بہ اوڏانهن وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي.

محمد علي جيڻا جو جنم هنڌ:

پاڪستان جو تخليق ڪار محمد علي جيڻا جنهن کي قائداعظم محمد علي جناح جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.



وزير مشين جنهن لاءِ مشهور ڪيو ويو آهي ته قائداعظم هتي پيدا ٿيو هو

جيڻا لفظ انگريزي ۾ لکڻ ڪري جناح ٿي ويو ۽ مشهور به جناح ئي ٿي ويو. جيڻا سيني ڪان وسري ويو آهي. پر ڪاري در ۽ مٺي در جي ميمڻن ۽ گجراتين وٽ اڄ به اهو لفظ جيڻا آهي. چاڪاڻ ته محمد علي جي پيءُ جو نالو جيڻا پونجا هو. پونجا سندس ڏاڏي جو نالو هو. قائداعظم پنهنجي نالي سان گڏ پنهنجي پيءُ جو نالو جيڻا لکندو هو. جيڪو هاڻي "جناح" ٿي ويو آهي. جيڻا جو رشتو آغا خان جي وزير موسيٰ جمعا جي ڏيءُ سان ڪيو ويو. جنهن وزير مينشن کي قائداعظم جي پيدائش جاءِ ٻڌائين ٿا، اها جاءِ انهيءَ وزير جي هئي. پونجا ڀائي جي وفات ڪانپوءِ ٻنهي ڀائرن والجي پونجا ۽ جيڻا پونجا ڪاروبار کي پاڻ ۾ ورهايو ۽ جهرڪن ۾ سندس والد واري ملڪيت/جاءِ جيڻا کي ملي. شادي ڪانپوءِ جيڻا جهرڪن ۾ رهي پيو پر ڪاروبار جي سلسلي ۾ ڪراچي ايندو ويندو هو. ڪاري در ۾ چاڳلا اسٽريٽ تي هڪ مسواڙ تي جاءِ به ورتي هئائين. جهرڪن ۾ محمد علي جي ڏاڏي جي نالي "پونجا جو پَٽ" اڄ به مشهور آهي جيڪو بعد ۾ قائداعظم جي والد جيڻا جي حصي ۾ آيو هو. جتي خوجن جي هڪ پراڻي عبادت گاهه اڄ به آهي ۽ هتي قائداعظم پيدا ٿيو ۽ هتي اسڪول ۾ به داخل ڪيو ويو. جتي ان جو نالو "محمد علي جيڻا ڀائي خوجاڻي" هو سندس نالو رجسٽر ۾ به موجود هو. ون يونٽ جي وقت کان اڳ جملي سرڪاري توڙي خانگي ڪتابن، رسالن، اخبارن، سنڌ ۽ پنجاب بورڊ جي نصابي ڪتابن ۾ قائداعظم جو جنم هنڌ جهرڪ لکيو ۽ پڙهيو ويندو هو. پرائمري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ به ان کي جهرڪن ۾ داخل ڪيو ويو. نالو اسڪول ريڪارڊ ۾ به موجود هو. اهو نالو عبدالله

شاهه جڏهن سنڌ جو وڏو وزير هو ته ڪاميٽي جاچ لاءِ موڪلي هئي. جنهن ۾ وزير تعليم پيار علي الانو، سينيٽر امداد اعواڻ ۽ محمد بخش خاصخيلي هئا. اهو ريڪارڊ انهن به ڏٺو هو. هڪ ٻي ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته هن وقت هاٽوڪو ٺٽو ضلعو ڪراچي ضلعي جو حصو هو ۽ جهرڪ به ان وقت ڪراچي جو حصو هو ته ان ڪري به اها ڳالهه ان وقت عام هئي ته قائداعظم ڪراچي ۾ ڄائو هو. انجمن اسلاميا مدرسو بمبئي هندستان مان به قائداعظم جي جنم يومي جهرڪن ۾ هجڻ جي تصديق ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ هن انجمن هاءِ اسڪول اسلاميا مدرسي بمبئيءَ ۾ داخلا ورتي هئي جتان پوءِ ٻيهر سنڌ مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ آيو. محمد علي جناح جو پرسنل سيڪريٽري چوائينڊز جيڪو ليڪڪ به آهي. پنهنجي ڪتاب جناح پونجا ۾ لکي ٿو ته قائداعظم محمد علي جناح جي جنم جو هنڌ نه جهرڪ آهي ۽ نه ئي وزير منشن آهي ۽ قائداعظم ڪراچيءَ جي قديم وسندي ڪارا در جي چاڳلا اسٽريٽ ۾ پيدا ٿيو. چاڳلا اسٽريٽ جو اهو گهر جناح جي والد جيٺا مسواڙ تي ڪاروبار لاءِ ڪراچي اچڻ لاءِ حاصل ڪيو هو. اها ڄاءِ جيٺا محمد علي جي پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ حاصل ڪئي. جنهن جي تصديق انهيءَ گهٽي جا پوڙها به ڪن ٿا ۽ هو اهو به چون ٿا ته جناح جهرڪن ۾ پيدا ٿيو هو.

اهو فقط سچائي کي لڪائي عوام سان دوکو ڪرڻ آهي ۽ حقيقت کان منهن موڙڻ آهي. سمورا ناليوار اديب، اسڪالر، تعليمي ماهر، محقق، سياستدان ان سچائي تي گڏ آهن ته محمد علي جيٺا ضلعي ٺٽي جي جهرڪ شهر ۾ ڄائو آهي. تاريخ سان ان هٿ چراند کي هاٽي بند ٿيڻ گهرجي. جهرڪن ۾ پيدا ٿيڻ ته ڪو ڏوهه ڪونهي.

جڏهن پرنس آف ويلس ڪراچي ۾ آيو:

18 مارچ 1922ع تي صبح جو جڏهن ڪراچي جا ماڻهو ننڊ مان سجاڳ ٿيا ته انهن ڏٺو پوري ڪراچي ڪارن جهنڊن ۽ پوسٽرن سان سينگاريل آهي. انهن پوسٽرن  تي پرنس ۽ پرنسس آف ويلس جي اچڻ تي دوڪاندارن کي، ڪاروبار بند ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڏينهن شهزادو ۽ شهزادي ويلس ڪراچي آيا هئا. خلافتين ۽ ڪانگريسين پاران ماڻهن کي بائيڪات جي اپيل ڪئي هئي. جنهن تي پوري ڪراچي ڪارن جهنڊن ۽ احتجاجي پوسٽرن سان انهن جو آڌر ڀاءُ ڪيو هو. هفتو اڳ سرڪار سختي ڪندي 56 ماڻهو گرفتار ڪري جيل موڪليا هئا. هڪ هفتو اڳ اهو حڪم نامو جاري ڪيو ويو ته ڪا به اخبار شهزادي ۽ شهزاديءَ جي اچڻ خلاف بائيڪات بابت ڪا خبر ۽ اشتهار شايع نه ڪندي. حڪومت گهڻي سختي ڪئي پر اهو سڀ منظم نموني ٿيو جو حڪومت جي اهلڪارن کي خبر ئي نه پئي. رات جو ئي گهرن جي بند دروازن جي هيٺان بائيڪات جا پوسٽر وڌا ويا ۽ پوري شهر ۾ پوسٽر ۽ ڪارا جهنڊا ايترا لڳي

ويا جو اهلڪارن جي لاهڻ ڪان متي هئا. هفتو اڳ ۾ ئي ڪراچي جي ريلوي اسٽيشن، ٽانگا، بس اسٽينڊن تي لهڻ واري جي تلاشي شروع ڪئي ويئي هئي. اهڙي طرح 18 مارچ 1922ع ۾ سواءِ سرڪار جي حمايتي ميمبرن اهلڪارن ۽ پاڙي تي آنڌل ماڻهن ڪانسواءِ ڪنهن به شهزادي ۽ شهزاديءَ جو آڌر ڀاءُ نہ ڪيو. رستا خالي هئا، دوڪان بند هئا.

پرنس ۽ پرنسس آف ويلز جي آڌر ڀاءُ لاءِ بمبئيءَ سرڪار اسيمبيءَ مان آڌر ڀاءُ لاءِ اٺ لک روپيا منظور ڪيا ويا. ضلعي سطح تي ”آڌر ڀاءُ فنڊ ڪاميٽيون“قائم ڪيون ويون. ڪراچي ضلعي مان، 64،131 روپيا چندو گڏ ڪيو ويو. ٿرپارڪر، سکر، جيڪب آباد، نواب شاهہ، حيدرآباد، لاڙڪاڻو ۽ ڪوئيٽا ضلعن مان ڪل 87،622 روپيا فنڊ گڏ ڪيو ويو. پوري سنڌ مان 93،622 هزار روپيا گڏ ويا. جنهن ۾ حڪومت جي حمايتي پارسي، هندو، مسلمانن، عيسائين بہ فنڊ گڏ ڪيو.

**<u>مولانا عبيدالله سنڌي جي واپسي:</u>**

4 مارچ 1939ع تي اڳاري ڏينهن مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي جلا وطني ختم ڪري، سعودي عرب مان ”المدينا“ جهاز وسيلي ڪراچي بندر تي پهتو تہ مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولانا محمد صديق، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا محمد عثمان بلوچ ريڪسر لياري وارو، حافظ محمد حسن، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيٺ يوسف، حاجي لڌو، ڊاڪٽر تارا چند لالواڻي، لالجي ملهوترا، سيٺ هري داس لالجي، آچاريا گدواڻي ڪانسواءِ حڪومت جي نمائندن ۾ سنڌ جو وڏو وزير خانبهادر الله بخش سومرو، پير الهيٰ بخش ۽ ڪراچي ۾ رهندڙ سوين هندو ۽ مسلمان آڌر ڀاءُ لاءِ گڏ ٿيا هئا. جهاز اٺين وڳي بندر تي لنگر انداز ٿيو تہ خاڪسار جي ڪارڪنن مولانا کي سلامي پيش ڪئي. آڌر ڀاءُ ڪانپوءِ مولانا کي جلوس جي شڪل ۾ ڪاري در کان کڏي لياري ۾ مدرسا عربيا مظهر العلوم ۾ آندو ويو. جتي هن پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ”آءٌ سچي دنيا انڊين نيشنل ڪانگريز جي عيوضي طور ڏسي سگهيو آهيان. دنيا جي غير اسلامي توڙي اسلامي ملڪن ۾ هندو مسلم يا قومن ۽ فرقن جو ڪو بہ فرق ۽ تفاوت ڪونهي. قرآن شريف جي تعليم مطابق بين الاقوامي حيثيت ۾ متحده قوميت ئي اهم شيءِ آهي“. مولانا فرمايو تہ ”آءٌ روس ۾ تہ ڪانگريسي ٿي رهيس پر مڪي شريف ۾ بہ مون کي تڏهن رهڻ ڏنو ويو جڏهن حڪومت کي پڪ ٿي تہ آءٌ ڪانگريسي آهيان“.

(اخبار اصلاح آچر 9 مارچ 1939ع)

گوبند مالهي، سوبو گيانچنداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اندر ڪمار گجرال، ترقي پسند ادبي ۽ سياسي تحريڪ:

گوبند مالهي سنڌ ۾ پهرئين ترقي پسند ادبي تحريڪ، سنڌي ساهت سنگت ۽ پهرئين ترقي پسند رسالي ”نئين دنيا“ جو باني هو. جنهن جو گهڻو وقت ڪراچي جي گهٽين ۾ گذريو. هُن حشو جي سنگت ۾ رهي ڪميونسٽ پارٽي جي پليٽ فارم تان سياست ڪئي. صوفي ۽ ادبي دنيا جو ماڻهو شايد هتي مس فٽ رهيو. جنهن جو ذڪر ان پنهنجي ”آتم ڪٿا“ سنڌڙي منهنجي جندڙي“ ۾ به ڪيو آهي. گوبند مالهي، نارائڻ شيام، شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو، حشو ڪيولراماڻي، گوبند پنجابي، سوڀو گيانچنداڻي جي ذڪر ڪانسواءِ سنڌ جو ترقي پسند ادب ۽ ڪراچي جي ترقي پسند سياست اڻ پوري آهي.

14 آگسٽ تي ڪميونسٽ پارٽيءَ ”پاڪستان“ جي ٺهڻ جي خوشي ۾ جيڪو جلوس ڪڍيو هپ. ان ۾ گوبند مالهي جناح ڪئمپ ۽ شيرواني سان پاڪستان جو جهنڊو هٿ ۾ ڪنيو هو ۽ ڪميونسٽ پارٽي جو جهنڊو ڪامريڊ سوڀي جي هٿ ۾ هو. انهي گوبند مالهي کي سندس آفيس ۾ هڪ هندستان ڪان آيل پناهگير ”پيپر ويٽ“ ڏيڪاري، ڊيڄاري سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. ان ڏينهن هن کي احساس ٿيو تہ پاڪستان فقط مسلمانن لاءِ ٺهيو آهي. اهو احساس هن کي ڏياريو ويو. اهو حوصلو فقط سوڀي ۾ هو. جيڪو هتي رهي پيو.

گوبند بہ ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي پليٽ فارم تان شاگرد سياست جي شروعات ڪئي. جنهن جو اڳواڻ حشو ڪيولراماڻي هو. سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو بنياد وجهندڙ بہ حشو هو. حشو ڪيولراماڻي ملڪي سياست ۾ بہ اهم، رول ادا ڪيو. حشو سان گڏ پريتم ٿهلراماڻي، راڌو تلسياڻي، سنتوش ڌرماڻي شاگرد هلچل ڪانسواءِ ملڪي سياست ۾ بہ گڏ هئا. سيپٽمبر 1940ع ۾ حڪومت خلاف تقرير جي ڏوهہ ۾ ٽئي گرفتار ٿيا تہ مالهي انهن جي لاءِ ڪوششون ورتيون. ڪيس جي پوئواري ڪئي. حشوءَ کي ارڙهن مهينا سخت پورهئي جي سزا ملي.

گوبند مالهي جو ڪميونسٽ پارٽي ڏانهن لاڙو حشو ڪانسواءِ راڌي تلسياڻي ۽ آخر ۾ سوڀي جي سنگت ۾ بہ رهڻ ڪري وڌيو.

ڪامريڊ سوڀو بہ ڪراچي جي شاگرد سياست ۾ اڳيرو هو جنهن جي ڪري هو ڪجھ ڏينهن لاءِ ريسٽيڪٽ بہ ٿيو پر شاگردن جي جدوجهد ڪري بن ڏينهن ۾ ريسٽيڪٽ جا آرڊر واپس ورتا ويا. اڳتي هلي ڪامريڊ جيل ياترا بہ ڪئي.

ڪاري در لڳ گوبند پنجابيءَ جو پريس ۽ ڪتاب گهر ڪميونسٽ پارٽي ۽ ادبي اشاعت جا مرڪز هئا. گوبند مالهي ڪاليج لائيف دوران انهيءَ پريس ۾ ڪم ڪندو هو. اڳتي هلي پريس وڪڻي گوبند پنجابي شڪارپور هليو ويو. باقي پارٽي دوستن نئين ڪتاب گهر کي سنڀاليو.

ايل. ايل. بي ڪرڻ ڪانپوءِ گوبند مالهي وڪالت بجاءِ پبلسٽي جو ڪم شروع ڪيو ۽ پنهنجو پبلسٽي ادارو ”انٽرنيشنل پبلسٽي سروس“ قائم ڪيو. انهيءَ آفيس ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان کان آيل هڪ پناهه گير ”پيپر ويٽ“ ڏيکاري مالهي کي سنڌ جا وڻ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو هو. ايسر پوپلي ۽ مالهي سان گڏ پبلسٽي سروس ۾ پائيوار هو. جڏهن قاضي مجتبيٰ پارٽي ڇڏي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ته گوبند مالهي کي هن جي جڳهه تي ڪراچيءَ جي ڪميونسٽ پارٽي يونٽ جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. انهيءَ دوران ڪرشن ڪتواڻي انهن جي صحبت ۾ رهيو. مزدور اڳواڻ قاضي مجتبيٰ اڳتي هلي مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي نارائڻ بيچر کي شڪست ڏئي اسيمبلي ۾ پهتو. ادبي پليٽ فارم تي به پارٽي سرگرمين سان گڏ تيزي آڻڻ ۾ گوبند مالهي ڪوششون ورتيون ته شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو، ارجن شاد به سرگرم ٿيا.



ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي          گوبند مالهي

انهيءَ عرصي ۾ هڪ ٻيو باغي شاگرد اڳواڻ ڪيرت ٻاٻاڻي نوابشاهه مان ڏهه مهينا حڪومت مخالف سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جي ڏوهه ۾ سکر ۽ حيدرآباد ۾ سزا ڪاٽي انهن سان ڪراچي ۾ اچي مليو هو.

ڪراچي ۾ ترقي پسند ادبي تحريڪ ۽ شاگرد سياست جا محور ۽ مرڪز اهي دوست هئا. ڪانگريس ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي جدوجهد جا اهجاڻ هئا پر اڳتي هلي ڪانگريسي ڪميونسٽن ۾ ويڇا وڌيا ته ان جا اثر ڪراچي ۾ سياست، ادب ۽ شاگرد سياست تي پيا. شاگرد تنظيم جي چونڊن ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي جي سامهون ڪميونسٽ پارٽي سوڀي کي بيهاريو. جنهن ۾ گوبند مالهي جو وڏو هٿ هو. سوڀو هارائي ويو ۽ ائين شاگردن جو گڏيل اتحاد به ٽٽي ويو ۽ شاگرد هلچل ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي.

ادبي ميدان ۾ ”نئين دنيا ڪتاب گهر“ پاڻ ملهايو. ورهاڱي کان اڳ ڪتابن شايع ڪرڻ جو ريڪارڊ قائم ڪيو. سنڌي ڪانسواءِ اردو ۾ به ڪتاب شايع ڪيا. گهڻو زور ترجمي تي رهيو. جنهن جا روح روان گوبند مالهي ۽ بخاري هئا.

سنڌ اسيمبلي جي چونڊن جو اعلان ٿيو ته حيدر بخش جتوئي نوڪري ڇڏي لاڙڪاڻي مان فضل الله جي سامهون بيٺو. ڪامريڊ عبدالقادر ميرپور خاص مان چونڊن ۾ حصو ورتو. گوبند مالهي ڪامريڊ سان اليڪشن ورڪ ۾ گڏ هو. مسلم ليگ ميران محمد شاهه کي ٽڪيٽ ڏني هئي.
ڪامريڊ عبدالقادر جي ضمانت ضبط ٿي. حيدر بخش جتوئي به هارايو. حيدر بخش جتوئي جي ورڪ جي ذميواري سوڀي تي هئي. اليڪشن ڪانپوءِ ڪميونسٽ پارٽي جي هڪ اڳواڻ سوامي انگديو جي پئسن مان هن وقت جي امپيريل بئنڪ جي سامهون مئڪلوڊ روڊ تي "نئين دنيا پرنٽنگ پريس" کولي ويئي. جنهن جو مقصد ڪميونسٽ ادب ۽ خيالن جو پرچار ڪرڻ هو. هتان بخاري هفتيوار "صداقت" جاري ڪئي. جنهن جو پرنٽر ۽ پبلشر مالهي هو. ايڊيٽر بخاري صاحب هو. گوبند مالهي پبلسٽي آفيس ڪانسواءِ بمبئي بازار بولٽن مارڪيٽ ۾ ڪتابن ۽ اسٽيشنري جو دڪان "نئين دنيا اسٽور" نالي به کوليو.
ڪيرت باباڻي به ڪانگريس سياست کان پاسيرو ٿي انهن سان اچي مليو ۽ "صداقت" لاءِ ترجما ڪرڻ لڳو. انهيءَ دوران اندر ڪمار گجرال (آءِ ڪي گجرال) جيڪو اڳتي هلي پارٽي وزارت ۾ منسٽر آف اسٽيٽ، سوويت يونين ۾ پارٽي حڪومت جو سفير بڻيو ۽ ڀارت جو وزيراعظم به بڻيو. ڪراچي ۾ ڪاروبار ڪرڻ آيو هو. گوبند مالهي جي پبلسٽي آفيس جي سامهون بندر روڊ تي لڪشمي بلڊنگ ۾ ان جي آفيس هوندي هئي. ان وقت به هن وٽ شيورليٽ ڪار هوندي هئي. سندس گهر پلازه سينيما پرسان هوندو هئس. اندر ڪمار گجرال پنجاب ۾ ڪميونسٽ پارٽي سان واڳيل هو ۽ ڪراچي اچي هن پارٽي لاءِ ڪم به شروع ڪيو.
11 فيبروري 1946ع کان 1947ع جڏهن رائل نيوي بغاوت ڪئي ته ڪراچي جي بندر تي مقامي نيوي فوجين 22 فيبروري تي هن بغاوت ۾ حصو ورتو. فوجين بندرگاهه تي موجود هندستان نالي جهاز تي قبضو ڪيو. انگريز فوجين مقامي فوجين تي فائرنگ ڪئي جنهن تي گهٽا فوجي زخمي ٿيا. ڪجهه مارجي ويا. ڪراچي شهر ۾ به هنگاما شروع ٿيا. ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي هڪ ميٽنگ ۾ جنهن ۾ سوڀي، گوبند ۽ بخاري شرڪت ڪئي هڙتال جو سڏ ڏنو. ضلعي پارٽي سيڪريٽري طور گوبند مالهي پاران پريس ۾ هڙتال جي اپيل شايع ڪئي ويئي. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کي به هڙتال ۾ شرڪت جي اپيل ڪئي ويئي هئي. فيصلو ڪيو ويو ته سيئي ڪارخانن مان مزدور مختلف اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ جلوس ڪڍي، بندر روڊ عيدگاهه تي گڏ ٿيندا.
هڙتال واري ڏينهن عيدگاهه کي پوليس ڪڙو چاڙهي ڇڏيو. بندر روڊ کي بند ڪيو ويو. ڪراچي کي فوج جي حوالي ڪيو ويو. پابندين جي باوجود مزدورن، هارين ۽ شاگردن جو سمنڊ اٿلي پيو ۽ ڪراچي جا روڊ "انقلاب زنده باد" جي نعرن سان گونجي اٿيا. سنڌ جي وڏي وزير غلام حسين

هدايت الله هتي پهچي اڳواڻن کي مظاهرو ختم ڪرڻ لاءِ چيو. سر غلام حسين اها اپيل گوبند مالهي کي ڪئي ۽ چيو ته اوهان جا سڀ اڳواڻ گرفتار ٿي چڪا آهن. هتي گوڙ ٿيو ته سر غلام حسين هدايت الله غائب ٿي ويو. جهڏن لاهڻ جي هڪ غلط فهمي ڪري هنگاما شروع ٿيا فوج فائرنگ ڪئي. ڳوڙها گئس اڇلايا ويا. گوبند ۽ ٻيا ڪامريڊ اندر ڪمار گجرال جي ڪار ۾ چڙهي روانا ٿيا. انهن هنگامن ۾ نو ماڻهو مارجي ويا. سوڀو ۽ بخاري گرفتار ٿيا. شام جو هڪ ڪليل جيب ۾ مسلم ليگ، ڪانگريس ۽ ڪميونسٽ پارٽي جا جهنڊا لڳائي. اڳواڻن متاثر ٿيل علائقن جو دورو ڪيو. اڳواڻن ۾ سوامي ڪرشنا نند ڪانگريس، گوبند مالهي ڪميونسٽ پارٽي، ڊاڪٽر تارا چند ڪانگريس ۽ مجتبيٰ قاضي مسلم ليگ پاران تقريرون ڪيون. ان واقعي گوبند جي ذهن تي وڏو اثر وڌو ان سمجهيو ته اهو هنگامو ان جي ڪري ٿيو آ. جنهن ڪري هن پارٽي جي سيڪريٽري واري عهدي تان استعفيٰ پيش ڪئي. هن جي استعفيٰ کي قبول ڪري، ڪامريڊ اي. ڪي هانگل کي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

اڳتي هلي گوبند مالهي پنهنجي پبلسٽي سروس جي پائيوار ايسر پوپلي سان گڏ ماهوار مخزن "نئين دنيا" جاري ڪيو. اها پهرئين فلمي پوءِ ادبي رسالو ثابت ٿيو. انهيءَ پليٽ فارم تي سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو ويو. جنهن جو پهريون صدر آسانند مامتورا، گوبند مالهي جنرل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري بهاري چابريا ۽ پريس سيڪريٽري شيخ اياز ٿيا.

ورهاڱي ڪانپوءِ حالتن اهڙو ڦيرو کاڌو جو سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. پريس ۽ آفيسن تي قبضو ٿيو. ساٿي سڀ هندستان هليا ويا ته گوبند، ڪيرت، نارائڻ، ايسر، پريتم ٺهلراماڻي، اندر ڪمار گجرال، سوامي سيتا رام سڀ ترقي پسند سياست جا مضبوط ٿنيا ڪراچي ڇڏي هليا ويا.

**<u>سنڌ گورنمينٽ براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن:</u>**

ورهاڱي کان اڳ نندي ڪند ۾ سڀ کان اهم ريڊيو اسٽيشن دهلي ۾ هو. نندي ڪند ۾ براڊ ڪاسٽنگ جي شروعات غير سرڪاري طور 1924ع ۾ ٿي. جڏهن بمبئي، ڪولڪتي ۽ مدراس ۾ "ريڊيو ڪلب" نالي ريڊيو اسٽيشن قائم ڪيا ويا. پر انهن جي نشريات محدود هئي. 1926ع ۾ هندستان جي حڪومت "انڊين براڊ ڪاسٽنگ لميٽيڊ" نالي هڪ اسٽيشن قائم ڪئي. هڪ ڪمپني سان معاهدو ڪري ان کي هلايو ويو. 1930ع ۾ اها ڪمپني ختم ڪئي ويئي، حڪومت براڊ ڪاسٽنگ کي پنهنجي هٿ هيٺ ورتو، ۽ "انڊين اسٽيٽ براڊ ڪاسٽنگ سروس" جي شروعات ڪئي، جيڪو صنعت، حرفت ۽ محنت واري کاتي جي هٿ هيٺ هو. انهيءَ سروس تحت هاڻوڪي پاڪستان وارن علائقن ۾ پشاور ۾ 1936ع ۾ پهريون ريڊيو اسٽيشن قائم ڪيو ويو. 1936ع ۾ ئي انڊين براڊ ڪاسٽنگ سروس جو نالو بدلائي "آل انڊيا ريڊيو" رکيو ويو.




ريڊيو پاڪستان بلڊنگ بندر روڊ

ورهاڱي وقت 14 آگسٽ 1947ع تي قائداعظم محمد علي جناح کي پاڪستان جي پهرئين گورنر جنرل طور ڪراچي ۾ حلف کڻڻو هو. ڪراچي ۾ ريڊيو اسٽيشن نہ هئڻ ڪري اها تقريب ريڊيو تي نشر نٿي ٿي سگهي. جنهن لاءِ ڪراچيءَ ۾ موجود ڪجھ نوجوانن جن مان هڪ ايس. ڪي حيدر هو جيڪو انجنيئر بہ هو ۽ ان جو ريڊيو جو دڪان بہ هو. گڏجي ايم. اي چاڳلا وٽ اها ڳالھ رکي تہ 14 آگسٽ 1947ع تي ڪراچيءَ ۾ ريڊيو اسٽيشن قائم ڪرڻ چاهين ٿا تہ جيئن قائداعظم جي حلف کڻڻ واري تقريب جي ڪارروائي سڌو سنئون نشر ٿي عوام تائين پهچي. جنهن لاءِ انهن سنڌ حڪومت کان اجازت ۽ مدد جي درخواست ڪئي، چاڳلا انهن کي سنڌ حڪومت جي هڪ مشير مسٽر آڏواڻي ڏانهن موڪليو ان نوجوانن سان واعدو ڪيو تہ سنڌ حڪومت کان هر ممڪن مدد ورتي ويندي. پوءِ آڏواڻي صاحب سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي ۽ غلام حسين هدايت الله سان ملاقات ڪري ضروري مدد حاصل ڪئي. جنهن لاءِ انهن انٽيليجينس اسڪول ۾ جيڪو ڪنهن بيرڪ ۾ قائم هو، تي ڪمرا انهن جي ريڊيو اسٽيشن لاءِ الاٽ ڪيا. انهن ٻي جنگ عظيم جي زماني ۾ آمريڪي فوجين پاران ڪي. جي هال ۾ هڪ پراڻي ريڊيو ٽرانسميٽر جي مرمت شروع ڪئي. جنهن وسيلي آمريڪي فوجين جي تفريح لاءِ پروگرام نشر ڪيا ويندا هئا. اهڙي نموني 20 جولاءِ 1947ع ۾ بيرڪ ۾ الاٽ ٿيل ٽنهي ڪمرن ۾ ٽرانسميٽر لڳائڻ جي ڪم جي شروعات ٿي.

5 آگسٽ 1947ع تي تجرباتي ريڊيو اسٽيشن قائم ٿي. جنهن 10 آگسٽ تي باقاعده 200 ميٽر بينڊ تي پروگرام نشر ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن جو نالو ”سنڌ گورنمينٽ براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن“ رکيو ويو. انهيءَ ريڊيو اسٽيشن تان 14 آگسٽ 1947ع تي قائداعظم جي گورنر جنرل جي حيثيت سان حلف کڻڻ واري تقريب جو احوال سڌو سنئون نشر ڪيو ويو.

ريڊيو پاڪستان جو پهريون ڊائريڪٽر ذوالفقار علي بخاري جيڪو زيڊ، اي، بخاري جي نالي سان مشهور ٿيو مقرر ڪيو ويو. بخاري صاحب هڪ سنو شاعر، صدا ڪار، پروفيسر ۽ ليکڪ هو ۽ گڏوگڏ هو براڊ ڪاسٽنگ جو فلاسفر هو. جڏهن پاڪستان نهيو تہ ظهور آذر لاهور ۾ پروڊيوسر

هو پاڪستان نهڻ جو اعلان انهيءَ پهرئين انگريزي ۾ ڪيو هو. ان ڪانپوءِ اردو ۾ اهو اعلان مصطفيٰ علي همداني جي آواز ۾ ٿيو هو. ظهور آذر ريڊيو پاڪستان جو ٽيون ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. ان ڪان اڳ ٻيو ڊائريڪٽر سيد رشيد احمد بڻيو هو. پيپلز پارٽي جي دور ۾ جڏهن ڀٽي صاحب خواجا شاهد حسين کي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ته ان ريڊيو پاڪستان کي ڪارپوريشن ۾ بدلايو. هن ڪان اڳ مفيض الرحمان، سيد منير حسين ۽ سيد جلال حيدر ريڊيو پاڪستان جا ڊائريڪٽر رهي چڪا هئا. ٽيليويزن جي اچڻ سان ريڊيو جڻ خاموش دور ۾ هليو ويو. هي ايف. ايم ريڊيو جو دور آهي پر انهن جي هڪجهڙائي ڪري به هاڻي بوريت ٿئي ٿي. 2006ع دنيا ۾ براڊ ڪاسٽنگ جي سال طور ملهايو ويو 1906ع ۾ مارڪوني ريڊيو نشريات جي شروعات ڪئي هئي. جنهن کي 2006ع ۾ پورا سئو سال ٿي چڪا هئا. هن وقت انفارميشن سروس مان اشفاق گوندل ريڊيو پاڪستان جو ڊائريڪٽر جنرل آهي.

**<u>ڪراچي ۾ ٿيٽر ۽ سينيما جي شروعات:</u>**

اليگزينڊر ايف بيلي پنهنجي ڪتاب ”ڪراچي ماضي، حال ۽ مستقبل“ ۾ لکي ٿو ته، ”ڪراچي ۾ پهريون ٿيٽر پارسين قائم ڪيو. ڪراچي پر پوري سنڌ ۾ پهرين ڊراميٽڪ سوسائٽي ڊي. جي ڪاليج ۾ قائم ٿي هئي.



**نشاط سينيما بندر روڊ**

نيپئر روڊ تي قائم راڪسي سينيما لي مارڪيٽ ييم پورو ۽ مارسٽن روڊ (رمپا پلازا جو پويون روڊ) تي ريوالي سينيما واري جاءِ تي ڪلب هوندا هئا. جتي ڊراما اسٽيج ڪيا ويندا هئا. راڪسي سينيما جي جاءِ تي راحيل ٿيٽر هو جيڪو پارسين جو هو. نيپئر روڊ تي ليمارڪيٽ ويجهو ڪمار سينيما جي جاءِ تي مجيلا ناٽڪ گهر هوندو هو. نانڪ واڙي ۾ نيپئر روڊ ڪان رنڇوڙ لائين ويندڙ رستي لارنس روڊ تي پراڻي پان منڊي لڳ موتي لال ٿيٽر هوندو هو. هتي هڪ بزرگ جي مزار به آهي. موتي لال جي ڏيوالي ٿيڻ ڪانپوءِ نئين مالڪ هتي ”پريات“ سينيما ناهي جيڪا اڄ به قائم آهي جنهن جو هاڻوڪو نالو نگار سينيما آهي ڪراچي ۾ پهريون سينيما ”پڪچر هائوس“ هو.

جيڪو بندر روڊ تي هو.سينيما جي ايجاد 1927ع ۾ ٿي. ڪراچي ۾ سينيما ناهڻ جي اجازت خلاف تحريڪ هلائي ويئي. جنهن جو اڳواڻ حاجي عبدالله هارون هو. پهريون پرو جيڪٽر سينيما هائوس ”امپيريل سينيما“ ۾ هلايو ويو جنهن جو نالو بعد ۾ رٽز رکيو ويو. جيڪو بندر روڊ تي هاٽوڪي سروس اسپتال جي سامهون هو. ورهاڱي وقت ڪراچي ۾ 20 سينيما هائوس موجود هوندا هئا. بندر روڊ تي هاٽوڪي سروس اسپتال جي سامهون هو. ورهاڱي وقت ڪراچي ۾ 20 سينيما هائوس موجود هوندا هئا. بندر روڊ تي لنڊا بازار لڳ، ڪي. ايم. سي بلڊنگ جي اوپر پاسي بندر ڏانهن ويندي گلوب سينيما جنهن جو نالو ”پڪچر هائوس سينيما“ جيڪو هاڻ موجود نہ آهي. رٽز سينيما، ايمپائر ٽاڪيز، رنجيت ٽاڪيز جنهن جو نالو بعد ۾ ميجسٽڪ سينيما رکيو ويو. پلازه سينيما رمپا پلازه جي سامهون، راڪا سينيما جنهن جو نالو بعد ۾ ناز سينيما رکيو ويو جيڪو هاٽوڪي نشاط سينيما جي سامهون هو جتي هاڻي ناز پلازه ٺهيل آهي. اهي سڀ ختم ٿي چڪا آهن. صدر ۾ ورهاڱي کان اڳ ريگل سينيما جتي هاڻي ريگل ٽريڊ سينٽر ٺهيل آهي. وڪٽوريا روڊ تي پيراڊائز سينيما جتي هاڻي پيراڊائيز شاپنگ سينٽر ٺهيل آهي. ڪيپٽل سينيما وڪٽوريا روڊ ۽ ايلفينسٽن اسٽريٽ (زيب النساءَ اسٽريٽ) جي وچان ڪلارڪ اسٽريٽ تي هو جيڪو بہ هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. ڪيپيٽل بڪ شاپ فٽ پاٿ اڃان موجود آهي. جيڪو سنڌي ڪتابن ڪري سنڌين جي ملڻ جو هڪ هنڌ آهي. مي فيئر سينيما وڪٽوريا روڊ ۽ ايلفينسٽن روڊ تي جتي هاڻي زينب مارڪيٽ آهي. جي لڳ ڀرسان پاسي مي فيئر، ريو، ريڪس ۽ اڳتي ميٽرول پول هوٽل سان لڳ پيلس سينيما هوندا هئا. جتي هاڻي شادي هال، شاپنگ سينٽر ۽ دفترن لاءِ پلازه ناهيا ويا آهن. ريگل سينيما لڳ، پريڊي اسٽريٽ تي اوڊين سينيما هو جنهن کي تازو (2006ع ۾) ختم ڪيو ويو آهي جتي مارڪيٽ ناهي وئي آهي. وڪٽوريا روڊ تي جتي هو بندر روڊ سان ملي ٿو اسٽار، بمبنو (جيڪو حاڪم علي زرداري جو هو پهرئين بلوچي فلم ”حمل ماهہ گنج“ جيڪا انور اقبال ناهي هئي جنهن جو پريس شو هتي ٿيو هو. اها فلم بلوچن پاران زبردست تحريڪ هلڻ ڪانپوءِ هلڻ نہ ڏني وئي جنهن جي نتيجي ۾ اڃان تائين ڪا بلوچي فلم سينيما لاءِ ٺهي نہ سگهي آهي) اسڪالر ۽ ليرڪ سينيما ناهيا ويا جيڪي موجود آهن.

سول اسپتال کان پيم پوره ڏانهن ويندي مشن روڊ تي قسمت سينيما جنهن جو پهريون نالو ايمپائر سينيما هو. جنهن ۾ آخري فلم سڌير ۽ مسرت نذير جي باغي هلائي وئي. اهو آخري شو جيڪو مون انهيءَ سينيما ۾ ڏٺو هو.

نيپئر روڊ تي نگار سينيما جيڪا موجود آهي جنهن جو پراڻو نالو پريات هو. ڪمار سينيما جيڪا اڃان موجود آهي. پيم پوري ڏانهن راما ٽاڪيز جنهن جو ورهاڱي ڪانپوءِ نالو راڪسي رکيو ويو.

جيڪا اجان بہ موجود آهي ۽ پشتو فلمن ڪري مشهور آهي. جگديش ٽاڪيز جنهن جو نالو ورهاڱي کان پوءِ نور محل رکيو ويو. ملڪيت تان مالڪ جي پٽن عدالت جو در کڙڪايو تہ سينيما بند ٿي وئي هاڻي هتي مارڪيٽ ٺهيل آهي. نور محل جي سامهون پيم پوري چوڪ تي "سپر" سينيما جنهن کي هاڻي ختم ڪيو ويو آهي. کياماڙي ۾ نگينہ سينيما جيڪا هاڻي ختم ٿي چڪي آهي.

ورهاڱي کانپوءِ جيڪا پهرئين سينيما ڪراچي ۾ ٺهي اها جوبلي واري علائقي ۾ جوبلي سينيما هئي جيڪا ڊسمبر 2006ع ۾ ختم ڪئي ويئي. ڪنهن مسلمان پاران اها پهرئين سينيمان هئي. ورهاڱي کان اڳ ڪراچي ۾ موجود سيئي سينيما گهر هندو پارسين جا هئا. ڪراچي ۾ ٺهنڊڙ سينيمائن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو. جن مان گهڻيون ختم ٿي چڪيون آهن.

| نمبر | نالو سينيما | جاءِ | قائم ٿيل ورهاڱي کان اڳ يا پوءِ | هاڻوڪي حالت |
|---|---|---|---|---|
| 01 | پڪچر هائوس (ڪراچي جي پهرئين سينيما) | بندر روڊ | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 02 | رٽز (امپريل) | بندر روڊ | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 03 | ميجسٽڪ (رنجيت ٽاڪيز) | بندر روڊ سروس هاسپيٽل جي سامهون | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 04 | ايمپائر | بندر روڊ | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 05 | لائيٽ هائوس (گلوب) | بندر روڊ | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 06 | تاج محل (اسٽار) | بندر روڊ ريڊيو پاڪستان جي سامهون | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 07 | پلازه | بندر روڊ- رمپا پلازه جي سامهون | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 08 | ناز (راڪا) | بندر روڊ نشاط سينيما جي سامهون | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 09 | پيلس | ميٽروپول هوٽل لڳ ايلفينسٽن اسٽريٽ | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 10 | ميفيئر | ايلفينسٽن اسٽريٽ صدر | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 11 | ريو | ايلفينسٽن اسٽريٽ صدر | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 12 | ريڪس | وڪٽوريا روڊ (عبدالله هارون روڊ) صدر | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 13 | پيراڊائيز | وڪٽوريا روڊ (عبدالله هارون روڊ صدر | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 14 | ڪيپٽل | ڪلارڪ اسٽريٽ صدر | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 15 | اوڊين | صدر ريگل چوڪ پريڊي اسٽريٽ | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 16 | ريگل | صدر ريگل چوڪ پريڊي اسٽريٽ | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 17 | قسمت (ايمپائر) | مشن روڊ سول اسپتال ويجهو | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 18 | نگار (پرڀات) | نانڪ واڙو لارنس روڊ | ورهاڱي کان اڳ | موجود |
| 19 | ڪمار ٽاڪيز | نيپئر روڊ ويجهو لي مارڪيٽ | ورهاڱي کان اڳ | موجود |
| 20 | راڪسي (راما ٽاڪيز) | جاپاني روڊ پيم پورو | ورهاڱي کان اڳ | موجود |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 21 | سپر ٽاڪيز | جاپاني روڊ پيم پورو | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 22 | نور محل (جگديش ٽاڪيز) | نوراني بس اسٽاپ پيم پورو | ورهاڱي کان اڳ | ختم ٿيل |
| 23 | جوبلي | جوبلي مارڪيٽ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 24 | نشاط | بندر روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 25 | پرنس | بندر روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 26 | پرنسس | بندر روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 27 | بمبينو | ايلفينسٽن (زيب النساءَ) اسٽريٽ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 28 | اسٽار | ايلفينسٽن (زيب النساءَ) اسٽريٽ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 29 | اسڪالا | ايلفينسٽن (زيب النساءَ) اسٽريٽ | ورهاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 30 | ليرڪ | ايلفينسٽن (زيب النساءَ) اسٽريٽ | ورهاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 31 | نگينه | ڪياماڙي | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 32 | ڪوهنور | جوبلي مارڪيٽ واري گهٽي ۾ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 33 | ايروز | جوبلي مارڪيٽ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 34 | ريوالي | مارسٽن روڊ | ورهاڱي کان | ختم ٿيل |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | ورهاڱي کان پوءِ | |
| 35 | قيصر | مارسٽن روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 36 | افشان | مارسٽن روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 37 | نشيمن | مارسٽن روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 38 | گوڊين | مارسٽن روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 39 | رنيو | گارڊن روڊ انڪل سريا جي سامهون | ورهاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 40 | نيو ميجسٽڪ | بندر روڊ سروس هاسپيٽل سامهون | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 41 | محفل | بندر روڊ سروس هاسپيٽل سامهون | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 42 | ڪرائون | ماڙيپور روڊ ڪلري ڪڏو | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 43 | سوسائٽي | لس بيلو روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 44 | ناولٽي | ٽي هٽي | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 45 | فردوس | لالو کيت (لياقت آباد) | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 46 | فردوس | لالو کيت (لياقت آباد) | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 47 | ناياب | لالو کيت (لياقت آباد) | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 48 | نيرنگ | لالو کيت (لياقت آباد) | ورهاڱي کان | ختم ٿيل |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | ورهاڱي کان پوءِ | |
| 49 | ريجنٽ | شير شاهه روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 50 | چمن | منگهو پير روڊ پاڪ ڪالوني | ورهاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 51 | ڊيلڪس | ناظم آباد | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 52 | صبا | نيو ڪراچي | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 53 | عرشي | عائشه منزل فيڊرل بي ايريا | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 54 | اوپيرا | عائشه منزل فيڊرل بي ايريا | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 55 | ڪرن | پراڻو گوليمار گٽر باغيچو منگهو پير روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 56 | ميٽرو | بنارس چوڪ منگهو پير روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 57 | خيام | سوسائٽي | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 58 | امبر | بهادر آباد | ورهاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 59 | پڪاڊلي | ملير ڪينٽ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 60 | ڊرائيو ان | ڊالميا | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 61 | مري ڊرائيو ان | نيپا واري روڊ تي علاءُ الدين پارڪ لڳ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 62 | شمع | شاھ فيصل ڪالوني | ورھاڱي کان پوءِ | موجود |
| 63 | شبنم | شاھ فيصل ڪالوني | ورھاڱي کان پوءِ | موجود |
| 64 | امپريل | ڊرگ روڊ ريلوي اسٽيشن | ورھاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 65 | ڪيسينو | سعود آباد ملير | ورھاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 66 | گلزار | ماڊل ڪالوني | ورھاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 67 | نفيس | ڪوڪرو پار ملير | ورھاڱي کان پوءِ | موجود |
| 68 | شبانہ | عامر ياسر ملير | ورھاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 69 | لگزري | ايئرپورٽ | ورھاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 70 | سنگيت (شاھين ۽ مالا) | نيشنل ھاءِ وي ملير سٽي | ورھاڱي کان پوءِ | موجود |
| 71 | گلشن | برف خانو ملير | ورھاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 72 | لالازار | نيشنل ھاءِ وي قائدآباد | ورھاڱي کان پوءِ | موجود |
| 73 | نرگس | نيشنل ھاءِ وي قائدآباد لانڍي | ورھاڱي کان پوءِ | موجود |
| 74 | مھر | نيشنل ھاءِ وي قائدآباد لانڍي | ورھاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 75 | مھتاب | ريڙھي روڊ لانڍي ڪورنگي | ورھاڱي کان پوءِ | موجود |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 76 | شيش محل | ريڙهي روڊ لانڍي ڪورنگي | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 77 | غالب | لانڍي ڪورنگي روڊ- 5 | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 78 | نسرين | لانڍي ڪورنگي روڊ- 5 | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 79 | نسيم | لانڍي ڪورنگي روڊ- 5 | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 80 | زينت | لانڍي ڪورنگي روڊ- 5 | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 81 | تصوير محل | سئو ڪوارٽر ڪورنگي-6 جمع ڳوٺ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 82 | گلستان | قائدآباد لانڍي ريلوي استيشن لڳ | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 83 | ارم | فيڊرل ڪيپٽل ايريا شير شاهه روڊ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 84 | گليڪسي | ناظم آباد | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 85 | شيرين | نيو ڪراچي | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 86 | مزراب | لالو کيت (لياقت آباد) | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 87 | هالي ووڊ | بهادر آباد | ورهاڱي کان پوءِ | بند پيل |
| 88 | شاهين | جيل روڊ عثمان پارڪ واري جاءِ تي | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 89 | مسرت | ناظم آباد | ورهاڱي کانپوءِ | موجود |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 90 | شاليمار | ناظم آباد | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 91 | صنم | پيپنس ڪالوني | ورهاڱي کان پوءِ | موجود |
| 92 | چاندني | يونيورسٽي روڊ پراڻي سبزي منڊي سامهون | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 93 | ڪنگ | بندر روڊ الله والا مارڪيٽ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |
| 94 | ڪوئين | بندر روڊ الله والا مارڪيٽ | ورهاڱي کان پوءِ | ختم ٿيل |

انهن سينيمائن مان ڪجهه اجا موجود آهن. انهن مان به گهڻن جا حال پورا آهن. سي.ڊي. وي. سي. آر ۽ ڊش جي اچڻ ڪري ۽ پاڪستاني فلمي صنعت ۾ معياري فلمون نه ٺهڻ ڪري به سينيما ڪلچر جو خاتمو ٿي ويو. ٻئي پاسي ڪراچي ۾ ٿيئٽر ۽ اسٽيج جيڪو ڪنهن دور ۾ مقبول هو. مختلف چينلن اچڻ ڪري اهو به آهستي آهستي ختم ٿي رهيو آهي.

ڪراچي ۾ منگهو پير روڊ تي به فلمي اسٽوڊيو هئا جيڪي بند پيا آهن. ڪراچي ورهاڱي ڪانپوءِ فلمي صنعت جي اهم مرڪز طور اڀري رهيو هو. سوين ماڻهن جو روزگار جو اهو وسيلو هڪ سازش تحت هتان ختم ڪري لاهور شفٽ ڪيو ويو ته اهي اسٽوڊيو ويران ٿي ويا. آخر ۾ اهي اسٽوڊيو سنڌي فلمسازن ۽ هدايتڪارن جي حوالي هئا، پر انهن به هڪ ٻوٽو نه ٻاريو ته اهي اسٽوڊيو بند ٿي ويا. ڪراچي ۾ فلمي اسٽوڊيو بند ٿيڻ ۽ مرڪز لاهور ۾ وڃڻ ڪري اردو فلمن کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ايڪٽ ٻيڪٽ جيڪي سنڌي فلمون نهي رهيون هيون انهن جو نهڻ به بند ٿي ويو. پنجابي فلمن جي ٻوڏ ڪري نالي وارن اردو اداڪارن به مجبور ٿي پنجابي فلمن جو رخ ڪيو. ڪراچي ۾ اسٽوڊيو بند ٿيڻ ڪري ڪراچي جي فلمي اداڪارن جن ۾ وحيد مراد، نديم ، سيد ڪمال، نرالا، لهري، زيبا، ڪمال ايراني، غلام محي الدين، معين اختر، بابره شريف، جاويد شيخ، عمر شريف، اسد جعفري، بابر علي، غالب ڪمال، اسماعيل تارا، زيبا شهناز، انور اقبال، محسن حسن خان ڪانسواءِ سنڌ جي ٻين شهرن مان ساقي، محمد علي، مصطفيٰ قريشي، منصور بلوچ، شاهنواز گهمڻ، ملڪ انوکي، چڪوري، مشتاق چنگيزي، قربان جيلاني ۽ ٻين لاهور جو رخ ڪيو. لاهور فلمي مرڪز هئڻ ڪري ڪراچي مان گهڻن گوين، ڳائڻ، موسيقارن ۽ شاعرن به

لاهور ۾ ديرو ڄمايو. فلمي مرڪز ختم ٿيڻ سان سنڌ ڪي معاشي طور وڏو نقصان پوڳڻو پيو. ان سان سوين ماڻهو بيروزگار ٿيا.

**ڪراچي ۾ ڪدڙن جون مڙهيون ۽ مجرا:**

ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ ڪدڙن جي ٻين مڙهين جو ذڪر ملي ٿو. هڪ لياري جي شاهه بيگ لين ۾ ۽ ٻيو آسو ڳوٺ ۾. جيڪي ٻئي اجا آباد آهن. مڙهين وارا ڪدڙا پنهنجي حلقي ۾ فقير طور مشهور آهن. انهن کي اهي مڙهيون انگريز جي دور ۾ الاٽ ٿيل آهن. گذريل زمانن ۾ انهن کي گهڻو ڪري اولاد ڄمڻ ، طهرن جي دعوتن ۾ گهرايو ويندو هو ۽ شادين ۾ انهن کي گهرايو ويندو هو خاص ڪري انهن کي عورتن جي ڪاڄن ۾ دعوت ڏئي گهرايو ويندو هو.

اهڙي ڳالهه اهي فقير به سمجهائي نه سگهيا ته عورتاٽي نالي نالا رکندڙ جڏهن حج پڙهي ايندا آهن بجاءِ حاجياڻي چوائڻ جي هو حاجي چوائن ٿا. آسو ڳوٺ جي مڙهي ۾ پهرئين گرو جي حاجي نازو، پوءِ حاجي الله ني ۽ ان وقت حاجي ساره گرو آهي. جيڪڏهن ڪو فقير گذاري ويندو آهي ته هن کي مڙهي مان ٻاهر ڪدي پاڙي وارن جي حوالي ڪيو ويندو آهي. جيڪي هن کي غسل ڏيئي دفن ڪندا آهن. ڪدڙن فقيرن جو ڪو الڳ قبرستان نه هوندو آهي. جڏهن کان جسم فروش تي ڪدڙا آيا آهن تڏهن کان فقير ڪدڙن جون مڙهيو ويران ٿي ويون آهن. مڙهين وارا ڪدڙا جسم فروش ڪندڙ کان نفرت ڪن ٿا. مڙهين وارا ڪدڙا راڄ ڀاڳ وارا هوندا آهن جنهن پاڙي ۾ رهندا آهن. پاڙيسري انهن جو خيال به ڪندا آهن. مڙهي جي وڏي کي گرو چيو ويندو آهي. مڙهي جا ڪدڙا هن جي عزت ڪندا آهن. سڀ فيصلا گرو جي حوالي هوندا آهن.

ڪراچي جي پوش وارن علائقن ڪلفتن ۽ ڊيفنس ۾ جسم فروش ڪدڙا رات جو ڌنڌي لاءِ نڪرن ٿا. هر چوڪ، چوراهي تي اهي ملن ٿا. وڏن ماڻهن جو بگڙيل اولاد انهن جي شڪار ۾ شامل هوندو آهي. جسم فروش ڪدڙن سان وقت گذاريندي هاڻي انهن به شوقيا طور اهي عادتون شروع ڪيون آهن.

نيپئر روڊ جتي انگريزن کان اڳ ڳائڻيون ۽ ڪاسبياڻيون رهنديون هيون ۽ هتي جاپاني روڊ تي بلبل هزار داستان جا قصا مشهور هئا. ماڻهو مجري ۽ ڳاني ٻڌڻ لاءِ انهن علائقن جو رخ ڪندا هئا. پر هاڻي نيپئر روڊ چڪلي طور مشهور آهي ۽ سنڌ ۾ هر چڪلي کي نيپئر روڊ چيو ويندو آهي. سر چارلس نيپئر به ڇا ياد ڪندو ته اسان سنڌين هن جي نالي کي ڪيترو مشهور ڪيو آهي. هاڻي انهن چڪلن جا ڪجهه پڙوا به جسم فروش ڪدڙا آهن. جنهن سان رنڊين جو چوڻ آهي ته جسم فروش ڪدڙن ڪري انهن جي ڪاروبار کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. لي مارڪيٽ جتي گهٽڻ هوٽلن

۾ ٻاهر جا مسافر ترسن ٿا. انهن ڪڏڻن لاءِ روزگار جا بهترين وسيلا آهن. هن پوري ڪاروبار ۾ انهن کي پوليس جي مڪمل سرپرستي حاصل آهي.

ناچ نندي ڪنڊ ۾ ثقافت جو حصو هوندو هو. جڏهن بادشاهت ختم ٿي اهو ناچ ڪوٺن جو مجرو ٿي ويو. ڪراچي جي نيپئر روڊ ۽ جاپاني روڊ مجري وارن ڪوٺن طور مشهور آهي. قدردان انهن کي داد ڏيندا هئا. پر هاڻي مجري جي نالي تي ٽيپ ريڪارڊ ۽ اسٽريو تي فلمي گانن ۽ نوٽ گهورڻ کي مجرو چيو وڃي ٿو. آفيسرن کي خوش ڪرڻ لاءِ اهڙن مجرن جو اهتمام بنگلن ۽ فارم هائوسن ۾ ڪيو ويندو آهي هاڻي مجرو ڪوٺن، بازار حسن مان بنگلن ۽ فارمن تائين پهچي ويو آهي. گهڻا ٽي وي ماڊل ۽ اداڪار به انهي ڌنڌي ۾ شامل آهن.

هاڻي انهن جسم جي نمائش ڪندڙ مجرن باقاعده پروموٽر موجود هوندا آهن. هي هڪ ڪاروبار جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي. اهڙين گهٽين محفلن ۾ بک ڪرائڻ وارن پئسن ڪانسواءِ چار ڪان پنج لک روپيا گهور جي صورت ۾ ملي ويندا آهن. پاڪستان ۾ لاهور ڪانپوءِ ڪراچي مجرن ۾ ٻئي نمبر تي آهي. غريب ماڻهن جي سوچ ڪان اهي شيون متي آهي. اهي ڪنهن شادي تي نچڻ وارين رنڊين کي ڏسي خوش ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پگهر جو پورهيو انهن تي لٽائي ڇڏيندا آهن. ٻهراڙي ۾ اينڊڙ ڳائڻا ۽ ڪجهه سنڌي فنڪار ناچو ڇوڪرا گهرائي غريب ماڻهو کي لٽڻ جا سڀ حربا استعمال ڪندا آهن. انهن ناچو ڇوڪرن جي عشق ۾ سڀ ڪجهه لٽائي ڇڏيندا آهن. ناچو ڇوڪرن وارو اهو رواج سنڌ ۾ ارغون ۽ مغل دور ۾ آيو.

**ورهاڱي کان اڳ ڪراچي ۾ ڪرڪيٽ راند:**

1904ع ۾ ڪراچي ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن KCA قائم ڪيو ويو. ڪراچي ۽ ڪرڪيٽ هميشه گڏوگڏ رهيا آهن. هي راند انگريزن جي ڪري پوري نندي ڪنڊ ۾ آئي ۽ مقبول ٿي. ڪراچي ۾ مقامي ماڻهن ۾ پهرئين پارسين ڪيڏڻ شروع ڪيو. ڪراچي جو پهريون ڪرڪيٽ ڪلب 1847ع ۾ قائم ٿي چڪو هو جنهن جو نالو اورينٽل ڪرڪيٽ ڪلب هو. هي پوري نندي ڪنڊ ۾ قائم ٿيندڙ پهريون ڪلب هو. جنهن جو باني هڪ پارسي هو. پارسين جي انهيءَ ٽيم 1886ع ۾ انگلينڊ جو دورو ڪيو. سيٺ آدم علي يوسف علي علوي ۽ عبدالرحيم صالح جي ڪوشش سان مسلمانن پاران به ڪلب، فدو فرينڊلي سوسائٽي ۽ محمدن اسپورٽس ڪلب قائم ٿيا.

پهرئين مهاياري لڙائي جي متاثرن لاءِ پهريون ڀيرو ڪراچي ۾ 1916ع ۾ هڪ ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ مسلمانن، پارسين، عيسائين ۽ هندن جي ٽيمن حصو ورتو. 1922ع ۾ سنڌ ڪرڪيٽ ڪلب ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو ويو، 1925ع ۾ ڪراچي ۾ ينگ مسلم اسپورٽس ايسوسيئشن ناهي ويئي.

1929ع ۾ مسلمانن ۽ هندن رانديگرن تي ٻڌل هڪ ٽيم آل انڊيا روشن آرا ٽورناميٽ ۾ حصو وٺڻ لاءِ دهلي ويئي هئي. ڪراچي کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته 1932ع ۾ انگلينڊ جي دوري ڪرڻ واري هندستان جي ٽيم ۾ به رانديگر غلام محمد ۽ جي. نائون مل شامل هئا. ٻئي سنڌي هئا. غلام محمد لاسي هو. ورهاڱي تائين ڪراچي ۾ 200 کان مٿي مشهور ڪرڪيٽر موجود هئا. عباس خان لوڌي، جي. هيرس، ايم جي موبد، آدم علي، يوسف علي علوي کانسواءِ غلام محمد لاسي بهترين آل رائونڊر ۽ نائون مل بهترين بيٽسمين هئا. اهي ٻئي آل انڊيا ٽيسٽ ڪرڪيٽر هئا. ورهاڱي کان اڳ ماسٽر عبدالعزيز، جيڪ هيرس ۽ گوپال داس نالي وارا ڪرڪيٽ ڪوچ ٿي گذريا آهن. ڪراچي مان رام چندر ۽ پمن مل ورهاڱي کان پوءِ انڊيا ۾ ٽيسٽ ڪرڪيٽر ٿيا.

ورهاڱي کان اڳ ڪراچي ۾ هندو جيم خانو، مسلم جيم خانو، ڪراچي پارسي انسٽيٽيوٽ، آغا خان جيم خانو، ڪراچي جيم خانو، بوهرا جيم خانو، ڪراچي گوان ايسوسيئيشن مشهور ڪلب هئا. سنڌ مدرسو، سينٽ پيٽرڪ اسڪول، ماڊل هاءِ اسڪول، اين جي وي. هاءِ اسڪول، سي.ايم.ايس اسڪول ۾ به ڪرڪيٽ جون بهترين ٽيمون هيون. ان وقت ڪراچي ۾ جهانگير پارڪ ۽ ڪراچي جيم خانو ڪرڪيٽ جا مشهور گرائونڊ هوندا هئا. 1926ع کان 1937ع تائين مختلف ٻاهرين ملڪن جي ٽيمن ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ مئچ کيڏيا. اهي سيئي مئچ ڪراچي جيم خانا ميدان ۾ کيڏيا ويا.

ورهاڱي کان پوءِ ڪراچي ڪرڪيٽ جي اهم مرڪز طور اڀري سامهون آيو. لٽل ماسٽر حنيف محمد، صادق محمد، مشتاق محمد، شعيب محمد، آصف اقبال، جاويد ميانداد، ظهير عباس، توصيف احمد، اقبال قاسم، سڪندر بخت، سعيد انور، وسيم باري، قاسم عمر ۽ ٻين جو تعلق ڪراچي سان آهي. ڪرڪيٽ ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو.

**<u>ڪجهه احوال پاڪستان اسٽيل مل ۽ پورٽ بن قاسم جي متاثرن جو:</u>**

پاڪستان اسٽيل مل: جتي هينئر اسٽيل مل ۽ پورٽ قاسم کانسواءِ اڻ ڳڻيون فيڪٽريون آهن. هتي 1974ع کان اڳ 50 کان مٿي قديم ڳوٺ ڪيترائي تاريخي قبرستان موجود هئا ۽ گهاري ڪراچي وارو رستو به هتان ويندو هو. هتي موجود جن تاريخي ماڳن مڪانن، جاين، قبرستان کي ختم ڪيو ويو انهن جو احوال ڪتاب جي باب "ٻاڪراڻ کان ٻلهيجي تائين" ۾ ڏنل آهي. هتي مختصر ذڪر ڪندس متاثرن سان ٿيندڙ ظلمن جو. متاثرن جي ٻيهر آبادڪاري ۽ انهن کي جائز حق وٺي ڏيڻ لاءِ سيد خدا ڏنو شاهه گذريل 32 سالن کان جدوجهد ۾ آهي. ايڏي وڏي ٿڪائيندڙ جدوجهد کان پوءِ به هو مايوس نه آهي. هن متاثرن جي ڪيس کي هر ايوان ۾ ڪاميابي سان پيش ڪيو آهي. پر جڏهن وقت جا حڪمران گونگا، ٻوڙا ۽ انڌا هجن ته پوءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي.

پاڪستان اسٽيل مل جي پيڙھ جو پٿر 1974ع ۾ ان وقت جي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي رکيو. ان وقت اهو اعلان ڪيو ويو تہ جيڪي ڳوٺ ۽ زمينون هن اسڪيم ۾ اينديون انهن کي متبادل زمين ۽ اسٽيل مل ۾ روزگار ڏنو ويندو ۽ زمين جو بہ اجورو ڏنو ويندو. 1974ع ۾ اسٽيل مل لاءِ 18660 ايڪڙ زمين حاصل ڪئي ويئي، جيڪا ديھ ٻاڪراڻ ۽ ديھ ڀيري ۾ هئي. روينيو جي ان وقت جي ريڪارڊ موجب 500 ڪاتيدار انهيءَ زمين جا مالڪ هئا ۽ 200 کان مٿي ليز وارا ڪاتيدار ان کان الڳ هئا. اسٽيل مل جي ايراضي ۾ 15 قديم ڳوٺ آباد هئا. جتي انهن جو روزگار جو وسيلو ٻني ٻارو، ماهيگيري ڪانسواءِ هي مالوند ماڻهو هئا. هي علائقا بهترين چراگاھ طور مشهور هئا. انهن ڳوٺن ڪانسواءِ تاريخي ڳهاڙي طرز اڏاوت جون چٽالسي واريون قبرون ۽ وڏا قبرستان هئا. اسٽيل مل جي ڪري جيڪي ڳوٺ متاثر ٿيا انهن جا نالا هيٺين ريت آهن.

1. سيد محمود شاھ. 2 احمد گبول 3. ٿائنر ڪلمتي 4. حاجي امير علي 5. ساتل جوکيو. 6. آچار جوکيو. 7. شيخ جوکيو 8. در محمد جوکيو. 9. سومار ڪلمتي 10. علو خاصخيلي 11. علي اڪبر جوکيو 12. صوفن گبول 13. حاجي ناٿو ڪلمتي 14. حاجي مينهن وسايو 15. ڪاٺتو ڳوٺ.

انهن ڳوٺن کي ڪمشنر جي هڪ ليٽر نمبر L19/1199/75/1200/LA تاريخ 9.12.1975 ۾ ٻين ليٽرن وسيلي بي دخل ڪيو ويو. متاثرن کي فقط هڪ روپيو في گز جي حساب سان مالڪاڻي زمين جو اجورو ۽ پڪي گهر جو 1500 رپيا ۽ ڪچي گهر جو اجورو 600 کان 1000 رپيا ڏنو ويو. جنهن تي ڳوٺاڻن عدالت جو در کڙڪايو. عدالت متاثرن جي حق ۾ فيصلو ڏنو. زمين جو اجورو 7 رپيا في گز ۽ 15 سيڪڙو منافعو ڏيڻ جو فيصلو ڏنو پر اها رقم اڄ تائين ادا نہ ڪئي ويئي آهي. عدالتن جا چڪر ڪاٽيندي گهڻا ويچارا ڏٽي حوالي ٿي ويا. پر اهو چڪر اڃا بہ جاري آهي.

ان ڪانسواءِ پيئڻ جي پاڻي جي کوهن واري اجوري لاءِ اهو طئي ٿيو تہ متبادل جاين تي پيئڻ جي پاڻي جو بندوبست اسٽيل مل ڪندي. جنهن لاءِ ادارن جا خط، ايگريمينٽ متاثرن وٽ موجود آهن.

1974ع کان اڄ تائين اسٽيل مل ۾ 25000 هزار پڪا ملازم ۽ 4000 کان مٿي ڪچا ملازم ڀرتي ڪيا ويا جن ۾ لڏايل ماڻهن جو انگ ڀرئين 35 هو ۽ هن وقت فقط 16 آهي. مقامي ماڻهن جي سخت احتجاج ڪانپوءِ هڪ ڀرتي پاليسي جوڙي ويئي. وزارت پيداوار هڪ ليٽر نمبر PD/JSA/3076/79 Dated 16th May 1979 تحت اسٽيل مل کي لکيو ويو. اسٽيل مل جي جنرل مينيجر اي. اينڊ. پي هن پاليسي تحت هڪ سرڪيولر GM/(A and P)/02/79 تاريخ 13.06.1979 تي جاري ڪيو جنهن ۾ واضح ڪيو ويو تہ هيٺين پوسٽن تي متاثر ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويندو پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ان تي بہ عمل نہ ڪيو ويو. متاثرن جي هڪ ٻي جدوجهد ڪانپوءِ 1989ع ۾ ڏهن سالن ڪانپوءِ هڪ ٻي ڀرتي پاليسي جوڙي ويئي. جنهن ۾ اهو چيو ويو تہ اسٽيل

مل لاءِ 50 سيڪڙو صوبي جي ۽ 25 سيڪڙو ٻين صوبن جي ڪوٽا مقرر ڪئي ويئي. جنهن تي اڄ ڏينهن تائين عمل نہ ڪيو ويو آهي. اسٽيل مل جي حدن ۾ پاڪ سوزوڪي، هينو پاڪ، ڪاربان آڪسائيڊ، اسٽار سيمينٽ، هاشو اسٽيل، ڪنٽري ڪلب، هارٽيڪچر فارما ۽ ٻيون ڪيتريون فيڪٽريون ڪم ڪري رهيون آهن ۽ پيداوار ڏيئي رهيون آهن. انهن فيڪٽرين ۾ جيڪي فقط اسٽيل مل جي حدن ۾ قائم آهن. 30 هزارن کان مٿي ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن جنهن ۾ متاثرن جو انگ فقط 30 آهي.

**پورٽ قاسم:**

انهيءَ علائقي ديهہ ٻاڪراڻ ۽ ديهہ پپري ۾ 1973ع ۾ پورٽ قاسم اٿارٽي جي سروي جو ڪم شروع ڪيو ويو. 1975ع ۾ شهيد ڀٽي هن جي پيڙهہ جو پٿر رکيو. پورٽ قاسم لاءِ 20 هزار ايڪڙ زمين ساحلي علائقي ۾ ان وقت حاصل ڪئي ويئي. ان ڪانسواءِ 15 هزار ايڪڙ زمين حڪومت سنڌ کان حاصل ڪئي ويئي. اهي سيئي زمينون هتان جي مقامي ماڻهن جي مالڪاڻي ۽ ليز واريون هيون. جتي بہ زمينون باراڻي واهي چاهي، چراهہ گاهن، قبرستان ۽ ڳوٺن لاءِ باقائده روينيو ڪاتي جي پاليسي تحت الاٽ ٿيل هيون. اهي زمينون ان وقت الاٽ ڪيون ويون، جڏهن 1915ع ۾ هن علائقي جو سروي ڪيو ويو.

پورٽ جي پيڙهہ واري پٿر رکڻ کان اڳ سروي دوران هتي ماڻهن جي هر قسم جي چرپر، روزگار ۽ اڏاوت تي پابندي لڳائي ويئي. ايستائين جو پيئڻ جي پاڻي لاءِ ۽ کوهہ کوٽڻ تي بہ پابندي لڳائي ويئي. پورٽ قاسم ۾ آيل هينيان 35 ڳوٺ متاثر ٿيا. اسٽيل مل جا 15 ڳوٺ انهن کان الڳ آهن. ڳوٺن جا نالا هن ريت آهن.

1. محمد سليمان 2. حاجي اميد علي 3. ٿوهر پنهور 4. جتن جو ڳوٺ 5. الله بخش 6. عبدالرحمان 7. مصري محمد 8. قاسم. 9. مولابخش بلوچ 10. عبداللطيف 11. حاجي محمد حسن 12. خان محمد 13. اشرف 14. سانوڻ 15. نور محمد 16. شوڪت علي 17. رحيم ڏنو 18. عبدالرزاق 19. نبي بخش 20. ميهار 21. ميوو 22. علي اڪبر 23. نواب بلوچ 24. ڪرم علي 25. دينو 26. محمد رحيم 27. احمد خان 28. ڪرم خان 29. علي خان 30. مورند ڪلمتي 31. اميد علي گبول 32. محمد خان. 33. وسند خان. 34. غلام محمد. 35. الهہ بچايو.

انهن ڳوٺاڻن کي ايڏو تنگ ڪيو ويو جو انهن پنهنجي صدين جي ڪلچر، اباڻن قبرستان ۽ روزگار ڏيندڙ ماءُ جهڙي ڌرتي کي ڇڏڻو پيو. گهڻا ننڍي لڏي هليا ويا ۽ جيڪي آهن اهي پنهنجي حقن ۽ وجود جي جنگ لاءِ مصروف آهن.

انهن مان فقط هڪ ڳوٺ ڪاتتو ڳوٺ جي ڪجهه حصي کي اجورو ڏيئي شفٽ ڪيو ويو. جنهن ۾ في گهر ڏهه هزار کان 25 هزار رپيا ڏنو ويو ۽ رهڻ لاءِ ڪا متبادل جاءِ ۽ روزگار نه ڏنو ويو. باقي 34 ڳوٺن کي اڃ ڏينهن تائين ڪو اجورو نه ڏنو ويو آهي.

لڏائڻ کان پهرئين بورڊ آف روينيو ۽ پورٽ قاسم اٿارٽي وچ ۾ اهو طئي ٿيو هو. اهو معاهدو 11.05.1981 تاريخ ۾ لکت ۾ ٿيو هو. جنهن مطابق پهرئين سيني گهرن ۽ زمينن جو اجورو ڏنو ويندو ۽ متاثرن کي متبادل جاءِ ڏيڻ ڪانپوءِ انهن کي لڏايو ويندو جنهن ليٽر تي ٻنهي ادارن جي آفيسرن جون صحيحون موجود آهن. هن جي باوجود پورٽ قاسم اٿارٽي معاهدي کي هڪ پاسيرو رکي ڳوٺاڻن کي طاقت جي زور تي لڏايو.

روينيو ريڪارڊ موجب حاصل ڪيل زمين ۾ قانوني 535 ڪاتيدار هئا. جيڪو هاڻي فوتي ڪاتن ڪانپوءِ 2000 کان به مٿي آهي. 1980ع ۾ گهٽ اجورو ڏيڻ خلاف متاثرن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ سول ريفرنس 1/86 دائر ڪيو. جيڪو اڃا تائين ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي. انهن ڳوٺن ۾ روينيو ڪاتي ۽ پورٽ قاسم پاران 1982ع ۾ بيهر ڳڏيل سروي ڪيو ويو، جنهن مطابق 592 خاندان آباد هئا. جنهن ۾ ٽن ڳوٺن کي شامل نه ڪيو ويو. جن ۾ حاجي اميد علي، جتن جو ڳوٺن ۽ ٿوهر پنهور جيڪي قديم هئا ۽ اهي انگريزن جي دور ۾ روينيو ريڪارڊ تي موجود آهن.

پورٽ قاسم اها زمين پنهنجي لاءِ حاصل ڪئي پر انهيءَ زمين مان هو اربين رپيا پرائيويٽ فيڪٽرين کي الاٽ ڪرڻ جي صورت ۾ ڪمائي رهي آهي، زوري اٿاريل انهن ڳوٺن جي زمين کي جيڪا قومي ترقي جي نالي حاصل ڪئي ويئي، مختلف پرائيويٽ ڪمپنين کي الاٽ ڪئي پئي وڃي. الله بچايو ڳوٺ جي جاءِ تي فوجي آئل ٽرمينل، وسند ڳوٺ جي زمين تي اٽڪ آئل ڪمپني، محمد خان ڳوٺ جي زمين شون گروپ کي، محمود شاهه ۽ ميهار ڳوٺ جي زمين ايگرو سائي ۽ ايگرو ڪيميڪل ڪمپني کي ملهوغ واري چوڪندي طرز اڏاوت واري قبرستان واري زمين پي. وي سي فيڪٽري کي الاٽ ڪئي وئي آهي. باقي رهيل ڳوٺن ۽ قبرستانن جي زمينن کي به مختلف ڪمپنين کي الاٽ ڪيو ويو آهي پر هتي اڃا اڏاوت شروع نه ڪئي ويئي آهي.

متاثر ماڻهن هڪ ڳڏيل پليٽ فارم جنهن جو نالو ”ڪراچي ديهي حقوق ڪاميٽي“ هو. 1978ع کان جدوجهد جي شروعات ڪئي. جيڪا اڃان به جاري آهي. سخت جدوجهد ڪانپوءِ اسٽيل مل وانگر پورٽ قاسم اٿارٽي به هڪ پرتي پاليسي جوڙي جنهن مطابق انهن سيني متاثرن کي جن جا ڳوٺ ۽ زمينون پورٽ قاسم اٿارٽي ۾ اچي ويون هيون انهن کي روزگار ڏنو ويندو جنهن مطابق اٿارٽي پاران به ليٽر جاري ڪيا ويا جيڪي هينين ريت آهن.

PQA/Estt/76/77 Dated 10-03-1978

PQA/MISE/411/291/76 Dated-13-07-1979
پر اسٽيل مل وانگر انهن به پنهنجي ئي آرڊرن تي عمل نہ ڪيو ۽ هن دوران 300 ڪان مٿي بنگلاديش کان آيل بهارين کي پرتي ڪيو ويو. انهن کي پٽن واري ڪوٽا سميت سيئي سهولتون ڏنيون ويون آهن. هن وقت تائين مسلسل پرتي ٿيندي رهي ٿي، پر متاثرن کي هر ڀيري نظر انداز ڪيو وڃي ٿو.

1988ع ۾ ملڪ ۾ جمهوري حڪومت ڪانپوءِ هڪ ڪميشن جوڙي ويئي. جنهن ۾ وزير داخلہ نصيرالله بابر جيڪو چيئرمين هو. ميمبرن ۾ سيڪريٽري مواصلات، سيڪريٽري فنانس، سيڪريٽري قانون ۽ انصاف، جوائنٽ ايڊوائيزر وزارت مواصلات، چيف سيڪريٽري سنڌ، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ ۽ ٻين وڏن آفيسرن ڪانسواءِ وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو جو او-ايس-ڊي- مسٽر ايچ ايم ڪانگو شامل هئا. مسٽر ڪانگو ڪري اها ڪميشن ”ڪانگو ڪميشن“ طور مشهور آهي.

هن ڪميشن پاران مسلسل ميٽنگن ۽ متاثر ماڻهن جي تجويزن ٻڌڻ ڪانپوءِ حڪومت کي هيٺيون سفارشون موڪليون. انهن مان ڪجهہ هن ريت هيون.

متاثرن کي رهڻ لاءِ 50 ايڪڙ زمين پورٽ قاسم پاران ڏنو وڃي.

سيني متاثر خاندانن کي هڪ لک رپيا في ڪٽنب ادا ڪيو وڃي.

متاثرن کي هائوس ٽائون پلاننگ تحت ٻيهر آباد ڪري سيئي بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن.

متاثرن کي ٽريننگ ڏيئي پورٽ قاسم ۽ اسٽيل مل ۾ نوڪريون ڏنيون وڃن.

تاريخ 07/9/90 تي سواءِ هڪ لک اجوري جي ٻين سفارشن تي جيئن جو تيئن عمل ڪرڻ تي پورٽ قاسم اٿارٽي رضامندي ڏيکاري. هڪ لک رپين جي اجوري بابت فيصلو ٻي گڏجاڻيءَ ۾ طئي ڪرڻ تائين ملتوي ڪيو ويو.

اها ٻي گڏجاڻي اجان تائين نہ ٿي. 1990ع ۾ پورٽ قاسم ۾ پرتين تي پابندي لڳائي وئي. 1974ع کان 1990ع تائين پورٽ قاسم ۾ 2200 ماڻهو پرتي ڪيا ويا. جن ۾ مقامي ماڻهو متاثرن سميت 79 هئا. هي انگ اکر پورٽ قاسم پاران وفاق کي لکيل هڪ ليٽر نمبر PQA/ET/66/74/P-111/17/7/1990 ۾ ڄاڻايل آهن. 24 مارچ 2002ع تي 155 پوسٽن لاءِ اخبارن ۾ اشتهار ڏنا ويا. متاثرن ۽ مقامي ماڻهن درخواستون جمع ڪرايون. پر بنا ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي اهي پرتيون ملتوي ڪري 2003ع بنا ڪنهن اشتهار جي من پسند ماڻهن کي پرتي ڪيو ويو.

متاثر ماڻهن ملير بچايو اتحاد جي پليٽ فارم تان احتجاج جو سلسلو جاري رکيو تہ پورٽ قاسم انتظاميا روينيو کاتي جي آفيسرن ۽ متاثرن وچ ۾ تاريخ 20 ۽ 24 مارچ 2003ع تي ڳالهيون ٿيون

جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو متاثرن کي اوليت جي بنياد تي نوڪريون ڏنيون وينديون. انڊسٽريل زون ۾ 5 سيڪڙو نوڪرين ۾ ڪوٽا جو جيڪو پراڻو فيصلو ٿيو هو ان مطابق متاثرن کي رکيو ويندو ۽ متاثرن کي رهڻ لاءِ جاءِ ڏني ويندي. پر هن لکت واري معاهدي تي به عمل نه ڪيو ويو.

احتجاجن ۽ حڪومت کي خط لکڻ جو سلسلو هڪ ڀيرو ٻيهر متاثرن پاران شروع ڪيو ويو. حڪومت مجبور ٿي 14 اپريل 2003ع چيف سيڪريٽري سنڌ، پورٽ قاسم اٿارٽي متاثرن جي نمائندن ۽ بورڊ آف روينيو جي ميمبرن کي هڪ اجلاس ۾ گهرايو. موقف ٻڌڻ ڪانپوءِ هڪ نئو ٽن تي ٻڌل ڪاميٽي جوڙي وئي. جنهن جو باقائده نوٽيفڪيشن No.50(CIV)SGA and CD/7-804/2003 Dated 21.04.2003 جاري ڪيو ويو. جنهن جو پهريون اجلاس8/05/03 تي چيئرمين هاشم لغاري جي صدارت ۾ ٿيو. جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ماضي ۾ ٿيندڙ معاهدن تي عمل ڪيو وڃي. متاثرن کي اوليت جي بنياد تي نوڪريون ڏنيون وڃن. انڊسٽريل زون ۾ 5 سيڪڙو متاثرن لاءِ مقرر ڪيل ڪوٽا تي عمل ڪيو وڃي پراڻن فيصلن ۽ معاهدن وانگر هن تي به عمل نه ڪيو ويو. جنهن جي شڪايت حڪومت سنڌ کي متاثرن پاران ڪئي وئي. جنهن تي حڪومت سنڌ 18 جون 2003 تي ليٽر نمبر:No.PS/MBR/L4/691وسيلي چيئرمن پورٽ قاسم اٿارٽي کي فيصلن تي عمل ڪرائڻ لاءِ حڪم جاري ڪيو پر هڪ اٿارٽي جو چيئرمين سنڌ حڪومت کان وڌيڪ مضبوط ثابت ٿيو ۽ هن تي به ڪو عمل درآمد نه ڪيو ويو ۽ چور دروازي مان ڀرتين جو سلسلو جاري رکيو ويو. مارچ 2002ع کان اڄ تائين 200 کان مٿي ماڻهو پورٽ قاسم ۾ ڀرتي ڪيا ويا پر متاثر ماڻهو هڪ به نه آهي. پورٽ قاسم جي ڪارگو ڊپارٽمينٽ ۾ ڊاڪ ليبر طور 1757 ماڻهو ڀرتي ڪيا ويا پر انهن ۾ هڪ به ماڻهو مقامي ۽ متاثرن مان نه آهي. پورٽ قاسم انهن متاثر ماڻهن جي ڳوٺاڻن جي زمين تي 12000 هزار ايڪڙ تي پرائيويٽ انڊسٽريل زون قائم ڪيو آهي جنهن ۾ نارٿ انڊسٽريل زون، نارٿ ويسٽ انڊسٽريل زون، ايسٽ انڊسٽريل زون، الوطن انڊسٽريل زون، ٽيڪسٽائيل سٽي وغيره شامل آهن. انهن زونن ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ سرڪاري اڌ غير سرڪاري، ملٽي نيشنل ڪمپنين کي صنعتي تجارتي ۽ ڪمرشل پلاٽ الاٽ ڪيا ويا آهن. جن ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ ،ڪمپنيون گذريل سالن کان پيداوار ڏئي رهيون آهن. جن ۾ 10 هزار کان مٿي ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن ۽ مقامي ۽ متاثر ماڻهن جو ڳڻيل تعداد فقط 25 آهي. انهن ادارن ۾ وفاقي حڪومت جي هدايت تحت پورٽ قاسم پاران PQA-1876/28/3/1990، ۾ 5 سيڪڙو ڪوٽا انهن فيڪٽرين ۽ ادارن ۾ متاثرن لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي هن تي عمل نه ڪيو پيو وڃي. هن ڏکي بيان جو مقصد اهو آهي ته جڏهن اهي ادرا قائم ڪيا ويا ته وڏا وڏا وعده ڪيا ويا ۽ هر ڀيري ائين ڪيو ٿو وڃي. ادارن جي نهڻ کان پوءِ پنهنجي وعده معاهدن جو ڪو پاس نٽو رکيو



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

وجي. تازو ڏنگي ۾ پندار ٻيٽن تي شهر اڏڻ ۾ ايجوڪيشن سٽي هيلٿ سٽي جا اعلان ڪيا پيا وڃن پر ماڻهن جو هاڻي انهن تي ڪو اعتبار ڪونهي. اهڙن اعلانن ڪرڻ وارن نمائندن ميمبرن ۾ خود سنڌ جي وڏي وزير ڪي سپ ڪان پهرئين استيل مل ۾ پورٽ قاسم اٿارٽي جي وعدن ۾ معاهدن تي عمل ڪرائي پنهنجا وعده پورا ڪرڻ گهرجن. ٻئي پاسي اهو چيو وڃي ٿو ته مقامي ماڻهو پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد نٿا ڪن. انهن ڪي پورٽ قاسم ۾ استيل مل جي متاثرن جي تحريڪ جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. مون ته هتي هن جو مختصر ذڪر ڪيو آهي پر اها ٿڪائيندڙ جدوجهد 32 سالن کان جاري آهي جنهن جي سرواڻي سائين خدا ڏنو شاهه ۾ ٻيا ڪري رهيا آهن سيئي ڪاغذ پٽ انهن وٽ موجود آهن.

ٻئي پاسي انهيءَ ملڪ ۾ تربيلا ڊيم، منگلا ڊيم، ۾ غازي بروٿا ۾ ٻين متاثرن کي فقط سنڌ ۾ 42355 ايڪڙ زرعي زمينون ڏنيون ويون. غازي بروٿا جي متاثرن کي پنج ارب رپين جو پئڪيج ڏيئي ٻيهر آباد ڪيو ويو پر سنڌ ۾ جيڪو ظلم ڪيو وڃي ٿو جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌ جا ماڻهو ٻئي نمبر جا شهري آهن. جنهن سان نفرتون وڌي رهيون آهن. چاڪاڻ ته انهن پاليسين مان ائين ٿو لڳي ته هتي ڪالونائيز جو عمل جاري آهي. قومي ترقي جي نالي سان نڳيون بند ٿيڻ گهرجن ۾ انهن جي آڙ ۾ مقامي ماڻهن کي بيروزگار ڪرڻ، لڏائڻ، انهن جي جاءِ تي ڌارين جون ڪالونيون ناهڻ جو عمل هاڻي رڪجڻ گهرجي، نه ته نفرتن جو خليج ايترو وسيع ٿيندو جو هن کي ختم ڪرڻ حڪمرانن جي وس ۾ نه هوندو.

**شهيد قادو مڪراني:**

منهنجو مامون علي محمد جيڪو چمن سينيما منگهو پير روڊ (پاڪ ڪالوني) ۾ ملازم هو. هو ۾ ان جو وڏو ڀاءُ ماما الله بخش نوان لين ٻڪرا پڙي ۾ رهن ٿا. انٽر ۾ ايس.ايم سائنس ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران آئون انهن وٽ رهيل هوس ته موڪل وارن ڏينهن چمن سينيما ۾ مامي جي ماني ڪٽي ويندو هوس. ان جو فائدو اهو ٿيندو هو جو پشتو فلمن جو ڪجهه حصو ڏسڻ لاءِ ملي ويندو هو. چاڪاڻ ته چمن سينيما ۾ پشتون فلمون لڳنديون هيون. 2007ع ۾ جڏهن منهنجو انهيءَ پاسي وڃڻ ٿيو ته اورنگي نئين جي ڪپ تي نهيل اها سينيما بند ٿي چڪي هئي. ان جي جاءِ تي رهائشي اسڪيم چمن انٽر پرائيزز جا بورڊ لڳل هئا. هڪ ڀيري سينيما ۾ اردو فلم ”جاڳ اٿا انسان“ لڳل هئي. اها پوري ڏٺم. اها پنهنجي دور جي ڪامياب فلم هئي. فلم ۾ محمد علي، وحيد مراد، زيبا ۾ ڪمال ايراني ڪم ڪيو هو. اها فلم ڪڇ ۾ ڪانياواڙ واري علائقي ۾ انگريز سرڪار خلاف بغاوت ڪندڙ حريت پسند قادر بخش بلوچ عرف قادو مڪراني تي نهيل هئي. قادر



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

بخش بلوچ جو ڪردار محمد علي ادا ڪيو هو. اها فلم جاويد شيخ جي پهرين فلم هئي. جنهن ۾ هو فقط هڪ منظر ۾ انن تي ويندڙ قافلي ۾ هڪ عورت جي روپ ۾ ڏيکاريل آهي.

قادر بخش بلوچ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ پرپاسي ۾ انگريز سرڪار کي توتا چبايا هئا. انگريزن قادر بخش ۽ ساٿين کي ڏاڙيل قرار ڏيئي انهن جو گهيرو تنگ ڪيو ته گهٽن لڏپلاڻ ڪري ڪراچي جو رخ ڪيو. آخر ۾ قادر بخش به ڪراچي پهتو. ڪراچي جيئن ته انگريزن جي قبضي ۾ هو. قادو مڪراني، مولا عيسيٰ ڳوٺ ملير مان اٺ پاڙي تي حاصل ڪري پهرئين ڪراچي جتي ان جي گهر واري اڳ ۾ ڪاٺياواڙ کان آيل هئي، ملڻ کان پوءِ مڪران وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ان وٽ بچاءُ لاءِ تلوار ۽ خنجر هئا. جيڪي انار ڏسي ورتا ان کي ڊپ تي پيو. هو اٺ سميت سڌو بغدادي ٿاڻي پهتو. قادو ڪراچي جو اڻ واقف هو جڏهن هن پوليس وارن کي ڏٺو ته ڳالهه سمجهي ويو. انار کي اها خبر نه هئي ته هي پوليس کي گهربل قادو مڪراني آهي. هو فقط تلوار ۽ خنجر کي ڏسي پوليس کي اطلاع ڏيڻ ويو هو. قادو خطرو ڏسي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس ان کي سڃاڻي ورتو ۽ ان جو پيڇو ڪيو. گل محمد لين واري علائقي ۾ هڪ ماڙهو پتر سان قادو کي زخمي ڪيو ۽ ائين قادو مڪراني (قادر بخش بلوچ) کي گرفتار ڪري ڪراچي سينٽرل جيل ۾ قيد ڪري مٿس بغاوت جو مقدمو هلايو ويو. نيٺ هڪ طرفو فيصلو ٻڌائي قادو مڪراني کي ڦاهي ڏني ويئي. ڦاهي کانپوءِ قادو مڪراني کي ميوا شاهه قبرستان جي ڪلاڪوٽ واري حصي ۾ دفنايو ويو.

فلم ڏسڻ کان پوءِ مامي علي محمد، قادر بخش بلوچ بابت ٻڌايو. هو قادر بخش کان وڌيڪ قادو مڪراني طور مشهور آهي ۽ اڄ به قادو مڪراني طور سڃاتو وڃي ٿو. هڪ ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته اسان جا اڪثر سنڌي ۽ اردو ڳالهائڻ وارا دوست لياري جي آفريقي نژاد بلوچن کي مڪراني چون ٿا. پر بلوچن ۾ جن جو واسطو مڪران سان آهي. سڀ مڪراني آهن. قادر بخش جي وڏن جو تعلق به مڪران سان هو جيڪي پوءِ لڏي اچي گجرات ۾ رهيا پر اُهي مڪراني طور مشهور ٿيا. فلم ڏسڻ کانپوءِ ماما علي محمد سان گڏ قبر تي آيس. قبر تي هڪ پراڻي پتر تي شهيد قادو مڪراني سڪنه گجرات ۽ هيٺ فارسي جو هڪ شعر لکيل هو. قبر جي سراندي کان ڪجور جو وڻ مس نسري رهيو هو. هتي هڪ مجاور عورت ڏاڳا ڏيئي رهي هئي.

اها 1975ع جي ڳالهه آهي. هاڻي جڏهن ڪراچي جي تاريخ تي ڪتاب لکڻ شروع ڪيم ته ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ قادو مڪراني اداڪار محمد علي جي روپ ۾ سامهون آيو ته ٻيهر دوستن جمال ناصر بلوچ، يعقوب بلوچ ۽ عبدالجبار بلوچ سان هن قبر تي پهتس. قبر کي ننڍي چار ديواري ۾ ڪيو ويو. خطبي جو پراڻو پتر هٽائي هن کي ضايع ڪرڻ جي بجاءِ ديوار سان لڳايو ويو آهي.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

چاڪاڻ ته پٽر جو اهو خطبو شهيد جي دفن ٿيڻ وقت لڳايو ويو هو. نئون پٽر لڳايو ويو جنهن تي لکيل آهي "شهيد قادو مڪراني مجاهد" ڪجي جو وڻ سڪي ويو هو پر ٿڙ بيٺل هو، جنهن تي ڪارا ڌاڪا ٽنگيل هئا ۽ قبر تي ڌاڳا رکيل هئا. گورڪن احمد ٻڌايو ته اڳين ڪڇ ۽ گجرات مان گهڻا مارواڙي ۽ سلاوٽي بلوچ قبر تي ايندا هئا. هنن جي هڪ پيڙهه آسو ڳوٺ ۾ رهندي هئي." مارواڙي اڄ به شادي جي سهرن ۾ قادو مڪراني جا گيت ڳائين ٿا. ڌاڳا قبر جي ڏيگهه مطابق باد واري تپ جي مريضن کي ڏنا ويندا آهن. صاف سٿري قبر ڏسي دل کي راحت ملي. هڪ شهيد جي قبر جي حفاظت ته ٿيل هئي.

قادر بخش عرف قادو مڪراني جا مائٽ اڄ به ڪلاڪوٽ لياري ۽ آسو ڳوٺ ملير ۾ رهن ٿا پر هو اڄ به انگريز جي ڌاڙيل واري پروپئگنڊا ڪري هيسيل آهن. ڪنهن کي ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهن. اسان کي گهرجي ته پنهنجن بين شهيد سان گڏ قادر بخش عرف قادو مڪراني شهيد جيڪو اسان جي تاريخ ۾ اسان کان وسري ويو آهي. ياد ڪريون هن جي تاريخ، خاندان ۽ جدوجهد تي تحقيق ڪري عوام تائين پهچايون. بين گمنام شهيدن سان گڏ شهيد قادر بخش جي شهادت جو ڏينهن ملهايون ۽ ان جي قبر تي عقيدت جا گل رکون ته جيئن هن جي مائٽن کي نئون حوصلو ملي.

قادو مڪراني، گهڻن ئي وطن تان قربان ٿيندڙ شهيدن وانگر اسان جي تاريخ جي پني تان گم آهي. انهن شهيد جي خون سان رڱيل اندلني تاريخ کي بيهر لکڻ جي ضرورت آهي. سنڌ ڌرتي جي هن شهر ڪراچي ۾ شهيد ٿيندڙ کي تاريخ ڏٽين، سياسي ڪارڪنن ۽ سول سوسائٽي جي ساٿ جي ضرورت آهي.

**عبدالستار ايڌي:**

ڪراچي جي سماجي حوالي سان ذڪر جڏهن به ايندو ته عبدالستار ايڌي جو ذڪر ضرور ٿيندو. ورهاڱي کان اڳ ساڌو هيرانند کان جمشيد مهتا، مولوي محمد عثمان کان مولانا محمد صديق ميمڻ تائين سماجي ڪمن ۾ حصو وٺي ڪراچي جي خوبصورتي ۾ واڌارو ڪيو. اهي بي لوث ماڻهو هئا جن ڪراچي کي پنهنجي پگهر سان گڏ رت ڏنو ۽ ڪراچي جي خوبصورتي ۾ واڌارو ڪيو. انهن سماجي، سياسي ۽ قومي ڪارڪنن جو ذڪر ڪتاب جي مختلف بابن ۾ به ڪيل آهي.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224




## عبدالستار ايڌي

ورڳاهي ڪان پوءِ سماجي ڪمن ۾ گهڻن ماڻهن حصو ورتو. پر عبدالستار ايڌي جو نالو سڀني ڪان مٿانهون آهي. ڪراچي ۾ ايڪسيڊنٽ ٽيل چڃريل لاشن ڪان وٺي دهشتگردن هٿان گولين سان پروڻ ٽيل ٻورين ۾ بند لاش هجن انهن سڀني لاوارث لاشن جو وارث ڪراچي ۾ فقط ايڌي هو ۽ آهي. ايڌي جو ڪراچي ڪان سواءِ پوري ملڪ ۾ سماجي ڪمن جو نيٽ ورڪ موجود آهي. بدين جو طوفان هجي. ڪشمير جو زلزلو هجي، گاج نئين جي تباهي هجي يا ڪراچي جي ڳوٺن ۾ گيسٽرو جي بيماري هجي، سڀني ڪان اڳ ۾ پهچڻ وارو شخص عبدالستار ايڌي آهي. ايڌي ٻه ڪراچي ۾ موجود دهشتگردي جي ڪري گهٽا ئي پيرا مايوس ٿي پنهنجو ڪم بند ڪيو پر ماڻهن جي ايلازن تي ان ٻيهر ڪم شروع ڪيو. غريب، لاوارث ماڻهن جي مدد ڪانسواءِ جانورن جي علاج، لاوارث جانورن لاءِ سپر هاءِ تي "گهر" ٻه ٺهرايو آهي.

ڪراچيءَ جا استاد راڳي:

استاد محمد جمن:

ڪراچي جو ذڪر ڪراچي جي استاد فنڪارن ڪان سواءِ مڪمل نه آهي. فنڪارن ۾ ڳائڻ جي شعبي ۾ محمد جمن جي ذڪر ڪانسواءِ ڪراچي جي تاريخ ۽ سنڌي موسيقي اڌوري آهي. جڏهن ٻه سنڌي موسيقي جو ذڪر ٿيندو ته محمد جمن جو نالو اڳيرو هوندو. محمد جمن جا وڏا اصل لسٻيلي بلوچستان جا هئا پر محمد جمن هاڻوڪي ڪراچي ڪوهستان جي ننڍڙي ڳوٺ حاجي ڪارو ديهه ڪنڊ جهنگ ۾ ڏهين آڪٽوبر 1935ع ۾ ڄائو. اهو ڳوٺ هن وقت يونين ڪائونسل گڏاپ، گڏاپ ٽائون ۾ آهي. جتي اڄ ٻه ڪو پڪو ۽ مٽي جو ٻه گهر ڪونهي. سڀ گهر ڪکاوان آهن. سندس پيءُ جو نالو حاجي احمد هو. محمد جمن خانداني سازن وڄائڻ وارو هو. راڳ جي باقاعده سکيا هن استاد نظر حسين ڪان ورتي جيڪو ميڊم نورجهان جو ٻه استاد هو. شروع ۾ محمد جمن ريڊيو تي بانسري وڄائيندو هو ۽ ريڊيو تي ملازم ٻه هو. آگسٽ 1955ع ۾ جڏهن حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن ٺهي ته اتي موسيقار جي حيثيت سان موڪليو ويو. هن شاهه جي صوفياڻي رنگ ۽ شاهه ڪي نيٽ سنڌي رنگ ۾ پيش ڪيو. استاد محمد جمن سنڌي فلم



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

”تنھنجيون ڳالھيون سڄڻ“ ۽ اردو فلم ”ڪالو مڪراني“ لاءِ ڳايو بہ ھو. استاد محمد جمن اردو، سرائيڪي، سنڌي ۽ بلوچي ۾ ڳايو.

ڪراچي ۾ استاد محمد جمن عثمان ڳوٺ جيڪو ڳجھڙي ڍوري جي ڪپ تي حاجي مريد بڪڪ ڳوٺ جي سامھون آھي، رھندو ھو. 24 جنوري 1990ع تي استاد محمد جمن اسان ڪان ھميشہ لاءِ موڪلائي ويو.

**استاد شفيع محمد جمن:**

استاد جي حياتي ۾ سندس پٽ شفيع محمد جمن ڳائڻ واري سفر ۾ پير پاتو. استاد محمد جمن جي شاگردي ۾ ھن اھو سفر شروع ڪيو. شفيع محمد جمن 20 جنوري 1956ع ۾ ڪراچي ۾ عثمان ڳوٺ ۾ جائو. شفيع ۽ استاد جمن جي آواز ۾ ڪو فرق نہ ھو. شفيع بہ استاد جون سڪون لاھيندو ھو. شروع ۾ ھو محفلن ۾ پيءُ سان گڏ ويندو ھو. شفيع جمن بہ پيءُ وانگر ڳائڻي سان گڏ موسيقار بہ ھو. ريڊيو ۽ ٽي.وي جي مختلف پروگرامن جو ڪمپوزر ھو. 28 آگسٽ 2002ع ۾ ھي امر آواز بہ ھميشہ لاءِ بند ٿي ويو. سندس والد جي پير ۾ شفيع ڪي بہ دفنايو ويو ۽ ائين موسيقي جي ھڪ تاريخ دفن ٿي ويئي. محمد جمن جو ھڪ پٽ اويس جمن بہ آھي.

**استاد محمد حسن انگياٽي:**

ملير ڪينٽ لڳ ٿڌي نئين جي ڪپ تي ديھہ ڪرڪري جو علائقو شروع ٿئي ٿو. ھتان جي ھڪ ڳوٺ ۾ سنڌي موسيقي جو روشن نانءُ اتاد محمد حسن انگياٽي 1938ع ۾ پيدا ٿيو. استاد پاڻ ھن ڳوٺ جو نالو ڪاڪڙ ٻڌائي ٿو پر ديھہ ڪاڪڙ وارو علائقو ھن وقت يونين ڪائونسل لانڍي ۾ آھي ۽ جيڪو ميمڻ ڳوٺ ڪانپوءِ ملير ندي جي پراڙ وارو علائقو آھي. استاد جنھن ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو ھن جو نالو خيال آھي تہ ڳوٺ صالح محمد رونجھو آھي. ھي قديم ڳوٺ ديھہ ڪرڪري ۾ ٿڌي نئين جي ڪپ تي ملير ڪينٽ سان لڳ آھي.

استاد محمد حسن جو پيءُ محمد فقير (ممون فقير) بہ ڳائڻو ۽ طبلي نواز ھو. ڪنھن وقت ۾ استاد جا بہ يائر الھڏنو (شيدو) ۽ محمد حسين بہ استاد سان گڏ محفلن ۾ ڳائيندا ھئا. اڳتي ھلي ھن فقط موسيقاري جي پاسي ڌيان ڏنو ۽ ريڊيو ۽ ٽي. وي ڪمپوزر جي حيثيت سان ھن پاڻ ڪي مڃرايو. سنڌي ڪانسواءِ بلوچي، اردو ۽ سرائيڪي ۾ گيت ڪمپوز ڪندو آھي. موسيقار شاھد پٽو سندس شاگرد آھي. سندس پٽ غلام مرتضيٰ بہ ڳائيندو آھي. سنڌي جي اڪثر فنڪارن سندس ڪمپوزيشن ۾ ڳايو.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

**استاد محمد ابراهيم:**

استاد محمد ابراهيم جيڪو 1920ع ۾ ڪچ ۾ احمد ڪڇي جي گهر ۾ ڄائو. استاد محمد ابراهيم جي ڄاءِ پيدائش ڀڄ ڪان ڇتيهه ميل پري ڳوٺ سيلايا آهي.

ورهاڱي کان اڳ استاد محمد ابراهيم ڪراچي آيو. جتي هن ڪراچي جي بندر تي انجنيئر ورڪس ڪاتي ڪياماڙي ۾ نوڪري ڪئي. ڳائڻ جي شوق ڪري نوڪري ڇڏائجي ويس. شروع ۾ هو ڪڇي ۾ ڳائيندو هو. سنڌي سکڻ کانپوءِ هن سنڌي راڳ ۾ نالو پيدا ڪيو. استاد محمد ابراهيم اردو جو سنو راڳي هو. سنڌي اردو ڪانسواءِ بلوچي، سرائيڪي، گجراتي، ڪڇي ۽ پشتو ۾ به ڳايو. ماسٽر محمد ابراهيم جي ڳايل نغمن جو ڳاڻيٽو هزارن ۾ آهي. ماسٽر سنڌي فلمن ۾ ورهاڱي کانپوءِ ٺهندڙ سنڌي فلمي نغمن ڳائڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. روبينا قريشي، عبدالله پنهور، عبدالله ڪڇي، زرينا بلوچ سندس پٽ احمد ابراهيم، سُشيلا مهتاڻي ماسٽر جي شاگردن مان آهن.

1997ع ۾ ماسٽر ابراهيم اسان کان هميشه لاءِ موڪلائي ويو ۽ ميوا شاهه قبرستان ۾ دفن آهي. سندس پٽن ۾ نور محمد بالا سنو شاعر هو ۽ ٻيو پٽ احمد ابراهيم به ڳائيندو هو.

**استاد عبدالله پنهور:**

عبدالله پنهور فيبروري 1937ع ۾ ٺٽي ۾ ڄائو. ان وقت ٺٽو ڪراچي ضلعي ۾ شامل هو. سندس پيءُ حاجي سليمان يڪتاري ۽ گهڙي تي ڳائيندو هو. ننڍپڻ ۾ ڪراچي جي وسندي لياري ۾ اچي رهيا هئا. عبدالله پنهور ڪڏي جي مدرسي جامع مظهر العلوم مان ميٽرڪ پاس ڪري پڙهائڻ واري پيشي سان وابسطا رهيو. ڳائڻ جي شوق ڪري ماستري واري نوڪري ڇڏائجي ويس. پوءِ مختلف پراويٽ ادارن ۾ مزدوري ڪندو رهيو.

عبدالله پنهور سنڌي ڪانسواءِ بلوچي، اردو، سرائيڪي ۽ گجراتي ٻولين ۾ به ڳائيندو آهي. عبدالله پنهور جي ڳايل نغمن جو انگ هزارن ۾ آهي. ڪو وقت هو جو ماڻهو شاديءَ جون تاريخون به استاد کان پڇي پوءِ ٻڌندا هئا. ڇاڪاڻ ته هو ايترو مصروف هو جو هن وٽ ٻن ٻن مهينن تائين محفلون بڪ هونديون هيون. هن وقت استاد ڪنيار واڙي لياري ۾ رهي ٿو.

انهن استادن ڳائڻ ۽ موسيقارن کان سواءِ ڪراچي ۾ سنڌي فن جي خدمت ڪندڙن ۾ عبدالله ڪڇي، موسيٰ حسين سمون، مولابخش لاسي، سيد سليمان شاهه، ڪارو شيخ، ماسٽر اياز ڪڇي، عبدالله ڪڇي جو پٽ غلام علي ڪڇي، بينجو نواز بلاول بليجمر، موسيقار عبدالله بيمتيو ابراهيم حيدري وارو، ثمينه ڪنول، طفيل سنجراڻي جيڪي سنڌي بلوچي، اردو ۽ سرائيڪي ۾ ڳائيندا هئا ۽ ڳائي رهيا آهن. دلچسپ ڳالهه هي آهي جو انهن ۾ گهڻن فنڪارن جو واسطو سواءِ



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

استاد محمد جمن، شفيع محمد جمن، استاد محمد حسن جي سيني جو واسطو لياري سان آهي. گهڻا پنهنجي علائقن مان لڏي هميشه لاءِ لياري جو حصو ٿي ويا. جن ۾ سيد سليمان شاهه جيڪو ٺٽي ۾ پيدا ٿيو ۽ لياري ۾ جمن شاهه پلاٽ تي رهيو ۽ ميوا شاهه ۾ دفن ٿيو. مولابخش لاسي اٽل مان اچي ميران ناڪي تي رهيو ۽ اڄ به هتي رهي ٿو. ڪارو شيخ ٺٽي مان اچي لياري کي وسايو. بلوچي فنڪارن جو ذڪر جن جو تعلق ڪراچي سان آهي. لياري ۽ ملير واري بابن ۾ ڪيل آهي.

ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان مان گهڻن سريلن فنڪارن ڳوين ڪراچي جو رخ ڪيو ۽ پنهنجي خوبصورت آواز ۾ اردو ڳائڻ کي بلندين تي پهچايو انهن مان هڪ نالو مهدي حسن جو به آهي. انڊيا جي نالي واري ڳائڻي لتا جي بقول ”ته مهدي حسن جي گلي ۾ ڀڳوان رهي ٿو.“ مهدي حسن کانسواءِ ٻين ڳائڻن ۾ حبيب ولي محمد، محمد علي شهڪي، عالمگير، زوهيب حسن، مرحومه نازيه حسن، جنيد جمشيد، سجاد علي، حسن جهانگير ۽ ٻين عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪئي.

**ماڙيپور:**

هتي پراڻي ماڙي ڪري ان علائقي جو نالو ماڙيپور پيو آهي. هي علائقو سمنڊ جي ڪناري هئڻ ڪري هتي 1878ع ۾ لوڻ جو ڪارخانو کوليو ويو. ورهاڱي وقت هتي لوڻ جا نو ڪارخانا هئا. جن مان پنج هلندڙ هئا. پوءِ حڪومتي ادارن هڪ فيڪٽري مالڪ سان ملي ڪري ان کي جاپان ۾ لوڻ موڪلڻ جو ٺيڪو ڏنو. چاڪاڻ ته ان وقت جاپان ۾ لوڻ جي ضرورت هئي. جاپان ۾ لوڻ ڪاڏي کانسواءِ ڪپڙي جي صعنت ۾ به استعمال ڪيو ويندو آهي. ماڙيپور جي لوڻ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ جهونا اڄ به چون ٿا ته سنڌ جي ان وقت جي وڏي وزير جيڪو بئيريسٽر به هو. پي.سي.ايس.ايڇ ۾ هڪ بنگلي ۽ آمريڪي شيو (Chov) ڪار جي عيوض جاپان هڪ فيڪٽري جي مالڪ جي حوالي ڪيو. جنهن جو مالڪ فيڪٽري ڪان سواءِ ان دور ۾ شراب جي اسمگلنگ جي بادشاهه طور مشهور هو. جاپان جيئن ته اهم منڊي هو، اهو فقط هڪ مالڪ کي ڏنو ويو ته جنهن جي ڪري ٻيون فيڪٽريون بند ٿي ويون ۽ هتي آسپاس جا ڳوٺاڻا بيروزگار ٿي ويا.

ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته، ”ورهاڱي وقت هتي لوڻ جي ڪارخانن ۽ انهن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جا ڳوٺ هئا هڪ ٽتل رستو صدر ڪان لياري ٻين برساتي ندين ۽ ڍورن کي پار ڪري ماڙيپور وليج تائين ايندو هو. هن ڪان اڳتي به رستا ٻلهيجي اڪ ڦاٽو ۽ ڳابي پٽ ڏانهن ويندا هئا. ٻاهر جا ماڻهو انهن علائقن ۾ تفريح لاءِ ويندا هئا. انگريزن انهن تفريحي علائقن کي هاڪس بي ۽ سينڊس پٽ جو نالو ڏنو. سالٽ ورڪس (لوڻ واري ڪم) جي ان علائقي ۾ وڏن ٻارن ۽ ڪيٽن ۾ سمنڊ جو پاڻي جمع ڪري ان کي سڪائي پوءِ احتياط سان لوڻ گڏ ڪيو ويندو هو. هر فيڪٽري لاءِ الڳ علائقو مقرر هوندو هو.“ پراڻا مزدور ڳالهه ٿا ڪن ته، ”انهن کي فيڪٽري مالڪن پاران ڪا



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

سهوليت نہ هوندي هئي تہ اگهاڙين پيرين لوڻ ۽ لوٽيات واري پاڻيءَ ۾ ڪم ڪرڻ سان انهن جي پيرن جا ننهن ۽ چمڙي لهي ويندي هئي. علاج جي سهولت لاءِ هڪ اسپتال هوندي هئي جنهن ۾ بہ ڪا سهولت نہ هئي.“

گهٽا لکندڙ ۽ ڪراچي تي لکيل ڪتابن ۾ ماڙيپور کي 1878ع ۾ حڪومت پاران مقرر ڪيل سالٽ ريونيو آفيسر اي.جي مري جي نالي سان منسوب ڪندا آهن ۽ ان کي ”ماري پور“ لکن ٿا، اهو غلط آهي. جڏهن انگريزن ڪراچي تي قبضو ڪيو. ”ماڙيپور“ ان وقت بہ موجود هو. هاڻي مورڳو ”ماڙيپور“ جو نالو بدلائي ”مسرور بيس“ رکيو ويو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هتي رائل پاڪستان ايئر فورس اسٽيشن 1948ع ۾ قائم ڪيو ويو. جنهن جو پهريون ونگ ڪمانڊر زيڊ. احمد کي مقرر ڪيو ويو. مورڙي جي قبر بہ هتي چانوٽي واري علائقي ۾ هڪ پراڻي قبرستان ۾ ٽڪري تي آهي.

شير شاهہ:

شير شاهہ هن وقت ايشيا جي وڏي ڪباڙي بازار طور سڃاتپ رکندڙ آهي، جتي گڏهہ گاڏي کان وٺي سامونڊي جهازن جا پرزا ملي وڃن ٿا. جنهن بازار سان هزارين ماڻهن جو روزگار ٻڌل آهي.

مورڙي جي هن قديم ڳوٺ ۾ جڏهن هڪ بزرگ شير شاهہ آستانو جوڙيو ۽ وفات کان پوءِ هن کي مورڙو قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو تہ مورڙو ڳوٺ جي هڪ حصي جو نالو شير شاهہ وليج پيو. شير شاهہ، سيد صالح محمد شاهہ جو ڏاڏو هو. سيد صالح محمد شاهہ 1947ع ۾ مسلم ليگ موسيٰ لين جي يونٽ جو ڪاروباري ڪاميٽي جو ميمبر بہ رهي چڪو هو.

شير شاهہ ڳوٺ وارو رستو ڪراچي ڏانهن ايندڙ ٻين رستن وانگر قديم رستو آهي. شير شاهہ وارو علائقو بہ اورنگي، گڏاپ، منگهوپير، ملير ۽ لانڍي وانگر قافلن جو پڙاءُ هوندو هو. دڙبو ۽ ان جي مختلف ننڍين ننڍين بندرن تي اچڻ لاءِ قافلا ٻين رستن سان گڏ هي رستو بہ اختيار ڪندا هئا. هي اهم رستو هوندو هو جيڪو اڳتي هلي حب ندي روڊ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. قافلا هتي ترسڻ ڪانپوءِ شهر جي بندرن ڏانهن ايندا هئا. هتي ڪجهہ اهڙيون گهاڙي قبرون آهن جن جي پٿرن تي لکيل اکر پڙهڻ ۾ نٿا اچن ۽ گهٽن انهن کي رومن ٻولي قرار ڏنو آهي. انهن اکرن تي تحقيق جي ضرورت آهي. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو انهن جو حشر بہ تاريخي ماڳن وانگر ٿئي ۽ اها لکيل تاريخ هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي. شير شاهہ جي هن اهم پڙاءُ ۾ ڪنهن دور ۾ پنج کوهہ هوندا هئا جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي 17 صدي ۾ هتي ترسندڙ قافلن لاءِ کوٽيا ويا هئا. جن ۾ هڪ کوهہ اڃا بہ موجود آهي. کوهہ سان هڪ چبوتري واري پراڻي مسجد بہ هئي. 1960ع ۾ ان جي جاءِ تي هاڻوڪي مسيت اڏي ويئي آهي.



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

ترائي وارو علائقو جيڪو هاڻي مسرور بيس جو حصو آهي. هتي بلوچ قبيلي سان تعلق رکندڙ ماڇهو وينل هئا. برطانيا حڪومت جڏهن ايئربيس جو ڪم شروع ڪيو ته اهي ماڇهو شير شاهه ۾ جتي بيا ڳوٺ هئا هتي اچي رهيا ۽ انهن مان ڪجهه ڪلري واري علائقي ۾ وڃي وينا. 1951ع ۾ انهن جو ڳوٺ پراچا مل وارن کي الاٽ ڪري انهن کي بيهر اٿاريو ويو ته اهي اچي مورڙو ڳوٺ ۾ وينا. ياد رهي ته پراچا مل جو افتتاح لياقت علي خان ڪيو جيڪو ان وقت پاڪستان جو وزيراعظم هو. اها زمين به مل مالڪ کي لياقت علي خان الاٽ ڪئي هئي. سائيٽ جي علائقي ۾ نهندڙ اها پهرئين مل آهي.

ذڪري فرقي جو پير مرشد به مورڙو قبرستان ۾ دفن آهي. جنهن تي وفات جو سال 1884ع لکيل آهي. جنهن جو نالو سيد داد ڪريم شاهه آهي.

مورڙو ڳوٺ انگريزن جي سروي ڪيل ريڪارڊ تي به آهي. ڳوٺ لاءِ زمين هڪ ٺامي جي ٽڪر تي الاٽ ڪري ڏنو ويو هو. سروي وقت هي ڪکاوان گهر هئا ته انگريزن انهن جي گهرن جو ٽيڪس معاف ڪيو. مورڙو ڳوٺ ۾ سنڌي پاڙو، ذڪري پاڙو (بلوچ)، بروهي پاڙو موجود آهن. مورڙو ڳوٺ ۾ رهندڙ بلوچن جو چوڻ آهي ته انهن جي وڏن سپ کان اڳ اهو ڳوٺ آباد ڪيو هو. ڪنهن دور ۾ هتي هندوئن جي وڏي آبادي هئي. هاڻي فقط چند گهر بچيا آهن.

1951ع ۾ جڏهن سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ (سائيٽ) ٺهيو ته سنڌ حڪومت 4600 ايڪڙ زمين صنعتي زون لاءِ الاٽ ڪيو. جنهن ۾ گلبائي، ليبر اسڪوائر، باواني چالي، حسن اوليا وليج، شير شاهه ڪالوني ۽ ميٽروول شامل هئا. هن ۾ هاڻوڪي شير شاهه ڪالوني جو رقبو 277 ايڪڙن تي ٻڌل محمدي روڊ کان مورڙو ڳوٺ تائين هو.

انگريز سرڪار سروي وقت درگاهه ۽ هن سان لڳ زمين سيد صالح شاهه کي شير شاهه جي درگاهه کان مورڙو ڳوٺ تائين وارو علائقو الاٽ ڪيو هو. جنهن جا ڪاغذ پٽ، سرٽيفڪيٽ اڄ به انهن جي اولاد مان سيد شير علي شاهه وٽ موجود آهن. جڏهن سيد صالح شاهه جي پٽ سيد اميد علي شاهه مورڙي ڳوٺ تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مورڙي ڳوٺ جي رهواسين عدالت جو در کڙڪايو. انگريزن جي ڏنل سرٽيفڪيٽ جي آڌار تي مورڙي ڳوٺ وارن ڪيس کٽيو.

سيد صالح شاهه واري زمين 1950ع ۾ لياقت علي خان 99 سالن جي مالڪاڻي ليز تي بمبئيءَ جي هڪ واپاري سيد رضا حسين ترمذي کي الاٽ ڪئي. سيد رضا حسين ترمذي انهيءَ زمين تي بعد ۾ پلاٽنگ ڪري هندستان مان آيل پناهگيرن ۾ وڪرو ڪئي. صالح شاهه عدالت جو در کڙڪايو ۽ ڪيس اڃا تائين هلندڙ آهي ۽ صالح شاهه جي اها زمين جيڪا هن کي مالڪاڻي حق تي مليل هئي، هن وقت وڏي ڪالوني ناهي ويئي آهي. ڪيس جو فيصلو ڇا ٿو ٿئي. هاڻي هتي رهائش



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

رڪندڙن کي اتارڻ ڏکيو آهي. ترمذي پئسا وٺي هليو ويو. اهو ڪيس هاڻي صالح شاهه جي اولادن ۽ سنڌي حڪومت جي وچ ۾ هلندڙ آهي. هاڻي مسئلو زمين خالي ڪرائڻ جو نه آهي. صالح شاهه جا اولاد هاڻي دعويٰ تا ڪن ته 25 پئسا في گز جي حساب سان انهن کي پئسا ادا ڪيا وڃن جڏهن ته حڪومت پنج پئسا في گز ڏيڻ جي ڳالهه ڪري رهي آهي.

هن قصي ڏيڻ جو مقصد اهو آهي ته پاڪستان ٺهڻ سان ڪيئن آباد ڳوٺن ۽ مقامي ماڻهن جي زمينن، درگاهه، قبرستان ۽ مساڻن جي جاين کي حڪومت جي ذميدار ماڻهن پنهنجي ماڻهن کي آباد ڪرڻ لاءِ قبضا ڪيا. مقامي ماڻهن کي ڪيئن بي دخل ڪيو ويو. صالح محمد شاهه جيڪو مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن هو. هن سان به اهڙو حشر ڪيو ويو جو هن جا اولاد اڌ صدي گذرڻ جي باوجود عدالتن جا چڪر ڪاٽي رهيا آهن.

هي بلوچ ۽ سنڌين جي اڪثريت وارو علائقو هو ۽ ڪيئن هن اڪثريت کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويو. هي علائقو هن وقت ڪياماڙي ٽائون جي يونين ڪائونسل -7 شير شاهه ڪالوني ۾ آهي. هن يونين ڪائونسل ۾ رجسٽرڊ ووٽن جو تعداد 41 هزار آهي. يونين ڪائونسل جي آبادي 73 هزار آهي.

عبدالله شاهه جي دور ۾ هي علائقو سائيٽ کان الڳ ڪيو ويو. هتان قومي اسيمبلي جي سيٽ تان حفيظ پيرزادو، امير حيدر شاهه، نصيرالله بابر چونڊجي آيا آهن.

شير شاهه ۾ 28 مختلف مسلڪن جا مدرسا ۽ 26 رجسٽر سماجي تنظيمون آهن ۽ چار خيراتي اسپتال ۽ هڪ ٿاڻو آهي. جيڪو 1991ع ۾ وجود ۾ آيو. صدارتي ايوارڊ حاصل ڪندڙ خدابخش لاسي به انهيءَ علائقي جو رهندڙ آهي.

**نئين سبزي منڊي:**

ڪراچي جي پراڻي سبزي پڙي لي مارڪيٽ واري جاءِ تي خير آباد هوٽل تائين هئي. جتي ڪراچي جي پسگردائي مان انن ۽ ڊڳي گاڏين وسيلي تازيون سبزيون ۽ فروٽ پهچايو ويندو هو. انهيءَ جاءِ تي انگريز دور ۾ 1928ع لي مارڪيٽ اڏي ويئي. جتي پرچون جي دوڪانن ڪانسواءِ سبزي ۽ فروٽ جا وڏا وڏا دڪان قائم ڪيا ويا ۽ پاسي ۾ ڪير پڙي به جوڙي ويئي.





Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

رام باغ واري علائقي ۾ ليمبرٽ مارڪيٽ جيڪا هاڻي ختم ٿي چڪي آهي.

هڪ حصي ۾ مڇي ۽ گوشت جي مارڪيٽ به جوڙي ويئي. جيڪي اڄ به موجود آهن. 1980ع تائين اها صاف سٿري مارڪيٽ هئي. هاڻي ان جي گهٽن حصن تي پٿارن جا دڪان آهن. مارڪيٽ جي چارديواري ۾ خوبصورت پارڪ به هوندو هو. پارڪ سان گڏ پوسٽ آفيس به آهي. پارڪ هاڻي تباهه ٿي ويو آهي.

ٽالپرن جي دور ۾ جوڙيا بازار مشهور هئي پر سبزي ۽ فروٽ لاءِ لياري ندي جي ڪناري هاٽوڪي لي مارڪيٽ وٽ جاءِ هوندي هئي. انگريزن سبزي ۽ فروٽ ڪانسواءِ سڀ ڪان پهرئين جيڪا مارڪيٽ ناهي اها ڪاري در ۾ مڇي مياڻ مارڪيٽ هئي. جيڪا 1855ع ۾ اڏي وئي.

1867ع ۾ بولٽن مارڪيٽ واري جاءِ هڪ پراڻي بازار هوندي هئي. هتي ئي 1885ع ۾ بولٽن مارڪيٽ اڏي ويئي. جنهن جو نالو ان وقت جي ڪراچي جي ڪليڪٽر مسٽر سي. ايف بولٽن جي نالي پويان رکيو ويو. جنهن جي ڊيزائن ڪراچي ميونسپلٽي جي چيف انجنيئر مسٽر جيمز اسٽريچن تيار ڪئي هئي. مارڪيٽ جي ڊيگهه 100 فٽ ۽ ويڪر 80 فٽ هئي. مارڪيٽ جي اڏاوت تي42,658 روپيا خرچ ٿيا. انگريزن جي دور ۾ انهن ڪانسواءِ ايمپريس مارڪيٽ، بمبئي بازار، گورڌن داس مارڪيٽ، ليمبرٽ مارڪيٽ، هوتي مارڪيٽ، سولجر بازار، صدر بازار مشهور هئا. جوڙيا بازار، سونارو بازار (جنهن جو پراڻو نالو ڪامل گهٽي آهي) ڪجور بازار به ترقي ڪئي. ڪامل گهٽي ڪراچي جي پهرئين سونارن جي گهٽي/ بازار آهي.



لي مارڪيٽ

ايوب خان جي دور ۾ منو ڳوٺ، سليمان ڳوٺ، پنهورن ۽ دبائي جوکين جي ڳوٺن لڳ خالي زمين جتي ايڪڙ بيڪڙ زراعت به ٿيندي هئي. زمين حاصل ڪري "سبزي منڊي" جو بنياد وڌو ويو. جيڪو ان وقت ڪنٽري ڪلب روڊ (يونيورسٽي روڊ) تي هو. هن مارڪيٽ ٺهڻ سان لي مارڪيٽ واري سبزي منڊي جون رونقون ختم ٿي ويون. نئين سبزي منڊي ۾ ايوب خان گهڻا دڪان پٿارن



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

کي الاٽ ڪيا ۽ ائين سبزي ۽ فروٽ مارڪيٽ ۾ انهن جو عمل دخل وڌيو. اها سبزي منڊي شهر جي وچ ۾ اچڻ ڪري سبزي ۽ فروٽ جي ٽرڪن ڪري ٽرئفڪ جام ٿيڻ لڳي ته 16 اپريل 2001ع ۾ يونيورسٽي روڊ کان سبزي منڊي کي سپر هاءِ وي ديهه ٿومينگ ۾ نهيل نئين سبزي منڊي ڏانهن منتقل ڪيو ويو. پراڻي سبزي منڊي جي جاءِ تي خوبصورت پارڪ جوڙيو ويو.

هاڻوڪي نئين سبزي منڊي ايشيا جي سڀ کان وڏي سبزي مارڪيٽ آهي. پر هن ۾ ڪابه سهولت نه آهي. مزدورن جي رهڻ لاءِ ڪالوني نه هئڻ ڪري سبزي منڊي جي پسگردائي ۾ قبضا مافيا پاران ڪچيون آباديون ٺاهي هتان جي مزدورن جي حوالي ڪيون. سپر هاءِ وي تي هجڻ ڪري هر وقت ايڪسيڊنٽ ٿيندا رهن ٿا ۽ جنهن جاءِ تي نئين سبزي منڊي جوڙي ويئي آهي. اهو علائقو لٽ ڪرمتياڻي نئين جو پيٽ آهي. برساتن ۾ پورو علائقو ٻوڏ واري صورتحال وارو ڏيک ڏيندو آهي. نئين سبزي منڊي جي پيڙهه جو پٿر 1991ع ۾ رکيو ويو.

ايشيا جي سڀ کان وڏي سبزي مارڪيٽ ۾ پارڪنگ جو ڪو انتظام ڪونهي نه ڪا ڊسپينسري آهي ۽ نه ئي گيس جو ڪو بندوبست ٿيل آهي، پاڻي ۽ بجلي نه هئڻ جي برابر آهي. صفائي جو ڪو انتظام ڪونهي. نه مارڪيٽ ڪاميٽي پاران سيڪيورٽي جو ڪو انتظام آهي. 1991ع کان وٺي 2007ع تائين 15 ڀيرا هن جي نقشي ۾ قير ڦار ڪيو ويو آهي نه هن جو نقشو بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کان منظور ڪرايو ويو آهي ۽ نه ئي ايڏي وڏي مارڪيٽ ۾ فائر برگيڊ اسٽيشن جو ڪو وجود آهي.

نئين سبزي منڊي ۾ نهڻ وقت اهو اعلان ڪيو ويو ته ڪراچي جي ننڍن آبادگارن ۽ زميندارن کي ٻه دڪان ڏنا ويندا. هن سلسلي ۾ زميندارن کان الاٽمينٽ جي نالي ۾ ٽي ڪروڙ روپيا وصول ڪيا ويا. پر 75 سيڪڙو زميندار الاٽمينٽ ڪٽي رُلن پيا ۽ انهن جي دڪانن تي قبضا ڪيا ويا ۽ گهڻا دڪان چار چار پنج پنج ماڻهن کي الاٽ ڪيا ويا آهن. مارڪيٽ ڪاميٽي جا عهديدار انهيءَ ڪرپشن ۽ لٽ مار ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن. گهڻن آڙتين ۽ زميندارن عدالت جو در ڪڙڪايو پر فيصلي جي باوجود نئين سبزي منڊي ۾ هڪ طاقتور گروپ جنهن جي سامهون مارڪيٽ ڪاميٽي به يرغمال آهن. ڪجهه به نه ٿيو آهي.

**(پورو ٿيو)**



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224

## پيشڪش : آن لائين ڪتاب گهر

## ترتيب : قاسم سنڌي

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

12/10/2013



Join us on WhatsApp for daily newspapers and pdf books etc. #0344-3310224